قديم سنڌ جي تاريخ

سهيڙيندڙ:
نور احمد ميمڻ

Sindhica
سنڌيڪا

ڪتاب نمبر
285

ڇپائيندڙ جا سيئي حق ۽ واسطا محفوظ

پهريون ڇاپو: 2011ع
ڪتاب جو نالو: قديم سنڌ جي تاريخ
سهيڙيندڙ: نور احمد ميمڻ
ڪمپيوٽر لي آئوٽ:فهيم احمد سولنگي
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

قيمت : =/500 رپيا

"QADEEM SINDHI JEE TAREEKH"
(History of Ancient Sindh)
Compiled By: Noor Ahmed Memon
Published by: Sindhica Academy,
B-24, National Auto Plaza, Marston Road,
Karachi-74400 Phone:021-32737290
www.sindhica.org
Email:sindhica_academy@yahoo.com

استاڪسٽ

سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلڊيو پلازه گهنتا گهر چوڪ فون: 5628368_071،
سنڌيڪا بوڪ شاپ، 23 ٽريڊ سينٽر حيدر چوڪ فون: 03013594679 —
ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، عزيز ڪتاب گهر بئراج روڊ، سکر ـ العماد بوڪ سيلرز، اردو بازا فون: 0212214521
ڪائناواڻ بوڪ استور اردو بازار ڪراچي —سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ، تلڪ چاڙهي حيدرآباد —عثمانيه لائبريري، چنيهاٽي ڪنڊيارو، قاسميه لائبريري ڪنڊيارو — نيشنل بوڪ استور، نوراني بوڪ ڊپو بندر روڊ لاڙڪاڻو — رهبر بوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو — رحيم ڪتاب گهر مهراڻ چوڪ بدين — رشيد بوڪ استور نئون چوڪ دادو — حافظ بوڪ استور مسجد روڊ، سعيد بوڪ استور، گل ڪتاب گهر لکي در شڪارپور ـ المهراڻ ڪتاب گهر، زاهد بوڪ ڊپو سانگهڙ، سيد ماس ميگا استور، جيڪب آباد. سرتاج ۽ گلزار بوڪ استور، ڪنڊڪوٽ، ميمڻ بوڪ استور، شاهي بازار نوشهروفيروز، ڪنول ڪتاب گهر، مورو. حافظ اينڊ ڪمپني، لياقت مارڪيٽ، نواب شاهه ٽر ڪتاب گهر، عمر ڪوٽ. ديدار بوڪ ڊپو، ٽنڊوالهيار، رفعت بوڪ هائوس، ماتلي. مرچو لال پريمي، بدين. مڪتبه يوسفيه، ميرپورخاص. فون. 3319565_0300

لکپڙهه ۽ وي پي ذريعي گهرائڻ لاءِ
سنڌيڪا اڪيڊمي
B_24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سٽاءُ

سنڌو تهذيب جو اسرڙ ۽ ڦهلاڙ 7
ايڇ ٽي لئمبرڪ

سنڌو تهذيب جو عروج ۽ زوال 41
ايڇ ٽي لئمبرڪ

تاريخ کان اڳ جو زمانو 81
پيرومل مهرچند آڏواڻي

دراوڙن جو زمانو 95
پيرومل مهرچند آڏواڻي

سنڌ جي قديم تاريخ جون حقيقتون 105
ڊاڪٽر ممتاز حسين پنهاڻ

پراچين سنڌ تي ڏارين جون ڪاهون 139
دوارڪا پرساد شرما

سنڌو ماڙ اوائلي انساني آبادين کان شهري رياست جي بنياد تائين 183
رُڪ سنڌي

سنڌ آڳاٽي تاريخي زماني ۾ 221
ايڇ ٽي لئمبرڪ

سنڌو سڀيتا جا ٻاهرين دنيا سان تعلقات 259
معروزيو طوسي

سڪندر جي قديم سنڌ تي ڪاهه 287
محمد بخش انصاري

الهندو هندستان 307

اليگزينڊر ڪننگھام

سنڌ عيسوي سن جي پھرين پنجن صدين دوران 365
ايڇ ٽي ليمبرڪ

عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ جون حالتون 379
ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ

سنڌ جو حاڪم راءِ گھراٽو 407
مير علي شير قانع ٺٽوي

سنڌو ماڻر جا اصل باشندا دراوڙ ھئا 443
پروفيسر محبوب علي چنا

سنڌ جا اصلوڪا رھاڪو 455
تاج صحرائي

آريا لوڪن جو آڳاٽو احوال 495
پيرومل مھرچند آڏواڻي

آريا لوڪن جي سڀيتا جو اوائلي احوال 519
پيرومل مھرچند آڏواڻي

پراچين شھرءِ ڪنڊر 547
دوارڪا پرساد شرما

سنڌ جا ماڻھو، شھرءِ وسنديون 579
محمد حسين پنھور

سنڌ جون نديونءِ قديم آثار 627
ھينري ڪزنس

قديم سنڌ جا يوناني ءِ رومي تذڪره نگار 647
محمد حسين پنھور

ھاڪڙو درياھ (تاريخي ءِ تھذيبي جائزو) 685
محمد حسين ڪاشف

سنڌو ماڻريءَ جي تھذيب تي اقتصادي ءِ جاگرافيائي اثر 707
پروفيسر ماڻڪ پٽاوالا

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پبلشر پاران

سنڌو تهذيب دنيا جي سڌريل تهذيبن ۾ ان کري شمار ٿئي ٿي جو ان کي منڌ وارن ننڍن ڳوٺن ۽ سماج گڏجي وڏايو ۽ گڏيل سهکار سان ان کي دنيا جي سپ کان وڏيڪ متمدن، شاهوکار، فلاحي ۽ سڌريل سماج جي شکل ڏني. ٽي هزار سال کان پندرنهن سؤ قبل مسيح ۾ آرٽ ۽ هنرمندي سان سنڌو تهذيب ۾ پرپور پيداواري ۽ واپاري سماج جي موجودگي نہ صرف دنيا جي قومن کي حيرت ۾ وجهندڙ آهي پر سنڌين جي تڏهوکي اجتماعيت ۽ اشتراکيت جي وهنوار ۽ کلچر جي کري بابل، سمير ۽ عکاد جي تهذيبن تي اثرانداز ٿيڻ ۾ دنيا جي قومن لاءِ مثالي نمونو آهي. بقول سائين عطا محمد پنيرو تہ لاطيني آمريکا جون قديم تهذيبون ارٽيڪ ۽ انکا تائين ۾ سنڌي ماڻهن جي رسائي ٽي چکي هئي ۽ پنيرو صاحب آمريکي ريڀانڀينس کي وڏي اصرار ۽ دليلن سان سنڌي نسل شمار کري ٿو. اسان سنڌي پنهنجي قدامت ۽ ان طاقتور قدامت جي محرکن کي ساري سنياليو وڃون، اها وقت جي وڏي ضرورت آهي. ان لاءِ قديم سنڌ جي تاريخ جو مطالعو اسان جي لاءِ ضروري ٻڌبو.

قديم سنڌ جي تاريخ بابت کاکي پيرو مل جو کتاب ايامن کان تاريخ جي پاڙهوئن جون اُجون اجهائيندو رهيو آهي پر جيئن تہ هک سؤ سالن گذرڻ پڄاڻان سنڌ جي تاريخ تي کيترائي کتاب لکيا ويا آهن، اکيچار ترجما ٿيا ۽ مسلسل مضمون ۾ ڇپيا رهيا آهن. ايڏن وڏن ماخذن

جي موجودگيءَ ۾ قديم سنڌ جي تاريخ تي مستقل هڪ تحقيقي ڪتاب جي ضرورت باقي آهي. سنڌ جي يونيورسٽين وارا تاريخ جا شعبا سنڌ جي دور وار تاريخ تي تحقيقي ڪم ڪرڻ جا ذميوار هئا، سو تہ پنهنجي جاءِ تي پر تاريخ جي انهن شعبن جي پاران گذريل ست سالن ۾ ڪوبہ قابل قدر تاريخ جو تحقيقي ڪتاب سنڌي قوم کي پلئہ نہ پيو آهي. قديم تاريخ کانسواءِ ٽالپرن جي دور جي تاريخ ۽ جديد سنڌ جي تاريخ جو بہ ڪو محقق ڪتاب منظر تي ڪونهي.

جيستائين مٿيان ڪم سرانجام ڏيڻ وارا ڪي جوان جاڳي پون تيسين اسان جي لاءِ تہ صرف اها ئي واٽ بچي ٿي تہ تاريخ جي انهن دورن تي لکيل تحقيقي مواد جيڪو مختلف ڪتابن ۾ ڦهليل آهي، انهيءَ کي سهيڙي ترتيبوار مطالعي جي لاءِ پڙهندڙن جي آڏو آڻيون. هي ڪتاب ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي.

زير مطالعہ ڪتاب جي تياري جي لاءِ حقيقت ۾ جيڪو وقت گهرجي، سنڌيڪا جي سخت انتظامي مصروفيتن جي ڪري مان ان کان قاصر رهيس ، جنهن ڪري پاڻ وٽ موجود ماخذن کي ئي سامهون رکي هي ڪتاب سهيڙيو اٿم. پر منهنجو اهو عزم باقي آهي تہ ايندڙ چاپن ۾ رهجي ويل تحقيقي مواد ايجان بہ هن ڪتاب ۾ ضرور شامل ڪجي تہ جيئن ان مان استفادي جي اهميت ايجان بہ وڌندي رهي.

نور احمد ميمڻ
چيئرمين
سنڌيڪا اڪيڈمي

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سنڌو تهذيب جو اسرار ۽ ڦهلجڻ

ايچ ٽي لئمبرڪ

سنڌ جي تاريخ جي آغاز جو نقطو عظيم "سنڌو تهذيب" جي ظهور کي سمجهڻ گهرجي، جيڪو مسيح کان اڳي اڍائي ڀ ٽن هزار سالن جي وچ ڏاري ٽيو. جيتوڻيڪ ائين چوڻ سان اسين هڪ اهڙي قديم دور ۾ داخل ٿي وڃون ٿا، جيڪو اسان جي موجوده تاريخي ڄاڻ جي ڪنهن پڪي پختي سال کان بہ گهڻ ۾ گهڻ ويهہ صديون قديم آهي. پر ان جي باوجود اسان کي انهن "سنڌو لوڪن" ۽ سندن زندگيءَ جي طور طريقن بابت، سنڌ ۾ ڪائنڪ پوءِ وارد ٿيل سندن گهڻن ئي جانشينن جي ييت ۾، وڏيڪ ڄاڻ حاصل آهي، جيڪي تاريخي دور جي نسبتاً ويجهڙائيءَ واري دور اندر هتي آيا.

سنڌو تهذيب جي پهرئين مشاهدي سان، اسان کي هڪدم اعليٰ طريقي سان منظم ۽ ترقيءَ جي اوج تي پهتل هڪ اهڙي رياست ايريل نظر اچي ٿي، جنهن جو بنياد دريائي ميدانن ۾ تعمير ٿيل هڪ عظيم[1] شهر تي رکيل آهي، ۽ ائين معلوم ٿئي ٿو جڙ ان رياست جو پسگردائيءَ وارن علائقن

۾ ان کان اڳي گذري ويل معاشري جي ترقي يافته منزلن سان کنهن قسم جو کو لاڳيتو تعلق ئي کونہ هوا تهذيب جي انهيءَ منزل جي پهرين ڇاڻ اسان کي الهندي پاسي کاڇي واري لاهہ ۾ پر واري کوهستان جي مختلف نوعيت وارن علائقن مان حاصل ٿئي ٿي. اتي ۾ ڏورانهين بلوچستان ۾ ماڻهو پکن ڳوٺن ۾ سکونت پذير هئا، جن جي زندگيءَ جو ڍنگ بنيادي طور "کنجهي واري دور" جي ٻين بيشمار دهقاني گروهن جهڙو هوندو جيکي الهندي ايشيا کنڊ جي مٿانهن پٽن تي ڇڙوڇڙ حالت ۾ پکڙيل هئا. سنڌو درياءَ جي سيلابي ميدان واري پاسي ۾ واقع پٽي تي انهن ماڻهن جي جماعت جو قبضو هو. جيکي "آمري لوکن" جي نالي سان مشهور آهن، جن جو اهو نالو هک ميتائين ڏڙي تي ٻينل ساڳئي نالي واري ڳوٺ مان ورتو ويو آهي، جتان سنڌو ندي اڄ ٻہ وهندي نظر اچي ٿي. ۾ جتي انهن ثقافت جي نشانين کي سڀ کان اڳ ۾ لڌو ويو هو. انهيءَ ڳوٺ، آمريءَ تي بعد ۾ انهن ماڻهن قبضو کيو. جن کي "سنڌو لوک" جي زمري ۾ رکي سگهجي ٿو يا جن کي آثار قديمہ جي نالي دستوري علمي اصطلاح مطابق، "هڙاپا لوک" ٻہ سڏجي ٿو. آمري لوکن جي بستين جو خود سيلابي ميدان ۾ کوٻہ اهڃاڻ نہ مليو آهي ۾ عام طرح سان ائين سمجهيو ويو آهي تہ اهو وسيع ۾ عريض علائقو انهيءَ زماني ۾ قديم نسل جي شڪاري قبيلن يا خانہ بدوش مال چارندڙ لوکن سان آباد هو.

"کوٽ ڏيجيءَ" جي سرزمين ٻين هڪڙن اهڙن قديم لوکن جي موجودگيءَ جو ثبوت پيش ڪري ٿي، جيکي سيلابي ميدان جي چيڑي وٽ کافي گهٽي عرصي کان وٽي هک هنڌ ٽکاءَ واري اجتماعي زندگي گذاري رهيا هئا ۾ جن کي پڻ آخرڪار سنڌو لوکن اتان اچي ڀڃايو ۾ سندن جاءِ والاري. هک زياده قديم تمدن واري راڄ جي اها بستي، جيکا سيلابي ميدان جي پار ايرندي چيڑي تي، يعني روهڙيءَ وارين ٽڪرين جي گول دائري جي ٻاهران درياءِ سيلابن جي لٽاشي ميدان جي وچ ۾ هک ٻيٽ وانگر ٻينل آهي. آمريءَ وارن جي بستيءَ کان ٻہ وڌيک اهميت جي حامل آهي. جيکڏهن اهي لوک ٻہ اصل ۾ الهندي واري جابلو ملک[2] کان لڏي اتي آيا هئا، تہ پوءِ پوري اعتماد سان فرض ڪري سگهجي ٿو تہ انهن ماڻهن ٻہ آمري لوکن وانگر، بلڪ انهن کان ٻہ وڌيک، پنهنجي اصلوکي جابلو

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

وطن کي خيرباد چئي، پاڻ کي آئينده جي گذر اوقات جي معاملي ۾، پوريءَ طرح سنڌو درياءَ جي رحم و ڪرم تي آڻي ڇڏيو هو. هاڻي کين هڪ اٿاهه درياءَ ۽ ان جي شاخن جو سيلابي ويڪرو ميدان، انهن ٽاڪرو پٽن جي حفاظت ۾ بينل سندن پراڻي ماحول کان جدا ڪري رهيو هو. جيڪي هنن کي اتان جي چشمن، تيز وهي ويندڙ پاڻيءَ جي نهرن يا بارش جي قاتل پاڻيءَ تي ڇڏو پکڙيل گاهه ۽ مختصر فصل فراهم ڪندا هئا. هنن اهي پنهنجي جابلو ماحول جون سڀ شيون بظاهر لئيءَ جي وٽن سان پريل اهڙن گهاٽن ۽ دور تائين پکڙيل جهنگن سان ڏيکيل پٽ سان بدلايون هيون، جنهن ۾ کين ڪٽي کڻو گاهه ۽ سَسر، ته ڪٽي سڏا سنوان، ويران ۽ ساوڪ کان خالي زمين جا ٽڪرا ملڻ هوندا، جن جا ٿورا گهٽا حصا مندائتن مينهن جي تيز يا مانيِ پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويندا هوندا يا جن کي درياءَ جي اڀ ڪٽ موجي مزاج مطابق ان جو پاڻي ڪڏهن ته ڪائي ڳاري ڇڏيندو هوندو. ته ڪڏهن انهن جي مٿان لٽ ڇڙهي ويندو هوندو يا وري اهي پاڻيءَ جي چڙهڻ ڪري خشڪ ۽ سڪل رهجي ويندا هوندا. درياءَ جي موافق اٽل کان پوءِ پري پري تائين پکڙيل انهن علائقن ۾ اهڙا ته سرسبز ۽ گهاٽا فصل پوکجي سگهيا هوندا، جيڪي انهن ماڻهن جي جابلو ابن ڏاڏن جي تصور کان بہ ٻاهر هوندا. پر جيڪڏهن ٻئي سال جي اول انهيءَ پٽ تي وٽن نہ پهتي هوندي، جتي کين ان جي اچڻ جي اميد هوندي، ته پوءِ هنن لاءِ اهو پٽ ڇڏي، اڳتي وڌي اتي وڃڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونہ هو. جتي اها اٽل پهچي سگهي هوندي ۽ ان سان اتي جي زمين آبادي لائق ٿي هوندي، جنهن کان پوءِ هو اتان جي پيداوار ۽ ٻيو سامان گذاري جو ساڻ کڻي، موٽي پنهنجي پڪي شهر طرف هليا ويندا هوندا. عام طرح هنن حالتن ۾ مال چارڻ جون سهولتون هنن لاءِ وڌيڪ پائيدار هونديون. ڪوٽ ڏيجيءَ جي اوائلي آبادڪارن کي، هڪ طرف جتي پنهنجي اصلوڪي جابلو ماحول کي خيرباد چئي، پنهنجي زندگيءَ جي ڍنگ کي تبديل ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پيو هوندو. اتي اسان کي ائين سمجهڻ لاءِ ڪي ثبوت نہ ملڻ آهن، ته ان جي نتيجي ۾ اهي ماڻهو پنهنجن پوئتي جبلن ۾ رهجي ويل ماڻهن جي ٻيٽ ۾، سنڌو لوڪن جي تهذيب جي مٿيريءَ منزل جي وڌيڪ ويجهو پهتا هوندا. جن پوءِ کين اچي انهن نين درياڻي بستين سان هٿائي ڪيو هو. ڇو ته سندن هيلتائين مليل آثارن مان ڪنهن

بہ قسم جي لکت، شهري تمدن يا واپار لاءِ ناهيل مال جو ايڪا تائين ڪوبہ ثبوت برآمد نہ ٿيو آهي، ۽ اهي ئي ٽي ڳالهيون هيون، جي اڄ سنڌن "تهذيب" کان بهتر "سنڌو تهذيب" جون مکيہ علامتون سمجهيون وڃن ٿيون.

سنڌو تهذيب جي سلسلي ۾ ترقيءَ جو انتهائي فيصلہ ڪن اڳيون قدم سيلابي ميدان کان ڪجهہ پرپرو هڪ شهر جي اڏاوت هو. هن باري ۾ اسين اهو انومان ڪڍي سگهون ٿا تہ، سنڌو لوڪن آمري ۽ ڪوٽ ڏيجيءَ جي آڪاڻن رهاڪن کي، جيڪي بظاهر ڪچي کي آباد ڪرڻ ۾ ئي مطمئن رهندا هئا پر جيڪي پڻ پنهنجون رهڻ جون جايون ڇڙوڇڙ وارين ٽڪرين جي ماڙ تي رکندا هئا. سنڌن پٽن تان ڏکي ڪيڻ جي فيصلي ڪرڻ کان گهڻو اڳي پوريءَ ڪاميابيءَ سان اهو شهر بنديءَ جو قدم کڻي چڪيو هو. انهيءَ انومان جي روشنيءَ ۾ جيڪب آباد کان ڪي ارڙهن ميل اتر الهندي ۾ واقع "جڏير جو ڏڙو" نالي سنڌو لوڪن جي بستيءَ کي خاص اهميت حاصل آهي. اها جاءِ بلڪل ڪليل پٽ جي وچ ۾ ٻيٽل آهي، پر اهو ميدان ڪچيءَ جو آهي ۽ اهو انهن ٽڪرين جي ماڙ تان، جيڪي ان کي تن طرفن کان وکوڙي ٻيٽيون آهن، بارش جي پاڻيءَ جي ذريعي آيل رائي واريءَ متيءَ جو ٺهيل آهي ۽ نہ سنڌو نديءَ جي سيلابي ميدان جي لٽاشي متيءَ مان. معلوم ائين پيو ٿئي تہ انهيءَ هنڌ تي اها بستي، سنڌو نديءَ جي انتهائي اترينءَ شاخ جي سيلابي يا ٽڪرن تان لهندڙ ندين جي وهندڙ پاڻيءَ مان فائدي ونڊ لاءِ قائم ڪئي ويئي هئي، سنکو نديءَ جا اها انتهائي اترين شاخ ٿورو ئي پري، ڏکڻ الهندي رخ ۾ وهندي هئي. ان کي بگٽي، ٽڪرين ۾ وسندڙ برسات کان پوءِ ڪڏهن ڪڏهن لهري ۽ ڇتر نين ذريعي برساتي پاڻي پڻ ملي ويندو هو. اهڙيءَ طرح اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ، "جڏير جي دڙي" جون حالتون اهڙيون ئي هونديون، جهڙيون سنڌو لوڪن کي سنڌوءَ جي سيلابي ميدان ۾ مستقل طور آباد ٿيڻ کان اڳي، سندن عبوري يا تجرباتي منزل ۾ پيش آيون هونديون.

ٻئي طرف، هن هنڌ جي وقوع واري جاءِ اهڙيءَ نوعيت جي آهي، جو جيڪو ڪم "موئن جي دڙي" يا "چنهو دڙي" جي حالت ۾ نہ پئي ٿي سگهيو، يعني انهن دڙن جي انتهائي هيٺانهين سطح تائين کوٽائي نہ ٿي سگهي آهي، جتي[3] خالص زمين تائين ويڃي پهچجي، سو هتي ڪري سگهجي ٿو.

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مڪمل ڪوٽائي ٽيڻ تائين اسين اهو نٿا چئي سگهون ته هتي پڻ، سنڌو لوڪن پاڻ کي ڪائنڪ اڳ آباد لوڪن جي مٿان وڃي مسلط ڪيو هو. جهڙيءَ طرح آمريءَ ۾ ڪوٽ ڏيجيءَ وٽ ڪيو هئائون يا جيڏر جو ڏڙو خود سندن ئي هڪ اصلوڪي ڪوشش هئي. جيڪڏهن پوئين صورت آهي، ته پوءِ اسان کي هيءَ توقع رکڻ گهرجي ته اڳتي هلي ڪا اهڙي شهادت نڪري پوي، جنهن مان ان جي تاريخ جو اندازو لڳائي سگهون، جنهن جو پوءِ اسين سيلابي ميدان ۾ واقع سنڌو تهذيب جي ٻين آبادين سان ٻه اطلاق ڪري سگهون.

موئن جي دڙي ۾ هن وقت تائين ڪيل ڪوٽائيءَ مان سڀ کان وڏيڪ آڪاٽين والاريل سطحن جي اونهائيءَ جا آثار ميدان[4] جي موجوده مٽاڃري کان 39 فوٽ هيٺ آهن. هاڻي جيڪڏهن اسين سنڌوءَ جي سڃي سيلابي ميدان جي ڏرتيءَ جي تهن جي قدرتي واڌ جي عام طور تسليم ڪيل پيماني، يعني هر صديءَ کان پوءِ ستن انچن جي واڌ، کي هن سلسلي ۾ ڏيان ۾ آڻيون ٿا، ته اسين 4700 سال ق. م وار زماني تائين وڃي نڪرون ٿا، جنهن جو ناممڪن هئڻ صاف ظاهر آهي. جنهن وقت اهو حساب لڳايو ويو هو، ان وقت هيءَ ڳالهه فرض ڪئي ويئي هئي، ته موئن جي دڙي جي ٽيهن فوٽن جي گهرائيءَ واري آبادي اٽڪل 3000 سال ق. م آڪاٽي آهي، جيڪو سال هاڻي ٻه امڪان جي حد کان گهٽو وڏيڪ آڪاٽو نظر ايندو. پر آبي انجنيئر، جن سطح جي واڌ جي رفتار جي ڪٽ ڪرڻ لاءِ مختلف تفصيلن کان ڪم ورتو هو، سي هن ڳالهه کان بار بار ورجائين ٿا ته جيڪڏهن سندن انهيءَ ڪٽيل انگ کي، جيڪو ملڪ جي وسيع علائقي جي سراسري سطحي اوچائيءَ جو انگ آهي، درياءَ جي ڪنڌيءَ واريءَ زمين جي تهن ۾ ايندڙ واڌ سان پيٽيو ويندو ته اها واڌ هڪ سؤ[5] سالن پنڌيان گهٽ ۾ گهٽ هڪ فوٽ تائين وڃي رسندي. اسان کي هن يقين ڪرڻ لاءِ ڪافي سبب آهن ته سنڌو درياءَ هن شهر جي سڃي زندگيءَ جي مدت تائين ان جي ڪافي ويجهڙائيءَ ۾ وهي رهيو هو ۽ اسان کي اهو ٻه معلوم آهي ته درياءَ هڪ پيرو وري سن 1740ع يا ان کان ڪجهه پوءِ شهر جي ويجهڙائيءَ ۾ وهڻ لڳو آهي. انهيءَ ڪري هي اندازو معقول لڳي ٿو ته موئن جي دڙي جي بلڪل ويجهڙائيءَ وارو ميدان سراسري طور هڪ صديءَ ۾ 9 يا 10 انچن تائين مٽي چڙهيو هوندو.

اهو ڪاٿو شهر جي وسط جي انتهائي اوائلي تاريخ متعلق سال 3200 ۾ 2700 ق. م جي درمياني حصي طرف اشارو ڪري ٿو.

هن سلسلي ۾ هيءَ راءِ پڻ ڏني ويئي آهي ته سنڌو لوڪن طرفان ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ آمريءَ جو والارجڻ، سڄي سنڌو ماڻريءَ تي سندن قبضي جمائڻ جي ڪوشش جي آخري منزل هئي. اهو به ممڪن آهي ته جڏير جو ڏڙو سندن طرفان ڪنهن ٻئي وڏيڪ اوائلي تمدن جي مٿان مڙهيل شهر ثابت ٿي پوي. پر جيسين اسان کي ڪو اعتماد لائق مواد ملي، جنهن جي ذريعي اسين هنن جي طرفان سنڌو ماڻريءَ جي هينانهين علائقي ۾ قائم ڪيل مختلف آبادين جي تاريخن جو تعين ڪري سگهون، تيسين هيءُ خيال معقول نظر اچي ٿو ته هنن جي دور جو آغاز خود موئن جي ڏڙي جي قيام سان ئي ٿيو.

هيءُ خيال ته اهي لوڪ سنڌو نديءَ جي وهڪري کي ڪنهن طرح سان ڦيرائي يا روڪي سگهندا هئا، محض هڪ وهم آهي. اسين انهيءَ ڳالهه جو اندازو ڪائن اٽڪل چار هزار سال اڳتي جي حالتن کي خيال ۾ رکي، چڱيءَ طرح لڳائي سگهون ٿا. اسان جي پنهنجي جديد زماني، يعني 49_1845ع ۾ اپر سنڌ جي هڪ خاص علائقي ۾ ٻوڏ جي امڪان کي روڪڻ لاءِ چنڊڻ ذريعي پاڻيءَ کي نيڪال ڪرڻ جي رٿا جو نتيجو جيڪا انگريز انجيئرن طرفان پوريءَ طرح رٿيل ۽ عمل ۾ آندل هئي، فوراً مڪمل ۽ شرمناڪ ناڪاميءَ[6] جي صورت ۾ نڪتو هو ۽ ان کان پوءِ به ڪيترن ئي موقعن تي هن مست درياءَ، سائنسي طريقي سان رٿيل بچاءَ بندن جي ڏگهي سلسلي کي پڄي پوري ۽ ڌاهي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن سوين نه، ته درجنن جا درجن ڳوٺ ٻوڙي ڇڏيا اٿس ۽ انهن جي فصلن کي لوڙهي ڪٽي ويو آهي. مٿس دارومدار رکندڙ واهن ۾ گهارا وجهي، انهن جا منهن ريٽ سان بند ڪري ڇڏيا اٿس، وڏن شهرن کي ڪائنس وقت بوقت ٻوڏ جو خطرو پئي رهيو آهي ۽ ان پنهنجي انهيءَ دائمي پوشيده طاقت جو ڏڪو قائم پئي رکيو آهي، جنهن کي شايد جديد سائنس به پنهنجي سيني فني ڪاريگرين ۽ ذريعن سان هميشه زير نه ڪري سگهي. يعني ان ۾ اها طاقت آهي، جنهن سان هو پنهنجو وهڪرو اوچتو ۽ هميشه لاءِ ڦيرائي سهگي ٿو ۽ ويهين صديءَ جي شاندار ٻريجن ۽ واهن کي انساني آبادين کان خالي ٿيل

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ويرانن[7] ۾ پاڻيءَ جي وهڪري کان گهڻو پري خشڪ حالت ۾ ڇڏي، پنهنجيءَ موج ۾ ٻئي ڪنهن طرف منهن موڙي، نڪري وڃي سگهي ٿو.

سنڌو لوڪن کي جنهن ڳالهه جو فن حاصل هو، بلڪ اسان کي هتي اهو چوڻ گهرجي ته جنهن معاملي ۾ سندن قسمت ڇڳي هئي، سو اهو هو ته هنن پنهنجي شهر ٻڌڻ لاءِ جيڪا سرزمين منتخب ڪئي هئي، سا انتهائي حد تائين موزون هئي، يعني اهو هنڌ سنڌو درياءَ يا ان جي ڪنهن وڏيءَ شاخ جي ايتريقدر قريب هو، جو آبڪلاڻيءَ جي موسم ۾ اهو پاڻيءَ جي وڏي مقدار مان پورو پورو فائدو وٺي پئي سگهيو.[8] اهڙن طبعي اسبابن ڪري هن شهر ڪيئي لاها چاڙها ٻه ڏٺا، جن جي نوعيت کي اسين شايد ڪن اتفاقي شهادتن ۽ ثبوتن ذريعي سمجهي سگهون، پر خود سنڌو درياءَ طرفان گذريل پنجن هزار سالن جي مدت جي دوران انهيءَ سرزمين کي هڪ ڀيرو به پائيندڙ جو خطرو درپيش نه آيو.

انهن ماڻهن جي ٻئي شهر واري هنڌ "هڑاپا" طرف ٿوري دير لاءِ توجه ڦيرائيندي، اسان کي اهو صاف نظر اچي ٿو ته ان جو ان هنڌ تي بنياد ۽ تعمير انساني اعتماد ۽ همت جو اهڙو نمايان ڪارنامو ڪونه هو. جهڙو موئن جي دڙي کي وسائڻ جو هو. راوي ندي سندن اهڙي خطرناڪ پاڙيسرڻ ڪانه هئي، جهڙو سنڌو درياءَ جو هيڻيون (سنڌ وارو) حصو هو ۽ هڑاپا وارا سنڌو لوڪ انهيءَ راويءَ جي ڪناري کي آباد ڪرڻ وارا پهريان ماڻهو به نه هئا. اسان وٽ هن وقت هن حقيقت جي تصديق ڪرڻ جا ذريعا ڪونهن، ته موئن جي دڙي جا انتهائي هيڻيان تهه جيڪي شايد هميشه لاءِ غرقاب ٿي چڪا آهن، سنڌو تهذيب وارا آهن يا اهي پنهنجي سيني ۾ ايجا به ڪنهن وڏيڪ قديم ۽ آڳاتيءَ تهذيب کي دفن ڪيون پيا آهن. پر معقول ۽ مناسب اندازو اهوئي آهي ته اهي سنڌو لوڪ ئي هئي، جن سيني کان اڳ ۾ اهڙي کليل ۽ خوفائتي هنڌ تي پنهنجي پهرين مستقل آبادي اچي تعمير ڪئي هئي. اهو تصور ڪري سگهجي ٿو ته اوائل ۾ اهو هنڌ هڪ اهڙي معموليءَ مٿانهينءَ وارو پٽ هوندو، جيڪو يا ته درياءَ جي منهن اڳوٽي ڇڏيل ڪنڊيءَ جي ڪنهن سڏي ايريل دڙي جو حصو هو يا تيز هوائن ذريعي اڏامي آيل درياڻي مٽيءَ جي گڏ ٿيڻ واري قدرتي عمل ذريعي ٺهي پيو هوندو ۽ پوءِ ان تي هنن کي زمين جو هڪ اهڙو کليل ميدان ملي ويو هوندو، جيڪو رواجي ٻوڌن ۾

آسپاس جي پٽ کان متيري هٿ ڪري ٻڌڻ کان بچيل رهندو هوندو. هن ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته "لوهم جي دڙي" چنهو دڙي ۾ سيلابي ميدان ۾ والاريل سنڌو لوڪن جي ٻين آبادين جي خاص هنڌن جي چوند ساڳين ئي سهولتن جي آڏار تي ڪئي ويئي هوندي. اهي سڀ هنڌ گهٽو ڪري سنڌو درياءَ جي ڪنهن پختيءَ ۾ موسمي چاڑهه واريءَ شاخ جي پسگردائيءَ ۾ هوندا.

مطلب ته ٻئي ڪنهن واضح ثبوت جي عدم موجودگيءَ ۾ اسين جيڪڏهن هن اندازي ڪرڻ تي مجبور آهيون ته اهي ماڻهو پنهنجي تهذيب جا بنيادي عنصر پنهنجي اوائلي وطن کان جيڪو اولهه طرف ڪنهن هنڌ هوندو. هيٺ سنڌو ماڙيءَ ڏانهن پاڻ سان کڻي آيا ته ان حالت ۾ اسان کي هيءَ اميد رکڻ گهرجي ته آئنده ڪنهن وقت ايوان يا ڪن ٻين پاڙيسري ملڪن ۾ ٿيندڙ کوجنا مان اجا به شايد اسان کي انهن ماڻهن جي اصلي بيخ ۽ بنياد جو ڪو وڌيڪ پروسي جهڙو سراغ ملي وڃي. ان اوائلي دور جي انسانن کي دجلي ۽ فرات کان گهٽو اورتي، هيلمند درياءَ جي هيٺانهين حصي تي يا ان جي هامون[9] شاخ تي رهندي، وڏي درياءَ ۽ پوک لاءِ تمام گهٽي مقدار ۾ ايندڙ موسمياتي پاڻيءَ کي ورائڻ ۽ ٻڌڻ، توڙي اڏاوت جي مقصدن لاءِ پڪين سرن جي استعمال جو تجربو حاصل ٿي پئي سگهيو. انهن ڳالهين ۾، سنڌو لوڪ، جيستائين اسان کي انهن بابت سنڌوءَ جي سيلابي ميدان ۾ کوٽيل دڙن مان حاصل ٿيل اهجاڻن مان معلوم ٿي سگهيو آهي. فني بلوغت ۽ رڌابنديءَ جي پروسي جوڳيءَ سطح تي پهتل هئا، جنهن مان اهو انومان ٿئي ٿو ته سندن اهڙن مهذب خيالن ۾ عادتن جي نشونما اڳيئي ڪنهن ٻئي هنڌ تي ٿي چڪي هئي.

زندگيءَ جو اهو رنگ ڍنگ، جنهن ۾ شهري ماڻهو هڪ وڏي درياءَ تي ٿيندڙ وسيع پيماني واري کيتي واڙيءَ ۾ مصروف هئا ۽ لکت جي هڪ مخصوص طريقي سان حساب ڪتاب رکندا هئا، چار هزار سال قبل مسيح جي پوئين اڌ حصي[10] ۾ ميسوپوٽيميا جي ڏاکڻينءَ ماڙيءَ ۾ رائج هو. خوشحاليءَ ۽ نظم و ضبط جون عجيب غريب ڳالهيون "آر" مان آيل افواهن ۽ مسافرن جي ذريعي پهتل ڪهاڻين ۽ قصن معرفت چوڌاري مٿانهن پٽن جي رهاڪن ۾ ڦهلجي ويون هونديون ۽ انهن ڳالهين نيٺ رهاڪن مان ڪن گروهن ۾ تقليد ڪرڻ جو جذبو اپاريو هوندو. جيڪي پنهنجن ٻين همساين

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جي پيٽ ۾ وڌيڪ لائق ۽ مهم جو هوندا. انهن ماڻهن وري پنهنجن فنن ۽ لياقتن کي منظم ڪري ڪمال تي پهچايو هوندو ۽ پوءِ انهن هڪ اهڙيءَ سرزمين جي ڳولا ڪئي هوندي، جتي کين سندن هنرن ۽ لياقتن کان ڪم وٺڻ جا پورا موقعا ميسر هجن. بهرحال ائين پيو نظر اچي ته سنڌو لوڪن فقط منظم شهري زندگيءَ جي هڪڙي خيال کان وڌيڪ ٻي ڪا شيءِ ٻئي هنڌان اڌاري نه ورتي هئي، ڇاڪاڻ ته هنن جو تمدن پنهنجي انفرادي مادي خصوصيتن جي لحاظ کان ان "ٻن درياهن واري ملڪ" (ميسو پوٽيميا، جديد عراق) ۾ مروج ڪنهن به دستور يا رواج جو يا ته بلڪل نه يا تمام ٿورو مقروض هو.

سنڌو لوڪن طرفان سندن اڌاوتي ڪمن ۾ پڪين سرن جي تمام گهڻي مقدار جو استعمال، سندن تمدن جو هڪ اهڙو رخ آهي، جيڪو کين ميسو پوٽيميا جي "آروڪ" ۽ اتان جي بعد وارن اوائلي لوڪن کان الڳ ۽ نمايان ڪري ٻيهاري ٿو. موئن جي دڙي ۾ اها تعميري حرفت پنهنجي انتهائي ترقي يافته صورت ۾ موجود آهي. هتان جي درياڻي ميدانن ۾ ٻيون به ڪيتريون ئي "سنڌو" آبادیون آهن، جن ۾ گهرن جي اڌاوت ۾ سج جي روشنيءَ ۾ سڪايل متيءَ جي (ڪچي) سر جو گهڻي قدر استعمال ڪيل آهي، ۽ پڪي سر زياده تر فقط انهن مقصدن خاطر مخصوص ڪيل آهي، جن ۾ انهن جو استعمال بلڪل اٽٽر هوندو هو. مثلاً نالين جي نظام ۾، سرن جي بنن لاءِ گهربل ٻارڻ پڪ ئي پڪ مقامي طور حاصل ٿي سگهندڙ جهنگ جون ڪاڻيون هوندو. تنهن ڪري انهيءَ فرق مان هي نتيجو نڪري ٿو ته ڪن خاص آبادين جي پسگردائيءَ ۾ جنگ جون ڪاڻيون ٻين آبادين جي پيٽ ۾ وڌيڪ ملي سگهنديون هونديون ۽ انهيءَ ڳالهه جو پنهنجي ليکي، دارومدار انهن مخصوص آبادين وارن علاقن ۾ اُٽل جي پاڻيءَ جي زور ۽ باقاعدگيءَ تي رهيو هوندو. جتي ڪو شهر سنڌو درياءَ يا ان جي شاخن منجهان ڪنهن وڏيءَ شاخ يا اٽل جي پاڻيءَ جي ڪنهن واهڙي ڇنڊڻ جي ويجهڙائيءَ ۾ اڏيل هوندو، اتي ٻارڻ لاءِ جهنگ جي ڪاڻين جي فراهمي وري وري نئين ۽ تازي ٿيندي رهندي هوندي. معلوم ٿئي ٿو ته موئن جي دڙي جي ويجهڙائيءَ ۾ اها شيءِ اڻ ڪٽ مقدار ۾ موجود هئي.

شهري زندگيءَ جو هڪ ٻيو رخ، جنهن ۾ سنڌو لوڪ ساڻگئي زماني جي

ڪنهن ۾ ٻيءَ تهذيب ۽ ڪائنات پوءِ ايندڙ گهٽين ئي تهذيبن جي مقابلي ۾ وڌيڪ ترقي يافته هئا. سو هو سندن شهري رٿابنديءَ جو فن. اهڙيءَ طرح موئن جي دڙي جي ڪوتائيءَ مان هن وقت تائين ظاهر ٿيل انتهائي اوائلي ۽ هيٺانهين سطح پنهنجن وڏن رستن ۽ ننڍين ڳلين جي مستطيلي شڪل ۽ صورت جو ڪامل مظهر آهي. اهو نمونو هيلتائين اسان کي ائٽلانٽڪ پار جي قديم لوڪن جي آباد ڪيل شهرن جي کنڊرن ۾ ئي ملي سگهيو آهي. ان کان ايجا ۾ وڌيڪ حيرت انگيز ۽ هن وقت تائين حاصل ٿيل ڄاڻ موجب، قديم دنيا ۾ لاثاني ۽ بي نظير ڳالهه انهن لوڪن جي انتهائي ڪاريگريءَ سان تيار ڪيل پاڻيءَ جي نيڪال واري جوڙجڪ هئي. جيڪا نه فقط خود انهيءَ عظيم شهر ۾، پر ٻين اهڙين آبادين ۾ پڻ موجود هئي، جن کي شهر جو نالو به نه ٿو ڏئي سگهجي.

انهن نالين جو بنيادي ۽ اصلي مقصد بارش جي پاڻيءَ يا گهرن جي ڪني پاڻيءَ کي گلين جي نالين تائين پهچائڻ نه، بلڪ وهنجڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ پاڻيءَ جي وڏي مقدار کي ڪاريگريءَ ۽ خوبيءَ سان نيڪال ڪرڻ هو. عملي طور موئن جي دڙي جي هرهڪ گهر[11] ۾ پنهنجو انفرادي غسل خانو موجود هو. جيڪو گهٽيءَ واري عام ناليءَ سان ڳنڍيل هوندو هو. هن باري ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته پوجا پاٺ جي رسمن جي ادائگيءَ لاءِ "اشنان" يا غسل خاني نموني سان ڪيو ويندو هو. ڪوٽ جي دڙي وارو "وڏو ڪليل تلاءُ" شايد ڪنهن خاص رسم جي ادائگيءَ يا رعايت حاصل ٿيل خاص طبقي جي ماڻهن لاءِ مخصوص ٿيل هو. مذهبي نقطي نگاهه کان وهنجڻ جي اها اهميت سڌيءَ طرح سان، پوءِ جي هندو مذهب طرف اشارو ڪري رهي آهي.

سنڌو لوڪن ۾ مذهب سان واسطو رکندڙ مسئلا ڪنهن حد تائين ڪنهن خاص نسل جي ماڻهن سان وابسته نظر اچن ٿا. انهيءَ پوئينءَ ڳالهه لاءِ ثبوت، موئن جي دڙي جي انهيءَ سطح مان، جنهن کان انهيءَ نسل جي تهذيب طور شناخت ڪيو ويو آهي، لڌل انساني لاشن جي هڏانون پيجرن جي پيمائش ۽ گهڙيل ٻُتن ۽ ڏاليل مجسمن جي نوعيت مان حاصل ڪيا ويا آهن.

افسوس آهي ته هن وقت تائين موئن جي دڙي يا سنڌ ۾ موجود ٻين آثارن مان ڪو مُردن جو دفينو هٿ نه لڳو آهي. انهيءَ معاملي ۾ "هڙاپا جي دڙي" مان هڪ مخلوط نسل جي لاشن جي گهٽ لڌي ويئي آهي. جن مان

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٽلهي ليکي هڪڙن جي انهيءَ نسل سان مشابهت ملي ٿي، جنهن کي آثار قديمہ جي ماهرن طرفان "پروٽو- آسٽريلائڊ" (Proto-Australoid)سڏيو ويڃي ٿو ۽ ٻين جي مشابهت انهيءَ نسل سان ڏني وئي آهي، جنهن کان "يونچ سمنڊ وارن علائقن ۾ آباد گروهہ" (Mediterranean group) چيو ويڃي ٿو. موئن جي دڙي جي آخري دور وارين مٽانهين سطحن مان هڏن جي پيڃرن جي صورت ۾ جيڪا شهادت ملي آهي، سا سڃي "آخري ڪوس" جي مقتولن جي لاشن جي آهي. انهن جي وڏي اڪثريت بہ پروٽو- آسٽريلائڊ ۽ "ميڊيٽرينين" نسلن سان واسطو رکي ٿي ۽ ڪجهہ ٿورا نمونا "منگولين" ۽ "آلپائين" نسلن جا بہ انهن سان شامل مليا آهن. موئن جي دڙي جي ڪوٽاين مان لڌيل مجسمن جي ٻن انتهائي نمايان ۽ حيرت انگيز نمونن کي هڪ نڇٽي ڇوڪريءَ جي پٽل واري ننڍڙي بت ۽ ساڳيءَ شهرت واري گهاٽيءَ ڏاڙهيءَ واري مرد جي ڇاتيءَ تائين اڌ مجسمي کي، جنهن کي بدن تي محرابدار چٽن سان سينگاريل چوغو پيل آهي. شايد مخلوط انساني آبادي ءَ جي ٻن انتهائي نمونن طور فرض ڪري سگهجي ٿو.

نڇٽي ڇوڪري ظاهرظهور پروٽو-آسٽريلائڊ نسل جي خصوصيت رکي ٿي ۽ ڏري گهٽ يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ اهي ئي ماڻهو سنڌوءَ جي سيلابي چاريندڙ قبيلن شامل هئا ۽ جن لاءِ اسين سمجهون ٿا تہ اهي بعد ۾ مسلط ٿيل سماجي جوڙجڪ[12] ۾ دٻجي ۽ مغلوب ٿي ويا هئا. جيڪڏهن چوغي پاتل نيم مجسمو ڪنهن ديوتا جي نمائندگي ڪري ٿو، جيئن ڊاڪٽر مئڪي جو خيال آهي تہ ، پوءِ هيءُ اندازو معقول ٿيندو تہ انهيءَ مجسمي جي صورت ۽ شڪل سماج جي ڪنهن انتهائي اوچي طبقي جي ماڻهن منجهان ڪنهن هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي صورت سان مشابهہ ناهي ويئي هوندي، جيڪو مجسمي ساز فنڪار جو چگهءَ طرح ڏنل وائنل ۽ ڄاتل سڃاتل هوندو. ڇاڪاڻ تہ اهو مجسمو ان زماني جي ڏري گهٽ ڪنهن سڃي پڃي زنده شخص جي حُليي سان ٺهڪي اچي ٿو. ان جي شبيهہ مان "آرمينائڊ" (Armenoid) نسل جو اندازو ٿئي ٿو. جنهن کي علم الانسان جا گهٽا ماهر آلپائين نسل ۽ ميڊيٽرينين نسل جي انڊو- ايراني شاخ جي وچ تي هڪ مستحڪم ۽ مستقل نوعيت جو مخلوط نسل شمار ڪن ٿا. پوئين نالي جي نسل وارا انهيءَ قوم جي نمائندگي ڪن ٿا، جنهن سڃي مغربي

ايشيائي علائقي ۾ انتهائي قديم ۽ اوائلي زراعتي ماڻهن جون آبادیون قائم ڪيون هيون ۽ ان قوم يا نسل کي ئي سنڌو تهذيب ۾ بنيادي نوعيت جو تشڪيلي عنصر سمجهڻ گهرجي. ڪن ٻين مستند عالمن جو خيال آهي ته اهو رعبدار نيم مجسمو پنهنجي "سرد مزاج تحڪمانہ" صورت سان سنڌو لوڪن جي پروهت بادشاهہ جي شبيهہ جو نمونو آهي.[13]

پٿر جو ٺهيل هڪ ٻيو مٿو ڪن ٿورن تفاوتن کان سواءِ، انهيءَ نيم مجسمي سان حيرت انگيز مشابهت رکي ٿو. مثلاً ان جي ساڄيءَ نوعيت جي خط ورتل ڏاڙهي، مٿي جي وارن تي ويڙهيل پٽي، جيڪي ويڙهي سيڙهي، کياڙيءَ وٽ گول مُڇي جي صورت ۾ جمائي ٻيهاريا ويا آهن ۽ مڇن کوڙيل مٿيون چپ، اها پٽي "پروهت- بادشاهہ" جي مٿي واريءَ ويڪريءَ پٽيءَ يا مُڪٽ جي ٻيٽ ۾ هڪ سنهي سڳي کان وڌيڪ معلوم نہ ٿي ٿئي، ۽ ٻيو ته هن جي چهري تي نہ فقط رحمدليءَ جا آثار ظاهر آهن، پر اهو وٽندڙ حد تائين خوش مزاج پڻ ڏيکارجي ٿو. انهيءَ مٿي کي پير مان ٽڪڙ ۽ ناهڻ ۾، ان جي ڳَنَ جي وضع قطع کي صحيح نموني سان نمايان ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪيل آهي. جهڙيءَ طرح سان پروهت- بادشاهہ جي مشهور نيم مجسمي جي حالت ۾ ڪيل آهي، پر ان جي باوجود ان جي منهن جي ڳلن وارين هڏين جي ٽُڪ جو ڪم گهڻو بهتر ٽيل آهي. درحقيقت پهرئين نيم مجسمي ۾ باقاعدگيءَ جو جيڪو عنصر موجود آهي، سو هن راءِ کي تقويت ڏئي ٿو ته جيڪڏهن اهو ڪنهن ديوتا جي نہ، تڏهن بہ ڪنهن نہ ڪنهن مقدس هستيءَ يا ڪنهن اهڙي بادشاهہ جي نمائندگي ضرور ڪري ٿو جيڪو پنهنجي بادشاهيءَ لاءِ خدائي حق جو قائل هو.

جيتوڻيڪ موئن جي دڙي[14] جي جاين مان هن وقت (1968ع) تائين ڪنهن بہ جاءِ کي يقيني حد تائين مندر يا عبادتگاهہ طور شناخت نہ ڪيو ويو آهي، ان جي باوجود اتان سنڌو لوڪن جي پوڄا پاٺ جي مختلف شين جي موجودگيءَ جا ڪافي ثبوت ملي چڪا آهن. جيڪي شيون ڪجهہ حد تائين انساني آبادیءَ جي مختلف عنصرن سان مطابقت رکن ٿيون. موئن جي دڙي جي مُهرن وارن "تعويذن" تي ٻن چيتن سان وڙهندي جنهن هيرو يا نيم- ديوتا جي شبيهہ ڏيکاريل آهي، سو سُميريا واري "گلميش" سان قريبي مشابهت رکي ٿو. سڳ واري چيتي تي حملي ڪندڙ هڪ نيم انسان ۽ نيم ڏڪي جهڙي

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مخلوق ساڳيءَ طرح سان سميريا واري "اينڪيدو" جي يادگيري ڏياري ٿي. ممڪن آهي تہ انساني مُنهن جي نڪر مان ناهيل هڪ نقاب تي پڻ ساڳئي ديوتا جي شبيهہ ناهيل هجي، جنهن جي ڪاڌيءَ هيٺان ڏاڙهي ۽ مٿي تي سڱ نهيل آهن. جيڪي (سڱ) بدقسمتيءَ سان هن وقت پيڇي[15] پري ويا آهن. انهن نمونن مان هيءَ راءِ قائم ٿئي ٿي تہ انهن ٻنهي تهذيبن (سميري ۽ سنڌو) جي ڪن عقيدن ۾ ڪنهن زماني ۾ اشتراڪ هو، جيڪو ڪنهن اهڙي اوائلي دور کان وٺي هلندو آيو هو. جنهن ۾ انهن جي ابن ڏاڏن جو مغربي ايشيا جي ڪنهن علائقي ۾، علي الترتيب سنڌو نديءَ ۽ "جاڙن درياهن" جي ملڪن ڏانهن لڏپلاڻ ڪرڻ کان اڳ ۾، هڪ ٻئي سان تعلق رهيو هو.

ديوي ماتا جي پوڄا سڄي الهندي ايشيا ۾ دور دور تائين عام جام هئي ۽ سنڌو تهذيب جي مختلف آبادين ۽ بستين مان نڪر مان نهيل بلڪل اڳهاڙي عورت جا جيڪي ننڍا مجسما لڌا ويا آهن، سي شايد انهيءَ ديويءَ جي نمائندگي ڪن ٿا. پر هن خيال لاءِ ڪوبہ سبب ڪونهي تہ اهو مذهب الهندي طرف کان سنڌو ماڻريءَ ۾ درآمد ڪيو ويو هو. ڇاڪاڻ تہ اهو ذري گهٽ سڄي هندستان جي اڙ سڌريل قومن ۾ اڄ تائين عام آهي، تنهن ڪري ان کي مقامي ئي فرض ڪرڻ گهرجي، ان جي برعڪس اسان کي ائين سمجهڻ گهرجي تہ "ٻاهر" جي مٿانهن پٿن کان هتي وارد ٿيل "نئين" قوم ۽ هندستان جي ميدانن ۾ اصل رهندڙ قديم النسل قوم جي درميان، سندن پهرئين تصادم کان گهڻو اڳي، سندن مشترڪ پوڄا جي اها هڪ شيءِ موجود هئي.

مٿينءَ ڳالهہ کان علاوه، گهڻن ئي قسمن جا اهڙا علامتي نشان پڻ آهن، جيڪي پهرينءَ ئي نظر سان مذهب سان وابستہ معلوم ٿين ٿا. سر مارٽيمر وهيلر اسان کي ياد ڏياري ٿو تہ، "اهڙا علامتي نشان عام طور مذهب جي صحيح نوعيت ۽ اهميت اسان جي ذهن ۾ آڻي نہ ٿا سگهن. انهن مان گهڻن ئي نشانن کي، هندستان جي ٻين هنڌن وانگر موئن جي دڙي ۾ پڻ روحاني خواه غير روحاني معنيٰ ۽ مفهوم هوندو. اهي ڪڙمي طبقي جي زندگيءَ جون خوفائتيون "مذهبي" علامتون سڃ پڇ ان جي بلندتر فڪر جا علامتي نشان سمجهي سگهجن ٿا. "مهرن وارن تعويذن" تي، جيڪي سنڌو تهذيب جو ايترو اهم حصو آهن، پيپل جي وڻ سميت، بظاهر، وڻن جي پوڄا جا نظارا

ڏيکاريل آهن. ڪن ٻين تي مقدس جانورن جون تہ ڪن تي وري ٻَڻَن جانورن جون شڪليون آهن، جن سان ڪن حالتن ۾ انساني شڪليون ملايون ويون آهن. جيڪي آثار قديمہ جي عالمن جي راءِ مطابق، شايد "ٻن بنيادي طور علحده جانورن جي پوڄا وارن مذهبن جي ميلاپ جي نشاندهي ڪن ٿيون ۽ ٻئي طرف شايد "آدمزاد ديو پوڄا" طرف سندن "ترقيءَ" ڏانهن اشارو ڪن ٿيون.[16] ٽن مهرن تي، بهرحال هڪ اهڙي ديوتا جي شبيهہ ڏيکاريل آهي، جنهن کي واضح طور شو ديوتا سان سندس "پسئو پتيءَ" يعني جانورن جي آقا هئڻ جي حيثيت ۾ شناخت ڪري سگهجي ٿو. ٻن حالتن ۾ انهيءَ شبيهہ کي ٽي شڪليون آهن،[17] ان ۾ بعد واري هندو مذهب سان سنئون سڌو رابطو نظر اچي رهيو آهي. گول شڪلين وارين مهرن تي اڪريل ٿوهي دار ڍڳي جي شڪل جي اڪثر حالتن ۾ موجودگي، اسان کي شو ديتا جي انهيءَ جانور سان وابستگي ۽ هن جي "قدرت جي پيدائشي قوت جي مجسم حيثيت" جي يادگيري ڏياري ٿي. موئن جي ڏڙي وارن ماڻهن ۾ انسان جي تناسلي عضون جي وڏي پيماني تي ٽيندڙ پوڄا ۾، جيڪا هندستان ۾ عام طور ٽيندڙ "لنگم" جي پوڄا سان مشابهت رکي ٿي، ٻنهي تهذيبن جي رابطي جو هڪ ٻيو ثبوت ملي ٿو. وهنجڻ جي رسم جي اهميت جو ذڪر اڳيئي ڪيو ويو آهي، جيڪا سنڌو ماڻريءَ جي رهاڪن جي روزانہ زندگيءَ ۾ پڪ سان پاڻ کي پاڪ ۽ صاف ڪرڻ جي مذهبي رسم هوندي.

مطلب تہ سنڌو لوڪن ۾ مذهب جي نوعيت، جيستائين ان جو قديم آثارن مان اندازو ٿي سگهي ٿو وڏيءَ حد تائين غير آريائي مفهوم ۾ "هندستاني" آهي. انهن ماڻهن وٽ ڪئون مقدس ڪانہ هئي، ان جي شبيهہ ڪنهن هڪ هنڌ ٻہ نہ ڏٺي ويئي آهي، حالانڪ ڏيکو هر هنڌ موجود آهي. هن ڳالهہ جو امڪان آهي تہ وٽن، جانورن ۽ تناسلي عضون جي پرستش وارا وڏيڪ اڻ گهڙيا مذهب سنڌو وادي‌ءَ جي اصلوڪن قديم نسل قومن وٽ موجود هئا ۽ انهن مذهبن جون پاڙون هنن ۾ اهڙيون تہ پختيون ڪُتل ڏسجن ٿيون، جو اسين جنهن ٻہ "ٻاهرينءَ" قوم کي سنڌو يا هڑاپا واريءَ قوم جي نالي سان شناخت ڪري رهيا آهيون، تنهن جي طرفان انهيءَ لوڪن ۾ آندل عقيدا ۽ رسمون انهن اوائلي مذهبن کي پوريءَ طرح سان اکيڙي نہ سگهيا. پوئين نالي وارن لوڪن پنهنجي نئين ماحول ۾ مقامي عقيدن جي قوت کي

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

يقيناً محسوس ڪيوهوندو ۽ انهيءَ احساس اچڻ کان پوءِ انهن عقيدن کي اڌاري طور پنهنجي ڪرڻ جي حد تائين ڪجهه اڳتي قدم کڻڻو پيو هوندن. "سنڌو زماني" جي گهڻي حصي ۾ پروهت طبقي کي، جنهن کي اسان جي خيال موجب تمام گهڻو اثر ۽ رسوخ حاصل هو مقامي پوڄا پاٺ جي مذهبن سان ڪا همدردي نه هئڻ جي باوجود، آخرڪار انهن جي ڪن فلسفيانه عنصرن کي پنهنجي مذهب ۾ شامل ڪرڻو پيو هوندو ۽ جيسين ممڪن ٿي سگهيو هوندو هنن اهڙن عنصرن کي پنهنجي اعليٰ تر تمدن سان ملائي هڪ ڪري ڇڏيو هوندو. سنڌ جي آب و هوا ۾ ڪا اهڙي ڳالهه ضرور آهي، جيڪا عام طور هڪجهئي سان اختلاف رکندڙ مذهبن جي سرحدن جي نشانن کي آهستي آهستي جهڪو ڪيو ڇڏي. جديد دور ۾ گهڻن ئي سنڌي مسلمانن ۽ هندن ۾ صوفيازم- روحانيت ميلاپ جو ذريعو بنيل هئي. انهيءَ کان به وڌيڪ اچرج جهڙي ڳالهه هيءَ هئي ته جتي به "دريا پنٿي" سنڌو درياءَ کي اڏيرو لال جي شڪل ۾ پوڄيندا هئا، اتي مسلمان وري درياءَ جي روح جو خواجه خضر جي نالي سان احترام ڪندا هئا. ڪن ٻين مزارن تي پڻ هندو ۽ مسلمان ٻئي مشترڪ طور ايندا ويندا رهندا هئا ۽ دوستانه رقابت ۽ مقابلي طور انهيءَ ساڳيءَ مزار لاءِ ڪنهن خاص ديوتا يا ڪنهن خاص پير[18] جي جاءِ هئڻ جي دعويٰ ڪئي ويندي هئي.

سنڌو لوڪن جي انتهائي مخصوص ۽ انفرادي نوعيت جي قديم آثارن مهرن وارن "تعويذن" جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. جن تي ديوتائن، بلائن ۽ جانورن جون شبيهون اُڪريل آهن. انهن مان اڪثر مهرن تي تصويري اکرن ۾ مختصر ڪتبا نقش ٿيل آهن، انهيءَ لکت جو راز اڃا تائين معلوم ٿي نه سگهيو آهي. بظاهر اها لکت تصويري لکت هئڻ سان گڏ آوازي حرفن ۽ شايد توصيفي اکرن جي نهيل آهي. ان ۾ ڪجهه قدر مصر جي تصويري تحرير وارو رسمي اسلوب ۽ چٽائي موجود آهي، ۽ ائين پيو نظر اچي ته هن وقت تائين ان جا جيڪي انتهائي قديم نمونا لڌا ويا آهن، تن جي دور کان گهڻو اڳ ۾ هن تحرير پختگي ۽ بلوغت حاصل ڪري ورتي هئي، اهو نتيجو هن حقيقت مان ڪڍي سگهجي ٿو جو انتهائي قديم ۽ آخري دور وارين مهرن ۾ استعمال ٿيل اکرن جي درميان ڪوبه قيرڪار نظر نه ٿو اچي ۽ صاف طرح سان جدا نظر ايندڙ علامتن جو تعداد اٽڪل 150 آهي،

انهن علامتن جي عدد کان گهٽو گهٽ آهي، جيڪي سُميريا جي اوائلي "گهراٽي"[19] واري زماني جي لکڻيءَ ۾ استعمال ٿيل آهن. انن يا وڌيڪ صدين جي مدت دوران تحرير جي نموني ۾ ڪنهن به قسم جي ردوبدل ۽ واڌ جو نه هئڻ نمايان طور محفوظ يا ساڪت سنڌو تمدن جي ٻين عام حالتن سان پڻ ٺهڪي اچي ٿو. اهي نشان جڏهن ڏکر جي ٽانون تي خوبصورت چٽن طور ليکيل نظر اچن ٿا، تڏهن انهن جي ڪابه معنيٰ معلوم نه ٿي ٿئي ۽ جيڪي نشان ٽامي جي برتنن تي اکريل آهن، سي به اهڙا ئي رسمي آهن، جهڙا مهرن تي نڪتل نشان. اسان کي ٻن ٻولين ۾ لکيل ڪنهن اهڙيءَ تحرير جي دستياب ٿيڻ کان ناااميد ٿيڻ نه گهرجي، جيڪا ممڪن آهي ته سُمير ۾ متيءَ جي ڪنهن اهڙي تختيءَ تي اکريل هجي. جنهن تي سنڌو لوڪن جي لکت اتان جي قديم مخروطي اڪرن سان گڏ اکريل هجي، پر جيئن ته سنڌو لوڪن جي هن وقت تائين هٿ آيل ڏگهي ۾ ڏگهي تحرير ۾ ويهن کان به گهٽ علامتون آهن، تنهن ڪري امڪان اهو آهي ته اهڙي خوش قسمتيءَ جي نتيجي ۾ به انهن ماڻهن متعلق اسان جي ڄاڻ ۾ شايد ڪو خاص اضافو نه ٿي سگهي.

بهرحال، انهيءَ وسيلي هن باري ۾ شايد ڪو فيصلو ٿي پوي ته، موجوده وقت ۾ جيڪو هيءُ انومان ڪيبو پيبو ويجي ته اها ٻولي مرڪزي هندستان جي "منڊا" (Munda) ست جي ٻولين سان ملندڙ هئي، سو انومان صحيح آهي يا غلط ٿي سگهي ٿو ته ان مان اسان کي سنڌو لوڪن جي ڪن ديوتائن يا ماڻهن جا انفرادي نالا معلوم ٿي وڃن، پر اسين اهڙن ذريعن مان انهن ماڻهن ۽ سندن تاريخ بابت ڪا گهڻي معلومات حاصل ٿيڻ جي اميد نه ٿا رکي سگهون. ممڪن آهي ته هنن پنهنجي عبادتگاهن جو حساب ڪتاب رکيو هجي يا بادشاهن جون فهرستون ۽ روزنامچا لکيا هجن، اهو به امڪان آهي ته هنن سُمير ۾ رهندڙ پنهنجن گماشتن ڏانهن واپاري نوعيت جا پيغام موڪليا هجن. اسان کي هن ڳالهه جي اڳيئي پڪ ٿي چڪي آهي ته، مُهر واري "تعويذ" تي جيڪا تصويري تحرير آهي، تنهن جو واسطو ان تي اکريل جانورن سان ڪونهي. هن ڳالهه جو امڪان وڌيڪ آهي ته انهيءَ لکت جو اشارو ڪنهن اهڙي واپاري برادريءَ جي هڪ فرد ڏانهن هجي، جنهن (برادريءَ) اهو خاص جانور پنهنجي مخصوص نشان طور اختيار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪيوهو. وري هيئن ب٘ ٿي سگهي ٿو ت٘. اهو جانور انهيءَ ماڻهوءَ جي فطري خصوصيت جي علامت ظاهر ڪندوهجي، جنهن جو نالو مهر تي اڪريل آهي. سيني چورس مهرن جي پٺئين پاسي ڏاڳي پوئڻ لاءِ سوراخن جو هڪ سڌو ۽ مٿي اپريل ٻُونبو ب٘ ٿهيل آهي ۽ جيئن ت٘ اهي تمام وڏي تعداد ۾ لڌيون آهن. ان ڪري هي نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ت٘. سنڌو لوڪن جي وڏي اڪثريت دائمي انهن کي پاڻ وٽ رکندي هوندي. (20)

جديد دور جي سنڌي ڳوناڻي جي پنهنجي ڏوڙي ۾ تعويذ ٻڌڻ واري رواج کي جيڪو (تعويذ) ڏاتوءَ مان ٿهيل سڌيءَ سنئينءَ شڪل جو هڪ پورو ڪوڪو هوندو آهي ۽ جنهن جي ماپ ذري گهٽ سنڌو لوڪن جي مهر جيتري هوندي آهي ۽ جنهن ۾ عام طرح سان تعويذ ٻڌڻ واري ماڻهوءَ جي مرشد جي لکيل ڪا مقدس تحرير پيل هوندي آهي، وسيع معنيٰ ۾ موٽن جي دڙي وارن ۾ موجود انهيءَ عام رواج جو متوازي سمجهي سگهجي ٿو.

سنڌو لوڪن جي پنهنجي علائقي ۾ شهر پناهن کان سواءِ وسايل آبادين جي تعداد مان معلوم ٿئي ٿو ت٘. اتان جي قديم نسل وارا ماڻهو سندن حڪومت ڏانهن مڪمل طور فرمانبردار ۽ اطاعت پذير هئا. اسين هن ڳالهه جو فيصلو نه ٿا ڪري سگهون ت٘ انهن جي فرمانبرداريءَ جي اها ڪيفيت نئين آيل لوڪن جي تسلطي هٿيارن پنهوهارن جي قوت جي آزمائش ۽ تجربي جي نتيجي ۾ پيدا ٿي يا اها انهن برتر هنرن جي مالڪن لاءِ، جيڪي عام زندگيءَ ۾ نظم، ضبط ۽ خوشحاليءَ جا ضامن هئا، ادب ۽ احترام طور هنن ۾ ازخود پنهنجي ڪمتر حيثيت جي احساس طور پيدا ٿي هئي. اناج جي ڳاهه ڪرڻ لاءِ ٻيلي ۾ رکيل هينئين طبقي جي ماڻهن جي رهائش لاءِ سادي قسم جا وڏا وڏا باريڪ، يا بار ڏوئڙ وارن جي رهائش لاءِ جهوپڙين جون ڍگهيون قطارون، سنڌو لوڪن جي زندگيءَ جو هڪ مخصوص انگ هو ۽ اهڙيون ئي جايون هڙاپا ۾ ۽ موئن جي دڙي ۾ ب٘ ملن ٿيون. (21)

ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ سنڌو لوڪن جي آمد کان اڳ واريءَ زمين جي جنهن سڙيل تهه جي مٿان وري سنڌو لوڪن اچي اڏاوت ڪئي، تنهن مان انهيءَ زماني ۾ هڪ قوم جو ٻيءَ جي هٿان مظلوماڻي انداز ۾ برباد ٿيڻ جو ثبوت ملي رهيو آهي. پر ان جي معنيٰ ٻي صورت ۾ ب٘ نڪري سگهي ٿي ۽ يقيناً ان مان ڪي ب٘ عام نتيجا ڪڍڻ نه گهرجن. گهٽ ۾ گهٽ هن ڳالهه جو امڪان ضرور

آهي تہ اوائلي مقامي ماڻهو هٿيارن پنهوارن جي معاملي ۾ ڪافي حد تائين نقصان هيٺ هئا. سنڌو لوڪن وٽ پٿل جون ننڍيون تراريون، ڪهاڙيون ۽ خنجر هئا. سندن تيرن ۾ نيزن جا منهن پڻ ساڳئي ڏاتوءَ جا ٺهيل هئا. ڏنبو شايد دلپسند هٿيار هو. انهن جا مٿا مختلف قسمن جي پٿر توڙي ٽامي مان جدا جدا شڪيلن جا ٺهيل هوندا هئا. هيءَ ڳالهہ خاص طور قابل ذڪر آهي تہ تيز ڌار وارن هٿيارن ۽ اوزارن جي وڏيءَ اڪثريت وارن هٿيارن جا ڦر، جيڪي هن وقت تائين لڌا ويا آهن، نہ ڪن ڳنن تي چاڙهيا ويا آهن ۽ نہ انهن ۾ ڳن لڳائڻ لاءِ ڪو پاهو ٺهيل آهي، پر اهي بلڪل چٽيل ۽ سڌا سنوان آهن. انهن کي پٿر جي دور وارن اوزارن وانگر ڪاٽ جي چيريل ہ- ڇانگي جي وچ ۾ ٻڌو ويندو هو. هنن جي چاقوءَ ۽ نيزن جا ڦر ايڏا تہ سنها ڏنا ويا آهن، جو ماڻهو ائين سمجهي ٿو تہ ڳن جي ڪاڻيءَ کي ڍڳهو ڪري، ڦر جي نوڪ طرف اڏ ڪان ہ وڌيڪ اڳتي پهچايو ويندو هو تہ جيئن ان کي ڪم اچڻ مهل سهارو ملي.

ساڳئي سبب ڪري ڪهاڙين جي ڳنن واري ڪاڻيءَ کي پڻ ڪافي گهرائيءَ تائين چير ڏنو ويندو هوندو، جتي ان جون ٻيئي ڦاڪون ڦر کي ڇهڻي ٻيهندڙيون هونديون. پٿل جي ہ- منهين تار کي اڏ ڪان هيٺ ٽلهو ٺاهيو ويندو هو. پر ائين عام طور نہ ڪيو ويندو هو. جيتوڻيڪ موئن جي دڙي جي ڏاتن جي ڪاريگرن نڇٽي ڇوڪريءَ جي مشهور مجسمي ٺاهڻ لاءِ ڏاتوءَ کي ڳاري قالب ۾ وجهڻ جو طريقو استعمال ڪيو هوندو، پر ان جي باوجود هنن ڪپڙ وارن اوزارن ٺاهڻ لاءِ اهو يا بند قالب ۾ ڳريل ڏاتو پلٽڻ جو طريقو پوريءَ طرح اختيار ڪيو نہ ٿو پائنجي. هن ڳالهہ ۾ شڪ نہ آهي تہ هو انهيءَ قسم جي اوزار کان باخبر هئا، ڇاڪاڻ تہ ڳن لاءِ پاهي واريءَ ڪهاڙيءَ جو متيءَ جو ٺهيل هڪ نمونو موئن جي دڙي جي هينيئن سطح مان دستياب ٿيو آهي، پر اتان جي ڏاتو گر پوءِ بہ ڪهاڙيءَ ۽ ڇيٽيءَ جا سڌي سادي نمونا جا ڦر ٺاهيندا رهيا. جن جو اڳيئي بيان ڪيو ويو آهي. جيڪي ايران[22] ۽ ٻين ملڪن ۾ ڏاتوءَ جي اوزارن جي انتهائي اوائلي زماني واريءَ ساخت جي خصوصيت جا حامل هئا. شهر مان لڌل اوزان مان ڳن لاءِ پاهي وارن اوزارن جي فقط هڪ ئي نمونو، جن ۾ هڪ خوبصورت ڪهاڙي ۽ ٻي ڇيٽي آهي. ويجهي زماني سان واسطو رکي ٿو ۽ هن ڳالهہ جو وڏو امڪان آهي تہ اهو اوزار گهٽو ڪري سميرين سان مال جي بدلي مال جي ڏي وٺ ڪرڻ جي

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

دوران اتان کان آيل آهي. متيءَ جي کهاڙيءَ جي جنهن نموني جو مٿي ذکر ڪيو ويو آهي، سو شايد ميسوپوٽيميا کان آيل ڪنهن اوائلي مسافر يا اتان کان ٿي آيل ڪنهن سنڌو منش جي هدايتن مطابق، سنڌ ۾ رائج ڪرڻ جي ارادي سان ٺاهيو ويو هوندو. ائين پيو معلوم ٿئي ته موئن جي دڙي جي ڏاتوگرن جي جبلتي قدامت پسندي يا سست رفتاري انهيءَ اوزار جي عام اختيار ٿيڻ جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻي هوندي.

هن باري ۾ معقول حد تائين اندازو ڪري سگهجي ٿو ته سنڌو لوڪن کي سندن سوين سالن جي حڪومت جي آخر تائين ڪنهن مضبوط ۽ طاقتور دشمن سان جنگ ڪرڻي نه پيئي، پر موئن جي دڙي جي زندگيءَ جي انهيءَ دور ۾ جڏهن شهر جو نظام پوريءَ طرح قائم ٿي چڪو هو، ڪو اهڙو واقعو رونما ٿيو، جنهن جو انهيءَ معاملي تي شايد سڌو اثر پيو هجي. ائين پيو معلوم ٿئي ته شهر جي الهندي واري آباد علائقي تي حڪومت طرفان ڪوٽ ٺهرائڻ لاءِ قبضو ڪيو ويو هو. ان لاءِ گهربل اوچائي حاصل ڪرڻ لاءِ، انهيءَ علائقي جي مٿان متيءَ ۽ ڪچين سرن جو ويهه فوٽ اوچو وڏو دڙو ٺاهيو ويو هو. ائين به ظاهر آهي ته انهيءَ هٿرادو دڙي کي چوطرف مضبوط ڪرڻ لاءِ پوءِ پڪين سرن جي ديوار کڙي ڪئي ويئي ۽ ان جي ٻن ڪنڊن تي ساڳئي ئي سامان مان مضبوط برج تعمير ڪيا ويا. انهن مان ڏکڻ- اوپر وارن برجن جي مٿان، جن جو منهن اصلي شهر طرف هو، مضبوطيءَ سان ٺاهيل مورچا بنايا ويا ۽ انهيءَ هنڌ ٽڪر جي ڳوڙهن جو ڪافي وڏو ذخيرو [23] مليو آهي، جيڪي شايد ڪانيڙين ذريعي دشمن تي اڇلائڻ لاءِ هئا. هي اندازو بجا طور ڪري سگهجي ٿو ته، شروعات ۾ اهڙا وڏيڪ برج ٻاهرئين فصيل جي چوطرف ورڇيل هئا.

سر مارٽيمر وهيلر انهن برجن منجهان سيني کان قديم برج جي هڪ عجيب و غريب ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو، اها آهي سر بنديءَ جي ڪم ۾ متوازي بيهاريل ڪاٺ جي شهتيرن جو استعمال، جيڪي وقت گذرڻ سان ڪاڇي ويا ۽ نتيجي ۾ سرن جي پٽين جو ڪجهه حصو ڍهي پيو، جنهن ڪري بعد ۾ وري به سرن سان مرمت ڪري نٿيڪ ڪيو ويو. اها غلطي بعد وارن برجن ۾ نه ڪئي ويئي ۽ ڪوٽائي ڪندڙ هي اندازو ڪري ٿو ته اها غلطي انهن رازن کان ٿي هوندي، جيڪي ڪچين سرن يا متيءَ جي پٽين ڪي

اهڙيءَ طرح پُشتا ڏيڻ تي هريل هوندا ۽ هنن اها ڳالهه محسوس نه ڪئي ته پڪين سرن جي تعميرات لاءِ انهيءَ ڳالهه جي ضرورت نه هوندي آهي. ڪوٽ جي مٿئين ٽلهي تي ٺهيل اناج کي محفوظ رکڻ واري گدام جي ٻاهرئينءَ اوچي ديوار جي اڏاوت ۾، جيڪا عملي طور ڪوٽ جي فصيل جو هڪ حصو هئي، ساڳيءَ طرح ڪاڻ استعمال ڪيو ويو هو. "ڏري گهٽ ائين پيو نظر اچي ته اهو ڏڙو ۽ ان تي اڏيل عمارتون بعد ۾ ٻاهران آيل ڪنهن نئين حڪومت جو ڪم آهي، جيڪا پڪن سرن جي اڏاوت ڪرڻ بدران ڪچين سرن جي اڏاوت جي روايتن تي هريل هئي،"[24]

ڪوٽ جي دائري اندر هن وقت تائين جن ٻ عمارتن جي کوٽائي ڪئي ويئي آهي، سي سڀ سرڪاري قسم جون عمارتون آهن. انهن ۾ هڪ وڏو وهنجڻ جو تلاءُ، جنهن جي چوڌاري خانگي حمامن سان ننڍن ڪمرن جو پيچيده ڄار ڦهليل آهي. محل يا پروهتن جو اداروِ عظيم الشان اناج جو گدام ۽ راجه جي اجتماع جو وڏو ڪمرو (هال) شامل آهن.

سوال آهي ته، ڇا ڪوٽ جي بنياد پوڻ کان اڳ شهر ۾ اهڙن ادارن جو وجود قائم هو؟ "هينئين شهر" ۾ ڪوٽيل کي وڌيون عمارتون ممڪن آهي ته، مندر هجن، پر اتي سرڪاري عمارتن جو ڪو اهڙو نشان نظر نه ٿو اچي، جيڪي ڪوٽ وارين عمارتن سان مشابهت رکندڙ هجن. شايد ڪنهن اڳئين وقت ۾ انهيءَ قسم جون جايون هجن، جن جي مٽان بعد ۾ مصنوعي ڏڙو ڪڙو ڪيو ويو هجي، مثلاً اوائلي زماني جون ڪي اهڙيون سرڪاري جايون هجن، جيڪي بعد ۾ دائمي طور وڏندڙ شهر يا نئين حڪومت جي ضرورتن لاءِ ناڪافي سمجهيون ويون هجن ۽ ان ڪري انهن کي ڍاهي، انهن بدران وڌيڪ شانائتي نموني جون نيون جايون اڏايون ويون هيون، جن جا نشان اسين ڪوٽ جي دائري ۾ ڏسي سگهيا آهيون هن وقت تائين جيڪا ٻ ان سلسلي ۾ اسان کي شهادت ملي چڪي آهي، سا اهو ڏيڪاري ٿي ته ڪوٽ جي تعمير سان گڏ يا ان کان پوءِ عام ماڻهن جي مادي زندگيءَ جي طريقي ۾ ڪا نمايان تبديلي ڪانه آئي هئي، ان جي بجاءِ، ائين ٿي سگهي ٿو ته ڪوٽ جي اڏاوت هڪ نئين گهراٽي جي حڪومت جي آغاز جي علامت ظاهر ڪندي هجي يا ان طرح موئن جي دڙي ۽ ٻين "سنڌو لوڪن" جي شهرن جي باهمي تعلقات ۾ آيل ڪنهن تبديليءَ جو اهو نتيجو هجي.

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هن وقت تائين اهڙيون شهادتون ڪافي مقدار ۾ نه ملي سگهيون آهن، جن جي ذريعي انهن ماڻهن جي مڪيہ شهرن جي بنياد پوڙ جي وقت جو تعين ڪري سگهجي. جيتوڻيڪ انهن مان ڪن شهرن کي سجاڻي سگهجي ٿو تہ اهي ويجهي زماني جا ٺهيل آهن. هڪ وقت اهو خيال ڪيو ٿي ويو تہ هڙاپا موئن جي دڙي کان اڳي جو آهي، پر جڏهن کان وٺي پوئين شهر جي آبادي۽ جي آخري ۽ سيپ کان وڌيڪ هيٺانهين تهہ جي پوري اونهائي معلوم ڪئي ويئي آهي، حالانڪ انهن تهن جي پوري دريافت ناقابل عمل رهي آهي، تڏهن کان وٺي هي۽ راءِ قائم ٿيڻ لڳي آهي تہ ٻنهي شهرن ۾ موئن جي دڙي وارو شهر وڌيڪ آڳاٽو آهي. بهرحال، هن ڳالهہ جو امڪان نظر اچي ٿو تہ سرڪاري عمارتن واري حصي جي مخصوص تنظيم ۽ رٿابندي، جيڪو هيٺين شهر کان مٿين سطح تي اڏيل هو. شايد هڙاپا[25] ۾ شروع ٿي ۽ موئن جي دڙي ڏانهن درآمد ڪئي ويئي ۽ بعد ۾ اها فقط ڪن ننڍن شهرن لاءِ نموني طور اختيار ڪئي ويئي. اهو اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ اهڙا شهر شايد ضلعي هيڊ ڪوارٽر هئا، ۽ ٿي سگهي ٿو تہ اها رٿابندي عام طرح سان نئين حڪمران طبقي جي پاليسيءَ جي عڪاسي ڪري رهي هئي، جن پنهنجي وقار کي مادي شين جي وسيلي سان وڌائڻ پئي چاهيو. اهائي تنظيم ۽ رٿابندي سنڌو لوڪن جي عظيم ڏاکڻي "صوبي" جي ٻن شهرن، "ڪالي بنگن" ۽ "لوٿل"[26] ۾ نظر اچي ٿي، جنهن (صوبي) جو خاڪو گذريل ڏهن سالن جي کوجنائن جي نتيجي ۾ تشڪيل ٿيو آهي. انهيءَ صوبي جي شناخت ۽ سنڌو "رياست" تي، ان جي قيام ۽ وجود جي وڏي عرصي تائين، گهٽو ڪري ٻن گادين وارن شهرن (هڙاپا ۽ موئن جي دڙي) مان جيڪي هڪ ٻئي کان چار سؤ ميل[27] پري هئا، حڪومت ڪئي ويندي هئي، ٻنهي گاديءَ وارن شهرن جي وچ ۾ پاڻيءَ رستي سنڌو رابطو قائم هو ۽ اسان کي اها حقيقت معلوم آهي تہ، سنڌو لوڪ ٻيڙيون ڪم آڻيندا هئا، جن جي بناوت ۽ شڪل صورت انهن کان مختلف نہ هئي، جيڪي هن زماني ۾ درياءَ تي هلن ٿيون. ظاهري طور ساڳئي قسم جي رياست لاءِ ٻن دارالحڪومتن رکڻ جو اصلي سبب انهيءَ قوم طرفان آباد ڪيل سنڌو واديءَ جي وڏي ڊيگهہ نہ، بلڪ انهيءَ واديءَ جي پنجاب جي ميدان ۽ سنڌ جي ميدان ۾ قدرتي تقسيم ۽ انهن جي وچ واري علائقي ۾ ڪنهن هنڌ هڪڙي مرڪزي دارالحڪومت

جي قيام لاءِ ناموزونيت هو. اهو درمياني پٽو نہ فقط تمام ڊيل ۾ سوڙهو آهي، پر ساڳئي وقت اهو درياهن ۾ ايندڙ خطرناڪ تبديلين ۽ تباهہ ڪن سيلابن جي سدائين زد ۾ پيڙ رهي ٿو.

اسين هيءُ اندازو بخوبي ڪري سگهون ٿا تہ بهاولپور ۽ بيڪانير وارن علاقن ۾ قائم ٿيل شمالي آبادين، روپر ۽ اُڪلنا سميت، هڙاپا جون زيردست هيون ۽ جادم جو دڙو ۽ بلوچستان وارين ٻين آبادين سميت سنڌ واريون سڀ آبادیون موئن جي دڙي جون زيردست هيون. اسان کي هيءَ حقيقت شايد ڪڏهن بہ معلوم ٿي نہ سگهي تہ انهن ٻنهي وڏن شهرن جي وچ ۾ سندن مشترڪ وجود جي دوران سڄ پڄ ڪهڙا ناتا ۽ واسطا قائم هئا، جيتريقدر اسان جو واسطو سنڌ سان آهي، اسين پوري اعتماد سان دعويٰ ڪري سگهون ٿا تہ موئن جي دڙي ۽ ان جي ماتحت شهرن کي خودمختيار حيثيت حاصل هئي.

هن رياست جي "اقتصاديات"، جيڪڏهن اسين انهيءَ دؤر جي معاشي حالت متعلق اهو لفظ استعمال ڪڍي ڪريون، بنيادي طور زرعي نوعيت جي هوندي ۽ اها گهڻو ڪري اڳيئي ترقي ڪري پنهنجي گذاري واريءَ سطح کان وڌي انهيءَ منزل تائين پهتي هوندي، جڏهن، زرعي پيداوار پاسي وارين ايراضين جي ڪن اهڙين شين مال بدلي مال جي بنياد تي ڏي وٺ ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندي هوندي، جيڪي سنڌو ماٿريءَ ۾ موجود نہ هوندیون ۽ جيڪي سنڌو لوڪن جي تمدن واريءَ انهيءَ منزل ۾ اڳي ئي سندن ضرورت جي شين جي حيثيت اختيار ڪري چڪيون هونديون، جتي هو پنهنجي سابق سر زمين ۾ ترقي ڪري پهتا هوندا. ڪين الهندي واري سڄي جابلو ملڪ جا معدني ذريعا ۽ وسيلا، (مثال طور) لس ٻيلي ۾ ٽامي ۽ شيهي جي ذخيرن جا هنڌ ۽ انهن مخصوص جماعتن جا نالا يقيناً چڱيءَ طرح معلوم هوندا، جيڪي انهن شين ۽ ٻين اهڙين ضرورت وارين شين، مثلاً: چيرولي ۽ ميٽ جي واپار ڪرڻ لاءِ خوشيءَ سان تيار هوندیون ۽ انهيءَ حالت ۾ هيءُ تصور ڪرڻ بہ آسان آهي تہ اهڙيءَ روانگيءَ ۽ آمدنيءَ جي واپار جي ڏي وٺ ۾، مقدار ۽ مفاصلي جي لحاظ کان، بتدريج واڌارو ايندو رهيو هوندو. ڇاڪاڻ تہ ميدانن ۾ وٽن گهڻو ڪجهہ موجود هو. جيڪو اهي ٻين کي ڏيئي ٿي سگهيا. مثال طور: اتي عمارتي ڪاٺ گهڻو هو. وري مختلف قسمن جا ڪنؤر ۽ مصالحا، تيل، رنگ ۽ انهن سيني کان وڌيڪ ويڳر جون شيون ۽

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اناج وٽن جام هئا، وٽن لوڻ به هو ۽ حيواني پيداوار ۾ عاج، ڪوڏ ۽ سنگ به هئا. تنهن کان سواءِ وٽن مختلف قسمن جا زراعتي ريشا پڻ جام هئا ۽ انهن ۾ خاص طرح ڪپهه سڀ کان وڌيڪ اهم هئي.

"سنڌو" سلطنت ۾ ڪپهه جيڪو ڪردار ادا ڪيو، تنهن بابت ايجا تائين ڪو قطعي فيصلو ٿي نه سگهيو آهي. اسان کي اها پڪ هئڻ گهرجي ته انهيءَ شيءِ جو وڏي پيماني تي گهريلو استعمال ٿيندو هو. موئن جي دڙي مان گهٽي تعداد ۾ لڏل چڪراوان (چڪرا) انهيءَ قسم جا آهن، جيڪي ڊاڪٽر مئڪي جي چوڻ مطابق، صاف ظاهر ڪن ٿا ته اهي فقط ڪپهه جي ڏاڳي وٽڻ لاءِ استعمال ٿي پئي سگهيا ۽ خوشقسمتيءَ سان انهيءَ شيءِ جو هڪ اٽيل ٽڪرو اتي لڏو به آهي، جنهن ۾ هيرن جواهرن جو خاصو تعداد ويڙهيل هو. ان کان علاوه، نيم مجسمن ۽ پتيلن جي جسمن تي جيڪي چٽن وارا چوغا نڪتل نظر اچن ٿا، تن مان اهو اندازو ٿئي ٿو ته اهي ڪنهن سنهي ۽ هلڪي ڪپڙي جا نهيل هوندا. هن باري ۾ ڪو ثبوت نه ملي سگهيو آهي ته "سنڌو" ايراضيءَ کان ٻاهر، ايندڙ ڪيترين ئي صدين تائين، ڪپهه جو ڪو استعمال ڪيو ويندو هو يا اهو ٻوٽو اتي ٻاهر ئي پوکيو به ويندو هو. انهيءَ ٻوٽي جي سنڌو لوڪن طرفان ٿيندڙ پوک جي حقيقت مان ڪجهه اهم نتيجا نڪرن ٿا.[28]

هن ڪتاب جي پهرئين جلد ۾ هيءَ ڳالهه سمجهائي وئي هئي ته هينيءَ "سنڌو" وادي‌ءَ ۾ خريف واري فصل جي پوک، جنهن ۾ ڪپهه پڻ هڪ جنس هئي، ربيع جي فصل جي پيٽ ۾ (جنهن مان ماڻهن جي خوراڪ جو وڏو مقدار حاصل ٿيندو هو)، ڇو ته گهٽي پاڻي وڌيڪ محنت ۽ مشقت جي ضرورت پوندي هئي. هن باري ۾ ايجا تائين ڪوبه اهڙو ثبوت نه مليو آهي ته، سنڌو لوڪن طرفان استعمال ٿيندڙ گُڏ ڪرڻ جي ڪرپي ڪانيءَ کان علاوه ڪنهن ٻيءَ شيءِ جي نهيل هئي، ڇاڪاڻ ته اهڙي قسم جو اوزار فقط اهڙي کيت ۾ اثرائتي نموني ۾ هلائي سگهبو هوندو. جيڪو اڇيئي آلو ٿي، نرم بنجي ڇڪو هوندو. سنڌ ۾ ڪيل جديد تجربا ٻڌائين ٿا ته پوک ڪرڻ جا ٻيا طريقا ۽ رستا، جهڙوڪ هر ڏيڙ (جيڪڏهن انهن ماڻهن کي هر جي استعمال ڪرڻ جي ڄاڻ هئي)[29] ۽ ڪرپيءَ سان گُڏ ڪيڙ پڻ، ريجيل زمين ۾ ئي اختيار ٿي سگهيا ٿي. فقط ان هڪ ڳالهه ئي ان زماني جي سنڌو درياءَ

جي سيلابي ميدان ۾ خريف واري فصل جي پوک کي ڪن خاص هنڌن لاءِ انتهائي مخصوص نوعيت جي مهم جي صورت ڏيئي ٿي ڇڏي. فقط ڪن اهڙن زمين جي ٽڪرن ۾، جيڪي درياءِ پاڻيءَ جي وهڪرن ۽ سيلابي چنڀڻين جي لحاظ کان خاص طور موافق هنڌن تي ٻيئل هوندا، اهڙن فصلن جي ڪاشت مفيد ۽ قلدائڪ ثابت ٿي سگهندي هوندي. هنن جي انهن تقريباً "ٻاراٽن" اوزارن سان ٻنين ٻارن کي حد کان زياده پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ کان محفوظ رکڻ ۽ آبپاشيءَ تي ضابطي رکڻ لاءِ بندن ٻڌڻ جو ڪم فقط ان صورت ۾ اثرائتو ثابت ٿي سگهيو ٿي، جتي اهو سڄو ڪم تمام ننڍي پيماني تي ٿيندڙ هجي ها. وري خريف واري فصل ۾ ڪپهه اهڙي جنس آهي، جيڪا پڇڻ ۾ ٻين سيني جنسن کان وڌيڪ وقت وٺي ٿي.

ان ڳالهه سان هن حقيقت جي وضاحت به ٿئي ٿي ته سنڌ ۾ سن 1900ع کان اڳي، جڏهن آبپاشي فقط سيلابي واهن ۽ نارن جي پاڻيءَ جي مدد سان ڪئي ويندي هئي. تڏهن ڪپهه تمام ٿوري پيماني تي پوکي ويندي هئي ۽ ان ۾ به ڪا حقيقي ڪاميابي ڪانه ٿيندي هئي. اهو ته فقط سدا وهندڙ جمڙائو واهه جي ڪلڙ جو نتيجو هو جو ويهين صديءَ جي سنڌ ۾ انهيءَ فصل اهميت حاصل ڪئي. سدا وهندڙ واهن ذريعي آبپاشي مارچ جهڙي آڳاتي مهيني ۾ ٻج ڇڻڻ کي ممڪن بنائي ٿي، ته جيئن ڪپهه جو آخري چونڊو سياري جي پارن کان اڳ ۾ ئي ختم ٿي سگهي. پر جن هنڌن تي پوک جو دارومدار درياءَ جي موسمي چاڑهه تي رهي ٿو، اتي ٻج ڇڻڻ جو ڪم عام طور تي جون يا سوير کان سوير مئي کان اڳ ۾ شروع ٿي نٿو سگهي ۽ هن ڳالهه جو امڪان رهي ٿو ته فصل جي[30] چونڊي لاءِ پڇي راس ٽيڻ کان اڳي ئي ان کي ڪو نقصان پهچي وڃي. هڪ پاسي جتي درياءَ جي ڪپر وارن ڪچي جي علاقن ۾ سالياني اٽل جو پهريون ئي پاڻي پهچي وڃي ٿو، اتي انهن ايراضين کي بعد ۾ وڏيل پاڻيءَ جي نقصانڪار اثرن کان بچائڻ نهايت ڏکيو ڪم ٿي پوي ٿو. پوءِ جيڪڏهن اسين اهو اندازو لڳايون ته سنڌو لوڪ سنڌ ۾ وڏي پيماني تي ڪپهه پوکڻ ۾ ڪامياب ٿيا هئا، ته ان صورت ۾ اسان کي هيءَ ڳالهه به تسليم ڪرڻي پوندي ته انهيءَ زماني ۾ هن علاقي جي آب و هوا اسان جي پنهنجي زماني جا آب هوا جي پيٽ ۾ وونئڻ جي ٻوٽي جي اوسر لاءِ وڌيڪ موافق هئي.

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پهرئين جلد ۾ هن شهادت ڏانهن ڌيان ڇڪايو ويو هو. ته ڏکڻ اولهه واريون چوماسي جون هوائون موجوده دور جي مقابلي ۾ ان وقت (ٿر جي ريگستان ۾) وڌيڪ زورائتيون لڳنديون هيون ۽ هيءَ ڳالهه سمجهائي ويئي هئي ته جيڪڏهن اها ڳالهه تسليم ڪجي ته هڙاپائي دور ۾ اهي حالتون موجود هيون. ته پوءِ اسان کي هيءَ ڳالهه بہ تسليم ڪرڻي پوندي ته انهيءَ علاقي جي گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه حصي[31] مٿان جديد دور جي پيٽ ۾ برسات وڌيڪ مقدار ۾، باقاعدگيءَ سان پوندي هوندي. جيڪڏهن ائين هو ته سنڌو وادي‌ءَ ۾ ڪيهه جي فصلن جي پوکجڻ ۽ اسرڻ جي راهه ۾ هائل دشوارين جو جن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اثر تمام گهڻي قدر گهٽ هجي ها. حالانڪ پوک لاءِ ڪم ايندڙ اوزارن ۾ ڪا گهڻي خوبي ۽ خصلت ڪانہ هئي.

بهرحال هڪ ٻيو امڪان پڻ آهي، جيڪو اسان جي غور لائق آهي، جنهن ۾ آب و هوا جي مختلف حالات بابت ڪي اندازا ۽ انومان شامل ناهن. اهو امڪان هي آهي ته سنڌو لوڪ ڪيهه جي پوک جو وڏو حصو پنهنجي سلطنت جي ڏاکڻين صوبي (هاڻوڪي گجرات) جي ڪاريءَ مٽيءَ واريءَ زمين تي ڪندا هئا. جتي جديد زماني ۾ بہ يعني گهٽ ۾ گهٽ گذريل صديءَ ۾ پڻ اها جنس فقط چوماسي جي برساتن تي وسيع علاقن ۾ ڪاميابيءَ سان پوکي ويئي آهي.

جيڪڏهن سوٽي ڏاڳي ۽ سوٽي ڪپڙي جي ڏيساورن ڏانهن روانگي "سنڌو" لوڪن جي اقتصاديات جو هڪ اهم جز هو. ته پوءِ ماڻهو هيءُ بہ اندازو ڪري سگهي ٿو ته اهو ڏورانهون ڏاکڻون علاقو انهيءَ ريشي جي پيداوار تي هڪ هٽيءَ واري ضابطي حاصل ڪرڻ جي مڪيہ مقصد لاءِ سندن حڪمرانيءَ هيٺ آندو ويو هو. پر اڄ ڏينهن تائين اسان کي هن معاملي ۾ ڪابہ پڪي ثابتي نہ ملي آهي. ته سنڌو لوڪ ڪنهن بہ صورت ۾ ڪيهه جو روانگي واپار ڪندا هئا ۽ نہ وري اهڙن ملڪن ۾ ڪيهه جي ڪپڙي جي استعمال جي رواج جو ثبوت مليو آهي، جن سان انهن جا تجارتي تعلقات قائم هئا. حقيقت هيءَ آهي ته اسان کي معلوم ٿي چڪو آهي ته، سُمر ۾ "ار" جي ٽئين، گهراٽي جي تحت، سال 2100 کان 2000 قبل مسيح تائين، جتي اوني ڪپڙن جو عام ۽ وڏي پيماني تي رواج هو. اتي گهٽ ۾ گهٽ ٻن زرعي ريشن مان پڻ ڪپڙو اڻجي رهيو هو. جيڪي ريشا ڪاشتڪارن طرفان انهيءَ ملڪ ۾ پوکيا ويندا هئا. انهن مان هڪ ريشو سِٽي معلوم ٿئي ٿو.

جنهن مان انتهائي نفيس قسم جو ڪپڙو ٺاهيو ويندو هو. ٻئي وڏيڪ عام قسم جي ريشي (جيڪو بظاهر سٽيءَ جو ڪونہ هو) مان گھٽو ڪري مڇيءَ مارڻ لاءِ رسا، يا ڇار ٺاهڻ کان علاوه هڪ اهڙو ڏاڳو به ٺاهيو ويندو هو جيڪو ڪپڙي جي ڪن مخصوص قسمن ۾ پيٽي طور ڪم آندو ويندو هو ۽ وڏيڪ عاميانہ ڪپڙو سڄو انهيءَ ڏاڳي مان ٺاهيو ويندو هو. "ار" وارو اهو دور، گجرات مٿان سنڌو لوڪن جي حڪمرانيءَ جي وڏيڪ آڪاٿي دور سان بظاهر ٺهڪي اچي ٿو. انهيءَ باري ۾ راءِ ڏيڻ تي دل هِرڪي ٿي تہ "سُمر" وارن جو اهو عام فائدي وارو سُٽ، جيڪو "گُو" (gu) جي نالي سان سڏبو هو، سو انهي ڪپهہ جو ڏاڳو هو، جيڪا هڪ وقفي کان پوءِ جنهن جي دوران ۾ ان کي "سنڌو" ملڪ کان درآمد ڪيو ويو هو، ميسوپوٽيميا ۾ پوکي ويئي هئي، ۽ پوءِ انهيءَ سرزمين جي وطني ٻوٽي جي شڪل اختيار ڪري ويئي هئي. پر در حقيقت، اسيريا ۾ ڪپهہ کي هڪ ٻيو نالو ڏنو ويو هو، جڏهن اُها اٺڪل تيرهن سؤ سال پوءِ بظاهر پهرين پيرو سيناچريب (Sennacharib) طرفان انهيءَ ملڪ ۾ متعارف ڪرائي ويئي. وري، اسان کي ٽئين گھراٽي وارن جي 'اُر' تحريرن مان معلوم ٿي چڪو آهي تہ اهي ماڻهو سنڌو ۽ آسپاس وارن ملڪن کان دراصل کھڙيون کھڙيون شيون درآمد ڪندا هئا (بشرطيڪ انهن شين کي اسين سندن سُمرين نالن سان پوريءَ طرح سڃاڻي سگھيا هجون)، ۽ حيرت جي ڳالهہ آهي تہ انهن شين مان ڪپهہ هڪ جنس ناهي، جن جو انهن تحريرن ۾ ذڪر ڪيل آهي.[32]

سُمر ۽ سنڌو سلطنت جي اوج واري دور ۾ هليل سڌي واپاري تفصيلن تي غور ايندڙ باب ۾ ڪيو ويندو، پر هِتي اسين انهن ڳالهين جي جاچنا ڪنداسون، جيڪي وڏيڪ آڪاٿي دور جي متعلق ٻنهي ملڪن ۾ ظاهر ٿيون آهن. پروفيسر گارڊن چائيلڊ ٻڌائي ٿو تہ سميريا جي آڪاٿي گھراٽي واري زماني ۾، جيڪو سن 2850 ق.م ۽ 2380 ق.م جي درمياني پنج سؤ سالن جي وچ وارو ليکيو وڃي ٿو، انهيءَ ملڪ جو واپار ڪيڏي نہ وسيع پيماني تي هلندو هو. مثال طور ڪوتائين مان انهن جي طرفان سڃن موتين جي تمام گھٽي استعمال جون ثابتيون مليون آهن، جيڪي هنن کي جيهون درياهہ (Oxus) واري علاقي مان ئي حاصل ٿيندا هوندا. هاڻي اِها شيءِ ساڻگئي وقت تي سنڌو وارن شهرن ۽ مصر، ٻنهي هنڌن تي بہ ڪم آندي ويندي هئي.

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تنهنڪري، گاردن چائيلڊ چوي ٿو "سال 2500 قبل مسيح ڏاري اسان کي دجلہ کان وٺي سنڌوءَ ۾ جيهون تائين، ۽ فرات جي الهندي ۾ ويندي نيل[33] درياءَ تائين ڦهليل واپار جي هڪ وڏي سرشتي جو حقيقي ٻوتو ملي چڪو آهي." ساڳيءَ طرح موئن جي دڙي ۾ هڪجهئي جي پٽيان آيل کوٽائي ڪندڙن اتان لڌل ڏاتن، ٻين غير مقامي شين نيم-قيمتي پٿرن جي اصلوڪن ملڪن معلوم ڪرڻ لاءِ وڏي جاکوڙ پئي ڪئي آهي، ان مان واپاري تعلقات جو جيڪو نقشو اُڀري نڪتو آهي. سو محض پنهنجي وسعت جي لحاظ کان حيرت انگيز آهي. موئن جي دڙي کان قطب نما جي مکيہ رخن کان نهارڻ سان نظر ايندو تہ ماڻهن کي سچن موتين حاصل ڪرڻ لاءِ اُتر طرف بدخشان تائين ۽ زمردن لاءِ شايد ترڪستان ۾ وڃڻو پوندو هوندو. ڪشمير مان کين ديودار جو ڪاٺ ۽ ڪي ٻيون شيون ملنديون هونديون، اوپر طرف، کين شيهو اجمير جي ويجهڙائيءَ ۾ ملندو هوندو. ۽ راجستان مان عام طرح کين تامو ۽ گهٽ درجي وارن قيمتي پٿرن جا مختلف قسم دستياب ٿيندا هوندا. ڏکڻ طرف، سپين ۽ نادن جا ٽڪرا ۽ موتي ڪائياواڙ ۾ ملي پئي سگهيا، پر زمرد لاءِ دکن تائين وڃڻ ضروري هو ۽ ايجا ۽ وڏيڪ نايابن پٿرن لاءِ نيلگري ٽڪرين تائين وڃڻو پوندو هو. جيتوڻيڪ اهو پٿر ڪشمير مان پڻ دستياب ٿي سگهندو هون. آخر ۾ الهندي طرف تامي، چيرولي ۽ سنگمرمر جهڙي پٿر ۽ سنگ جراحت لاءِ بلوچستان وڃڻ ضروري هو. جو اهي سڀ شيون اتي موجود هيون، سون، چاندي، قلعي ۽ فيروزن لاءِ ايران ۽ هيرن[34] لاءِ ايراني نار جي ٻيٽن ڏانهن وڃڻو پوندو هوَن. انهن انتهائي قيمتي شين جي جواب ۾ سنڌ مان ڪهڙيون شيون ڏيساور موڪليون ويندیون هيون؟ ٿي سگهي ٿو تہ سنڌو ملڪ جي سُٽ ۾ سوتي ڪپڙي لاءِ اُپرندي ۽ ڏکڻ وارن ملڪن ۾ تمام گهڻي ۽ فوري کپت جون واپاري منڊيون موجود هيون توڙي ڪٿي سُمر ۾ انهيءَ شيءِ جي گهرج نہ ٻہ هئي، جتان کان وري نفيس ڪپڙن جي اناطوليہ ڏانهن برآمد ٿيندي هئي. جيڪي بظاهر سميريا جي پيداوار هئا. اهو سڄو واپار انهن جي "ٽئين گهراٽي" جي بادشاهيءَ کان پوءِ آيل دؤر ۾، ڏاتن جي بدلي ۾ هلندڙ هو، جنهن جو آغاز شايد گهڻو[35] آڳاٽو ٿي چڪو هو.

هڪ ڳالهہ يقيني نظرا چي ٿي تہ سنڌو لوڪن جي سلطنت اُنهيءَ دؤر

جي قديم دنيا ۾ ٻين سيني سلطنتن جي پيٽ ۾ وڏيڪ وسيع هئي. سنڌو ترائي ۽ ان سان لاڳو اُتر اوپر وارن ميدانن جي پکيڙ، جتي انهن ماڻهن جي آبادين ۽ شهرن کي سپ کان پهرين سجاتو ويو. ڏيگهه ۾ گهٽ ۾ گهٽ ست سؤ ميل، ۽ ويڪر ۾ هڪ سؤ يا هڪ سؤ پنجاهه ميل آهي. البت اسان کي اهو معلوم ناهي ته هنن سنڌو لوڪن يا "هڑاپا لوڪن" کي سندن آبادين ايڏي علائقي ۾ ڦهلائڻ ۾ ڪيترو زمانو لڳو. پر اها ايراضي ذري گهٽ اوتري وڏي آهي، جيتري بعد واري اسيريا سميت، سمر ۽ اڪاد جي گڏيل ايراضي آهي ۽ "مينس" جي اترئين ۽ ڏاکڻين مصر جي گڏيل ايراضيءَ کان وڏيڪ وڏي آهي. ان جو سبب سندن گذار جي موجود ذريعن تي وڌندڙ آدمشماريءَ جو دٻاءُ نه هوندو، جنهن انهن کي پنهنجي آباديءَ کي ماپائڻ لاءِ ايڏي وڏي ايراضيءَ تي قبضي ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو هوندو.

اسين هن سلسلي ۾ هي اندازو بخوبي لڳائي سگهون ٿا ته سندن سرزمين ۾، سندن مقابلي ۾ ان طويل دور ۾ سندن اهڑا ڪي رقيب ڪين آيا، جن ۾ هنن جي حڪمراني ڪرڻ جي حق کي للڪارڻ جي قوت هجي، ۽ اها صورتحال ميسوپوٽيميا جي حالت کان بلڪل مختلف هئي، جتي هڪ ٻئي سان وڙهندڙ ۽ جنگيون جوٽيندڙ شهري رياستون ۽ طاقتور وحشي پاڙيسري هر وقت موجود هئا. ڇا هي سنڌو لوڪ اهڑا اڻ- ڏاپندڙ سامراجي هئا؟ يا ائين هو، جو انهن ۾ هڪٻئي سان مقابلي ڪندڙ ۽ اهڑا نت نوان پيدا ٿيندڙ گهراٽا هئا، جيڪي پنهنجي حڪمرانيءَ جي خواهش کي انفرادي طور پوري ڪرڻ لاءِ هڪٻئي کان جدا ٿيندا ٿي رهيا ۽ دور هئڻ جي باوجود پاڻ وٽ پنهنجي عام تمدن جون اصلوڪيون صفتون ۽ خوبيون ساڳيءَ حالت ۾ برقرار رکندا. انهيءَ سلطنت جي ڏکڻ ۾ ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جي طرف ڏانهن عظيم توسيع، انهيءَ دؤر ۾ ٿيل معلوم ٿئي ٿي، جڏهن موئن جو دڙو سنڌ ۽ پنجاب جي ميدانن ۾ قائم ٿيل ٻيون آبادیون ايڏا تائين خوب وسندڙ هيون. جيڪڏهن هڑاپا وارن يا سنڌو لوڪن کي گهر- هاکڙا علائقي ۾ نه، ته سنڌو واديءَ جي سرزمين ۾ حيرت انگيز طور انتهائي ٿوري تعداد ۾ تصور ڪيو وڃي ته پوءِ اسان انهن جي انهيءَ نموني سان سوين ميلن جي مفاصلي تي ڏکڻ ۾ واقع ملڪن ۾ پهچڻ ۽ وڏيڪ آبادين جي وسائڻ کي ڇا سمجهون؟

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هن وقت ان جي سبب متعلق صرف اندازو ئي لڳائي سگهجي ٿو پر ان لاءِ هيءَ سمجهاڻي بہ اهڙي ئي معتبر ٿي سگهي ٿي، جهڙي ڪا ٻي، تہ هنن کي سندن هن خواهش کي اڳتي وڌڻ لاءِ آماده ڪيو هوندو تہ کين سنڌو ماڻريءَ ۾ موجود قدرتي شين جي وسيلن کان مختلف ۽ وڌيڪ قسمن جي شين جو قبضو ملي ۽ ان سان گڏ انهيءَ قبضي کان اڳي ئي وڌندڙ ۽ ويجهندڙ ساموندي واپار جا مرڪز هوندا هئا.

سنڌو لوڪن ڏکڻ ميسوپوٽيميا ۾ واقع اُر جي ماڻهن جي درميان واپاري تعلقات جي موجودگيءَ جي حقيقي صورت ۾ انتهائي اوائلي شهادت، 'اُر' جي شهري- رياست وارن آڳاٽن بادشاهن جي شاهي قبرستان مان، جيڪي 2700 سال ق. م کان بہ اڳي اتي حڪومت ڪندا هئا، هڪ اهڙي مٽڪي جي دستيابيءَ جي صورت ۾ ملي آهي، جيڪو مخصوص "سنڌو" ساخت جو آهي.[36] انهيءَ مان هروپرو سنئين سڌي تعلق هئڻ جو ثبوت نہ ٿو ملي، پر هيءَ ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ "سنڌو" لوڪ (جيڪي انهيءَ زماني تائين شايد سنڌو نديءَ جي ميدان ۾ ايجا آباد نہ ٿيا هئا؟) ۽ سمير يا جا ماڻهو انهيءَ وقت هڪ ٽيئءَ قوم سان واپار ڪري رهيا هئا.

پروفيسر پگٽ جو رايو آهي تہ سنڌو لوڪن جو سُمر وارن سان واپار ڏکڻ بلوچستان ۾ واقع "ڪُلي" لوڪن سان ناتن هئڻ جي ڪري وڌيو، جن جا سمر وارن سان قديم گهراٽن واري دور ۾ پنهنجا سڌا تعلقات قائم ٿيل هئا. ڪلي تمدن جي هڪ مخصوص پيداوار مقامي پٿر مان ٺڪي ناهيل هڪ اهڙو ٺانءُ هو، جنهن جي ظاهري شڪل ٽوڪريءَ جي اٽت سان مشابهہ هوندي هئي. اهڙا برتن يا ساڄئي قسم جون صندوقون، سوسا، "اُر" ميسوپوٽيميا جي ڪن ٻين هنڌن مان مليون آهن ۽ موئن جي دڙي جي مٿانهين توڙي هيٺانهين سطحن مان پڻ دستياب ٿيون آهن، جنهن مان انهن ٻنهي ملڪن جي درميان انهيءَ خاص چيز[37] جي واپار جي ساخت جون ميسوپوٽيميا ۾ سجاتل گهٽيون ئي شيون- چٽن واريون مهرون، مخصوص قسم جي جڙاءَ واريون شيون، ٽوهي واري ڍڳي جون رسمي طور ڪونر جي اڳيان بيٺل شبيهون- ديالا نديءَ جي وادي‌ءَ وارن ميدانن ۾ قائم ٿيل آبادين مان لڌيون ويون آهن، جيڪا[38] سمر جي اتر ۾، آڪاد جي بادشاهيءَ ۾ دجلہ جي هڪ شاخ هئي، هن مان اهو انومان نڪري ٿو تہ "سنڌو" واپار جو چڱو

خاصو حصو زميني رستي سان ٿيندڙ هو. جنهن ۾ شايد اتر ـ الهندي ايران جا شهر، حصار ۽ سيالڪ، پڻ اچي ٿي ويا، جن هنڌن تي سنڌو لوڪن جي نمونن جي ڏهيل شين جا ڪيترائي قديم آثار دستياب ٿيا آهن. هڪ مخصوص شڪل واريون پٽل جون ميخون، جيڪي ايران جي انهن "وحشي" قومن جي هڪ خاص ڪاريگريءَ جون شيون آهن، جيڪي موئن جي دڙي ۽ چانهو دڙي مان لڌيون ويون آهن، سي اتان جي انهن ٿورين ڏاهيل شين ۾ شامل آهن، جن لاءِ اسان کي معلوم آهي تہ "سنڌو" لوڪ[39] انهن کي ڏيساور کان درآمد ڪندا هئا. ترڪستان جي شهر انائو مان متيءَ جي ڏهيل گاڏيءَ جو هڪ نمونو لڌو ويو آهي، جيڪو هڑاپا ۽ چانهو دڙي وارين گاڏين جو هوبهو نمونو هو. جيڪا ڳالهہ انهن جي قريبي تعلقات ڏانهن اشارو ڪري ٿي. هيءَ ڳالهہ اهميت جي ٿي سگهي ٿي تہ انائو مان مليل ٽامي جي شين ۽ موئن جي دڙي مان لڌل ڪن ٽامي وارين شين جي تجزيي مان ظاهر ٿيو تہ بنهي حالتن ۾ ڏاتوءَ ۾ مليل سينڪئي جو فيصد حصو ساڳيو ئي هو.[40]

ائين پيو معلوم ٿئي تہ سنڌو لوڪن پنهنجي گهٽين ئي پسگردائيءَ وارين آبادين کي مال جي ڏي وٺ ڪرڻ لاءِ سهولت وارن مرڪزن طور منتخب ڪيو هو. خواهہ انهن ۾ ڪهڙي بہ مال جي ڏي وٺ عمل ۾ ايندي هئي. امڪان آهي تہ علي مراد الهندي طرف کيرٿر جبلن جي قطار مٿان ويندڙ مکيہ شاهراهہ تي هڪ قلع بند ڪاروانسراءَ هو. ڪوٽلا نِهنگ خان (روپار)، لورالائي ۾ دبر ڪوٽ، جهالاوان ۾ ميهي ۽ مڪران ۾ ستڪاگين دوڙ سيئي بظاهر انهن شاهراهن جي اهڙن مرڪزي نقطن تي بيٺل آهن، جن تان واپار هلندڙ هو. هن باري ۾ ڪو شڪ ئي ڪونهي تہ "سنڌو"[41] واري زماني ۾ ستڪاگين دوڙ تائين سمنڊ رستي پهچي سگهبو هو. ٿي سگهي ٿو تہ اهو شهر سمر ۽ ڪليءَ جي درميان واپار هلائڻ لاءِ بندر طور ئي وجود ۾ آيو هجي، پر ان جون پيچيده قلع بنديون سنڌو لوڪن جهڙيون آهن. ۽ اها تبديلي شايد انهيءَ دور جي نشاندهي ڪري ٿي، جڏهن اها جاءِ موئن جي دڙي ۽ 'اُر' جي درميان زمين کان ويندڙ تجارتي شاهراهہ جي درجي کان ڦري، ساموندي واپار جي شاهراهہ جي حيثيت اختيار ڪري رهي هئي، جو ان تي انهيءَ تبديليءَ جي دوران قبضو ڪيو ويو.*

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نوٽ/ حوالا

(1) موئن جي دڙي مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌو "سلطنت" جا بہ گاديءَ وارا شهر هئا، جن مان ٻيو هڙاپا هو. پر هن ڪتاب جو بنيادي طور واسطو سنڌوءَ جي هينئين حصي واري صوبي سان آهي، جنهن تي موئن جي دڙي مان حڪومت ڪئي ويندي هئي.
(1_الف) آمريءَ لاءِ حوالو جي_ايم_ مئسل "فرئليس ڊي آمري"، پئرس، 1964ع.

(2) حوالو هن سلسلي جو پهريون ڪتاب (سنڌ، هڪ عام واقفيت) صفحا، 97_98، نوٽ، 72_اي.

(3) ڊاڪٽر اي. مئڪي، "آڪاٽيون سنڌو تهذيبون" ليوزئڪ ائنڊ ڪمپني، ٻيو ڇاپو (1948ع) صفحا. 122، 149، 155.

(4) سر مارٽيمر وهيلر، "سنڌو ماڻريءَ ۾ ان جي پريان جون تهذيبون"، ٽامس ائنڊ هنڊسن، (1966ع) ص_70.

(5) سر ڪلاڊ انگليس، "دريائن ۾ واهن جي هلت ۾ ضابطو" (پونا 1949ع) ص_172.

(6) ايڇ. ٽي. لئمبرڪ، "سر چارلس نيپئر ائنڊ سنڌ"، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس. (1952ع)، صفحا. 316_318.

(7) گذريل ڪجهه سالن کان هيءُ خيال ڪيو ٻيو وڃي تہ سنڌو نديءَ کي، جي هاڻي چگڙيءَ طرح سان قبضي ۾ ڪيو ويو آهي، تہ آئينده لاءِ فقط ان جي پاڻيءَ جي ورڇ جي سلسلي ۾ پيدا ٿيندڙ ڏيلي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ دائمي طور نظرداري رکڻ جي ضرورت آهي ۽ اهو خيال سنڌ ۾ ملازمت ڪندڙ فني عملي جو پڻ آهي. ان هوندي بہ انهيءَ خيال کي سنڌو نديءَ تي مستند عالم، سر ڪلاڊ انگلس، جي رکارڊ ڪيل قطعي چتاءَ جي روشنيءَ ۾ خطرناڪ حد تائين خوش فهمي ۽ دلجمعي سمجهڻ گهرجي. (بحواله "دريائن ۾ واهن جي چال ۽ ضابطو" صفحہ (204 کان 207).

(8) سنڌو نديءَ جي چال متعلق سان جي جمع ٿيل ڄاڻ جي روشنيءَ ۾ اسين هن اندزي ڪرڻ ۾ حق بجانب ٿيندا سون تہ نديءَ ويجهڙائيءَ ۾ ڪئي پنهنجو اهو وهڪرو قائم ڪيو هو، جڏهن ان جي آسپاس ۾ اهو شهر وسايو ويو هو.

(9) انهيءَ علائقي جو سر ٽي. ايڇ. هولڊچ طرفان سندس ڪتاب "دي انڊين بارڊر لئنڊ"، ميٿيون (1901ع)، ص، 9_107 ۾ تمام سٺي نموني ۾ بيان ڪيو ويو آهي. جي. پي. ٽيٽ "دي فرنٽيئرس آف بلوچستان"، ودربي، لنڊن، 1909ع، ص. 112_118، ايڇ. ڊبليو. ييليو. "فرام دي انڊس تو دي تائيگرس"، ٽروبنر، لنڊن، 1874ع، ص. 241_ 7_245.

(10) وي. گارڊن چائلڊ "نيو لائيٽ آن دي موسٽ اينشنٽ ايسٽ"، روٽليج ائنڊ ڪيگان پل، چوٿون ڇاپو (1958ع)، باب 7 "دي اربن ريوولوشن ان ميسوپوٽيميا"، خاص طرح ص. 29_128.

(11) اي. مئڪي، ص. 31 جي سامهون.

(12) شايد اها نوجوان عورت، جنهن جي کوپڙي چنهو دڙي مان ملي هئي، ساڳئي قسم جي نسل سان واسطو رکندڙ هئي. اي. مئڪي ص. 54_153 تائين.

(13) پي. بي. شيليءَ جو نظم "اوزيمانڊياس".

(14) سر ايم. وهيلر، ص. 25.
(15) اي. مئڪي، ص 67، تصوير XVI شڪليون 4. اي، 4. بي، تصوي نمبر :XVII شڪل 5، ايس. پگٽ "پري- هستارک انڊيا" پينگئن جو چاپيل ڪتاب، (1950ع) ص. 183، تصوير 22، نمبر 6.
(16) ايم. وهيلر، "دي انڊس سوليزيشن"، ڪيمبرج (1953ع)، ص. 84_83.
(17) اي. مئڪي، تصوير XVII، شڪل 9.
(18) آر. برٽن، "سنڌ ائنڊ دي ريسز دٽ انهئبٽ دي لوئر وئلي آف دي انڊس" ڊبليو. ايڇ. ائليٽ (1851ع)، ص. 73_172 ۽ 198.
(19) اي مئڪي، ص. 11، پگٽ، ص 179.
(20) اي. مئڪي، ص. 125.
(21) ايس. پگٽ، سامهون صفحي. 70_ 169 جي ۽ شڪل 19، صفحو. 160.
(22) سمر ۽ آڪاد جا انهيءَ زماني جا حڪمران پنهنجن ويڙهو ماڻهن کي مٽي تي پائڻ وارن لوهن ٽوپن سان مسلح ڪندا هئا ۽ انهن جا حملي ڪرڻ جا هٿيار سنڌو لوڪن کان وڌيڪ سٺا ۽ اثرائتا هئا، سر ايل. وولي "دي ايڪس ڪئويشنس ائٽ آر"، اونيسٽ بين، پيو چاپو (1963ع)، ص. 89_88. تصوير 7، ص. 64، تصوير 13، ص. 96 جي سامهون.
(23) سر ايم. وهيلر " سوليزيشنس آف دي انڊس وئلي ائنڊبياند" (1966ع)، ص. 16_15 ۽ تصويرون 5_6.
(24) ايم. وهيلر "سوليزيشنس" (1953ع) ص. 28.
(25) سر ايم. سر وهيلر "سوليزيشنس آف انڊس وئلي ائنڊ بياند" ص.057 سنڌو تمدن واري زماني کان آڳاٽي دور جي تمدن جا آثار "ڪوٽ جا دفاعي تفصيل هيٺان" لڌا ويا هئا.
(26) ايضاً، ص. 33_30.
(27) هيءَ ڳالهه غير امڪاني معلوم نه ٿي ٿئي ته ڪانياواڙ ۾ گجرات واري انهيءَ ڏاکڻين صوبي لاءِ شايد ڪوٽيون گاديءَ وارو شهر به هو. جيڪڏهن ائين هو ته ان صورت ۾ لوٽل ٻين سيني کان انهيءَ مرتبي لاءِ وڌيڪ لائق معلوم ٿئي ٿو. حالانڪ ان کي ايڏا تائين انهيءَ حيثيت ۾ نه سڃاتو ويو آهي.
(28) مئڪي، ص 82_105. هن حقيقت کي، ته ڪپهه جو هڪ خود رو جهنگلي ٻوٽو "گوسيپيم استاڪ سائي" (Gossypium stocksii) سنڌ ۾ملي ٿو. هاڻي هن مسئلي سان ڪا وابستگي نه ٿي ڏٺي وڃي ته ڪپڙي اڻٽ لاءِ آڳاٽي زماني ۾ ڪپهه استعمال ڪئي ويندي هئي، هن باري ۾ نباتيات جي ماهرن جي راءِ بلڪل واضح آهي ته ڪپهه جي پوکيل ڪنهن به قسم جي جنس انهيءَ جهنگلي ٻوٽي مان حاصل ٿيل ناهي، "گزيٽيئر آف دي پراونس آف سنڌ"، 1907ع ص. 33، سي. ايف. سر جارج وات، "دي وائيلڊ ائنڊ ڪلٽيويٽيڊ ڪاٽن پلانٽس آف دي ورلڊ" (لانگمئنس 1907ع)، ص 60_59، 63، 74_73.
(29) اهڙي اوزار جي موجودگيءَ بابت سنڌو وارن شهرن جي آثارن مان ڪابه سٺي شهادت ايڏا تائين دستياب ڪانه ٿي آهي. جن شين جي متعلق مئڪي ائين

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سمجهيو هوتو اهي هيرن جون چونيون هوندیون، سي اهڙا تہ بي ڏينگا ۾ ڳرا آهن جو اهي گُڏ ڪيڻ يا هر ڏيڻ وارا اوزار ٿي ئي نہ ٿا سگهن. (مئڪي، حوالو ڏنل ڪتاب جي ص. 132 جي سامهون، سي. ايف. وهيلر. "دي انڊس سوليزيشن" 1953ع، ص. 57). العبيد ۽ ڪمر آندل سخت پٿر مان ٺهيل چونين تي غور ڪريو تہ اهي ڪهڙي نہ سهڻي نموني سان ٺاهيون ويون آهن. (وولي، حوالي ڏنل ڪتاب جي ص 25 جي سامهون ڏنل شڪل 2).

(30) "گزيٽيئر آف سنڌ" ص. 27_226، 33_232.

(31) "سنڌ، اي جنرل انتروڊڪشن" ص. 8، 80_79.

(32) سشمر ۽ اٽيل ڪيڑن لاءِ، حوالو "اُر ايڪس ڪئويشن ٽيڪسٽس III" (اُر جي ٿئين گهراٽي جا ڪارواري دستاويز)، چاپو ليئون لنگرين، ٽيڪسٽس 23، 1503_1404 وغيره ڪان 1780 تائين. سي ايف. آر. ڪئمپبيل ٽامپس جي "اي ڊڪشنري آف اسيرين باٽني" 1949ع، ص. 113. سيناچيرب جي اعلان لاءِ حوالي، ڪنگ، "ڪيونيفارم ٽيڪسٽس فرام بائبيلونين ٽئبليٽس" وغيره، XXX ,vii 56 ۽ "پروسيڊنگس آف دي سوسائٽي آف ببليڪل آرڪيالاجي" 1909ع، ص. 341، سميريا جي (شايد) سنڌ مان درآمادات لاءِ حوالو يو. اي. ٽي III ٽيڪسٽس 430، 818، 1368، 1498 وغيره.

(33) گورڊن چائيلڊ، حوالو ڏنل ڪتاب جي ص. 17 جي سامهون.

(34) ايس. پگٽ، حوالو ڏنل ڪتاب جي صفحن. 75_174 جي سامهون. سي. ايف. گورڊن. چائيلڊ، حوالو ڏنل ڪتاب جي ص. 177 جي سامهون سون پڻ شايد ڏکڻ هندستان کان حاصل ڪيو ويندو هوندو.

(35) سي. ايف. گورڊن. چائيلڊ، حوالو ڏنل ڪتاب جي ص. 169 جي سامهون

(36) سر ايل. وولي، حوالو ڏنل ڪتاب ص. 112 جي سامهون اي. مئڪي حوالو ڏنل ڪتاب جي ص. 146 جي سامهون.

(37) ايس. پگٽ، حوالو ڏنل ڪتاب جي ص. 17_116، 8_207 ۽ شڪل، 10_ (ص. 111) جي سامهون.

(38) سي. ايف. گورڊن. چائيلڊ، حوالو ڏنل ڪتاب جي ص. 70_169 جي سامهون.

(39) ايس. پگٽ، ص. 210.

(40) ايس. پگٽ، حوالي ڏنل ڪتاب جو ص. 209 سيئ ايفئ گپرڊم چائيلڊ جي حوالي ڏنل ڪتاب جي ص. 177 جي سامهون.

(41) ايس. پگٽ، حوالو ڏنل ڪتاب جي ص 118 جي سامهون ڏيلس "هڙاپن آئوٽ پوسٽس آن دي مڪران ڪوسٽ" جي "ائنٽي ڪشٽي" XXXVI (1962ع)، جو صفحو. 86.

(هي مضمون ڪتاب "سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ" صفحو 1 کان 34 تان کنيل آهي).

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ياڳي يائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سنڌو تهذيب جو عروج ۽ زوال

ايچ ٽي لئمبرڪ

سنڌو لوڪن ۾ ميسوپوٽيميا جي ماڻهن جي درميان عظيم بادشاهه سارگن جي دور تائين، جيڪو سال 2380 ق. م ڌاري سُمر ۾ آڪاد، ٻنهي جو حڪمران هو، تجارتي تعلقات گهاتا ۾ باقاعده طور قائم ٿي چڪا هئا ۾ هن کان پوءِ سندس جانشينن جي زماني ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ صديءَ تائين ساڳيءَ طرح هلندا رهيا. قديم آثارن جون اڪثر شيون، جيڪي هيلتائين "ٻن دريائن واري" ملڪ مان لڌيون آهن ۾ جيڪي سنڌو تهذيب سان واسطو رکي سگهن ٿيون. اُر، ڪش ۾ تل آسمار جي آثار قديم جي انهيءَ مٿي ذڪر ڪيل دور وارن تهن مان مليون آهن. انهن شين ۾ اڪريل مهرون بہ شامل آهن، جن تي "سنڌو" دور جي مخصوص جانورن جون شبيهون نڪتل آهن ۾ انهن منجهان ڪن مهرن تي تہ سنڌو لوڪن جي "خط" ۾ ڪي لکتون بہ ڏنل آهن. سُمر ۾ تل آسمار وت، سارگن بادشاهه جي دور وارن ذخيرن ۾ سنڌو

لوڪن جي موتين جا داڻا يا مڻڪا، هڏن تي مخصوص گلڪاري ۽ "مُنئي وارا ٺڪر" جا برتن. انهن سيني شين مان انتهائي حيرت انگيز ۽ دلچسپ شيءِ، جيڪا لڏي آهي، سا آهي نرم چيڪي مٽيءَ جي ٺهيل مهر، جنهن جي پُٺ تي کهري ڪپڙي جو نشان يا ٽپو صاف لڀل هو. هيءَ حقيقت پڻ اهميت واري آهي ته ڪي مهرون، جن تي سنڌو لوڪن جي خصوصي علامتي نشانن جا ڇاپا لڀل آهن، تن جي صورت نول وانگر گول ۽ ڊگهي آهي. مهرن جو اهو نمونو خاص ميسوپوٽيميا وارن وٽ رائج هو ۽ ٻئي طرف وري خاص "سنڌو" شڪل جي هڪ مهر تي سميريا وارن جي مخصوص مخروطي [1] اکرن ۾ ڪجهه تحرير موجود آهي. اسان کي يقين رکڻ گهرجي ته اهي شيون سميريا جي ڪاريگرن سنڌو لوڪن جي ڪن اهڙن واپارين جي آرڊر تي ٺاهيون هونديون، جيڪي هڪ باقاعده طور ڪم ڪندڙ درآمدي برآمدي اداري جي گماشتن ۽ منتظمين جي حيثيت ۾ انهيءَ ملڪ ۾ مقرر ٿيل هئا.

انهيءَ حقيقت جي ثبوت جو دارومدار ته اهو سمورو واپار ان دؤر ۾ سمنڊ رستي ۽ بن سرزمين جي وچ ۾ سڌيءَ طرح هلندڙ هو. گهٽي ڳاڻي هڪ اهڙي ملڪ جي سجاڻپ تي آهي، جنهن کي "سنڌو سلطنت" جي هڪ سامونڊي ساحلي صوبي جي حيثيت سان قبولي سگهجي ٿو. جنهن جي سميريا جي قديم تحريرن ۾ "ميلوها" جي نالي سان بار بار ذڪر ٿيل آهي. هن سلسلي ۾ ان دؤر جو هڪ اهڙو ڪتبو موجود آهي، جنهن ۾ سارگن بادشاهه وڏي فخر سان اعلان ڪري ٿو ته:

"ميلوها، مَڪن ۽ دلِمُن کان آيل يا اوڏانهن وڃڻ وارا سامونڊي جهاز سندس گاديءَ واري شهر اڳيد جي ٻاهران واقع بندرگاهه ۾ لنگرانداز آهن."

پهرين نگاهه ۾ ئي انهيءَ بيان مان جيڪو هڪ ئي صحيح نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو، سو اهو آهي ته اهي ڪي ڏورانهان ملڪ هئا. اهي تفصيل، جن مان انهن کي اعتماد جي حد تائين شناخت ڪري سگهي ٿو، سي سارگن جي زماني کان بعد وارن سالن جي وڏي تعداد ۾ هٿ آيل تحريرن ۾ موجود آهن، تنهن ڪري انهيءَ سڃي مسئلي تي هن قياس جي آڌار تي تاريخوار سلسلي سان وڏيءَ آساني ءَ سان غور ڪري سگهجي ٿو ته ميلوها هينئين سنڌو ملڪ يعني سنڌ سان تعلق رکي ٿو. [2]

مٿي ذڪر ڪيل سارگن بادشاهه جي دور واريءَ تحرير سان اهو واضح

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نڪو ٿئي ته مذڪوره جهاز ميسوپوٽيميا جا هئا يا ميلها ۾ ٻين ملڪن جا هئا. امڪان اهو آهي ته سمنڊ رستي واپار جي شروعات سمر کان ٿي. انهيءَ ملڪ جا ماڻهو ئي قديم دنيا جا سڀني کان آڳاٽا سامونڊي ملاح معلوم ٿين ٿا. ايريڊو (Eridu) نالي شهر، جيڪو سميريا جي سڀني شهرن کان وڌيڪ قديم سمجهيو ويڄي ٿو تنهن جي هڪ قبر مان، جيڪا ويجهي عبيد دؤر جي يعني اٽڪل 4000 ق. م. جي آهي، هڪ بادباني ٻيڙيءَ جو نمونو هٿ آيو آهي. جيڪو ڪافي ترقي يافته ۽ مضبوط صورت جو ۽ وڏن سمنڊن جي هلڻ لائق آهي. ان کان علاوي اُر دور جي قريبي سالن جون تحريرون ملاحن ۽ جهازن جي بيانن ۽ حوالن سان ڀريون ڀيون آهن. انهن ۾ سڌ جي ڪپڙي جو ذڪر آهي. ايتري قدر جو اسان کي ملاحن[3] جي جماعتن جا نالا به معلوم ٿيا آهن، گنتي وحشين جي حملي جي نتيجي ۾ سارگن گهراٽي جي بادشاهيءَ جي خاتمي کان ڪجهه سال پوءِ، انهن جي ليڳاش صوبي جي هڪ گورنر، جنهن جو نالو 'گُڊيا' هو. قيمتي سامان آڻڻ لاءِ پنهنجا جهاز ڏورانهن ملڪن ڏانهن موڪليا، ته جيئن انهيءَ سامان سان اي ني ٽُو جي تباهه ٿيل مندر کي ٻيهر تعمير ڪيو ويڄي.

اسان کي هن ڳالهه لاءِ شڪرگذار هئڻ گهرجي جو گڊيا کي پنهنجي شان ۽ وقار رکڻ جو ڏاڍو خيال هو ۽ هن فيصلو ڪيو هو ته ايندڙ زماني جي ماڻهن کي سندس ڪارنامن کي نظرانداز ڪرڻ لاءِ ڪو بهانو نه ملي. هن پنهنجي پٽيان ڪيئي پنهنجا بت ڇڏيا، جن تي تحريرون اڪريل هيون ۽ انهن کان علاوه هن ڪيئي ڊگهيون تحريرون ڇڏيون، جن ۾ هن پنهنجين ڪارگذارين جا تفصيلوار بيان ڏنا آهن. اهڙين تحريرن منجهان هڪ گول ۽ ڊگهي ٻيلپائي تي اڪريل تحرير ۾ ديوتا 'اينيٽُو' کي هيئن اعلان ڪندي ڄاڻايو ويو آهي ته، سندس (بحال ٿيل) مندر جي نالي جو پڙاڏو "آسمان جي هڪ ڇيڙي کان وٺي ٻئي ڇيڙي تائين ٻڌڻ ۾ ايندو ۽ ماڳان ۽ ميلها[4] کان به پوڄارين کي اڇڻ تي مجبور ڪندو." اهڙيءَ طرح، اسان کي وري به اهوئي قياس ڪرڻو پوي ٿو ته اهي ملڪ ليڳاش جي رهاڪوءَ لاءِ، انهيءَ وقت جي معلوم دنيا جي انتهائي ڏورانهن ملڪن منجهان هئا. ٽن ٻين سرزمينن جو ذڪر به ان تحرير ۾ ڪيل آهي. جن جا نالا ڪيماش، گوٻن ۽ دِلمُن آهن. ڪيماش سان، جيڪو ٽامي ۽ بظاهر سون جو پڻ برآمدي هنڌ هو، سو اتر

الهندي اسيريا ۾ واقع ڪردستان جو شهر هو ۽ ان سان اسان جو هتي ڪو واسطو ڪونهي، هيءَ ڳالهه قابل غور آهي ته مال جا گهٽي کان گهٽا نمونا ميلوها کان ايندا هئا. Cornelian يا Porphyry سون جو پورو "اوشو" نالي مشهور ڪاٺ سميت ڪاٺ جا ٻيا سڀ قسم ۽ سچا موتي اتان ايندا هئا. ماگان نالي ملڪ پڻ عمارتي ڪاٺ مهيا ڪندو هو ۽ اهو قيمتي پٿر پڻ اتان آيو هو. جنهن مان خود گڏيا جو پنهنجو مجسمو اڪيري ناهيو ويو هو ۽ گوئن مان ڪاٺ جي هڪ ٻي جنس ايندي هئي، جيڪا پڻ اُڪر جي ڪم لاءِ موزون هوندي هئي.

گُڏيا اسان کي ٻڌائي ٿو ته، ميلوها ۽ ٻين ملڪن کان حاصل ڪيل ڪاٺ جهازن تي چاڑهيو ويندو هو ۽ ان طرح ليگاش[5] پهچندو هو. ڪاٺ کي جهازن ذريعي آڻڻ جي ذڪر مان شايد هن کان سواءِ ٻيو مطلب نه هجي ته اهڙيءَ طرح سان پريل جهاز ميلوها، ماگان ۽ گوئن مان پرجي دلمن جي رتي ميسوپوٽيميا پهچندا هئا، جيڪو بندر شايد بحرين هو. جيڪو پاڻ عمارتي ڪاٺ جو ذريعو ڪونه هو. سُميريا جي هڪ اشلوڪ ۾، جيڪو ڪريمر نقل ڪيو آهي، جن شين لاءِ ميلوها مشهور هو، سي هيون "قيمتي پٿر" برآمد ڪندو هو ۽ "ساموندي، زمين" وري "آبنوس.... جيڪو بادشاهن جو زيور آهي." برآمد ڪندي هئي، ٻين تحريرن ۾ ڄاڻايل آهي ته ميلوها کان جيڪي شيون حاصل ڪيون ويندیون هيون تن ۾ سون، عاج، ۽ عاج مان ٺهيل يا عاج جي گلڪاريءَ واريون شيون جهڙوڪ عاج مان تراشيل "ميلوها پکي"، ڦٽيون. آئينا، دٻليون ۽ سرايون شامل هيون اسان کي هڪ قيمتي پٿر مان تراشيل هڪ پولڙي، ڪنهن املهه ڪاٺ مان ٺاهيل پيالي ۽ هڪٻئي قيمتي ڪاٺ مان گهڙي ٺاهيل مناري بابت پڻ ٻڌايو ويو آهي.

هيءَ ڳالهه ذري گهٽ يقيني آهي ته "اوشو" ڪاٺ شيشم جو ڪاٺ ئي آهي، جنهن بابت اسان کي معلوم آهي ته اهو پهرين[6] صدي عيسويءَ جي دوران هندستان کان جهازن ۾ چاڑهي ايراني نار وارن ملڪن ڏانهن روانو ڪيو ويندو هو. شيشم جو وڻ ڪرمان جي ڪن حصن، مڪران، جهالاوان ۽ ان کان ٻه وڌيڪ اتر ۾ مقامي طور پوکيو آهي ۽ جيتوڻيڪ ان جي اپر سنڌ ۾ اڃڪلهه جي موجودگيءَ کي، گذريل ٻن يا ٽن صدين کان وٺي باقاعده طور پوکڻ جو نتيجو سمجهيو ويڃي ٿو، ان جي باوجود ممڪن ٿي سگهي ٿو ته اهو

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

وڻ شايد سنڌ جي انهيءَ حصي جي قدرتي خودرو وڻن مان هڪ هجي، جيئن اهو الهندي پنجاب جي خودرو وڻن ۾ يقيني طور شامل هو.

ڊاڪٽر ميلووان ماگان يا ماڪان واري ملڪ جي نشاندهي فارس ۽ ڪرمان ۾ ميلوها جي انهن ايراضين جي هڪدم اپرندي پاسي يعني مڪران ۾ ڪري ٿو. هن جو دليل اهو آهي ته ٽامون، جنهن لاءِ ماڪان يا "ڪاٽين جو ملڪ" مشهور هو، سو زاگروس جبلن مان ڪڍيو ويندو هو. پر ليمئنس ٻڌايو آهي ته ڏکڻ ميسوپوٽيميا ۾ سارگن بادشاهن جي دور کان پوءِ وارن قديم عجائبات ۾ جيڪو ٽامون ڪم آندل آهي، اهڙي ساخت ڏيکاري ٿو جيڪا اومان جي قديم ڪاٽين مان نڪتل ٽامي جي ساخت سان مطابقت رکي ٿي ۽ هو پروفيسر ايلرس جي هن راءِ کي پسند ڪري ٿو ته جنهن ملڪ کي سميريا وارا ماڪان نالي سان سڃاڻيندا هئا، سو ايراني نار جي سوڙهي سمنڊ جي ايراني يا عربي ڪناري مان ڪنهن به هڪ طرف هو ۽ ان جو نالو جديد "مڪران" جي نالي ۾ اڄ به موجود آهي.

مون کي مئلوون جي راءِ کان هيءَ سڃاڻپ وڌيڪ امڪاني نظر اچي ٿي. ٻئي طرف وري "پيريپلس" ان کي ٽيڪو ڏيندڙ ثابتي مهيا ڪري ٿو. ڇاڪاڻ ته انهيءَ ڪتاب جو مصنف جنهن ڏيساور کي "اومان" طور سڃاڻندو هو، سو نار[7] جي ايران واري ڪناري تي واقع هو. ان کان علاوه، انهيءَ انتظام جو هڪ آخري هلڪو نشان سن 1960ع تائين هن ڳالهه ۾ باقي رهندو آيو ته مڪران جو شهر گوادر انهيءَ سال کان اڳي عربستان رياست مسقط جي ماتحت هو. پوءِ انهيءَ قياس مان ته ماگان يا ماڪلان نالي وارو ملڪ مڪران هو، هيءَ يقيني نتيجو نڪري ٿو ته، ميلوها نالي وارو ملڪ سنڌ ئي هو. جنهن ۾ شايد لسٻيلو به شامل هو. هيءَ ڳالهه يقين جي حد تائين نه ٿي ڪري سگهجي ته سميريا جا ماڻهو جيڪي شيون ميلوها کان گهرائيندا هئا، سي سڀ جون سڀ ڪي سنڌ جي قدرتي پيداوار هيون. ممڪن آهي ته اوشو يا سيسو ۽ ٻين قسمن جو ڪاٺ همالياه جي دامن وارن جبلن کان سنڌو نديءَ رستي هيٺ موڪليو ويندو هوندو. هڪڙي تحرير مطابق، هڪ ٻي شيءِ، جيڪا ميلوها کان گهرائي ويندي هئي، سا هئي "ساموندي- ڪاٺ".

آڳ نٿو سمجهان ته هن باري ۾ ڪو گهٽو شڪ ٿي سگهندو ته ان جو

مطلب Mangrove سان آهي، سنڌ ۾ ان جا جيڪي نمونا "تمر" ۽ "چؤري"[8] جي نالن سان سڃاتا ويڃن ٿا، تن مان سخت ڪاٺ ملندو آهي ۽ اهو ٻيڙين جي "گوڏن" ۽ تاکين ٺاهڻ جي ڪم ايندو آهي، مئنگرووز جا جهنگ سنڌو نديءَ جي ڪيٽيءَ وارين سامونڊي کارين ۽ ڪراچي بندر ۾ عام ڦهليل آهن ۽ اهڙيءَ ئي گهٽائيءَ سان لسٻيلي جي ڪناري تي ميانٽي هوڙ ۽ ڪلمت هوڙ ۾ ڦهليا پيا آهن.

جيڪڏهن ماگان جي معنيٰ مڪران ۽ ميلوها جو مطلب سنڌ ۽ لسٻيلو آهي، تہ پوءِ "سامونڊي ملڪ" جتان سميريا وارا آبنوس جو ڪاٺ حاصل ڪندا هئا، ڪهڙو ملڪ آهي؟ منهنجو خيال آهي تہ اهو "سنڌو سلطنت" جو ڏاکڻون صوبو يعني گجرات هو. آبنوس جو ڪاٺ گازا (پڙ ويڃ، جيڪو "سنڌو دؤر" واري لڌل قديم سيهگام شهر جي ويجهو آهي) کان پهرين صدي عيسويءَ ۾ ايراني نار رستي جهازن وسيلي موڪليو ويندو هو. انهيءَ سرزمين ۽ ان جي پاسي وارن ٻين هندستان جي صوبن ۾ جيڪا مقامي جنس پوکي ويندي آهي، سا "ڊيئوس پائروس ميلان آڪسيلان (Diospyros Melanoxylon) آهي، جنهن مان ڪارو منڊل، آبنوس[9] جي نالي وارو آرائشي ڪاٺ ملندو آهي. اهو ڏاڍو چمڪندو آهي ۽ ان کي سميريا وارن جي اشلوڪ ۾ بادشاهن جو زيور" سڏيو ويو آهي، تنهن جو اهو بلڪل لائق آهي. باقي رهيل ڏورانهون ملڪ، جنهن سان گُڊيا واپار ڪندو هو يعني گوئن، سو شايد جديد ڪچ يا سوارشٽر ٿي سگهي ٿو.

سُمر وارن جي ايراني نار جي ڏکڻ وارن ملڪن سان هليل واپار جي سلسلي ۾ دلمن نالي هڪ ملڪ جو ذڪر اڳيئي اچي چڪو آهي. اسان وٽ انهيءَ ملڪ جي جهازن بابت هڪ ڪتبي، ۾ جنهن لاءِ خيال آهي تہ اهو 2450 سال ق. م. جو آهي، بلڪل واضح حوالو موجود آهي. سميريا جي شهري رياست ليگاش جي گورنر، آرنان شي، جنهن جو سارگن گهراٽي جي بادشاهن جي زماني کان اڳي ڏاڍو زور هو، پٿر جي هڪ تختيءَ تي هيءَ ڳالهہ اکرائي ڇڏي تہ دلمن جا جهاز دور دراز ملڪن کان ڏانهنس عمارتي ڪاٺ ڪٽي پهچائيندا آهن. هن جي دعويٰ هئي تہ اهو ڪاٺ ڏانهنس موڪليل ڏن هو. اٽڪل ٽي صديون پوءِ، ار جي ٽئين گهراٽي جي بانيءَ اُر- ناموءَ طرفان نصب ڪرايل هڪ شاهي ڪتبي ۾ ماگان جي جهازن جو حوالو ڏنل آهي.

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

بادشاهه جي طرفان ماڳان ڏانهن جهازن جي "بحاليءَ" جي اصلي معنيٰ واضح ناهي. پر اسان کي سميريا جي انهيءَ دؤر جي گهڻين ئي تحريرن مان اهو ضرور معلوم آهي ته اها صدي، جنهن جي دوران ۾ "اُر" ۾ ٽئين گهراٽي جي بادشاهن جي حڪومت قائم هئي.[10] ان ۾ ماڳانءِ ميلوها نالي وارن ملڪن سان سندن تمام گهڻو ۽ تکو واپار هلندڙ هو. هيءَ ڳالهه قابل غور آهي ته جنهن اشلوڪ ۾ دلمن تي برڪتن نازل ڪرڻ جي التجا ڪيل آهي، جنهن جو حوالو اسان اڳيئي ڏيئي چڪا آهيون، تنهن ۾ ميلوها نالي واري ملڪ کي التجا ڪيل آهي ته، اهو انهيءَ ملڪ لاءِ پنهنجي "سيسو" ڪاٺ کان علاوه "خلاصي" موڪلي. ساڳيءَ طرح "ار جي عبادتگاهه" وٽان به خاصين سان گڏ اناج، ترن جي تيل ۽ شاندار پوشاڪن جي گهر ڪئي ويئي آهي.[11]

سامونڊي سفر جي لائق ٻيڙين متعلق جيڪا پهرين پڪي ثابتي سنڌو تهذيب جي زير اقتدار ڪنهن علاقي مان ظاهر ٿي آهي، سا لوٿل مان هٿ لڳي، جيڪو شهر هاڻي ڪئمبي جي نار کان پري هٿيل آهي ۽ جيڪو انهيءَ ملڪ ۾ آهي، جنهن لاءِ مون اهو رايو پيش ڪيو آهي ته انهيءَ ملڪ کي سميريا وارا "سمنڊ وارو ملڪ" جي نالي سان سڃاڻيندا هئا. انهيءَ هنڌ تي هڪ وڏي گودي يا تانگهي پاڻيءَ واري ڪاري هئي، جنهن جو ڪنارو بٽن ۾ پڪل سرن سان ٺهيل هو ۽ جنهن جي ڊيگهه 710 فوٽ ۽ ويڪر 120 فوٽ هئي. انهيءَ ۾ جهاز فقط وڏيءَ وير مهل هڪ اهڙي رستي کان داخل ٿي سگهندا هئا، جيڪو ان جي اپرندي طرف ٽيويهه فوٽ ويڪرو هو ۽ جتي "پاڻيءَ جي روڪڙ واري پٽ وڃي چائنٽ جي اڳيان ڏنل ٻنوڙي جهڙي ٿي آهي ۽ جيڪا وير جي هر حالت دوران گوديءَ ۾ پاڻيءَ جي موزون سطح کي روڪي سهگي ٿي." پاڻيءَ جي سطح کي هڪ دروازي ۽ چنبڙ جي ذريعي وڏيڪ هيٺ ۾ ڪري سگهبو هو. ظاهر آهي ته جهازن ۾ مال چاڙهڻ يا انهن مان مال لاهڻ جو ڪم گوديءَ جي الهندي پاسي ٺهيل هڪ وڏي ٽلهي يا گهاٽ تان ڪيو ويندو هو. انهيءَ هنڌ تي ٺهيل لنگر ۽ بنيادن جا نشان ڏيکارين ٿا ته اتي ڪي 'گدام' هئا يا اهڙو ڪو اجهو هو، جنهن جي هيٺيان مال رکيو ويندو هو.

سامونڊي سرگرمين جي وڏيڪ ثابتي، لوٿل ۾ لڌل سامونڊي جانورن ۽

ٻيڙين جي تصويرن جي صورت ۾ ٻه ملي آهي، جيڪي لنگرن، برتنن جي ٽڪرن ۽ بادباني ڪشتيءَ جي ڳاڙهي مٽيءَ مان ٺاهيل هڪ نموني تي رنگ ۽ روغن سان نڪتل آهن. معلوم ٿئي ٿو تہ بندر جي گودي شهر جي زندگيءَ جي ٻئي دور ۾ تعمير ڪئي ويئي هئي ۽ اها چوٿين دور تائين استعمال ۾ ايندي رهي.[12] اهو سڄو دور اٽڪل روءِ 2100 سال قبل مسيح کان وٺي 1800 ق. م تائين، يعني تہ سمير جي تاريخ جي لحاظ کان ٽئين گهراٽي جي سڄي دور ۾ ۽ ان کان پوءِ آيل لارس گهراٽي جي زماني تائين، هليل معلوم ٿئي ٿو. جيئن اڳيئي ذڪر ڪيو ويو آهي، انهيءَ صديءَ جنهن ۾ "اُر" جي ٽئين گهراٽي ڏڪڻ ميسوپوٽيميا تي حڪمراني ڪئي، انهيءَ ملڪ ۽ سنڌو سلطنت جي درميان واپاري سرگرمين جو عروج ڏٺو. ميلوها جي پيداوار جو انهيءَ دور جي ڪاروباري تحريرن ۾ بار بار ذڪر ڪيل آهي ۽ اهو ذڪر نہ فقط ڪچي مال جي شين جو آهي، پر انهن چيزن جو بہ آهي، جيڪي انهن مان ٺاهيون ويندیون هيون. معلوم ٿئي ٿو تہ عاج مان تراشيل "ميلوها پکي" انهيءَ ملڪ ۾ ڏاڍا مقبول هئا ۽ اندازو اهو آهي تہ اهي پکي گهٽو ڪري مور هئا. اسان کي عاج جي هڪ جهنگلي ٻکريءَ ۽ انساني شبيهہ وارين پتلين، مرد خواهہ عورت، ٻنهي جنسن بابت پڻ ٻڌايو ويو آهي ۽ هڪ پولڙي جي بوتي جو ڏس پڻ مليو آهي، جيڪو ڪنهن ٻيءَ شيءِ مان ٺهيل هو. انهن تحريرن ۾ نہ فقط انتهائي قيمتي "سيسو" ڪاٺ جا حوالا موجود آهن، پر ساڳئي وقت ميلوها تامي، ميلوها آبنوس جو پڻ ذڪر ٿيل آهي، جنهن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ اهو ملڪ انهن شين جو پڻ واپار ڪندو هو.[13]

ان جي ابتڙ، آئسين ـ لارسا دور، جيڪو سال 2000 ق. م کان وٺي سال 1800 ق. م. تائين هليو، تنهن جي متعلق هن وقت تائين مليل اٽن سون کان بہ وڌيڪ ڪاروباري تحريرن مان ڪنهن هڪ ۾ بہ ميلوها يا ان جي مال جو ڪو سڌو سنئون حوالو نہ ٿو ملي. فقط هڪ تختيءَ ۾، جنهن جو لارسا گهراٽي جي ٽئين بادشاهہ، سومو ـ آئيلو، جي زماني سان تعلق آهي، اهڙين قيمتي شين جي فهرست لکيل آهي، جيڪي شايد اتان جون هجن، اهي شيون دلمن ڏانهن ڪيل هڪ ساموندي سفر تان واپسيءَ ۾ آنديون ويون هيون.[14] ۽ ننگال جي مندر ۾ ديويءَ جي آستان تي نذراني طور پيش ڪيون ويون هيون. انهيءَ ۽ ساڳئي قسم جي ٻين شهادتن مان، جن جي نوعيت

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

گهڻي قدر منفي آهي، هيءُ نتيجو ڪڍيو ويو آهي ته جتي سارگن بادشاهن جي زماني ۾ واپاري جهاز سُمر ۽ سنڌو سلطنت جي سامونڊي ڪناري وارن ملڪن جي درميان يڪو سفر ڪندا رهندا هئا، اتي ٽئين گهراٽي جي دور جا سميريا وارا واپاري جنهن انتهائي دور دراز ملڪ جو باقاعدي سفر ڪندا هئا. سو ماگان هو. ان کان پوءِ آئيسن_لارسا دؤر ۾ دلمن کان وڌيڪ پري ڪونہ ويندا هئا. ائين پيو نظر اچي ته انهيءَ شهر ترقي ڪري، هڪ اهڙي تجارتي مرڪز جي حيثيت اختيار ڪئي هئي، جو "سنڌو" ديس جا واپاري، ماگان وارا ۽ سميريا جا تاجر، جيڪي آئلڪ دلمن (يا جديد اصطلاح ۾ دلمن ورڪي) جي نالي سان مشهور هئا، انهن ملڪن جي ٺهيل مال جي ڏي وٺ لاءِ اتي وڃي گڏ ٿيندا هئا. ائين پيو پائنجي ته انهن ڏورانهين ڪاروباري سرگرمين لاءِ ئي هڪ خاص قسم جي مهر جو استعمال ڪرڻ شروع ڪيو ويو هو. جيڪا گول شڪل جي هئي، اهي مهرون هاٿي "ايراني نار واريون مهرون" سڏجڻ لڳيون آهن.[15] سميريا جي هڪ تختيءَ تي، جنهن تي هڪ لارسا واري واپاريءَ طرفان هڪ معاهدو لکيل آهي، جنهن موجب هن کي ڪنهن ڏورانهينءَ منزل ڏانهن سمنڊ رستي ڪڍڻ، تر ۽ پشم برآمد ڪرڻي هئي، انهن مهرن منجهان هڪ اهڙي مهر جو ٺپو لڳل آهي، جيڪا ذري گهٽ انهيءَ ساڳيءَ قسم جي مهر آهي، جنهن جو هڪ نمونو لوٿل مان مليو آهي. پر انهن گول مهرن جو تمام گهڻو تعداد بحرين ۽ فيلڪا نالي هڪ ٻيٽ مان دستياب ٿيو آهي، جيڪو ٻيٽ (ايراني) نار[16] جي منهن وٽ ٻيٺل هو. دلمن جي خوشحاليءَ ۽ آسودگيءَ ۽ ان جي وسيع علائقن ۾ ڦهليل واپار تي فخر ۽ ناز جي احساس جو اظهار انهيءَ اشلوڪ ۾ ڪيل آهيل، جنهن جو ذڪر اڳيئي ڪيل آهي. واپار جي انهيءَ طريقي مان سمر کي پڻ فائدو ٿيندڙ نظر اچي ٿو. دراصل وولييءَ جو اهو قول آهي ته رَمـ سِن جي زماني وارو اُر، جيتوڻيڪ تڏهن سمر جي حڪمران گهراٽي جي گاديءَ وارو هنڌ نہ رهيو هو. پر ان جي باوجود اهو "انهيءَ دؤر وارو شهر ٿي رهيو هو. پر سال 1783 ق. م. ڌاري رَم سِن جي ڊگهي حڪومت جو بابل جي بادشاهہ حمورابيءَ جي هٿان زبردست خونريزيءَ سان اوچتو خاتمو آندو ويو. جنهن هن کي شڪست ڏيئي قيدي بنايو سجو سمر پنهنجي ماتحت آندو ۽ "اُر" کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو. انهيءَ وقت کان وٺي، ڪيترين ئي صدين تائين،

ميسوپوٽيميا جي ڪنهن بہ تحرير يا ڪتبي ۾ ايراني نار رستي واپار جو ڪوبہ ذڪر نہ ٿو ملي. بابل وارن جو پنهنجو واپار اڳيئي ڪن ٻين ملڪن سان ٿيندڙ هو. جنهن ڪري انهن ڪنهن زماني جي سمر وارين انتهائي طاقتور شهري رياستن جي آسودگيءَ ۽ خوشحاليءَ جي بحاليءَ کي پاڻ لاءِ خطرناڪ سمجهيو هوندو.

۽ ايراني نار جي اورئين پاسي وارن ملڪن سان ار وارن جي سابق تجارتي تعلقات جو چا ٿيو؟ لوٿل ۾ مليل شهادت مان جيڪو هي اندازو ٿئي ٿو تہ اتان جي عظيم ساموندي گودي‌ءَ جو استعمال 1800 سال ق. م. ڪان جلدي پوءِ ختم ٿي ويو (ايراني) نار ڪان اورئين پاسي وارن ملڪن جي واپار جي اهڙي تباهيءَ ۽ تفرقي واري نظريي سان خوب ٽهڪي اچي ٿو. ار ڪان سواءِ دلمن بيڪار نظر ايندو هوندو.

بهرحال لوٿل محض هڪ ساموندي بندر ڪان علاوه ٻيو بہ ڪجهہ هو. ان کي پنهنجون صنعتون هيون، خصوصاً مٽڪن ٺاهڻ جون۔ اتان جو اهو ڪارخانو سنڌ ۾ چنهو دڙو جي هڪ ٻئي اهڙي ڪارخاني جي ياد تازي ڪري ٿو ۽ اهو شهر ذري گهٽ يقين جي حد تائين ضلعي يا صوبي جو مرڪزي شهر هو. چاڪاڻ تہ شهر جي نقشي ۾ "ڪوٽ" جي رٿا ۽ نشان پڻ شامل آهن. اها جاءِ سنڌو لوڪن طرفان فتح ٿيل ڪانہ هئي، بلڪ هنن ان جو پاڻ بنياد وڌو هو ۽ اتي موٿن جي دڙي ڪان. انتهائي سهنجي رستي جي حساب سان، (وچ وارن انتهائي دشوار گذار بيابانن ڪان پاسو ڪندي) شايد پنج سؤ ميل پري، اسان کي سنڌو تهذيب جي هڪ مخصوص شهر جهڙيون ڳالهيون ۽ اتان جي ماڻهن جي تمدن جو هوبهو نقل نظر اچي ٿو. ساڳين ئي سڌين گهٽين سان اهائي مستطيلي جوڙجڪ، معياري ڊيگهہ ۽ ويڪر واريون سرن جون جايون، پاٽي‌ءَ جي نيڪال لاءِ نالين جو ڄار، مقرر نموني جا اوزار ۽ هٿيار، مهرن وارا "تعويذ" جن تي ڏاڙ وائڙ "نڌو" جي جانورن جون شڪليون ۽ تحريرون اڪريل آهن، مخصوص شڪل شبيهہ ۽ چٽن وارا ٽڪر جا ٽانءَ ۽ "مٽئين شهر" ۾ هڪ اهڙي جاءِ، جيڪا اناج جي ذخيري ڪرڻ لاءِ گدام وانگر لڳي ٿي، وغيره. مطلب تہ اتي ڪابہ اهڙي ڳالهہ ڪانہ ڏٺي وئي آهي، جيڪا سنڌ يا پنجاب جي شين جي نمونن سان مطابقت نہ رکندڙ هجي.[17]

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اهائي تمدني ۾ فني يڪسانيت آهي، جنهن کي گهٽي وقت کان وڌي، سنڌو تهذيب کي ٻين کان نمايان ۽ جدا ڪندڙ انتهائي لاجواب خصوصيت طور تسليم ڪيو ويو آهي. ان جي باوجود جڏهن به ان جو ڪو نئون مثال سنڌو ماڻريءَ جي "بادشاهي شهر" کان دور ۽ ايجا به وڌيڪ دور واقع ڪنهن علائقي مان ملندو تڏهن اهو وري نئين سر آثارقديمہ جي ڳولائن لاءِ حيران ۽ متعجب ڪرڻ جو سامان مهيا ڪندو. ٽڪر جي ٽانون جي ساڳي شڪل، صورت ۽ مٽن نڪتل ساڳين چٽن ۽ تصويرن جو بار بار ۽ باقاعدگيءَ سان ايڏيءَ وڏيءَ ايراضيءَ ۾ ڦهليل شهرن مان لڌل، ماڻهوءَ جي دل ۾ الهندي يورپ ۾ "سامائين" برتنن جي وسيع ايراضيءَ ۾ دريافت جو خيال پيدا ڪري ٿو. پر ان مان هي نتيجو نڪو ڪڍي سگهجي ته سنڌوءَ جا ٽڪر وارا ٽانو خود سنڌو سلطنت ۾ شامل ٿيل علائقي ۾ تقسيم ڪرڻ جي غرض سان ڪو وڏي پيماني تي ٺاهيا ويندا هئا.

مٿڪي چوي ٿو ته: ٽڪر جي ٽانون جي جنس کي خيال ۾ آڻيندي، معلوم پيو ٿئي ته موئن جي دڙي ۽ هڙاپا جي ماڻهن ۾ تخليقي قوت جي انتهائي حد تائين ڪوتاهي ۽ ڪمي هئي.[18] پر حقيقت ۾ انهن وٽ تخليقي قوت جي شايد ايتريقدر ڪمي ڪانہ هئي، جيتري اها ڏيکائي ويندي هئي يا ڄاڻي ٻجهي ان جي حوصلہ شڪني ڪئي ويندي هئي. يعني ائين ڪٽي چئجي ته سنڌو لوڪن جي ماتحت ايراضين مان هر ايراضيءَ ۾، انهيءَ "صنعت" جي فن ۽ مهارت جي نظم ۽ ضبط جو ڪو مرڪزي ادارو باقائدگيءَ سان ڪم هلائيندو هو ۽ سڃيءَ "سلطنت" ۾ هڪ مرڪز تان ٽڪر جي ٽانون جي تقسيم نہ، بلڪ تربيت يافتہ ڪاريگرن جي تقسيم ٿيندي هئي. اهائي حالت تامي ۽ پتل جي اوزارن جي آهي. انهن اوزارن جا هر شهر ۾، جتان به اهي لڌا آهن، ساڳئي قسم ۽ ماپ جا نمونا ڪم ۾ آندل ڏٺا ويا آهن ۽ هر هنڌ انهن جي هڪ ئي مقرر نمونن جي حد بندي رائج ملي آهي. اوزارن جي ناهڻ جي فن ۾ انهيءَ حيرت انگيز ۽ عجيب هڪ جهڙائيءَ جا به ڪيئي مثال ڏيئي سگهجن ٿا. ان کان علاوه عام استعمال ۾ ايندڙ سيني قديم شين جي ساخت ۾ (هرن وارن "تعويذن" کان علاوه) فني ۽ حرفتي مهارت، پروفيسر پگٽ جي قول موجب: ڪڏهن به "ماهرانہ يڪرنگيءَ" کان مٿي نٿي پهچي. اهڙيءَ يڪسانيت جو سبب هن قياس

ڪرڻ سان نهايت آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي ٿو ته، "سنڌو سلطنت" جي دؤر ۾ سندن هر هڪ هنر ۽ فن جو نظام انهيءَ فن سان وابسته جماعت هلائيندي هئي.

ترڪيب ۽ فني طريقي ۾، زمان توڙي مڪان جي لحاظ کان، جمود ۽ قدامت پسنديءَ کي، عام طرح سان "سنڌو" وارن ملڪن جي هنرن لاءِ مخصوص سمجهيو ويو آهي. اهو هن طرح جو انهيءَ تهذيب جي زندگيءَ جي سڄي دؤر ۾، جيڪو هن وقت تائين کيل کوتائين مان ظاهر ٿيو آهي، ان جي ڪاريگرين ۽ هنرن ۾ ڪوبه قابل قدر واڌارو يا سڌارو ڪونه ٿيوآهي. گذريل چند سالن کان وٺي انهيءَ نظريي سان ڪجهه قدر اختلاف ڪيو ويو آهي. پر اِهو اُنهن خصوصيتن جي وڌيءَ اڪثريت متعلق صحيح آهي، جيڪي انتهائي حد تائين ذاتي ۽ خصوصي طرح سنڌو لوڪن جون آهن. بهرحال ڏاتن مان نهيل اوزارن توڙي "سنڌو" تحرير جي سلسلي ۾ نهايت آڳاٽن ۽ ويجهي کان ويجهي دؤر وارن نمونن ۾ ڪوبه فرق نظر نٿو اچي. سرجان مارشل جو بيان آهي ته، سندس طرفان موئن جي دڙي ۾ کيل تهن جي ورڇ ان جي اڌاوتي آثارن جي دؤرن سان واسطو رکي ٿي، ۽ نه مختلف تهن مان لڌل "قديم شين" جي نوعيت تي. ڇاڪاڻ ته "عام طور انهيءَ قديم دؤر جي ننڍين کان ننڍين ۽ وڏين کان وڏين شين جي.. صورت نموني ۾ اهڙو ته مختصر ۽ ٿورڙو فرق ظاهر آهي، جو دڙي جي هڪ تهه مان لڌل شين کي ٻئي تهه مان لڌل شين کان جدا ۽ مُميز ڪرڻ ممڪن ئي ناهي."

انهيءَ باري ۾ وڌيڪ تبصرو ڪندي هن لکيو آهي ته: "جيڪڏهن موئن جي دڙي جي آبادييءَ جو عرصو ڏگهو هجي ها ته، پوءِ جيڪا يڪسانيت هتي ڏٺي ويئي آهي، سا هوند ممڪن نه رهي ها." هن جيتري کوتائي پاڻ ڪئي هئي، تنهن جو هن اهو اندازو لڳايو هو ته ان وڌ ۾ وڌ ۾ پنج سؤ سالن جي عرصي جي نمائندگي ٿئي ٿي. پر جنهن منزل تي هيءَ تهذيب اسان جي اڳيان ظاهر ٿئي ٿي، ان منزل تي اها اسان کي اڳي ئي پوريءَ طرح سان پنهنجي بلوغت کي پهتل نظر اچي ٿي ۽ انهيءَ ڪري اسين هي اندازو ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيون ٿا ته اها پنهنجي اوسر جو هڪ وڏو دؤر ان منزل کان اڳ ئي گذاري چڪي هئي.[19]

بهرحال هيءَ ڳالهه به ڪنهن ثابت ٿيل حد تائين پختي ڪانهي ته

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪن خاص حالتن ۾، هنرن ۽ ڪاريگرين جي طريقن ۾ جيڪڏهن ڪنهن ڏڳهي عرصي تائين ڪا تبديلي رونما نه ٿي ٿئي ته اها ڪا تبديلي رونما نه ٿي ٿئي ته اُها ڪا غير معمولي يا غير فطري ڳالهه آهي.

سر ليئو نارڊ وولي‌ءَ "تل اشنالالخ" مان لڌل ٺڪر جي ٽانون ۾، هڪ هزار سالن کان به وڌيڪ عرصي دوران ساڳي‌ءَ هڪ حيرت انگيز يڪسانيت ڏانهن ڏيان ڇڪايو آهي.[20] اسين ان باري ۾ ڪهڙي به راءِ رکون ته آيا هنرن ۽ ڪاريگرين جي معيار ۾ ترقي ۽ واڌارو ڏڳهي ۽ لاڳيتي انساني تهذيب جي عرصي جي هڪ قدرتي ۽ لازمي وصف آهي يا نه، بهرحال اسان کي اهو به جڳائي ٿو ته اسين سر مارٽيمر وهيلر جي هن بيان کي به خيال ۾ رکون ته، "سنڌو لوڪن جي تمدن جي هن نام نهاد يڪسانيت کي وڌائي بيان ڪيو ويو آهي ۽ اها يڪسانيت جيتريقدر قديم دور جي ڪاريگرن جي جبلتي ۽ فطري قدامت پسنديءَ جو نتيجو ٿي سگهي ٿي. اوتريقدر اهو نتيجو اسان جي پنهنجي تحقيق ۽ تطبيق جي ناقص ۽ فرسوده طريقن جي ڪري پاڻ اخذ ڪيو ٿو ڀانئجي." ان جي باوجود، سر مارٽيمر پاڻ به اها شاهدي ڏئي ٿو ته، خصوصاً سنڌو لوڪن جي ٺڪر جي ٽانون جي ساخت ۾ "سنڌو تهذيب جي پوين دورن ۾ فني معيار جي تنزل کي ظاهرظهور ڏسي سگهجي ٿو." مئڪي خود به ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو هو ته، ٺڪر جي ٽانون جي چتسالي‌ءَ جو، پوئين دورن جي پيٽ ۾، اوائلي دورن ۾ وڌيڪ عام رواج هو.[21] جيسين مهرن جو واسطو آهي، ته واٽس، هڙاپا جي انتهائي هيٺانهين سطحن مان مليل هڪ اهڙي‌ءَ ننڍڙي‌ءَ سهڻي‌ءَ مهر ڏانهن توجه ڇڪايو آهي، جي ان جي پوئين دور سان واسطو رکندڙ آهن ۽ اهي ڪاريگري‌ءَ جي ڪنهن خاص معيار جون معلوم نه ٿي ٿيون. مطلب ته جيڪي به ٿوريون گهٽيون فن ۽ ڪاريگري‌ءَ جون تبديليون نظر آيون آهن، سي اڪثر حالتن ۾ بهتري‌ءَ بدران خرابي‌ءَ ڏانهن لاڙو رکندڙ ڏٺيون ويون آهن. باقي جيستائين ميسوپوٽيميا وارن جي ساڳين مثالن جو معاملو آهي، ته انهي‌ءَ سلسلي ۾ به وولي‌ءَ سمر جي ڏاتو گرن جي فن ۾ آيل "افسوسناڪ ابتري‌ءَ" ڏانهن ئي ڏيان ڇڪايو آهي، جيڪا انهن ۾ اوئلي گهراٽي جي دور وارن اعليٰ درجي جي پتل جي پلٽيل اوزارن جي پيٽ ۾ اڪيڏيا واري زماني جي ڪارن جي هٿان، بي ڍنگي طريقي سان مترڪن سان ڪٽيل سٽيل شين

جي صورت ۾ آيل هئي. سميريا جي ٻين قديم دور وارين شين ۾ به هو انهن جي "عقل ۽ ڪاريگريءَ ۾ آهستي آهستي آيل تنزل" جي نشاندهي ڪري ٿو. هن جي انهيءَ سلسلي ۾ اهائي راءِ آهي ته انهن جي "ڪاريگريءَ جي جميل ۽ بينل طور طريقن سندن فن جي اصليت کي درجي بدرجي ختم ڪري ڇڏيو." [22]

اهي ڳالهيون اسان کي وري ڦيرائي گهيرائي انهيءَ ئي اصلوڪي خيال تي پهچائين ٿيون ته، سنڌو لوڪن جون مکيه صنعتي ۽ ڪاريگريءَ جون شيون هڪ سخت ۽ اڏول جماعتي نظام جي تحت هيون، ڇاڪاڻ ته اسان جو اهو خيال هن عام تصور سان پوريءَ طرح ٺهڪي اچي ٿو ته سنڌو تهذيب جي شهرن ۾ زندگيءَ جو نظام صدين تائين ڪن اهڙن حڪمرانن جي ضابطي هيٺ هلندڙ هو، جن جو سڄو اختيار ڪُلي تسليم ٿيل مذهبي قاعدن ۽ دستورن تحت هلندڙ هو. پروفيسر پگٽ جي لفظن ۾ "ان جي پنهنجي روزمره جي ننڍين ننڍين ڳالهين کي به صدين تائين جيئن جو تيئن محفوظ رکڻ ۽ ان جي اهڙيءَ حيرت انگيز دستور پسنديءَ مان.... يقيناً هڪ اهڙي سماجي نظام جي نشاندهي ٿئي ٿي. جنهن ۾ "مندر" جي ناقابل تبديل روايتن کي وقت جي حڪمران جي ذاتي آرزوئن ۽ خواهشن کان وڌيڪ وڌي اهميت حاصل هئي." [23]

اهڙيءَ طرح جاين جي بار بار نئين سر ٺهڻ جي صورت ۾ به گهٽين جي اصلوڪين حدن جي باريڪيءَ سان ڪيل حفاظت، دستياب ٿيل بيشمار وٽن ۽ ڪوڙن وٽن جي ڪلي عدم موجودگي (جن سڀن ۽ ٽُڙ وٽن جي آڌار تي انهيءَ زماني جي مروج تور ۽ ماپ جي اڪائيءَ ۽ ٻيڻ واڌو ڏهائيءَ جو نظام اخذ ڪيو ويو آهي)، گندي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ محنت ۽ سڀائيءَ سان بنايل نظام کي صاف ڪرڻ جو معياري انتظام- اهي سڀ ڳالهيون هڪ خبردار ۽ قابل شهري انتظاميه جي نشاندهي ڪن ٿيون. ساڳيءَ طرح سان اناج جا وڏا وڏا گدام ۽ (هڙاپا ۾) انهن سان گڏ اناج کي ڪُٽي ستي صاف ڪرڻ جا ٽلها ۽ ساڳئي وقت مزورن جي رهڻ لاءِ ٺهيل جهوپڙين ۽ ڪچن گهرن جون "ڏگهيون قطارون"، ملڪ جي زراعتي معيشت تي رياست جي ضابطي جو ثبوت پيش ڪري رهيون آهن ۽ انهيءَ حڪومت جي نوعيت جو عڪس موئن جي دڙي واري ڪوٽ تي تعمير ٿيل عمارتن

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مان پڻ ملي ٿو ۽ انهيءَ نوعيت جي تصديق، هڙاپا جي ساڳئي قسم جي ڪوٽ جي پٽ سان جلوسن ڏسڻ لاءِ نهيل ٽلهن مان پڻ ٽئي ٽي. ڇا، اهي "بلند جايون" ڪنهن اهڙي "قومي" سرپرست ديوتا جون ته نه هيون، جنهن جي نمائندگي وقت جي پروهت، راجا يا پروهتن جي پُشت مان پيدا ٿيل وارثن طرفان ڪئي ويندي هئي، جن جو انتظامي اوزار هڪ اهڙي باضابطه دفتري حڪومت هئي، جنهن جو بنيادي پاليسي اصول هيءُ هو ته، اها ئي "بهتر ڄاڻي ٿي" ته سنڌو ديس ۽ ان جي ماتحت علاقن ۾ رهندڙ سيني ماڻهن جي پلائي ڇا ۾ هئي؟

اهو سخت ۽ اڏول نظام پنهنجي پوري جوبن ۾ ڪيترو وقت هليو سو ڪنهن به طرح سان واضح ڪونهي. جيئن ته اسين موئن جي دڙي ۽ چنهو دڙي جي هيٺانهن طبقن ۾ زير زمين پاڻيءَ جي موجودگيءَ سبب انهن گاديءَ وارن مکيه شهرن جي انتهائي اوائلي ۽ ابتدائي آبادين وارن حصن تائين نه ٿا پهچي سگهون ۽ جڏير جي دڙي ۽ نوهتو جي پرسان ڳاڙهي پڙي جي شهادتن جو به ايڏا انتظار ئي ڪرڻو پوي ٿو. ان ڪري اسان کي نسبتاً "ٻاهر پرين" شهادتن تي ئي غور ڪرڻو پوي ٿو. جيڪي سردست اسان وٽ موجود آهن، پوءِ انهن جو اصل حقيقتن جي سڃاڻپ جي سلسلي ۾ في الحال قدر ۽ قيمت ڇا به هجي. سنڌو لوڪن جو لوٽل تي قبضو شايد ٽن صدين تائين هليو، جنهن کان پوءِ انهن جو ضابطو ختم ٿي ويو يا ڪنهن ٻئي تمدن واري اهڙيءَ قوم جي وڏندڙ اثر جي دٻاءَ کان جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ هلکو ٿيندي نظر اچي ٿو. جيڪا شايد انهيءَ علاقي جي اصلوڪن رهاڪن تي ئي مشتمل هئي ۽ جنهن پنهنجن پهرين حڪمرانن جي تمدن جون ڪجهه روايتون پنهنجي لاءِ انتظامي سهوليت طور کڻي اختيار ڪيون هيون. سنڌو لوڪن جي حڪمراني دؤر کان بعد واري دؤر سان واسطو رکندڙ هتان جي ارضي تهه مان لڌل شين جي ريڊيو- ڪاربان ڇڪاس مان ان دؤر جو اهڙو سال مليو آهي، جيڪو ار جي تباهيءَ واري سال کان ڪو گهڻو پوءِ جو نه آهي. راجستان جي "ڪالي بنگن" آثارن مان لڌل شين جي ساڳئي طريقي سان ڪيل ڇڪاس مان مليل سال پڻ ٻڌائين ٿا ته، سنڌو لوڪ انهيءِ کي به انهيءَ دؤر ۾ ترڪ ڪري وبا هئا. جيتوڻيڪ اها سرزمين ان زماني ۾، ساموندي واپار جي مانائيءَ جي خطرناڪ اثر هيٺ به ايڏا آيل ڪانه هئي. هن جاءِ تي پڻ سنڌو لوڪن جي حڪومت جو دؤر ٽن سؤ

سالن تائين هليل نظر اچي ٿو.[24] اهڙيءَ طرح هيءُ اندازو ڪري سگهجي ٿو ته "سنڌو سلطنت" پنهنجي طاقت جي چوٽيءَ واري نڪتي تي سال 2150 قبل مسيح ڌاري پهتي هئي ۽ سال 1750 ق. م. ڪان اڳي ئي انهيءَ نڪتي تان هٿڻ ۽ هيٺ لهڻ لڳي هئي.

جڏهن اسين گاديءَ واري شهر، موئن جي دڙي، طرف ڏيان ڪريون ٿا، تڏهن ائين پيو معلوم ٿئي ته جنهن زماني ۾ ار ايا ترقيءَ جي اوج تي هو، تڏهن سنڌو تهذيب جو هيءُ شاهه شهر، اڳي ئي زوال پذير ٿي چڪو هو. نه فقط آباديءَ وارو سيني کان مٿيون ٿهه، بلڪ ان سان لڳو لڳ هيٺيون ٿهه به، جيڪي ٻئي ٿهه وقت جي لحاظ کان هڪ صديءَ کان وڌيڪ عرصي جي نمائندگي ڪن ٿا، ان جي تنزل جا بيشمار ثبوت ظاهر ڪري رهيا آهن. اتفاق سان موئن جي دڙي ۾ ريڊيو ڪاربان طريقي سان اڳ ۾ ئي جسمي شين جي تحقيقات ڪئي ويئي. مثلاً سڙيل ڪڻڪ جي داڻن جي، جيڪي پوئين زماني واري آباديءَ جو سطح مان هٿ آيل هئا ۽ انهن جي چڪاس مان ڪڻڪ جي داڻن جي عمر بابت اهڙا سال مليا، جيڪي رمِ سِن[25] جي زوال وارن سالن سان ٺهڪي ٻيهن ٿا. جيتوڻيڪ اڪيلي هن تجربي تي اهڙي نتيجي لاءِ پروسو ڪرڻ اعتبار جوڳي ڳالهه ڪانهي، ان جي باوجود هن خيال لاءِ معقول سبب ملي ٿو ته موئن جو دڙو سميريا جي ار واري دور کان پوءِ به قائم هو. پر انهيءَ زماني ۾ سنڌوءَ جو اهو شهر ابتريءَ واري دور ۾ داخل ٿي چڪو هو ۽ پنهنجي وجود کي جيئن تيئن ڪري محض گهلي رهيو هو. ان جي انهيءَ دور جي جاچنا ڪرڻ کان اڳ ۾، اسان کي ڪجهه پٺتي نهاري، هن ڳالهه تي غور ڪرڻ گهرجي ته هن شهر جي زندگيءَ تي طبعي حالات، خصوصاً سنڌونديءَ جي چال چلت جو ان کان اڳين دؤرن ۾ ڪهڙيءَ طرح اثر انداز ٿيڻ جو امڪان هو.

موئن جي دڙي جي پوئين دؤر کان اڳ جي صدين- ڇهن يا ڪجهه وڌيڪ جي عرصي ۾، جنهن ۾ موئن جي دڙي جي صورتحال جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو، اهو شهر آسپاس واري ميدان کان درجي بدرجي اتانهون ٽيندو رهيو هو. کوٽائي ڪندڙن جي مختلف جماعتن منجهان سيني کان اوائلي کوٽائي ڪندڙن آباديءَ وارن مختلف تهن جي چالهين ڦوٽن هيٺ تائين بلڪل سڌي سنئين کوٽائي ڪئي ۽ هيءَ ڳالهه حيرت انگيز معلوم ٿيندي

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تہ ڊاڪٽر مئڪي طرفان چاليهن فوٽن جي اونهائيءَ وارن تهن جو وقت جي لحاظ کان پهريون اندازو فقط ٿي صديون هو ۽ هن شهر جي هن اوچائيءَ طرف اهڙيءَ تيز رفتاريءَ سان واڌ لاءِ ٻوڏن ۾ ٿيندڙ تباهيءَ کي بنيادي سبب طور شمار ڪونہ ٿي ڪيو. هن جي طرفان انهيءَ باري ۾ اصرار ڪيو ويو تہ پکين سرن سان اهڙيءَ آب و هوا ۾، جهڙي سنڌ جي اترئين حصي ۾ ملي ٿي. ڪنهن قسم جي ڊگهيءَ عمر کي منسوب ڪرڻ غلطي آهي. "جن ماڻهن ٿوري ئي برسات پوڻ کان پوءِ، پکين سرن کي ڪلر جي اثر کان پڇندي پُرندي ڏٺو آهي، سي انهيءَ ڳالهہ کي فوري طور محسوس ڪندا تہ هن حالت ۾ پاڻي ۽ گهر ڪيڏو وڏو نقصان ڪري سگهن ٿا." ان کان سواءِ "گهرن مان گند ڪچري جي ڦٽي ڪرڻ، پتين ۽ چتين تان پاڻيءَ سان گپ چڪ جي ڳري هيٺ لهڻ... ۽ هوا جي ذريعي درپائي چيڪلي مٽيءَ جي ذرن جي جمع ٿيڻ ڪري، شهر جي آبادييءَ واري سڄي دور ۾، ان جي سطح ۾ مستقل طور آهستي آهستي واڌ ايندي رهي ۽ انهيءَ سبب جي ڪري جڏهن بہ گهرن جي فرش ۽ ٻاهرين گهٽين جي سطحن ۾ آيل فرق تڪليف ڏيندڙ ثابت ٿي ٿيو، تڏهن پتين، فرشن ۽ چتين جي سطح کي مٽي ڪرڻ ضرور ٿي پيو."

سرليئو نارڊر وولي ڏاڍيءَ وضاحت سان ڏيکاري ٿو تہ، ڪيئن نہ ار شهر ۾ بہ جاين جون سطحون، سيلاب جي سبب کان اثر پذير ٿيڻ کان سواءِ ئي، مستقل طور ساڳئي اهڙي ئي طريقي سان مٽي چڙهنديون ٿي رهيون.[26]

موئن جي دڙي جي پسگردائيءَ واري سيلابي ميدان جي سطح سنڌو نديءَ جي پاڻيءَ سان گڏ ايندڙ ريٽ جي مخصوص عمل جي ڪري پڻ درجي بدرجي مٽي چڙهندي رهي هوندي. جيتوڻيڪ ميداني علائقي جي سطح جي چاڙهہ جي رفتار، شهر جي سطح ۾ ايندڙ واڌ جي پيٽ ۾ گهٽي قدر گهٽ هوندي. اسان کي اهو معلوم ناهي تہ انهيءَ زماني ۾ سنڌو نديءَ جو وهڪرو ڪهڙو هو ۽ نہ وري اها خبر آهي تہ اها هڪ ئي شاخ جي صورت ۾ سمنڊ ۾ وڃي ڇڙندي هئي يا موئن جي دڙي کان ڪجهہ مٿيرو اها ٻن شاخن ۾ ورهائجي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. ان کان سواءِ اهو ممڪن آهي تہ سنڌو لوڪن جي دؤر ۾ ستلج ندي، هاڪڙا نار ۾ وڃي پوندي هئي ۽ نہ سنڌو نديءَ ۾. جيسين سنڌو نديءَ جو واسطو آهي تہ، انهيءَ نديءَ گذريل ٻن هزار سالن جي دوران سنڌ مان جيڪي وهڪرا ڦيرايا آهن، تن جي ثابتين مان ظاهر ٿئي ٿو

تہ ان جي ٻن شاخن واري صورت انهيءَ مدت جي ٻہ پاڻي ٿئين حصي جي دوران قائم رهي، جنهن کان پوءِ ست صديون اها ندي هڪ ئي ٻيڪي وهڪري جي صورت ۾ وهي، سمنڊ ۾ ڇڙهڻ کان ٿورو اڳي، وڃي هڪ ننڍڙي ڪيٽي ٺاهيندي[27] هئي. اهو ممڪن آهي تہ سنڌو ندي پنهنجي هينانهين حصي ۾، اڳي پڻ تمام گهٽيءَ مدت جي دوران هڪ ئي وهڪري رستي يا ورهائجي ٻن شاخن ۾ وهڻ جو نمونو واري وٽيءَ سان اختيار ڪندي رهي آهي.

سنڌو لوڪن لاءِ هڪ ئي اهڙيءَ ندي‌ءَ جي اٽل واري حد اندر شهر جو بنياد ٻڌڻ جي پيٽ ۾ جيڪا پنهنجي پاٽيءَ جي سڄي مقدار ۾ ريٽ کي ڪٽي سڄيءَ سنڌ مان گذري وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري، درياءَ جي ٻن وڏين شاخن مان ڪهڙيءَ ٻہ هڪ جي ويجهڙائيءَ ۾ بنياد وجهڻ گهٽ خطري وارو هو ۽ جڏهن سنڌو ندي هڪ ئي وهڪري جي صورت ۾ موئن جي دڙي جي پاسي کان وهندڙ هجي ها، يا جڏهن اها پنهنجي پاٽيءَ ۾ ريٽ جو سمورو يا گهٽو مقدار انهيءَ هڪ شاخ وچان ڏکي سمنڊ تائين پهچائيندڙ هجي ها، جنهن جي قريب اهو شهر ٻڌل هو، تہ پوءِ ڪيئي سال لنگهي سگهيا ٿي، جو پاٽيءَ جي ڪا تمام وڏي اٽل ٿي سگهي ها ۽ ان جي نتيجي ۾ گهٽي مقدار ۾ ريٽ جي جمع ٿيڻ جي توقع ڪري سگهجي ها.

سر ڪلاڊ انگليز، جيڪو سنڌو نديءَ جي معاملات جي متعلق اعليٰ ترين اختياري آهي، انهيءَ سيلابي ميدان جي تمام وڏي ۽ دور تائين ڦهليل علائقي ۾ درياءَ جي انهيءَ عمل ذريعي سطح ۾ ايندڙ سراسري چاڑهہ جو تخمينو هڪ صديءَ پٺيان ست انچ لڳايو آهي، پر سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندڙ شاخ (يڪي هڪ وهڪري واريءَ) جي آسپاس ۽ ويجهڙائيءَ واري ميدان جي صورت ۾ اها سراسري "هڪ سؤ سالن ۾ هڪ فوٽ جيتري" هجي ها. بنان ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي، هن انهيءَ تخميني لڳائڻ ۾ ستلج نديءَ جي اهڙي ريٽ جي جمع ٿيڻ جي رفتار کي ڌيان ۾ رکيو آهي. اسان کي هن هنڌ سر جان مارشل جي هن راءِ کي بہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ، "جنهن رفتار سان درياءَ جو ريٽ جمندو ۽ گڏ ٿيندو رهيو، اهو (موجوده رفتار جي بنياد) ڪافي وڌيڪ ٿي سگهيو ٿي، ڇو تہ، سنڌو ندي هڪ سست رفتار سان وهندڙ درياءَ آهي ۽ ان جي نتيجي ۾ ان جي پيٽ ۾ ريٽ وڌيڪ تيز رفتاريءَ سان گڏ ٿيندو[28] رهي ٿو." يقيناً، جيڪڏهن ڊاڪٽر ڊيل جي ڪوٽاين دوران جيڪي

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

64_1965ع ۾ موئن جي دڙي ۾ ڪيون ويون، شهر جي آبادي‌ءَ واري سطح جي گند ڪچري جا ذرا پرزا ايتريقدر گهٽي‌ءَ اوناهي‌ءَ مان ٻاهر ڪڍيا ويا، جيڪا موئن جي دڙي جي پسگردائي‌ءَ واري ميدان جي مٽاچري کان اوٽيتاليهه فوٽ هيٺ هئي، تہ پوءِ ماڻهوءَ کي هي نتيجو ڪيڏو پوندو تہ يا درياءَ جي ريٽ جي جمع ٿيڻ جي رفتار انتهائي تيز هئي يا انهي‌ءَ سرزمين تي ماڻهن جي آبادي انهي‌ءَ زماني کان گهٽو اڳي ٿي چڪي هئي، جنهن ۾ عام طرح سان سنڌو ماٿري‌ءَ واري تهذيب جي ظهور ۾ اچڻ متعلق عقيدو رکيو وڃي ٿو. هن هنڌ تي سر جان مارشل طرفان ڏنل هڪ ٻي‌ءَ راءِ کي جاءِ ڏيڻ موزون ٿيندو... "مجموعي طور انهي‌ءَ سڄي مسئلي تي غور ڪرڻ سان واضح ٿئي ٿو تہ، سنڌو ماٿري‌ءَ واري تهذيب درياءَ جي ڪپن تي انهي‌ءَ زماني کان ڪيئي صديون اڳ وجود ۾ اچي چڪي هوندي، جڏهن اها پوءِ اسان جي جاڻ ۾ آئي آهي، ڪيترو اڳي، تنهن بابت ماڻهو فقط اندازو ئي ڪري سگهي ٿو. پر ائين چوڻ معقول ۽ مناسب ٿيندو تہ اهڙي نتيجي جي ظهور پذير ٿيڻ لاءِ هڪ هزار سال بہ تمام گهٽ عرصو شمار ڪري سگهجي ٿو."[29]

ڊاڪٽر ڊيل جي تحقيقات کان اڳ، ميدان جي مٽاچري کان هيٺ، اونهي ۾ اونها هنڌ، جن تي کليل کوٽائين ذريعي آبادي‌ءَ جا آثار ظاهر ٿيا هئا، سي سن 1932ع ۾ چوويهه فوٽ ۽ سن 1950ع ۾ چوويهه فوٽ هيٺ هئا. ٻنهي حالتن ۾ زير زمين پاڻي‌ءَ جي موجودگي‌ءَ وڌيڪ هيٺ کوٽائي ڪرڻ جو رستو روڪي ڇڏيو. انهن هنڌن تي آبادي‌ءَ جون اهڙيون سطحون انهي‌ءَ ٽلهي ۽ اڙ ٽٽل پٽي کان گهٽو هيٺ موجود هيون، جيڪي مارشل ۽ مئڪي طرفان "اوائلي دور" جي نالي سان سڏيون ويون آهن. انهي‌ءَ انتهائي اونهي نقطي کان، جتان سجاڻپ ۾ اچي سگهندڙ شيون، جهڙوڪ ڪچيون سرون، هڏ آيون آهن، هينئين مفاصلي کي حساب ۾ آڻڻ سان، انهن سطحن جي قدامت کي 2400_2500 ق. م. کان وڌيڪ دور نہ ٿو رکي سگهجي. اسين البتہ اهو فرض ڪري نٿا سگهون تہ اهي نقطا انهي‌ءَ زماني جي آسپاس واري ٻاهرئين ميدان جي عام سطح سن مطابقت رکن ٿا. جيڪڏهن ائين هجي ها تہ چوئيتالهين صدين جي دوران مٽاچري جي چوڌاري فوٽن تائين مٽي چڙهڻ واري عمل جي سراسري رفتار ست انچ في صدي‌ءَ جي حساب سان ٿي

هوندي. ممڪن آهي تہ اها رفتار ڪجھ وڌيڪ تڪڙي هجي. هينئين شهر ۾ "ڊي-ڪي" ڏٺو جتي اهي تحقيقي ڪارروايون ڪيون ويون هيون، سنڌو لوڪن جي آبادي‌ءَ جي اوچي ڪان اوچي سطح، انهي‌ءَ نقطي کان، جتي سن 1932ع ۾ ڪيل کوٽائين ۾ ماٺھو پھتا هئا، اٽڪل ڇائيتاليھ فوٽ مٿي ٻيئل آهي. انهي‌ءَ هنڌ جي آسپاس ڪيل کوٽاين ۾ ٻن هنڌن تي "مٿڪي" کي ڍل جاين ۾ پتين جون وڏي مقدار ۾ نشانيون نظر آيون، جن کي هن انهي‌ءَ پڪي پختي شهر جي زندگي‌ءَ جي ٻن مختلف دؤرن ۾ آيل غير معمولي ٻوڏ جي اثرات سان تعبير ڪيو. اڏاوتن جي اها ڍاھ ڏوھ مٿڪي انهن ٻنهي سطحن ۾ ٻوڏ جي پاڻي‌ءَ جي ڇڏيل ريت جي موجودگي‌ءَ جو بيان نہ ڪيو آهي. ڏھن فوٽن جي عُمق واري مفاصلي تي موجود ٻن مختلف مٽاچرن تي ٽيل آهي. انهن ٻنهي سطحن جي "درمياني" وقفي کي، جيڪو ٽلهي ليکي ٽن دورن تي مشتمل آهي. موئن جي دڙي جو "انتهائي ترقي‌ءَ ۾ نهايت خوشحالي‌ءَ آسودگي‌ءَ وارو دور" چئجي ٿو.[30] ميسوپوٽيميا واري‌ءَ هن شهادت مان، تہ اهو دور "اُر" واري ٽئين گھراٽي جي ابتدا ۾ "لارسا" سور جي اختتام جي وچ تي آيو هو، جنهن جو اسان اڳيئي ذڪر ڪري آيا آهيون، اهو نتيجو اخذ ڪرڻ صحيح معلوم ٿئي ٿو. اسين جيڪڏهن 2050 کان 2850 ق. م تائين ٻن صدين جو عرصو فرض ڪري وٺنداسون تہ اسين اصل حقيقت جي گھٽو قريب نہ تہ ان کان گھٽو پري ب نٿا ٿي سگھون ۾ انهي‌ءَ دؤر ۾ جاين جون سطحون هڪ سؤ سالن جي پٺيان اٽڪل پنجن فوٽن جي حساب سان مٿي چڙھيون هونديون.

مٿڪي کي شهر جي اندرين حدن ۾ پنهنجي ڪيل کوٽاين مان جيڪي شهادتون هٿ آيون تن کي هن پسگردائي‌ءَ واري ميدان ۾ جدا جدا هنڌن تي کوٽايل کاهين مان دستياب ٿيل شين سان ملائي نتيجن ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي. انهن جاين مان ٻن ۾، جن مان هڪ جاءِ "ڊي- ڪي ڏڙي" جي اترين‌ءَ ڪنڌ جي ويجھڙائي‌ءَ ۾ هئي ۽ ٻي جاءِ "استوپا" ڏڙي جي ڏاکڻين‌ءَ ڪنڌ وٽ هئي، هن کي ڳريل ۽ پريل سرن جي ٻن تھن جي وچ ۾ وارياسي مٽي‌ءَ جو هڪ تھ نظر آيو ۽ سرن واري تھ جي هينئين طرف وري کيس سخت مٽي‌ءَ جو هڪ تھ مليو. انهن جي آڌار تي هو هنن نتيجن تي پھچي ٿو تہ مٽي‌ءَ جو مٿانهون ۽ تراکڙو تھ انهي‌ءَ ساڻئي سيلاب جي نتيجي

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

۾ پاڻيءَ مان آڻرجي جميو آهي، جيڪو شهر جي اوج واري زماني ۾ آيو هو ۽ هيٺانهون ۽ وڌيڪ اونهو چيڪي مٽيءَ وارو سخت تهه شهر جي انهيءَ دؤر کان اڳ ۾ آيل ڪنهن اوائلي سيلاب جي تباهيءَ جي نشاندهي[31] ڪري ٿو. آڻرجي هيٺ ويٺل انهن ٻن جدا جدا تهن کي، مٿڪي جي آرضي سطح جي ماپ جي بنيادي انگ سان پيٽيندي، ظاهر ٿئي ٿو ته انهن ٻن تهن مان پهريون تهه ميدان جي موجوده سطح کان ڏهه فوٽ مٿي آهي ۽ هيٺيون تهه انهيءَ سطح جي لڳ ڀڳ سنوت تي واقع آهي، وري ٻاهرئين ميدان جي انهن ٻنهي متبادل تهن جون سطحون ان جي موجوده سطح کان هيٺ ترتيبوار هڪ کان ٽن فوٽن ۽ ڇهن ۽ ستن فوٽن جي درميان موجود ڏٺيون ويون. جيڪڏهن انتهائي محتاط حساب لڳايو وڃي، ته ميدان جو مٿاڇرو سراسري طور هڪ صديءَ جي پويان ست انچ مٽي چڙهيو آهي، ته پوءِ ائين نظر ايندو ته مٿڪي وارين ڪاهين ۾ جن سيلابن وارياسي مٽيءَ جا اهي تهه ٺاهيا هوندا، سي ڪن مناسب صدين جي وچوٽيءَ سان، خود عيسوي سن جي شروع کان پوءِ ئي آيا هوندا. مٿڪي، شهر جي مٿي چڙهندڙ سطحن ۽ ٻاهر ميدان جي قدرتي چاڙهه جي وچ ۾ نسبتي تعلق ڏيکارڻ جي ڪوشس ۾، هن ڳالهه جو خيال ئي نه رکيو آهي ته موئن جي دڙي جي اوج واري زماني ۽ ان جي آخري دورن ۾ ڪيتريقدر نه وڏي ناموافقت هوندي.

بهرحال هو پاڻئي اها ڳالهه قبول ڪري ٿو ته، "جيئن ته شهر کان ٻاهرئين ميدان جي سطح شهر جي گهٽين جي سطح کان ڪافي حد تائين هيٺ هوندي، ان ڪري ٻوڏ جي پاڻيءَ جو سواءِ ڪنهن وڏيءَ ٻوڏ جي، گهٽين ۾ اندر داخل ٿيڻ مشڪل هوندو. پر سيلابن جو عمارتن تي، سمر جي صورت ۾، جيڪو خطرناڪ اثر ٿي رهيو هو تنهن جو ثبوت اسان کي کوٽاين مان مليل ڀڳل ٽڪر سرن جا هيٺ جميل تهه آهن. شهر جي تاريخ جي وچولي ٽئين دور وارين پٽين کي پاڻيءَ مان آڻرجي هيٺ ويٺل مٽيءَ کان پڻ زبردست نقصان پهتو آهي ۽ انهيءَ دور جو اختتام پاڻيءَ جي سيمي سبب دڙي جي حد کان زياده آلي ٿي وڃڻ ڪري آيو. اها حقيقت هن مان ثابت آهي ته شهر جي رستن جي پاسن کان ٺهيل ٽلهن جهڙيون هلڪيون اڏاوتون به ويهي رهيون آهن."

هيءَ ڳالهه خاص طور قابل غور آهي ته کوٽائي ڪندڙن طرفان "دريائي

ريٽ جي انهن ٽن ٽلهن تهن بابت، جيڪي ڪيس "ڊي-ڪي" ڏڻي جي مرڪزي حصي ۾ جدا جدا ٿَهن تي مليا."[32] هڪ لفظ بہ نہ چيو ويو آهي. اهڙو هڪ ئي مثال، جيڪو مون کي نظر اچي ٿو ۽ جيڪو مئڪي کي شهر جي "آبادي۽ واري حصي جي اندر" کوٽائي ڪندي سامهون آيو سو هڪ تمام اوائلي تهه ۾ هو. جيڪو سندس سطحي ماپ جي بنيادي انگ کان پنجتيهه فوٽ هيٺ ۽ ٻاهرئين سيلابي ميدان جي جديد سطح کان چوڏهن فوٽ هيٺ هو. هو چوي ٿو ته، "انهي۽ بنيادي سطح کان هيٺ سخت مٽي۽ جي تهه ۾ ڪٽي ڪٽي خاڪي رنگ جي وارى۽ جي موجودگي ان دور ۾ اتي سيلاب اچڻ جو واضح ثبوت آهي."[33] انهي۽ سخت مٽي۽ جي تهه مان ڪو پروسي جوڳو مطلب ڪڍڻ هڪ وڏو مسئلو آهي. عمارتن جي سطح سان ان جي نسبتي تعلق مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته اهو تهه شهر جي تاريخ جي اوائلي زماني ۾ جميو آهي. پر خود ان جي پنهنجي ڪافي گهٽي ٿولهه ڏهن فوٽن کان مٿيري ڏيڪاري ٿي ته اهو هنڌ، جيڪو شهر جي آباد علاقي جي آخري ڇيڙي کان گهٽو پري ڪونهي، طويل زماني تائين بار بار سيلابن جي زد ۾ ايندو رهيو آهي. بهرحال جيڪڏهن مئڪي "ڊي _ ڪي ڏڻي" وارين سندن کوٽاين مان مليل شهادتن جي مطلب ڪڍڻ ۾ صحيح آهي ته پوءِ اسان کي هيءُ نتيجو ڪڍڻو پوي ٿو ته موئن جي ڏڻي جي تاريخ جي وچولي دور ۾ بن يا ٽن صدين جي وقفي سان اٽڪل ٽي غيرمعمولي ٻوڏون آيون هيون. انهن جهڙيون ٻوڏون غيرمعمولي اسبابن جي نتيجي ۾ ايندين آهن. جهڙوڪ همالين جبلن جي مٿانهين چوٽين وٽ جبل جي ڪن وڏين ڇپن يا برف جي وڏين ڇپن، جن ۾ سنڌو نديءَ يا ان جي معاون[34] درياهن جي بالائي حصن۾ پاڻيءَ جي وڏي مقدار کي هيٺ وهي اچڻ کان ڪنهن وڏيءَ مدت تائين روڪي رکيو هو. تن جي اوچتو ٽٽڻ سبب پاڻيءَ جي اٿاهه مقدار جو انهن رڪاوٽن مان آزاد ٿي هيٺئين طرف وڏيءَ طاقت ۽ وڏي زور سان وهي اچڻ هوندو. پر هن ڳالهه جو پوءِ بہ گهٽو امڪان ڪونهي ته خود اهڙيون تباهه ڪن اٽلون بہ، جيڪي اهڙن غيرمعمولي واقعن جي رونما ٿيڻ سان پيدا ٿين ٿيون، پاڻيءَ جو ايڏو مقدار کٽي ايندين هوندين، جو اهو موئن جي ڏڻي جي ايڏين اوچين گهٽين تائين اندر بار بار داخل ٿي ويندو هوندو. پر هيءَ حقيقت ناقابل ترديد آهي ته شهر جي ٻاهرين حصن وارين عمارتن جي پٽين

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جي چوڌاري رڳو پنجن فوٽن تائين ٻوڏ جو پاڻي ب لڳاتار ڪجھ هفتا جيڪڏھن ٻيھي ٽي سگھيو تہ پوءِ اھو نہ فقط انھن پٽين کي ڳاري، ڪيرائي سگھيو ٽي، پر سيمو ڪري ڪافي ڪجھ اندر پرو ب پنھنجي اثر پيدا ڪري سگھيو ٽي. گھڻي قدر خاطريءَ سان چئي سگھجي ٿو تہ انھيءَ طرح ئي درياءَ جو سيلابي پاڻي شھر جي اتانھين سطحن ۾ وڌي پيماني تي جاين کي ڪيرائڻ ۽ انھن جي ملبي جي جمع ٿيڻ جو سبب بڻيو. ان کان ڪجھ گھٽ پيماني جي تباھي مٽي ٻيان ڪيل واقعن کان گھٽ ڊرامائي واقعن جي نتيجي ۾ ب ٽي سگھي ھوندي. جھڙوڪ ھمالي جبلن جي علائقي ۾ پاڻاتي موسم ۾ برف جو تيزيءَ سان ڳرڻ ۽ ساڻگئي وقت تي جبلن کان ھيٺ ميداني علائقي ۾ زوردار برساتن جو شروع ٿيڻ ۽ شھر جي طويل حد تي تاريخ جي مختلف دورن، ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ، اھڙي نموني سان آيل پاڻيءَ جي جھجھي مقدار واريون غيرمتوقع ٻوڏون ۽ انھن جي ڇر ۽ سيمي جا مضر اثرات.

ھن ڳالھ جو اڳي ئي ذڪر ڪيو ويو آھي تہ، موئن جي دڙي وارو ڪوٽ، شھر جي الھندي علائقي ۾ ڪچين سرن ۽ چيڪي مٽيءَ جي تمام وڏي ٿَلھي تي مصنوعي طور ناھيل اٽڪل ويھن فوٽن جي اوچي دڙي تي اڏيو ويو ھو. سر جان مارشل انھيءَ حقيقت مان اھو اندازو لڳايو تہ انھيءَ ڳالھ جو مقصد سرڪاري عمارتن کي سيلابن سبب ٿيندڙ ان نقصان کان محفوظ ڪرڻ ھو. ساڻگيوئي مقصد، ننڍي پيماني تي ۽ ساڻگئي سامان مان ٺھيل انھن پڪن بنيادن يا انھن ھيٺانھن ۽ ننڍن ٽلھن جو نظر اچي ٿو. جن جي مٿان شھر جي مختلف حصن ۽ آباديءَ جي ايراضين ۾ گھرن جون جايون جوڙيون ويندیون ھيون.

مٿڪي اھڙن ٽلھن منجھان ھڪ جو ذڪر ڪري ٿو. جيڪو شھر جي اوائلي دور جو آھي، جنھن ۾ بعد ۾ اضافو ب ڪيل آھي، اھو "ڪچين سرن جي ڳري پُري، گڏجي ھڪ ٽي ويڑ سان ھڪ يڪو پڪو مواد نظر اچي رھيو ھو." (35)

ھڪ ٻئي اھڙي اوائلي مثال بابت ھو چوي ٿو تہ، "ھن ڳالھ ۾ ڪوب شڪ شبھو نظر نہ ٿو اچي تہ اھو پَراءُ ان وقت ڪيل آھي، جڏھن انھيءَ عمارت کي ٻوڏ جي اثر کان بچائڻ جي ارادي سان جاڻي واڻي مٽي ڪرٽو پيو

هوندو.“ مارشل ته هيءَ به دعويٰ ڪري ٿو ته، ”سواءِ ڪن تمام ننڍين جاين جي... سيني ۾ فرش جي هڪ حصي کي ٿَلهي جي صورت ۾ ايترو مٽي ۽ مضبوط ڪيو ويو هو، جو اهو جاءِ کي انهن ٻوڏن جي اثر کان محفوظ رکي سگهي، جيڪي انهيءَ دور ۾ سال بسال شهر لاءِ خطرو بنجڻ لڳيون هيون.“ مٿڪي هن کان وڌيڪ محتاط هو. پوئين دور جو بيان ڪندي، هو لکي ٿو، ”ڪنهن سبب ڪري، جيڪو غير معمولي ٻوڏن سان واسطو رکندڙ معلوم ٿئي ٿو، بعد جي دور واريون گھٽيون جايون، اهڙن ٽلهن جي مٿان ناهيون ويون آهن، جيڪي انهن جاين جي هيٺان اوائلي جاين جي ڪوٽين ۽ ڪمرن کي ڪچين سرن، چيڪي مٽيءَ يا ڪن حالتن ۾ سرن پچائڻ جي بٹن مان ڏوئي آندل سروٽن وغيره سان پري ناهيا ويا هئا.....

آڳ هن خيال جو آهيان ته، ٻوڏن ۾ موٽن جي ڏڻي جون گھٽيون جايون ڏرتيءَ جي هيٺ ويهي رهڻ ڪري ڪريون آهن. گھٽيون جايون، خاص ٽلهن جي مٿان به ناهيل ناهن ۽ اهي انهن اوائلي هيٺ ويهي رهيل جاين جي مٿان تعمير معلوم ٿين ٿيون ۽ اهڙيءَ طرح اهي سمر سبب اڳوٽين هيٺ ويهي رهيل جاين جو واضح ثبوت پيش ڪن ٿيون.[36]“ هڪ ٻئي هنڌ چوي ٿو ته، ”هن ڳالهه کي ڏيان ۾ رکڻ گھرجي ته پڪيءَ سر مان ٺهيل جاءِ ۽ سروٽن جا ٽڪرا پاٽيءَ کي ڇُهڻ جا اثرائتا مُئل ڪکر آهن، جن ۾ پاٽيءَ جي سطح کان گھٽو مٽي تائين پاٽيءَ جي آلاڻ پهچي ويندي آهي....“ هو ڊي- ڪي ايراضيءَ ۽ پاسي واريءَ سرزمين جي ڪن ٻين حصن ۾ مليل ٿَلهن جو حوالو ڏيندي، چوي ٿو ”اڪثر حالتن ۾ گھمر ۽ آلاڻ ڪچين سرن کي اهڙيءَ طرح ملائي ڇڏيو آهي، جو اهو سڃو مواد مٽيءَ جي هڪ وڏي ڇپ نظر اچي ٿي.... انهن مان اڪثر ٽلها شهر جي وچولي زماني جي ٻئي دور ۾ پهرئين وڏي سيلاب کان پوءِ، جنهن جي اسان کي ثابتي ملي آهي، ناهيا ويا هئا ۽ کي وري ٻئي دور جي پوئين حصي ۾ آيل ٻئي سيلاب کان پوءِ ناهيا ويا هئا. جيتوڻيڪ اهڙي چيڪيءَ مٽيءَ جي ٺهيل پکي ٽلهي جو هيٺيون حصو ڪجهه وقت تائين ٻوڏ جي پاٽيءَ ۾ ٻڏل به رهي ها، تڏهن به ان مٿان ٺهيل جاين کي پاٽيءَ جي ڇُهجي مٽي چڙهڻ واري عمل کان، پڪين سرن يا انهن جي ٽڪرن ٽوٽن مان ٺهيل ٽلهن کان گھٽ نقصان پهچڻ جو خطرو هو.[37] جيتوڻيڪ کوتائيءَ جو ڪم ڪندڙ پهرينءَ جماعت جا ماڻهو هن باري

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڀر ۾ـ حصا ٿي پيا تہ انهن ٽلهن جو مقصد جاين کي ٻوڏ جي پاڻيءَ جي اوچائيءَ واريءَ سطح کان مٿي کڑڻ هو يا ٻوڏ جي پاڻيءَ جي سيمي واري عمل جي ذريعي آلاڻ جي مٿي پهچڻ واريءَ آخري سطح کان ۾ مٿي کڑڻ هو. سيلابي ميدان جي سطح ۽ شهر جي آبادي‌ءَ واريءَ سطح جي درميان، جيئن تہ وڌندڙ نامطابقت آهي، ان کري هاڻي اها ڳالهہ بلکل واضح آهي تہ، شهر جي جاين کي پاڻيءَ جي سيمي جي نتيجي ۾ پهچندڙ تباهي ئي اصلي ۽ حقيقي خطرو هو.

ممکن آهي تہ، شهر جي کن اهڙن حصن ۾، جيکي ان جي آخري ڇيڙي کان پري هئا (۽ ان طرح سان پاڻيءَ جي سيمي کان، توڙي آسپاس واري پاڻي کان، جيکو ٻاهر کليل پٽن تي، هفتن تائين ٽن يا چئن فوٽن تائين موجود ٿي رهيو، محفوظ هئا.) ڪڏهن ڪڏهن کن ٻين سببن کري ۾ جايون اهڙن ٽلهن تي ناهيون ويندیون هيون، انهيءَ باري ۾ ڪوٽ واري دڙي جو مثال اڳي ئي ڏنو ويو آهي. سرکاري عمارتن کي دشمنن يا حملي آور ڏاڙيلن جي زد کان محفوظ رکڻ يا شان و شوکت لاءِ اهڙي ئي طريقي سان مٿانهين‌ءَ سطح تي ناهيو ويندو هو. جيکڏهن کو پروهت ـ راجا هو تہ ان جو محل ۾ اهڙي‌ءَ طرح اوچائيءَ تي اڏجي سگهيو ٿي، جو اهو سڄي شهر جي مٿان کر کنيو بينو هجي. شهر جي وڏيک شاهوکار ۽ خوشحال رهاکن لاءِ، سندن جاين کي مٿانهين‌ءَ تي جوڙائڻ لاءِ جيکي ٻيا مقصد ٿي پئي سگهيا، تن مان هک انهيءَ ڳٽيل شهر ۾ اونهاري جي موسم وارين ٻوساتيندڙ راتين ۾ وڏيک تازي ۽ بهترين هوا حاصل کرڻ جو مقصد ۾ ٿي سگهيو هوندو. ساڳيءَ طرح اهو ۾ ممکن هو تہ شاهوکار گهراٽا سندن پاسن ۾ رهندڙ گهٽ ذاتين وارن همساين جو، انهن جي گهرن اندر نهارڻ ناپسند کري، پنهنجين جاين کي مٽيرو جوڙائيندا هوندا. اندازو کري سگهجي ٿو تہ اهڙي‌ءَ گرم موسم ۾، جاين جون چٽيون عام طرح سان اوچيون ۽ سڏيون سنيون هونديون، جيئن اهي اڄ ۾ ان پاسي جي عام رهائشي جاين ۾ ڏسجن ٿيون.

ساڳئيءَ طرح، ويجهڙائيءَ واري زماني ۾ هن ڳالهہ جو ٿيندڙ تجربو تہ سنڌو ندي جڏهن شديد سيلابي کيفيت ۾ اچي، انسانن جي هٿان پاڻيءَ روک لاءِ ناهيل بندن کي ڀيڄي ڀوري، ٻاهر نڪري اچي ٿي، تڏهن کهڙي حالت ٿئي ٿي. جيتوڻيک اهڙا موقعا هن زماني ۾ دير دير سان ۽ فقط تڏهن

رونما ٿين ٿا. جڏهن اِهي ندي پنهنجي گذريل دور واريون "قدرتي حالتون" پيدا ڪري ٿي، اسان کي انهن اثرن جي اندازي لڳائڻ ۾ مدد ڏئي ٿو جيڪي موئن جي دڙي جي زندگيءَ تي ٻوڏين جي حالت ۾ پيدا ٿيندا هوندا. اڄ ٻه ان صورتحال ۾ اهو پاڻي ملڪ جي سڄي علائقي ۾ ٽن يا چئن فوٽن جي اونهائيءَ ۾ ڦهلجي وڃي ٿو ۽ پنهنجي لاءِ هيٺانهين سطحن مان هڪ يا هڪ کان وڌيڪ رستا ڪڍي وهي ٿو ۽ انهيءَ عمل دوران اهو اهڙن دڙن کي چئن ئي پاسن کان وکوڙي وڃي ٿو. جن جي چوٽين تي قديم وقت کان وٺي اڪثر ڳوٺ آباد آهن. اهو پاڻي، فقط اهڙين کڏن کوڻن کان سواءِ، جن کان ٻاهر نڪرڻ جو ان لاءِ ڪو رستو ڪونهي، انهيءَ وقت تائين اڳتي وهندو رهي ٿو. جيستائين بخارن جي صورت ۾ اڏامي، سڪي، ختم نه ٿي وڃي، يا زمين ۾ جذب نه ٿي وڃي يا جڏهن سرءُ جي موسم ۾ درياءَ جي پاڻيءَ جي سطح هيٺ لهي ٿي، جڏهن اهو موٽي وڃي ان سان ملي ٿو. ٻوڏ جي پاڻيءَ جي رستي ۾ بينل شهر يا ڳوٺ گهٽو ڪري اٿل واري پاڻيءَ جي سطح کان مٿيرو ئي ٻڌل هوندا آهن، پر پاڻي انهن دڙن مان سيمو ڪري، انهن ۾ ڪافي اندر تائين پهچي وڃي ٿو ۽ جاين کي ان مان پڌري پٽ نقصان رسندو رهي ٿو. اهي دڙا گهٽين حالتن ۾ انهن ئي جاين جي پنجوءَ ۽ مَلبي جي ٻين شين تي ڍهندا ۽ نهندا وڌندا رهن ٿا. جيڪي انهيءَ طرح مُند مُند تي آيل ٻوڏن ۾ ڍهي زمين سان هڪ ٿيندين رهن ٿيون.

اسان کي بار بار اهوئي عمل سنڌ ۾ اڄ ٻه پنهنجو اثر ڏيکارڻ لڳي ٿو. يعني اٿل جو پاڻي دڙي جي چوڌاري ڇوليون مارينڊو رهي ٿو ۽ سيمو ڪري مٿي تائين پهچي وڃي ٿو. دڙي جي ٻاهرئين گهير واريون جايون ڦهڪو ڪري ڪرڻ لڳن ٿيون ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ شهر جي ڳتيل آبادي۽ واري وچين حصي ۾ ٻه ڪريل پٽين جا حصا زمين دوز ٿيڻ لڳن ٿا ۽ آخر ۾ جڏهن پاڻي لهي وڃي ٿو. تڏهن وري ساڳين هنڌن تي جاين جي ٻيهر تعمير ڪرڻي پوي ٿي. ڪن حالتن ۾ ته ٻوڏ جو پاڻي جڏهن ڳوٺ واري دڙي کي گهيرو ڪري ٻيهي ٿو. تڏهن ڳوناڻا پنهنجا گهر گهاٽ چڏي ٻه وڃن ٿا، پر جيڪڏهن سندن اناج جا ذخيرا دڙي تي صحيح سلامت آهن ۽ جيڪڏهن سندن وهٽن ۽ مال لاءِ ويجهڙائيءَ ۾ ڪو گاهه جو ٽڪر ٻه بچيل موجود آهي يا سندن سڪي گاهه ۽ داڻي جو ڪجهه ذخيرو ته محفوظ آهي، (توڙي ڪٽي

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

انهن کي گاهه واريءَ زمين تائين گوڏي جيڏو پاڻي جهاڳي ۽ ويڙهو پوي ٿو يا ٻيڙيءَ ۾ ويهي ات پهچڻو پوي ٿو). تڏهن ۽ اهي مضبوطيءَ سان جميا، اتي پنهنجن گهورن ۾ وينا رهندا آهن. پر جيڪڏهن نقصان شديد ٿيو هوندو ۽ ڳوناڻن کي خوراڪ جي قلت هوندي ته پوءِ اهي عارضي طور ڳوٺ ڇڏي ۽ وڃي سگهن ٿا ۽ پاڻيءَ جي سڪي وڃڻ تائين هو پرپاسي ۾ ڪنهن پوڻي تي ڇانوٽي هڻي، وقت گذاري پورو ڪن ٿا، جيسين وري ٻيهر واپس اچي، پنهنجي ڳوٺ کي آباد ڪن. هنن جي اها "جلاوطني" فقط ڪن هفتن جي مس ٿيندي آهي ۽ جيڪڏهن انهن وٽ ايندڙ ربيع موسم لاءِ ٻج لاءِ ڪافي مقدار ۾ اناج موجود آهي ته پوءِ هو انهن ئي زمينن تي تمام پلن فصلن پوکڻ ۽ لڻڻ جون اميدون رکيون وينا هوندا آهن. جن تان ٿورو ئي وقت اڳي کين لڏڻو پيو هو.

سنڌ جي ميدانن ۾ موجود آبادي‌ءَ وارين جاين جي سطحن جي جيئن پوءِ تيئن مٽي چڙهڻ لاءِ ڏميدار قدرتي سببن ۾ فقط ٻوڏ جو پاڻي ئي اڪيلو سبب ڪونهي، انهيءَ ملڪ ۾ سال جي وڏي حصي جي دوران خشڪ سالي‌ءَ جون جيڪي حالتون قائم رهن ٿيون، تن ۾ گرم ۽ خشڪ هوائون پڻ هڪ وڏو اثرائتو ذريعو آهن، جن سان ملڪ جي ظاهري شڪل ۽ صورت بدلجندي رهي ٿي، جو اهي هوائون مٽي‌ءَ، واريءَ ۽ دريائي ريٽ کي هڪڙي هنڌان ڪٽي ڪيئي ميل پري اچي اڇلائين ٿيون. اهڙيءَ خشڪ موسم ۾ رستن تي جانورن جي ڪرن يا گاڏين جي ڦيٿن، خاص طور بيل گاڏين جي هل هلان- سنڌ جي نامياريءَ دز ۽ ڏوڙ کي اڻاري، ان جا ڪڪرن جا ڪڪر اڏائي ٽي ۽ ان کان وڌيڪ وزندار ۽ ڳريون شيون، واريءَ جون آنڌيون ۽ مٽي‌ءَ جو طوفان، جيڪي اونهاري جي موسم جي پيشبنديءَ طور لڳندا آهن، هڪ کان ٻئي هنڌ آڇيو ستين ٿا. اهي شيون اهڙي هنڌ پهچي هيٺ ڪرن ٿيون، جتي ڪا رنڊڪ هوا جي راهه ۾ رڪاوٽ وجهي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ ساڪت هوا جا جهول پيدا ٿين ٿا، جيڪي انهن وزندار شين کي اتي هيٺ ڪرڻ ۽ بنا ڪنهن روڪ رنڊڪ جي، جمع ٿيندي رهڻ ۾ مدد ڏين ٿا. ڳوناڻن کي، ٿورن ئي مهينن لاءِ ترڪ ڪيل سندن ڳوٺ، انهن جي موٽي اچڻ تائين، مٽي‌ءَ ۽ دز جي انبارن هيٺان سڄو نه ته اڌوگابرو ڏيل ملي سگهي ٿو. مئڪي هڪ کان وڌيڪ پيرا، موئن جي دڙي جي رهائشي سطحن جي، جيئن پوءِ

تيئن متي چڑهڻ جي مختلف اسبابن ۾ هوائن جي ذريعي ائين ڪجي آيل ۽ اتي اچي گڏ ٿيندڙ متيءَ ۾ ڏڻ جو هڪ اهم وسيلي طور حوالو ڏئي ٿو.[38]

جن ماڻهن اپر سنڌ جي ڳوناڻي زندگيءَ ۾ ايندڙ اهڙين تبديلين جو مشاهدو ڪيو هوندو، سي هن ڳالهه کي هڪدم تسليم ڪندا ته موئن جي دڙي وارين صدين ۾ پڻ انهيءَ شهر کي نه فقط ڪيئي دفعا ٻوڏين جو مقابلو ڪرڻو پيو هوندو، پر هن ڳالهه جو به بلڪل امڪان آهي ته انهيءَ شهر کي مڪمل يا جزوي طور، نه فقط ٻوڏين جي اچڻ ڪري، بلڪ سنڌو نديءَ جي بلڪل اُبتي جنون جي نتيجي ۾ به خالي ٽيڻو پيو هوندو، يعني ته، جڏهن شهر جي معقول ويجهڑائيءَ اندر سنڌو ندي گهربل ڪارائتي سيلاب جو پاڻي پهچائڻ ۾ ناڪام ٿيندي هوندي، جنهن تي رواجي طرح شهر جي آبادي لاءِ ٿيندڙ پوک جو دارومدار هوندو هو. هن ڳالهه ۾ شڪ ڪونهي ته اهڙيءَ صورتحال کي، جيڪا ڪڏهن ڪڏهن منهن ڏيندي هئي، منهن ڏيڻ لاءِ اناج جو وڏو گدام احتياط طور قائم ڪيو ويو هو. تنهن ڪري، هڪ پاسي ٻوڏ جي پاڻيءَ جي پوسل ۽ سيمي کان ڪرندڙ جاين جو ڍڪ ۽ انهن جو ملبو ۽ ٻئي طرف عارضي طور خالي ٽيل شهر تي هوائن ذريعي اڏامي ايندڙ ريٽ ۽ واريءَ جو حملو- انهن ٻنهي مان هڪ عمل يا ٻنهي گڏجي، ماڻهن کي ڪافي مقدار ۾ وقت بوقت نئين سر اڏاوتون ڪرڻ لاءِ مجبور ٻئي ڪيو هوندو.

هاڻي اسين انهيءَ منزل تي پهتا آهيون جتي اسين انهيءَ نمايان تبديليءَ جي اهميت تي غور ڪري سگهون ٿا. جيڪا موئن جي دڙي جي زندگيءَ جي آخري دؤر کي انهن سيني ڳالهين کان جدا ڪري ٿي، جيڪي اتي اڃي واقع ٿي چڪيون هيون. شهر جي ڪوٽائي ڪندڙ پهرينءَ جماعت جا اڳواڻ، سر جان مارشل ۽ ڊاڪٽر مڪي، ٻيئي هن راءِ جا هئا ته شهر جي زندگيءَ جو اهو پويون ڏنڏلڪو دؤر اهڙي وقت تي نئين سر آباد ڪاريءَ جي صورت ۾ شروع ٿيو، جڏهن اهو ڪافي گهٽي عرصي لاءِ ان کان اڳ مڪمل يا جزوي طور خالي ڪيو ويو هو. مڪي جي راءِ موجب، موئن جو دڙو انهن ٻن قيامت خيز سيلابن منجهان ٻئي سيلاب جي دوران، جن جو اڳئي ذڪر ٿي چڪو آهي، خالي ڪيو ويو هو تباهه ٿيل ايراضيءَ جي متيءَ ۾ مليل ڪلر جو غيرمعمولي حد تائين گهٽو حصو انهيءَ نظريي کي هٿي ڏئي ٿو، ته

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اهو علائقو ڪجهه وقت لاءِ غيرآباد ۽ قدرتي عناصر جي رحم ڪرم تي نڊٺڪو پيو رهيو.[39]

پر اها جاءِ وري ٻيهر آباد ڪئي ويئي ۽ سا به "سنڌو" لوڪن طرفان. پر نئون شهر پراڻي جي پيٽ ۾ نمايان طور سادو ۽ گهٽ درجي وارو هو. عمارتن جو معيار بي ڍنگو ٻڌجي چڪو آهي، جو گهرن جون جايون گهٽو ڪري انهن سرن مان نڪيل معلوم ٿين ٿيون. جيڪي اڳين اوچاين تان ڌاهي آندیون ويون آهن، ۽ اهي ڪڏون جن مان متي ڪڍي ويئي آهي، سي جڙ ته ڪنهن بہ جي اثر کان وجود ۾ آيل ڪڏن وانگر سڃيءَ ايراضيءَ ۾ وات ڦاڙيو ٻيٺيون آهن.[40] اهي ڪڏون پنهنجي ليکي وري انهيءَ ايراضيءَ جي قابل استعمال حدن کي سوڙهو ڪن ٿيون، جنهن تي نئين اڏاوت ٿي سگهي، ۽ انهيءَ ڪري جايون هڪ ٻئي جي مٿان چڙهيون ٻيٺيون آهن. خوشحاليءَ واري دور جون وڏيون ۽ عاليشان عمارتون بنان سوچ سمجهه جي ننڍين ننڍين ڪوٺڑين ۾ ورهايون ويون آهن ۽ گهٽين جي مقرر ٿيل انهن حدن ۾ ناجائز حد دخليون ٿيل آهن، جن کي گذريل ڪيترين ئي صدين جي دوران سختيءَ سان برقرار رکيو ويو هو. ابهرائيءَ ۾ نهيل بي ڍنگن دڪانن جون وڏن رستن جي پاسن کان قطارون نهيون ٻيٺيون آهن ۽ تعميري رڃائن جي معيارن ۾ آيل ابتريءَ جو هڪ وڏيڪ نمايان مثال اهو آهي ته ڪنيارن جون آويون، جيڪي اڳين ڏينهن ۾ شهر جي اندرين حدن اندر ڪڏهن بہ برداشت نه ڪيون ويون ها. هاٿي هتي هُتي قائم ٿيل ڏسجن ٿيون ۽ حد ته اها آهي جو انهن مان هڪ آوي ته رستي جي بلڪل وچ تي ٻيٺي آهي.[41]

صاف ظاهر آهي ته شهري انتظاميه جو سخت ضابطو، جيڪو شهر جي خوشحاليءَ ۽ آسودگيءَ جي طويل عرصي جو هڪ نمايان نشان هو، سو ان جي پوئين دور جي ابتريءَ سان گڏوگڏ غائب ٿي چڪو آهي. هيءُ موٽن جو دڙو اهو ساڳيو هڪ عظيم قوم جي گاديءَ جو شهر ۽ هڪ تجارتي سلطنت جو دارالحڪومت باقي نه رهيو آهي ۽ نه وري هاٿي اهو پروهت راجا جي رهڻ وارو مرڪزي شهر ئي رهيو آهي. هاٿي اتي ڪاريگرن،قوت گذر ڪيندڙ ڪڙمين ڪاسبين ۽ مزورن جو مجمعو اچي گڏ ٿيو آهي، جيڪي انهيءَ سرزمين تي هڪ ٻئي سان اٽڪيا پيا آهن، جيڪي ٿوريون گهٽيون شيون اتي نهن ٿيون، سي هاٿي ڏيساور لاءِ نه، پر شايد شين جي ڏي وٺ جي

بنياد تي داخلي ڪپت لاءِ ناهيون وڃن ٿيون بنا ڪنهن شڪ جي. اهو تنزل گذريل دور جي پڇاڙيءَ ڌاري ئي شروع ٿي چڪو هو. جڏهن شهر جو سامونڊي واپار ختم ٿي چڪو هو جنهن کان هڪدم پوءِ "سلطنت" جي حدن اندر واقع تجارتي مرڪزن ۾ واپار وارن شاهراهن تي رهندڙ رعيتي ماڻهن ۾ پيدا ٿيل بي آراميءَ ۾ مقامي بدانتظاميءَ جي نتيجي ۾ قاعدي ۽ قانون جي ضابطي ۾ ڪجهه هلڪائي ۽ ڍلائي اچي ويئي. يقيناً، انهيءَ طاقتور واپاري قوم جي ماڻهن کي، جيڪي صدين کان وٺي موٽن جي دڙي جي عظمت ۾ دولت سان سجاتا ويندا هئا، جڏهن اهو مسئلو طئي ڪرڻو پيو هوندو ته انهيءَ شهر ۾ وري ٻيهر آباد ٿجي يا نه! جنهن کي اهڙيءَ بربادي ۽ تباهيءَ مان گذرڻو پيو هو. پنهنجي دل ۾ من کان خوب پڇڻو پيو هوندو ۽ گهڻيءَ دير تائين شش و پنج ۾ گذارڻو پيو هوندو. هنن ضرور پاڻ کان اهڙا سوال پڇيا هوندا ته، اتي رهي وري ٻيهر واپار کي وڌائي سگهبو يا وڌيڪ عقلمنديءَ جو طريقو اهو ٿيندو ته پنهنجا نقصان هميشه لاءِ برداشت ڪري ڪنهن ٻئي طرف ڏانهن، شايد هڙاپا ۽ اترئين صوبي ڏانهن لڏي هليو وڃجي، جيڪي ان وقت تائين سرسبز ۽ شاداب هئا. شايد هنن کي درياءَ جي آئيندہ جي ٻوڏين جي پڏرن خطرن آخرڪار فيصلي ڪرڻ تي مجبور ڪيوهجي. هيءَ ڳالهه ڪا ناممڪن ناهي ته اهو فيصلو هنن انهن موقعن مان ڪنهن هڪ تي ڪيو هجي، جڏهن سنڌو درياءَ ڪنهن دؤر ۾ لاڳيتا ڪي سال ڦوڪجي مٽان لهندو هو ۽ پاڻيءَ جو تباهڪن مقدار ساڻ آڻيندو هو. جيئن مٿي، هن ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري ٿو ته، "هر سال" (هنن ٻن لفظن تي مصنف طرفان زور ڏنل آهي) شهر جي چوڌاري ٻن يا وڌيڪ فوٽن جيتري وڏي پاڻيءَ کان وڌيڪ ٻيهڙ سان ئي شهر جي شاهوڪار ۽ خوشحال طبقي جي لڏپلاڻ لازمي بنجي ويندي هوندي. ڇاڪاڻ ته ان صورت ۾، ٻيڙين جي مدد کان سواءِ، هنن لاءِ مال اسباب جو آڻڻ نيڻ ناممڪن بنجي ويندو هوندو."[42] ظاهر آهي ته لاڳيتن اهڙن موقعن تي بريءَ طرح ستايل "واپاري برادريءَ" جا ماڻهو وڌيڪ برداشت نه ڪري سگهيا هوندا ۽ نيٺ هڪ ٻيري ٻاهر نڪري پوڻ کان پوءِ هو وري واپس نه آيا هجن، ان کان پوءِ هنن جو ڪهڙو حشر ٿيو، تنهن جي اسان کي ڪا خبر ڪانهي.

امڪان آهي ته، "عام ماڻهو" جن ڪنهن عرصي کان پوءِ ٻيهر اچي

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

شهر آباد ڪيوڳونن جا ماڻهو ۾ شامل هجن. شايد اهي "لوهم جي دڙي" ۽ "جهڪڙ" جا رهاڪو هئا ۽ ڪي شايد "چانهو دڙي" ڪان آيل ٻوڏ جا ستايل پناهگير هئا. هن ڳالهه ۾ شڪ جو امڪان ڪونهي ته "چانهو دڙي" جي شهر جي ماڻهن کي هڪٻئي پنڌيان آيل ٻوڏن جي ڪري اتان نڪرڻو پيو هو. جن ان شهر ۾ سندن رهائشي علائقي جي ڪجهه حصي کي زمين دوز ڪري ڇڏيو هو ۽ سڄي شهر کي آبادي‌۽ جي ناقابل بنائي ڇڏيو هو. بهرحال اسين هن باري ۾ خاطري‌۽ سان ڪجهه نٿا چئي سگهون ته اتي اهي سيلاب ۾ انهي‌۽ وقت ئي آيا هئا. جڏهن موئن جي دڙي واري اها "خاص" ٻوڏ آئي هئي. جنهن "تاجر برادري‌۽" جي ماڻهن کي دائمي طور ۽ "عام ماڻهن" کي عارضي طور اتان لڏڻ لاءِ مجبور ڪيو هو.[43] ڪنهن عام طبعي تباهي‌۽ ۽ بربادي‌۽ جي سوال کان قطع نظر. ٻاهرين ضلعن ۾ وڏندڙ بي آرامي ۽ عدم سلامتي. گادي‌۽ واري شهر جي ڪمزور ٿي ويل مرڪزي اختياري‌۽ جو پڻ سڌو سنئون نتيجو سمجهي سگهجي ٿي.

بهرحال هن ڳالهه جي مڃڻ لاءِ ڪوبه سبب ڪونهي ته انهي‌۽ شديد سيلاب جو جنهن جي ڪري موئن جي دڙي يا ڪنهن ٻئي شهر کي عارضي طور ڇڏڻو پيو هو. انهي‌۽ جي آسپاس جي زرعي پيداوار تي ۾ ڪو خاص نقصانڪار اثر پئجي سگهيو هوندو. هن ڳالهه جو اڳ ئي ذڪر ڪيو ويو آهي ته. سنڌ ۾ ايندڙ سخت ٻوڏين جا ذيلي اثر عام طور فائديمند ٿيندا آهن. انهن جي نتيجي ۾ سيلابي پوک جي لائق ايراضيون وڌي ويندیون آهن. انهي‌۽ ڪري خاص طرح "موئن جي دڙي" جي شهر جي آخري دؤر ۾ ان جي آدمشماري ان جي اوج واري زماني جي پيٽ ۾ جيڪڏهن وڌيڪ نه. ته ۾ اوتري ئي نظر اچي ٿي. ابتري ۽ تنزل فقط صنعت ۽ حرفت جي معيار ۾ آيل هو. ساڳئي وقت آسپاس جي "ستايلن" کي ڪشش ڪرڻ لاءِ وري ۾ انهي‌۽ شهر ۾ گذر سفر جا. توڙي پناهه ۽ نسبتي طور سلامتي‌۽ جا ڪافي ذريعا موجود نظر آيا هوندا.

پروفيسر پگٽ انهي‌۽ وقت ڏاري ڪُلي (Kulli) ۽ موئن جي دڙي جي ماڻهن جي درميان لاڳاپن ۾ وڌيڪ ويجهڙائي‌۽ ۾ اڇڻ جي ثبوتن ڏانهن ڏيان ڇڪايو آهي ۽ ساڳئي ئي دؤر ۾ هو بلوچستان ۾ ڪن ٻين هنڌن جا اهڙا مثال پيش ڪري ٿو جن ۾ ٻين "ثقافتن" جي پراڻن ۽ قديم دؤر جي قائم ٿيل ڳونن

کي باهه ڏيئي ساڙيو ويو آهي ۽ انهن جي باشندن کي ماري ڪُٽي ختم ڪيو ويو آهي ۽ انهن جي مٿان وري نيون آبادیون قائم ڪيل آهن. بهرحال ائين پيو پائنجي ته اسان کي انهيءَ دؤر يا انهن دؤرن کي وڏيڪ باريڪيءَ سان طئي ڪرڻ لاءِ جڏهن اها بربادي ۽ تباهي آئي هئي،[44] وڏيڪ ثابتين هٿ ڪرڻ جي ضرورت آهي. بهرحال انهيءَ وچ ۾ "سنڌ جي شاهه شهر" ۾ "پرلئي کان اڳ جي سر ڇائي" ايجا به وڏيڪ ٽن يا زياده نسلن تائين گهلبي رهي.

ڪتاب جي پهرئين جلد ۾ مون اها راءِ ڏني هئي ته، موئن جي دڙي جي آخري پجاٽي شايد ڪنهن اهڙيءَ قدرتي آفت جي نتيجي ۾ آئي هوندي. جنهن اتان جي باشندن کي گذر سفر جي ذريعن کان محروم ڪيو هوندو. مثال طور سنڌو درياءَ جي پيٽ ۾ آيل ڪو وڏو ڦيرو. درياءَ جيئن وڏيڪ ڏڳهي عرصي لاءِ پنهنجو دستوري وهڪرو قائم رکيو هوندو. جنهن مان شهر جي پسگردائيءَ ۽ ويجهڙائيءَ وارو علائقو رواجي طرح چڱي خاصيءَ باقائدگيءَ سان، ۽ ڪڏهن ڪڏهن حد کان وڌيڪ ايندڙ پاٽيءَ جي اثل مان آباد ٿيندو رهندو هو ۽ اهڙين تقريباً لاڳيتين هڪجهڙين حالتن جي مدت اسان کي گهٽ ۾ گهٽ ستن کان ونڊي اٺ صديون سمجهڻ گهرجي. ٽيئن ان جي لٽ ۽ ريٽ جي تهه به تهه جمڻ ڪري درياءَ جي تري جي مٽي کڄي اچڻ ۽ ان کان پوءِ ان جي پاٽيءَ جي وهڪري جو هيٺانهين سطح اختيار ڪري ٻئي منهن سان وهڻ لاءِ زبردست ڦيرو کائڻ- ان جا امڪان اوڏائي وڌي ويا هوندا. اهڙيءَ طرح انهيءَ زماني ڌاري هن ڳالهه جو هڪ زبردست طبعي امڪان صاف ظاهر نظر پئي آيو هوندو ته درياءَ جي پيٽ ۾ جلد ڦيرو اچڻ وارو آهي. سنڌو ماٿريءَ وچان گذريل ٻن هزارن سالن جي عرصي دوران سنڌو درياءَ جي سڃي تاريخ اهڙن رخن بدلائڻ جي ڏڳهي تاريخ رهي آهي، جن جي نتيجي ۾ متاثر علائقن جي ڪيفيت آسودگيءَ ۽ نيمر- ريگستاني حالتن جي درميان ڦرندي رهي آهي.[45]

مون کي يقين آهي ته هيءُ واقعو اهڙن ئي واقعن مان هڪ هو. درياءَ جي پيٽ ۾ هيءُ وڏو ڦيرو ان جي شهر کان اصلوڪي اپرندي پاسي واري رخ ۾ آيو ۽ درياءَ اتان کان هٽي موئن جي دڙي کان ٽيهارو ميل پري اوپر طرف وهڻ شروع ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح ان اهي زمينون، جن کي هو اڳي سائو ۽ آباد ڪندو آيو هو خشڪ سالیءَ جي حالت ۾ فقط وقتي بارش جي رحم ڪرم

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تي تيزيءَ سان ويران ٿيڻ لاءِ ڇڏي ڏنيون. ممڪن آهي ته انهيءَ تبديليءَ مڪمل ٿيڻ ۾ ڪي سال ورتا هجن ۽ شهر جي رهاڪن ڪي شروع ۾ سندن مڪمل نااميديءَ جي صورتحال جو احساس نه ٿيو هجي. پر هن ڳالهه جو وڏو امڪان آهي ته جيڪڏهن اڳي نه، ته عين انهيءَ ابتريءَ جي وقت، موئن جي دڙي جي ڪمزوريءَ هندي طرف وارن "وحشين" ڪي ان تي حملي ڪرڻ لاءِ ڪائڻ جو ڪم ڏنو. هنن جا پهريان حملا "ڏڪ هنيو ۽ ڀڳو" جهڙا هوندا. پگٽ پوئين دور جي هڪ اهڙي قبرستان جي نشاندهي ڪري ٿو، جيڪو امڪان آهي ته انهن حملي آورن جوئي هڪ قبرستان هجي. آباديءَ جي پوئين زماني وارين سطحن جي کوٽاين مان، انهن علامتن کان علاوه، ننڍيون ترارين ۽ پاهي واريون سهڻيون ڪهاڙيون پڻ مليون آهن، جيڪي سنڌو ديس ۾ نايابَ هيون، پر اتر ايران ۽ ان کان به ڪجهه پر پرو اولهه طرف عام هيون.[46] شهر جي رهاڪن کي بهرحال جلد ئي احساس ٿيو هوندو ته دشمن وڏيڪ تعداد ۾ وري جاڙ ٿو موٽي، هيءَ ڳالهه خاص طور تي توجه جي قابل آهي ته انهيءَ وقت ڏاري ماڻهن پنهنجون قيمتي شيون زمين ۾ دفن ڪرڻ شروع ڪيون هيون، شهر جي کوٽائي ڪندڙ پهرين ماهرن کي ان جي آخر آباديءَ واري مٽانهين سطحن مان قيمتي هيرن، جواهرن ۽ سون جا ڪيئي دفينا هٿ آيا هئا. وڌندڙ بي دليءَ ۽ همت هارڻ جي ڪري ماڻهن جلد ئي محسوس ڪري ورتو هوندو ته ٻرپور هٿياربند وحشين جو هاڻي هو گهٽي وقت تائين مقابلو نه ڪري سگهندا.

انساني هڏن جي پيچرن جا ڍڳ، جن تي ڏکن ۽ گهائن جا نشان صاف نظر اچن ٿا، موئن جي دڙي جي مختلف حصن ۾ هڪ ئي هنڌ تي ڪٿا ملن ٿا ۽ انهن مان اڪثر شهر جي بلڪل آباديءَ وارين سطحن مان دستياب ٿيا آهن. اهي شهري جي انتهائي پوئين دور ۾ ان تي ٿيل حملن ۾ماريل هوندا ۽ ممڪن آهي ته انهن مان ڪي اهي به هجن، جيڪي شهر ۾ ٿيل "آخري ڪوس" ۾ قتل ٿيا هجن. جيئن منهنجو رايو آهي. جيڪڏهن سنڌو ندیءَ پنهنجو وهڪرو بدلايو هو ۽ شهر جي ويجهڙائيءَ ۾ ڪٽي به پوکي راهي ڪرڻ ڏري گهٽ ناقابل عمل ٿي ويئي هئي، ته آباديءَ جو وڏو حصو گذر اوقات جي تلاش ۾ اڃيئي اتان لڏي هليو ويو هوندو. اهڙا ڪي ٿورا ئي ماڻهو هوندا، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن بحاليءَ جي اميد ۽ آسري ۾ پنهنجن گهرن گهاٽن کي

چنبڙيا پيا هوندا ۽ اهي ئي هئا، جيڪي نيٺ ويجي ترار جو قوت بڻيا.

فاتح قوم جي ماڻهن جو موئن جي دڙي ۾ آباد ٿي ويهڻ جو ثبوت نه ٿو ملي. حالانڪ اهي جهڪڙ لوهم دڙي ۽ چانهو دڙي جي ويران سرزمين ۾ آباد ٿي ويٺا هئا، سنڌو تهذيب جي هن شاهه شهر کي هنن طرفان ائين نظر انداز ڪرڻ جو سبب اهو ٿي سگهي ٿو ته، هنن کي سابق دارالحڪومت واري شهر جي آسپاس پوکيءَ راهيءَ جا ڪي آثار نظر نه آيا هوندا، جيتوڻيڪ انهن ماڻهن لاءِ هي اندازو ئي ڪري سگهجي ٿو ته انهن جي زندگيءَ جي طرز نيم خانه بدوشيءَ واري هئي ۽ اهي فقط پنهنجي مال جي ڏڻ مان ٽيندڙ اپت ۾ اضافي ڪرڻ لاءِ ئي ڪڏهن ڪڏهن زراعت ڪندا هئا. انهن حملي آور ماڻهن جي دؤر جا جن کي اسان "جهڪڙ وارن لوڪن" جي نالي سان ڄاڻون ٿا، جيڪي قديم اوزار مليا آهن، انهن جو گهڻي کان گهڻو تعداد ۽ گهڻي کان گهڻا مختلف نمونا چانهو دڙي مان دستياب ٿيا آهن ۽ اهي بلوچستان جي پري پري تائين منتشر ٿيل هنڌن مان هٿ آيل شين سان به مطابقت رکن ٿا، انهن هنڌن ۾ شاهي- ٽمپ وارو ڪُجائو قبرستان ۽ اتر ايران جي سرزمين پڻ شامل آهن، انهن جي مليل نشانن ۾ ڪي مهرون به آهن، جي ايشيا مائنر مان هٿ آيل شين جي ياد تازي ڪن ٿيون.[47]

جيستائين مون کي معلوم آهي، هيءَ راءِ ڪڏهن به ڪنهن عالم طرفان ڪانه ڏني ويئي آهي ته، اهي "وحشي لوڪ" رگ ويد وارا آريا هئا، پر انهيءَ "نظريي" جو ذڪر ضرور ڪرڻ گهرجي، جنهن مطابق ائين مڃيو ويجي ٿو ته اهي آريائي هئا، جن سنڌو تهذيب کي موتمار ڏڪ هنيو هو. گهڻو وقت ٿيو ته اها راءِ پيش ڪئي ويئي هئي ته ويدن جي اشلوڪن ۾ "دَسيُوز" جي جن شهر پناهه وارن شهرن جو اندر يا اڳني ديوتائن هٿان تباهه ۽ برباد ٿيڻ جو بار بار ذڪر ٿيل آهي، سي ضرور سنڌو لوڪن جا شهر هوندا. ٻئي طرف رگ ويد ۾ ذڪر ڪيل مال وند ۽ تاجر "پڻي" لوڪن کي سنڌو لوڪن سان شناخت ڪرڻ جي راءِ اول ئي سن 1926ع[48] ۾ ڏني ويئي هئي.

پروفيسر بَرو، سن 1963ع ۾ لکيل پنهنجي هڪ مضمون ۾ رگ ويد جي اشلوڪن مان به ٽڪرا نقل ڪيا، تن مان پهريون ٽڪرو جڏهن بعد واري دور ۾ لکيل هڪ "برهمڻ" نظم جي اشلوڪ سان گڏي پڙهجي ٿو تڏهن اهو هن نظريي جي يقيناً تائيد ڪري ٿو ته آريا حملي آورن سڃن پڃن ننڍن

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

توڙي وڏن شهرن کي ناس ڪيو هو. جيڪي سنڌو لوڪن کان علاوه ٻين ڪن ماڻهن جا نه پئي ٿي سگهيا. ٻيو هڪ ٽڪرو به، جنهن ۾ هڪ "تباهه ٿيل" شهر جي نالي ۽ ان جي زير ڪرڻ ۽ شهرين جي عام ڪوس ڪرڻ جو حوالو ڏنو ويو آهي، انهيءَ راءِ جي تائيد ڪري ٿو.[49] ان جي باوجود آڳ انهيءَ سلسلي ۾ موئن جي دڙي کي ۽ ان جي آخري آبادي‌ءَ وارين سطحن مان گهٽن لاشن جي دريافت کي حوالي طور پيش ڪرڻ کي صحيح نٿو سمجهان. اهو نظريو هڙاپا ۽ ٻين اترين شهرن [50] جي سلسلي ۾ خواهه ڪيتريقدر به ظاهري طور معقول ۽ ممڪن نظر ايندو هجي، پر سنڌوءَ جي هيٺانهين علائقي وارن شهرن انهيءَ نظريي کي وابسته ڪرڻ ۾ ڪيترائي سنگين اعتراض موجود آهن.

رگ وید اندر ملندڙ داخلي شهادت مان ائين پيو معلوم ٿئي ته ان جي اشلوڪن جو وڏو خاصو حصو ڪُرو ڪيشتر جي "پاڪ" سرزمين تي، ستلج ۽ جمنا ندين جي درميان واقع سر سوتي نديءَ جي آسپاس جوڙيو ويو هو. پنجاب فتح ڪيو ويو هو ان جا درياءَ مشهور ۽ معروف هئا، نه فقط اتان جي قديم نسل لوڪن جنگيون جهيڙا ٿيا هئا، بلڪ خود آرين جي درميان قبائلي لڙائي پڻ ٿي گذري هئي. اهي ۽ اشلوڪن ۾ ذڪر ٿيل ڪي مخصوص ڳالهيون ٻڌائين ٿيون ته اهي اشلوڪ هندستان جي سرزمين ۾ آرين جي پهرئين پيري قدم رکڻ کان گهڻا ئي سال، شايد هڪ ٻه صديون پوءِ مرتب ڪيا ويا هئا. پر انهن ۾ ڪوبه اهڙو ثبوت ڪونهي ته حملي آور ڪي سمنڊ تي به پهتا هئا. انهن ۾ ڪم آيل لفظ "سموندر" بظاهر سنڌو نديءَ ۽ [51] پنجند وارن درياهن جي ملڻ واري هنڌ کان هڪدم هيٺ انجي اٽل سان تعلق رکي ٿو.

هيءَ ڳالهه قابل غور آهي ته چيتو جيڪو سنڌو جي هيٺئين علائقي ۾ هڪ جاتل سجاتل جانور هو تنهن جو رگ وید ۾ ڪٿي به ذڪر آيل ڪونهي ۽ مڇيءَ مارڻ کي، جنهن کي سنڌ ۾ وڏي اهميت حاصل هئي، بلڪل نظرانداز ڪيو ويو آهي.[52] انهيءَ کري هيءَ ڳالهه انتهائي حد تائين غير امڪاني نظر اچي ٿي ته جنهن زماني ۾ رگ وید مڪمل ڪيو ويو هو جيڪو آرين جي پنجاب ۾ وارد ٿيڻ کان گهڻ ۾ گهڻ هڪ يا ٻه صديون پوءِ لکيو ويو هوندو، تڏهن سنڌ جو ملڪ ڪو آرين جي قبضي ۾ هو يا اهي

ايا انهيءَ ملڪ اندر داخل ئي ٿيا هئا. اشلوڪن جي مرتب ٿيڻ کان گهٽو اڳي، "الهندي وارا وحشي" چانهو ڏڻي ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ آباد ٿي چڪا هئا ۽ اهي ماڻهو، جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي، واضح طور بلوچستان کان سنڌ ۾ داخل ٿيا هئا. پروفيسر پگٽ ڏيکاري ٿو ته هن باري ۾ اعتبار ڪرڻ لاءِ دليل آهن ته نئين آيل قوم وارن "سنڌو" جي ڪاريگرن جي پاڻ وٽ جبري پرتي ڪئي هئي ۽ اهو ممڪن آهي ته سنڌو لوڪن مان ڪي ٻيا عناصر، خاص طور آبادگار پڻ، سنڌ جي مختلف علائقن ۾ رهجي ٻيا هوندا. جتي هو پنهنجن هنن "وحشي" آقائن لاءِ سهولت سان فصل پوکي ۽ ٻي ڪار ڪرت ڪري پئي سگهيا.

انهيءَ دوران، ويران ۽ پڙپاڻگ ٽيل موئن جي ڏڻي ۾ ريٽ ۽ متيءَ چڙهڻ جو عمل شروع ٿي چڪو هو. اهو ساڳيو عمل، جنهن سنڌ جي تاريخ جي مختلف دورن ۾ عمارتن ۽ شهرن جي ڦٽل نشانن تي ساڳئي قسم جي خاڪي ۽ ميٽوڙي رنگ جي متيءَ جي چادر چاڙهي ڇڏي هئي. ڪنهن خيالي ڏنڊ جي متيءَ ۾ ڊڪجي ۽ جڪڙجي ويڙ جو عمل نه، بلڪ ڏوڙين ۽ متيءَ جي آنڊين جي ڪلهن تي سوار ٿي ايندڙ ڏَڙ ۽ واريءَ ۾ درجي بدرجي وکوڙجي هوساڃڻ ۽ انهيءَ طرح سان ٿهيل دڙن جي مٿان پوندڙ برسات سبب جمي پڪي ٿي ويڙ جو عمل.[53]

ساڳئي ئي طريقي سان، هڪ هزار کان به وڌيڪ سالن کان پوءِ، ار شهر جي نئين سر آبادڪاريءَ جو خاتمو واقع ٿيو هو. فرات نديءَ جو پيٽ بدلائي ڇڏيو. جنهن تي ار شهر جي زندگيءَ جو هميشه انحصار رهندو آيو هو. "جڏهن نديءَ پنهنجو پيٽ بدلايو، تڏهن ان جي پراڻي تري جي مٽي چڙهي خشڪ ٿيڻ جو نتيجو هيءُ ٿيو. ته پاڻيءَ تي ٿيندڙ آمدورفت جو خاتمو ٿي پيو ۽ ساڳئي وقت زراعت به ختم ٿي ويئي. انهيءَ بدنصيب فاقه ڪش شهر کي ان کان پوءِ وجود ۾ رهڻ جو ڪوبه سبب ڪونه هو. گهرن جون جايون پڄي پُري ڪري ڇڏيون. هوائون پوءِ خشڪ ٽيل ۽ ويران ميدانن مان لنگهندي پاڻ سان ريتيءَ جا گهاتا ڪڪر ڪٽي ايندڙ رهيون، جن کي اهي ڏنل جاين جي باقي ٻيڻل پتين جي پڻيان ستيندڙ ۽ گڏ ڪندڙ رهيون ۽ جيڪو ڪنهن زماني ۾ هڪ عظيم شهر هو. سو نيٺ ويران پَٽَ جي ڇاتيءَ مان اپرندڙ سروٽن سان ستيل دڙن جي سنسان ويران بَرپٽ بنجي ويو.[54]

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نوٽ/ حوالا

(1) ايس. پگٽ "پري هستارک انڊيا"، ص. 208 سر. ايم. وهيلر "دي انڊس سوليزيشن" (ٽيون ڇاپو 1968ع) ص. 117.

(2) ماگان ۽ ميلو نالن وارن ملکن کي، جن جو ذڪر سال 1500 ق. م وارن بابلي تحريرن ۾ ملي ٿو، اسيريا جي تهذيب جي عالمن طرفان عام، قديم مصر ۽ ايٿوپيا سان ٿوري گهڻي مشابهت رکندڙ سمجهيو ويو آهي ۽ گذريل ڪجهه سالن کان وڌي اها راءِ ڏني ويئي آهي ته اهي ٻيا نالا انهن ملکن کي هن ڪري ڏنا ويا هئا، جو اهي انهن ساڃين قيمتي شين، خاص طور تي عاج، جا ذريعا هئا، جهڙيءَ طرح سابق زمانن ۾ مٿين نالن وارا مشرقي ملڪ انهن شين جو ذريعو هئا، جن سان واپاري ناتا ڪيئي صديون اڳي ختم ٿي ويا هئا. دلمن يا تلمُن، جيڪو گهڻو ڪري بحرين سمجهيو وڃي ٿو، واپار جي آفريقي رستي تي واقع هڪ بحري بندرگاهه هو. جهڙيءَ طرح اهو اڳئين دور ۾ هندستان واري بحري شاهراهه جو هڪ بندرگاهه هو. پروفيسر ڪريمر نالن جي ردوبدل جي انهيءَ نظريي سان اختلاف ڪيو آهي ۽ سندس چوڻ موجب ميلوها، سُميريا خواهه بابل جي پوئين دور جي دوران ايٿوپيائي هو. انهيءَ سلسلي ۾ "اگيد (ديويءَ) جي پاراتي" ميلوها جي رهاڪن کي جو "ڪارا ميلوهائي" جي لفظن سان پڪاريو ويو آهي، تنهن جو هو حوالو ڏئي ٿو ۽ هن ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو ته انهيءَ دور کان گهڻو پوءِ واري زماني جي "ايسرهيدن" ڪتبي ۾ "ڪارا ميلهائيءَ" جو جيڪو اصطلاح ڪم آندل آهي، تنهن جو اشارو واضح طور "ايٿوپيا وارن" ڏانهن آهي. پر ڪريمر جي راءِ تي پڻ اعتراض جو دروازو کليل آهي ۽ اهو اعتراض هي آهي ته هن ڳالهه لاءِ ڪوبه ثبوت موجود ڪونهي ته سال 2500 ق. م ڌاري ايٿوپيا جي ڪا اهڙي تهذيب وجود ۾ هئي، جنهن پنهنجا جهاز (شيپس آف ماگان، بحوالہ ايضاً) ايراني نار ۾ موڪليا هجن. ميلوها جي رهاڪن جي ڪاري چمڙيءَ جي حوالي مان هي نتيجو بخوبي ڪڍي سگهجي ٿو ته انهن جو ملڪ سنڌو نديءَ جي هيٺئين پاڻي ۾ واقع هو. ڇاڪاڻ ته "پيري پلس آف دي ايري ٿرين سي" جو مصنف حضرت عيسيٰ کان پوءِ پهرين صديءَ ۾ لکندي، دعويٰ سان چوي ٿو ته، "سنڌ جا ماڻهو ڍڳهي قد وارا ۽ "رنگ جا ڪارا" هئا. ("رنگ جا ڪارا" لفظن تي زور ايڇ. ٽي لئمربڪ طرفان). "ائنٽي ڪُئٽي 37" (1963ع). مريمر. ايس. اين "دلمن. ڪُئيست فار پئرادائيز"، ص. 112 نوٽ 2.

(3) "ائنٽي ڪُئٽي 32" (1958ع)، آر. ڊي. بارنيٽ، "ارلي شپنگ ان دي نيئر ايسٽ" ص. 221 ۽ تصوير 21. بي. سامهون ص. 256، گارڊن چائيلڊ، "نيولائيٽ آن دي موسٽ اينشنٽ ايسٽ"، ص 115 ۽ خاڪو صفحي 231_233، "اُر ايڪس ڪئويشن ٽيڪسٽس" جلد 3، ڇاپو ليئون ليگرين، ٽيڪسٽس 1053، 1054، 1459، 1680.

(4) ايرامارس پرائيس، "دي گريٽ سلنڈر انسڪريشنس آف انڊيا"، 1927، ص. 13 (سلنڈر اي 90).

(5) ايضاً صفحا. 64_63, 71 (استئچوز بي ۽ ڊي).
(6) "ائنٽي ڪئٽيز 37"، ايس. اين. ڪريمر.
"جنرل آف دي امريڪن اوريئينٽل سوسائٽي" جلد_74، اي. ايل اوپينهيم.
"بليٽن آف دي اسڪول آف اوريئينٽل اينڈ افريقن استينڈيز" جلد_19. (1957ع)
"سيسوائٽ سوسا" از اليا جرشيوچ، صفحا 320_317، "پرسي پوليس آف ايري ٽرين سي"، ايڊ. وليم. ونسينٽ، پاڳو پهريون ص. 94، پاڳو 2، ص_342.
(7) "ايران"، جلد_III (1965ع) "دي مڪئنڪس آف اينشنٽ ٽريڊ ان ويسٽرن ايشيا"... وغيره، از ايم. اي. ايل. ميلووان صفحا. 7_1، ليمئنس "جنرل آف دي ايڪانامڪ اينڈ سوشل هسٽري آف دي اوريئينٽ" جلد، III، ص. 27، سر ايل. وولي "ايڪس ڪئويشنس ائٽ اُر" ڇاپو 1955ع، ص. 116، "پيري پلس" وغيره ايڊ. ونسينٽ (1805ع) پاڳو 2، ص. 341.
(8) جي. وات "دي ڪمرشل پرادڪٽس آف آنديا" لنڊن 1908ع، ص. 293 ("ائويسينيا آفيس ائنلس" ۽ سيريئوپس ڪئنڊولين).
(9) "پيري پلس"، ونسينٽ 1908ع، ص. 94، جي وات، سامهون ص. 498. (مٿيون حوالو).
(10) "اُر ايڪس ڪئويشن ٽيڪسٽس، I" (رايل انسڪروپشنس ايڊ. سي. ايس گئڊ ليئون ليگرين ص. 11، (ٽيڪسٽ 50).
(11) " ائنٽي ڪُئٽي، 37" ايس. اين. ڪريمر، ص. 113.
(12) "الستريٽيڊ لنڊن نيوز"، فيبروري 25، 1961ع، ص. 302_ "نيو لائيٽ" وغيره، از سري. ايس. آر. راءُ لوٽل جي متعلق.
(13) اُر ايڪس ڪئويشن ٽيڪسٽس، III"، "برٹيس ڊاڪيومينٽس آف دي ٽرڊ ڊاءِ نيستي اُر"، ايڊ. ليئون ليگرين، مثلاً ٽيڪسٽس 818، 326، 828.
(14) "اُر ايڪس ڪئويشنس V"، "ليٽرس ائنڈ ڊاڪيومينٽس آف دي اولڊ بائبليو نين پيريڊ"، ايڊ. ايڇ. ايڇ. فگيولا ۽ ڊبليو. ايف. جي. مارٽن ٽيڪسٽ 292.
(15) " ائنٽي ڪُئٽي 37" (1958ع) جي. بي ائنڈ آدرس، ص. 46_243. سر ايم. وهيلر ص 16_115 (مٿي ڄاڻايل ڪتاب).
(16) سر ايل. وولي ص. 94_193 (مٿي ڄاڻايل ڪتاب).
(17) سر ايم. وهيلر ص. 65_64 (مٿيون حوالو).
(18) اي. مئڪي. "ارلي انڊس سوليزيشنس"، ٻيو ڇاپو (لنڊ، 1948ع) ص. 120. ايس. پگٽ، سامهون صفحي. 201_200 جي. بي ائنڈ آر ائلچين "دي برٽ آف انڊين سوليزيشن" (1968ع) ص. 134.
(19) سر جان مارشل "موئن جو دڙو ائنڈ دي انڊس سوليزيشن" ج، 1، صفحا. 10، 103.
(20) سر ايل. وولي. الاخ "رپورٽس آف دي ريسرچ ڪاميٽي آف دي سوسائٽي آف ائنٽي ڪُئيريز آف لنڊن" نمبر 18، صفحا. 10، 304، 78_377.
(21) سر ايم. وهيلر، ص. 94. (مٿي ڄاڻايل ڪتاب).
اي. مئڪي، ص. 114. (مٿي ڄاڻايل ڪتاب).
(22) ايم. ايس. واٽس، "ايڪس ڪئويشنس ائٽ هڙاپا" ا، ص. 324. سر ايل. وولي، ص.

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

116 (مٿي ڄاڻايل ڪتاب)۔
(23) ايس. پگٽ، ص. 151. (مٿي ڄاڻايل ڪتاب).
(24) سر ايم. وهيلر، حوالو ڏنل ص 151.
(25) سر ايم. وهيلر بحواله ايضاً.
(26) اي. مئڪي "فردر ايڪس ڪئويشنس ائٽ موئن جو دڙو"، دهلي 1938ع، جلد ا، صفحا 8_7.
(27) ڊي. اي. هومز "ڊي ريسينٽ هسٽري آف دي انڊس"، جاگرافيڪل جرنل 134 پاڳو 3 ۾ (سيپٽمبر 1968ع) ص. 382_367.
(28) سر ڪلاڊ انگليز "ڊي بهيويئر ائنڊ ڪنٽرول آف رورس ائنڊ ڪئنالس" وغيره، گورنمينٽ آف انڊيا ريسرچ پبليڪيشن نمبر: 13، پونا 1949ع، ج نامعلوم. ص. 172. سرجان مارشل، حوالو ڏنل ڪتاب ص 8.
(29) سر جان مارشل، ص. 103.
(30) اي. مئڪي، "فردر ايڪس ڪئويشنس" وغيره. 2xiv، 101، 8_107.
(31) اهڙين گهڙين ئي ڪاهين جو بيان مئڪي طرفان "فردر ايڪس ڪئويشنس" ص. 1 کان 5 ۾ ڏنو ويو آهي. انهن منجهان ڇهن جي جاءِ وقوع صاف ظاهر نظر اچي ٿي. ڪتاب ۾ ذڪر ڪيل ٻن ڪاهين جا تفصيل هن طرح آهن:
(الف) ڊي. ڪي ڏڙي جي اترئين ڪنڊ کان اٽڪل 40 فوٽ، اي. مئڪي ص 2، ڪاهيءَ جو هڪ حصو تصوير vii، ايڇ. 2 ۾ نظر اچي ٿو. ان هنڌ تي ميدان جي مٿاڇري جي سطح سمنڊ جي مٿاڇري کان اٽڪل 159 فوٽ مٿي آهي.
(ب) "ايل" ڏڙي ۽.... استوپا ڏڙي جي ڏاڪڻين لاهيءَ جي درميان: مئڪي، ص. 3. سلاميءَ ۾ دوباره داخل ٿيندڙ رستي طور بيئل آهي، جنهن جي ڪري ڏڙي واري ڪوٽ کي ڏري گهٽ ٻن اڏن ۾ ورهائي بيئي آهي. ساميءَ جو مٿاڇرو هن هنڌ تي سمنڊ جي سطح کان اٽڪل روءِ 56_155 آهي ۽ اها آسپاس واري ميدان جي سراسري اوچائي آهي.
(32) اي. مئڪي، "فردر ايڪس ڪئويشنس" ص. 2.
ايس. پگٽ، نوٽس وغيره "ائنشنٽ انڊيا" نمبر: 4، (48_1947ع) ۾ اي. مئڪي جي ڪوٽائي ۽ سندس طرفان ڏنل ارضي تهن جي خاڪي جي حوالن سان لکي ٿو. "(تعميراتي سطحن) هڪيئي جي اڳيان پنيان اڇڻ جي حالت ۾ هڪ اهم ڳالهه، مختلف سطحن تي دريائي ريٽ جي تن جدا جدا ٽُلهن تهن جي موجودگي آهي" ص. 27 ڏسو خاڪو ص. 28 تي).
(33) اي. مئڪي، ساڳيو ڪتاب ص. 44.
(34) سن 1929ع واري وڏي ٻوڏ، شيئاڪ نديءَ تي واقي اهڙي ئي برفاني بند جي ٽٽڻ جو نتيجو هئي.
(35) سر جان مارشل، حوالو ڏنل ڪتاب ص. 125).
اي. مئڪي ۽ مارشل، ص. 265.
(36) سر جان مارشل، حوالو ڏنل ڪتاب ص. 21.
اي. مئڪي ۽ سر جان مارشل، ص. 265.

(37) اي مئڪي، حوالو ڏنل ڪتاب ص. 2، 170، 171.
(38) اي. مئڪي، حوالو ڏنل ڪتاب ص. 8، 66.
(39) اي. مئڪي ۽ مارشل، حوالو ڏنل ڪتاب ص. 265.
(40) اي. مئڪي "فردر ائڪس ڪئويشنس"، ص xiii، ص. 6 (فٽ نوٽ)، تصوير xx.
(41) اي. مئڪي، حوالو ڏنل ڪتاب ص. 6.
(42) اي. مئڪي اڳي ڏنل حوالو.
(43) اي. مئڪي، "چانهو دڙو ائڪس ڪئويشنس" (نيو هئووين، ڪنيڪٽيڪٽ 1943ع) ص. 18، 59، 63.
(44) ايس. پگٽ، حوالو ڏنل ڪتاب ص. 192، 5_214.
(45) هن تاريخ جي جلد ا جو حوالو "سنڌ اي جنرل انٽروڊڪشن" ص. 35_34.
سي. ايف: ڊي. اي. موئن "دي ريسينٽ هسٽر آف دي انڊس" جاگرافيڪل جنرل، سيپٽمبر 1968ع، ص. 375 ۾ "ائنٽي ڪئنٽي 19" (1945ع)، ڊوروٿي. مئڪي، "اينشنٽ رور بيڊس ائنڊ ڊيڊ ستيز".
(46) ايس. پگٽ، حوالو ڏنل ڪتاب ص. 229_228.
(47) ايس. پگٽ، حوالو ڏنل ڪتاب ص. 226_223.
(48) راما پرساد چندا: "دي انڊس وئلي ان دي ويدڪ پريڊ"، آرڪيالجيڪل سروي آف انڊيا، نمبر: 31 (1926ع) ص. 4 جي ميمايرس ۾ ۽ "سروائيول آف دي پري هسٽارڪ سويليزيشن آف دي انڊس وئيلي"، ايم. اي. ايس. آءِ. نمبر: 41 (1929ع)، رنگ آچاريه جي "ويدڪ انڊيا"، پاڻوا ص. 147، 181_169 ۾ "هسٽري آف دي پريڊ مسلمان انڊيا".
(49) ٽي. برو، "جرنل آف انڊين هسٽري، اپريل 1963ع، ص. 65_163 ۾ "لفظ" "آرما، جي اهميت بابت" ۾.
(50) ايضاً 20_161. ۽ سوترن ۾ سرسوتي ۽ دريشاوتي ندين جي ڪنارين سان برباد ۽ ويران آبادين جو ذڪر آيو آهي.
(51) مئڪڊونيل ائنڊ ڪيٿ، "ويلڪ انڊيڪس آف نيمس ائنڊ سبجيڪٽس" ص. 432، "ڪئمبرج هسٽي آف انڊيا_1، ص. 79.
ان جي ابتڙ ڈسو راما پرساد چندا ايم. اي. ايس. آءِ. نمبر: 31 (1926ع)، ص. 5_2 ۾.
(52) "ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا" ص 101.
(53) ايچ. ٽي. لئمبرڪ، "دي انڊس فلڊ، پلين ائنڊ دي انڊس سوليزيشن"، جاگرافيڪل جنرل، ڊسمبر 1967ع، ص. 491_490 ۾.
(54) سر ايل. وولي، "ايڪس ڪئويشنس ائٽ اُر" ص. 248. ٭

(هي مضمون ڪتاب "سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ" صفحو 35 کان 75 تان ڪنيل آهي).

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تاريخ کان اڳ جو زمانو

پيرومل مهرچند آڏواڻي

سنڌ جو جنم:

قديم سنڌ جي تاريخ منڌ کان وٺي پوري ريت سمجهڻ لاءِ هاڻوڪي سنڌ ۽ هاڻوڪو زمانو وساري، اُهو آڳاتو وقت اکين اڳيان آڻيون، جنهن وقت سنڌ جي الهندي ڏي جبل چوٽيون ڪيئيو بيٺا هئا ۽ ٻيا پاسا، گهٽو ڪري سمورا، سمنڊ جي پاڻيءَ هيٺ هئا.

سنڌ کي پاڻيءَ مان پر گهٽ ٽئي ڪئين جُڳ ٿي ويا آهن. انهيءَ قديم زماني جا ڪي ڪتاب موجود ڪينهن، تہ بہ جيڪي صاحب "پوڻءِ وگيان" (ڏرتيءَ جي علم Geology) ۾ پڙڻ آهن، سي اِهي جڳن جون ڳالهيون بہ پرجهي پروڙي سگهن ٿا. انهن عالمن ڏرتيءَ جي بنهہ تر واريءَ زمين کان وٺي ڏرتيءَ جو هڪ هڪ طبق يا تهہ (Stratum) جاچي معلوم ڪيو آهي تہ هر هڪ تهہ ٻهڻ ۾ ڪيترو عرصو لڳو هوندو. انهيءَ هر هڪ زماني تي علحدا علحدا نالا (Cambrian, Cretceous etc.) رکيا اٿن.

پوڻءِ و گياني (Geologists) چون ٿا، ته "جيالاجيءَ" جي ٽيئن زماني (Tertiary Age) ۾ سنڌ سميت سڄي اتر هندستان جو ڳچ پاڳو "ٽيٿيا" نالي سمنڊ (Tethya sea) هيٺ هو. جنهنجي چولين هماليہ جبل کان وٺي ونڊيا جبل تائين ڇلڪا پئي ڏنا. ڪنهن وقت هماليہ جبل طرف اهڙا خوفناڪ زلزلا ٿيا، جو ڌرتي مٿي چڙهي آئي ۽ سمنڊ هٽي، ڏيهان ڏور ٿي ويو! ائين زمين ظاهر ٿي[1]، ته قدرت وري ٻيا ڪم ڪيا. وقت بوقت جيڪي ڇوها ۽ طوفان پئي لڳا، تن سبب واري وبئي پکڙندي، برساتين سبب زمين وبئي وهندي ۽ گرميءَ سبب ٽاڪ ٽيندي، هڪڙي پلر (برسات جي پاڻيءَ) جو پالوٽ ٿي، ٻيو ندين جو رَءُ ڌرتيءَ مٿان وقت بوقت چڙهيو. ته زمين وئي مٿي ٽيندي، انهيءَ ريت سڄي اتر هندستان جي رونق ئي ٻي ٿي پيئي. اڄ هندستان ۾ جدا جدا هنڌن تي طرح طرح جا نرمل نظارا نظر اچن ٿا. هماليہ جبل جي برف سان ڇانيل چوٽين جو نظارو پنهنجو، ته ڪشمير طرف جي گلڪاري گلزار جو نمونو پنهنجو. اهڙيءَ ريت اتر هندستان کان وٺي ڏکڻ هندستان تائين ساوڪ سبزي ڇڳو ڇهڇتو لائي ٻيئي آهي. هندستان جي زرخيز زمين مان پيدائشون ٻہ ايتريون ٽيون ٽين جو ٻيو ڪو ٻہ ملڪ ساڻس مشڪل مٽ پئجي سگهندو.[2] ڪن تاريخ نويسن ته هندستان کي بهشت جي برابر ڪري ليکيو آهي.[3]

هندستان کي هڙو رونقدار ۽ پريو پاڇيو سندس ندين ڪيو آهي، جن مان سنڌو نهايت قديم آهي. عالمن ڄاڻايو آهي ته سنڌ جو پرڀڳو سمنڊ مان پيدا ٿيو. تنهن کان ئي اڳي سنڌوندي هئي! مطلب ته جيئن ٻار ڄمڻ کان اڳي ئي ڏٽي سندس لاءِ قوت تيار رکي ٿو، جو ماءُ جي ٽٽن ۾ ٽڇ اچي ٿي، تيئن سنڌ جي صوبي کي تاتي نپائي وڏي ڪرڻ لاءِ سير سنڌو اڳي ئي هتي حاضر هئي.[4] اڄ ٻہ اسان جيءَ جيوت جو گهڻو مدار انهيءَ سونهاري سنڌوءَ تي آهي، جنهن بنا اسان جو پرڀڳو جيڪر جنسي برپٽ ٿي پوي.

سائينءِ! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين!
(شاهہ)

قديم سنڌ جا اصل رهاڪو:

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سنڌ مان سمنڊ هٿي پري ٿيو ته اول ڪهڙين قومن اُهي واريا‌سا پٽ اچي وسايا، سا سڌ پئجي نٿي سگهي. جنهن زماني (Teriary Age) ۾ سنڌ جي زمين ظاهر ٿي هئي، تنهن زماني جي ماڻهن جا پنڊ (جسم) هن وقت تائين ڦري، پهڻ ٿي ويا آهن. ان وقت جي وڻن ٽڻن جو به اهو حال ٿيو آهي. اهي ٽئين جڳ وارا پنڊ پهڻ (Tertiary fossils) سنڌ ۾ زمين جي اندرين تهن مان ڪئين لڌا آهن. قديم سنڌ جا اصل رهاڪو اهي چئبا. پر هن حالت ۾ ڪين ڪو سڃاڻي ٿو ڪونه سگهندو. عالمن کي کوجنائن ڪرڻ سان ايترو معلوم ٿيو آهي، ته موجوده قومن مان قديم ۾ قديم لوڪ، جن اتر هندستان وسايو سي هاڻوڪن سنڌالن، ييلن ۽ منڊلوڪن جا ابا ڏاڏا هئا. اهي سنڌ ۾ به هئا يا نه، تنهن بابت اسان کي پهريائين پڪ ڪانه هئي، پر پوءِ ڪن جون کوپڙيون سيوهڙ جي پريان لڌيون هيون.[5]

1922_ 1923ع ۾ ڪن ڪولن ۽ سنڌالن جون کوپڙيون موئن جي دڙي مان به لڌيون، جا ڳالهه آرڪيالاجيڪل کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل سرجان مارشل ڄاڻائي آهي. ائين هاڻ خاطري ٿي آهي ته اهي قديم لوڪ سنڌ ۾ به هئا، تنهنڪري قديم سنڌ جا اصل رهاڪو هاڻ اُهي ليکڻ گهرجن.

ڪول ۽ سنڌال ڪٿان آيا:

جيالاجيڪل کاتي وارن کي کوجنائن ڪرڻ مان معلوم ٿي آهي ته قديم زماني ۾ جڏهن اتر هندستان گهڻو ڪري سمورو سمنڊ جي پاڻيءَ هيٺ هو، تڏهن ڏکڻ هندستان وارو پاسو آفريقا، سلون (لنڪا) ۽ آسٽريليا سان خشڪيءَ رستي ڳنڍيل هو ۽ اُهو گهڻو اڳي پيدا ٿيو هو. هن وقت دور پورب ڏي اندمان ٻيٽ ۽ ٻيا ننڍا ننڍا ٻيٽ آهن، پر انهيءَ پاسي هڪ وڏو پڪو ڪنڊ هو، جو هينئر پئسفڪ وڏي سمنڊ جي پيٽ ۾ سمايل آهي. انهيءَ غرق ٽيل ڪنڊ کي "ليموريا" (Lemuria) نالو ڏنو اٿن. ڇاڪاڻ ته ليمور (Lemur) نالي هڪ جانور جا هڏا انهيءَ سڃي ايراضيءَ مان (آفريقا کان وٺي آسٽريليا تائين) ڄجهي تعداد ۾ لڌا آهن. انهيءَ ڪنڊ جي ڪوجنا ويجهڙائي ۾ به پئي ڪيائون، پر هن وقت جرمنيءَ ۽ جاپان جي جنگين سبب بند ڪئي اٿن. انهيءَ کوجنا جا جيستائين نتيجا ڇپجي پڌرا نه ٿيا آهن، تيستائين اُن بابت

ڪجھ بہ وڌيڪ چئي نٿو سگھجي.

ٻولين جي ڪوجنائن مان عالمن کي ائين وسھڻ لاءِ سبب ٿيو آھي، تہ اھي قديم لوڪ اصل خشڪيءَ جي رستي آسٽريليا کان چين ولايت واري واٽ وٺي، آسام ۾ بينگال ڏي آيا، ۽ پوءِ اتر هندستان ڏي وڌيا. هن وقت سندن اولاد وچ هندستان ڏي سنتال پرڳڻن ڇوٽا ناگپور طرف رهي ٿو. ھاڻوڪا ڪول ۽ سنتال جيڪي ٻوليون ڳالھائين ٿا، تن جي نحوي بناوت اُنھن ٻولين جھڙي آھي، جي انڊو چئنا ۽ ملايا اُپٻيٽ کان وٺي آسٽريليا ۽ پالينيشا تائين ڳالھائڻ ۾ اچن ٿيون. انھن سيني هنڌن جي ٻولين جو پاڻ ۾ جگري ناتو آھي، تنھنڪري ڪولن، سنتالن وغيره جون ٻوليون آسٽريليا جي ٻولين جي خاندان (Austric family) جي ھڪ شاخ ليکجن ٿيون. اھي حقيقتون سر گريئرسن پنھنجي ناھيل ڪتاب "لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا" (Linguistic Survey of India) جي جلد پھرئين، پاڳي پھرئين ۾ ڇاڙايون آھن.

قديم سيٻيتا جي شروعات:

سنڌ جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ بہ ڪيڇ جورڻ ۽ ٿر ڏي ڪي صديون ساندھ سمنڊ ھو. ڪراچي ضلعي ۽ حيدرآباد ضلعي واري لاڑ جا بہ ڪيترا ٽڪر ڪي سمنڊ جي پاڻيءَ، تہ ڪي سنڌوندڙيءَ جي پاڻيءَ هيٺ ھئا، جن مان شاھ بندر، سجاول ۽ جھرڪن وارو ٿورو پاسو بنھ ويجھڙائيءَ ۾ پاڻيءَ مان نڪري پڌرو ٿيو آھي.[6] تاريخ کان اڳ جي زماني جون جيڪي کوجنائون ٿيون آھن، تن مان ائين سمجھڻ ۾ پيو اچي، تہ شاھ بندر، ڪٽي ۽ جھرڪن واريون ٽڪريون، ڪوٽڙيءَ طرف وارو سورجاڻو جبل، حيدرآباد وارو گنجو ٽڪر ۽ رنيڪوٽ واريون ٽڪريون، يا تہ ان وقت هيون ئي ڪين، يا جي هيون تہ آسپاس پاڻيءَ ھيٺ سبب، ٻيٽن وانگر ٻيڻيون هيون، جنھن ڪري سنڌ جي رڳو الھندي طرف وارو جابلو پاڳو اول وسيو ھو. اھو "قديم حجري زمانو" يعني "جھوني پٿر وارو زمانو" (Paleolithic or Old Stone Age) ھو جنھن ۾ زمين ڪيتري قدر برف سان ڇانيل ھئي ۽ رڳو ڪي ڪي هنڌ ڇٽل ھئا، جتي ماڻھو رهي سگھندا ھئا. ان وقت ماڻھن کي ايجان گھرن جوڙڻ جو هنر

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪونہ هو. تنهنڪري گرميءَ سرديءَ توڙي برسات کان پاڻ بچائڻ لاءِ الهندي طرف وارن جبلن ۾ ٽڪرن جي غارن ۾ رهندا هئا. اڄ بہ اڪين سان ڏسجي ٿو. تہ ڪوهستان ۾ جن واندين کي گهر نڪو گهاڻ آهي، سي غارن ۾ آڏن ۾ رهن ٿا. ان وقت ماڻهن کي کيتيءَ ڪرڻ جو هنر بہ ڪونہ هو. جنهن ڪري "ڏڻ" (جهنگلي ان ۾ جهنگلي ميون وغيره) تي گذارينداهئا. چاپرو ٻير، ليار، ڀانگيون، گولاڙا، منگها ۾ ٻيون اهڙيو جهنگلي پيدائشون اڄ بہ ڪوهستان توڙي ٿر جي ماڻهن لاءِ وڏي وٽ آهن. انهن هنڌن جي ماڻهن اڄ تائين گهڻي ترقي ڪانہ ڪئي آهي. جنهن ڪري اهي آڳاٽي ۾ آڳاٽا دستور اڄ تائين هلائيندا پيا اچن.

ماڻهن جا ڏند ڪٽائون ۾ ٻيون ڀالهيون جاچي، ڪيترن عالمن هيءَ راءِ ظاهر ڪئي آهي تہ انسان پنهنجي ذاتي سياڻ ڪري سانتيڪو پرسات کائيندڙ يا پاڄي خور (Vegetarian) آهي، پر اڳيون حالتون بہ ڏيان ۾ رکڻ گهرجن. ڪنهن وقت گهڻي برف پوڻ ڪري، يا برسات اصل نہ پوڻ ڪري، وڻ ٽڻ سڙي ويندا، تہ ڪابہ پيدائش ٿي ڪانہ سگهندي. اڄ بہ ٿر ۾ ڏسو تہ جيڪڏهن ٻہ ٽي مندون ساندهہ مينهن جو ڦڙو بہ ڪونہ وسندو آهي، تہ وڻ ٽڻ سڀ سڙي سڪي ويندا آهن، چوپايو مال مڪين وانگر مري ويندو آهي. بک وچان ماڻهن جا پيٽ پنيءَ سان ويجي لڳندا آهن ۾ ٿر مان جنسي رت جي بانس پئي ايندي آهي! اهڙين حالتن ڪري ماڻهن مڇيءَ ماس کائڻ جي عادت پرائي.[7] پکين جو شڪار ڪرڻو هوندو هون، تہ پٽ مان پٿر ڪٽي هڻندا هئن. منجهائن ڪو مرندو هو تہ سندس لاش جي مٿان پٿر وجهي ان کي ڍڪي ڇڏيندا هئا. مطلب تہ اڻ گهڙيل پٿر ڪم آڻڻ جو واهپو گهڻو هو. تنهن ڪري اهو قديم هجري زمانو سڏجي ٿو جو عيسوي سن کان ڪئين هزار ورهيہ اڳي شروع ٿيو هو.

قديم سيتا جو مرڪز:

سنڌ ۾ هن وقت تائين آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن گهڻيون ڪوجنائون ڪونہ ڪيون آهن، تہ بہ جيڪي ٿوريون گهڻيون ڪيون اٿن، تن مان ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو تہ انهيءَ قديم سيتا جو مرڪز سيوهڻ وارو پاسو هو.

ميجر جنرل ڪننگھام ڄاڻايو آھي تہ "سيوھڙ نھايت سڻائي ھنڌ، ھڪ ڏار اُتاھين ٽڪري تي آھي، ۽ منجر ڏنڊ بغل ۾ بيٺي اٿس، جنھن جو پاڻي اڇي سيوھڙ جي پٽين تائين اچي پھچندو ھو. جنھن ڪري پاڻيءَ ۽ ڪاڏي پيٽي جي سھنج، سنڌ جي پھرين رھاڪن جو ڏيان ضرور اول انھيءَ طرف ڏي ڇڪيو ھوندو.[8] مصنف جو بہ اھو ئي رايو آھي، تہ سڃيءَ سنڌ مان اول سيوھڙ وارو پاسو وسيو ھو. ان لاءِ سبب آھن:

موئن جي دڙي جي ڪوٽائي ٽيڙ ڪان گھڻو اڳي، انھيءَ قديم زماني جي ماڻھن جو ڪوپڙيون، سيوھڙ جي پريان شاھہ بلاول واريءَ واٽ تان لڌيون ھيون. ھيءَ حقيقت جيالاجيڪل ڪاتي وارن جي دفتر ۾ ڄاڻايل آھي.[9]

"سيوھڙ" نالو نھايت ئي آڳاٽو آھي ۽ انھيءَ جھڙو جھونو نالو ٻئي ڪنھن بہ شھر جو ڪونھي. اھو نالو يجروبد واري زماني ۾ ملي ٿو تنھنڪري انھيءَ ڳالھہ جو وڌيڪ ذڪر پوءِ ڪبو. ھن وقت اسين انھيءَ ڪان گھڻو آڳاٽي وقت جي ڳالھہ ڪري رھيا آھيون، تنھنڪري انھيءَ نھايت قديم وقت جا جيڪي احوال ملي سگھيا آھن، سي ھتي ڄاڻائجن ٿا:

لڪيءَ جي جبلن مان ڪوسي پاڻيءَ جي ڪشتين جي پريان، ڪي غار لڌا اٿن، جي ٽڪرن مان ٽاڪيل آھن. انھن بابت رايو ظاھر ڪيو اٿن، تہ اڳي انھن ۾ ماڻھو رھندا ھئا. ھن وقت انھن غارن مان ڪي وھتن لاءِ وڻاڻ ٿي ڪم اچن ٿا. ھاڻوڪي سيوھڙ استيشن جي پريان ٽڪريءَ تي، انھيءَ قديم زماني جو ھڪ غار آھي، جو "ايڪ ٿنيو" يا "ھڪ ٿنيو" سڏجي ٿو. اُن جو ذڪر ڊاڪٽر ولسن ڪيو آھي. اھو بہ نھايت قديم زماني جو غار آھي، جنھن ۾ ماڻھو پناھہ ونندا ھئا.

لڪيءَ جي جبلن مان ڪوسي پاڻيءَ جي ڪشتين جي نزديڪ، ڪيتريون قبرون لڌيون اٿن، جن بابت انھيءَ طرف جا مسلمان رھاڪو چون ٿا تہ اھي آڳاٽن "ڪافرن جون قبرون" آھن. اھي قديم ماڻھن جون قبرون پندرھن ويھہ فوٽ ڊگھيون، اٺ نو فوٽ ويڪريون ۽ اٽڪل بہ فوٽ اوچيون آھن. اھڙيون قديم زماني جون اٽ گھڙيل پٿر جون قبرون منگھي پير جي پريان شاھہ بلاول[10] واريءَ واٽ تان، توڙي ڪراچيءَ ڪان جيڪو رستو

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪوٽڙيءَ ۾ سيوهڙ ڏي وڃي ٿو. تنهن شاهي سڙڪ تي آهن. انهن هنڌن جا مسلمان رهاڪو انهن کي ”ڪافرن جون قبرون“ ڪوٺين ٿا. هندن ۾ ٻه اڳي مردن پورڙ جو رواج هو. مردن ساڙڻ جو رواج گهڻو پوءِ پيو. جو باهه ٻارڻ جو هنر ماڻهو پوءِ سکيا. هنن حقيقتن مان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته هاڻوڪي حب ندي انهيءَ آڳاٽي وقت ۾ ٻه هئي، ۽ چوماسي ۾ برسات جو پاڻي جبلن تان لهي منجهس اچي پوندو هو. جنهن ڪري هن پاسي ٻه پاڻيءَ جي سهنج ڪري ماڻهو رهي سگهيا ٿي. پر اها وري ٻه بلوچستان جي حد ليڪبي، تنهنڪري سنڌ جو وسيل پاسو رڳو سيوهڙ وارو طرف چئبو.

سر بارٽل فريئر، جنهن جي نالي پٽيان ڪراچيءَ جو ”فريئر هال“ سڏجي ٿو، تنهن سن 1851ع ۾ تاريخ کان اڳ واري زماني جي قبرن جو بيان رائل ايشياٽڪ سوسائٽيءَ جي جرنل ۾ لکيو هو. مسٽر هينري ڪزنس، جو اڳي آرڪيالاجيڪل ڪاتي جو سپرنٽنڊنٽ هو ۽ سن 1910ع ۾ سنڌ ۾ اچي، ميرپورخاص طرف ”ڪاهوءَ جو ڏڙو“ کوٽايو هئائين. تنهن پنهنجي ڪتاب ”ائنٽيڪئٽيز آف سنڌ“ ۾ انهن قديم غارن ۽ قبرن جو احوال، سر بارٽل فريئر ۽ ٻين عالمن جي رپورٽن مان ڏنو آهي، جنهن جو مختصر مطلب اهو آهي، جو مٿي ڏنو ويو آهي.

هنن حقيقتن مان چڱيءَ پر سمجهڻ ۾ ايندو. ته قديم ۾ قديم سنڌين جا ماڳ جيڪڏهن ڪنهن کي ڳولڻا هجن، ته سنڌ جي الهندي طرف وارن جبلن جي قطار، ۽ سيوهڙ ۽ لاڙڪاڻي طرف جا اهي هنڌ جي سنڌونديءَ ۽ الهندي ناري کي ويجها آهن، سي خاص ڪري سيوهڙ ۽ لکيءَ وارو پاسو ڳولي، جو سنڌ جي قديم سيبيتا جو پتو اتان ئي پوٽو آهي. آڳاٽن ماڻهن کي هن پاسي پاڻي آسانيءَ سان ملي سگهيو ٿي ۽ غارن ۾ رهڻ جو سهنج ٻه هون، تنهنڪري اهو سيوهڙ ۽ لاڙڪاڻي وارو پاسو سياويڪ طرح سنڌ جي سيبيتا جو پهريون گهر ٿيو.

ڪولن جو وڌيڪ ذڪر:

ڪولن ۽ سنٽالن جي ٻوليءَ ۾ ”ڪول“ لفظ جي معنيٰ آهي ”جٽو“ يا ”ماڻهو“ جيئن ويجهڙائيءَ ۾ مهاتما گانڌيءَ اڇوتن کي نالو ڏنو ”هريجن“

يعني هريءَ يا پڳوان جو جيو (People of God) تيئن ڪول لوڪ ۽ سڏبا هئا. سندن اولاد ڪئين صديون سانده سڄي اتر هندستان ۾ هو. تنهنڪري هو آرين سان لهه وچڑ ۾ آيا هئا، ۽ انهيءَ سبب سنسڪرت ۾ ۽ "ڪول" لفظ چالو ٿيو. پر معنيٰ ٿيس "جهنگلي يا اٽسڌريل. هن مان ظاهر آهي ته آڳاٽن آرين ڪولن کي اڻ سڌريل حالت ۾، يا پاڻ کان گهٽو گهٽ ڏٺو هو. تنهنڪري "ڪول" لفظ جي اها معنيٰ ٿي.

ڪولن ۽ سنٽالن ۾ ڪي "منڊ" لوڪ ۽ هئا، جن جو ذڪر مهاڀارت (پرو 6_2410) ۽ وايو پراڻ (14_123) ۾ آهي. انهيءَ سبب ڪولن، سنٽالن، منڊ لوڪن وغيره جون ٻوليون سندن نالن پٺيان "ڪوليرين" يا "منڊا" ٻوليون (Kolarian or Munda Languages) سڏجن ٿيون. سنسڪرت ۾ "منڊ" لفظ جي هڪڙي معنيٰ آهي "گهٽ ذات وارو يا نيچ" ۽ ٻي معنيٰ اٽس "مڏو، جڏو يا ڪند فهم". هن مان ۽ ظاهر آهي، ته آڳاٽن آرين هنن قديم ڪولن کي پاڻ کان گهٽو گهٽ ٿي ڄاتو ۽ پنهنجي اصل نسل تي فخر هُئن، جنهن ڪري "ڪول" ۽ "منڊ" لفظن کي اهي اگُريون معنائون ڏنائون. اهي لوڪ آرين جي نسل مان نه هئا، تنهنڪري "اڻ آريه" سڏجڻ ۾ آيا. رفتي رفتي "اڻ آريه" لفظ جو اچار بگڙجي ٿيو "اناڙي" ۽ هينئر معنيٰ اٽس "جهنگلي يا اڻ سڌريل". انهن قديم لوڪن کي "مليچ" ۽ سڏيندا هئا، جنهن جي اصل معنيٰ هئي "جنهن کي ٻولي (سنسڪرت) پوري ريت ڳالهائڻ نه اچي." انهن ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ آرين جهڙي نه هئي، تنهن ڪري "مليچ" جي پوءِ معنيٰ ٿي "پليد"، وغيره هنن حقيقتن مان ۽ ڳالهيون ثابت ٿين ٿيون:

(1) آرين کي پنهنجي ٻولي تي گهٽو فخر هو.[11]

(2) ڪولن، سنٽالن ۽ منڊ لوڪن، آرين جي وقت تائين ۽ ڪا گهڻي ترقي ڪانه ڪئي هئي. انهيءَ سبب سندن سڀيتا جا اهجاڻ ۽ هن وقت اهڙائي ملن ٿا، جن جا ٿورا مثال هي آهن:

- آڳاٽن ڪولن وغيره ۾ ڪي اهي ۽ هئا، جي "ڀيل" سڏجن ٿا. اهي اڄ تائين سنڌ ۾، خاص ڪري ٿر ۾، گهٽا آهن. هاڻوڪا ڀيل ڪٽي راجپوتانا مان يا ٻين هنڌان ويجهڙائي ۾ آيا هجن، پر اصل انهن آڳاٽن

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

لوڪن مان آهن. پيلن مان ڪيترا اڄ تائين شڪار ڪري قوت گذران ڪندا آهن، تنهنڪري "پاراڏي" (شڪاري) سڏجن ٿا. ڏاڪي هوليءَ يعني ڏڻ يا ٽر جي هوليءَ ۾ پيلن کي "ٿوري" به چوندا آهن.

تون لنگهائين لطيف چئي، ٿرن جا ٿوري
آهيان اجوري، تنهنجي جوريءَ، جبل جهاڳيان.
(شاهه)

هتي سسئي پنهنجي مسڪينيءَ ۽ نڙت ظاهر ڪرڻ لاءِ پاڻ کي ٽر جي ٿورين سان پيٽي، ڄاڻائي ٿي ته مان نيچن ۾ نيچ آهيان. ٽر جا سوڍا راجپوت، ڪرار (واپاري) ۽ ٻيا هندو پيلن کي اڇوتن جي دفعي ۾ ليکين ٿا.

- ڪولن جي هوليءَ جو هن وقت سنڌ ۾ نالو به ڪونهي، پر نشان آهن. مثلاً اسان جا ڪيترا هاري ناري ۽ ٻيا اڻ پڙهيل اڪثر ويهه ويهه ڪري ڳڻيندا آهن. اهي "پنجاهه" بدران چون "ايڪائي ڪوڙيون" ۽"سٺ" بدران چون ٽي ڪوڙيون يا ٽي ويهون". انهيءَ سبب چوٽي آهي ته، "جهڙي سٺ تهڙيون ٽي ويهون." آڳاٽن آرين جي انگن ڳڻڻ جو دستور "ڏهائيءَ" يعني ڏهاڪن جي ترتيب (Decimal system) تي ٻڌل هو جنهن ڪري انگن، ٽي نالا ئي اهڙيءَ طرح رکيائون ۽ اسين اهي ساڳيا انگ، ٽوري ٿريل اُچار سان اڄ تائين ڪم پيا آڻيون. مثلا ٻارهن (اصل_ ٻاڏهن) معنيٰ ٻه ۽ ڏهه (12)، تيرهن (تيڏهن) معنيٰ ٽي ۽ ڏهه، ۽ چوڏهن معنيٰ چار ۽ ڏهه. اهو ڏهه ڏهه ڪري ڳڻڻ جو دستور اول آڳاٽن آرين وڏو جو يورپ ۽ ايران وارن به اختيار ڪيو.[13] آڳرين تي ڳڻڻ جو رواج بلڪل سياويڪ ۽ نهايت سولو سهنجو آهي، تنهنڪري اڄ به اسين آڳرين تي ڳڻيون ٿا. پائنجي ٿو ته آڳاٽن آرين کي ڏهه ڏهه ڪري ڳڻڻ جو خيال هٿن جي ڏهن آڳرين مان آيو. ڪولن ۽ سنٿالن شايد پيرن جون آڳريون به ٽي ڳڻيون، جنهن ڪري ويهه ويهه ڪري ڳڻڻ جي ترتيب (Vigesimal System) چالو ڪيائون ۽ اها هن وقت اسان کي کل جهڙي پيئي لڳي، جنهن ڪري اهو اڻ سڏريل ماڻهن جو رواج ڪري ليکيون ٿا. سر گريئرسن ڄاڻايو آهي ته اهو ويهه ويهه ڪري ڳڻڻ جو دستور ڪولن ۽ سنٿالن جو آهي، جو اتر هندستان جا

اڙ پڙهيل ماڻهو اڄ تائين هلائيندا پيا اچن، ۽ خود "ڪوڙي" (Score) منڌا ٻولين جو لفظ آهي.[12]

- سنڌي ۾ آوازن مان ٺهيل لفظ گهڻا آهن_ مثلاً ڪتي جو آواز "ٻنڀ ٻنڀ" ٻلي‌ءَ جو آواز "ميائو ميائو" انهن کان سواءِ گهٽگهٽ، جهٽجهٽ، ٽاڪا ٽڪ، ٽڪاڻوڪي ۽ ٻيا ڪيترا آوازن مان ٺهيل لفظ آهن. وچ هندستان جا هاڻوڪا ڪول ۽ سنڌال ۽ ائين آوازن مان ٺهيل لفظ گهڻا ڪم آڻين ٿا. سندن ابن ڏاڏن جي ٻولي‌ءَ جو اهو اثر آرين جي سنسڪرت تي ٿيو هجي ته عجب ڪونهي.

سندين ٻولين جو ٻيو ڪهڙو ڪهڙو اثر ٿيو آهي، سا کوجنا ڪي عالم ڪن پيا، پر ايترو اڳي ئي ڄاڻايو اٿن، ته ڪول ۽ سنڌال گهڻو سڌريل ڪونه هئا.

- سنڌ ۾ هاري ناري ۽ ٻيا ڪيترا اڪثر رڳو پوتڙو هيڻان ڪري پنهنجي ڪرت ڪار ڪن ٿا. اهو اصل سنڌالن ۽ ڪولن جو جاري ڪيل رواج چوڻ ۾ اچي ٿو جو وچ هندستان سندن اولاد اڄ تائين هلائيندو پيو اچي. پائنجي ٿو ته جڏهن ڪپڙن اُٽڻ جو رواج پيو. تڏهن انهن قديم لوڪن لانگوٽي ٻڌڻ ۽ پوتڙي ڏيڻ جو رواج وڌو. جو پوءِ فقيرن ۽ ساڌن ٻه اختيار ڪيو.
- منڇر ڏنڌ جا مهاڻا جنهن نموني جيئرا پکي جهليندا آهن، سو نمونو نهايت جهونو آهي. اُهي مهاڻا جڏهن ڏنڌ جا پکي جهلڻ ويندا آهن، تڏهن ڪي ترهي تي ترندا ويندا آهن. ترهي جي اڳيان پاڻوڙا (پٻڙ جا پن) وغيره اڳيان ٽنبي ڇڏيندا آهن، جنهن ڪري پريان ائين پيو پائنبو آهي، جڏ ته پاڻي‌ءَ ۾ پن ترندا پيا اچن. ڪي مهاڻا پٻڙ جي پنن مان ٽوپ ناهي، انهن سان مٿو ۽ منهن ڍڪيندا آهن. مهاڻا پاڻ پاڻي‌ءَ اندر هوندا آهن، باقي رڳو پاڻوڙي سان ڍڪيل مٿو ٻاهر ڪڍندا آهن، انهن پنن مان ٺهيل ٽوپن ۾ ٻه ننڍڙا ٽنگ ڪندا آهن، ۽ انهن اکياڻين مان پکين ڏي پيا نهارينداآهن. پکين جي ليکي ڪو پاڻوڙو لڙهندو پيو اچي، سو بنا ڪنهن ڊپ ڈاءَ جي پاڻي‌ءَ تي ترندا آهن. وقتي ته پکي انهن پاڻوڙن جي آسپاس اچي ڪنا ٽيندا آهن. اهو وجهه ونڊي مهاڻا، پاڻي‌ءَ مان هيڻان ئي هيڻان هٿ وجهي، پکين کي جنگهن کان جهلي، بلائتو

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪندا آهن. جيئرن پکين ڦاسائڻ جو اهو عجيب نمونو هيوز صاحب جي سنڌ گزيٽيئر موجب بہ نهايت قديم زماني جو آهي. جنهن صورت ۾ ڪولن جي سيبيتا جو مرڪز سيوهڻ وارو پاسو هو ۽ اهو جيئرن پکين جهلڻ جو نمونو رڳو منچر طرف آهي، تنهن صورت ۾ ائين پيو سمجهجي، تہ اهو آڳاٽو ڪولن وارو دستور آهي، جو منچر جا مهاڻا اڄ تائين هلائيندا پيا اچن.

- ڪي مهاڻا آڻي ۽ ٻيا پکي (بدڪون وغيره) مڙن تيرن سان چٽيندا آهن، تہ اهي پکي ساڻا ٿي ڪرندا آهن، جنهن ڪري انهن کي آساني‌۽ سان جهليندا آهن. مڇين ڦاسائڻ لاءِ ڪيترا مهاڻا هيئن ڪندا آهن، جو پاڻي‌۽ ۾ ڇار پکيڙي پوءِ ٽالهيون وڃائيندا آهن، تہ انهي‌۽ آواز تي مڇيون ڊڄي ٻڇڻ لڳنديون آهن، ۽ ڪيتريون وڃي ڇار ۾ ڦاسنديون آهن. هي‌۽ رواج خود پيا ڇاڻائين، تہ ڏاڏي آدم جي ڏينهن جا آهن، جي منچر، ڪينجهر ۽ ٻين هنڌن جا مهاڻا اڄ ڏينهن تائين هلائيندا پيا اچن، پر پاڻوڙن سان منهن ڏيڻ جو رواج رڳو منچر جي مهاڻن ۾ آهي. انهن مهاڻن جي ٻولي بہ اهڙي علحده آهي، جو ٻيو ڪو سنڌي سمجهي بہ ڪين سگهندو. جيئن انگريزن وٽ خلاصين جي ٻولي_ ئي پنهنجي آهي، تيئن سنڌ ۾ بہ ڪيترن ڪاسبين جي پنهنجي ٻولي آهي، پر منچر جي مهاڻن جي ٻولي‌۽ جو نمونو ئي نرالو آهي. ڪراچي ضلعي جي مهاڻن ۽ ميربحرن جي ٻي هڪ نرالي ڳالهہ آهي، جنهن پڻ چوڪو ڏيان لهڻو.

- ڪراچي ضلعي ۾ شاهہ بندر طرف "ستاهہ" نالي واهہ آهي، اُن جي پرين سنڌوندي‌۽ جو هڪ پاڳو "مگدو" سڏبو هو. ڇاڪاڻ تہ انهي‌۽ پاسي درياهہ جو ڪنڌو اصل "مگدو" ذات جي ٻروچن وسايو هو. انهي‌۽ مگدي جي پرين سنڌوندي‌۽ جو ٻيو ٿورو پاڳو "پوپٽ ڪوڻبو هو. "پوپٽ" معني "طوطو" يا "چتون". اسان جي درياهہ تي اهو نالو پيو ڪيئن؟ سنڌ بابت متفرق احوال بمبئي سرڪار جي دفتر مان چونڊي، ٻن پاڳن ۾ ڇپايا اٿن، جن مان ٻئي پاڳي ۾ گهڻو ذڪر سنڌوندي‌۽ ۽ ان جي ڦيرين گيرين جو آهي. سنڌوندي‌۽ جي جدا جدا پاڳي تي اڳي

جيڪي نالا رکيل هئا، تن جو ذڪر ڪندي ڄاڻايو اٿن، ته سنڌوندي‌ءَ جي انهي‌ءَ پاڻي تي "پوپٽ" نالو هن ڪري پيو جو قديم زماني ۾ انهي‌ءَ طرف جا ميربحر درياهه ۾ گهڙڻ مهل پنهنجي پير لاءِ هڪ پوپٽ (حتون) قرباني طور ڏيندا هئا.

سنڌ ۾ طوطن يا چٽن جي قرباني‌ءَ جو رواج نڪي هندن نڪي مسلمانن ۾ آهي، ڪولن ۽ سنڌالن بابت چون ٿا ته اهي آسٽريليا طرفان چين ولايت واري واٽ وٺي آيا هئا. آسٽريليا ۾ بک ڪيڙ ۽ بلين چاڙهڻ جو رواج نڪو اڄي هو نڪو هاڻي آهي. انهي‌ءَ ساڃڻي ڪتاب (بمبئي سرڪار واري دفتر) ۾ ڄاڻايل آهي، ته اهو رواج چين ولايت ۾ آهي.[13] جنهن صورت ۾ ڪولن ۽ سنڌالن بابت عالم چون ٿا ته اهي چين ولايت واري واٽ وٺي، هندستان آيا هئا، تنهن صورت ۾ ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو ته اهو چٽن جي قرباني‌ءَ جو رواج انهن لوڪن چين ولايت کان ايندي ڏٺو هو، جو سنڌ ۾ چالو ڪيائون ۽ سندن اولاد پوءِ ب هلائيندو پئي آيو. هن وقت اهو رواج ڪونهي. هنن ڳالهين جي ڪوجنا اڄ تائين ڪنهن ب عالم ڪانه ڪئي آهي. حال اسان ائين فرض ڪيو آهي، ته اهي رواج ڪولن ۽ سنڌالن واري زماني جا آهن، جو آرين وٽ اهڙا رواج هئا ئي ڪين.

حوالا ۽ حاشيا

(1) "Sindh is mainly a sea- born land." (Prof. M.B. Pithawalla, Marvels of the Earth P. 51. Wadia. Geology of India P. 5 et Sep.)

(2) It (India) Has always appeared to the imagination of the Western World adorned with whaterver is most splendid and gorgeous: glittering, so it were, with gold and gems. And redolent of fragrant and delicious odours. Though there be in these magnificent conceptions something romantic and illusory, still India forms unquestionably one of the most remarkable regions that exist on the surface of the globe. The varied grandeur of its scenery and the rich productions of its soil are scarcely equalled in any other country. (Murray's History of India, P.1)

(3) The Historian Abdullah Wassaf writing in the 14th century A.D. says of India in his history, Taziyat-ul- Amsar'. "India according to the concurrent opinion or all writers, is the most agreeable abode on the earth and the most pleasant quarter of the world. Its dust is purer than air and its air purer than purity itself. Its delightful plains resemble the garden of paradise. If it is asserted that paradise is in India, be not surprised, "because Paradise itself is not comparable to it" (Elliot's history of India, Vol. III. PP. 28—29.)

(4) "It (the Indus) is an example of an antecedent drainage, having existed

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

even before the great Himalyan up- heavals." (Prof. Pithawala: Marvels of the Earth PP 56-57.)

(5) W.T. Blanford: Geology of Western Sind. (Memoirs of Geological survey. Vol. XVII. Part 1.)

(6) Major H.G. Raverty: (The Mihran of Sind and its Tricutaries PP. 317 & 468—69.)

(7) Rev E.O. James: Introduction to Anthropology, PP. 65—66

(8) Major General Cunnigham: Geography of Ancient India. PP. 264—266.

(9) W.T. Blanford: Geology of western Sind. (Memoirs of Geological Survey. Vol. XVII. Part 1). Mr. Henry Cousens: The Antiquities of Sind Page 6.

(9) شاهه بلاول ۾ آهن: هڪڙو سيوهڙ_ دادوءَ طرف ۽ ٻيو ڪراچيءَ کان اتڪل ڇتيهه ڪوهه پري لاهوت لامڪان کان ڏکڻ ڪوهه ڪن جي مفاصلي تي آهي. شاهه بلاول جي درگاهه پٻ جبل جي وچ ۾ آهي، تنهنڪري عام طرح "پٽ جو پهلوان" سڏيندا اٿس. (مصنف)

(10) اهو فخر سياويڪ آهي. عربن کي ۽ پنهنجيءَ فصيح زبان جو فخر هوندو هو. ايراني لوڪ وغيره سندن تابعي ٿيا، پر عربي پوريءَ طرح ڳالهائڻ نه ايندي هين، تہ عربن کين سڏيو "عجم" يعني گنگا. (مصنف)

(11) Prof. Max Muller: India: What can it. Teach us?

(12) Sir Grierson: Linguistic Survey of India, Vol. 1, pp. 35 & 132.

(13) Ponat is derived from a tradition that in ancient times a parrot used to be sacrificed….. For a similar custom among the Chinese see 'Barrow's Travell'. (Selections from the Records of the Bombay Government. Part II.p. 428.)

(هي مضمون ڪتاب "قديم سند" صفحو 41 کان 53 ڇپيندر سنڌي ادبي بورڊ جامشورو تان کيل آهي).

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

دراوڙن جو زمانو

پيرومل مهرچند آڏواڻي

سنڌ ۾ دراوڙ:

عالم چون ٿا تہ قديم هجري (پٿر واري) زماني کان پوءِ برف گهٽ پوڻ لڳي ۽ ڏرتيءَ جون حالتون ڦريون ماڻهو ڏڻ ڏارڻ، کيتي ڪرڻ، باهہ ٻارڻ، ۽ ٽانڊَ ٽپا جوڙڻ سکيا. ڏاتن مان سون کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ ڏاتوءَ جي ايجان سڌ ڪانہ هين. اڳي اڻ گهڙيل پٿر ڪم آڻيندا هئا، پر هن زماني ۾ پٿر گهڙڻ سکيا، تہ ڪپ، ڏاتا ۽ ٻيا اوزار پٿر جا ناهي سگهيا ٿي. اهو "نئين پٿر وارو زمانو" (Neolithic or New Stone Age) سڏجي ٿو. جو اڄ کان اٽڪل پندرهن هزار کن ورهيہ اڳي شروع ٿيو هو. ڪيترا عالم ائين وسهن ٿا، تہ جانورن جي هڏن جي لساڻ يا لسائيءَ مان ان وقت جي ماڻهن کي پٿرن گهڙڻ جو خيال آيو. جنهن ڪري اڻ گهڙيل پٿرن بدران گهڙيل پٿر ڪم آڻڻ لڳا. حقيقت ڪيئن بہ هجي، پر ايترو چئبو تہ آڳاٽن ڪولن ۽ سنڌالن کان هن زماني جا ماڻهو وڌيڪ سڌريل هئا، جنهن ڪري هيءَ تهذيب جي ترقيءَ جو

ٻيو دور ليکجي ٿو.

نئين پٿر واري زماني جي سيٻيتا جو بنياد وجهندڙ دراوڙ لوڪ چوڻ ۾ اچن ٿا. هنن بابت عالمن کوجنائون ڪري ڄاڻايو آهي، ته ڪولن ۽ سنڌالن جي مٿان اهي لوڪ ڪاهي آيا ۽ منجهائن ڪيترن کي وچ هندستان ڏي هڪالي ڪڍيائون ۽ پاڻ اتر هندستان جا والي ٿي ويٺا. تازو موئن جي دڙي مان ڪنڪولن ۽ سنڌالن جي کوپڙين سان گڏ ڪن دراوڙن جون به کوپڙيون لڌيون آهن. هن مان سمجهجي ٿو ته دراوڙن جي اچڻ کان پوءِ به ڪي ڪول ۽ سنڌال ساڻن گڏ رهيا پيا هئا.[1] اهي پوءِ آرين سان به لهه وچڑ ۾ آيا هئا، تنهنڪري سنسڪرت ساهت ۾ انهن بنهي قومن جو ذڪر آهي.

سنڌ ۾ هن وقت جيڪي "اوڈ" آهن، سي اصل دراوڙن جي ڪل مان آهن. اهي اصل ڏکڻ هندستان ۾ هئا، اتر هندستان ڏي اچڻ کان اڳ واٽ تي جيڪو هنڌ اول وسائي ويٺا، سو هنڌ سندن نالي پٺيان "اوڊر ديش" سڏجڻ ۾ آيو. جنهن جو اُچار پوءِ ڦري "اوڙيسا" (Orissa) ٿيو. بمبئيءَ ڪاتي جي ذاتين جو ذڪر ڪندي، هيءَ حقيقت اينٿوون صاحب ڄاڻائي آهي. انهن اوڈن مان پوءِ ڪي مارواڙ ويا، جتان پوءِ سنڌ ۾ آيا، پر ٻولي اڄ تائين مارواڙين جهڙي ڳالهائيندا آهن، اهي اصل هندو آهن، پر اڪثر مسلمانن جهڙي شڪل اٿن، ۽ ڪپڙا به اهڙا ڏيکيندا آهن. سندن پير رامڏيو آهي. جنهن جو ميلو سال بسال لڱندو آهي. "اوڈ" لفظ جي بنيادي معنيٰ آهي "اڏيندڙ": اهي اڄ تائين پٽين جون اوساريون ڪٽندا آهن.

سنڌ ۾ هن وقت ٻيا "ماڳر" (ماجر) ذات جا مهاڻا آهن. اُهي سنڌ جي آڪاٿن دراوڙن جو اولاد آهن، يا پوءِ ڏکڻ هندستان کان آيا، سا پڪ ڪانهي_ ايترو معلوم ٿئي ٿو ته ڪيترين صدين کان سنڌ، ڪڇ ۽ گجرات جا وڻجارا ملبار طرف وڃ واپار لاءِ ويندا هئا. اڄ به مغلپين تعلقي جاتيءَ، ڪڇ پڇ ۽ گجرات طرف جا ميربحر دنگيون هاڪاري، ملبار طرف پيا وڃن. ماڳر ذات جا مهاڻا ملبار ۾ به گهڻا آهن، جنهن ڪري چئبو ته ملبار ڪناري وارن سان لهه وچڑ هئڻ ڪري اهي سنڌ ۾ آيا هجن ته عجب ڪونهي.

تون سمون، آءٌ گندري، مون ۾ عيبن جوءِ،
پسي راڻين روءِ، متان ماڳر مٽيين.
(شاهه)

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سنڌ جو حاڪم ڄام تماچي، جو سمي گهراٽي مان هو. سو نوري نالي هڪ مهاڻي، ذات جي گندري، پرٽيو هو.مٿئين بيت ۾ شاهه صاحب نوري مهاڻيءَ کي "ماڱڻ" سڏيو آهي. نوري مهاڻي ڪينجهر ڍنڍ ڏي رهندي هئي. اها ڍنڍ هيلايا، تعلقي ٺٽي ۾ آهي. هن وقت ڪينجهر ڏي ماڱڻ ذات وارا ڪينهن، باقي سجاول ڏي گهٽا آهن. اهو سجاول وارو پاسو اڄ تائين "ماجر" سڏجي ٿو. اڳي ٺٽي ۽ سجاول جو ڳچ پاسو پاڻيءَ هيٺ هو. ان وقت سنڌوندي نصرپور وٽان وهندي هئي. سن 1758ع ۾ سنڌوندي نصرپور وٽان رخ ڦيرائي، هاڻوڪي واٽ ورتي، تہ ڦليليءَ جو وهڻ بند ٿي ويو.[2] ان وقت درياهه هتان ٻہ رخ ڦيريو. جنهن ڪري اهي پٽ پڌرا ٿيا. سجاول وارو پاسو انهيءَ کان پوءِ وسيو. نہ تہ اتي اصل ماجر ذات جا مهاڻا رهندا هئا، جي مڇيون مارينديا هئا، ۽ مسافرن کي پٽڻ ٻہ اُڪارينديا هئا، سجاول طرف "ماڱڻ" بدران "ماجر" چون ــ يعني "ڱ" کي متي "ج" ڪيو اٿن، نہ تہ لفظ ساڳيو ئي آهي. اهو اصل دراوڑي لفظ آهي ۽ بنيادي معنيٰ اٿس "ڄار رکندڙ يعني مهاڻو" سجاول ڏي "ماجر" نالي ڍنڍ ٻہ آهي، جنهن تي پڻ انهن مهاڻن جو نالو پيل آهي.

سجاول ۾ واهہ گهوتارو وهي وچان بازار،
ماجر ۾ ٽا مڇر پون مانهيءَ منجهہ هزار.
(غريب)

دراوڑ ڪٿان آيا؟

دراوڑ لوڪ اصل ڪٿان آيا، تنهن بابت عالمن جا جدا جدا رايا آهن، جن مان ٻہ رايا مکيہ آهن: هڪڙا چون تہ دراوڑ لوڪ اصل ڏکڻ هندستان جا رهاڪو هئا ۽ اتان اتر هندستان ۾ تڏهن آيا، جڏهن اهو پاسو خشڪيءَ جي رستي آسٽريليا سان ڳنڍيل هو. ويجهڙائيءَ ۾ جيڪي ڪوجنائون ٿيون آهن، تن پٽاندر ڪن جو چوڻ آهي تہ دراوڑ پونوچ سمنڊ طرف رهندڙ قومن مان هئا. اهي پهريائين ڪجهہ وقت ميسوپوٽيميا طرف رهيا، پر پوءِ عربن ۽ ٻين سيميٽڪ قوم وارن اتان کين تڙي ڪڍيو. جنهن ڪري بلوچستان واري واٽ ونڊي، هندستان ڏي آيا. منجهائن ڪي گنگانديءَ واري ماٽر، تہ ڪي سنڌوندي واري ماٽر والاري اچي وينا.

بلوچستان ۾ هن وقت جيڪي بروهي آهن، تن جا ابا ڏاڏا ٻه قديم زماني ۾ شايد ميسوپوٽيميا طرف رهندا هئا ۽ اتي اها ساڳي ٻولي ڳالهائيندا هئا. انهيءَ سبب بروهيءَ جي نحوي بناوت دراوڙي ٻولين جهڙي آهي باقي ٻيءَ طرح بروهي لوڪن جي مدراس ڪاتي وارن سان ڪابه مٽي مائٽي ڪانهي. بروهي ٻوليءَ جي انهيءَ جگري ناتي سبب ڪن عالمن ائين پئي سمجهيو ته بروهي ۽ دراوڙ ٻئي وچ ايشيا طرفان آيا هئا، جن مان بروهي بلوچستان ۾ هميشه لاءِ رهيا ۽ دين اسلام اختيار ڪيائون، ۽ دراوڙ اول اتر هندستان ۾ آيا، جتان پوءِ ڏکڻ ڏي ويا. ڪن جو چوڻ آهي ته دراوڙ اصل يونوچ سمنڊ طرف ۽ ٻين پاسي ويا هئا. تازو موئن جي دڙي ۽ هڙپا مان جيڪي مهرون لڌيون آهن، تن تي لکيل اکر پڙهي ۽ ٻيون ثابتيون ڏيئي، فادر هيرس ٻه هي رايو ظاهر ڪيو آهي ته دراوڙ لوڪ هندستان مان يونوچ سمنڊ وارن ملڪن ڏي ويا هئا ۽ پنهنجي سيٻيتا جو ڦهلاءُ يورپ تائين ڪيو هئائون.[3]

نٽي ۽ روهڙي طرف جي سيٻيتا:

قديم زماني جي اوائل ۾ سنڌ جو رڳو الهندي طرف وارو جابلو پاڳو وسيل هو ۽ ان وقت جي ماڻهن (ڪولن وغيره) جي سيٻيتا جو مرڪز سيوهڙ ۽ لاڙڪاڻي وارو پاسو هو. نئين هجري زماني جي سيٻيتا جا اهجاڻ نٽي ۽ ڪوٽڙيءَ کان ونڊي روهڙيءَ تائين مليا آهن. پائنجي ٿو ته نٽي وٽان سمنڊ هٽڻ ڪري اهي پٽ پڌرا ٿيا هئا، جنهن ڪري نئين هجري زماني ۾ ماڻهو انهيءَ پاسي ٻه رهي سگهيا ٿي.

نئين هجري زماني جا بانيڪار دراوڙ لوڪ چوڻ ۾ اچن ٿا. انهيءَ زماني جي نشانن ڳولي لهڻ جو ڪم سنڌ ۾ پهريائين پهريائين مسٽر ڪارٽر آءِ. سي. ايس. ڪيو هو. سن 11_1919ع ڌاري هو صاحب سنڌ ۾ آيو ۽ ڇڃ وقت نٽي ڊويزن جو اسسٽنٽ ڪليڪٽر هو. سن 1917ع ڌاري حيدرآباد سنڌ جي ميونسپالٽي سسپينڊ ٿي، ته هو ميونسپل ڪمشنر مقرر ٿيو هو. پر هن قسم جي ڪوجنائن جو خفت گهٽو هوندو هوس. جيڪي ڪوجنائون ڪندو هو. تن جا نتيجا ڪراچي ۽ بمبئي جي انگريزي اخبارن ۾ لکندو هو. سندس ليک

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مصنف پاڻ پڙهيا هئا. ويجهڙائيءَ ۾ معلوم ٿيو ته هو صاحب پنهنجين کوجنائن جون رپورٽون آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن کي به موڪليندو هو. انهن رپورٽن وارو احوال مسٽر هينري ڪزنس پنهنجي ڪتاب "انٽيڪئٽيز آف سنڌ" (The Antiquities of Sind) ۾ ڏنو آهي جنهن جو مختصر مطلب هتي ڏجي ٿو.

ڪراچيءَ کان ويهه ميل پري "مول" نالي ماڳ ۾ مسٽر ڪارٽر ڏٺو ته هڪ هنڌ پٽرن مٽان پٿر ستي ٽيا پيا هئا. انهن پٽرن تي ڪي چڪرا ۽ اُڻ ۽ گهوڙي جون شڪليون اُڪريل هيون. انهيءَ هنڌ کي پاڻ "نل" ڪوٺيو اٿس. مسٽر ڪارٽر جي خيال موجب اهو نل عيسوي سن کان فقط ڏيڍ سؤ ڪن ورهيه اڳ جو آهي، پر انهي ساڳيءَ ماڳ ۾ نئين پٽر واري زماني جي ماڻهن جي ٻينڪ جا نشان به ڏنائين. انهيءَ زماني جا پٽر جا نهيل ڪيترا اوزار به لڌائين. ائين هو صاحب کوجنائون ڪندو ويو ته نئين پٽر واري زماني جون ٻينڪون ڪراچيءَ کان ونڊي انڊپور تائين ڏنائين. هيڏانهن وري ننگر ٺٽي جي پرين، ڀوٽ گجي واريءَ واٽ تي ترڙيءَ وٽ، نئين پٽر واري زماني جو عجيب طرح نهيل هڪ شهر نظر آيس، جنهن جي چوڌاري پٽيون ڏنل هيون. انهيءَ هنڌان توڙي جهڪن طرف ٻڌڪن ٽڪرن مان، انهيءَ زماني جا پٽر مان نهيل اوزار وغيرهه به هٿ آيس.

ويجهڙائيءَ ۾ آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن به اهي پاسا جاچيا، تنهنڪري نئين پٽر واري زماني جي ٻينڪن جو ذڪر سر جان مارشل به پنهنجي جوڙيل ڪتاب موئن جي دڙي ۽ سنڌو سيپتا جي جلد پهرئين صفحي 92 ۾ ڪيو آهي. ان صاحب جو چوڻ آهي ته نئين پٽر واري زماني جا نشان سنڌ ۾ لکيءَ جي جبلن، کيرٿر جبل جي قطارن ۽ روهڙيءَ وارين ٽڪرين ۾ به اکيچار آهن. مطلب ته هن زماني ۾ نه رڳو سيوهڻ وارو پاسو وسيل هو، پر سنڌ جي اُپرندي طرف وارين ٽڪرين يعني ٺٽي ۽ جهڪن وارن ٻڌڪن ٽڪرن ۽ اُنڙپور کان ونڊي روهڙيءَ وارين ٽڪرين وارو پاسو به وسيل هو.[4]

سيپتا جا ساڪ (Epochs of Civilization):

انسان ذات کي پيدا ٿئي ڪئين جڳ ٿي ويا آهن، پر سڄيءَ دنيا ۾ ڪنهن به ملڪ جي اهڙي قديم تاريخ ڪانهي، جنهن مان پتو پئجي سگهي ته هر هڪ جڳ ۾ انهيءَ ملڪ جي تهذيب يا سيپتا ڪهڙي هئي ۽ ان جو وقت بوقت واڌارو ڪيئن ٿيو_ انهي هوندي به سڀ ڪنهن ملڪ ۾ آڳاٽن ماڻهن پنهنجون ٿوريون گهڻيون نشانيون ڇڏيون آهن. جن جي اپياس ڪرڻ سان آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارا تهذيب جي وڌاري جون منزلون يا سيپتا جا ساڪ (Epochs of Civilization) پرجهي پروڙي سگهن ٿا. انهن منزلن جي گهڻي قدر پروڙ پٽرن ۽ ڏاتن مان ٺهيل اوزارن ۽ ٻين شين مان پوي ٿي، جي جدا جدا زمانن ۾ ماڻهو ڪم آڻيندا هئا. انهيءَ سبب انهن زمانن تي نالا ئي اهڙا رکيا اٿن. انهن مان پهريون آهي "قديم هجري زمانو" ۽ ٻيو "نئون هجري زمانو" (نئين پٽر وارو) زمانو. جن جو ذڪر مٿي اڳي ئي ڪري آيا آهيون. انهن کان پوءِ اهو زمانو ليکجي ٿو جنهن ۾ ماڻهو تامو ڪم آڻڻ لڳا هئا. جنهن ڪري اهو "تامي وارو زمانو" (Copper Age) سڏجي ٿو. ماڻهن پوءِ وڌيڪ ترقي ڪئي. تامو ۽ قلعي ملائي هڪ گاڏڙ ڏاتو "برانز" (Bronze) جوڙيندا هئا ۽ انهيءَ مان اوزار، باسڻ برتن وغيرهه ناهيندا هئا، تنهنڪري اهو "برانز" يعني "تامي ۽ قلعي ميل وارو زمانو (Bronze Age) سڏجي ٿو. انهيءَ کان پوءِ ماڻهو لوهه مارڻ سکيا، ته ڪڙا ڪنديا، ڪپ، ڪاتيون، ڪهاڙا، ڪوڙيون، ڪرپان ۽ تلواريون وغيرهه جوڙڻ لڳا. اهو "لوهه وارو زمانو" (Iron Age) سڏجي ٿو. هن وقت اسين، "ڪلن جي زماني" (Machine Age) ۾ آهيون. آگ گاڏيون ۽ آگبوٽ، ڪپڙن اُٽڻ ۽ سبڻ جون ڪلون، تيل پيڙڻ ۽ ڪپهه ٽاڻڻ جون ڪلون بلڪ وارن ڪترڻ جون مشينون به عام ٿي ويون آهن. هوائي جهاز، زير آبيون وغيرهه به هاڻوڪي زماني جون پيدائشون آهن ۽ جاڻائين ٿيون ته انسان ڪيئن ترقي ڪندو وڃي ٿو.

هنن ڳالهين جو ذڪر هن ڪري ڪيو اٿئون، جو جيڪو ٿورو گهڻو احوال جهوني پٽر توڙي نئين پٽر وارن زمانن جو ڏنو اٿئون، اوترو تامي ۽ برانز وارن زمانن جو ڏئي نٽا سگهون يورپ مان انهن ٻنهي زمانن جون شيون ڇگي تعداد ۾ لڌيون اٿن. هندستان مان تامي جون ٿوريون شيون لڌيون اٿن، باقي برانز وارو زمانو جڙ ته هندستان ۾ ٿيو ئي ڪونه هو. تامي کان پوءِ جڙ ته لوهه

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

وارو زمانو شروع ٿيو هو. جنهن ڪري يورپي عالمن ائين پئي سمجهيو ته هندستان جي ماڻهن گهٽ ترقي ڪئي آهي. هن قسم جي غلط فهميءَ لاءِ هڪڙو ئي سبب هيءُ آهي، ته هندستان ۾ هن قسم جي کوجنائن ڪئي کين ڪو گهٽو عرصو ڪونہ ٿيو آهي. سنڌ ۾ اهڙيون کوجنائون خرچ بہ هيڪاري گهٽو ٿيون پچن، جو سنڌوندڙ جي ڦيرين گيرين، وقت بوقت گهٽي ئي سگهيا پاسا ساوا، ۽ ساوا پاسا سگهيا پئي ڪيا آهن، ۽ آڳاٽي سڀيتا جا ڪيترا نشان ڪن اهڙن دڙن ۾ دٻيا پيا آهن، جن جي مٿان وري ٻيا دڙا ٺهي ويا آهن. هاڻ جڏهن اهي سڀ دڙا کوٽائي، پاتال ۾ پهي، تڏهن پتو پويس. سن 1922ع ۾ اوچتو موئن جي دڙي ۾ شڪ پيبن. اهو دڙو کوٽايائون، ته تامي ۽ برانز جون ٺهيل شيون ته لڌيون، بلڪ هڪ وچولي منزل جي تهذيب جون اهڙيون ته ثابتيون مليون، جو خود آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن جا ڏند چپن سان لڳي ويا. هيءَ وچولي منزل اها آهي جنهن ۾ ماڻهو ايجان لوهہ مارڻ ڪونہ سگهيا هئا، پر نئين پٿر واري زماني جي ماڻهن وانگر گهڙيل پٿرن مان اوزار ۽ ٻيون شيون ٺاهيندا هئا، ۽ ساڳئي وقت تامو گهٽو ڪم آڻيندا هئا، جنهن ڪري اها ڪئلڪولٿڪ سڀيتا (Chalcolithic Culture) سڏجي ٿي يعني اها سڀيتا جنهن ۾ تامو ۽ پٿر ٻئي ڪم ايندا هئا. سڄي هندستان جي پرڳڻن مان پهريون پرڳڻو سنڌ آهي، جنهن مان هن اُڇيءَ سڀيتا جي اوچتو ئي اوچتو ثابتي ملي، ته منهنجيون ۽ تنهنجيون اکيون وڄي موئن جي دڙي ۾ ڪتيون.

دڙن ۾ دٻيل سڀيتا:

آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن کي جنهن وقت هن سڀيتا جو پتو پيو، تنهن وقت سڃيءَ سنڌ ۾ وڙول وڌائون. سگهوئي معلوم ٿين ته موئن جي دڙي کان سواءِ سنڌ ۾ ٻيا بہ ڪيترا هنڌ آهن، جتي اها ساڳي سڀيتا هئي. مثلاً ننگر ٺٽي کا ڇهہ ڪوهہ پري ڳوٺ گجي طرف ٽرڙيءَ ۾، ڪوٽڙيءَ، جي اُتر ڏي ڪارڙيءَ ۾، آمري استيشن کان ڪوهہ ڪن پري آمريءَ جي ڳوٺ ۾، لاڙڪاڻي ضلعي ۾ باڊهہ طرف لوهہ جي دڙي ۾، لاڙڪاڻي شهر جي نزديڪ جهوڪڙ جي دڙي ۾، ۽ روهڙيءَ جي پرسان ريتي استيشن کان ايڪائي ڪوهہ پري ونجهوٽ جي شهر ۾. سن 962ع ۾ هڪ خوفناڪ زلزلو ٿيو هو جنهن ۾

سکر ۾ بکر وارا ٽکر بہ ٽکر ٿي ويا هئا. ان وقت الور وٽان درياهہ رخ ڦيريو. تہ پاڻيءَ جي تکليف ٽيڻ سبب ماڻهو لڏي روهڙيءَ ويا. ونجهوٽ بہ درياهہ جي رخ ڦيرائڻ سبب ڏٺي ويو[5] نہ تہ اهو بہ هڪ عاليشان شهر هو. سرحد سنڌ ۾ کوٽائي کرايائون، تہ پتو پين تہ "ليمو جوٽيجو" بہ موئن جي دڙي واري زماني ۾ وسيل هو. انهن سيني هنڌن جي سيٻيتا ساڳي هئي.[6] اهي سڀ پاسا درياهہ شاهہ ور ور ڏيئي پاتا آهن، تنهنکري انهن هنڌن جي آڳاتي سيٻيتا اُتي جي دڙن ۾ ڏيٻل آهي.

سن 1928ع ۾ مسٽر ايم. جي مجمدار (مجموعدار) هڪ ٻيو هنڌ ڳولي لڌو. نواب شاهہ ضلعي ۾ سڪرنڊ کان اڀائي کن کوهہ پري، اُتر اُپرندي طرف، "چانهوءَ جو دڙو" آهي، جو "ڳوٺ جمال کيريو" جي نزديڪ آهي ايڏهين وڃڻ لاءِ "نواز ڏاهري" استيشن تي لهبو آهي، جتان "چانهوءَ جو دڙو" چار کوهہ کن ٽيندو. اتي فقط ٽي دڙا آهن. مسٽر مجمدار اهي ٽيئي دڙا مٿاڇرا کوٽايا، تہ اتان بہ اهڙيون شيون لڌيون جهڙيون موئن جي دڙي مان لڌيون آهن. هيءَ ڳالهہ اخبارن ۾ ڇپجي پڌري ٿي، تہ ڪن يورپي عالمن کي چانهوءَ جي دڙي جي وڌيڪ کوٽائي ڪرڻ جو خيال ٽيو. سن 35_1936ع ۾ ٻن سوسائٽين (American Society of Indian and Iranian Studies' and 'Boston' Museum of Foreign Arts') وارن پاڻ ۾ گڏجي، آرڪيالاجيڪل ڪاتي جي سپرنٽينڈنٽ مسٽر مئڪيءَ کي پنهنجو اڳواڻ ڪري، چانهوءَ جي تن دڙن مان ٻن جي وڌيڪ کوٽائي ڪرائي. انهيءَ کوٽائي جي نتيجن جي رپوٽ اڄ تائين ڇپجي پڌري نہ ٿي آهي، تنهنکري ان بابت ڪجهہ نٿو چئي سگهجي، هن وقت تائين جيکي احوال مخزنن ۾ اخبارن ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا آهن، تن ۾ ايترو ڄاڻايو اٿن تہ موئن جي دڙي واري سيٻيتا تي هتان ڪجهہ وڌيڪ روشني پوي تہ عجب ڪونهي. جنهن صورت ۾ هن وقت تائين موئن جي دڙي بابت گهڻا ڪتاب ڇپيا آهن.[7] تنهن صورت ۾ انهيءَ قديم سيٻيتا جو مختصر طرح ذڪر ڪجي ٿو تہ پڙهندڙن کي سنڌ جي آڳاتي اوڄ جي پروڙ پوي.

حوالا ۽ حاشيا

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

(1) "It may be that the two races (Kolarians and Dravidians) dwelt side by side, and this is the theory now generally accepted. Or it may be that the Kolarians first inhabited the country and that the Dravidinrs came later either from the North- West or from the South, at a time when the land now submerged beneath the sea, is supposed to have stretched from India in the dircection of Australia. E. Marsden and sir Henry sharp: A History of India, P.13.

(2) Mr: Henry Cousens: The Antiquities of Sindh, Page 6.

(3) "After the study of above one thousand eight hundred inscriptions which upto now have been deciphered by the present writer, it is easy to realize that the wave of migration of the Mediterranean race which was supposed to have been from West to East, must now be finally settled as having taken place in the opposite direction, i,e, from East to West. The development of the script of Mohen-jo-daro in relation with the Sumerian script, the relgion of these two countries and that of Egypt, the titles of kings, the number of Zodiacal Constellations among the proto- Indian people and the relative positions of these constellation, the changing of the proto- Indian constellation of the Harp (val) for Taurus (the bull) which must have taken place in Sumer, the tradition of the ancient people of Mesopotamia recorded by Berousus, the parallel biblical account in Genesis II, 1-5- all point to the same conlusion that the migration of the Mediterranean race commenced from India and extended through Southern Mesopotamia and Northern Africa, spread through Southern Mesopotamia and northern Africa, spread through Crete, Cyprus, Greece, ltaly and Spain, and crossing the Pyrenes reached Central Europe and the British Isles. This route starting from Ceylon up to lreland is marked by an interrupted chain of dolmens and other megaliths, that seem to be relics of this enterprising and highly civilized race which is termed Mediterranean by the anthropologists and which in India has been quite unreasonably despised under the name Dravidian." Red H. Heras, S.J. Journal of Indian History, Vol. XVI. Part 1, April 1937. Serial No.46.

(4) جيڪڏهن هن کان پوءِ ڪي وڌيڪ ٻيڻڪون نہ لڌيون، تہ ائين فرض ڪرڻو پوندو تہ باقي رهيل سنڌ جو پاڳو اڄا بہ ڪي سمنڊ جي پاڻيءَ هيٺ، تہ ڪي سنڌونديءَ جي پاڻيءَ هيٺ هو. سنڌ جا ڪي ڪي ٽڪر جدا جدا وقتن تي پاڻيءَ مان نڪري پڌرا ٿيا آهن،جو سنڌونديءَ ۾ اڳي پاڻي هاڻوڪي کان ٻيڻو ٽيڻو هو. جنهن ڪري ڪي پاسا ٻڌا پيا هوندا هئا. عربن جي وقت کان وٺي هن وقت تائين سمنڊ بہ اٽڪل چاليهہ ميل هٽي پري ٿيو آهي. (ڏسو ميجر رئورٽيءَ جو "سنڌ جو مهراڻ")

(5) Mr. Henry Cousens: The Antiquities of Sind. Pp.5,6_ 149

(6) Sir john Marshall: Mohan Jo Daro and Indus Civilization p. 92 Published by the Kern Institute, Leyden Holland.

(7) See Annual Bibligraphy of Indian Archeology, from 1928 to 1934, Vol 1 to IX.

(هي مضمون ڪتاب "قديم سنڌ" صفحو 54 کان 63 تان کنيل آهي).

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ياڳي يائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سنڌ جي قديم تاريخ جون حقيقتون

ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ

قديم تاريخ:

سنڌ هڪ عظيم خطو آهي، جنهن کي نهايت ئي قديم دور کان وٺي پنهنجي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن رهيو آهي. "سنڌ جي قديم تهذيب، مصر ۽ بابل جي تهذيبن کان وڌيڪ آڳاٽي ٻڌائي وئي آهي. موئن جي دڙو جا کنڊر جي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ڏوکري ريلوي استيشن جي ويجهو آهن، 2500 سال قبل مسيح جا تصور کيا وڃن ٿا. هي اهو دور هو جنهن ۾ عراق ۾ اڪاد قوم جي حڪومت هئي. مصر ۾ ان وقت وڇئين دور جي فرعونن جو راڄ هو جي قديم دور جي فرعونن ۽ پوئين گهراڻي جي مصري بادشاهن جي وچ واري ڪڙي سمجهيا وڃن ٿا. موئن جي دڙي واري تهذيب کي مصر جي انهن فرعون بادشاهن جو همعصر تصور ڪرڻ غلط فهمي تي مبني آهي، جن مصر جا اهرام ٺهرايا هئا. مصر جا ماڻهو دنيا ۾ آڳاٽي ۾ آڳاٽا تهذيب يافته

نسل جا ماڻهو آهن ۽ اهي 3000 سال قبل مسيح ڌاري تهذيب ۽ تمدن جي سيني ضروريات تي حاوي ٿي چڪا هئا. خوفو جنهن مصر جو سپ کان وڏو پهريون اهرام (Pyramid) ٺهرايو هو انهيءَ جو راج تقريباً 2800 سال ق. م جي ڪٿيو ويو آهي. نہ فقط ايترو پر جيڪي پويان فرعون هئا، انهن جي تهذيب پڻ موئن جي دڙي جي وجود ۾ اچڻ کان گهڻو آڳاتي هئي. ڪوٽڏيجي جا کنڊر جن کي موئن جي دڙي کان 500 سال اڳ جو ٻڌايو ويو آهي، اهي به پوين فرعونن جي دور کان اڳ جا نہ آهن. اهو البت ظاهر ٿيو آهي تہ موئن جي دڙي وارا ماڻهو عراق جي سميري قوم جا همعصر هئا ڇاڪاڻ تہ انهن ٻنهي قومن جو پاڻ ۾ گهاٽو سٻنڌ هو.[1]

سميري قوم جنهن عراق ۾ بابل جي مشهور تهذيب جو بنياد رکيو، انهيءَ عظيم نسل جي هڪ شاخ هئي جنهن جا ماڻهو سنڌو ماٿري، ڏکڻ بلوچستان، فارس، خوزستان ۽ پڻ ڪئسپين سمنڊ جي ڏاکڻي علائقي تائين پکڙيل هئا. عالمن جي راءِ آهي تہ دکن جا دراوڙ بلوچستان جا بروهي ۽ فارس جا ڪي قبيلا، انهيءَ قديم قوم جا ماڻهو ٿي سگهن ٿا. اهو انهيءَ ڪري جو انهن جي ٻولي قديم سميري ٻوليءَ سان ملي جلي ٿي ۽ ان جو گرامر ۽ گهڻو ڪري هڪ جهڙو آهي. ڊاڪٽر راولنسن ۽ ٻين عالمن جي مطالعي اهو ظاهر ڪيو آهي. عراق ۽ سنڌو ماٿر جي ماڻهن جو قديم دور ۾ هڪ ٻئي سان لاڳاپو رهيو آهي ۽ انهن جو پاڻ ۾ صدين تائين واهپ ۽ وابستگي پڻ رهي آهي. ان ڪري اهو انومان ڪڍيو ويو آهي تہ موئن جي دڙي، ڪوٽڏيجي، آمري ۽ سنڌ جي ٻين قديم کنڊرات وارين ايراضين ۾ رهندڙ ماڻهو يا تہ سميري قوم جا هئا يا سميري سنڌو ماٿري (Indus valley) جي قديم نسل جي هڪ شاخ هئا. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ عظيم قوم جي تهذيب جا آثار سري لنڪا، دکن، گجرات ۽ سنڌو ماٿر کان وٺي مازندران ۽ وادي فرات تائين ڏٺا ويا آهن. اهو چئي نہ ٿو سگهجي تہ انهيءَ قوم جو اصل ماڳ ڪهڙو هو. جيتوڻيڪ ايڇ. آر. هال جو چوڻ آهي تہ سميري قوم، سنڌو ماٿري (مغربي پاڪستان) مان هجرت ڪري، عراق جو ملڪ وسايو ۽ اتي ئي انهن پنهنجي مورتين واري صورتخطي ايجاد ڪئي.[2] بابل جي پراٽن ڪتبن ۾ انهيءَ قوم کي انس جي نالي سان ياد ڪيو ويو آهي. يعني تہ اهو راکاس

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جو ايراني نار تري عراق ۾ آيا ۽ جاهل ماڻهن کي تهذيب ۽ تمدن جي سکيا ڏني. انس جنهن مان عربي جو نالو انس (يعني ته ماڻهو) نهيو آهي تنهن لاءِ قديم لکتن ۾ هن ريت ڄاڻايل آهي ته اها قوم اڏ مڃي ۽ اڏ انسان هئا. اڏ مڃيءَ مان مراد آهي ته اهي سمنڊ جي پار ڪرڻ جا ماهر هئا ۽ اڏ انسان مان مراد آهي ته اهي زمين جي رستي پنهنجا لڏا ڪٽي عراق پهتا هئا، ۽ اتي پهچڻ سان هنن پنهنجي اعليٰ تهذيب ۽ ثقافت کي اولهه ايشيا جي اڇاڻ ۽ وحشي ماڻهن تائين رسايو.[3] انهن سيني کان پهرين ايلام جو ملڪ وسايو، جنهن کي هاڻي خوزستان سڏيو وڃي ٿو ۽ ان کان پوءِ اهي فرات ۽ دجله جي وادي ۾ پهتا. عراق ۾ سندن داخل ٿيڻ، حضرت مسيح عليه السلام کان اٽڪل 4000 سال اڳ ٻڌايو ويو آهي. سمير، جنهن جي پنيان انهيءَ قوم کي يورپ جا عالم سميري ڪوٺين ٿا، اهو نالو هنن پاڻ ڏکڻ عراق تي رکيو جو ايراني نار جي ڪناري سان لاڳو آهي ۽ اهو علائقو اٽڪل هڪ هزار سالن تائين سندن چرپر جو مرڪز رهيو. عالمن جو چوڻ آهي ته هر ۽ ڦيٽو جيڪي تهذيب ۽ تمدن جو بنياد سمجهيا وڃن ٿا، هنن ماڻهن ڏکڻ عراق ۾ رائج ڪيو. ان ڪري ظاهر ٿيو ته پوڪ ڪرڻ جو رواج عراق ۾ سميري قوم وڌو. جن کي پاڻيءَ جي نظام کي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪافي مهارت حاصل ٿيل هئي.

هنن سڀ کان پهرين واهه کوتارايا،[4] ۽ پڙ ڪاٽيءَ جو رواج وڌو جنهن سبب واهن کي سڄي سال لاءِ ڪارآمد بنايو ويو. ڦيٽي کي رائج ڪرڻ سان، پاڻي جا نار وهڻ لڳا ۽ پڙ ڪنڊير جو چڪ نهيو جنهن جي وسيلي ٽانو ٽپا ۽ ٻيو ٽڪر جو ڪارآمد سامان ايجاد ٿيو. ساڳي ريت ڦيٽي سياسي زندگي ۾ به وڏي تبديلي آندي جو انهيءَ مان رٽ نهيا ۽ جيئن وقت گذرندو ويو تيئن ڳوناٽيون ۽ شهري حڪومتون وجود ۾ آيون. قلعا نهيا ۽ ماڻهن جي اڇ وڇ ۽ مال ۽ سامان کي ڍوئڻ لاءِ يا هڪ هنڌان ٻئي هنڌ رسائڻ لاءِ گاڏيون ۽ ريڙها استعمال ٿيڻ لڳا. شهري حڪومتون پوءِ سلطنتن ۾ بدلجي ويون، اهڙي هڪ سطلنت جو باني عُرنينا هو جنهن جي حڪومت سمير ۽ اڪاد کان سواءِ آشور، اناطوليه ۽ شام تائين پکڙيل هئي. انهيءَ سلطنت جي آخرين بادشاهه ليوگل زغيزي کي اڪاد جي سامي حاڪم سارگان شڪست ڏئي سميري

حڪومت جو خاتمو آندو. اهو واقعو ڪن عالمن جي راءِ موجب 2850 ق. م. ۾ ظهور پذير ٿيو ۽ ڪن جي راءِ موجب 2550 ق. م ڏاري ٿيو جو وڌيڪ صحيح پيو لڳي. سميري قوم جي طاقت کي سارگان سنڌائتو ڏڪ هنيو پر انهن جون ننڍيون ننڍيون حڪومتون اولهه ايشيا جي سپني ملڪن ۾ موجود رهيون. سندن طاقت کي آخري ڌڪ ڪاپاري ڏڪ، عمورو قوم هنيو جن اٽڪل 2550 ق. م. جي عربستان جي برپٽ مان هجرت ڪري عراق جو ملڪ وسايو ۽ سميري قوم کي هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏيو. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ انهيءَ نئين ۽ وحشي قوم انتقامي ڪاروائي ذريعي سميري قوم جي نسل کي تباهہ ڪرڻ شروع ڪيو. اهو انهيءَ ڪري بہ هو تہ "عمورو" قوم جا ماڻهو سامي نسل جا هئا ۽ سميري قوم کي اهي ڏاريا ۽ مختلف نسل جا تصور ڪندا هئا. سندن اهو بہ خيال هو تہ سميري غاصب آهن، اهي غيرقانوني ۽ ناجائز طريقن سان سندن ملڪ تي قابض ٿيا آهن. عمورو طرفان انهيءَ تشدد جي ڪاروائي سبب سميرين پنهنجي مرڪز کي ايلام ۾ قائم ڪيو جو ايران جي ڏکڻ اولهہ ڪنڊ ۾، ايراني نار سان لاڳو علاقو آهي ۽ ان کي هاڻي خوزستان سڏيو وڃي ٿو. اهوئي سبب آهي جو ايلام صدين تائين، عراق جي سامي حڪومتن لاءِ هڪ اڻ وڻندڙ ڪنڊي مثل هو جو سندن ڪک ۾ ڪتل هجي. اهو سلسلو 537 ق. م تائين جاري رهيو. جڏهن فرات جي وادي ۾ سامي حڪومت جي پڄاڻي آئي ۽ آريہ قوم جي حڪومت شروع ٿي.

سنڌ جي قديم تاريخ جيڪڏهن اها تاريخ چئجي، مهاڀارت جي زماني کان شروع ٿئي ٿي، جنهن کي 1500 کان 1000 سال ق.م جي وچ وارو زمانو تصور ڪيو ويو آهي. انهيءَ دور ۾ سنڌ جي گادي راجا جئدرٿ جي قبضي ۾ هئي ۽ اهو آريہ نسل جو هو. جئدرٿ، سنڌ جي پاران مهاڀاري لڙائيءَ ۾ حصو ورتو هو ۽ هن ڪورون جو طرف وٺي جنگ ڪئي. ان ڪري لازمي طور جڏهن پانڊون يڌ ڪٽي جئدرٿ جي پويان وڏو ڪٽڪ وٺي سنڌ پهتا تہ جئدرٿ کي شڪست ڏئي قتل ڪيائون. اهو بہ پڌرايو ويو آهي تہ جنگ هلندي جئدرٿ چالاڪي ڪري پانڊون جي زال دوروپدي کي ڏتارڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ ڪيس پڄائي سنڌ وٺي آيو.[5] ان ڪري پانڊون جنگ ۾ سوڀ حاصل ڪرڻ کان پوءِ سنڌ ۾ آيا ۽ جئدرٿ کي ماري دوروپدي کي وري حاصل

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪيائون. اها ڳالهه سچ هجي يا ڪوڙ، پر اهو ثابت ٿيو آهي ته هندوستان (ننڍي ڪنڊ) جي قديم تاريخ ۾ سياست ۾ سنڌ جي ملڪ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

مهاپارت واري زماني کان پوءِ سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ وڏو خال آهي جو ڇهين صدي قبل مسيح تائين محسوس ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ صديءَ جي وچ ڌاري سنڌو وادي تي جنهن ۾ سنڌ به شامل آهي، ايران کان وڏو حملو ٿيو. اهو حملو اسڪائيليڪس نالي هڪ يوناني اميرالبحر، ايران جي هخامنشي شهنشاهن جي طرفان عمل ۾ آندو. اسڪائيليڪس ڪرانڊا جو رهاڪو هو جو ايشيا مائنر ۾ آهي ۽ ان کي هخامنشي خاندان جي جڳ مشهور بادشاهه دارا پهرين (داريوش) موڪليو هو. ته جيئن سنڌ ملڪ ڏانهن خشڪي ۽ سامونڊي رستو معلوم ٿي سگهي. اسڪائيليڪس کي اهو به ڪم سونپيل هو ته هو سيستان، افغانستان، پنجاب ۽ سنڌ جي سروي جو ڪم ڪري ته، جيئن اتي فوجون موڪلي مستقل طور ايراني حڪومت قائم ڪري سگهجي. اسڪائيليڪس اتر اولهه جي لکن مان لنگهي ڏکڻ پنجاب تي قبضو ڪيو ۽ ان کان پوءِ هن هڪ بحري آڙماڙ تيار ڪئي ۽ سنڌ جو ملڪ فتح ڪندو سامونڊي رستي سان ايراني نار اڪري عراق پهتو. انهيءَ حملي جو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ، ڏاکڻو پنجاب، بلوچستان جا صوبا، هخامنشي سلطنت جو حصو بنجي ويا ۽ انهن کي ويهين سئٽرپي (صوبو) جو نالو ڏنو ويو. اهو نئون ناهيل صوبو ايراني شهنشاهيت جو شاهوڪار ۾ شاهوڪار صوبو هو. ڇاڪاڻ ته ان جي سالياني اپت 360 ايئوبوئڪ ٽيليٽ سون هو جو سون جي ٽڪرن ۾ حاصل ڪيو ويندو هو. سنڌ مان حاصل ڪيل سون، ايشيا جي سيني صوبن مان حاصل ڪيل سون جي ٽئين حصي جيترو هو.[6]

قديم زماني جي انهيءَ دور ۾ ننڍي ڪنڊ ڪيترن ئي حصن ۾ ورهايل هو ۽ گهڻو ڪري هر هڪ حصي تي خودمختيار راجائن جي حڪومت هئي. اجاتشترو جو هڪ طاقتور مهاراجا جي حيثيت ۾ مگدا ۾ راج ڪندو هو اهو ڪجهه وقت اڳي گذاري ويو ۽ سندس جاءِ تي (پالپتر جي تخت تي) يا ته درسڪا هو يا وري اڌايا هو. جن کي پنهنجا ئي مسئلا هئا جو هنن سنڌ ڏانهن

ڪوبہ ڏيان نہ ڏنو. اهو ياد رهي تہ جنهن وقت ايرانين سنڌ تي حملو ڪيو ان وقت سنڌ جون حالتون چڱيون ڪونہ هيون. پڻ وڏن مذهبن يعني تہ ٻڌمت ۽ هندو مذهب جا ماڻهو هڪ ٻئي جو ڳٽڻ جهلي رهيا هئا. مذهبي جهيڙو عام هو. ان ڪري نہ فقط سنڌ ۾ پر سڄي ننڍي کنڊ ۾ وڳوڙ واريون حالتون هيون. بهرحال اهو ثابت ٿيو آهي تہ ايرانين جي حڪومت سنڌ تي ڪجھ وقت رهي، ۽ ان کان پوءِ يونانين جو حملو ٿيو.

حضرت مسيح کان چار صديون اڳ، مقدونيہ جي ننڍڙي رياست، پنهنجي پر وارين رياستن سان لڳاتار جنگ ڪرڻ سبب اوپر يورپ ۾ هڪ وڏي حڪومت بنجي وئي. فلپ، جنهن هڪ وڏي سلطنت جا خواب پئي ڏٺا، تنهن کي سندس زال اولمپيا جي اشاري تي قتل ڪيو ويو. اولمپيا سڪندر جي ماءُ هئي، ان ڪري هيلاس جي سيني رياستن ڪيس پنهنجو حاڪم اعليٰ تسليم ڪيو. سڪندر بہ پٽس وانگر هڪ وڏي سلطنت ٺاهڻ جو آرزومند هو ان ڪري هو پنهنجي طاقت کي ايشيا مائنر (هاڻوڪي ترڪي) ۾ وڌائڻ لڳو. ايشيا مائنر جو ايرندو حصو ان وقت، ايران جي هخامنشي خاندان جي بادشاهن جي هٿ ۾ هو. ان سبب ٻئي طاقتون هڪ ٻئي جي آمهون سامهون اچي ويون. آئيسوس وٽ (سن 333 ق. م) هڪ فيصلا ڪن جنگ لڳي جنهن ۾ ايران جي هخامنشي بادشاهہ دارا ٽئين هارايو ۽ ميدان ڇڏي ڀڄي ويو. سڪندر، دشمن جي پويان پوڻ بدران شام تي حملو ڪيو. اتي جي شهرين بنا جنگ ڪرڻ جي آڇ ڪئي ۽ سڪندر جو انهيءَ ملڪ تي آسانيءَ سان قبضو ٿي ويو. سامونڊي ڪناري جي فنيقي شهرن جهڙوڪ تاير ۽ گازا، البت جنگ ڪئي پر انهن کي بہ مات ڪيو ويو. شام ۽ فلسطين جا ملڪ لتاڙي سڪندر مصر تي چڙهائي ڪئي، جتي ماڻهن سندس آدرياءُ ڪيو. ۽ ڪيس خدا جو پٽ سڏي سندس تاجپوشي ڪئي ويئي. ميمفس ۾ تخت ڌڻي ٿيڻ ڪري سندس حڪومت جو دائرو ڏکڻ تائين وڌي ويو جنهن ۾ نيل ندي جي ماٿريءَ جو ڳچ حصو يونانين جي هٿ اچي ويو. شام، فلسطين ۽ مصر ۾ سڪندر جي ڪاميابي جو اصل سبب اهو آهي تہ اهي ملڪ ايران جي زير اثر هئا، ۽ ايرانين اتي نهايت ئي ظلم ۽ زبردستي جو راج ڪڙو ڪيو هو. ان ڪري اتي جي عوام کي ان لاءِ بيحد نفرت هئي. مصر

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

۾ سوپ حاصل ڪرڻ کان پوءِ سڪندر اُپرندي جو رخ رکيو ۽ هڪ دفعو وري دارا ٽئين کي اربيلا وٽ شڪست ڏنائين (سن 331 ق. م)، جو وري به ميدان ڇڏي ڀڄي ويو.[7] انهيءَ فتح کان پوءِ سڪندر جي فوجن بابل تي چڙهائي ڪئي جو ان وقت هخامنشي سلطنت جو تختگاهه هو ۽ عراق ۾ فرات ندي جي اُپرندي ڪناري تي ٺهيل هو.

سڪندر جنهن پاڻ کي هاڻي سڪندراعظم جو لقب ڏنو. ايراني پرڳڻن کي فتح ڪندو ۽ لتاڙيندو افغانستان ۾ پهتو ۽ اتان پوءِ اولهه پنجاب ۾ آيو. پورشيا جنهن کي سنڌ جي تاريخ ۾ راجا پورس سڏيو ويو آهي تنهن سڪندر جي فوجن جو مقابلو ڪيو. پر شڪست کائي قيد ٿيو. سڪندر کيس معافي ڏيئي سندس ملڪ کيس واپس ڪيو ۽ هندوستان ڏانهن رخ ڪيائين. انهيءَ ڀَڳالهه تي سندس فوج، جا گهڻي ياڳي ٽڪل هئي، گنگا جي ماٿر ڏانهن وڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ بلوو ڪري وڏائون. جنهن سبب سڪندر کي سنڌ ڏانهن لڙڻو پيو. سنڌ ۾ ان وقت به خودمختيار حڪومتون هيون، جن جا نالا اوسڪانا ۽ پٽالين ٻڌايا ويا آهن. اوسڪانا جنهن کي لاڙڪاڻي ۽ ان جي آس پاس واري ايراضي سان تشبيهه ڏني ويئي آهي. ميوسيڪانس راجا جي گادي جو هنڌ هو.[8] جنهن سڪندر جي آڻ مڃي هئي پر پوءِ برهمڻ صلاحڪارن جي چوڻ تي هن يونانين جي خلاف بغاوت ڪئي. پٺتان نالي هڪ سردار سڪندر جي حڪمت تي، ميوسيڪانس راجا کي شڪست ڏيئي قيد ڪيو ۽ پوءِ ان کي برهمڻ سان گڏ ڦاهي چاڙهيو ويو. پٽالين يعني ته ڏکڻ سنڌ جي راجا موريز بنا جهيڙي جي آڻ مڃي ۽ ڏن ڏيڻ قبول ڪيو. پٽالين جي گادي پٽالا کي هاڻوڪي حيدرآباد واري ماڳ سان تشبيهه ڏني ويئي آهي. ڇاڪاڻ ته اهو شهر ان وقت سنڌو ڊيلٽا جي مهڙ وٽ ٻڌل هو.

يوناني ليکڪن سنڌ جي هڪ ٻئي راجا جو به ذڪر ڪيو آهي جو اولهه واري جبلن ۽ ان جي آس پاس واري ايراضي تي حڪومت ڪندو هو. سندس نالو سامبس ۽ سندس گاديءَ جو نالو سندامانه ٻڌايو آهي جنهن کي هاڻوڪي سيوهڻ سان تشبيهه ڏنل آهي. سامبس پڻ پٽالين جي راجا موريز وانگر آڻ مڃي ۽ ڪيس سندس ملڪ ڏن ڏيڻ جي شرط تي واپس ڪيو ويو.

يوناني ليکڪن جو چوڻ آهي تہ سڪندر سنڌ ۾ اسي هزار ماڻهو قتل ڪيا ۽ ڳاٽيتي کان سواءِ ٻيا ماڻهو غلام بنائي وڪرو ڪيا.[9] پٽالا ۾ سڪندر وطن وڃڻ جا سانباها ڪيا ۽ پنهنجي فوج کي ٻن حصن ۾ ورهايو. هڪ حصو سمنڊ جي رستي اميرالبحر نيارڪس جي هٿ هيٺ روانو ڪيو ۽ ٻئي حصي جي اڳواڻي هن پاڻ ڪئي جو خشڪي جي رستي مڪران، فارس ۽ خوزستان جو ڪنارو ڏيئي بابل پهتو. سڪندر ٽي سال بابل ۾ رهيو ۽ سن 323 ق. م ۾ اُتي وفات ڪيائين. ڪيس سڄي دنيا کي فتح ڪرڻ جي آرزو هئي جا پوري نہ ٿي سگهي.

سڪندر اعظم کي ڪوبہ پٽ يا ڌي ڪونہ هو ان ڪري سندس سلطنت جرنيلن ۾ ورهائجي ويئي، جن ۾ سڀ کان وڌيڪ لائق سيليوڪس هو ۽ اهو اُپرندي جي سيني ملڪن جو حاڪم اعليٰ ليکجڻ لڳو. سڪندر جي وطن واپس وڃڻ کانپوءِ چندر گپت موريا، جنهن سڪندر کي مگڌ تي حملي ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي، تنهن موقعي جو فائدو وٺندي پنجاب تي قبضو ڪيو ۽ يونانين کي ملڪ مان هڪالي ٻاهر ڪڍيو. ان کان پوءِ چندر گپت موريا وڏي فوج ڪٺي ڪري مگڌ تي حملو ڪيو ۽ نندا سلطنت جو خاتمو آڻي، پاڻ بادشاهہ بنجي ويٺو. جيئن تہ چندر گپت جي ماءُ موريا، هڪ شودر گهراڻي جي عورت هئي، ان ڪري سندس پائرن کي تخت تان دستبردار ڪري ملڪ نيڪالي ڏيئي ڇڏي هئي. اهوئي سبب آهي جو هن پنهنجي گهراڻي جو نالو موريا رکيو نہ تہ سندس پيءُ اصل ۾ نندا گهراڻي جو هو. سيليوڪس کي جڏهن خبر پئي تہ پنجاب تي چندر گپت موريا جو قبضو ٿي ويو آهي تہ، ان تي وري قبضي ڪرڻ خاطر هڪ وڏو ڪٽڪ پاڻ سان وٺي آيو، پر ان کان اڳ چندر گپت جو راج پنجاب ۽ گنگا جي دو آبي ۾ پختو ٿي چڪو هو.[10]

اگينار جو پٽ پٺان، جنهن کي سڪندر سنڌ حوالي ڪري ويو هو ان کي اراڪوسيا ڏانهن بدلي ڪيو ويو ۽ سندس جاءِ تي يوڊيموس کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو. يوڊيموس سن 317 ق.م تائين سنڌ جو حاڪم اعليٰ رهيو پر پوءِ يونانين جي پڃاڻي آئي ۽ سنڌ ۾ خودمختيار حڪومتون قائم ٿيون. اهو سلسلو اشوڪا راجا جي دور تائين قائم رهيو جڏهن سنڌ کي

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

موريا سلطنت ۾ شامل ڪيو ويو. اشوڪا، چندر گپت جو پوٽو ۽ بندوسارا جو پٽ هو. شروعات ۾ هن ملڪ گيريءَ جي شوق ۾ ڪيترن ملڪن تي حملا ڪيا جنهن ۾ نهايت ئي گهٽي خونريزي ٿي. سندس آخرين جنگ ڪالنگا جي ميدان ۾ سن 261 ق.م ۾ لڙي ويئي، جنهن سندس ضمير کي ڪاري ضرب رسائي ۽ ڏک ۽ پڇتاءَ سبب قسم کنيو ته هو وري ڪنهن سان به جنگ نه ڪندو. ائين ڪندي هن ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو ۽ ان ڌرم جي پستڪن ۾ ڪيس "پاڪائي جو صاحب" ۽ "زاهد بادشاهه" جو لقب ڏنو ويو آهي. ان هوندي به هن مذهب نه بدلائڻ سبب ڪيترن ئي ماڻهن کي ترار جو ڪاڄ بنايو ۽ پڻ انهن کي سخت سزائون ڏنيون جن ٻڌمت ۾ نوان فرقا ايجاد ڪيا. ٻڌايو ويو آهي ته اشوڪا ٻڌ ڌرم هڪ سنڌي عطر فروش اُپاگپتا جي چوڻ تي اختيار ڪيو هو جو سندس خاص صلاحڪار بنيو.[11] اهو ڏيکاري ٿو ته سنڌ جو ملڪ يا ته چندرگپت جي زماني ۾ فتح ٿيو يا سندس پٽ بندوسارا انهيءَ کي پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪيو. ڇاڪاڻ ته اشوڪا جي طاقت ۾ اچڻ کان گهڻو اڳ سنڌ ۽ پتاليپترا جي وچ ۾ سياسي، سماجي ۽ واپاري ناتا موجود هئا.

اشوڪا راجا سن 232 ق.م ۾ وفات ڪئي ۽ ساڻس گڏ موريا گهراڻي جو به خاتمو اچي ويو. اهو صحيح آهي ته سنڌ تي موريا گهراڻي جي گورنر جي حڪومت ڪجڻ وقت جتاءُ ڪيو پر جيڪو روب تاب اشوڪا جي راڄ ۾ هو. اهو ختم ٿي ويو. سن 185 ق.م ۾ موريا گهراڻي جي سپه سالار پشيا مترا، آخرين بادشاهه برهدرٿا کي قتل ڪري پاڻ تخت تي چڙهي ويٺو. ۽ هڪ نئين گهراڻي جو بنياد رکيائين جنهن کي تاريخ ۾ سنگا گهراڻي جو نالو ڏنو ويو آهي. هن خاندان سن225 ع تائين حڪومت ڪئي پر جيئن ته سلسليوار تاريخ موجود نه اهي ان ڪري چئي نه ٿو سگهجي ته ڪير ۽ ڪهڙا راجائون ڪيئن ۽ ڪهڙي وقت تخت ڌٽي ٽيا ۽ انهن جي ايام ڪاري ۾ ننڍي ڪنڊ جون ڪهڙيون حالتون هيون. پر اهو واضح ٿي چڪو آهي ته اشوڪا راجا جي وفات کان پوءِ ڏارين ڪاهن جو هڪ سلسلو شروع ٿي ويو. جنهن سبب سنڌو درياءَ جي سڄي ماٿر باختر جي يوناني بادشاهن جي سياسي اثر هيٺ اچي ويئي. اهي يوناني هئا جن سڪندر جي وڃڻ کان پوءِ

افغانستان جي اترين حصي ۾ هڪ ننڍڙي حڪومت قائم ڪئي هئي. انهيءَ حڪومت جو باني ڊيوڊوٽس هو جنهن کي پروارين حڪومتن سان لاڳيتو وڙهڻو پيو ۽ آخر سن 280 ق.م ڌاري يوٿيڊيمس نالي هڪ يوناني سردار باختر کي هڪ خودمختيار حڪومت بنائي ڇڏيو. اهو صحيح آهي ته يوٿيڊيمس پنجاب تي حملا پڻ ڪيا هئا. پر اهو ثابت نه ٿي سگهيو آهي ته ڊيوڊوٽس يا کانئس پوءِ يوٿيڊيمس پنجاب يا سنڌ تي حڪومت ڪئي. سڀ کان پهرين باختر تي جنهن يوناني بادشاهه سنڈو ماٿر تي پنهنجو راج قائم ڪيو اهو ڊميٽريس هو جنهن سن 190 ق.م ۾ پنجاب ۽ سنڌ کي پنهنجي وڏندڙ سلطنت ۾ شامل ڪري ڇڏيو. انهيءَ حقيقت جي تصديق پتنجلي مان ٿئي ٿي، جنهن ۾ انهيءَ يوناني بادشاهه کي "دتامترا" جي نالي سان ياد ڪيو ويو آهي، ۽ ٻڌايو ويو آهي ته سندس حڪومت ياوانا ۽ سئووِيرا قومن تي قائم هئي.[12] انهيءَ ڳالهه جي وڌيڪ پُنيرائي ناسڪ جي غارن ۾ لکت نمبر 18 ۽ پڻ ڊميٽريس جي لڏل سڪن مان ٿئي ٿي جنهن ۾ سمنڊ جي ديوتا سيدان يا نيپچون جا ٿي ڀالا نقش ٿيل آهن. اها ڳالهه اڃا تحقيق طلب آهي ته اهي نشان دريائي لشکر جا آهن يا ڪنهن بحري ٻيڙي جا، پر اهو انومان ڪيڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهجي ته سنڌ کي فتح ڪرڻ لاءِ ڊميٽريس، دريائي ٻيڙو ضرور استعمال ڪيو هوندو. ساڳئي وقت هن بحري ٻيڙي جي وسيلي گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ بلوچستان جا ڪناري وارا حصا به هٿ ڪيا هئا ۽ سندس فوجون اوڏ ۽ وچ هندوستان تائين پهچي ويون هيون.[13] ڊميٽريس جي حملن سبب سنگا گهراٽي جو راج فقط مگڌا ۽ ان جي آس پاس وارن علائقن تائين محدود رهجي ويو پر جيئن ته انهيءَ دور جي ڪا تاريخ موجود نه آهي. ان ڪري ڇڻي نه ٿو سگهجي ته ٻنهي ڌرين جي حڪومت ڪهڙن ڪهڙن علائقن تي قائم هئي.

ڊميٽريس جيئن ته ڏورانهين ملڪن کي فتح ڪرڻ ۾ مشغول هو ان ڪري ظاهر آهي ته سندس گهر ۾ گهوٽالو پيو. سن 175 ق.م ۾ باختر ۾ هڪ فوجي انقلاب آيو جنهن ۾ يوڪريٽائيڊس نالي هڪ قسمت آزمائو جانباز ڊميٽريس کي قتل ڪري تخت ڌٽي ٿيو. نئون بادشاهه يوڪريٽائيڊس ته ڊميريس کان ٻه گوڙ ڪٽي ويو. پر سندس سڄو شان شوڪت ٿوري وقت لاءِ

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هو. چاڪاڻ تہ باختر ڏانهن واپس ورندي هُو پنهنجي پٺ اپولوڊوٽس جي هٿان قتل ٿي ويو. اپولوڊوٽس جو بہ ساڳيو حال ٿيو ۽ اهو پنهنجي پاڻ هيليوڪيلس جي هٿان مارجي ويو.[14] پيءُ جي بدلي ونڊ سبب هيليوڪيلس کي باختر جا ماڻهو "عادل" جي لقب سان ياد ڪندا هئا. وري وري انقلاب اچڻ ڪري باختر جي يوناني بادشاهن جي حڪومت ڪمزور پئجي ويئي ۽ تيسين وري طاقت ۾ نہ آئي جيسين مناندر تخت ڌٽي ٿيو. مناندر تاريخ ۾ ڪابل جو بادشاهہ تسليم ڪيو ويو آهي ۽ اهو دارا ۽ سڪندر کان پوءِ ٽيون وڏو شهنشاهہ آهي جنهن ننڍي کنڊ جي وڏي حصي تي حڪومت ڪئي. سندس حملن جي اڳيان دارا ۽ سڪندر جا حملا ڇڪ ٻاراڻي راند هئا. هن پنجاب ۽ سنڌ تي قبضو ڪري بلوچستان تي ڪاهہ ڪئي ۽ ان کان پوءِ ڪچ، گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ مهاراشٽر کي پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪيو. وچ هندوستان تي پڻ سندس حملا جاري رهيا ۽ مٿرا تائين سڀ علائقا سندس فوجن جي قبضي ۾ رهيا. هو جيڪر سڄي هندوستان تي پنهنجو راج قائم ڪري ها. پر پوءِ جيئن تہ هن اشوڪا وانگر ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو. ان ڪري وڌيڪ جنگ نہ ڪرڻ لاءِ قسم کنيائين. ٻڌ ڌرم جي ادبي ۽ ڌرمي ڪتابن ۾ سندس نالو "ملندا" ڏنو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي تہ اشوڪا کان پوءِ جنهن ٻئي بادشاهہ جو احترام ڪيو ويو هو اهو مناندر (ملندا) هو.

سنڌ ۾ يوناني راج جو خاتمو پارٿين آندو. جن ساڪا ۽ يوناني حڪومتن کان لڳاتار شڪستون کائي پنهنجو وقار متراڀيٽس جي حڪومت جي دور ۾ قائم ڪيو. پر سنڌ ۽ پنجاب تي پارٿين حڪومت جو اثر گونڊوفريس جي زماني ۾ ٿيو جنهن انهن ٻنهي صوبن کي پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪري ڇڏيو. انهيءَ دور ۾ سنڌ جي گادي مينا نگر ٻڌائي وئي آهي جا سنڌ جي وچ ۾ هئي ۽ ان جو مکيہ بندر بار بروڪان هو جو سنڌو ڊيلٽا ۾ درياء جي هڪ ڇوڙ تي ٻڌل هو. پيريپلس آف يوريٿرين سي جو سن 70عيسوي ۾ لکيو ويو آهي. تنهن ۾ ٻڌايل آهي تہ سنڌ جو نالو ان وقت "سٽيا" هو چاڪاڻ تہ انهيءَ جو ڇچ حصي تي ست قبيلن جو راج هو.[15]

پارٿيا جي حڪومت جي پڃاڻي هڪ نئين ۽ وحشي قوم يوئي- چي آندي، جن تاڪلامڪان جي برپٽ مان هجرت ڪري وچ ايشيا جا ملڪ وسايا هئا. سپ کان پهرين انهن ڏو سون ۽ ساڪا قومن کي زير ڪيو ۽ ان کان پوءِ باختر ۽ سگدانيا جا علائقا قبضي ۾ ڪيا. انهيءَ شڪست کان پوءِ ساڪا افغانستان جي اوير علائقن مان ٽيندا پنجاب پهتا ۽ تيسين اتي رهيا جيستائين يوئي چي قوم جي ماڻهن جي يلغار ٿي. يوئي چي ۽ ساڪا قومن جي جنگين جو ڪوبه رڪارڊ نه ٿو ملي. ان هوندي بہ اهو انومان ڪيو سگهجي ٿو ته ساڪا قوم کي پنجاب ۽ سنڌو ماٿر جي ٻين علائقن ۾ زير ڪرڻ خاطر يوئي چي کي چگهرڙو وقت لڳو هوندو. هن قبيلي جو پهريون بادشاهہ جنهن پنجاب ۽ سنڌ تي حڪومت ڪئي ڪيدفائيسز ٻيو هو. هن حاڪم جا سڪا سڄي سنڌوءَ ماٿر ۾ دستياب ٿيا آهن ۽ ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات مان بہ مليا آهن. پر انهيءَ ڳالهہ جي هاڻي تصديق ٿي چڪي آهي ته سندس پٽ ڪنشڪا (راجا ڪنشڪ) اتر ۾ گنگا ندي ۽ ڏکڻ ۾ ونڊيا جبلن تائين پنهنجي سلطنت قائم ڪئي هئي. ڪنشڪا لاءِ اهو بہ ٻڌايل آهي ته هن ڪشمير، ڪاشگر (ڪاشغر)، يارڪند ۽ کوتان فتح ڪيا هئا ۽ پارٿين جي خلاف بہ اهم سوپون حاصل ڪيون هيون. سندس سطلنت جي گادي پرشاپورا (پيشاور) ۾ هئي، جتي هن تيرهن ماڙاڌاوت ٺهرائي ۽ ان جي چوٽي سڄي لوهہ سان ٺهرائي هئي. انهيءَ مناري جو عمق 400 فوٽ هو ۽ جڏهن چيني زوار سانگ يون (چانگ يون) ننديڙ کنڊ جي دوري تي آيو هو تڏهن هن پاڻ وڄي اهو ڏٺو هو.[16] ڪنشڪا لاءِ ٻڌايل آهي ته هن ٻڌ ڌرم جي مها يانا مذهب جو هڪ وڏو ميڙ ڪوٺايو هو جنهن ۾ چين، منگوليا، تبت ۽ وچ ايشيا جي ملڪن جي سينيي نمائندن شرڪت ڪئي هئي. هنايانا فرقي کي شايد دعوت نہ ڏني ويئي هئي يا ٿي سگهي ٿو ته هنن پاڻ انهيءَ ميڙ جو بائيڪاٽ ڪيو هجي. ڇاڪاڻ ته ان عظيم ميڙ بابت سري لنڪا جي ماخذن ۾ ڪجهہ بہ لکيل ڪونهي.

ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته سنڌ جو ملڪ، ڪنشڪا کان پوءِ ساڪا يا ڪُشن گورنرن جي هٿ هيٺ رهيو. ڪنشڪا سن 123عيسوي ۾ وفات ڪئي. ڪائنس پوءِ سندس پوٽو هوشڪا تخت ڌڻي ٻڌيو. ڇاڪاڻ ته سندس پٽ

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

واسشڪا، پيءُ جي حياتي ۾ گذاري ويو. ايراني لکتن ۾ وري اهو ظاهر ڪيو ويو آهي ته سنڌ ۽ بلوچستان تي ايران جي ساساني بادشاهن جي حڪومت هئي. بهرام گور نالي ايراني شهنشاهه فوجون موڪلي سنڌ کي پنهنجي زير اثر ڪيو هو. پر ايرانين جي حڪومت فقط اتر سنڌ تائين محدود هئي جنهن ۾ هنن نوان شهر ٻڌايا پراڻن شهرن کي ايراني نالا ڏنا. الرود (اروڙ)، بهمن آباد، سيوستان ۽ نيرون وغيره ايراني ٻوليءَ جا نالا آهن ۽ سنڌ تي ايراني سياسي اثر جي تصديق ڪن ٿا. سنڌو درياء جو نالو به انهيءَ دور ۾ مهراڻ رکيو ويو. اهڙي هڪ ندي ايران ۾ پڻ آهي جا قشم ٻيٽ وٽ ايراني نار ۾ ڇوڙ ڪري ٿي.

اتر اولهه ۾ ڪُشن گهراڻي ۽ اندرئين حصي ۾ انڊرا خاندان جي ڇاڻي کان پوءِ پتالييترا ۾ هڪ نئين ۽ طاقتور گهراڻي جو پايو وڌو ويو. اهو گهراڻو تاريخ ۾ گپتا خاندان جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو ۽ انهيءَ گهراڻي کي ننڍي کنڊ ۾ هندو ڌرم کي وري زور سان ونائڻ واري دور سان ياد ڪيو وڃي ٿو. چندر گپت جنهن گپتا گهراڻي جو بنياد رکيو اصل ۾ پتالييترا جي پر ۾ هڪ ننڍڙي حڪومت جو والي هو. سندس پيءُ گهوٽا ٽڪاچا جي حيثيت هڪ ڏن پرو راجا جي هئي. پر پوءِ لچوي خاندان جي هڪ شهزادي سان شادي رچائڻ سبب، چندر گپت جو اثر وڌي ويو ۽ ٿوري ئي عرصي اندر هو مگڌا جو حاڪم ٿي ويو. سن 319 عيسوي ڌاري چندر گپت جو راج سڃي گنگانديءَ جي ماٿري تي قائم ٿي ويو جنهن ۾ ترهت، اوڌ ۽ ڏکڻ بهار جا علائقا شامل هئا. اهو سال هندوستان جي تاريخ ۾ نهايت ئي اهم سال آهي. چاڪاڻ ته هن سال چندرگپت جي پتالييترا ۾ تاجپوشي ٿي ۽ ساڳئي سال کان گپتا ڪئلينڈر جي شروعات ٿي. گپتا گهراڻي جي راج کي ننڍي کنڊ ۾ سنسڪرت ٻوليءَ جي اوج جو دور پڻ ليکيو وڃي ٿو. جا ونسينٽ سمٿ جي چوڻ ۾ پراڪرت ٻولي جي هٿرادو سڌاريل ٻولي هئي. پراڪرت ان وقت سنڌ ۽ پنجاب ۾ رائج هئي.

گپتا گهراڻي جو هڪ راجا سمدرا گپتا جو سيني ۾ وڏو بادشاهه تصور ڪيو وڃي ٿو. جنهن آريا نسل جي قديم ۽ روايتي قرباني جو رواج وڏو جنهن ۾ گهوڙو، ديوتائن کي قربان ڪيو ويندو هو. انهيءَ رسم کي "آشوميڌ"

جو نالو ڏنو ويو هو. هن دور ۾ هندو ثقافت ڏاڍو زور ورتو ۽ سائنس ۽ ادب جي ميدان ۾ ڪوجنا ڪري ڪتاب لکيا ويا. پر انهن ڳالهين جو سنڌ جي ماڻهن تي خيرڪي اثر پيو جي پنهنجي مذهب ۾ڏمت تي قائم رهيا. جيتوڻيڪ گپتا راجائن جي طرفان ۾ڏن کي پنهنجو مذهب تبديل ڪرڻ لاءِ نه فقط لالچايو ويو پر زور زبردستي به ڪئي ويئي هئي. هي اهو دور آهي جنهن ۾ سنڌ تي ايران جي ساساني بادشاهن جو اثر پوڻ هو. اهو سلسلو تيستائين جاري رهيو جيستائين سنڌ جي هڪ مقامي راجا ديواجي (ديوائچ يا ڏياچ) موقعي جو فائدو ونندي، سنڌ ۾ راءِ گهراڻي جو پايو وڌو. ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ خاندان کي سنڌ ۾ پير جمائڻ ۾ هن قوم جي حملن سبب مدد ملي هجي جن 455 عيسوي ڌاري سنڌو ماڻر تي لڳاتار حملا ڪري ڏنا هئا. انهن حملن سبب سنڌو ماڻر ۾ وري وڳوڙ پئجي ويو ۽ راءِ گهراڻي جي حاڪمن کي پنهنجي حڪومت ۽ ان کان پوءِ پنهنجي سلطنت وڌائڻ ۾ تمام گهڻي آساني ٿي. هن قوم سنڌ سان ڪي به مستقل ناتا نه رکيا هئا ان ڪري مقامي راجائن پنهنجو اثر سالٽ رينج (لوڻ واري جبل) کان ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ تائين وڌايو. اهڙي ريت سندن حڪومت ٿر کان مڪران ۽ سيستان تائين پکڙيل هئي.[17]

راءِ گهراڻي جو باني ڏياچ هو جو اصل ۾ ۾ڏمت سان تعلق رکندڙ هو. ۽ چتور جي راجائن سان سندس مائٽي هئي. ان ڪري ثابت ٿيو ته ايرندي جي برپٽ جو سنڌ جي سياست سان گهرو تعلق رهيو آهي. اهو تعلق ٽالپرن جي زماني تائين قائم رهيو جن جي صاحبي انگريزن اچي ختم ڪئي. راءِ ڏياچ ڪيئن ۽ ڪهڑي ريت پنهنجي گهراڻي جو بنياد رکيو ان لاءِ ڪوبه لکيل مواد موجود نه آهي. پر اها پڪ آهي ته سندس پونين کي هڪ وڏي سلطنت هڻ ۾ هئي. جنهن ۾ سنڌ، بلوچستان، ڏکڻ پنجاب، سرحد جا ڪي حصا، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ شامل هئا. جيئن ته اهو هڪ نهايت ئي وڏو ملڪ هو ان ڪري ملڪي انتظام جي خيال کان ان کي ڪيترن انتظامي يونٽن ۾ ورهايو ويو. جن جا مرڪز برهمڻ آباد، سيوستان، اسڪلنده، ملتان، ڪيڪانان وغيره هئا.

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

راءِ گھراٽي جي گادي جو هنڌ اروڙ هو جو پنهنجي سھڻائي ۽ خوشحالي سبب هنڌين ماڳ مشهور هو. اروڙ جي شهر جي چوڌاري مضبوط قلعا ٺهيل هئا، جن ۾ شاهي محلات، ويڪرا رستا، ڍگها ۽ وڏا باغ ۽ خوبصورت بستان (پارڪ) هئا. هيون چانگ (هيونتسيانگ) چيني سياح جو انهيءَ دور ۾ سنڌ ۾ آيو هو. تنهن جو چوڻ آهي ته راءِ ڏياچ ذات جو شودر هو. پر ملڪ آباد ۽ خوشحال هو ۽ ماڻهو سکيا ستابا هئا. هو وڌيڪ لکي ڏو ته سنڌ جا ٻڌ پروهت (لاما) نهايت ئي لالچي هئا ۽ منجهن ڪيترين برايون پڻ هيون. زوار هيون چانگ جو چوڻ آهي ته هو آوندا (او- فان- چان) ۾ رشي ٽتاگاٽا جي رک ڏسڻ لاءِ آيو هو. جنهن کي جڏهن ماڻهن ۾ ڏيکاريو ويندو هو ته ان مان نور جي روشني شعاع ڪري نڪرندي هئي.[18]

راءِ ڏياچ کان پوءِ ڪيترائي راجا تخت ڌڻي ٿيا. تان جو عربن سنڌ تي ڪاهيو ۽ ان کي پنهنجي عاليشان سلطنت ۾ شامل ڪري ڇڏيو. راءِ ڏياچ جي پٽ راءِ سهارس جي دور ۾ ايران جي نيمروز علاقي کان سنڌ تي حملا ٿيا. سهارس پاڻ انهيءَ حملي کي منهن ڏيڻ لاءِ فوجون وڻي نڪتو. پر شڪست کائي مارجي ويو. ڪن ليکڪن جي راءِ آهي ته اهو حملو عربن طرفان ٿيو. پر ونسينٽ سمٿ جو چوڻ آهي ته انهيءَ وقت عرب طاقت ۽ مذهب جو سرچشمو ايجا ڄائو ئي ڪين هو. نبي سڳوروﷺ دراصل راءِ سهاسي پهرين جي دور ۾ ڄائو هو. جو سهارس پهرين جو پٽ هو. راءِ سهارس پهرين نقصان جي تلافي ڪرڻ لاءِ دشمن فوجن کي شڪست ڏيئي ملڪ مان هڪالي ڪڍيو. امن امان قائم ڪيو ويو ۽ راءِ گھراٽي جي حڪومت کي وري نئين سر جيارِيو ويو. راءِ سهاسي پهريون نهايت ئي عقلمند ۽ هيرو حاڪم هو. سندس دور ۾ ماڻهو سکيا ۽ خوشحال هئا. سرحدن کي مضبوط ڪيو ويو. بغاوت ۽ سرڪشيءَ جو خاتمو آندو ويو. راءِ سهارسي پهرين کان پوءِ سندس پٽ راءِ سهارس ٻيو تخت ڌڻي ٿيو ۽ کائنس پوءِ سندس پٽ راءِ سهاسي ٻيو سنڌ جو راجا هو ۽ اهو راءِ گھراٽي جو آخرين حاڪم هو. راءِ سهاسي ٻيو بنا اولاد جي مري ويو. ان ڪري سندس وفات کان پوءِ سندس وزير چچ بن سيلائچ سنڌ جو راجا ٻڌيو. حڪومت هٿ ڪرڻ ۾ چچ کي راءِ سهاسي ٻئي جي زال راڻي سونهه ديوي مدد ڪئي هئي.

راجا چچ جنهن کي سنڌ ۾ برهمڻ گهراڻي جو باني سڏيو ويڄي ٿو. ذات جو برهمڻ هو ۽ سندس ڪرت لکپڑهه هئي. ڪيس اصل ۾ حڪومت جو مير منشي مقرر ڪيو ويو هو ۽ پوءِ انهيءَ عهدي تان وڌندو وڌندو ويڄي وزير ٿيو. جڏهن هُن وزارت جو عهدو سنڀاليو. تڏهن راءِ سهاسي ٻئي جي زال ۽ راڻي مٽس عاشق ٿي پئي. راڻي ننڍي عمر جي جوان عورت هئي ۽ راجا وڏي عمر جو ماڻهو هو. ان ڪري راڻي جي دل وزير طرف ريلو کاڌو. آخر ۾ هڪ سازش عمل ۾ آئي، جنهن ۾ پوڙهي ۽ ڪمزور راجا کي اهڙي ته پڙي ڏني ويئي جو هو ويو آهستي آهستي ڍرڪندو. تان جو شيءِ وڃي ڏٽي کي پهتي.[19] اهو ايڏا پوري طرح ثابت نه ٿي سگهيو آهي ته بادشاهه کي زهر ڏنو ويو هو يا گهوگهو ڏيئي پورو ڪيو ويو هو. پر اها پڪ آهي ته سندس موت جي خبر مخفي رکي ويئي، جيستائين راجا جي مائٽن ۽ واسطيدارن کي يا ته قتل ڪيو ويو يا انهن کي ٻڌي زندان جي حوالي ڪيو ويو. چتور جي راجا مهورت جو راءِ سهاسي جو سوٽاڻي سوٽ هو. تنهن کي جڏهن اها خبر پئي، تڏهن هو هڪ وڏو ڪٽڪ وٺي سنڌ تي ڪاهي آيو. پر چچ ڪجهه نرمي ۽ ڪجهه سختي جي چال هلي ڪيس شڪست ڏيئي ماري ڇڏيو ۽ سندس فوجن کي سنڌ مان ڀڄائي ٻاهر ڪيڍي ڇڏيو. چچ نامي مان ظاهر ٿو ٿئي ته سنڌ جو تخت چچ لاءِ گلن جي سيج ڪانه هئي. ڇاڪاڻ ته ڪيس سنڌ جي جنگجو قبيلن ۽ راجا جي ڪن پراڻن ۽ وفادار ساٿين سان جنگ ڪرڻي هئي. ٻيو ته سنڌ جا ٻڌ شمني (ٻڌمت جا مهندار) پنهنجي منهن هڪ وڏو ۽ طاقتور ڪلاس هو، جن کي زير ڪرڻ کو آسان ڪم ڪونه هو. جٽ، لهاڻا، سما، سهتا ۽ چنا قبيلا جي گهڻو ڪري ٻڌ مذهب سان تعلق رکندڙ هئا. هندو راجا جي حڪومت مڃڻ لاءِ تيار ڪونه هئا. ان ڪري چچ کي نهايت ئي سخت قدم کڻڻا پيا، جن ۾ انهن قبيلن جي ڪچ ماڻهن کي تلوار جو ڪاج بنايو ويو. اهڙي ريت مذهبي رهنمائن (ٻڌ شمني) کي راضي رکڻ لاءِ کين وڏا وڏا عهدا ڏنا ويا. انهن ٻڌ جي مهندارن جي سياسي قوت بابت چچ نامي ۾ هڪ مثال ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪيئن ۽ ڪهڙي ريت برهمڻ آباد جي ٻڌ شمني وٽ چچ راجا پاڻ لنگهي ويو ۽ سندس تن شرطن تي ساڻس صلح ڪيو ويو.[20]

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هن مثال مان اهو بہ واضح ٿو ٿئي تہ راءِ گھراٽي جي راجائن جي حڪومت ۾ ٻڌ شمنين کي تمام گھٽي آزادي ڏني ويئي هئي ۽ سندن عزت ۽ احترام ڪيو ويندو هو. جن چچ جي ڪيل اعلان سبب آڻ ميڃي، تن کي نہ فقط معاف ڪيو ويو. پر انهن کي انعام ۽ اڪرام سان پڻ نوازيو ويو ۽ کين وڏا وڏا عهدا پڻ ڏنا ويا. راجا چچ آهستگي ۽ چالاکي سان ملتان، برهمڻ آباد، قنداہيل (گنداوا)، ڪيڪانا، ارمن بيلہ (لس ٻيلو) ۽ مڪران جا علاقا هٿ ڪيا ۽ پنهنجي حڪومت عظيم سنڌ تي قائم ڪئي، جنهن جون حدون ان وقت مڪران ۽ ڪاٺياواڙ تائين ۽ ملتان ۽ قنداہيل تائين پکڙيل هيون.

راجا چچ هڪ سياڻو حاڪم هو. جنهن دشمنن سان منهن ڏيڻ لاءِ طاقت ۽ حرفت ٻنهي کي ڪم ۾ آندو. ٻڌ شمني واري مذهبي جماعت کي نوازيو ويو ۽ انهن کي وڏا وڏا عهدا ڏنا ويا. انهيءَ حقيقت جي تصديق عرب ليکڪن جي تاريخن مان ٿئي ٿي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ عربن جي سنڌ تي حملي ڪرڻ وقت وڏا شهر ۽ قلعا ٻڌ شمني جي قبضي ۾ هئا.[21] هندو البت سنڌ ۾ گهٽ هئا ۽ اُهي گهٽو ڪري جنگجو ذات کتري سان تعلق رکندڙ هئا.

چچ نامي مان ثابت ٿيو آهي تہ راجا چچ چاليهہ سال حڪومت ڪئي ۽ کائنس پوءِ سندس ياءُ چندر تخت ڏٻي ٿيو. چندر اصل ۾ برهمڻ هو ۽ هُن جو سڄو رجحان مذهبي سڌارن طرف هو ۽ هو گهٽو وقت عبادت ۾ گذاريندو رهندو هو. چندر ست سال نهايت شان ۽ مان سان حڪومت ڪئي ۽ سندس شرافت ۽ امن پسنديءَ جي ڪري سنڌ ۾ امن امان قائم رهيو. اهڙو ڪوبہ مثال نٿو ملي، جنهن مان اهو ثابت ٿي سگهي تہ چندر ۾ حڪومت هلائڻ جي صلاحيت ڪانہ هئي ۽ نہ وري اهو ظاهر ٿي سگهيو آهي تہ سندس حڪومت جي دور ۾ ڪو وڏو يا انقلاب آيو.

چندر جي وفات کان پوءِ راجا ڏاهر تخت تي ويٺو ۽ چندر جي ڪٽنب کي خوش رکڻ لاءِ هن پنهنجي سوت راج کي برهمڻ آباد تي پنهنجو وائسراءِ مقرر ڪيو. ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ اهو بندوبست فقط ٿوري وقت لاءِ هو. ڇاڪاڻ تہ ٿورو وقت پوءِ راجا ڏاهر راج کي ڪيي پنهنجي ياءُ ڏهرسين کي برهمڻ آباد

جو گورنر مقرر ڪيو هو. راجا ڏاهر کي به نئون ملڪ پنهنجي حڪومت ۾ ڪونہ ڳنڍيو ۽ پنهنجو سڄو سارو ڌيان ملڪ جي انتظام ۽ سڌاري ۾ ڏنو. چچ نامي جي متعصب ليکڪ، سنڌ تي عربن جي حملي کي جائز قرار ڏيڻ لاءِ راجا ڏاهر جي اخلاق ۽ ڪردار کي اهڙو تہ ناهي ٿوڪي پيش ڪيو آهي، جو پڙهندڙ في الحال سوچ ۾ پئجي ويندو. اهو به ٻڌايو ويو آهي تہ راجا ڏاهر تخت هٿ ڪرڻ خاطر پنهنجي ڀيڻ سان شادي ڪئي هئي.[22]

ساڳئي ليکڪ راجا ڏاهر کي هڪ گيدي انسان تصور ڪيو آهي. جنهن انهيءَ گناهہ ڪرڻ کان پوءِ وري نہ ماڻهن کي منهن ڏيکاريو نہ وري پنهنجي پاءُ کي جنهن کيس انهيءَ ڳالهہ کان منع ڪئي هئي. پر انهيءَ ساڳئي ڪتاب، راجا ڏاهر کي هڪ بهادر ۽ فراخ دل انسان سڏيو آهي. جنهن پنهنجي حڪومت ۽ وقار قائم ڪرڻ لاءِ عربن سان جنگ ڪئي، تہ جيئن سنڌ جو ملڪ آزاد ۽ خودمختيار رهي. اهو ياد رکڻ ڪپي تہ چچ نامو يارهين صديءَ جي آخر ۾ لکيو ويو هو جنهن وقت مسلمانن جون فوجون اتر اولهہ سرحد کان نندي کنڊ فتح ڪرڻ لاءِ حملا ڪري رهيون هيون. ساڳئي وقت دهلي ۾ مسلمانن جو مرڪز بہ قائم ٿي چڪو هو ۽ اتر هندوستان جا ملڪ هڪ ٻئي پٺيان فتح ٿي رهيا هئا. اهڙي وقت ۾ مسلمان ليکڪن جي لکڻ جو مول مقصد ئي اهو هو تہ هندو يا ٻين غيرمسلم راجائن جي اخلاق ۽ ڪردار تي حملا ڪيا وڃن. انهن کي ظالم ۽ اوباش ٻڌايو وڃي ۽ انهن جي ملڪن کي غضب ڪرڻ لاءِ انهن جي عوام کي مظلوم قرار ڏنو وڃي. اهو طريقو فقط مسلمان تاريخدانن وٽ رائج ڪونہ هو پر اها ساڳي روش انگريزن پڻ اختيار ڪئي، جڏهن هنن سنڌ تي حملو ڪيو هو. سنڌ جي تالپر اميرن کي ظالم، اوباش، انجام نہ سوچيندڙ نشئي ۽ ٻين ڪيترن لقبن سان ياد ڪيو ويو ۽ سنڌ جي ماڻهن جي همدردي حاصل ڪرڻ لاءِ انهن کي ظلم ۽ ستم جو ماريل، بيوس ۽ بي يار ۽ مددگار ٻڌايو ويو.

چچ نامي مان ظاهر آهي تہ راجا ڏاهر کي فقط هڪ زال هئي، جنهن کي هن ماڻين (ماهين) جو نالو ڏنو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي چنڊ جهڙي. پر مقامي ڪتابن ۾ ان جو نالو راڻي ٻائي (يا راج ٻائي) هو. جو وڌيڪ صحيح ٿو لڳي. راجا ڏاهر جي شڪست کائڻ ۽ مارجڻ کان پوءِ راڻي ٻائي جوهر جي

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

رسم ادا ڪئي ۽ پاڻ کي باهه جي مچ ۾ اڇلائي ساڙي ڇڏيو. راجا ڏاهر جي ٻي زال جو نالو لاڏي ٻڌايو ويو آهي، جنهن جي من موهيندڙ مورت کان مرعوب ٿي محمد بن قاسم کيس خريد ڪيو ۽ ساڻس نڪاح ڪيو.[23] ٿي سگهي ٿو ته اها لاڏي راجا ڏاهر جي سريت هجي، جنهن نه فقط پنهنجو پاڻ عربن جي حوالي ڪيو هو، پر سندس مدد سان ڪيترائي شهر ۽ ايراضيون عربن آسانيءَ سان فتح ڪيون هيون. انهيءَ واقعي مان ظاهر ٿو ٿئي ته سنڌ جا راجا ڪيترين ئي زالون رکندا هئا. جن ۾ نه فقط پرٽيل زالون هونديون هيون، پر خريد ڪيل يا جنگ ۾ هٿ آيل ٻانهيون به هيون. چچ جو به اهو ساڳيو حال هو. هن کي اڳ ئي هڪ زال هئي، جا ٻارن جي ماءُ هئي، پر هن انهيءَ کان پوءِ راءِ سهاسي جي راڻي سونهه ديوي سان پڻ شادي ڪئي. نه فقط ايترو پر هن هڪ طاقتور جت قبيلي جي عورت سان به شادي ڪئي، جنهن مان راڻي مايين جو جنم ٿيو ۽ هي اها نينگري هئي، جنهن جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اها راجا ڏاهر جي زال پڻ هئي.[24]

راجا ڏاهر وڏو حوصلو رکندڙ بهادر شهزادو هو. جنهن پنهنجي جواني جي شروعات کان ئي سنڌ جي سياست ۾ حصو ورتو هو. راجا چندر جي زماني ۾ قنوج جي مهاراجا راءِ سهارس، راجا راسل ۽ برهاس جي هٿان سنڌ تي حملو ڪرايو. تڏهن اهو شهزادو ڏاهر هو، جنهن انهن سان مقابلو ڪري کين شڪست ڏني ۽ سندس لشڪر کي سنڌ جي حدن مان ٻاهر ڪڍيو. ساڳي ريت هن رمل (راجستان) جي بادشاهه کي به شڪست ڏيئي ان جو ڳچ ملڪ سنڌ جي حدن ۾ ملائي ڇڏيو هو. رمل جو راجا ايتريون ته فوجون وٺي آيو هو، جو وزير ٻڌيمان راجا کي صلاح ڏني ته گوريلا جنگ ڪئي وڃي. پر بهادر شهزادي نڱي يا دولاب سان وڙهڻ کي پنهنجي شان جي خلاف سمجهيو ۽ هن جنگ جي ميدان ۾ ڪليل جنگ ڪئي ۽ ڪامياب ٿيو.[25]

راوڙ جي جنگ ۾ به سندس مردانگي بي مثال هئي. جنگ جي ميدان ۾ هو اهڙي ته هنڌ تي جنگ ڪري رهيو هو، جتي هو آسانيءَ سان قتل ٿي سگهيو ٿي. هو هڪ هاٿيءَ تي چڙهيل هو ۽ پنهنجي فوج کان گهٽو پري دشمن جي سپاهين جي وچ ۾ جنگ ڪري رهيو هو. هنن مٿس ڪيترائي حملا ڪيا، پر انهن سيني جو هن پورو پورو جواب ڏنو. جڏهن سندس هاٿي

کي نفط روغن جي تيرن سبب باهه لڳي. تڏهن هو وٽي درياء ڏانهن پڳو جتي عربن جي ساڻ فوج موجود هئي. اهوئي سبب آهي جو هو تازده دم فوج جي وچ ۾ وڃي ڦاٽو ۽ اهوئي سندس موت جو ڪارڻ بڻيو. ڏاهر جو موت دشمن جي بهادري سبب ڪونہ ٿيو. پر اها هڪ جنگي بدقسمتي هئي، جنهن ۾ عربن جي تيرانداز جٿي کيس درياء جي اندر گهيرو ڪري قتل ڪيو. 26 نہ تہ هونئن هو وٽ ڏيڻ جو هوئي ڪونہ.

ڏارين جون ڪاهون:

سنڌ هڪ ميداني علاقو آهي ۽ سنڌو ماڻر جو ڏاکڻو حصو آهي. ڏکڻ ۾ سمنڊ کان سواءِ ٻي ڪابہ رڪاوٽ سندس سرحدن تي نہ آهي جا ٻاهرين يا ڏارين قومن جي ڪاهن کي روڪي. اولهہ ۾ البت کي جبل ۽ ٽکر آهن، پر جيئن تہ اهي بي ترتيب آهن ۽ ايترا اُچا نہ آهن، ان ڪري سنڌ تي هميشہ ڏارين قومن جون ڪاهون ٿيندیون رهيون آهن.

ڪول ۽ سنڀال:

سنڌو ماڻر تي سپ کان پهرين جن قبضو ڪيو اهو ڪُول ۽ سنڀال هئا، جن کي اتر اولهہ کان ايندڙ آريا نسل جي ماڻهن قتل ڪيو ۽ باقي رهيلن کي دکن ڏانهن ڇڄائي ڪڍيو. انهيءَ ڳالهہ جي ايجا تائين تصديق نہ ٿي سگهي آهي تہ اهي هئا ڪير ۽ آيا ڪٿان؟ پر انساني نسل جي تاريخ ۽ هولين جو اڀياس ڏيکاري ٿو تہ اهي ماڻهو دکن ۽ سريلنڪا جي ماڻهن سان رشتي ۾ ڳنڍيل هئا. سائنسدانن جو خيال آهي تہ دکن، سريلنڪا، آسٽريليا ۽ اوپر آفريڪا هڪ وڏي ڪنڊ رستي پاڻ ۾ ڳنڍيل هئا ۽ پوءِ جڏهن ڏرتيءَ جي چرپر ۾ ردوبدل ٿي تڏهن اهو ڪنڊ سمنڊ جي تري ۾ هليو ويو.[27] سنڌ جي قديم رهاڪن جي بدني بناوٽ، اٺ ويهہ جا طريقا، ذهني ڪاوشون، وارن جو رنگ ۽ نمونو ظاهر ڪري ٿو تہ اهي آسٽريليا جي اصلوڪن رهاڪن جهڙا هئا. ٿي سگهي ٿو تہ هاڻوڪي دور جا ڪولهي ۽ ٻيل جي سنڌ ۾ ايجا بہ گهڻا ڏڻا وڃن ٿا، انهن ماڻهن مان هجن، جن جو قديم زماني ۾ دنيا تي ڏاڪو هو. ڪولهي دکن ۽ مهاراشٽر ۾ وڏي انداز ۾ موجود آهن ۽ دراوڙي نسل

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جي ماڻهن سان گڏ رهن ٿا، جي پڙ انهيءَ قديم نسل سان وابستہ آهن ۽ آريا نسل کان بلڪل جداگانہ ۽ مختلف آهن. ڪولهي ۽ پيل پاڙ کي ڪرشڻ پگوان جو اولاد سمجهن ٿا، ۽ پاڙ کي راجپوت تصور ڪن ٿا. پر راجپوتن ڪڏهن کين پاڙ جهڙو نہ سمجهيو آهي ۽ نہ وري کين اهو درجو ڏنو آهي جيڪو جدا جدا خطن ۾ راجپوتن کي مليل آهي. اها ڳالهہ تصديق طلب آهي تہ موئن جي دڙي جا رهندڙ ماڻهو بہ انهيءَ نسلي ميڙ سان وابستہ آهن يا نہ. پر اهو انومان ڪيڊي سگهجي ٿو تہ اهي بہ انهيءَ ساڳئي دور جي پيدائش آهن. ڪن ليکڪن جي راءِ آهي تہ موئن جي دڙي جا ماڻهو توراني نسل جا ماڻهو هئا، جن تاريخ کان اڳ جي دور ۾ هجرت ڪري سنڌ ملڪ وسايو ۽ اتي پنهنجي تهذيب ۽ تمدن جو بج چٽيو. بابل جي مشهور عالم ۽ پروهت، پنهنجي لکتن ۾ ظاهر ڪيو آهي تہ اها سنڌو ماٽر هئي، جتان تهذيب ۽ ثقافت جو ڦهلاءُ ٿيو. جنهن جو اثر نہ فقط ايران ۽ عراق تي رهيو پر شام، فلسطين، ايشيا مائنر، مصر ۽ يوناني دنيا تي پڻ صدين تائين قائم رهيو.[28]

آريہ نسل:

آريہ قوم جن سنڌ ۾ اٽڪل 2000 سال کان 1000 سال قبل مسيح جي هجرت ڪئي، اڄي نسل جي ماڻهن مان هئا، جن جي ٽولن جا ٽولا ايران، افغانستان، عراق، شام، اناطوليہ ۽ روس تائين پکڙجي ويا. روس مان ٽيندي اهي يورپ پهتا ۽ انهيءَ جي تصديق انهن ماڻهن جي هولين، اٽ ويهہ جي طريقن بدني بناوٽ ۽ ذهني ڪاوش مان ظاهر آهي، جا گهٽو ڪري ساڳي آهي ۽ ان مان اهو انومان ڪيڊي سگهجي ٿو تہ نندي ڪنڊ، افغانستان، ايران، اناطوليہ ۽ يورپ جون آريہ قومون هڪڙي ئي نسل جي پيدائش آهن ۽ انهن جو اصل وطن بہ ساڳيو هو. آرين جو اصل ماڳ اڄا تائين مقرر نہ ٿي سگهيو آهي. جيتوڻيڪ يورپ جي عالمن جي راءِ آهي تہ اهو وچ ايشيا وارو علائقو هو. عرب وري پامير جي مٿاهين پٽ کي آريہ قوم جو اصل وطن سمجهن ٿا، جنهن کي هنن "ام البلاد" جو لقب ڏنو آهي. ان جي معنيٰ آهي ملڪن يا قومن جي ماءُ. هندوستان جا عالم انهن ٻنهي فيصلن جي ترديد ڪندي ٻڌائين ٿا تہ آريہ قوم جو اصل گهر پارت هو جتان پوءِ هو ڏڙي پکڙجي ويا،

افغانين ۾ ايرانين جي به اها دعويٰ آهي ته سندن ملڪ آريه قوم جو اصلي وطن هو. حقيقت ڇا به هجي، پر اهو ثابت ٿيو آهي ته آريه نسل جي ماڻهن جو حضرت عيسيٰ عليه السلام کان 2000 کان 1000 سال اڳ دنيا تي ڏاکو هو.

آريه قوم نه فقط هندستان، افغانستان ۽ ايران ۾ حڪومتون قائم ڪيون، پر بابل ۾ به هنن پهرين آريه سلطنت جو بنياد رکيو. آخرين ڪلداني بادشاهه شمسو دتانا جنگ ۾ مارجي ويو ۽ ڪشائي آرين جو عراق، ايران، اناطوليه ۽ شام تي قبضو ٿي ويو. آرين شام جو نالو سوريا رکيو هو. جو سندن ديوتا سج جو نالو هو. ان کان اڳ انهيءَ ملڪ جو نالو عمورو هو. اڄ به شام جو ملڪ سوريا جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. بابل جو آريه بادشاهه تشرتا (دسرت) جو نالي پائي هندوستان ۾ به هو[29] ۽ اهو دسترتا (دسترت) ايوڌيا جو حاڪم هو. هندوستاني دسترت، سري رام چندر جو پيءُ هو. جو والميڪي جي لکيل شاهڪار رامائڻ جو هيرو هو. آريه قوم جي هڪ ٻي شاخ متاني، اناطوليه، آرمينيا ۽ اتر عراق تي پڻ حڪومت ڪئي. عراق ۽ اناطوليه جي آرين جو ايران ۽ هندوستان جي آرين سان گهاٽو سنڌ هو ۽ انهن جي وچ ۾ تجارتي ۽ ثقافتي ڏي وٺ پڻ ٿيندي هئي. ننڍي کنڊ جي آرين بابت ٻڌايو ويو آهي ته اهي سنڌو ماٿر ۾ پهچڻ کان اڳ وحشي ۽ جاهل هئا ۽ انهن تهذيب ۽ تمدن جا طريقا سنڌو ماٿر ۾ رهندڙ ماڻهن کان سکيا. اها حقيقت آريه قوم جي اصلي مذهب مان ظاهر ٿئي ٿي، جي فقط ٽن ديوتائن کي مجيندا هئا. سوريا، ورونا ۽ اندرا. يعني ته اهو قدرتي طاقتن تي مبني هو جنهن ۾ سج، چنڊ ۽ هوا جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. مترا يعني ته ڏِڳو ديوتا جو کيتي ۽ آبادي جو ديوتا آهي، اهو بعد ۾ ڳنڍيو ويو. جڏهن آريه سنڌو ماٿر ۾ اچڻ کان پوءِ کيتي جي ڏنڊي کان واقف ٿيا. نه فقط ايترو پر سندن پهريون مذهبي ڪتاب "رگ وبد" به سنڌو ماٿر ۾ لکيو ويو ۽ انهيءَ دور ۾ هو تهذيب ۽ تمدن جا صاحب بڻيا، جنهن کي پوءِ "ويدڪ سولائيزيشن" يا وبد تهذيب سڏيو ويو آهي.

سنڌ ۾ ڪي آريه آيا، اهي پنچالا هئا،[30] جي ايران کان هجرت ڪري اتي پهتا. پر انهن جو ننڍي کنڊ جي ٻين آرين سان تعلق صدين تائين قائم رهيو. سنڌ جي راجا جئدرٿ جو مها پارت جنگ ۾ حصو ونڻ ظاهر ٿو ڪري

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تہ سنڌ جي آرين جو هندوستان جي آرين سان لاڳاپو قائم رهيو. جيئن تہ تاريخ يا واقعن جو لکت ۾ سرمايو بلڪل گهٽ رکيو ويو آهي. ان ڪري فقط انومان کان ئي ڪم وٺي سگهجي ٿو. البت اهو تصديق سان چئي سگهجي ٿو تہ آرين جي اچڻ ڪري ۽ انهن جي ننڍي کنڊ جي ماڻهن سان ميل جول سبب هڪ نئين تهذيب جنم ورتو. جنهن کي انڊو آريہ تهذيب جو نالو ڏنو ويو آهي. هڪ نئين هولي پڙ وجود ۾ آئي، جا آريہ قوم جي هولي ۽ سنڌو ماڻر جي قديم ماڻهن جي هوليءَ سان ملي محاوري ۾ ڪم اچڻ لڳي. انهيءَ هوليءَ کي سنسڪرت سڏيو ويجي ٿو. جا ننڍي کنڊ جي هولين جي ماءُ تصور ڪئي ويجي ٿي. سنسڪرت اصل ۾ سمسڪريتا آهي، جنهن جي معنيٰ آهي گاڏڙ يا مليل جليل ۽ ان جي ابتڙ آهي. پراڪرت (يا پراڪريتا) جنهن جي معنيٰ آهي پاڪ يا اصل. عالمن جي راءِ آهي تہ اها پراڪرت آهي، جنهن مان سنڌي هولي جنم ورتو. پر موئن جي دڙي مان لڌل ڪتبن ۽ پڙ وچ اوپر مان لڌل لکتن مان ظاهر ٿيو آهي تہ سنڌي هولي پراڪرت کان بہ وڌيڪ پراڻي ۽ قديم هولي آهي.

ايرانين جي ڪاه:

آرين جي اچڻ کان پوءِ، پهرين جنهن قوم ننڍي کنڊ جي حدن سان هٿ چراند ڪئي، اهي پارسي هئا، جن ڇهين صدي قبل مسيح جو ايران ۾ هڪ وڏي سلطنت قائم ڪئي. انهيءَ سلطنت جو باني ڪوروش اعظم هو. جو اصل ۾ هڪ ننڍڙي حڪومت جو والي هو. پر پوءِ هن ايران جي بن وڏين قومن ميد ۽ پارس کي پاڻ ۾ گڏي، ڪلداني شهنشاه نبونئدو کي شڪست ڏيئي بابل جو تخت هٿ ڪيو. ڪلداني بادشاهہ نبونئدو هڪ عالم هو. جنهن کي حڪومت ۽ انتظام سان گهٽ ۽ تاريخ ۽ آثار قديمہ سان وڏيڪ دلچسپي هئي، ان ڪري هن حڪومت جون واڳون پنهنجي پٽ بيل شيراز جي حوالي ڪيون، جو هو تہ بهادر پر عياش قسم جو نوجوان هو. بيل شيزار پڙ جنگ ۾ مارجي ويو ۽ ايرانين جو بابل تي قبضو ٿيو. جو ان وقت دنيا جو متمدن ۽ تهذيب يافتہ شهر هو. بين الاقوامي سياست، واپار ۽ سازش جو

مرڪز هو. اهو شهر عراق ۾ هو ۽ بخت نصر جي نهرايل "لٽڪيل باغن" جي ڪري سڄي دنيا ۾ مشهور هو.

ڪوروش اعظم، جنهن کي سامي قومن جي تاريخ ۾ ذوالقرنين سڏيو ويو آهي، هڪ نهايت ئي فراخ دل بادشاهه هو. اهو لقب کيس انهيءَ ڪري مليو جو هن يهودين کي ڪلدانين جي قيد کان آزاد ڪيو ۽ کين اجازت ڏنائين ته اهي فلسطين واپس وڃن ۽ پنهنجي ابن ڏاڏن جو ماڳ وسائين. ڪوروش اعظم جي طاقت ۾ اچڻ ڪري سامي ديوتا بيل (بيل مردوڪ) جو روحاني تسلط ختم ٿيو ۽ ان جي جاءِ آرين قوم جي ديوتا "آهور مزدا" ورتي ۽ اهو سڄي ايراني سلطنت جو خدا تسليم ڪيو ويو. ڪوروش کان پوءِ سندس پٽ زرڪزيس تخت تي ويٺو ۽ ان کان پوءِ داريوش (دارا) پهريون تخت نشين ٿيو. دارا پهرين جي زماني ۾ ان وقت جي سڄي تهذيب يافته دنيا شامل هئي ۽ انهن بادشاهن جو راج يونان، مصر، شام، عراق، نوبيا (سوڊان)، وچ ايشيا، ايران، افغانستان ۽ سنڌو ماٿر تي رهيو. اهوئي سبب هو جو دارا پهرين بهستون جبل تي هي ڪتبو لکائڻ تي مجبور ٿي ويو. جنهن مان سندس قوت ۽ طاقت، سلطنت ۽ حشمت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

> "آءٌ داريوش آهيان، وڏو بادشاهه، بادشاهن جو بادشاهه، سڀني ملڪن۽ قومن جو شهنشاهه ۽ سڄي روءِ زمين جو شاهه آهيان. وشتا سپ (گشتا سپ) منهنجي پيءُ جو نالو جو هخامنشي جي اولاد مان هو. هخامنشي پارسي هو ۽ پارسي جو پٽ ۽ پڙ هو آريه هو ۽ آريه جي اولاد مان."

دارا پهريون بادشاهه آهي، جنهن ٽيپل (ضرب ڪيل) سڪا رائج ڪيا ۽ انهن کي دارائي سڪا سڏيو ويندو هو. دارائي سڪو سون جو ٺهيل هو ۽ اهو قديم دور جي هڪ شيڪل جي برابر هو. چانديءَ جا سڪا به رائج ڪيا ويا، جي 1/20 86 ڪڻن (ان جي داڻن) جي وزن جا هئا ۽ انهن جي قيمت دارائي سڪي جي 1/20 هئي. دارا پنهنجي سلطنت کي ننڍين يونٽن ۾ ورهايو هو جن کي هن "سئٽرپي" جو نالو ڏنو ۽ هر هڪ سئٽرپي تي هن گورنر مقرر ڪيا هئا. فوجي انتظام وري هڪ ٻئي عملدار جي حوالي ڪيو ويو هو. اهو عملدار ۽ گورنر ٻئي هڪ ٻئي کان آزاد هئا ۽ عموماً هڪ ٻئي تي

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

چوڪسي رکندا هئا.

دارا پهرين کي هڪ وڏي سلطنت هٿ ۾ هئي، پر هو انهيءَ تي راضي نه رهيو ۽ هن سنڌ ۽ هند ڏانهن هڪ شاهي مهم ڏياري مُڪي. اها مهم 512 ق.م ۾ عمل ۾ آئي، جڏهن سندس يوناني اميرالبحر اسڪائيليڪس هڪ وڏو ڪٽڪ ونڊي پنجاب ۾ داخل ٿيو ۽ اتي جي ماڻهن جي مدد سان هن پاڻي جي جهاز جي هڪ وڏي آڙ ماڙ ٺاهي ۽ انهن جي مدد سان سنڌ ۾ پهتو. سنڌ جا جيڪي به راجائون ۽ حاڪم هئا، اُهي يا ته مارجي ويا يا ته انهن ايرانين جي آڌ ميجي ۽ ڏن ڏيڻ قبول ڪيو. اسڪائيليڪس پنهنجا گماشتا سنڌ ۾ ڇڏي، مڪران جو ساموندي ڪنارو ڏيئي عراق پهتو ۽ سنڌ ان کان پوءِ هخامنشي خاندان جي ايراني سلطنت جو هڪ حصو بنجي ويئي. ايرانين سنڌو ماٿر کي "ويهين سئٽرپي" جو نالو ڏنو ۽ ان مان جيڪو سالياڻو ڏن مرڪزي حڪومت ڏانهن عراق موڪلبو هو. اهو سون جا تي سو سٺ ٽيلينٽ هو. اهو سون هوري جي شڪل ۾ موڪليو ويندو هو ۽ ان جي هاڻوڪي قيمت ڏهه لک پائونڊ هئي. يعني ته ادائي ڪروڙ پاڪستاني روپيا. اهو ڏن ايراني ڪٺ موجب سڄي سلطنت جي مليل ڏن جو چوٿون حصو هو.[32]

دارا پهرئين ڇٽيهه سال حڪومت ڪئي ۽ پوءِ ڪيترائي بادشاهه تخت نشين ٿيا. تان جو دارا ٽئين (336 کان 330ق.م) جي دور ۾ هخامنشي سلطنت جي پڄاڻي ٿي. دارا ٽيون سڪندر اعظم جي هٿان ٻن مشهور ۽ فيصلا ڪن جنگين آئيسوس (333 ق.م) ۽ اربيلا (331 ق.م) ۾ يونانين هٿان شڪست کائڻ کان پوءِ، جنگ جو ميدان ڇڏي ڀڄي ويو ۽ پنهنجن ماڻهن هٿان همدان ۾ مارجي ويو. سندس موت کان پوءِ ايراني سلطنت ورثي ۾ سڪندر اعظم کي ملي، جنهن وري نئين سر انهيءَ کي پنهنجي زير اثر آڻڻ لاءِ انهن تي حملو ڪيو.

يوناني حملا:

يوناني، پارسين (ايرانين) سان لڳاتار جنگين سبب هڪ نهايت ئي طاقتور قوم ٿي ويئي، جاکاڻ ته پارسي سندن ملڪ هڙپ ڪري ويا هئا.

يونانين نہ فقط ايرانين سان خونريز جنگيون ڪيون پر يونان ۾ پنهنجو پاڻ ۾ بہ لڙايون لڙيون. آخر مقدونيہ جي حڪومت، سيني يوناني حڪومتن کان گوءِ ڪٽي ويئي ۽ ان جي بادشاهہ فلپ يونانين کي ٻڌيءَ ۾ آڻي، ايشيا تي حملو ڪرڻ چاهيو ٿي، پر سندس غيرقدرتي موت سبب اها رٿ ڪامياب نہ ٿي سگهي. سندس پٽ سڪندر جو ايجا ننڍو جوان هو تنهن حڪومت جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ جهليون. هيراس جي ٻين حڪومتن کي زير ڪري سن 334 ق.م جي هيلسپانٽ کي اڪري ايشيا مائنر تي حملو ڪيو. سڪندراعظم جي فوج جو تعداد مختلف ليکڪن 30000 کان 40000 تائين ٻڌايو آهي. ٿوري عرصي اندر سڪندر ايشيا مائنر جي سيني شهرن ۽ ايراضين تي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي جو اصل ۾ ايراني شهنشاهيت جو هڪ صوبو هو. ايران جي بادشاهہ دارا ٽئين لشڪر وٺي سڪندر سان مقابلو ڪيو ۽ آئيسوس وٽ هڪ نهايت ئي خونريز جنگ لڳي جنهن ۾ دارا ٽيو شڪست کائي ميدان ڇڏي ڀڄي ويو. سندس ڪٽنب جا ماڻهو جي پويان رهجي ويا تن جو بہ ڪو خيال ڪونہ ڪيائين پر سڪندر جي حڪم سان انهن کي عزت ۽ احترام سان رهايو ويو.

سڪندر دارا جي پويان پوڻ جي بدران ڏکڻ اولهہ طرف رخ ڪيو ۽ مٿام ملڪ ۾ آيو جو پڻ ان وقت ايراني سلطنت جو هڪ حصو هو. پر اتي سندس ڪنهن بہ قسم جي مخالفت نہ ٿي. 332 ق.م جي اونهاري ۾ سڪندر پنهنجي فوجن سان مصر تي حملو ڪيو ۽ ايرانين جي رهيل ڪهيل ماڻهن کي اتان تڙي ڪڍيو. مصر جا ماڻهو ايرانين جي ظلم ۽ ستم سبب ايترا تہ ستايل هئا، جو انهن سڪندر اعظم جو نهايت ئي سٿي نموني آڌرياءُ ڪيو. خوشيون ڪيون ۽ ڪيس "خدا جو پٽ" سمجهي سندس تاج پوشي ڪئي.[33] مصر جو انتظام ويساهہ جهڙن ماڻهن جي حوالي ڪري سڪندر اعظم وري بہ ايران جو رخ ڪيو. اربيلا وٽ ايرانين ٻيهر سندس مقابلو ڪيو پر وري بہ شڪست کاڏائون. دارا ٽيون ميدان ڇڏي ڀڄي ويو پر همدان وٽ پنهنجي ماڻهن هٿان قتل ٿي ويو. اهو واقعو 331 ق.م ۾ ٿيو ۽ ايران جي هخامنشي خاندان جو خاتمو ٿيو. سڪندر اعظم دارا جي تختگاهہ پر سيپولس (تخت جمشيد) تي جهل ڪئي ۽ ان کي باهہ ڏيئي ان جو وڏو حصو

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ساڻي ڇڏيو. پر دارا ٽئين جي لاش کي عزت ۽ احترام سان بادشاهي طريقي جي رسم سان دفنائڻ جو حڪم ڏنو. ٿوري ئي عرصي اندر ايراني سلطنت جا سڀ صوبا فتح ڪيا، ۽ آخر ۾ ڪابل تي قبضو ڪيو. پر سيپولس کان ڪابل تائين سڄو ملڪ فتح ڪرڻ ۾ سڪندر کي پنج سال لڳي ويا. 326 ق.م جي بهار جي موسم ۾ سڪندر اعظم افغانستان ڇڏي سنڌو ماٿر پهتو. سڀ کان پهرين ٽئڪسيلا جي راجا اميي سڪندر جي آڻ مڃي ۽ ڏن ڏيڻ قبول ڪيو. راجا اميي، سڪندر اعظم کي رسد ۽ جنگ جي سامان جي وڏي مدد ڏني ۽ پاڻ به وڏي فوج وني سڪندر سان شامل رهيو. ڏکڻ پنجاب جي راجا يوروشيا (پورس) سڪندر جو مقابلو ڪيو. پر شڪست کائي ڦٽجي پيو ۽ سڪندر هن کي قتل ڪرائڻ بدران معافي ڏني ۽ سندس ملڪ کيس واپس ڪيو.[34] سڪندر جي اها آرزو هئي جو هُو سڄو هندوستان لتاڙي وڃي بنگال تائين پهچي ها. پر سندس فوج جا نهايت گهٽو ٽڪجي پيئي، تنهن اڳتي وڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڪن سردارن بغاوت پڻ ڪئي. ان ڪري سڪندر سنڌونديءَ جي رستي واپس وطن ورڻ جي خيال کان سنڌ ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو.

سنڌ ۾ ان وقت ٽي حڪومتون هيون، جن جا تختگاهه اوسڪانا، سنديمانا ۽ پٽالا هئا. اوسڪانا وارو ماڳ لاڙڪاڻي جي آس پاس ٻڌايو ويو آهي، جتي سڪندر پنهنجي فوجن جي بچاءَ لاءِ هڪ نئون ڪوٽ پڻ اڏايو هو ۽ ان جا ڪنڊر ماهوٽا واري ايراضي ۾ ڏٺا ويا آهن. اوسڪانا جي راجا جو نالو موسيڪانس ٻڌايو ويو آهي. جنهن سڪندر جي آڻ مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ جنگ ڪئي ۽ مارجي ويو. سڪندر، اتر سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ پنجاب جون فوجون ڪم انديون ۽ پنهنجي فوجن کي آرام ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. اوسڪانا کان پوءِ سڪندر پٽالا تي حملو ڪيو. جنهن جو راجا موريز ٻڌايو ويو. پٽالا جي راجا، مقامي راجائن جي شڪست کائڻ سبب دل هاري وينو ۽ سڪندر جي آڻ مڃيائين. پٽالا جي ماڳ کي هاڻوڪي حيدرآباد سان تشبيهه ڏني ويئي آهي جو مٿاهين پٽ تي اڏيل هو ۽ سنڌو ڊيلٽا جي منڊ وٽ هو. سڪندر اعظم پٽالا مان فوجون موڪلي سنديمانا تي قبضو ڪيو. جنهن جو راجا سمبو (سامبس) قلعو ڇڏي ڀڄي ويو. سڪندر

اعظم هڪ قلعو سنديمانہ ۾ بہ ٺهرايو هو جو سيوهڙ شهر جي اتر ۾ هڪ وڏي ٻٻ تي ٺهيل آهي.[35]

پٽالا ۾ ساهي وٺڻ وقت سڪندر، سنڊوندي (يا هاڪڙي) جي هڪ شاخ رستي ڪڇ جي ريڙ نديءَ جو سير بہ ڪيو هو. جنهن کي هاڻي ريڙ يا واهندا جو نالو ڏنل اهي. سنڊو درياء جا پراڻا ڏورا، جن جي وسيلي درياء جو پاڻي ڪڇ جي رڻ ۾ ڇوڙ ڪندو هو، اڄ بہ موجود آهن ۽ اهو لوهاڻو پراڻ ۽ ونگو ڏورن جي نالي سان سڏجن ٿا.

سن 324ق.م جي سڪندر وطن واپس وڃڻ لاءِ پنهنجي فوجن کي تيار ڪيو. هڪ حصو نرخوس (نيارڪس) جي حوالي ڪيائين، جو سندن اميرالبحر هو. ٻيو حصو پنهنجي ڪمان هيٺ رکيائين. نيارڪس فوجن کي جهازن رستي سمنڊ جو ڪنارو ڏيئي عراق پهتو. سڪندر وري مڪران وارو ڪنارو ڏيئي فارس مان ٿيندو بابل پهتو جو پڻ عراق ۾ هو. سڪندر کي راجا پورس سان جنگ ڪرڻ وقت جنگهہ ۾ جيڪو گهاءُ رسيو هو اهو ناسور ٿي پيو. ڇاڪاڻ تہ سڪندر شراب تمام گهڻو پيئندو هو. ان ڪري علاج مان کو فائدو نہ رسيو ۽ اهو ماڻهو جو سڄي دنيا تي حڪومت ڪرڻ جي صلاحيت رکندو هو، هڪ ننڍڙي ڏٺ سبب بيمار ٿي مري ويو. سڪندر اعظم 323 ق.م ۾ بابل جي شهر ۾ وفات ڪئي.[36] سندس موت جي خبر ٻڌي سنڊو ماڙ جي بادشاهن بغاوت ۽ سنڌ جي راجائن گڏجي، سڪندر جي وائسراءِ پٽڻان کي سندس فوجن سميت ڀڄائي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. چندر گپت جنهن پهرين سڪندراعظم کي گنگا ندي جي ماڙ ۾ حملي ڪرڻ لاءِ همٿايو هيو، تنهن موقعي جو فائدو وٺي پنجاب تي قبضو ڪيو ۽ اتان فوجون وٺي پتاليپترا تي ڪاهي ويو. ننڍا شهنشاهيت پوين پساهن ۾ هئي، ان ڪري چندر گپت ٿوري عرصي اندر سڄي اتر هندوستان جو مالڪ بڻجي ويو.

سڪندر کي ڪوبہ اولاد ڪونہ هو ان ڪري سندس نائب، سندس سلطنت جا وارث بنجي ويا، سيليوڪس کي عراق ۽ ايرندي جا ملڪ مليا، انٽياگونس يونان ۾ بادشاهہ ٿيو ۽ بطليموس مصر جو والي بنجي ويو. سيليوڪس کي جڏهن خبر ملي تہ هند ۽ سنڌ جا بادشاهہ بغاوت ڪري خود مختيار ٿيا آهن، تڏهن هو هڪ وڏو لشڪر وٺي اچي پنجاب تي ڪڙڪيو.

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جهلم جي ڪناري تي هڪ وڏي جنگ لڳي جنهن ۾ سيليوڪس شڪست کاڌي. هن نہ فقط پنجاب ۽ سنڌ تان هٿ کنيو پر ان سان گڏ جنگ جي چٽي پري ۽ پنهنجي ڏيءَ جو سنگ چندر گپت کي ڏنو. انهيءَ رشتي سبب قديم زماني جو هڪ مشهور ليکڪ ميگا مستنيز، پتالييترا ۾ ايلچي بنجي آيو. هن هندوستان ۾ رهي هندوستان بابت نهايت ئي ڪارآمد مواد لکيو آهي، جنهن مان ان وقت ننڍي کنڊ جي سياسي، اقتصادي، سماجي ۽ مذهبي حالتن جو پتو پوي ٿو. ميگاس ٿنيز جون لکتون پوءِ جي تاريخدانن ۽ ليکڪن لاءِ هڪ ماخذ جو درجو رکن ٿيون.[37] ۽ ڪيترن ئي يوناني ليکڪن ان مان حوالا ۽ مضمون هٿ ڪري پنهنجي ڪتابن ۾ بيان ڪيا آهن.

چندر گپت هڪ نهايت ئي طاقتور بادشاهہ هو. ان ڪري جيستائين هو جيئرو هو تيستائين ڪنهن بہ ڌارئي قوم کي، ننڍي کنڊ تي حملي ڪرڻ جي همٿ نہ ٿي. سندس پٽ بندوسارا ۽ پوٽو اشوڪا بہ چندر گپت وانگر طاقتور حاڪم هئا ۽ پوءِ موريا گهراٽي جا بادشاهہ سست ۽ نا اهل ٿي ويا. جنهن سبب سنڌو ماڙ تي ٻاهريان حملا جاري رهيا. سيڪ ڪان پهرين جن انهيءَ ڏس ۾ پاڻ ملهايو اهي باختري جا يوناني هئا، جن سڪندر جي وفات کان پوءِ اتي هڪ آزاد ۽ طاقتور حڪومت ٺاهي هئي. يوٿيڊيموس پهريون باختر بادشاهہ هو جنهن سنڌو ماڙ تي حملو ڪري پنجاب ۽ سنڌ جي ڪجهہ حصن تي قبضو ڪيو.[38] ڪائنس پوءِ سندس پٽ ڊميٽريس، هندوستان تي حملو ڪري سڄي سنڌو ماڙي کي پنهنجي تصرف ۾ آندو. باختري يونانين جي انهيءَ ساڻئي خاندان مان مناندر نہ فقط سنڌ ۽ پنجاب کي پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪيو.[39] پر ان سان گڏ راجپوتانا، مالوا ۽ ڪاٺياواڙ تي بہ ڪامياب حملا ڪيا. هن هندوستان جي تختگاهہ پتالييترا تي قبضي ڪرڻ خاطر وڏي ڪٽڪ سان حملو ڪيو ۽ مٿرا تي قبضو ڪري اتي ماٺهن جو قتلام ڪيائين. سندس حملي کي سنگا گهراٽي جي شهزادي پشيامترا نهايت ڪاميابي سان روڪيو ۽ ڪيس مجبور ڪيو تہ واپس وڃي.[40] انهن لاهن چاڙهن هوندي بہ مناندر جو قبضو نہ فقط سنڌو ماڙ تائين محدود رهيو پر ان سان گڏ ڪڇ، گجرات ۽

ڪانياواڙ ۾ سندس سياسي زير اثر رهيا. باختر جي يونانين جي حڪومت گهٽو جتاءِ نہ ڪيو. چاڪاڻ تہ ڪين سندن ملڪ ۾ پارٿين بادشاهن هٿان شڪستون مليون ۽ پهرين صدي ق.م جي سندس پڄاڻي آئي. ان ڪري سندن حڪومت جو دائرو افغانستان جي ڪن حصن ۽ سنڌو ماٿر تائين محدود رهجي ويو.

سٿيا ۽ ساڪا قومون:

جڏهن تہ مٿي بيان ڪيل واقعا، باختر ۾ ٿي رهيا هئا. ان وقت هڪ نئين قوم ايرندي کان منهن ڪيو ۽ باختر ۽ ٻين علاقن ۾ پکڙجي ويئي. اها يوچي قوم هئي جي گهٽو ڪري خانہ بدوش وحشي هئا ۽ سندس رهڻ جو هنڌ تاڪلا مڪان ۽ سڪيانگ جا ٻيا علاقا هئا. سندن قرلٽ وارين ڪارواين کي ختم ڪرڻ لاءِ، چين جي شهنشاهہ چن- شي- هئانگ- تي (247 کان 210ق.م) کين پنهنجي ملڪ مان تڙي ڪيو. پر تاريخ مان ثابت ٿيو آهي تہ لڏپلاڻ جو اصل سبب اهو هو جو تاڪلا مڪان وارو برپٽ سندن گذران لاءِ بلڪل بيڪار ثابت ٿي چڪو هو. ان ڪري هو پنهنجي پيٽ گذر لاءِ پنهنجي مال جي گاهہ پڻي هٽ ڪرڻ لاءِ اولهہ طرف آباد ملڪن ڏانهن جهلون ڪرڻ لڳا. لڏپلاڻ ڪرڻ وقت هنن هڪ لک تير انداز تيار ڪيا جن کي هو اڳواٽ موڪليندا رهيا تہ جيئن اهي ميدان صاف ڪندا رهن. نتيجو اهو نڪتو جو ٿوري ئي وقت اندر اهي وچ ايشيا جا مالڪ ٿي ويا. باختر جي يوناني حڪومت جنهن اڳيئي پارٿيا هٿان گهٽو ڪي سنو هو. سا يوچي لوڪن جي حملن سبب ختم ٿي ويئي. يوچي جي هڪ شاخ جنهن کي سٿيا سڏيو وڃي ٿو افغانستان کان ٽپندي، سرحد اُڪري، ننڍي ڪنڊ تي حملو ڪيو ۽ پنجاب جي وڏي حصي تي قبضو ڪري ورتو. سنڌ ۽ سنڌو ماٿر جا ٻيا حصا ڪجهہ وقت پوءِ ڪُشن سلطنت ۾ ڳنڍيا ويا جي پڻ سٿيا قوم مان هئا. هن قوم جو پهريون بادشاهہ جنهن پنجاب تي پنهنجو تسلط قائم ڪيو، ڪدفائيز پهريون هو جنهن لاءِ ٻڌايو ويو آهي تہ هن ٽيهہ سال (15_45ع) حڪومت ڪئي. ڪائنس پوءِ سندس پٽ تخت تي ويٺو جنهن جو نالو پڻ ساڳيو هو. ان کان پوءِ ڪنشڪا تخت تي ويٺو. ننڍي ڪنڊ جي تاريخ ۾

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪنشڪا هڪ باهمت ۽ طاقتور بادشاهه ٿي گذريو آهي. سندس دور ۾ ڪُشن سلطنت جو حدون باختر کان بنارس تائين ۽ ڪشمير کان ڪانياواڙ تائين پکڙيل هيون.[41] هن چين کي فتح ڪرڻ خاطر پڻ فوجون موڪليون پر اهي ڪا خاص سوپ حاصل نه ڪري سگهيون. چاڪاڻ ته چين ۽ ڪُشن سلطنت جي وچ ۾ اڙانگا رستا هئا. جبلن ۽ بيابانن سبب رسد جو سامان فوجن کي رسي نه سگهيو. پر ان هوندي به هن لائق بادشاهه جي حڪومت باختر، سيڪانگ، کوتان ۽ اولهه ٽبيٽ تي قائم ٿي چڪي هئي. جا هڪ وڏي سوپ سمجهڻ گهرجي. ڪنشڪا راجا ٻڌ مذهب جو وڏو سرپرست تصور ڪيو ويو آهي. چاڪاڻ ته سندس ڪوششن سان اهو مذهب سنڪيانگ، منگوليا ۽ چين جي ڪن حصن ۾ نهايت تيزي سان پکڙي رهيو هو.

ڪنڪشا 28 سال حڪومت ڪئي ۽ ڪائنس پوءِ سندس پٽ هو ششڪا تخت تي ويٺو. هو ششڪا پنهنجي لاءِ هڪ نئون تختگاهه ڪشمير ۾ ٺهرايو، جنهن کي هن هوششڪاپور نالو ڏنو. انهيءَ شهر کي هن سهڻي محلاتن، اعليٰ قسم جي مندرن ۽ مڙهين (خانقاهن) سان سجايو. اهڙي طرح جو اهو پوءِ انهن ٻڌمت جي ياترين لاءِ زيارت گاهه بنجي ويو جيڪي ڏوراهين ملڪن مان ننڍي ڪنڌ ۾ ايندا هئا. ٻڌ ڌرم جي برتري کي ننڍي ڪنڌ ۾ هوششڪا جي پٽ واسديو ڪاري ضرب رسائي. جو هن ٻڌ ڌرم کان بيزاري ڏيکاري هندو ڌرم کي وري زور ونايو. انهيءَ حقيقت جي تصديق واسديو جي سڪن مان ٽئي ٽي جن تي شومهاراج ۽ سندس ڏڳي جون شڪليون ڏنيون ويون آهن. ساڳئي وقت واسديو آرين جي پراڻي رسم، گهوڙن جي قرباني‌ءَ جو رواج پڻ وڏو. جنهن سبب ڪيس هندو مذهب جو وڏو همٿائڻ وارو مجيو ويو آهي. اها قرباني پوءِ گپتا گهراڻي جي شهنشاهن به رائج ڪئي، جي ڪشن گهراڻي کان پوءِ ننڍي ڪنڌ جي سياسي اقتدار جا مالڪ بنيا. ڪُشن گهراڻي ۾ مذهبي ۽ سياسي قوت سبب انهيءَ جو اثر واسديو کان پوءِ بلڪل گهٽجي ويو.[42] پر ان هوندي به انهن جا شهزادا سنڌ تي حڪومت ڪندا رهيا. تان جو گپتا گهراڻي جي بادشاهه چندرگپت سنڌ کي پنهنجي سلطنت ۾ ملائي ڇڏيو. پر اهو ڇئي نٿو سگهجي ته ڪيترو

حصو سندن اثر هيٺ رهيو. چاڪاڻ تہ ايران ۾ ان وقت هڪ نهايت طاقتور سلطنت ساساني گهراڻي طرفان قائم ڪئي ويئي هئي. جنهن جو سنڌ جي وڏي حصي تي اثر هو. پائنجي ٿو تہ سنڌوندي جي اولهہ وارو ملڪ ساسانين جي هٿ ۾ هو ۽ اوپر وارو حصو گپتا گهراڻي جي زير اثر رهيو.

سفيد هِن:

سفيد هِن بہ ستيا قوم وانگر وچ ايشيا مان هجرت ڪري سنڌو ماٿر ۾ پهتا، ۽ انهن جي يلغار سبب گپتا گهراڻي جي پڃاڻي آئي. هو اتر اولهہ وارن علائقن ۾ ٽيهن سالن تائين طاقتور رهيا ۽ انهن هندوستان جي اندرين علائقن ۾ ڪيترائي حملا ڪيا. هن قوم جا بہ بادشاهہ نهايت ئي طاقتور سمجهيا وڃن ٿا. تورمانا (500 کان 510ع) ۽ مهوڪولا (510 کان 540ع)، ۽ انهن مان پويون تہ وحشي صفت ظالم هو. پنجاب ۽ سرحد جي مقامي راجائن ڪڏجي مهوڪولا سان جنگ ڪئي ۽ ڪيس شڪست ڏيئي ڪشمير ڏانهن پڃائي ڪڍيو. مهوڪولا ڪشمير ۾ هڪ گهراڻي جو بنياد پڻ وڌو. پر پوءِ هن گهڻو وقت جتاءُ نہ ڪيو ۽ سن 540ع ۾ گذاري ويو.[44] سندس موت سبب سنڌو ماٿر ۽ پڻ ننديي ڪنڊ ۾ هُن قومن جي حملي جو ڊپ ختم ٿي ويو ۽ هر هنڌ خودمختيار حڪومتون قائم ٿي ويون. سنڌ ۾ پڻ راءِ ڏياج نالي هڪ ہڏمت جي راجا، جنهن جو چتور جي راجائن سان مائٽاٽو سنڌ هو تنهن پنهنجي خاندان جي حڪومت جو بنياد وڌو. جنهن کي چچ نامي ۾ راءِ گهراڻي جو نالو ڏنو ويو آهي. انهيءَ گهراڻي جي حڪومت جو دائرو اتر ۾ ڪشمير ۽ ڏکڻ ۾ ڪچ ۽ ڪاٺياواڙ تائين وڌيل هو ۽ اوپر ۾ ٿر ڪان وٽي اولهہ ۾ مڪران تائين سيني قبيلن تي سندس راج هو. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ مڪران ۽ بلوچستان جي علائقن کي پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي راجائن، ايران جي ساساني فوجن سان ضرور جنگ ڪئي هوندي. راءِ گهراڻي جي حڪومت جي پڃاڻي راءِ سهاسي ٻئي جي زماني ۾ ٿي جو هو پاڻ بي اولاد مري ويو ۽ سندس راڻي سندس وزير چچ سان ساز باز ڪري ڪيس تخت تي ويهاريو. چچ جيئن تہ هندو برهمڻ هو ان ڪري هن برهمڻ خاندان جي حڪومت جو پايو وڌو.[45] برهمڻ گهراڻي جا ئي راجائون تخت

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تي وينا. چچ پهريون راجا هو ۽ ڪائنس پوءِ سندس پاءُ چندر اٺ سال حڪومت ڪئي. چندر کان پوءِ چچ جو پٽ راجا ڏاهر سنڌ جو ڏٺي ٿيو. سندس حڪومت جي دور ۾ سنڌ تي ايران کان عربن طرفان ڪئين حملا ٿيا، پر اهي ناڪامياب ويا. آخر ۾ محمد بن قاسم حملو ڪيو. راجا ڏاهر راوڙ جي ميدان ۾ عربن سان جنگ ڪئي ۽ مارجي ويو. اهو واقعو سن 93هـ/ 711_712ع جي عمل ۾ آيو ۽ سنڌ ۾ عربن جي حڪومت قائم ٿي ويئي. پهرين دمشق جي خليفن جا گورنر ايندا هئا ۽ ان کان پوءِ عباسين جا نمائندا. تان جو منصوره ۾ عربن جي هڪ خودمختيار حڪومت قائم ٿي جنهن جو خاتمو راجستان مان حملو ڪندڙ سومرا قوم جي راجپوتن هٿان ٿيو.*

حوالا ۽ حاشيا

(1) اينشنٽ هسٽري آف نيئر ايسٽ، ص 174، 594.
(2) اينشنٽ ٽائمس، ص 111 اينشنٽ هسٽري آف نيئر ايسٽ، ص 174، 597.
(3) هسٽري آف پرشيا، جلد 1، ص 62.
(4) اينشنٽ ٽائمس، ص 128، 129
(5) گزيٽيئر آف سنڌ (ايڪٽن)، ص 85.
(6) ايراني شهنشاهيت جي ويهين سئٽرپي (صوبي) جي حدن جو پورو پورو ڪاٿو نه ڪيو ويو آهي. پر اهو ظاهر آهي ته ان ۾ سالٽ رينج کان عربي سمنڊ تائين سڄو علاقو شامل هو. هندوستان جي اوائلي تاريخ (دي سمٿ)، ص 368.
(7) دارا ٽئين سڪندر کي، سلطنت ورهائڻ جي آڇ ۾ ڪئي هئي جنهن ۾ فرات ندي جي اولهه وارا سڀ ملڪ هن يونانين کي ڏيڻا ڪيا ۽ پڻ پنهنجي ڏيءَ رخسانه جو سگ ۾ سڪندر کي ڏيڻو ڪيو هو. ڏسو شام جي تاريخ. ص233.
(8) اوسڪانا کي اروڙ ۽ پڻ مهورتا وارين ايراضن سان تشبيهه ڏني ويئي آهي. ڏسو ڪننگهام جو ڪتاب، هندوستان جي قديم جاگرافي جلد 1، ص 283، ونسينٽ سمٿ ان کي الور سان تشبيهه ڏني آهي. هندوستان جي اوائلي تاريخ، ص 105.
(9) هندوستان جي اوائلي تاريخ، ص 106.
(10) ايضاً، ص 118.
(11) ايضاً، ص 167، 199.
(12) باختر ۽ هندوستان جا يوناني، ص 142.
(13) ايضاً، ص 155.
(14) هندوستان جي اوائلي تاريخ، ص 238.
(15) ايضاً، ص 245.
(16) هندوستان جي اوائلي تاريخ، ص 277.

(17) چچ نامو (فارسي)، ص 15.
(18) هندوستان جي قديم جاگرافي، جلد1، ص 270.
(19) چچ نامو (فارسي)، ص 23.
(20) ايضاً، ص 40، 41.
(21) فتوح البلدان، ص 442.
(22) چچ نامو (فارسي)، ص 57، 58.
(23) ايضاً، ص 186.
(24) ايضاً، ص 44.
(25) ايضاً، ص 70.
(26) ايضاً، ص 182، 183.
(27) امپيريل گزيٽير (بمبئي پريزيڊنسي)، جلد1، ص 198.
(28) وچ اوير جي قديم تاريخ، ص 176.
(29) ايضاً، ص 272.
(30) هندوستان جي اوائلي تاريخ، ص 228، 390، 391.
(31) دارا پهرئين جو ڪتبو ڏسو فارس جي تاريخ، جلد 1، ص 156.
(32) هندوستان جي اوائلي تاريخ، ص 37.
(33) شام جي تاريخ، ص 233.
(34) هندوستان جي اوائلي تاريخ، ص 71.
(35) سنڌ گزيٽير (ايٽڪن)، ص 86.
(36) شام جي تاريخ، ص 235.
(37) هندوستان جي اوائلي تاريخ، ص 121،
(38) حيرت انگيز هندوستان (پاشم)، ص 58.
(39) باختر ۽ هندوستان جا يوناني، ص 142.
(40) هندوستان جي اوائلي تاريخ، ص225.
(41) هندوستان جي هڪ تاريخ (مورليئنڊ ۽ چئٽرجي)، ص 76.
(42) هندوستان جي اوائلي تاريخ، ص 272.
(43) ايضاً، ص 273.
(44) ايضاً، ص 319.
(45) چچ نامو (فارسي)، ص 25.

(هي مضمون "ڪتاب سنڌ ـ ارب دور" صفحو 71 کان 102 تان کنيل آهي).

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڻي پائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پراچين سنڌ تي ڏارين جون ڪاهون

دوارڪا پرساد شرما

مان هن ڪان اڳ ڪنهن هنڌ لکي آيو آهيان تہ مهاڀارت جي لڙائيءَ ڪان پوءِ هند ۾ سنڌ جي اهڙي تہ نرهل حالت ٿي ويئي جو ڪيترن ڏارين جاتين ۾ بادشاهن جو هن ملڪ تي حملي ڪرڻ جو حوصلو وڌي ويو. ايتري قدر جو عيسوي سنہ جي شروعات تائين هندستان جي اتر اولهہ تنهن ۾ بہ خاص ڪري هاڻوڪو ڪشمير، پنجاب ۽ سنڌ پرانت انهن جي ڪاهن جو هڪ مقصد ٿي پيو. عيسوي سنہ کان پوءِ بہ هند ۽ سنڌ تي ڏارين بادشاهن جون ڪاهون ٿيندیون رهيون، پر انهن ڪاهن جو ڪي ڪجهہ خلاصو احوال اسان کي اڄ ڪلهہ جي اتهاس مان معلوم ٿو ٿئي. مان هن بيان ۾ عيسوي سنہ کان اڳ اٺڪل هڪ هزار ورهيہ يعني هن وقت کان اٺڪل ٽي هزار سال اڳ جي انهن ڪاهن ۽ حملن جو احوال ظاهر ٿو ڪريان، جن نسبت يا تہ ڪجهہ بہ نہ لکيو ويو آهي، يا جي ڪجهہ لکيو ويو آهي تہ بلڪل اڻ لکو ۽ مختصر.

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اوسيرس:

پراچين سنڌ تي جن بادشاهن ڪاهون ڪيون، انهن جو احوال اسان جن پراڻن ڪتابن مان گهٽو ڪونہ ٿو ملي. البت ڪي ٿورا اشارا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر انهن مان ڪو خاص ارٿ سڌ نٿو ٿئي. باقي ايجپٽ (مصر) جي ڪن ڏند ڪٿائن ۾ پراڻڪ ڪٿائن مان ڪي ڪجهہ خبر پوي ٿي. اهي مصري ڏند ڪٿائون پڙهندي معلوم ٿيندو تہ عيسوي سنہ کان اٽڪل ارڙهن سو سال اڳ، يعني سڪندر اعظم کان گهٽو گهٽو اڳ اوسيرس Osiris نالي مصر جي بادشاہ هندستان تي ڪاهہ ڪئي. پڇم جي ڪن اتهاسڪارن هن کي ڊائنيسنس Dionysins يا بئڇس Bachhus نالي سان بہ سڏيو آهي. هيءُ بادشاهہ مصر جي پهرئين بادشاهہ مينس، جنهن کي مصر لواسي دنيا جو پهريون بادشاهہ سمجهن ٿا، ان جي خاندان ۾ پيدا ٿيو هو. مينس اڪر هندن جي پهرئين راجا منوءَ سان مشابهت ٿو رکي. مان اڳ ۾ لکي آيو آهيان تہ هيءُ اتهاسڪ ڳالهيون مصر ۾ ڏند ڪٿائون آهن. هن مان منهنجو انومان آهي تہ هيءُ جو ويدن جي سمي ۾ هندستان اندر منو مهاراجہ کي دنيا جو پهريون راجا سمجهيو ٿي ويو ان کي ڏسي شايد مصر وارن بہ پنهنجن پراڻڪ ڳالهين ۾ منوءَ کي مينس بڻائي پنهنجو پهريون بادشاهہ ڪري مڃو. هن وقت دنيا ۾ جيڪي قاعدي ۽ قانون جا گرنٿ ملن ٿا، انهن ۾ منوءَ جي سمرتيءَ کان وڌيڪ جهونو گرنٿ ڪوبہ ڪونہ ٿو ملي. يعني دنيا ۾ پنگتي پرٻنڌ يعني قومي انتظام لاءِ سڀ کان اڳ منو مهاراج ئي قانون ٺاهيا. خير، منهنجي هن لکڻ جو مطلب اهو آهي تہ جيئن پڙهندڙن کي پراڻڪ ڳالهين سان گهٽي قدر ملي ٿيون اچن.

اوسيرس مصر جي بادشاهہ جنهن جو مان مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان، تنهن هندستان جي اتر اولهہ پاڳي تي حملو ڪيو ۽ مصر جي ڏند ڪٿائن موجب هيءُ ڪجهہ وقت انهيءَ حصي تي قابض رهيو. هن بادشاهہ هندستان جي جنهن حصي تي فتح حاصل ڪئي، تنهن ۾ سنڌ جي اتر اولهہ وارو پاڳو بہ چيو ٿو وڃي. هن پنهنجي سوپ جي يادگيريءَ ۾ افغانستان ۽ پراچين سنڌ توڙي پنجاب ۾ ڪي ٽنيا بہ هڻايا. پر هن وقت تائين هندستان جي پراچين وستو وگيانين انهن ٽنين جو پتو ڳولهي نہ ڪڍيو آهي.

ڪن مسلمان ليکڪن اهوگپوڙو هنيو آهي تہ بادشاهہ اوسيرس کي هندو اِشو يا ايشور بہ ڪري سڏيندا هئا. ۽ پراڻن ۾ جنهن مصر اڀان يا اشوءَ جو بيان آهي سو اهوئي بادشاهہ هو. پر منهنجي نظر ۾ هيءُ رڳو گپوڙو آهي. هندن پرماتما کي ئي ايشور جي نالي سان ياد ڪيو آهي. ايشور جي اپاڌي هنن ڪنهن بہ راجا يا مهاراجا کي ڪانہ ڏني آهي. اهڙيءَ حالت ۾ سنڌ جي رڳو اتر اولهہ تي سوپ پائيندڙ هڪ وڏرمي راجا کي هنن اِشو يا ايشور جي نالي سان سڏيو هوندو. اها ڳالهہ ڪلهڙ هاب پيئي لڳي.[1]

سيميرامس:

پڇم جي پراڻڪ ڪٿائن ۾ سيميرامس نالي اسيرين قوم جي راڻيءَ جو بہ احوال اچي ٿو. ياد رکڻ گهرجي تہ هن راڻيءَ جو ذڪر اسان جن پراڻن ۾ بہ آهي. پڇمي پراڻڪن جو چوڻ آهي تہ هيءَ راڻي سوم رس نالي شراب پيئندي هئي. اهو سوم رس اهو آهي جنهن جو ذڪر سواءِ ويدن جي ٻئي ڪنهن بہ ڏرمي گرنٿ ۾ نٿو اچي. مسلمان ليکڪن جي قول موجب هن راڻيءَ کي اتر اولهہ هندستان ۾ ديوي سمجهيو ٿو وڃي. آڪٽوبر واري مهيني ۾ وڻ جي هيٺان چانورن، ڪلن ۽ شراب جي مٽس پل چاڙهي ويندي آهي.

مٿي ذڪر ڪيل راڻي جنهن وقت اسيريا ۾ راج ڪندي هئي، تنهن وقت هندستان جي اتر اولهہ جي سڃي حصي تي ويرسينا نالي راجا راج ڪندوهو. انهيءَ راجا جو راج سمنڊ جي ڪناري تائين يعني سنڌ جي ڏکڻ تائين ڦهليل هو. هن سنڌي راجا ڪنهن وقت مڪي ۾ جنهن کي مڪ استان سڏيو ٿي وبو. اتي تپسيا اچي ڪئي، جنهن تي ايشور هن کي استاور پتي يعني نباتات جو حاڪم. اهو لقب ڏنو. اسيرين راڻي سيميرامس يا سامي راما کي جنهن وقت هن سنڌي راجا جي پنهنجي سرحد تي اچڻ جي خبر پيئي تنهن وقت هن پنهنجن ڪن ماڻهن هٿان هن جي بي عزتي ڪرائي. انهيءَ تي ڪروڌ ۾ اچي سنڌي راجا ويرسينا ٻئڪتيرين فوج تي ڪڙڪي پيو ۽ هٽي سڃي سينا کي ختم ڪري ڇڏيائين. انهيءَ تي لاچار ٿي مٿي ذڪر ڪيل ايماني راڻي سندس اڳيان ڪنڌ جهڪايو ۽ ويرسينا کي "مهاديو پڳوان جو پٽ" قبول ڪيو.

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مٿيون بيان هندن جي پراڻن ۾ اچي ٿو. پر گريڪ اتهاسڪ وري هن ڳالهه کي اهو وٺ ٿا ڏين ته اسيرين راڻيءَ تي سنڌ جي راجا حملو نه ڪيو. بلڪ راڻي خود پنهنجي سينا سان پراچين سنڌ تي ڪاهي آئي. پراڻن ۾ گريڪ اتهاس ۾ هن راڻيءَ نسبت جيڪي ڳالهيون لکيون ويون آهن، سي گهڻي قدر هڪ ٻئي ۾ ملي ٿيون اچن. سيد محمد لطيف پنهنجي پنجاب جي اتهاس ۾ ڏيکاريو آهي ته جنهن هنڌ سنڌي راجا ۽ اسيرين راڻيءَ جي لڙائي لڳي اهو هنڌ ۽ جنگ جو آخرين نتيجو پراڻن ۽ گريڪ اتهاسن ۾ هڪ جهڙو اچي ٿو. يعني گريڪ اتهاسڪار به اها ڳالهه قبول ٿا ڪن ته اسيرين راڻي، سنڌ جي راجا کان شڪست کاڌي. باقي هو پراڻن کان ڦريل اها ڳالهه ٿا ڪن ته سنڌ جي راجا، اسيرين راڻيءَ تي نه، بلڪ اسيرين راڻيءَ سنڌ تي ڪاهه ڪري هار کاڌي. سر آرين استين جو لکڻ آهي ته سيميرامس، سنڌ جي سينا کان شڪست کائي لس ٻيلي ۽ مڪران جي سرحد واري هاڻوڪي حب ندي پار ڪرڻ کان پوءِ مصر ملڪ جي هن راڻيءَ کي اڳيان بيابان ڏسڻ ۾ آيو. جنهن کي پار ڪندي ويهن سپاهين کان سواءِ باقي سندس سڄي فوج ختم ٿي ويئي.[2]

مٿي ذڪر ڪيل پراچين سنڌ تي حملي آورن جون ڳالهيون پڇمي ۽ پوربي پراڻن مان ڪڍيون ويون آهن. جيتوڻيڪ انهن جو ذڪر هيروڊوٽس، ڊائوڊورس ۽ اسٽاربو وغيره پڇمي جي ثابتيءَ لاءِ وشواس جوڳي ڪنهن اتهاس جو حوالو نه ڏنو آهي، انهيءَ ڪري مان هن ڳالهه جي باريڪيءَ ۾ نه وڃي ٻين انهن بادشاهن جو بيان ظاهر ٿو ڪريان، جنهن جو ذڪر نه فقط اسان جن پراڻن، بلڪ وشواس جوڳن پڇمي اتهاس ۾ به اچي ٿو.

سائرس:

بادشاهه سائرس Cyrus، ڪئمبيسس Cambyses جي پٽ به عيسوي سنه کان اٽڪل پندرهن سورهن سو سال اڳ سنڌ جي رستي هندستان تي ڪاهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر سنڌ جي سورويرن هن ايماني بادشاهه جا به ڏند کٽا ڪري ڇڏيا. چون ٿا ته هن پڇمي بادشاهه مڪران جون حدون لنگهي لس ٻيلي رستي سنڌ تي ڪاهه ڪئي. سنڌ جي سينا سان زور

آزمائي ڪري جنهن وقت هو شڪست کائي ڳوٺ ڏانهن پڇڙ لڳو تنهن وقت راڻي سيميرامس وانگر هن جي بہ سڃي سينا حب ندیءَ جي پرئين پر واري رڄ پٽ ۾ پاڻي ۾ ڪاڏي جي اٽاڻ سبب ڦٽڪي ڦٽڪي مري وئي. باقي سندس سينا ۾ ست سپاهي وڃي بچيا، جي موٽي وطن تائين پهتا.[3] جنهن وقت سڪندر انهيءَ ساڳئي رستي کان وطن ڏانهن ٽي موٽيو تنهن وقت هن بہ انهن هنڌن تان لنگهندي اهي ڳالهيون ٻڌيون هيون. هن وديشي بادشاهہ سنڌ تي عيسوي سنہ کان اٽڪل چوڏهن سو سال اڳ ڪاهہ ڪئي ٽي سمجهجي.

داريس:

عيسوي سنہ 521 کان 485 سال اڳ ايران ۾ داريس Dorius نالي زبردست بادشاه پيدا ٿيو. جين ڏرم جي ساهتيہ مان معلوم ٿو ٿئي تہ ان وقت سنڌ ۾ چڪرورتي مهاراجا اديان جو راج هو. مان هن سنڌي راجا جو خلاصو بيان اڳتي هلي ڪندس. باقي هتي ايترو ظاهر ڪرڻ واجب ٿو سمجهان تہ مان جيني ساهتيہ جي گرنٿن سان مٿين ذڪر کيل ڳالهہ نسبت شامل راءِ نہ آهيان. مهاراج اديان، ايران جي بادشاهہ داريس کان گهٽا سال اڳ سنڌ تي راج ڪيو ۽ ممڪن آهي تہ ان وقت مهاراجا اديان جو پائٽيو ڪيشي ڪمار سنڌ تي راج ڪندو هجي. ڇاڪاڻ تہ حساب موجب مهاراجا اديان عيسوي سنہ کان 598 کان 600 ورهيہ اڳ جائو ۽ ارڙهن ورهين جي ڄمار ۾ گاديءَ تي ويٺو.

داريس نسبت پڇمي اتهاسڪارن جو چوڻ آهي تہ هو هستاسپس Hystoaspes جو پٽ هو ۽ هن ايشيا ڪنڊ جي ڳچپل حصي کي پنهنجي جهنڊي هيٺ آندو. هن کي هندن جي پراڻن ۾ ڏرت وسو يا داريہ وهشہ جي نالي سان بہ لکيو ويو آهي. عيسوي سنہ کان 516 ورهيہ اڳ هن پنهنجيءَ فوج کي انهيءَ ڳالهہ جي جاچ لاءِ موڪليو تہ ڏسي تہ سنڌونديءَ جي ڇوڙ کان ايران تائين پهچڻ جو ڪو بحري رستو آهي يا نہ؟ هن اسڪائليڪس Skylax نالي ڪمانڊر کي اهو ڪم سونپيو. هيءُ ڪمانڊر گنڊار (قندار) جي پرانت کان اچي سنڌو نديءَ ۾ داخل ٿيو ۽ ٽيٺ تيرهن مهينن کان پوءِ پنهنجي منزل کي پهتو. اسڪائليڪس جي هن خوفناڪ مسافريءَ جو

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

احوال ڪنهن وقت قلمبند ڪيو ويو هو، پر هاڻي اهو درلپ ٿي پيو آهي. پر هن دلير سيناپتيءَ جي جفاڪشيءَ مان اهو فائدو اوس ٿيو جو بادشاه داريس کي پراچين سنڌ پرانت تي قبضي ڪرڻ ۾ پنهنجي بحري سينا کي هاڻوڪي عربي سمنڊ تائين پهچائڻ ۾ سهائتا ملي.

بادشاهه داريس سنڌ ۾ هندواسين سان جنگ ڪندي ڏٺو ته هنن جهڙو تير انداز شايد سڄي دنيا ۾ نه هجي. انهيءَ ڪري هو پنهنجي سينا ۾ ڪيترا سنڌ ۾ هندواسي تير اندازي پرتي ڪري ڪين پاڻ وٽي ويو. جن پوءِ ونسينٽ اسمٿ جي چوڻ موجب ڪيرڪيس جي حڪومت ۾ مارد ويس ۾ پلئيٽا نالي راڄ ايران جي حڪومت ۾ آڻي ڏيکاريا!

بادشاهه داريس سنڌ ۾ اتر اولهه وارن پرڳڻن کي ڳنڍي پنهنجو جدا راڄ ڪڙو ڪيو. پڇمي اتهاسڪارن، پراچين سنڌ جي ان وقت جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته اهو ديس بلڪل شاهوڪار هو. مون پهرئين پاڳي ۾ ڏيکاريو آهي ته بلڪل پراچين سمي ۾ سنڌ اندر سون ۾ چاندي جون ڪاڻيون هيون. گريڪ اتهاسڪارن جن سڪندر جي ڪاهه جو احوال لکيو آهي، انهن جو چوڻ آهي ته سنڌوندي‌ءَ مان ڪيترو سون هٿ ڪيو ويندو هو. پراچين سنڌ بنسبت اها به هڪ حقيقت آهي ته بادشاهه داريس کي هر سال 185 مڻ سون ڏن طور ڏنو ويندو هو، جنهن جو ملهه ڏهه لک پائونڊ يعني سوا ڪروڙ رپين کان به وڌيڪ هو.[4] بادشاهه داريس کي ايترو ڏن سڄي ايشا ڪنڊ جي گڏيل راڄن مان به ڪين ملندو هو. جيتوڻيڪ پکيءَ ريت نڪو چئي سگهجي ته بادشاهه داريس هندستان جو ڪيترو پاڳو پنهنجي حڪومت ۾ ملايو پر ونسينٽ اسمٿ پنهنجي آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ واري هندستان جي اتهاس ۾ ڄاڻايو آهي ته هن جي راڄ ۾ سمنڊ ڪان وٽي سڄي سنڌ ۽پنجاب پرانت جو سنڌوندي‌ءَ جي اوپر وارو پاڳو شامل هو. پر اڪل به صديون پوءِ جڏهن سڪندر هندستان تي ڪاهيو تنهن وقت سنڌ هڪ سوننتر راڄ هو ۽ سنڌوندي ايران ۽ هندستان جي حڪومت جي حد هئي. سڪندر جي زماني جا اتهاسڪار لکن ٿا ته ان وقت سنڌ ۾ ديسي هندو راجائون راڄ ڪندا هئا.[5] هن مان ظاهر ٿو ٿئي ته اتر اولهه پنجاب ۽ سنڌ گهڻو وقت ايران جي هٿ هيٺ نه رهي.

هتي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته پراچين سمي ۾ درياهن جو هن وقت جهڙو وهکرو نه هو. ۽پنجاب توڙي سنڌ ۾ هن وقت جنهن هنڌ رڄ پيئي واکا ڪري، اتي انوقت ڇڳي آبادي هئي.[6] هن مان اها ڳالهه صاف ثابت ٿيندي ته بادشاه ديريس کي عيسوي سنه کان اڳ سوا پنج سو ورهيه اڳ برابر سنڌ مان مٿي ذڪر ڪيل انداز ۾ سون ملندو هوندو.

بادشاهه ديريس جا هاڻوڪي سنڌ جي اتر ۾ ڪي شلا ليک (پٽرن تي اڪريل مضمون) مليا آهن. انهن کي ڏسڻ سان معلوم ٿيندو ته جنهن يون اڪرن جو پراڻن ۾ تمام گهڻو ذڪر آهي، اهو انهن شلا ليکن ۾ به ڪتب آندو ويو آهي.

سڪندر:

پڇمي اتهاسڪارن جي لکڻ موجب عيسوي سنه کان 327 ورهيه اڳ بهار جي موسم ۾، جنهن وقت سڄ ڪافي انداز ۾ برف کي ڳاري ۽ اوچن پهاڙن جا رستا صاف ڪري چڪو هو، تنهن وقت سڪندر اعظم پاڻ سان اٽڪل ست هزارن جي سينا وٺي هندوڪش پهاڙن مان لنگهي هندستان جي وسيع سرحد ڪوهه دامن ۾ اچي پهتو.[7] هونءَ ته سڪندر تخت تي وهڻ کان پوءِ ستت ئي هندستان تي حملي ڪرڻ جا پور پئي پچايا، پر بئڪٽيريا ديس تي سوپ پائڻ کان پوءِ ئي هو هندستان ڏانهن قدم وڌائي سگهيو. هتي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته سڪندر جنهن سال ۾ هندستان تي حملو ڪيو، ان نسبت پوربي ۽ پڇمي اتهاسڪارن جا وڏا متييد آهن. ابوالريحان البيروني نالي هندوستان جي پهرئين مسلمان اتهاسڪار جو چوڻ آهي ته "راجا يڌشٽر ۽ هلندڙ سال يعني سڪندر جي 1340 سال جي وچ ۾ 3479 سال گذري چڪا تڏهن سڪندر، هندستان تي حملو ڪيو." هن ليکي جي حساب موجب سڪندر عيسوي سنه کان 310 ورهيه اڳ هندستان تي ڪاهه ڪئي. خير، مان هن سوال ۾ گهڻو نٿو وڃڻ گهران، باقي ايترو لکڻ واجب ٿيندو ته البروني‌ءَ جنهن سمي ۾ سڪندر کي هندستان ۾ عيسوي سنه کان اٽڪل ٽي سو سال اڳ آيل سمجهندا هئا، پر هندستان جا هاڻوڪا اتهاسڪار ان کي 327 سال اڳ آيل لکي رهيا آهن.

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سڪندر اعظم هندوڪش پهاڙن مان لنگهي ڪوهه دامن جي رستي هندستان تي حملي ڪرڻ جا اڳيئي پور پچائي چڪو هو. جنهن جي ثابتي اها آهي جو بئڪٽيريا تي ڪاهه ڪرڻ کان ٻه سال اڳ هن ڪوهه دامن جي بغل ۾ پنهنجي نالي جو هڪ عاليشان شهر اڏايو. جنهن جو نالو اليگزينڊرا مشهور ٿيو. هيءُ شهر اهڙي هنڌ تي آهي، جتان سولائيءَ سان هندستان ڏانهن وک وڌائي سگهجي.[8]

مون کي هن هنڌ سڪندر جي انهيءَ لڙائيءَ جو بيان ڪرڻو نه آهي، جنهن ۾ هن پنجاب جي اتر واري راج جي ڏڻي راجا پوئرش (پورس) سان هن مقابلو ڪيو. بيشڪ سڪندر جي سمي ۾ اسان جي سنڌ پرانت جون حدون اتر ۾ اٽڪ کان ٻه اوپر ۾ راجپوتانا ۽ پنجاب جي هاڻوڪي مانٽگو مري ضلع تائين پکڙيل هيون، پر اها ڳالهه ظاهر آهي ته پڇمي اتهاسڪارن جنهن راجا پورس ۽ سڪندر جي لڙائيءَ جو وستار سان ورڻن ڪيو آهي، اهو راجا پورس اسان جي سنڌ جو راجا نه هو. انهيءَ ڪري مان هن بيان ۾ سڪندر جي انهن ڪاهن جو بيان ڏيندس، جيڪي هن پراچين سنڌ جي راجائن تي ڪيون.

راجا پوئرش سان زور آزمائي ڪري، آخر منهنجي راءِ موجب ان سان عهد نامو ڪري عيسوي سنه کان 326 سال اڳ آڪٽوبر واري مهيني ۾ سڪندر سنڌ جي سرحد ۾ پير کوڙيا. يعني پنجاب جي اتر اولهه ۾ سڪندر کي ڇهه مهينا لڳي ويا. آڪٽوبر جي هڪ ڏينهن سڪندر صبح سان اٿي سوني برتڻ ۾، سامهون بينل ندي ۽ پنهنجي اشٽ ديوتائن کي ارگهه ڏيئي، انهن جي پوڄا ڪري پنهنجي سينا کي اڳتي وڌڻ جو حڪم ڏنو. حڪم ملندي سڪندر جي سينا درياهي ٻيڑن ۾ چڑهي ڏکڻ طرف رواني ٿي. پڇمي اتهاسڪارن جو چوڻ آهي ته سڪندر جي سينڪ گهوڙن کي ٻيڑين ۾ ڏسي درياهه جي ڪپ تي بينل ماڻهو حيران ٿي ويا، جو هنن هن کان اڳ گهوڙن کي ٻيڑين تي چڑهندو نه ڏٺو هو. پڇمي اتهاسڪارن جون هيءُ فقط لٻاڙون آهن، نه ته سڪندر کان سوين سال اڳ اسان جي سنڌ جا سرويچ ماڻهو گهوڙن تي چڑهي وات تي وڏيون ندیون لتاڙي عراق ۽ مصر تائين ويا. ڇا، عراق، ميسوپوٽيميا وغيره ملڪن سان واپار ڪندي سنڌ ۽ هند جا واپاري اوڏهين پيرين پيادو ٿي ويا، يا پنهنجن پريل گهوڙن سميت درياهه تري ٿي پار

وياؤ؟ خير. مان هتي پهريائين پڇمي اتهاسڪارن جو مت ظاهر ٿو ڪريان. پڇاڙيءَ ۾ هلي ڏيکاريندس ته انهن عالمن جو رايو واهيات ۽ خود پنهنجن بين پڇمي پنڊتن جي ورڌ آهي، انهيءَ ڪري انهن جي راءِ کي گهٽو وزن نه ڏنو ويجي.

ٽن ڏينهن جي مسافريءَ کان پوءِ سڪندر جي سينا ڀيرا Bhira نالي شهر وٽ اچي پهتي، جتي سڪندر پنهنجي ڪريٽراس ۽ هيپسشن نالي سينا نائڪن کي درياهه جي ٻنهي ڪپن تي تنبو هٽڻ لاءِ چيو. هتي سڪندر جي درياهي فوج ۾ ڏينهن ترسي، جيستائين خشڪيءَ رستي ڪمانڊر فليپاس اچي ساڻن گڏجي. ڪمانڊر جي پهچڻ کان پوءِ هن کي حڪم ڏنو ويو ته تون پنهنجي سينا سان اڳيان ٽي هل.

پنجن ڏينهن کان پوءِ سڪندر جي سينا جهلم ۽ چناب جي سنگم وٽ اچي پهتي. ٻنهي ندين جي پاڻي گڏجڻ سبب هن هنڌ پاڻيءَ ۾ اهڙا ته خوفناڪ ڪن پيدا ٿي ٿيا جو سڪندر جي سينا سان پريل ۾ وڏيون ٻيڙيون انهن ۾ غرق ٿي ويون. خود سڪندر وارو وڏو ٻيڙو ۾ ڪن جي وچ ۾ اچي ويو ۽ وڏي جتن سان ان کي بچايو ويو.

جهلم ۽ چناب ندين جو سنگم ڪهڙي هنڌ ٿي ٿيو تنهنجو هن وقت ڪوبه نشان ڏسڻ ۾ نٿو اچي. گريڪ اتهاسڪارن ايرين ۽ ڪرٽيس، جن هن واقعي جو بيان لکيو آهي، انهن جو اهو خاص هنڌ، هن وقت معلوم نٿو ٿي سگهي. باقي ايترو اوس چئبو ته مٿين ندين جو ميلاپ يا سنگم گهٽو اُتر ۾ ٿي ٿيو.

ونسينٽ اسمٿ جو چوڻ آهي ته، "پنجاب ۽ سنڌ ۾ ندين جيڪي وهڪرا بدلايا آهن، انهن جي خبر ڪيول محمد بن قاسم جي ڪاهه يعني سنه 712 کان پوءِ ٿي پوي. باقي انهيءَ ڪاهه کان هڪ هزار ورهيه اڳ سڪندر جي سمي ۾ اهي نديون ڪٿان ٿي وهيون، تنهنجو پتو پوڻ مشڪل آهي." جنهن صورت ۾ گذريل ٻارهن سو سالن ۾ به سنڌ ۽ پنجاب جي درياهن جا وهڪرا بدلبا رهيا آهن، تنهن صورت ۾ پڪ آهي ته سڪندر جي سمي ۾ ۽ ان کان اڳ به انهن ندين جا وهڪرا بدليا هوندا. چيو ٿو وڃي ته گذريل ٻارهن سو سالن ۾ سنڌ پرانت جي زمين اٽڪل پنجاهه ميل

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ويڪري ٿي آهي. انهيءَ ڪري سياويڪ درياهه جي وهڪري ۾ تيڪ ۾ به ڦير گهير ٿي هوندي. ڊاڪٽر اسمٿ جو چوڻ آهي ته هلڪڙو يا وهندا نالي درياهه، جنهن وقت بيڪانير، بهاولپور ۽ سنڌ جي سچن پٽن کي سائو ۽ سبز ٿي ڪيو تنهن جو هن وقت نالو نشان به ڪونه آهي. منهنجي انومان موجب هڪرا ندي ويدن ۾ پراٽن ۾ بيان ٿيل سرسوتي ندي هئي، جنهن جو ڇوڙ راجپوتانا واري جهوني ۾ هاٿي غائب ٿيل سمند ۾ وڃي ٿي ٿيو.

انهن سيني ڳالهين هوندي به عجب آهي جو ڪيترن هاٿوڪن اتهاسڪارن پنجاب ۾ سنڌ جي ندين جي هاٿوڪن ڪپن تي سڪندر جي سمي جي شهرن جي ڳولي ڪيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جا منهنجي ويچار موجب واهيات آهي. ڇاڪاڻ ته ڏرتيءَ جي ڏيڻ، ٻوڏن ۽ برساتين سبب سڪندر جي سمي جا شهر هن وقت خاڪ ۾ خاڪ ٿي چڪا هوندا.

سڪندر متي ذڪر ڪيل ٻن ندين جي سنگم وٽ انهيءَ ڪري پنهنجي منزل رکي، جو سندس مرضي هئي ته اتان به هو پراچين سنڌ جي اتر واري شبي (سبي) پرانت جي سينائن سان مقابلو ڪري.[9] ڇاڪاڻ ته سڪندر کي انهيءَ وقت اها کڙڪ پئجي ويئي ته شبيءَ جا شئيبيه ڪيتري، ملتان جي مست مالو جاتيءَ جي سنڌي ڪيترين سان ملي سندس زبردست مقابلو ڪرڻ وارا آهن. گريڪ اتهاسڪارن جو چوڻ آهي ته شبي جاتيءَ جي سنڌي ڪيترين جلد سڪندر جي آڙ مڃي، ۽ انهيءَ ڪري سڪندر کين سيڪت ڏيڻ بدران آزاد ڇڏي ڏنو. انهيءَ کان پوءِ سڪندر جي سينا سنڌ جي اگر سيني ڪيترين جنهن کي گريڪ اتهاسڪارن Agalssoi ڪري لکيو آهي، انهن سان مقابلو ڪيو. انهن پڇمي اتهاسڪارن جو اهو به چوڻ آهي ته اگر سيني ڪيترين جي سينا تمام وڏي هئي، جنهن ۾ چاليهه هزار پيدل ۽ ٽي هزار گهوڙي سوار هئا. سڪندر جي سينا انهن مان هزارن کي قتل ڪيو ۽ هزارن کي داس يعني غلام بڻايو. سڪندر انهن سنڌي ڪيترين جي ماڳهين ملڪ ۾ گهڙي ويو ٿو چئجي، ۽ چون ٿا ته ٽيهن ميلن تائين هو اهو ملڪ ويران ڪندو پنڌتي موتيو!!! گريڪ اتهاسڪارن هڪ هنڌ اها ڳالهه سا قبول ڪئي آهي ته سڪندر جي سينا، شبي (سبيءَ) جي راڄڌاني هٿ ڪرڻ کان پوءِ ٻئي مکيه شهر تي جيڪو حملو ڪيو تنهن ۾ سنڌي

سوروبرن جي تلوار هزارن گريڪ سپاهين کي ننڊ ۾ ننڊ ڏيئي ڇڏي. انهيءَ شهر جا مرد پنهنجن استرين ۽ گهرن کي باهه ڏيئي جنگ جا نعرا هڻندا گريڪ سينا تي ٽٽي پيا. انهن شهر واسين جو انداز ويهه هزار چيو ٿو وڃي، جن مان فقط ٽي هزار باقي وڃي بچيا.[10] ڊائڊوريس جو چوڻ آهي ته سڪندر پاڻ هن شهر کي جلايو. پرڪرٽيس جو چوڻ آهي ته اتي جي ماڻهن پاڻهي پنهنجن زالن ۽ شهر کي جلايو. مون کي پوئين ڳالهه سچي نظر ٿي اچي، ڇاڪاڻ ته جنگ ۾ ٻي ڪنهن واهه نه ڏسڻ تي پراچين سمي جا ڪيتري پنهنجن استرين ۽ گهرن کي باهه جي حوالي ڪري ڇڏيندا هئا، ته جيئن اهي شترن جي هٿ نه چڙهن.

هتي سڪندر کي اها خبر ملي ته پراچين اتر سنڌ جا سرويچ مالو يا مولي جاتيءَ جاکيتري پنهنجن پاڙيسري کيدرڪ Oxodarkai جاتيءَ جي سورمن سان ملي سندس سامهون ٽيڙ ٽا گهرن.انهيءَ تي سڪندر هڪدم انهن سنڌي قبيلن ۽ انهن جي مرڪزن تي اوچتو وارو ڪيو. سڪندر پنهنجي سينا کي راوي ۽ چناب ندين جي سنگم وٽ ترسڻ جو حڪم ڪري، خود چونڊ سينا ساڻ ڪري ملتان جي مالو ۽ کيدرڪ کيترين تي ڪاهي ويو.

هتي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته مالو ۽ کيدرڪ جاتيءَ جا کيتري ڳپل وقت کان هڪ ٻئي سان وڙهيل هئا. انهن جون گهٽو ڪري هڪ ٻئي ۾ جنگيون ٽيندیون رهنديون هيون. پر هاڻي پنهنجي ماتر پوميءَ جي سر تي ڏاڙئي دشمن کي سوار ٽيندو ڏسي اهي ٻئي سنڌي فرقا پاڻ ۾ ملي ويا. ڊائڊوريس جو چوڻ آهي ته انهيءَ ميلاپ کي پڪي ڪرڻ لاءِ مالو يا مالي سورمن ڏهه هزار زالون کيدرڪن کي پرٽائي ڏنيون، ۽ بدلي ۾ ڪائون ڏهه هزار زالون ونڊي پاڻ پرٽيا.[11] پر ڏک آهي جو انهن وکن پريندي به انهن ٻن ويڙ جاتيءَ جي فرقن جي پاڻهي پوري ايڪتا نه ٽي سگهي. يعني سنڌي سينا جي اڳواڻيءَ جي سوال تان اهي ٻئي فرقا هڪ ٻئي سان گهٽو ملي نه سگهيا.

سنڌ جي اتهاس ۾ اهڙا انيڪ مثال ملندا جن مان اها ڳالهه ثابت ٽيندي ته گهرو ڦوٽ ئي ڏارين کي سنڌ تي پنهنجي جهنڊي جهولائڻ جو موقعو ڏنو. پر جنهن وقت هڪ ٽي ويا، تنهن وقت انهن وري پنهنجي ديس کي

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڏارين جي هٿن کان آجو ڪيو.

جيستائين ڪيدرڪ سينا مالو سينا سان وڇي ملي، تيستائين سڪندر وڇھ وٺي مالو سينا تي حملو ڪيو. البت انھيءَ حملي وقت جيڪا مالو سينا اتي موجود ھئي سا سڪندر جي ٿوري آندل دينا کي ناس ڪري سگھي ھا، پر سنڌي سينا جو سکان پوريءَ ريت نہ جھليو ويو. گريڪ اتھاسڪارن جو چوڻ آھي تہ مالو سندي سينا ۾ اسي بلڪ نوي ھزار پيدل، ڏھ ھزار گھوڙي سوار ۽ ست سو کان نو سو تائين رٿ گاڏيون موجود ھيون.

ھيڏانھن سڪندر جي چونڊ سينا ۾ ڪيترا ماڻھو ھئا، تنھنجو پورو انگ نٿو ملي. ڊاڪٽر اسمٿ جو چوڻ آھي تہ گريڪ سينا ۾ فقط ست ھزار سپاھي ھئا، جا ڳالھ مان قبول نٿو ڪريان. ڊاڪٽر اسمٿ اھو انگ گريڪ اتھاسڪارن جي ڏنل انگن تان ڪنيو آھي، نہ تہ ست ھزار سڪندري سينا اڪيلي ھڪ لک مالو سينا کان ڪيئن گوءِ ڪٽي سگھي ھا؟ گريڪ اتھاسڪارن جنھن وقت مالو سينا جي ويرتا ۽ رعب جو بيان ڪيو آھي تنھن وقت انھن کي لکندي لکندي ھڏڪي وڻي ويئي آھي. ھو قبول ٿا ڪن تہ مالو سنڌي سينا جھڙي زبردست سينا سڪندر کي ڀئي ھنڌ ڏسڻ ۾ نہ آئي. ڪيئن ٻ، راجا پوئرش سان سڪندر جي ٽيل مقابلي جو احوال ڏيندي جيئن گريڪ اتھاسڪارن، ھندواسين کي نربل ۽ گريڪن کي بھادر ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪوڙ تي سنڌرو ٻڌو. تيئن پراچين سنڌ جي سورويرن نسبت ٻہ ھن گپوڙ بازيءَ کان ڪم ورتو آھي. اھا ڳالھ مان ان وقت ثابت ڪندس جنھن وقت سڪندر جي ڪاہ نسبت مان ھن بيان جي پڇاڙيءَ ۾ گريڪ اتھاسڪارن جي ڏنل ھڪ ٻئي کان ڦريل بيان جو ذڪر ۽ چنڊچاڻ ڪندس.

ھيڏانھن ڊاڪٽر اسمٿ ٿو چوي تہ سڪندر جي سينا انھيءَ ڪري سوپ پاتي جو ان جو سکان لائق ۽ باانتظام ھٿن ۾ ھو. ساڻس گڏ ھيءُ ودوان اھا ڳالھ ٻہ قبول ٿو ڪري تہ سڪندر جي گريڪ سينا جنھن وقت سنڌي مالو سينا جو منھن ڏٺو تنھن وقت ھنن تي سنڌي سينا جي دھشت چڙھي ويئي ۽ ھو سڪندر جي خلاف بغاوت ڪرڻ تي سنڌرو ٻڌي وينا، پر بادشاہ جي ھمٿائيندڙ وياکمان انھن جي ٽڏي ٽيل خون کي گرم ڪري چڏيو.

هن قبوليت مان به اها ڳالهه سڌ ٿي ٿئي ته پراچين اتر سنڌ ۾ سڪندر سان سينو سهائيندڙ سنڌي سينا ايتري ڪانه هئي، جا گريڪ اتهاسڪارن ڏيکاري آهي. سڪندر، ويرِ مالو سينا کي فقط دوکي سان ناس ڪري سگهيو. ڊاڪٽر اسمٿ لکي ٿو ته بي هٿيار مالو ويرِ بي خبر ٿي جنهن وقت پنهنجن ٻنين ۾ ڪم ڪري رهيا هئا، تنهن وقت سڪندر اوچتو ئي اوچتو مٿن حملو ڪيو. اها ڳالهه هندن جي جنگي قانون جي بنهه خلاف آهي. ڪڏهن به هندو سينا، بنا چتاءُ ڏيڻ جي دشمن جي فوج تي حملو نه ڪيو. چٽر پتي شيواجيءَ کان سواءِ باقي ڪنهن به هندو راجا جي وقت ۾ اسان کي اهڙو مثال نظر نه ايندو. خير، ويچارا بي وس ۽ بي هٿيار سنڌي انهيءَ سڪندري سينا جي تلوار اڳيان ڪٽجي ختم ٿي ويا، جنهن سڪندر نسبت گريڪ اتهاسڪارن اها لباڻ هنئين آهي ته هن شبي جاتيءَ جي سنڌي پرجا کي آزاد ڇڏي ڏيو. هان، باقي اهي سنڌي سينڪ وڃي بچيا، جيڪي پنهنجن قلعه بند شهرن ۾ موجود هئا.

گريڪ اتهاسڪارن جو لکڻ آهي ته مالو جاتيءَ جي سنڌين کي نابود ڪري سڪندر هڪ اوچائيءَ تي بيٺل ننڍي شهر تي حملو ڪيو. جتي هن، ڪوٽ جي ٻن هزار رکپالن کي قتل ڪيو. سڪندر پرڊيڪاس نالي پنهنجي هڪ سيناپتيءَ کي ٻئي شهر هٽ ڪرڻ لاءِ موڪليو. جتي انهن وڃي ڏٺو ته اتي جا ماڻهو شهر ڇڏي ويا آهن. انهن شهر واسين جهنگلن ۾ پناه وڃي ورتي پر انهيءَ هوندي به هو گريڪ سپاهين جي سنگينن کان بچي ڪين سگهيا. انهيءَ بعد مالو ڪيتري جي ان وقت راوي ندي‌ءَ جي پاسي ڏانهن پناهه ونڊي رهيا هئا، انهن تي گريڪ فوج حملو ڪيو. ونسنٽ سمٿ چوي ٿو ته انهي زمين جي حصي ئي هن وقت پنجاب جو مانٽگومري ضلع آهي. جنهن شهر ۾ مالو ڪيتري اچي گڏ ٿيا هئا، گريڪ اتاهسڪارن جو چوڻ آهي ته انهيءَ شهر کي سڪندر بارود جون سرنگهون هڻي ۽ ڏاڪڻين جي وسيلي قلعي تي چڙهي هٽ ڪيو. انهن اتهاسڪارن جو چوڻ آهي ته انهي قلعي جي پٽ تي سپ کان اڳ سڪندر ڏاڪڻ رکي سنياليو. پر انهيءَ هوندي به اهو شهر گريڪن جي هٿن ۾ اچي ويو. ليڪن جو چوڻ آهي ته انهيءَ ننڍي شهر ۾ اٽڪل پنج هزار مالو ڪم اچي ويا. ڇاڪاڻ ته مالو ڪيتري موت يا

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

فتح ڪان سواءِ جنگ جي ميدان مان واپس ڪين موٽندا هئا، انهيءَ ڪري سڪندر انهن کي پنهنجو باندي بڻائي ڪين سگهيو.

هاڻي چوطرف ڪان سڪندر جي فوج مالون کي ورائي ويئي. انهيءَ ڪري هنن وري راوي ندي پار ڪري پنجاه هزار ماڻهن سان پنهنجي ٻئي هڪ مضبوط قلعہ بند شهر جي حفاظت ڪئي. ونسينٽ اسمٿ جو چوڻ آهي تہ اهو مضبوط قلعو جهنگ ۽ مانٽگومري ضلع جي سرحد وٽ هو ۽ هاڻوڪي ملتان ڪان 80_ 90 ميل اتر اوپر هو. هاڻوڪن ڪن اتهاسڪارن جو چوڻ آهي تہ اهو ملتان جو قلعو هو جنهن کي ان وقت مولستان پور سڏيو ٿي ويو.[12] استاربو جو چوڻ آهي تہ اهو شهر بلڪل ننڍو هو. راورٽي بہ انهيءَ ڳالهہ جي خلاف رايو ٿو ڏئي ۽ چوي ٿو تہ اهو شهر ملتان نہ هو.[13] منهنجي راءِ موجب اهو شهر ملتان ئي هوندو. ڇاڪاڻ تہ مالو ڪيتري آخرين ملتان کي پنهنجو مرڪز بڻائي سڪندر جي سامهون ٿيا. انهيءَ ڪان سواءِ جيڪي ڳالهيون ظاهر ڪيون ويون آهن، سي ملتان سان ئي گهڻو سنهنڌ رکن ٿيون.

گريڪ اتهاسڪار ملتان جي لڙائيءَ جو نهايت فزيدار احوال لکيو آهي ۽ ڏيکاريو آهي تہ سڪندر کهڙيءَ ريت پنهنجو سر تريءَ تي رکي ملتان جو قلعو هٿ ڪيو ۽ قسمت سان مالو ويرن جي هٿان موت جي شڪنجي کان بچي ويو. ايرين جو چوڻ آهي تہ ٽالمي جو خود سڪندر سان گڏجي هندستان ۾ آيو تنهن ملتان جي لڙائيءَ جو جيڪو بيان ڪيو آهي، انهيءَ بيان جي آڏار تي ئي مان انهيءَ لڙائيءَ جي تصوير ٿو چٽيان. پر ونسينٽ اسمٿ جو چوڻ آهي تہ ٽالمي، سڪندر سان گڏجي هندستان ۾ ڪونہ آيو هو.[14] هاڻي جيڪڏهن ڊاڪٽر اسمٿ جي راءِ کي وزن ڏنو وڃي تہ پوءِ جن گريڪ اتهاسڪارن، ٽالميءَ جي بيان جي آڏار تي سڪندر جي ڪاهہ نسبت ونڊي گپوڙا هڻڻ ۽ قياسي گهوڙا ڊوڙائڻ شروع ڪيا آهن، اهي سڀ ڪوڙا ثابت ٿا ٿين. ڪيئن بہ سڪندر جي ويرتا نسبت پڇم جي ليکڪن جيڪي ڊگهيون ڳالهيون لکيون آهن، انهن کي گهڻو وزن ڏيڻ نہ گهرجي ڇاڪاڻ تہ انهن جو بنياد فقط ڪن ٻڌل ڳالهين تي آهي.

گريڪ ليکڪن جو چوڻ آهي تہ ملتان شهر تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ سڪندر قلعي تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هوپاڻ سان ٿي ساڻي

ونڊي پنهنجن ساٿين کان ڏاڪڻ ڦري قلعي جي پٺ تي چڙهي ويو. سڪندر کي قلعي جي پٺ تي بينل ڏسي مالو سينا هن کي پنهنجي شڪار جو نشان بڻايو. سڪندر جو هڪ ساٿي انهيءَ وچ ۾ سرڳ ڏانهن روانو ٿيو. اتي سڪندر ٽپ ڏيئي قلعي جي پٺ کان هيٺ لهي پيو ۽ هڪ وڻ کي پٺ ڏئي مالون سان مقابلو ڪرڻ لڳو. هن پنهنجي تلوار سان ملتان جي گورنر کي ماري ڇڏيو.

پنهنجي اڳواڻ کي مئل ڏسي مالو سينا پاڳل ٿي پيئي. ايتري ۾ هڪ تير سڪندر جي زره کي چيري سندس ڇاتيءَ ۾ لنگهي ويو ۽ سڪندر زمين تي سڏو ٿي سمهي پيو. سندس باقي بچيل هڪ ساٿي متائونس سڪندر جي شاهي ڍال جهلي بيهي رهيو تہ متان ٻيو ڪو تير يا هٿيار سندس ڪم خلاص ڪري ڇڏي.

هيڏانهن پنهنجي بادشاه کي فقط ٻن ٽن ساٿين سان قلعي ۾ ويل ڏسي گريڪ سپاهي بي آرام ٿيڻ لڳا. جنهن ڏاڪڻ تي چڙهي سڪندر قلعي اندر گهڙيو هو. اها ڏاڪڻ ٽڪر ٽڪر ٿي چڪي هئي. نيٺ ڪنهن نہ ڪنهن حيلي سان کي جزوي سپاهي قلعي جي ڪچين پٽين تي چڙهي ويا.[15] کي سپاهي قلعي جي ڦاٽڪ کان ٻہ لنگهي اندر داخل ٿيا، انهن جي وقتي مدد سڪندر جي حياتي بچائي ڇڏي، جو تير لڳڻ کان ڪجهہ وقت بيهوش ٿي ويو هو.

هڪدم سڪندر جي بدن مان تير ڪڍيو ويو. پر سندس بدن مان خون ريلا ڪري وهڻ لڳو جنهن ڪري هن جي موت جو امڪان ٿي پيو. پر سڪندر جو سگهارو بدن بيحد خون ڇڏيندي بہ موت جو شڪار نہ ٿي سگهيو. پڇمي ليکڪن جو چوڻ آهي تہ پنهنجي بادشاه جي هيءَ درگتي ٿيل ڏسي گريڪ فوج متوالن جيان شهر واسين جي مٿان ڪڙڪي پيئي ۽ ٻار ٻيو ۽ زال جيڪو سندن اڳيان ٿي آيو سو سندن تلوار جو شڪار ٿيندو ٿي ويو.

ڪجهہ وقت آرام وٺڻ کان پوءِ سڪندر پنهنجي سينا سان ٻيڙين تي سوار ٿي راوي ۽ جهلم ندين جي سنگم يعني هاڻوڪي ٻهاولپور رياست جي حد ۾ پهتو جتي سندس بحري ۽ ٻئي قسم جو لشڪر ٻيٺو هو.

مالو کيترين جي هيءَ حالت ڏسي، پڇمي اتهاسڪارن جو چوڻ آهي تہ

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪيدرڪ جاتيءَ جا سنڌي سورويز نراس ٿي ويا. هنن جي دلين تي سڪندر جي دهشت ويهي ويئي. انهيءَ ڪري هنن ڪيترين قميتي سوڪڙيون پيتا ڏيئي سڪندر جي آڙ ميڙي، ۽ سڪندر بہ انهن ڏانهن رحم جي نظر سان ڏٺو.

گريڪ اتهاس ڪارن هن ڳالهہ جو ذڪر ڪندي ڏاڍي شد مد سان لکيو آهي تہ پراچين اتر سنڌ ۾ رهندڙ ڪيدرڪ جاتي (جنهن کي هو Oxydrakai جي نالي سان سڏين ٿا) جا اٺڪل هڪ سو ايلچي سڪندر جي شيوا ۾ حاضر ٿيا. انهن جا جسم بلڪل قداور هئا جن تي ڪيترو سون پيل هو ۽ خود رڻ تي سوار هئا. انهن هڪ سو سنڌي ايلچين سڪندر جي اڳيان جيڪي سوڪڙيون رکيون انهن ۾ 1030 چئن گهوڙن وارا رٿ هئا، هڪ هزار ڏالون هيون جي سپ هندستان ۾ ٺهيل هيون. ڪيترو ڪپڙي جو سامان، ڪڇونءَ جي کل مان ٺهيل سهڻيون شيون ۽ شينهن توڙي چيتن جون کلون بہ هيون. انهن سوڪڙين سان گڏ ٽي سو گهوڙيسوار بہ هئا.[16] اهو رايو ڪرٽيئس جو آهي. پر ايرين جو چوڻ آهي تہ سڪندر کي فقط پنج سو رٿ سوڪڙي طور ڏنا ويا. گريڪ اتهاس ڪارن هن هنڌ سڪندر جي اڳيان سوڪڙي طور سنڌ واسين جي ڏنل ڪپڙي نسبت کي عجيب اکر ڪتب آندا آهن، جن مان معلوم ٿو ٿئي تہ سڪندر کي کيدرڪ سنڌواسين جيڪي ڪپڙي مان شيون ڏنيون اهو ڪپڙو ڪپهہ يا سڻي مان نہ، بلڪ ڪنهن اتسي يا السي نالي پدارٿ مان ٺهيل هو.

پروفيسر جوگيشچندر راءِ "جنرل آف بنگال اورئينٽل ريسرچ" نالي اخبار ۾ هڪ ليک لکيو آهي تہ "هندستان ۾ ارٿ شاستر جي سمي (چندر گپت جي زماني) کان کي صديون اڳ ۽ پوءِ اَتسي يا اَلسي نالي هڪ سلي مان ڪپڙو ٺاهيو ويندو هو جنهن کان پوءِ ڪپهہ ۽ سڻيءَ جو ڪپڙو ٺهڻ لڳو..... پراچين سمي ۾ سڻيءَ کي ڪشما ۽ سلهڙ سنگين ڪپڙي کي دڪول سڏيو ويندو هو.[17] ڪڇونءَ جي کل مان شين ٺاهڙ جو هنر هندستان ۾ بلڪل آڳاٽي سمي کان هلندو ٿو اچي. پيريپلس جو چوڻ آهي تہ عيسوي پهرين صديءَ ۾ بہ انهيءَ کل مان ڪيترين شيون ٺاهيون ويندين هيون.[18] خير، هن مختصر بيان مان پراچين سنڌ جي هنر ۽ ڪاريگريءَ جي ٿوري گهڻي سڌ پوي ٿي.

سڪندر پراچين سنڌ جي اتر وارو پاڻو فتح ڪري فلپس نالي هڪ گريڪ سيناپتيءَ کي ان جي مٿان گورنر مقرر ڪيو ۽ پاڻ پنهنجي فوج سان انهيءَ طرف وڌڻ لڳو جتي چناب، راوي، جهلم ۽ بياس ندي، اسان جي سنڌونديءَ سان اچي ٽيون گڏ ٿين. پڇمي ليڪڪن جو چوڻ آهي ته انهيءَ سمي ۾ سنڌ پرانت جي هي ندي جنهن کي مون سرسوتيءَ جي نالي سان لکيو آهي، پر پڇم جي ليڪڪن ۽ مسلمان تواريخ نويسن حڪرا يا وهيئند جي نالي سان سڏيو آهي، سان ان وقت موجود هئي.

گهٽي چنڊ چاڙ ڪرڻ تي به نه مونکي ۽ نه ٻئي ڪنهن اتهاس ليکڪ کي اها سڌ ٿي پوي ته سڪندر جي سمي ۾ ڪهڙي هنڌ تي پنجاب جون سڀ ندیون اسان جي سنڌونديءَ سان اچي گڏٻيون هيون. هان، باقي جنهن وقت عربن سنڌ تي ڪاهه ڪئي تنهن وقت اهي ندیون هاڻوڪي بهاولپور رياست جي دوش اي. آب يعني پاڻيءَ جي ميلاپ واري هنڌ تي اچي ٿي گڏيون.[19] مستر راورٽي جو چوڻ آهي ته اهي ندیون ڳگلا يا باگلا نالي جڳهه تي گڏ ٿي ٽيون. مشهور گريڪ اتهاس ڪار ايرين به ندين جي مٽئين سنگم جو پنهنجي ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو آهي.[20] مٽي جنهن فلپس گورنر جو ذڪر ڪيو ويو آهي ان جي علائقي جي ڏکڻ جي حد انهيءَ هنڌ هئي جتي پنجاب جون ندیون اچي ٽيون سنڌونديءَ سان گڏجن. هن کي راج جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ ڪيترو لشکر به ڏنو ويو هو. انهيءَ ساڻئي وقت تي سڪندر پنهنجي سهري آڪسرٽس کي قابل جي پرڳڻي جو گورنر مقرر ڪري موڪليو.

سڪندر پنجاب ۽ سنڌونديءَ جي سنگم وٽ هڪ شهر اڏايو. اتي جهازن ۽ ٻيڙين جي ٻيهڻ لاءِ ڊاڪ يارڊ به ٺهرايا. سڪندر کي وشواس هو ته اهو شهر واپار ۾ جلد وڌندو ۽ ويجهندو. انهيءَ کان پوءِ ايرين جو لکڻ آهي ته سنڌ جي اتر ۾ رهندڙ امبشٽ Abastonoi، ڪيتري Oxothroi ۽ اکيواڪ Ossadioi جاتيءَ جي سنڌ واسين سڪندر جي آڻ مڃي ۽ هن کي ڪيترا ٻيڙا ۽ ٻيڙيون ٻيٽ ڏنيون.

هن وقت تائين سينا پتي ڪريٽيراس، جو پنجاب جي ندين جو ڪنهن وقت اپرندو ڪنهن وقت الهندو ڪنارو ڏيندو پئي آيو، ان کي

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سڪندر سنڌوندیءَ جي ايرندي واري طرف روانو ڪيو جنهن حصي ۾ گريڪ اتهاس ڪارن جي چوڻ موجب اهڙا سرويچ ماڻهو نه رهندا هئا، جهڙا سنڌو ندیءَ جي الهندي ڪپ تي رهندا هئا.

سڪندر فيصلو ڪيو ته مان سنڌ جي ايماني ۽ زبردست راجا موڪيراج، (جنهن کي ايرين ۽ ٻين گريڪ اتهاس ڪارن Mousikanos جي نالي سان لکيو آهي،) تي اوچتي ڪاهه ڪري ان جو ڪنڌ هيٺ ڪريان، چاڪاڻ ته سنڌ جي هن چڪرورتي راجا سڪندر تي ڪا به فلڪ نه آندي. هن سمجهيو ته هڪ خسيس بادشاه چڙهائي ڪري آيو آهي جنهن کي مان ميدان جنگ ۾ ماري مات ڪندس. سڪندر هن وقت تائين ڪن سنڌي قومن کي ماري مڃايو ۽ ڪن هراس وچان سندس غلامي قبول ڪئي، تنهن سنڌ جي راجا کي مغرور ڏسي بنا چتاءَ جي مٿس حملو ڪري هٿ ڪرڻ جو نرنئ ڪيو. پڇمي اتهاسڪارن جو چوڻ آهي ته سنڌ جي هن چڪرورتي راجا جي راڄڌاني سنڌ جي پراچين الور شهر ۾ هئي. انهن اتهاسڪارن جو ائين به چوڻ آهي ته هتي جي سنڌ واسين کي ڏسي گريڪ سپاهي حيران ٿي ويا. اهي سنڌ واسي سوا سو بلڪ ان کان به وڌيڪ ورهين تائين جيئرا رهندا هئا. انهن جو قد قامت، سونهن ۽ تندرستي حيرت انگيز هئي. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ ان وقت سون ۽ چانديءَ جون ڪاڻيون هيون، ته به هتي جا رهواسي اهي ڏاتو ڪم نه آڻيندا هئا. هندستان جي ٻين پرانتن وانگر سنڌ ۾ ان وقت غلامن جي رسم چالو نه هئي. گريڪ اتهاسڪارن اهو به تپ پڙهيو آهي ته سڪندر جي سمي جا سنڌ واسي وگيان ڪين پڙهندا هئا، باقي حڪمت جي وديا ڏانهن سندن ڇڪو لاڙو هو. هنن ۾ ڪوبه ديواني قانون چالو نه هو. سرڪاري ڪورٽن ۾ ڪيول خون ۽ ٻين اهڙن خوفناڪ هنسڪ ڏوهن تي فيصلا ڏنا ويندا هئا.[21]

پر سنڌ جي هڪ اتهاسڪار استاربو جو چوڻ آهي ته هروپرو اهو سچ نه آهي ته هندستان جي سيني پرانتن ۾ غلامن رکڻ جي رسم چالو نه هئي. پر ميگستنيز صاف لکي ٿو ته دنيا ۾ هندستان ئي اهڙو ديس هو جتي سڀ ماڻهو آزاد هئا، ۽ ڪنهن به پرانت ۾ غلام موجود نه هو.[22]

الور جو مهاراجا، سڪندر کي اوچتو پنهنجي مٿان ڪڙڪيل ڏسي

گهرائجي ويو. هي ٻيو دفعو هو جڏهن سڪندر سنڌ واسي سوروين تي، ڪيترين جي رسم خلاف اوچتو ئي اوچتو ٻي خبريءَ ۾ حملو ڪري ثابت ڪيو ته پڇم جي وڏن وڏن ٻهادرن ۾ به جنگ جي مرجادا موجود نه آهي. مهاراجا موڪيراجه پنهنجي فوج سان اڳتي وڌي، تنهن کان اڳ سڪندر جي سينا سندس سرحد ۾ لنگهي آئي. گريڪ اتهاسڪارن جو لکڻ آهي ته لاچار الور جو مهاراجا پاڻ سان ڪيترين ٻي ٻها سوڪڙين ۽ چوند هاٿي وٺي سڪندر جي اڳيان آيو. سدا جيان سڪندر هن سنڌ جي چڪرورتي راجا کي ڪٽي گلي سان لڳايو ۽ سندس ويرتا ۽ گڻ جي ساراهه ڪئي. سڪندر الور جي مهاراجا کي سنڌ جو چڪرورتي راجا پڻ تسليم ڪيو.

هيڏانهن پنهنجي راجا کي بزدل ماڻهن جيان هڪ ڏارئي بادشاه اڳيان سر جهڪائيندو ڏسي سنڌ جي براهمڻن ۽ ڪيترين ۾ جوش جي لهر پيدا ٿي. براهمڻ پنهنجن گهرن مان نڪري ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر شهر ۾ وڃي ڪمزور ماڻهن کي ڏارين جي خلاف جوش ڏيارڻ لڳا. جنهن تي الور جي مهاراجا هڪدم سڪندر جي خلاف ميارڻ مان تلوار ڪڍي ديس جي سوتنترتا جو جهنڊو بلند ڪيو.

سڪندر کي جنهن ويل خبر پيئي ته سنڌ جي ايماني راجا موڪيراج سندس سامهون سينو سپر ڪيو آهي ۽ هن جي بغاوت لاءِ خاص ڪري سنڌ جا براهمڻ جوابدار آهن. تنهن ويل هن پنهنجي گريڪ سينا کي سنڌ جي براهمڻ کي چونڊي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو. پلو ٽارڪ جو لکڻ آهي ته هجاري سڪندر ڪيترن ودوان فيلسوف براهمڻن کي جيل ۾ وڌو ۽ آخر انهن کي ديش ڇڳتيءَ جي ڏوهه ۾ ڦاسيءَ جون سزائون ڏنيون. (1) پاڳوان آهن اهي براهمڻ جن پنهنجي ديش مٽان مشڪندي ساهه صدقي ڪيو. مگر جيڪي ڇيمي اتهاسڪار سڪندر جي سخاوت جون سرڪيون پريندي نٽا ٽڪجن، انهن کي لاچار ٿي سڪندر جي هن ڪڏي ڪرتوت تي لعنت ۽ ڦٽڪار جو قلم واهڻو پوندو. سنڌ جي اتهاس ۾ هيءُ پهريون موقعو هو جڏهن سنڌ تي ڏارين حملو ڪيو ۽ ڏارين جي غلاميءَ کي برداشت ڪرڻ بدران ٻين سيني جاتين کان اڳ سنڌ جي براهمڻن پنهنجي جان جي قرباني ڏيئي، پارت ورش جي اتهاس ۾ پنهنجو نالو امر ڪيو. سنڌ

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جي براهمڻن کي سچ پچ پنهنجن انهن وڏن لاءِ ايترو فخر نہ هئڻ گهرجي جن سنڌو نديءَ جي ڪناري تي ويهي گيان ۾ وگيان جون ڏاراڻون وهايون، بلڪ ڪين انهن ابن تي ايمان هئڻ گهرجي جن پنهنجي خون جي هڪ هڪ بوند ديش جي سوتنترتا مٽان ٻليدان ڪئي.

پلو ٽارڪ پنهنجي ڪتاب جي 64 اڌياءَ ۾ سنڌ جي براهمڻن نسبت هڪ ٻي عجيب ۽ خوشي ڏيندڙ ڳالهه جو ذڪر ڪيو آهي تہ: "سڪندر ڪن ودوان پنڊتن کي قيد ڪيو جن سنڌ جي اولهه واري هڪ پهاڙي راجا "سواس" (Sabbas) کي سڪندر جي خلاف کڙو ڪيو. سڪندر ٻڌو هو تہ سنڌ جا اهي ودوان پنڊت سڄي دنيا ۾ لاثاني حاضر جواب آهن ۽ مشڪل ۾ مشڪل سوالن جا جواب اک چنپ ۾ ٿا ڏين. انهيءَ تي سڪندر اتان روانو ٿيڻ کان اڳ انهن گرفتار ڪيل براهمن کي گهرائي چيو تہ اوهان مان جيڪو ودوان پڇيل سوال جو اڻ پورو يا غير مڪمل جواب ڏيندو ان کي اڳ ۾ قتل ڪيو ويندو. اهڙيءَ ريت سلسليوار سڀني جواب ڏيندڙ کي سيني کان پوءِ ڦاسي ڏني ويندي. سوالن جي جوابن ٻڌڻ ۽ انهن جي پريکيا وٺڻ لاءِ پئنچن جي هڪ ڪميٽي وهاري وئي ۽ ان کان پوءِ هينئين نموني سان سوال پڇيا ويا:

هڪ کان_ دنيا ۾ مئل ماڻهو گهٽا آهن ڪين جيئرا؟

جواب: جيئرا، انهيءَ ڪري جاکاڻ تہ مئل ماڻهو موجود ئي ڪين آهن.

ٻئي کان_ سيني کان وڏا جيو جنت پاڻيءَ ۾ آهن ڪين سڪي زمين تي؟

جواب: زمين تي، جاکاڻ تہ پاڻي بہ زمين تي بينل آهي.

ٽئين کان_ سيني کان عقلمند حيوان ڪير آهي؟

جواب: اهو حيوان جنهن کي انسان اجان سجاڻي يا ڳولي نہ سگهيو آهي.

چوٿين کان_ توهان پنهنجي سواس راجا کي سڪندر جي خلاف بغاوت ڪرڻ لاءِ ڇو کڙو ڪيو؟

جواب: انهيءَ لاءِ تہ جيئرو رهي تہ عزت سان، نہ تہ عزت سان سر قربان ڪري هن دنيا مان هليو وڃي.

پنجين کان_ سپ کان اڳ ڏينهن ٿيو ڪين رات؟

جواب: ڏينهن، پر اهو ڏينهن رات کان فقط هڪ ڏينهن اڳ پيدا ٿيو.

ڏهڙو جواب ٻڌي سڪندر جون وايون بتال ٿي ويون. هو وائڙن وانگر سنڌ جي قيدي براهمڻن ڏانهن نهاريڻ لڳو. انهيءَ تي براهمڻن کيس چيو تہ سڪندر! عجيب سوالن جا جواب بہ عجيب ٿيندا آهن.

ڇهين کان_ ماڻهو کيئن پاڻ کي سپني جو سڄڻ ثابت ڪري ٿو سگهي؟

جواب: طاقتمندي هوندي بہ نهنائيءَ ۾ نماڻائيءَ سان.

ستين کان_ ماڻهو کهڙيءَ ريت ديوتا ٿي سگهي ٿو؟

جواب: اهڙا ڪم ڪري جي انسانن لاءِ ناممڪن هجن.

اٺين کان_ حياتي وڌيڪ طاقت مند آهي ڪين موت؟

جواب: حياتي، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ هر طرح جي مصيبتن سهڻ جي طاقت موجود آهي.

نائين کان_ ماڻهوءَ کي ڪيستائين جيئرو رهڻ گهرجي؟

جواب: اوستائين جيستائين هو موت کي حياتيءَ کان وڌيڪ اتم نہ سمجهي.

جواب: ٻڌندي سڪندر دنگ رهجي ويو. پلا هن وقت تائين سندس لاڳاپو رڳو اولهہ جي ايران وغيره ملڪن سان پيو هو. ڪيس اها ڪل ئي ڪانہ هئي تہ ايشور هندستان ۾ سنڌ ۾ اهي ودوان پيدا ڪيا آهن جن پنهنجي ويد گيان سان سنسار کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. نيٺ سڪندر لاچار ٿي سنڌ جي انهن ٽورن قيدي براهمڻن کي انعام ڏيئي ڇڏي ڏنو.

ساڳيو ليکڪ پلو ٽارڪ پنهنجي ڪتاب جي 65 اڌياءِ ۾ لکي ٿو تہ سڪندر "ونسڪريٽس" نالي پنهنجي ماڻهوءَ کي موڪليو تہ هندستان جي ڪن پنڊتن کي گريس هلڻ لاءِ تيار ڪري. انهيءَ گريڪ سيناپتيءَ "ڪالا نوس ۽ ڊنڊمس" (ڊنڊي سوامي)ءَ کي هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ اوهين سڪندر سان گڏجي سندس ملڪ ڏانهن وڃو. انهن ساڏن پهريائين تہ انڪار ڪيو پر پوءِ تڪيشلا جي راجا آنيپيءَ جي چوڻ تي ڪالانوس سڪندر سان گڏجي هلڻ لاءِ تيار ٿيو. هن جو اصل نالو پلو ٽارڪ اسپنس لکيو آهي. انهيءَ ساڏوءَ سڪندر وٽ ايندي شرط هڪ وڌي ڪل گهرائي. هن ڪل جي هڪ ڪنڊ تي پير رکيو تہ باقي ٻيا تي پاڳا مٿي ڪڙا ٿي ٻيڻا. ٻيءَ ڪنڊ تي پير رکيائين، تہ باقي ٿي ڪنڊون مٿي ڪڙيون ٿي ٻيڻيون. نيٺ جڏهن اهو ساڏو ڪل جي وچ

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تي ٿي ٻينو تڏهن اها ڪل جيئن جو تيئن هڪ هنڊ ٻيني رهي. انهيءَ ڪرامت جي رستي اتر سنڌ جي انهيءَ ساڏوءَ، سڪندر کي اهو اپديش ڏنڻ ٿي گهريو ته هو پنهنجيءَ راجڌانيءَ ۾ ويهي چڱيءَ ريت نياءُ سان راج ڪري، نڪي هيڏانهن هوڏانهن دنيا جي ڪنڊ ڪنڊ ٻڌڪندو وتي.

ڊيوڊ ورس لکي ٿو ته (ڪتاب 17 اڌياءُ 107) سڪندر ڪلانوس کي پاڻ سان وٺي ويو. جنهن وقت هو ايران جي سوشيانا پرانت جي سرحد تي پهتو تنهن وقت هن ساڏوءَ هڪ عجيب نموني سان پنهنجو موت آندو! هن جي عمر 73 سال هئي ۽ آخر تائين هو آنند سان رهيو هو. هاڻي هو پنهنجيءَ حياتيءَ کي بار سمجهڻ لڳو. هن سڪندر کي چيو ته هڪ وڏي چڪيا تيار ڪئي وڃي جنهن ۾ هو پسم ٿيندو. سڪندر پهريائين ته انهيءَ ڳالهه کي قبول نه ڪيو پر پوءِ نيٺ قبول ڪيائين. هڪ وڏي چڪيا تيار ڪئي ويئي. انهيءَ غير معمولي ڳالهه کي ڏسڻ لاءِ هزارين ماڻهو اچي گڏ ٿيا. ڪالانوس نهايت گنڀيرتا سان اکيون بند ڪري پاڻ کي ٻرندڙ چڪيا ۾ پسم ڪري ڇڏيو. سڪندر کي هن لاءِ ڏاڍو قرب هو. ڪن ودوانن جو چوڻ آهي ته سڪندر جنهن وقت هندستان ڏانهن ڪاهه ڪرڻ لاءِ روانو ٿي ٿيو تنهن وقت سندس گيان گرو ائر سٽاٽل (ارسطوءَ) کيس چيو هو ته هندستان کان ڪنهن ودوان کي گريس ۾ وٺي اچج، جو اچي هتي جي ماڻهن کي آتم گيان ڏئي.

براهمڻن جي پکڙيل باه ڏسي سڪندر، بهاولپور، ملتان، الور جي مٿان مقرر ڪيل گورنر پيٿان Peithan کي وڏي لشڪر مان انهن کي دٻائڻ لاءِ روانو ڪيو.[23] گريڪ اتهاسڪارن جو چوڻ آهي ته سڃيءَ سنڌ جي مٿان مقرر ڪيل گورنر پيٿان کي روانو ڪري خود سڪندر ڪن وڏن شهرن تي ڪاهي پيو. جن مان ڪي شهر ته بنهه نابود ڪيا ويا ۽ ڪن کي سڪندر جي فوج وڃي هٽ ڪيو.

هتي ياد رکڻ گهرجي ته گريڪ اتهاسڪار، جنهن وقت ڪن شهرن جي نابودگيءَ جو ذڪر ڪيو، تنهن وقت انهيءَ جو اهو مطلب آهي ته انهن شهرن جي رهواسين جيئري سڪندر جي غلامي قبول نه ڪئي. هويا ته ماتر پوميءَ لاءِ لڙندي لڙندي ميدان جنگ ۾ ڪم آيا، يا ته ماڳهين ٻيو ڪو چارو نه ڏسي وطن جا وڻ ڇڏي ويا، پر سڪندر جي جهنڊي هيٺ رهڻ هنن قبول نه

ڪيو. نہ تہ ڪن شهرن تي قبضو ڪرڻ ۾ ڪن کي بنهہ نابود ڪرڻ جي ہي ڪا بہ معنيٰ نٿي نڪري.

گريڪ اتهاسڪارن جو چوڻ آهي تہ گريڪ سينا پتي پيٿان الور جي مهاراجا موڪيراج کي جنگ ۾ باندي بڻايو جنهن کي ڪيترن براهمڻن سان گڏ سڪندر جي آگيا سان قاسيءَ تي لٽڪايو ويو.[24] انهيءَ کان پوءِ سڪندر سنڌ جي ہي ڪيتري جاتي تي اوچتو حملو ڪيو. گريڪ اتهاسڪارن ان کي Oxykanos جي نالي سان سڏيو آهي. ڪريٽئس جو چوڻ آهي تہ هن جاتيءَ جي راج ۾ رهندڙ ڪن ماڻهن کي موسيڪني Musicani (موچيڪرڻ) چوندا هئا. Oxykanos کي پورٽيڪيمنس Porticamns ۾ رعيت کي پريستي Praesti (پرستي) چوندا هئا. گريڪ اتهاسڪار جي چوڻ موجب آڪسيدر ڪائي جاتيءَ کي قتل ڪيو ويو گريڪ سپاهين سنڌ واسي سينا سان پنهنجن زهري تلوارن سان مقابلو ڪيو. پر ڪن اتهاسڪارن جو چوڻ آهي تہ هن سنڌي جاتي کي باندي بڻايو ويو. هن جي ٻن مکيہ شهرن کي بنهہ نابود ڪيو ويو. انهيءَ ڪري باقي ٻيا شهر پاڻهي اچي پيش پيا.

هڪ ٻئي سنڌي جاتي، جنهن کي گريڪ اتهاسڪارن سئمباس Sambos (سواس) جي نالي سان ياد ڪيو آهي ۽ جنهن جي راڄڌانيءَ کي سنڌيمنا Sindhimana ڪري سڏيو آهي. ان جاتي سنبت انهن جو چوڻ آهي تہ خوف وچان بنا مقابلي وٺي ڇڪي ۽ آخر آڻ مڃائين. ڪن اتهاسڪارن جو چوڻ آهي تہ اهو سنڌيمنا شهر اڄ ڪلهہ جو سيوهڻ آهي. پر انهيءَ لاءِ ڪافي ثابتيون ميسر ڪين ٿيون ٿي سگهن. هاڻ سيوهڻ ۽ سنڌيمنا اکر جو ڦهريون اکر بيشڪ هڪجهڙو آهي. پر فقط انهيءَ سبب ڪري سنڌيمنا ۽ سيوهڻ کي هڪ سمجهڻ درست نہ ٿيندو. منهنجي نظر ۾ اهو سنڌيمنا شهر سنڌو نديءَ جي اوپر طرف هاڻوڪي نواب شاهہ ضلع ۾ ڪنهن هنڌ هوندو. هان، اهو بہ ممڪن آهي تہ سيوهڻ جو شهر سڪندر جي سمي ۾ اڄ ڪلهہ وانگر درياہ اولهہ بدران اوپر ۾ هجي. خير سنڌيمنا جي راجا يا ڪيترين سڪندر اڳيان سر جهڪايو. سڪندر هن هنڌ وري پنهنجي سچي صورت ڏيکاري. يعني جيڪي براهمڻ ڪيس سامهون نظر ٿي آيا تن کي تلوار جي گهاٽ تي ٻليدان

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڏينڊو ٽي ويو. اتهاسڪارن جو رايو آهي تہ فقط هاڻوڪي سنڌ جي حد ۾ سڪندر اٽڪل اسي هزار سنڌ واسين کي قتل ڪيو يا قاسيءَ تي چاڙهيو ۽ ايتري انداز کي ئي غلام بڻائي پاڻ سان وٺي ويو!!!

الور جي چڪرورتي مهاراجا موڪيراج کان پوءِ ڏکڻ سنڌ جو ٻيو مکيہ راجا هو جنهن کي گريڪن پٽاليني Patalene سڏيو آهي. ڇاڪاڻ تہ سندس راڄڌاني پتال شهر هو. هو سڪندر جي تنبوءَ ۾ لنگهي آيو ۽ اچي هن جي آڻ مڃائين. هتي ياد رکڻ گهرجي تہ پتال جي شهر جو جيڪو ذڪر اسان کي ملي ٿو تنهن مان ثابت آهي تہ اهو شهر درياهہ جي ڪپ ۽ سمنڊ جي ويجهو هو. ڪن اتهاسڪارن جو چوڻ آهي تہ سڪندر جي سمي ۾ هاڻوڪو حيدرآباد جو شهر سمنڊ جي ويجهو ۽ درياه جي ڪپ تي هو. انهيءَ ڪري هن کي پتال شهر سڏيو ٽي ويو. جو گهڻو پوءِ نيرن ڪوٽ يا نارائڻ ڪوٽ جي نالي سان پر سڏ ٿيو. سڪندر هن راجا جي وينتي قبول ڪئي. هن کي حڪم ڏنو ويو تہ تون سڪندر جي اسهڻ جي آجيان جون تياريون ڪر.

نيڪ انهيءَ وقت سڪندر جي سپ کان وڌيڪ وشواس پاتر سينا پتي ڪريتراس کي حڪم ٿيو تہ آرچوسيا Arachosia يعني قندار ۽ ڊرونگيانا Drongiana يعني سبيءَ جي رستي مان لنگهي ڪرمينيا ڏانهن روانو ٿيءُ. ڪريتراس کي طرح طرح جي سينا ڏني ويئي، بلڪ کي اهڙا بہ سپاهي ڏنا ويا جيڪي وڌيڪ وڙهڻ لائق نہ هئا. هن فوج سان کي هاٿي بہ هئا.

سڪندر شخصي ريت بحري فوج کي پنهنجي هٿ ۾ رکيو. باقي سڄي سينا جو نائڪ هيفئسشن Hephaistion مقرر ڪيو ويو. هو سنڌو نديءَ جي اوپر وارو ڪنارو ڏيئي هلڻ لڳو. ڪريتيراس، جنهن کي اپر سنڌ ۾ درياه جي اولهہ پاسي ڏانهن بدلي ڪيو ويو هو، سو درياه پار ڪري وطن ڏانهن رخ رکڻ لڳو. سيناپتي پيٿان کي گهوڙيسوار فوج ڏني ويئي، جيئن ڪن مکيہ قلع بند شهرن ۾ ڪڙي ٽيل بغاوت کي دٻائي امن امان قائم رکي ۽ آخر پتال (حيدرآباد) شهر ۾ اچي سڪندر سان گڏجي.

پتال شهر جنهن هنڌ تي اڏيل هو ان جي اهميت کي ڏيان ۾ رکي سڪندر پنهنجي مها سيناپتي هفئشن کي حڪم ڏنو تہ انهيءَ شهر ۾ هڪ وڏو قلعو ٻڌايو وڃي ۽ شهر جي آسپاس کوه کوٽايا وڃن. هن جي اها بہ

مرضي ٿي ته جنهن هنڌ سنڌو نديءَ مان ٻه ڦاٽ ٿا نڪرن اتي هڪ سهڻو بندر ٺهرايو ويجي. انهيءَ مراد سان ئي هو پنهنجي سر سنڌو نديءَ جي ٻنهي ڦاٽن جو سمنڊ تائين ڪنارو جاچيندو رهيو. هڪ ڦاٽ هاڻوڪي ٺٽي شهر جي ڏکڻ ۾ پنڌرهن ميلن جي مفاصلي تي ديول بندر وٽ سمنڊ ۾ ويجي ٿي ڇڙيو. ۽ ٻيو ڦاٽ وري هاڻوڪي امر ڪوٽ طرف ٿي ويو.

هتي مون کي ائين ٿو ڏسڻ ۾ اچي ته ٽرپارڪر ضلعي جي ايرندي ناري کي سڪندر سنڌو نديءَ جو هڪ ڦاٽ سمجهيو آهي، جو پراچين سمي ۾ ڪنهن وقت ڪنيات جي نار ۾ ويجي پيو. ۽ ٻيو ڦاٽ اهو ساڳيو آهي جيڪو ڪراچي ضلعي جي لاڑ ڊويزن مان ٽيندو مغل بين وٽ عربي سمنڊ ۾ ويجي ٿي مليو. مغل بين جو اهو شهر جتان بادشاه اڪبر جو سنڌي گورنر سمنڊ جو ديدار ڪندو هو. انهيءَ ڪري ئي هن شهر کي جو ڪنهن وقت سمنڊ جي ڪناري تي هو، تنهن کي مغل بين جو نالو ڏنو ويو. هيءُ شهر هاڻي سمنڊ کان گهڻو پري آهي، ڇاڪاڻ ته گذريل صدين ۾ سمنڊ پنڌ ٿي هٽي ويو آهي.

مان هن باري ۾ چوٽين پاڳي ۾ هلي وستار سان بيان ڪندس. باقي سنڌونديءَ جي ايرندي وارو ڦاٽ اهو آهي جنهن لاءِ نه ڪيول گريڪ بلڪ بين اتهاسڪارن به اهي اشارا ڏنا آهن ته ڪنهن پراچين سمي ۾ سنڌو ندي ڪنيات جي نار ۾ ويجي ڇڏندي هئي. جنهن درياه جي مڪيه ڦاٽ کي پراچين اتهاسڪارن سنڌو ندي سمجهيو آهي، سو اڄ ڪلهه جو شايد ايرندو نارو هجي، نڪي خود وڏو درياه، جو هاڻي گدوبندر کان وهي ويجي ٿو عربي سمنڊ ۾ پوي، ۽ جنهن تي ڪنهن وقت ديول جو بندر هو. ڪرٽيئس، سڪندر جي هن دلچسپ مسافريءَ جو چڱو احوال ڏنو آهي. سر ٿامس هربرٽ جو سترهين صديءَ ۾ سنڌ ۾ آيو، ان جو به چوٽ آهي ته سندس وقت ۾ ديول بندر ئي سمنڊ جو پهريون سنڌي بندر هو. اهو ديول بندر هن وقت ڏسڻ ۾ نٿو اچي. پر ودوانن جو چوٽ آهي ته اهو ديول بندر هاڻوڪي پير پٽي جي مقبري وٽ يا ان جي ٽورو ڏکڻ اوپر طرف بگهاڙ واه جي نزديڪ هوندو.[25] پر هيگ جو چوٽ آهي ته ديول بندر ٺٽي کان ڏکڻ اولهه اٽڪل ويهه ميل پري جي هاڻوڪن ڪنڍڙن وٽ هوندو.[26] منهنجي انومان موجب مسٽر هيگ درست آهي ۽ مسٽر راورٽيءَ جو انومان غلط آهي، جو اها به پل ٿو ڪري ته

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سر هربرٽ ڪو ولائٽ مان ايندي اول ديول Diul بندر تي لٿو. حقيقت ۾ هو سورت Swellay جي بندر تي لٿو هو.[27]

گريڪ اتهاسڪارن جو چوڻ آهي ته سڪندر پنهنجي سينا سان جڏهن ديول بندر وٽ آيو تڏهن سندس سپاهي عربي سمنڊ جي دهشت ڏسي ڏڪي ويا. پلا هنن ويچارن سانتيڪو پونوچ سمنڊ ڏٺو هو. ڪين عربي سمنڊ جي ڪرڙي نظر جي سمڪ ئي ڪانه هئي. پر نيٽ ڪن تيز ٻيڙن ۾ غورابن ۾ چڙهي سڪندر ڪلئي عربي سمنڊ تي اچي پهتو. اتان موتي سڪندر اچي ڏٺو ته پتال ۾ سندس چالو ڪيل ڪم گهٽي قدر راس ٿي چڪو آهي. انهيءَ بعد هن درياه وڏي جي ايرندي ڦاٽ جي چوڙڏانهن رخ رکيو.

ڪن اتهاسڪارن جو انومان اهو آهي ته سنڌو نديءَ جو ايرندو ڦاٽ هاٽوڪو ايرندو نارو آهي جو هاٽي ناري ڊويزن ۾ وهي ٿو. اهو انومان انهيءَ ڪري ڪيبو ويو آهي جو ڦليلي لاڙ ۾، نه ڪچ طرف وڃي ٿي چڙي. پر ممڪن آهي ته پراٽي ڦليلي سڪندر جي سمي ۾ لاڙ بدران ناري ۽ عمر ڪوٽ طرف ڏانهن وهندي هجي ۽ سمنڊ جي صورت هن وقت ڪان گهٽو ڦريل هجي. اتهاسڪارن جو چوڻ آهي ته درياه جو اهو ايرندو ڦاٽ جنهن هنڌ وڃي ٿي چڙيو ان ڪان اڳ ساماره نالي هڪ شاهي ڊنڊ هئي، جا عمر ڪوٽ ڪان اولهه طرف هئي. ايرين جو به چوڻ آهي ته اها ساماره ڊنڊ سنڌونديءَ جي ايرندي ڦاٽ جي چوڙ ڪان ٽورو اڳيان هئي.[28] انهيءَ ڊنڊ جي مٿان ٽهيل شهر منهنجي نظر ۾ هاٽوڪو ساماري جو شهر آهي. گريڪ اتهاسڪارن جو چوڻ آهي ته انهن ڏينهن ۾ سمنڊ هاٽوڪي جڳهه ڪان گهٽو اڳتي وڌيل هو ۽ هاٽي جنهن هنڌ ڪچ جو رڻ آهي، اتي سڪندر جي سمي ۾ سمنڊ هو جنهن ۾ سنڌو نديءَ جو ايرندو ڦاٽ وڃي ٿي پيو. خير سڪندر ساماري ڊنڊ جا سير ڪندو، ايرندي ڦاٽ جي چوڙ وٽان سمنڊ جو ديدار ڪندو، ٿي ڏينهن آرام ڪري وري پتال ڏانهن موٽيو. گريڪ اتهاسڪارن اهو به اشارو ڏنو آهي ته پتال بندر تي سڪندر بندر گوديون ٺهرايون. آخر پنهنجي فوج لاءِ چئن مهينن جو سمر گڏ ڪري، پنهنجي فوج کي ٻن حصن ۾ وراهي سنڌ مان ڪوچ ڪيائين. سڪندر جو بحري لشڪر سمنڊ جي رستي ايران جي نار ڏانهن روانو ٿيو ۽ پاڻ هاٽوڪي ڪراچي ضلعي ۽ لس ٻيلي جو رستو ڏيئي،

گدروشيا ڏانهن روانو ٿيو. گريڪ اتهاسڪارن جي گدر وشيا ملڪ کي هن وقت مشهور معروف مڪران جو علاقو ٿو سڏيو ويجي.

گريڪ اتهاسڪارن جو لکڻ آهي ته سڪندر پنهنجي بحري فوج ۾ پنهنجي مسافريءَ لاءِ نهايت هوشياريءَ سان رٿا تيار ڪئي هئي. هن پنهنجي بحري سپهه سالار Nearchos کي حڪم ڪيو هو ته تون يو فيرٽس نديءَ جي چوڙ تائين سمنڊ جون سپ حالتون جاچيندو اڇ ۾ جيڪي وڃ تي عجيب نوان ملڪ ڏسڻ ۾ اچن تن کان مون کي واقف ڪر. جيئن مان انهن جو به سير ڪريان.

سڪندر پنهنجي سر عيسوي سنه کان 325 سال اڳ آڪٽوبر مهيني جي شروعات ۾ وطن ڏانهن اسهيو. پر سندس بحري ڪمانڊر ہن ٽن مهينن تائين ديول بندر ۾ ئي رهجي پيو. جو ان وقت برسات سبب سمنڊ بلڪل کهرو هو. ائرسٽو بلس[29] جو چوڻ آهي ته سڪندر پتال ۾ جولاءِ يا آگسٽ مهيني ۾ آيو ۽ سندس بحري ڪمانڊر پتال مان آڪٽوبر مهيني جي 20 تاريخ ڌاري سنڌو نديءَ کان لنگر کنيو. يعني پتال ۾ سڪندر کي جهجهوئي وقت لڳو. هيڏانهن سڪندر جي بحري ڪمانڊر کي سنڌو نديءَ ۾ ئي ڪيترا ڏينهن لڳي ويا. نيٺ گهٽي مشڪلات کان پوءِ هن صحيح سلامت اچي سمنڊ تي پهتو. خراب هوائن لڳڻ سبب سڪندر جو بحري ڪمانڊر اٽڪل چوويهه ڏينهن سمنڊ جي ڪناري تي به رهجي پيو. جنهن ڪناري واري بندر کي هن "سڪندر جو سرڳ" نالو ڏنو. هن وقت سمنڊ جي صورت اهڙي ته بدلجي ويئي آهي جو چئي نٿو سگهجي ته اهو "سڪندر جو سرڳ" نالي سنڌي بندر کهڙي هنڌ هو. پر ايترو انومان اوس ڪڍي سگهجي ٿو ته اهو بندر هاڻوڪي ڪراچي بندر کان گهڻو پري نه هوندو.[30]

سڪندر جو بحري ڪمانڊر پنهنجي لشڪر سان ڏاڍي خبرداريءَ سان سمنڊ جو ڪنارو ڏيئي هلڻ لڳو ۽ هڪ سو ميلن جي مسافري ڪري نيٺ Arabis يعني هاڻوڪي حب نديءَ جي چوڙ وٽ پهتو. انهيءَ وچ ۾ سڪندر جي هن بحري فوج جو ڪاڏو ۽ منو پاڻي ڪٽي ويو. هتان اريتائي Areitai جاتيءَ جي سنڌ واسين جو ملڪ شروع ٿي ٿيو. جي هندستان جا سپ کان اولهه واري آزاد جاتيءَ جا ماڻهو هئا. اهو ملڪ حب نديءَ جي اولهه يعني

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مڪران ۾ آهي، جنهن ۾ سڪندر جي سمي ۾ سرويچ راجپوت رهندا هئا، جن جي نسل مان لومڙي جاتيءَ جا مڪراني ۽ ڪوٽري وغيره جي طرف جا ملڪ ايجان ۾ موجود آهن، مگر هاڻي انهن جو ڌرم اسلام آهي.

سڪندر جي بحري ڪمانڊر کي هتي پهچڻ سان معلوم ٿيو ته سندس بادشاه اريتائي قوم جي سنڌي راجپوتن کي ماري مات ڪرڻ لاءِ ليونيٽاس نالي سپهه سالار کي موڪليو آهي ۽ هن وقت انهيءَ ملڪ ۾ ميسيڊونين يعني گريڪ فوجن ۽ پڇمي سنڌين جي وڏي خونخوار لڙائي لڳي رهي آهي. گريڪ اتهاسڪارن جو لکڻ آهي ته انهيءَ لڙائيءَ ۾ اٽن هزار اريتائي سپاهين مان ڇهه هزار سپاهي سماپت ٿي ويا. سڪندر جي سينا جيتوڻيڪ ايتري قدر نه مئي، پر هن جا وڏا وڏا بانڪا بهادر سيناپتي ميدان ۾ مارجي ويا.[31] ڪن اتهاس ليکڪن اريتائي جاتيءَ جي ماڻهن کي آريا هندو مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته انهن جي ياشا ۽ ڪي ريتون رسمون پنهنجن پاڙيسري سنڌي آريا هندن کان جدا نموني جون هيون. ڊائڊوريس جو چوڻ آهي ته اهي اريتائي پنهنجن مري ويل ماڻهن جا لاش جهنگلن ۾ جانورن جي کائڻ لاءِ کڏي ڇڏا ڪندا هئا ۽ ٻين هندن وانگر ساڙيندا نه هئا. مان هن وشيه تي پهرئين پاڳي ۾ لکي آيو آهيان ته ڪنهن وقت آريا هندو پنهنجن مري ويلن جا لاش کليل ميدانن ۾ ڪٽي ڇڏيندا هئا. انهيءَ ڪري اريتائي جاتيءَ جي ماڻهن کي لاش نه جلائڻ ڪري غير هندو نٿو چئي سگهجي. هيڏانهن ساڳيا گريڪ اتهاسڪار لکن ٿا ته اهي ماڻهو ٻين سنڌ ۽ هندو واسين جهڙي پوشاڪ ۽ هٿيار ڪم آڻيندا هئا، جا ڳالهه منهنجي انهيءَ راءِ جي پنيرائي ٿي ڪري ته اريتائي جاتيءَ جا پڇمي سنڌي نج آريا هندو هئا.

هاڻي ڏسڻ گهرجي ته سڪندر پتال شهر مان ڪهڙي رستي کان ڳوٺ روانو ٿيو. مان هوند سڪندر جي ڪاه جو بيان هتي ئي بند ڪريان، پر جنهن صورت ۾ هن سرويچ بادشاه پتال کان پوءِ به سنڌ جي پراچين ڏکڻ اولهه سرحد تي رهندڙ ڪن آريا هندو قومن سان زور آزمائي ڪئي ۽ انهن جي تلوار جو مزو چکيو تنهن صورت ۾ سنڌ جي اتهاس کي پنهنجي شڪتيءَ آهر پوري ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته مان هن جي سنڌ ۾ ڪيل

سيني ڪارنامن جون ڳالهيون قلم جي حوالي ڪريان.

سڪندر جنهن وقت هندستان تي ڪاه ڪئي تنهن وقت هن جي اڳيان مصر جي راڻي سيميرامس ۽ سئرس جا مثال پيش هئا. هن انهن ٻنهي حاڪمن کان اڳتي قدم وڌائڻ ڪئي گهريو. اهو ئي سبب هو جو هن پنهنجي سر انهيءَ ساڳئي رستي کان وطن ورڻ جو پڪو ڦهه ڪيو جنهن رستي کان سنڌ جي سينا کان شڪست کائيندڙ راڻي سيميرامس ۽ سيرس موتي ماڳ ويا هئا. اتهاس ليکڪن جو چوڻ آهي ته "پنجاب کان سنڌونديءَ جي چوڙ تائين پنهنجي شاهي سينا سان گڏجي گهمڻ ۾ سڪندر جي فقط اها مراد هئي ته جيئن ڪيس هن ديس جي پوگول (جاگرافيءَ) جي خبر پوي." اهوئي سبب هو جو سڪندر پتال شهر کان سنڌونديءَ جي عربي سمنڊ واري چوڙ ۽ پتال شهر وٽان سنڌو نديءَ مان ڦٽندڙ ٻن مکيه ڦاٽن جي پنهنجي سر تپاس ڪئي. انهيءَ جاچنا ۾ هن جو گهڻو مطلب ڏسجي ٿو.[32]

مٿي لکيو ويو آهي ته سڪندر جو بحري ڪمانڊر سڌائي هوا جي انتظار ۾ ڪي ڏينهن پنهنجي فوج سان پتال ۾ رهجي پيو. پر سڪندر هڪدم پنهنجي پيدل ۽ گهوڙيسوار سينا سان ڪوچ ڪيو. هو سمنڊ جو ڪنارو ڏيئي هلڻ لڳو. انهيءَ لاءِ ته هو ڪناري واري زمين تي سولائي سان ڪوه ڪوٽائي پنهنجي فوج لاءِ پاڻي ميسر ڪري سگهي. انهيء رستي کان وڃڻ ۾ سڪندر جو پيو اهو به مطلب هو ته جيئن هو سنڌ جي انهيءَ پرڳڻي ۾ رهندڙ اريتائي جاتيءَ جي آزاد ملڪ تي اوچتو حملو ڪري. ڇاڪاڻ ته انهيءَ سورويڙ سرويچ قوم سڪندر تي ڪابه فلڪ نٿي آندي.[33]

> "اڳتي وڌڻ کان پوءِ سڪندر کي اڳيان ارابيس Arabius (حب) نالي ندي لنگهڻي پيئي. جنهن ۾ ان وقت بلڪل ٿورو پاڻي پئي وهيو. حب ندي لنگهي رات ئي رات جو رڻ پٽ جو وڏو حصو لتاڙي سڪندر ۽ سندس سينا وسندڙ ملڪ ۾ اچي پهتي. هتي سڪندر پنهنجي پيدل سينا کي ٽولين ۾ پکڙجي وڃڻ جو حڪم ڏنو ۽ رسالي کي پاڻ سان وٺي روانو ٿيو. ائين ڪرڻ ۾ هن جي اها مراد هئي ته جيئن سندس لشڪر سنڌ جي هن پرڳڻي جي وڏي ياڳي ۾ پکڙجي وڃي. جن سنڌواسين يعني اريتا ئي جاتي جي ماڻهن

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مقابلو ڪيو. انهن کي سڪندر جي گهوڙيسوارن قتل ڪيو. باقي ٻين کي جيئري قابو ڪيو ويو." [34]

ڪن اتهاسڪارن، جهڙوڪ سر ٿامس هولڊچ[35] ۽ ڊاڪٽر ڪنگهام[36] جو رايو آهي ته ايرين جو ذڪر ڪيل ارابيس ندي پورابي نالي ندي آهي جا لس ٻيلي جي ڏکڻ ۾ آهي. پر ايرين جو لکي ٿو ته سڪندر ارابيس ندي لنگهي بيابان ۾ آيو ۽ راتواه اهو بيابان لتاڙي هڪ وسندڙ هنڌ اچي پهتو. تنهن مان ظاهر آهي ته اها ندي پورالي نه پر حب هوندي، جنهن کان پوءِ ئي بيابان جو وڏو ٽڪر اچي ٿو.

انهيءَ کان پوءِ گريڪ اتهاسڪار چون ٿا ته، "سڪندر هڪ ننڍي پاٽيءَ جي وهڪري وٽ منزل هڻي وينو جتي ساٺس هفئسشن نالي سيناپتي اچي گڏيو. سر آريل استين جو چوڻ آهي ته اهو هنڌ سرندا نالي هاٽوڪي ڏنڊ هوندي، جتان ٻيلي ڏانهن سڌو رستو ٿو ويجي."

اها ڳالهه يا رکڻ گهرجي ته سڀ گريڪ اتهاسڪار، سڪندر جي سنڌ واري هن پاڳي جي ڪاهه جو هڪجهڙو ذڪر نٿا ڪن. ڪرٽيئس جو چوڻ آهي ته،

"سڪندر پنهنجي بحري لشڪر کان (پتال وٽ) جدا ٿي اربائيٽس ۽ ڪوڊروسو ميدانن مان لنگهي انهيءَ ندي‌ءَ وٽ پهتو جنهن کي ديسي ماڻهن اريس ٿي سڏيو. ان کان پوءِ اهڙي زمين هئي جنهن ۾ نه پاٽي هو ۽ نه وسنئوَ هئي. انهيءَ زمين کي پار ڪري هو هورائٽي پرانت ۾ گهڙيو. هتي هن پنهنجي فوج جو وڏو حصو هفئسشن جي حوالي ڪيو ۽ باقي لشڪر پنهنجي، ٽالمي ۽ ليونيٽس جي ڦريو ۽ ڪيتري ملڪيت هٿ ڪئي. ٽالمي سمنڊ جي ڪناري واري ملڪ تي حملو ڪيو ۽ خود بادشاه ۽ ليونيٽس ملڪ جي اندرئين حصي تي ڪاهه ڪئي. هن هنڌ ٻه سڪندر هڪ شهر وسايو جنهن ۾ اراچيشن Arachasians جي ماڻهن کي رهايائين." [37]

ساڳئي ليکڪ جو چوڻ آهي ته پتال يعني حيدرآباد کان وٺي اربيس يعني حب ندي‌ءَ تائين پهچڻ ۾ سڪندر کي ٽيويهه ڏينهن لڳي ويا. ڊاڊوريس سنڌ جي اڃوڪي سڃي پاڳي مان سڪندر کي هٿ آيل جنهن ملڪيت ۽

ناٽي جو حساب ڏنو هو. ان جي پڙهڻ مان معلوم ٿو ٿئي ته ڪراچيءَ جي اتر اولهه واري لس ٻيلي جي پاڳي ۾ جتي هن وقت سچ پيئي واڪا ڪري ۽ ڪن ڪوهن ۾ خير ڪو ماڻهو نظر ٿو اچي، اتي سڪندر جي سمي ۾ چگي خاصي آبادي ۽ وسنئن هوندي، ۽ اهو ملڪ چگو شاهوڪار ۽ مالدار هوندو.

مٿي ذڪر ڪيل ڪرتيس نالي گريڪ اتهاسڪار جي ڊائڊورس به پنيرائي ٿو ڪري. هو لکي ٿو ته،

"خشڪ بيابان لتاڙي سڪندر اريتائي جاتيءَ جي هندواسين جي ملڪ ۾ پهتو. هتي هن پنهنجي فوج کي ٽن حصن ۾ وراهيو. هڪ حصو ٽالميءَ جي حوالي ڪيو ويو جنهن سمنڊ جي ڪناري واري حصي تي ڪاهيو. ٻيو حصو ليونارڊ جي حوالي ڪيو جنهن اندرئين پاڳي تي ڪاهيو. ۽ ٽئين حصي سڪندر جي اڳواڻيءَ هيٺ ٽڪرائتي ملڪ تي ڪاهه ڪئي." (38)

ايرين جو لکڻ آهي ته،

"هفئسشن نالي سيناپتيءَ سان گڏجي سڪندر اريتائي جاتيءَ جي رام بڪيا نالي وڏي ۾ وڏي ڳوٺ ۾ اچي پهتو. جنهن هنڌ تي اهو ڳوٺ هو. سو سڪندر کي ڏاڍو وڻيو. هن خيال ڪيو ته انهيءَ هنڌ جيڪو شهر وسايو ويندو سو جلد ئي وڏي ويندو. انهيءَ تي هن پنهنجي هفئسشن سيناپتيءَ کي انهيءَ هنڌ تي شهر وسائڻ لاءِ چڏيو." (39)

ايرين جي گرنٿ ۾ رام بڪيا شهر جو جيڪو بيان آهي، تنهن مان سمجهجي ٿو ته اهو شهر هاٽوڪي ويل پٽ ۽ ٻيلي جي شهر پرسان ڪنهن هنڌ هوندو. باقي ڪنهن خاص هنڌ ڏانهن اشارو ڪري پڪ سان نٿو چئي سگهجي ته انهيءَ هنڌ ئي سڪندر نئين شهر جو حڪم ڏنو. البت ٻيلي جو هاٽوڪو شهر هڪ وڏي ڏڙي تي ٺهيل آهي، ۽ هيءُ اهو شهر آهي جنهن کي محمد بن قاسم جي زماني جي مسلمان اتهاسڪارن ارمبيل جي نالي سان لکيو آهي. هتان محمد بن قاسم ڪران مان لنگهي سنڌ تي ڪاهه ڪئي، پر اهو شهر سڪندر جي سمي جو جهونو شهر نٿو چئي سگهجي. سر آريل استين جو چوڻ آهي ته:

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

”ٻيلي شهر جو اتر اوپر ۾ ٽن ميلن جي مفاصلي تي ٻه ميل پراچين ڏڙا آهن، ۽ انهن جي ڪوٽائي ڪندي معلوم ٿيو ته اهي ٻن هزارن ورهين جا جهونا آهن، پر انهيءَ مان انهن وقت کان اڳ جون ڪي ٻه نشانيون ڪين مليون. پير ڪڙئي جي قبر جي ويجهو ٻه هڪ ڏڙو آهي جتان بلڪل آڳاٽي سمي جي برتڻن جا ٽڪر ڏسڻ ۾ اچن ٿا. انهيءَ ڏڙي مان ساسانين راڄ جا ڪي چانديءَ جا سڪا ٻه لڌا آهن.“[40]

ممڪن آهي ته انهن ڏڻ مان ڪنهن هڪ ڏڙي تي سڪندر جي حڪم سان نئون شهر اڏيو ويو هجي.

اريتائي جاتيءَ جي راڄڌاني رامبڪيا جي نالي سان ان جي ڪنهن خاص هنڌ تي هجڻ جي خبر ڪانه ٿي ملي. سڄي لس ٻيلي ۾ هن وقت ڪوٻه اهڙو ڳوٺ نٿو ملي جو هن ڳوٺ جي نالي سان تعلق رکندڙ هجي. البت جنرل ڪننگهام ۽ ان جي پٽيان سر ٿامس اهو انومان ڪڍيو آهي ته ڪراچيءَ وارو رام باغ اڪر سڪندر جي سمي رامبڪيا نالي سان ملي ٿو اچي.[41] انهيءَ انومان ڪيڙ جو انهن مشهور اتهاسڪارن کي اهو سبب ڏسڻ ۾ آيو جو لس ٻيلي جي انهيءَ حصي جي ٽورو پريان هنگلاج نالي هنڌن جو بلڪل پراچين تيرٿ آستان آهي. باقي رام باغ نالو گهڻو پوءِ جي زماني جو آهي.

ايرين لکي ٿو ته هفئسشن کي نئين شهر جي سپرد ڪري سڪندر پنهنجو لشڪر وٺي اريتائي ۽ مڪران جي انهيءَ حد تي آيو جتي سنڌ واسي اريتائي ۽ ٻين مڪرانين گڏجي سڪندر سان مقابلي ڪرڻ جا سانباها ڪيا هئا. پر جنهن وقت انهن کي سڪندر جي نزديڪ اچڻ جي خبر ملي تنهن وقت هو پڇي وڃي ڪنهن پوشيدي هنڌ تي لڪا. باقي سنڌ واسي اريتائي جاتيءَ جي مکيه سردارن سڪندر جي اڳيان اچي آڻ مڃي.[42] سر استِن جو چوڻ آهي ته هيءُ اهو هنڌ آهي جتي هاڻي قلات جي رياست ۽ لس ٻيلي جي رياست جون حدون اچي ٽيون هڪ ٻئي ۾ ملن ٿيون. اتي جنگ لڳي ته مقامي فوج جا هزارين پيدل ۽ ٽي هزار گهوڙيسوار مئا، ۽ سڪندر جا 80 پيدل، 10 گهوڙيسوار ڏنش ڏاري، 20 گهوڙيسوارن جا رڪيڪ ۽ 200 ٻيا رواجي گهوڙيسوار مئا.“ يعني سڪندر جا فقط 310 ماڻهو مئا.[43]

وري اچرج جي اها ڳالهه آهي جو خود ايرين جي لکڻي موجب انهيءَ لڙائيءَ ۾ ڪنهن جي به مڪمل جيت ڪانه ٿي، يعني نڪي سڪندر ڪٽيو نڪي پوئرش.

ياد رکڻ گهرجي ته مٿين ڳالهه هڪ انهيءَ گريڪ اتهاسڪار لکي آهي جنهن کي ٻين کان وڌيڪ وشواس پاتر سمجهيو ٿو وڃي ۽ جنهن جي آڌار تي ئي پڇم جي اتهاسڪارن سڪندر جي ساراه جون سرڪيون پريون آهن. انهيءَ کري سنڌ يا هند واسين کي سڪندر جو مهت ۽ شان ايترو نه سمجهڻ گهرجي جيترو هاڻوڪا پڇمي ليکڪ ٿا ٻڌائين. سڪندر کي خود به پنهنجي ساک جي وڌاءُ ڪرڻ جو مرض هو. پلوٽارڪ لکي ٿو ته:

"To exaggerate His glory with posterity".(44)

هيءُ جو ڪن پڇمي ۽ ڪن مسلمان اتهاسڪارن لکيو آهي ته سڪندر پنهنجي سر گنگا ۽ جمنا نديءَ واري پرانت ڏانهن وڌڻ لاءِ آتو هو پر سندس سينا ٽڪجي پيئي. يعني هندستان ۾ پنجاب کان اڳتي نه وڌڻ جو بوجو سڪندر جي غريب سپاهين تي مڙهيو ٿو وڃي، سوبه اجايو آهي. حقيقت ۾ راجا پوئرش جي پنجابي ۽ ملتان جي مالو جاتيءَ جي سنڌي سوروين جي تلوار جو خونخوار کيل ڏسي سڪندر جو جوش ڍرو ٿي ويو. هوڏانهن گنگا جي ڪناري تي Gandaritan ۽ Praesian جاتيءَ جي ٻن راجائن جا اسي هزار گهوڙيسوار، ٻه لک پيدل ۽ هزار باهٽيار رٿ ۽ ڇهه هزار فيل مست يعني هاٿي سڪندر کي مزو چکائڻ لاءِ ٻينا هئا.(45) ۽ سڪندر جي سينا انهن سان سينو سهائڻ ۾ اسمرٿ هئي. ممڪن آهي ته خود سڪندر جي همٿ به ٽٽي پيئي هجي. پر انهيءَ ڪلنڪ لاهڻ لاءِ سندس گريڪ اتهاسڪارن واپس موٽڻ جو سڃو بار ڪٽي غريب سپاهين تي وڌو.

ساڳي ڳالهه سنڌ جي سوروين سان مقابلي نسبت سمجهڻ گهرجي. گريڪ اتهاسڪارن جي لکڻ موجب سواءِ ملتاني سنڌين جي باقي سنڌي سڪندر جي اڳيان جڪ گڏڻ ٿيا.

حقيقتون ۽ حالتون مغربي ليکڪن جي بيانن جي برخلاف آهن. جستن جهڙي جهوني ليکڪ ته عجب ۾ پئجي لکيو آهي ته جنهن صورت ۾ ملتان جي قلعي ۾ سڪندر کي هڪ خوفناڪ پاڻ ڇاتيءَ ۾ لڳو ايتري قدر جو هو

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

بيهوش ٿي ويو جنهن کان پوءِ سنڌي سورمن مٿس لوهہ جي گدائن سان حملو ڪيو ۽ تنهن حالت ۾ سڪندر ڪيئن جيئرو رهي سگهيو. جستن کي ته اهو شڪ آهي ته سڪندر ملتان جي سنڌين هٿان مارجي ويو هوندو.

سنسڪرت جي مشهور يوگہ آچاريہ پتنجليءَ يوگہ سنڌ واسي ڪيدرڪن ۽ سڪندر جي لڙائيءَ جو بيان قلم بند ڪندي صاف لکيو آهي ته "ايڪاڪ يي ڪيدر ڪئور جتم" يعني ملتان جي مالون ۽ ان جي آسپاس رهندڙ ڪيدرڪن پاڻ ۾ گڏجي سڪندر جو مقابلو ڪيو ۽ ڪيدرڪن سڪندر کي شڪست ڏني.[46]

سڪندر جي ديس واسي اتهاس ليکڪن جيڪو احوال پنهنجن ڪتابن ۾ لکيو آهي، تنهن ۾ بہ هو اڻ سڌيءَ طرح ائين لکي ويا آهن جنهن مان اها ڳالهہ ثابت ٿي ٿئي ته سنڌ واسين جيڪڏهن سڪندر کي شڪست نہ ڏني ته هنن سڪندر کان شڪست بہ نہ کاڌي. ملتان جي مالون ۽ ڪيدرڪن جي سڪندر سان ٿيل جنگ جو احوال ڏيڻ بعد ميسيڊونيا جي مورخن لکيو آهي ته:

> "انهن ۾نهي (سنڌواسين) ڪيترين جا هڪ سو ايلچي رئن تي چڙهي سڪندر وٽ آيا. انهن جو بدن ۽ ٻيهڪ تپرس ۾ وجهندڙ هئي ۽ سندن چهري مان گنڀيرتا ۽ ظاهر ٿي ٿي. هنن جي بدن تي جيڪي ڪپڙا پيل هئا، انهن جي ڪناري سونهري ۽ واڱڻائي رنگ جي هئي، جا چمڪي پئي. هنن صاف چيو ته اسين ديوتائن جو رخ ڏسي اوهان وٽ آيا آهيون. باقي ڌپ وچان ڪين آيا آهيون. هنن ائين بہ چيو ته اسان کي پنهنجي آزادگيءَ تي فخر آهي جنهن کي اسين صدين کان قائم رکندا ٿا اچون."

ياد رکڻ گهرجي ته، "سڪندر ويڑ ونندڙ ضدي ماڻهو هو. جنهن قوم سندس مقابلو ڪيو انهن کي هن ڏاڍو ستايو. پر ملتان جي مالوين ۽ ڪيدرڪن جي ايلچين سان هن تمام سڻي هلت ورتي ۽ کين غير معمولي آجيان ڏنائين. هن، انهن ايلچين کي هڪ شاهي پارٽي ڏني. هڪ هڪ ايلچيءَ کي وهڻ لاءِ هڪ هڪ سونو ڪوچ ڏنو ويو. انهن ڪوچن جي چوگرد سونهري ۽ واڱڻائي رنگن جا سهڻا پڙدا ٽنگيل هئا.[47] سڪندر انهيءَ محفل

۾ ناچ ۽ گانو بہ ڪرايو ۽ ايلچين کي عجيب نموني جو شراب پياريو.“

مان پڇڻ ٿو گھران تہ ھڪڙي نموني جو بيان چا ٿو ڏيکاري؟ جيڪڏھن سڪندر سچ پچ ملتان يعني پراچين اتر سنڌ جي مالون ۽ کيدرڪن کان کٽيو ھجي ھا، تہ پوءِ ملتان ۾ مالون جي ھٿان ذري گھٽ مارجي وڃڻ کان بچندي، ھو انھن سنڌين سان ھڪڙي سھٽي ھلت ڪيئن ونڊي ھا؟ ھو تہ ھڪ سخت بي رحم انسان ھو، جا ڳالھ الور جي اسي ھزار براھمڻن کي قتل ڪرائڻ مان بخوبي ظاھر ٿي ٿئي. سڪندر جي سنڌواسي ايلچين سان ورتل مٿين فراخدلانہ ھلت ئي ثابت ٿي ڪري تہ ھن اتر سنڌ واسي کيترين کان کٽيو نہ، بلڪ انھن سان دوستي ڳنڍي.

ڏسڻ گھرجي تہ ملتان مان جيئرو ڇڏي سڪندر سچ پچ سنڌ تي ڪا فتح پاتي؟ ھڪ ڳالھ خاص ڏيان ۾ رکڻ گھرجي تہ سڪندر سنڌ کي فتح ڪرڻ نہ آيو ھو. ھن جي نظر ھندستان جي ٻين پاڳڻ تي ھئي. ھن سنڌ ڏانھن فقط پنھنجي وطن ڏانھن ورڻ سبب لاڙو ڪيو. ھن جي اھائي خواھش ھئي تہ سنڌوندي‌ءَ مان غورابن رستي سمنڊ تائين پھچان ۽ پوءِ سمنڊ جي مسافري ڪري بيبيلونيا ڏانھن روانو ٿيان. ھن جي اھڙي خواھش ڏسي سنڌ جي راجائن ھن کي خوشي‌ءَ سان سنڌوندي‌ءَ مان لنگھي وڃڻ جي اجازت ڏني ھوندي. پر پوءِ ڏسجي ٿو تہ الور جي راجڏاني‌ءَ جي سونھن ۽ ملڪيت ھن بادشاہ کي بي ايمان بڻائي ڇڏيو ۽ ھن اوچتو ڪيتي ھاري ڪنڊڙ راجپوت ويرن تي حملو ڪيو. اھا ڳالھ ڏيان ۾ رکڻ گھرجي تہ اڳئين زماني جا جنگي سپاھي گھرج يعني جنگ جي وقت کان سواءِ ٻين وقتن تي پيٽ گذران ڪرڻ لاءِ ڪيتي‌ءَ جو ڏنڏو ڪندا ھئا، ۽ جنھن وقت راجا کي سندن گھرج ٿيندي ھئي تنھن وقت سڏ ٿيڻ تي ھو ھليا ايندا ھئا.

پر ھتي الور جي راجا کي سڪندر سان وڙھڻ جو ڪوبہ خيال ڪونہ ھو. جنھن ڪري ھو پنھنجن سپاھين کي ھڪ ھنڌ گڏ ڪري نہ سگھيو. اھو موقعو ڏسي سڪندر الور جي مھاراجا موڪيراج تي حملو ڪيو ۽ ھن کي آڻ مجڻ لاءِ لاچار ڪيو. پر پوءِ براھمڻن جي بغاوت پيدا ڪرڻ تي سنڌ جي سورمن سڪندر کي پنھنجي تلوار جا جوھر ڏيکاريا ۽ سڪندر پنھنجو منھن ونڊي لوئر سنڌ ڏانھن روانو ٿيو.

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اچو ڏکڻ سنڌ تي. سنڌ جي هن حصي ۾ قدم رکندي سڪندر جيڪو هتيا ڪاندِ يعني ماراماري ۽ خونريزي ڪئي سا دنيا جي اتهاس ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سڄي سنڌ ان وقت براهمڻن جي اثر هيٺ سڪندر جي خلاف ٿي بيٺي هئي. جنهن ڪري جڳهه جڳهه تي جتي سڪندر کي ڪو براهمڻ ٿي مليو تنهن کي هن قاسي ڏيئي عام لنگهه جي رستن تي ٽنگي ٿي ڇڏيو! شهرن کي باهيون ڏيڻ، بي هٿيارن، زالن ۽ ٻارن سان وڙهي گريڪ فوج سنڌ ۾ پاڻ کي ڪافي بدنام ڪيو. انهيءَ ڪري جنهن وقت سڪندر پتال (حيدرآباد) شهر ۾ پهتو تنهن وقت ڪيس سڄو شهر سڄو نظر آيو.هن سڄي شهر ۾ ڪاڌي جي ڪابه شي ڪانه ڏني. اتي گريڪ فوج اچي بک وگهي مرڻ لڳي. نيٺ ٻيو ڪو چارو نه ڏسي سڪندر ڪاٺ جون ڪي ٻيڙيون ٺهرائي سيپٽمبر جي مهيني ۾ سمنڊ جي ڪناري تي پهتو. اتي به ڪيس پڳوان پاپن جو بدلو ڏنو. جنهن ڪري هو موٽي وري پتال شهر ۾ آيو. نيٺ سڪندر مڪران جي رستي روانو ٿيو جتي اريتائي جاتيءَ جي راجپوتن سان سندس سخت مقابلو ٿيو. هن اپالوفينسن نالي پنهنجي هڪ ايلچيءَ کي اتي رکي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪئي ته مڪراني راجپوتن ان کي قتل ڪري ڇڏيو. جنهن ڪري سڪندر جي سينا کي کاڌو نه ملي سگهيو. ڏينهن جا ڏينهن سڪندر جي سينا بنا کاڌي ڦٽڪڻ لڳي. گهوڙا مرڻ لڳا جنهن ڪري گريڪ سپاهين ماڳهين انهن کي کائي پيٽ پرڻ شروع ڪيو. اڳتي وڌندي گريڪ سپاهي بک جي وگهي رڄ پٽ ۾ انڊا ٿي ڪرڻ لڳا. اتي سڪندر جي سينا ۾ بخار ٻه اچي پيدا ٿيو. ٻئي پاسي مڪران جي رڄ پٽ ۾ رهندڙ راجپوتن لکي لکي سڪندر جي سپاهين تي زهر ۾ ٻڏل تير ڇوڙڻ شروع ڪيا، جنهن ڪري هزارين ماڻهو موت جو شڪار ٿيا. سڪندر جو سڄو خزانو لٽيو ۽ ڦريو ويو.

مڪران جي ريگستان ۾ ان زماني ۾ هڪ زهريلو وڻ ٿيندو هو. سڪندر جا سپاهي کاڌي لاءِ ٻيو ڪجهه نه ملڻ تي انهيءَ درخت جا پن پٽي کائڻ لڳا، جنهن ڪري اتيئي ٽنگون ٽيڙي پئجي رهيا.هزارين سپاهي مڪران جي سڙندڙ واريءَ تي ڪري ساهه ڏيڻ لڳا. هنن جي ساٿين وري انهن ڏانهن منهن ورائي ٻه نٽي نهاريو. ڪنهن هنڌ جيڪڏهن پاڻي مليو ٿي ته

گريڪ سپاهين ايترو پيٽ ڏلهي ٿي پيتو جو اتي جو اتي مري ٿي ويا. برابر ٻه مهينا انهن آفتن مان پار ٿيندي نيٺ سڪندر ايران جي سرحد ۾ پهتو.

مٿيون ڳالهيون جيتوڻيڪ مغربي اتهاسڪارن مان ٻه ڪن قبول ڪيون آهن پر اڃ سڌيءَ طرح. هنن نه سڪندر کي هڪ لاثاني سورمو ۽ ايشيا کنڊ جو شهنشاهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر ايرين چوي ٿو ته "سڪندر ڪٽي هندن (سنڌ) جا ڪي شهر هٿ ڪيا، مگر سندس دشمن اجيت ئي رهيا، يعني انهن سڪندر جي بنهه آڌ نه مڃي."

ايران جي هاڻوڪي زماني جي "حسن پيرنيا" نالي هڪ مشهور اتهاسڪار "ايران_ باستان" نالي هڪ ڪتاب پنهنجي ملڪ تي لکيو. انهيءَ ڪتاب جا ٽي جلد آهن، جي باريڪ ڪوجنا سان پريل آهن. هن سڪندر جي ڪارنامن تي راءِ زني ڪندي لکيو آهي ته:

"سڪندر جي اتهاس ليکڪن، جن پيٽ پري سندس ساراهه ڪئي آهي. تن لکيو آهي ته سڪندر عقلمند، بهادر، بي ڊپو نازڪ وقت تي دليرِ، ڏيرج وارو، پراميد ۽ ناموس جو بکيو هو. هن جا خيال ايڏا ته اعليٰ هئا جي ڪنهن وقت چريائيءَ کي ٿي پهتا. پر حقيقت ۾ سڪندر هنيلو، شرابي، نيٺ ڪروڌي، ايماني، باغي، بدمزاج، خوني ۽ بي رحم هو. زالن ۽ مردن کي مارڻ، ٻالڪن ۽ ٻڍن کي غلام بڻائي وڪڻڻ، شهرن کي ڦرڻ ۽ ساڙڻ هن جا عام رواجي ڪم هئا.

"جيڪڏهن هن جي ڪمن تي ويچار ڪيو وڃي ته سوال پيدا ٿيندو ته هن ڪروڙن انسانن جو خون وهائي پنهنجي ملڪ کي ڪهڙو فائدو پهچايو؟ ڪوبه نه. چاڪاڻ ته هن ايران حبش ۽ هندستان جي ماڻهن کي ڪڏهن دغا بازيءَ سان ۽ ڪڏهن ويساهه گهاتيءَ سان ماريو. سندس ٻه هزارين سورما مري ويا. ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي ته هو جلد مري ويو نه ته دنيا لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪري وڃي ها. پر اهو خام خيال آهي. هو جيڪڏهن پنجاهه سال ٻه جيئرو هجي ها ته ٻه هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ تي حملا ڪندو وتي ها ۽ انهن حملن ۾ يا ماريو وڃي ها يا ماري وڃي ها. ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي ته سوگد ۽ هندستان جي ڪن ماڻهن هن جي خلاف بغاوت ڪئي، انهيءَ ڪري هن انهن تي حملو ڪيو. پر وديسين کان

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پنهنجي ماتر پومي جي رکيا ڪرڻ بغاوت نہ آهي. جيڪڏهن هن هندستان جي سرحدي راجا آنيءَ ۾ پورس سان چگو سلوڪ ڪيو تہ انهيءَ ۾ سندس ئي فائدو هو ۽ هن اهو سلوڪ انهيءَ ڪري ڪيو تہ متان هندستاني غصي ۾ اچي سندس ڪنڌ ڀيچي ڇڏين.“ (48)

مٿئين هڪ غير واسطيدار ۽ بي رياءِ مشهور مسلمان تواريخ نويس جي راءِ مان ظاهر آهي تہ سڪندر کي مغرب جا ليکڪ جيڪا اهميت ٿا ڏين سان مشرق جا ليکڪ نٿا ڏين. هو مغربي مورخن جي نظر ۾ هڪ اعليٰ انسان آهي، مگر مشرقي اتهاسڪارن جي نظر ۾ سڪندر هڪ ڏاڙيل، دغاباز، فريبي، ڪوڙو ۽ بداخلاق انسان آهي.

منيندر:

سڪندر کان اڳ هڪ صدي پوءِ، بئڪتريا جي بادشاهہ يوڪريتائيڊس Eukratides جي پٽ منيندر، ڪابل ۽ پنجاب جي رستي سنڌ ۽ هند تي ڪاهيو. ڪئسپن سمنڊ جي ڏکڻ اوپر وارو پرٿيا ديس ۽ بئڪتريا عيسوي سنہ کان اڳ سي سال اڳ سيلوڪس نڪاٽر جي حڪومت ۾ شامل هئا. اهي پوءِ آزاد ٿي ويا ۽ انهن تي گريڪ جاتيءَ جي ڪن راجائن راج شروع ڪيو جو افغانستان جي حد سان اچي ٿي مليو. راجا منيندر انهن گريڪ راجائن مان هڪ هو جنهنجي راڄڌاني ڪابل ۾ هئي. هن سڪندر جيان هندستان تي حملي ڪرڻ جون وڏيون رٿون رٿيون هيون، ۽ انهن رٿن موجب هن ڪابل پنجاب، سنڌ، ڪاٺياواڙ، مٿرا، مڌيمڪا (نگري شهر جو هن وقت چتوڙ جي پرسان ڪنڌر جي صورت ۾ آهي) ساڪيتم يعني ڏکڻ آئوڌ ۽ پاٽليپتر تي ڪاهون ڪري اهي ملڪ هٿ ڪيا. انهيءَ سمي ۾ هندستان جي چڪر ورتي راجائن مان مهاراج پشيہ متر مگڌ تي راج ڪندوهو. منيندر جنهن وقت اتر هندستان هٿ ڪري اوپر طرف بهار پرانت يعني مگڌ ڏانهن رخ ڪيو تنهن وقت مهاراجا پشيہ متر جي سينا اڳتي وڌي تہ ڪيول سندس مقابلو ڪيو بلڪ جنگ جي ميدان مان ئي ڪيس هڪالي ڇڏيو. اتهاسڪارن جو چوڻ آهي تہ هو اپرندي ۽ اتر هندستان مان جيتوڙيڪ جلد تڙيو ويو، پر پنجاب، سرحد ۽ سنڌ تي هن چگو وقت راج ڪيو.

منيندر کهڙي سمي ۾ هند ۽ سنڌ تي ڪاهه ڪئي، تنهن نسبت جدا جدا ودوانن جا جدا جدا رايا آهن. باقي انهيءَ ڳالهه ۾ سڀ ودوان يڪراءِ آهن ته هو سنسڪرت جي مشهور يوگ آچاريه پتنجليءَ جي وقت ۾ هندستان ۾ آيو. باقي پتنجلي ڪڏهن پيدا ٿيو تنهن نسبت ودوانن جو پاڻ ۾ مت پيد آهي.انهيءَ باري ۾ هڪ طرف ويبر ۽ ٻئي طرف ڊاڪٽر پانڊارڪر ۽ گولڊاسٽڪر جي هڪ ٻئي ۾ چڪتاڻ ٿي. نيٺ ويبر کي ڊاڪٽر پانڊارڪر اڳيان اهو قبول ڪرڻو پيو ته پتنجلي عيسوي سنه کان 150_ 140 سال اڳ پيدا ٿيو. پروفيسر رڪلداس ڀٽنرجي، بجور نالي ڪنڊر مان لڌل ڪروشتي اکرن ۾ هڪ ليک جي آڌار تي لکيو آهي ته چڪرورتي مهاراجا پشيه متر عيسوي سنه کان 158 سال اڳ مئو ۽ منيندر 163 سال اڳ مگڌ تي ڪاهه ڪئي.[49] انهيءَ ڪروشتي اکرن واري ليک ۾ اهي لفظ لکيل آهن ته:

"يعني راجا منيندر ڪتيءَ واري مهيني جي 14..... شاڪ مني (گوتم ٻڌ)" هيءُ ليک نهايت اهميت وارو آهي، چاڪاڻ ته هندستان ۾ هن وقت تائين جن گريڪ بادشاهن راڄ ڪيو آهي، انهن مان سيني کان هيءُ وڏي ۾ وڏو مڪيه ليک لکيل آهي.

راجا منيندر جوبيان پڇمي پراچين اتهاسڪارن مان فقط استاربو ڏنو آهي. باقي اسان جي يوگ آچاريه رشي پتنجليءَ هن بادشاهه جو ذڪر اهڙيءَ ريت ڪيو آهي جو ڇڪ هن پنهنجن اڪين سان منيندر کي ڪاهه ڪندي ڏٺو. سنسڪرت جي گارگي سنهتا نالي گرنٿ ۾ به منيندر جو بيان اچي ٿو.

استاربو کي منيندر جي هند ۽ سنڌ تي ڪيل ڪاهه جو احوال ڏيندڙ ائپولوڊورس Apollodoros جو رايو هو ته منيندر پنجاب جي بياس ندي پار ڪئي جتي سڪندر اڳتي وڌڻ کان روڪجي پيو هو. انهيءَ بعد هن اسامس نالي شهر هٿ ڪيو. اهو شهر کهڙي هنڌ هو، تنهن باري ۾ خاطريءَ سان نٿو چئي سگهجي. باقي انهيءَ شهر کان پوءِ منيندر پنانتيءَ (حيدرآباد سنڌ) يعني سنڌو نديءَ جي زمين تي ڪاهيو.جتان هو ڪائياواڙ ڏانهن وڌيو ۽ وري مٿي راجپوتانا، تي قبضو ڪندي گنگا ۽ جمنا ڏانهن رخ رکيائين. استاربو جي هن راءِ تي پيريپلس Periplus به تصديق ٿو ڪري، جنهن عيسوي سنه جي پهرين صديءَ ۾ روبرو هندستان جون حالتون اکين سان ڏٺيون هيون. هن جي

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

زماني ۾ بہ گجرات جي بڙوچ شهر ۾، جنهن کي گريڪن بارگزا نالي سان لکيو آهي، منيندر ۽ ائپولوڊوٽس جا سڪا چالو ڏٺا.

منيندر جا سڪا راجپوتانا جي چتوڙ شهر کان اٺ ميل اتر ۾ بينل ناگري نالي کنڀر مان بہ ڳولي لڌا ويا آهن.[50] انهيءَ شهر کي اڳي مڌيمڪا نالي سان سڏيو ويندو هو. جنهن جو ذڪر پتنجليءَ جي مهاڀاش ويا ڪرڻ ۾ چٽيءَ ريت آيو آهي. ڪن ودوانن جو رايو آهي تہ مهاراڻا پرتاپ سنگهہ وارو چتوڙ جو قلعو انهيءَ مڌيمڪا شهر جي سرن ۽ مال مان تيار ڪيو ويو هو.

سنسڪرت جي جوتش شاستر گره سوتر ۾ منيندر جو جيڪو ذڪر آيو آهي. ان ۾ سنڌ تي سندس ڪاهہ جو بيان قلم بند ٿيل نہ آهي. انهيءَ جوتش گرنٿ ۾ منيندر مگڌ، گنگا ۽ جمنا طرف جيڪي ڪاهون ڪيون، فقط انهن جو ذڪر اچي ٿو.

سنڌ مان هن راجا جو ايا ڪوبہ سڪو هٿ نہ آيو آهي. باقي پنجاب مان ڪيترا سڪا لڌا آهن. جمنا نديءَ جي ڏکڻ ۾ هميرپور ضلع مان بہ ڪيترا سڪا هٿ آيا جن مان کي تہ يوڪرٽائيڊس، وٽس، سوٽر ۽ ائنٽيمڪوس نڪيفورش وغيره يون يعني گريڪ بادشاهن جا بہ سڪا هئا. ڪيئن بہ هجي منيندر جي راج جون اسان وٽ هن وقت ڪٽي کي بہ نشانيون موجود نہ هجن، پر اها هڪ حقيقت آهي تہ هن شاڪ جاتيءَ جي راجا سال بہ يا کي ڪجهہ وقت وڌيڪ، سنڌ تي بہ راج ڪيو.

اسان جن پراڻن ۾ منيندر کان سواءِ ستن ٻين يون يعني شاڪ راجائن جو بہ بيان اچي ٿو. انهن راجائن هندستان جي اتر ۾ اولهہ واري پاڳي تي ڪل 87 سال راج ڪيو. مسٽر ٽارن انهن راجائن جو پنهنجي گرنٿ ۾ ذڪر ڪيو آهي.[51] مسٽر رئپسن بہ هن باري ۾ گهڻو ڪجهہ لکيو آهي. پر مون هن وقت تائين انهن راجائن جا ذڪر ڪيل تامرپتر (تامي جي تڪرن تي لکيل مضمون) يا سڪا نظر مان نہ ڪيا آهن، انهيءَ ڪري مان هروپرو انهن ودوانن جي پيش ڪيل ثابتين کي سچو يا ڪوڙو چوڻ لاءِ تيار نہ آهيان.

انهيءَ کان سواءِ جن يون راجائن جو اسان جن پراڻن يا انگريزي گرنٿن ۾ ذڪر اچي ٿو انهن مان ڪهڙن راجائن سڏيءَ يا اٽ سڏيءَ طرح اسان جي سنڌ تي راج ڪيو، تنهن جي پوري سڌ نٿي پئجي سگهي. البت ڊيمٽريس

نالي راجا جا اتر هندستان جي ڪن ڪنڊرن مان ڪيترا سڪا هٿ آيا آهن. پر انهن سڪن مان ڪو خاص ڪڙ تيل نڪو نڪري سگهي. ائين ته موئن جي دڙي مان عراق جا ڪيترا سڪا هٿ آيا يا عراق جي ڪيترن ڪنڊرن مان سنڌ جا سڪا هٿ آيا آهن، انهيءَ ڪري هروپرو ائين نه چئي سگهبو ته سنڌ تي عراق وارن يا عراق تي سنڌ جي راجائن جي حڪومت هئي.

يونن کان پوءِ اسان جن پراڻن مان ٽُشار (شاڪ) جاتيءَ جي ڏارين راجائن جو به ذڪر ملي ٿو. انهيءَ جاتيءَ جي راجائن کي ڪن هنڌ تشار کان سواءِ ٽُڪار، تُرُشڪ ۽ ديوپتر به سڏيو ويو آهي. ترشڪ شبد پراڻن جي پائن مان ليي ٿو ۽ ديو پتر نالو ڪُشن راجائن جي لڌل ليکن مان ليي ٿو. ڪن پراڻن ليکن ۾ گُشن، ڪُشن، ڪُشاڻ ۽ ڪُشان وغير نالا به لين ٿا. اهي ڪشان وغيره نالا چيني ياشا جا ٿا ڏسجن، ۽ هندستان ۾ تشار جاتيءَ جي راجائن کي گهڻو ڪري چيني ياشا جي ڪشن نالي سان لکيو ويو آهي.

مٿي ذڪر ڪيل تشار يعني ڪشن جاتيءَ جي ڏارين راجائن چگوئي وقت راڄ ڪيو آهي. جن مان ڪُجُل (ڪڈ فيسس پهريون) نالي راجا جا اتر هندستان جي ڪن شهرن مان ڪيترا ٽامي جا سڪا لڌا آهن. انهن سڪن تي هن وديسي راجا کي يوگ مهاراج ۽ راجا تيراج جو لقب ڏنل آهي.

وِمَ ويم (ڪڈ فيسس ٻيو) هن راجا جون ڪي سونيون مهرون يعني سڪا هٿ آيا آهن. اتهاسڪارن جو پڪو رايو آهي ته هن وديسي راجا عيسوي سنه کان اڳائي يا ٽي صديون اڳ سنڌ تي راڄ ڪيو.

مٿين سيني وديسي راجائن کان مهاراجا ڪنشڪ جو نالو سنڌ سان گهڻو سنهنڌ ٿو رکي. پڇمي اتهاسڪارن مان جنرل هيگ، مجمل_ التواريخ نالي هڪ مسلماني اتهاس جو حوالو ڏيئي چوي ٿو ته "سنڌ ۾ جيڪي ٻڌ ڌرم جا پراچين ڪنڊر ۽ مڙهيون لڌيون ويون آهن، سي مهاراجا ڪنشڪ نالي ڪشن گهراڻي جي راجا جون ٺهيل آهن،" جنهن جي راڄ راڄڌاني سنه کان اٽڪل ڏيڍ سو سال اڳ پرشاور (پشاور) ۾ هئو ۽ جنهن نيٺ ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو. مان جنرل هيگ جي انهيءَ راءِ سان شامل نه آهيان. انهيءَ مضمون تي مان هن ياڳي ۾ ئي ڪنهن هنڌ باريڪ ڇنڊ ڇاڻ ڪندس. باقي هن هنڌ ايترو اوس لکڻ گهرجي ته مهاراجا ڪنشڪ جو راڄ سنڌ ۾ به هو.

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪن ودوانن جو رايو آهي تہ مان جنهن ڪڊ فيسس ٻئي جو مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان، اهوئي راجا ڪنشڪ هو. مان اها ڳالهہ قبول نٿو ڪريان، ڇاڪاڻ تہ انهن ٻنهي راجائن کي هڪ ثابت ڪندڙ ڪافي سامگري ايجا تائين ڪانہ ملي سگهي آهي. اسان جي اُتراپٿ نالي اتهاس ۾ ڪنشڪ هڪ پرسدّ راجا ٿي ويو آهي. هندستان جي راجتر نگڻي نالي هڪ پراچين اتهاس ۾ ان جي ليکڪ پنڊت ڪلهڻ جو لکڻ آهي تہ:

"..... تڏهن پنهنجي نالي تي ٿي شهر وسائيندڙ راجائون ٿيا. انهن جا نالا هئا هشڪ، جشڪ ۽ ڪنشڪ. راجا جشڪ جشڪپور ۽ بهار وسايو. هن جئہ سوامي پور نالي شهر بہ وسايو ..... انهن ٽنهي راجائن جي ڏينهن ۾ شمير پدّ ڏرم جو مرڪز ٿي پيو." [52]

راجا ڪنشڪ جي زماني نسبت ودوانن جا پاڻ ۾ وڏا مت پيد آهن. پڇم جا عالم چون ٿا تہ ڪنشڪ عيسوي سنہ کان اٽڪل 120 سال پوءِ اتر هندستان جو چڪر ورتي راجا ٿيو. ڊاڪٽر ونسينٽ اسمٿ بہ انهيءِ راءِ جو آهي. هن تہ پنهنجي آڪسفورڊ هستري آف انڊيا ۾ صاف ڄاڻايو آهي تہ ڪڊفيسس ٻيو سنہ 78 کان 110 عيسويءَ تائين راج ڪيو ۽ ڪنشڪ سن 120 عيسويءَ ۾ راجا ٻڌيو. پر هنن پڇمي پنڊتن راجا ڪنشڪ جون جيڪي تٿيون تاريخون حساب ۾ آنديون آهن، سي سڀ خيالي آهن. جيڪڏهن گهٽ ۾ گهٽ حساب ڪيو وڃي تہ بہ ثابت ٿيندو تہ راجا ڪنشڪ عيسوي سنہ کان هڪ سو سال اڳ سنڌ، پنجاب ۽ ڪشمير تي راج ڪيو.

چيني گرنٿن جي راءِ موجب راجا ڪنشڪ، گوتم بدّ جي نرواڻ يعني پرلوڪ وڃڻ کان ست سو سال پوءِ ميدان ۾ آيو. [53] پروفيسر پربوڌ چندر باگچيءَ چيني گرنٿن جي آڌار تي ٻڌايو آهي تہ آچاريہ سنگهر ڪيہ بہ گوتم بدّ جي نرواڻ کان ست سو سال پوءِ پيدا ٿيو. انهيءَ آچاريہ سنگهرڪيہ جي مارگ ڀومي سوتر نالي گرنٿ جو ترجمو چين جي هڪ يگن_ شي_ ڪائو نالي سنياسيءَ سنہ 148 کان 170 عيسويءَ جي اندر ڪنهن وقت ڪيو. [54] چيني گرنٿڪار ۽ اتهاسڪار، گوتم بدّ جي پرلوڪ واس کي عيسوي سنہ کان 900 کان 1000 ورهيہ اڳ جو واقعو مڃيندا آهن. انهيءَ حساب موجب ڪنشڪ عيسوي سنہ کان اٽڪل ڏيڍ يا ٻہ سو سال اڳ ٿيو هوندو. مشهور

چيني مسافر هيونسانگ سن 639ع ۾ هندستان گهمڻ آيو. هن لکيو آهي ته "ٻڌ ڀڳوان جي پرلوڪ واس کان ڏيڪ چار سو سال پوءِ راجا ڪنشڪ سڄي جمبودئيپ (هندستان) جو چڪر ورتي راجا ٿيو."[55] خبر نہ آهي ته جنهن وقت هيونسانگ مٿيون رايو ظاهر ڪيو تنهن وقت هن گوتم ٻڌ جو نرواڻ ڪڏهن ٿي مڃيو.

مشهور مسلمان اتهاسڪار ابوالرحمان البيروني لکي ٿو ته شاهي ڪل ۾ هڪ ڪنشڪ راجا هو. هو ڪابل ۾ راج ڪندو هو. هووڏو زبردست راجا هو. هن پشاور ۾ پنهنجي راجڌاني ٺاهي. هنکي ڪنڪ چيت بہ سڏيندا هئا. مهاراجا سمندر گپت جي پرستيءَ ۾ "ديو پتر شاهي شاهان شاهہ شڪ مرنڈ" اهونالو اچي ٿو. ممڪن آهي ته البيروني‌ءَ انهيءَ ڪري ئي ڪنشڪ کي شاهي ڪنڪ نالي سان بہ سڏيو آهي.

شڪ يا شاڪ جاتيءَ جي ڪشن گهراڻي جا ڪل چوڏهن راجائون ٿيا آهن، جن مان پهريون ڪنشڪ ٻيو واشڪ، ٽيون هوشڪ ۽ چوٿون واسديو اهي راجائون ته تمام مشهور ٿيا آهن. باقي ٻيا اٺ شايد واسديو کانپوءِ ٿيا آهن. انهن مڙني راجائن عيسوي سنہ کان اٽڪل سو سال اڳ سنڌ تي سوپ حاصل ڪري ان تي راج ڪيو. انهن سيني راجائن مان راجا ڪنشڪ سيني کان وڏو راجا ٿي ويو آهي. هن جي راج جون حدون ڪشمير، پنجاب، سنڌ کان ويندي مٿرا تائين پکڙيل هيون.پنجاب جي لڌياني شهر جي نزديڪ ڪنڀرن مان ڪشن گهراڻي جي مٿين راجائن جا ڪي سڪا لڌا آهن. مٿرا جي شهر مان ته ڪشن گهراڻي جي راجائن جون گهڻيون ئي نشانيون لڌيون آهن. راجا ڪنشڪ جي هڪ وڏي مورتي بہ اتان لڌي وئي آهي. راجا واسديو ته ماڳهين مٿرا ۾ راجڌاني ڪري رهي پيو هو.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي ته مٿي ذڪر ڪيل يون ۽ ڪشن راجائون اصل ۾ ٻاهريان راجائون هئا، پر انهن جي نالن ۾ ٻي حقيقت مان معلوم ٿيندو ته انهن جو ڏرم، پارتواسين ۽ سنڌ واسين کان نرالو نہ هو. هو گهڻي قدر شو پنٿ ۽ پوءِ ٻڌ ڏرم جا پوئلڳ ٿيا. ڪن راجائن کي ته مهيشاڪيہ يا مهيش جي لقب سان لکيو ويو آهي. انهن ٻنهي لفظن جي معنيٰ آهي سو مهراج. راجا واسديو يعني راجا ڪنشڪ جي پڙ پوٽي جي سڪي تي شو مهراج ۽

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سندس ننڍي گڻ جي تصوير اُڪريل آهي. راجا ڪنشڪ ٻڌ ڏرمي هو ته سندس ابو ڪڊفيس ٻيو ۽ سندس پڙ پوٽو ماڳهين شوپنٽي هئا. انهيءَ ڪري انهن ڏارين راجائن جي راڄ جو هند يا سنڌ واسين جي ڏرم يا سڀيتا تي ڪوبه اثر نه پيو. اٽلندو اهي ڏاريا راجائون هند ۽ سنڌ ۾ اچي ويدڪ هندو ٿي ويا.

حوالا ۽ حاشيا:

(1) Sayed md. Latif: History of Punjab P. 53
(2) Sir Aurel stein_ Alexander's route into Gedrosia P.217
(3) Sir Aurel stein_ Alexander's route into Gedrosia P. 217
(4) V.A. Smith: Early History of India
(5) Voyage of Skylax (Herod iv 44
(6) Raverty, The Mihran of Sind and its tributaries P 301
(7) پلو تارڪ لکي ٿو ته سڪندر سان هڪ لک ويهه هزار پيدل ۽ 15 هزار سوار سينا هئي. ڏسو Alexander chapter xvi
(8) هندستان جي الهندي سرحد وارن لڪن نسبت پڙهو. Report of the Pamir Bowndary Commission P. 29
(9) Raverty: Mihran of Sind and its tributaries
(10) Arrian, vi P 5, Curtius "Historiac ix 4, Diodorus, "Bibliotheca" xvii 96 "Anabasis of Alexander" ch.
(11) Diodorus, "Biblistheca" xvii, 98
(12) Beal: Hiuen Tsiang, ii, 274
(13) Raverty: Mihran of Sind P 364
(14) V.A. Smith: Early History of India P 100
(15) ملتان جي پڳل قلعي کي ڏسڻ مان معلوم ٿيندو ته اهو قلعو ڪچن سرن جو ٺهيل هو. انهيءَ مان به پڪ آهي ته گريڪ ليکڪن جنهن شهر کي ملتان مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي، سو حقيقت ۾ ملتان ئي هو.
(16) Curtius "Historiae (Ghap xxii and xxiv of Delphin Edition)
(17) J_ B.O. Res. Soc, vol iii June 1917 "Textile Industry of Ancient India
(18) Periplus: Indian Antiquary viii,
(19) Raverty_ Mihran of Sind P. 473
(20) Arrian_ The Anabasis of Alexander vi. P. 14
(21) Starbo_ xv P. 34_54
(22) Arrian: ch 10 Anabasis of Alexander
(23) Plutarch's Lives P 844
(24) Ante P 104 note 1
(25) Mc Crindle "Invasion of India"
(26) Raverty_ "Mihran of Sind" P. 327_32
(27) Holdich_ "Gates of India" P. 310
(28) Travels, Ed. 1677 P 42
(29) Arrian_ "Anabasis of Alexander ch vi P 20
(30) Starbo xv P 17

(31) ڪراچيءَ جو شهر سنہ 1725 ۾ ٻاهرين مچيءَ جي واپارين ناهيو. ڏسو Ibnu Batuta in Sindh, reprint P. 410 from Geographical Journal.

(32) Curtius Historiae x P. 9
(33) Arrian_ Anabasis of Alexander 6, xix_ xx
(34) Anabsis 6 xxi 3
(35) Anabasis 6xxi 3
(36) Sir Thomas Holdich_ A retreat from India
(37) Cunningham Anciant Geography of India P 360
(38) Curtius_ Historie (Ed. Heinicke) 8,x, 5_7
(39) Dio- dorus- Bibliotheca 27, civ, 4sq
(40) Anabasis of Alexander 6, xi, 5
(41) Alexander's route into Gedrosia P 216
(42) Cunningham- Ancient Geography of India P 354
(43) Anabasis of Alexander 6, xxii 1sq
(44) Anabasis of Alexander Partvch 18
(45) Plutarch's Lives P 845
(46) Plutarch's Lives P 845
(47) Patanjali of P., v.3. 52 Prof. Keilhorn, 11 P 412
(48) Curtius Bk. ix, ch 7 Mc Crindle, II By Alexander P 284_51

(49) "ايران_ باستان" ۾ گوهيو بيان پنجون

(50) J.B.O. Res. Soc., iii 1917 P P. 506, 507
(51) D.R. Bhandarkar_ Prog. Rep. A.S.W.I., 1916_ 18 P. 62 Cunningham, Reports, vi,1 A
(52) The Greeks in Bactria and India.

(53) راجتر نگٽي پرٽم ترنگ شلوڪ 168

(54) S. Levi, Notes Surles Indo Scythes. J. As. 1896 P.463 and K. B. Pathak Commemoration vol. 1934 P. 99
(55) K. B. Pathak Commemoration 1934 PP. 98-99
(56) Watters Translation PP.203, 270

(مضمون ڪتاب " پراچين سنڌ جي تاريخ _٣ صفحو 55 کان 81 تائين، ڇپيندڙ نامعلوم تان ورتل آهي).

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڻي پائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سنڌو ماٿر اوائلي انساني آبادين کان شهري رياست جي بنياد تائين

رُک سنڌي

اڄ کان ڪروڙين سال اڳ زندگيءَ جي شروعات سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ ٿي. ماهرن جي چوڻ موجب جڏهن ڌرتيءَ ٺرڻ شروع ڪيو تہ ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي جبل ۽ ٽڪر ظاهر ٿيڻ لڳا. انهن جي ارتقائي سلسلن وارن ڏينهن ۾ اڄ کان 60 ڪروڙ ورهيہ اڳ دنيا جي گرم سمنڊن ۾ "زندهہ شيءِ" تخليق ٿي، جنهن کي ماهر اميبا (Ameba) ڪوٺن ٿا. ان اميبا مان ئي مختلف قسمن جا حيوانات سمنڊن جي تهن ۾ جنم وٺڻ لڳا. ماهرن جي چوڻ موجب انهن نباتات ۽ حيوانات جي اوائلي قسمن مان اڄ کان 50 ڪروڙ ورهيہ اڳ سمنڊن جي تهن اندر بنا ڪرنگهي وارا جانور (مڇيون، سپون ۽ ٻيا جيت) وجود وٺڻ لڳا. انهن مان اڳتي هلي 35 ڪروڙ ورهيہ اڳ ڪرنگهي وارا جناور (مڇي ۽ ڏيڏر) تخليق ٿيا. اهو سڄو ارتقائي سلسلو ايڏا سمنڊ جي پاڻي اندر موجود هو. جانورن ۽ نباتات ۾ اها مرحليوار ارتقا جاري

هئي. اڄ کان 14 ڪروڙ ورهيه اڳ سامونڊي جانورن جا ڪي خاص قسم ارتقا ڪري، انهيءَ لائق ٻڌيا جو هو سڪيءَ توڙي پاڻيءَ ۾ زندگي گذاري سگهن. جڏهن ان قسم جا جانور سمنڊ اندر وجود وٺڻ لڳا تہ هو پنهنجي کاڌي خوراڪ جي حاصلات لاءِ سمنڊ ڇڏي آهستي آهستي خشڪيءَ ڏانهن وڌڻ لڳا. خشڪيءَ تي شروعات ۾ زندگي انهن جاين تي شروع ٿي، جتي ڏاڍ موجود هئي. انهن خشڪيءَ تي آيل جانورن مان اڃتي هلي رڙهندڙ جانورن جي قسمن (نانگ، ڪمي) وجود ورتو. ڪافي عرصي کان پوءِ پکي پيدا ٿيا. ننڍن توڙي وڏن جانورن جي مختلف قسمن مان کير پياڪ (مماليه) قسم جي جانورن جهڙوڪ: گهوڙي، هاٿي، اُٺ، شينهن، هرڻ ۽ باندر پنهنجو وجود ورتو. اهي ٽئي پيارينڊڙ جانور 8 ڪروڙ ورهيه اڳ تائين وجود وٺي چڪا هئا ۽ پنهنجي مرڪزي گروپن مان شاخن جي صورت ۾ ارتقا ڪري رهيا هئا. ان وقت تائين انسان جهڙي ڪنهن بہ قسم جي ساهواري شيءِ جو هن ڌرتيءَ تي ڪوبہ وجود ڪونہ هو. ان بعد 5 ڪروڙ سال اڳ پولڙن سان ملندڙ جلندڙ نسل جي جانورن مان هڪ مخصوص قسم جي جنس پنهنجي وجود وٺي رهي هئي ۽ ان ۾ انساني خاصيتون ايري رهيون هيون. (1) اهي انسان نما جانور يا بن مانس (Anthropoid Apes) ان دور ۾ خشڪ علائقن ۾ پيدا ٿيا. انهن انسان نما باندرن مان 2 ڪروڙ سال اڳ انسان پنهنجو موجوده شڪل ۽ صورت اختيار ڪئي. ماهرن جي چئوڻ مطابق انسان نما جانور کي مڪمل انسان ٺڄڻ ۾ هڪ ڪروڙ سال لڳي ويا.(2) هيل تائين انهن انسان نما جانورن جي وجود جي شهادت ماهرن کي آفريڪا ۽ اتر هندستان جي مرڪزي ۽ گرم خطي تي پنهنجو وجود وٺندي ملي آهي.(3) ڪافي ماهر ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ انسان سان ملندڙ جلندڙ بن مانس جو ڪو نهايت اعليٰ ترقي يافتہ نسل ڪنهن گرم آبهوا جي علائقن ۾ آباد هو. اهو نسل ضرور ڪنهن وڏي براعظم تي موجود رهيو هوندو. جيڪو بعد ۾ هندي وڏي سمنڊ ۾ غرق ٿي ويو.(4) اهو انساني نسل اڄڪلهہ جي چمپنزي ۽ گوريلن کان گهٽو مختلف نہ هوندو. جيڪو آفريڪا ۽ هند سنڌ جي علائقن ۾ موجود هو. هي سڄو عمل يعني "حيواني نسل" مان "انساني نسل" جي ارتقا ٽئين ارضياتي دور (Tertiary Age) ۾ ٿيڻ لڳي.(5)

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هاڻي اسان سنڌ ماٿر ڏانهن اچون ٿا ۽ ڏسنداسين ته هتي انساني ارتقا جون ڪڙيون ڪهڙي طرح دستياب آهن. سنڌ اندر اسان کي اهو ارتقا جو سلسلو ٿهه دار جبلن توڙي زمين جي تهن مان ترتيبوار ملي ٿو. ڌرتيءَ جي تمام هيٺانهن تهن مان اسان کي بنا ڪرنگهي وارا جانور ملن ٿا، جيڪي سمنڊ اندر موجود هئا. ان وقت سنڌو ماٿر جي ڌرتي هيٺ هئي. جنهن ڪري سمنڊ ۾ وجود ونڊڙ جانور جبلن جي مختلف تهن ۾ پنڊپهڻ ٿي ويل ملن ٿا. جنهن ارتقا جي سلسلي وار ڪڙين کي اسان جي آڏو فلم جي ريل جيان ظاهر ڪري ٻيهاريو آهي. هيٺين تهن کان مٿين تهن ڏانهن ايندي ترتيبوار مڇين جا قسم، ريڑهيون پائيندڙ جانور، ان بعد ٽٽائتا جانور، وري پکي ۽ انهن جي مٿان آدم نما جانور جا پنڊ پهڻ (Fossils) ٿي ويل جسم ملن ٿا. جن جون ماهرن عمريون مقرر ڪيون آهن. سنڌ جي تهه دار جبلن جهڙوڪ ڪڏڙو ۽ پب مان ماهرن سامونڊي جانورن جا پنڊ پهڻ ٿي ويل جسم هٿ ڪيا آهن. ڪير ٿر مان پڻ اهڙائي سامونڊي جانور پنڊ پهڻ ٽيل مليا آهن. منچر وارن تهن مان هاٿين، گهوڙن ۽ ٻين جانورن جا هڏا پنڊپهڻ ٿي ويل ملن ٿا. سنڌ اندر مختلف تحقيقاتن رستي جيڪي زندگيءَ جا آثار مليا آهن، انهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اڄ کان 6 ڪروڙ ورهيه اڳ هتي ڪيترائي جيتن جا قسم، ڪرنگهي دار مڇيون، پکين جا مختلف قسم پيدا ٿي چڪا هئا، جڏهن ته ڪير ٻيارينڊڙ جانورن جو وجود هتي اڄ کان ساڍا چار ڪروڙ ورهيه اڳ تائين ملي ٿو.(6)

انساني ارتقا جو عمل باقي دنيا جي ٻيٺ ۾ سڀ کان پهريان هند سنڌ (ڏکڻ ايشيا) ۾ ٿيو. سنڌوماٿر ۾ انسان ۽ فطرت جي وچ ۾ متمدن زندگي جي لاءِ تمام گهڻي ويڑهه ٿي ۽ انسان فطرت تي قابو پائڻ لاءِ ۽ ان کي سمجهڻ سان گڏوگڏ ان کي پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ لاءِ مختلف ايجادون ڪيون. فطرت ۽ انسان جي وچ ۾ پيدا ٽيل هن ڇڪتاڻ انساني تمدن کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. ڇو جو ڏکڻ ايشيا يعني هند سنڌ جي موسمي فضا، پاڻي واري فضا ۽ حياتياتي فضا وغيره انسان جي مادي، اخلاقي ۽ روحاني تشڪيل ڪئي ۽ هن کي اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪري ڏنا ۽ ڏکڻ ايشيا يعني هند سنڌ ۾ اهي مڙئي سهولتون هڪ ئي وقت دستياب هيون. ماهر ان راءِ جا آهن

تہ انسان جا پراڻي ۾ پراڻا آثار يعني دنيا ۾ سندن هئڻ جي وڌ کان وڌ اڳوڻي ثابتي سنڌو ماٿر ۾ ملي آهي. ڊاڪٽر باشم بہ ان خيال جو آهي تہ اوائل ۾ انساني ارتقا هن ئي خوش نصيب وادئ ۾ ٿي.(7) علم الانسان جي ماهر "هاورڈ موئر" ان خيال جو آهي تہ انسان جي پهرين اوسر ايشيا جي ڏاکڻين حدن ۾ ٿي.(8) ۽ هو جانورن جي ڪيترن ئي نسلن کي ڏکڻ ايشيائي ڄاڻائي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ دنيا ۾ سڀ کان پهريان چوپايو مال سنڌو ماٿر ۾ پاليو ويو ۽ پالتو مال جا گهڻا قسم اصل ڏکڻ ايشيائي آهن. "هاورڈ موئر" مينهن، ريڍ، ڇاپرو، ٻکري، سوئر، ڪڪڙ، ڪتي، خچر، هاٿي ۽ مور کي ڏکڻ ايشيائي (هند سنڌ جو) جانور سڏيو آهي. پروفيسر ليکي پڻ ان راءِ جو آهي تہ اهي جانور پوءِ ڏکڻ ايشيا يعني هند سنڌ مان ارضياتي دور ۾ ئي ٻيرنگ پل رستي تپي آفريقا، آمريڪا ۽ يورپ تائين پکڙيا. (9) هاورڈ موئر پنهنجي ڪتاب ۾ وڌيڪ انڪشاف ڪري ٿو تہ، "ايشيا کنڊ جي ڏکڻ ۾ انسان ۽ انسان جي سڀيتا جي شروعات ٿيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ جيوت جي اوسر ۾ انسان جهڙو جانور پهريان ايشيا کنڊ ۾ ئي وجود ۾ آيو." (10)

سنڌوماٿر ۾ انسان 2 ڪروڙ سال اڳ ڏرتي جي ٽئين زماني (Tertiary) ۾ حيواني نسل کان عليحده ٿيو. جڏهن ڏرتي جي ٽئين زماني ۾ سمنڊ سنڌو ماٿر جا اتر ۽ اولهہ وارا جابلو حصا ڇڏيا. تہ اهي وحشي انسان جي رهائش جا اوائلي ماڳ بڻيا. ان زماني جي ماڻهن جا جسم پنڊپهڻ جي صورت ۾ زمين جي تهن مان ملن ٿا. ڏرتي جي ٽئين زماني جا انسان، وڻ ٽڻ ۽ ٻيون شيون گهڻو وقت گذرڻ ڪري اڄ پٿر جي صورت وٺي چڪيون آهن.(11) هيٺ اسان ان دور جي انسانن جي پنڊپهڻ ٿي ويل ڏانچن جو ذڪر ڪنداسين، جيڪي ماهرن مختلف هنڌن تان هٿ ڪيا آهن.

ٻيل يونيورسٽي جي هڪ ماهر جي۔ اي۔ ليوس (G.E. Lewis) 1930ع ۾ هندستان جي سيوالڪ (Siwalik) جبلن ۾ کوٽائي ڪندي هڪ انسان جو ٻہ ڇاڙيون هينيون ۽ مٽيون ڳولي لڌيون آهن، جيڪي پٿرائجي چڪيون آهن. جن کي راماپٿيڪس (Ramapithecus) يعني "ماڻهو جهڙو پوتر" جو نالو ڏنو ويو آهي. راما پٿيڪس انسان اڄ کان هڪ ڪروڙ 50 لک سال اڳ جي مايوسين زماني جو انسان آهي. هن انسان جي لڏل پٿرايل بوتي جو وري

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

1961ع ۾ ٻيهر اڀياس ڪيو ويو ۽ ماهرن هن پٿرايل بوتي کي دنيا جو سڀ کان وڌيڪ قديم انسان قرار ڏنو. ان بعد وري پاڪستان جي پونار جي علائقي مان پڻ پٿرايل انسان جو ڏانچو مليو جيڪو 70 لک سال پراڻو آهي. جنهن کي ماهرن سواپٿيڪس (Sawapithecus) يعني "هر دم زندهه" جو نالو ڏنو آهي. هن دور جو انسان ڪنهن به قسم جا اوزار ناهڻ جو ڏاڻ ڪونه رکندو هو. هو پنهنجو گذران وڻن جي پاڻن، ميوون ۽ ماکي وغيره تي ڪندو هو. هو اڄان پنهنجي ارتقا جي اوائلي دور ۾ هو. ڪيس پنهنجي باندر نما نسل کان ڏار ٿئي ٽورو عرصو گذري چڪو هو. هو ٻگالهائڻ لاءِ زبان استعمال ڪرڻ ۽ هلڻ لاءِ ٻہ پير استعمال ڪرڻ ۽ هٿن کي ڪم ڪرڻ لاءِ آزاد ڪرڻ لاءِ جدوجهد ۾ مصروف هو.(12)

هند سنڌ ۾ هن قسم جي ماڻهو ملڻ کانپوءِ ماهرن کي پنهنجا رايا بدلائڻا پيا ۽ هنن ان ٻگالهه کي تسليم ڪيو ته دنيا ۾ سڀ کان اول آدم جي پيدائش سنڌو ماٿر ۾ ٿي ۽ سنڌو ماٿر ئي انساني ارتقا جو پهريون مسڪن ٻڌي. هن کان اڳ دنيا ۾ جيڪي ٻين هنڌن تي قديم انسان جا آثار مليا آهن، سي سڀ سنڌوماٿر ۾ مليل انسان کان پوءِ جا آهن. جنهن ڪري اسان هاڻ بنا ڪنهن هڻڪ جي سائنسي تحقيقاتي بنيادن تي اها ٻگالهه چئي سگهون ٿا ته سنڌو ماٿر اوائلي انساني ارتقا جو بنياد هئي ۽ شروع ۾ هتان ئي انسان پنهنجو پهريون سفر شروع ڪيو.

سنڌوماٿر ۾ پٿر دور جا ماڳ

جڏهن انسان، حيواني نسل کان ڏار ٿي پنهنجو سفر شروع ڪيو ته هن پنهنجي بچاءَ ۽ کاڌي جي بندوبست لاءِ نوان اوزار تلاش ڪرڻ شروع ڪيا، جيڪي ڪيس وڻن جون پاڻون ڪوٽڻ، ميوا ڇنڻ وغيره ۾ مدد ڏيڻ لڳا. اهي اوائلي انساني اوزار هٿا پٿر، جن کي ئي پهريان انسان پنهنجي ڪتب آڻڻ شروع ڪيو. ان ڪري جيتري عرصي تائين انسان پٿر جا اوزار استعمال ڪندو آيو ماهر سندس ان سماجي ارتقائي دور کي "پٿر وارو دور" جي نالي سان ياد ڪندا آهن. سنڌو ماٿر اندر هي دور 10 لک سال کان 4 هزار سال ق۔

ر تائين هليو. هي دور پڻ ٽن مختلف حصن ۾ ورهايل آهي، جيڪي هي آهن:

(1) پراڻو پٿر وارو دور (Paleolithic Age) 10 لک کان 15 هزار سال ق۔م

(2) وچون پٿر وارو دور (Mesolithic Age) 15 هزار کان 6 هزار ق۔م

(3) نئون پٿر وارو دور (Neolithic Age) 6 هزار کان 4 هزار سال ق۔م

اسان هيٺ سنڌوماٿر جي انسانن جي پٿر دور جي سرگرمين جي پهرين ٻن دورن يعني پراڻي ۽ وچين پٿر دور جو جائزو وٺنداسين.

(1) پراڻو پٿر وارو دور

جڏهن اوائلي وحشي ماڻهو وٽن تان هيٺ لٿا ۽ گهاتا ٻيلا ڇڏيا تہ هنن پهريان رهائش لاءِ ميداني علائقا چونڊيا ۽ هو ميداني علائقن ۾ درياهن، ڍنڍن ۽ چشمن پرسان رهڻ لڳا، جتي کاڌو پيتو جهجهي مقدار ۾ دستياب هو. هي دور انسانذات جي "پالکيٹ" جو دور هو. هن دور ۾ وحشي انسان خونخوار جانورن کان بچاءَ لاءِ پٿر ۽ ڏنڊا پنهنجي پهرين اوزار طور استعمال ڪرڻ شروع ڪيا. هن اهڙا پٿر گڏ ڪرڻ ۽ استعمال ڪرڻ شروع ڪيا، جيڪي هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي يا پاڻيءَ جي وهڪري ڪري ڇڪي پري لسا ٿي ويا هئا ۽ چپترا ٿي تکا ٿي چڪا هئا. جن جي مدد سان هن وٽن جون پاڙون کوٽي، ميوا چٽي ۽ ننڍن ننڍن ٻين ساهورن کي ماري يا انهن جو شڪار ڪري، انهن کي کاڌي طور استعمال ڪرڻ شروع ڪيو.

هن دور ۾ انسان ايڏا پنهنجي شروعاتي ارتقائي دور ۾ هيو نہ هن کي اوزار گڏ ڪيا هئا يا ايجاد ڪيا هئا ۽ نہ وري پوکي راهي ڪرڻ تائين سندس شعور پهتو هو. نہ وري هن دور جو انسان مال پالڻ سکيو هو. هو ڇڙواڳ زندگي گذاريندو هو. جتي رات پوندي هئس اتي وٽن تي وڃي سمهي پوندو هو. وري صبح جو اٿي پنهنجي کاڌي خوراڪ جي تلاش ۾ نڪري ويندو هو. جڏهن هن لاءِ کاڌي جي تلاش جيئن پوءِ تيئن مشڪل ٻڌجڻ لڳي تہ هن ٻيلن ۾ رهندڙ مختلف جانورن کي شڪار ڪري انهن جو گوشت پنهنجي غذا ۾ شامل ڪيو. جانورن جو شڪار ڪنهن ٻہ اکيلي ماڻهو جي وس جي ڳالهہ نہ هئي. ان ڪري پهريون دفعو ان دور جي انسان کي

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ جي ضرورت محسوس ٿي ۽ هن اڪيلي زندگي گهارڻ ختم ڪري ٽولن جي صورت اختيار ڪئي. جنهن سان ئي اجتماعي زندگي گذارڻ جو پهريون تصور جڙي راس ٿيو ۽ اهڙي طرح اوائلي وحشي انسان پهريون دفعو "سماجي جانور" ٿي پيو. اها ان دور ۾ "انساني سماج" جي جڙاوت ۾ وڏي اهم تبديلي هئي. ان تبديليءَ انسان کي اڳتي وڌڻ، پنهنجو نسل وڌائڻ، گڏيل ايجادون ڪرڻ ۽ سماج جي تعمير ڪرڻ ڏانهن وک وڌائڻ جو موقعو فراهم ڪيو.

سنڌوماٿر اندر پراڻي پٿر واري دور جي انسانن جي رهائش جا هنڌ ۽ سندن استعمال جا اهي اوزار بہ لڌا ويا آهن، جيڪي هنن پٿر مان جوڙيا هئا. ويجهر ۾ ماهرن پنجاب صوبي جي پونار ريجن ۾ راولپنڊي ويجهو "سون ندي" جي ڪناري سون ماٿر مان انهن اوائلي انسانن جا اوزار ۽ رهائشي آثار ڳولي لڌا آهن. جن جي عمر 5 لک سال مقرر ڪئي اٿن ۽ ان دور کي "سون ڪلچر" جو نالو ڏنو اٿن. (13)

ماهر "سون ماٿر" مان لڌل اوزارن بابت چون ٿا تہ اتان جيڪي اوزار صفا هينئين تهہ تان ملیا آهن، سي سون ڪلچر جي مٿئين تهہ تي رهندڙ ماڻهن کان اڳ جي آبادي جا آهن ۽ انهن کي سون ڪلچر کان اڳ جا اوزار ڪوٺيو اٿن. (14) سون ماٿر مان مليل پٿر دور جي انسانن جي رهائشي آبادي جو تعلق ٻن دورن سان آهي. صفا آخري دور جي عمر 5 لک سال ٿيندي ۽ ٻيو تهہ 4 کان 2 لک سال جي وچ جو آهي. پهرين تهہ تان اڻ گهڙيا پٿر ملیا آهن، ان دور جا ماڻهو اجا پٿرن کي گهڙڻ ۽ انهن کي استعمال ۾ آڻڻ لاءِ مختلف شڪليون ڏيڻ ڪونہ سکيا هئا. هو استعمال لائق پٿر گڏ ڪندا هئا. پر ٻئي دور جا ماڻهو ڪجهہ ترقي ڪيل ڏسجن ٿا. جن پٿر مان ڪهاڙيون، تيرن جا منهن ۽ ٻيو وڌ ٽڪ جو جهڙو تهڙو سامان تيار ڪري ورتو هو. ان وقت بہ هو اجا ڪاڏو گڏ ڪندا هئا ۽ شڪار ڪندا هئا. مال ڏارڻ يا پوکي راهي ڪرڻ تائين سندن شعور ڪونہ پهتو هو.(15) سون ماٿر ۾ رهندڙ پٿر دور جي انسانن بابت قديم آثارن جي مشهور ماهر سر مارٽيمر وهيلر جو رايو آهي تہ، "پاڪستان (سنڌوماٿر) ۾ سڀ کان پراڻي ۾ پراڻي انساني آبادين جي ثابتي اسان کي راولپنڊي ويجهو سون نديءَ جي ڪنارن تي اڻ گهڙيل پٿرن جي

صورت ۾ ملي آهي. اتان مليل اوزارن ۾ کي سادي نموني جا ڇرا ۽ کهاڙيون مليون آهن، جيڪي لڳ ڀڳ 5 کان 3 لک سالن جي عمر جا ٿيندا." (16)

هي سون ندئ مان مليل اوزار لوٽي ندي (ننگر پارکر) جي اوزارن سان مشابهت رکندڙ ۽ هم عمر آهن. (17) هي اهي ئي اوزار آهن، جن سان هاکڙو تمدن جا ماڻهو کم کار کندا هئا. ماهر سون مان لڌل اوزارن متعلق چون ٿا ته اهي روهڙي ۽ سکر جي هنڌن تان لڌل ابتدائي پٿر جي اوزارن جي سڌريل شڪل آهن. اهي اوزار سکر کان سواءِ واگهو در ڪراچي مان پڻ مليا آهن. لئمبرڪ ان جي تصديق ڪئي آهي ته ڪراچي جي ايرندي ڪپر تي واگهي در وٽ ۽ ان جي پرپاسي ۾ پڻ اهڙن اوزارن جي ڪجهه سڃاڻپ ڪئي وئي آهي. (18) ان دور جي پٿر جي انسانن جا اوزار بياس ندي (پنجاب) جي ماڙيءَ مان پڻ مليا آهن. انهن آثارن جو انڪشاف آثار قديمه جي ماهر ب. ب لال ڪيو هو ۽ بياس ندئ جي ماڙ ۾ پراڻي پٿر دور جا اوزار مليا آهن.(19)

مٿي بيان ڪيل "سون ڪلچر" انهن ماڻهن جو ئي آهي، جيڪي سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب تائين پکڙيل هئا، ميدانن ۾ رهندا هئا. انهن ڏينهن ۾ موسم ايڏا خشڪ هئي. جڏهن برفباري شروع ٿي، هوائون گهمجي ويون ته انسان لاءِ ڪليل ميدانن ۾ رهڻ مشڪل ٿي پيو. جنهن ڪري هنن برفباريءَ کان بچڻ لاءِ غارن کي رهائش لاءِ استعمال ڪيو. جڏهن ته هن کان اڳ اوائلي انسان ايڏا غارن جو رخ ڪونه ڪيو هو. جيئن ته سنڌ اندر جبلن ۽ غارن جو تعداد جهجهو موجود هو، ان ڪري سنڌوندئ ۽ ٻين ندين ۽ ڍنڍن جي ڪنارن تي رهندڙ انسانن غارن ۾ پناهه ورتي ۽ اتي وري نئين زندگيءَ جو آغاز ڪيو. انهن غارن مان ملندڙ پٿر جي اوزارن جي باقيات مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هو ميداني علائقن ۾ رهندڙ پنهنجن ابن ڏاڏن کان وڌيڪ ترقي ڪري چڪا هئا.(20)

اڄ کان هڪ لک سال اڳ سنڌو ماڙ ۾ اوائلي انسان الهندي وارن جبلن ۽ ٽڪرن جي غارن ۾ رهڻ لڳو. انهن غارن جا آثار سنڌ ۾ ڪافي تعداد ۾ مليا آهن. قديم زماني جي ماڻهن جون کوپڙيون سيوهڻ جي پرسان شاهه

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

بلاول جي واڌ تان پڻ لڌيون آهن.(21) لکين ورهيه اڳ جا لاش پٿرن جي اوزارن سميت ٽنگا نيڪا مان لڌا ويا آهن. لکيءَ جي جبلن مان کوسي پاڻيءَ جي چشمن جي پريان هڪ ٽکريءَ تي هڪ غار لڌو ويو آهي، جيڪو "هڪ ٽنيو" سڏبو آهي.(22) اهو به نهايت قديم زماني جو غار آهي. سرحد صوبي ۾ شنگهائو وٽ پڻ ان دور جي ماڻهن جو هڪ رهائشي غار مليو آهي. ماهرن اٽان مليل باقيات جي عمر هڪ لک کان 40 هزار سال ق-م مقرر ڪئي آهي.(23)

هن دور ۾ اوائلي انسان ننڍين ننڍين ٽولين جي صورت ۾ غارن ۾ رهڻ لڳو. هي ٽوليون شروع ۾ ڪٽنب، قبيلي يا قوميت جي صورت ۾ منظم ڪونه هيون پر هن دور ۾ هو رولو زندگي ڇڏي ڪري ٽولين جي صورت ۾ رهڻ لڳا. هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ ڪري هنن جي دلين ۾ رحم، قرب ۽ پنهنجائپ وارو جذبو پيدا ٿيو. هن وقت انسان ايڏا باهه ٻارڻ جو هنر ڪونه سکيو هو. ان ڪري هو پنهنجي عزيزن کي مرڻ بعد پٿرن هيٺان پوري ڇڏيندو هو. جيئن لاش ڏپ نه ڪري. اهڙيون ڪافي شهادتون سنڌ اندر مليون آهن، جيڪي ان وقت جي مدفن انسانن جون آهن.

پراٽي پٿر دور جي ماڳن جي وڏيڪ چوڪ ڇڪاس ڊسمبر 1975ع ۾ برطانيا جي ڪيمبرج يونيورسٽيءَ جي آرڪيالاجي شعبي جي ماهر ڊاڪٽر الچين ۽ سنڊس زال ۽ ٻين ٻن ميمبرن سنڌ اندر شروع ڪئي. هنن دعويٰ ڪئي آهي ته، "سنڌ ۾ پٿر جي انسانن طرفان اوزار ٺاهڻ جي ڪارخانن وارا هنڌ، ماڳ ۽ مڪان موجود آهن.... اسان روهڙيءَ وارين ٽڪرين ۽ حيدرآباد ويجهو اهڙا آثار معلوم ڪيا آهن ۽ اهڙا ماڳ ۽ مڪان ڏٺا آهن، جن کي پٿر جي دور جي اوزارن ٺاهڻ جي ڪارخانن جا هنڌ چئي سگهجي ٿو." انهن آثارن بابت ڊاڪٽر الچين جي راءِ آهي ته اهي آثار پنهنجي خاص نوعيت وارا هنڌ آهن، جن جهڙا دنيا ۾ هن کان اڳ فقط مصر ۾ مليا آهن. پروفيسر الچين هتان مليل اوزارن کي پراٽي پٿر دور جا اوزار سڏيو آهي ۽ انهن جي عمر 50 هزار سال ق-م مقرر ڪئي اٽائين.(24)

هيءُ اهو دور هو جو ايڏا تائين پوکي راهي ڪرڻ تائين انساني شعور ڪونه پهتو هو. ان ڪري هو پنهنجي ڪاڌي جو پورائو مچي ماري ۽ وڻن مان

ميوو چني ڪندو هو ۽ گڏوگڏ سنڌوندیءَ جي پر وارن ٻيلن مان پکين ۽ جانورن جو شڪار پڻ ڪندو هو. هن شڪار بعد جانورن جي کلن مان هڏن جي ٺهيل سين رستي پنهنجو لباس تيار ڪري ورتو. هاڻ هو قدرت جي رازن ۽ رمزن کي سمجهڻ لاءِ پنهنجو عقل استعمال ڪرڻ لڳو. جڏهن هن ٻيلي ۾ وڻن جي گسڻ ڪري باهه پيدا ٿيندي ڏٺي ته هن اتان تاندو ڪڍي اڇي پنهنجن اونداهن غارن کي روشن ڪيو. غارن ۾ اها باهه ڏينهن رات ٻرندي رهندي هئي. ان باهه تي هو گوشت پچائي کائڻ لڳا ۽ غارن ۾ ايندڙ خونخوار جانورن کي پڄائڻ جو ڪم ب باهه کان وٺڻ لڳا. سردين ۾ ڏکندڙ انسانن کي باهه جهڙي بي بها نعمت هٿ اچي وئي. هو ان باهه کي سانڍڻ ۽ ان کي پنهنجن هٿن سان پيدا ڪرڻ لاءِ جتن ڪرڻ لڳا. هنن کي اها اٽڪل سجهي آئي ته ٻن پٿرن کي پاڻ ۾ زور سان مهٽڻ سان باهه پيدا ٿي پوي ٿي. هاڻ باهه جي دريافت انساني زندگيءَ ۾ عجيب انقلاب آڻي ڇڏيو.

پراڻي پٿر دور جي انسانن پنهنجي دور ۾ ارتقا جا جيڪي حيرت انگيز ڏاڪا طئ ڪيا، انهن ۾ گڏ رهڻ جو تصور پيدا ٿيڻ، باهه جي دريافت ٿيڻ سان گڏوگڏ سندس وڌي ۾ وڌو ڪارنامو هوليءَ جي ايجاد هو. هن دور ۾ ماڻهن پنهنجي ضرورتن کي آڏو رکي، هڪ ٻئي سان رابطو قائم رکڻ لاءِ هڪ ٻئي کي ڏکئي وقت تي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ لاءِ آهستي آهستي هولي جي تخليق ڪرڻ شروع ڪئي. مختلف قسم جا اشارا ۽ آواز بامعنيٰ لفظن جي صورت اختيار ڪرڻ لڳا. جن اڳتي هلي هڪ مڪمل انساني هوليءَ کي جنم ڏنو. هن دور جي ختم ٿيڻ کان پوءِ انسانذات پنهنجي ارتقا جي ٻئي دور يعني وچين پٿرواري دور ۾ پهچي وئي.

(2) وچون پٿر وارو دور

هن دور ۾ پيداواري ذريعن وڌيڪ ترقي ڪئي. اوزارن ۾ سڌارو ۽ واڌارو آيو. تير ڪمان ايجاد ٿي، جنهن ڪري شڪار زور ورتو. پٿر مان نوان اوزار ٺڙايا ويا، جهڙوڪ: ڪرپي، ڪهاڙي، ڪنڍي ۽ ڇري. هن دور جي آخر ۾ متيءَ جا ٽانوَ ٺهڻ شروع ٿيا. ان سان گڏوگڏ جانورن پالڻ جي ابتدا ٿي. جڏهن اوائلي انسان جانور پاليا ته سندس مٿان ڪم جو بار هلڪو ٿي پيو ۽

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

کيس بار ڏوئڙ ۾ سواري ڪرڻ لاءِ ذريعو ميسر ٿي ويو. جنهن ڪري سندس ڪيتريون ئي تڪليفون دور ٿي ويون. ان کان سواءِ سندس ڪاڌي پيتي جو بندوبست پڻ آسان ٿي پيو. هن پالين جانورن جو کير ۽ گوشت پنهنجي غذا ۾ شامل ڪري ورتو. هن ئي دور جي آخر ۾ زمين کيڙڻ طرف انسان جو ڌيان ويو. هن ڏنڊن ۽ درياهن جي ڪنارن تي زمين جا ننڍا ننڍا ٽڪرا کيڙڻ شروع ڪيا. پيداواري ذريعن ۾ ترقي ٿيڻ ڪري، ماڻهن جو وڏو تعداد رولو زندگي ڇڏي ڪري مستقل طور آباد ٿيڻ شروع ٿيو. جنهن ڪري برادري نظام وڌيڪ پڪو ۽ پختو ٿيو ۽ هوليءَ جي اوسر وڌيڪ تيز ٿي. ماڻهن جي وڌين ٽولن درياهن ۽ ڏنڊن جي ڪنارن سان پاڻي جي سهنج ۽ شڪار جي سهوليت کي نظر ۾ رکندي رهائش اختيار ڪئي. ڪم گڏ ٿيڻ لڳو ڪاڌي پيتي جي ورهاست هڪجهڙي ٿيڻ لڳي.

سنڌو ماٿر اندر وچون پٿر وارو دور 15 هزار کان 6 هزار ق۔م تائين هليو. هن دور جي انساني وسندين جا آثار گجرات، ڪاٺياواڙ سکر جي ويجهو روهڙي، ڪراچي، حيدرآباد ۽ منچر ڏنڊ جي پسگرداين مان مليا آهن.(25)

هن دور جا ماڻهو پنهنجا پٿر جا اوزار چقمقي پهڻ مان تيار ڪندا هئا. جيڪي کين اروڙ جي ڪنڊرن (سکر) جي آس پاس وارين ٽڪرين مان ملندا هئا. ماهرن اتان چقمقي پهڻ جو اهڙو ڪارخانو ڳولي لڌو آهي. اهي چقمقي پهچڻ جا اوزار ان ڪري وڌيڪ استعمال ۾ ايندا هئا، جو چقمقي پهڻ سخت هجڻ ڪري گهٽو ڪري وڌ ٽڪ جو سامان چريون، ڪات ۽ ڪنڊيون انهيءَ مان پائيدار ۽ سٿيون ٺهنديون هيون. جيڪي وري تکيون ڪري استعمال ڪيون ويندیون هيون. لئمبرڪ ڄاڻائي ٿو ته اهڙي اوچي قسم جا اوزار ۽ انهن جي ٺهڻ جا هنڌ روهڙي ۽ ڪوٽڏيجي لڳ آهن. اهڙا ڪيترائي هنڌ وچولي ڪوهستان ۾ ۽ ٻيا ڪيترا ساموندي ڪپر سان ڏاکڻين ٽڪرين وٽ ٻه آهن.(26)

هن دور ۾ اوزارن ۾ ترقي اچڻ ڪري ۽ ٻيو ته برفاني دور ختم ٿيڻ ڪري ماڻهو نون علاقن ڏانهن قهلجڻ لڳا. هنن وڏي تعداد ۾ ڏور ڏڳا، ريڍون ۽ ٻڪريون وغيره پالڻ شروع ڪيون. هن دور جي ماڻهن جي رهائشي هنڌن

تان متيءَ جا ٺهيل ٽانوَ پڻ هٿ آيا آهن، جيڪي تمام شروعاتي قسم جا آهن، جيڪي هٿ تي ٺاهيا ويندا هئا جڏهن ايڏا چڪ جو استعمال ڪونہ ٿيو هو. هيٺانهين سنڌ جا ماڻهو گهٽو ڪري هن دور ۾ مڇيءَ جو شڪار وڌيڪ ڪندا هئا. سندن ان دور جا اوزار ٺارو ٽڪري ۽ گولف ڪلب ڪراچي پرسان ملیا آهن. روهڙي طرف مليل ۽ ماڳ شهنشاهہ بلوچ ۽ نواب پنجابي ۽ هن دور جي انسانن جون وسنديون آهن. هن دور جا ٻيا آثار ماهرن هاڪڙي درياهہ جي ڪنارن سان پڻ لڌا آهن. جن کي پٽر جا اوزار روهڙي طرف کان هاڪڙي درياهہ رستي پهچندا هئا.(27)

هن دور جي ماڻهن پٽر کي وڊي ٽڪي خاص شڪلیون ڏئي استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. هنن ڪاڌي کي پچائڻ لاءِ پٽر جون پاتيون جي تراکڙيون هيون استعمال ڪرڻ شروع ڪيون. آهستي آهستي اوائلي انسانن پنهنجي پٽر جي اوزارن کي سڌارڻ شروع ڪيو. هاٿي هو پٽر مان عمدي قسم جا اوزار ٺاهڻ لڳا. هنن مڇي پڪڙڻ لاءِ ڪنڊيون، پٽر جا نيزا، پاٿي ڏوئڻ لاءِ جانورن جي ڪلن مان پکالون ٺاهي ورتيون. ان کان سواءِ ان ئي دور ۾ پٽر جون بهترين ڪهاڙيون، ڇريون ۽ ٻيو وڊ ٽڪ جو سامان ٺاهيو ويو. اهڙيون شيون لوٽي ندي (ننگرپارکر) ۽ ٻين هنڌن تان مليون آهن. (28) اهڙي قسم جا ٻيا اوزار ڪئپٽن ريڊ ڏڪ 1941ع ۾ ڊرگ روڊ (ڪراچي) يعني سنڌ جي ڏکڻ اولهہ طرف لڌا آهن. جيڪي گهٽو ڪري پهرين جي چنڊ جي شڪل جا آهن. شايد اهي مڇي مارڻ جا اوزار يا تيرن جا ڦر ئي هجن. جن جي ڪاٺ جاڳن گهٽو وقت گذرڻ ڪري متيءَ ۾ ملي ويا آهن. (29)

هن دور ۾ شڪار لاءِ نوڪدار تڪن اوزارن ۽ ٻئي وڊ ٽڪ جي سامان شڪار کي وڌي هٿي ڏني ۽ هاڻ ماڻهن جا ٽولا سيوستان، مڪران، هاڪڙي ۽ سنڌوءَ جي ڪنارن وارن ٻيلن ۾ شڪار لاءِ نڪري ٻيا. ان وقت هاڪڙي ۽ سنڌوءَ جي ڪنارن وارن ٻيلن ۾ هاٿي، گينڊا، باندر، چيتا ۽ ٻيا قسمين قسمين جانور رهندا هئا. هن دور کي ماهر شڪاري ۽ مال ڊارينڊڙ ماڻهن جو دور چون ٿا. ڇو تہ هن دور ۾ اجا زراعت کا بيان ڪرڻ جهڙي ترقي ڪانہ ڪئي هئي ۽ نہ وري هن دور جا ماڻهو قبائلي نظام هيٺ گذ ٽي سگهيا هئا.

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هو ايان ننڍين ننڍين خاندانن ۾ برادرين ۾ ورڇيل هئا، جيڪي خوني رشتيداريءَ تي ٻڌل هيون.

سماجي زندگيءَ جو جائزو

شروع ۾ سماج اندر طبقن جو وجود ڪونہ ٿيو هو. ڪوبہ ظالم ۽ مظلوم، آقا ۽ غلام ڪونہ هو. سڀني انسانن جو رتبو هڪ جهڙو هو. ماڻهو هڪ ٻئي جو استحصال ڪرڻ کان سواءِ پنهنجي زندگي گذارينداهئا. سماج ۾ طبقاتي نظام تمام گهڻو پوءِ وجود ۾ آيو. ان ڪري طبقاتي نظام کان اڳ جي هن نظام کي سماجي سائنس جا ماهر "ابتدائي ڪميونزم" يا "راڄوٽي نظام" چون ٿا.

سنڌوماٿر ۾ پراٽي پٿر دور ۽ وچين پٿر دور جي ماڻهن جي سماجي زندگي تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ان دور ۾ هتي ايجا طبقاتي نظام جو بنياد ڪونہ پيو هو. سڀ ماڻهو گڏجي پيداوار ۾ حصو ونڊندا هئا، جن ۾ عورتون، مرد، ٻار ۽ ٻيا شامل هوندا هئا ۽ هو سخت جدوجهد کان پوءِ حاصل ڪيل پنهنجي روزيءَ کي هڪ ٻئي ۾ برابر ونڊي ورڇي استعمال ڪندا هئا. ان دور ۾ نجي ملڪيت جو بنياد ان ڪري پئجي نہ سگهيو هو تہ اوزارن جي اڻ هوند ۽ سادگيءَ ڪري ڪوبہ اڪيلو ماڻهو ان لائق نہ هوندو هو تہ هو اڪيلي سر ڪو ڪم ڪري سگهي. هن کي هر وقت پاڻ جهڙن ٻين ماڻهن جي مدد جي ضرورت پوندي هئي. شڪار ڪرڻ وقت ۽ ڦل گڏ ڪرڻ وقت سڀ گڏجي ڪم ڪندا هئا ۽ هنن کي سخت محنت ۽ مشقت کان پوءِ بہ مس ايترو کاڌو يا شيءِ نصيب ٿيندي هئي، جنهن مان پنهنجو پيٽ قوت حاصل ڪري سگهن. ان ڪري فاضل پيداوار جي جمع ٿيڻ جو سوال ئي پيدا ڪونہ ٿيندو هو. ان ڪري ذخيره اندوزي ڪرڻ ان دور ۾ ناممڪن هئي.(30) هن دور ۾ ڪنهن بہ حڪومت، رياست يا قانون جو تصور ڪونہ هو. سڀ ماڻهو گڏجي پنهنجو بچاءُ ڪندا هئا. خونخوار جانورن جي حملن ۽ ٻاهرين حملي آورن سان گڏجي جنگ ڪندا هئا. هنن وٽ ان وقت علائقائي ورهاست جو تصور بہ موجود ڪونہ هو. هو فطري حدبندين اندر

رهندا هئا، يعني هو اتي وڃي پنهنجا ديرا ڄمائيندا هئا، جتي خوراڪ وافر مقدار ۾ ملندي هئن ۽ پاڻي جو سهنج موجود هوندو هو.

هن دور ۾ سنڌو ماڻريءَ جا رهواسي وحشي دور مان نڪري، اڪيلي زندگي گذارڻ واري عادت ڇڏي برادرين ۽ خاندانن ۾ متحد ٿيا. اهي برادريون ۽ خاندان خوني رشتن تي ٻڌل هوندا هئا. شروعات ۾ منجهن آزاد جنسي تعلقاتن جو رواج هو. آزاد جنسي تعلقاتن ڪري ڪنهن به پيدا ٿيندڙ ٻار جي باري ۾ ڪابه خبر ڪانه پوندي هئي ته ان جو پيءُ ڪهڙو آهي. ان ڪري نسب جو سلسلو ماءُ کان هلندو هو. ان ڪري قديم سماج ۾ عورت جي وڏي عزت هوندي هئي. عورت ئي سڄي خاندان تي راج ڪندي هئي. هڪ برادري يا خاندان اندر جيڪي به مرد يا عورتون هوندیون هيون سي سڀ هڪ ٻئي سان جنسي تعلقات رکندا هئا، جنهن ۾ رشڪ يا رقابت جي ڪابه گنجائش نه هوندي هئي.(31) ان ڪري هن دور جي سماج کي سماجي سائنس جا ماهر "ماءُ آدرشي سماج" جو نالو ڏين ٿا، ڇو ته هن دور ۾ عورت ئي حڪمران هئي. هوءَ ئي برادري ۽ خاندان جي اڳواڻ هئي. ڪاڏي جي ورهاست، نسلي پرورش ۽ پاليل مال جي سارسنڀال سندس ذمي هوندي هئي.

هن دور جي انسانن جي ايجادن تي جيڪڏهن نظر وجهجي ٿي ته خبر پوي ٿي ته هن دور ۾ انسانن جيڪي اڃ الف اگهاڙا گهمندا هئا، تن شڪار ڪيل جانورن جي ڪلن سان پنهنجا تن ڍڪڻ شروع ڪيا. پنهنجو تن ڍڪڻ جو خيال کين اوگهڙ ڍڪڻ بدران سرديءَ يا گرميءَ کان پاڻ کي بچائڻ ئي هو. جنهن اڳتي هلي ستر ڪرڻ جي شڪل اختيار ڪئي. هن دور جي وڏي ۾ وڏي ايجاد باهه جي دريافت پڻ هئي. باهه جي مدد سان هو گوشت پچائي ۽ نرم ڪري واپرائڻ لڳا. هن دور جي انسانن جا اوزار پٿر، ڪاٺين، هڏن ۽ سنگن جا ٺهيل هوندا هئا. هن دور ۾ انسان فطرتي محتاجيءَ مان نڪري، خود خوراڪ پيدا ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ لڳو. اهڙي طرح لکين سالن تي ٻڌل سماجي ارتقا جو هيءُ دور انسانذات جي ارتقائي سفر ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو.

سنڌو ماڻر ۾ گوناڻيون زرعي ثقافتون

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

انساني تهذيب جي شروعات درياهن جي ڪنارن تي ٿي. قديم دور جي ماڻهن پنهنجا جهوپا ان ئي هنڌ جوڙيا، جتي کين پاڻي سهنجائي سان ملي ٿي سگهيو. ڇو جو اوائل ۾ ايجا اهڙا اوزار جڙي کين سگهيا هئا. جن جي مدد سان کوهه کوٽي يا درياهن مان واهه ڪڍي پاڻي جو پورائو ڪري سگهجي. ان ڪري رهائشي ڳوٺ يا شهر ٻڌڻ جا مناسب هنڌ درياهن ۽ ڍنڍن جا ڪنارا ئي هئا. درياهي ڪنارن ۾سان رهڻ ڪري پاڻي ۽ خوراڪ جو مسئلو حل ٿي سگهيو ٿي. نه صرف اتي ٻنيون ڪيڙي، ريج ڪري، زراعت کي ترقي ونائي سگهجي ٿئي، پر گڏوگڏ جانورن جو چارو ۽ ٻيا هنر ۽ ڪاريگريون پڻ اتي زور وٺي سگهن ٿيون. بقول انساني تاريخ جي ماهر رابرٽ بريفالٽ جي ته، "جڏهن خانه بدوش انسان چراگاهن جي تلاش ۾ ايشيا جي وڏن وڏن درياهن جي ماٿرين ۾ پهتا ۽ کين معلوم ٿيو ته هتي ٿورڙي محنت سان جانورن ۽ انسانن لاءِ خوراڪ مهيا ٿي سگهي ٿي، ته هنن آواره زندگي گذارڻ ڇڏي، زراعتي زندگي اختيار ڪئي ۽ مستقل هنڌن تي آباد ٿيا. ۽ سنڌو، گنگا، يانگسي، فرات ۽ نيل ندي جي گپ چڪ مان ئي تهذيب جنم ورتو." (1) يعني اوائل ۾ تهذيب جو ٻوٽو درياهن جي ڪنارن تي ئي وڌي وڻ ٿيو. دنيا اندر تي وڏي ۾ وڏا درياهه سنڌو، دجلہ ۽ فرات آهن، جن جي ڪنارن تي تمدني زندگي جي شروعات ٿي ۽ زراعت زور ورتو.

دنيا اندر سڀ کان پهريان کيتي ڪرڻ جو هنر اڄ کان 8 هزار سال اڳ سنڌو ماٿر جي رهواسين ڳولي لڌو ۽ هتي ئي شروعات ۾ انساني تهذيب جو وڻ وڌڻ شروع ٿيو. ماهر ان راءِ جا آهن ته سنڌو ماٿر ان ڪري انساني تهذيب لاءِ وڌيڪ اسرڻ جي موزون جڳهه هئي، ڇو جو هتي جي آبهوا نه گهڻي گرم هئي ۽ نه سخت سرد هئي، يعني وچولي قسم جي هئي ۽ سنڌوندي جي لڳاتار وهڪ جي ڪري هتي خوراڪ جو ڏڪر ڪونه هو. ان ڪري ئي هتان جا رهواسي ٻي دنيا جي پيٽ ۾ سڀ کان پهريان زرعي زندگي ۽ ڳوناٽي رهائش ڏانهن مائل ٿيا. اها هن ڌرتي ۽ هتان جي ندين جي سرسبزي ۽ خوشحالي چئبي، جو هتان جا رهواسي ٻين قومن کان گهڻو اڳتي نڪري چڪا هئا. پروفيسر ماڻڪ پٽاوالا پڻ ايئن چوندي ڪونه ٿو هڪي ته، "سنڌ کي رونقدار ۽ پريو پاڳيو بنائڻ ۾ سنڌو درياهه جو وڏو هٿ آهي.

سنڌو درياهه اسان جي سنڌ جي جنم کان اڳ ئي موجود هو. جيئن ٻار جمڻ کان اڳ ماءُ جي ٽڻن ۾ ٽڇ اچي ٿي، تيئن سنڌ کي تاتي نپائي وڌو ڪرڻ لاءِ سنڌو اڳئي هتي حاضر هئي.(2) اوائل ۾ هتان جي رهواسين جون زرعي ايراضيون ننڍين ننڍين درياهن جي وادين ۾ اپريون. اڄ کان 8 هزار سال اڳ نئين پٿر واري دور (Neolithic Age) ۾ سنڌو ماٿر جي رهواسين ٻنيون ڪيڙي فصل اپائڻ جي شروعات ڪئي. اهڙا آثار تازو فرانسيسي آرڪيلاجيڪل مشن جي ڊائريڪٽر مسٽر ذان زيري بلوچستان جي بولان لڪ وٽ مهرگڙهه جي قديم آثارن مان ڳولي لڌا آهن ۽ انهن آثارن جي عمر 6 هزار ق۔م مقرر ڪئي آهي. ماهرن مهرگڙهه کي ايشيا جي پهرين زرعي وسندي ڪوٺيو آهي. اهڙي طرح هتي جي رهاڪن ئي سڀ کان پهريان هڪ زرعي سماج (Agrarian Society) جو بنياد وڌو. مسٽر ذان زيري هن قديم وسندي تي روشني وجهندي چوي ٿو ته هتان جا ماڻهو 6 هزار ق۔م کان اڳ نئين پٿر واري دور ۾ فني، جمالياتي ۽ تخليقي ذهنيت سان مالامال هئا ۽ هو اڏاوتي مهارت رکندا هئا. هنن جي رهڻي ڪهڻي، آرٽ، ٽانوڻ جي ڊيزائن، دفنائڻ جا طريقا ۽ زرعي سرشتو گهڻو ترقي ڪيل هو.(3) هن دور ۾ اڄا ماڻهن ڌات ڳولي ڪانه لڌي هئي. ان ڪري اوزار طور پٿر استعمال ڪندا هئا. هو زمين کيڙڻ لاءِ پٿر جا هر، فصل جي ڪٽائي لاءِ پٿر جا ڏاتا ۽ ان پينهڙ لاءِ پٿر جون چڪيون استعمال ڪندا هئا. هو اوزارن ٺاهڻ لاءِ چقمقي پهڻ جا ڏار وارا اوزار استعمال ڪندا هئا.(4)

مٿين آثارن ملڻ کان پوءِ خبر پئي ته کيتي ڪرڻ جي سرشتي جي ڪري سنڌي ماڻهو سڀ کان پهريان تمدني زندگي ڏانهن مائل ٿيا ۽ تيزي سان ترقي جا ڏاڪا طئ ڪرڻ لڳا. جڏهن ته اهو سڄو عمل باقي دنيا ۾ تمام دير سان شروع ٿيو. سڌريل پوڪ جو ڪم ۽ پڪي ڳوناڻي آبادي مشرق قريب ۾ تقريبن 5 هزار ق۔م ۾ شروع ٿي، پوڪي راهي انساني زندگي ۾ هڪ نئون انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. هاڻ هو پنهنجي جياپي لاءِ فطرت تي پاڻڙ ڇڏي، پنهنجي غذا پاڻ پيدا ڪرڻ لڳو. زراعت جي فن انسان کي پنهنجي زندگي جون ضرورتون پاڻ پوريون ڪرڻ لاءِ همٿايو. جنهن ڳالهه اڳتي هلي انسان کي صحيح معنيٰ ۾ انسان بڻايو.

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پهريان ته سنڌ اندر عورتون پنهنجي هٿن سان زمين کيڙي اناج پوکيندیون هيون، پر پوءِ ڪٽنب جي وڏڻ ۽ وڌيڪ تجربي ٿيڻ بعد پالیل جانورن جهڙوڪ: ڍڳن ۽ گهوڙن کان ٻنيون کيڙڻ جو ڪم ورتو ويو. ابتدا ۾ سنڌو ماٿر اندر هتي جي رهواسين جَوَنِ ڪٽڪ ۽ ڪپھ جون پوکون ڪرڻ شروع ڪيون. ماهر ان راءِ جا آهن ته ڪٽڪ، جَوَنِ ۽ ڪپھ جون پوکون 6 هزار ق-م کان نئين پٿر دور ۾ ڏنڊين ۽ درياهن جي ڪنارن تي ٽيندیون هيون، جنهن جا آثار مهرگڙھ جي کوٽاين مان ملیا آهن. هن دور ۾ مهرگڙھ جا باشندا ڪپھ جو فصل تيل حاصل ڪرڻ ۽ ڏاڪا وٽڻ لاءِ پوکڻ لڳا. بعد ۾ ئي ڪپھ کي ڪپڙي ٺاهڻ طور استعمال ڪرڻ جو رواج پيو. (5)

زراعت جي ابتدا ٽيڻ ڪري ماڻهو رولو زندگي ختم ڪري هڪ هنڌ ويهي پنهنجي پوکيل فصلن جي حفاظت ڪرڻ لڳا. ماڻهو معاشي طور تي ٻن وڏن سماجي گروهن ۾ ورهائجي ويا. هڪڙا اهي هئا جن زرعي زندگي اختيار ڪئي ۽ ٻيا جانورن جا ولر پالڻ لڳا. جانورن جا ولر پالينڌڙ جون ثابتيون اسان کي بنون ۽ ڪڙي گل محمد مان ملیون آهن. هو نه صرف جانور گوشت ۽ کير حاصل ڪرڻ لاءِ ڏارينڌا هئا پر انهن کان سواري جو ڪم پڻ وٺندا هئا. هن دور جا باشندا رڍون، ٻکريون، گڏهه، هرڻ ۽ ريڇ وغيره ڏارينڌا هئا. جن جون وڏيڪ ثابتيون آمري، ڏنپ بني، پانڊي واهي ۽ عثمان بني مان ملیون آهن. (6) جن ماڻهن زرعي زندگي اختيار ڪري جهڳا جوڙڻ شروع ڪيا، تن واندڪائي واري وقت ۾ پٿرن مان هر، ڏاتا، ڪهاڙيون، اتي پينهڻ لاءِ جنڊ ۽ ٻيا زرعي ڪم ڪار ۾ استعمال ٿيندڙ اوزار ٺاهڻ شروع ڪيا. جڏهن ته مال چارينڌڙ گروهه پوءِ به چڙواڳ زندگي گذارڻ لڳو. هنن جانورن جون کلون، رڍن جي اُن ۽ جانورن جو کير معاشي ضرورتن لاءِ استعمال ۾ آڻڻ شروع ڪيو.

زراعت جي رواج بعد قديم دور جي ماڻهن کي هاڻ کاڌي خوراڪ جي ڳولا ۾ جهنگلن ۾ وڃڻو ڪونه پوندو هو ۽ نه ئي شڪار لاءِ ڏڦا کڻي پڇڻو پوندو هو پر هو هاڻ آرام ۽ سکون سان زندگي گذارڻ لڳا. ان واندڪائي واري سوچ ۽ فڪر هنن کي ايڏا به بهتر زندگي گذارڻ تي مجبور ڪيو. جيئن ته هنن کي پنهنجن فصلن کي جانورن کان بچائڻ لاءِ هڪ هنڌ ويهڻو ٿي

پيو سو هنن ميداني علائقن ۾ گهر ٻڌائڻ جو سوچيو. هاڻ هو ٻيلن ۾ وڃڻ ۽ جانورن جي پويان سجو ڏينهن پڄرڻ بجاءِ هڪ هنڌ ويهي گهر ٺاهڻ ۽ ڳوٺ ٻڌڻ لڳا ۽ قدرت جي ٻين شين تي ضابطو ڪرڻ ۽ انهن کي پنهنجي حڪم هيٺ آڻڻ لاءِ نيون تدبيرون جوڙڻ لڳا. يعني گهر ٺاهڻ، ڳوٺ ٻڌڻ ۽ ايجادون ڪرڻ جي راهه ۾ وڏو عمل دخل زراعت جو هو.

ماهرن تحقيق ڪري ثابت ڪيو آهي ته سنڌ اندر نئين پٿر واري دور (6 هزار ق-م) ۾ انسانن غارن کي آخري سلام ڪري اچي پنهنجا گهرڙا ٺاهيا. اهڙن گهرڙن جا نشان اسان کي روهڙي، ڪراچي ۽ منچر ڍنڍ جي پسگردائي ۾ ملن ٿا. اهي گهرڙا اوائل ۾ سرن بدران ڪاٺين ۽ تيلين مان ٺاهيا ويا ۽ غارن مان نڪرڻ بعد اهي ئي انسان جا پهريان اجها ٻڌيا. اهڙن ڳوٺن جا آثار سنڌوندي ۽ هاڪڙي سان گڏوگڏ مختلف ڍنڍن جي ڪنارن تي پن مليا آهن جو جو اتي پاڻي سان گڏوگڏ مڇي ملڻ جو به سهنج هو ۽ اتي ئي ننڍڙا ننڍڙا ٻني ٽڪرا ڪيڙي اَنُ اُپائي پيو سگهجي. شروع ۾ ماڻهن ٻيلن مان ڪاٺيون ڪري ۽ تيليون آڻي درياهي ڪپن تي چونئرا ٺاهڻ شروع ڪيا. اهي چونئرا دراصل گهر ٺاهڻ جي شروعاتي ڪڙي ڪري سمجهڻ گهرجي. ان دور جي ماڻهن پنهنجا اهي چونئرا ٻوڏن کان بچاءَ لاءِ ڪن قدرتي مٿانهن هنڌن تي ٺاهڻ شروع ڪيا. هنن جا ڳوٺ چند چڙوچڙ گهرن تي مشتمل هوندا هئا، جتان سرن جي اڏاوت جي ڪابه نشاني ڪانه ملي آهي. جيئن آمري، پانڊي واهي ۽ غازي شاهه جي شروعاتي تهن ۾ گهرن جي تعمير جا نشان ڪونه مليا آهن. اتان صرف استعمال جا ٿانو ئي مليا آهن. ان جو مطلب اهو ونڻ سراسر غلط ٿيندو ته ڪو ان وقت جا ماڻهو بنا گهر گهاٽ جي ڪلئي آسمان هيٺان زندگي گذارينداهئا پر هي ڳوٺ ان وقت جا آهن، جنهن دور ۾ ايان مٽي جون سرون وجهي گهرن ٺاهڻ تائين انساني ذهن ڪونه پهتو هو.

وري جڏهن انساني ذهن ترقي ڪئي ته هنن جي گهرن جي جڙاوت ۾ پڻ تبديلي آئي. گهر ترقي ڪري هٽ جي ٺهيل سرن ۽ پٿرن سان جڙي راس ٽيڻ لڳا. اهڙا گهر مستطيل نموني جا وڏن پڏرن سان ۽ هڪ هنڌ ڳاهه ٽيل ملن ٿا. اهي گهر پڻ اڳ وانگر ٻوڏن کان بچاءَ لاءِ ڪن قدرتي مٿانهن پٽن تي

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آباد ڪيا ويندا هئا. هو گهرن جي پٽين جي پيڙهه ۾ پٿرن جو استعمال ڪندا هئا، مٽي اوساري سرن جي هوندي هئي، جتيون ڪڪايون پرگاري سان لتل هوندیون هیون. ڪڙي گل محمد (4200ق م) ۾ پانڊي واهي مان هن قسم جي اڏاوتن جا نشان ملیا آهن. ڪڙي گل محمد جا رهواسي ڪچي مٽيءَ جي گهرن ۾ رهندا هئا ۽ پانڊي واهي مان ملیل گهر مستطیل قسم جا آهن ۽ انهن جي پيڙهه پٿر جي رکيل آهي. باقي اڏاوت چيرولي يا گاري سان ٿيل آهي.(7) اهڙي قسم جا رهائشي گهر آمري جي وچين تهن مان پڌ ملیا آهن. هن دور جي ڳوٺن جي خاص خوبي اها آهي جو انهن جي چوڌاري حفاظتي قلعا ٺهيل آهن. آمري، ترڙي، گجو، ڪوهتراس بڻي ۽ ڪوٽڏيجي جي کوتاين مان اهڙن حفاظتي قلعن جا آثار پڌ ملیا آهن.(8)

گهرن ٺهڻ ڪري گهر ۾ استعمال ٿيندڙ شين ٺاهڻ جي پڌ ضرورت پيش آئي. نئين پٿر واري دور جا رهواسي شروع ۾ اوزارن طور پٿر کي وڌيڪ استعمال ڪندا هئا. هو پٿر جون ڪهاڙيون، ڏاتا، ڪرپيون، ڇريون، جندر، ماني پچائڻ جو ٿوپيون ٺاهيندا هئا، جيڪي گهٽو ڪري چقمقي پهڻ جون هوندیون هیون. بعد ۾ هنن ڪائين ۽ تيلين مان ٽوڪريون، ماني رکڻ جو ڊبڪيون، کارا، ان رکڻ جا پانڌا ٺاهڻ شروع ڪيا، جن کي ڏامر يا مٽيءَ سان چوڌاري لنبيو ويندو هو. ان ئي دور ۾ مٽي جي ٿانون ٺاهڻ طرف پڌ ترقي ٿي. گهرن ۾ رهندڙن مٽي مان اهڙيون شيون ٺاهڻ شروع ڪيون، جيڪي کاڌي رکڻ لاءِ ٿانون طور استعمال ٿين. پهريان ته ڪچي مٽي جا اڻ پڪل ٿانوَ تيار ٿيندا هئا، جيڪي پاڻيائين شين جي استعمال لاءِ ناقص هئا. ان ڪري سنڌوماٿر جي رهواسين انهن ۾ تبديليون آڻڻ شروع ڪيون. اٽڪل 4000 ق-م ڌاري سنڌ ۾ ڪنيارکي چڪ جو بنياد پيو. مٽي جا ٿانو ڳوٺن جا محنتي ڪنيڙ چڪ تي ٺاهي، انهن کي آوين ۾ پچائڻ لڳا. ڪنيڙ جي چڪ ٿانو جي بناوت ۾ عجيب تبديلي آڻي ڇڏي ۽ مٽي جا نفيس ٿانو تيار ٿيڻ لڳا. (9) ان دور جي آبادين ڪڙي گل محمد ۽ مديگڪ مان ملیل ٿانون چڪ تي ٺهيل ملن ٿا.(10) جن تي اڇتي هلي نقش نگاريءَ جو ڪم پڌ شروع ٿيو. هتان جا ڪنيڙ ٿانون کي خوبصورت بڻائڻ لاءِ انهن تي رنگين چتسالي ڪرڻ لڳا. راڻا گندئي مان ملیل ٿانون تي ڳاڙهي ۽ هيڊي رنگ جا تهه

چڑهيل آهن ۽ انهن مٽان ڪاري رنگ جي مصالحي جي چٽسالي ٽيل آهي. آمري مان مليل ٽانون جي تري تي ٽلهن ڪارن پٽن تي لاڳيتا ٽڪنڊا مليا آهن. ٽڪنڊن جي پاسن ۾ ڳاڙهو رنگ پريل آهي. لئمبرڪ ان دور جي ماڻهن جي ٽانون بابت ٻڌائي ٿو ته: "هو ٽڪر تي ڪاري يا ڳاڙهي رنگ سان چٽسالي ڪندا هئا ۽ انهن تي جاميٽري جي شڪلين جهڙا چٽ ڪيندا هئا." (11) ڪوئيٽا جي قديم آثارن مان مليل ٽانون جو رنگ بادامي ملي ٿو ۽ انهن تي پوري رنگ سان نقش نگاري ٽيل آهي. اهي ٽانو 4 هزار ق-م جا آهن. وري اڳتي نال مان مليل ٽانون ۽ آمري مان مليل ٽانون تي اسان کي شينهن، مڇين، ڏڳي ۽ پکين کان سواءِ ٻيڙ جي پنن جا نقش اُڪريل ملن ٿا.(12) شروع شروع ۾ جيڪي ٽانو ٺهڻ لڳا، پهريان انهن تي سادي قسم جي چٽسالي ٽيندي هئي، جنهن ۾ اڪثر جانورن جون شڪليون چٽيل هونديون هيون. ان قسم جا ٽانو 6 هزار ق-م کان سنڌو ماٽر اندر رائج هئا. بعد ۾ انهن ٽانون ۾ ترقي ٽيڙ شروع ٿي. اٽڪل 3500 ق-م ڌاري ٽانون تي جانورن جون شڪليون چٽڻ جو ڪم بند ٿي ويو ۽ ان جي جاءِ جاميٽري جي ڏکين ۽ رنگ برنگي نمونن ورتي.(13)

سنڌوماٽر جي رهواسين 4000 ق-م ڌاري ڌات پڻ ڳولي لڌي.(14) هو شروعات ۾ تامي مان پنهنجي هارسينگار جون شيون ٺاهڻ لڳا.(15) بعد ۾ تامي مان ڪهاڑيون، آرا، پالا ۽ چوڑيون وغيره ٺهڻ لڳيون، جنهن جا آثار ماهرن نال، آمري، ڪوٽڏيجي ۽ ڪڙي گل محمد جي آثارن مان ڳولي لڌا آهن.(16) ڪڙي جي قديم آثارن مان ان سلسلي ۾ اڳتي ٽيل اوسر جو پتو پوي ٿو. هتان جا ماڻهو نه صرف تامي جي استعمال کان واقف هئا پر هو تامي ۽ ٽن کي پگهاري ڪنجهي جون شيون ٺاهڻ پڻ ڄاڻيندا هئا. ڌات جي وڌيڪ استعمال جا ثبوت ماهرن ڪوهتراس بني مان پڻ هٿ ڪيا آهن. آثار قديمه جا ماهر ان ڳالهه تي متفق آهن ته سنڌوماٽر ۾ نئون پٽر دور 6 هزار ق-م کان 4 هزار ق-م تائين هليو. بعد ۾ 4 هزار ق-م ۾ هتان جي ماڻهن ڌات ڳولي لڌي ۽ هو تامي ۽ ٽن کي پگهاري (رجائي) استعمال ڪرڻ لڳا.

زراعت جي اوج ۽ ڳوٺن جي بنياد سنڌوماٽر اندر ڪيترائي وڏا، رازا، ڪنير پيدا ڪري ورتا ۽ هتان جا واپاري ڪچي مال کي هٿ ڪرڻ لاءِ ٻاهر

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نکري پيا. سنڌوماٿر جون ٻيڙيون سمنڊن جا سينا چيريندیون ويجي آفريڪا ۽ ايرندي ايشيا ۾ پهتيون. هي دنيا جو اڪيلو ئي خطو هو جتان اوائل ۾ تهذيب يافته انسان ٻاهرين دنيا ۾ پکڙجڻ لڳا ۽ هنن پنهنجي لاتعداد صلاحيتن سان هن ڌرتي کي رنگيني بخشي، برپٽن ۾ بازاريون لڳائي ڇڏيون. هڪ ماهر پوڪاڪ ان دور جي سنڌين بابت لکي ٿو ته، "قديم دور ۾ سنڌوندي جي مهاڏي تي ساموندي سفر ڪندڙ ڦڙت، هنرمند ۽ همت وارا ماڻهو رهندا هئا... جن جي نتيجي طور سيپتا کي اوج ملي." (17) وري هڪ ٻئي ماهر فرگوسن کي ٻه ٻڌندا هلو جيڪو سنڌوماٿر کي مڪمل دنيا سمجهي ٿو "سنڌ مان سنڌوندي رستي ذاتين پڻيان ذاتيون ۽ بيشمار ماڻهو ٻاهر ويا آهن، جن تهذيب جو ڦهلاءُ ڪيو آهي... ۽ سنڌ هند هڪ مڪمل دنيا آهي." (18) سبط حسن چوي ٿو ته، "هتان جون ٻيڙيون مال سان لڏجي مڪران جي ڪناري سان بحر عرب ۽ خليج فارس ٽپي سو ميري بندرگاهن ڏانهن ويندیون هيون." (19)

هن دور ۾ سنڌو ماٿر جا باشندا ٻاهر ويڃڻ شروع ٿيا هئا ۽ دنيا جي مختلف ڪنڊن ۾ پهچي پنهنجو علم ۽ هنر ڦهلائي رهيا هئا. هنن جون ٻيڙيون سمنڊ جا سينا چيريندیون آفريقا ۽ عرب ملڪن ڏانهن اُسهي رهيون هيون. جتي ايجا انساني ارتقا پنهنجي ٻالڪپڻ جي دور ۾ هئي. آثار قديمہ جو هڪ وڏو ماهر ڊاڪٽر ايم آر مغل ان دور جي سنڌوماٿر جي رهواسين جي بين الاقوامي واپار بابت هن طرح رقمطراز آهي ته: "ڳوٺاڻي ثقافت جي ماڻهن جو واپاري رابطو نہ صرف پنهنجن شهرن تائين محدود هو پر هنن جو واپار ٻاهرين ملڪن سان پڻ هلندڙ هو. هو ايران، گلف جي رياستن، عرب رياستن ۽ ميسوپوٽيما سان پڻ واپار ڪندا هئا. (20) ان واپار جا ثبوت ماهرن کي آمري مان پڻ مليا آهن. ڪاپر جو سامان جيڪو غازي شاهہ ڪوهٽراس بڻي، لوهري، آمري ۽ ڪوٽڏيجي مان مليو آهي، سو واپار رستي ٻاهران گهرايو ويندو هو.(21)

سنڌوماٿر ۾ هن دور جي ماڻهن جي سماجي زندگي تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ان وقت ماڻهو خاندانن ۽ برادرين ڪان اڳتي وڌي قبيلن جي صورت ۾ منظم ٿي چڪا هئا ۽ ان وقت معاشري جو بنياد قبيلائي هو.(22)

اهي قبيلا خوني رشتيداري تي ٻڌل هوندا هئا جن جي زندگي جي تعمير جمهوري اصولن تي ٿيندي هئي. انهن قبيلن جي سربراهي بزرگ مردن يا عورتن جي هٿن ۾ هوندي هئي. قبيلي جو سربراه سڀ فرد گڏجي چونڊيندا هئا. قبيلن ۾ منظم ٿيڻ ڪري ماڻهو پاڻ کي اڳ کان وڌيڪ محفوظ تصور ڪرڻ لڳا. هن دور ۾ پڻ اڳ جيان ڪنهن به حڪومت، رياست يا قانون جو تصور موجود ڪونه هو. قبيلي جا مڙئي فرد قبيلي جي گڏيل روايتن جو احترام ڪندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪوبه قبيلي جو فرد مقرر ٿيل اصولن جي انحرافي ڪندو هو ته قبيلي جا سڀ فرد ڪيس ان عمل کان نه صرف روڪيندا هئا پر زبردستي انهن اصولن تي هلڻ لاءِ مجبور ڪندا هئا. جنهن ڪري قبيلائي ريتون رسمون ۽ روايتون مضبوط کان مضبوط تر ٿيڻ لڳيون. هن دور ۾ ايجان علاقائي حدبنديون قبيلن جي بنياد تي ٻڌل هيون. هر هڪ قبيلو جيڪو هزارين، لکين ماڻهن تي مشتمل هوندو هو سو ڪنهن زرخيز علاقي تي قابض ٿي اتي پاڻ کي منظم ۽ مضبوط ڪندو هو. اهائي دنيا ۽ اهو خطو ان قبيلي جي سڃي ڪائنات هوندو هو. جيڪڏهن ڪو ٻيو قبيلو ان جي حدن اندر دخل اندازي ڪندو هو ته قبيلي جا مڙئي فرد منظم ٿي، ان سان جنگ جوٽيندا هئا. مختلف قبيلا جيڪي مختلف خطن اندر منظم ٿي رهيا هئا، انهن پنهنجي پنهنجي ٻولي کي اختيار ڪري، ان کي وڌائڻ ويجهائڻ شروع ڪيو. ٻولي ايجا ابتدائي شڪل ۾ هئي ۽ نه صرف لکي ڪا نه ويندي هئي پر ايجان خيالن جي اظهار جي لحاظ کان اٽپوري هئي. قبيلن اندر ايجا آزاد جنسي تعلقاتن جو رواج هو. جيڪو جيئن پوءِ تيئن ڪمزور ٿي رهيو هو. پوءِ به ٻار جي نسب جو سلسلو ماءُ کان شروع ٿيندو هو.

هن دور جي سماج تي نظر وجهڻ سان ٻي جيڪا ڳالهه معلوم ٿئي ٿي سا اها آهي ته ايجا تائين هتي سماج غيرطبقاتي هو. ڪوبه ظالم ۽ مظلوم ڪونه هو. ڪوبه آقا ۽ محڪوم ڪونه هو. سڀ گڏجي محنت ڪندا هئا ۽ ان جو ڦل به گڏجي پاڻ ۾ ورهائي ڪٽندا هئا. محنت هر ماڻهو لاءِ لازم هوندي هئي، قبيلن جا سربراهه پڻ ان ۾ برابر جو حصو ونڊندا هئا. هن دور جي سماجي نظام کي ماهرن "قديم راڄوٽي نظام" (ابتدائي ڪميونزم) جو نالو ڏنو آهي.

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سنڌو ماڻر جي هن دور جي ماڻهن جي عقيدن ۾ ريتن رسمن بابت جيڪي ڪجهه معلوم ٿيو آهي، اهو هيءُ آهي ته ان دور جا ماڻهو اڄ کان 8 هزار سال اڳ مئلن کي ستل توڙي ويڙل پنهي طريقن سان دفن ڪندا هئا. اهڙيون ثابتيون ماهرن کي مهرڳڙهه جي قديم آثارن مان مليون آهن.(23) اڳتي هلي هتان جي رهواسين ميتن سان گڏ ٽانو ٽپا ۽ هارسينگار جو سامان به گڏ دفن ڪرڻ شروع ڪيو. ان قسم جا آثار ڏنب بني ۽ نال مان مليل قبرن مان مليا آهن.(24) آمريءَجي قديم آثارن مان معلوم ٿيو آهي ته هو مڙدن کي ڪروندڙو ڪري پوريندا هئا ۽ اهي به مڙدن سان گڏ ضرورت جو سامان پوريندا هئا. انهن آثارن مان سنڌو ماڻر جي انهن رهواسين جي عقيدن بابت معلوم ٿئي ٿو ته هو ان عقيدي جا هئا ته مرڻ کان پوءِ به ماڻهو کي قبر ۾ انهن شين جي ضرورت پوي ٿي ۽ هو انسان جي ٻئي جنم يعني مري وري زندهه ٿيڻ واري عقيدي جا قائل هئا.

ڳوناڻين زرعي ثقافت جي وسندين مان ڪنهن به قسم جو بت يا پوڄا پاڻ لاءِ مندر وغيره ڪونه مليو آهي، جو چئي سگهجي ته هو ڪنهن اعليٰ هستيءَ جي پوڄا ڪندا هئا. مهرڳڙهه (6 هزار ق م) جي ڪوٽاين مان ماهرن ننڍڙا ننڍڙا انساني بوتا هٿ ڪيا آهن، جن اڳتي هلي زنانن بوتن جي شڪل اختيار ڪئي.(25) اهڙي قسم جا زنانا بوتا 4 هزار ق ـم جي ٻين آبادين مان به وڏي تعداد ۾ مليا آهن. ڪڙي، ميهي، آمري ۽ ڪوٽڏيجي جي ڪوٽاين مان ان قسم جا ڪيترائي زنانا بوتا مليا آهن، جن کي ماهرن "ڏرتي- ماتا" جا بت سڏيو آهي. اهي زنانا بوتا ضرور ان وقت کان تخليق ٿيڻ شروع ٿيا هوندا، جڏهن سنڌو ماڻر اندر "ماءُ آدرشي سماج" پنهنجي پوري جوبن تي هوندو.

هاڻ سوال ٿو اٿي ته ان دور جا ماڻهو ڪنهن مافوق الفطرت هستي جي بدران "ڏرتي- ماتا" جا بت ڇو ٺاهيندا هئا ۽ هو انهن جي عبادت ڇو ڪندا هئا؟ ان بابت سماجي ماهرن جيڪا راءِ قائم ڪئي آهي، سا هيءَ آهي ته جڏهن سنڌو ماڻر جي رهواسين کيتي ڪرڻ جي هنر جي شروعات ڪئي ته ان وقت انساني، سماجي ۽ اخلاقي قدر پيدا ٿيا ۽ زرعي زندگي ڏانهن مائل ٿيڻ بعد کيتڪارن تي بن قدرتي شين جو تمام گهڻو اثر پيو ۽ انهن شين

کان هو متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي کين سگهيا، انهن ۾ پهريون زمين ۽ ٻيو پاڻي هو.

(1) زمين

اوائلي انسانن زمين جي پيٽ مان سرسبز سلا ايرندي ڏٺا ۽ مختلف اناج، ٻوٽا ۽ ميوا زمين جي پيدائش هئڻ ڪري، اهي ڌرتيءَ کي انسان جي بهتر زندگي جو ضامن ڄاڻندي، ان جي پوڄا ڪرڻ لڳا، ۽ ان کي ماءُ ڪوٺڻ لڳا. ڇو جو عورت (ماءُ) ۽ ڌرتي ٻئي تخليق ڪندڙ شيون هيون. جڏهن عورت ننڍڙا گلاب جهڙا چهرا پيدا ڪري سگهي ته ٻئي طرف ڌرتي جي سيني مان مختلف سون ورنا سنگ ۽ ڳاڙها ساوا ٻوٽا ايرن پيا ۽ اتان فصل جنم وٺن پيا. ان ڪري انسان جي من ۾ انهن ٻنهي شين سان محبت ڪرڻ اٽٽر ڳالهه هئي. ان ڪري ئي هنن جو عقيدو هو ته آسمان کي ۽ ستارن ڏي ڇو ڏسون، ان ڌرتي جي ڏوڙ ڇو نه ڇمون، جيڪا اسان جي بهترين زندگي جي ضامن آهي. ان ڪري قديم ماڻهن "ڌرتي_ ماتا" جي پوڄا شروع ڪئي، ان جا بت ٺاهيا، جيڪي عورت جي ئي شڪل جا هئا. سنڌو ماڻر جي قديم آثارن مان "ماتا_ ديوي" جا مجسما نڪرڻ جو اصل سبب اهو ئي هو.

(2) پاڻي

پاڻي نه صرف انساني جياپي لاءِ اهم حيثيت رکندڙ آهي پر جيڪڏهن ايئن چئجي ته زندگيءَ جو مرڪز پاڻي ئي آهي ۽ ان بنا هن ڌرتي تي ڪنهن به ساهواري جي زندهه رهڻ جو تصور به نه ٿو ڪري سگهجي ته ان ۾ ڪوبه وڌاءُ ڪونه ٿيندو.

قديم سنڌي، سنڌو نديءَ جي ميرانجهڙي پاڻي مان پنهنجي زندگي جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لڳا. هنن سنڌوءَ جي ئي پاڻي تي فصل پوکيا ۽ گڏوگڏ هنن جي صنعت ۽ حرفت جو دارومدار ئي سنڌوءَ جي پاڻيءَ تي هو. ان ڪري هو سنڌوندي جي اهميت ڄاڻيندي ان کي عزت جي نگاهه سان ڏسڻ لڳا ۽ هن جي پاڻيءَ کي پاڪ ۽ پوتر ڄاڻيندي ان کي پوجڻ لڳا ۽ جڏهن سنڌوءَ جي پاڻي تي پرسان پوکيل فصل پچي راس ٿيندا هئا ۽ اَنُ

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سنگن مان ٻاهر نڪري ڇٽڻ شروع ڪندو هو تہ قديم باشندا خوشي وچان جشن ڪندا هئا ۽ اَنُ لڻ کان اڳ ڇوڙهين جي چنڊ رات جڻن جي صورت ۾ سنڌوءَ جي ڪناري تي ويندا هئا ۽ اتي چنڊ جي جرڪيدار چانڊوڪيءَ ۾ گڏجي ناچ ڪندا هئا ۽ سنڌو نديءَ ۽ "ڌرتي ماتا" جي ساراهہ جا گيت ڳائيندا هئا. هو پنهنجا ڀڃن ۽ گيت سنڌوءَ کي ارپيندا هئا.

قبيلن جي جڻن جي جلوس جي سرواڻي قبيلي جي مک عورت ڪندي هئي ۽ سڄو قبيلو ان جو احترام ڪندو هو. عورت کي ان وقت سماج ۾ تمام سنيءَ نظر سان ڏٺو ويندو هو، هن کي "ڌرتي ماتا" جو درجو مليل هو ۽ ان "ڌرتي ماتا" جون مورتيون سنگتراش تراشڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا. هيءُ سماج، "ماءُ آدرشي" سماج هو. ڇو جو عورت ئي کيتي جو رواج وڌو ۽ فصلن کي اپائڻ ۾ هن جو ئي هٿ سمجهيو ويندو هو. سر جيمس جارج فريزر پنهنجي مشهور ڪتاب "گولڊن بو" (Golden Bough) ۾ ان بابت چوي ٿو تہ، "هندستانين (سنڌين) جو اعتقاد هو تہ عورت کي ماءُ جي حيثيت ۾ جنم ڏيڻ ۽ گهٽي اناج کي پيدا ڪرڻ جي قوت هئي." (26) ان ڪري ئي عورت کي سنڌي معاشري ۾ اهم مقام حاصل هو ۽ ان جي عزت ڪئي ويندي هئي. جڏهن فصلن جي ڪٽائي ٿيندي هئي تہ عورت ئي فصل لڻڻ جي شروعات ڪندي هئي ۽ اناج جي ڪٽائي جي جلوس يا محفلن جي سرواڻي پڻ عورت ڪندي هئي. سنڌوءَ جي ڪناري 14 تاريخ جي چانڊوڪيءَ ۾ جيڪو ناچ ٿيندو هو ان ۾ اهم ڪردار عورت ئي ادا ڪندي هئي.

سراج الحق ميمڻ، سنڌ اندر "ماءُ آدرشي" سماج متعلق ڪجهہ هن ريت لکيو آهي، "علم الانسان جي لحاظ کان اول اول سنڌ اندر "ماءُ آدرشي" سماج هو. جنهن ۾ عورت سردار هئي، ڇو جو هن اناج پوکڻ ايجاد ڪيو. هتي جي انسانن ڏٺو تہ عورت هڪ دلچسپ چيز هجڻ سان گڏوگڏ سموري تخليق جي ماءُ آهي. نہ رڳو هوءَ خوبصورت ٻارڙا پيدا ڪري ٿي، پر فصل بہ هوءَ پيدا ڪري ٿي. ان ڪري عورت جي ان تخليقي قوت کي پوڄا لائق سمجهيو ويو. هن کي ديويءَ جو درجو ڏنو ويو. گهٽو ڪري قديم ماڻهن جا بت ديوين جا آهن ۽ هو انهيءَ جي ئي پوڄا ڪندا هئا. عورت جي شرم گاهہ ۽ ٿڻن کي تخليقي قوت جو مظهر ۽ منبع سمجهيو ٿي ويو. ان ڪري انهن ٻنهي

جسماني عضون شرمگاهه ۾ ٽٽن کي سپ کان وڌيڪ پوڄا لائق ٿي سمجهيو ويو.“ (27)

سنڌ اندر ٻني ٻاري ڪرڻ جي شروعات کان وٺي ”ماءُ آدرشي“ سماج شروع ٿيو. يعني شروع کان ”ماءُ آدرشي“ سماج جو هتي بنياد پيو ۽ اهو تيستائين جاري رهيو. جيستائين زرعي ترقي انتهائي عروج حاصل نه ڪيو. ان عورتاڻي آدرشي سماج جا ڪافي آثار سنڌو ماٿر ۾ ملیا آهن. مسٽر ڪارٽر ڪراچيءَ جي مول وادي‌ءَ مان ڪجهه پٿر لڌا آهن، جن تي عورتاڻي آدرش جي هڪ صورت ۾ ڪنول جا چٽ کوٽيل آهن. قديم زماني ۾ عورت جي شرم گاهه (پيڪ) کي تخليقي مرڪز سمجهندي ان کي ڪنول جي گل سان تشبيهه ڏني ويندي هئي. مصور ان تخليقي مرڪز کي مختلف اهجاڻن سان ظاهر ڪندا هئا. ڪي عورت جي شرمگاهه مان گل ۽ ٻوٽا ڦٽندي ڏيکارينداهئا ته ڪي وري ان کي ڪنول جي گل جي مختلف شڪيلن رستي ظاهر ڪندا هئا.

آمري ڪوٽڏيجي ۾ موهن جي دڙي جي صفا شروعاتي آبادي‌ءَ واري تهن مان اسان کي ان ”ماءُ آدرشي“ سماج جا آثار ملیا آهن. جڏهن زرعي ترقي ٿي ۽ زراعت ۾ مردن جو ڪم وڌيو ته ”ماءُ آدرشي“ سماج ٽٽي پيو ۽ ان کان پوءِ اسان کي ”پيءُ آدرشي“ سماج ملي ٿو. ان کان اڳ هينئين تهه مان مليل مورتيون ”ماءُ آدرشي“ سماج جي ساک پرين ٿيون. موهن جي دڙي جي هڪ مهر تي هڪ عورت جي تخليق گاهه (پيڪ) مان سلو اپرندي ڏيکاريو ويو آهي جيڪو عورت کي تخليق جو مظهر سمجهڻ جو وڏو ثبوت آهي. ان کان سواءِ دادو ضلعي ۾ آمري‌ءَ جي اتر اوپر واري‌ءَ حد ۾ هڪڙو موهن جي دڙي جو هم عمر ماڳ ”لاکيو“ مليو آهي. جتان اسان کي ”ماتا ديوي“ جون مورتيون مليون آهن. (28) ساڳي نموني جون مورتيون يعني ”ماءُ آدرشي“ سماج جا ثبوت اسان کي آمري‌ءَ جي هم عمر ماڳ ڪڙي ۾ ميهي مان پڻ ملیا آهن.

هن دور جي انسانن جي ايجادن تي جيڪڏهن نظر وجهجي ٿي ته معلوم ٿئي ٿو ته هن دور ۾ ماڻهن گهر ٺاهڻ ۾ ڳوٺ ٻڌڻ شروع ڪيا هئا. هنن مختلف قسم جون پوکون ڪرڻ شروع ڪيون، ڪپهه مان ڪپڙو تيار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪرڻ لڳا. ڏات ڳولي لڏائون ۽ ان مان مختلف شيون تيار ڪرڻ لڳا. ٺڪر جي ٺانون ۾ وڏي پيماني تي ترقي ٿي. ان ان کان سواءِ ٻيڙيون ٺاهي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين پهچڻ لڳا. هن ئي دور جي آخر ۾ سنڌو ماٿر جو سماج ڳوٺاڻين زرعي ثقافتن مان ترقي ڪري شهري تمدن ۾ داخل ٿيو ۽ هتي هلندڙ راڄوڻي نظام (ابتدائي ڪميونزم) طبقاتي نظام يعني آقا ۽ غلام ۾ تبديل ٿيڻ شروع ٿيو.

هيءُ مٿي ذڪر ڪيل ڳوٺاڻي ثقافت نہ صرف سنڌ جي موجوده حدن ۾ محدود هئي پر ان جي ايراضي وسيع تر هئي. اها ثقافت اوپر ۾ راجستان جي ڪالي بنگن تائين، اوپر ڏکڻ جي ڪنڌ ۾ ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ تائين، ڏکڻ ۾ سمنڌ تائين، ڏکڻ اولهه جي ڪنڌ ۾ مڪران تائين، اولهه ۾ افغانستان جي ميندبيگڪ تائين، اتر ۾ گومل ماٿر، پنجاب تائين ڦهليل هئي.(29) ان ايراضيءَ ۾ اڄ تائين هٿ آيل ڳوٺاڻي ثقافت جي وسندين مان ڪجهه مشهور بستين جا نالا هتي ڏجن ٿا: مهرڳڙهه، آمري، ڪوٽڏيجي، ڪڙي گل محمد، پانڊي واهي، ڪالي بنگن، راڻا گنڊئي، نال، بنون، ميندبيگڪ، علي مراد، گوملا، رحمان ڍڳي، ڏنپ بني، گوراندي، ڪوهتراس بني، غازي شاهه، پيراڻو گهنڊائي، بهوت، جلال پور ۽ سري ڪولا وغيره. (30)

انساني سنڌو ماٿر ۾ شهري رياست جو بنياد

رياست جي ابتدا:

رياست جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ قديم قبائلي تنظيم موجود هئي ۽ اها انساني تاريخ ۾ سڀ کان پهرين سماجي معاشي تنظيم هئي، جيڪا رت جي رشتن ڪري وجود ۾ آئي. قديم زماني ۾ رت جو رشتو ئي موثر اتحاد جو ذريعو هو. قديم قبائلي تنظيم جي اوسر جا ٻه دور هئا، هڪڙو "ماءُ آدرشي سماج" جنهن ۾ عورت قبيلي جي اڳواڻ هوندي هئي. ان دور ۾ قبيلا تمام گهٽ فردن ۽ خاندانن تي مشتمل هوندا هئا. جڏهن آدمشماري ۾ واڌ آئي ۽ قبيلا وڌي ويا تہ انهن جون ذميواريون ۽ ڪم ڪارين ۾ وڌيا. زراعت جي ترقيءَ ڪري "ماءُ آدرشي سماج" ٽٽي پيو ۽ "پيءُ آدرشي سماج" وجود ۾

آيو. جنهن ۾ پيءُ (مرد) قبيلي جو اڳواڻ ٿيو ۽ هن زراعت ۽ ٻين ڪمن ڪارين تي پنهنجو ڪنٽرول ڪيو. قديم قبائلي تنظيم ۾ هڪ قبيلي، خاندان يا برادري جي فردن تي هڪ ماڻهن جو متحد گروهه هو. جنهن جا مفاد هڪ جهڙا ۽ پاڻ ۾ خوني رشتا هئا. هنن پنهنجي قبيلي کي ٻين قبيلن جي ٻيٽ ۾ مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ ۽ ان اندر امن امان قائم رکڻ ۽ گڏيل قانون ناهي ان تحت زندگي گذارڻ ۽ ٻاهرين قبيلن جي حملن کي منهن ڏيڻ لاءِ قبيلائي تنظيم جو بنياد وڌو. ان تنظيم جو اڳواڻ قبيلي جو سردار هوندو هو. جنهن جي چونڊ قبيلي جا فرد ڪندا هئا. ڪي سردار ته موروثي هوندا هئا. هن تنظيم رياست کي خام مال تيار ڪري ڏنو ۽ رياست جي تصور پڻ قبيلائي تنظيم مان جنم ورتو. ايئن ڪٽي چئجي ته رياست جي وجود ۾ اچڻ جو هي پهريون بنيادي مرحلو هو. تاريخ انساني جي هڪ ماهر ولاديمير ايليئچ لينن ان ابتدائي برادري بابت لکيو آهي ته: "قديم قبائلي تنظيم، ابتدائي برادري جو نظام يا تاريخ انساني ۾ پهريون سماجي معاشي نظام هو. قبيلائي برادري انهن خوني رشتيدارن جي جماعت هئي، جيڪي خاندان ۽ سماجي تعلقاتن ۾ ٻڌل هئا. ان خاندائي نظام جي ارتقا ۾ ٻه دور آيا. هڪ مدر شاهي (ماءُ آدرشي سماج) ٻيو پدر شاهي (پيءُ آدرشي سماج.) (1)

ان قديم قبيلائي تنظيم کان پوءِ رياست جو وجود ٿيو ۽ قبيلائي تنظيم جو محدود تصور ختم ٿيو. مختلف قبيلن ۽ خاندانن پاڻ کي معاشي ۽ اقتصادي مفادن تحت منظم ڪيو. پنهنجي گڏيل طاقت ۽ هڪ ٻئي جي سهاري سان هڪ سوسائٽي کي جنم ڏنو. هنن بهترين زندگي گذارڻ لاءِ قانون، ريتون رسمون، نظم ۽ ضبط ۽ ٻيا قاعدا تيار ڪيا ۽ ان تحت گڏيل رضامنديءَ ۽ اتحاد سان ارتقائي عمل تحت رياست جو وجود عمل ۾ آيو. هيگل رياست جي وجود بابت چوي ٿو ته، "رياست ارتقا جي خاص منزل تي سماج جي پيداوار آهي." (2) يعني رياست قوت يا طاقت ذريعي نه پر باهمي ميلاپ ۽ قبيلن جي گڏيل معاشي، معاشرتي، تهذيبي ۽ ڪلچرل مفادن جي ڪري وجود ۾ آئي. قديم قبائلي تنظيم جي ٻيٽ ۾ رياست جي وجود ڪري انسان اڳ ڪان وڌيڪ آسائش سان زندگي گذارڻ لڳو ۽ هو پاڻ کي

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

وڌيڪ محفوظ سمجهڻ لڳو. رياست جي وجود ڪري قبيلائي جهڳڙا ۽ نفاق ختم ٿيڻ لڳا ۽ اڳي وانگر جيڪو ماڻهو جو ميڃالو قبيلائي جهڳڙن ۾ نفاقن کي ختم ڪرڻ تي خرچ ٿيندو هو سو هاڻ ڪنهن تعميري ڪم تي خرچ ٿيڻ لڳو. رياست جا رهواسي پنهنجن حقن ۽ فرضن جي ڄاڻ رکندا هئا ۽ رياست جي نظام ۾ هنن کي پوري مداخلت جو حق هو. ان رياست جو سماجي نظام مختلف ملڪن ۾ مختلف هو. اهڙي طرح مختلف ملڪن ۾ سياسي زندگيءَ جو آغاز ۽ مختلف ٿيو. ڪن جو بادشاهت سان ته ڪن جو جمهوريت يا اشرافيه سان ٿيو. انساني تاريخ جي ماهر فريڊرڪ اينگلز رياست بابت لکي ٿو ته، "رياست مجموعي طور تي سڃي سماج جي سرڪاري نمائنده هئي..... ۽ اها ان طبقي جي رياست هئي جيڪو پنهنجي دور لاءِ سڃي سماج جو واحد ترجمان هوندو هو. جهڙي طرح قديم زماني ۾ غلامن جي شهري رياست هئي، وچين دور ۾ جاگيردارن جي ۽ هن زماني ۾ بورجوازين جي." (3)

سنڌ اندر شهري رياست جو بنياد

سنڌ اندر شهري رياست جو بنياد 5 هزار ق۔ م ڌاري پيو. هتان جا ماڻهو شهرن ۾ رهڻ لڳا. سندن گهر پڪسراوان، ۽ ماڙ بلڊنگن تي مشتمل هجڻ سان گڏ جديد طرز جي غسل خانن، بورچي خانن، تلائن، ڪوهن سان يعني اڇڪلهه جي شهرن وانگر مڙني سهوليتن سان آراستا هئا. سندن شهرن جا رستا ڪشادا، زمين ۾ ڊڪيل نالیون، وندر جون جايون، مسافر خانا ۽ بازارون سهڻي رٽا سان جڙيل هيون.

هنن مهذب انسانن قائدي ۽ قانون جو ضابطو پهريان هتي مرتب ڪيو ۽ هڪ انصاف تي ٻڌل حڪومت جو قيام عمل ۾ آندو. هتان جو رياستي انتظام راجائن يا شهرن جي چڱن مڙسن جي حوالي هوندو هو. جن جي چونڊ ۽ راڃوٽي صلاح مشوري سان ٿيندي هئي. جيڪڏهن ڪو چڱو مڙس پنهنجن اختيارن جو ناجائز فائدو ونندو هو ته سڀ شهري متحد ٿي ان کي هٽائي سندس جاءِ تي ٻيو حڪمران يا چڱو مڙس مقرر ڪندا هئا. اهڙي طرح هتي بنا ڪنهن خون خرابي يا دنگي فساد جي ملڪي انتظام نهايت

خيرخوبيءَ سان هلندو هو. اهڙي امن ۽ سکون جي موجودگيءَ ۾ سنڌو ماڻر جا رهواسي ڏينهون ڏينهن ترقي ۽ تعمير جا ڏاڪا طئ ڪرڻ لڳا.

انساني علم جو ماهر ڪروسر چوي ٿو تہ "جيڪڏهن ڪو اهڙو ملڪ هن ڌرتيءَ تي آهي، جنهن جي لاءِ دعويٰ ڪري سگهجي تہ اهو انسانذات جو گهوارو آهي يا گهٽ ۾ گهٽ شروعاتي تهذيب جو گهوارو آهي، جنهن جي تهذيب وڌندي وڌندي سڄي دنيا جي تهذيب بڻجي وئي ۽ ان جو علم سڄي دنيا جو علم بڻجي ويو تہ اهو ملڪ پڪ سان هند سنڌ آهي."

ايڇ جي ويلز جو چوڻ آهي تہ "اوير جي ڪنهن ملڪ مان جيڪڏهن تهذيب جا ڪرڻا سميريا پهتا تہ اهو ملڪ مهراڻ جي ماڻري ئي ٿي سگهي ٿو. ڇو تہ سميريا جي اوير ۾ هئڻ سان گڏ اها ڳالهہ بہ آهي تہ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڪنهن ٻي تهذيب جا آثار نہ ٿا ملن. هيءُ اهو ئي ملڪ آهي، جنهن جو تمدن، بابل، سمير، مصر، يونان ۽ پوءِ روم پهتو. جڏ تہ هي تمدن جو پهريون مرڪز هو." (4)

شهري رياست واري دور ۾ سنڌ ماڻر جا رهواسي پٿر ۽ ٽامون گڏ استعمال ڪندا هئا. هتان جا ماڻهو جيڪي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پکڙيل هئا. تن اتان معدنيات هٿ ڪئي يا واپار ڪري اهي مڙئي شيون سنڌ ماڻر ۾ آنديون. اهڙي طرح گهڻي معدنيات ڪچي مال جي صورت ۾ ٻاهران هتي آندي وئي. سنڌو ماڻر جي ماڻهن پتل، جست، سون ۽ چانديءَ وغيره کي ڳاري مختلف اوزار، زيور، ڪاڌي جا ٽانو وغيره ٺاهيا. 1936ع ۾ آمريڪا ۽ انگلينڊ جي تحقيقي ٽيم سان برصغير آيل ماهر ڊاڪٽر ٽيريءَ جي راءِ آهي تہ سنڌو ماڻر پٿر ۽ ٽامي دور جي سنگم جي جڳهہ آهي. هن ئي زمين تي ڪانسي دور (Bronze Age) جا آثار بہ ملڻ آهن. يعني تهذيب جي مڙني دورن جا مرحليوار آثار هتي ملڻ آهن.

سرجان مارشل سنڌو ماڻر جي تهذيب بابت هڪ رپورٽ ۾ ڇاڻائي ٿو تہ "ياد رهي تہ اهي (سنڌي ماڻهو) ايڏا پٿر دور جي بدلجندڙ دور ۾ هئا. ڇو تہ هو روزمره جي استعمال لاءِ پٿر جا ڪپ ۽ رنبا ڪم آڻيندا هئا. جيڪي سون جي تعداد ۾ گهرن مان لڌا آهن پر باوجود ان جي هو تامي، سون، چاندي ۽ جست بابت چڱي ڄاڻ رکندا هئا ۽ هو انهن جو استعمال ڪندا هئا." (5)

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سنڌو ماڻر جا باشندا زندگيءَ جي معنيٰ مقصد کان چڱي طرح واقف هئا. هنن وٽ ڪوبہ غريب ۽ امير ڪونہ هو. سيني جا هڪ جهڙا گهر، رهڻي ڪهڻي هڪ جهڙي، منجهن غريب امير جو ڪوبہ تفاوت موجود نہ هو. هيءُ سماج اوائلي اشتراڪي سماج هو. جنهن ۾ گڏيل ملڪيت جو رواج هو. ذاتي ملڪيت جو بنياد گهٽو پوءِ پيو. هر ڪو محنت ڪندو هو. هن اشتراڪي سماج جي تصوير جڳ مشهور مفڪر جوزف استالن هن طرح چٽي آهي:

"اوائلي اشتراڪي سرشتي ۾ پيداوار جي لاڳاپن جو بنياد هيءُ هو تہ پيداوار جا وسيلا سموري سماج جي گڏيل ملڪيت هوندا هئا ۽ معاشي لڳ لاڳاپا پيداوار جي طاقتن سان برابريءَ وارا هئا. پٿر جا هٿيار ۽ ان کان پوءِ گز ڪمان، ان دور جي وسيلن جي فقط اها ئي پونجي هئي. جيڪڏهن هو پاڻ ۾ گڏجي انهن هٿيارن جي مدد سان فطرت جي مخالف طاقتن ۽ جهنگلي جانورن سان مقابلو نہ ڪن ها تہ سندن جيئرو رهڻ مشڪل هو. ٻيلن ۽ جهنگلن مان ڦل هٿ ڪرڻ، مڇي مارڻ ۽ پنهنجي اجهي ٺاهڻ لاءِ پاڻ ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ سندن لاءِ تمام ضروري هو. هو پاڻ ۾ گڏجي ملي رهڻ سان ئي جهنگلي جانورن ۽ پرپاسي وارن ڏارين قبيلن جي حملن کان پاڻ بچائي سگهيا. گڏجي ڪم ڪرڻ سبب پيداوار جي هٿيارن تي سيني جو گڏيل حق هوندو هو ۽ انهيءَ ڪري محنت جو ڦل بہ سيني جي گڏيل ملڪيت هئي. انهيءَ سماج ۾ پيداوار جي وسيلن تي ڪنهن فرد جي ملڪيت جو تصور بہ پيدا ڪين ٿيو. سواءِ انهيءَ جي تہ ڪي پيداوار جا هٿيار جن جي مدد سان جهنگلي جانورن جو مقابلو ڪيو ويندو هو، ذاتي ملڪيت هوندا هئا. انهيءَ سماج ۾ نڪي ماڻهو هڪ ٻئي جي محنت جي ڦرلٽ ڪندا هئا ۽ نڪي ايجا هو طبقن ۾ ئي ورهايل هئا."(6)

اوائلي اشتراڪي سماج جي مٿي پيش ڪيل تصوير اسان کي سنڌ جي قديم شهرن جي اڏاوت ۽ گهرو ريتن رسمن ۽ اوزارن مان ملي ٿي. آمريءَ جي هيٺين زميني تهہ تي بنياد پيل ڳوٺ مان اهڙا نشان مليا آهن. جتي

سڃي ڳوٺ جي رڌپچاءَ جي هڪڙي جڳهه آهي ۽ هر هنڌ جدا جدا رڌپچاءَ جون چلهيون يا ٻيا نشان نه مليا آهن. آمري جي کوتائي مان گهرن جي جوڙجڪ ۾ چلهين جا نشان هر گهر ۾ نه ملڻ، هڪ هنڌ سڃي ڳوٺ جو رڌپچاءُ ٽيڻ جا آثار ملڻ ۽ سيني جي هڪجهڙي زندگي گذارڻ جا آثار ملڻ مان ظاهر آهي ته هي تهذيب ان دور جي آهي، جڏهن سڄو ڳوٺ هڪ ايڪو هو. جنهن جي پيدائش ۽ دولت سيني جي گڏيل ملڪيت هئي ۽ ان جو کاپو ۽ گڏيل جوابداري ۽ حق هو. ممڪن آهي ته رڌپچاءُ ۽ اجتماعي هو. تهذيب جو اهو دور سنڌ ۾ اوائل کان شهري تمدن جي لڳ ڀڳ آخر يعني 2000 ق ـ م تائين هو. ٻيو ته موهن جي دڙي جي وچين تهه ۾ اوائلي اشتراڪي سماج جي چٽي تصوير ملي ٿي. بقول سر جان مارشل جي ته، "سنڌ اندر سندر عمارتون فقط نگر واسين جي سڪ لاءِ جڙنديون هيون، پر ٻين ڏيهن جهڙوڪ مصر ۽ اولهه ايشيا ۾ ڪوبه اهڙو مثال ڪونه ٿو ملي. ڇو جو انهن ملڪن ۾ ديوتائن جي مندرن، محلاتن ۽ راجائي سماڻين تي بي شمار ناٽو لٽايو ويندو هو. باقي عام ماڻهو ايئن بلڪل سادين متيءَ جي ٺهيل جهوپڙين ۾ رهندا هئا پر سنڌ ۾ تصوير جو بلڪل ٻيو روپ آهي، جتي سندر عمارتون صرف نگر واسين جي سڪ لاءِ جڙنديون هيون."(7)

دنيا جي پهرين سماجوادي رياست سنڌو ماڻر جا ماڻهو ترقيءَ جي بلندين تي هئا. هو ڪچو مال هٿ ڪرڻ لاءِ غورابن ۾ چڙهي دنيا جي مختلف ڪنڊن تي وڃي نڪرندا هئا. جن کان هو اڃڪي واقف ها. ٻاهرين دنيا لاءِ سنڌ هڪ مثالي ملڪ هو. سمير جي ماڻهن لاءِ سنڌ جو ملڪ معتبر حيثيت رکندو هو. هو سنڌ سان پنهنجون روايتون ۽ قصا منسوب ڪندا هئا. بابلي تهذيب تي سنڌ جي سڌريل سيپيتا جو وڏو اثر هو. سمير مان لڏل هڪ ڪتبي ۾ سنڌ جي ساراهه ڪجهه هن ريت ملي ٿي، "اهو ملڪ، جو سمير جي اوپر ڏي آهي، ۽ جتان ٻيڙين رستي گهٽو ڪجهه هت اچي ٿو. اهو اهڙو ملڪ آهي، جتان سج ايري ٿو ۽ اهو بهشت آهي، جتي ڪوبه مريض ناهي، ڪي بيواهون ۽ يتيم ٻار نه آهن." (8)

تشدد نه پرامن تي ٻڌل تهذيب

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

دنيا جي قديم ترين سنڌو سڀيتا جي اهم خاصيت ان جي پرامن طرز زندگي هئي. ڇاکاڻ جو هتان جي قديم آثارن مان هڪ به هٿيار کونہ لڌو آهي. اهڙو انڪشاف 1976ع ۾ پاڪستان ۾ قديم آثارن تي تحقيق ڪندڙ هڪ آمريڪي آرڪيالاجسٽ جوناٿن مارڪ ڪينائر آمريڪن سينٽر ۾ سنڌ جي تهذيب جي مختلف پهلوئن تي ليڪچر ڏيندي ڪيو آهي. ڊاڪٽر ڪينائر موجب ميسوپوٽيميا، اومان، مصر، چين، آمريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا جهڙين قديم تهذيبن جي ابتڙ سنڌو ماٿر جي تهذيب وڌ واپار ڪندڙ تهذيب هئي. مختلف سببن جي ڪري هتان جو وڌ واپار صدين تائين جاري رهيو. آمريڪي ماهر موجب آڳاٽي دور ۾ سنڌ جي تهذيب وارن ماڳن تي جنگي ٽيڪنالاجي چگي موچاري موجود نہ هئي. اتان جي علاقن کي وڏي پئماني تي قلعي بند شڪل کونہ ڏني وئي هئي ۽ نہ وري انهن هنڌن تان هٿيارن کي گڏ ڪرڻ جي ڪا ثابتي ملي آهي. سنڌ جي قديم آثارن مان مليل مهرن، مجسمن ۽ ٺڪرن جي ٽانون تي جنگين، فوجي ڪاهن ۽ جنگي قيدين جون تشبيهون به اڪريل کونہ آهن. آمريڪي ماهر موجب مهرڪڙهہ جي ڪجهہ قبرن مان هڏ آيل لاشن کي بي رحمي سان مارڻ جا ثبوت پڻ نہ ٽا ملن. انهن آڳاٽن ماڳن تي ايڪڙ ٻيڪڙ اڳرايون ۽ جهيڙا تہ ٽيل ملن ٽا پر هٿياربند جنگ جهڙي ڪا وڏي سرگرمي ٽيڻ جا اهجاڻ نہ ٽا ملن، نہ ئي وري سنڌو ماٿر کي جنگي ڏاڍ ۽ جبر وسيلي ڳنڍيو ويو هو. جوناٿن مارڪ موجب هتان جي رهواسين اهڙي ٽيڪنالاجي ڪتب آندي ۽ ان کي اوسر ڏني جيڪا شهري زندگي جي گهرج پٽاندڙ هئي.

ان وقت جي سنڌو ماٿر جو نقشو سنڌ جي هڪ محقق سراج الحق ميمڻ ڪجهہ هن ريت چٽيو آهي: "سنڌ اها جنت هئي، جتي ڪوبہ بک نہ مرندو هو، جتي انسان جي ذهن تان ڏک ۽ ڳڻتي ميسارڻ لاءِ ناچ، سنگيت، نقاشي، بت تراشي ۽ ماکيءَ جا ٺهيل مڏ موجود هئا. جنهن ۾ انسانن کي گندگيءَ کان چڙ هئي، جنهن ۾ هر انسان ٻئي انسان جو دوست ۽ پاڻ هو. جنهن ۾ پيدا ٽيندڙ سموريون شيون سيني جون گڏيل ملڪيت هيون. جنهن ۾ مذهب جي نالي تي تنگدلي ۽ خونريزي وڏي ۾ وڏو گناهہ هو. جنهن ۾ ٻين

کي رنجائڻ غيرانساني حرڪت سمجهيو ويندو هو. جنهن ۾ پنهنجي پاڙيسري ماڻهن يا ملڪن سان اڳرائي حرام هئي.“ (9)

ظاهر آهي ته سنڌي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ مان جاڙيندا ئي ڪونه هئا. هو نهايت مهذب هئا. سنڌ جي ماڻهن وٽ تشدد يا دٻاءَ جو تصور ئي ڪونه هو. هو امن امان جا قائل هئا. ان ڪري ته سندن شهرن مان هٿيار ڪونه مليا آهن. پر هٿيارن يا مذهبي ٽڪاٽن بدران انهن جي شهرن مان اڪر (علم) مليا آهن. هو ان ئي پنهنجي طاقت يعني علم ۽ هنر سان دنيا جي هر ڪنڊ ۽ ڪڙڇ ۾ پکڙيا. هنن پنهنجن غورابن ۽ جهازن ۾ چڙهي سمنڊن جا سينا چيري وڃي اڙ وسايل پٽ آباد ڪيا. هنن جي هٿن ۾ پالن، ترارن ۽ نيزن جهڙن هٿيارن بدران قلم، ڏاتو ۽ ونجهه هئا. اها ئي سندن ترقي ڪرڙ ۽ اڳتي وڌڙ جي لڪل قوت هئي. اهوئي سندن زندهه رهڙ جو مقصد ۽ متو هو. سنڌ جي آڳاٽن رهاڪن جي سوسائٽي بابت ڊي ڊي ڪوسمبي اسان کي ٻڌائي ٿو ته: ”تشدد ۽ دٻاءُ نه پر مهذب پٽو سنڌو سوسائٽي جي نظرياتي طاقت هو.“ (10)

مصر جا فرعونَ جنگجو هئا، ڪلديا ۽ اشور جا ماڻهو وحشي ۽ خونخوار هئا. هو پنهنجن مخالفن جون زبانون وڍيندا هئا. فنيقي ڏاڙيل هئا، بانهين جو وڪرو ڪندا هئا، ايراني پڙ پنهنجي هيٺين رعيت کي آزاريندڙ هئا پر سنڌو ماڻر جي شهرن مان ڪابه اهڙي شيءِ هٿ ڪانه آئي آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ته ملڪ ۾ لڙائي بہ لڳندي هئي. آثار قديمہ جو هڪ ماهر مسٽر بريلس فورڊ ان بابت چوي ٿو ته موهن جي دڙي جي شهر کي چوطرف ڪوبہ قلعو نہ آهي ۽ جنگي هٿيارن جي نہ ملڻ ڪري ڇئي سگهجي ٿو ته شهر جا ماڻهو صلح سانت ۾ رهندا هئا.

سنڌو ماڻر جي شهري رياست جا رهواسي سياسي طور آزاد هئا، هو ڪنهن بہ ڌاري قوم يا قبيلي جا ماتحت ڪونہ هئا، اهوئي سبب هو جو هو پنهنجين صلاحيتن کي آزادانہ نموني اجاگر ڪري سگهيا. آزاديءَ سان گڏ ترقي ڪرڻ جي خواهش ڪري هو غور فڪر ڪرڻ ۽ نيون ايجادون ڪرڻ لڳا. هنن هڪ ٻئي سان تعاون پيدا ڪيو هڪ تنظيم ٺاهي. پنهنجي لاءِ قانون مقرر ڪيا ۽ حڪومت جو بنياد وڌو جنهن ۾ هر رهواسيءَ جي حفاظت حڪومت جي ذميواري هئي. حڪومت مختلف طبقن جي نمائندن

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تي مشتمل هوندي هئي، پر ان ۾ خاص ڪردار واپاري طبقي جو هوندو هو. انهن نمائندن مان حاڪم چونڊيو ويندو هو جيڪو پنهنجي جمهور اڳيان جوابدار هو.

شهري نظام

سنڌو سڀيتا جي وارثن وٽ هڪ معقول بلدياتي نظام رائج هو ۽ ان سلسلي ۾ شهر کي صاف رکڻ، چوڪيداري نظام، عام فلاح ۽ بهبود لاءِ اناج جا گدام، عوامي کوهه، تورڻ ۽ ماپڻ جا مختلف پيمانا هڪ منظم سماجي زندگي جي نشاندهي ڪن ٿا.

موهن جي دڙي ۾ ڪن هنڌن تي ٽنهين جا وڏا هال آهن. جتي انهيءَ زماني ۾ ماڻهو خاص ڪمن لاءِ پئنچاتون ڪندا هئا. انهن مان هڪ هال ته 80 چورس فوٽ ڪشادو آهي. جنهن ۾ ويهڻ لاءِ درجي بدرجي بئنچن وانگر متيءَ جا ڏاڪا ٺهيل آهي. جڏهن ته اڳواڻن جي ويهڻ لاءِ هڪ پليٽ فارم ڪجهه مٿيرو ٺهيل آهي.(11) انهن هالن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ان زماني ۾ ماڻهو شهر جو انتظام هلائڻ لاءِ انهن هالن ۾ گڏجاڻيون ڪري صلاح مشورا ڪندا هئا، جنهن جي موجوده دور ۾ جديد شڪل اسيمبلي آهي.

شهري اڏاوت جي رڪابندي

موهن جي دڙي جي بيهڪ مان معلوم ٿئي ٿو ته ان وقت جا ماڻهو سليقيدار ۽ شاهوڪار هئا. سندن گهر ننڍن ننڍن محلن ۾ ورهايل هئا. جن جون گهٽيون سڌيون ۽ آمهون سامهون هيون، گهرن جون ڪي سرون اهڙيون آهن، جن تي هزارين سال گذرڻ بعد به ڪو اثر ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي. قديم آثارن جي ماهرن کان سواءِ ٻيو ڪو ڏسندو ته ايئن ئي چوندو ته چتين کان سواءِ گهر جڙ ته تازي زماني جا ٺهيل آهن. جاين ۾ رهڻ لاءِ ڪوٺيون، غلسخانه ۽ کوهيون به آهن. ديوارن تي اندران تي انچ ليپو چڙهيل آهي. محلن جي اندر گهرن ۾ گهڙڻ لاءِ هڪ وڏو دروازو ٻاهرين گهٽي مان آهي. ڪن گهرن ۾ گهڙڻ لاءِ ٽي دروازا به آهن. ڪن هنڌن تي ٽنهين جا وڏا هال آهن، جتي شايد انهيءَ زماني جا ماڻهو خاص ڪمن لاءِ پئنچاتون ڪندا هئا. انهن مان هڪ هال 80

چورس فوٽ ڪشادو آهي. جنهن ۾ ويهڻ لاءِ بئنچن وانگر مٿيءَ جا ڏاڪا ٺهيل آهن. شهر جا ڪي گهر دڪانن وانگر نظر پيا اچن. هڪ دڪان شراب خانو پيو لڳي. هڪ دڪان ۾ نيرولي جي ڪن هئي. انهيءَ تي رنگ جا داڳ ايجا موجود آهن. هڪ وڏي ڪليل عمارت اندر، جنهن جون ديوارون 7 يا 8 فوٽ آهن، هڪ وڏو تلاءُ آهي. جنهن ۾ لهڻ لاءِ ڏاڪا آهن. تلاءَ جو ترو مضبوط، لسو ۽ صاف آهي. تلاءُ 39 فوٽ ڊگهو، 23 فوٽ ويڪرو ۽ 8 فوٽ اونهو آهي. تلاءَ لڳ ڪوهه آهي، جتان تلاءَ کي پريو ويندو هو. تلاءَ جي تري ۾ هڪ ڪنڊ وٽ سوراخ هو، جتان گندو پاڻي نيڪال ڪري تلاءَ کي صاف ڪيو ويندو هو. تلاءَ جي اوساري سيمينٽ جهڙي مصالحي سان ٽيل آهي. سمر جي روڪڻ لاءِ ڏانبر ۽ ڪنڪريٽ استعمال ٽيل آهي. ڏڙي جي گهرن اندر جيڪي غلسخانا مليا آهن، سي سوڙها پر سندن فرش تمام مضبوط ٻڌل آهن. چن ۽ پڪين سرن جي پور مان گڏيل مصالحي جي فرشبندي ٽيل آهي. غلسخانن جي فرش جي ليول لهواري آهي ته جيئن پاڻي آساني سان ٻاهر هليو وڃي. ڪيترن گهرن ۾ ننڍيون کوهيون ۽ وڏا کوهه به مليا آهن جن جي اوساري گول سرن سان ٽيل آهي. هر هڪ رستي ۽ گهٽي سان کوهه کوٽيل آهن ڪن کوهن تي ويهڻ لاءِ سرن جون بئنچون جڙيل آهن. جنهن تي پاڻي پرڻ وارا اچي ويهندا هوندا.

شهر مان گندي پاڻي جي نيڪال جو سسٽم تمام سهڻي نموني رکيل آهي. هر هڪ گهٽي ۽ رستي سان پڪين سرن سان ٻڌل نالين آهن. جيڪي سموريون هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. معلوم ٿئي ٿو ته شهر جي هڪ سني ميونسپالٽي هئي ۽ ماڻهن کي شهر جي آبادي جي صحت جي حفاظت جو گهڻو اونو هو. گهر هڪ ٻئي کان ايترو پري آهن، جو هر هڪ گهر ۾ روشني ۽ صاف هوا اچي سگهي.

سر جان مارشل لکي ٿو ته: "پراڻي ايجپٽ ۽ مصر خواهه اولهه ايشيا ۾ اهڙو ڪوبه مثال ڪونهي جنهن سان موهن جي دڙي جي ٺهيل سنان ڪوٺين ۽ ڪشادين گهرن سان پيٽ ڪري سگهجي."(12)

حوالا ۽ سمجهاٽيون

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

1_ انساني ارتقا جي هن سڄي سلسلي کي سمجهڻ لاءِ هيٺيان ڪتاب ڏسڻ گهرجن:
- ميخائيل ايلين ۽ ايلينا سيگان، "انسان بڻيا ڪيسي بنا" ڪراچي 1982ع
- سڪندر مغل "ارتقا جي ڪهاڻي" حيدرآباد 1985ع
- هاوردِ موئر، "وحشي جيوت جا نشان" حيدرآباد.

2_ سڪندر مغل، "ارتقا جي ڪهاڻي" ص_ 65، 106، 116، 117

3_ پروئل هنري ابي، "انسان جي قدامت" ماهوار سائنس، فيبروري، 1982ع ص_ 43

4_ فريڊرڪ اينگلس، "منتخب تصنيفات" حصو 3، ماسڪو 1973ع، ص_7

5_ رابرٽ بريفالٽ، "تشڪيل انسانيت" ص_ 98

6_ Panhwar, M.H. 'Chronological dictionary of sindh'. P_13

7_ Basham A.L. 'The wonder that was India'. P_10

8_ هاوردِ موئر، ص_ 94

9_ Leaky, L.S.B. 'The Stone Age of Africa'. P_21

10_ هاوردِ موئر، ص_ 99

11_ پيرومل مهر چند، "قديم سنڌ" ص_53

12_ Panhwar, M.H. 'Man in Sindh' Sindhological Studies, Summer 1982, Institute of Sindhology Jamshoro, P_14_15_18

وڌيڪ ڏسو: پنهور ايم ايڇ، "سنڌ جي تاريخ ۽ آثار قديمه تي تحقيق ۽ اشاعت" تماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 2_1984، ص_161

13_ Gordon, G.H. Col, 'The stone Industries of Holocene in India and Pakistan' Ancient India. No:6, 1950, P_64

Also refer: Sorly, H.T. 'Sindh Gazetteer' Karachi, 1968, P_105_106

Pithawala M.B. 'Historical geography of Sindh' P_20

14_ Paterson. T.T and Orummond, H.J.H, 'soan_ The Paleolithic age of Pakistan' Karaci, 1962

15_ Altaf Gauhar, 'Twenty years of Pakistan' Karachi, 1969, P_622

16_ Wheeler S.M 'The Archaeology of Pakistan' The Cultural heritage of Pakistan, Karachi, 1955, P_20

17_ Panhwar, M.H. 'Chronological dictionary of Sindh' P_7_8

18_ لئمبرڪ، ايڇ. ٽي، "سنڌ هڪ عام جائزو" ص_83

19_ Panhwar, M.H. 'Chronological dictionary of Sindh' P_7 to 10

20_ Sorly, H.T. 'Sindh Gazetteer' P_106 to 109

21_ پيرومل مهر چند، "قديم سنڌ" ص_ 54

22_ Cousens H. 'The Antiquities of Sindh' P_45

23_ Channa M.H 'pre Harappan Civilization in Indus Vally' Sindh Quarterly, 1978, P_19

24_ Report 'Bulletin' Vol: 5, 1975_76, Institute of Sindhology P_18

25_ يوري گنڪوفسڪي، "پاڪستان ڪي قوميتين" ماسڪو 1976ع، ص _31

26_ لئمبرڪ، ايڇ ٽي، "سنڌ هڪ عام جائزو" ص_ 84 ۽ 113

27_ Panhwar, M.H. 'Man in Sindh...' Sindhological Studies_Journal, Institute of Sindhology, Jamshoro, Summer 1982, P_22

28_ Patterson, 'The world Correlation of Pleistocene' P_ 395

29_ ليف ليونتيف، "سياسي معاشيات" ماسڪو 1975ع، ص_ 20_22 يا "معاشري جي سائنس" ماسڪو 1977ع، ص_88_89

30_ اينگلس فريڊرڪ، "خاندان، ذاتي ملڪيت اور رياست کا آغاز" منتخب تصانيف حصو: 3 ماسڪو 1973ع ص 207_208

1_ رابرٽ بريفالٽ، "تشڪيل انسانيت" لاهور 1966ع ص_ 151

2_ Pithawala, M.B 'Marvels of Earth P_56_57

3_ رپورٽ، روزانه هلال پاڪستان، ڪراچي 5 ڊسمبر 1983ع

4_ پنهور ايم ايڇ، "سنڌ جي تاريخ..... تحقيق ۽ اشاعت" ٽماهي مهراڻ حيدرآباد، 1984، 2 ص_ 163_ 169

5_ ساڳيو، ص_ 164

6_ Mughal, M.R 'The Dawn of Indus Civilization' Sindh Quarterly Karachi 1980_4, P_26_27

7_ لئمبرڪ، ايڇ ٽي "سنڌ هڪ عام جائزو" ص_ 98، وڌيڪ ڏسو گنڪوفسڪي، "پاڪستان کي قوميتين" ص_ 33_34

8_ Mughal, M.R 'The Dawn of Indus Civilization' Sindh Quarterly Karachi 1980_4, P_24 to 27

9_ پنهور ايم ايڇ، "سنڌ جي تاريخ..... تحقيق ۽ اشاعت" ٽماهي مهراڻ حيدرآباد، 1984_2، ص_164

10_ Panhwar, M.H, The Chronological Dictionary of Sind, P_18

11_ لئمبرڪ، ايڇ، ٽي "سنڌ هڪ عام جائزو" ص_ 102_103

12_ سبط حسن، "پاڪستان مين تهذيب کا ارتقا" ص_62_63

13_ پنهور ايم ايڇ، "سنڌ جي تاريخ..... تحقيق ۽ اشاعت" ٽماهي مهراڻ حيدرآباد، 1984_2، ص_164

14_ Panhwar, M.H, The Chronological Dictionary of Sindh, P_22_23

15_ لئمبرڪ، ايڇ، ٽي "سنڌ هڪ عام جائزو" ص_102_103

16_ سبط حسن، "پاڪستان مين تهذيب کا ارتقا" ص_62_63 يا گنڪوفسڪي، "پاڪستان کي قوميتين" ص_ 35 يا
Panhwar, M.H, The Chronological Dictionary of Sindh. P_22_23

17_ Pecocke, E. 'India in Greece' London, P_42

18_ Frgossen, 'History of Indian and Eastern Architecture' vol: 1, Introduction

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

P_4
19_ سبط حسن، "پاڪستان مين تهذيب ڪا ارتقا، ص _63_64
20_ Mughal, M.R. 'The origins of Indus Civilization' Sindhological Studies, Sindhology Summer, 1980, P_12_13
21_ Mughal, M.R, 'The Dawn of Indus Civilization' P_26_27
22_ گنڪوفسڪي، "پاڪستان ڪي قوميتين" ص_35
23_ پنهور ايم ايچ، "سنڌ جي تاريخ.... تحقيق ۽ اشاعت" ص_163
24_ لئمبرڪ، ايچ. ٽي "سنڌ هڪ عام جائزو" ص 103_104
25_ پنهور ايم ايچ، "سنڌ جي تاريخ.... تحقيق ۽ اشاعت" ص 168_ 169
26_ فريزر، سر جيمس جارج، "جادو ۽ سائنس" حصو 2، ص_ 981
27_ سراج الحق، "سنڌي ٻولي" ص_ 90
28_ لئمبرڪ، ايچ ٽي "سنڌ هڪ عام جائزو" ص_ 104
29_ خان، ايف. اي، "ڪوٽڏيجي ڪلچر" مقالو، ماهوار هلال مٽگزين، مئي 1983ع، ص_31
30_ Mughal, M.R 'The origins of Indus Civilization' Sindhological Studies, Sindhology Summer, 1980, P_10
1_ لينن، "رياست اور انقلاب" ماسڪو، ص_146
2_ اينگلز فريڊرڪ، "خاندان، ذاتي ملڪيت اور رياست ڪا آغاز" ماسڪو.
3_ ساڳيو
4_ قمرالدين دوني، "تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز اولهه پاڪستان"، ماهوار نئين زندگي، جولاءِ 1965ع
5_ A Crhaeological Survey Report 1924_25, P_61_62
6_ جوزف استالن، مارڪسي فلسفو، ص 76_77
7_ Marshall, 'Mohenjo Daro and Indus Civilization' vol: 1, P_VI
8_ Dr. Noah Crammer, Report in Daily Dawn Karachi, December 1960
9_ سراج الحق ميمڻ، سنڌي ٻولي، ص. 86_87
10_ D.D. Kosambi, The culture and civilization of Ancient India in Historical Lines
11_ تمدن سنڌ، ص 25
12_ Sir John Marshall, 'Mohen jo Daro and Indus Civilization' Vol: 1, P_VI

(هي مضمون ڪتاب "سنڌ جي اوائلي تهذيب" ص _ ڪان _ مان ورتل آهي).

سنڌ آڳاٽي تاريخي زماني ۾

ايج ٽي لئمبرڪ

سنڌو تهذيب کان پوءِ کي ڏهاڪو صديون سنڌ جي صورت اسان جي اکين کان اوجهل ٿي وڃي ٿي. اهو سارو عرصو هن ڏرتيءَ تي ڇا ڇا وهيو واپريو هو. سو ايڏا ڳجهه جي پردي ۾ آهي. رگ وید جي اشلوڪن ۾ ور ورڪري سنڌوءَ جو نالو اچي ٿو ۽ پنجاب جا سيئي درياهه بہ ڄاڻايل آهن.[1] پر ڪا اهڙي ڳالهہ ٻڌايل ناهي، جنهن سان سنڌوءَ جي هينئينءَ ماڻريءَ جي تڏهوڪين حالتن جي ڪا پروڙ پوي. ويندي اها ڳالهہ بہ شڪي آهي تہ رگ وید جي زماني وارن آرين سمنڊ ڏٺو هو يا نہ.[2] پوءِ جي ڏومي پستڪن مان مهاپارت ۾ دروپدي سنڌوءَ کي هڪ آسودو ملڪ ڄاڻائي ٿي. پر جنهن نسبت سان اها ڳالهہ چيل آهي، تنهن کي ڏسندي ان جو ڪو خاص فائدو نٿو ٿئي.[3] 'ٻڌ جا گفتا' ۾ هڪ پراڻو حافظي جو منتر (Mnemonic jingle) نقل ڪيل آهي، جنهن ۾ سوير ديس جي گادي رورڪ ڄاڻايل آهي.[4] جاتڪن ۾ گاديءَ جو نالو رورو اچي ٿو.[5] جي ان نالي مان مراد الور ونجي تہ بيواجبي

نہ ٿيندو. الور کي عام ڪري اروڙ سڏيو وڃي ٿو. سنسڪرت جي ڪُهنن ڪتابن ۾ سوويرا اڪثر سنڌوءَ يا سئن ڏارا سان گڏ آيل آهي، جيئن وشنو پراڻ ۾: پرڳڻن جا نالا گهٽو مڪيہ قبيلي يا قبيلن جي نالن پٺيان رکيا ويندا هئا.[6] سنڌوندي جن ملڪن منجهان وهي ٿي، تن جي نالن جي "متسيہ پراڻ" ۾ ڏنل فهرست ۾ اهي ٻہ نالا ٻہ اڇن ٿا، پر ان فهرست جي ترتيب جاگرافيءَ واري ناهي.[7]

پارسيءَ جي پراڻن ڪتابن ۾ ڪٿي ڪٿي سنڌ جو ذڪر ٻہ ملي ٿو. اهو پڙهي عجب ٿو لڳي تہ 'بندهش' موجب سنڌوءَ جي پوئين وهڪري کي تر جا ماڻهو ان ساڳئي نالي سان سڏيندا هئا، جيڪو ان کي اوائلي مسلمان جاگرافيدانن ڏنو هو. "واهہ (پلاري) ندي، اوپر ۾ وهندي، سنڌ ملڪ مان لنگهندي، هندستان ۾ سمنڊ منجهہ ڇوڙ ڪري ٽي ۽ اتي ان کي مهرا سڏيندا آهن."[8]

سولٽي پٽي، سنسڪرت، پالي ۽ پهلوي لکٽين مان سنڌ جي جاگرافيءَ بابت جا ڄاڻ ملي ٿي، سا بنهہ نراسائيءَ جي حد تائين ٿوري آهي.

سنڌ وري اوائلي يوناني جاگرافيدانن ۽ سڪندر جي ڪاهن جي تاريخ لکندڙن جي تحريرن ۾ پر گهٽ ٽئي ٿي، پر اهڙي تہ اڻ ڇٽي ۽ جهڪي، جو پڙهندڙ سکي سڪي رهجيو وڃي. پردو هڪڙي اسڪاءِ لئڪس (Skylax) نالي همراهہ پري ڪيو جو اصل ايشيا مائنر جو ويندل هو ۽ ايران جي بادشاهہ داريوش وستاسپ (Darius Hystaspes) وٽ نوڪريءَ ۾ هو. هو ٻيڙين جو آڙماڙ ساڻ ڪري، ڪابل نديءَ جي ڪسپائٽراس (Kaspytros) نالي گهاٽ تان هاڪاري هليو هو[9] ۽ سنڌوندي جهاڳيندو، ادائي ورهين جي سامونڊي سفر کان پوءِ، مصر وڃي پهتو هو. پاڻئجي ٿو تہ هيءَ عجب جهڙي مسافري عيسيٰ کان اڳ 516_518 سن ڏاري ڪئي ويئي هئي، گهٽو ڪري سنڌو ماٿريءَ تي ايراني راج قائم ٿيڻ کان ستت پوءِ ۽ نہ ستت اڳ.[10] اسڪاءِ لئڪس پنهنجيءَ مسافريءَ جو جيڪو احوال لکيو هو، سو ضايع ٿي چڪو آهي پر ڏسجي ٿو تہ ساڳئي ئي زماني جي يوناني جاگرافيدان، هيڪاٽيوس (Hekataeus) اهو احوال پڙهي ڏنو هو. خود هيڪاٽيوس جون لکٽيون ٻہ ٽوٽن ٽڪرن ۾ ملن ٿيون. هو اوپياءِ (Opiai)

نالي هڪ قبيلي جو ذڪر ڪري ٿو جيڪو "سنڊونديءَ تي آباد آهي ۽ جنهن وٽ شاهي قلعو آهي ۽ ڪائنڪ پرتي هڪڙو ريگستان آهي، جو "هندين" تائين هليو وڃي ٿو."[11] هيروڊوٽس (Herodotus) پڻ اسڪاءِ لئڪس جي مسافريءَ جو حوالو ڏئي ٿو ۽ ڄاڻائي ٿو ته "هند" ايراني سلطنت جو ويهون پرڳڻو آهي ۽ سيني ۾ شاهوڪار ۽ گهڻيءَ آدمشماريءَ وارو آهي.[12] جيتوڻيڪ ٽي سگهي ٿو ته ان پرڳڻي ۾ مٿين توڙي هيٺين سنڊو ماڙي شامل هجي، تڏهن بہ داوا جي ايجا موجود اڪريل ليکتن کي پيٽڻ سان ظاهر ٿئي ٿو ته "هند" مان مراد اهو علائقو هو جنهن کي هاڻ سنڌ سڏيو وڃي ٿو. هيءُ علائقو دارا پاڻ فتح ڪيو هو. جڏهن ته گندارا ۽ الهندو پنجاب، ٽتاگش (Thatagush) جي نالي هيٺ، ڪائنس اڳئين بادشاهہ ڪمبوجيہ (Cambyses) جي ڏينهن ۾ سلطنت جا پرڳڻا هئا.[13] ڊاڪٽر ونسينٽ سمٿ، رپورٽيءَ تي ويساهہ ڪندي، هيءُ انومان ڪيڊي ٿو ته سنڊو ۽ ان جون ڏاڻي نديون تڏهن ٻئي هنڌان وهنديون هيون، ان جي ڪري "سنڌ ۽ پنجاب جا ڪيئي وڏا وڏا ٽڪرا جي هاڻ سڃا آهن، تڏهن ساوا هئا."[14]

ڪتيسياس پهريون يوناني ليکڪ آهي، جنهن جا هندستان بابت احوال وڌيڪ ڏيان لهڻن. دراصل، ان ليکڪ جهڙيءَ طرح بنا تڪ تور ۽ سمجهہ جي بيهوديون ڏند ڪٿائون ويهي بيان ڪيون آهن، تن تان ڪُهنن توڙي اڄوڪي زماني جي لکندڙن ڪيس سخت ننديو آهي. جي هو پاڻ سائنس جو صاحب نہ هجي ها تہ سندس عجيب ۽ پراسرار ڳالهين لاءِ انهيءَ رغبت کان ايتري بچان نہ اچي ها.[15] ڪتيسياس کي شايد اها ملامت ان ڪري پوڳڻي پيئي آهي، جو سندس تصنيف اختصارن ۽ اقتباسن جي شڪل ۾ ملي ٿي، جن ۾ ٿي سگهي ٿو ته سندس عقل کان بعيد ڳالهين جو نامنصفاڻو حصو اچي ويو هجي. پر جيئن لاسين (Lassen) ۽ ٻين ڏيکاريو آهي، جيڪي ڳالهيون پهرينءَ نظر ۾ نسورو ڪوڙ ٿيون لڳن، تن مان گهڻين ۾ سچ جو انگ لکل ڏسڻ ۾ ايندو. اسان کي اهو پڻ ڏيان ۾ رکڻ کپي تہ ڪتيسياس هندستان جو جيڪو بہ احوال ڏئي ٿو سو ايرانين کان ورتو هئائين ۽ ان زماني ۾ انهن ۾ ڀاڙن هڻڻ ۽ وڏاءَ ڪرڻ جو اصل مرض هو.

ظاهر ظهور ڏند ڪٿائن کي ڇڏي، جا ڄاڻ ملي ٿي، سا هيءَ آهي تہ

سنڌوندي ويڪر ۾ تمام وڏي هئي، ان جي ڪنڌيءَ سان ڪانهن ۽ سرن جي وڏي اوپڙ هئي، ان ۾ واڳون هڻا، جي مال ۽ انن کي ڇڪي ڪٽي اندر ڪندا هئا. ملڪ ۾ برسات ڪاڦ پوندي هئي، پر سڄو تر درياهه جي پاڻيءَ تي تڳندو هو. اسين طوفانن ۽ ڏوڙين بابت به پڙهون ٿا ۽ هيءُ به اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته سمنڊ بيشمار مڇيون لوڙهي آڻي ڪپر تي ستيندو هو. ڪتيسياس کي اهو پڻ صحيح ٻڌايو ويو هو ته ڳاڙهي لاڪ به ساڳئي ئي وڻ (ٻير) تي ٿئي ٿي، جنهن ۾ ڪونر ٿئي ٿو. هو ڪهه جي ڳالهه به ڪري ٿو. ڏيهي جانورن مان هو ٿلهي پيڇ واري گهٽي يعني مٿينءَ سنڌ جي دنبي جو نالو ونڊي ٿو ۽ جنهن هڪ سڱي "جهنگلي گڏهه" جي ڳالهه ڪري ٿو. سو پائنڊجي ٿو ته گينڊو هوندو.

آدم ذات جي ڳالهه ڪندي، هو جن افسانوي قومن ۽ سندن عجيب اسرارن جو بيان ڪري ٿو سي گهڻو ٿڪو مهاپارت ۽ سنسڪرت جي ٻين لکڻين ۾ ملن ٿيون ۽ انهن جي پاڻان گهڙڻ جو ڏوهه هن نه کي ڏئي سگهيو. ٻئي طرف، هن جو اهو چوڻ ته ڪڪڙ رنگا هندستاني به آهن، توڙي جو اهي ٿورائيءَ ۾ آهن، بلڪل واجبي نظر اچي ٿو ۽ جڏهن اسين اهو پڙهون ٿا ته "هندستان جي وچ ۾" هندستان مان مراد "سنڌوءَ جي ترائي" اٿس. هڪڙيءَ ڏنڊ جي پرسان اهڙا ماڻهو رهندا آهن، جو ٽلها هلائيندا آهن ۽ تيراندازيءَ ۾ پڙ آهن ۽ باز سان شڪار ڪندا آهن، تڏهن ڇا اسان اهو نه سمجهون ته هن سنڌ جي منڇر ڏنڊ جي مهاڻن جي وڻن جو جيڪي احوال ٻڌو آهي، سو پيو بيان ڪري؟ انهن جامڙن جي بيحد ننڍي قدبت ۽ اُن ڏنڊ مان نڪرندڙ تيل جون ڳالهيون البت غلط فهميون آهن. جنهن تيل بابت اسان کي ٻڌايو ويجي ٿو ته ڏنڊ جي اندر موجود هو، سو شايد مڇين مان ڪڍيو ويندو هو.

وري، اُتر پاسي جيڪي ماڻهو رڳو ڪير تي گذارو ڪندا هئا، تن جو تر سنڌوءَ جي ڏيلٽا واري تر جا هاڻوڪا جت آهن. اهي هاڻوڪا جت اُنن جي ڪير تي تڳندا آهن ۽ ٻيو ڪجهه ورلي واپرائيندا آهن.[23]

سو ڪتيسياس جي ڏند ڪٿائن ۾ ڪٿي ڪٿي سچيءَ سنڌ جي جهلڪ به نظر اچيو ويجي.

اولهه جي ماڻهن کي هندستان جو اڪين ڏنو احوال انهن تذڪرن ۾ مليو.

جي سڪندر اعظم جي انهن سپہ سالارن ۾ ٻين زيردستن ليکت ۾ آندا، جي ان ملڪ تي ڪاهہ وقت ساٺس گڏ هئا. اهي تذڪرا بہ هيڪاٽيوس ۽ ڪٽيسياس جي ليکتن جيان، اقتباسن جي شڪل ۾ ملن ٿا، جي پوءِ جي يوناني ۽ لاطيني مصنفن پنهنجين تصنيفن ۾ شامل ڪيا آهن. انهن ۾ سيني کان سڀ تذڪرا ايرسٽوبولس (Aristobulus)، ٽالمي"ساٽر" (Ptolemy 'soter') ۽ نيارڪس (Nearchus) جا لکيل آهن. انهن ۾ ملڪ ۽ ماڻهن جو جيڪو نقشو چٽيل آهي، سو ڪيترن ئي ڏسن ۾ چتو ۽ اپٽار وارو آهي. پر تڏهن بہ اسان جي ڄاڻ ۾، خاص ڪري جاگرافيائي حالتن بابت، ڪيترائي وڏا وڏا خال رهجيو ويڃن، جن کي پرڻ لاءِ ڪيترن ئي اڇوڪن عالمن کي وڏي دماغ سوزي ۽ عرق ريزي ڪرڻي پيئي آهي.

اوائلي جاگرافيائي تصنيفن مان سيني ۾ خاطريءَ جهڙي استرابو (Strabo) جي آهي، جا عيسوي سن جي پهرئين يا ٻئي ڏهاڪي ۾ لکي ويئي هئي. هن جا ماخذ نهايت ئي معتبر آهن، هو ٻين جا بيان وڏيءَ خبرداريءَ ۽ تڪ تور کان پوءِ پنهنجن تبصرن سان نقل ڪري ٿو.

هن جو سڀ کان وڌيڪ دلچسپيءَ وارو بيان آبهوا بابت آهي. انهيءَ ڏس ۾ هو ايرسٽوبولس جو حوالو ڏئي ٿو جيڪو هن جو سيني ۾ پروسي جوڳو ذريعو آهي. هن جي چوڻ موجب ايرسٽوبولس ٽڪرن جي اوٽ وارن ۽ ميداني علائقن جي آبهوا ۾ وڏو فرق ڏٺو هو. ٿي سگهي ٿو تہ سن 326 ق. م. جو اونهارو، جو سڪندر ٽڪرن جي پرسان گذاريو هو، سو اتفاق سان خاص ڪري مينهوڳيءَ وارو هجي، ڇو تہ ايرسٽوبولس چوي ٿو تہ اسين ايجا ٽيڪسيلا ۾ هئاسون، جو برسات اچي لٿي ۽ اها اتان نڪرڻ کان پوءِ تہ "آرڪٽيورس تاري جي اُپرڻ تائين" لاڳيتو پئي وسي، اهي مينهن بند وڃي سيپٽمبر جي وچ ڌاري ٿيا. ٻئي طرف هو ڄاڻائي ٿو تہ ميدانن ۾، يعني هينئين پنجاب ۽ سنڌ، ۾ مينهن پوي ئي ڪونہ. "البت درياهن ۾ پاڻيءَ جو چاڙهہ اٽلي، ملڪ ٻوڙيو ڇڏي." هو پڪ سان چوي ٿو تہ جهلم، چناب ۽ سنڌوءَ منجهان مسافريءَ ۾ "اسان کي ڪٽي بہ مينهن نہ پيو.... واءُ ڏاڍو پئي لڳو، درياهہ ڌار هئا ۽ ملڪ ٻڏو پيو هو_ تڏهن بہ نہ." حالانڪ اها مسافري آڪٽوبر کان جولاءِ تائين سڄا سارا ڏهہ مهينا هلي هئي، وچ ۾ ڪيترائي

پيرا چگو چگو وقت ترسيا ٻه هئا.[24] نيارڪس جو چوڙ هو ته ميدانن ۾ مينهن اونهاري ۾ ته پوي ٿو پر سياري ۾ نٿو پوي. هن شايد تر جي ماڻهن کان ٻڌل ڳالهه ٿي ڪئي ته اڪثر ڪري چا ٿيندو هو ۽ پاڻ صورتحال جو مشاهدو ڪرڻ ڪيو هئائين، جو ته استرابو ڄاڻائي ٿو ته هن جي ۽ ايريسٽوبولس جي بيان ۾ بس اهوئي فرق آهي.[25]

سنڌوءَ جي هيٺينءَ ماڻريءَ ۽ مصر جي وچ ۾ هڪجهڙائي انهن اوائلي لکندڙن ٻه محسوس ڪئي هئي. نيارڪس پروڙي ورتو هو ته اتر، اولهه هندستان جا پَٽ ٻوڏن جي ويڇايل لٽ منجهان جڙيا آهن ۽ ان ڪري اهي "درياهه، ڇاوا" آهن.[26] انهيءَ مان هنن هيءُ نتيجو ڪڍيو ته درياهن کان سواءِ ملڪ رهڻ وٽان ئي نه هجي ها.[27] سنڌن ان بيان مان اسين هيءُ انومان ٻه ڪڍي سگهون ٿا ته هيٺئين ملڪ ۾ مينهن باقاعدي نه پوندو هو.

اهي سپيئي مڪيه راوي ٻوڏن ۽ انهن جي راڳن جا جيڪي نقشا چٽين ٿا، سي هڪجهڙا آهن. اسان سڌ ٻوڌ ساڳيو ناتڪ ويجهڙائيءَ وارن ڏينهن ۾ وري رچندي ڏٺو آهي، مثال طور 1942 ۾، جڏهن سنڌوءَ سکر کان مٿيرو ساڃا پاسي وارن بچاءَ بندن ۾ ڪنڊ وجهي، چگو خاصو ملڪ ٻوڙي ڇڏيو هو: "دڙن تي ٻڌل شهر ٻيٺ ٿي وڃن ٿا... زمين اڏ سڪي ويڃي ٿي ته رواجيءَ ۾ رواجي پورهيت ان کي ناهي تيار ڪري، ٻج پوکي ڇڏي ٿو، تڏهن ٻه ٻوٽو پڇي راس ٿئي ٿو ۽ اپت سني ٿئي ٿي."[28] نيارڪس آبڪلاٽيءَ جي ڏينهن ۾ سنڌ جي هڪ ٻي جهلڪ پسائي ٿو، جا اسان جي هاڻوڪي آزمودي سان بلڪل نهڪي اچي ٿي: وڏندڙ ٻوڏن ڪان ڊڄي، نانگن ۽ ٻئي جيت جڙئي جو مٽاهينءَ وارن ڳوڻن ۾ ڪاهي پوڙ_ "ان ڪري ماڻهو پنهجيون ڪٽون پَٽ ڪان ٽورو مٽي ڪري سمهندا آهن."[29]

يونان وارن کي درياهن سان وڏي دلچسپي هئي ۽ آبڪلاٽيءَ ۾ سنڌوءَ ۽ ان جي ڏاڻي ندين جي جا پکيڙ ٿي ويڃي ٿي، تنهن ته هنن کي اصل منڊي ڇڏيو هو. درياهن جي ويڪر توڙي ڊيگهه جا جيڪي انگ ڏنا اٿن، تن ۾ ڇڱي چوکي ڪتر ڪرٽي پوندي.[30] استرابو سڪندر جي ساٿارين کي ڳالهه وڌائي ڪرڙ واريءَ عادت تان چنڊ ڪڍي ٿو ۽ پاڻ سيني ڏاڻي ندين جي ڇوڙ کان پوءِ سنڌوءَ جي ويڪر جو "وڏيڪ وچٿرو انگ" ونڊي ٿو جو آهي

"وڏ ۾ وڏ 50 استيڈيئم ۽ گهٽ ۾ گهٽ 7 استيڈيئم[1]" [31] جي اسان وڏ ۾ وڏ انگ آڪلاٽيءَ جو ۽ گهٽ ۾ گهٽ انگ سانگهاري جو ڪري سمجهون ته اهو ڪاٽو ذري گهٽ درست نظر ايندو.

سيني ۾ معتبر يوناني راوي پنجاب جي ندين جو ميلاپ ان ئي ترتيب ۾ رکن ٿا، جو اسان کي اڄ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ان ڳالهه جي ڪري به اسان کي دلجاءِ ٿئي ٿي ته سندن مشاهدو ضرور سچو هوندو. [32] اهڙي سنگم جو اصل هنڌ لاشڪ متجي ويو هوندو. گهڻين حالتن ۾ اهو هنڌ، جيڪو سڪندر جي ڏينهن ۾ هو اڃڪلهه جي هنڌ کان گهڻو هيٺ هوندو. اهو ان ڪري، جو انهن درياهن جي هينئين پاڻي سان لڳو لڳ ملڪ جو مٽاڇرو مٽي ٿيندو رهيو آهي ۽ نتيجي طور ڊيلٽا جي ڦهلجڻ ڪري سنڌوءَ جي ڊيگهه وڌي ويئي آهي. جتان اهي درياهه ڪليل ميدان ۾ داخل ٿين ٿا، اتان کان هينئرو سندن رخ ضرور ساندهه ڦرندا رهيا هوندا.

استرابو، ايرستوبولس جا جيڪي بيان نقل ڪيا آهن، تن ۾ سيني کان وڌيڪ دلچسپيءَ وارو اهو آهي، جنهن ۾ هو سنڌوءَ جي رخ ۾ وڏي ڦيري جو نتيجو بيان ڪري ٿو. "هو چوي ٿو ته مون کي ڪنهن ڪم سان ملڪ اندر موڪليو ويو. اتي مون کي زمين جو هڪڙو ٽڪرو اهڙو ڏسڻ ۾ آيو جتي هزار کان مٿي شهر ۽ انهن جا طفيلي ڳوٺ هئا، پر نه ماڻهو هو نه ماڻهوءَ جي ذات. ٿيو ڇا هو ته سنڌو پنهنجو اصل پيٽ ڇڏي، کاڀي پاسي لڏي، هڪ ٻئي وڌيڪ اونهي پيٽ منجهان آبشار وانگر ڪرندي، وهڻ لڳي هئي. هاڻ ساڄي پاسي واري جنهن ملڪ کي هوءَ ڇڏي آئي هئي، تنهن کي سندس ليٽ جو پاڻي نٽي مليو ڇو ته اهو پاسو نه رڳو درياهه جي مٽاڇري کان پر (نئين) ليٽ جي مٽاڇري کان به مٽي ٿي ويل هو." [33] بدقسمتيءَ سان اسان کي اهو نه ٻڌايو ويو آهي ته ان تباهيءَ جو هنڌ ڪٿان هو ۽ نه وري اهو ته اها ويجهڙ ۾ آئي هئي يا گهڻو اڳي. ٿي سگهي ٿو ته اهو هنڌ سنڌوءَ ۾ پنجند (Akesines) جي ميلاپ واريءَ جاءِ کان ٿورو هينئرو هجي، ڇو ته هتي سڪندر ڪريتيرس (Craterus) کي سنڌوءَ جي کاڀيءَ ڪنڊيءَ تي منتقل ڪيو هو. "ڇو ته هڪڙي وڏي هٿياربند لشڪر لاءِ ان پاسي کان اڳتي وڌڻ

[1] آڳاٽي يونان ۽ روم جو ڪاڇو. استيڈيئم، استيڈيئن ۽ استيڊ کي هڪ ئي لفظ جون ٽي مختلف صورتون سمجهيو وڃي. ان پيماني جي وڌيڪ سمجهاڻيءَ لاءِ ڏسو هن باب جو حوالو 99 ـ مترجم

سهنجو ٿي لڳو." [34] درياهه جي وهڪري جو انهيءَ ميلاپ ۾ روهڙيءَ جي وچ وارو پاڳو جو ڪانگ جي اڏام تي 150 ميل ڪن ٽيندو. سو خاص ڪري وڏن ڦيرن وهيڙو آهي ۾ ڪشمور کان هيٺ اسان درياهه جي پراڻن پيٽن کي هاڻوڪي پيٽ جي ساڄي پاسي چڳو پنڌ پري ڪشمور، ڪنڊڪوٽ، ايرندي شڪارپور ۾ سکر تعلقن منجهان ويندي ڏسون ٿا. پر اها ايراضي ميوزيڪانس [1] (Musicanus) جي حد ۾ هئي، جن کي بيحد آسودو ڏيکاريو ويو آهي. ان ڳالهه کي ڇڏي، ائين وسهڻ لاءِ عام سبب آهن ته سنڌو ڪشمور آڏو پنهنجي هاڻوڪي وهڪري واري هنڌ جي اوپر ۾ ڪانه وهندي هئي. جيئن اڳتي هلي ڏسبو يونانين سنڌوءَ جي ڊيلٽا جو جيڪو احوال ڏنو آهي، تنهن کي هينئرءَ سنڌو ماٿريءَ جي مهاندن (Contours) سان پيٽجي ٿو ته هيءَ ڳالهه ثابت ٿي وڃي ٿي ته تنهن وقت سنڌو روهڙي ٽڪرين جي اوپر ۾ نه وهندي هئي، جيئن اڪثر سمجهيو وڃي ٿو.

ته چئبو ته ايرسٽوبولس جيڪو اجڙيل ملڪ ڏنو هو، سو گهٽو ڪري مٽينءَ سنڌ جي هاڻوڪيءَ حد کان مٽيرو هو. [35] ان علائقي جي اوپر ۾ اتر، اوپر ۾ اڃوڪي مسافر کي هڪڙو ٽڪرو ڏسڻ ۾ ايندو، جنهن جو ڏيک گهٽي پاڳي ساڳيو هوندو. اهو ٽڪرو بهاولپور ۾ هاڪڙي جي سڪل پيٽ سان لڳو لڳ آهي. اهو سجو ٽڪرو اهڙن شهرن جي اهجاڻن سان جڙيل آهي، جي اڳي وسندڙ هئا. ان ٽڪري جي ڦٽي وڃڻ جو به لاشڪ ساڳيو ئي ڪارڻ هو، يعني ستلج جو اهو پيٽ ڇڏي، ايڏا اولهه ۾ پرپرو وڃي وهڻ، جو هاڪڙي ۾ وڃي ڇڙندو هو. [36]

سڪندر جي ساڻين ستلج جو ذڪر ئي ناهي ڪيو، جو هو اوپر ۾ بياس جي ڪنڌين کان اڳتي وڌيو ئي ڪين هو. چيو وڃي ٿو ته هن پورس [2] ۾ بين کان بياس جي پرار واري ڏيهه بابت گهڻي معلومات ورتي هئي ۾ ڪيس ضرور اهو پتو هوندو ته پنهنجيءَ منزل يعني گنگا جي ماٿر تائين پهڻ کان اڳ ۾ ڪيس هڪڙو ٻيو وڏو درياهه به اُڪرڻو پوندو. پر جنهن وقت هن تقرير

[1] دوارڪا پرشاد روچيرام شرما موجب، "موچو ڪرڻ" ڏسو "سنڌ جوپراچين اتهاس" (1944) پاڳو ٽيون، ص11، رحيمداد خان مولائي شيدائي ان کي سنسڪرت جي لفظ "موشيڪا جو مخفف" ڄاڻائي ٿو. ڏسو "تاريخ تمدن سنڌ" ص109. ـ مترجم

[2] دوارڪا پرشاد شرما موجب، پوئرش، ڏسو اڳيئي ڄاڻايل ڪتاب جو ص 38ـ مترجم

ڪري، پنهنجي لشڪر کي اڳتي هلي، وڌيڪ سوين ماڻڪ لاءِ چيو هو. تنهن وقت شايد هن جو سڃو زور وات جي اهنجن کي گهٽائي پيش ڪرڻ تي هو ۽ رڳو ايترو چيو هئائين ته گنگا کا گهٽي پري کانهي.[37] سڪندر جو آرماڙ درياهن ۾ لهوارو هاڪاري هلي ٿو ۽ جڏهن اسين ان هنڌ پهچون ٿا، جنهن هنڌ اسان کي آس هئي ته کاڀي پاسي کان ستلج جي اچڻ جو ذڪر ٿيندو. تڏهن اسان ان جي بدران بياس جو نالو ڏسون ٿا. هن سلسلي ۾ ته جنهن وقت چناب، راويءَ ۽ جهلم جو پاڻي کڻي، ان هنڌ پهچي ٿي، تنهن وقت بياس به اچي ان ۾ ڇڙي ٿي ۽ پوءِ چناب ويجي سنڌوءَ ۾ پوي ٿي.[38] اسان کي اها ته سُڌ آهي ته ڪنهن زماني ۾ بياس، ستلج کان ڏار، پنهنجي سر وهندي هئي ۽ ٻئي ڏار ڏار وجي چناب ۾ ڇوڙ ڪنديون هيون. جيئن ته سڪندر جي تاريخ نويسن ستلج جو ڪو ذڪر نه ڪيو آهي، سو اسين اهو ئي انومان ڪڍي سگهون ٿا ته يا ته اها ندي سنڌو نديءَ کان الڳ پنهنجي ليکي هاڪڙي جي پيٽ منجهان وهندي هئي، يا وري اها بياس سان ان هنڌ کان هيڻيرو ڳنڍيبي هئي، جنهن هنڌ بياس جي ڪناري تي لشڪر ڌاڀو ڪيو هو ۽ اتان اهو گڏيل وهڪرو چناب ۾ ڇوڙ تائين يونانين جي جاڻايل نالي سان يعني بياس سڏبو هوندو.

ٻي ڳالهه وڌيڪ سياويڪ ٿي لڳي. جيتوڻيڪ رڳو ان جي ابتڙ ثابتيءَ جي عدم موجودگيءَ تي پاڙڻ ٻي واجبي آهي، تڏهن به اهو وسهڻ ڏکيو ٿو لڳي ته سڪندر هڪ اهڙي درياهه بابت نه ٻڌو هجي، جيڪو پنهنجي سر سنڌوءَ جي پڇاڙيءَ واري وهڪري سان پور ويڇوتيءَ تي ۽ ڪن هنڌن تي ته ان کان پنجاهه ميلن کان به گهٽ مفاصلي تي وهندو سمنڊ ڏي ويندو هجي، بشرطيڪ اهڙو درياهه سچ پچ موجود به هجي ها! سنڌ وارين مهمن دوران اهڙا ڪيترائي موقعا هئا، جو هو ان معاملي جي چڪاس ڪرائي پئي سگهيو ۽هن جا تاريخ نويس ان ڳالهه جو ذڪر ڪن ها.

اهو نظريو ته هڪاسيس (Hyphasis) ندي آڪيسينيس (Akesines) نديءَ سان ميلاپ وٽ دراصل ستلج ۽ بياس جو گڏيل وهڪرو هئي، تنهن تي وڌو اعتراض هيءُ ٿو ڪيو وجي ته اها ڳالهه آئڙي نٽي ته اهڙي گڏيل درياهه تي نالو وري ٻنهي مان ننڍيءَ نديءَ جو هجي. پر انهيءَ اعتراض ۾ انهن درياهن جي ميلاپ جي اصل حالتن ۾ تازي تاريخي زماني اندر انهن جي

چرپر جو ڏيان نہ رکيو ويو آهي. بياس ستلج ۾ ڇوڙ ڪونہ ٿي ڪيو. بلڪ ستلج بياس جي هڪ اڳوٽي پاڻ وهيٽي پيٽ جو هيئيون پاڳو وڃي ولاريو هو. هيءُ ميلاپ ٻيو ڪجھ هجي تہ هجي پر جٽادار اصل ناهي ۽ اڄ ڏينهن تائين گڏيل وهڪري جي ڪنڌين سان رهندڙ ماڻهو ان کي ستلج نہ پر "گھارو" سڏيندا آهن.[39]

سڪندر پاڻ ان پوئين ميلاپ جي مٿان سنڌوندي وٽي، سمنڊ ڏي هاڪاري ويو هو ۽ ان مهم جي تذڪرن ۾ ڪا اهڙي ڳالھ ڪانهي، جنهن مان سمجھجي تہ سنڌو ڊيلٽا جي منڊ تائين هڪ ئي وهڪري جي شڪل ۾ نہ وهندي هئي. ايرين چوي ٿو "شڪ ناهي تہ ان هنڌ (پنجند جو سنڌوءَ سان ميلاپ) کان ان هنڌ تائين، جتي اها ڊيلٽا ناهڻ لاءِ دوشاخي ٿئي ٿي، سنڌو (ويڪر ۾) 1000 استيڈيم ۽ شايد وڌيڪ آهي،[40] اتي اها درياهہ کان وڌيڪ ڊنڊ وانگر پکڙجي وڃي ٿي." ياد رهي تہ سڪندر بادشاهہ سنڌوءَ منجهان لهواري مسافري آهستي آهستي ڪئي هئي.[41] آڙماڙ ڏينهن جا ڏينهن لنگر انداز رهندو هو ۽ لشڪر جا جٽا اتر جي حاڪمن سان چڪريون ڪائيندا يا شهر ٻڌندا يا پٽڻ جوڙيندا رهندا هئا. جهلم، چناب ۽ سنڌوءَ منجهان ڊيلٽا جي منڊ تائين مسافري سڄا سارا نو مهينا ڪائي وئي هئي.[42] سڪندر 326 ق. م. جي سرءُ جي پوين ڏهاڙن ۾ هاڪاري هليو هو. جڏهن درياهن ۾ پاڻي گهٽجڻ لڳو هوندو. هن جي ملي لوڪن (Malli) [1] سان لڙائي ضرور سياري ۾، ۽ آگزيڪانس (Oxykanus) ۽ سامبس لوڪن (Sambus) [2] سان بهار ۾ لڳي هوندي. مسافريءَ جي پوئين مرحلي ۾، يعني ميوزيڪانس جي ملڪ کان هيٺ ويندي پاتل تائين، سڪندر جي آرماڙ کي سنڌوءَ جي پوري چاڑهہ منجهان هاڪارٽو پيو هو.

بدقسمتيءَ سان سڪندر جي ڪاهہ جي تذڪرن ۾، جيئن اهي اسان تائين پهتا آهن، ان مرحلي ۽ پوءِ واري مرحلي يعني مٽينءَ ۽ وچينءَ سنڌ جي جاگرافيائي حالتن جو ذڪر خيرڪو اچي ٿو. پر ان معلومات جي گهٽتائيءَ جا ڪيترائي ڪارڻ آهن. پهريون ڪارڻ آهي اڳيئي لتاڙيل

[1] لئمبرڪ پنهنجي ڪتاب "سنڌ ـ مسلمانن جي سوپ کان اڳ"، (ص82)، ۾ ان جو اصل ملو جاڻائي ٿو. ـ مترجم

[2] دوارڪا پرشاد شرما (اڳ جاڻايل ڪتاب، ص 58ـ59) موجب ترتيبوار ڪيترين ۽ سواس. ـ مترجم

ملڪ جي پيٽ ۾ هينيئءَ سنڌوءَ جي ميدانن جو ٻُسو (featureless) ڏيک درياهه رستي سفر ڪرڻ وارن کي ته اها هيڪاري اگرو لڳندو. هنن کي ڏينهن جا ڏينهن پاڻيءَ جي اٿاهه اڇ کان پرتي سواءِ لاڳيتي جهنگ ۽ اڌ ٻڏل وٽن جي ٻيو ڪجهه نظر نه ايندو ۽ وٽن کان پري جو ڏيک وري ڏسڻ جي لڙاڻ جي ڪري ڏسڻ ۾ ئي نه ايندن. اهو پڻ وسارڻ نه گهرجي ته سنڌو جڏهن جوپن ۾ هوندي آهي، تڏهن ان منجهان لهواري ويڙ لاءِ به ٻيڙيون ۽ ڏونڊيون وڏي مغز ۽ سجاڳيءَ سان هلائيون پوندیون آهن. ان ۾ نه رڳو خطرناڪ ڪُن هوندا آهن، پر سڃا سڃا وڻ اڌ ٻڏل لڙهندا، اچي ڪن ڪن هنڌن تي اڙجي پوندا آهن ته زبردست رنڊڪ ٿي پوندا آهن.نيارڪس ۽ سڪندر جي ٻين اديب ساڻين کي ان جوکائتي درياهي مسافريءَ دوران سڪي جي خير ڪا خبر رهي هوندي.

لشڪر جا جيڪي جٽا درياهه جي ٻنهي پاسي چڙهي ٽي ويا، تن برابر سرس ڏنو هوندو، پر ٻوڏن جي ڪري سندن دڳ پيچدار، انگڙ ونگڙ، ڪُنن ڪڙين ۽ ٻڏل زمينن سان گهٽا رندبيل هوندا. هڪ رستي جا اهنج، ٻيو بادشاهه جي چرپر سان پورو رهڻ جي ڳڻتي، سو سردار ويچارا بادشاهه لاءِ لتاڙيل ملڪ جي مهانڊن بابت پنهنجي تاثرات جو احوال مختصر طور ئي مس لکي سگهيا هوندا. ان کان وڌيڪ ڪانئن پڳو ئي نه هوندو.

البت اهو سو ڏڪ اٽڪون ته سڪندر جي سڃي لشڪر ميوزيڪانس جي گاديءَ وٽ چگهو ڍگهو پڙاءُ ڪيو هو. تڏهن به مٽينءَ سنڌ جي ان ڏيهه جو ڪو گهٽو احوال نه ڏنو اٽن. اهو "هند" جو سيني ۾ آسودو ڏيهه هو: "ايريئن" صاف صاف چوي ٿو ته بادشاهه کي ملڪ توڙي گادي ٻيئي وڙيا هئا. گاديءَ ۾ هڪڙو ڪوٽ به هو جنهن کي سڪندر پختو ڪرائي ان ۾ لشڪر رکيو هو. چاڪاڻ ته ڪيس پسگردائيءَ وارن قبيلن کي ڏهڪائڻ لاءِ اهو هنڌ سڀاڻو نظر آيو هو. پانڌجي ٿو ته هن ان هنڌان ئي ڪريٿرس کي لشڪر جو هڪڙو وڏو جٿو ۽ هاڻي ساڻ ڏيئي. ملڪ فارس ڏي اماڻيو هو. هو آزڪوسيا (Arachosia) وارن ۽ زرنگيا (Zarangia) وارن جي ڏيهه منجهان يعني ڪچي، بولان يا مولا لڪ ۽ هلمند کان ٿيندو اوڏانهن ويو هو.[44]

جيتوڻيڪ ان جي ڪا پڪي ثابتي ڪانهي، پر عام انومان آهي ته

ميوزيڪانس جي گادي اروڙ هئي.[45] اسين پڻ اهو انومان وٺي سگهون ٿا. اروڙ جي ڏکڻ شهر روهڙيءَ جي هاڻوڪي شهر کان ڪي پنج ميل ڏکڻ اوپر ۾ چن پٽر وارين ٽڪرين جي ايرندي ڇيڙي وٽ آهي ۽ هيٺ ميدان تائين ڦهليل لڳي ٿو. اهو پڌ ٽڪرين مٿان آهي. پائنڊجي ٿو ته سنڌوءَ جي ڪا ڇاڙ ان وٽيءَ منجهان لنگهندي هئي ۽ وسهڻ ۾ ائين ٿو اچي ته اها ڇاڙ تنهن زماني ۾ وهندڙ هوندي ۽ شهر جي اتر واري پاسي جو بچاءُ ڪندي هوندي.[46] ميوزيڪانس جي ملڪ جو ايڏو آسودو ۽ سرچو هجڻ ظاهر ڪري ٿو ته اتي پاڻي جام هوندو. ائين وسهڻ واجبي ٿيندو نه واهوندو. ريٽي ۽ ٻيا سائو گهارا، جن جا سڪل پيٽ اروڙ جي اتر اوپر واري تر ۾ اڄ به موجود آهن، سي تن ڏينهن ۾ نيم سان وهندڙ هوندا ۽ درياهه جي ليٽ کي چڳيءَ وڏيءَ ايراضيءَ تي ڦهلائي ڇڏيندا هوندا.

هتي اسان اهو پڇڻ کان سواءِ رهي نٿا سگهون ته مقدونيا وارن جو آرماڙ سنڌوءَ جي جنهن مڪي پيٽ منجهان لنگهيو هو، سو تن ڏينهن ۾ ڪٿان هو؟ جيڪڏهن سنڌو تن ڏينهن ۾ ان سوڙهيءَ وٽيءَ منجهان، جا سکر ۽ روهڙيءَ وارين ٽڪرين ۾ آهي، لنگهندڙ هئي، ته پوءِ سڪندر جي جن همراهن سندس هندستان تي ڪاهه جا احوال لکيا آهن، سي ضرور ان جو ذڪر ڪن ها؟ اهو آئڙي نٿو ته ڪو ڪائنڪ انهيءَ سوڙهي لنگهه منجهان سنڌوءَ جي اڻ ڇتايل وهڪري جو احوال ڏيڻ رهجي ويو هوندو. اسان وٽ به انومان ئي رهجي وڃن ٿا: درياهه يا ته سکر وارين ٽڪرين جي اتر ۾ وهندو هوندو، يا وري روهڙيءَ وارين ٽڪرين جي اوپر ۾. جيئن اڳيئي چئي چڪا آهيون، پوئين ڳالهه اڻ ٽيٽي آهي: "پاتل" جي بيهڪ تي ويچار وقت اها ڳالهه هيڪاري چٽي ٿي ويندي.

البت ايترو سو چئي سگهون ٿا ته سنڌو ان هنڌ کان اولهه ۾ گهڻو پري ڪانه وهندي هوندي، جنهن هنڌان اها (ترجيح ڏنل انومان موجب) سکر وارين ٽڪرين جي اتر ۾ لنگهندي هوندي. باقي گورنر آگزيڪانس ۽ سامبس، جن کي سڪندر سيکت ڏني هئي، تن جا پرڳٽا ضرور ميوزيڪانس جي گاديءَ جي اولهه طرف هوندا، ڇاڪاڻ ته سڪندر سامبس کي "هندي ڪوهستانن جو امير" مقرر ڪيو هو.[47] جيڪڏهن هنن تي

پاڻيءَ رستي چڙهي وڃڻ ممڪن هجي ها تہ سڪندر ضرور اهوئي سيني ۾ سولو ۽ تکو رستو اختيار ڪري ها. پر اسان کي صاف صاف ٻڌايو ويو آهي تہ سڪندر آگزيڪانس خلاف ڪوچ ڪري وڃي ڪيس ۽ سندس شهرن کي قبضي ۾ آندو هو ۽ اتان سڌو سامبس تي ڪاهي ويو هو. ان مان اهو نہ ڄاتو وڃي تہ ڪو انهن سردارن جي ملڪ منجهان سنڌوءَ جي ڪا شاخ وهندڙ ڪانہ هئي، پر ائين سمجهي سگهجي ٿو تہ اهڙي ڪا شاخ تنهن مندـ شايد 325 ق. م. جي بهار ۾ اها ٻيڙن جي لنگهڻ لاءِ سڌائي نہ هجي.

اتفاق سان ائين وسهڻ لاءِ سبب بہ آهي تہ سنڌو پنهنجن پاسن کان شاخون ڪيڏندي هئي. ميگاسٿينيز، جيڪو سڪندر جي ڪاهہ کان رڳو ويهہ يا ٽيهہ ورهيہ پوءِ هندستان آيو هو ۽ چندر گپت جي دربار ۾ ڪيل وقت رهي چڱي چوکي معلومات گڏ ڪئي هئائين، سو چٽيءَ طرح ڄاڻائي ٿو تہ درياهہ "هڪ تمام وڏو ٻيٽ پرسياني (Prasiane) نالي ۽ هڪڙو ننڍو ٻيٽ پاتل (Patale) نالي ناهي ٿو." [48] ڪئنٽس ڪرٽيئس انهن ٻنهي مان وڏي "ٻيٽ" کي ڳولي لهڻ ۾ اسان جي واهر ڪري ٿو. هو چوي ٿو: "ميوزيڪانس کي مات ڪرڻ کان پوءِ سڪندر سندس گاديءَ ۾ ڪجهہ لشڪر ڇڏيو ۽ اتان هڪ ٻئي هندي قبيلي، پريستيءَ (Praesti) جي ملڪ تي چڙهي ويو. سندن بادشاهہ پورٽيڪانس (Porticanus) هو...". [49] هيءُ اهوئي پرڳڻي جو امير آگزيڪانس آهي ۽ قبيلي جو نالو سنسڪرت جي لفظ پرسٽ تان ڪنيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي سئون پٽ. اهو تڪرو الہ آباد واري ڏل تي اُڪريل نالو پرجُڻ (Prajuna) بہ ٿي سگهي ٿو. پلائني [50] ان ٻيٽ کي پرسياڪي (Prasiake) سڏي ٿو. ٽالمي سنڌوءَ جي ڪيترين ئي شاخن [51] جو ذڪر ڪري ٿو. جن مان هڪڙي اربيتا (Arabita) جبلن ڏانهن ويندڙ هئي. اسين اڄتي هلي ڏسنداسون تہ انهن جبلن مان هن جي مراد سنڌ جو ڪوهستان آهي.

جيتوڻيڪ انهن پوءِ جي لکندڙن جا بيان ڪنهن حد تائين سهيوڳي معلومات تي ٻڌل هئا، پر هنن گهٽو تڻو ميگاسٿينيز ۽ سڪندر جي ساٿارين تي ٿي ياڙيو. جنهن زماني ۾ سڪندر جي ساٿارين سنڌوءَ تان ٻيڙا هاڪاريا هئا، تنهن زماني ۾ ان درياهہ جون ڪي شاخون موجود هيون تہ پوءِ ايريئن ۽

ٻين انهن جو ذڪر ڇو ناهي ڪيو؟ ان جو جواب هيءُ آهي ته ميوزيڪانس جي گاديءَ ڪان مٿي ڪي پاسائتيون شاخون مڪيه وهڪري کان ڇڇي، ڏار وهنديون به هيون ته اهي گهٽو ڪري نظر نه آيون هونديون. ڇو ته جنهن مند ۾ آرماڙ انهن وٽان لنگهيو هوندو، تنهن مند ۾ اهي سڪل هونديون. جيڪو به شخص سکر بئراج ۽ ان جي واهن جي چالو ٽيڻ کان اڳ سياري ۾ سنڌوءَ منجهان ٻيڙيءَ تي آيو ويو هوندو، تنهن کي چگيءَ پر پروڙ هوندي ته گهاڙ ۽ الهندي ناري_ اڳوڻين قدرتي شاخي جهڙا واهڙ جي جهازرانيءَ لائق ڄاڻ منجهان هردم ڦٽندا ۽ وري ڳنڍيا رهندا هئا، انهن جا منڌ نمايان طرح ڪي اهڙا ظاهر به نه لڳندا هئا. سڪندر جڏهن آگزيڪانس ۽ سامبس کي سيکت ڏيئي، درياهه جي ڪنڊيءَ سان لڳل چانوٽيءَ ۾ موتي آيو، ته اتان ٻيڙن تي سندن مسافري وري شروع ٿي. جيئن ته اها آبڪلاٽيءَ جي مند هئي، ان ڪري اها ڳالهه اچرج جهڙي نه آهي ته اهڙين ڪن به شاخن جو ذڪر نه ڪيو ويو آهي، جي درياهه جي ساڄي پاسي کان ڦٽي، بادشاهه جي اڳيئي لتاڙيل ملڪ ڏانهن ويندیون هجن. ايريئن موجب، آرماڙ ٽيئي مرحلا پورا ڪيا، جن بابت چئي سگهجي ٿو ته اهي ننڍا ننڍا آرماڙهوندا ته جيئن ٻنهي پاسن کان پيشقدمي ڪندڙ جڏا آرماڙ سان ٻٽو ٻٽ رهي سگهن. اتي اهڙيون خبرون پهتيون، جو سڪندر کي پاتل[52] تي چڙهائيءَ جي رفتار تکي ڪرڻي پئي. آڳ ائين وسهڻ واجبي ٿو سمجهان ته اهو پويون مرحلو هڪڙي ڏينهن جي تکيءَ جهاز رانيءَکان وڌيڪ نه هو.

ايريئن موجب، پاتل جو شهر اُتان هو، جتان ڊيلٽا جون "ٻيئي وڏيون شاخون ڏار ٽين ٽيون ۽ ٻنهي جو نالو ويندي سمنڊ تائين سنڌو ئي رهي ٿو."[53] پر چوڏاري جيڪو ملڪ هو، سو پانڌجي ٿو ته ميوزيڪانس جي سرڇيڏيهه کان گهٽو گهٽ هو. سڪندر ڪوٺ جي مورچيبنديءَ جو حڪم ڏيئي، پاسي واري تر ڏي، "جتي پاڻي ڪونه هو" ماڻهو اماڻيا ته وڃي کوهه کوٽيو ۽ ملڪ کي ماڻهن جي رهڻ جهڙو ڪريو. انهن ماڻهن کي ڪي ڏيهي "وحشي" ڦري آيا، پر اُهي مات کائي، "رڻ ڏي ڀڄي ويا." استرابو ايرستوبولس جو جيڪو بيان نقل ڪيو آهي ته آرماڙ جولاءِ مهيني ڏاري پاتل پهتو هو،[54] سو اسان کي قبول ڪرڻ گهرجي. ان مهيني ۾ سنڌوءَ جو پاڻي پنهنجي وڌ ۾ وڌ

چاڙهه تي هوندو. پهرينءَ نظر ۾ اهو عجيب ٿو لڳي ته شهر جي ٻر پاسي واريءَ چڪ ۾ "پاٽي ڪونہ" هو. پر اسان کي اهو ذهن نشين رکڻ کپي ته درياهه قدرتي حالت ۾ پنهنجيءَ سموريءَ ڏيگهه جي سنوت ۾ ڪنڊين تان اٿلندو ڪونہ هوندو. دراصل، پوئين وهڪري جي متئين پاڻي ۾ اٿل وڌيڪ ٿيندي، جنهن جي نتيجي ۾ هينئين پاڻي ۾ پاٽيءَ جو مقدار گهٽجي ويندو.

دليل ڏنو ٿو وڃي[55] ته ايريئن جنهن صورتحال جو احوال ڏنو آهي، سا تڏهن پاڻ وڌيڪ لاڳو ٿيندي، جڏهن اهو فرض ڪبو ته سنڌوءَ لڳ ڀڳ ناري وارو ڏڳ ورتو هوندو ۽ دوشاخو جمڙائو هيڊ (Head) يا منڍائوءَ وٽ نهيو هوندو. هينيون نارو ۽ هاڪڙو ايريئن جي ڪاهي پاسي واري شاخ هوندو ۽ ساڄي پاسي واري شاخ ڏکڻ، ڏکڻ، اولهه طرف حيدرآباد ڏانهن ويندي هوندي. پاتل اهڙيءَ ريت ٿر واري رڻ جي ويجهو هوندو ۽ ان جي ترت ويجهيءَ ڇڪ ۾ ٿوري انداز ۾ پوکيل زمين هوندي.

پر ان نظريي کي وچينءَ ۽ هينئينءَ سنڌ جي مهانڊي جون ليکون ريٽي ڇڏين ٿيون. اهو ميڄي بہ ڪٽي ته سنڌو وچينءَ سنڌ مان لڳ ڀڳ ناري وارو ڏڳ ورتو هوندو ۽ ريگستان ٽپڻ کان پوءِ ڪنهن هنڌ ٻن شاخن ۾ ورهائجي ويئي هوندي. تڏهن بہ ساڄي هٿ واريءَ شاخ کي، ڪاهي هٿ واريءَ شاخ جيان، وهي ڪڇ جي وڻ ۾ ويڙهو پوندو.[56] ملڪ جي ان پاڻي جو لاهه جيئن اڳيئي ڄاڻايو اٿئون، سڃوئي ڏکڻ، اوپر طرف آهي ۽ جيتوڻيڪ مڪاني هيٺ ننڍا وڪڙ اڃي سگهن ٿا، پر تڏهن بہ ان جو عام محور اوس زمين جي لاهه سان ٽهڪي آيو هوندو.

ڏکڻ الهنديءَ سنڌ جي ميدانن جي اها بناوت، جيئن ان جي ظاهري طبعي ڏيک مان ظاهر ٿئي ٿو ضرور سڪندر جي ڏينهن کان گهڻو گهڻو اڳ جي هوندي. ان مان اهو پڻ ظاهر ٿئي ٿو ته ايريئن جن ٻن شاخن جو بيان ڪيو آهي. ساڄي پاسي واري شاخ ذري گهٽ ڏکڻ، اولهه ڏي وڪڙ ٿي ڪاڍو ۽ اهڙيءَ ريت اها چوماسي جي بنهه منهن ۾ هئي تن جي ڏار ٿيڻ وارو هنڌ شهدادپور جي اوپر ۾ ٿي ئي نڪي سگهيو. بلڪ اهو هنڌ گهڻو ڪري ان شهر کان قدري اتر، اولهه ۾ هوندو.[57] ريگستان جو اهو پاڻو جيڪو ناري ماڙريءَ جي اولهه ۾ آهي، تنهن کان اهو هنڌ ويهن ميلن جي اندر آهي، جنهن هنڌ

منهنجي خيال ۾ پاتل هو يعني نوابشاهه تعلقي جي ڏکڻ ۾، پر دراصل اتي ڪم آندل يوناني لفظ، جنهن جو ترجمو اسين قدرتي طرح "ريگستان" ڪريون ٿا، تنهن جو مطلب هروپرو سڄو وارياسو نه آهي. ايريئن اهو لفظ پنجاب جي ندين جي وچ وارن غيرآباد ايراضين لاءِ به ڪم آڻي ٿو. اهي غيرآباد ايراضيون گهڻو ڪري سخت ۽ کهري پٽ واريون آهن ۽ هاڻي پرپور آبپاشيءَ پوک لائق ڪري ڇڏيون آهن. ٽي سگهي ٿو ته پاتل جي ويجهو ڪا اهڙي غيرآباد زمين هجي، جنهن تائين سنڌوءَ جي اُٽل جو پاڻي نه پهچندو هجي.

ائين وسهڻ لاءِ هڪڙو ٻيو به سبب آهي ته درياهه جي دوشاخي ٽيڙ جو هنڌ ٿورو مٿيرو هو. الهندي شاخ، جنهن جو اسان وٽ وڌيڪ تفصيلي احوال آهي، سا لڳي ٿو ته ڏيگهه ۾ چگي وڌي هئي. انهيءَ شاخ منجهان بادشاهه جي مسافريءَ کي ڪرٽيئس چگيءَ اپتار سان بيان ڪيو آهي.[58] هو چوي ٿو ته بادشاهه کي 45 ميل هاڪاري آيو جو ڪيس تر جي ڪن ماڻهن ٻڌايو ته هو "ٽئين ڏينهن تي" ڪاري پاڻيءَ ۾ داخل ٿيندو ۽ واقعي ٽئين ڏينهن تي ويو جو اثر محسوس ڪيو ويو. ياد رهي ته اها مسافري سنڌوءَ جي چاڙهه واريءَ مند ۾ ڪئي ويئي هئي، جڏهن وهڪري جي رفتار 8 فٽ في سيڪنڊ يا ڪلاڪ ۾ پنجن ميلن کان به وڌيڪ هوندي آهي. اهڙيءَ ريت تن ڏينهن جي مسافريءَ ۾ (رات جو پڳهه ٻڌي به ڇڏجن) ته 200 ميل به ڪري سگهجن ٿا. جيتوٽيڪ اسان وٽ 325 ق. م. ۾ سنڌوءَ جي ڏيلتا جي ڪپر ليڪ (Coastline) مقرر ڪرڻ لاءِ مواد تمام ٿورو آهي، تڏهن به آءٌ اهو ڏيکارڻ جو اُدم ڪندس ته ايريئن جي لکٽيءَ ۾ ان جا ڪي اشارا موجود آهن. انهيءَ وچ ۾ اهو مڇڻو پوندو ته اسان کي سنڌوءَ جي پرڪارن جي جيڪا ڄاڻ آهي، تنهن ۾ ائين ٿو ڏسڻ ۾ اچي ته تڏهن ڏيلتا جي ڪپر ليڪ اڇوکيءَ ڪپر ليڪ کان گهڻي اندر تي هئي.

جن صاحبن سڪندر جي ڪاهه جا اکين ڏٺا احوال لکيا آهن، تن ڏيلتا جي پکيڙ الڳ الڳ ڪٿي آهي. ايرستوبولس جو خيال هو ته سنڌوءَ جا به مختلف منهن هڪٻئي کان هزار ڪن استيڊيئم پري آهن. نيارڪس اهو مفاصلو وڌائي ارڙهن سو استيڊيئم ڪري ٿو ۽ اونيسڪريٽس

(Onesicritus) جاٹائي ٿو تہ سيبيئي شاخون ۾ سندن وچ وارو ڪپر سپ ملائي ڪي ٻہ هزار استيڈيئم ٿيندا.[59] انهن ٽنهي منجهان پهرين ڪٽ ترجيح لائق آهي، جو اها هيئينءَ سنڌو ماٿر جي وڏ ۾ وڏ ويڪر سان گهٽي قدر ٽهڪي اچي ٿي، يعني تنهن ويڪر سان، جا ٿر جي اپرندڙ زمين ۾ ڪوهستان جي ماٿر جي وچ ۾ موجود آهي.

پر هت اهو جاٹائٹ ضروري آهي تہ ٻنهي منهن جي وچ واري مفاصلي بابت يونانين جا اهي ڪاٹا مڪاني ماڻهن کان ٻڌل ڳالهين تي ٻڌل هئا ۽ نہ ڪنهن پختي بنياد تي. هو ٻنهي شاخن جي ڊيگهہ کي پنهنجي يا پنهنجن ساٿين جي مشاهدي سان پيٽي ٿي سگهيا، پر لڳي ٿو تہ منجهانئن ڪوبہ سمنڊ يا سکيءَ رستي هڪڙي منهن کان ٻئي منهن تائين ڪونہ ويو هو. ٻئي طرف، اسان کي سڌ آهي تہ سڪندر کي پاتل جي حاڪم جيڪي ٻڌايو هو تنهن مان هن جاٹي ورتو هو تہ سنڌوءَ جو ناهيل ڊيلٹا مصر جي ڊيلٹا کان گهٽو وڏو آهي.[60]

ائين وسهڻ ۾ ڪو اهم ڪونهي تہ نہ رڳو ڪاپي هٿ واري شاخ، پر ساڄي هٿ واري پڻ، حيدرآباد جي هاڻوڪي هنڌ ۽ گنجي ٽڪر جي اوپر ۾ وهندڙ هئي.[61] ساڄي هٿ واريءَ شاخ جو عام رخ ضرور ڪافي پنڌ اوريان ئي ٽلهي ليکي ڏکڻ اولهہ وارو رهيو هوندو. ڇو تہ ايريئن اسان کي ٻڌائي ٿو تہ اسهڻ کان هڪ ڏهاڙو پوءِ جنهن هوا آرماڙ کي ڪنيو هو، سا وهڪري جي بنهہ ابتڙ ٿي لڳي.[62] اها هوا ضرور ڏکڻ اولهہ واري چوماسي جي هوندي. ايجا هيٺيرو جتي درياهہ ويڪرو ٿيو ٿي ۽ هُنن جو ويرين واري پاٹيءَ (Tidal waters) ۾ گهڙڻ ٿيو، اتي هنن کي هوا جو سمورو ڇوهہ آڏو آيو. آڪري پاٹيءَ کان بچڻ لاءِ هنن جنهن "واهہ" ۾ پڳهہ هنيا هئا، سو ضرور ڪا ڪاري يا ڪوڻاٹ هوندو.

سڪندر جيڪي ڏيهي ماڻهو سونهان ڪري پاڻ سان ڪنيا هئا، تن کيس ٻڌايو تہ درياهہ جي اصل منهن وٽ پهچڻ کان اڳ ۾ هڪڙي ٻيٽ تي وري پڳهہ هڻڻا پوندا ۽ هن جيڪي ماڻهو جانچ لهڻ لاءِ موڪليا هئا، تن اچي ٻڌايس تہ اهو ٻيٽ چگو وڏو آهي ۽ نالو ڪلوٽا (Killuta) اٿس. ٻيٽ تي پاٹي ٻہ آهي تہ پٽڻ ٻہ. تنهن تي هن سونهن جي صلاح مڃي. پوءِ هو پاڻ سڻي ۾

سنا غوراب ڪٽي وڌيڪ جانچ لهڻ لاءِ ايجا اڳتي ويو. "ڀ پهرئين ٻيٽ ڪان ڪي ٻه سو استيڊيئم پري نڪري آيا ته هڪڙو ٻيو ٻيٽ ڏنائون، جو چگو پنڌ سمنڊ اندر هو." بادشاهه موتي آيو ڀ آرماڙ ڪي ڪلوٽا جي آخري ڇيڙي وٽ آڻي ٻيهاريائين ڀ ٻئي ڏينهن اتان وڃي هاڪاري وڃي ٻئي ٻيٽ تي لنگر انداز ٿيو. جنهن ٻيٽ بابت اسان کي وري ٻڌايو وڃي ٿو ته اهو "اونهي سمنڊ ۾ هو." آءٌ سمجهان ٿو ته اهو تفصيل انهن ڪار گذارين جي هنڌ جو پڪو ڏس ڏئي ٿو.

هڪڙو ٻيٽ، جو سنڌوءَ جي هڪڙي ڇوڙ ڪان پرتي ڪليل سمنڊ ۾ چگو اندر هجي، سو انهن گپ دڙن ڀ ريڙن ڪان ته وڌيڪ پختو ڀ نهرو هوندو، جي خشڪي (mainland) ڪان ڪارين رستي ڏار ٿيل هئا ڀ جي هاڻوڪي ڊيلٽا جو سمنڊ وارو پاسو ٺاهين ٿا. تنهن ڪان سواءِ، اسان جي سيني ۾ معتبر راويءَ موجب، سڪندر جي ڏينهن ۾ ڊيلٽا جي الهندي پاڳي جو ڪپ، جي ڏکڻ ۾ مڪلي (Makli) ٽڪرين ڀ پير پٽي (Pirpatho) ڪان پرتي ويندو ٻه هوندو ته گهڻو نه. هاڻي پير پٽي ڪان اتڪل يارهن ميل ڏکڻ، اوپر ۾، ڏري گهٽ اٺهنيءَ ڊگهائي ڦاڪ تي، ابن شاهه (Aban Shah) نالي هڪ هيڪلي ٽڪري آهي، جا ڏيڍ ميل ڪن ڊگهي ڀ اڌميل ڪن ويڪري آهي ڀ پٽ ڪان ڪي 75 فٽ اتانهين ٽيندي.[64] آءٌ سمجهان ٿو ته اهائي اهو اونهي سمنڊ اندر ٻيٽ هو، جنهن تي سڪندر پڳهه ٻڌا هئا.

ڪلوٽا انهيءَ هنڌ ڪان اتر، اوپر ۾ ميرپور ٻٿوري (Mirpur Bathro) جي ٿورو ڏکڻ ۾ هوندو. ڪتاب ۾ اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي، جنهن مان سمجهجي ته اهو درياهه جي ورچ سبب ٻيٽ ٻڌجي ويل سنئون پٽ نه پر ٻيو ڪجهه هو. ان جا "پتڙ"ڪارين ڪان وڌيڪ ڪجهه نه هوندا، جي هوا ڪان محفوظ هوندیون ڀ جن ۾ ڪي ٻه ڇوهيون ڏارائون نه هوندیون ڀ منو پاڻي، ته اتي آبڪلاڻيءَ جي منڊ ۾ سولائيءَ سان ملي سگهيو ٿي.

سڪندر پاتل موتي آيو ڀ پوءِ ڪاپي پاسي واريءَ يا اپرندي شاخي جي جانچ لهي ڏنائين. ان جو احوال وڌيڪ مختصر آهي. اسان کي ٻڌايو وڃي ٿو ته ڪجهه پنڌ هاڪارڙ ڪان پوءِ[65] هو درياهه جي ڇوڙ وٽ هڪڙي وڏيءَ ڊنڊ ۾ اچي نڪتا. اها ڊنڊ درياهه جي پڪڙجڻ ڪري نهي پئي هئي، "يا شايد ير

پاسي ان وهي ايندڙ پاڻي ان کي وڏو ٻڌائي ٿو ايترو وڏو جو اها بنهه اهڙي ٿي لڳي، جهڙي ڪا سامونڊي نار.“ ٻيو ته نهيو ان ۾ سامونڊي مڇيون ۽ هيون، جي ايگيئن (Aegean) سمنڊ جي مڇين کان ۽ وڏيون هيون. سڪندر ڊنڊ ۾ آرماڙ جا پڇهه اتي ٻڌڻ جو حڪم ڏنو. جتي سونهن چيو ۽ پاڻ ڪجهه ٻيڙا سان ڪري ڪلئي سمنڊ ڏي هاڪاري ويو. اسان کي اهو نٽو ٻڌايو وڃي ته ڊنڊ کان اڳتي درياهه سوڙهو ٿيو ٿي يا نه. ۽ نه ئي وري اهو ته ڊنڊ جو پاڻي سنو هو يا کارو: پر جيئن اڳيئي ڏسي چڪا آهيون، آبڪلاٽيءَ جي ڦوهه وقت سنڌوءَ جو وهڪرو ايترو ته گهٽو ٿئي ٿو. جو ان جي ڇوڙ (Outfall) کان ۽ ڪجهه پنڌ پرتي مٽاڇري جو پاڻي منو وهي ٿو.

ايريئن هت هڪڙي عجيب ڳالهه ڪري ٿو. اها هيءَ ته بادشاهه پڇهه ٻڌائي، ٿورا سوار ڪٽي، ڪپر ونڻي، تن ڏينهن جو پنڌ ڪري، اهو ڏسڻ ويو ته اهو ملڪ ڪپرائتي مسافري (Coasting voyage) لاءِ سڌائو ٿيندو يا نه ۽ وات تي ڪوهن ڪٽڻ جا حڪم ۽ ڏيندو آيو ”ته جيئن خلاصين کي پيئڻ جو پاڻي ملندو رهي.“ اهو پڻ چيو وڃي ٿو ته هن پاتل موتي وڃي لشڪر جو هڪڙو ياڳو اوڏانهن ڏياري موڪليو ته وڃي اهي حڪم پورا ڪن. جنرل هئگ آبڪلاٽيءَ ۾ ڏيلٽا تان سڪيءَ جي ان مسافريءَ کي ڇسي ڏند ڪٽا ٿو ڪوڻي. ان مند ۾ ڪوهن جي ڪوتائي ۽ اجايو احتياط هئي ۽ اهو پڻ اڻ ٽيڙو ٿو لڳي ته ڪو انهن ڪوهن جو پاڻي درياهه جي لهڻ کان پوءِ ۽ منو رهيوهوندو. ٿي سگهي ٿو ته هيءَ ڪهاڻي سڪندر جي همه گير دوراندیشيءَ کي مٿيرو ڪرڻ لاءِ گهڙي ويئي هجي، پر ايريئن اهڙي قسم جي چاپلوسيءَ مان ڄاڻندو ئي ڪونه هو.[66] استرابو جي لکڻ موجب، اونيسڪريٽس سمنڊ جي ڪپر کي گپ، ويرين ۽ سمنڊ کان لڳندڙ هوائن جي ڪري ڏيٽين وارو ڄاڻائي ٿو. خاص ڪري درياهن جي ڇوڙن وٽ.[67]

نيارڪس جي سامونڊي مسافريءَ جو جيڪو احوال ايريئن نقل ڪيو آهي، تنهن ۾ خوش قسمتيءَ سان سنڌ ۽ بلوچستان جي ڪپر جو بيان هنڌن ماڳن (Topographical) جي تفصيلات سان پريل آهي. پر ان جي تاويل ۾ ڪئين مشڪلاتون درپيش اچن ٿيون. پهرين هيءَ آهي ته نيارڪس روانو ڪٽان ٿيو هو؟

بادشاهه سڄي نسبت انهيءَ خيال کان ڪرائي هئي ته ساموندي سفر سنڌوءَ جي ايرندي ڇوڙ وٽان شروع ڪيو. ڇو ته هن اها خاطري ڪري ورتي هئي ته اتان لنگهڻ وڌيڪ سولو ٿيندو. هن ڏنڊ جي ڪنڊيءَ تي بندر ٺهرايو هو. باروت خاني جو بندوبست ڪري ڇڏيو هو ۽ لشڪر پڻ ويهاري ڇڏيو هو هڪڙي گهاٽ (naval station) تان روانو ٿيو هو. سندس گهاٽ اهو نٽو لڳي، جو بادشاهه انهيءَ مقصد لاءِ تيار ڪرايوهو. نيارڪس جي پنهنجيءَ ڪٽ موجب ايرندي ڇوڙ ۽ الهندي ڇوڙ جي وچ ۾ مفاصلو 1800 استيڊيئم هو.[68] اها ڪٽ ٻيو نه ته ان ٻالهه جي ساک طور ميڄي سگهجي ٿي ته هو هڪڙي ڇوڙ ڪان ٻئي ڇوڙ ڏي ڪونه ويوهو. ڇو ته جيڪڏهن هو ڪپر ڏيئي، پنهنجو هاڪارڻ وارو سفر ايرندي ڇوڙ وٽان شروع ڪري ها، ته پوءَ ڪيس اوس ٻئي ڇوڙ ڏي اچڻو پوي ها.

اسان کي پتو آهي ته نيارڪس جڏهن آرماڙ جو امير مقرر ٿيو هو،[69] تڏهن ڪيس پنهنجي جوابداريءَ جو ڪيترو نه ڳوڙهو احساس هو ۽ اسان کي هيءُ به معلوم آهي ته سڪندر کي نيارڪس واري مهم جي ڪاميابيءَ جي نه رڳو تياريءَ وقت پر مهم دوران به، جڏهن هو پاڻ وڌيءَ مشڪلات ۾ هو، ڪيتري نه ڳٽتي هئي. جيڪڏهن نيارڪس بادشاهه جي ڪيل بندوبست ۾ پنهنجي منهن کا ڦيرڦار ڪئي هوندي ته ضرور ڪنهن ڳري سبب جي ڪري ائين ڪيو هوندائين.

استرابو اسان کي ٻڌائي ٿو ته نيارڪس کي، هن جي پنهنجي چوڻ موجب، ڏيهي ماڻهن ۾ اڳرائيءَ جا اهجاڻ ڏسي، تڪڙو سهڙو پيو هو. ڇو ته "بادشاهه کي اسهيل ڏسي هنن جو من وڌي ويو..... ۽ متن چڙهي آيا ۽ کين ملڪ مان تڙي ڪيڻ جي ڪيائون."[70] پاڻجي ٿو ته ان واقعي وقت نيارڪس پنهنجي آرماڙ سان ڏنڊ تي تازي ناهيل گهاٽ تي ڪونه هو. نه ته جيڪر هو اتان ئي پڳهه چوڙي روانو ٿي وڃي ها ۽ پويان بادشاهه جو نائب، پٽٿان (Peithon) پيو بغاوت سان منهن ڏئي ها.[71] سنڌوءَ جي لهندڙ پاڻيءَ ۾ اوپارو وڃڻ ۽ وڃي ککر ۾ ڪڙو هڻڻ وڌي جوکم جو ڪم ٿئي ها. ڪيس بادشاهه جو حڪم هو ته ڪپر جي ڇگيءَ طرح پرتال ڪئي وڃي ته جيئن، ظاهر آهي ته، سلطنت جي ڪپر وارن پر ڳٽن جي وچ ۾ باقاعدي لهه وچڙ جو

بندوبست ڪري سگھجي. ڪيس بيواجبي جوڪمر نہ ڪٽڻا ھئا.[72]

اسان کي انھيءَ ڪري، ائين وسھڻو پوندو تہ نيارڪس اوڏيءَ مھل پاتل ۾ ھو. بادشاھہ ايرندي شاخ جي پرتال ڪرڻ کان اڳ ھفائيشن (Hephaestion) کي حڪم ڏنو ھو تہ "گھات جي مورچيبنديءَ ۾ گودين جي اڏاوت جو جوڳو انتظام ڪيو وڃي، ڇو تہ ھن پھہ ڪيو ھو تہ پاتل شھر جي ويجھو جتي سنڌوندي دوشاخي ٿئي ٿي، اتي ڪجھہ جھازن جو آرماڙ ڇڏي وڃجي." مون کي ائين ٿو وسھڻ ۾ اچي تہ ڏنڊ وارو گھات اڄا راس نہ ٿيو ھوندو ۽ ٻيڙا اڄا پاتل وٽ گڏ ٿيل ھوندا، جو ڪا اھڙي ڳالھہ ٿي ھوندي، جنھن جي ڪري سموري رٿا بدلائڻي پيئي ھوندي. ڳالھہ رڳو تر جي ماڻھن جي اڳرائيءَ واريءَ روش جي ھجي ھا، تہ نيارڪس وري ايرندي شاخ ۾ گھڙي وڃي ھا. بادشاھہ بہ تہ ان ئي رستي لاءِ تياريون ڪرايون ھيون.

انت اھوئي نتيجو ڪيڏو پوي ٿو تہ درياھہ شاھہ دادلي کي وري جوجڪي آئي ھوندي ۽ پاڻيءَ لھڻ کان پوءِ اوپر واري شاخ جھاز رانيءَ جوڳي نہ رھي ھوندي. ٻوڏن واريءَ مند جي پڄاڻي اھو وقت ھوندو آھي، جنھن وقت سنڌو، ائين ڪٽي چئجي تہ اھو "فيصلو" ڪندي آھي تہ ھوءَ ايندڙ سانگھاري جي مند ۾ ڪھڙو ڦاٽ ڇڏيندي ۽ ڪھڙو ونندي، ڇو تہ سانگھاري جي مند ۾ ھوءَ ھڪ کان وڌيڪ ڦاٽن مان نہ وھندي آھي.[73] ياد رھي تہ سڪندر شاخ جي پرتال چاڑھہ جي مند ۾ ڪرائي ھئي ۽ نيارڪس چاڑھہ جي لھڻ کان پوءِ روانو ٿيو ھو. انھيءَ مختصر مدي اندر عام طرح ڪئين ڦيريون ڦاريون رونما ٿي ويندیون آھن.

ڇو نہ ڪا اھڙي صورتحال ڏيان ۾ آڻجي، جا ھاڻوڪيءَ سنڌ ۾ وقت بوقت رونما ٿيندي رھي ٿي: سڪندر جي وڃڻ کان پوءِ جيڪي ڏيھي ماڻھو ٻنھي شاخن ۾ سندس سونھان ٿيا ھئا، سي ادب سان نيارڪس کي وڃي ھيئن چون: "اسين توھان جي بادشاھہ کي تہ ڪجھہ ڪونہ چئي سگھياسون، جو ھو ديوتائن سمان آھي. پر توھان کي اسين ھيءُ ٻڌائڻ جي جرئت ڪريون ٿا، جو متان اسان تي ميار اچي، تہ توھان جنھن اوپر واريءَ شاخ مان اسھڻ تي سنيريل آھيو، سا مھيني کن ۾ سکي ويندي."

نيارڪس جي مسافريءَ جو جيڪو احوال ايريئن ڏنو آھي، تنھن

موجب هو "گهات کان سنڌوندي وٽي لهوارو هاڪاري هليو هو."[74] ۽ تن ننڍن مرحلن ۾ سمنڊ کان وڃي نڪتو. ٽي سگهي ٿو ته اهو گهات هن پاڻ الهندیءَ شاخ تي ڪنهن هنڌ تڙ تڪڙ ۾ نهرايو هجي، پر سڪندر سان ڳالهه نه ڪئي هجئين، ڇو ته بادشاهه هن جي اوپر واريءَ شاخ واريءَ مهم جي ڪاميابيءَ لاءِ ايتري تڪليف ورتي هئي ۽ مٿس ايترو پروسو ڪيو هئائين.

هي جو نيارڪس جي ڏنل احوال ۾ ڪلوٽا يا ان ٻيٽ جو جيڪو سڪندر اعظم پاڻ الهندیءَ شاخ جي پرتال ڪندي سمنڊ ۾ اندر ڏٺو هو، ڪو مذڪور ڪونهي (توڙي جو ڪيترائي ٻيا نوان نالا هن جي سفر جو احوال ۾ آيل آهن)، سو مٿئين انومان کي آڏو رکڻ سان سمنڊ ۾ اچي وڃي ٿو. پر قياس آرائيءَ کي ايترو پري ڇڪڻ جو ڪو خاص ضرور ڪونهي. اسان کي اهو ياد رکڻو آهي ته جڏهن نيارڪس پنهنجا ٻيڙا هاڪاريا هئا، تڏهن چوماسي ۾ هڪ منجهائيندڙ ٽاپر هئي[75] ۽ آبڪلاڻي پوري ٽيڙ تي هئي. پاڻڪجي ٿو ته هو سمنڊ ڏي ڪو ٻيو واهڙ وٽي ويو هو ۽ نه اهو جيڪو بادشاهه ورتو هو. شايد ان ڪري جو بادشاهه وارو واهڙ ڪنهن سبب وڌيڪ ڏکيو يا جوکائتو ٿي ويو هو.[76] جو واهڙ هن ورتو هو. سو ڪو منهن وٺ لٽجي ويو هو. سو خلاصين کي ان منجهان واهه ڪيڏو ٻيو.[77] اهو واهه ضرور سمنڊ جي ويرين چڙهڻ ڪري ڪجهه ويڪرو ٿيو هوندو. نيٺ هو ٻيڙا ان واهڙ منجهان تاري سمنڊ منجهه وٽي آيا. ائين وسهڻ ٻي واجبي نه ٿيندو ته اهو واهڙ ڪلوٽا واري وڏي ٻيٽ وٽان انهيءَ ٻئي واهڙ جي ٻيءَ پر تي هو، جنهن رستي سڪندر سمنڊ تائين پڳو هو. آءٌ ڪن ڳالهين جي ڪري، جن جي اپٽار سگهوئي ڪٻي، اهو پڻ چوندس ته اهو نيارڪس وارو واهڙ ڪاپي پاسي ڏکڻ ڏانهن ٽي ويو. جڏهن ته بادشاهه ساڄي هٿ وارو واهڙ ورتو هو، جيڪو اولهه يا ڏکڻ اولهه طرف ٽي ويو.

هاڻ اچو ته ان مسافريءَ جي وڌيڪ چڪاس ڪريون، جيئن ايريئن پنهنجي ڪتاب ۾ ان کي بيان ڪيو آهي. آرماڙ "لنگر گاهه" ڇڏي ڏنو ۽ ننڍن ننڍن مرحلن ۾ سمنڊ ڏانهن راهي ٿيو. انهن مان ٻئي مرحلي تي، جو منڊ کان اوستائين ڇڙا پندرهن ميل هو، ويڑ ڏسڻ ۾ آئي، جنهن جي آلڙ کان پوءِ به درياهه جو پاڻي کارو رهيو. ڇيو وڃي ٿو ته اهو هنڌ خود سمنڊ کان ٽن ميلن کان ٿورو

وڏيڪ پري هو. ٽيٺ ته ائين گهربو هو ته گهٽ ۾ گهٽ ويڑ جو اثر ايڏا مٿيرو محسوس ڪيو وڃي ها، توڙي جو ائين به آهي ته جيڪڏهن درياهه جو چاڑهه ايڏا ڪجهه موجود هو ته پوءِ ڪم از ڪم ان هنڌ تائين پاڻي منور رهي ها، جن ٿن هنڌن تي آرماڙ پڳهه ٻڌا، تن جا نالا ڄاڻايا ويا آهن. استورا (Stoura) ڪئومارا (Kaumara) ۽ ڪوريستيس (Koreestis). انهن جي سڃاڻپ جي ڪوشش اجائي ٿيندي. نيارڪس چوي ٿو ته اسان سفر جي شروعات کان پوءِ هڪڙي ڏينهن جي پنڌ تي هڪڙو وڏو "واهه" ڏٺو ۽ هڪڙو ٻيو واهه وري ٻئي مرحلي ۾ ان هنڌ ڏٺوسون، جنهن هنڌ اسين ويڑ جي اثر ۾ آياسون. هويا هن جو سمپادڪ ايريئن هڪڙو لفظ [78] ڪتب آڻي ٿو. جنهن جي معنيٰ آهي "وڏو واهه" پر ٽي سگهي ٿو ته هن کي ڊيلٽا جي قدرتي شاخن جي سڏائي ڏسي اهڙو گمان ٿيو هجي. هاڻوڪي زماني اندر ڊيلٽا خاص ۾ ڪي به هٿرادو واهه ڪين آهن ۽ نه ئي وري ڪڏهن اڳي هوندا، ڇو ته ساليااني ٻوڏ پٽ جي سموري مٽاڇري تي پکڙي وڃي ٿي ۽ ان کي سنوت ۾ آڻي ڇڏي ٿي. پر درياهي رستا (Waterways) ڪيترائي هئا ۽ پائنڊجي ٿو ته نيارڪس کان سڀائي ۾ سڀائو رستو گسي ويو هو، ڇو ته جيڪو رستو هن ورتوهو، سو جيئن اڳيئي ڄاڻايو اٿئون، منهن وٽ بند هو. لنگر گاهه کان ڪليل سمنڊ تائين جهاز راني‌۽ جو ڪل مفاصلو ڇڙا ارڙهن ميل ڄاڻايو ويو آهي.

خود سمنڊ ۾ پهرئين ڏينهن جي مسافري "ٽيڙن ۽ ڦيراتين"[79] سوڏي 150 استيڊيئم يعني 17/2 ميل ڪٽي ويئي، جنهن پڄاڻا هو ڪروڪل (Krokala) نالي هڪڙي واريااسي ٻيٽ تي وڃي لنگر انداز ٿيا. ارڙهين صديءَ عيسويءَ ۾ ڊيلٽا جي الهندي پاڳي ۾ هڪڙي علائقي جو به اهڙو ئي نالو هو. جن صاحبن ايريئن تي شروع شروع ۾ ٽيڪائون ڪيون هيون، [80] تن نالن جي ان مشابهت کي چگو ڪنيو هو. پر اها مشابهت شايد اتفاقي هئي ۽ بس.

مسافريءَ جي ٻئي مرحلي ۾ جن هنڌن جو ذڪر اچي ٿو تن کي سڃاڻڻ گهڻو ڏکيو نه ٿيندو. "اتان هاڪاري هليا ته سندن ساڃي هٿ تي اتانهيون هيون، جن کي هنن ايروز (Eiros) ٿي ڪوٺيو ۽ سندن ڪاپي پاسي هڪڙو ٻيٽ هو، جيڪو سمنڊ سان لڳو لڳ هو. اهو ٻيٽ ڪپر جي سنوت ۾

ائين ڦهليل هو. جو اتي هڪڙي نار نهي پيئي هئي. اها نار اُڪري، هو هڪڙي بندر ۾ وڃي نڪتا، جتي هڪڙو سڻائو هنڌ ڏسي، پڳهه ڪٽي ٻڌائون. نيارڪس کي اهو بندر ايترو ته وڻي ويو جو هن ان جو نالو ئي ڪٽي سڪندر جو بندر رکيو. بندر جي منهن واري پاسي، ٻه استيڊيئم پريرو هڪڙو ببا ڪتا (Bibakta) نالي ٻيٽ آهي. پر اهو سڄو علائقو سنگد (Sangada) سڏجي ٿو. اهو بندر انهيءَ ٻيٽ جي ڪري ئي وجود ۾ آيل هو. جيڪو ڪجهه اندر سمنڊ ۾ ٻيٺل هو.

سڪندر جو بندر عام طرح ڪراچيءَ کي سمجهيو وڃي ٿو. ايروز واريون اتانهيون- گذري ويو ڪلفٽن جون ٽڪريون آهن. سمنڊ سان سنئون ٻيٽ ٽيو ڪياماڙي ويو ببا ڪتا ٽيو منهوڙو.[81] اهي سڃاڻپون منهنجي خيال ۾ بلڪل غلط آهن، جا ڳالهه آڻڻ اميد ته ايريئن جي ليکت مان ثابت ڪري ڏيکارينداس. حوالا اهڙن هنڌن جا ڏينداس، جن بابت ائين وسهڻ ٻي واجبي نه ٿيندو ته اهي چوٽين صدي قبل مسيح کان خيرڪي مٽيا هوندا ويو نيارڪس جا ڄاڻايل مفاصلا ٻه ليکي ۾ آڻيندس.

منڊي ۾ اهو ڏسڻ ڪپي ته 325 ق. م. ۾ سنڌ جي ساموندي ڪپر جي پرسان ويو سنڌوءَ جي ڊيلٽا سان لڳو لڳ اهو ڪهڙو هنڌ هو. جنهن کي "اتانهيون" جي نالي سان سڏڻ واجبي ٿيندو. جيڪڏهن اسين ملڪ جو ارضياتي نقشو ڪٽي جاچينداسين ته اسان جي نظر هڪدم مکلي ٽڪرين ڏانهن ڇڪجي ويندي. اهي ٽڪريون اولهه سنڌ جي مکيه ٽڪرن جي ڇڳو ڏکڻ ۾ ويو انهن کان ڏار ٻيٺل آهن ويو ساڳئي وقت هاڻوڪي ڊيلٽا جي منهن جي لڳو لڳ آهن.[82] مسافريءَ جي منهن مرحلي ۾ اهي ٽڪريون نيارڪس ويو سندن ساٿين کي چٽيءَ ريت نظر آيون هونديون.

هاڻوڪي زماني ۾ مکلي ٽڪرين جي اترئين ڇيڙي کي ان مٿانهين ٽاڪرو پٽ کان لٽاشي پٽ جا اٽڪل ٽي ميل ڏار ڪن ٿا، جيڪو عام طرح الهندو طرف ونندو ڪراچيءَ ويو راس مانزي (Cape Monze) تائين هليو وڃي ٿو. سنڌوندي جيڪو الهندي ۾ الهندو ڦاٽ وٽي، سمنڊ تائين پهچي سگهي ٿي، سو ان وٽيءَ منجهان لنگهي ٿو ويو ان کان اوريون ڦاٽ مکلي يا پير پٽي وارين ٽڪرين جي ڏاکڻي ڇيڙي وٽان لنگهي ٿو. اهي اتانهيون ويو انهن جي

پاسن کان مٿانهون پٽ آءٔ سمجهان ٿو ته ڪلوٽا ٻيٽ جي اتر اولهه ۾ ڪي گهٽو پري نه هوندا ۽ ساموندي ڪپر سان لڳل هوندا. پريان سمنڊ ۾ هڪڙي ريٽ جي ساڳي ڪروڪل واري بيهڪ هوندي. هن نظريي موجب، ڪروڪل، ڪلوٽا ٻيٽ جي ڏاکڻي ڪپر جي پريان ۽ جنهن واهڙڪان نيارڪس هاڪاري آيو هو ۽ جنهن واهڙ مان سڪندر لنگهيو هو. تن ٻنهي جي وچ ۾ پر پوئين واهڙ کي قدري ويجهو هوندو. ڪروڪل تان لنگر ڪٽڻ کان پوءِ آرماڙ درياهه جو ڇوڙ پار ڪيو هوندو. جتان بادشاهه اونهي سمنڊ واري ٻيٽ ڏانهن هاڪاري ويو هو. اهو ٻيٽ منهنجي خيال ۾ ابن شاهه هو. اهو ڪروڪل جي الهندي ڇيڙي وٽان ڦرڻ وقت ڪائنڪ ڪئين ميل ڪاپي طرف ٽي سگهيو ٽي.نيارڪس کي اوڏانهين وڃڻ جو ڪو ضرور ڪونه هو. ڇاڪاڻ ته سڪندر اڳيئي اتان ٽي ويو هو.

منهنجو خيال آهي ته نيارڪس اتر، اولهه ڏانهن ويندي آرماڙ کي هڪڙي ڳچي سمنڊ منجهان هاڪاريندو. هڪ اهڙي هنڌوٽي ويو. جيڪو هاڻو کي "گجو" (Gujo) نالي ڳوٺ کان گهٽو پري نه هو. سندس ساڃي هٿ تي پر پٽي ۽ مڪلي ٽڪرين جو ڏکڻ، اولهه وارو پاسو ۽ ڪاپي هٿ تي هڪڙو ڏڙو هو. جيڪو ٽڪرين سان پور وڇوٽيءَ تي هو. هتان شايد سنڌوءَ جي الهندي شاخ منجهان هڪ ٻي ڪاري ايروز جي اترينءَ ڪنڊ وٽان ڦرندي ٻاهر ٽي آئي. انهيءَ ڇاڙ وٽ چگو وڏو ۽ پلو لنگر گاهه موجود هوندو. جنهن جي منهن وٽ ٻباڪتا جو ٻيٽ هو. اهو ٻيٽ آءٔ سمجهان ٿو ته انهن تاڪرو اتانهين مان هڪڙو هو. جيڪي انهيءَپسگردائيءَ ۾ آهن ۽ شايد گڏيل نالو ٽرڙي گجو (Tharri Gujo) اٿن. منهنجي خيال ۾ "سڪندر جي بندر" جي بيهڪ اجها اها هئي. هتان وارو لتاشو پٽ سمنڊ جي مٿاڇري کان ٿورو مٿي آهي ۽ گمان آهي ته گذريل ٻاويهن صدين اندر نهيو هوندو.

آءٔ انهيءَ مفروضي تي اڳتي وڌندس ته سڪندر جو بندر هاڻوکي ڳوٺ گجي کان گهٽو پري ڪين هو. ان هنڌ کان گهاري تائين ڏاهڪو ميل اولهه طرف، هاڻ ساڳيو لتاشو پٽ متيءَ جي دڙن ۽ واريءَ جي ڍنڍ سان چانيل آهي ۽ ان جي سمنڊ جي مٿاڇري کان سراسري اتانهين ڇڙا ويهه فٽ ٽيندي. هاڻوکو شاهي رستو گهاري پهچڻ کان اڳ اتر ڏي لڙي ويرن واري کاري ٽپي

ٿو. اها کاري ڪلري واهه جي سنوت ۾ سنڌو ڊيلٽا جي پراڻن ڦاٽن مان سيني ۾ الهندو ڦات آهي. شاهي رستو اتان هڪدم مٽانهين پٽ وٽ اچي نڪري ٿو. جيڪو چن پٽر جي ٽڪرين سان چانيل آهي. اهو مٽانهون پٽ ڪوهستان جون پير ٽڪريون آهن. ان هنڌ کان گهاري واري کاريءَ جي ساڄي ڪنڌيءَ عام ڪري ٽاڪرو آهي ۽ گهٽن هنڌن تي اڌيون ڇپون اٽس. جيڪو ڪاڌي هٽ وارو هينانهون لٽاشو پٽ ڏکڻ ۾ ميرپور ساڪري ۽ ان کان اڳتي هليو ويجي ٿو. سو سٽت ئي ريٽن ۽ نمر وڻ سان چانيل ڏٻڻين ۾ متجي ويجي ٿو. اهي ريٽ ۽ ڏٻڻيون ويرن جي پهچ اندر آهن.

ريورتي، ڊيلٽا جي هاڻوڪي الهندي پاڳي ڪي ويجهڙائيءَ ۾ ٽهيل سمجهي ٿو ۽ شڪ ناهي ته گهارو ڪڏڙو (Gharo Kudro) کارين جي ساڄي پاسي واري اتانهين ڪنڌي، گهاري ۽ ابراهيم حيدريءَ جي ڇوڙ جي وچ ۾ پورن ٽيهن ميلن تائين، نيارڪس جي ڏينهن وارو ساموندي ڪپر هئي. جيڪو ڊگ گهاري ۽ گجي ڪي ڳنڊيڙي ٿو. تنهن جي اتر واري پٽ جو ڪجهه پاڳو شايد سمنڊ جي هيٺان هو. ڏکڻ، اولهه وارو سمورو تر ته سمنڊ ئي سمنڊ هوندو.

اهڙيءَ ريت، ڪناري جو عام رخ ڏري گهٽ اوپر ۽ اولهه رهيو هوندو. جي سچ پچ ائين هو ته پوءِ اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويجي ٿي ته نيارڪس ڇو سڪندر جي بندر ۾ ايترو وقت ترسيو پيو هو. جيترو وقت ڏکڻ، اولهه وارو چوماسو لڳندو رهيو.

سڪندر جي بندر مان نڪرڻ کان پوءِ مسافريءَ جو پهريون مرحلو ننڍو هو. يعني 60 استيڊيئم. منهنجي ڪاٿي موجب، اهو مفاصلو اڪرڻ کان پوءِ آرماڙ اهڙي هنڌ اچي پهتو هوندو. جتان گهارو ڪي ٽي ميل پري هوندو. هت ڪپر واريا سو هو ۽ پرسان ڊومائي (Domei) نالي هڪڙو غير آباد ٻيٽ هو. اهو ٻيٽ لهر ٽوڙ (Breakwater) جي حيثيت ۾ ڇگو ڪارائتو هوندو (سمنڊ ضرور مست هوندو. ڇو ته چوماسو اڃا هينئر ئي پورو ٽيو هو). ڪپر تي ته پاڻي ڪونه هو. البت ويهارو استيڊيئم ٻيٽ ۾ اندر وڃڻ تي هنن کي پاڻي هٽ آيو هو. آءُ ان کي ملڪ جي موجوده ڪيفيت جو بيان سمجهان ٿو. جو اهو ان سان بلڪل ٽهڪي اچي ٿو. مسافريءَ جو ٻيو مرحلو سارنگ (Saranga) تائين هو. ان جو ڪل مفاصلو 300 استيڊيئم ڪٽيو ويو آهي.

آرماڙ ڪپر جي ويجهو پڳهه ٻڌا ۽ پاڻيءَ لاءِ 8 استيڊيئم سڪيءَ اندر ويڙهو پيون. اتان هو ساڪل (Sakala) هاڪاري ويا، جيڪو غيرآباد هو "۽ اتان هليا تہ ڪين ٻن ڇڇن جي وچ مان لنگهڻو پيو. جي هڪڙئي کي ايتريون تہ ويجهيون هيون،جو ٻنهي پاسي ونجهہ ڇڇن سان ٽي ٽڪريا ۽ 300 استيڊيئم ڪري وڃي مورنتوبار (Morontobara) ۾ لنگر انداز ٿيا."

منهنجي خيال ۾ سارنگ ۽ ساڪل ترتيبوار وتيجي ۽ ابراهيم حيدري آهن. پويون هنڌ هن ويران ٽاڪرو ڪپر جي آخري ڇيڙي تي هاڻوڪي ڪاريءَ جي مٿان آهي. گذري ڪاري، جا ملير نديءَ جو ڇوڙ (Estuary) آهي، سا ٻہ هتي اچي ان ڪاريءَ سان ملي ٿي.

مورنتوبار ضرور ڪراچيءَ جو بندر هوندو.

ڄاڻايل رستي جو يعني گجي کان وڃي ڪراچي بندر جي منهن تائين اصل مفاصلو 50 ميلن کان ڪجهہ وڌيڪ آهي ۽ ڪپر جي وڪڙن کي ڏسندي اهو مفاصلو ڪجهہ وڌائي سگهجي ٿو. نيارڪس جي ڪٽ موجب، سڪندر جي بندر کان مورنتوبار تائين مفاصلو 660 استيڊيئم يا 73 ميل هو. جيڪو هن ٽن مرحلن ۾ پورو ڪيو. اها ڪٽ شايد 38 سيڪڙو وڌيڪ آهي، پر حالتن کي ڏسندي اها وڌيڪ ڪٽ قدرتي هئي.جن مرحلن جا روانگي ۽ پهچ وارا هنڌ اسين وڌيڪ خاطريءَ سان سڃاڻي سگهون ٿا، تن مان ڪن جو مفاصلو ٻہ ساڳيءَ طرح وڌيڪ ڪٽيل آهي.

مورنتوبار جي ڪراچي بندر سان مشابهت پهرين پهرين هڪ صدي اڳ جاگرافيدان، هينري ڪئيرٽ (Henry Kierpert)، ڏيکاري هئي. هو آڪاڻي هندستان جو اولين نقشي نويس (Cartographer) هو. [83] آڳ هيٺ اهي سبب ڄاڻايان ٿو جن مون کي پڪ ساڳئي نتيجي تي پهچايو آهي.

اهو ويچارڻ وقت تہ ٻاويهہ صديون اڳي جو ڪنارو اڄوڪي ڪناري سان ڪيتري قدر ملندڙ يا ان کان ڦريل هو. اسان کي اهڙن ٽڪرن تي ڏيان ڏيڻو پوندو. جيڪي آتشي (Volcanic) نہ آهن. انهن ٽڪرن ۾ ورلي ڪا ڦيرڦار آئي هوندي، توڙي جو سمنڊ جي سطح انهن جي نسبت سان ٽي سگهي ٿو تہ مٽجي ويئي هجي.

ايريئن اسان کي ٻڌائي ٿو تہ مورنتوبار تي لنگر انداز ٿيڻ کان اڳ

آرماڙ کي "ٻن ڇپن جي وچ مان لنگھڻو پيو. جي ھڪڙي کي ايتريون ته ويجھيون ھيون، جو ٻنھي پاسي ونجھ ڇپن سان ٽي ٽڪريا" ۽ کين "انھن ڇپن جي وچان لنگھندي وڏيون وڏيون لھرون آڏو آيون ۽ سمنڊ جي ڏارا ڇوھي ھئي: ائين ٽي لڳو جڙ انھن ڇپن منجھان اکري پار پوڻ کا وڏي مھم ھجي."

ھاڻ جيڪو آرماڙ ابراھيم حيدريءَ کان نڪري، گذري ٽپندو (ھي ٻہ ٻہ انھن جٽاءُ ڪندڙ ھنڌن مان آھن، جن جو اڳيئي اشارو ڪيو اٿئون)، ڪپر جي سنوت ۾ ھاڪاريندو ھلندو، ته ان کي واري پھڻ جا ٻہ ننڍا ٻيٽ، جي ھاڻ آئستر ٽڪر (Oyster Rocks) سڏجن ٿا، واٽ روڪيندا نظر ايندا. انھن مان ھڪڙي جي تراڪڙي چوٽي پکيڙ ۾ ٻہ يا ٽي ايڪڙ ٽيندي. پاسن کان ايٻون ڇپون اٽس، جي سمنڊ کان ڪي پنجاھ فٽ مٿي آھن. ٻيو ٻيٽ مخروطي شڪل جو آھي ۽ اوچائيءَ ۾ ايجا ٻہ وڌيڪ ٽيندو. ڇيو وڃي ٿو ته اھي ٻيٽ ڪنھن زماني ۾ ھڪڙو ئي يڪو ٽڪر ھئا، جيڪو ڪلفٽن کي منھوڙي سان ڳنڊيندو ھو ۽ سمنڊ ان کي پائي پائي ٻہ اڏ ڪري ڇڏيو.[84] ڪراچي بندر جي پھرين سائنسي پڙتال 1836ع ۾ ليفٽيننٽ ڪارليس (Lieut: Carless) ڪئي ھئي. ان پڙتال کان ھاڻي تائين ڪا خاص تبديلي آيل نٿي لڳي. پر ٽڪر جي نوعيت کي ڏسندي ائين وسھڻ بيواجبي نہ ٽيندو ته انھن ٻيٽارين جي وچ وارا لنگھ سڪندر جي وقت کان پوءِ ضرور ويڪرا ٿي ويا ھوندا.

يوناني سڃي ڏينھن جي مسافريءَ کان پوءِ، جنھن جو مفاصلو 35 ميل ڪٽيو ويو آھي، ڪنھن بندر جي تاڙ ۾ ھئا. سندن مرضي ھوندي ته منھوڙي واري اتانھين ٽڪر جي اندرئين پاسي رھون. سو ھو ونجھ ھٽندا سڏا انھن ٻيٽارين جي وچ واري سوڙھي لنگھ ۾ ڏوڪي پيا، شايد انھيءَ آسري ۾ ته انھن جي پريان کو محفوظ ۽ اوٽائتو لنگر گاھ ھوندو. آرماڙ اولھ واري پاسي کان ٻاھر نڪتو ته ستت ئي ڏارا ۾ جا پريان ڦھليل اپار سمنڊ ڏانھن ٽي ويئي، ويڑ جو اثر محسوس ڪيائون. نيارڪس ان جو بيان ھيئن ٿو ڪري: "بندر چگو وڏو گولائيءَ تي، اونھو ۽ لھرن کان محفوظ ھو ۽ ان ۾ داخل ٿيڻ جو لنگھ سوڙھو ھو". مڇڻو پوندو ته اھو بيان ڪراچي بندر جي ھاڻوڪين قدرتي خاصيتن سان ٺھڪي اچي ٿو. اھي خاصيتون اوپر کان اچڻ تي نظر

ايندين. پوءِ جو بيان تہ ان هڪجهڙائيءَ کي پاڻ وڌيڪ اجاگر ڪري ٿو. ايريئن وڌيڪ ڄاڻائي ٿو: "ٻئي ڏينهن هنن سڙهہ سنباهيا تہ سندن ڪاپي هٿ تي سمنڊ طرف هڪڙو ٻيٽ آيو. جو ڪپر سان ائين ڳنڍيل هو. جو هوند ٻيٽ ۾ ڪپر جي وچ واري لنگهہ کي واهڙ سڌجي. اهو لنگهہ ۾ استيڊيئم ڊگهو آهي. ڪپر تي گهاٽا ۾ پنن وارا وڻ هئا ۾ ٻيٽ هر قسم جي جهنگ سان ڇانيو پيو هو. پرهہ ڦٽڻ تي هو ان ڳچي سمنڊ جي گجيءَ منجهان جهاڳيندا ٻيٽ ٽپي وبا، جو تہ هنن ويہ جي آلڙ تي ٻيڙا ٿي هلايا."

هيءُ ٽڪرو چٽيءَ ريت ڏيکاري ٿو تہ نيارڪس مورنتوبار کان اسهڻ لڳو هو تہ اهو رستو نہ ورتو هئائين، جنهن کان آيو هو. بلڪ بندر جي مٿئين پاڳي ڏي وڃي، ڪوبيو لنگهہ ڳولي لڏو هئائين.

هيءُ جهڙو ڪر اڇوڪي ڪراچي بندر جي مٿئين پاڳي جو احوال هجي، جنهن کي بعضي بعضي الهندو مانو پاڻي (Backwater) ٻہ سڏيو وڃي ٿو. منهوڙي وارو ٽاڪرو ٻيٽ خشڪيءَ (mainland) سان هڪ سوڙهي ريٽ (Sandspit) رستي ڳنڍيل آهي. اهو ريٽ اٽ ميل ڊگهو ۾ ذري گهٽ اتر، اولهہ واري رخ سان آهي. انهن جي اندر تمر وڻن سان گهاتيون ڇانيل ڏهٽيون آهن. ڏهٽين ۾ وري سامونڊي ڏارائون پيهي وڃن ٿيون، جن ۾ لڪل لسا گپ دڙا ويہ جي آلڙ وقت نروار ٿي ٻيهندا آهن. ريٽ جو جيڪو خشڪيءَ طرف ڇيڙو آهي، مڪيہ کاري ذري گهٽ اوستائين هلي وڃي ٿو. ۾ شمس پير (Shamspir) نالي هڪ ٽاڪرو ٻيٽ کي ڦري اچي ٿي، اهو ٻيٽ منهوڙي کان ڇهہ ميل ڪن ٿيندو ۾ سمنڊ جي مٽاڇري کان ويهن فٽن کان وڌيڪ اتانهون آهي. ٿورو اڳتي کاري نئيون نڙ (Nawa nar) نالي ٻيٽ کي وڃي وکوڙي ٿي.[85] ان هنڌ ارڙهين صدي عيسويءَ جي وچ تائين مٿئين بندر ڏانهن وڃڻ لاءِ هڪ ٻيو ٻہ لنگهہ هوندو هو.

اهو تہ پڌرو آهي تہ اٽ ميل ڊگهي ريٽ ۾ تمروڻن سان ڇانيل کاريءَ کي سامونڊي ڪپر جا مستقل انگ نٿو چئي سگهجي، جيئن منهوڙو ۾ آئسٽر ٽڪر آهن. شمس پير ۾ نئين نڙ وارا ٻيٽ ڪٽي ٿورا هيٺانهان آهن، تڏهن ٻہ آهن ٽاڪرو ۾ انهن وٽ کاريون ٻہ اونهيون آهن. اتان جي نباتات بابت پلائٽني لکي ٿو تہ نيارڪس يا سندس عملدار هڪڙي وڻ جو خاص ذڪر

ڪن ٿا، "جنهن جا پن پاٽيءَ اندر تہ ساوا رهن ٿا، پر ٻاهر ڪيڏ تي سڪي لوڙ ٿيو وڃن" [86] اهو وڻ ظاهر ظهور تمر آهي، جيڪو هنن پهرين پهرين ضرور ڏيلٽا جي ڪارين ۾ ڏٺو هوندو. هنن مورنتوبار کان نڪرڻ تي مسافريءَ جي پهرئين مرحلي ۾ جيڪي "گهاٽا ۽ پنن وارا وڻ" [87] ڪپر تي ٻيٺل ڏٺا هئا، سي ڪي ٻيا نہ پر اهي ئي تمر جا وڻ هوندا، توڙي جو شمس پير تي اڄ بہ لٽي ۽ڪجي ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

هاڻوڪو ڏيک نيارڪس جي بيان سان ايترو تہ ملي اچي ٿو جو ان جي هنڌن ماڳن جي سڃاڻپ تي اعتراض اٿاري سگهجي ٿو تہ اهي انگ ايترو گهڻو وقت بنان مَٽ سَٽ جي رهي نٿا سگهن. منهنجو اهو مطلب هرگز نہ آهي تہ ڪابہ تبديلي ناهي آئي، بلڪ منهنجو چوڻ هيءُ آهي تہ تاڪرو هنڌن جي دائمي تاجي پيٽي اندر جيڪي ڳالهيون قدرتي سببن جي ڪري ڦري ويڙ ڏانهن لاڙو رکن ٿيون، سي پنهنجي پنهنجي وقت تي وري وري ساڳيون رونما ٿين ٿيون. هت بنيادي تبديلي جو هڪڙو وڏو سبب، يعني لتاشي درياهہ جي وهڪري وارو سبب، جنهن ڪري زمين نڪرندي رهندي آهي گهٽ ۾ گهٽ اهو موجود نہ آهي.

نيارڪس جي آرماڙ مورنتوبار کان اسهڻ کان پوءِ جنهن هنڌ وڃي پڳهہ ٻڌا هئا، تنهن هنڌ کي اتفاق سان پڪيءَ طرح سڃاڻي سگهجي ٿو. ان هنڌ کان پنتي اچبو تہ اها ڳالهہ پڌري ٿي پوندي تہ مورنتوبار جي ٻيهڪ ساڳي ڪراچي بندر واري هئي. نيارڪس اسان کي ٻڌائي ٿو تہ مورنتوبار کي تر جي هولييءَ ۾ "زالاٽو بندر" سڏيو ٿي ويو. "چاڪاڻ تہ ان هنڌ پهرين هڪ زال راج ڪندي هئي." ٽالمي، هيراڪليا وارو مارشيئن (Marcian of Heraclea) ۽ ايميانس مارسيلينس (Ammianus Marcellinus) بہ ان ئي نالي هيٺ ان کي ڪپر جو مکيہ بندر ڪري ڄاڻائين ٿا ۽ نيارڪس جي ڏکڻي فهرست ۾ جيڪي ٻيا هنڌ آهن، تن مان هڪ اڏ کي ڇڏي، ڪنهن کي بہ ايتري اهميت وارو نہ ڏيکاريو اٿن. [88]

مون ٻڌايو آهي تہ نيارڪس مورنتوبار کان 70 استيڊيئم پري جنهن گجيءَ واري سوڙهي ڳچي سمنڊ منجهان لنگهيو هو، سو شايد ڪراچيءَ جي مٿئين بندر يا الهندي مائي پاٽيءَ ڏانهن ويندڙ نئين نڙ وارو پراڻو لنگهہ هو.

ٻيو مرحلو 120 استيڊيئم جو هو جنهن جي پڃاڻيءَ تي هنن "اربيس" (Arabis) نديءَ جي ڇوڙ وٽ "پگهه ٻڌا." ڇوڙ جي ويجهو هڪڙو وڏو ۽ سنو بندر هو. پاڻي پيئڻ جهڙو نه هو. ڇا لاءِ جو ڇڙيل پاڻي سمنڊ جي پاڻيءَ سان ملي ويو هو. سو هنن کي 40 استيڊيئم سکي ءَ اندر ويڙ کان پوءِ هڪڙي تلاءَ ۾ پاڻي هٿ آيو. بندر جي پرسان هڪ اتانهون غير آباد ٻيٽ آهي، جنهن جي چوڌاري سپون ۽ هر قسم جي مڇي ماري وڃي ٿي. هيستائين اربيتي (Arabiti) لوڪ رهندڙ هئا، جي هندستان جي الهندي پاسي جي آخري قوم آهن، هتان اڳتي اورئتي (Oreiti) لوڪن جي والار هئي.

اربيس ندي بنا شڪ شبهي جي حب ندي آهي. اها راس مانڙي جي پرئين پاسي سمنڊ ۾ ڇڙي ٿي ۽ سنڌ جي هاڻوڪي سرحد ناهي ٿي. آلڙ وقت ان نديءَ جي ڇوڙ وٽ ويڪر اڌ ميل کن ٿئي ٿي. ميل کن اوپارو ٻه ايتري ئي ويڪر هوندي اٿس. ان جو پنهنجو پاڻي ويڙ جي اثر واري هنڌ کان ٻه ڪُئين ميل مٿي ڏاڍو ٻاڙو ٿئي ٿو. هيءَ ٻگالهه ڏيان جوڳي آهي ته تازي ۾ تازو نقشو[89] جنهن ويجهي ۾ ويجهي هنڌ تي "منو پاڻي" ڏيکاري ٿو سو هنڌ ٻه لنگر گاهه کان چار ميل پري ٿئي ٿو.

ڇيو وڃي ٿو ته ارڙهين صدي عيسويءَ جي منڌ ۾ ان نديءَ جي ڇوڙ وٽ هڪڙو کارڪ بندر (Kharakbandar) نالي بندر هوندو هو. ان کي لٽجي وڃڻ ڪري ترڪ ڪيو ويو هو.[90]

نديءَ جي ڇوڙ کان پنجن ميلن تي هڪ ٻيٽاري چرڙ (Churna) نالي آهي، جا پاڻيءَ جي چاڙهه واري نشان کان 609 فٽ اتانهين آهي. اربيس جي ڇوڙ وارو ٻيٽ ان سامونڊي مسافريءَ ۾ ملندڙ هنڌن مان پهريون اهڙو هنڌ آهي، جنهن کي ايريئن "اتانهون" سڏي ٿو.[91] هو اهو لفظ نه ته ايروز لاءِ ڪتب آڻي ٿو ۽ نه ئي مورنتوبار جي لنگهه وٽ ٽڪرن لاءِ. ظاهر آهي ته اسان کي نمايان اتانهين ڳولڻي پوي ٿي ۽ ان ڪپر تي ٻيو ڪٿي ٻه ڪوئي ٻيٽ اهڙيءَ نديءَ جي پر پاسي ۾ نه آهي، جنهن جي ڇوڙ وٽ آرماڙ اجهو وٺي سگهي.

نيارڪس ضرور راس مانڙي جي چوڌاري ڦريو هوندو. تڏهن ٻه هن انهيءَ راس جو ڪو ذڪر ناهي ڪيو ۽ نه ئي وري هن اهو ڄاڻايو آهي ته راس ٽپڻ کان پوءِ ڪپر جو رخ اولهه کان اتر ٽيو وڃي. نيارڪس جون اهي

ڳالهيون رهائي ويڙ تي شايد اچرج لڳي. پر اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته اسان جي اڳيان جيڪا عبارت آهي، سا نيارڪس جي روزنامچي جو سڌاريل نسخو آهي. پتو ناهي ته ان روزنامچي (log) ۾ ڇيو ڇا ڇا هوندو.

مورنتوبار واري لنگهه کان اربيس نديءَ جي ڇوڙ وٽ لنگر گاهه تائين مفاصلو 120 استيڊيئم يا اٽڪل 14 ميل ڏيکاريو ويو آهي. ڪراچي بندر جي مائي پاٽيءَ جي نئين نڙ واري پراٽي لنگهه کان هلي راس مونزي جي چوڏاري ڦري حب نديءَ جي ڇوڙ تائين ويجهو ته ڪل مفاصلو 20 ميل کن ٿيندو. جيڪڏهن مورنتوبار جي ڪراچي بندر سان ڏيکاريل ساڳوٽائي صحيح آهي ته پوءِ نيارڪس کان مفاصلي ڪٽڻ ۾ ضرور ڀل ٿي هوندي، جيتوڻيڪ هن اهڙيون پلون ورلي ڪيون آهن.

آرماڙ اربيس جي ڇوڙڪان هليو. ته 200 استيڊيئم اڪري ويجي ڪناري جي پگل (Pagala) نالي ڪنڌي (Beach) ويجهو هڪڙي سڻائي هنڌ تي لنگر انداز ٿيو. اتي پاڻي آڻڻ لاءِ ماڻهو لاڻا ويا. ٻئي ڏينهن سمنڊ جي پاسي کان سخت طوفان اچي لڳو. ۽ جنگي جهاز ۾ هڪڙو هلڪو ٻيڙو ٻڏي ويا، پر انهن جو عملو تري وڃي سڪيءَ تي پهتو. ڇو ته هو ڪپر ڏيئي مسافري ڪري رهيا هئا. سڃي ڏهاڙي جي مسافريءَ کان پوءِ، جا اٽڪل روءِ 400 استيڊيئم هئي، ڪنڌ ايجا ۽ لهرن جي لپيٽ ۾ هو ۾ هنن اونهي سمنڊ ۾ ئي پڇهه ڪٽي ٻڏا. ان هنڌ کي هنن ڪابن (Kabana) ڪوٽيو. اتان هنن اڌ رات جو لنگر ڪنيا ۾ 200 استيڊيئم جهاڳي وڃي ڪوڪل (Kokala) کان نڪتا.

مسافريءَ جي انهن ٽن مرحلن جو مفاصلو، ليڪت موجب 800 استيڊيئم، يا اٽڪل 94 ميل، ٿئي ٿو. اهو حب جي ڇوڙ کان سونمياٽيءَ (Sonmiani) تائين اصل مفاصلي جي ٻيڻ کان ٻه سرس آهي. مفاصلي جي اندازي ڪرڻ لاءِ سونمياٽي ڏانهن لنگهه ٻيو سڻائو هنڌ آهي، پر ان کي حب جي ڇوڙ جيان ڪپر جو دائمي نشان نٿو سمجهي سگهجي.

حب جي ڇوڙ کان اتر رخو ڪپر تاڪرو آهي ۾ پٽيان ويهن ميلن تائين ٽڪريون اٽس. ان کان اڌ پنڌ تي ڪائيو (Kaio) جي ٻيٽاري آهي، جا سمنڊ جي مٿاڇري کان 123 فٽ اتانهين ۾ ڪپر کان سوا ميل کن پرتي سمنڊ اندر آهي. ان غير اهم هنڌ کي نيارڪس، يا سندس سمپادڪ ايريئن

ذڪر لائق نہ ڄاڻي ڇڏي ڏنو آهي.

پگل ۽ ڪابن جي وچ وارا حادثا ظاهر آهي ڪپر جي تمام ويجهو هاڪارڙ جي ڪري پيش آيا هئا، ڇاڪاڻ تہ هنن کي خوش فهمي هئي تہ چوماسي واري پاسي کان وري هوا نہ لڳندي. ان حادثي سان انهيءَ انومان کي بہ هٿي ملي ٿي تہ آرماڙ اهڙي ڪپر سان هاڪاري رهيو هو جيڪو هن ئي ڪپر جيان، اتر يا اتر اولهہ طرف ويو ٿي.

هنڌن ماڳن جي هاڻوڪي بيهڪ (Topography) موجب ڪوڪل تائين 23 ميلن وارو ٽيون مرحلو آرماڙ کي سونمياڻيءَ واري اپسمنڊ جي اڌ تائين يا مياڻي هور (Miani hor) ۾ اندر وڃي ٿو. ٻنهي مان ڪوبہ انومان وسهڻ جوڳو نہ آهي. ليڪت مان ائين ٿو سمجهڻ ۾ اچي تہ ڪپر لسو ۽ بي انگ (Featureless) هو ۽ ڪوڪل ۾ اسان کي ٻڌايو وڃي ٿو تہ جهاز سمنڊ اندر لنگر انداز هئا، جنهن مان پانڌجي ٿو تہ هيءُ ڪو بندر نہ پر فقط لنگر گاهہ هو. هاڻي بہ مياڻي هور، ايترو مشهور نہ آهي، پر ننڍن ٻيڙن ۾ غورابن جو وڏي ۾ وڏو قدرتي بندر آهي، جنهن جهڙو بندر ڪپر جي ٻنهي پاسي ڇڱو پري تائين ڪونهي. اهو بندر لنگهہ وٽ ٻہ ميل ويڪرو ۽ ريت سان رکيل آهي. اتان اهو ويڪرو ٽيندو اولهہ طرف ڦرندو ٽيهن ڪان بہ وڌيڪ ميل ڪليل سمنڊ سان پور وڇوٽ هليو وڃي ٿو. هڪڙو واريا سو اپٻيٽ ان کي ڪليل سمنڊ کان بچائي ٿو. اهو واريا سو اپٻيٽ ڪٽي هڪ تہ ڪٽي پنج ميل ويڪرو آهي ۽ براڙ (Birar) جي نالي سان سڏجي ٿو. جيڪڏهن اهو هنڌ، ڪنهن بہ شڪل ۾ نيارڪس جي زماني ۾ موجود هجي ها تہ ايريئن پنهنجي تصنيف ۾ ان جو ذڪر ضرور ڪري ها.[92]

هتي زمين سموري لٽاشي آهي ۽ براڙ جو اپٻيٽ واريءَ جي ٿر ڪان وڌيڪ نهريءَ شيءِ جو نهيل نٿو لڳي. جيتوڻيڪ هڪڙي هنڌ انهن ٿر جي سمنڊ جي مٽاڻري کان اوچائي 35 فٽن کي وڃي پهچي ٿي، تڏهن بہ لڳي ٿو تہ اهي نسبتا ويجهڙائيءَ ۾ نهيون هونديون. اتر پاسي هور سان لڳو لڳ زمين ڪئين ميل اندر تائين ٿر سان ڇانيل آهي، جنهن مان پانڌجي ٿو تہ اڳي هت ڪو سامونڊي ڪپر هو. انهن ٿر جي ٻڌيان وارو ڪنيل ملڪ هيٺانهون آهي. اتر ۾ پرتي ليارياءَ (Liari) تائين مٽاڻرو سمنڊ کان رڳو 28 فٽ مٿي

ڏسڻ ۾ اچي ٿو.[93] ڏرتي جاڙو ان تر کي تمام ويجهڙائيءَ ۾ ٺهيل جاڙائيندا. پر ان درجيبنديءَ جو تاريخ واري زماني جي جاگرافيءَ تي کو خاص اثر نٿو پوي. پرتي ڏکڻ ۾ گڏاٽيءَ (Gadani) ويجهو جيڪي ڇپون هاڙوکي ڪپر کان پنيريون بيڊل آهن، سي سمنڊ جا پراڙا ڪنڌا آهن. ورينڊينبرگ (Vrendenburg) انهن ڪنڌن کي پلئسٽوسين جڳ جي پڇاريءَ ڏاري جڙيل جاڙائي ٿو.[94] پر منهنجي خيال ۾ اسان جو هيءُ انومان ڪيڊ بي واجبي نہ ٿيندو تہ وارياسي براڙ جي بناوت تاريخي مفهوم ۾ هاڙوکي آهي ۽ 325 ق. م. وارو ساموندي ڪپر ميارٽي هور جي اترئين ڪپر وڌان هو. اسان کي اوس ائين وسهڙو پوندو تہ ڪوڪل هتي هن تر ۾ ڪنهن هنڌ هو. ٿي سگهي ٿو اهو گاگوءَ (Gagu) کان ٿورو اولهہ ۾ اتان هجي، جتان لسبيلي جي گزيٽيئر موجب چيو وڃي ٿو تہ هڪڙي آڪاٿي شهر جو ماڳ آهي جيڪو هور جي ڪنڊيءَ وٽ هو.[95]

تڏهن بہ اربيس کان ڪوڪل تائين مسافريءَ جي ايريئن وارن ٽن مرحلن جو مفاصلو 800 استيڊيئم اصل مفاصلي کان ذري گهٽ ٽين پتي وڌيڪ آهي. حب نديءَ جي ڇوڙ کان مٿي جاڙايل ماڳ تائين اصل مفاصلو 60 ميل ٿئي ٿو.

پاڻجي ٿو تہ ڪوڪل اورئٽي لوڪن جي ڏيهہ جي گاديءَ کان ٿوري پنڌ تي هو. اورئٽي لوڪن جو ڏيهہ شايد هاڙوکو لسبيلو يا ان جي پرپاسي ۾ هو. سڪندر پنهنجي سپہ سالار، ليونائس (Leonnatus)، کي ڪجهہ لشکر سان اتي ڇڏي، حڪم ڏيئي ويو هو تہ نئون شهر ٻڌو وڃي ۽ آرماڙ لاءِ سيڌو سامان ڪٺو ڪيو وڃي. ڪوڪل پڪ ئي پڪ سونمياڻي اپسمنڊ جي تڏهوکي ڪپر جي منڊ وڌان هو ۽ نہ ڦوڙ (Phor) نالي نهر جي پريان هاڙي جبل جي اولهہ وارن ٽڪرن ۽ سمنڊ جي وچ ۾ ڦاٽل سوڙهي ۽ بي. آب ٽڪري اندر ائين ٻڌايو ويو آهي تہ اهو بندر اڃيئي موجود هو.[96] پر ان لاءِ جيڪو دليل ڏنو وڃي ٿو تہ نيارڪس اتي پنهنجن ڪن پڳل جهازن جي مرمت ڪرائي هئي، سو دل سان نٿو لڳي. اتي حڪم جي پوئواري ڪندي، ليونائس خاص گودي جوڙائي هئي، ۽ نيارڪس اتي رڳو جهازن جي ٿوري چڪاس ڪرائي، سيڌو سامان ڪنيو ۽ مسافريءَ جي ڪشالن جيڪي ماٺهو

ساڻا ڪري ڇڏيا هئا. تن کي اتي ڇڏي ۽ انهن جي بدران ٻيا تازا توانا ماڻهو کنيا ۽ اڳتي روانو ٿيو. واءُ هاڻي رخ متائي سياري واري طرف، يعني اتر، اوپر، کان لڳي رهيو هو. ۽ هو مزي سان 500 استيڊيئم جهاڳي وڃي هڪڙي درياهه جي ڇوڙ وٽان نڪتا. درياهه "سياري جي برساتن تار ڪري ڇڏيو هو ۽ نالو تومييرس (Tomerus) هئس.

هاڻوڪي نقشي ڏسڻ سان معلوم ٿيندو ته مياڻي هور جو الهندو ڇيڙو سمنڊ ۽ ڦوڙ نهر جي منهن کان هڪ ننڍي ريٽ رستي الڳ ٽيل آهي ۽ نشانن مان لڳي ٿو ته اهو ريٽ اڳي اتي ڪونه هو ۽ مياڻي هور جو الهندو ڇيڙو سمنڊ سان مليل هو. جيڪڏهن جيئن اڳيئي فرض ڪيو ائٽون، براڙ جو اپيٻيٽ 325 ق.م ۾ موجود ڪونه هو ۽ ڪوڪل مياڻي هور جي اترئين ڪپر تي يا ان جي ويجهو واقع هو ۽ هور کان اٽڪل 25 ميل يا اربيس (حب) کان 65 ميل پري هو. ته هن ڳچي ڏرتيءَ کان ۽ ڪپر جي سنوت ۾ هنگول نديءَ (Hingo) جي ڇوڙ تائين جهاز رانيءَ جو ڪُل مفاصلو 57 ميل ٿئي ٿو. جيڪو ڪوڪل ۽ تومييرس جي وچ واري مفاصلي يعني 500 استيڊيئم جي لڳ ڀڳ ٿئي ٿو.

هنگول اڇڪلهه هڪ ٻاڙي پاڻيءَ جي ڪاريءَ منجهان ٿيندي، سمنڊ ۾ ڇڙي ٿي. هيءَ ڪاري ٻه ميل ويڪري ۽ سمنڊ سان پور، وڇوٽيءَ تي آهي.[97] انهن "مڇي، ڪائو وحشين" جون "ٻوساٽيندڙ ٻونگيون" هتان هيون، جن نيارڪس جي ماڻهن جي سڪيءَ تي لهڻ تان گوڙ ڪيو هو. پر پڇي نه سگهيا هئا ۽ پڇي ويا هئا. يونانين پنهنجا جهاز مرمت ڪاڻ ڇڪي ڪپ تي آندا ۽ ڇهه ڏهاڙا اتي ترسيا هئا.

اتان هليا ته ڪپر تي هڪ اهڙي هنڌ اچي پهتا، جنهن جو نالو ايجا تائين ساڳيو آهي: مالن، (Malan) جنهن کي هاڻ راس مالن (Ras malan) ڪوٽيو وڃي ٿو. هيءَ هڪ اڏول راس آهي، جنهن جي پٽيان جبلن جي اوچائي سمنڊ کان ٻن هزارن فٽن کان وڌيڪ آهي. مفاصلو 300 استيڊيئم ڄاڻايو ويو آهي، جيڪو 35 ميلن جي برابر ٿئي ٿو. راس تائين ڪپر ۾ گهٽا ور وڪڙ آهن. جيڪڏهن سپ ور وڪڙ ورتا وڃن، تڏهن به ڄاڻايل مفاصلو آرماڙ کي راس کان به ڪجهه ميل پري وڃي ڪيندو. راس مالن جي اولهه ۾

جيڪو مٽانهون پٽ آهي، تنهن ۾ هور بٽ (Hor Batt) نالي هڪ ٻاڙي پاڻيءَ سان ڪاري، جي ڍنڍ (Lagoon) ست ميل اندر هلي وڃي ٿي. هڪڙي وڏي ڇر جبلن جي وٽيءَ منجهان ڏوڪيندي اچي ان ڪاري، جي ڍنڍ ۾ پوي ٿي. اهو ئي اهو هنڌ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جتي آرماڙا اچي لنگر هنيو هوندو. جيتوڻيڪ راس جي اوپر طرف، ڪپر ڪان ميل ڪن پرتي، اپسمنڊ ۾ بہ پڇهہ ٻڌجي پئي سگهيا.[98]

ايريئن جو اندازو هو تہ اورئنٽي لوڪن جو ڏيهہ مالن تائين پکڙيل هو. هو پنهنجي بيان ۾ ان هنڌ هيلتائين جهاڳيل مفاصلي جو ڪاٿو ڇاڻائي ٿو. ان ڪاٿي پٽاندر، اربيتيءَ جي ڪپر سان لڳو لڳ ڪيل مسافري "اٺڪل 1000 استيڊيئم" ڏڳهي هئي. هيءُ مفاصلو لڪيت موجب، ڏار ڏار مرحلن جي جوڙ سان ٺهڪي اچي ٿو. توٽي جو ڪوڪل ڪان سڪندر جي بندر تائين ۽ سارنگ ڪان ساڪل تائين مفاصلا نہ ڏنا ويا آهن. ميل ۾ 9 استيڊيئم ڳڻيا وڃن تہ ڪل مفاصلو سنڌوءَ جي ڇوڙ ڪان جتان آرماڙا اسهيو هيو اربيس جي ڇوڙ يعني اربيتي لوڪن جي حد تائين 111 ميل ٿئي ٿو.

جيڪڏهن ڪروڪلڪ ۽ سڪندر جي بندر لاءِ جيڪي ٻيهڪون ڏسيون ويون آهن تہ هڪڙو پير پٺي ڪان ڪجهہ ميل ڏکڻ، اوپر طرف ۽ ٻيو گجي جي پرپاسي ۾ هو. سي ورتيون وڃن ۽ سمنڊ ۾ پهرئين مرحلي جي مفاصلي لاءِ ايريئن جو ڇاڻايل 17 ميلن (150 استيڊيئم) وارو انگ قائم رکيو وڃي، تہ پوءِ نقشي تي مسافريءَ جو رستو هيءُ وڃي ٻيهندو: پير پٺي جي پر پاسي تائين 17 ميل، اتان گجي تائين 24 ميل، ۽ اتان ڪراچي بندر جي پٺئين پاڳي تائين اٺڪل 50 ميل. اتان بندر وارين ڪارين منجهان نئين تڙ تائين 8 ميل. راس مونزي جي چوڌاري نئين تڙ جي پراٽي منهن کان حب جي ڇوڙ تائين 20 ميل. اهي ڪل ٽيا 119 ميل.

ايريئن اسان کي ٻڌائي ٿو تہ اورئنٽيءَ جو ڪپر 1600 استيڊيئم تائين پکڙيل هو. اهو مفاصلو اربيس کان مالن تائين ڪيل مسافريءَ جي مرحلن جي جوڙ سان ٺهڪي اچي ٿو. سمجهو ڪٽي تہ ڪوڪل جي ٻيهڪ مياڻي هور جي اتر، اولهہ واري ڪپر تي هئي، تہ اهو هنڌ حب کان 65 ميل ڪن ٽيندو. اتان هنگول جي ڇوڙ تائين مون وارو ڏسيل رستو وٺبو تہ مفاصلو 57

ميل. اهي ڪل ٽيا 147 ميل. ايريئن جو جوڙ 177 ميل نڪري ٿو.

ياد رهي ته تن ڏينهن مفاصلي ڪڍڻ جا ڪي سائنسي وسيلا ڪونہ هئا ۽ نہ وري يونانين کي ويرن واري سمنڊ ۾ جهاز راني‌ءَ جو ڪو آزمودو هو. ان ڪري ئي نيارڪس جي ڪاٿن ۽ انهن هنڌن جي وچ وارن مفاصلن ۾ پيد آهي، جن بابت انومان آهي ته اهي سندس جاڻايل هنڌن سان ملي اچن ٿا. پر ڏنو وجي ته انهن پيدن جي ڪري ڪپر بابت هن جي بيان جي گهٽي پاڻي سچائي کا گهٽ ڪين ٿي ٿي وجي. مجموعي طور ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته نيارڪس (ايريئن جي ماپ موجب) جيڪو "استيڊيئم" ڪم آندو آهي، سو 66 انگريزي فٽن جي لڳ پڳ رواجي ڪاڇو هو.[99]

اهڙي‌ءَ ريت، سنڌ جي ساموندي ڪپر جو ننڍو ٽڪرو، جيئن اهو 325 ق.م ۾ هو، تنهن جي هنڌن ماڳن جو مفصل احوال ته اسان کي ملي ٿو باقي رهيل ملڪ بابت رڳو مبهم ڳالهيون ئي آهن. قدرت جي هي‌ءَ پلائي چئي سگهجي ٿي ته جنهن هنڌ جو اهو قديم احوال گهٽي ۾ گهٽو ملي ٿو، سو اهو آهي، جتي 2168 ورهيہ پوءِ سنڌ جي گادي قائم ٿيٽي هئي.

حوالا ۽ حاشيا

1_ "رگ وید سمهتا"، 8_ ون اشٽڪ، 3_ ون اڌياءِ، سوڪت ستون (يعني منڊل ڏهين جو سُوڪت 75)، ايڇ ايڇ ولسن جو انگريزي ترجمو، جلد ڇهون، ص204.

2_ "هندستان جي ڪئمبرج تاريخ"، جلد پهريون، ص 80_ 79. پيٽيو: مئڪڊو نيل ۽ ڪيٿ، "ويدڪ نالن ۽ مضمونن جي ڏسٽي"، جلد ٻيو، ص432.

3_ "مهاپارت"، واڙ پَروہہ سوپنجهٺ، انگريزي ترجمو پي.سي. راءِ، جلد ٻيو، ص562.

4_ "ہڌن جا سڳورا ڪتاب" ، جلد ٽيون، "ہڌ جا ہول"، انگريزي ترجمو ٽي. ڊبليو. رهائيس ڊيوڊس ۽ سي.اي. ايف. وهائيس ڊيوڊس، ص270_269.

5_ "جاتڪ"، جلد ٽيون، انگريزي ترجمو ايڇ.ٽي. فرانسن ۽ آر.اي. نيل، ص280.

6_ "وشنو پُراڻ"، انگريزي ترجمو ايڇ.ايڇ. ولسن، جلد ٻيو، ص 133، پيٽيو: "مهاپارت"، ترجمو پي.سي. راءِ جلد چوٿون، ص23

7_ "البيروني‌ءَ جو ڏنل حوالو" ، ترجمو اي.سچاءُ، جلد پهريون، ص261

8_ "بندهش" باب ويهون، بيت9. انگريزي ترجمو اي. ڊبليو. ويسٽ، "اوير جا سڳورا ڪتاب"، جلد پنجون، ص 77.

9_ ان جي پوري ٻيهڪ پڪي‌ءَ طرح سچاتي نہ ويئي آهي. چيو ٽئي ويو ته اهو "پختون ملڪ جو" هڪ شهر هو.

10_ هـ.آ.ا.س.ي. نمبر34 (1928). "همدان کان داريوش جي هڪ نئين آکر" ، از پروفيسر هرتز فيلڊ.
11_ هـ.ک.ت.، جلد پهريون، ص7_336.
12_ هيروڊوٽس، چوٿون، 44
13_ هـ.آ.ا.س.ي. نمبر 34، ص3.
14_ "هندستان جي اوائلي تاريخ"، 1907، ايڊيٽر ونسينٽ سمٿ، ص37_34
15_ "آڪاٿو هندستان، ڪتيسياس جي بيان موجب"، از جي. ڊبليو. مئڪرنڊل، ٽربنر، 1882.
16_ مئڪرنڊل، اڳ ڇاڙايل ڪتاب، ص91_95
17_ ايضاً، ص 7، 10، 57.
18_ ايضاً ص 13، 33.
19_ ايضاً، ص23، 5.
20_ ايضاً، ص 17، 26.
21_ ايضاً ص 17.
22_ ايضاً، ص16
23_ پيٽيو: هندستان جي آدمشماري، 1941، ٻارهون، سنڌ، ص 39.
24_ استرابو، پندرهون، پهريون، 17. عيسوي سن 1917 ۾ اهڙوئي هو: ڏسو سالنامو "هندستان جون آڪاٿيون وٽون"، 1932، ص 169.
25_ ايضاً، ص18.
26_ ايضاً، ص 16.
27_ پائنجي ٿو ته سڪندر کي ائين ئي ٻڌايو ويو هو تنهنڪري ئي هن اهو رايو قائم ڪيو هو. ڏسو ايضاً، 26؛ پيٽيو ص 25.
28_ ايضاً، ص 18
29_ "استرابو جو حوالو" ، پندرهون، پهريون 45.
30_ ايريئن، "انابا‌سيس"، 4، 14. ايرئين "انڊيڪا"، باب 3، 4.
31_ استرابو، پندرهون، پهريون، 32.
32_ انابا‌سيس، چوٿون باب 14. آڳ هڪڙاسيس کي بياس ۽ ستلج جو گڏيل وهڪرو ڪري سمجهان ٿو. ان گڏيل وهڪري کي هاڻ (مڪاني طرح) گهارا سڏيو وڃي ٿو. پر ڪيترن عالمن جو چوڻ آهي ته ان زماني ۾ ۽ ان کان ڪيترو وقت پوءِ ۾ ستلج نويڪلي پيٽ منجهان وهندي هئي. ڏسو هيٺ، باب 9، ص 4_163
33_ استرابو، پندرهون، پهريون، 19.
34_ انابا‌سيس، پندرهون، 15.
35_ ممڪن آهي ته جنهن پاڻي سان لڳو لڳ هيءَ تبديلي آئي هجي، سو هاڻوڪي ڪالاباغ ۽ جهلم سان ميلاپ جي وچ ۾ هجي. ڏسو "سنڌ جو مهراڻ"، ص 472، نوٽ

544. سر ڊبليو. ٽارن جو انومان آهي. ("سڪندر اعظم" جلد پهريون، ص4_103) ته اوپر طرف انهيءَ ڇُرپر سنڌوءَ کي گهٽو ڪري هاڪڙي واري پيٽ ۾ ڏکي آندو هو ۽ اهو به ته اها (ناري ماڙيءَ مان ٽيندي ڪڇ جي رڻ ۾ وڃي ٽي ڇڙي. پڻ ڏٺو ايضاً، جلد ٻيو. ضميمو 14، ص 285.

36_ سر آريل اسٽائين، رائل جاگرافيڪل سوسائٽيءَ جي رسالي ۾ 102، نومبر_ڊسمبر 1943، ص 193.

37_ ائناباسيس، ڇهون 26. پيٽيو: ڪرٽيئس، فصل 9، باب 2. ڇيو وڃي ٿو ته سڪندر کي انهن دشمنن جي ايتري پرواهه نه هئي جن سان وڙهڻو هوس، جيتري پرواهه درياهن جي ڇوهن وهڪرن جي هيس. ان هوندي به، ستلج يا جمنا جو ذڪر ناهي ڪيو ويو. (مئڪ ڪرنڊل، "هندستان تي ڪاهه"، وغيره، ص222).

38_ ائناباسيس، ڇهون، 14

39_ ڪن صاحبن جو چوڻ آهي ته بياس ۽ ستلج جو ميلاپ ويدڪ زماني کان اڳ جو آهي. پر ان ڳالهه جي پڪ نه آهي ته آيا جنهن درياهه کي هڪڙي سوڪت (ٽيون، 33) ۾ بياس سان ملندي ڏيکاريو ويو آهي، سو اهوئي، يعني ستلج آهي، جيڪا ندي "استتيءَ" ڏني ويئي آهي ۽ پوئين جي ستودري_ اهو فرق چگو وڏو آهي. رگ وید، ايڊيٽر آفريخت، جلد ٻيو، ص 249، ۽ جلد چوٽون، ص 232). جلد پنجونجاهون ياگو ٻيو ص 236. پيٽيو: "آڳاتو هندستان" (تالمي)، ايڊيٽر ايس. اين. مجمدار، مئڪ ڪرنڊل کان پوءِ، ڪلڪتو، 1927، ص 2_91. تاڊ چوي ٿو ته جيسلمير جي سموري تاريخ ۾، جا 1702ع ۾ پوري ٿئي ٿي، گڏيل وهڪري گهارا) کي "بياهه" سڏيو ويو آهي. "راجستان جي تاريخ ۽ جهونيون وٿون"، جلد ٻيو ص262)

40_ اي. جي. چناڪ ايريئن جي "ائناباسيس" جو جيڪو ترجمو ڪيو آهي، تنهن ۾ هن انهن ٻن هنڌن جي وچ ۾ درياهه جي ڊيگهه 100 استيڊيئم ڄاڻائي آهي، جا تمام گهٽ آهي: جيتوڻيڪ ويڪر وڌائي ڏيکاري ويئي آهي.

41_ بنبري، "جهوني جاگرافيءَ جي تاريخ"، جلد پهريون، ص 7_446

42_ ايرستوبولس، استرابو جو حوالو پندرهون، پهريون، 17 ايريئن جهلم ندیءَ جي ڪنڌين جي مٿانهين هجڻ جو ذڪر ڪي ٿو، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته تنهن وقت ان درياهه ۾ پاڻي گهٽ هو (ائناباسيس، چوٽون، 3)

43_ اسان کي ٻڌايو وڃي ٿو ته ونيسيڪريٽس ان ڏيهه جو نهايت تفصيل سان احوال ڏنو آهي: اتي برّ جو وڻ توڙي (ايرستوبولس موجب) ڪڪ جهڙو جهنگلي ان ۽ هڪ قسم جو انگور پيدا ٿيندو هو. استرابو، پندرهون، پهريون، 21، 22. ازانسواءِ ونيسيڪريٽس اسان کي اتان جي واڪاڻ ڪندي نٿو ڏاپي." (ايضاً، 34)

44_ ائناباسيس، ڇهون، 17.

45_ ڪزينس "سنڌ جون جهونيون وٿون" ص79_76. اروڙ واري ماڳ جي ڪابه گنجيير چڪاس نه ڪئي ويئي آهي.

(هي مضمون ڪتاب "سنڌ _ هڪ عام جائزو" صفحو 173 کان 231 تان ورتل آهي).

سنڌو سڀيتا، جا باهريان دنيا سان تعلقات

معروزيو طوسي

اهو هڪ عجيب اتفاق هو جو دنيا جي ٻن قديم شهرن اُر ۽ موهن جي دڙي جي کوٽائي ساڳئي وقت 1920ع واري ڏهاڪي ۾ ٿي هئي. ٻنهي ماڳن جي کوٽائي جا نگران ليونارڊ وولي (Leonord Woolly) ۽ جان مارشل (Jhon Marshall) هئا. هي ٻئي ڏهين انگريز قديم آثارن جا ماهر هئا. هنن ٻنهي کي پنهنجي پنهنجي ڪامياب مهم لاءِ "سر" جي خطاب سان نوازيو ويو هو. قديم آثارن جي تاريخ ۾ پهريون پيرو انگريزي ڳالهائيندڙ ماڻهن کي مشهور هفتيوار مئگزين (Illustrated London News) جي ساکائتين رپورٽن وسيلي هنن ماڳن جي کوٽاين بابت ترت معلومات ملي رهي هئي.

تامي جي دور سان لاڳاپيل ڏکڻ- اولهه ايشيا جي تهذيب بابت سچي ۽ ڪري معلومات هڪ تجسس وارو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو هو. ڇاڪاڻ ته هي قديم تهذيبون قديم عهدنامي جي (Old Testament) دور وارن پيغمبرن کان هڪ هزار اڳ جون هيون. اُر (Ur) جي کوٽائي 1922ع کان 1934ع تائين ۽

موهن جي دڙي جي کوٽائي 1921ع کان 1929ع تائين هلي. ٻنهي قدڳم ماڳن جي کوٽاين کي فقط تجسس پيدا ڪرڻ ڪري ياد ڪونہ ٿو ڪيو ويجي. اهي ان ڪري ٻہ اهم آهن جو هنن کوٽاين وسيلي قديم آثارن جي ماهرن کي هڪ قسم جو نئون ثقافتي مواد ملي ويو هو. جنهن ڪري کين ٻنهي شهري سماجن جو وسيع پيماني تي بنيادي معلومات حاصل ڪرڻ جو موقعو ملي ويو هو. ٻنهي کوٽاين وسيلي هٿ آيل ثقافتي مواد ان وقت جي هلندڙ تاريخي تحقيق ۾ نظرين تي تمام گهڻو اثرانداز ٿي رهيو هو. قديم ماڳن جي کوٽاين ٽيڻ کان ٽورو ئي عرصو پوءِ انهن جا نتيجا ڇپجي ٻاهر اچڻ لڳا. انهيءَ ڪري مشرق قريب جي قديم آثارن کي هڪ جدا ۽ آجي حيثيت ملي وئي هئي ۽ قديم عهدنامي بابت ماڻهن جو پختو عقيدو پڄي پور ٿي پيو هو. جنهن کي يورپ جي اوڻويهينءَ صديءَ جي تعليمي ادارن ۾ هڪ اهم حيثيت حاصل هئي.

قديم آثارن جي سوال کان ڪجهہ وڌيڪ اهم

موهن جي دڙي واري ماڳ مان اهڙي اهم سيويتائي لاڌ ملي جنهن وسيلي ٽامي جي دور بابت ايشيا جي انقلابي قسم جي اهم معلومات هٿ اچي وئي. ڇاڪاڻ تہ هتان ترقي يافتہ ٽامي دور واري شهري سماج جي موجودگي بابت اهم معلومات ملي وئي هئي جيڪا ايران جي متاهين پَٽَ کان ڏور ۽ ٻيج جي چندر (Crescent) جهڙي سائي ۽ آباد پٽيءَ کان اوپر سنڌ ۾ پکين سرن جا وڏا دڙا موجود آهن جتي ڪڏهن شهري زندگي موجود هئي، جيڪو هاڻي تاريخ سان لاڳاپيل هڪ اهم مسئلو بڻجي ويو آهي. هن مرحلي تي هڪ اهم نقطو هيءُ ٻہ آهي تہ ٽيئءَ سهس ق. م دوران سنڌو سيويتا جا مشرق قريب (Near East) سان ڪهڙي قسم جا لاڳاپا موجود هئا.

اهم سوال هيءُ آهي تہ سنڌو سيويتا کي ڪيئن سمجهجي تہ اها قديم شهري تمدن جي ڪنهن اثر کان آجي ۽ نجي پجي اؤسر آهي. هيءَ ڳالهہ ايجا تائين هڪ ڪليل بحث جو موضوع بڻيل آهي. هي سوال فقط علمي ڪونہ آهي. پر ان ڪري مناسب معلوم ٿي رهيو آهي تہ هن وسيلي سنڌو سيويتا جي وسيلن ۽ انساني تخليق ان لائق آهي جو ان کي قديم ميسو پوٽاميا جي تهذيب سان پيتائي سگهون ۽ تازو دريافت ٿيل ڪولمبيا جي

ميسو آمريڪا جي تمدن سان سندن مشابهت ڪري سگهون. هن تاريخي تسلسل جي پيچيده ماحول کي سمجهڻ واسطي قديم آثارن جي دستاويزن کي ڪتب آڻي سگهجي ٿو پر اهو فقط تڏهن ڪري سگهجي ٿو جڏهن گهربل معلومات گهٽي ۾ مختلف نوعيت جي هجي ۾ مختلف قسم جي سماجي نظام بابت ڪا معلومات ڏئي نہ سگهي. جيڪو سنڌو سڀيتا جي شڪل ۾ گهٽي عرصي تائين زمان ۾ مڪان (Space and Time) سان لاڳاپيل رهيو هجي. هن ۾ ڪنهن بہ شڪ شبهي جي ڳالهہ ڪانہ آهي تہ اهڙيون حقيقتون فقط تڏهن حاصل ڪري سگهجن ٿيون جڏهن ڪيترل نتيجا ڏڳهي وقت ۾ گهڻ- انتظامي (Multi Diciplinary) جي تائيد ۾ پنيرائي ڪن. ايئن نہ ٿئي جو اسان هڪ شيطاني چڪر (Vicious Circle) ۾ ڦاسي پئون ۾ پنهنجي چوڌاري ڦرڻ لڳون. جهڙي ريت ڪتو پنهنجي پڇ ۾ چڪ وجهي ڦرندو آهي. ان وقت تائين سائنسي تحقيق لاءِ نيون حقيقتون دستياب ٿي ڪونہ سگهنديون جيستائين نئين تاريخي جوڙجڪ کن اتفاقي دريافتن جي غيريقيني ڳالهين ۾ غيرفطري نظرين جي ضد ۾ رهندي.

سنڌو سڀيتا جي ايري اچڻ جي ابتدائي نظريي جو دائرو گهٽو وسيع هو ۾ ايئن سمجهيو پئي ويو تہ سنڌو سڀيتا وارو وسيع علاقو چوٽين سهس ق. م جي ابتدا ۾ ميسو پوٽاميا جو سڌو سنئون هڪ بينڪي راڄ هو. اين. ايم ڪرئمر (N.M. Kramer) بہ هن نقطہ نظر جو حامي هو جيڪو سميري تهذيب جو هڪ مها ڄاڻوهو. هندستان جي ماهرن جو خيال آهي تہ هيءَ سڀيتا ڪنهن ڌارئي اثرڪان بلڪل آجي هئي.

مشرق قريب جي تهذيب جي گهڻن ماهرن جو خيال آهي تہ سنڌو سڀيتا ميسو پوٽاميا جي اهم ۾ وسيع تجربي جي هڪ نندڙي علامت آهي. ٻيو هي حقيقت هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿي تہ چوٽين سهس ق م دوران فرات (Euphrates) دجلہ (Tigris) ۾ ڪرون (Karun) درياهن جي ميدانن وارا ماڻهو لڏي پلاٽي سنڌو ماٽريءَ ۾ اچي آباد ٿيا هئا ۾ ڏڪڻ- اولهہ ايشيا جي مختلف خاصيتن واري سماج جو ڪارڻ بہ اهو آهي. قديم آثارن جا ڪي ماهر ميسو پوٽاميا واري تصور کي اڄ بہ صحيح سمجهن ٿا پر اڇڪلهہ اهڙي قسم جو بحث ڪرڻ سنو ڪونہ ٿو لڳي. خاص ڪري 1969ع جي کوٽاين ۾ کوجنائن وسيلي ڄاڻ ملي آهي تہ اروڪ- جمدة النصر (Uruk- Jamdatul

(Nasar واري ثقافت ميسو پوٽاميا وارين حدن مان نڪري گهٽي علائقي ۾ پکڙجي وئي آهي. شام واري فرات درياه جي ڪنڊيءَ سان حبوب خبيره (Habuba Khbira) جهڙيون وسنديون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ان کان ڪجهه عرصو پوءِ جمدة النصر جو ٺڪر ٿانءُ اوپر طرف اومان (Oman) جي اپٻيٽ تي پڻ نظر اچي ٿو. ٻيان ڪيل پوئينءَ شاهديءَ مان لڳي ٿو ته هينانهين ميداني علائقي جي ٻن رياستن جي ثقافت ٿينءَ سهس ق م جي پڇاڙيءَ ڌاران ٻنهي طرفن ڏانهن اڳتي وڌي هئي. سوڇجي ٿو ته اهڙيون اهم تبديليون، اڳئين سماجي جوڙجڪ جو اثر اوپر بلوچستان واري علائقي ۾ ٻه محسوس ٿيندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو جيڪو سنڌو ماڙريءَ جي اولهنديءَ وٽ سان واقع آهي. افسوس جو اظهار ڪندي هيءُ نتيجو ڪيڏو پوي ٿو ته جيستائين سڌيون ۽ پڌريون حقيقتون سامهون اچن تيستائين قديم آثارن جي ماهرن لاءِ ثقافتي لاڳاپن ۽ سماجي ارتقا جي وچ واري تعلق کي ظاهر ڪرڻ لاءِ نظرياتي اصولن کي ڪتب آڻڻ ممڪن ڪونه هوندو.

قديم آثارن جا ڪي ماهر مٿي بيان ڪيل نقطه نظر جي خلاف آهن ۽ سمجهن ٿا ته سنڌو سيبتا ڪنهن ڌارئي اثر جي پيداوار ڪانه آهي ۽ هن ڌرتيءَ جي جائي آهي. پر هي نقطه نظر ڪن نظرياتي ڳالهين ڪري منجهيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جنهن وقت سر جان مارشل موهن جي دڙي واري ماڳ جي کوٽائي ۾ رڌل هو تڏهن انگريز شهنشاهيت ٽوڙ ڦوڙ واري مرحلي ۾ داخل ٿي چڪي هئي، پر يورپ جي لاڙن جو وڪٽوريا دور وارو نظريو ايڏا به طاقتور هو. انهيءَ جو هڪ آسان نتيجو اهو به نڪتو جو هن ننڍي کنڊ جي ساري انساني ڪائنات کي فقط هڪ تاريخي وجود سمجهيو ويو. هيءُ تصور انگريز ڪامورا شاهي جا حوصلا بلند ڪري رهيو هو. جنهن جو نقطه نظر پنهنجو اصلي شان شوڪت بحال ڪرڻ هو. موهن جي دڙي جي دريافت ان زماني ۾ ٿي هئي. جڏهن انگريز راڄ عروج تي هو. تنهن ڪري هنن مناسب سمجهيو ته هندستان جي تاريخي روايتن کي پنهنجي ابن ڏاڏن جي تاريخ سان ڳنڍين جوڙين. ان کان سواءِ هنن ڏٺو ته هندستاني سماج ذاتين ۾ ونڊيل ورڇيل آهي. تنهن ڪري هو سمجهائڻ لڳا ته سماج ۾ اها ڳڙٻڙ آرين جي حملن جي ڪري ٿي هئي. ان جو ٻيو ڪارڻ فاتحن ۽ مفتوحن جو سماجي طور هڪ ٿي وڃڻ ٻه آهي. سماج جي هيءَ هڪ نئين تعمير هئي جنهن

ڪري لازمي طور ۾ سياسي ڏريون پيدا ٿيٽيون هيون. جيڪڏهن ايئن نه هجي ها ته هن ننڍي ڪنڊ هندستان ۾ ايڪو رهي ڪونه سگهي ها، ڇاڪاڻ ته اهي ٻئي ڏريون بنيادي طرح انتها پسند هيون جتي اقليت جي اڳواڻي قائم ٿي چڪي هئي. قديم آثارن جي نالي وارن ماهرن تامي واري ثقافت ۽ هندو ڏرم جي روايتن کي ملائي پيش ڪرڻ جون ڪيتريون ئي ڪوششون ڪيون هيون. ان کان سواءِ قديم آثارن جي کوٽاين مان هت آيل ثقافتي شين کي سنڌو سيويتا جي بنيادن سان ڳنڍيو جوڙيو وڃي ها. ايئن ڪرڻ سان يقين قائم ٿي وڃي ها ته سنڌو سيويتا سنڌ ۾ پنجاب جي پَٽَنِ ۽ ٻوٽن جي پيداوار ۽ هن ڏرتيءَ جي ڄائي آهي. هندستان جي قديم آثارن جي هڪ مشهور عالم ۽ ڪلڪتي ميوزيم جي اڳوڻي ڊائريڪٽر رام پرساد چندا هن نقطہ نظر بابت (Survival of the pre historical Civilazation of Indus valley) جي عنوان سان هڪ ڊگهو مقالو لکيو آهي. مذڪوره مقالو 1929ع ۾ لکيو ويو هو. جڏهن موهن جي دڙي جي کوٽائي ۽ کوجنا اڃا هلي رهي هئي. بدقسمتي سان انهيءَ زماني (1929) ۾ آمريڪا جي اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ ٻاڙائي اچي وئي هئي. خاص طور دنيا جي صفا ڇيڙي وارين بينڪي نظام سان لاڳاپيل ايراضين ۾ سرمائيداري نظام جڙ ته تباهہ ٿي رهيو هو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو 1920ع واري ڏهاڪي ۾ هندستان جي قديم آثارن جي کوٽاين ۽ کوجنائن لاءِ تمام ٿورو فنڊ رکيو ويو هو پر جيئن ته مزدوريءَ تي ايندڙ خرچ تمام ٿورو هو تنهن ڪري کوٽاين ۽ کوجنائن جي ڪم کي جاري رکيو ويو هو. جڏهن ته خاص ٽيڪنڪي ماهرن جي پگهارن واسطي فنڊ مهيا ڪونہ ڪيا ويا هئا. انگريز شهنشاهت جي آخري ڏينهن ۾ قديم آثارن جي انتظاميا ۾ تمام گهٽي ڦيرڦار ڪئي وئي هئي. ورهاڱي کان اڳ هن کاتي جو ڊائريڪٽر سر مارٽيمر ويلر هو. جنهن تمام گهٽي جاکوڙ ڪئي هئي ۽ ٿوريون گهٽيون اضافي حقيقتون ميڙي چوندي اوير جي تصوير ۾ ڪجهہ اضافو ڪيو هو. سندس مقصد هو ته انهن جي باضابطا مشاهدي کان پوءِ سنڌو سيويتا جي دور جو تعين ڪيو وڃي. سر ويلر جي حڪمت عملي سائنسي اصولن مطابق هئي. سندس بنيادي نقطہ نظر هيءُ هو ته سنڌو سيويتا جي ٻڌ ٻڌياد جي اصولي طور تعين ٿيڻ تائين اهو تصور ڪيو وڃي ته هيءَ سيويتا هن ئي ڏرتيءَ جي ڄائي آهي. مارٽيمر ويلر هڪ

سائنسي سوچ فڪر رکندڙ انسان هو ۽ پنهنجي ساري زندگيءَ ۾ ڪيس سائنسي نقطہ نظر وارو تجسس رهيو. هيءُ شخص حقيقتن سان پيار ڪندو هو ۽ انهن سان ڏاڍو سچو هوندو هو ۽ کوٽائي ۽ کوجنا کان پوءِ جيڪا بہ حقيقت کيس معلوم ٿي ويندي هئي تنهن کي هڪدم قبول ڪري وٺندو هو. سنڌو سيبيتا گهٽو وقت اڳ ختم ٿي چڪي هئي ۽ وچ تي ماڻ جو وڏو وقت گذري چڪو هو. تنهن ڪري کوٽائي مان هٿ آيل شيون ايتريون گهٽيون ڪونہ هيون. 1960ع واري ڏهاڪي تائين ميسو پوٽاميا کان اوپر وارن ملڪن جي تهذيب بابت تمام ٿوري معلومات ملي هئي، جن ۾ ايران، ترڪستان، بلوچستان ۽ عربستان شامل هئا.

هر ماڻهو هن قسم جي معلومات جي ضرور توقع ڪندو تہ سنڌو سيبيتا انسان ذات جي تاريخ ۾ پنهنجو ڪهڙو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. اهڙيون ڳالهيون فقط وچ وارن علائقن ۾ نئين کوجنا تي دارومدار رکن ٿيون تہ سنڌو سيبيتا جي ماڻهن جا ميسو پوٽاميا ۽ ٻين سان مال بدلي مال وارا تجارتي ۽ ٻيا تعلقات ڪهڙي قسم جا هوندا هئا. هي هڪ پيچيده معاملو آهي، جيڪو سندس اصليت کان بہ گهٽو اڳتي هليو ويجي ٿو ۽ هنن ماڻهن جي سيبيتا جي تاريخي ڪردار جو تعين ڪري ٿو. سنڌو سيبيتا همالايا جبل کان عربي سمنڊ تائين پکڙيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هي تامي واري دؤر سان لاڳاپيل ايشيا جو هڪ تهذيبي نظام آهي، جيڪو دنيا جي هر تهذيبي نظام کان پکيڙ ۾ تمام وڏو آهي، جنهن جي سياسي ۽ سماجي ادارن سان لکين ماڻهو لاڳاپيل هوندا هئا. اهو تصور ڪرڻ تہ هن سيبيتا جو اثر فقط ننڍي کنڊ تائين محدود هو سو غلط آهي. هن قسم جو خيال فقط هندو تعصب سان تعلق رکي ٿو. مستقبل ۾ ٿيندڙ تحقيق جو مقصد هيءُ هجڻ گهرجي تہ سنڌو سيبيتا جبل پار ۽ سمنڊ پار وارن ملڪن تي ڪهڙو اثر وڏو آهي، جيڪي هندستان کان اوپر ۽ اولهہ طرف واقع آهن. اسان کي اهو بہ معلوم ٿي رهيو آهي تہ سنڌو سيبيتا جون ڪيتريون ثقافتي شيون هن ننڍي کنڊ جي حدن کان گهڻو پري پڻ ملڻيون آهن، جنهن مان ڇڪيءَ ريت معلوم ڪري سگهجي ٿو تہ هن سيبيتا جو اثر عربستان ۽ وچ ايشيا تائين پکڙيل هو. جيڪڏهن هن قسم جي شاهدين تي سوچ ويچار ڪبو تہ هنن ڏور ڏيساور علائقن تي سنڌو سيبيتا جو اثر تمام گهٽو هو جيڪو اسان جي تصور کان بہ مٿي آهي.

ميسوپوٽاميا مان هٿ آيل سنڌ جون مهرون، لکت ۽ مٽيا

سنڌو سيبيتا جي هڪ نهايت اهم خاصيت هي آهي ته هن کي پنهنجي هڪ تصويري لکت هئي جيڪا ايا تائين کو ماهر پيچي ڪونہ سگهيو آهي. هيءَ لکت نهايت خوبصورت نموني سان چوڪنڊين ۽ چمڪدار مهرن تي اڪريل ڏسجي ٿي، جيڪي ابرق يا پوڙل پٿر (Steatite) جون اهن. هنن مهرن ۾ هڪ جهڙو معيار قائم ڪيو ويو آهي. مهرن جي پٺئين پاسي سوراخدار بومبي ڏسجي ٿي. هن قسم جو پوڙل پٿر کي هلڪيءَ ٻاهہ تي تؤ ڏبو تہ ان جو مٽاچرو رجي برف جهڙو اڇو ٿي پوندو آهي ۽ ڪجهہ وڌيڪ سخت ۽ چمڪدار ٿيو پوي. اهڙيون مهرون تمام گهٽي انداز ۾ ناهيون ويندیون هيون. سنڌو سيبيتا جي مختلف وسندين مان اٽڪل ٽي هزار کن مهرون هٿ لڳيون آهن. اهڙن ماڳن ۾ کي وڏا ۽ کي ننڍا شهر ۽ ڳوٺ آهن. انهن قديم ماڳن مان کي دريائن جي ڪنار سان تہ کي انهن کان تمام پري آهن، جتان ڄاڻايل مهرون هٿ لڳيون آهن. کي مهرون گهرن مان ۽ کي خاص قسم جو چؤديوارين اندران مليون ۽ کي سنڌو ماڻري جي حدن کان ٻہ گهٽو پري دريافت ٿيون آهن. اهڙين حقيقتن مان سولائيءَ سان پتو پئجي سگهي ٿو تہ سنڌو سيبيتا ۽ ميسوپوٽاميا ۾ ويجهو تعلق موجود هو.

ميسوپوٽاميا مان اهڙيون طاقتور شاهديون ان وقت مليون، جڏهن موهن جي دڙي جي کوٽائي شروع ڪئي ٿورو وقت گذريو هو. اهڙو پهريون مثال تيل احيمر (Tell ahaimer) جي ماڳ تان 1923ع ۾ مليو هو. اهو قديم ماڳ ڪش (Kish) جو هڪ حصو آهي. اهو واقعو سر جان مارشل جي موهن جي دڙي تي لکيل رپورٽ جي شايع ٿيڻ کان ٿورو وقت اڳ ٿيو هو. ڄاڻايل رپورٽ هن ماهر السٽريٽيڊ لنڊن نيوز لاءِ لکي هئي. تيل احيمر واري ماڳ تان هٿ آيل مهر تي سنڌو سيبيتا واري لکت اڪريل هئي، جنهن ۾ هڪ ڏيڳو آهر آڏو بينل ڏيکاريو ويو هو ۽ ٽن نشانين تي مشتمل سنڌو لکت موجود هئي. کوٽائي جي ساڳي موسم دوران ڪش جي کوٽائي هلندي هڪ قبر مان عقيق (Carnelian) جا چٽيل مٽيا مليا هئا، جنهن مان پڻ ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌو

سڀيتا جي ماڻهن جا ميسو پوتاميا سان تجارتي تعلقات هوندا هئا. قيمتي پٿر تي چٽن ڪيڻ جو هنر اڄ بہ انڊيا (سنڌ) ۾ جام آهي. سنگ يماني (Chalcedony) جي مٽين تي اڇي رنگ جا پٽا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جن تي ڪار (Socium Carbonate) سان چٽ ڪيي هلڪيءَ ٻاهہ تي گرم ڪيو ويندو هو. (ڏسو پليٽ_100) سنڌو سڀيتا جي هن قسم جي مٽين مان بہ چگڻيءَ ريت ڄاڻ ملي وڃي ٿي تہ قديم سنڌ جا ميسو پوتاميا سان تجارتي ناتا موجود هئا. تاريخ واري دور ۾ بہ اها ثابتي ملي ٿي تہ هن تجارتي مال جو تعلق سنڌو سڀيتا سان هو. هيءَ ثابتي مهرن جي موجودگي واري ثابتيءَ کان بہ وڌيڪ آهي تہ هنن ٻنهي تهذيبن جا مال بدلي مال ڏيڻ وٺڻ وارا تعلقات موجود هئا ۽ ٻنهي وچ ۾ تجارت جو ڄار وڇايل هو.

فرينچ ماهرن کي اهڙيون ٻيون شاهديون تيلوه (Telloh) ۽ سوس (Susa) جي کوٽاين مان هٿ لڳيون آهن. هي ٻئي ماڳ ميسوپوتاميا جي ميداني علائقي جي اهم شهرن مان آهن. هتان لڌل اهي مهرون سڃيون ساريون آهن. هنن ٻنهي علائقن جي وچ ۾ هڪ اهم دريافت جي شاهدي موجود آهي جيڪا لووري (Louvre) ميوزيم ۾ محفوظ آهي. هيءُ ڪنهن مهر سان مٽيءَ جي پنوڙي تي ٺپيل نشان آهن. جيڪي بلڪل چٽيءَ ريت محفوظ آهن. ڄاڻايل نشان سنڌ جي مهرن جا آهن، هي مهر پهرين مهاڀاري جنگ کان ٿورو اڳ هڪ واپاري ڪٽي آيو هو. هي اهو زمانو آهي جڏهن ڪنهن کي سنڌو سڀيتا جي موجودگي جي خبر ڪانہ هئي، نہ وري ان کي اهڙي مجتائي ملي هئي. ان بابت ايئن سمجهيو پئي ويو تہ هي نشان ڏکڻ ميسوپوتاميا جي جهوڪا (Jhoka) نالي هڪ ماڳ سان تعلق رکن ٿا. هن ماڳ جي ايڌا تائين کوٽائي ٿي ڪانہ سگهي آهي پر هن جي سڃاڻ غيرقانوني کوٽائي ڪرڻ وارن ماڻهن کي هٿ آيل ڪن تحريرن مان ٿي آهي. سندن خيال آهي تہ هي سمير تهذيب جو اُمہ (Umma) ماڳ آهي. اهڙي نالي واري اُڇار جي ايڌان ڪٿان تصديق ڪانہ ٿي آهي، نہ وري ٿي سگهڻ جو ڪو امڪان آهي پر هن حقيقت ۾ ڪنهن بہ قسم جي شڪ ڪرڻ جو ڪوبہ سبب نہ آهي تہ هي ثقافتي شيءِ ڏکڻ عراق مان آئي هئي جتي هن قسم جا واپاري پنهنجو ڏنڏو ڪندا رهندا آهن. مهر جي ٺپي ۾ اهو ساڳيو ڊڳي ۽ سندس آڏو آهر واري علامت آهي جنهن جي مٿان سنڌو لڪت

جون ڇهه نشانيون آهن (ڏسو پليٽ 97 ۽ 98) لووري ميوزيم ۾ مهر جو اهو ٽيپو 1931ع ۾ آڪسفورڊ آشمولين (Ashmolean) ميوزيم جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. ڇاڪاڻ ته سنڌو ماڻريءَ جي قديم تهذيب بابت تن ڏينهن ۾ اتي تحقيق جو ڪم شروع ڪيو ويو هو. معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته متيءَ پنوڙي جي سامهون واري پاسي تي مهر کي نهايت ئي خبرداري سان هنيو ويو آهي. جڏهن ته ان جي ٽپيل نشان جي ٻئي پاسي ڪپڙي جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جيڪي بلڪل ڇتا آهن. اهو ڪپڙو ٽانڊ جي منهن تي ٻڌل هو. جنهن جي ڳچيءَ جي چوڌاري ويڙهيل رسيءَ تي متيءَ جو ٽپيل نشان چنبڙيل هو. ان رسيءَ جي ڳنڍ جي ڪري ٽپي واري متيءَ جي پنوڙي تي هڪ گهرو نشان بہ نظر اچي رهيو آهي. ان ڳنڍ متان متيءَ جو پنوڙو رکي مهر جي ٽپي هٽڻ جو مقصد ان ٽانڊ ۾ رکيل شيءِ کي سيل مهر ڪرڻ هو. قديم آثارن جي ماهرن واسطي مهر سان ٽپيل متيءَ جو هي پنوڙو نهايت نايابَ حيثيت رکي ٿو. ڇاڪاڻ ته اهو هڪ سچي ڪريءَ معلومات جو ذريعو آهي جنهن مان انتظامي طريقہ ڪار جي ڇڪيءَ ريت ڄاڻ ملي ويجي ٿي ته انهيءَ زماني (ٽين سهس ق م) ۾ وچ مشرق ۾ تجارتي شين جي روانگي ۽ پهچ ڪهڙيءَ ريت يقيني ۽ محفوظ بڻائي ويندي هئي. هن مهر جي نشان کان پوءِ ڏکڻ اولهه ايشيا جي ماڳن تان مهرن سان ٽپيل تمام گهڻا نشان هٿ لڳا آهن جيڪي نوبيا (Nobia) کان اناطوليہ (Anatolia) ۽ شام کان وٺي افغانستان تائين پکڙيا پيا آهن. اُمہ مان هٿ آيل مهر جي ٽپي مان ماڻهو هڪدم اهو تاثر وٺندو ته مذڪوره ٽانون وسيلي سيل مهر ڪري موڪلي ويندڙ تجارتي شيءِ نهايت قيمتي هوندي هئي. پر جيڪڏهن سوچيو ويجي ته وچ مشرق ۾ هر شيءِ هروپرو ايڏي قيمتي بہ ڪانہ هوندي. سيل مهر ڪري تجارتي شين کي ڪيڏانهن موڪلڻ جو رواج سنڌو ماڻريءَ يا ننڍي کنڊ جي اولهندي پاسي وارن ملڪن ۾ گهٽ هوندو هو. بلوچستان، عمان ۽ ڏکڻ وچ ايشيا مان بہ مهرن وسيلي ٽپيل متيءَ جا اهڙا پنوڙا تمام ٿورا هٿ لڳا آهن. جيڪڏهن حساب ڪبو ته ڏهن مهرن جي پٺيان فقط هڪ متيءَ جو پنوڙو ٽپيل ڏسڻ ۾ ايندو. سنڌو سيبيتا وچ مشرق جي انهن سيني ملڪن کان بلڪل معياري ۽ انوکي ڏسجي ٿي جتي شين کي سيل مهر ڪري ڪيڏانهن روانو ڪيو ويندو هو. سنڌو ماڻريءَ جي قديم ماڳن تان مهرن ٽپيل نشان هٿ ڪونہ آيا

آهن ۽ نہ وري اهڙن نمبل متيءَ جي پنوڙن جي غيرموجودگيءَ جو ڪارڻ ٻڌائي سگهجي ٿو. تنهن ڪري سمجهي سگهجي ٿو تہ سنڌو ماڻريءَ ۾ مهرن هجڻ جو سبب وچ مشرق واري سبب کان ٻيو آهي. هن حقيقت کي چڱيءَ ريت سمجهي سگهجي ٿو تہ سنڌو سڀيتا جو اُمہ مان لڌل مهرن جو نمبل نشان ميسوپوٽاميا مان لڌو آهي ۽ اهو اتان جي مقامي رواج مطابق آهي. چاڪاڻ تہ تجارتي شين کي سيل مهر ڪري ڪيڏانهن رواني ڪرڻ جو قاعدو فقط ان علائقي ۾ هو.

هنن حقيقتن مان معلوم ايئن ٿي رهيو آهي تہ سنڌو ماڻريءَ جا ڪي واپاري گهراٽا ٽينءَ سهس ق م جي پڇاڙيءَ ۾ اچي سمير ۾ آباد ٿيا هئا جيڪي ميسوپوٽاميا جي معاشري ۾ ملي هڪ ٿي ويا هئا. اهڙو احوال اسان کي ٽين سهس ق. م جي پڇاڙي ۾ ٻي سهس ق. م جي شروعات وارين تحريرن مان پڻ معلوم ٿئي ٿو. هي اڪد (Akkad) جي سارگون (Sargon) ۽ اُر جي III خاندان جي وچ وارو دور آهي جيڪو 2350 ق م کان 2000 ق م تائين آهي. ان دور جي تحريرن ۾ ميلوها (Meluhha) نالي هڪ ملڪ جو نالو اچي ٿو جيڪو ايراني نار کان اوپر پاسي واقع آهي، جتان غيرملڪي تجارتي مال، جهڙوڪ: عاج مان نهيل سامان (ڏسو پليٽ 109) جڙائي جي ڪم واريون شيون: سون عقيق پٿر، ٻيا قيمتي پٿر، پڪو ڪاٺ، قيمتي جانور ۽ غلام ايندا هئا جيڪي تختيءَ تي لکيل فهرست ۾ نظر اچن ٿا. هن حقيقت مان چڱيءَ ريت پتو پوي ٿو تہ ميسوپوٽاميا ميلوها وسيلي خط استوءِ وارن ملڪن مان ڪي تجارتي شيون گهرائيندو هو جيڪي هندي سمنڊ جي ڪناري سان آباد هئا. پنهنجي يادگار تحريرن ۾ سار گان اعظم (2334_ 2279 ق. م) ٻين ڳالهين سان گڏ هيءَ ٻہ هام هنئي آهي تہ سندس حڪومت دوران ميلوها مان تجارتي سامان جا ٻيڙا پرجي سندس نئينءَ راجڌاني اڪد ۾ اچي لنگر هڻن ٿا. ان کان سواءِ ديلمون سارگان ۽ عربي سمنڊ جي ڪناري سان آباد ملڪن مان ٻہ تجارتي مال اچي سندس نئين گادي واري شهر ۾ لهندو آهي.

ان دور سان لاڳاپيل اُپي نوعيت جي هڪ مهر لڌي آهي جنهن تي اڪد سميري لکت ۾ سو_ اي_ لي_ سويمي_ بال_ مي_ لوهـ_ ها _i_Su) (li_ su/eme leme_ bal_ me_luh_ha جا لفظ لکيل آهن. تحرير جو

مفهوم هن ريت آهي: سو_ ئيليسو مليوها جو ترجمان (Su_ ilisu_ Meluhha interpreter) جنهن کي علامتي طور هن ريت ظاهر ڪيو ويو آهي ته مهر ۾ سوئيليسو جو قدم تمام بندرو ڏيکاريو ويو آهي جيڪو هڪ معزز ماڻهوءَ جي هنج ۾ وينو آهي. امڪان آهي ته اهو مقان جو حڪمران هجي جيڪو بن ملاقاتين سان ڳالهائي رهيو آهي. (ڏسو پليٽ 99.) اسان هتي هن حقيقت جو اضافو ڪرڻ چاهيون ٿا ته هن کان هڪ صدي کن پوءِ حڪمران گوديا (Gudea) جي دور ۾ ميلوها جي واپارين لاگاش (Lagash) ۾ ٺهندر شين، عبادت گاهه جي تعمير واسطي ڏوراهين ملڪ مان ڪاٺ ۽ تعمير جو ٻيو سامان آندو هو. هي شاهدي ٽين سهس ق. م جي پڇاڙيءَ سان واسطو رکي ٿي. هن کان پوءِ ڪابه اهڙي تحرير ڪانه ملي آهي جنهن مان ڄاڻ ملي ته ميلوها سان هن ملڪ جو سڌو سنئون تجارتي ناتو هو. ار جي iii خاندان جي حڪمرانيءَ جي دور ۾ ٻارنهن کن اهڙيون تجارتي تحريرون موجود آهن جن ۾ هڪ ميلوها ڳوٺ اي_ دورو ميلوها (e_ duru meluhha) ۽ ميلوها جي پٽن دونا ميلوها (Duna Meluhha) جو ذڪر نظر اچي ٿو. يا اناج جي مقرر مقدار جي ادائگي جو ڪو ذڪر آهي. آشوري قديم آثارن جي ماهرن هنن تحريرن جو مفهوم هن ريت ڪڍيو آهي ته سماجي يڪجهتيءَ جو هڪ منظر آهي جنهن ۾ سنڌو ماڻريءَ کان ايندڙ ماڻهن جي ٻڌل ڪن وسندين کي پنهنجي ملڪ ۾ شامل ڪرڻ جو اعلان ٿي رهيو آهي، جنهن کان پوءِ ڏارئي ملڪ جي هنن ماڻهن کي سميري سماج جو فرد تسليم ڪيو ويو هو. ڪڏهن ٻنهي ڏرين جي ماڻهن ۾ پرامن تعلقات نظر ڪونه ٿا اچن. اهڙو احوال هڪ قديم متن ۾ ڏسجي ٿو. امڪان آهي ته ان تحرير جو سارگان دور سان تعلق هجي. لکت جو مفهوم هن ريت آهي، "ميلوها جي لو سونزد (Lu_ Sunzida) نالي ماڻهو ارور پٽ امرلوڪو (Urur son of Amarluku) وٽ رهندو هو.... جنهن ڏند ڀڃڻ جي ڏوهه ۾ ڏهه شيڪل چاندي ادا ڪئي.

اهڙيون تحريرون تمام ٿوريون آهن جن مان معلوم ٿي سگهي ته هنن ٻنهي ملڪن جي ماڻهن ۾ سرگرم واپاري ناتا موجود هئا. هن وقت مؤرخن لاءِ مناسب مسئلو اهو ثابت ڪرڻ آهي ته اهڙن رابطن ۽ ناتن، سماجي حقيقتن کي ڪهڙي نموني متاثر ڪيو هو. اسان کي معلوم آهي ته اهي ٻئي تهذيبون هڪ ٻئي کان بلڪل مختلف هيون... پر هڪ ماڻهو اهو بحث ڪهڙي

نموني سان ڪري سگهندو ته ٻنهي تهذيبن جي ثقافتي ڏي وٺ هڪ ٻئي جي ارتقائي مرحلن تي اثر ڪونہ وڌو هوندو. هن کان سواءِ اهو ٻہ غور ڪرڻو پوندو ته ڪڏهن ٻنهي تهذيبن جي وچ وارا علائقا سندن اثر رسوخ کان ٻاهر ٻہ نڪري ويندا هوندا، جن هنن جي وچ ۾ موجود تجارتي ناتن کي ضرور متاثر ڪيو هوندو. تجارتي طريقي جي اهڙي تبديلي بلڪل نمايان هوندي. نتيجي طور ڏکڻ ايران، ايراني نار، عمان ۽ بلوچستان کي هن منصوبي ۾ ضرور شريڪ ڪيو ويو هوندو.

حقيقتون کڻي ڪيئن ٻہ هجن پر جيستائين تهن تان ڪنهن خاص دور سان لاڳاپيل ڪي ثقافتي شيون هڻ نڪيون لڳن تيستائين ان دور ۽ تاريخ سان لاڳاپيل ضمني حقيقتون معلوم ڪري ڪونہ سگهبيون.... شڪاگو اورينٽل انسٽيٽيوٽ عراق جي ديالا ماڙي ۾ 1930ع واري موسم ۾ کوٽائي ڪئي هئي ۽ هن قسم جي اتحاد کي ممڪن بنائي ڇڏيو هو. ايڇ. فرينڪفرٽ (H. Frankfort) ۽ ساٿس گڏ جاکوڙي جڳي تيل اسمار (Tell Asmar) جي کوٽائي ڪرائي هئي جنهن مان کين سنڌو سڀيتا جون ڪيتريون ئي ثقافتي شيون هڻ لڳيون هيون پر اڪد خاندان ۽ اُر جي خاندان iii جي وچ واري دور 2350 ق. م کان 2000 ق. م واري زماني ۾ سنڌو ماڙيءَ سان لاڳاپيل شين جو تعداد بلڪل ٿورو آهي. انهن درآمدي شين ۾ اهڙا ڇهہ آهن جن ۾ بُکيءَ جي شڪل جهرو عاج جڙيل ڏسجي ٿو. ان کان سواءِ عقيق پٿر جا مڻيا ۽ ڪجهہ ٽڪريون هڻ لڳيون آهن جيڪي اهڙي ٽڪر جي ٽاڻ ۾ پيل هيون جنهن ۾ مڻيا (Knobs) ٺهيل هئا. هن قسم جي ٽڪر جا ٽانو موهن جي دڙي مان تمام گهڻا لڌا ويا آهن. هتان چوڪنڊي طرز واري مهر ته ڪانہ لڌي آهي پر ايپي طرز جي هڪ مهر نمبر 22: 31 A.S لڌي آهي جيڪا پوڌل پٿر (Steatite) جي آهي جنهن کي بعد ۾ هلڪيءَ ٻاه تي تؤ ڏئي چمڪدار ڪيو ويو آهي. هن مهر تي سنڌو ماڙيءَ جي جهنگلي جيوت سان لاڳاپيل تي جانور، جهڙوڪ: هاٿي، گينڊو ۽ واڳون ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ٻاهريان ماهر هنن ڏارين شين کي ڏسي ڏاڍا متاثر ٿيا هئا.

سنڌو سڀيتا ۾ اُپيءَ طرز جون مهرون ڪي نيون ڪونہ اهن جتان اڄ تائين پنجويهہ کن اهڙيون مهرون هڻ اچي چڪيون آهن، پر هنن مهرن جي گهاڙ جي طرز ميسوپوٽاميا جي مهرن کان بلڪل مختلف آهي. فرينڪفرٽ

جو بيان آهي ته "بابل تهذيب جي ڪابه مهر هن مهر جيان بيهڪ ۾ متوازن ڪانه آهي." ان کان سواءِ پنهنجي خيال جو اظهار هن ريت ڪري ٿو ته مهر تي نظر ايندڙ جانورن جا جسماني تفصيل اهڙي وضاحت سان پيش ڪيا ويا آهن جنهن سان ڪلاڪار جي اصليت جو چٽيءَ ريت پتو پئجي ويجي ٿو. طرز مان سولائي سان سمجهي سگهجي ٿو ته اشنون (Eshnunn) مان لڌل هيءَ مهر سنڌو ماڻريءَ جي ڪنهن ڪاريگر جي هٿ جو ڪمال آهي. هتي اسان کي ساڳين روايتن جو ميلاپ يا اتصال ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر منجهن فعلي صفتون مختلف آهن. اهرو اشارو اُمه مان هٿ آيل مهر جي نپيل نشان مان پڌ ملي ٿو ته اها شيءِ پنهنجي خاصيت ۾ سنڌو ماڻريءَ جي آهي ۽ ان جي ڪاريگر ڏاڻي ماحول کان چڱيءَ ريت واقف ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ميلوها ۽ ميسوپوٽاميا هڪ دور جي ثقافتي دنيا جا ٻه حصا آهن. علامتون ۽ نشانيون اهڙيون آهن جيڪي اُر جي iii خاندان وارين تحريرن ۾ موجود آهن جن جو ذڪر مٿي اچي ويو آهي. مهر 22: 31 A.S اڪد دور سان لاڳاپيل هڪ گهر جي چوديواري واري پت هيٺان ڦٽي ڪيل گند ڪچري مان لڌل آهي جنهن جو تعلق اڪد iv گهراٽي سان پائنجي ٿو. جنهن جو قديم ماڳن جو سلسلو 2350 ق. م کان 2200 ق.م تائين ڳنڍيو اچي ٿو. هن جو اهم نوعيت جي حوالن سان ذڪر نه آهي. شايد هن جو تعلق ڪش ۽ اُر واري قديم لاڏ سان آهي، جنهن مان اشارو ملي ٿو ته 2200 ق. م هڪ صحيح اندازو آهي. هي اهو ساڳيو زمانو آهي جڏهن سنڌو ماڻريءَ جي مهر اشنون شهر ۾ ڪتب اچي رهي هئي.

فرينڪفرٽ سنڌو سيپتا جي ثقافتي شين کي اڪد دور وارن تهن ڏانهن منسوب ڪري ٿو ۽ قديم آثارن جي ماهرن کي هڪ ٻئي جي دورن سان پيٽائي سنڌو سيپتا جي عروج واري زماني جي معلومات ڏئي ٿو. اهڙيون حقيقتون ميلوها بابت هٿ آيل تحريرن سان پڌ سهمت آهن. پوئين دور جي لاڏ (Finds) ۽ وڌيڪ ڪوجنا ٻه اهڙين ڳالهين جي تصديق ڪئي آهي، مثال طور عقيق پٿر جي چٽيل مڻين جو اُر جي شاهي خاندان جي قبرستان وارين قبرن مان ملڻ جي واقعي بابت برٽش ميوزيم جي، جي. ريڊي (J. Reade) هاٿي تبصرو ڪيو آهي جنهن مان پتو پوي ٿو ته هنن مڻين جو ميسوپوٽاميا ۾ استعمال قديم خاندان iii جي دور ۾ (2350 ق. م) ٿيو آهي جيڪو اڪد

جي سارگون (Sargon) کان هڪ نسل اڳي هو. هن ڳالهه مان پتو پوي ٿو ته ان دور ۾ هن بابل وارن هيڻانهن پٽن تي پنهنجو راج قائم ڪري ورتو هو. ايئن ٻه چئي ڪو نه ٿو سگهجي ته هن دور کان اڳ ميسوپوٽاميا جو ايراني نار کان اوپر پاسي وارن علاقن سان ڪو تعلق ڪونه هو پر ايترو بيان ضرور ڪري سگهجي ٿو ته سنڌو سڀيتا جون ثقافتي شيون 2400 ق.م کان اڳ ميسوپوٽاميا ڪونه پهچنديون هيون. هن قسم جا ٻئي نقطه نظر ڪيتري حدتائين صحيح آهن تنهن بابت اصلي حقيقت فقط تڏهن ظاهر ٿي سگهندي جڏهن عراق ۾ پاڪستان ۾ ايڄا ٻه وڏيڪ کوجنائون ڪيون ويندیون.

ميسوپوٽاميا مان ملندڙ سنڌو سڀيتا جي آخري مهر 1977ع ۾ نيپور (Nippur) مان ملي آهي جيڪا پوڙل پٿر جي ٺهيل ۾ چمڪدار آهي، جنهن تي ڏڳي ۾ آهر جي علامت ڏسجي ٿي. اها مهر ڪاس (Kassite) دور (1250ق. م) جي هڪ گهر مان لڌي آهي. گهڻو وقت اس ۾ هوا ۾ رهڻ ڪري پوڙل جي هيءَ مهر گهڻي ڳري ۾ تباه ٿي وئي آهي. اهو ٻه معلوم ٿئي ٿو ته هن مهر کي گهڻي عرصي کان ونڊي استعمال نه ڪيو ويو آهي. هن وقت ايل. اوپنهيم (L. Oppenheim) سان اختلاف رکڻ مناسب ڪونه ٿو لڳي. سندس نقطه نظر هيءُ آهي ته هيمورابي iii جي زماني (ارڙهين صدي ق.م) دوران ميلوها ۾ سنڌو سڀيتا جو ميسوپوٽاميا مان اثر ختم ٿي چڪو هو.

ميسوپوٽاميا جي قديم آثارن جي دستاويزن کي پڙهڻ کان پوءِ ايئن محسوس ٿيندو ته تامي دور جي ٻنهي اهم ثقافتي مرڪزن جي وچ ۾ موجود تعلقات هڪ حقيقت آهن پر اهي گهڻا گهاتا ۾ لڳاتار ڪونه رهيا آهن. معلوم ائين ٿئي ٿو ته 2400 ق. م کان هڪدم پوءِ سنڌو ماڙيءَ جو آرائشي تجارتي مال سمنڊ رستي ڏکڻ ميسوپوٽاميا ويندو هو. ان جي پيٺ ۾ سنڌو ماڙيءَ ۾ ميسوپوٽاميا جو ڪوبه تجارتي لاڳاپو نظر ڪونه ايندو. جنهن مان پتو پئجي وڃي ٿو ته هن ثقافتي مرڪز جو تجارتي مال اوپر طرف موڪلڻ ضروري ڪونه سمجهيو ويندو هو. پهرين صدي عيسوي دوران روم جو هندستان ۾ عربستان سان واپار ٻه ساڃڻي طريقي جو هوندو هو. جنهن جو پيريپلس آف ايرٿريئن سي ٻه بيان ڪيو آهي. اهو ملڪ پنهنجو تجارتي مال ايراني نار جي منڊ وارن بندرن تائين آڻيندو هو. ٽين سهس ق. م جي

آخر ۾ سنڌو ماڻري جو تجارتي مال ايراني نار وٽ لهندو هو ڇاڪاڻ ته اها ميسوپوتاميا جي خواهش هئي پر ان جا ڪجهه اقتصادي ڪارڻ به هئا.ميسوپوتاميا ڏانهن ايندڙ تجارتي مال هندي سمنڊ جي ڪناري وارن بندرن تان چڙهندو هو جيڪي ان کان گهڻو پري هوندا هئا.

سنڌو ماڻري ۽ ميسو پوتاميا جي وچ واري دنيا

ابتدائي دور ۾ سنڌو ماڻريءَ جو ميسوپوتاميا ۾ درآمد ٿيندڙ تجارتي مال غير واضح آهي. هتي ڪي اهڙيون شيون سنڌو ماڻريءَ کان گهرايون ويندیون هيون جن جي هتي مقامي حالتن مطابق ضرورت هوندي هئي. هتان جي ابتدائي کوٽاين مان ڪجهه اهڙي لاڌ سنڌو سڀيتا جي ٻين ثقافتي شين سان گڏ ملي آهي جيڪا هتان هٿ ايندڙ ٻين شين کان بلڪل مختلف آهي. انهن ڏينهن ۾ ٻين ماڳن سان گڏ اُر جي قديم ماڳ جي کوٽائي ٿي رهي هئي جنهن جي مختلف هنڌن تان سنڌو ماڻريءَ جون پوريون 16 مهرون مليون آهن جيڪي پوڙل پٿر جون ۽ شڪل صورت ۾ گول هيون، جن جو واسطو ٽين سهس ق. م جي ابتدائي دور سان آهي. انهن مهرن مان ڇهن تي ڏڳي ۽ آهر جي تصوير ۽ مٿان سنڌو لکت جون تصويري نشانيون هيون. انهن مهرن جو تعلق بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي موهن جي ڏڙي واري دنيا سان هو ۽ اهڙو تعلق تعجب جهڙو هو. اصل مسئلو اهو ڪونه هو ته اهي سنڌو ماڻريءَ مان ملندڙ هزارن جي تعداد ۾ چوڪنڊين مهرن کان مختلف هيون پر انهن جي صرفياتي جوڙجڪ مان مهرن جي اصلي ماڳ جو به پتو پئجي ٿي سگهيو.

آشوري ثقافت جي ماهر سي. جي گئد 1934ع ۾ هنن تصويرن کي شايع ڪرايو هو. هي ماڻهو هن معاملي ۾ ڏاڍو خبردار ۽ سڃيت هو. لڏل مهرون منفرد ۽ آشوري ثقافت سان اڻ لاڳاپيل هيون جيڪي هن قديم آثارن جي ممتاز ماهرن ڏانهن روانيون ڪيون. ڇاڪاڻ ته ڪيس شڪ هو ته هنن مهرن جي طرز جو تعلق قديم سنڌو سڀيتا سان هوندو. هن قوي امڪان مان اهو لڳي رهيو هو ته هي مهرون اهڙي ماڳ سان تعلق رکن ٿيون جنهن ۾ سنڌو سڀيتا ۽ سمير تهذيب جو گڏيل اثر آهي. هن اهو به محسوس ڪيو هو ته مذڪوره مهرن تي نظر ايندڙ لکت جون ڪي نشانيون اهڙيون به آهن

جيڪي موهن جي دڙي مان هٿ آيل نشانين کان بلڪل مختلف آهن. جڏهن آسڪو پرپولا سنڌو لکت جي نشانين کي هڪ هنڌ گڏ ڪري ان جي ڪنڪارڊنس جوڙي هئي تہ نار مان لڌل لکت جي مجموعي جي ايجا ٻہ وڌيڪ تصديق ٿي وئي. ان هوندي ٻہ سمجهي سگهجي ٿو تہ گئبِ ڪيڏو ڏاهو ۽ سُڄيت ماڻهو هو جنهن کي هڪ گڏيل اثر جي ڪڙڪ پئجي وئي هئي. ڇاڪاڻ تہ جڏهن ڊينمارڪ جي ماهرن جو جٿو بحرين ۾ فئلڪا ٻيٽن تي موجود عربي سمنڊ واري نار جي قديم ماڳن جي ڪنڊرن جي باضابطا کوجنا جي مقصد سان کوٽائي شروع ڪرائي تہ کين اهڙيون سوين مهرون هٿ لڳيون هيون جيڪي شڪل صورت ۾ گول هيون ۽ سامونڊي ڪناري جي انهن قديم وسندين مان مليون هيون جن جو تعلق ٻي سهس ق. م جي ابتدا سان هو. ڄاڻايل شين سان گڏ ٻيون ٻہ ڪي ثقافتي شيون مليون جن جو تامي جي نئين دور سان تعلق هو (ڏسو پليٽ 101 ۽ 102). هيءَ ديلمون جي ڏرتي هئي جنهن جو ميسوپوٽاميا جي ٽين سهس ق. م جي تحريرن ۾ ذڪر موجود آهي. هي سمنڊ جي ٻئي پاسي ميسوپوٽاميا جي پير وارو ملڪ هو. هي باغ باغيچن جو ملڪ هو. هتان جا ماڻهو سامونڊي سفر جا ڪوڏيا هئا ۽ سندن بندرن تي ٻين ملڪن کان ايندڙ جيڪو تجارتي مال لهندو هو تنهن کي (سمنڊ رستي هاڪاري) ٻين ملڪن ڏانهن ڪڍي ويندا هئا. قديم آثارن جي ماهر وولي (Woolley) کي اُر ماڳ جي کوٽائيءَ مان لکت جون ڪيتريون تختيون هٿ آيون هيون جن جو تعلق اُر جي iii خاندان ۽ اِيسين- لارسا (Isin Larsa) واري دور سان آهي. هن قسم جي تحريرن جو تعلق واپارين ۽ عبادت گاهہ جي وڏي ملڪيت ۽ خانگي قسم جي مهمجوئن جي رکيل حساب ڪتاب سان آهي. اهي ڏريون ديلمون ۽ ٻين ڏور ڏيساور جي ملڪن جهڙوڪ ماگان (Magan) ۽ ميلوها سان واپار ڪنديون هيون. انهن تجارتي شين ۾ ٽامو، عاج، قيمتي پٿر ۽ آبنوس ڪاٺ هو جيڪو ميلوها کان ايندو هو. انهن شين لاءِ مال بدلي مال ۽ چاندي ورتي ويندي هئي.

ميلوها جي iii گهراٽي جي مهر وارين تحريرن جو ذڪر اچي ٿو. ان سان گڏ ان ملڪ کان ايندڙ شين جهڙوڪ عاج ۽ عقيق پٿر جو ٻہ نالو اچي ٿو. اهي شيون سنڌو ماڻري سان تعلق رکن ٿيون پر ايسين- لارسا واري دور (2000 ق. م) ۾ هتان جي تحريرن ۾ ميلوها ۽ ماگان جو ذڪر ڪونہ ٿو ملي.

آشوري قديم آثارن جي ماهر ليو اوپنهيم (Leo Oppenheim) جو هن بابت ويچار آهي تہ انهيءَ زماني ۾ ديلمون تجارتي طور تمام گهڻي ترقي ڪري چڪو هو. هي ملڪ ميسوپوٽاميا جو تجارتي پائيوار هوندو هو جنهن کي ميسوپوٽاميا کي رعايتون ڏنيون هونديون. تنهن ڪري هن ٻيٽ جي تجارت کي گهڻي اهميت ملي وئي هوندي. جيڪو سنڌ کان ايندڙ تجارتي مال تي ضابطي رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هوندو. هيءُ ملڪ ميسوپوٽاميا ۽ سنڌو ماٿريءَ جي وچ تي ۽ عربي سمنڊ جي ڪناري تي آهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ ايسين- لارسا دور ۾ سنڌو سيويتا ۽ ميسوپوٽاميا جا تعلقات ختم ٿي ويا هئا. اهڙيءَ ريت ديلمون کي تجارتي هڪ هٿي حاصل ٿي وئي هئي. 1954ع ۽ 1970ع جي وچ واري عرصي ۾ قديم آثارن جون ڪافي کوٽايون ۽ کوجنائون ٿيون جن وسيلي ڪيتريون شاهديون آڏو آيون آهن تہ انهيءَ دور ۾ تہ- ڏريو تجارتي نظام قائم هو جنهن ۾ سنڌو ماٿري، ديلمون ۽ ميسوپوٽاميا شامل هئا. پهرين ثابتي اڻ سڌي آهي جنهن جو واسطو اُر جي کوٽاين سان آهي ۽ سمجهيو ويجي ٿو تہ ايسين- لارسا واري تحريري حوالي جو ماخذ بلڪل صحيح آهي جنهن ۾ گئڊ مهر جي نموني کي سنڌو سيويتا واري طرز سڌي ٿو جيڪا شڪل صورت ۾ گول آهي. هن ساڳئي دور جي ٻي تحرير ييل يونيورسٽي (Yale University) جي تحريرن جو مجموعو آهي وڏي اهميت جي حامل آهي. هن تختي جي تحرير جو تعلق لارسا جي حڪمران گنگو نوم (Gengu num) جي راج جي ڏهين سال يعني 1923 ق. م سان آهي. ديلمون جي هن مهر سان گڏ خط ميخي (Cumeform) ۾ لکت ڏسجي ٿي. مٿي بيان ڪيل اُر جي پهرين مهرن جي "نار" وارين ڪن مهرن تي سنڌو لکت واريون نشانيون پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون جيڪي ڊينمارڪ جي ماهرن کي فئلڪا مان هٿ لڳيون آهن جن سان گڏ سنڌو ماٿريءَ سان لاڳاپيل ٻيون بہ ست ثقافتي شيون ميلون آهن. ان کان سواءِ هتان تور جا وَٽَ (Weights) پڻ مليا آهن جن جو تعلق بہ سنڌو ماٿريءَ سان آهي. هن قسم جون چقمق پٿر مان ٺهيل شيون قلعات البحرس (Qalat_ al_ Bahraes) نالي هڪ ماڳ مان مليون آهن. هي واپار ۽ تجارت سان لاڳاپيل نهايت اهم شيون آهن. جن مان قديم سنڌ ۽ هن ٻيٽ وچ ۾ تجارتي ناتن جو پليءَ پت پتو پئجي ويجي ٿو. اهم دريافت 1955ع ۾ ٿي آهي ۽ اها ديلمون جي مهر

کنيات جي نار جي اترئين پاسي جي هڪ قديم ماڳ لوٿل جي کوٽائي دوران ملي آهي. (ڏسو پليٽ 103). لوٿل وارو مذکورو ماڳ بحرين کان اٽڪل ٻہ هزار ڪلوميٽر پري ۾ سنڌو ماڻريءَ جي صفا ڇيڙي ۾ واقع آهي. بدقسمتيءَ سان هي هڪ اڪيلي لاڏ آهي جيڪا هندي سمنڊ جي اتر پاسي هڪ بندر تان ملي آهي. پر هن اڪيلي شاهديءَ آڏار اهم معلومات هيءَ ملي ٿي تہ 2000 ق. م دوران سنڌو ماڻريءَ ۽ بحرين وچ ۾ اقتصادي ۽ تجارتي تعلقات موجود هئا.

قديم آثارن جي ٻوليءَ ۾ شاهديءَ جي معنيٰ آهي تجارتي مال بدلي مال ڏيڻ وٺڻ جي ثابتي. ان سموري ڏيتي ليتيءَ جو دارومدار ٻنهي پاسن ڏانهن تجارتي مال جي آمدورفت آهي. هيءُ مهر عربي سمنڊ جي صفا ڇيڙي ۾ ميسوپوٽاميا واري طرف کان اڪيلي شاهدي آهي جيڪا سنڌو سيبيتا جي هڪ ماڳ جي مٽاچري تان ملي آهي. لوٿل ماڳ جي کوٽائي ۽ کوجنا ايس. آر راءِ ڪئي هئي، جنهن ديلمون جي هن اڪيلي مهر جي اهميت تي مختصر نموني سان پنهنجي خيال جو اظهار ڪيو آهي ۽ سنڌو سيبيتا جي هن تجارتي مرڪز جي اهميت ڏانهن اشارو ڏنو آهي، جيڪو تامي واري دور جي ساموندي تجارت سان واسطو رکي ٿو. هن مهر لاءِ منطقي طور اهم لفظ هي ٿي سگهن ٿا تہ هيءَ مهر "نار" جي ڪنهن واپاريءَ جي آهي جيڪو گجرات ۾ واپار ڪندو هو.

اهو ڪٽي ڪيئن ٻہ هجي پر هن وقت اهو سنو ڪونہ آهي جو اسان قديم دور واري مسئلي کي اختلاف راءِ جو شڪار بنائي ڇڏيون. عمان ۽ اويرايران ۾ هاٿي تازو ڪيترين ئي دريافتون ٿيون آهن، جن جو سمجهاٽيون تاريخي تشريحن کان گهٽيون وڌيڪ پيچيده آهن جن کي تاريخ سمجهائي ڪانہ ٿي سگهي.

سنڌو سيبيتا جي ساموندي پهلو تي تحقيق ڪرڻ واري هورا کورا کيس 1960ع ۾ مڪران واري ويران پٽيءَ جي ساموندي ڪناري ڏانهن اچڻ لاءِ مجبور ڪيو. اهڙي تلاش ڪندي کيس گوادر ويجهو سکياجن دور (Sukhtagen Dor) ۽ ٻيون پشين ويجهو سوڪتا ڪوه (Sukta Koh) ماڳ هٿ آيا. هي ٻئي قديم ماڳ سنڌو سيبيتا جي عروج واري دور جا قلعبند شهر هئا (ڏسو پليٽ 104). اهي قديم ٽاڪ هڪ ٻئي کان 150 ڪلوميٽر پري هئا.

انهن شهرن جي چوڌاري ڪوٽ جون ويڪريون ۽ مضبوط پٽيون ٿيرايل هيون جيڪي پٽرن سان اوساريل هيون. هن قسم جي اڏاوتن ۾ ماڻهوءَ جو تمام گهڻو پورهيو نظر اچي ٿو. جاڻايل اڏاوتن جي پرسان موجوده دور ۾ پاڻيءَ جو ذريعو موجود ڪونہ آهي. اهي ساموندي ڪناري کان 20 ـ 25 ڪلوميٽر پري هڪ جابلو نئن جي ڪنار سان واقع آهن. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ اهي قلعا خيابانن سان آباد ۽ خوشحال علائقي ڏانهن ويندڙ رستي جي نگراني ڪرڻ جي مقصد سان اڏيا ويا هئا. جيڪي هن آباد علائقي کي ساموندي بندرن کان نہ پر ساموندي ڪناري کان الڳ ڪري رهيا هئا. پٽر جي پوئين دور کان وٺي جابلو علائقن ۾ رهڻ وارا ڏکڻ بلوچستان جا ماڻهو خيابانن (Oases) پرسان ننڍڙيون وسنديون اڏي وينا هوندا هئا. هنن وسندين جي چوڌاري چراگاهن واري کليل جوءِ موجود هئي. ٽين سهس ق. م جي پڇاڙي واري دور ۾ بہ هنن ماڻهن شهري معاشري ڏانهن قدم ڪونہ وڌايو پر سماجي جزا پاڻ ۾ ملي ڪل جي مڪمل شڪل اختيار ڪري چڪا هئا. هن سماج اندر سنڌو سڀيتا جي ٽيڪنالاجي واريون گهڻيون ڳالهيون موجود هيون. هنن ماڻهن جون ثقافتي شيون سنڌ جي ميداني علائقن جي شهرن وارين ثقافتي شين کان الڳ ۽ مقامي طرز جون آهن. قديم آثارن جا ماهر ڪولي (Kulli) ثقافت جو نالو ڪٽندا آهن. هيءُ اهو پهرئين قسم جو ثقافتي مرڪز آهي جيڪو پنهنجي نالي سان سڃاتو ويو آهي، جنهن ۾ ساري مڪران واري علائقي جهڙيون خاصيتون نظر اچن ٿيون. ان وقت هتان جون سياسي حالتون اهڙيون هيون جو قديم آثارن جو هي ماهر پاڪستان جي اولهندي ساموندي پٽي واري علائقي جي وڌيڪ سروي ڪري ڪونہ سگهيو هو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو ڪولي سنڌو سڀيتا ۽ عربي تهذيب جي تعلقات وارو مسئلو جيئن جو تيئن منجهيو پيو آهي جنهن کي مجمل ۽ جامع نموني ۽ مناسب لفظن ۾ بيان ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي.

1960ع واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ تائين عربي سمنڊ کان اتر ۽ ڏکڻ وارن علائقن ۾ قديم آثارن سان لاڳاپيل کوٽايون ۽ کوجنائون ٿي نہ سگهيون آهن پر ان کان پوءِ ايران، افغانستان، سوويت وچ ايشيا ۽ عمان ۾ سروي ۽ ڪن ماڳن جي کوٽائي ۽ کوجنا ٿي چڪي آهي جنهن وسيلي ڪجهہ خال پرجي ويا آهن. قديم آثارن جو هي منظر سمنڊ رستي هلندڙ قديم واپار واري

وات وٺي ڏسي ڪونہ سگھجي ها. هن قسم جي ڪوٽاين ۾ ڪوجنائن وسيلي هي حقيقتون معلوم ٿيون اهن تہ تهذيب ايراني پٽن پوٺن کان پار ۾ وچ ايشيا جي ڏکڻ ۾ پنهنجو وجود اختيار ڪيو ۽ تاريخي طور چوٽين سهس ق. م جي پڇاڙيءَ ڌاري هن منفرد هستيءَ جي شڪل صورت ۾ نڪري نرواري ٿي هئي. هنن سيني ثقافتن جي مجموعي شڪل بلوچستان کان ٻہ اڳتي نڪري وئي هئي. هنن ثقافتي اثرن سنڌو سڀيتا جي تخليق ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو هو. 2500 ق. م ڌاري هن نظام جي اهم مرڪزن شهري تهذيب واري منفرد حيثيت اختيار ڪري ورتي هئي جنهن ۾ يادگار اڏاوتون، شاندار گھر، مُردن کي دفن ڪرڻ سان لاڳاپيل شين کي تيار ڪرڻ وارن ڪاريگرن لاءِ جدا وسندي جوڙڻ، راڄنيتڪ معاملن کي اڪلائڻ جي مقصد سان ڪنهن اداري جو قيام ۾ عمل ۾ اچي چڪو هو. اهڙي ڪاميابي ٿور- وقتي هئي ۽ ان جو ڪو ڪارڻ سمجهايو نہ ويو آهي. معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌو ماڻري جي وسيع علاقي ۾ قائم سڀئي وڏا شهر ٿورين صدين جھڙوڪ 2200 ق. م کان 2000 ق. م واري وچئين دور ۾ ڦٽي ناس ٿي ويا. هي اهو دور آهي جڏهن سنڌو سڀيتا جا ميسوپوٽاميا سان سڌا سنوان تعلقات هئا. اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو تہ 2000 ق. م واري عرصي ۾ سنڌو سڀيتا جون تيار ٿيل ثقافتي شيون ميسوپوٽاميا مان بلڪل گھٽ هٿ لڳيون آهن. تيپي يحيٰ (Tepe Yahya) مان هڪ ٽانڻُ لڌو آهي جنهن تي سنڌو لکت جون ٽي نشانيون ٽپيل ڏسجن ٿيون. هي ماڳ ڏکڻ ايران جو هڪ ڇوٽ آهي. تيپي حصار iii_c مان عقيق جا مٽيا لڌا ويا آهن جن تي نقش نگار ٿيل آهي. آليتن تيپي (Altin Tepe) جي ماڳ تان عاج جون ڇوٽون ۽ چڪو لڌو آهي جنهن سان گڏ پوڙل پٿر جون مهرون بہ هٿ لڳيون آهن. انهن مان هڪ تي سو استيڪا جو نشان آهي. جڏهن تہ ٻيءَ مهر تي سنڌو لکت جون ٻہ نشانيون اکريل آهن. هي ماڳ ترڪمينيا (Turkmenia) جي ناماز گا (Namazga) v سان تعلق رکي ٿو جنهن جو ٽين سهس ق. م جي پڇاڙي واري چوٽائيءَ سان واسطو ڏسجي ٿو. جيڪڏهن هن ماڳ مان اهي شيون نہ ملن ها تہ سيني امڪاني ڇالهين هوندي بہ هن ماڳ کي ميداني، جاہلو ثقافت جو عدم تسلسل وارو معاملو سمجهيو ويجي ها. اهڙي لاڏ جي ڪري ماهر منجهي

پيا هئا چاڪاڻ ته اهڙيون شاهديون غيرمتوقع هيون. ان ڪري جو هنن ٻنهي علائقن ۾ ويجها تعلقات ڪونہ هئا.

سنڌ ۾ قديم آثارن جي کوٽائي ٻي مهاڀاري جنگ کان پوءِ ٿي هئي جتان جابلو علائقي جون ڪجھ شيون هٿ لڳيون هيون جن جو تعلق ايران جي ڏاهيل ڏاتوءَ جي شين سان هو جيڪي سنڌو ماڻريءَ جي ميداني علائقي جي جھڪر نالي هڪ ماڳ مان سنڌو سڀيتا جي ٻين شين سان گڏ هٿ آيون هيون. مذڪوره ٽاڪ موهن جي ڏڙي کان ٽيهن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي اتر- اولھ طرف واقع آهي. هنن سيني کان وڌيڪ اچرج جھڙي دريافت 1976ع ۾ ٿي هئي. ان زماني ۾ فرانس جي قديم آثارن جي ماهرن شورتوگئي (Shortugai) جي کوٽائي ڪئي هئي جتان سنڌو سڀيتا جي هڪ وسندي ظاهر ٿي پئي. هيءُ ماڳ آمون درياءَ جي پرتي ڪنڊ هڪ شاخ جي ڪنڊيءَ سان واقع آهي. سنڌين جي وسندي جو هيءُ ماڳ اتر افغانستان جي بدخشان صوبي جي اترينءَ وٽ سان آهي. هي ماڳ اڄ بہ پوکيءَ راهيءَ جي لائق آهي. هن ماڳ پرسان هڪ سوڙهو جابلو لَڪُ آهي جنهن وسيلي سون، چاندي، ٽامي، لاجورد پٿر ۽ سيهي جون ڪاڻيون آهن. هتان سنڌو سڀيتا واريون سڀ شيون مليون آهن جن ۾ هڪ مذهبي قسم جي مهر بہ لڌي وئي آهي جنهن تي گينڊي جي تصوير اڪريل آهي ۽ مٿان سنڌو لکت جون نشانيون ڏسجن ٿيون. هي ماڳ افغانستان جي صفا چيڙي ۾ ۽ هندو ڪش جابلو سلسلي کان اتر ۾ واقع آهي. هن ماڳ لاءِ مناسب سمجھاڻي هيءَ ٿي سگھي ٿي ته سنڌو ماڻريءَ جا ماڻھو ان جڳھ تي وڃي آباد ٿيا هئا. "شورتوگئي" جي دريافت کان پوءِ اهو هرگز سمجھڻ نہ ڪپي ته اوپر ايران جي ترڪمينينا تي سنڌو سڀيتا جو اثر فقط حرف اول آهي، چاڪاڻ ته اتان معمولي قسم جون ثقافتي شيون مليون آهن.

ايران جي جابلو علائقن جي قديم ماڳن تان سنڌو سڀيتا جون ثقافتي شيون مليون آهن پر تمام ٿوريون، جنهن مان اهو تاثر ملي ٿو ته هيءَ سڀيتا فقط هندستان واري نندي کنڊ تائين محدود هئي. "شورتوگئي" وارو ثقافتي ماڳ هن صورتحال سان سهمت آهي ته سنڌو ماڻريءَ جا ماڻھو انهن وسيلن ۽ تجارتي رستن تي قبضي ڪرڻ جي مقصد سان ڏکڻ کان هلي اتي پهتا هوندا. اهو بہ امڪان آهي ته تاريخي دور کان پوءِ قديم سنڌ جي حڪمرانن

وچ ايشيا تي بار بار حملا ڪيا هجن. اهو به هڪ امڪان آهي ته متان "شورتوگئي" مڪران جي ساموندي ڪناري سان واقع مٿي ذڪر ڪيل بن پٽرائن ڪوٽن جو اتريون پاسو هجي. هن کان سواءِ ڪيرٿر واري جابلو جوءِ ۾ سنڌو سڀيتا سان لاڳاپيل ڪيترائي ماڳ موجود آهن، جهڙوڪ: پناٽي دمب (Pothani Dumb) ۽ نوشهرو (Nausharo). اهڙيءَ ريت سليمان جبل واري جُوءِ ۾ داڙڻ ڪوٽ يا بلوچستان ۾ به اهڙن ڪوٽن (قلعن) جي لَڙهه آهي جيڪا عربي سمنڊ جي ڪچ کان ونڊي وچ ايشيا تائين موجود آهي، جنهن جو مقصد سنڌو ماڻريءَ کي ڏارين کان بچائڻ هوندو. تاريخي تجربي وسيلي اهڙي شاهدي اسان جي ذهنن تي نقش ٿي سگهي ٿي ۽ اهڙو تصور ڪرڻ ضروري به آهي.

عمان کي هندي وڏي سمنڊ جو پس منظر آهي

سمنڊ جي هن پار ڏکڻ طرف قلعن جي اڏاوت جو هڪ تصويري خاڪو موجود هو جيڪو تامي واري دور جي ظاهر ٿي پوڻ کان پوءِ بلڪل ئي ختم ٿي ويو آهي. هي علائقو سياسي طور اڪيلو رهجي ويو هو تنهن ڪري قديم آثارن جون کوٽايون ۽ کوجنائن ناقابل ترديد شاهديون پيش ڪيون آهن ته هن علائقي جا سنڌو ماڻري سان ويجها ثقافتي ۽ اقتصادي تعلقات هوندا هئا جيڪي فقط تجارتي ناتن وسيلي سمجهائڻ ڏکيا آهن. 2300 ق.م جي منڌ واري عرصي ۾ عمان جي ساموندي ڪناري يا اندروني علائقن ۾ موجود خيابانن مان هٿ لڳل سنڌو سڀيتا جي ثقافتي شين جي هڪ ڏگهي فهرست آهي جيڪي مختلف ماپ جون آهن. هنن خيابانن جي وٽ پاسي واري وسندي هيلي (Hile) مان سنڌو ماڻريءَ جي ٺڪر جي ٽانون جو تعداد تمام گهٽو لڌو آهي. ساڳي ريت ابوظهبي ۽ دبئي جي وچ تي غانادا (Ghannada) جي ماڳ تان به ساڳئي قسم جون سنڌو سڀيتا سان تعلق رکندڙ ثقافتي شيون هٿ لڳيون آهن. هتي ڏاتوءَ ۽ مهرن جوڙڻ جو هنر ڏسجي ٿو جن جي ٺاهڻ جي ڪاريگري سنڌو سڀيتا جي هنر جي طرز سان سنئون سڌو واسطو رکي ٿي. هتي هڪ قبر ۾ گهٽن لاشن پورڻ جو رواج ڏسڻ ۾ اچي ٿو. قبر اندر رکيل شين ۾ نقش نگاري وارا عقيق پٿر جا مٽيا ته هر قبر مان لڌا ويا آهن. ان کان سواءِ پگهاريل شيشي جا مٽيا به گهٽي انداز ۾ لڌا ويا

آهن. هنن سيني شين جو سنڌو سڀيتا جي هنر ۾ ڪاريگريءَ سان تعلق آهي پر سيني کان وڌيڪ اهم ٺڪر جي ٽانون جي صنعت آهي. چاڪاڻ تہ کوٽائيءَ وقت هتان سنڌو سڀيتا جي ٽانون جون ٺڪريون هٿ لڳيون آهن. ايس. ميري (S. Mery) جنهن جو فرانس جي قديم آثارن جي ماهرن سان تعلق آهي تنهن عمان واري اپيٽ تي هن ڳالهہ کي ثابت ڪيو آهي تہ هتان جا سپ ٽانو سنڌو سڀيتا واري طرز سان تعلق رکندا هئا ۽ مقامي طور عمان جي متيءَ مان ۾ مقامي روايتن مطابق گھڙيا ويندا هئا. ٻي اهم ڳالهہ هيءَ آهي تہ هن وقت تائين تامي جي دور سان لاڳاپيل عمان جي لکت جون تحريرون هٿ آيون آهن سي سنڌو سڀيتا جي ٺڪر جي ٽانون تي اکريل مليون آهن (ڏسو پليٽ 107). اهڙي لکت اتفاقي طور 1981ع ۾ ناتال واري ڏينهن ۾ راس الجنيز (Ras_al_ Junayz) جي واريا‌سي بند مان هٿ لڳي هئي. هي ماڳ ڏکڻ عربيا جي صفا ڏاکڻين ڪنڌ کان يارهن ڪلوميٽر پري راس الحد (Ras_ al_ Hadd) پرسان آهي. هي ماڳ ان ڪري اهم آهي جو اڄ بہ پاڪستان جون ٻيڙيون ايراني نار ۾ آفريڪا ڏانهن ويندي هتان گذرنديون آهن. پسني (سوتڪاڪوه Sotka koh) کان ٻيڙيون هلي راس الجنيز پهچنديون آهن. هنن ٻنهي ماڳن جي وچ وارو پنڌ 450 سامونڊي ميل آهي. سنڌو ماٿري کان يمن ۾ آفريڪا وڃڻ لاءِ هي رستو تمام ڊگھو آهي. راس الجنيز کان ڏکڻ ٻيڙيون ڪناري پرسان هاڪارينديون آهن. ان جو ڪارڻ سامونڊي ويرون ۾ لهريون آهن. ان کان سواءِ چؤماسي واريون هوائون چؤوايون هونديون آهن جيڪي لڳاتار هڪ طرف کان ڪونہ گھلنديون آهن ۾ ڏکڻ عربيا جي سامونڊي طرف مطابق لڳنديون آهن. وڌيڪ ڪوجنا ۾ هتان جي ڏاتوءَ مان ٺهيل شين ۾ ٺڪر جي ٽانون سان گڏ سنڌو سڀيتا جي ٽانون جا ٺڪر نظر آيا. جنهن مان هتان جي وسنديءَ جي پکيڙ جو پتو پئجي ويو جنهن جو تعلق ٽي سهس ق. م پچاڙي ۾ ٻي سهس ق.م جي اڀياڙيءَ سان هو. هي کوٽائي فرانس_ اٽليءَ جي گڏيل ماهرن 1985ع ۾ شروع ڪئي ۾ هڪ اهڙي تعمير جا باقيات ڳولي لڌا جنهن اندر ٺڪريون موجود هيون. هيءَ جاءِ ڪچين سرن سان اوساريل هئي جنهن جي تعمير 2300 ق.م کان اڳ جي نہ آهي. هن جاءِ جو اڏاوتي نقشو بہ ڏاڍي ڏيان سان جوڙيو ويو هو (ڏسو پليٽ 108) ڏسڻ ۾ ايئن اچي ٿو تہ اڏاوتن جي مُڇلي سان گڏ اتر پاسي

لڳاتار سَتَ پاندا (Store Rooms) آهن. انهن سيني جا دروازا هڪ ڊگهي غلام گردش (Coridore) ڏانهن کلن ٿا، جن جي لنگهن وٽ پٿر جا دونا (Sills) لڳل آهن. هن جڳهه جي تعمير مان لڳي ٿو ته منجهس تجارتي سرگرميون هلنديون هيون. مختلف دورن سان لاڳاپيل وسندين جا ڪيترائي تهه آهن جن مان آخري تهه اهو آهي جتي پاندن جي اڏاوت ڏسجي ٿي. پاندن کي ورڪشاپ طور ڪتب آندو ويندو هو. هتي مقامي وسيلن مان استعمال جون شيون ٺاهيون ويندیون هيون ۽ سنکن جي مختلف قسمن جهڙوڪ ڪونس (Conus)، پنڪٽاڊا (Pinctada) ۽ فيسيولاريا (Facsiolaria) ۾ ڪچونڙ جي هڏي مان مختلف شيون ٺاهيون ويندیون هيون. ان کان سواءِ چقمق پٿر مان استعمال جون تجارتي شيون ٺاهيون ويندیون هيون جيڪو پرپاسي واري جوءِ مان ملندو هو. هتي رنگ ۾ ٺاهيو ويندو هو جيڪو منگنيشم جي هڪ قسم (Pyrolusite) کي ڪُٽي سنهو ڪري جوڙيو ويندو هو. هن ماڳ جي وسيع علائقي مان سنڌو ماڙي جي ٺهيل هر وَڙ ۾ جنس جون شيون هٿ لڳيون آهن جن ۾ ٺڪر جا مٽ، تامي ۽ پوڏل پٿر جون مهرون، سنگ جراحت (Alabaster) مان جڙيل گلدان، ڏاتوءَ مان ٺهيل مختلف شيون، عاج جو ڦٽيون جن تي خوبصورت آرائشي نقش اڪريل آهن، شامل آهن. هي استعمال جون اهڙيون شيون آهن جيڪي سنڌو ماڙيءَ جي هر ثقافتي مرڪز ۾ ٺاهيون ويندیون هيون پر ڪالیبٹنگن ۽ هڙاپا هنن شين جا خاص مرڪز آهن. هي ماڳ ولايت کان ايندڙ شين جو مال گدام ڪوٽ هو پر هتي سنڌو ماڙيءَ کان ايندڙ سامان رکيو ويندو هو. هنن شين ۾ گهٽو تجارتي مال عمان جو پنهنجو هوندو هو. هتان 80٪ ٺڪر جو ٿانو لڏو ويو آهي. ڪي ڏاتوءَ ۽ پٿر جون شيون ۽ اوزار آهن. ان کان سواءِ ڪي اهڙيون ٻيون شيون به آهن جن جو مڇي ڦاسائڻ جي ٽيڪنالاجيءَ سان لاڳاپو آهي. اهم ۽ دلچسپ حقيقت هيءَ آهي ته هتي تامي کي ٻاهر موڪلڻ جهڙا اهجاڻ ڪونه ٿا ملن. توڙي جو عمان ۾ هي شيءِ تمام گهٽي ملي ٿي. حقيقت اها آهي ته عمان جي انهن تجارتي شين جي فهرست ۾ هن شيءِ جو نالو صفا مٽان هئڻ کپي ها جيڪي سنڌو ماڙيءَ ڏانهن روانيون ڪيون ويندیون هيون، ڇاڪاڻ ته هن ماڙيءَ ۾ تامو ٽورو لينڊو هو. جڏهن ته تامي جون کاڻيون راس الجنيز کان 150 کان 200

ڪلوميٽر پري هيون. ڪوبه ماڻهو هن ڳالهه تي اعتبار ڪونه ڪندو ته راس الجنيز جهڙو بندر عمان جي تجارتي مرڪزن جي لاءِ ڪو موزون هوندو.

راس الجنيز بندر اهڙو آهي جنهن جي سامونڊي ڪناري پرسان زمين جو ڪو ڪليل علائقو موجود نه آهي جتي ٿورا ملڪي وسيلا ڪتب آندا ويندا هئا پر هن ماڳ تي تجارتي مٽاسٽا تمام گهٽي ٿيندي هئي. هن بندر تان زراعتي جنسون ۽ پنهنجي وقت جو سنو تجارتي مال چڙهندو هو. مڪران کان ونڊي آفريڪا جي ٻاهر نڪتل نوڪ تائين سمنڊ جي سموري پٽي ويران آهي ۽ هر قسم جي وسيلن جي کوٽ آهي. سامونڊي پٽيءَ جي ماڻهن جي ڪاڌ خوراڪ فقط مڇي هوندي آهي. ٻئي ڪاڌ خوراڪ ۽ مني پاڻيءَ جي ڏاڍي اٽاٽ آهي. اناج سان لاڳاپيل پوکي راهي گهٽ ٿيندي آهي. هن دور ۾ اهڙي قسم جي آمدورفت اقتصادي طور فائديمند ثابت ٿئي ها جيڪا اڄي ناممڪن هئي. اهڙي ريت ٻاهران ايندڙ اناج بدلي غير اهم مقامي شيون ڏنيون وڃن ها. پوئين دور جي ناتي تجارتي جزن تي تڪميل جا ٻه نتيجا نڪرن ها ته: سڄي آفريڪا ۽ پاڪستان جي وچ واري علائقي جي سامونڊي ڪناري سان وسندڙ ان انساني آبادي جون اقتصادي حالتون سڌري وڃن ها جنهن جو مکيه ڏنڊو ميڇي آهي ۽ سمنڊ جي پرپاسي وارن علائقن ۾ تجارت جو هڪ ڇار وڇائجي وڃي ها. اڪدي دور کان ونڊي ميسوپوٽاميا جا تعلقات هن قسم جي حوالي آڏار ڇڳيءَ ريت سمجهائي سگهجن ٿا، جيڪو مال بدلي مال واري سامونڊي تجارت ۾ ٿورو حصو ونڊندو هو. سامونڊي ڪناري واري تجارتي آمدورفت مقامي شين جي ڏيتي ليتي سان تعلق رکي ٿي. جنهن ۾ پرپاسي جا ماڻهو حصو ونڊندا هئا جن جو سمنڊ تي ضابطو ابتدائي هولوسين (Holocene) دور کان ونڊي قائم هو. ڪويت کان بعد تائين سارو سامونڊي ڪنارو اهڙين قديم وسندين جي ٽرڙن سان سٽيو پيو آهي. هندي سمنڊ وسيلي هاڪارڙ جا اهجاڙ 5000 ق. م پراڻا آهن. اهڙيءَ ريت هن حقيقت تي ڪير به اعتبار ڪونه ڪندو ته وسيع پيماني تي پکڙيل هي تجارتي ڇار سنڌو سيپيتا، ميسوپوٽاميا ۽ مصري تهذيب جي ماڻهن جي غيرملڪي سامان جي مطالبي کان سواءِ ممڪن ٿي ڪونه سگهيو هوندو. هن قسم جي تجارت ۾ سنڌو ماڻريءَ جي ماڻهن جو وڏو اثر قائم هوندو ۽ هتان جون سرگرميون به نهايت تيز هونديون. ان جو هڪ سبب

هن جي جاگرافيائي بيهڪ آهي. ٻيو ته سنڌو ماڻريءَ جي ماڻهن جا قديم دور کان ونڊي عرب ملڪن سان مال بدلي مال جي ڏيتي ليتيءَ وارا لاڳاپا قائم هئا.

مستقل نوعيت جو انقلاب

ڪيترن بنيادي اختلافن هوندي ٻه سنڌو ماڻريءَ جي ماڻهن جا عرب ملڪن جي رهواسين سان ساموندي تجارتي تعلقات موجود هئا جن جو واسطو ٽين سهس ق. م جي آخري حصي سان هو. تنهن ڪري ٻنهي ڌرين جو هڪ ٻئي سان مستقل اثر پيدا ٿي چڪو هوندو. هن باري ۾ قديم آثارن سان تعلق رکندڙ گهڻيون شاهديون موجود آهن ته مال بدلي مال واري تجارت ۾ تيار مال جون بهترين شيون ٿوريون ڪونه هيون. هن تجارتي مال جو ڪجهه حصو ٻاهران ڪچو مال گهرائي تيار ۽ برآمد ڪيو ويندو هو. راس الجنيز واري کوتائي مان لڌل ثقافتي شيون اهڙي قسم جي تجارتي مال سان تعلق رکن ٿيون پر جهنگلي جانورن کي پالي گهرو بڻائڻ ۽ جهنگلي ٻوٽن جا ٻج هٿ ڪري پوکي راهي ڪرڻ جو ڏنڏو نهايت قديم دور کان سنڌو ماڻريءَ جي ماڻهن شروع ڪيو هو.

اهڙيون حقيقتون سنڌو ماڻريءَ جي هڪ قديم ماڳ مهرگڙهه جي هينئين تهه مان مليون آهن. هن ماڳ جي کوتائي جي ايف جئرج (J. F. Jarrige) ڪئي آهي. اوپر عربيا ۾ ٻه هڪ اهڙو ماڳ آهي جتان قديم دور جي پوکي راهي جا اهجاڻ مليا آهن، جيڪي پڻ هن ڏنڏي ۾ وڏي ڇاڻ رکندا هئا. اهڙي پوکي راهي خيابانن وسيلي ٽيندي هئي جيڪا تمام ٿوري هئي ۽ خاص موسم جي آبي ذريعن تي دارومدار رکندي هئي. اهي ماڻهو چوٽين سهس ق. م تائين ڏوٽين واري زندگي گهارينداهئا ۽ ڏٽ ڏوري پيٽ گذر ڪندا هئا، پر جيوت ۽ ماحول جي مختلف پس منظر جي ڪري سنڌو ماڻري ۽ عرب علائقن ۾ ڪي اقتصادي تبديليون اچي ويون هونديون جيڪي ٻنهي ملڪن لاءِ فائدي واريون هونديون ۽ ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي سان تجارتي ڏيتي ليتي ڪري گهڻو نفعو ٻه حاصل ڪيو هوندو.

سنڌو ماڻريءَ جي ماڻهن کي عربن اٽ ۽ کارڪون ڏنيون هونديون ڇاڪاڻ جو امڪان آهي ته عربن جهنگلي اٽ کي پالي گهرو جانور بڻايو

هوندو. اهڙي ريت هنن کجيون پوکي هن وڻ کي ۾ گهرو وڻ ٻڌائي ڇڏيو هوندو. کارکون اڄ ۾ سنڌ ۾ بلوچستان جي زراعت جو اهم حصو ٻڌيل آهن. جوئر ۾ ٻاجهريءَ جو جنسون وري آفريڪا کان هتي پهتيون هونديون، ماڻهوءَ جو اناج سان تعارف 4500 ق. م ٿي چڪو هوندو. عمان جي مسقط پرسان مهاڻن جي هڪ قديم وسنديءَ جي کوٽائي مان جوئر جي اناج جي موجودگيءَ جا اهڃاڻ مليا آهن. گڏوگڏ آنن لاهڻ وارن ساهدارن جون پڻ نشانيون ۾ ڪن جانورن جي هڏن جون شاهديون هٿ لڳيون آهن جيڪي عمان واري اپيٽ ۾ ٻاهران گهرايا ويندا هئا. معلوم ٿئي ٿو ته هيلي واري پٽ ۾ آفريڪا کان آندل اناج ڪڻڪ، جَوَ ۾ کارکن جا فصل ٿيندا هئا. خيابانن پرسان هن قسم جي گڏيل زراعت جو رواج هوندو هو. پٽر جي دور سان تعلق رکندڙ هنن زراعتي ٻوٽن ۾ وڻن تي ايجا ۾ وڌيڪ تحقيقات جي ضرورت آهي. معلوم ايئن ٿي رهيو آهي ته هولوسين واري وچين دور ۾ آفريڪا جون زراعتي جنسون ٻيڙين وسيلي هندي سمنڊ جي اترين علاقن ۾ پهتيون آهن.

معلوم ايئن ٿئي ٿو ته قديم ۾ نيون روايتون 16 ۾ 18 صديءَ جي وچ واري عرصي ۾ پاڻ مليون آهن جن اهڙي دولت آندي جو ماڻهن جي آبادي جي وڏي حصي واسطي انسان ذات جي قديم تاريخ ۾ داخل ٿيڻ ممڪن ٿي پيو. قبل از تاريخ واري پوئين دور ۾ ۾ هڪ انقلاب ڏسڻ ۾ اچي ٿو جو سنڌو ماٿري، آفريڪا، هند، ايراني زراعت جي هڪ نئين دور ۾ داخل ٿيندا ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۾ هندي ۾ عربي سمنڊ جي ڪنارن سان ۾ سمنڊ وسيلي هلندڙ تجارت ۾ سرگرم ڏسجن ٿا. سنڌو ماٿريءَ جي عمان ۾ ڏکڻ عربستان سان قائم تعلقات مان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو ته هنن ثقافتي مرڪزن جو ملي پاڻ ۾ هڪ ٿيڻ اهم ڀالهه هئي. اهو ڀڳاڻيا پو وقت سر ڏاڍو ويجهو ٿيندو رهيو آهي.

پيراڪ (Perak) جي کوٽائي 1978ع ۾ ٿي هئي. هيءُ ماڳ ڪچيءَ واري پٽ جي اتر پاسي ٻي سهس ق. م سان لاڳاپيل زراعتي ٽاڪ آهي. هتان هڪ اهڙي ٻوٽي جي باقيات هٿ آئي آهي، جيڪو آبهوا ۾ ماحول جي لحاظ کان ڪيرٽر جابلو سلسلي ۾ ڪچيءَ جي علائقي جي وچ تي وڻڻ ويجهڻ ڪپي. هي نجو پجو سنڌو ماٿريءَ جو ٻوٽو آهي جيڪو جابلو علائقي ۾ ٻ ٿي

سگهي ٿو ۽ سنڌو ماڻريءَ- جائو آهي. هن قسم جي انقلابي تبديلي واري منظر کان گهڻو پري مؤرخن ويدن جي رزميه دور مان سمجهيو هو ته اهو اقتصادي طور خوشحالي وارو گهڻ رنگو زمانو هو. ان دور سان لاڳاپيل ڪوبہ ڏنڏو ختم ڪونہ ٿيو هو ۽ سنڌ جي شهري تهذيب جي ختم ٿي وڃڻ کان هڪ هزار سال پوءِ نون پيداواري ذريعن هڪ معياري حيثيت حاصل ڪري ورتي هئي. خط استوائي پرسان سنڌو ماڻريءَ جون ساريون ۽ اٿوپيا جي ميداني علائقي جي جوئر، ڪڻڪ ۽ جون سان گڏ هن ملڪ ۾ پوکجڻ لڳيون. پوک جون پويون ٻہ جنسون تہ سنڌو ماڻريءَ ۾ 6000 ق. م کان وٺي ڪاهيون ويندیون هيون. پوک جون اهي نيون جنسون خريف جي فصل سان واسطو رکن ٿيون جن جي پوکيءَ جي مند ۾ پڇي راس ٿيڻ واري موسم ۾ ڪجهہ تبديلي اچي چڪي هئي، جن جي پوکڻ واري مند چيٽ جي ابتدا ۽ لابارو چوٽ گرمين ۾ ٿيندو هو. هنن پوکن وسيلي ڪاڇرو جنسن ۾ واڌارو اچي ويو هو. ان کان سواءِ محنت جي ڪري تمام گهڻي اپت ٻہ ٿيندي هئي. ان جو نتيجو اهو نڪتو هو جو هڪ سال اندر پوک جون مختلف جنسون ڪاهيون ويندیون هيون ۽ تمام گهڻي پيداوار ملندي هئي.

متيءَ جون مورتيون ۽ هڏن جي باقيات مان سولائي سان سمجهي سگهجي ٿو تہ جهنگلي اٽ ۽ گهوڙي کي پالي گهرو جانور بڻائڻ، جهنگلي ٻوٽن جي ٻج کي هٿ ڪري فصل پوکڻ کان پوءِ عمل ۾ آيو هوندو. انهيءَ سان هڪ تہ هاري جي پوک ڪرڻ واري صلاحيت ۾ بهتري اچي وئي هوندي، ٻيو تہ تجارتي مال جي آمدورفت ۾ پڻ سولائي ٿي پئي هوندي. سنڌو سيڀيتا جي عروج واري زماني ۾ آمدورفت لاءِ گاڏيون ڪم آنديون ويندیون هيون جن کي ڏاند ڇڪيندا هئا. گهڻين جنسن جي پوکي راهي ۽ آمدورفت واسطي لاڏو جانورن جي هجڻ ڪري ڦهراڙي جي اقتصادي حالتن ۾ انقلابي تبديلي اچي چڪي هئي. ان ڪري 1500 ق. م ڏاري سنڌو ماڻريءَ ۾ نون زراعتي روايتن جي شروعات ٿي چڪي هئي. ٻيراڪ ماڳ سنڌو ماڻريءَ جو هڪ اهڙو ڳوٺ آهي جنهن تي يورپ وارن جي سپ کان پهريائين نظر پئي هئي. قديم آثارن جي مسلسل کوٽاين جو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌو سيڀيتا جو ٻين ملڪن سان تعلقات جو پتو ٻيو ۽ مختلف ثقافتي جزن جي گڏجي هڪ صورت اختيار ڪرڻ جي ٻيرائتي ڄاڻ ملي وئي. ان سان گڏ هيءَ ڄاڻ

بہ ملي وئي تہ ٽينءَ سھس ق. م جي پڇاڙيءَ ۾ هن تهذيب انساني معاشري جي بهتري لاءِ ڪيترو پاڻ پتوڙيو هو.

سڪندر جي قديم سنڌ تي ڪاهه

محمد بخش انصاري "اويسي"

(سڪندر اعظم هڪ شهنشاهه، مدبر، فاتح، منتظم ۽ فيلسوف هيو. ڪيس اچي اهو خيال ويٺو ته سڄي دنيا فتح ڪجي، ان لاءِ هڪ وڏو لشڪر ناهي، ڪيترا ملڪ فتح ڪري ٻر بيابان، سرسبز وادیون لتاڙي، ڏونگر ڏوري، ندیون نالا پار ڪري، اچي قديم سنڌ تائين پهتو. پر سنڌي سورمن ساڻس سخت مقابلو ڪيو. ڪيس شڪست ته ڪونہ ڏيئي سگهيا، مگر سندن لشڪر، ساز و سامان کي ايترو ته مفلوج ڪيائون، جو هن هندستان ۽ سنڌ ڏانهن اڳتي وڌڻ جو ارادو ترڪ ڪري واپس وطن وڃڻ ۾ خيريت سمجهي. هن مضمون جا ماخذ يوناني تاريخ جا پراڻا ڪتاب آهن.)

سڪندر پيءُ جي طرف کان هرقل جي نسل مان ۽ ماءَ جي طرف کان سندس سلسلہ نسب ايقوس تائين پهچي ٿو. سندس والد فيلقوس جي جواني جو زمانو ٿريس علاقہ ۾ گذريو ۽ اتي هڪ وڏ گهراڻي "اولمپياس نالي عورت تي عاشق ٿي پيو ۽ وڏي پاءُ جي اجازت سان ساڻس شادي

ڪيائين. شاديءَ کان هڪ رات اڳ اولمر پياس خواب لڏو ته مٿس بجلي ڪري آهي ۽ فيلقوس وري ننڍ ۾ ڏٺو ته هو پنهنجي زال جي جسم تي مهر هڻي رهيو آهي ۽ ان مهر تي ببر شير جي تصوير اڪريل آهي. نجومين کيس ٻڌايو ته کيس هڪ پٽ ڄمندو جو طاقت ۽ شجاعت ۾ ببر شير وانگر هوندو. سڪندر جي ڄم جي تاريخ بلڪل اهائي هئي، جنهن ۾ ڊي آنا ديوي جي مندر ۾ باهه لڳي هئي. سڪندر جو رنگ ڏاڍو صاف ۽ ڳورو هيو ۽ ان جي ڳلن ۽ سيني تي هلڪي سرخي مائل هئي. ننڍي هوندي کان وٺي هو مهم جو هيو. شهرت ۽ ناموري حاصل ڪرڻ جو ڏيو هيو. ٻالڪپڻي ۾ هن غير معمولي بلند حوصلو، وسيع نظري ۽ عاليءَ ظرفي ظاهر ڪئي. مثلاً جڏهن ڪانئس پڇيو ويو ته، "ڇا هو (سڪندر) اولمپي راندين ۽ ڊوڙ ۾ حصو وٺندو؟، سڪندر جواب ڏنو ته بخوشي، بشرطيڪ ڇڙ وارن ۾ ٻيا بادشاهه ۽ مون سان شريڪ هجن."

سڪندر بادشاهن جي ڊوڙ ۾ حصي وٺڻ لاءِ تيار هيو، مگر عام راندیگرن جي قطار ۾ شامل ٿيڻ ڪونہ پئي گهريو.

ننڍي عمر ۾ پنهنجي پيءُ جي غير حاضريءَ ۾ ايراني سفيرن جي مهمان نوازي جو ۽ عجيب انتظام ڪيائين. سندن ملڪ ۽ ايشيا جي سٽڪن پنڌڻ ۽ پيچرن جي مفاصلي جو احوال ٻڌائي، لشکر ۽ دشمن سان لڙائيءَ جو طريقي جو بيان ڪري، کين پنهنجو گرويدو بڻائي ڇڏيو. اهي سندس عقل، حوصلي ۽ معلومات کان دنگ رهجي ويا. جڏن سڪندر اهو ٻڌندو هيو ته سندس پيءُ فلاڻي ملڪ ۾ قلعو فتح ڪيو آهي يا معرڪو ماريو آهي، تڏهن پنهنجي هڪ جيڏن کي چوندو هيو ته "معلوم ٿئي ٿو ته بابو سائين منهنجي ناموس لاءِ ڪوئي موقعو ڪونہ ڇڏيندو ۽ سڀ وڏا وڏا ڪارناما پاڻ سر ڪري ويندو." دراصل هن کي نمايان ڪارنامن ڪرڻ ۽ پنهنجي دست بازو جي قوت آزمائڻ جو ڏاڍو شوق هيو. دولت ۽ عيش عشرت جي سامان لاءِ کيس نفرت هئي. هن جي تمنا هئي ته کيس فتني فساد سان پريل سلطنت ورثي ۾ ملي، ته جيئن کيس جوهر ڏيکارڻ جو موقعو ملي. سڪندر جي تعليم وڏي اهتمام سان شروع ٿي. نوڪرن چاڪرن کان سواءِ مختلف علمن ۽ هنرن سان سينگارڻ لاءِ سندس ڪيترائي استاد ۽

ڪاريگر مقرر ٿيا. هيءُ شمشير زني، ڪمند اڇلائڻ، نيزي بازي، گھوڙي سواري ۽ ڪشتي ملهه ۾ ماهر ٿي ويو. جڏهن لٽسي جو باشندو فيلوني جس بوسفالس نالي گھوڙو فيلقوس وٽ آندو تڏهن ڪوبه ان تي سواري ڪري ڪونه سگھيو. جو چڙهڻ وقت هو سوار وانگر الف وانگر اُپو ٿي بيهندو هيو. ۽ آخر جڏهن گھوڙي کي واپس ڪرڻ جو خيال ڏيکاريو ويو. تڏهن سڪندر چوڻ لڳو ته "افسوس آهي جو پنهنجي ڪم همتي ۽ ناداني تي اهڙو گھوڙو وڃايو ٿا" ۽ "مان ان کي نيڪ ڪري سگھان ٿو." سيني جي حيرت جي حد ڪانه رهي، جڏهن سڪندر گھوڙي جي پٺي ٽپندو ساڻس گڏ پڇندي پڇندي مٿس چڙهي ويٺو ۽ گھوڙي کي پڇائي پڇائي پيءُ وٽ آيو تڏهن فيلقوس کيس چيو ته "پٽ، مقدونيه جي بادشاهي تو لاءِ تنگ آهي، تو لاءِ ڪا وڏي سلطنت هجي جا تنهنجي حوصلي مطابق هجي." جڏهن عمر، سمجهه ۽ عقل ۾ بالغ ٿيو. تڏهن سڪندر جو استاد پنهنجي وقت جو مشهور فيلسوف "ارسطو" مقرر ٿيو. جنهن کيس طب، تقرير، شاعري، سياست، حڪمت، تواريخ ۽ فنون لطيفه جي تعليم ڏني. ڪتابن جي مطالعي ۽ علم طب ۾ خاص دلچسپي رکندو هيو. هومر جو ايلڊ هميشه وهاڻي هينان خنجر ساڻ گڏ رکندو هيو. جڏهن فيلقوس بائيزنط تي چڙهائي ڪئي ۽ سڪندر کي مقدونيه ۾ پنهنجو جاءِ نشين مقرر ڪيو. تڏهن واندو وهڻ هن لاءِ ناممڪن هيو ۽ انهيءَ دوران هن علاقي "ميڊي" جي باغين کي اتان تڙي ڪڍيو. اليگزينڊر پولس يعني سڪندرآباد نالي شهر آباد ڪيائين. وري جڏهن پٽس جو ايرانين سان مقابلو ٿيو تڏهن هڪ رستي جو اڳواڻ ٿي اول اول وڃي ايرانين تي حملو ڪيائين. ڪنهن سبب ڪري فيلقوس سڪندر جي ماءُ "اولمپياس" کان پري رهڻ لڳو ۽ هن ٻي شادي "ڪليوپٽرا" نالي عورت سان ڪئي. گھرو جهيڙي ڪري ملڪ ۾ بيچيني پيدا ٿي پئي، جڏهن ڪنوار جي چاچي اتالوس شراب جي نشي ۾ مقدونيه وارن کي چيو ته: "دعا ڪريو ته منهنجي ڀائٽيءَ مان ملڪ جو حقيقي وارث پيدا ٿئي." تڏهن سڪندر جوش ۾ اچي شراب جو پيالو کيس هنيوڇو ته هن اٽسڌيءَ طرح کيس حرامي ڪوٺيو هو. فيلقوس پنهنجي نئين سهري جي پاءُ جو طرفدار ٿيو ۽ سڪندر تي جلهه ڪري آيو مگر نشي ۽ غصي ۾ سندس پير ٽڪي

پيو ۽ هو ڪري پيو. سڪندر وراڻيو ته هن شخص ڏانهن ڏسو جو يورپ ڇڏي ايشيا فتح ڪرڻ جا ارادا رکي ٿو، مگر ٻن وکن کڻڻ کان پوءِ ڪري پيو آهي. پوءِ سڪندر پنهنجي ماڻُ کي وٺي اليريه هليو ويو. هڪ دفعي فيلقوس پنهنجي امير زماراطوس کان يونانين جي باري ۾پڇيو ته هن جواب ڏنو ته جڏهن اوهان جو پنهنجو گهر جهيڙي سان پريو پيو آهي ته پوءِ ٻين لاءِ ڇا ٿا پچو؟ اِن برمحل ۽ برموقعي جي جواب فيلقوس تي ايترو اثر ڪيو جو ماڻهو موڪلي پنهنجي پٽ سڪندر کي گهرائي ورتائين. هڪ سازش ۾ فيلقوس ڪنهن باغي هٿان قتل ٿي ويو.

پيءُ جي قتل وقت سڪندر جي عمر ويهه سال هئي ۽ سندس تخت نشيني وقت حڪومت دشمنن جي خطري ۾ ويڑهيل هئي. مقدونيه جي آس پاس ڏاريون قومون سرڪشيءَ لاءِ تيار هيون. خود نئين فتح ڪيل يوناني علائقن جو انتظام درست ڪرڻ هو. هن همت ۽ حوصلي سان پر وارن تي حملو ڪيو. کين عبرتناڪ شڪست ڏيئي، ملڪ ۾ انتظام درست ڪيائين. ڪجهه وقت کان پوءِ يونانين هڪ وڏو جلسو ڪيو ۽ ان ۾ سڪندر کي پنهنجو ڪراءِ سپه سالار تسليم ڪيو ۽ ايرانين خلاف ڪيس مدد ڏيڻ جو انجام ڪيو. مگر حڪيم ديوجانس وٽس ڪونه آيو. هڪ دفعي جڏهن اتان لنگهندي سڪندر ڪيس اس ۾ ويٺل ڏٺو تڏهن وٽس آيو ۽ ڪيس چيائين ته، "اوهان کي جنهن ڳالهه جي خواهش هجي ته بيان ڪريو." ديوجانس وراڻيو ته، "ها، مان گهران ٿو ته تون اس ڇڏي پري ٿي بيهه." سڪندر جڏهن اِهو ڏٺو ته ايڏي وڏي حڪمران جي هيءُ مطلق پرواهه ڪونه ٿو ڪري، تڏهن کانئس ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ چيائين ته، "والله، اگر مان سڪندر نه هجان ها ته ديوجانس ٻڌجڻ جي آرزو ڪريان ها."

جڏهن سڪندر دنيا کي فتح ڪرڻ لاءِ ڊيلفيءَ جي مندر ۾ استخاره ڪرڻ ويو، اتفاق سان انهيءَ ڏينهن استخاره ڪرڻ جي ممانعت هئي. مندر جي خدمتگذار ملياڻي سندس سڏ تي ڪونه آئي ۽ مندر کولڻ کان انڪار ڪيو. تڏهن سڪندر وٽس ويو ۽ ڪيس زبردستي سان ڪڍرائي آيو ته سندس ضد کان ملياڻي متاثر ٿي چيو ته، "پٽ! تون ڪنهن به شيءِ کان هارائڻ وارو ڪونه آهين." سڪندر اهو فقرو پڪڙيو ۽ خوشيءَ مان چيائين ته،

"استخاري جو جواب ملي ويو." سڪندر جي فوج جو تعداد ٽيهه هزار پيادا ۽ چار هزار سوار هو. تيستائين ايشيا ۾ ايران تي چڙهائي ڪونه ڪيائين، جيستائين پنهنجي لشڪر جي ذرائع آمدني جو جائزو ڪونه ورتائين ۽ جن جو گذارو تنگ هو تن کي آباد زمين امداد ۾ ڏنائين، ايتري قدر جو سندس ذاتي جائداد ۽ املاڪ تقريباً تقسيم ٿي ويئي، تنهن تي هر دڪاس ڪانئس پڇيو تہ پاڻ وٽ باقي ڇا رهايو اٿوَ. تڏهن سڪندر هڪ لفظ وراڻيو تہ "اميد". اهڙيءَ طرح سڪندر جي ٻين دوستن، سردارن ۽ اميرن ٻہ جائداد ورهائي ڇڏي، پوءِ "تروي" وڃي مشهور قومي شاعر ڪراڪي ليس جي قبر جو طواف ڪري سندس قبر کي تيل سان ڏوتائين ۽ دارا جي لشڪر جي مقابلي لاءِ نڪري پيو. دره دانيال جو اپسمنڊ پار ڪري اچي درياڻي گرينيڪوس جي ڪناري تي پهتو ۽ ٻي ڪناري تي ايرانين جو لشڪر تيار ٻيٺو هو. سندس لشڪر جي سردارن صلاح ڏني تہ ڏينهن ڪافي گذري يو آهي، انڪري درياهہ اڄ ڪونہ ٽپجي ۽ ڪو ڇڪو گهيڙ ڳولهي اتان لهڻ گهرجي. پر سڪندر ڪٿي مڙڻ ۽ ٻيهڻ وارو هو. سوارن جي فوج سان درياهہ ۾ ٽپي پيو.

ٻئي ڪناري تي هڪ ڇڪو گهيڙ ڳولهي پار ٽپيو تہ ايراني سوارن مٿس حملو ڪيو. ٻہ ايراني سردار سڪندر تي چڙهي آيا. سڪندر ذري گهٽ زخمي ٿيڻ کان بچيو. ايتري ۾ سندس باقي لشڪر ٻہ اچي پهتو. باقائدي جنگ شروع ٿي ويئي، جنهن ۾ ايرانين کي شڪست فاش ملي. سڪندر کي وڏو مال غنيمت هٿ ۾ آيو. جو پنهنجي لشڪر ۾ ورهائي ڏنائين. ان لڙائي جي ڪري سڪندر جو سڪو ساموندي ڪناري وارن سيني علائقن تي ويهجي ويو ۽ هو سندس تابع ٿي ويا. ان کان پوءِ سڪندر ميديہ وارن کي مغلوب ڪيو ۽ فرغيہ تي قابض ٿيو ۽ پوءِ اتر طرف وڌيو ۽ پي فلوگونيا ۽ کي پي ڊوسيہ کي فتح ڪيو. اتي هن کي خبر پيئي تہ دارا جو مشهور اميرالبحر "ممنان" مري ويو آهي. ان مان خدشو اهو هو تہ يونانين کي اڳتي وڌڻ ڪونہ ڇڏيندو. ان دوران ايران جو بادشاهہ دارا پنهنجي ڇهہ لک فوج ونڊي سوس کان ڪوچ ڪري ڇڪو هو ۽ سڪندر شام مان ٽيندو اچي عراق ايران طرف رخ رکيو. ان وقت دارا جي فوج ۾ آمين تاس نالي هڪ مقدونوي شخص ٻڃي اچي پناهہ ورتي. هو سڪندر جي مزاج کان واقف هو.

تنهنڪري هن دارا کي گهٽو سمجهايو ته هو (دارا) سڪندر ڏانهن پهاڙي علائقي طرف نه وڃي، پر ميداني علائقي ۾ رهي،سڪندر جي ٿوري لشڪر کي پنهنجي گهٽي لشڪر جي گهيري ۾ آڻي تباهه ڪري. مگر دارا سندس نيڪ نصيحت تي عمل ڪونه ڪيو ۽ ائين چيائين ته سڪندر مون کان ڊڄي ٿو. تنهنڪري سندس پڄي وڃڻ کان اڳ ۾ وڃي کيس گرفتار ڪجي. اُنهيءَ ارادي سان تڪڙو تڪڙو ڪوچ ڪندو اچي پهاڙي علائقي ۾ سڪندر جي سامهون ٿيو. ٻنهي ڌرين جومقابلو شام ملڪ ۾ ٿيو. جو اُن وقت ايرانين جي قلمرو ۾ هو. لڙائيءَ جي ميدان ۾ سامونڊي نارايون، نهرون، ٽڪريون ۽ نالا حائل هئا. سڪندر ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دارا پنهنجي غلطي محسوس ڪئي. ڏاڍي ڪوشش ڪيائين ته پنهنجي وڏي فوج کي ميداني علائقي ۾ آڻي، پر ته تنگ ميدان ۾سندس وڏو لشڪر وبال جان بڻجي پيو هو. ان ڪري کيس لشڪر کيترن حصن ۾ورهائڻو پيو. مگر سڪندر پنهنجي سڄي ۽ ڪهي لشڪر کي اهڙيءَ طرح پکيڙيو. جو خود دارا محصور ٿي پيو ۽ اڳين صفن ۾ خود سڪندر پاڻ پنهنجي سر وڙهڻ نڪتو. ٿوري ڪشمڪش سان ايرانين ۾ ڀاڄ اچي پيئي. مڪمل فتح ۾ رهگو اها ڪسر رهجي ويئي، جو دارا ذري گهٽ گرفتاريءَ کان بچي نڪتو. اُن جنگ ۾ سڪندر کي ران تي ترار جو زخم پهتو ۽ ايرانين جو هڪ لک 10 هزار لشڪر چڙوچڙ ٿي ويو. مال غنيمت ۾ يونانين کي وڏو ساز سامان هٿ آيو. خاص دارا جو خيمون سڪندر لاءِ مخصوص ڪيو ويو جو سون، چاندي، عطر، مشڪ، ڪرسين، ڪوچن ۽ ٻئي سازسامان سان ڀريل هو. حمام به بلڪل تيار هو. سڪندر، دارا جي حمام ۾ غسل ڪري، دارا جي تخت تي ويٺو. دارا جو رٿ ۽ ڪمان، به ڪنواريون ڇوڪريون ۽ زال سڪندر جي قبضي ۾ آيون. سڪندر، دارا جي اهل عيال کي خاطري ڏني ته هن اِها لڙائي پنهنجي سِر بچاءَ لاءِ لڙي آهي ۽ نه ملڪ گيريءَ جي هوس لاءِ. سڪندر سندن شان مان آهر، سندن طعام ۽ قيام جو اعليٰ انتظام ڪيو. جو کين بلڪل اباڻي گهر وانگر آرام ۾ رکيائين؛ حالانڪه دارا جي زال ۽ ڇوڪري خوبصورت هيون، ته به سڪندر ڪڏهن به سندن خلوت خاني سان ڪوبه سروڪار ڪونه رکيو ۽ هميشه ائين چوندو هو ته پنهنجي نفس تي قابو رکڻ، دشمن تي غلبي کان بهتر آهي. سڪندر

شاديءَ کان اڳ مري ويل ايراني اميرالبحر جي ٻيوه "باريسه" کان سواءِ ٻي ڪنهن به عورت سان جسني تعلق ڪونه رکيو. حالانڪ مال غنيمت ۾ ڏاڍيون حسين ۽ جميل ڇوڪريون سندس سالار پيش ڪندا هئا، پر هو رڳو سندن حسن جي تعريف ڪري، کين خسيس شين وانگر واپس ڪري ڇڏيندو هو. جڏهن سڪندر کي ٻڌايو ويو ته ٽوڊورس سهڻن ڇوڪرن جو واپار ڪري ٿو. جي هن (سڪندر) کي ڪنهن غلمان جي ضرورت آهي ته هو ڏانهنس موڪلي ڏي. سڪندر وراڻيو ته جي سندس سامان تجارت غرق ٿئي ته بخدا هو خوش ٿيندو ۽ وڌيڪ چيائين ته ٽوڊورس، مون ۾ الائي ڪهڙي ڏلالت جهڙي ڳالهه ڏٺي آهي، جو مون کي اهڙي خواهش ٿو ڪري. هڪ دفعي جڏهن سڪندر کي خبر پئي ته سندس ٻن سپاهين، ڪن پرديسي عورتن جي آبرو ريزي ڪئي آهي، تڏهن سڀه سالار ڏانهن تاڪيدي حڪم ڪيائين ته تحقيقات کان پوءِ مجرمن کي انهن درندن وانگر قتل ڪيو وڃي، جي رڳو نوع انسان جي ايذاءِ لاءِ خلقيل آهن. اُن خط ۾ وڌيڪ لکيائين ته مون اڄ ڏينهن تائين دارا جي زال ۽ ڏيئرن جي شڪل به ڪونه ڏٺي آهي ۽ نه وري انهن جي حسن جي تعريف روبرو ٻڌڻ گهران ٿو. هو گهٽوڪري چوندو هو ته ننڊ، جم ۽ موت جو سلسلو ڏسي، مون کي هميشه پنهنجو فاني هجڻ ياد اچي ٿو. جنهن جي ٻين لفظن ۾ اها معنيٰ آهي ته خوشي غم ٻنهي جو اصلي سبب ساڳيو آهي، جو اُهي ٻئي فطرت انساني جي ڪمزوري ۽ نفساني پيرويءَ لاءِ پيدا ٿيا آهن. سڪندر کي عمدي کاڌي جي به تانگهه ڪونه هوندي هئي، ان لاءِ چوندو هو ته رات جو عمدي کاڌي جي تانگهه هجي ته ڏينهن جو گهٽ کائجي ۽ محنت ڪجي ته رات جو سادو کاڌو به عمدو محسوس ٿيندو. دراصل سڪندر شراب جو به ايترو پياسي ڪونه هو. رڳو ڪم کان پوءِ فرصت ۾ شراب جو پيالو اکين آڏو رکيو، ڳالهيون پيو ڪندو هو. پيئندو ٿورو هومگر ڪچهري گهڻي ڪندو هو. واندڪائيءَ جي زماني ۾ پهريائين ديوتائن جي نالي تي قرباني ڪرڻ، کاڌو کائي شڪار ڪرڻ، مطالعي ۽ ملکي ۽ جنگي امور تي راءِ زني ڪندو هو. کاڌي جي معاملي ۾ ايترو پابند هو، جو جيڪو کاڌو پاڻ کائيندو هو، تنهن سان ئي سردارن، اميرن ۽ سالارن جي تواضع ڪندو هو ۽ پوءِ پنهنجي راءِ جو

اظهار خيال ڪندو هو. وقتي خوشامد پسند بہ هو، جو تہ حاضرينن کي ضرور پنهنجي راءِ جي اظهار ڪندي، خوشامد ۽ تحسين ڪرٽي پوندي هئي.

رات جو دير تائين، جڏهن خاص محفل برخواست ٿيندي هئي، تڏهن وري غسل ڪري سمهي پوندو هو ۽ صبح جو نيرن، بلڪ منجهند تائين سمهيو پيو هوندو هو. شام جي فتح کان پوءِ قبرص ۽ فنيقيہ جو علائقو سندس زيرنگين آيو، مگر "صور" صوبي جي فتح لاءِ ڪيس ست مهينا گهيرو ڪرٽو پيو. انهيءَ محاصري جي دوران، سڪندر جي فوج جي هڪ دستي عربن تي بہ حملو ڪيو ۽ ان ۾ ذري گهٽ موت کان بچي ويو. سڪندر "صور" تي هڪ ڏينهن ايترو سخت حملو ڪيو ۽ بار بار ايتريون سخت يلغارون ڪيون، جو سندس جوش ڏسي، سندس لشڪر بہ ساهہ جو سانگو لاهي اچي قلعي تي ڪڙڪيو ۽ فتح جو سهرو هميشه وانگر سڪندر جي سِرَ تي رهيو. شام جي هي شهر غازه جي فتح بہ سڪندر کي تڪليف ڏني، پر نيٺ اهو بہ فتح ٿي ويو. شام جي فتح کان پوءِ سڪندر مصر ڏانهن روانو ٿيو. ڏاڍا ڪشالا ڪڍي، ڏونگر ڏوري، برپٽ بيابان لتاڙي اچي مصر پهتو. معمولي مقابلي کان پوءِ ڪامياب ٿيو. دريائي نيل ۽ سمند جي وچ تي اسڪندريہ شهر آباد ڪيو. مصر کان فينقيہ واپس وريو، اتي ڪيس دارا جو قاصد مليو ۽ ڪيس صلح جي آڇ ڪيائين تہ قيدين جي آزاديءَ جو فديہ ڏهہ هزار سونا سڪا، فرات کان پرين پر وارو ملڪ ۽ پنهنجي ڏيءَ شادي ۾ ڏيئي صلح پئي گهريائين، مگر سڪندر چورائي موڪليو تہ اول پنهنجو پاڻ کي زنده منهنجي حوالي ڪر، پوءِ هر قسم جي مهرباني ممڪن آهي. انهيءَ دوران دارا جي گهر واري ويم ۾ گذاري ويئي. سڪندر کي ڏاڍو ڏک ٿيو، مگر سندس ڪفن دفن شاهاڻي نموني ڪرايائين. مرڻ واري راڻي جو خاص اردلي موقعو ونڊي پڄي دارا تائين پهتو ۽ ڪيس راڻي جي وفات جو ذڪر ڪيو. دارا ڏاڍو رنو، چيائين تہ "افسوس! ايرانين جي اهڙي تہ بدقسمتي آهي جو سندن شاهاڻي گهراڻي جو آل اولاد قيد ۽ بند ۾ آهي." مگر ڪيس اردلي قسم ويساک ڪٽي دلداري ڏني تہ اتي بلڪل گهر وانگر آرام ۾ آهن ۽ سندن عزت آبرو ۾ گهٽتائي ڪونہ آئي آهي. سڪندر جهڙو لڙائيءَ ۾ خوفناڪ آهي اوترو ئي فتح کان پوءِ نرم دل آهي.

هاڻي سڪندر سڄو فرات ۾ ايشيا فتح ڪري دارا جي طرف وڌيو جو ڏهه لک فوج سان مقابلي لاءِ اچي رهيو هو. جڏهن سڪندر جي سپهه سالارن دارا جو ايڏو وڏو لشڪر ۽ ساز سامان ڏٺو تڏهن دهلجي ويا ۽ ڪيس صلاح ڏنائون ته ڏينهن جو ايڏي ساري لشڪر جو مقابلو ناممڪن آهي، تنهنڪري دشمن تي رات جو شبخون هڻجي. تنهن تي سڪندر اهو تواريخي جواب ڏنو ته مان فتح کي چورائڻ ڪونہ ٿو گهران.

"I don't want to steal the victory"

ڪن ماڻهن جي نظر ۾ سڪندر جو اهو جواب ٻاراڻي بيهودگي هو. پر ڪي ان کي خوداعتمادي ۽ قوت بازو جو دليل پيا سمجهن. ڇو ته شبخون سان فتح حاصل ڪرڻ دارا کي ٽين لڙائي لاءِ آماده ڪرڻو هو. جو پهرين لڙائي کي هو موقعي، موسم ۽ ماحول جي خرابي ۽ ٽاڪرو سرزمين ۽ اتفاقي بدنصيبي جو بهانو ڏيئي نئين سر ويڙهه لاءِ تيار ٿيو هو. جڏهن يوناني فوجي سالار واپس وريا، تڏهن سڪندر پنهنجي تنبو ۾ بيخوف ٿي سمهي پيو سڄي رات گهري ننڊ ۾ سمهيو رهيو. جو صبح جو سندس آفيسر اهو ڏسي حيران ٿي ويا ۽ صلاح ڪيائون ته سڪندر جي جاڳڻ کان اڳ ۾ يلي فوج کاڏو کائي فارغ ٿئي. آخر ٻنهي فوجن جي صف بندي ٿي ويئي ۽ لڙائي شروع ٿي. سڪندر يونانين جي آڏو مؤثر تقرير ڪئي. ان وقت ارس تن در نجومي لشڪر کي هڪ عقاب ڏيکاريو جو سڪندر جي سرتي دشمن جي طرف اڏامي رهيو هو. سڪندر جو اهو خاص نشان ڏسي ۽ نيڪ فال سمجهي دشمن تي هلان ڪري ويا ۽ ان تي وڃي ڪڙڪيا. دشمن ۾ اچي ڀاڄ پيئي. سڪندر انهن کي گهيري ۾ آڻي گڏ ڪيو. سڪندر دارا تي حملو ڪيو سندس جان فروش بادشاهه جي آڏو ڪتجي ويا، انهن نمڪ حلالن جي لاش جا ڍير لڳي ويا، مگر سڪرات ۾ به حملہ آورن جي گهوڙن جي پيرن سان وچڙي ڪين اڳتي وڌڻ کان رندايائون پئي. جڏهن دارا ڏٺو ته سندس فوجي بادي گارد منتشر ويا آهن ۽ پاڻ زخمي ٿي پيو آهي تڏهن ڀاڄ ۾ غنيمت سمجهيائين. رٿ جي ڦيٽن جي اوسي پاسي ۾ ايترا ته لاش پيا هئا، جو رٿ جو هلڻ ته بجاءِ پر چرڙ پرڙ ٻ ڏکيو هو. دارا هڪ گهوڙي جنهن کي پنهنجي ڏر کان جدا ڪري وٺي آيو هو. تي چڙهي وٺي ڀڳو. عين ان وقت ايراني سالار

لشکر "مازيٽوس" جي هڪ دستي کي چڪر ڏيارائي اچي سڪندر جي خيمہ گاهہ تي حملو ڪيو. يوناني سالار "پارمينو" پريشانيءَ ۾ سڪندر ڏانهن چوارائي موڪليو تہ خيمہ گاهہ جي حفاظت لاءِ فوج موڪليو جو ان تي ايرانين حملو ڪيو آهي. سڪندر کي ناگوار گذريو تہ اوڏانهن ڪجهہ فوج موڪلي ڇو تہ فتح ڪامل ۾ باقي ٿوري دير رهجي ويئي هئي. جيڪڏهن سڪندر اوڏانهن پنهنجي فوج ڪونہ موڪلي ها تہ ايراني شهنشاهہ دارا اتي گرفتار ٿي پوي ها. هن فيصلہ ڪن جنگ ۾ ايراني سلطنت جو بظاهر خاتمو ٿي ويو ۽ هاڻي ايشيا جي تخت لاءِ سڪندر جو ٻيو ڪوبہ حريف ڪونہ رهيو. سڪندر دارا جي تخت تي رونق افروز ٿيو ۽ پنهنجي سردارن ۽ سپهہ سالارن کي جاگيرون، عهدا، انعام اڪرام بخشيا ۽ بي انداز مال غنيمت سپاهين ۾ ورهايو ويو. ايراني خزاني ۾ درپائي نيل ۽ ڏئنيوب جو پاڻي بہ عظمت سلطنت نمائي لاءِ رکيو هو. ايران خاص ۾ داخل ٿيڻ جو رستو تمام مشڪل هو، حالانڪہ دارا ايران جي وچ ۾ وڃي پهتو هو تہ بہ رستي جي گهٽ گهيڙن تي ايراني سردارن جا پهريدار بينل هئا. مگر سڪندر هڪ نيم ايراني رهبر جي مدد سان دارا جو ڪاميابيءَ سان پيڇو ڪيو. دارا جي دارالسلطنت ۽ محلات تي وڃي قبضو ڪيائين، ۽ اتي هن کي ايترو تہ مال غنيمت مليو جو ان جي کڻائڻ لاءِ پنج هزار خچر ۽ ويهہ هزار اُٺ مهيا ڪرڻا پيا. سڪندر طبعاً سخي هو. جيترو گهڻو مال غنيمت کيس مليو ٿي، اوتري وڌيڪ بخشش انعام اڪرام پئي ڪيائين، پر سندس سردار ۽ سپهہ سالار گهڻي دولت ڪري عيش پرست ٿي پيا. معمولي تيل جي بجاءِ قيمتي عطر عنبير لڳائڻ شروع ڪيائون، زربفت ۽ ڪيمخواب جون پوشاڪون پهرڻ لڳا. سڪندر کين ٽوڪيو تہ سچي عيش جي لذت پاڻ ڪم ڪرڻ ۾ آهي ۽ نہ ٻين کان ڪم ڪرائڻ ۾. سڪندر نہ فقط زباني نصيحت ڪندو رهيو پر خطري جي ڪمن ۾ اڳي کان وڌيڪ ٽپي پوندو هو ۽ جنگي ورزش ۾ بہ اڳي کان سوايو پئي نظر آيو. اسپارٽا جو سفير سڪندر جي جنگي ڪرتبن ۾ جانفشاني ڏسي دنگ رهجي ويو ۽ هڪ دفعي شڪار ڪندي قوي الجثہ ببر شير سان سڪندر اڪيلو مقابلو ڪري کيس زير ڪيو. تڏهن مذڪور سفير چيو تہ واقعي شير ۽ تو ۾ بادشاهي

تنهنجو حق آهي. سڪندر چاهيندو هو ته سندس ساٿي به هن جي پيروي ڪن، پر گهٽي دولت ڪين آرام پسند بڻائي ڇڏيو هو ۽ هو سخت جاني جي ڪرتبن کان لهرائڻ لڳا.

سڪندر باقي فوج ڇڏي مختصر فوج سان دارا جو يارنهن ڏينهن تعاقب ڪري 450 ميلن جي مفاصلي تي وڃي ڪيس جهليو. سڪندر جي فوج کي ڏاڍا جاکوڑا ڪيڏا پيا ۽ پريشاني پسٽي پيئي، پر خاص ڪري پاٽيءَ جي آٽهوند ڪين تنگ ڪيو. ان دوران سڪندر جي هڪ سپاهي ڪٽان هڪ گلاس پاٽيءَ جو هٿ ڪري آٽي سڪندر کي ڏنو. جڏهن باقي سپاهي ڪيس لالچي نظرن سان ڏسي رهيا هئا. سڪندر اهو گلاس ائين جو ائين، هڪ به ڏُڪ پيٽ کان سواءِ واپس ڪيو ته جي مان اڪيلو پاٽي پي اُڄ لاهيندس ته باقي سيني جي دلشڪني ٿي پوندي. جڏهن سپاهين اهڙو ايثار ڏٺو تڏهن يڪ آواز ٿي چيائون ته اسان کي اعتراض ڪونهي، مگر سڪندر ڪونه مڃيو. سپاهي بک ۽ اُڄ جي باوجود به ڪوچ ڪرڻ لڳا ۽ چيائون ته جڏهن اسان جو بادشاهه به اسان سان گڏ اُڃيو ۽ بکيو هلي ٿو ته اسان کي ڪهڙي پرواهه آهي؟ آخرڪار وڃي بيابان جي وچ ۾ هڪ خيابان ۾ دارا جي ويجهو وڃي ڪڙڪيا، تنبن ۾ پاڇ پئجي ويئي. مال متاع، زر ۽ جواهر هيٺ پکڙيا پيا هئا. حسين جميل عورتون هيڏانهن هوڏانهن پاڇ ۾ هيون.مگر افسوس جو هيڏي جدوجهد کان پوءِ دارا مليو پر هڪ رت ۾ ٻڏل لاش، سو به سڪرات جي حالت ۾ لڏو ويو. سندس بدن تيرن جي زخمن سان پريل هو ۽ ڪنهن گهڙي سوا جو مهمان هو. يونانين کان پاٽي گهريائين. جڏهن "پولي ٽراٽس" کيس ٽڏو پاٽي پياريو. تڏهن چيائين ته اها منهنجي ڪيڏي نه بدقسمتي چئجي جو جيڪو منهنجي آخر وقت ۾ ڪم اچن تن جي احسان جو بدلو مان ڏيئي ڪونه سگهان، ۽ پوءِ سڃو هٿ "ٽراٽس" سان ملايائين، ۽ کيس وصيت ڪيائين تہ اهو ساڳيو هٿ منهنجي (دارا) طرفان سڪندر سان ميلائي ۽ قيد ٿيل اهل عيال کي آرام ۾ رکڻ لاءِ سندس طرفان شڪريو ادا ڪري. جهٽ کان پوءِ سڪندر اچي دارا جي لاش مٿان بيٺو ۽ پنهنجي قيمتي چوغو لاهي لاش تي وڌو. شاهاٽي شان سان دارا جي لاش کي دفنايو ويو. دارا جي پاڻ اڪشاتريش تي خاص نوازشون ڪيائين، ۽ڪيس پنهنجي

دوستن ۾ شامل ڪيائين. ايران کان پوءِ سڪندر پنهنجي سڃي لشکر سان گڏ پار ٽيا (ترڪستان) روانو ٿيو ۽ اتي پهريون مرتبو غير ملڪي لباس پهريائين. ننڍا ننڍا قلعا ۽ شهر فتح ڪيائين. مگر سندس لشکر مال غنيمت سان ايتري قدر پرجي چڪوهو. جو پهريون دفعو لشکر واپس ورڻ جو اظهار ڪيو. سڪندر سڃي فوج جي سامهون تقرير ڪئي ته، "جنهن جي مرضي هجي سو پلي واپس وري، مان پاڻ اڪيلو وڃڻ جي خيال جو آهيان. پر ائين سو ضرور چوندس ته جڏهن مان يونانين کي سڃي دنيا جو بادشاهه بنائڻ لاءِ وٺي پئي ويس، تڏهن سواءِ ٿورن جان نثارن جي باقي سڀ اڏ کان موڪلي ويا." انهيءَ جو خاطر خواهه نتيجو نڪتو ۽ سيني يڪ آواز ٿي سڪندر سان هلڻ لاءِ آواز اُٺاريو. سڪندر ترڪن تي نوازشون ڪيون ۽ انهن جون ڪجهه رسمون رواج استعمال ڪري کين يوناني طور طريق جي ويجهو آندو. ۽ اتان جي هڪ رقاصه "روشنڪ" (رڪسانه/رخسانه) سان پڻ شادي ڪري ترڪن کي پنهنجو ڪيائين. هت سڪندر سان هڪ ناخوشگوار واقعو درپيش آيو جو سندس دوست ۽ سالار "فلوطاس"، نشي جي حالت ۾ سڪندر سان سامهون ٿيو ۽ ضد پڄي ويو. سڪندر بہ جذبات ۾ اچي کيس پنهنجي خنجر سان قتل ڪيو. مگر مقتول جي لاش وانگر سڪندر بہ تڏو ٿي ويو ۽ دوست جي قتل تي روج راڙو ڪرڻ لڳو ۽ سڃي رات سڏڪا پريندو رهيو ۽ ٻيو سڄو ڏينهن بہ تنبو ۾ اڪيلو گذاريائين. پوءِ سندس خاص دوست ۽ فيلسوف "انڪسارجس" ڏهن نشين ڪرايو ته مقتول جو قتل سندس بيوقوفي ۽ ناسازگار واقعن جي ڪري اتفاقي موت هو. پوءِ سڪندر وري اچي سردارن جي ڪچهريءَ ۾ وينو ۽ فوجي ڪاروبارن ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو ۽ ٻيو قتل پنهنجي دوست "هرمالوس" کي هڪ سازش جي الزام ۾ ڪرايائين، جنهن ۾ هو رڳو پنهنجي زبان درازي ۽ بيوقوفيءَ جي ڪري منسوب ٿي ويو. هاڻي سڪندر جي مزاج ۾ رکائي اچي ويئي ۽ ترڪستان کان پوءِ سڪندر سنڌ ۽ هند جي مهم ۾ افغانستان ۽ سرحدي قومن سان جهڙپ ۾ زخمي ٿي پيو.

هاڻي سڪندر سنڌ ۽ هند تي حملي ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري چڪو هو ، مگر اهو ڏسي متفڪر ٿيو ته سندس سپاهي مال غنيمت سان

ايتري قدر پرجي چڪا هئا، جو سامان ساڻ کڻي هلڻ انهن لاءِ وبال جان بڻجي پيو. انهيءَ مسئلي کي هن ائين حل ڪيو جو هڪ ٻاهه جو آڙاهه ٻارايائين، ان ۾ پنهنجي قيمتي سامان کان سواءِ ٻيو معمولي سامان وجهرايائين ۽ پوءِ پنهنجي خاص همنشينن کي اشارو ڪيائين، جن سڪندر جي پيرويءَ ۾ پنهنجو عام رواجي مال غنيمت ساڻيو. ائين اهڙو ته چهڪٽو ۽ چرچو لڳو. جو انهن جي ريس تي باقي سپاهين ۾ نعرا هڻندي پنهنجو وزني سامان ٻاهه ۾ ساڻيو. چگو خاصو ميلو لڳو. اهو اهڙو تعجب خيز منظر هو جو خود سڪندر جو حوصلو وڌي ويو ۽ اڳتي فتوحات جو ارادو پختو ٿي ويو. مگر هاڻي سڪندر مزاج جو اهڙو سخت ٿي پيو. جو ماڻهن کي خسيس خطائن تي سخت سزائون ڏيڻ لڳو. "مناندر"، جو سندس دوستن ۾ شمار ٿيندو هو. ان کي انهيءَ ڏوهه ۾ قتل ڪرايو ويو ته هو هڪ قلعو جتي سڪندر کيس هڪ فوج جي دستي سان مقرر ڪيو هو، چڏي ويو هو. انهن ڏينهن ۾ هڪ ردِ وبائي، جنهن هڪ اهڙو عجيب غريب قر ڇڻيو. جنهن جي سِر تي هوبهو تاج جي صورت ٺهيل هئي ۽ ٻنهي طرفن ٽيلهيون لٽڪيل هيون. سڪندر پنهنجي سردارن کي چيو ته مون کي پنهنجو ڪوبہ ڏک ڪونہ آهي، پر ارمان اِهو آهي ته مون کان پوءِ سلطنت نااهل سپهہ سالارن جي هٿ اچي ويندي. هاڻي هت سڪندر کي آب و هوا جي خرابي ۽ رسد جي اٽهوند نقصان پهچايو. مگر هو ڪنهن مصيبت کي خيال ۾ آڻڻ وارو ڪونہ هو. سڪندر جي حڪم سان ڪيترن قلعن جو گهيرو ڪيو ويو. پر "نيسہ" جي گهيري سڪندر جي سپاهين کي بي همٽ ڪري ڇڏيو. تنهن هوندي بہ سڪندري بخت اتي بہ ڪيس ڪونہ ڇڏيو. قلعو فتح ٿي ويو ۽ ٻين قلعن جون سفارتون بہ سڪندر وٽ آيون.

انڊو پاڪستان (سنڌ ۽ هند) ۾ ٽڪسيلا (راولپنڊي لڳ) جي راجا جي سلطنت مصر جي برابر وسيع هئي ۽ پنهنجي سرسبزي، شادابي ۽ ميوي جي گهڻائيءَ ڪري ممتاز هئي. خود راجا بہ عقلمنديءَ ۾ مشهور هو. سڪندر سان پهرين ملاقات ۾ اجهو هن طرح گفتگو ٿي: "اسان پاڻ ۾ ناحق ڇو وڙهون. جڏهن توهان جو هتي اچڻ جو مقصد اسان جو داڻو پاڻي بند ڪرڻ ڪونہ آهي، حالانڪہ اُهي اهڙيون شيون آهن جنهن لاءِ عقلمند بہ جنگ

ڪرڻ لاءِ مجبور هوندا آهن. باقي رهيو مال متاع، زر ۽ جواهر، سو جي مون وٽ وڌيڪ آهي تہ مان خوشيءَ سان توکي حصي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، اگر تو وٽ مون کان وڌيڪ نڪري تہ تنهنجي احسانمند ٻڌجڻ لاءِ بہ مون کي ڪو عار ڪونہ آهي.“ سڪندر اِهو جواب ٻڌي ڪيس پاڪر پاتو ۽ سندس تحفن کان ڪيس وڌيڪ سوغاتون ڏنائين ۽ ڪيس هڪ هزار ٽيلينٽ ڏيئي پنهنجي فياضيءَ جو نقش ويهاريو. ايڏي وڏي رقم اهڙي خسيس ڳالهہ تي لٽائڻ سڪندر جي رفيقن کي ناگوار گذري. البت سنڌين ۾ سندس وڏي شهرت ٿي ۽ گهٽا ان جا مداح ٻڌجي ويا. مگر هينئر سنڌي جوڌا جوان ميدان ۾ نڪري چڪا هئا. ننڍين رياستن جي راجائن ڪيس ڇاپہ مار حملن سان پريشان ڪري ڇڏيو. انهن سپاهين وانگر سڪندر کي سنڌي فيلسوفن ۽ استادن بہ سک سان ويهڻ ڪونہ ڏنو. هو گشت ڪري آزاد رياستن جي عوام، فوجين، حاڪمن ۽ سردارن کي بچاءَ واريءَ جنگ لاءِ همٿائي رهيا هئا ۽ جن راجائن سڪندر جي آڻ مڃي هئي، تن جو تبرو ڪري رهيا هئا. انهن مان ڪن کي سڪندر قيد ڪرائي ڦاسي ڏيارائي. سڪندر پنهنجي ڊائريءَ ۾ فور سنڌي (راجہ پورس) جي لڙاين جو احوال خود پاڻ لکيو آهي. هو لکي ٿو تہ: ”فريقين جي وچ ۾ جهلم درياهہ حائل هو. درياهہ جي ٻي طرف هاٿين جي لشڪر جي قطار پهرو ڏيئي رهي هئي درياهہ جي گهاٽ ۽ گهيڙن تي فوجي چوڪيون قائم هيون ۽ مان (سڪندر) روزانہ پنهنجي لشڪر ۾ نعرا ۽ نغارا ۽ لڙ گوڙ ڪرائي رهيو هئس تہ جيئن اسان جي موجودگيءَ جو ڪين احساس هجي. آخرڪار هڪ اونداهي رات جو جڏهن برسات وسي رهي هئي، ڪجهہ چونڊيل سوار ونڊي هڪ سوڙهو گهيڙ لهي راجا جي لشڪر کان پري وڃي درياءَ داخل ٿيس. اڃان سير ۾ هئاسين تہ وڇن وسڪارو ڪيو ۽ گجگوڙ جو گهمسان شروع ٿيو. برسات ۽ طوفان ڪري جهلم ٽمٽار پئي وهيو ۽ درياهہ جا ڪنارا ڪاڇي ويا هئا، ان ڪري ڪناري تي لهڻ ڪري ڏاڍيون دقتون درپيش آيون ۽ ڊٻڻ واري زمين تي پيرن جو ٽِڪڻ ڏکيو هو.“

سڪندر جو خيال بلڪل صحيح نڪتو. جو سندس مقابلو اول اول پورس جي گهوڙڀ ۽ هاٿي سوارن سان ٿيو. جنهن لاءِ سندس چونڊيل سپاهي ڪافي هئا. راجا جا هڪ هزار سوار ۽ ست جنگي رٿ پنهنجي لشڪر کان

ايائي ميل پري اچي سڪندر سان وڇڙيا. جن مان چار سؤ سوار قتل ٿيا ۽ هڪ رڻ صحيح سلامت واپس ڪونہ وريو سي سپيئي يونانين گرفتار ڪيا. ان دوران پورس ائين اندازو لاتو تہ سڪندر درياهہ پار ڪيو آهي. ان ڪري پنهنجي سڃي فوج ونڊي لڙائيءَ لاءِ نڪتو آهي، سڪندر سڃي لشڪر سان مقابلي تارڻ لاءِ پنهنجي فوج کي ٻن حصن ۾ ورهائي دشمن جي سڃي پاسي تي پاڻ وڃي ڪڙڪيو ۽ ڪهي تي ڪينوس وڃي وڃ وانگر ڇاپو هنيو. هيءَ تدبير نهايت ڪامياب ويئي، جو دشمن جو ڪهو ۽ سڃو طرف تڏي پيو ۽ لشڪر اچي قلب (وچ ۾) گڏ ٿيو. جنهن کي سڪندر گهيري ۾ آندو. مگر راجائي لشڪر جمي وڙهيو ۽ ڏينهن جو اڻن ڪلاڪن کان پوءِ ڇڙوڇڙ ٿي ويا، پر باوجود شڪست جي يونانين کي بہ مفلوج ڪري وڌائون. سيئي يوناني مورخ انهيءَ روايت ۾ متفق آهن تہ پورس چار هٿ ڊگهو ۽ پنهنجي وڏي جسم هاڻي تي ويڙل هيو ۽ ان تي اهڙو ٽهڪي پئي آيو جيئن ڪو سوار پنهنجي گهوڙي تي. ان هاڻي بہ لڙائي ۾ عجيب غريب جو هر ڏيڪاريا، جو جيستائين سندس مالڪ صحيح سلامت لڙائي ورهي رهيو هو تہ هاڻي وڏي دليريءَ اسان ان جو بچاءُ ڪري رهيو هو ۽ حملہ ڪندڙن کي ويڇهو اڇڻ ڪونہ ٿي ڇڏيائين، مگر جڏهن تيرن جي زخمن سان چور ٿي راجا بي وس ٿيو تہ هن نمڪ حلال جانور کيس هيٺ ڪرڻ ڪونہ ڇڏيو. مگر هوريان گوڏن پر جهڪيو ۽ سونڊ سان ان جا تير ٻاهر ڪيڻ لڳو. پورس جڏهن گرفتار ٿي آيو سڪندڙ پڇيس تہ "توسان ڪهڙي هلت هلجي؟" پورس وراڻيو "جهڙي بادشاهہ بادشاهن سان هلندا آهن." سڪندر بہ ڪيس مايوس ڪونہ ڪيو. مگر خود سندس ملڪ کان سواءِ ٻين ڪيترن آزاد قومن جا ملڪ، جي يونانين پنهنجي ٻانهن جي ٻل سان فتح ڪيا هئا، کيس بخش ڪيا، ان جي صوبہ داري ۾ پندرهن قومن جي بيشمار ڳوٺن کان سواءِ پنج هزار وڌا وسندڙ واهڻ ۽ شهر بہ شامل هئا. پورس جي لڙائي کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ سڪندر جو پيارو گهوڙو "بوسي فلس" مري ويو. سڪندر کي سندس وفات جو ايڏو تہ ڏک ٿيو. جيترو ڪنهن عزيز جو ٿئي ۽ ان جي يادگيريءَ ۾ جهلم جي ڪناري هڪ شهر "بوسي فلس" آباد ڪرايو ۽ چون ٿا تہ سڪندر پنهنجي پياري ڪتي پري تاس (شايد، گهٽو ڪري روتاس جو

قلعو جو ضلع جهلم ۾ واقع آهي) جي نالي تي پڻ شهر ٻڌو ۽ قلعو اڏايو. پورس سان آخري جنگ ۾ منظم مقابلي مقدونيہ وارن جي همٿ ٽوڙي وڌي ۽ هندوستان طرف اڳتي وڌڻ کان روڪي ڇڏيو. انهن ڏنو تہ پورس ڇڙو ويهہ هزار پيادہ ۽ ٻہ هزار سوارن سان اهڙو سخت مقابلو ڪيو جو حملہ آورن جا حوصلا خطا ٿي ويا. ۽ جڏهن لشڪر اهو ٻڌو تہ گنگا ندي جو پيٽ ٻٽيهہ فرلانگ ۽ گهرائي هڪ سو گز آهي ۽ ٻنهي ڪنارن سان گنبار تان ۽ پريسيان جا مهاراجا اسي اسي هزار رٿ ۽ سوار ۽ ڇهہ ڇهہ هزار هاٿي ۽ ٻہ لک پيادن جي مسلح هٿياربند فوج سان لڙائيءَ لاءِ تيار ٻيٺا آهن. تڏهن سينٽي يڪراءِ ٿي سڪندر جي هندوستان طرف وڌڻ جي راءِ جي سخت مخالفت ڪئي. ۽ اهي ڳالهيون بي بنياد ڪونہ هيون. ڇو تہ ٿورا ڏينهن پوءِ سڪندر جي موٽڻ کان پوءِ چندر گپت جڏهن ملڪ جو حڪمران ٿيو تہ هڪ ئي دفعي پنج هزار هاٿي سيليوڪس ڏانهن ڏياري موڪليا ۽ ڇهہ لک فوج سان سڄو هندوستان فتح ڪيو. دراصل سنڊي سورمن سڪندر جي فوج کي ٽوٽا ڇٻايا ۽ کين واپس موٽڻ ۾ سلامتي نظر آئي. سڪندر سپاهين ۽ سالارن جي راءِ آڏو پنهنجو سرخم تسليم ڪيو. ۽ واٽ تي موجوده سنڊ مان لنگهندي ڪيترا يادگار ساڻ ڇڏيندو ويو. ۽ ڪيترائي منارا ۽ قلعا ٺهرائيندو ويو. غالباً سيوهڙ ۽ رني ڪوٽ انهيءَ دور جا يوناني يادگار آهن. سڪندر درياهہ سنڊ جو ڪنارو ڏيئي واپس وريو. واٽ تي ديوتائن جي نالي تي قرباني ڪندو ويو. هاٿي سڪندر کي سمنڊ ڏسڻ جي اچي تڪڙ ٿي. تڪڙو تڪڙو ڪوچ ڪندو اچي سامونڊي ڪناري تي پهتو. سامونڊي ڪناري جي ويجهو ننڍا وڏا قلعا ۽ ڪوٽ فتح ڪندو اڳتي وڌيو. واٽ تي سمنڊ جي ڪناري (غالباً ٺٽي، ڪراچي ۽ مڪران، لس ٻيلي جي سامونڊي ڪناري. هنن جاٽايل جاين جو تعين مترجم ڪيو آهي) سندس مقابلو سنڌين جي ويڙهو قوم ملين سان ٿيو. جنهن ۾ سڪندر ذري گهٽ پنهنجي حياتي وڃائي هئي. يونانين قلعي تي حملو ڪيو ۽ ڪمند وجهي قلعي جي ديوار تي چڙهي ويا. ايتري ۾ ڪمند ٽٽي پيو ۽ سڪندر ٻين ٻن سپاهين سان قلعي جي پٽ تي رهجي ويا. سڪندر پٽ جي ٻاهران ٽپي ڏيڻ بدران قلعي اندر ٽپو ڏنو تہ مٿس 8_10 ملي حملو ڪري آيا ۽ ڪيس زخمي ڪري وڌائون

تہ ايتري ۾ پت تان سندس ٻيا ساٿي بہ سڪندر جي پيرويءَ ۾ هيٺ ٽپي پيا ۽ اچي سڪندر کي بچايائون. وري جڏهن يونانين کي سڪندر جي احوال جي خبر پيئي سي بہ جانفشانيءَ ڪري پت ٽپي اندر آيا ۽ عام لڙائيءَ ۾ هميشہ وانگر سڪندر ئي سوپارو ٿيو. هن لڙائيءَ ۾ اهو بہ افواهہ ٿيو تہ سڪندر قتل ٿي ويو آهي! سڪندر کي بيهوش لڏو ويو ۽ گهٽو عرصو بستري داخل رهيو. انهيءَ دريائي ۽ ساموندي سفر ۾ ڏهہ سنڌي حڪيم گرفتار ٿيا، جن کي يوناني جمنو سافسٽ (اگهاڙا حڪيم) ڪري چوندا هئا جي سباس قوم کي سندس برخلاف پڙڪائي رهيا يا. مٿيان حڪيم حاضر جوابي ۽ ڏکين سوالن جي حل ڪرڻ ۽ پرولين سلڻ ۾ اعليٰ مهارت رکندا هئا. سڪندر کين چيو تہ جي جواب اڻ پورا ۽ غلط هوندا تہ سندن سري ڏڙ کان جدا ڪبو. پهرين کان پڇيائون: تہ، مري ويلن جو ڳاڻاٽو وڌيڪ آهي يا جيئرن جو. جواب ملیو تہ، "جيئرن جو، ڇو تہ جي مري چڪا انهن جو وجود ئي ڪونہ رهيو آهي." ٻئي کان پڇيائين تہ سمند ۾ جانور وڌيڪ پيدا ٿين ٿا يا خشڪي (زمين) تي؟ جواب ملیو تہ "خشڪي تي، ڇو تہ سمنڊ تہ خود زمين جو جزو آهي." ٽين کان سوال پڇيو تہ جانورن مان سڀ کان چالاڪ جانور ڪهڙو آهي؟ جواب، "اهو جو ايجا تائين انسان کي دستياب ٿي ڪونہ سگهيو." چوٿين کان دريافت ڪيو تہ، پلا اهو ڪهڙو دليل هيو جو سباس قوم کي منهنجي برخلاف اپارڻ ۾ توهان استعمال ڪيو؟ جواب، "ڪجهہ بہ نہ، سواءِ ان جي تہ يا انهن کي ذلت سان زنده رهڻ گهرجي يا شرافت جي موت مرڻ گهرجي." پنجين کان پڇيو تہ، "رات ۽ ڏينهن مان پهريائين ڪير پيدا ٿيو؟ (ڪنهن جي عمر وڏي آهي؟)." جواب، "ڏينهن! جو رات کان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن ضرور وڏو آهي. وري ڪائنس پڇيو تہ ڪهڙو عمل آدمي کي نهايت محبوب ۽ هر دلعزيز بڻائي ٿو؟ چيائين تہ "قوت، بشرطيڪ ماڻهن کي مرعوب ۽ مخوف نہ ڪري." ستين کان پڇيو تہ، "ڪهڙي طريقي استعمال ڪرڻ سان انسان الله (لافاني) بڻجي وڃي" جواب ملیو تہ، "اهڙن ڪمن سان جي ماڻهن جي نظر ۾ ناممڪن العمل هجن." اٺين پنهنجي سوال جي جواب ۾ وراڻيو تہ "موت ۽ زندگيءَ مان زياده طاقتور زندگي آهي، جو ايترين مصيبتن سهڻ کان پوءِ بہ حوصلو رکي ٿي." آخري شخص کان پڇيو تہ آدمي

کي کڻڻي وقت تائين جيئڻ مناسب ۽ پسنديده آهي؟ جواب آيو ته "جيستائين زندگي کان وڌيڪ موت جي خواهش هجي." آخر ۾ سڪندر سيني کي تحفا ڏيئي آزاد ڪيو ۽ کين جيئدان ڏنائين.

سڪندر جا فيلسوف سنڌي رشي ڏنڀاميش سان مليا. جيڪو ساڻن اخلاص سان مليو. ۽ سقراط، فيثاغورث ۽ ديوجانس جا حڪيمانہ قول ٻڌي چيو ته "منهنجي خيال موجب اُهي وڏا قابل قدر ۽ عظيم انسان هئا رڳو انهيءَ ڳالهہ ۾ ڀُليا ته انهن کي پنهنجي ملڪ جي قاعدي قانون ۽ سماج جو ڏاڍو لحاظ هو." روايت آهي ته مشهور سنڌي فيلسوف "ڪالي نوس" سڪندر کان پڇيو ته سندس ايترو دور دراز اچڻ جو مقصد ڇا آهي؟ پوءِ هڪ سڪل کل جي هڪ طرف بيهي رهيو ته ان طرف هيٺ جهڪي، مگر ٻين طرفن کان اڪڙجي بيهي رهي. وري جڏهن آڪڙيل طرف ٻيٺو ته جهڪيل طرف مٿي ٿي وئي. پر جڏهن کل جي وچ تي ٻيٺو ته سڄي کل سڌي ٿي ويئي. انهيءَ عملي سبق جو مقصد هو ته سڪندر کي گهٽو وقت دارالحڪومت ۾ گذارڻ گهرجي.

پوءِ سڪندر ست مهينا عربي سمنڊ ۾ ساموندي سفر ڪيو ۽ پوءِ ڪجهہ لشڪر سمنڊ رستي مڪران، لس ٻيلي ۽ ايشيا مائنر ۽ ايراني نار جي رستي موڪليائين ۽ پاڻ خشڪي رستي وطن واپس وريو. واٽ تي ڪيس خشڪي سفر ۾ سخت تڪليفون درپيش آيون، ڇو ته اهو ملڪ (غالباً لس ٻيلو) ويران، پڙپانگ ۽ غير آباد هو. اتان جا رهاڪو ڏاڍا مفلس ۽ تنگ دست هئا، جن جي سڄي موڙي ۽ ملڪيت صرف ريڍون هيون ۽ اُهي بہ اهڙون ڏٻريون ۽ ڪريل هيون جو سندن گوشت بدبودار هو. سڪندر جي فوج کي سامان رسد ميسر ڪونہ آيو. پر جي آيو ته انهن مان طرح طرح جا مرض نڪري نروار ٿيا. نتيجو اهو نڪتو جو وڏو لشڪر، جنهن ۾ هڪ لک ۽ 20 هزار پيادا ۽ 15 هزار سوار هئا، سي سنڌ مان واپسي وقت چوٿون حصو بہ ڪونہ رهيا. وڏو لشڪر بک، وبائي بيمارين ۽ گرميءَ جي تپت کان هلاڪ ٿي ويو. خاص ڪري ڪاڌي جي شين جي ڏڪر ڏاڍو نقصان پهچايو. سڀ ڏينهن جي سفر جي مشقت ڪانپوءِ يوناني لشڪر موجوده مڪران ۾ داخل ٿيو. جتي سامان رسد فراواني سان هٿ آيو. جو آس پاس جي بادشاهن ۽

والين سندس آمد جي خبر ٻڌي اول ئي ڪاڌي جو انتظام ڪري ڇڏيو هو. اُتي پنهنجي فوج کي آرام ڏيئي ڪرمان جي رستي اڳتي وڌيو ۽ سڄي وات ستن ڏينهن تائين جشن ملهائيندو هليو. پاڻ پنهنجي خاص دلي دوستن سان گڏ هڪ وڏي تخت تي سوار ويٺو رهيو. جنهن ۾ اٺ گهوڙا جوٽيل هئا، جنهن تي ڏينهن رات عيش جي محفل متل هئي ۽ سندس پويان رٿن جي قطار هئي، جن تي قيمتي ڪپڙا لٽڪيل هئا. سندس دوست ۽ لشڪر جا سپہ سالار شراب نوشي ۾ مشغول هئا. اهڙيءَ طرح باقي سپاهين کي بہ تلوار جي مُٺي بدران شراب جي صراحي جي گردن هٿ ۾ هئي ۽ سپاهي هڪبي جي ياد جو پيالو پُر ڪري پي رهيا هئا ۽ سُرندي جي سُر تي منڙا آلاپ ڳائي رهيا هئا. عراق ۾ سندس اميرالبحر "نيارڪس" بہ ساٺس ساموندي فوج سان گڏيو ۽ ساموندي سفر جو اهڙو دلڪش نقشو ڪيو جو سڪندر ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ان لاءِ آماده ٿيو تہ عرب ۽ آفريقا کان ڦري جبرالٽر کان ٽپي بحرِ روم ۾ داخل ٿجي. انهيءَ ارادي جي پوئواري لاءِ ٽپساڪوس (موصل) وٽ ٻيڙن ٻُهڙ جي ڪم جا حڪم ڏيڻ ڇڏيائين. ۽ ڪجهہ جهاز جڙي بہ ويا، مگر ان تجويز تي عمل ٿي ڪونہ سگهيو. جو سلطنت جي حالت جي تقاضا ڪجهہ ٻي هئي، جو هر طرف کان شورش ۽ فساد جي خبرن ڪيس مجبور ڪيو تہ بحري سفر جي مزي وٺڻ کان اول پنهنجي گهر جي خبر وٺجي.

دراصل ڳالهہ اها هئي تہ جڏهن کان وٽي قديم سنڌ ۾ سندس مشڪلات جو چرچو ڦهليو ۽ ملين (سنڌي سورمن) جي هٿان سندس موت جي خبر اُٽي ۽ تنهن کان سواءِ سنڌ کان واپس ورڻ تي سندس بي رغبي عام ٿي ويئي ۽ سڪندري بخت لوڏن ۾ اچي ويو. ان کان سواءِ سندس ڪن گورنرن رعيت تي اهڙيون شرمناڪ سختيون ڪيون، جو شورش ناگزير ٻڌجي ويئي، جو مفتوحہ علاقن ۾ هلچل مچي ويئي ۽ ملڪن ۾ انقلاب جو خدشو پيدا ٿي پيو. خود مقدونيہ ۾ سندس ماٽيلي مائرن ڪلوپٽرا ۽ اولمپياس جو جهيڙو لڳو پيو هو. اپيروس تي اولمپياس متصرف هئي ۽ مقدونيہ خاص تي ڪلوپٽرا جو قبضو هو.

دارالحڪومت سوس ۾ سڪندر پنهنجي شادي دارا جي ڌيءَ "استاترا" سان ڪئي، ۽ ان سان گڏ ڪيترن سردارن کي بہ وڏ گهراٽي ايرانين

اميرزادين سان پرٽايائين. شادي وڏي ڌام ڏوم سان ٿي، جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ نو هزار مهمان شريڪ ٿيا، جن مان هر هڪ کي هڪ سو نو پيالو رسم رواج ادا ڪرڻ لاءِ ڏنو ويو ۽ ٻين فياضين سان گڏ اهل فوج جا سڀ قرض چڪايا ويا، جي جمي نو هزار اٺ سؤسترهن ٽيلينٽ هئا (هڪ ٽيلينٽ) برابر ساڍا ٽي هزار روپيا) . همدان پهچي وري سڪندر عيش عشرت جي محفل ۾ گم ٿي ويو. ٽي هزار گويا ۽ مسخرا يونان کان پهچي چڪا هئا، مگر سڪندر کي هڪ سخت ناگوار واقعو پيش آيو، جو سندس دوست "هفس شيان" جي موت جو واقعو هو. جيڪو پُڳل ڪُڪڙ جي مٿان شراب پيئڻ ڪري بدپرهيزي سبب وفات ڪري ويو هو.

انهيءَ افسوسناڪ واقعي سڪندر کي حال کان بي حال بنائي ڇڏيو. اظهار غم ڪري انهيءَ وقت اهو حڪم ڏنائين ته سيني گهوڙن ۽ خچرن جا ڇڄ ۽ بشڪون وڏيون وڃن ۽ پروارن سيني ڪوٽن ۽ قلعن جا برج ۽ ڪنگرا ڪيرايا وڃن. غريب طبيب کي قاسيءَ تي لٽڪايو ويو ۽ لشڪر ۾ پڙهو گهمايو ويو ته ڪوبہ گانو بجانو ساز سرود ڪوبہ وڄائي. پوءِ سڪندر بابل جي طرف وڌيو. واٽ تي خالديہ قبيلي جي رمالن سڪندر جو بابل ۾ وڃڻ منحوس قرارڏنو مگر سڪندر کابہ پرواهہ ڪانہ ڪئي ۽ ڪوچ جاري رکيو. بابل جي شهر پناهہ وٽ ڪيترا ڪانوَ وڙهندا نظر آيا، جن مان کي بلڪل سڪندر جي آڏو اچي ڪريا ۽ مئا. اهڙن بدسوڀن جوسلسلو جاري رهيو. مثلاً هڪ پالپل گڏهہ انون هڻي هڪ ببر شير کي هلاڪ ڪيو. حالانڪ هو هڪ طاقتور ۽ قوي الجثہ سڪندر جو پالپل شير هو. هاڻي سڪندر ڪجهہ وهمي طبيعت جو ۽ شڪي مزاج ٻڌجي ٿيو.

جڏهن ايرانين سندس پوڄا شروع ڪئي، تڏهن سندس خاص يوناني دوست ڪانئس ڪناره ڪش رهڻ لڳا. سڪندر غم غلط ڪرڻ لاءِ وري عيش عشرت ۽ شراب نوشيءَ جو سلسلو شروع ڪيو ۽ پنهنجي اميرالبحر نيار ڪس جي اعزاز ۾ هڪ پُرتڪلف ضيافت ڪئي. اتان واندو ٿي معمول مطابق پنهنجي غسلخاني ڏانهن وڃي رهيو هو ته سندس سپهہ سالار ۽ سردار ميدوش کيس روڪيو ۽ کيس پاڻ سان گڏ ڪاڏي ڪائڻ جي درخواست ڪئي. سڪندر ساڻس ويو ۽ ٻئي ڏينهن صبح کان شام تائين برابر شراب پيئندو رهيو. اتي سندس طبيعت بگڙي پيئي ۽ کيس بخار اچي ورتو. سڪندر،

جنهن ايترن بادشاهن کي مغلوب ڪيو. ڪيترن مانجهي مردِ ميدان مڙسن کي ماري مڃايو. سو نيٺ موت کان مفتوح ٿيو. سندس مرڻ کان پوءِ سندس جاءِ نشينيءَ لاءِ سندس سپهه سالارن ۾ ويڙهه شروع ٿي. سڪندر جو لاش بي گور و ڪفن ڪيترا ڏينهن انهيءَ ڪمري ۾ پيو هو. آخرڪار سندس سلطنت سندس سپهه سالارن ورهائي ڪنئي. ان کان پوءِ سڪندر جو لاش بہ دفن ڪيو ويو. مرڻ کان پوءِ سڪندر پنهنجي مئل لاش جي معرفت خلق لاءِ عملي هدايت ۽ عبرت جو سبق ڇڏيو. اها وصيت ڪيائين تہ سندس ٻيئي هٿ ڪفن کان ٻاهر ڪڍيا وڃن تہ خلق، جنهن ڪيس شهنشاهيت جي دوران ڏٺو هو، کي معلوم ٿئي تہ سڪندر هڪ عام انسان وانگر ساڻئي راهہ رباني وٺي رمندو رهيو.

(تہ ماهي مهراڻ تان ورتل)

الهندو هندوستان

اليگزينڊر ڪننگهام

شين سئنگ جي چواٽيءَ موجب الهندو هندستان مڪيہ ٽن پاڻن ۾ ورهايل هو. هڪ پاڻو سنڌ، ٻيو گرجارا (Gurjjara) ۽ ٽيون بلهي (Balahi) وارو حصو. سنڌ ۾ سنڌو ماٿري وارو سارو علائقو سارو پنجاب، سنڌ ويندي سمنڊ تائين ۽ ڪڇ شامل هو. ٻئي پاڻي ۾ راجپوتانا جو اولاهيون حصو هندستاني ٿر گڏيل هو. ٽئين حصي ۾ گجرات وارو حصو ۽ ڪڇ ساموندي ڪناري وارا علائقا شامل هوندا هئا.

سنڌ

ستين صديءَ ۾ سنڌ ۾ چار صوبا هوندا هئا، پر جاگرافيائي ٻيهڪ مطابق مان انهن جو سري، وچولي، لاڙ ۽ ڪڇ (٣٦٨) جي نالي سان بيان ڪندس. اهي سيئي علائقا هڪ راجا جي راج ۾ شامل هوندا هئا ۽ راجا پاڻ سري ۾ رهندو هو. شين سئنگ ٦٤١ع ڌاران هتي آيو هو. سندس بيان آهي تہ اهو راجا سيو_ تو_ لو (Siu. To. Lo) يعني شودر هو. ڇڇ جي زماني ۾

سندس وزير ٻڌيمن کيس ٻڌايو هو ته سنڌ جا چار صوبا آهن. هر هڪ صوبي جو راجا الڳ آهي. جيڪو چچ کان اڳئين دور وارن حڪمرانن جو ڏن پيرو هوندو هو. (٣٦٩) چيو وڃي ٿو ته هن کان اڳ به ڪفند (٣٧٠) جي پٽ آيند جي زماني ۾ سنڌ انتظامي طور چئن صوبن ۾ ورهايل هوندي هئي. هي راجا سڪندر کان پوءِ سنڌ جو راجا هو. مذڪوره چار صوبا هي هئا: زور Zor، اسڪلندوسا (Askalandusa)، سامد (Samid) ۽ لوهاٽو هو. جن جو بيان شين سئنگ جي سفرنامي ۾ ڏنل جاگرافيائي بيهڪ کي ڏيان ۾ رکي ڪيو ويندو.

سرو

اتر سنڌ کي عام طور "سري" جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: "سر" يا مٿيون حصو. شين سئنگ جي بيان مطابق هن علاقي جو گهيرو (Circuit) ست هزار لي يا يارنهن سو ستهٺ ميل آهي. منهنجي خيال موجب اهو وڏائي ٻڌايو ويو آهي. امڪان آهي ته هن ۾ اولهه پاسي وارو ڪڇي ۽ گنداوا وارو علائقو به شامل ڪيو ويو هجي، حقيقت به اها نظر اچي ٿي ته جڏهن سنڌ جو راجا سگهارو هوندو هو ته پنهنجي ٻل جي آڌار تي ڪڇي ۽ گنداوا وارو علائقو پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪري ڇڏيندو هو. چچ يا ان کان اڳئين دور جا حڪمران به ايئن ڪندا آيا هئا. تنهن ڪري ڇئي سگهجي ٿو ته سري واري علائقي ۾ سنڌو درياهه جي اولهه پار ڪڇي گنداوا، ڪاهان، شڪارپور، لاڙڪاڻو ۽ اوپر پاسي سبزل ڪوٽ ۽ خيرپور وارا علائقا هوندا هئا. اهڙيءَ ريت چوڌاري دنگن جي ڌار ڌار ڊيگهه هيءَ وڃي بيهندي. اتر تي سو چاليهه ميل- اولهه ۾ سو پنجاهه ميل- اوپر هڪ سو اسي ميل ۽ ڏکڻ ۾ سو ستٺ ميل. حساب ڪرڻ سان ڪل ماپ ۾ هزار ٽيهه ميل ٿئي ٿي، جيڪا شين سئنگ جي ٻڌايل ماپ جي ويجهو آهي.

ستين صديءَ ۾ هن علائقي جي راڄڌاني کي پي- چين- پو- پُو- لو Pi_chen_po_pu_ lo نالي سان سڏيو ويندو هو. ايم- جولين هن کي ويچوا پورا Vichava_ pura سمجهي ٿو. ايم ووين ڊي سينٽ مارٽن مذڪوره نالي کي سنسڪرت جو لفظ ويچالپورا Vichalapura لکيو آهي، يعني سنڌ

جي وچ واري علائقي جو شهر. هن علائقي کي سنڌ جا ماڻهو وچولو سڏيندا آهن. سنڌي پنجابي هن لفظ لاءِ "وچ" جو لفظ ڪتب آڻيندا آهن. هندي ۽ بوليءَ ۾ هن کي "بيچ" چيو ويندو آهي ۽ اهي سنسڪرت جا لفظ ڪوٺ آهن. هن بوليءَ ۾ وچ کي "مڌيه" چيو ويندو آهي. شين سئنگ هميشه مقامي لفظ ڪم آندا آهن. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته هن شهر جو نالو هندي اچار "بيچ پور" ٿي سگهي ٿو يعني وچ وارو شهر Middle city. پر هن گهڻو ڪري سنسڪرت جا لفظ ڪم آندا آهن. تنهن ڪري اسان لاءِ اها ضروري ڳالهه آهي. ته اسين پي- چين- پو- پو – لو نالي شهر لاءِ اصلي سنسڪرت جي لغت کي جاچي ڏسون.

اسان کي پراڻين روايتن ۾ مؤرخن جي حوالن مان پتو پوي ٿو ته شين سئنگ کان گهڻو وقت اڳي ۽ ٿورو وقت پوءِ سنڌ جي راڄڌاني اروڙ هو. نظر ايئن اچي ٿو ته اروڙ ان قديم مشهور شهر جو ضرور ٻيو نالو آهي، پر ٻي راڄڌاني نه آهي. هندو دور ۾ اهو رواج هوندو هو ته مشهور ۽ وڏن شهرن کي ڪيترن ٻين نالن سان پڻ سڏيو ويندو هو. جهڙيءَ ريت اسان ملتان جي مامري ۾ ذڪر ڪري آيا آهيون. اهڙن شهرن جا ڪي نالا شاعرانه انداز ۾ لکيا ويندا هئا. مشهور شهر پٽالپٽرا Patal putra کي ڪُسم پورا يعني "گل" سڏيو ويندو هو. ناڙوار Narwar کي پدم وتي يعني "ڪنول" ڪوٺيو ويندو هو. ڪن شهرن جا ٻيا نالا بياني هوندا آهن ۽ فطري ڏيک ڪري مٿن ڏريا ويندا آهن، جهڙوڪ مشهور شهر ڪاشي کي ورناسي يا بنارس به سڏيو ويندو آهي. چاڪاڻ ته مذڪوره شهر ورنا Varana ۽ آسي Asi نالي ٻن نئن جي وچ تي اڏيل آهي. اهڙيءَ ريت قنوج کي ڪينا ڪبجا Kanya kubja به سڏيو ويندو هو. جنهن جي معنيٰ آهي ڪُٻڙو Humpbacked جنهن جو اشارو هڪ مشهور ڏند ڪٿا ڏانهن آهي. مٿين ڳالهين مان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو ته ٻن جدا نالن مان اهو مطلب هرگز نه ونڊ گهرجي ته تڏهن ڪي به راڄڌانيون هيون. ٿي سگهي ٿو ته پراڻي شهر جو اهو ڪو نئون لقب هجي. اهو به امڪان آهي ته شهر جو اصلي نالو ئي اهو هجي ۽ ٿوري وقت لاءِ ٻئي نالي سندس جاءِ ورتي هجي. اها به هڪ حقيقت آهي ته سنڌ جي ڪنهن مؤرخ اروڙ جو ڪو ٻيو نالو ڪوٺ ڏنو آهي. ان ڪري اسان کي پڪ ٿئي ٿي

ته شين سڱنگ جي زماني ۾ به هن شهر جو نالو اروڙ هوندو ۽ پي- چين- پو- پو- لو سندس ٻيو نالو هوندو.

هتي اهم ڳالهه اها ڏسڻ ۾ اچي ٿي ته هن شهر جي سڃاڻ بابت اڄان به وڏيڪ پڪ پئي ڪئي ويجي. چاڪاڻ ته چيني ياتريءَ هن راڄڌانيءَ کي سنڌوءَ جي اولهه ۾ ڏيکاريو آهي، پر موجوده زماني ۾ اروڙ جو ٽرڙ سنڌوءَ جي اوپارئين پاسي آهي. هن فرق هوندي به مذڪوره شهر جي سڃاڻپ پڪي آهي. ان جو سبب اهو آهي ته قديم دور ۾ سنڌو ندي اروڙ کان اوپاريون پاسو ڏئي وهندي هئي ۽ اڄي دريا جي پراڻي پيٽ ۾ پوندي هئي، جنهن کي نارو سڏيو ويندو هو. ان وهڪري جو رخ راجا ڏاهر جي زماني تائين ڪونه مٽيو هو. (۳۷۱). شين سڱنگ جي اچڻ کان پنجاهه سال پوءِ به اها صورتحال هئي. اروڙ کان درياه جي هٿي ويڙ واري واقعي کي هتان جا مؤرخ راجا ڏاهر جي قهرن ۽ ڪلورن سان ڳنڍيين ٿا. اصل ۾ درياه جي وهڪرن جو ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪڍن ڪرتوتن سان ڪوبه واسطو ڪونه آهي، پر حقيقت اها آهي ته ان زماني ۾ پنجاب وارن علاقن مان وهندڙ سيني درياهن جو رخ گهٽو الهندي ڏانهن لڙي ويو. ان ڪري سنڌوءَ کي به اولهه ڏانهن رخ موڙڻو پيو. ان جو پيو ڪارڻ ڏرتيءَ جو ڦيرو آهي، جيڪا پنهنجي فطرت موجب اوپر کان اولهه ڦرندي رهندي آهي ۽ درياه الهندي ڏانهن رخ موڙيندا رهندا آهن. (۳۷۲). قديم دور ۾ سنڌو درياهه اروڙ کان اوپاريون پاسو ڏئي ٺاڪر و علاقي وچان وهندو هو. پر جيئن ته سندس آر الهندي هو تنهن ڪري روهڙيءَ جي اترئين علاقي مان پنهنجو پيٽ بدلائي روهڙي ۽ بکر جي وچان ٽڪرين جي وٽين منجهان وهڻ لڳو.[1] درياه جي رخ موڙڻ واري هن واقعي کي راجا ڏاهر جي پوئين زماني سان ڳنديو ويجي ٿو. امڪان آهي ته مذڪوره واقعو سندس

[1] خواجه خضر جي آستان مان لڌل ڪتبي مان پتو پوي ٿو ته درياه اروڙ کي سنه ۳۴۱هه ڌاران ڇڏيو آهي. (ڏسو هينري ڪزنس جو "ائنٽيڪئٽير آف سنڌ" جڏهن ناصر قباچه (وفات ٦٢١) اُچ جو حڪمران هو ته بکر جو قلعو هڪ ٽڪريءَ تي تعمير ٽيل نظر اچي ٿو. اها ٽڪري اڄ سوڌو درياه جي وچ پيٽ ۾ ڏسڻ ۾ ايندي آهي. اهو قلعو محمود غزنوي جي حملي جي ذڪر ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي ۽ نه وري ڏاهر جي دور ۾ نظر اچي ٿو. هن مان معلوم ٿئي ٿو ته اها درياهي تبديلي ڏاهر جي راج کان اڳ ۾ صديون پوءِ آيل ٽي يانئجي. (مترجم)

راج گاديءَ تي ويهڻ کان ستت پوءِ ٦٨٠ع ڌاران ٽيو هجي. ڇاکاڻ ته محمد بن قاسم جڏهن پٽيهارو سال کان پوءِ ٧١١ع ۾ اروڙ تي حملو ڪيو هو ته ڪيس سنڌوءَ جو وهڪرو پار ڪرڻو پيو هو.[1] هن ڳالهه مان اها پڪ ٿئي ٿي ته ٧١١ع کان اڳ پنجاب مان وهندڙ سيني درياڻن جو رخ گهڻو الهندي ڏانهن لڙي ويو. ان ڪري سنڌوءَ کي به اولهه ڏانهن رخ موڙڻو پيو. ان جو ٻيو ڪارڻ ڏرتيءَ جو ڦيرو آهي، جيڪا پنهنجي فطرت موجب اوير کان اولهه ڦرندي رهندي آهي ۽ درياهه الهندي ڏانهن رخ موڙيندا رهندا آهن. (372). قديم دور ۾ سنڌو، اروڙ کان اوپاريون پاسو ڏئي ٺاڪرو علاقي وچان وهندو هو. پر جيئن ته سندس آر الهندي هو تنهن ڪري روهڙيءَ جي اترئين علاقي مان پنهنجو پيٽ بدلائي روهڙيءَ ۽ بکر جي وچان ٽڪرين جي وٽين منجهان وهڻ لڳو.[2] درياه جي رخ موڙڻ واري هن واقعي کي راجا ڏاهر جي پوئين زماني سان ڳنڍيو وڃي ٿو. امڪان آهي ته مذڪوره واقعو سندس راج گاديءَ آهي. هن وهڪري جي صفا اوپارين ڇاڙهه (درياءَ جي شاخ) ڪپري جو ڏکڻ اوپر ڏئي عمرڪوٽ رسي ٽي ۽ اتان ڏکڻ- اولهه جو رخ ڪري ونگا بازار ۽ رحمڪي بازار کان ٽيندي رڻ جي ڪڇ ۾ داخل ٿي وڃي ٿي. هن ڇاڙهه کي

[1] شين سئنگ پنهنجي بيان ۾ صحيح نظر اچي ٿو. ڇاکاڻ ته سنڌو اروڙ کان اوپر ڪڏهن به ڪونه رهيو آهي. راجا ڏاهر جي زماني ۾ سنڌوءَ جو مکيه وهڪرو ڪنڊ ڪوٽ ۽ شڪارپور واري مشهور ڏوري وارو پيٽ ڏئي وهندو هو جنهن کي ايڇا تائين "سنڌ" سڏيو ويندو آهي. ڊاڪٽر نواز علي شوق جو ڳوٺ رحمت آباد، ڪنڊڪوٽ ويجهو ان سنڌ ڏوري جي ڪنڊيءَ تي آهي. ان جو ننڍو وهڪرو اڳتي وڃي اروڙ جي ماڳن مهراڻ يا هاڪڙي جي الهندي شاخ سان ملندو هو. اتان وري ٽي درياڻي وهڪرا ڦٽندا هئا. هڪ مهراڻ يا هاڪڙي جي الهندي شاخ هئي جيڪا ڏکڻ هلي، مساعدي وٽ هاڪڙي يا مهراڻ جي وڏي وهڪري سان ملندي هئي. اهو گڏيل وهڪرو ڪلريءَ وٽان به درياهيءَ جي صورت اختيار ڪندو هو.

[2] خواجه خضر جي آستان مان لڌل ڪتبي مان پتو پوي ٿو ته درياه اروڙ کي سنه ٣٤١هـ ڌاران ڇڏيو آهي. (ڏسو هينري ڪزنس جو "انٽيڪئٽير آف سنڌ" جڏهن ناصر قباچه (وفات ٦٢١) اُچ جو حڪمران هو ته بکر جو قلعو هڪ ٽڪريءَ تي تعمير ٿيل نظر اچي ٿو. اها ٽڪري اڄ سوڌو درياه جي وچ پيٽ ۾ ڏسڻ ۾ ايندي آهي. اهو قلعو محمود غزنوي جي حملي جي ذڪر ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي ۽ نه وري ڏاهر جي دور ۾ نظر اچي ٿو. هن مان معلوم ٿئي ٿو ته اها درياهي تبديلي ڏاهر جي راج کان اڳ به صديون پوءِ آيل ٽي پائنٽجي. (مترجم)

"ناري" جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. اولهائين ڦات جو نالو پراڻ يا پراٽو درياه هو جيڪو برهمڻ آباد ۾ نصرپور کان ٽيندو حيدرآباد جو رخ ڪندو هو ۽ ان ماڳ کان هيٺ ٻن ڦاٽن ۾ ورهائجي ويندو هو. انهن مان هڪ حيدرآباد کان پندرنهن ميل هيٺ ۽ جهرڪن کان ۱۲ ميل اتر سنڌوءَ جي موجوده وهڪري سان ملندو ڏسڻ ۾ ايندو. ٻئي ڦات کي گوني سڏيو ويندو هو جيڪو ڏکڻ- اوپر جو رخ ڪري رحمڪي بازار کان مٿان ناري سان ملي ويندو آهي. پراڻ ۽ ناري جي وچ ۾ ٻيا ٻه ٻه وهڪرا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جيڪي جڪڙائو کان هينان هڪ وهڪري مان ڇڇي ٻه دريائيءَ جي صورت اختيار ڪن ٿا. پر سندن پراٽن پيٽن جي گهٽي ڇاڻ ڪاڦ آهي. ناري واري علائقي جو مٽيون پاسو يعني اروڙ کان ونڊي جڪڙائوءَ تائين هاٽي سڪي ويو آهي ۽ سندس پراٽي پيٽ ۾ واري پئي اڏامندي آهي. سنڌوءَ ۾ جڏهن چاڙه ايندو آهي تہ هيءُ پراٽو وهڪرو ٻه وهي ايندو آهي. سندس منهن کان جاميجي Jamigi تائين اولهه پاسي الور وارين ٽڪرين جو سلسلو نظر ايندو. هن ماڳ تائين مذڪوره وهڪري جو پيٽ ٻه سؤ کان ٽي سؤ فوٽ ۽ ترو ويهه فوٽ اونهون ڏسبو. جاميجيءَ کان جڪڙائو تائين سندس پيٽ جي ويڪر ڇهه سؤ فٽ ۽ تري جي اونهائي ٻارنهن فوٽ کن ٽيندي، ٻنهي ڪنڊين سان پٽون ڏسڻ ۾ ايندیون. جڪڙائو کان هيٺ ناري جي اولاهينءَ ڪنڊي سان پٽون نظر ڪونہ ايندیون. هنن ماڳن وٽ رسي، ناري جو پيٽ تمام گهٽو پکڙجي وڃي ٽو ۽ آخر ٻن مکيہ ڇاڙهن ۾ ونڊجي وڃي ٽو. اهي ئي وهڪرا وڏيڪ تانگها ۽ ويڪرا ٽيندا اڳتي وڌندا نظر ايندا. انهن مان اولهائون وهڪرو هڪ ميدان ۾ پهچي دنگ ڪري ٽو، اوپر وارو وهڪرو هلندو وڃي پاٽيءَ جي وڏين ڇرن ۾ پوي ٽو. اهي ٻئي وهڪرا هالا ۽ ڪپري سامهون پهچي وري ظاهر ٽين ٿا ۽ اهو رخ اختيار ڪن ٿا، جن جو ذڪر مٽي ڪيو ويو آهي. (۳۷۳).

اتر سنڌ جا قديم شهر هي آهن: اروڙ روهڙي، بکر ۽ لاڙڪاٽي پرسان ماهوٽا. ٻيا ٻه ڪيترائي شهر آهن، جن جو سڪندر، چچ، محمد بن قاسم، شاه حسين ارغون جي حملن دوران ذڪر ملندو. پر منجهن فاصلن جو ذڪر ڪونہ ڪيو ويو آهي، ان ڪري جن شهرن جا نالا بنهہ بدلجي ويا آهن، تن کي سجاڻڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. سڪندر جي حملي دوران مسٽاءِ Masssanae،

سوگدي Sogdi، موسي ڪاني Musikani ۽ پرائيستي Praesti جا نالا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. مون کي پڪ آهي ته اهي شهر ضرور اتر سنڌ ۾ آهن. جن کي آڳ سيڃاڻڻ لاءِ جاکوڙي رهيو آهيان.

مسناءِ ۽ سودراءَ Sodrae يا سوگدي

پنجاب جي درياهن جي سنگم وٽ آهن. جتان سڪندر سنڌوءَ وسيلي ٻيڙا هاڪاري سوگدي ڏانهن اسهيو هو (۳۷۴). ائرين جي بيان مطابق هتي سڪندر پنهنجي نالي هڪ ٻئي شهر جو بنياد رکيو هو. ڊايو ڊورس (۳۷۵). هنن ساڳين ماڻهن کي ٻئي نالي سان سڏي ٿو. سندس بيان هن ريت آهي: "هو درياهه جي لهواري طرف روانو ٿيو. درياه جي مخالف ڪنارن سان موجوده سودراءِ مسناءِ جي ماڻهن آڻ مڃي هئي. سڪندر پنهنجي نالي پنيان اليگزينڊريا جو ٻيو شهر آباد ڪري ڏهه هزار ماڻهو منجهس رهايا هئا." ڪرٽس (۳۷٦) به هنن ساڳين ماڻهن جو ذڪر ڪيو آهي پر سندن نالو ڪونه لکيو اٿائين. سندس بيان آهي: "هو هاڪاريندو چوٽين ڏينهن اچي ڪن ٻين قومن ۾ لٽو جتي هن اليگزينڊريا نالي ٻيو شهر تعمير ڪرايو." مٿين بيانن مان معلوم ٿئي ٿو ته ائرين جا سوگدي ۽ ڊايوڊورس جا سودراءِ ساڳيا ماڻهو هئا. ٽاڊ Tod مئڪمرڊو Mimcrdo جو خيال آهي ته سوگدي سوڍا راجپوت آهن. سودراءِ لاءِ مسٽر واڪس Mr. Vaux جو خيال آهي ته اهي شودر آهن. سوڍا پرمار راجپوتن جي ڦريءَ مان آهن جيڪي هاٽي ڏکڻ-اوپر سنڌ، عمرڪوٽ واري علاقي ۾ آباد آهن. مئڪمرڊو (۳۷۷) مطابق هن ڪل جا ماڻهو اروڙ کان مٿي درياهه جي ٻنهي ڪنارن سان آباد هئا. منهنجي خيال ۾ هي مصنف ويساه جوڳو آهي. جيڪڏهن اسان هيءَ سچي ڳالهه سمجهون ته سوڍا راجپوت اروڙ کان اتر طرف گهٽي ايراضيءَ ۾ پکڙيل هئا ته پوءِ ابوالفضل جي هن بيان تي به ڪجهه ويساهه ڪرٽو پوندو ته اڪبر دور ۾ بکر کان ونڊي عمرڪوٽ تائين جاڙيجن ۽ سومڙن جا قبيلا آباد هئا (۳۷۸) ۽ ان سان گڏ هيءَ حقيقت به مڃڻي پوندي ته ڊايوڊورس وارا مسناءِ ۽ ٽالمي وارا مسارني Musarni ساڳيا ئي ماڻهو هوندا. هنن ماڻهن جي نالي پنيان منڊ ڪوٽ هينان سنڌوءَ جي اولهندي ڪناري مزارڪا Muzarka نالي هڪ علاقو به موجود آهي. ٽالمي هڪ شهر جو نالو موسارنا Musarna لکيو آهي.

جيڪو هن جي لکت مطابق آسڪانا Askana نئن جي اتر پاسي سنڌوءَ جي هڪ واهڙ تي آباد هوندو هو. تنهن ڪري ڇئي سگهجي ٿو تہ اهو وهڪرو جنهن تي موسارنا آباد هو سو ڪاهان Kahan وارو وهڪرو هوندو جيڪو ڏلجي Pulji ۾ شاه پور کان ٽيندو خان ڳڙهہ يا جيڪب آباد ڏانهن ويندو هو. امڪان آهي تہ موسارنا وارو پراٽو شهر ان ماڳ تي هجي جتي اڄ شاه پور آباد آهي جيڪو شڪارپور کان اڳ هڪ مشهور شهر هوندو هو. "اوسي پاسي واري جوءِ سيجي لڳي پئي آهي. ماڻهو ايڪڙ ٻيڪڙ ڏسبا. اهياڻن مان پتو پوي ٿو تہ ڪڏهن آباد ۾ سڪيو ستابو علائقو هوندو." (۳۷۹). منهنجي خيال ۾ سوگدي يا سودراءِ جو اشارو سوراءِ Seorai جي جوءِ وارن ماڻهن ڏانهن آهي، جنهن کي شاه حسين ارغون بکر کان ملتان ويندي سنہ ۱۵۲۵ع ۾ فتح ڪيو هو. (۳۸۰). ان دور سان لاڳاپيل بيانن ۾ چيو ويو آهي تہ اهو علائقي جو نهايت سگهارو قلعو هوندو هو. ماڻهو ارغوني فوج جي اچڻ جو ٻڌي ڪک پن تي ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن هليا ويا. فاتح جي حڪم سان ان قلعي جون پتيون ڍاهي پٽ ڪيون ويون. اهو ڪهڙن ماڳن تي هو تنهن جو هاڻي پکو پتو ڪونہ آهي، پر امڪاني طور سمجهي سگهجي ٿو تہ اهو سبزل ڪوٽ ۾ احمدپور ڇوٽا جي وچ تي فاضل پور جي پرسان هوندو. (۳۸۱) هتي مئسن Masson کي ٻڌايو ويو هو تہ "قديم زماني ۾ هڪ وڏو شهر آباد هو منجهس تي سؤ سٽ کوهہ هوندا هئا جيڪي اڄ بہ جهنگل ۾ ڏسي سگهجن ٿا." هڪ پراڻي نقشي ۾ ساڳيءَ جاگرافيائي ٻيهڪ ۾ هڪ پراڻي ماڳ سيرواهي Sirwahi جو نالو لکيل آهي، جيڪو سبجل ڪوٽ Sabjal Kot کان اٺ ميل اتر۔ اوپر آهي ۾ سنڌ جي تاريخ مطابق اهو ماڳ سوراءِ جي جاگرافيائي ٻيهڪ سان ٻيهجي ٿو. هن ٽاڪ جو اڇ کان درياهي فاصلو ٽيون حصو وڌيڪ آهي ۾ هڪ سؤ ويهن ميلن کان گهٽ ڪونہ ٽيندو. پيٽائي ڏسڻ کان پوءِ معلوم ٽيندو تہ اهو ڪرتس جي بيان ڪيل فاصلي سان هڪ جهڙائي رکي ٿو. هو ٻڌائي ٿو تہ سڪندر هاڪاري ان ماڳ وٽ چوٽين ڏينهن پهتو هو. مان هيءَ ڳالهہ قبول ڪريان ٿو تہ ماڳن جون اهي سيڃاڻپون خاطرخواه ڪونہ آهن، پر اهڙيون ڇٽيون ضرور آهن، جو اڄ بہ انهن کي پرکي سڃائي معلوم ڪري سگهجي ٿي. خاطر خواه ان ڪري نہ آهن جو سنڌوءَ پنهنجا

وهڪرا گهٽا بدلايا آهن. ٻيو ته ان جي ڪنارسان آباد انهن پراڻن شهرن جا نالا به ساڳيا ڪونه رهيا ۽ ڪنهن نه ڪنهن دور ۾ بدلبا رهيا آهن. پر ائرين هڪ حقيقت کي محفوظ ڪري ڇڏيو آهي جيڪا فاضل پور پرسان پراڻي ماڳ جي صحيح سجاڻپ لاءِ سهائتا ڪري ٿي، جنهن مان پتو پوي ٿو ته اهو ٽاڪ سوگدي آهي، جتان سڪندر ڪراتيرس Kraterus (٣٨٢) کي لشڪر جي وڏي حصي ۽ هاٿين سان گڏ آرچوٽي Archoti ۽ درنجي Drangi پرسان گذري اڳتي وڃڻ لاءِ حڪم ڪيو هو. جيڪڏهن ويچاربو ته اولهه پار وڃڻ لاءِ گنداوا کان هلي بولان لڪ کان لنگهبو آهي ۽ ان رستي سان وڃڻ لاءِ ان پٽڻ وٽان سنڌوءَ کي پار ڪبو جتي کاهي ڪنڊي سان فاضل پور ۽ ساڃيءَ ڪنڊيءَ سان ڪشمور آهي. عام طور اهو ڏٺو ويو آهي ته درياهن جا وڏا پٽڻ ڪن اهم رستن جي سڌ تي هوندا آهن، ان ڪري مون کي پڪ ٿئي ٿي ته ڪراتيرس آرچوسيا Archosia ۽ درانجيانا Drangiana ڏانهن اسهڻ لاءِ هن ٽاڪ واري پٽڻ تان سڌو اڪريو هوندو. ڇاڪاڻ ته وڏي لشڪر ۽ هاٿين اڪرڻ واسطي ۽ بولان لڪ لنگهڻ جي مناسبت سان سنڌوءَ جوهي پٽڻ وڏ ۾ وڏ اتريون آهي. امڪان هن ڳالهه جو نظر اچي ٿو ته ميوسي ڪئنس Musikanus جي بغاوت ڪارڻ ڪراتيرس کي اسهڻ ۾ ڪجهه دير ٻه ٿي هوندي، ڇاڪاڻ ته ائرن (٣٨٣) هن جي روانگي کي برهمڻ جو شهر فتح ڪرڻ کان پوءِ ٻيهر بيان ڪيو آهي. جنهن تي سڪندر پاڻ هلان ڪئي هئي.

هتان جي ڏيهي مؤرخن ۽ عرب جاگرافيدانن اروڙ ۽ ملتان جي وچ تي هڪ سگهاري قلعي جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو نالو پاٽيا ٻڌايو وڃي ٿو. هن قلعي جي جاگرافيائي ٻيهڪ اهڙي آهي جو دعويٰ سان چئي سگهجي ٿو ته هي اهو ٽاڪ آهي، جتي سوگديءَ واري علائقي ۾ سڪندر پنهنجي نالي پٽيان هڪ شهر تعمير ڪرايو هو. هن کان سواءِ پي ڳالهه اها ٻه آهي ته هن هيٺين سڌي پٽ ۾ ٻيا پراڻا ماڳ ٻه موجود ڪونه آهن، بدقسمتيءَ جي ڳالهه اها ٻه آهي ته مختلف مصنفن هن ماڳ جا ڏارڏار نالا لکيا آهن.

پوسٽنس Postans هن جو نالو پيا Paya، ٻهيا Bahiya، پهيا Pahiya لکيو آهي. سر هينري ايليٽ Sir Henry Elliot ، پٻيا Pabiya، پٽيا Bhatiya ۽

پاٽيا Bhatiya لکي ٿو. مسٽر پرائيس Price وري (٣٨٤) باهيٽيا Bahatia لکيو آهي. امڪان اهو آهي ته هيءُ ماڳ تلٽي Talhati آهي. (٣٨٥) جتان جام جانار Jam Janar سنڌو پار ڪئي هئي. ٽي سگهي ٿو ته ميتلا Matila يا ماهتيلا Mahatila هجي. (٣٨٦) جيڪو ستين صديءَ ۾ سنڌ جي چئن سگهارن قلعن مان هڪ هو.

فرشتہ جو بيان آهي ته پاٽيا جو قلعو نهايت سگهارو هو. ان جون پٽيون اوچيون ۽ چواڏري وڏي ڪاهي کوٽيل هيس. (٣٨٧) محمود غزنوي هن قلعي کي سن ٣٩٣هـ يا ١٠٠٢ع ۾ فتح ڪيو هو. اتان راجا بجار Bajjar يا بجي راءِ Biji Rai ساڻس سخت مقابلو ڪيو هو. قلعو فتح ٽيڻ کان پوءِ محمود غزنويءَ کي ٻه سؤ اسي هاٿي ۽ ٻيو ٻه غنيمت جي مال طور گهڻو ڌن دولت هٿ آيو هو. جنهن مان پتو پوي ٿو ته هتان جو راجا گهڻو شاهوڪار هو.

ميوسي ڪاني يا الور

ان کان پوءِ سڪندر سوگدي يا سودراءِ کان سنڌوءَ رستي هاڪاري هڪ راجا جي راڄڌاني پهتو. جنهن کي استرئبو ڊايوڊورس ۽ ائرين (٣٨٨) ميوسيڪئنس لکن ٿا ته ڪرٽس (٣٨٩) هن کي ميوسيڪاني جو قبيلو سڏي ٿو. ائرين جو بيان آهي ته اهو علاقو سڄي هندستان ۾ وڏ ۾ وڏ شاهوڪار هو. استرئبو اونسي ڪرائيٽس Onesi Kritus جي حوالي سان لکيو آهي ته، "هن علاقي ۾ هر چيز تمام گهڻي انداز ۾ پيدا ٿيندي هئي. هن حقيقت مان اها ڄاڻ ملي ٿي ته خود يوناني به هن علاقي جي سکر سٽائي ۽ شاهوڪاريءَ کان گهڻو متاثر هئا. اهي بيان اتر سنڌ جي ان سدا خوشحال علاقي سان هڪ جهڙائي رکن ٿا جنهن جي راڄڌاني ڪن جڳن کان ونڊي الور پئي رهي آهي. هتي فاصلو بيان ٿيل نہ آهي ۽ ڏنل نالو به الور سان هڪ جهڙائي ڪونہ ٿو رکي. ان ڪري هڪ عام بيان مان ڪنهن ماڳ جي جاگرافيائي ٻيهڪ سڃاڻڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي. پر جيڪڏهن بيان ڪيل ماڳ ۾ ڪي خاص ڳالهيون آهن، خاص قسم جي ڪا تعمير ٿيل اٽس يا ٻيا اهڙا ڪي گڻ اٽس ته پوءِ ان جي سڃاڻپ جي پڪ ٿي سگهي ٿي، پر موجوده ماڳ اهڙو آهي جيڪو سڃاڻپ جي مامري ۾ اسان جو سونهون بڻجي ڪونہ

ٿو سگھي، مگر عام طور چيو ويجي ٿو ته هيءُ علائقو ساري هندستان ۾ وڏ ۾ وڏ شاهوڪار هو ۽ هن وسيلي اسان کنهن دڳ سان لڳي پئون ٿا. سنڌ جون روايتون ۽ تاريخ ٻڌائي ٿي ته الور پنهنجي علائقي جو وڏو شهر هو تنهن ڪري اسان سمجهون ٿا ته اهو ضرور راجا ميوسڪئنس جي راڄڌاني هوندو. جيڪڏهن ايئن نه هجي ها ته سڪندر جا مؤرخ هن ڏانهن ڏيان ئي ڪونه ڏرن ها. عرب جاگرافيدان به هن ڳالهه تي متفق آهن ته الور وارو علائقو نهايت سرسبز ۽ شاهوڪار هو.

الور جا ٽرڙ ٽڪرين واري ان گهٽ کان ڏکڻ پاسي آهن، جتان سنڌو وهندو آهي ۽ مذکوره ٽڪريون بکر کان ويهه ميل هيٺ هلي ختم ٿي وڃن ٿيون. پوءِ وري پٽن جو هڪ سلسلو شروع ٿي ويندو آهي، جيڪو ناري يا سنڌوءَ جي پراڻي وهڪري جي ٻنهي ڪنڌئين تي هلندو نظر ايندو آهي. ڪنهن آڳاٽي جڳ ۾ هن گهٽ منجهان سنڌوءَ جي هڪ ڇاڙهه لنگهندي هئي. جيڪا بکر شهر کي اتر ۽ اولهه کان ايندڙ دشمن کان بچائيندي هئي. اتر ۽ اوپر ڏس کان سنڌوءَ جي ٻي ڇاڙهه گذرندي هئي. هن ڇاڙه جو وهڪرو اڳين ڇاڙهه کان اٽڪل ٽي ميل پري ۽ گونيءَ ڪنڊ تي هوندو هو. جڏهن سن ٦٨٠ع ۾ راجا ڏاهر سنڌ جي راج گادي سنڀالي ته سنڌوءَ جي پوئين ذڪر ڪيل ڇاڙهه مڪيه وهڪرو هوندي هئي ۽ پنهنجي اصلي پراڻي پيٽ ناري (٣٩٠) کان اولهه پر سرڪڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. سنڌ جي تاريخن موجب هيءَ درياهي تبديلي بکر وارين ٽڪرين کان اتر طرف هڪ واهڙ کوٽڻ ڪري پنهنجي فطري وقت کان جلدي اچي وئي.

الور جو اصلي نالو ڇا هو تنهن جو پورو پتو ڪونه آهي، پر موجوده دور ۾ هن نالي جو اچار اروڙ آهي. امڪان اهو نظر اچي ٿو ته هن جو اصلي نالو روڙا Rora هوندو. هن نالي جي شروع ۾ نظر ايندڙ سر آواز عربي ٻوليءَ جي اڳياڙي ال تان ورتل آهي. بلاذري، ادريسي ۽ ٻين مؤرخن هن لفظ کي "الرور" ڪري لکيو آهي. اهڙي قسم جو اچار اسان کي هن جي ۽ واري شهر روڙي Rori جي نالي مان به محسوس ٿئي ٿو. هندستان ۾ شهرن جي ٻٽن نالن جو رواج به آهي. تنهن ڪري روڙا ۽ روڙي معنيٰ وڏو روڙو ۽ ننڍو روڙو. سنسڪرت ۾ هن لفظ جي ڪا به معنيٰ نه آهي، پر هنديءَ ۾ هن لفظ جي

معنيٰ آهي لُڙگُوڙ شور ۾ مشهوري وغيره. تنهن ڪري امڪان آهي ته هن شهر جو نالو روڙا پوريا نگر هوندو يعني "مشهور شهر" الور جي قديم شهر جي ڏکڻ اولهه ۾ ٻه ميل پري هڪ ٽڪريءَ جي ڪچ ۾ آپيجنو Abhijanu نالي هڪ ڳوٺ ڏسڻ ۾آيو. سنسڪرت ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي. "مشهور". امڪان آهي ته هي نالو شين سئنگ جي بيان ڪيل پي- چين- پو- پو- لو سان ڳنڍيل هجي. چاڪاڻ ته جيڪڏهن پي- چين- پو- پو- لو ۾ فقط او '0' جو اڪر اڇيان جوڙ ڪبو ته آپيجنوا پورا Abhijanwapura جو اچار نڪي پوندو. مان سمجهان ٿو ته متان الور تالمي وارو بينگر Binagra هجي، جيڪو سندس بيان موجب سنڌوءَ جي ڪنار سان اوسڪانا Oskana کان اوپر طرف آهي، جنهن کي اٿرين ۾ ڪرٽس اوڪسي ڪئنس سڏين ٿا. اهو ٻه امڪان آهي ته تالمي واري بينگر جي پي شڪل چيني اچار پولو Pulo هجي، چاڪاڻ ته پور ۾ نگر ٻئي لفظ هڪ معنيٰ رکن ٿا ۾ "پي- چين- پو" لفظ جي اڇياڙي پد جي Bi سان هڪ جهڙائي رکندو هجي.

نظر ائين اچي ٿو ته ميوسڪئنس جو شهر گهٽو اهم هو. چاڪاڻ ته سڪندر ڪراتيرس کي اتي قلعي جوڙڻ جو حڪم ڪيو هو ۾ پاڻ ٻه قلعي جي تعمير ٿيڻ تائين اتي ترسي پيو. جڏهن قلعي جي اڏاوت پوري ٿي ته پنهنجيءَ فوج جو وڏو حصو اتي رهايائين. ان جو سبب اهو هو ته قلعي اندر سڀ سهولتون موجود هيون اڏيل ٻه اهڙي هنڌ تي هو جو هتي ويهي سيني قومن تي نظر رکي ٿي سگهيائين. هن سبب ڪري پڪ ٿئي ٿي ته الور سڪندر کان اڳ آباد هو ۾ سنڌ درياهه جي رخ متڻ تائين آباد رهندو آيو. جڏهن بکر جي قلعي جي اڏاوت ٿي ته هيءُ شهر هميشه لاءِ ويران ٿي ويو.

پرائيسٽي- پورٽيڪئنس يا اوڪسي ڪئنس
Praesti_ Portikanus or Oxykanus

ميوسيڪئنس جي راڄڌانيءَ جي فتح کان پوءِ سڪندر پنهنجي درياهي فوج کي سنڌوءَ سان اڳتي هاڪاڻ جو حڪم ڏنو ۾ اٿرين (۳۹۱) جي بيان موجب پاڻ پر واري راجا اوڪسي ڪئنس تي ڪاهي ويو ۾ سندس ٻه مکيه شهر فتح ڪري ورتائين. ڪرٽس جو بيان آهي ته راجا

اوڪسي ڪئنس، پرائيسٽي (۳۹۲) نالي هڪ ڪل جي ماڻهن جو حڪمران هو. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته سڪندر تن ڏينهن جي گهيري کان پوءِ سندس راڄڌاني فتح ڪئي هئي. ڊيوڊورس ۽ استرئبو هن راجا جو نالو پورٽيڪئنس ٻڌائين ٿا. هن نالي جون گهڻيون پڙهيٽون ٻڌائن ٿيون ته اهو شهر جو نالو هو جنهن جي پورتاگام Portagam يا اوچاگام Ochagam جي ناتي سان معنيٰ ٿيندي. "اتاهون شهر" لفظ جي معنيٰ مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته اهو شهر ڪنهن مٿاهينءَ تي اڏيل هو. ڪرٽس جي بيان ۾ "پيانڪ ڪڙڪاٽ" جا لفظ لکيل نظر اچن ٿا ۽ اهي ڪڙڪاٽ قلعي جي برجن ڪرڙ ڪري ٽيا هئا، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهو قلعو تمام گهٽو مٽي هو. منهنجو انومان آهي ته اهو قلعو ماهوٽا هوندو جيڪو لاڙڪاٽي کان ڏهه ميل پري گهاڙ واهه جي ڪناري تي هڪ ڊڙي جي صورت ۾ موجود آهي. هن بابت مئسن جو بيان آهي ته "ماهوٽا Mahorta نالي ڊڙي تي ڪنهن قديم دور جي قلعي جا ڪنڊر آهن. (۳۹۳) لفظ جي اها هجي سروي ڪرڙ وارن ماڻهن جي آهي، پر گهٽو ڪري اهو لفظ ماهورڌا Mahorddha آهي جنهن جي اصلي اچار مها+ ارڌا+ گرام Maha+ Urddha+ Grama آهي ۽ معنيٰ اٽس "تمام اتاهون شهر." هي سنسڪرت ٻوليءَ جا لفظ آهن، جن جو موجوده دور جي ڪنهن ٻوليءَ سان ڪو واسطو ڪونہ آهي. هيءَ سڃاڻپ مون کي صحيح معلوم ٿئي ٿي. ان ڪري نہ ته نالي جي هڪ جهڙائي آهي، پر الور ۽ ماهورتا جي جاگرافيائي ٻيهڪ مان بہ پڪ ٿئي ٿي. ان سان گڏ سنڊوءَ جو وهڪرو بہ اهڙو اشارو ڏئي ٿو. موجوده دور ۾ ماهورتا سنڊوءَ کان بہ ٽي ميل پري آهي، پر سڪندر واري دور ۾ جڏهن سنڊو ناري واري پيٽ ۾ وهندي هئي ته ماهورتا جو شهر الور ۽ درياهہ کان پورا پنجيتاليهہ ميل پري ڏکڻ اولهہ هوندو.[1] اهوئي

[1] سنڊو ڪڏهن بہ ناري جي پيٽ مان ڪونہ وڙهو آهي ۽ اهو دور بہ نظر ڪونہ ٿو اچي ته سنڊوءَ ڪڏهن موڙ ڪائي موهن جي ڊڙي کان تمام پري هٽي ويو هجي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته ماهوٽا بہ درياهہ کان ايڏو دور ڪونہ رهيو آهي، جو سڪندر مٿس حملي ڪرڻ لاءِ خشڪيءَ وسيلي اروڙ کان پنڌ ڪيو هجي. تاريخن ۾ اها ڳالهہ ثابت ڪانہ آهي ته سنڊو ڪڏهن الور کان اوپر ۾ وڙهو آهي. سڪندر جي دور ۾ سنڊوءَ جو وڏو وهڪرو ڪنڊڪوٽ ۽ شڪارپور جي پرپاسي مان وهندو هوندو جيڪو ڦري گهري وري بہ موهن جي ڊڙي ۽ ماهوٽا وٽان لنگهندو هوندو ۽ ننڍو وهڪرو الور وٽ هاڪڙي سان اچي ملندو هو. هن بيت "هاڪ وهندو هاڪڙو پڃندي پنڌ اروڙ- بهہ

سبب هو جو سڪندر درياهي لشڪر کي اڳتي هاڪارڻ جو چئي پاڻ خشڪيءَ رستي روانو ٿيو هو.

ماهورتا جي جاگرافيائي بيهڪ تجارتي ۽ سياسي نقطہ نگاہ کان نهايت اهم ڏسڻ ۾ ايندي ڇاڪاڻ تہ هتان هڪ اهم تجارتي رستو گذرندو آهي جيڪو ڪڇ ۽ گنداوا کان ٿيندو قندار پهچندو. جڏهن درياهہ ماهوتا کي ڇڏي لاڙڪاٺي پرسان وهڻ لڳو تہ اها اهميت وري ان شهر کي ملڻ لڳي، جيڪو ماهوتن کان ڏهہ ميل اولهہ طرف ۽ سنڌ ۾ سيني کان وڌيڪ سرسبز ۽ خوشحال علائقو هو. "گهاڙ" نالي هڪ نئن، قلات کان نڪرندي هئي، جيڪا مولا يا گنداوا لڳ کان لنگهي اچي هن علائقي ۾ دنگ ڪندي هئي، پر هاڻي ان نئن جو پاڻي گنداوا تائين پهچي هيٺ ميداني علائقي ۾ لڪي ويندو آهي. ان نئن جو پراڻو پيٽ اڄ بہ سنڌ جي دنگ سان ڏسي سگهجي ٿو. اها نئن ڪڏهن لاڙڪاٺي ۽ ماهوتن وٽان لنگهي وڃي سنڌوءَ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. امڪان آهي تہ ڪنهن دور انديش حڪمراني جي زماني ۾ هن نئن جي پاڻيءَ کي وندبي ورڇي پوکي راهيءَ جي مقصد واسطي ڪتب آندو ويو هجي. تڏهن پاڻيءَ جي هن وهڪري جون ڪنڊيون ڪنارا ڏاڍا ساوا ۽ ڏاوا هوندا.

ڪرٽس (۴۰۴) پاڻيءَ جي هن وهڪري ۽ موجود تلائن جي اوسي پاسي رهندڙ ماڻهن کي پرائستي ڪوٺي ٿو. ولسن جو ويچار آهي، تہ ڪرٽس پنهنجي سوچ ۾ صحيح آهي. هو اسان جو پراستا (Prastha) يا پراستالا (Prasthala) جي لفظ ٿل (Thala) تان ورتل آهي. اولهہ هندستان ۾ مذڪوره لفظ جي معنيٰ پاڻي جو تلاءُ آهي، پر هتي نظر ايندڙ لفظ پرائستي (Proesti) آهي. پر مان سمجهان ٿو تہ اهو لفظ پرائستي بدران "پراستا" هوندو. جنهن جي معنيٰ آهي سنئون سڌو پٽ. سندس اشارو لاڙڪاٺي جي پرپاسي واري سنئين پٽ ڏانهن هوندو. جنهن جي هڪ پاسي سيوهڻ ۽ ٻئي پاسي گنداوا آهي. امڪان اهو آهي تہ شايد هي اهو ئي علائقو آهي، جنهن کي ٽالمي پسڪا (Piska) سڏيو آهي. ان بابت سندس بيان آهي، تہ اهو علائقو هڪ

مڇيءَ ۽ لوڙسمي ويندا سوڪڙي." مان بہ اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ اروڙ ڏانهن سنڌوءَ جو ننڍو وهڪرو ايندو هو. (مترجم)

واهڙ جي ڪناري آباد آهي، جيڪو اوسڪانا جي ماڳن کان ملي اچي سنڌوءَ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. سندس هن بيان مان پڪ ٿئي ٿي ته هيءُ اوسڪانا اهو ماڳ آهي، جنهن کي ائرين ۾ ڪرٽس اوڪسي ڪئندس لکيو آهي، انهيءَ ڪري نه ته ٻنهي نالن ۾ هڪ جهڙائي آهي پر ڇاڪاڻ ته اوسڪانا، سنڌوءَ جي اولهه ۾ موجود هڪ واهڙ تي هڪ ٻيٽ جي حيثيت ۾ موجود هو ۽ ماهورتا جي جاگرافيائي بيهڪ سان ساڳيائپ رکي ٿو. ٽالمي ٻڌائي ٿو ته هن نئن جي اتر ۾ بدانا (Badana) نالي هڪ ماڳ هو. مان سمجهان ٿو ته اهو موجوده دور وارو گنداوا آهي (۲۲۱). ڇاڪاڻ ته عام طور ڏٺو ويو آهي، ته يونان وارن ب ۽ گ جا اچار اهڙا ڏٺا آهن، جيڪي پاڻ ۾ مٽ ست ٿي سگهن ٿا. پهرئين قديم دور جي عرب مصنفن هن ماڳ جو نالو قندابيل (Kandabil) لکيو آهي.

وچولو

سنڌ جي وچ واري پاڳي کي عام طورتي وچولو سڏيو ويندو آهي. شين سئنگ هن علائقي جو گهيرو پنجويهه سؤ لِي يا چار سو سترهن ميل ٻڌايو آهي. هن علائقي جي ٿوري پکيڙ مان پتو پوي ٿو ته هي علائقو ننڍو هوندو. جنهن ۾ سيوهڻ، حيدرآباد واري علائقي جو اتريون پاسو ۽ عمرڪوٽ جو ڪجهه علائقو شامل هوندو. انهن علائقن جي ايراضيءَ موجب اتريون ۽ڏکڻيون هر هڪ پاسو سؤ ست ميل هوندو ۽ اوپر ۽ اولهه وارو هر هڪ پاسو پنجيتاليهه ميل ٿيندو. جيڪڏهن انهن چئن ئي پاسن جو جوڙ ڪبو ته ڪل گهيرو چار سؤ ڏهه ميل بيهي ٿو. هن علائقي جو مشهور ۽ مکيه شهر او- فين- چا، .O fan cha آهي. اتر سنڌ جي راڄڌانيءَ کان ست سؤ لي يا هڪ سؤ سترهن ميل ۽ لاڙ واري علائقي جي راڄڌاني پٽا سيلا Pitasila کان پنجاهه ميل پري هئي. اتر سنڌ وارو مکيه شهر الور آهي ۽ پوئين ماڳ لاءِ ڪجهه هٽر سان چئي سگهجي ٿو ته اهو پٽالا Pattala يا حيدرآباد هوندو. جنهن جو بيان يونانين به ڪيو آهي. تاريخن ۾ بيان ٿيل فاصلن موجب اهو ماڳ او- فان- چا، ٻانيڙا- ڪا- نل Banbhar- ka- thul يا فقط ٻانيرا جي پرپاسي ۾ ٿي سگهي ٿو جتي روايتن مطابق ڪنهن زماني ۾ برهمنوا Brahmnwa يا

برهمڻ آباد نالي هڪ مشهور شهر هوندو هو. شين سئنگ جي بيان مطابق اوفانچا Ofancha يا آواندا Avanda نالي هڪ شهر سندّ جي وچين علائقي جي راڄڌاني هو، جنهن کي وچولو سڏيو ويندو آهي.

موجوده دور ۾ هن علائقي جا مشهور شهر سيوهڻ، هالا، حيدرآباد ۽ عمرڪوٽ آهن. وچين زماني جي هندو دور جا مشهور شهر سدوساڻ Sdausan براهماڻا Brahmana يا بهمنوا Bahmanva ۽ نيرون ڪوٽ هوندا هئا. نيرون ڪوٽ جو پراڻو شهر گهڻو ڪري ته حيدرآباد جي ماڳن وٽ هوندو، باقي پٽالا سندّ جي لاڙ واري پاڳي ۾ موجود هوندو. بهمنوا پرسان عرب دور جو مشهور ماڳ منصوره هوندو هو. عرب خليفن طرفان مقرر ڪيل گورنر هتي رهندا هئا، اهو شهر هن علائقي جي اصلي راڄڌاني هو. جيڪو پوءِ وڃي سندّ جو وڏي ۾ وڏو شهر بڻجي ويو. سڪندر جي زماني ۾ ڊايوڊورس جي حوالي سان اسان کي رڳو ٻن شهرن سنڌومانا Sindomana ۽ برهمڻن جي شهر هرمتليا Harmatelya جا نالا ملن ٿا. هيٺ مذڪوره شهرن جو ذڪر ڪجي ٿو شروعات اتر پاسي کان ڪريان ٿو.

سنڌو مان يا سيوهڻ

اوڪسي ڪئنس جي فتح کان پوءِ سڪندر پنهنجي فوج وٽي راجا سامبس تي ڪاهي ويو، جنهن کي سڪندر پهريائين جابلو علائقي جو راجا مقرر ڪيو هو. سڪندر جي ڪاهه جو ٻڌي راجا سامبس نڪري هليو ويو. (۳۹۵). ائرين جو بيان آهي ته اهو قلعو سامبس جي دوستن ۽ ملازمن سڪندر جي حوالي ڪيو، جن پنهنجي سوکڙين پاکڙين ۽ هاٿين سميت اڇتي نڪري سندن آجيان ڪئي هئي. ڪرٽس (۳۹٦) هن راجا کي سابس Sabus سڏيو آهي، پر سندس راڄڌانيءَ جو نالو ڪونہ ٻڌايو اٿائين. سندس بيان فقط ايترو آهي ته ڪيترن شهرن هن جي آڻ مڃي هئي، پر سيني مان جيڪو سگهارو قلعو هو. تنهن کي سرنگهون هٽي فتح ڪيو ويو. ڊيوڊورس (۳۹۷) جي بيان ۾ به شهر جو نالو نظر ڪونہ ايندو، پر ايترو ضرور ٻڌائي ٿو ته هو ٽيهه هاٿي ۽ فوج ساڻ ڪري گهڻو پري نڪري ويو هو. (۳۹۸) استرئبو هن جو نالو سابس Sabus ۽ راڄڌانيءَ جو نالو سنڌومانا ٻڌائي ٿو پر ڪي

خاص ڳالهيون ڪونہ ٿو بيان ڪري. ڪرٽس (۳۹۹) جو بيان آهي تہ سڪندر هڪ ڏوراهين سگهاري شهر کي فتح ڪري پوءِ پنهنجي درياهي فوج جي ڪئمپ ۾ پهتو. سندس بيان مان ايئن معلوم ٿئي ٿو تہ مذڪوره شهر سنڌ کان گهڻو ڏور آهي.

مان هندستان جي هن پاڳي جي جاگرافيائيءَ ٻيهڪ جي نقط نگاهہ کان پهرين مؤرخن سان سهمت آهيان ۽ سمجهان ٿو تہ اهو سنڊومانا سيوهڙ آهي. ڇاڪاڻ تہ هن نالي جي ساڳيائپ ٻہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ ٻي ڳالهہ تہ لکيءَ جي جابلو سلسلي جي بالڪل ويجهو آهي. سيوهڙ شهر جي پراچينتا (قدامت) کان ڪير ٻہ انڪاري ڪونہ آهي. هي شهر لکيءَ واري ٽاڪرو سلسلي جي چيڑي وٽ هڪ سئين سڌي ٽڪري تي آڳاٽي دور جي ڪنهن ناس ٽيل شهر جي ڏڙي تي اڏيل آهي. ڊي۔ لا۔ هوزٽي De_ la_ hoste (۴۰۰) جو بيان آهي تہ هي قلعو بيضوي شڪل تي آهي. سندس ڊيگهہ ٻارنهن سو فوٽ، ويڪر ساڍا ست فوٽ ۽ اوچائي اسي فوٽ ڪن ٽيندي. پر مون کي ماپ ۾ همچورس لڳو ۽ برنس جي ٻيڑين ۾ ٻيهي ٻڌايل ماپ کان وڌيڪ ويڪرو ۽ اٽاهون معلوم ٿيو. (۴۰۱) ان زماني ۾ سنڊوءَ جي مکيہ وهڪري جي ڪنڊيءَ سان آباد هو. هيءُ درياهہ هميشہ پنهنجا وهڪرا بدلائيندو رهيو آهي. پراڻي دور وارن نقشن ۾ مذڪوره قلعو سنڊوءَ جي اولاهين ڇاڙهہ تي نظر ايندو. قديم زماني ۾ جڏهن سنڊو ناري واري پيٽ مان وهندو هو تہ ان جي ويجهي ۾ ويجهي ماڳ جکڙائو وٽان سيوهڙ جو قلعو پنجهڙ ميل پري هو ۽ هن ٽاڪ ۾ اچي پٽن جو سلسلو ختم ٿي ويندو آهي. موجوده دور ۾ پاڻيءَ جو نہ رڳو سنڊو وارو وهڪرو آهي، جيڪو سيوهڙ جي اوپر ڏس کان لنگهي ٿو پر ان سان گڏ هن جي اتر پار کان وهندڙ اڻل ٻہ آهي، جيڪا منچر نالي هڪ وڏيءَ ڍنڍ مان وهندي آهي. سنڊوءَ جي هڪ ڇاڙهہ جنهن کي الهندو نارو چوندا آهن، هن ڍنڍ ۾ ڇوڙ ڪندي آهي. اندازو اهو ٿئي ٿو تہ پاڻيءَ جي وڏي مقدار موجود هئڻ کان سواءَ سيوهڙ جو مشهور ماڳ آباد ٿي ڪونہ سگهي ها، تنهن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڊوءَ جي وهڪري ۾ تبديلي اچڻ کان تمام گهڻو اڳ سيوهڙ ۽ پرسان منچر وارو پاڻي ضرور موجود هوندو. هيءَ ڍنڍ وچ تي تمام گهڻي اونهين آهي. (۴۰۲)

تنهن ڪري اهو ضروري سمجهڻ کپي ته هيءَ هڪ قدرتي ڏينڊ آهي. ان جو پرتي ڪنڊڙ پاٽي هالا لڪي Hala Lakki واري جابلو علاقي مان وهي ايندڙ ٻن نين وسيلي ايندو آهي. امڪان اهو به ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته الهندي ناري جو وهي اچي منچر وسيلي سنڌوءَ ۾ ڇوڙ ڪرڻ کان اڳ هن ڏنڊ جو پاٽي اچي سيوهڻ جي قلعي جي پٽين سان ويجي لڳندو هوندو. مذڪوره ڏنڊ ۾ مچي تمام گهڻي ٿيندي آهي ان ڪري سندس نالو منچر پئجي ويو آهي.[1] ٽي سگهي ٿو ته هي نالو سنسڪرت جي لفظ متسيا Matsya ۽ هندي لفظ مڇ Machh يا مڇي جي بگڙيل صورت هجي. ان ڪري منهنجي خيال ۾ منچر مڇي واري تلاءَ جو ننڍو نالو آهي.

سيوهڻ شهر جي جاگرافيائي ٻيهڪ ڏاڍي سجهائتي آهي. سندس تعمير هڪ سئين سڌي ٽڪريءَ جي چوٽي تي آهي. پاٽيءَ جي وڏي ڏنڊ پرسان، آڇڪو ڏيرئون ڏير. اهڙين سهنجاڻن، پراچين سمي جي سنڌين کي ڇڪي آڻي هن ٽاڪ تي آباد ڪيو. جاڇڻ پرڪڻ کان پوءِ ٻه اها سڌ ملي ٿي ته هيءُ ماڳ ڪنهن جهوني جُڳ کان وسايو ويو آهي. مئڪمرڊو (۴۰۳) جو بيان آهي ته سيوهڻ جي وسندي ڀڪ سان ڪنهن پراچين سمي سان واڳيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. الور ۽ برهمڻ آباد کان ٻه گهڻو آڳاٽي آهي. هن شهر جو موجوده نالو سوستان جي ننڍي شڪل آهي. امڪان آهي ته هن ٽاڪ جا رهواسي سيوي Sewi يا سابي Sabis نيات سان واسطو رکندا هوندا. شروعاتي دور جي عرب جاگرافيدانن هن شهر جو نالو مختلف هجي سان لکيو آهي. ڪن سدستان Sadustan ڪن سدوسان Sadusan ته ڪن وري شاروسان Sharusan لکيو آهي. جن مان پهريان ٻه اچار يوناني مؤرخن جي لکيل اچار سنڌو مان سان سهمت آهن. تنهن ڪري مان هن شهر جو نالو سوستان غلط سمجهان ٿو ۽ ويچار اٿم ته پوئين سمي جي ڪن هندن هن شهر جي نالي کي بدلائي شوِديوتائن پٽيان رکيو آهي. يونان وارن هن علاقي کي سنڌو Sindo ۽ عربن سدو Sadu لکيو آهي جيڪي هن علاقي جي

[1] امڪان آهي ته منچر جو لفظ مين+ سر= مينسر آهي. مين= مڇي آهي. سنڌيءَ ۾ سر جي معنيٰ آهي تلاءُ. پر اهو اچار هاڻي بدلجي ڇر ٿي ويو آهي. مينسر معنيٰ مڇي وارو تلاءُ جيڪو گهڻي استعمال سبب منچر ٿي ويو هجي. ٽي سگهي ٿو ته هن جو سنڌوءَ جي منڊ واري مشهور ڏنڊ مانسرور جي نالي سان ڪو لاڳاپو هجي. (مترجم)

سنسڪرتي نالي سنڌو Sindhu ڏانهن اشارو ڪن ٿا. هن ٻوليءَ ۾ هتان جي رهاڪن کي سئندڙاوا Saindhava يا سئندو Saindhu چيو ويو آهي ۽ عام مشهور اچار ۾ اهو آهي تنهن ڪري سمجهي سگهجي ٿو ته هن راڄڌاني جو نالو ضرور سئندواستان Saindhavasthan يا سندوستان هوندو. جنهن کي عرب جاگرفيدان ننڍو ڪري سدستان Sadustan اچارڻ لڳا. ولسن ۾ سنسڪرت جي مرڪب "سنڌ مان" جي نقطہ نظر مطابق يونانين واري اچار سندوومانا کي وڌيڪ ترجيح ڏني آهي، جنهن جي معنيٰ آهي سنڌ جا رهواسي. مان پاڻ ۾ يونانين جي نالي سئندڙاوا وانم Saindhava_ vanam يا سئندوان Saindhuwan سان سهمت آهيان، جنهن جي معنيٰ آهي. "سنڌ واسين جي رهڻ جي جوءِ" Abode of Saindhavas.

پر اچرج جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ ٽالمي سيوهڻ جهڙي نالبري ماڳ جو عام فهم ذڪر ڇو نہ ڪيو آهي. جيڪڏهن اسان حيدرآباد جي شهر کي درياهي ڇوڙ واري قديم ٽڪنڊي جو مٿيون پاسو سمجهون.[1] تہ پوءِ ٽالمي جو بيان ڪيل شهر سائڊراس Sydros جيڪو سنڌوءَ جي اوپارين ڇاڙهہ تي واقع هو سو وڃي مٽالي[2] Mattali ٻيهندو جيڪو حيدرآباد کان ٻارنهن ميل اتر طرف ٽيندو ۽ سندس بيان ڪيل پاسيپيڊا Pasipeda وڃي سيوهڻ ٻيهندو. ٽالمي جنهن شهر کي اوسڪانا سڏي ٿو سو سڪندر جي دور وارو اوڪسي ڪئنس ۽ پورٽيڪئنس وارو ماڳ آهي، جنهن کي اسان ماهورٽا وارو وڏو دڙو سمجهون ٿا ۽ مون کي تہ ڪنهن حدتائين يقين آهي تہ اهو ماهورٽا وارو ٽاڪ آهي، جيڪڏهن اها حقيقت آهي تہ پوءِ پسڪا Piska يا پاسپيڊا Pasipeda سيوهڻ ئي ٿي سگهي ٿو. شين سئنگ سيوهڻ کي

[1] حيدرآباد جي پرپاسي کان وهڻ کان اڳ ۾ سنڌو نصرپور کان وهندو هو. ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي دور ۾ سن ۱۷۵۸ع ۾ انڙپور کان هڪ وڏي تبديلي ڪري حيدرآباد وٽان وهڻ لڳو ۽ حيدرآباد شهر واري ٽڪري هڪ ٻيٽ بڻجي پئي. ميان غلام شاهہ هن صورتحال کي نظر ۾ رکي حيدرآباد جو قلعو تعمير ڪرايو. (ڏسو ائنٽي ڪئٽيز آف سنڌ. هينري ڪزنس انڊس ڊيلٽا ڪنٽري) تنهن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ حيدرآباد ڇوڙواري قديم ٽڪنڊي جو مٿين پاسو ڪونہ هوندو.

[2] ٿي سگهي ٿو تہ هيءُ شهر مٽياري هجي.

اهميت ڪاڻ ڏني آهي، پر هند جي مؤرخن جو بيان آهي تہ هي شهر انهن ماڻن مان هڪ آهي، جنهن کي محمد بن قاسم ۷۱۱ع ۾ فتح ڪيو هو.

يارهين صدي عيسويءَ جي شروعات ۾ هن شهر کي محمود غزنوي بہ فتح ڪيو هو. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ هن ماڳ مسلمان دور ۾ وڏي ترقي ڪئي آهي. سندس جاگرافيائي بيهڪ بہ اهڙي تہ مناسب آهي جو ڪنهن بہ دور ۾ ڦٽي ناس ناهي ٿيو.

برهما يا برهمڻ آباد

سنڌومان جي فتح کان پوءِ سڪندر خشڪيءَ رستي سفر ڪري درياهہ تي پهتو جتي سندس درياهي فوج سندس حڪم موجب هن جي اوسيڙي ۾ وينی هئي. ان کان پوءِ سنڌوءَ جي لهواري وهڪري مطابق هاڪاڙ لڳو ۽ چوٽين ڏينهن ان شهر ۾ پهتو جتان سابس يا سامبس (Sabus) (۴۰۴) جي بادشاهي ڏانهن ويندڙ سڙڪ نڪرندي هئي. جڏهن سڪندراعظم الور (ميوسي ڪئنس جي راڄڌاني) مان پنهنجي دريائي فوج کي ڇڏي اوڪسي ڪئنس (Oxykanus) تي حملو ڪيو هو تہ ان وقت راجا سابس (سامبس) جي راڄڌاني سنڌوماتا تي ڪاهڻ جو سندس ارادو ڪونہ هو. ڇاڪاڻ تہ اتان جي راجا سابس سندس آڻ ميڃي هئي ۽ ڪيس سنڌوءَ جي ڪنار سان موجود ٽاڪرو علاقي جو حڪمران مقرر ڪيو هو. (۴۰۵) مان سمجهان ٿو تہ سڪندراعظم پنهنجي دريائي لشڪر کي راڄڌاني اوڪسي ڪئنس پرسان ئي درياءَ وٽ سندس انتظار ڪرڻ جو حڪم ڏنو هوندو. منهنجي خيال ۾ اهو ماڳ جتي دريائي لشڪر سڪندر جي اوسيڙي ۾ وينل هوندو سو ڪانوڙ ۽ تجل ڪان هيٺ ناري واري ماڙيجا (Marija) ڏنڊ هوندي.[1]

[1] ڪانوڙ ۽ تجل وارو وهڪرو مهراڻ يا هڪڙي جو آهي ۽ سنڌوءَ سان هن جو ڪوبہ لاڳاپو ڪونہ آهي. مختصر طور هن ريت سمجهائي سگهجي ٿو تہ اروڙ وٽ هڪ وڏي ڏنڊ هئي، جنهن ۾ اتر اولهہ پاسي کان سنڌوءَ جي هڪ اوپارينءَ ڇاڻهہ جو پاڻي اچي ڇوڙ ڪندو هو ۽ سندس اولاهين ڇاڻهہ ڪنڊڪوٽ ۽ شڪارپور وارو پيٽ ڏئي وهندي هئي. مذڪوره ڏنڊ ۽ هاڪڙي جي اولاهين ڇاڻهہ بہ هن ڏنڊ ۾ اتر کان اچي ڇوڙ ڪندي هئي. هن درياءَ جي اوپارين وڏي ڇاڻهہ ونجهڙوٽ وتان اولاهين ڇاڻهہ کان

چڇي ڏار ٽيندي هئي. اروڙ واري هن ڏنڊ مان ٽي وهڪرا نڪرندا هئا. اوپاريون وهڪرو جيڪڏهن ڪوٽ ڏيجيءَ وٽان پنجٽيهه ميل اولهه سفر ڪبو ته وڃي موئن جي دڙي ۾ ماهوٽا پهچبو. هن بيان مان سمجهه ۾ ايئن اچي ٿو ته اروڙ وٽان لاڙڪاٽي ڏانهن ويندڙ چاڙهه پوئين دور جو قصو آهي ۽ اهو به واضح ٿئي ٿو ته لاڙڪاٽي ۽ ماهوٽن ويندڙ وهڪرو سنڌوءَ جي اولاهين چاڙهه هئي. جيڪا ڪنڊڪوٽ ۽ شڪارپور کان مٿيندي هئي تنهن ڪري سڪندراعظم ڪائوڙ يا تجل کان نه پر ڪوٽ ڏيجيءَ وٽان ماهوٽن ۽ موئن جي دڙي ڏانهن خشڪيءَ جي رستي اسهيو هوندو. جيڪڏهن ماهوٽا وارو ماڳ اوڪسي ڪئنس آهي ته اوڏانهن ٻيڙين کي هاڪاري نه وڃڻ جو ٻيو سبب اهو به ٽي سگهي ٿو ته انهيءَ پاسي ويندڙ سنڌوءَ جو وهڪرو ڪنڊڪوٽ کان چڇي ڏار رهيو هو. درياءِ فوج کي ماهوٽن واري ڪاهه ۾ شريڪ ڪرڻ لاءِ ٻيڙين کي اروڙ کان اوپارو ڪنڊڪوٽ هاڪاري پوءِ ماهوٽن تائين لهواري رخ ۾ سفر ڪرڻو هو. سڪندراعظم ايئن ڪرڻ نه پئي چاهيو ڇو ته ڪيس تڪڙو واپس ٽيڙو هو. هن اورڙ وٽان خشڪيءَ رستي پيش قدمي شروع ڪئي ۽ درياهي فوج کي ڪوٽ ڏيجي يا ناروءَ جي دڙي وٽ درياهه ۾ ٻيهڻ جو حڪم ڪيو هيائين جيڪو اروڙ کان ٽيهن پنجٽيهن ميلن جو سفر ٽيندو. اروڙ ۽ ماهوٽن جي وچ ۾ فاصلو گهٽ ۾ گهٽ ايترو ٽيندو. هتي جنرل ڪننگهام ٻڌائي ٿو ته ڪائوڙ ۽ تجل پرسان ماڙيجا ڏنڊ اروڙ کان ايترو پنڌ ڏور آهي جيترو اروڙ کان ماهوٽا پري آهي، جتي سڪندر پنهنجي درياهي فوج کي ٻيهڻ لاءِ چيو هو. پر ماهوٽا ۽ ماڙيجا ڏنڊ جي وچ ۾ تقريبن ست ميلن جي وٿي آهي. ماهوٽن جي فتح کان پوءِ سڪندر کي ماڙيجا ڏنڊ تائين ست ميل جو سفر ڪرڻو پوي ٿو. سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته هن پنهنجو درياهي لشڪر ڪوٽ ڏجي وٽ سنڌوءَ جي وهڪري ۾ ڇونه ٻيهاريو جيڪو فاصلي ۾ ويجهو ۽ سنڌ جي وچين آباد پاڳي مان گذري برهمڻ آباد پهتو ٿي. اهو ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو جو هن ويهه پنجويهه ميل وڌيڪ پنڌ ڪري ۽ سنڌ جي غير آباد علاقي مان درياهي سفر ڪري برهمڻ آباد پهتو ۽ ساٺس فوج جو انگ به تمام گهٽو هو. قوي امڪان اهو آهي ته هن برهمڻ آباد پهچڻ لاءِ نارو نه پر سنڌوءَ جي ڪوٽ ڏجي- هالاڻي واري وهڪري سان هاڪارڙ کي وڌيڪ ترجيح ڏني هوندي. ٻي اهم ڳالهه اها به آهي ته هيءُ وهڪرو سنڌومانا يا سيوهڙ کان لنگهي پوءِ برهمڻن آباد ڏانهن لڙي ٿو. سڪندر جي دؤر جي مؤرخن جا تاريخي حوالا به اهو ٻڌائين ٿا ته سڪندر پهريائين سيوهڙ تي ۽ پوءِ برهمڻ آباد تي حملو ڪيو. پر جيڪڏهن سڪندر ناري سان سفر ڪري برهمڻ آباد پهچي ها ته اڳ ۾ برهمڻ آباد فتح ڪري پوءِ سيوهڙ تي ڪاهي ها ۽ سيوهڙ کي فتح ڪري موٽي وري برهمڻ آباد اچي ها ۽ اتان درياءِ سفر ڪري پٽيالا پهچي ها، پر جيئن ته برهمڻ آباد ۽ سيوهڙ جي وچ ۾ سڪندر جي ٻڌي سفر جو ذڪر ڪونه آهي، تنهن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو ته سڪندر ڪوٽ ڏجي- هالاڻي واري سنڌوءَ جي وهڪري سان سفر ڪيو آهي ۽ نه ڪو ناري واري وهڪري سان. (مترجم)

اوڪسي ڪئنس جو پنڌ الور ۾ ڪانوڙ وٽان هڪ جيترو هوندو هو. اتان سڪندر درياهه وسيلي هاڪاري چوٽين ڏينهن ان شهر وٽ پهتو جتان راجا سامبس جي راج ڏانهن ويندڙ سڙڪ نڪرندي هئي. ماڻيجا ڏنڊ وارو ماڳ منهنجي ويچار مطابق، جتي سڪندر جي درياهي فوج سندس اوسيئڙي ۾ ترسي هئي، سو پراٽي برهمڻ آباد شهر کان ستڙو ست ميل ۽ پاٽيءَ رستي نوي ميل آهي. اهو پنڌ ٻيڙين وسيلي چئن ڏينهن ۾ پورو ڪري سگهجي ٿو. مٿيئن بيان مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته برهمانا جو شهر برهمڻن جو آباد ڪيل هو ۽ سڪندري مورخ به اهڙي شاهدي ڏين ٿا. برهمڻ آباد جي راجا سڪندر جي آڻ مڃي هئي، پر هتان جي ماڻهن قلعي جا دروازا بند ڪري جڙ سڪندر خلاف بغاوت جو اعلان ڪيو هو. خاص جنگي حڪمت عملي اختيار ڪري برهمڻ آباد جي ماڻهن کي قلعي کان ٻاهر آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جن سڪندري فوج سان مڙس ٽي چوٽ ڏني، جنهن ۾ سڪندر جو مشهور سپهه سالار تالمي زهريلي تلوار سان گهائجي پيو هو. (۴۰۶) تالمي جي گهائجڻ مان پتو پوي ٿو ته هي شهر هر ماتيلاءِ هو جيڪو ڊايوڊورس جي بيان موجب سنڌوءَ جي ڪنار سان برهمڻن جو آخري شهر هو. (۴۰۷) هتي اسان کي هرماتيلاءِ جو لفظ نظر اچي ٿو جيڪو برهما ٿالا (Brahmathala)يا برهمانا ستالا Brahmana_ Sthala جي اچار سان هڪ جهڙائي رکي ٿو. يونانين وٽ هرمس Hermes نالي ديوتا آهي جنهن کي اهي لنگم جو ديوتا سمجهندا آهن. اهو ساڳيو برهما ديوتا آهي جيڪو سنڌ وارن جو اصلي لنگم جو ديوتا مڃيو ويندو آهي. هن شهر جو اصلي ۽ قديم نالو برهمانا آهي، جنهن کي مسلمانن ڦيرائي برهمڻ آباد بنائي ڇڏيو. مٿين بيانن مان اهو نتيجو ڪڍيو اٿم ته برهمڻ جي جنهن شهر کي سڪندر فتح ڪيو هو، سو پنهنجي نالي ۽ جاگرافيائي بيهڪ ڪري اهو برهمڻ آباد جو مشهور شهر آهي.

سنڌومانا جي فتح کان پوءِ افسوس جو ائرين جو بيان تمام مختصر آهي. هو رڳو ايترو ٻڌائي ٿو ته سڪندر هن شهر تي ڪاهي ويو. فتح ڪرڻ کان پوءِ جيڪو به برهمڻ سڪندر جي فوج جي ور چڙهيو. ان کي قتل ڪيو ويو چاڪاڻ ته سڪندر خلاف بغاوت جي ٻاهه هنن ئي پڙڪائي هئي. ائرين

جو هيءُ بيان ڊيوڊورس جي بيان سان سهمت آهي، جيڪو ٻڌائي ٿو ته سڪندر بغاوت جي باهه ٻارڻ وارن جو قتل عام ڪرائي ڏاڍو خوش ٿيو. باقي عام ماڻهن کي معاف ڪيو ويو هو. جيڪڏهن هنن بيان جي پيٽوار چندڇاڻ ڪبي ته پتو پوندو ته هرماتيلاءِ يا برهمانا ميوسي ڪئنس جي راڄ ۾ شامل هو. ڪرٽس جو به بيان آهي ته هتان جو راجا، سڪندراعظم جي آڻ مڃي چڪو هو. ائرين ٻڌائي ٿو ته هن راجا بغاوت ڪئي هئي. ڊايوڊورس وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته سڪندراعظم انهن کي سخت سزا ڏني هئي. جن ماڻهن کي بغاوت ڪرڻ لاءِ هشي ڏئي اڀاريو هو. اهي سيئي حقيقتون ميوسيڪئنس سان ڏهي اڇن ٿيون جنهن پهريائين ته آڻ مڃي پر پوءِ بغاوت ڪئي هئي. جنهن جي نتيجي ۾ ڪيس ٿياس تي ٽنگيو ويو. ساڻس گڏ انهن برهمڻ کي به ڦاسي چاڙهيو ويو جن ڪيس بغاوت لاءِ پڙڪايو هو. هيءَ سڃاڻ اهميت رکي ٿي ڇاڪاڻ ته هن بيان مان پتو پوي ٿو ته راجا ميوسيڪئنس جو راڄ مٿان کان ونڊي ڇوڙ واري علاقي جي مٽئين پاسي تائين سڄي سنڌوءَ ماٿر تائين پکڙيل هو. جنهن ۾ اوڪسي ڪئنس ۽ سامبس جو راڄ شامل ڪونه هو. هن راجا جي حڪومت هڪ وڏي علاقي تي مشتمل هئي. سڪندراعظم کي مليل اطلاعن مان به اهڙي ثابتي ملي ٿي جن ۾ ڪيس ٻڌايو ويو ته مذڪوره علاقو ساري هندستان ۾ وڏيڪ شاهوڪار آهي. اهڙن اطلاعن مان اسان کي اها به سٽس ڪنين پوي ٿي ته راجا سامبس جا راجا ميوسيڪئنس سان سڌا لاڳاپا ڪونه هئا ڇاڪاڻ ته راجا ميوسيڪئنس جي ملڪ جي ڏاکڻين سرحد راجا سامبس جي اولاهينءَ دنگ سان ملي رهي هئي، ان ڪري منجهن سرحدي تڪرار هلندڙ هو. جنهن شهر ۾ ٽالمي کي زهر ٻڌل تيرن جا گهائو رسيا هئا. تنهن شهر جي راجا جو نالي جستين Justin (۴۰۸) آمبيگر Ambiger ٻڌائي ٿو جيڪا گهٽو ڪري ميوسيڪئنس راجا جو صحيح نالو هوندو. هيءُ ميوسڪاني جو حڪمران هو ۽ براهمانا جو علاقو به سندس راڄ ۾ شامل هو.

ڏک جي ڳالهه اها آهي ته مؤرخ ٽالمي جيڪي به نالا بيان ڪيا آهن، سي سيئي براهمانا شهر جي نالي سان ڏهڪي ڪونه ٿا اچن. پارابلي Parabali جو نالو ڪنهن حد تائين جاگرافيائي بيهڪ ۽ ڪجهه نالي جي

هڪجهڙائي جي نقطہ نگاهہ کان براهمانا سان ملي اچي ٿو. ڇاڪاڻ تہ هن لفظ جا پهريان ٻہ پد پرب (Parab)، برم (Baram) کان مختلف ڪونہ آهن. لفظ جي پڇاڙي الي Ali برهماڻالا يا هر ماتيلاءِ جي لفظ ۾ موجود ٿالا جي نمائندگي ڪري ٿو. ٿالمي جي بيان کان پوءِ اسان براهمانا جو ذڪر ڪٽي ٻہ ڪونہ ٿا ٻڌون. پر ڇهہ صديون ڪن پوءِ عرب دور ۾ سندس ذڪر نظر اچي ٿو. ڏيهي تاريخن مان اسان کي اها ڄاڻ ملي ٿي تہ راءِ گهراٽي جي دور ۾ (۵۰۷ کان ۷۴۲ تائين) براهمانا سنڌ جي چئن سرڪارين مان هڪ هئي ۽ ان علائقي جي راڄڌاني هئي. (۴۰۹) راجا ڏاهر جڏهن ۶۸۰ع ۾ سنڌ جي راڄڌاني تي وينو تڏهن ٻہ براهمانا پنهنجي علائقي جي راڄڌاني وارو شهر هو. سنڌوءَ جڏهن الور کي تباهہ ڪري ڇڏيو تہ هن براهمانا کي پنهنجي ملڪ جي راڄڌاني بنايو هو. شين سئنگ سن ۶۴۱ع ۾ سنڌ ۾ آيو هو. جنهن جي سفرنامي جو ذڪر اڳ ۾ ئي اچي چڪو آهي. ان جي زماني ۾ ٻہ سنڌ چئن سرڪارين ۾ ورهايل هئي. انهن کي سهوليت خاطر سرو، وچولو لاڙ ۽ ڪچ سرڪارين جا نالا ڏنا ويا آهن. مان سري وار ي علائقي جو الور واري باب ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان.[1] ٻي سرڪار اوفان چا هئي جنهن کي مان برهمڻ آباد سمجهان ٿو. ايم. استئنسلاس جولين M. Stanislas Julien چيني ٻوليءَ جي پدن مطابق هن جو ترجمو آوندا (Avanda) ڪري ٿو. پر ان جو اصل هڪ جهڙو لفظ ڳولي لهڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي. منهنجي خيال ۾ اهو برهمانا آهي جنهن کي ڪيترن ئي نالن سان اچاريو ويندو آهي. جهڙوڪ: باهمانا، پهڻ، بابنا، ٻانيٽا. (۴۱۰) وغيره. برهمڻ آباد پرسان منصوره شهر جو ذڪر ڪندي ابن حوقل لکي ٿو تہ سنڌي ماڻهو منصوره کي بامي واڻ Bamiwan سڏيندا آهن (۴۱۱). جنهن کي ادريسي ڦيرائي مير مان (۴۱۲) Mirman لکيو آهي. پر ان سان گڏ واندڻ Wandan ۽ ڪاندڻ Kandan

[1] اهي چار سرڪاريون هن ريت هيون: ۱ـ برهمڻ آباد جنهن کي لوهاڻو علائقو سڏيو ويندو هو جيڪو سمنڊ تائين پکڙيل هو. ۲ـ سيوهڻ سرڪار، جنهن ۾ سيوستان ٻڌيہ، جنگاڻ، روجهاڻ، ڪوهہ پايہ ۽ مڪران شامل هئا. ۳ـ اسڪلند جنهن ۾ پاٽيا وارا علائقا شامل هئا ۽ ملتان کي سنڌ جو سرو چيو ويندو هو. ۴ـ ملتان جنهن ۾ ڪرور، اشهار، برهمپور ۽ تاڪيہ وارا علائقا شامل هئا. (ڏسو ڇچ نامو سنڌي ترجمو ص ۲۲ـ ۲۳ مرزا قليچ جو انگريزي ترجمو ص ۱۱ـ ۱۲) (مترجم)

(۴۱۳) جا نالا بہ قلمبند ڪيا آهن. مان سمجهان ٿو تہ اهي بامن وا Bamanwa جي بگڙيل شڪل آهن يا جهڙيءَ ريت سنڌي اچاريندا آهن. جهڙوڪ وامن وا Vamanwa يا وان وا Vanwa وغيره. چيني ٻوليءَ جو پدفان Fan برهما لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي ۽ اها هڪ جاتل سچاتل حقيقت آهي ۽ ان نالي جي ننڍي شڪل آهي، جيڪا هن ڳالهہ تي بہ روشني وجهي ٿي تہ آوندا بہ بهمنوا يا برهمڻ آباد جي ڪجهہ بدليل شڪل آهي.

مسلمانن جي فتح کان جلدي پوءِ براهمانا جي جاءِ منصوره اچي والاري. بلاذري جي بيان موجب هن شهر جو بنياد سنڌ جي فاتح محمد بن قاسم جي پٽ عمرو رکيو هو (۴۱۴). اهو عباسي خاندان جي ٻئي خليفي المنصور جي زماني (۷۷۴ـ ۷۵۳) ۾ جڙي راس ٿيو. پر مسعوديءَ (۴۱۵) جو بيان آهي تہ هيءُ شهر بني اميہ خلافت جي دور ۾ تعمير ڪرايو ويو. تن ڏينهن ۾ سنڌ جو امير جمهور هو جيڪو ۷۴۴ع کان ۷۴۹ع تائين هتان جو گورنر رهيو ۽ پنهنجي پيءُ منصور نالي پڻيان هن شهر کي اڏايائين. هيءُ شهر برهمڻ آباد جي پرسان تعمير ڪرايو ويو هو. تنهن ڪري ابن حوقل، ابوريحان ۽ ادريسي پنهنجي بيانن ۾ هن کي ساڳيو شهر ڪوٺيو آهي. ابن حوقل جا لفظ هن ريت آهن: "منصوره کي سنڌي ٻوليءَ ۾ باميوان Bamiwan سڏيندا آهن (۴۱۶). ابوريحان چوي ٿو تہ: "منصوره جو اصلي نالو بامنوا Bamanwa هو. پوءِ ان کي همن آباد Hamanabda سڏيو ويندو هو." جيڪڏهن هن لفظ جي ابتدائي ياڳي ۾ ب جو اکر ملائبو تہ بهمن آباد جڙي پوندو ۽ اهو اکر غلطيءَ وچان رهجي ويل ٿو پائنجي. هيءُ شهر سنڌوءَ يا مهراڻ جي اوپارين چاڙهہ تي وسايو ويو هو. مذڪوره شهر جي ڏيگهہ ۽ ويڪر هڪ هڪ ميل هئي. اهڙيءَ ريت سندس گهيرو چار ميل ٿئي ٿو. مختلف جڳهن کان ڏينهن واريءَ مسافريءَ جو ليکو ڪري سندس جاگرافيائي ٻيهڪ کي هالا جي اوسي پاسي ٻيهاريو ويو آهي. اهو ماڳ ملتان کان ٻارنهن ڏينهن جي پنڌ تي ۽ منصوره کان سڌو ڏيبل چئن ڏينهن جي مسافريءَ تي هو. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ملتان کان سمنڊ تائين جيڪو فاصلو هو. برهمڻ آباد کان سمنڊ تائين پنڌ ان جو ٽيون حصو هو ۽ اهو فاصلو هالا جي اوسي پاسي وجي ٻيهي ٿو.

ان ساڳي جاگرافيائي بيهڪ ۾ مسٽر بيلاسس ڪنهن جهوني جڳ سان لاڳاپيل هڪ ٽرڙ لڏو آهي، جيڪو وسيع ايراضيءَ تي پکڙيل آهي. سمجهه ۾ ايئن اچي ٿو ته اهو پنهنجي دور جو ڪو وڏو شهر هو. اسان مذڪوره دلچسپ شهر جي جاڙ لاءِ مسٽر بيلاسس Mr. Bellasis جا ٿورائتا آهيون. مذڪوره قتل شهر سنڊوءَ جي پراٽي پيٽ جي ڪنارسان، حيدرآباد کان ستيتاليهه ميل اتر- اوپر، هالا کان اوپر يا اوپر- اتر- اوپر اٽاويهه ميل ۽ ايرندي ناري کان ويهه ميل اولهه طرف آهي (۴۱۷). هيءُ ماڳ ٻانيڙ- ڪا- ٿل Bambhra- Ka- Thul جي نالي سان مشهور آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ناس ٽيل ٿلهه. هن قٽي واري ايراضيءَ ۾ سرن جي ٽوٽن مان ٺهيل هن ٿلهه جو ڪو پاڳو اڃا سلامت بينل نظر ايندو آهي. هن ٽرڙ کي جنهن جاکوڙي جوان ڳولي لڏو تنهن جو چوڙ آهي ته شهر جي ڪنڊرن جي شڪل صورت ايئن آهي جهڙيءَ ريت اڃيئن شهر جي گهرن جي جوڙ هئي جنهن جي دڙي تي پويون شهر وسايو ويو هو. ماپڙ کان پوءِ معلوم ٿيو ته هن شهر جو چوڌس گهيرو چار ميل کن ٽيندو. هن ٻانيڙ- ڪا- ٿل کان سواءِ هتان کان ڏيڍ ميل کن جي فاصلي تي هڪ ٻيو قتل دڙو پڙ آهي، جنهن کي ماڙهو دلوراءِ جو دڙو سڏيندا آهن. هي ماڳ هتان جي آخري راجا جو رهائش گاهه هو. ان ماڳ کان وري پنج ميل کن پري ڏيپر نالي هڪ ٻيو قتل دڙو آهي، جنهن لاءِ ماڙهو چوندا آهن ته اتي راجا جو وزير رهندو هو. هنن ٽرڙن جي وچ تي ڪن وسندين جا اهجاڙ آهن جيڪي ڪليءَ ايراضيءَ ۾ گهڙو ڏور تائين ڏسڙ ۾ اچن ٽيون. ٻانيڙا- ڪا- ٿلهه جي چوڌاري قلعي جي هڪ تعمير ڏسڙ ۾ ايندي، جنهن تي منارن ۽ برجن جي اڏاوت جا نشان ڏسڙ ۾ اچن ٿا. اڪبر بادشاهه جي دور تائين هن قلعي جا نشان ڪجهه وڌيڪ چتا هئا. ابوالفضل جي بيان مطابق هن قلعي ۾ هڪ سؤ چوڌهن برج هئا ۽ هر برج جي وچ تي هڪ طناب جيتري وٿي هئي (۴۱۸). ان زماني ۾ ماپ هڪ مقرر نوڙيءَ سان ڪئي ويندي هئي. اڪبر بادشاهه نوڙيءَ بدران لڪڙن کي لوهن ڪڙن سان ڳنديو هڪ مقرر ماپ کي ڪتب آڻڙ جو حڪم ڏنو هو. مذڪوره طناب جي ماپ ست لاهي گز هوندي هئي ۽ هرگز جي ڊيگهه ٽيهه انچ مقرر هئي. اهڙيءَ ريت هر طناب جي ماپ وڃي ڏيڍ سؤ فوٽ ٻيهي ٿي. جيڪڏهن هن

کي ۱۴۰ سان ضرب ڪبو ته ۲۱۰۰۰ فوٽ جواب ٽئي ٿو. جيڪو اٽڪل چار ميل فاصلو ٽئي ٿو. ابن حوقل جو بيان آهي ته منصوره جو شهر هم چورس هڪ ميل جي ايراضيءَ تي پکڙيل هو. جنهن جو چوڌس گهيرو وڃي چار ميل بيهندو. اهڙيءَ ريت مسٽر بيلاسس جي بيان موجب ٻانيڙا_ڪا_ ٽل جي ايراضي بہ گهٽ وڌ چار ميل ٿيندي. جنهن مان سمجهي سگهجي ٿو ته اهو منصوره وارو ماڳ آهي. جيڪو ڪنهن زماني ۾ سنڌ جو راڄڌاني هو.[1]

---

[1] جنرل ڪننگهام پنهنجي هن ئي ڪتاب جي ص ۲۲۶ ۾ ڪرتس جي حوالي سان لکيو آهي ته هرماتيلاءِ جي قلعبند فوج ۽ ماٺهن کي قلعي کان ٻاهر آٽڻ جون اٽڪلون ڪيون ۽ هنن ٻاهر اچي سڪندر سان سخت مقابلو ڪيو. جنهن ۾ سندس جنرل ٽالمي کي هڪ زهريلي تلوار جو گهاءُ رسيو هو. ماٺهن کي قلعي کان ٻاهر آٽڻ جي اٽڪل استعمال ڪرڻ مان هيءَ ڳالهه چٽي ٿي وڃي ٿي ته برهمانا جي چوڌاري هڪ قلعو هو ۽ اهو نهايت سگهارو هو. قلعي تي حملو ڪري فتح ڪرڻ سڪندر لاءِ ڪجهه ڏکيو هو. ان ڪري ماٺهن کي اٽڪل ڪري قلعي کان ٻاهر آندو ويو هو. عربن بہ جڏهن برهمڻ آباد تي حملو ڪيو هو ته ان کي فتح ڪرڻ کان نا اميد ٿي ويا هئا. (ڏسو چچ نامو سنڌي ترجمو مخدوم امير احمد ص ۲۹۳ ۽ انگريزي ترجمو مرزا قليچ بيگ ص ۱۵۹ تاريخ سنڌ اعجازالحق قدوسي ص ۱۸۸) هن مان بہ اها حقيقت ثابت ٿئي ٿي ته منصوره شهر جي اڏجڻ کان صديون اڳ براهمانا کي هڪ سگهارو قلعو هو. دلوراءِ نالي واري شهر جي چوڌاري ڪنهن قلعي جي اڏاوت جا اهجاڻ نظر ڪونہ ايندا. منصوره جي چوڌاري نظر ايندڙ قلعي جي باقي رهيل پٽ ۾ جيڪي سرون آهن سي ماپ جي لحاظ کان عربن کان اڳ واري سنڌي دور سان واسطو رکن ٿيون تنهن ڪري پڪ ٽئي ٿي ته منصوره کي براهمانا جي درٻي تي اڏيو ويو آهي. جنهن جي چوڌاري اڃي ئي ڪوٽ ناهيل هو. جيڪڏهن براهمانا دلوراءِ وارو شهر آهي، جتي قلعو نظر نٿو اچي ته سڪندر سنڌين کي ٻاهر آٽڻ جي حڪمت عملي چو اختيار ڪئي ۽ عرب بہ برهمڻ آباد کي فتح ڪرڻ کان ناااميد چو ٿيا؟ عربن کان اڳ چچ بہ برهمڻ آباد تي حملو ڪيو هو. برهمڻ آباد جي حاڪم اگهم لوهاڻي جي فوج هارکائي وڃي قلعي ۾ پناهہ ورتي هئي. (ڏسو چچ نامو سنڌي ترجمو ص ۵۳، انگريزي ترجمو مرزا قليچ بيگ ص ۳۳) مٿين بيانن مان اهو معلوم ٿيندو ته برهمانا دلوراءِ نالي ٽرڙ وارن ٽاڪن تي نہ پر منصوره واري ماڳن تي هو. بيلاسس جڏهن هن شهر جي کوٽائي ۽ کوجنا ڪئي ته مسجد جي هيٺان مندر جي تعمير ڏسڻ ۾ آئي. کوٽائي مان اهو بہ معلوم ٿيو ته ڪني پاٽيءَ جي نيڪال جي هيٺئين تهہ واريون ڪسيون منصوره جي دور واري گهرن جي نقشن مطابق نہ، پر پراٽي دور جي تعمير سان سنمک هيون. (ڏسو هينري ڪزنس جو انٽيڪئٽز آف سنڌ)

باقي براهمانا يا برهمڻ آباد جو اصلي شهر دلوراءِ جي ڏڻن وارو ماڳ آهي، جيڪو هن وڏي ڏڻي کان ڏيڍ ميل ڪن پري ٽيندو.

مسٽر بيلاسس، جنهن هن شهر کي ڳولي لڌو، تنهن جو چوڻ آهي ته اهو ماڳ ئي برهمانا يا برهمڻ آباد پاڻ آهي. پر مسٽر ٽامس اختلاف جو اظهار ڪري ٿو (۴۲۹). ڇاڪاڻ ته هتان کوتائي ۽ کوجنا ڪندي وچين دور سان لاڳاپيل سڪا لڌا ويا آهن. ان کان اڳ واري سنڌي دور سان لاڳاپيل سڪن جو انگ تمام ٿورو آهي. اهي سڪا ٻين علاقن مان ٻه ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ لڌا ويا آهن ۽ منجهن هڪ سُرائي ٻه ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي. تنهن ڪري ڪنهن مقرر دور جو تعين ڪرڻ ڏکيو آهي. هتان جيڪي ٻه سڪا لڌا ويا آهن. تن جو سنڌ جي عرب گورنرن سان تعلق آهي ۽ هر سڪي تي پاسي سان منصوره جو لفظ لکيل نظر ايندو. جيتري قدر منهنجي ڄاڻ جو واسطو آهي ته مان هنن سڪن مان ڪو سڪو ڪونه ڏٺو. جنهن جو ڪنهن سنڌي راجا سان لاڳاپو هجي. افسوس جي ڳالهه اها آهي، ته مسٽر بيلاسس، دلوراءِ نالي ٽرڙ جي خاطر خواهه کوتائي ۽ کوجنا ڪانه ڪئي، نه ته جيڪر ڪيس وڌيڪ قديم دور سان لاڳاپيل نادر شيون هٿ لڳي وڃن ها.

هتان جي مؤرخن جا بيان ۽ ماڻهن جون روايتون ٻڌائين ٿيون ته هي شهر راجا دلوراءِ جي ڪلورن ڪري ڏرتيءَ ڏڻڻ کان پوءِ ناس ٿي ويو. هن راجا جي دور بابت يقين سان ڪجهه ٻه چئي ڪونه ٿو سگهجي. مڪمرڏو سندس زمانو ۱۴۰هـ يا ۷۵۷ع ٻڌائي ٿو (۴۳۰). انهيءَ سمي راجا دلوراءِ جو پاءُ چٽو حج ڪري واپس وريو هو. پر اسان کي تاريخي حوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته منصوره ڏهين صديءَ جي شروعات ۾ ٻه پنهنجي اوج تي هو ۽ مسعودي ۽ ابن حوقل ان دور ۾ هتي پاڻ آيا هئا. تنهن ڪري پڪ ٿئي ٿي ڏرتيءَ ڏڻڻ وارو واقعو سنه ۶۵۰ع کان پوءِ جي ڳالهه آهي. اهو ٻه چيو ويندو آهي ته دلوراءِ ۽ چٽو ٻئي منصوره يا برهمڻ آباد جي راجا يا امير جا پٽ هئا. ان سان گڏ ويساهه ڪرڻ ڏکيو آهي ته جڏهن منصوره تي عرب گورنرن جي حڪومت هئي ته ساڳي زماني ۾ سنڌي راجا ٻه اتي راج ڪري رهيو هو. حقيقت اها آهي ته پنجاب جي قٽل شهرن بابت ساڳئي قسم جي ڏندڪٿا ٻڌائي ويندي آهي ۽ چيو ويندو آهي ته شورڪوٽ هڙاپا ۽ آمريءَ جا شهر پنهنجن راجائن

جي ڪلورن ڪري ناس ٿي ويا. سنڌ ۾ پنيور، براهمانا ۽ الور لاءِ ابه ايئن ئي چيو ويندو آهي. تلمبا جي تباهيءَ بابت به ساڳي ئي ڪهاڻي گهڙي وئي آهي. پر مان سمجهان ٿو ته اهو نسورو ڪوڙ آهي، ڇاڪاڻ ته مان پنهنجي سر اتي وڃي ڪوجنا ڪئي ۽ پتو پيو ته ان شهر جي تباهي ان ڪري ٿي جو راوي پنهنجو وهڪرو بدلائي وئي هئي. مسٽر بيلاسس جي ڪوجنا مان پتو پيو آهي ته برهمانا ڏرتي ڏڌڙ ڪري ناس ٿي وئي هئي. ماڻهن جا هڏاوان پڇرا گهرن جي ٻُنين وٽ ڏبالڙ ٽيل ڏسڻ ۾ آيا. جنهن مان سمجهي سگهجي ٿو ته ماڻهن ڪنهن آفت کان پڇڙ جا جتن ڪيا هجن، ڪن جا هڏا اندر ڪوٺين مان لڌا، ڪن جا بينل ۽ ڪن جا وينل، ڪن جا اونڌي منهن ڪريل حالت ۾ ڏسڻ ۾ آيا (۴۲۱). شهر کي ساڻي تباه ڪونه ڪيو ويو. ڇاڪاڻ ته رچرڊسن جو بيان آهي ته سڙيل ڪاٺ جي ڪوئلن جا اهڃاڻ ڏسڻ ۾ ڪونه آيا. پٽين تي به باهه جا نشان ڪونه آهن، ان جي برخلاف ماڻهن جا هڏاوا پڇرا، گهرن جي ڪوٺين جي ڪندن مان اهڙي ريت ملیا آهن جڙ اهي ڪنهن هائسي ۾ سراپجي ويا هجن. امڪان آهي ته جنهن وقت ڏرتي ڏڌي رهي هئي ته هو پنهنجي گهرن جي ڪوٺين اندر ڊپ کان ڇڪ هڻي وينا رهيا ۽ مٽائڻن سندن ئي گهرن جون پٽيون ڪرنديون رهيون، اهڙيءَ ريت جو جيئري ئي ڏبالڙ ٿي ويا (۴۲۲) مسٽر رچرڊسن ڪوٺيءَ جي ڪنڊ مان هڪ اهڙي پڪي سر ڪنئي جيڪا ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪوپڙيءَ ۾ اندر گتل هئي. جڏهن هن اها سر مٽي ڪنئي ته ماڻهوءَ جي ڪوپڙيءَ جي هڏيءَ جو ڪجهه حصو ان سان چنبڙيل هو. مسٽر بيلاسس جيان سندس خيال آهي ته هيءَ شهر ڏرتيءَ جي ڏڌڙ ڪري تباهه ٿي ويو آهي.

ٻانيڙا ـ ڪا ـ ٽلهه واريءَ ايراضيءَ مان به عربن جي دور سان لاڳاپيل سڪا لڌا ويا آهن، جيڪي هن شهر جي پايو رکندڙ جمهور بن منصور جي دور کان وٺي عمر هباري واري زماني سان تعلق رکن ٿا. المسعودي به عمر هباري جي دور ۾ سنڌ ۾ آيو هو (۴۲۳) تنهن ڪري پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته مذڪوره شهر ۷۵۰ کان ۹۴۰ع تائين آباد هو.

مٿين حقيقتن مان منهنجي ان بيان جي پٽيرائي ٿئي ٿي جنهن ۾ چئي آيو آهيان ته جڏهن مسعودي ۽ ابن حوقل ڏهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ سنڌ

آيا هئا تہ هيءُ شهر پنهنجي اوج تي هو. ان ڪري مان سمجهان ٿو تہ هن شهر جي تباهي ڏهينءَ صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ۽ سن ۹۷۰ع کان اڳ ڪانہ ٿي هوندي. اها حقيقت بہ آهي، ڇاڪاڻ تہ يارهين صديءَ عيسويءَ جي شروعات ۾ ابوريحان هن شهر جو ذڪر ڪيو آهي، پر ان کان ٿورو پوءِ ادريسيءَ، قزويني ۽ رشيدالدين جو بہ اهڙو بيان آهي جنهن مان سڌ پوي ٿي تہ هي شهر سندن دور ۾ پڻ آباد هو. پر پويان مؤرخ نہ بلڪ مرتب آهن ۽ انهن ٻين جي ڪتابن تان ميڙا ڇوندا ڪري حقيقتون گڏ ڪيون آهن، تنهن ڪري سندن ڏنل احوال ڪنهن اڳئين دور سان واسطو رکن ٿا. باقي ابوريحان سان واسطو رکندڙ تاريخي حوالا اصلي ۽ بنيادي آهن. ڇاڪاڻ تہ هو هندستان جون ٻوليون ڄاڻندو هو ۽ سمجهڻ کپي تہ سندس قلمبند ڪيل حقيقتون ڪريون ۽ سڇيون آهن تہ منصوره جو شهر سندس دور تائين وسندڙ هو. هو سنڌ جي رستن بابت بيان ڪندي ٻڌائي ٿو تہ (۴۲۴) "الور کان برهمنوا يا المنصوره ويهن فرسنگن جي فاصلي تي آهي. اتان کان لوهراڻي Lohrani تيهہ فرسنگ پري ٽيندو جيڪو درياهہ جي ڇوڙ وٽ هڪ ماڳ آهي." هن مان پتو پوي ٿو تہ ابوريحان جڏهن سن ۱۰۳۱ع ۾ پنهنجي تاريخ لکي رهيو هو تہ منصوره آباد هو. محمود غزنويءَ جي سنڌ تي حملي جو احوال اوريندي فقط هڪ مؤرخ منصوره جو مختصر ذڪر ڪيو آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان زماني ۾ منصوره آباد ضرور هو پر زبون حاليءَ جو شڪار هو. نہ تہ سنڌ جي راڄڌانيءَ واري هن شهر جي شاهوڪاري هن ڦورو ۽ هيڇي Rapacious حڪمران کي ضرور مٿس حملي ڪرڻ لاءِ هرڪائي وڄهي ها. تنهن ڪري منهنجو ويچار آهي تہ ڏرتي ڏڏڙ وارو واقعو جنهن شهر کي ڍاهي ناس ڪري ڇڏيو سو يارهين صدي جي شروع ٽيڙ کان اڳ واري دور سان لاڳاپو رکي ٿو. اهو بہ امڪان آهي تہ شهر جي تباهيءَ کان پوءِ نڪري ويل ماڻهن ڏهاڙ ٽيل پنهنجو مال ملڪيت هٿ ڪرڻ ۽ پنهنجا اباڻا ڪک وسائڻ لاءِ موڪي اچي ساڳي هنڌ آباد ٽيا هوندا. پر ڏرتيءَ ڏڏڙ ڪري قلعو ۽ گهر ڍهي ڏڙو بنجي ويا هوندا تنهن ڪري کين عدم تحفظ جو احساس ٽيو هوندو. ان سان گڏ پاڻيءَ بہ هوريان هوريان گهٽجڻ شروع ڪيو هو ۽ ماڻهن اتان وري لڏپلاڻ شروع ڪري ڏني ۽ شهر وڏيڪ تباهيءَ جو

شڪار ٿي ويو. سن ۴۱۶هـ/۱۰۲۵ع ڌاران سومنات جي حملي کان پوءِ محمود سنڌ مان لنگهيو ته منصوره تي حملي ڪرڻ بدران سيوهڻ کان ٽيندو سڌو غزني هليو ويو هو.[1] اسان کي ابن اثير جو رڳو ايترو احوال ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هن حڪمران سنڌ لاءِ هڪ مسلمان گورنر مقرر ڪيو هو.

---

[1] طبقات ناصريءَ جو حوالو آهي ته محمود غزنويءَ منصوره وارو رستو اختيار ڪيو هو. (ڏسو ص ۴۱۲ اردو ترجمو غلام رسول مهر)
محمود غزنويءَ جڏهن ۱۰۲۵ع ۾ سومنات تي حملي کان پوءِ غزنيءَ ويندي سنڌ مان گذريو ته سنڌ وارن ساٺس ڏاڍيون چوٽون ڏنيون. هن سان گڏ سومنات مان لٽيل قيمتي سامان پيٽڻ تي لڏيل هو. هو جڏهن منصوره وٽان لنگهيو ته مٽس حملو ڪيائين. ان زماني ۾ حنيف نالي هڪ سومرو سردار منصوره جو حڪمران هو جيڪو جنگ کان لنوائي ڪيڏانهن هليو ويو. هو منصوره کي لٽي ڦري غزنيءَ ڏانهن اسهيو ته سنڌي ملتان تائين سندس ڪيڏ ويا. مٽس حملا ڪندا رهيا پر ۱۰۲۷ع واري جوابي ڪارروائي مان معلوم ايئن ٿئي ٿو ته سنڌين کيس سخت شڪست ڏني هئي، نه ته درياهي لشکر وٽي سنڌ تي حملي لاءِ خاص قسم جون ٻيڙيون ٺهرائي سنڌين کان پلاند ڪونه وٺي ها. هن انتقامي ڪارروائي دوران سلطان محمود سنڌ جي مسلمان، معصوم ٻارن ۽ عورتن جي قتل عام جو حڪم ڏنو هو. سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن سان ڪابه ساهه واري شيءِ زنده ڪانه ڇڏي وئي. (وڌيڪ لاءِ ڏسو تاريخ سنڌ اعجازالحق قدوسي ص ۳۲۲ _ ۳۲۳ ۽ ۳۲۴) جنرل ڪننگهام پنهنجي هن ڪتاب جي ص ۲۳۲ تي مسٽر بيلاسس ۽ رچرڊسن جو حوالو ڏيندي لکيو آهي ته اتان جا ماڻهو گهر جي ڪوٽين اندر ويڙل ۽ بيڙل صورت ۾ دهالڻ ٽيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. سندس اهڙو بيان ڪجهه غيرفطري لڳي ٿو. چاڪاڻ ته ڏرتيءَ ڏاڍڻ وقت ماڻهو ڪوٽين اندر لڪي مٽان گهر ڍهڻ ۽ مرڻ جو اوسيئڙو ڪونه ڪندا آهن پر ان آپدا کان ڊڄي ماڻهو گهر جي اڳڻ ۽ گهٽين ۾ اچي سر بچائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. گهر جي ڪوٽين اندر تڏهن سربچاءَ ڪيو ويندو آهي جڏهن ٻاهرين دشمن جو ڊپ هوندو آهي ۽ شهر خونخوار فوج جي هٿن ۾ هوندو آهي. هينري ڪنس پنهنجي ائنٽيڪئٽيز آف سنڌ ۾ ڏاڙي حملي جو خدشو ڏيکاريو آهي. سندس چوڻ آهي ته گهٽين ۾ تامي جا سڪا هاريل صورت ۾ نظر اچن ٿا. ان زماني ۾ تامي جي سڪي کي وڏو ملهه هو ۽ هتان جو ڏيهي ماڻهو تامي جا سڪا ايئن هاري ڪونه ڇڏي ها. اهو ڪم ڪنهن ڏاري فوج جو هوندو. جڏهن کين قيمتي مال هٿ آيو هوندو ته پنهنجي وطن ڏانهن ڏور ويندي بار کان لهرائي ڦريل تامي جا سڪا هاري ڇڏيا هوندائون. جيڪڏهن اسان مجيون ته منصوره جي تباهي فقط ڏرتي ڏاڍڻ ڪري ٿي آهي ته پوءِ به ماڻهن جا هڏاوان، پچرا ٻيڙل نظر اچڻ شڪ کان خالي نه آهي. چاڪاڻ ته ڏرتيءَ جي ڏوڏي ۾ پٽ ۽ چٽ ڪرندي ته ماڻهو جهٽڪي سان وڃي هيٺ ڪرندو. ويچار جهڙي ڳالهه اها آهي ته پٽ ۽ چٽ

لاڙ

شين سئنگ جي بيان مطابق پتاسيلا Pitasla يا لاڙ واري علائقي جو گهيرو ٽي هزار لي يا پنج سؤ ميل هو. جيڪو حيدرآباد کان ونڊي سمنڊ تائين ساري ڇوڙ واري علائقي جي گهيري واريءَ ماپ سان سهمت آهي. اهو اوپر طرف عمرڪوٽ ۽ اولهه پاسي راس مونزي Cape Monz واري جابلو علائقي تائين پکڙيل آهي. ان نقطه نگاهه کان لاڙ واري علائقي جي مختلف پاسن جي ماپ هن ريت ٽي سگهي ٽي. اولهه پاسي واري جابلو علائقي کان ونڊي عمرڪوٽ تائين هڪ سو ست ميل. ان ساڳيءَ جاءِ کان راس مونزي تائين پنجاسي ميل، مونزي راس کان سنڊوءَ جي ڪوري کاري تائين هڪ سو پنجٽيهه ميل، ڪوري کاري کان عمرڪوٽ تائين هڪ سؤ چاليهه ميل. جيڪڏهن هنن سيني پاسن جي ماپن جو جوڙ ڪبو ته گهيرو پنج سؤ ميل وڃي بيهندو. هن علائقي جي زمين بابت چيو ويندو آهي ته اها وارياسي ۽ ڏنگاشي آهي. ياڃيون ۽ اناج جام ٿيندو هو. پر موجوده دور جي ڇوڙ واري علائقي ۾ ڦل ۽ قول گهٽ ڏسڻ ۾ ايندا.

سڪندر جي زماني ۾ لاڙ جو مشهور ۽ اهم شهر پٽالا Patala هوندو هو. پر چيو ويندو آهي ته هن لاڙ ۾ گهٽي وقت ترسڻ دوران ٻين بہ ڪيترن ئي شهرن جو بنياد رکيو هو (۴۲۵). ڇاڪاڻ ته هو پورب جي واءُ جي اوسيئڙي ۾ وينو رهيو انهيءَ لاءِ ته جيئن وطن ڏانهن ورڻ ويل کيس ٻيڙن هاڪارڻ ۾ سولائي ٿئي. بدقسمتيءَ جي ڳالهه اها آهي ته ان دور جي مؤرخن انهن شهر جا نالا قلمبند ڪونہ ڪيا آهن. رڳو اڪيلو جسٽين Justin آهي جيڪو ٻڌائي ٿو ته واپسيءَ ۾ هن بارس Barce نالي هڪ شهر تعمير ڪرايو هو (۴۲۶). جنهن جو بيان اڳتي ايندو. ٽالمي بہ ڪيترن ئي شهرن جهڙوڪ: باربارا Barbara، سؤسيڪانا Sousikana، بونس Bonis ۽ ڪولاڪا Kolaka جو ذڪر ڪيو آهي. هنن مان پهريون شهر باربارا پيري پيلس Periplus وارو

ڪرڻ کان پوءِ ماڻهو بيهي ڪيئن سگهيو هوندو؟ جيڪڏهن ماڻهن کي پيٽ ۾ تلوارون هڻي ماريو ويو هجي ته صدين کان پوءِ سندن موت جي ڪارڻ جو پتو ڪونہ لڳي سگهندو. وقت جي لحاظ سان سلطان محمود غزنويءَ جي حملي ۽ ڌرتي ڏڻڻ واري واقعي ۾ وٽي نہ هجي ۽ ٻئي واقعا گڏ بہ ٿي سگهن ٿا. (مترجم)

باربريڪي Barbarike ۽ جستين وارو بارس معلوم ٿئي ٿو. پيري پلس جي مصنف جي زماني ۾ لاڙ جي راجڌاني مين نگر Minnagra هوندو هو. ڏيساور جا واپاري باربريڪا وارو درياهي وهڪرو ڏئي مٿي اچي مين نگر پهچندا هئا. ستين صديءَ جي وچ ڌاران شين سئنگ پتسيلا يا پتالا جو ذڪر ڪري ٿو. انين صديءَ واري محمد بن قاسم جي حملي جا مؤرخ ديبل ۽ نيرون ڪوٽ شهرن جي نالن جو واڌارو ڪن ٿا، ڏهين صديءَ جا عرب جاگرافيدان شهرن جي نالن جي هن مختصر فهرست ۾ منحاتاري Manhatare منحاباري Manhabari يا منجاباري Manjabari (۴۲۷) جي نالي جو اضافو ڪن ٿا، جيڪو سنڌوءَ جي اولهه پاسي ديبل کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي ان ٽاڪ تي هو جتان ديبل ڏانهن ويندڙ رستو درياهه پار ڪندو هو. مان انهن شهرن جو سندن جاگرافيائي ٻيهڪ مطابق اتر کان ڏکڻ وارن ماڳن جو بيان ڪريان ٿو. شروعات پتالا سان ڪئي ويندي جيڪو چوڙ وٽ آهي.

پتالا_ نيرون ڪوٽ

مئڪمرڊو، مئسن، برٽن ۽ ايسٽ وڪ (۴۲۸) جو خيال آهي ته حيدرآباد ئي نيرون ڪوٽ آهي. سر اليٽ جو خيال آهي ته نيرون ڪوٽ جهڙڪ شهر جي پرسان هوندو هو. چاڪاڻ ته سندن خيال موجب ان ماڳ جي جاگرافيائي ٻيهڪ هتان جي ڏيهي مؤرخن جي بيانن سان سهمت آهي. حيدرآباد جو نالو پوئين دور سان واسطو رکي ٿو. پر ماڻهو هن کي نيرون ڪوٽ ٻه سڏيندا آهن. هن ۾ ڪنهن شڪ شبهي جي ڳالهه ڪانه آهي ته هيءُ اهو ماڳ آهي جنهن کي عرب جاگرافيدانن نيرون يا نيرون ڪوٽ جي نالي سان ذڪر ڪيو آهي. ابوالفدا Abul Feda جي بيان موجب اهو ماڳ ديبل کان پنجويهه ۽ منصوره کان پندرهن فرسنگ پري آهي جيڪو اصطخري ۽ ابن حوقل جي بيانن سان ڪنهن حدتائين سهمت آهي. ابن حوقل جو بيان منجهيل آهي. هو چوي ٿو ته نيرون منصوره ۽ ديبل جي وچ تي آهي پر منصوره جي ويجهو آهي. مذڪوره ماڳ سنڌوءَ جي اولاهين ڪنڌيءَ سان آباد هو. شهر ننڍو هو. پر قلعو نهايت سگهارو هوس. حيدرآباد جو شهر برهمڻ آباد يا منصوره جي ڦٽل ڏڙي کان چوهتر ميل پري آهي ۽

لاڙي بندر کان سندس فاصلو سائيڪو ميل کن ٿيندو. هن ٻڌايل فاصلي مطابق نيرون ڪوٽ جهرڪن واري ماڳن کان وڌيڪ حيدرآباد سان نهڪي ٿو ٻيهي. موجوده دور ۾ سنڌوءَ جو مکيہ وهڪرو حيدرآباد کان اولهہ پاسي وهندو آهي، پر اسان کي خبر آهي تہ هن وهڪري جي اوپارين ڇاڙهہ ڏليلي، تنهن زماني ۾ مکيہ وهڪرو هوندو هو. مئڪمرڊو (۴۲۹) جو خيال آهي تہ سنڌوءَ جي مکيہ وهڪري جو رخ بدلائي حيدرآباد کان اولهہ وهٽ وارو واقعو ۱۰۰۰هہ ع ۱۵۹۲ع ۾ ٿيو آهي. ان ئي دور ۾ نصرپور زبون ٿي وئي هئي. جنهن جو بنياد ۷۵۱هہ ع ۱۳۵۰ع ۾ رکيو ويو هو. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ هن شهر پنهنجي اوج جو زمانو تمام ٿورو ڏٺو. نصرپور لاءِ ابوالفضل جو بيان آهي تہ (۴۳۰) مذڪوره شهر ٺٽي صوبي جي هڪ محال جو مکيہ شهر آهي. منهنجو خيال آهي تہ تنهن زماني ۾ سنڌوءَ جو مکيہ وهڪرو نيرون ڪوٽ يا حيدرآباد جو اوپاريون پاسو ڏئي وهندو هوندو ع اڪبر جي شروعاتي دور تائين وهڪرو ايئن وهندو آيو هوندو.

نيرون ڪوٽ جو شهر هڪ ٽڪريءَ تي اڏيل هو ع پرسان هڪ وڏي ڍنڍ هوندي هيس. محمد بن قاسم جي حملي وقت سندس ٻيڙيون اچي منجهس ٻيٺيون هيون. سر هينري ايليٽ جو خيال آهي تہ جهرڪن واري ٽڪريءَ تي نيرون واري ٽڪري آهي جيڪا سنڌوءَ جي اولهہ پاسي آهي ع اها ڍنڍ هيلايا پرسان ع جهرڪ کان ڏکڻ ڪينجهر ڍنڍ آهي. پر ڪينجهر ڍنڍ جو سنڌوءَ سان ڪو لاڳاپو موجود ڪونہ آهي، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ اها ڪينجهر ڍنڍ ڪانہ آهي، جنهن ۾ محمد بن قاسم جا ٻيڙا اچي ٻينا هئا. هتي هاڻي اهو اهم دليل پنهنجي اصلي حيثيت وڃائي ڇڏي ٿو جنهن جي ناتي نيرون واري ٽڪريءَ کي حيدرآباد بدران جهرڪن پرسان سمجهڻ جو سبب بنايو ويو. سر هينري (۴۳۱) اها ڳالهہ بہ قبول ٿو ڪري تہ ڪنهن ماڳ جي يقين ڪرڻ ۾ وايومنڊل اهم ڪردار ادا ڪندو آهي. ٻين ماڳن جهڙوڪ ديبل ع منصوره جو بہ ساڳيو حال آهي، جن تي ايا اتفاق راءِ پيدا ٿي ڪونہ سگهيو آهي. هو صاحب ڪراچيءَ کي ديبل ع منصوره کي حيدرآباد سمجهيو ويٺو آهي. انهن ماڳن جي تعين ڪرڻ سان گڏ اهو بہ سمجهي ٿو تہ نيرون ڪوٽ جهرڪ شهر وٽ موجود هو. جڏهن هو "سنڌ ۾

عرب" تي هڪ مضمون لکي رهيو هو ته بيلاسس سنڌ جو هڪ پراڻو ماڳ ٻانيڙا_ ڪا_ نل ڳولي لڌو هو جنهن جو جاگرافيائي ماڳ بلڪل ايئن هو جهڙيءَ ريت ڪيترو وقت اڳ مسٽر مئڪمرڊو برهمڻ آباد لاءِ لکي ويو هو. ان ماڳ جي پڪ جهڙي سچاڻپ بہ ٿي وئي آهي ته مذڪوره ٿاڪ منصوره يا برهمڻ آباد جو آهي. تنهن ڪري بلاذري ۽ چچ نامہ جي نيرون ڪوٽ جو صحيح ٿاڪ نيرون ڪوٽ Niron Kot يا حيدرآباد ئي ٿي سگهي ٿو. چاڪاڻ ته ٻانيڙا_ ڪا_ نل کان ستيتاليهہ ميل ۽ لاڙي بندڙ کان پنجاسي ميل پري آهي. جيڪو ابوالفدا جي بيان سان سهمت آهي. جنهن جو چوڻ آهي ته: "نيرون ڪوٽ برهمڻ آباد کان پندرهن فرسنگ ۽ ديبل کان پنجويهہ فرسنگ پري آهي. ان جي ٻڌايل تعمير مطابق هيءُ ماڳ بہ ٽڪريءَ تي اڏيل آهي ۽ ان کي نيرون ڪوٽ پڻ سڏيو ويندو آهي. هيءَ ٽڪري گنجي ٽڪر جي جابلو علاقي سان واسطو رکي ٿي. جيڪا ڏيڍ ميل ڊگهي. ست سؤ گز ويڪري ۽ اسي فوٽ اتاهين ٿيندي (۴۳۲). هن ٽڪريءَ جي ٽئين پاڳي تي. ڏکڻ پاسي مذڪوره قلعو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. وچين پاڳي تي شهر جي مکيہ بازار ۽ وڪڙن تي گهرن جون اڏاوتون آهن ۽ اتر پاسي مزارون ۽ مقبرا ڏسڻ ۾ ايندا.

جڏهن ٦۴١ع ۾ چيني ياتري شين سئنگ سنڌ ۾ آيو ته هيءُ ڪچ جي راجڌاني ڪوٽيسر کان ست سو لي يا هڪ سؤ سترهن ميل اتر پنڌ ڪري پي_ ٿو_ شي_ لو Lo_ Shi_ To_ Pi پهتو هو (۴۳۴). اتان کان هو ٽي سؤ لي يا پنجاهہ ميل سفر ڪري او_ فان_ چا پهتو جنهن کي مان برهمڻ آباد سمجهيو آهي. ايم جولين چيني پدن موجب پي_ ٿو_ شي_ لو جو اچار پٽاسيلا Pitasila سمجهي ٿو. ان بدران مان هن لفظ کي پاٽاسلا Patasla سمجهان ٿو. جنهن جي معنيٰ آهي "تراکڙي چوٽيءَ واري ٽڪري" هيءُ مفهوم ان ٽڪريءَ جي چوٽيءَ جي مٽاچري سان هڪ جهڙائي رکي ٿو. جنهن ٽڪريءَ جي تراکڙي مٽاچري تي حيدرآباد جو شهر اڏيل آهي (۴۴۵). برٽن جي بيان موجب نيرون ڪوٽ يا حيدرآباد کي پاتال پور Patal pur پراڻي نالي سان بہ سڏيو ويندو هو. هيءُ ٿاڪ ڪوٽيسر کان هڪ سو ويهہ ميل اتر ۽ برهمڻ آباد کان ستيتاليهہ ميل ڏکڻ اولهہ طرف آهي. مان هن ماڳ کي

چيني ياتري واري شهر پٽاسيلا سمجهڻ ۾ تڪڙ بہ ڪونہ ٿو ڪريان. هن تڪريءَ جي گهيري جي ماپ، ڏيڍ ميل ڏيگهہ ۾ ست سو گز ويڪر مطابق ٽي ميل ٽئي ٽي، جيڪا شين سئنگ جي ٻڌايل گهيري (ويهہ لي يا ساڍا ٽي ميل) سان هڪ جهڙائي رکي ٽي.

"پٽالا پور" ۾ "پٽاسيلا" جي نالن مان چڱي ريت پتو پوي ٿو تہ حيدرآباد ئي اهو ماڳ آهي، جنهن کي سڪندر واري دور ۾ پٽالا Pattala سڏيو ويندو هو.[1] سڪندري مؤرخ هن ڳالهہ تي متفق آهن، تہ اهو ٽاڪ سنڌو جي ڇوڙ واري ٽڪنڊي علائقي جو مٽيون پاسو هو. موجوده دور جي ڇوڙ واري ٽڪنڊي علائقي جو مٽيون پاڳو مٽيارن وارو قديم شهر آهي، جيڪو حيدرآباد کان ٻارنهن ميل مٽي آهي. هن ٽاڪ وٽان ڦليلي ڦاٽ سنڌوءَ جي مکيہ وهڪري کان ڇڇي ڌار ٿيندو آهي. قديم زماني ۾ جڏهن پراڻ وارو وهڪرو الور کان نيرون ڪوٽ ڏانهن ايندو هو تہ پهريون ڦاٽ حيدرآباد وٽان ڇڏيندي هئي ۽ اهو وهڪرو ميانٽي Miani ۽ ٽريڪل Trikal وارن پيٽن مان وهي اڳتي ويندو هو يا وري هن ماڳ کان پندرنهن ميل ڏکڻ- اولهہ ڏئي ان ٽاڪ وٽ پهچندو هو. جتي هاڻي ڦليلي ڦاٽ، گونيءَ کي ڏکڻ طرف ڇڏي ٿورو اولهہ پرو سورکي ٽريڪل وٽان سنڌوءَ جي موجود وهڪري سان ويجي سنگم ڪندو آهي. تنهن ڪري ڇئي سگهجي ٿو تہ ڇوڙ واري ٽڪنڊي علائقي جو مٽيون پاسو يا تہ حيدرآباد پاڻ هئي يا وري هن ماڳ کان پندرنهن ميل اولهہ- ڏکڻ پاسي اهو ٽاڪ هو. جتان سنڌوءَ جو اپرندو ڦاٽ گوني سنڌوءَ جي الهندي ڦاٽ ڦليلي کان ڇڇي ڌار ٿيندو هو.

ٻين حقيقتن سان پيتائي ڏسڻ کان پوءِ بہ "پٽالا" جي جاگرافيائي ٻيهڪ معلوم ڪري سگهجي ٽي:

ٽالمي جي بيان موجب ڇوڙ واري ٽڪنڊي علائقي جو مٽيون پاسو "لوٽي ٻاري" سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ واري ٽاڪ ڪري ڪاري ۽ اوڪسي ڪانايا

[1] سڪندر جي دور ۾ سنڌو، حيدرآباد يا مٽيارين وٽان نہ مڙندو هو. تنهن ڪري حيدرآباد نہ پٽالا آهي نہ سڪندر جي دوري جي ڇوڙ واري ٽڪنڊي علائقي جو مٽيون پاسو هو.

ماهورتا جي وچ تي هو. هن بيان تي ويچار ڪري ڏسبو ته پتالا جو ٽاڪ حيدرآباد ٿيندو.[1]

ٻيو ته چوڻ واري ٽڪنڊي علاقي جي هينئين پاسي جي ارسٽو بيولس (Arustobulus) ماپ ورتي هئي، جيڪا هڪ هزار استاڊيا يا هڪ سو پندرهن ميل هئي. نيرڪوس ارڙنهن سؤ ۾ اونسي ڪريٽس ٻه هزار استاڊيا ٻڌائي ٿو (۴۴۶). پر گهاري واري سنڊوءَ جي اولاهين چوڻ کان وٺي صفا اوپر واري ڪوري ڪاري واري سنڊوءَ جي چوڻ تائين مذڪوره هينئين علاقي جي ماپ هڪ سؤ پنجويهه ميل آهي. اسين هن مامري ۾ ارسٽوبيولس طرفان ڏنل ماپ کي ٻين جي وڌايل ماپ کان وڌيڪ ترجيح ڏيون ٿا. اوئنسي ڪريٽس جو بيان آهي ته پتالا ٻنهي آخري چوڻن وارن ٽاڪن وٽان هڪ جيتري فاصلي تي هو جيڪو چوڻ کان هڪ هزار استاڊيا يا هڪ سؤ پندرهن يا هڪ سؤ پنجويهه ميل پري هو. ان حساب سان پتالا گهاري کان هڪ سؤ ڏهه ۱۱۰ ميل ٿيندو ۽ ٻئي پاسي ڪوري ڪريڪ کان حيدرآباد جو فاصلو هڪ سؤ پنجٽيهه ميل آهي. اهي ٻئي ماپون اوئنسي ڪريٽس طرفان ڏنل چوڻ

[1] لوٽيءَ جو دائمي وهڪرو ختم ٿي ويو آهي. هاڻي هڪ برساتي نئن آهي. ٽالمي وارو دور ٻه اسلام کان گهڻو اڳ واري زماني سان واسطو رکي ٿو. ان دور جي پتالا کي ان دور جي دريائي وهڪرن جي ڪنڌين ڪنارن سان واجهائڻ ڪپي نه ڪو سنڊوءَ جي حيدرآباد واري موجوده وهڪري جي ڪنارسان. سڪندري تاريخن مان پتو پوي ٿو ته هن هرماتيلاءِ يا برهمڻ آباد کان هيٺ پراڻ درياءَ وسيلي هاڪاريو هو. پراڻ جو پراڻو پيٽ اتر اوپر کان ڏکڻ اولهه ڏانهن ويندو ڏسبو. ان ۾ جيڪڏهن ارڙهين صديءَ واري سنڊوءَ جي وهڪري کي ٻه ڇڏي نصرپور وارو پراڻو سنڊوءَ جو وهڪرو ڏسبو ته اهو ٻه غيرفطري لڳندو ۽ پاڻي پرڻ واري پراڻي وهڪري ۾ مٽي چڙهڻ بدران گونيءَ واري ڦاٽ ۾ وڃي داخل ٿيندو. قديم زماني ۾ هاڪڙي جي اوپرندي ڇاڙهه، جيڪا براهمانا کان ميل اوپر لنگهندي هئي سا پراڻ ۾ وڃي چوڻ ڪندي هئي ۽ براهمانا کان گذرندڙ سنڊوءَ جو پاڻي ٻه اوپر ڏکڻ اصل اڳي وڃي پراڻ ۾ پوندو هو. اهڙيءَ ريت پراڻ جي اپرندي ڇاڙهه ڪڇ وڃان ۽ الهندي ڇاڙهه ساڪري ۽ گهاري وارو پاسو ڏئي سمنڊ ۾ چوڻ ڪنديون هيون. ان زماني ۾ چوڻ واري ٽڪنڊي جو هينيون پاسو هڪ سؤ پنجويهه ميل هو جيڪو هاڻي ويهه ميل ٻه ڪونه آهي. ان حساب سان چوڻ جو مٿيون پاسو براهمانا ۽ پراڻ جي وچ تي ڪٽي هجڻ ڪپي. سڪندر جي دور ۾ حيدرآباد وارو ٽاڪ چوڻ جو مٿيون نقطو ڪونه هوندو. تنهن ڪري ان کي پتالا سمجهڻ شڪ کان خالي ڪونه آهي.

واري ٽڪنڊي علائقي جي تري واري پاسي جي ماپ سان هڪجهڙائي رکن ٿيون. ڇاڪاڻ ته سندس بيان آهي ته ڇوڙ واري ٽڪنڊي جا ٽئي پاسا هڪ جيترا آهن. هنن ماپن جو نتيجو اهو ٻيهي ٿو ته ان ڇوڙ واري ٽڪنڊي علائقي جو مٿيون پاسو حيدرآباد يا ان جي اوسي پاسي وڃي ٻيهي ٿو.

ٽين ڳالهه ته جيڪڏهن اثرين ۽ ڪريٽس جي بيانن جو پيٽوار جائزو ونبو ته معلوم ٿيندو ته سڪندر جڏهن براهمانا يا برهمڻ جي شهر ۾ ترسيل هو ته پٽالا جي راجا وٽس اچي آڻ مڃي هئي. ان کان پوءِ سڪندر ٽي ڏينهن درياهه ۾ آرام سان وينو رهيو جو ڪيس پٽالا جي راجا جي ٽر ڏانهن پڃي وڃڻ جو پتو پيو (۴۳۷). سڪندر کي جڏهن اها ڪل ڪنين پئي ته پٽالا ڏانهن پيش قدمي شروع ڪيائين. برهمڻ آباد کان حيدرآباد ستو پنڌ ستيتاليهه ميل آهي، پر جيڪڏهن نصرپور رستي سفر ڪبو ته حيدرآباد جو پنڌ وڃي پنجونجاهه ميل ٻيهندو. پر جيڪڏهن درياهه سان نصرپور وارو پاسو ڏئي هاڪاربو ته اهو فاصلو اسي ميل ٽيندو.[1] اندازو آهي ته هن پهريان ٽي ڏينهن خشڪيءَ رستي سفر ڏهه ياٻارنهن ميل في ڏينهن ۽ دريائي سفر ارڙنهن يا ويهه ميل في ڏينهن جي حساب سان ڪيو هوندو. ٽئين ڏينهن خشڪيءَ رستي واري فوج حيدرآباد کان اٺويهه ۽ پاٽيءَ رستي ايندڙ فوج ڇويهه ميل پري هوندو

[1] سيئي مؤرخ انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن ته سن ۱۷۵۷ع ڏاران سنڌو پنهنجو نصرپور وارو وهڪرو بدلائي اچي حيدرآباد پرسان وهڻ لڳو ۽ حيدرآباد شهر واري ٽڪريءَ کي ٻيٽ بنائي ڇڏيو هئائين. غلام شاهه ڪلهوڙي جو زمانو هو ۽ سندس راڄڌاني خدا آباد ۾ هئي. هن حيدرآباد کي نظر ۾ رکي سن ۱۷۶۸ع ۾ اتي قلعو تعمير ڪرايو. قلعي جو اڄا ڪجهه ڪم رهيل هو جو هو وفات ڪري ويو. ڪتاب "هند ۽ سنڌ جي قديم جاگرافي" جي صفحي (236) تي انهيءَ بيان جو حوالو ڏنو ويو آهي ته سنڌوءَ نصرپور کان سن ۱۰۰۰هه يا ۱۵۹۲ع ۾ وهڪرو بدلائي انڑپور ڏانهن ڪيو. جيڪڏهن اهو به سچ سمجهون ته به سڪندر وارو پٽالا حيدرآباد ٽي نٽو سگهي ڇاڪاڻ ته سڪندراعظم واري دور ۾ سنڌوءَ جو حيدرآباد وارو وهڪرو موجود ئي ڪونه هو. 1_ لهوارو دريائي سفر عام طور تي ويهه ميل ڪٽيو ويندو آهي. سڪندراعظم کي برهمانا کان پٽالا تائين چار ڏينهن لڳا هوندا. جنهن مان اهو معلوم ٽئي ٿو ته سڪندراعظم جي دور واري سنڌوءَ جي وهڪري سان پٽالا، برهمانا کان چئن ڏينهن جي پنڌ تي هو. فاصلي جو حساب ڪبو ته اهو ۷۰ ميل ٽيندو. پهرئين ڏينهن وارو سفر ڏهه ميل ٻڌجي ته به پٽالا برهمڻ آباد کان ست ميل پري ۽ اهو ان دور واري وهڪري سان هوندو. (مترجم)

۾ چوٽين ڏينهن اهو فاصلو تڪڙو هلي پورو ڪيو ويو هوندو.

پٽالا کان هن سنڌوءَ جي الهندي طرف واري ڦاٽ سان هاڪاريو. جڏهن هنن چار سؤ استاديا يا چائيتاليهه ميل سفر ڪيو تہ بحري فوج جي ڪمانڊرن کي سمنڊ جي هير جو احساس ٿيو. مان ان ماڳ کي جهڪ سمجهان ٿو جيڪو حيدرآباد کان سڌو ٽيهه ميل ۾ درياهه مان چائيتاليهه ميل ٿيندو. سڪندراعظم اتان رهبر کنيا ۾ ڏاڍي اتساهه مان سفر ڪرڻ لڳو. نيٺ ڪيس سامونڊي ويرن جو احساس ٿيو (۴۳۸). سنڌوءَ ۾ سامونڊي ويرن کي ست ميل کان مٿي محسوس ڪري سگهبو آهي. ان ڪري منهنجو اندازو آهي تہ اهو ماڳ گهاري واري الهندي وهڪري وارو پنيور هوندو. جيڪو سمنڊ کان سڌو پنجٽيهه ميل ۾ پاڻيءَ سان پنجاهه ميل ٿيندو. جهڪن کان خشڪيءَ رستي اهو فاصلو پنجاهه ميل ۾ پاڻي وسيلي پنجهتر ميل ٿيندو جيڪو ٽن ڏينهن اندر خوشيءَ سان طئي ڪيو ويو هوندو.

مٿئين بيان مان اهو معلوم ٿيندو تہ پٽالا سمنڊ کان گهڻو پري هو. وٽس سامونڊي ويڑ جو اثر پهچي نہ سگهندو هو. يعني ٽن ڏينهن جي هاڪاريڙ وارو فاصلو ۾ واڌ ۴۰۰ استاديا. حساب موجب اهو ڪل فاصلو ۳۳+۵۰+ ۳۰ ڪل جوڙ ٿيندو ۱۱۳ ميل جيڪو ارسٽو بيولس جي ڏنل فاصلي ۱۰۰۰ استاديا يا هڪ سؤ پندرهن ميلن جي ذري گهٽ برابر آهي.

هنن ٽنهي تفصيلن مان اسان کي ان ٽاڪ جو پتو پئجي ويجي ٿو جتي ڪڏهن پٽالا جو ماڳ هوندو هو. جنهن کي شين سٽنگ ستينءَ صديءَ ۾ پاٽسيلا سڏيو آهي ۾ کيس اڄ بہ پٽالپور ڪوٽيو ويندو آهي. مان سمجهان ٿو تہ اسان کي حيدرآباد کي پٽالا سمجهڻ لاءِ اهي گهٽا سگهارا سبب آهن.

سنڌوءَ جو احوال اوريندي (۴۳۹) ائرين اسان کي ٻڌائي ٿو تہ "هيءُ درياهه پنهنجن ٻن ڦاٽن وسيلي ڇوڙ جو ٽڪنڊو علائقو ناهيندو آهي، جنهن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ پٽالا سڏيو ويجي ٿو. ائرين هيءُ بيان نيرڪوئس جي حوالي سان ڏنو آهي، جيڪو ماڻهن سان لاڳاپن پيدا ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ گهڻو وقت رهيو آهي. اسان کي اهو قبول ڪرڻ گهرجي تہ ان دور جي سنڌين جو سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي بابت اهوئي خيال هوندو. منهنجو ويچار آهي

تہ پٽالا نالو ترم قول Trumpet_flower تان ورتو ويو آهي ڇاڪاڻ تہ ان جي شڪل صورت گهگهيءَ جهڙي ٿيندي آهي. سنڌوءَ جو اوپاريون ڀ اولاهيون ڦاٽ جنهن وقت سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندا آهن، تنهن وقت انهن جي شڪل توتاري Trumpet جي منهن جهڙي ٿي ويندي آهي.

مان بحث کي هن ڳالهہ تي ختم ڪونہ ٿو ڪريان تہ ٻئي قديم شهر جي زيربحث نالي ڏانهن ڏيان ڏيڻ چاهيان ٿو ۽ ان شهر جو نيرون ڪوٽ سان ٻہ ڪجهہ لاڳاپو آهي. اصطخري ان شهر جو نالو پيروز Piruz، ابن حوقل قنزبور Kannazbur ۽ ادريسي فيرابوز Firabuz ٻڌائي ٿو. ابن حوقل جي بيان موجب ديبل کان پيروز جو فاصلو چار ڀ منحاباري کان ٻہ ڏينهن هو. ابن حوقل ۽ ادريسي ٻئي انهيءَ ڳالهہ تي متفق آهن. قنزبور يا فيرابوز ڏانهن ويندڙ رستو منحاباري وٽان لنگهندو هو. جيڪو سنڌوءَ جي اولاهين ڪنار سان ۽ ديبل کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي هو. پر ديبل کان اهو ماڳ ڇئن ڏينهن بدران چوڏهن ڏينهن ٻڌائن ٿا. توڙي جو پهرين ٻن ڏينهن جو پنڌ مڪران کان مخالف طرف ڏانهن ٻڌايو ويڃي ٿو. پر جيڪڏهن اسان ڇئن ڏينهن واري ننڍي فاصلي ڏانهن ڏيان ڏينداسون تہ اهو نيرون ڪوٽ جي فاصلي سان هڪ جهڙو نظر ايندو.[1] جيڪو سيني کان آڳاٽي جاگرافيدان اصطخريءَ جي بيان مطابق آهي. منهنجو ويچار آهي تہ ديبل، لاڙي بندر جي ويجهو اوڏو ڪا ٽڪي هو. منحاباري کي مان نٽي جي اوسي پاسي سمجهان ٿو. جيڪو منهنجي خيال ۾ لاڙي بندر ڀ حيدرآباد جي وچ تي ڪاٽي هوندو هو. ابن حوقل جو واضح بيان آهي تہ منحاباري مهراڻ جي اولاهين ڪناري آباد هو ۽ جيڪو ماڻهو ديبل کان منصوره ويندو تہ هن ماڳ وٽان درياهہ پار ڪندو. وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ هيءُ ماڳ مڪران کان مخالف طرف آهي. (440) سندس بيان جي هن اقتباس مان اها ڄاڻ ملي ٿي تہ منحاباري درياهہ جي اولاهين ڪنڊيءَ وسندڙ هو ۽ ان سان گڏ نيرون ڪوٽ ۽ پيروز قنزبور يا فيرابوز ڏانهن ويندڙ رستا هتي اچي ملندا هئا. هتي منهنجو ويچار اهو آهي تہ

[1] هتي ديبل کان حيدرآباد جو سفر هڪ سؤ پندرنهن ميل ٻڌايو ويڃي ٿو. جيڪو درياهي رستي کان ڇهن ڏينهن جو پنڌ آهي، ڇاڪاڻ تہ پهرين ڏينهن جو سفر ڏهہ ميل ۽ باقي ڏينهن جو سفر ويهہ ميل جي حساب سان ڪيو ويو. پر مٿي نيرون ڇئن ڏينهن جي پنڌ تي ٻڌايو ويڃي ٿو. جيڪو حيدرآباد ٿي ڪونہ ٿو سگهي. (مترجم)

پهريان نالا جيڪي منحاباري سان گڏائي ٻڌايا ويا آهن سي نيرن ۾ پويان نالا نيرون ڪوٽ ڏانهن اشارو ڏين ٿا، چاڪاڻ ته جيڪڏهن عربيءَ ۾ لکيل انهن نالن کي ٽورو تبديل ڪبو ته گهربل نالا ملي ويندا. نظر ايئن اچي ٿو ته، مڪران واري علائقي ۾ اهڙو ڪو شهر هو جنهن کي ذري گهٽ هڪ جهڙا ٻيا ٻه نالا هوندا هئا. بلاذريءَ جو بيان آهي ته محمد بن قاسم جڏهن ديبل تي ڪاهيو هو ته مڪران جي شهر قزبون Kizbun وٽس آڻي جي هئي. جيڪڏهن هن نالي کي ابن حوقل واري قنزبور (451) ۾ ادريسيءَ جي فيرابوز سان پيٽائي ڏسبو ته گهڻو ڪري پنجگور جو شهر معلوم ٿيندو ۾ ايم رينادِ M. Reinoud جو به اهوئي خيال آهي.

جهرڪ

هيءُ ننڍڙو شهر سنڌوءَ جي ڪناري سان نٽي ۾ حيدرآباد جي وچ تي هڪ اتاهينءَ جاءِ تي اڏيل آهي، منهنجي خيال موجب جهرڪ شهر وچولي ۾ لاڙ جو دنگئي شهر آهي. مان سنڌ جي لاڙ واري پاڳي کي وڌائي هن مقصد سان حيدرآباد تائين آندو آهي ته جيئن يونانين جي پٽالا ۾ چيني ياتري جي پاٽيسيلا کي چوڙ جي قديم علائقي جي حدن اندر آڻي سگهان. شايد هيءُ اهو ماڳ آهي، جنهن کي خور Khor يا الخور Al_ Khor سڏيو ويندو هو. جنهن لاءِ ادريسيءَ جو بيان آهي ته اهو ننڍڙو پر سکيو ستابو ماڳ منحاباري ۾ فيرابوز جي وچ تي هو. جيڪو هاڻوڪن ماڳن، نٽي ۾ نيرون ڪوٽ جي وچ تي آهي. جهرڪ کان ميل هيٺ هڪ ننڍڙي ٽڪري آهي، جنهن مٿان ڪنڊر ڏسڻ ۾ ايندا، هتان جا ماڻهو هنن ٽرڙن کي "ڪافر ڪوٽ" ڪوٺيندا آهن ۾ چوندا آهن ته اهو شهر راجا مانجيراءِ Manjira (442)• ۾ ٻڌايو هو. هن ٽرڙ جو مکيه پاڳو همچورس آهي، جنهن اندر هڪ جيتري وٿيءَ تي پٽين مان ٻاهر نڪتل ٿلهه ڏسڻ ۾ ايندا آهن. چيو ويندو آهي ته اهي مندر جا باقي بچيل حصا آهن. انهن ڪنڊرن ۾ ٻڌ ڏرم سان لاڳاپيل ڪن مورتين جا ٽڪر ٽوٽا ٻه نظر آيا. اتان ٽوري ئي پنڌ تي سنڌي لکت ٻه نظر آئي، جنهن جو لاڳاپو ڪنهن قديم دور سان ڏسڻ ۾ ٽي آيو. انهن مان رڳو پتراسا Putrasa ۾

• بمبئي جرنل ۷ ص.356

پڳواتسا Bhagavatasa جا لفظ مس پڙهي سگهيس. ٻيا به ڪي اهڙا لفظ هئا، جن جا ڪي ڪنڀون پاسا به پڙهيم، انهن ڳالهين مان معلوم ٿئي ٿو ته هن ٽرڙ ۾ لکت جو لاڳاپو ٻڌ ڌرم سان آهي.

مين نگر، منحاباري يا نٽو

نٽي جو موجوده شهر سنڌوءَ جي الهندي ڇاڙهه کان ٽي ميل اولهه ۾ هڪ هيناهينءَ جوءِ ۾ آباد آهي، هتان چار ميل هيٺ سنڌوءَ جو الهندو ڦاٽ بگهاڙ سندس مکيه وهڪري ساتا Sata کان ڇڇي ڌار ٿيندو آهي. ننڍڙي جهنگ جي موجودگيءَ مان پتو پوندو ته اتي مٿاهين زمين آهي، جنهن جي مٿان گهرن جي اڏاوت پئي نظر ايندي آهي ۽ سمجهه ۾ ايندو آهي ته اهو ماڳ ٻيءَ سرزمين کان ٿورو مٿيرو آهي (443). سن 1699ع ۾ ڪئپٽن هئملٽن به هنن ماڳن تي آيو هو. سندس بيان آهي (444). ته هيءُ شهر سنڌوءَ جي اولهه پاسي ٻه ميل هڪ وسيع ايراضيءَ تي پکڙيل ڏسٽ ۾ ايندو. هن بيان جي ناتي سان معلوم ايئن ٿو ٿئي ته هيءُ شهر اصلي طور درياهه جي ڪنار سان وسايو ويو هوندو. جيڪو پوءِ هوريان هوريان پرتي هٽندو ويو آهي. سندس نالي مان به ساڳي معنيٰ نڪري ٿي، چاڪاڻ ته نٽي جي معنيٰ آهي درياهه جو ڪنارو. نٽي نگر مان مراد آهي اهو شهر جيڪو درياهه جي ڪنار سان آباد هجي ۽ سنڌ ۾ هيءُ شهر نٽي نگر جي نالي سان مشهور آهي. سندس تعمير جي دور جو پتو ڪونه آهي، پر مئڪمرڊو جيڪو هنن مامرن ۾ ڪرو سچو ۽ ويساهه جوڳو آهي، تنهن جو بيان آهي ته هن شهر جو بنياد 900ھ يا 1495ع ۾ سمي سلطان ڄام نظام الدين جي زماني ۾ پيو. جنهن کي عام ماڻهو ڄام نندو ڪري ڪوٺيندا هئا. هن کان اڳ لاڙ واري علائقي جي راڄڌاني سامينگر Samingar هو جيڪو سما گهراڻي جي راڄ گادي هوندو هو. هيءُ ماڳ نٽي کان ٽي ميل اتر ـ اولهه طرف هڪ ڊڙي تي آباد هو. مئڪمرڊو جو بيان آهي ته هن شهر جو بنياد دهليءَ جي حڪمران علاؤالدين خلجيءَ جي دور ۾ پيو هو جنهن سن 695ھ کان 715ھ ۽ 1295ع کان 1315ع تائين هندستان تي راڄ ڪيو. پر واري ڪليان Kalyan kot جي تعمير جو دور ته اڄا به آڳاٽو آهي، جنهن کي تغلق آباد ڪري به سڏيو ويندو آهي. هيءُ قلعو نٽي کان چار

ميل ڏکڻ اولهه طرف هڪ ٽڪريءَ تي ٺاهيو ويو هو. مذڪوره قلعي جو ٻيو نالو غازي بيگ تغلق جي نالي پڻيان رکيو ويو آهي. جيڪو چوڏهين صديءَ جي شروعات ۾ علاؤالدين طرفان ملتان ۾ سنڌ جو گورنر هو.

ٽڪري جو شهر ڪنهن پوئين دور سان واسطو رکي ٿو. پر سامينگر ۾ ڪليان ڪوٽ وارو قلعو ڪنهن جهوني جڳ سان لاڳاپو رکن ٿا. ماڻهن جو اهو ويساهه ڪو غلط به ڪونه آهي. ڇاڪاڻ ته هيءُ ماڳ چوڙ واري ننڍي علائقي جو مرڪزي ٽاڪ هو. ملڪ جي واپاري ڏيتي ليتي جي هتي نگراني ٽيندي هئي ۽ مٽي ٽڪريءَ تي ٺاهيل قلعو بچاءَ جو ڪم ڏيندو هو. ليفٽيننٽ وڊ Leiut Wood پنهنجي راءِ جو هن ريت اظهار ڪري ٿو: (445) "ڪٽي جي جاگرافيائي ٻيهڪ واپار لاءِ ڏاڍي سمجهاڻتي آهي." معلوم ايئن ٿئي ٿو ته ڪٽي کان اڳي به هتي پرپاسي ۾ ڪاٽي اهڙو واپاري مرڪز ضرور هوندو. هيءَ ڳالهه پڌ پڌائي ٿو ته چوڙ واري ٽڪنڊي علائقي وارو مٽيون پاسو هميشه بدلبو رهيو آهي ۽ جڏهن درياهه پنهنجو وهڪرو بدلايو ته ان سان مکيه شهر به بدلجي ويا. تنهن ڪري منهنجو ويچار آهي ته ڪٽي جو شهر عرب جاگرافيدانن جي "منحاباري" پيريپلس جي مصنف جي "مين نگر" واري جاءِ تي آباد ڪيو ويو ٿو پائنجي. (446)

سيئي عرب مؤرخ ۽ جاگرافيدان هن ڳالهه تي متفق آهن ته منحاباري سنڌوءَ جي اولاهين ڪنار سان آباد هو ۽ اتان کان ديبل ٻن ڏينهن جي پنڌ تي هو. ڪٽي جي جاگرافيائي ٻيهڪ به اها ساڳي آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌوءَ جي اولاهين ڪنڊيءَ سان ۽ لاڙي بندر کان چاليهن ميلن يا ٻن ڏينهن جي فاصلي تي آباد آهي. مان هيڻ هيءَ ڳالهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ته لاڙي بندر ديبل کان تمام ٿوريءَ وٿيءَ تي آباد هو. منحاباري جي نالي کي منحاباري ۽ منجاباري جي ٻن جدا صورتخطين ۾ لکيو ويو آهي. منهنجو ويچار آهي ته ان ٽاڪ جو اصلي نالو منڌا باري Mundabari يا منداواري Mundawari آهي. جنهن جي معنيٰ آهي منڌ Mund نيات جي وسندي. جهڙي ريت سامينگر جي معنيٰ "سمن جو شهر" آهي. هن نالي جي پٽيرائي هن حقيقت مان به ٿئي ٿي ته عيسوي سن جي شروعات واري زماني کان وٺي

امڪان آهي تہ مند جي بيات جي ماڻهن ۾ جوڙ واري علائقي کي آباد ڪيو هو (447). ادريسيءَ جو بيان آهي تہ مندنيات وارا بهادر آهن. انهن ماڻهن جو انگ تمام گهٽو آهي جيڪي سنڌ ۾ هنڌ جي دنگ تائين پکڙيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اتر طرف الور ۾ اولهہ پاسي مڪران، اوپر ۾ ممهيل Mamhel (يا عمرڪوٽ) تائين پيا گهمندا ڦرندا ڏسبا (448). ابن حوقل ٻڌائي ٿو تہ مند ملتان کان ونڊي سمنڊ تائين سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن سان آباد آهن. ان کان سواءِ مڪران ۾ فمهل Famhal (يا عمرڪوٽ) جي وچ واري برپٽ علائقي ۾ بہ آباد آهن. پاڻيا آهن، وٽن چوپائي مال جا ڍڳ آهن. ويڙن ولهارن ۾ وتندا آهن چرندا. هو وانڊين ۾ رهندا آهن. اڄ هتي سياڻي هتي. جتي بہ گاهہ ڏسن، اتي لڏا لاهي ويهي رهن. سندن انگ ججهو آهي (449). رشيدالدين تہ سنڌ ۾ ڪين تمام قديم سمجهي ٿو. سندس بيان موجب ميد Med ۾ زت Zat ٻئي حام بن نوح جي ڦريءَ سان واسطو رکن ٿا جيڪي مهاپارت واري دؤر کان بہ گهٽو اڳ سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهن جي ڦريءَ سان لاڳاپو رکندا هئا. هن نالي کي مختلف سورتخطين ۾ جهڙوڪ: مير Mer، ميد Med، ۾ مند Mand لکيو ويندو آهي ۾ اهو ساڳين صورتخطين ۾ اج بہ نظر اچي ٿو. مان مذڪوره هجي ۾ مند Mind جو اضافو ڪندس، ڇاڪاڻ تہ مسعوديءَ پنهنجي تصنيف ۾ اهو لفظ ڪتب آندو آهي (450) مان سمجهان ٿو تہ هي اهوئي نالو آهي جنهن کي قديم دور جي مؤرخن ميدي Medi ۾ مندروئني Mandrueni ڪري لکيو آهي. ان کان سواءِ اهي قبيلا آمون درياهہ جي ڪنڌين ڪنارن سان بہ رهندا هئا. جن کي لٽتي Lati سڏيو ويندو هو. پليني ٻنهي جو گڏائي نالو ڪنيو آهي. امڪان آهي تہ اهي ساڪا Saka يا هند سٿين هجن جيڪي بعد ۾ سنڌ ۾ پنجاب ۾ پنهنجو راج ڪري ويٺا هئا. شايد هي اهي ئي ماڻهو آهن، جن کي شروعاتي دور سان لاڳاپيل عرب مؤرخن مند يا زط ڪري لکيو آهي، جن ستين صدي جي پڇاڙيءَ تائين سنڌ تي راج ڪيو هو.

هن نالي جي مختلف قسمن جي هجي مختلف قسمن جي اچارن جي ڪري آهي. مان شاهپور ۾ جهلم وارن علائقن جا بہ وڏا نقشا ڏٺا آهن، جيڪي ڪجهہ سال اڳ هندستان جي سرويئر- جنرل ڇپائي پڌرا ڪيا

آهن. پوئين نقشي ۾ جهلم جي ڪناري سان ۽ جلال پور کان ڇهه ميل مٿان ميريالا Meriala ۽ اڳئين نقشي ۾منڊيالي Mandiali نالي هڪ ڳوٺ ڏسڻ ۾ ايندو. ابوالفضل هن ساڳئي ئي ٺاڪ کي ميرالي Merali ۽ فرشته ميريالا Meriala لکيو آهي. ولفورڊ جي سرويئر مغل بيگ به هن ماڳ جو نالو منڊيالا Mandiala قلمبند ڪيو آهي. پڇڻ تي مون کي اهو ساڳيو نالو ٻين مختلف ماڻهن به ٻڌايو. جنرل ڪورٽ جي جوڙيل نقشي ۾ وري مامريالا Mamriala لکيو ويو آهي.

مين نگر شهر جو نالو به هن نيات جي ماڻهن سان لاڳاپو رکي ٿو. جنهن جي معنيٰ آهي مين جو شهر. مذڪوره شهر ۾ صديءَ عيسويءَ ڏاران سنڌ جي لاڙ واري پاڳي جي راڄڌاني هو. مين Min سٽين ٻوليءَ جو نالو آهي. جيڪو اسان کي سجستان يا ساڪاستيني Sakastene جي علاقي خاراڪس Kharax جي آئيسدور Isidor شهر مان هٿ آيل هڪ فهرست وسيلي معلوم ٿيو آهي. سنڌ ۾ اهڙي نالي ملڻ ڪري اهو ويساهه ٿئي ٿو ته هتي سٽين جي حڪمراني رهي آهي. پر پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته مين نگر جا رهواسي پارٿين هئا. سٽين ۽ پارٿين هڪ ٻئي جا ويري هئا ۽ هڪ ٻئي کي ٻاهر ڪيڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لائي رهيا هئا (451). پارٿين ڪل جا ماڻهو سهائي سٽين Sahae Scythians جي ڦريءَ مان هئا ۽ آمون درياهه جي ڪنڌين ڪنارن سان گذاريندا هئا. جن سنڌو ماٿري کي هند۔ سٽين جو نالو ڏنو هو. هڪ ٻئي سان سندن ويڑ به نالي چڙهيل هو. جنهن کي عرب مؤرخن جي تصنيفن ۾ ميد ۽ جت جي نالي ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

مين نگر جي اصلي جاگرافيائي ٻيهڪ جو پورو پتو ڪونه آهي پر ٿوري گهڻي معلومات آهي جيڪا هن ماڳ جي تعين ڪرڻ جي ڪوشش ۾ اسان جي رهنمائي ڪندي. ٽالمي ٻي صدي عيسويءَ جو جاگرافيدان آهي پر سندس تصنيف ۾ اهو نالو نظر ڪونه ايندو. منهنجو ويچار آهي ته ان وقت ڏاران هن راڄڌانيءَ تي اهو نالو ڪونه پيو هوندو. پر قوي امڪان اهو آهي ته ٽالمي نئين نالي بدران هن شهر جي پراڻي نالي کي وڌيڪ ترجيح ڏني آهي. جيڪڏهن مان مين نگر کي مين جي شهر ۽ مندا باري کي "مند ماڻهن جي جو" جي روپ ۾ صحيح سڃاتو آهي ته پوءِ هند۔ سٽين جي راڄڌاني نٿوئي

ٿي سگهي ٿو. ادريسيءَ (452) جو بيان آهي ته منحاباري ترائي ۾ اڏيل هو جنهن جي چوڌاري وهندڙ پاڻي ۾ باغ ئي باغ هئا. ڪٿپتن هئملتن (453) نڌي جو ذڪر هوبهو ساڳيو ڪيو آهي. سندس بيان آهي ته هيءُ شهر وسيع ايراضيءَ تي پکڙيل آهي. ماڻهن درياهه مان واهه کوٽي شهر ۾ پرسان پاڻي آندو آهي جيڪو باغن لاءِ به ڪتب آندو وڃي ٿو. پيريپلس جي مصنف (454) موجب "وڏا واپاري ٻيڙا بار بريڪي وٽ بيهندا آهن. اتان کان پوءِ ٻيڙن وسيلي مال لڏي درياهه ذريعي راجڌاني پهچايو ويندو آهي." موجوده دور ۾ به ائين ڪيو ويندو آهي. تجارتي مال اچي لاڙي بندر تي لهندو آهي. اتان کان واپاري پنهنجي سهنجهائيءَ پٺاندر خشڪيءَ يا درياهه سيلي ڪٽي نڌي پهچندا آهن. مين نگر جي جاگرافيائي بيهڪ ڪجهه منجهائي بيان ڪئي وئي آهي ۽ فقط ايترو لکيو ويو آهي ته سمنڊ کان ڪجهه وٿيرڪي آهي (455) اهڙو بيان ماڳ جي تعين ڪرڻ ۾ ڪابه واهر ڪري ڪونه ٿو سگهي. پر جيڪڏهن اهو نڌي جي ٽاڪن وٽ آهي جهڙي ريت مان سمجهان ٿو ته پوءِ اهو تالمي جو بيان ڪيل شهر سئو سيڪانا Soucsikana ئي ٿي سگهي ٿو. جنهن کي مان سوسي گاما Susi Gama يا سو Su ڪل جي ماڻهن جو جوڙيل شهر تصور ڪريان ٿو. لفظ جي هن ڦيرگهير جي هيءَ حقيقت به پڌرائي ڪري ٿي ته مند يا ميد نيات جا ماڻهو سو Su يا آبڙ Aber نالي هڪ ڪل جي ڦري سان تعلق رکن ٿا. هنن پنهنجي ان ڪُرِ جي ماڻهن کي سوسيانا Susiana جو نالو ڏنو. جيڪا فرات جي چوڙ وٽ رهندي هئي. ٻين لفظن ۾ جنهن کي آبيرا Abira سڏيندا هئا سنڌوءَ جي چوڙ وٽ رهندي هئي (456). مئڪمرڊو جو بيان آهي ته ٻارهين صدي عيسويءَ ۾ مين نگر ملتان هيٺ هو ۽ حڪمران آگري Agri ذات جو هڪ ماڻهو هو جيڪو سڪندراعظم جي پيڙهيءَ مان هو. مذڪوره شهر لوهاٽي درياهه جي ڪناري سان ۽ بهمانا کان گهٽو پري به هو ۽ ان پرڳڻي ۾ موجود هو جنهن کي هاٽي شهدادپور سڏيندا آهن. هيءَ ڳالهه شڪ کان خالي ڪانه آهي ته پوسٽنس ۽ اليٽ به لکت جي هن ٽڪريءَ تي ڪوبه تبصرو ڪونه ڪيو آهي. نظر ايئن اچي ٿو ته اليٽ گهٽو ڪري تحفته الڪرام جا حوالا ڪتب آندا ۽ مئڪمرڊو کي مخفي طور ڪم آندو اٿس (457). مان هتي هن ڳالهه

جو اضافو ضرور ڪندس تہ جنهن آگري ذات کي مئڪمرڊو سڪندر جي پيڙهيءَ مان سمجهي ٿو تنهن کي هت هيٺين ذات تصور ڪيو ويندو آهي ۽ سندس ڏنڊو لوڙ ناهڻ هوندو آهي. ان کان سواءِ مان ننڍڙي عام رواجي شهر کي هند- سٽين جي راڄڌاني ڪوٽ ٿو سمجهان پر ڪيس فقط مين ڪل جي ماڻهن جو تعمير ڪرايل شهر سمجهان ٿو.

بار بريڪي- امپوريم Barbarike Emporium **يا پنيور** Bhambura

پنيور يا پنيوراءِ جو ڦٽل شهر گهاري واري کاري جي مٽين پاسي اڏيل هو. هتان جا ماڻهو چوندا آهن تہ هيءُ سنڌ جو نهايت قديم سامونڊي بندر هوندو هو. (458) هاڻي تہ سج پئي ٽي واکا ڪري ڏنل گهرن جي پيڙهين جا ٽنڊي ۽ پراڻي قلعي جي برجن ۽ ڪوٽن جا اهڃاڻ ايڏا بہ چٽا آهن. ڇيو ويندو آهي تہ ڏهين صدي عيسويءَ ۾ هيءُ پنيوراءِ نالي هڪ راجا جي راڄڌاني هو. هتان جي ماڻهن جي روايتن مطابق سنڌو صفا اولاهيون ڦاٽ پنيور جي پر ڏي وهندو هو. جيڪو ٽئي کان هيٺان سنڌوءَ جي مکيہ وهڪري کان ڇڇي ڌار ٽيندو هو. (۴۵۹) مئڪمرڊو طبقات اڪبريءَ جي حوالي سان ٻڌائي ٿو تہ اهو ڦاٽ اڪبري دور ۾ ٽئي جو اولهہ ڏئي وهندو هو. ساڳئي حقيقت لاءِ سر اليٽ وري(۴٦۰) مسٽر اين ڪرو N. Crow جو حوالو ڏنو آهي، جيڪو ٽئي ۾ برٽش ريزيڊنٽ طور گهٽو وقت ترسيو هو. مسٽر ڪرو سن ۱۸۰۰ع ۾ لکيو آهي تہ گذريل پنجويهن سالن دوران ٽئي کان مٿان سنڌوءَ جو وهڪرو گهٽو ڦيرو ڪري ويو آهي، جنهن ڪري شهر ڇوڙ واري ٽڪنڊي علائقي جي حدن کان ٻاهر نڪري ويو آهي. ڪڏهن درياهہ بلوچستان طرف وارين ٽڪرين پرسان وهندو هو. هن بيان مان اهو پتو پوي ٿو تہ گذريل صديءَ جي پويئن اڌ تائين بہ گهاري وارو وهڪرو سنڌوءَ جو انتهائي اولاهيون وهڪرو هوندو هو. مئڪمرڊو جو بيان آهي تہ پوريءَ ريت سڪي وڃڻ کان گهٽو اڳ گهاري وارو ڦاٽ جهاز راني جوڳو ڪوٽ رهيو هو. اهوئي سبب آهي جو پنيور ۽ ديبل ۱۲۵۰ع ڌاران اجڙي ناس ٿي ويا، ڇاڪاڻ تہ سنڌوءَ ان ڦاٽ جو منهن لٽي ڇڏيو هو(۴٦۱). مون پاڻ بہ ڪوجنا ڪئي آهي جنهن مان پتو پيو تہ جڏهن خوارزم شاهہ ۱۲۲۱ع ۾ سنڌ تي ڪاهي آيو تہ ان

وقت ديبل موجود هو. پر ١٣٣٣ع ڏاران ڦٽي ويو. ان زماني ۾ ابن بطوطہ سنڌ آيوتہ لاڙي بندر ڏوري اچي ڏنو هئائين. جيڪو ديبل جي ڦٽي وڃڻ کان پوءِ اڏيو ويو هو.

مئڪمرڊو ماڻهن جي روايتن جي حوالي سان ڄاڻايو آهي تہ سنڌوءَ جو مذڪوره اولاهين ڦاٽ کي ساڳرو سڏيو ويندو هو. سندس سمجهہ مطابق هي اهو ڦاٽ آهي جنهن کي ٽالمي ساگپا اوسٽيم Sagpa Ostium لکي ٿو. اهو ڦاٽ سندس دور ۾ سنڌوءَ جو نهايت اولاهيون وهڪرو هوندو هو. مئڪمرڊو جي سوچ مطابق قوي امڪان اهو آهي تہ سنڌوءَ جو هي اهو الهندو ڦاٽ آهي، جنهن وسيلي سڪندراعظم هاڪاري ويجي سمنڊ تائين پهتو هو. تيار ٽيل تازن نقشن مان معلوم ٿيندو تہ نٽي ۽ گهاريءَ جي وچ تي هن ڦاٽ الهندي پاسي وري هڪ ٻي چاڙهہ چڙي آهي، جيڪا اڳين وهڪري مان ويهہ ميل پوروچوٽ تي وهندي ڏکڻ ڏانهن موڙو کائي لاڙي بندر کان ٽورو هيٺ مکيہ وهڪري سان ملندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. مذڪوره چاڙهہ پنيور کان ٻہ يا ٽي ميل پري ڏکڻ وارو پاسو ڏئي وهندي هئي، تنهن ڪري هن شهر تائين پٽي Piti، ڦوندي Phundi، ڪيار Kyar ۽ پنٽياڻي Pinteani ڦاٽن وسيلي هاڪاري پهچي سگهبو هو. مٿين بيانن جي پڙهڻ کان پوءِ منهنجو ويچار آهي تہ نہ رڳو پنيور جو شهر بارڪي Barke آهي، جيڪو جسٽين جي بيان مطابق سڪندر واپس ورڻ وقت تعمير ڪرايو هو. پر هي اهو شهر ٻہ آهي جنهن کي ٽالمي بار باري Barbari ۽ پيريپلس جي مصنف بار بريڪي- امپوريم Barbarike Emporium لکيو آهي. (٤٦٢) پيريپلس جي مصنف اهو ٻہ لکيو آهي تہ سندس دور ۾ سنڌوءَ جو رڳو وچون وهڪرو جهاز راني‌ءَ لاءَ هو. جنهن سان هاڪاري باربريڪي- امپوريم پهچي سگهبو. (٤٦٣) ۽ ٻيا ڇهئي ڦاٽ تانگها هئا ڇو تہ منجهن واري پرجي وئي هئي. گهاري ڦاٽ ۾ ٢٠٠ع ۾ ئي پاڻي گهٽ اچڻ شروع ٿي ويو هو. وچيون وهڪرو، جنهن کي ٽالمي ڪريفون اوسٽيم Khariphon Ostium سڏي ٿو. سو اڪيلو جهاز راني جي لائق هوندو هو. مان ڪريفون ڦاٽ کي "ڪيار" نالي وارو موجوده ڦاٽ سمجهان ٿو. اهو ان ماڳ وٽان وهندو نظر ايندو. جتي گهاري کان ڏکڻ ايندڙ ڦاٽ اچي مکيہ وهڪري سان لاڙي بندر ويجهو اچي ملندو آهي.

مٿيئن بحث وسيلي مان هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ گهاري کان اتران متيندڙ ڦاٽ سنڌوءَ جو اولاهيون وهڪرو هوندو هو ۽ هن ڦاٽ وسيلي سڪندر ۽ نيرڪوس هاڪاري وڄي سمنڊ تائين نڪتا هئا. سنہ ۲۰۰ع ڌاري هن وهڪري گهاري کان ڏکڻ پنهنجو پيٽ جوڙي ورتو هو. جيڪو وڏيڪ ڏکڻ ڏس تي موڙو کائي لاڙي بندر کان ٹورو هيٺ سنڌوءَ جي مکيہ وهڪري سان وڄي ملندو هو. پيريپلس جي مصنف جي دور ۾ تجارتي بيڙا هن ئي وهڪري سان هاڪاري باربريڪي پهچندا هئا ۽ اتي سامان لاهي بيڙين ۾ لڏي مين نگر پهچايو ويندو هو. جيڪو تنهن زماني ۾ لاڙ جي راجڌاني هو. ٹوري عرصي کان پوءِ هن وهڪري ۾ بہ پاڻي تمام ٹورو اچڻ لڳو. انڏينءَ صديءَ جي شروعات ۾ جڏهن عربن سنڌ تي حملو ڪيو تہ باربريڪيءَ جي جاءِ اچي ديبل والاري هئي ۽ سنڌ جي مکيہ بندر بڻجي چڪو هو. پر گهاري پرسان وهندڙ ڦاٽ تہ تيرهين صديءَ عيسويءَ تائين بہ وهندو رهيو. ليڪن ايترو ٹورو هو جو منجهن بيڙا هاڪاري ڪونہ سگهندا هئا ۽ ان کان پوءِ اهو هميشہ لاءِ سڪي ويو.

ديبل سنڌي يا ديبل

ديبل جيڪو وچين دور ۾ سنڌ جو اهم تجارتي مرڪز ۽ سنڌوءَ جي ڪناري آباد هو ان جي جاگرافيائي بيهڪ بابت اڄا کا اتفاق راءِ قائم ٿي ڪانہ سگهي آهي. ابوالفضل ۽ ٻين مسلمان مؤرخن ديبل کي ٺٽي سان منجهائي وڇڙائي ڇڏيو آهي. پر پڪ آهي تہ جڏهن اهي مصنف پنهنجون تاريخون لکي رهيا هئا تہ ديبل جو ڪو وجود ئي ڪونہ هو. منهنجو ويچار آهي تہ ان زماني ۾ ٺٽي شهر کي ديبل ٺٹہ ڪري سڏيندا هئا ۽ مذڪوره مؤرخ بہ ان ڪري غلط فهميءَ جو شڪار ٿي ويا. ساڳيءَ ريت براهمانا يا برهمڻ آباد کي وري ديبل ڪانگڙا Debal Kangra ۽ ديبل کي وري ديبل سنڌي جي نالي سڏيو ويندو هو. ديول يا ديبل جي سڏي سنڌين معنيٰ مندر آهي. تنهن ڪري ديبل سنڌي جي معنيٰ ٿندي اهو مندر جيڪو سنڌي نالي شهر جي پر ۾ هجي. ميجر برٹن جو بيان آهي تہ ٺٽي جي شالن کي اڄان تائين ديبلي شالون سڏيو ويندو آهي. هن مان هيءَ ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ

ديبل اها جاءِ هئي جتان واپارين کي نٽي جون شالون ملنديون هيون. اهڙو مثال ملتاني مٽي جو آهي جنهن جي معنيٰ آهي ملتان جي مٽي يا آرمينيائي مٽي Armenianbole وغيره. مختلف شين تي نالا انهيءَ واسطي سان پوندا آهن جتان اهي واپارين کي ملنديون آهن، نہ تہ جنهن کي ملتان جي مٽي سڏيو ويندو آهي سان سنڌوءَ جي اولاهين پاسي ديري غازي خان جي پرسان ٽکرين مان ملندي آهي. مثال طور هندستان جي مس Indian Ink آهي، تنهن جو نالو هندستان جي ناتي سان آهي. هاٿي اها شيءِ ڪٽان ۾ ملندي تہ ان کي "هندستاني مس" جي نالي سان سڏيو ويندو. چاڪاڻ تہ اها مس پهريائين هندستان مان لڏي هئي. توڙي جو اها مشهور ڳالهہ آهي تہ اها مس هاٿي چين ۾ تمام گهٽي نهندي آهي، سر هينري اليٽ پويون سڃاڻ ماٿهو آهي جنهن سنڌ جي جاگرافيءَ تي تمام گهٽو ڪم ڪيو آهي، سو ديبل کي ڪراچيءَ جي ماڳن تي ٻڌائي ٿو. پر مان مستر ڪرو جي ويچار سان سهمت آهيان جيڪو سنڌ ۾ ڪيترن سالن تائين برٽش ريزيڊنٽ طور رهي چڪو آهي. سندس چوڻ آهي تہ ديبل ڪراچيءَ ۽ نٽي جي وچ تي ڪاٿي موجود هوندو (۴۶۴). سندس ويچار ان ڪري ۾ وزندار آهي جو مئڪمرڊو ۽ سر هينري اليٽ ۾ سندس پٽيرائي ڪن ٿا ۽ سمجهن ٿا تہ "هن سنڌ جي جاگرافي بابت ڏيهي ماڻهن کان پڇا ڳاڇا ڪري سوچ ويچار کان پوءِ ڪو نتيجو قائم ڪيو هوندو." سر هينري اليٽ چچ نامي جو حوالو ڏنو آهي، جنهن ۾ هن لکيو آهي تہ سراندیپ جا ٻيڙا توائي ٽي اچي ديبل بندر نڪتا هئا، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ديبل بندر ساموندي ڪناري سان موجود هو. اتي مٿن تنگامرا Tangamara نيات جي ڪن ساموندي ڏاڙيلن حملو ڪيو جيڪي ڪراچيءَ کان لاڙي بندر تائين سڄي ساموندي ڪناري سان آباد هوندا هئا. هن بيان مان اهو سمجهي سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن ديبل ڪراچيءَ ۽ لاڙي بندر نہ آهي، تہ پوءِ ان جي جاگرافيائي ٻيهڪ لاءِ مٿين ٻنهي ماڳن جي وچ تي واجهائي سگهجي ٿو.

سر هينري سمجهي ٿو تہ ڪراچي ئي ديبل بندر هو ۽ پنهنجي خيال جي پٽيرائي لاءِ بلاذري جو حوالو پيش ڪري ٿو جنهن ۾ چيل آهي تہ سن ۱۵هـ ۽ ٦٢٦ع ۾ حڪيم پنهنجي ياءُ مغيره کي ديبل واري ساموندي ڪناري

ڏانهن روانو ڪيو پر جيئن ته ليون شهر City of Lyons ليون Lyons واري ڪاريءَ جي ڪناري ڪونہ آهي تنهن ڪري اهو ضروري سمجهڻ نہ ڪپي ته ديبل بندر بہ هروپرو ديبل واري سامونڊي ڪناري سان هوندو. ابن جردازبہ جو بيان آهي ته اهو سنڌوءَ جي ڇوڙ کان ٻہ فرسنگ مٿي هو. پر مسعودي ان کي رهندو بہ وڏائي ٻن ڏينهن جو پنڌ ٻڌايو آهي (۴۶۵). ديبل سنڌوءَ جي ڪناري سان آباد هو تنهن ڪري ان کي ڪراچي واري ٽاڪ تي سمجهڻ غلط آهي. ڇاڪاڻ ته هڪ ته اهو سامونڊي ڪناري سان آهي. ٻيو ته اهو سنڌوءَ جي ڇوڙ کان گهڻو پري نہ آهي. اسان جا جيڪي بہ ذريعا آهن تن سڀني جو بيان آهي ته ديبل مهراڻ جي اولاهينءَ ڪنار سان آباد هو. جيڪو سنڌوءَ (۴۶۶) جو مکيہ وهڪرو هوندو هو. ٿي سگهي ٿو ته بگهاڙ ڦاٽ هجي جيڪو لاڙي بندر کان لنگهي پنهنجي ڦاٽن جهڙوڪ پٽي. ڦندي. ڪيارہ پٽياڻيءَ وسيلي وڃي سمونڊي ۾ ڇوڙ ڪندو هو. مئڪمرڊو بہ ڏيهي ذريعن کي حوالي طور ڪتب آندو آهي. سندس خيال آهي ته ديبل سنڌوءَ جي ساڳري نالي ڦاٽ تي آباد هو. جيڪو پنيور پرسان متيندو هو. انهن حوالن موجب ديبل بگهاڙ جي اولهہ پاسي ان ٽاڪ وٽ هوندو. جتي گهارو يا ساڳرو ڦاٽ اچي بگهاڙ سان سنگم ڪندو هو. تنهن ڪري ديبل جي جاگرافيائي ٻيهڪ مذڪوره سنگم جي ويجهو اوڏو. لاڙي بندر کان پنج ميل اتر. پنيور جي ماڳن کان سترهن ميل ڏکڻ اولهہ ۾ پٽي پٽياڻي ڦاٽن جي چوڻن کان ٽيهہ ميل پري هئي. پنيور جي هيءَ جاگرافيائي ٻيهڪ سر هينري اليٽ جون اهي گهرجون بہ پوريون ڪري ٿي ته ديبل ڪراچيءَ ۾ لاڙي بندر جي وچ تي ڪٽي آباد هو. جتي تنگامرا نيات جا ماڻهو رهندا هئا. اها ٻيهڪ وري اهڙي بہ آهي جيڪا مستر ڪرو جي بيان مطابق ڪراچيءَ ۾ نٽي جي وچ تي بہ آهي ۾ هي انهن ايراضين جو سچو بيان آهي جيڪي درياهہ جي وهڪري سان نظر اينديون. ڇوڙ واري علائقن ۾ ڦاٽن جو هڪ مهاڃار ڏسڻ ۾ ايندو. جيڪي هڪ ٻئي کي ڪپيندا هيڏانهن جو هوڏانهن پيا ويندا ڏسبا. انهن مان هيءُ اڪيلو ڦاٽ آهي. جنهن تي ديبل جو بندر ممڪن ٿي سگهي ٿو.

بدقسمتيءَ جي ڳالهہ اها آهي ته ڇوڙ جي هن علائقي کي ايڏا تائين ڪنهن سونجهڙيو ٿي جاچيو پرکيو ئي ڪونہ آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي. جو

اسان هيل تائين هن آڳاتي شهر جي ٽرڙ ڏسي ڪونہ سگهيا آهيون. ابن بطوطہ جڏهن ۱۳۳۳ع ۾ سنڌ آيو هو تہ اهي پراڻا پڊ وڃي پنهنجين اکين سان ڏوري ڏٺا هئائين. هن بہ ديبل بندر جي جاگرافيائي بيهڪ اها ساڳي ٻڌائي آهي، جيڪا مان پاڻ بہ ديبل ڏانهن منسوب ڪري رهيو آهيان (۴۶۷). ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ سندس بيان گهٽي اهميت رکي ٿو. تنهن ڪري ان بيان جو سڃو ٽڪرو هتي پيش ڪري رهيو آهيان: "ان کان پوءِ مان سنڌوءَ وسيلي لاهريءَ روانو ٿيس. هي شهر ان ٽاڪ تي آباد آهي، جتي سنڌو هندي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. هيءُ هڪ وڏو بندر آهي جتي ايران، يمن ۽ ٻين ملڪن کان ايندڙ جهاز اچي ٻيهندا آهن. هن شهر کان ٽورن ميلن جي وٿيءَ تي ڪنهن آڳاتي شهر جا ٽرڙا آهن، جتي ماڻهن ۽ جانورن جي شڪلن جهڙا بيشمار پٿر ڏسڻ ۾ ايندا. هتان جا ماڻهو سمجهندا آهن ۽ سندن چوڻ موجب مؤرخن جو خيال آهي تہ ڪنهن زماني ۾ هتي هڪ شهر هوندو هو. جنهن جي رهواسين جي ڪجهہ پاڳي جا ڪرتوت ڪڏا هئا. تنهن ڪري خداتعاليٰ مٿن ڏمرجي سندن شڪليون بدلائي ڇڏيون. ڪن جي صورت جانورن جهڙي، ڪن جي گاهن ٻوٽن جهڙي ۽ اناج جي شڪل پٿرين جهڙي ٿي وئي. حقيقت بہ اها آهي تہ هتي اهڙين پٿرين جا ڍير نظر ايندا جن جي شڪل صورت اناجن جهڙي پئي ڏسبي آهي." اهو ناس ٿيل شهر جتي ماڻهن ۽ جانورن جي شڪلين جهڙا پٿرا ڏسڻ ۾ اچن ٿا سو منهنجو ويچار آهي تہ ديبل جو ماڳ آهي، جيڪو ڪنهن زماني ۾ وڏي واپاري منڊي هئي. مئڪمرڊو جو بيان آهي تہ جڏهن ديبل اجڙي ويو تہ اتان جا رهواسي لڏي پلاڻي اچي لاڙي بند ٻيڙا ٺيا (۴۶۸). هن باري ۾ ڪٿپٽن هئملٽن جو بيان آهي تہ لاڙي بندر کي پٽرائون قلعو هو جيڪو هروچن ۽ مڪرانين جي قرلٽ کان واپاري وکر جو بچاءِ ڪندو هو. منهنجي خيال ۾ سندس هيءُ ويچار صحيح آهي تہ ديبل جا رهواسي لڏي اچي لاڙي بندر ۾ اجها اڏي ويٺا. ديبل جي تعمير وارو سارو سامان ڍوئي اچي پنهنجون جايون جوڙيائون ۽ قلعي جي بہ اڏاوت ڪيائون. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ لاڙي بندر جي قلعي ۾ جيڪو بہ ڪجهہ مال ڪتب آندو ويو هو سو ديبل جي قلعي کي ڊاهي آندو ويو هو. جنهن جي باقيات ابن بطوطہ کي ۱۳۳۳ع ۾ اچرج ۾ وجهي ڇڏيو هو.

ابن بطوطہ جي هن احوال کي الف ليلیٰ Arabian Nights جي هڪ قصي سان ڳنڍيان ٿو جيڪو زبيده سان لاڳاپيل آهي. قصو هن ريت آهي تہ ان عورت ٻيڙين ۾ سوار ٿي بصري هاکاريو ۽ ويهن ڏينهن کان پوءِ هندستان جي هڪ وڏي شهر ۾ اچي لنگر هنيو هئائين. شهر ۾ پهچي هن ڏٺو تہ راجا راڻي ۽ شهر جا سڀ ماڻهو پنڌ پاهڙ بڌجي ويا آهن. پر هڪ ماڻهو بچي ويو هو جيڪو راجڪمار هو. هن جي سندس راڻيءَ مسلمان شهزادي جيان پرورش ڪئي هئي. هيءَ ڏٺ ڪٽائي ڪهاڻي راجا دلوراءِ ۽ سندس چٽي جي ڳالهہ سان هڪ جهڙائي رکي ٿي، جنهن کي سنڌ جي مؤرخن پنهنجي تصنيفن ۾ جاءِ ڏني آهي. (۴۶۹) سندن بيان موجب جڏهن ڏرتيءَ ڏڏ ڪري براهمانا ناس ٿيو تہ فقط چٽو اڪيلو بچي نڪتو هو. پنجاب جي مکيہ شهرن جي تباهيءَ بابت بہ اهڙيون ڳالهيون ٻڌايون وڃن ٿيون جهڙيون اسان کي سنڌ ۾ ٻڌڻ ۾ آيون آهن. پر الف ليلیٰ جي ڪهاڻيءَ ۾ جيڪو ڏيک چٽيل آهي تنهن جو واسطو هوبهو سنڌ جي ڪنهن شهر سان آهي. پر جيئن تہ تنهن زماني ۾ ساموندي ڪناري سان وڏي ۾ وڏو شهر رڳو ديبل هو ۽ اهو هڪ اهڙي اهم تجارتي منڊي هو جنهن سان عربن جو واپاري لاڳاپو هو. تنهن ڪري پائنجي ٿو تہ هندستان جو اهو وڏو شهر ديبل هوندو جتي زبيده سپني ماڻهن کي پندپهڙ ٽيل ڏٺو هو.

مئڪمرڊو جو بيان آهي تہ براهمانا جي تباهي سن ۱۴۰هـ ۽ ۷۵۷ع ۾ ٿي ۽ زبيده Zobeide جي ڪهاڻي جو دور خليفہ هارون رشيد جي دور سان واسطو رکي ٿو جنهن ۷۸۶ع کان ۸۰۹ع تائين حڪومت ڪئي، تنهن ڪري ٻنهي ڏٺ ڪٽائي ڪهاڻين کي سچاڻ ۽ سمجهڻ ۾ هيءُ دور مونجهاري جو سبب ڪوٺ ٿو بڌجي.

اهو بہ امڪان آهي تہ ديبل بندر بگهاڙ واري وهڪري سان هجي، جيڪو ان زماني ۾ سنڌوءَ جو مکيہ وهڪرو هوندو هو جنهن جو نالو هو ديبل سنڌي، يعني سنڌوءَ جي ڪناري تي تعمير ٽيل ديبل. ڪئپٽن هئملٽن (۴۷۰) جي بيان مان اتفاقي طور هڪ حقيقت واضح ٿي آهي تہ سنڌي نالي سنڌوءَ جو هڪ ڦاٽ هوندو هو. هتان جي ماڻهن کي اهو نالو هاڻي ياد ڪونہ رهيو آهي، جنهن مان ڪنهن دور ۾ چگيرو پاڻي وهندو هو ۽ ستن منهن

وسيلي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو. ان کي ديولي Divelle يا ستن چوڙن وارو ڦاٽ ۽ سڏيو ويندو هو. هن بيان مان هڪ حقيقت واضح ٿئي ٿي ته سنڌوءَ جو هڪ ڦاٽ لاڙي بندر تائين ۽ ويندو هو جنهن جو نالو ديبلي يا ديبل وارو ڦاٽ هو. جيڪو هئملٽن جي دور ١٦٩٩ع تائين ۽ موجود هو. هي ڳالهه اها ۽ ته منهنجو انومان آهي ته سنڌوءَ جي هن ڦاٽ جو ٻيو نالو پٽي ۽ هوندو هو. هيءُ اهو ساڳيو ڦاٽ آهي جنهن کي تالمي سنٿن اوستيم Sinthon ostium لکيو آهي، جيڪو اولهه پاسي سان ڳٽپ موجب سنڌوءَ جو ٻيو نمبر چوڙ هو. پٽيءَ وارو وهڪرو بگهاڙ جو هڪ چوڙ آهي ۽ هيءَ حقيقت ديبل جي بيهڪ بابت ٻڌايل منهنجي انومان سان پوري ٺهڪي بيهي ٿي، جنهن کي مٿي بيان ڪيل سيني ذريعن جي پٽيرائي حاصل آهي.

پر هئملٽن اهو ۽ لکيو آهي ته لاڙي بندر پاڻ ۽ اجڙي ناس ٿي ويو. هاڻي ڏاراجا Dharaja بندر آهي، جيڪو چوڙ واري پٽيءَ جي اولاهين اڌ ۾ لاڙي بندر کان ٽورن ميلن جي فاصلي تي اوپر طرف آهي.

ڪچ

ستينءَ صديءَ ۾ سنڌ جو چوٽون صوبو ڪچ هو. جيڪو اڪبر جي دور تائين سنڌ سان ڳنڍيل هو. شين سئنگ جو بيان آهي ته اهو علاقو سنڌ جي راڄڌانيءَ کان ١٦٠٠ لي يا ٢٦٧ ميل ڏکڻ اوپر پاسي آهي (۴٧١). تنهن زماني ۾ سنڌ جي راڄڌاني الور هئي، جيڪا بکر ويجهو ۽ سنڌوءَ جي ڪنار سان آباد هئي. هڪ چيني ياتري (۴٧٢) پنهنجي سفر جو رستو هن ريت ٻڌائي ٿو "الور کان ڏکڻ براهمانا ٧٠٠ لي پوءِ پٽاسيلا ٣٠٠لي جيڪو برهمانا کان ڏکڻ اولهه پاسي آهي. بعد ۾ ڪچ ٧٠٠ لي جيڪو ڏکڻ ڏس تي واقع آهي. ڪل فاصلو ١٦٥٠ لي ٿئي ٿو. جيڪڏهن عام طرف ٻڌبو ته ڏکڻ- اولهه بدران ڏکڻ وڃي بيهندو جيڪو ڪچ جي جاگرافيائي بيهڪ سان ٺهڪي اچي ٿو. شين سئنگ هن علائقي جو نالو او- تين- پو- لو Lo_ Po_ Teen_ O_ ٻڌائي ٿو. ايم جولين هن جي معنيٰ آڏيا وڪيلا Adhyavakila يا آتيا وانا ڪيلا Atyanvankela ٻڌائي ٿو. هن لفظ لاءِ سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ نه ايم جولين ٻڌائي ٿو ۽ نه وري ايم- وائوين- ڊي سئنٽ مارٽن. منهنجي ويچار پٽيان

چيني ياتريءَ جو اشارو آدوم بابتيرا Audumbatira يا آدوم باڙا Audumbara آهي، جنهن لاءِ پروفيسر لئسن Lassen جو خيال آهي تہ اهو ڪڇ ۾ رهندڙ ماڻهن جي ڪل جو نالو آهي. پليني هنن کي اودمبوراءِ Odomborae سڏيو آهي (۴۷۳). پر موجوده دور ۾ ڪڇ اندر انهيءَ ڪر جي نالي ڪوبہ قبيلو موجود ڪونہ ڏسبو.

هن صوبي جو ڪل گهيرو ۵۰۰۰ لي يا ۸۳۳ ميل ٿيندو. مان سمجهان ٿو تہ اهو وڏائي ٻڌايو ويو آهي. سندس گهيري جو انگ تڏهن وڃي پورو ٻهيندو. جڏهن ان ۾ رڻ جي اتر واري ننگر پارڪر وارو علائقو شامل ڪبو. گهٽو ڪري هيءَ جوءِ هميشہ ڪڇ سان گڏ رهي آهي، ڪڇ جو پاڳو آهي ان سان اڄ بہ شامل آهي. هن علاقي جو اتريون پاسو عمرڪوٽ کا ڪوه آبوءِ تائين ڇڪبو تہ ست سؤ ميل ڪن ٿيندو. سندس راڄڌاني جو نالو ڪي_ تسي_ شي_ فا_ لو. Lo_ Fa_ Shi_ Tsi_ Kie هو، جنهن جو گهيرو ۳۰ لي يا پنج ميل هو. ايم جولين هن چيني اچار جو مطلب ڪيجسواڙ Khajiswara ٻڌائي ٿو. پر پروفيسر لئسن ان جو مطلب ڪئچس واڙ Kachcheswara سمجهي ٿو. پر جيئن تہ تسي Tse چيني پد ٽ اکر جي نمائندگي ڪري ٿو. جنهن سان زبان جي چوٽي تارون سان لڳندو آهي، تنهن ڪري منهنجو ويچار آهي تہ ان جو ملهہ بہ ٽ اکر جهڙو آهي. ان نقطہ نگاهہ کان هن لفظ جو اچار ڪوٽيسوار Kotiswara ٿيندو. جيڪو ڪڇ جي اولاهين پاسي هندن جو مشهور تيرت گاهہ آهي. منهنجو خيال آهي تہ چيني ياتريءَ بہ هن ئي جڳهہ جو بيان ڪيو هوندو. ڇاڪاڻ تہ شهر جي ذڪر کان پوءِ تيرٿ جو بہ بيان ڪيو اٿائين. هيءُ ٺاڪ ملڪ جي اولهہ پاسي سنڌوءَ جي ڪناري، سمنڊ جي ويجهو آهي (۴۷۴). هن ياتريءَ شهر جي جاگرافيائي ٻيهڪ جو جنهن نموني بيان ڪيو آهي. تنهن مان ايئن ٿو ٿئي تہ اهو ڪوتسير آهي، جيڪو سنڌوءَ جي ڪوري ڦاٽ ۾ هندي وڏي سمنڊ جي ڪناري تي آباد آهي. هن ڳالهہ جي پنيرائي سندس بيان مان ٿئي ٿي تہ هن شهر جي وچ ۾ شو جو مندر بہ هو. هن شهر جو نالو ڪوتي+ اسوار Koti+ Iswara يعني هڪ ڪروڙ اسوار آهي. هن نالي جو اشارو انهن بيشمار ننڍڙن پٿرن ڏانهن آهي،

جن جي شڪل صورت لنگم Lingam جهڙي آهي. اسوار شو جو مشهور نالو ۽ لنگم سندس علامت آهي.

ايمر- وائيون ڊي سئنٽ مارٽن جي راڄڌاني کي ڪراچي سمجهي ٿو. پر اروڙ کان سندس فاصلو ۱۳۰۰ لي يا ۲۱۷ ميلن کان وڌيڪ ڪونہ ٿيندو ۽ هن لفظ جو رڳو شروعاتي پد چيني اچار سان ميل کائي ٿو. هن علائقي بابت شين سئنگ جو بيان آهي تہ هيناهون آهي ۽ منجهس پاٽيءَ جي ڇاڇر نظر ايندي ۽ زمين ڪلراٹي آهي. هيءَ چٽو پٽو ذڪر ڪڇ واري هيناهينءَ جوءِ جو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي گيچڙ يا ڏٻڙ ۽ ڪلڙاٹو رڙ. رڙ کي سنسڪرت ۾ ارينا Irina چيو ويندو آهي ۽ ڪڇ[1] جي معنيٰ آهي ڏٻڙ Morass هن علاقي جو پورو اڏ گپ، گيچڙ ۽ پاٽيءَ جي ڇاڇر والاريون بيٺي آهي. جيڪڏهن هن جوءِ کي ڪراچي جي اوسي پاسي واري خشڪ وارياسي ايراضي سمجهيو ويندو تہ غلط ٿيندو. ڪوٽيسر جي ڏکڻ پاسي ۾ پاٽيءَ جي آهي جيڪا ميلن ۾ پکڙيل ڏسڻ ۾ ايندي.

سنڌوءَ جي اولهہ پاسي وارو علائقو

قديم مؤرخ هن ڳالهہ تي متفق آهن تہ سنڌوءَ جي هينئين پاسي ۽ اولهہ طرف واريءَ جوءِ ۾ ڪنهن جهنگلي ڪر جا ماڻهو رهندا هئا جن کي آرابي Arabi يا آريبٽاءِ Arabitea ۽ اوريٽاءِ يا هوريٽاءِ Horitae سڏيو ويندو هو. اهي ٻئي قبيلا سنڌي ٻڌ جي ڪنهن ڦريءَ مان هئا. ائرين جي بيان مطابق آرابي قبيلي جا ماڻهو سنڌ جي سفا آندي چيڙي ۾ اولهہ پاسي رهندا هئا. استرئبو ٻہ ٻڌ ساڻيءَ ريت بيان ڪري ٿو تہ اهو سنڌ جو صفا آخري حصو هو (۴۷۵) پر اوريٽاءِ جي قبيلي بابت ٻنهي جو بيان آهي تہ اهي سنڌ جي حد کان ٻاهر رهندا هئا. ڪرٽس جو بيان آهي تہ هوريٽاءِ سنڌ جي حدن اندر رهندا هئا (۴۷۶) ڊايوڊورس چوي ٿو تہ اهي سنڌين جهڙا لڳن ٿا. ائرين ٻہ اها ڳالهہ قبول ڪري ٿو تہ ٻيٽن تي رهندڙ اوريٽاءِ قبيلي جا ماڻهو سنڌين جهڙا ويس وڳا ڏکيندا هئا ۽ جنگي هٿيار ٻہ ساڻيا ڪتب آٽيندا هئا. پر سندن ٻولي ۽ رسم رواج ڪجهہ مختلف هئا. شين سئنگ ستينءَ صدي ۾ هتي آيو هو.

[1] ڪڇ جي معنيٰ آهي: وَٽِ يا پاسو.

جنهن جو چوڻ آهي تہ انهن جي ٻولي رسم رواج ۽ لٽا ڪپڑا سنڌين جهڙا هئا ۽ سندس مشاهدو وڌيڪ ويساهہ جوڳو آهي. هن جو بيان تہ لئنگ ڪي لو Lang_ Kie_ Lo ڪوٽيسر کان ٢٠٠٠ لي يا ٢٣٣ ميل اولهہ طرف ۽ ڪچ جي علائقي اندر آهي. هتان جي ماڻهن جا رسم رواج ڪچي ماڻهن جهڙا آهن. سندن ٻولي بہ ٿوري فرق سان ڪچين جهڙي آهي (۴٧٧). سندن اٺ ويهڻ بہ عام هندستانين جهڙو آهي. منهنجو ويچار آهي تہ اوريٽاءِ ۽ آرابيٽاءِ قبيلن جا ماڻهو سنڌ جي جاگرافيائي حدن ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا توڙي جو اهي تاريخي دور کان وٺي هن سياسي حدن کان ٻاهر رهيا آهن. حضرت عيسيٰ کان ڇهہ سؤ سال اڳ ڏارين جا ڏڻ پرو هئا ۽ شين سئنگ جي دور تائين ٻارهن سؤ سال پوءِ بہ ايران جي سياسي اثر هيٺ رهندا آيا. هن ۾ ڪنهن بہ شڪ شبهي جي گنجائش ڪانہ آهي تہ هي قبيلا سنڌي نسل سان لاڳاپيل ڪونہ آهن. مان جڏهن اورٽياءِ بابت ڳالهائيندس تہ اهڙي چنڊچاڻ ضرور ڪندس.

آرابي يا آربيٽاءِ هن ڪل جي ماڻهن کي ائرين آرابي Arabi، ڪروٽس آرابيٽاءِ، ٽالمي آربيٽي Arbiiti، ڊايوڊورس آمبري ٽاءِ Ambritae ۽ استرائبو آربيز Arbis سڏيو آهي. هن ڪُر تي اهو نالو ان ڪري پيو جو اهي آرابس Arabis آربس Arbis يا آرابس Arabuis درياهہ جي ڪنارن سان رهندا آهن، پاڻي جو وهڪرو کين اوريٽاءِ قبيلي جي علائقي کان الڳ ڪري چڏيندو آهي (۴٧٨). نير ڪوئس جي روزنامچي (ڊائري) مان جيڪڏهن سڪندر جي اڳتي وڌڻ جي پيٽوار چنڊچاڻ ڪبي تہ پتو پوندو تہ سرحد ڏيکاريندڙ پاڻيءَ جو اهو وهڪرو پورالي ندي‌ءَ جو آهي، جيڪو لس ٻيلي جي موجوده علائقي مان وهي سون مياڻيءَ وٽان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. ڪرٽس جو بيان تہ سڪندر پٽالا کان آربيٽاءِ جي اوپارين دنگ تائين نون ڏينهن جي پنڌ کان پوءِ رسيو (۴٧٩) ۽ پنج ڏينهن وڌيڪ پنڌ ڪري ان علائقي جي اولاهين سَنڌي تي پهتو. حيدرآباد کان ڪراچي ١١۴ ميل ۽ اتان کان سون مياڻي ۵٠ ميل آهي (۴٨٠). ۽ اڳيون فاصلو فوج جون نو منزلون ۽ پويون پنڌ چار يا پنج منزلون ٿيندو. منهنجو ويچار آهي تہ ڪراچي آرابيٽاءِ واري علائقي جي اوپارئين سنڌي وٽ آهي ۽ اها حقيقت انهن سيني کوجنا

ڪندڙن جي بيانن مان ورتي وئي آهي، جيڪي ٽالمي جي ڪولاڪا Kolaka ماڳ ۽ نيرڪوس جي ڪروڪالا Krokala ٻيٽ کي هڪ هنڌ ڪري سمجهن ٿا، جتي نير ڪوس پنهنجي بحري فوج کي هڪ ڏينهن لاءِ ترسايو هو ۽ اهو ڪراچي واري ايسمنڊ ۾ هو. وڌيڪ اهو ٻڌايو ويو آهي ته ڪروڪالا ٻيٽ آرابيءَ واري علائقي کان ٿورو وٽيرڪو مگر سمنڊ اندر سنڌوءَ جي الهندي ڇوڙ کان سوا ۱۷ ميل پري هو. اهو فاصلو سنڌوءَ جي گهاري ڦاٽ ۽ ڪراچي جي وچ ۾ پنڌ سان سهمت آهي. تنهن ڪري اسان کي سمجهڻ ڪپي ته سڪندر جي دور کان وٺي اڄ تائين ايڪيهين صدي سامونڊي ڪنارو پنج يا ڇهه ميل اڳتي وڌيو آهي. هن ڳالهه جي پٺيراڻي هن حقيقت مان ٻه ٽئي ٽي ته جنهن علائقي ۾ ڪراچيءَ جو شهر آهي، تنهن کي اڄ سوڌو "ڪرڪالا" سڏيو ويندو آهي.

نيرڪوس جڏهن ڪرڪالا وٽان سڻهه سنياهي اسهيو ته مائونٽ اروس Maunt Eros (منهوڙو) سندس ساڄي ۽ تراڪڙو ٻيٽ سندس کابي پاسو هو. اهو چٽو پٽو ڪراچي بندر ڏانهن لنگهه واري علائقي جو بيان آهي. ان کان پوءِ ڪيترن ننڍن وڏن ماڳن تي بيهندو نيٺ اچي مورنٽو بارا Morontobara جي ٽاڪ وٽ رسيو. جنهن کي هتان جا ماڻهو عورتن جو اجهو يا بندر سڏيندا هئا (۴۹۲). هتان سندس فوج ٻه رستا اختيار ڪيا. انهن مان هڪ ۷۰ استاديا ۽ ٻيو ۱۲۰ استاديا هو ۽ انهن جي آرابس ندي جي ڇوڙ وٽ پهچڻ تائين ڏيگهه ۲۲ ميلن کان وڌيڪ ڪانه هئي. پاڻيءَ جو اهو وهڪرو آرابي ۽ اوريٽاءِ جي قبيلي وارن ماڻهن جي وچ تي دنگ جو نشان هو. مان مورنٽو بارا کي مئاري Muari يا راس مئاري Ras Muari يا راسمونزي Cape Monze سمجهان ٿو جيڪا پٻ جبل جي چيڙي وٽ آهي. بارا يا باري معني اجهو يا بندر. "مورنٽو" فارسيءَ جو لفظ آهي جنهن جو مفهوم آهي مرد ۽ ان جو مؤنث مهرين Mahrin آهي، جيڪو ڪشميري هولیءَ ۾ ايجا ٻه محفوظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: عورت. ان بندر يا اجهي Haven کي ڳولي لهڻ لاءِ مونزي راس ۽ سون مياڻيءَ جي وچ تي ڪوجنا ڪرٽي پوندي ۽ ان جي ماڳ جو تعين ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. نير ڪوس جي هاڪارڙ بابت جيڪو احوال ائرين ڏنو آهي، تنهن ۾ ڏنل فاصلي جي ناتي سان مان سمجهان ٿو ته اهو ماڳ بحر Bahar نالي نئن جو چوڙ وٽ هجڻ کپي، جيڪا

راس مونزي ۾ سون مياڻيءَ جي وچ اچي سمنڊ ۾ پوندي. جيڪڏهن مان هن ڳالهه ۾ درست آهيان ته مئاري Muari مورنٽو بارا جو اختصار آهي ته پوءِ راس مونز پر واري بندر تان نالو ورتو ويو هوندو. نيرڪوس آرابس نديءَ جي ڇوڙ وٽ هڪ وڏو بندر ڏٺو هو. جهڙيءَ ريت هاڻي پورالي نديءَ جي موڙ وٽ سون مياڻي آهي. هن بابت پاتنجر جو بيان آهي. ته "هي سامونڊي پاڻيءَ جو اهڙو بهترين تلاءُ آهي. جتي وڏي ۾ وڏا ٻيڙا ٻيهاري سگهجن ٿا."

(هي مضمون ڪتاب "سنڌ _ هند جي قديم جاگرافي" ص.249_307 تان ورتل آهي)

سنڌ، عيسوي سن جي پهرين پنجن صدين دوران

ايچ ٽي ليمبرڪ

عيسوي سن جي پهرينءَ صديءَ جي پوئين اڌ ۾، اُتر الهندي هندستان مٿان پارٿين لوڪن جي بادشاهيءَ جو ڪشن لوڪن جي هٿان انت آيو. اهي ماڻهو وچ ايشيائي غول "يوچي" جي پنجن قبيلن منجهان هڪ قبيلو هئا، جن اٽڪل ٻه صديون اڳي ساڪ لوڪن کي بئڪٽريا مان هڪالي ڪڍيو هو. ڪُشن لوڪن جي سردار، ڪجولا ڪدفائيسز پاڻ کي سڄي "يوچي قوم" جي مٿان اعليٰ ترين طاقت جو ملڪ بنايو. ٻه هن سن 50ع ڌاري ڪابل ماٿريءَ تي قبضو ڪيو. هن جي پُٽ، وما، ٽئڪسلا ۽ ان جا ملحق علائقا پنهنجي سلطنت ۾ ملايا.

وما جو جانشين ڪنِشِڪُ شايد سن 78ع ۾ ڪُشن گهراڻي جي تخت تي ويٺو. ٻه ٽورن ئي سالن ۾ هن پاڻ کي اُتر سنڌ جو بالا حڪمران بنائي ڇڏيو. بهاولپور جي قريب سُئي وهار ۾ لڌل هڪ ڪتبي ۾ هن پاڻ کي

"ڪنشِڪا، بادشاهن جو وڏو بادشاهہ، ۽ ديوتائن جو پٽ" سڏيو آهي. انهيءَ ڪتبي جي تاريخ، مقدوني مهيني ڊائسيوس جو اناويهون ڏينهن آهي، جيڪو هن جي راڄ جي يارهين سال ۾ آهي.[1] ڪَنشڪَ ڪشمير، گنگا ماٿريءَ ۽ اتر ۽ اولهہ هندستان جي وڏي علاقي کي پنهنجي بادشاهيءَ ۾ شامل ڪري ڇڏيو. معلوم ٿئي ٿو تہ هن پارٿين لوڪن سان هڪ طويل ڪامياب جنگ ڪئي، ۽ ابتدائي شڪست کائڻ کان پوءِ، آخرڪار هن چين کان ڪاشغر، يارقند ۽ خُطن جا صوبا کسي ورتا.

ڪنشڪَ، پُرش پور کي پنهنجي دارالحڪومت جو شهر بنايو، جيڪو پشاور جي ويجهو هو. ۽ هن پنهنجي وسيع سلطنت تي وائيسرائن جي ذريعي اُتان وينِي حڪومت هلائي. معلوم ٿئي ٿو تہ جن شخصن کي هن هندستاني صوبن جي حڪمراني ڏني، انهن ۾ ڪيئي پهلوا ۽ ساڪ قومن جا سردار پڻ شامل هئا، جن مان ڪن پارٿيا جي عظيم بادشاهہ کي پنهنجو بالادست حڪمران تسليم ڪيو هو ۽ ڪي مڪمل طور خود مختيار هئا. هن ڳالهہ جو امڪان آهي تہ ڪَنشِڪ، هندستاني فتوحات ڪرڻ لاءِ انهن سردارن کي وڏيءَ حد تائين استعمال ڪيو. اعليٰ درجي واري گورنر کي "مهاڪشترپا" ۽ گهٽ درجي واري گورنر کي "ڪشترپا" جو خطاب مليل هوندو هو. اهي نالا ۽ لقب هنن کي پارٿين لوڪن کان ورثي ۾ مليا هئا.[2]

ڪَنشِڪُ اٽڪل ٽيويهن سالن جي بادشاهيءَ کان پوءِ عيسوي سن جي ٻي صديءَ جي شروعات ڌاري گذاري ويو. هن جي جانشينن مان سيني کان وڏيڪ مشهور هوويشڪ ۽ واسوديو ٿي گذريا آهن. انهن ٻنهي مان پوئين نالي وارو ڪنشڪ جي تخت تي ويهڻ کان اڻانويهن سال ٻہ بادشاهي ڪري رهيو هو. ڪتبن جي شهادت مان هن ڳالهہ تي يقين ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بنياد ملي ٿو تہ ڪنشڪ کان هڪدم پوءِ سندس جانشين واشسڪ هو. ۽ هُن کي چار يا پنج سال حڪومت ڪئي، اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو تہ واشسڪ جي پٽ، جنهن کي ڪنشڪ ٻيو پڻ سڏيو ويو آهي، ڪجهہ سالن تائين هوويشڪ سان گڏجي، مشترڪ طور، بادشاهي ڪئي هئي. هڪ ڪتبي ۾، جيڪو انهيءَ گهراٽي جي ايڪيتاليهين سال جو آهي، انهيءَ ٻئي ڪنشڪ کي "مهاراجا ديوپتر" جي خطاب سان سڏيو ويو آهي، جيڪو خطاب ڪشن

گهراٽي جي بادشاهن طرفان عام طور اختيار ڪيو ويندو هو. ٻئي طرف، هوويشڪ ۽ واسديو جي سڪن جي گهٽي مقدار ۾ واشسڪ ۽ ڪنشڪ ٻئي جي سِڪن جي مڪمل عدم موجودگي ظاهر ڪري ٿي ته پوين ٻن نالن وارا حڪومت ۾ محض ثانوي حيثيت ۾[3] زيردستن طور شريڪ ڪيا ويا هئا.

ڪتبن ۽ ٻين ثبوتن ۽ شهادتن مان ظاهر آهي ته هوويشڪ ڪابل، ڪشمير ۽ جمنا جي ڪناري واري مٿرا تي بادشاهي ڪندوهو. انهيءَ ميڙ لاءِ ڪجهه سبب آهن ته آخر ۾ هو مالوا جو قبضو وڃائي ويٺو هو. ٻئي طرف اُتر سنڌ تقريبا وڏيڪ ٻن صدين لاءِ ڪُشن سلطنت جو حصو رهي. موئن جي دڙي جي ڪوٽائيءَ جي بانيءَ، آر. ڊي. بئنرجيءَ، اتان جي ڪيترين ئي ٻڌ ڏرم جي عمارتن مان هوويشڪ جي جانشين واسوديو جي سڪن جو وڏو تعداد لڌو. جيڪي ٽامي جي مشهور معروف نموني جا ٽلها سڪا هئا، ۽ انهن تي شو ۽ سندس ڍڳي جي شبيهه اڪريل هئي. ڪوٽائيءَ جي ساڳئي تهه ۾ پتين تي نڪتل تصويرن جا ڪي ٽڪرا ڏٺا ويا، جن تي برهمي ۽ ڪروشٽي ٻولين جي ڳتبن جا ڪي اکر لکيل هئا، اُهي تصويرون مخصوص نموني جي ڪُشن طرز جي عڪاسي ڪري رهيون هيون، ۽ اهڙيون ئي ٻيون تصويرون سر آريل استين کي خطن جي علائقي مان مليون هيون. اُنهن جي دور بابت، بهرحال شڪ آهي. موئن جي دڙي جي ٻڌ ڏرم وارين سطحن مان وڏيڪ تعداد ۾ لڌل ٻين سڪن مان معلوم ٿئي ٿو ته اُهي سڪا اهڙي نموني جا هئا، جيڪي بظاهر ان علائقي لاءِ مخصوص هئا. اهي ڏاتوءَ کي پلٽي ناهيا ويا هئا، ۽ نہ ڏڪ ذريعي مهر جو ڇاپو هڻي. انهن جي شڪل مستطيل هئي ۽ انهن تي هڪ اهڙي شبيهه ٺهيل هئي، جيڪا صليب، ترشول يا ڪنهن ٻيءَ اهڙيءَ علامت سان وابستا ٿي سگهي ٿي. پر انهن تي ڪي به اکر لکيل ڪين هئا. انهن سڪن تي نظر ايندڙ شاهي شبيهه تي پيل لباس جي شهادت جي آڌار تي معلوم ٿئي ٿو ته اهي بعد واري اُنهيءَ زماني سان وابستا آهن، جڏهن ڪُشن گهراٽي جا هندستاني علائقا پنجاب جي سرحدن کان مشڪل ڪي ٻاهر هئا. ان جي باوجود، اُتان لڌل هڪ ٻئي نموني جي سڪي جي هڪ طرف ٻاهه جو قربانگاهه ۽ ٻئي طرف ماڻهوءَ جي شبيهه نڪتل آهي. اهي علامتون، فقط ڪدارا ڪُشن لوڪن ۽

ساسانين جي سکن تي نڪتل آهن، پر ساڳئي وقت اُهي شبيهون هيفٿالائيٽ لوڪن يا اڇي چمڙيءَ وارن هوڻ لوڪن پڻ اختيار ڪيون هيون ۽ ساڳئي نموني جي ڪن ٻين سکن کي، جيڪي ٻين هنڌن تان لڌا ويا آهن. وڏي اعتماد ۽ يقين سان عيسوي سن جي چوٿين يا پنجين صديءَ سان منسوب ڪيو ويو آهي.[3_A]

اپر سنڌ ۾ لاڙڪاڻي کان ڪجهه ميل اولهه طرف، جهڪڙ وٽ،هڪ قديم آثار جي "قريبي" زماني سان واسطو رکندڙ لڳ ڀڳ ساڳيءَ نوعيت ۽ ساڳيءَ شهادت وارا سڪا لڌا ويا آهن. اتي واسو ديو جا سڪا پڻ لڌا ويا هئا، پر انهن سکن کان وڌيڪ تعداد ۾ اهي مخصوص شڪل ۽ صورت جا سڪا مليا، جيڪي موئن جي دڙي واري "استوپا" جي قريب ڪُشن گهراڻي جي زوال واري دور سان واسطو رکندڙ آهن. ان کان سواءِ، هنن سکن جهڙا ڪي سڪا "يا ته ٺڪر جي انهن مُهرن جي ويجهڙائيءَ ۾ يا انهن سان گڏ مليا، جن تي گپتا دور جي اکرن ۾ ڪجهه تحرير ٿيل هو. جيڪي شايد پنجين عيسوي صديءَ جي زماني کان گهٽيءَ قدامت جا ناهن.[4]

جهڪڙ وارين کوٽاين مان مليل چيزن جي شهادتن جي وڌيڪ جاچنا ڪرڻ کان اڳ ۾، هيءَ ڳالهه بهتر ٿيندي ته انهيءَ دور ۾ زيرين سنڌ ۾ ظاهر ٿيل واقعو ۽ حالتن تي، جيتريقدر به انهن جو سراغ ملي سگهي، غور ڪرڻ گهرجي.

هيءَ ڳالهه ذري گهٽ اٽڪل هئي ته شاهي نسل جا ماڻهو جيڪي هيڏي وسيع سلطنت جي دور دراز صوبن جي نائبي اختيارن هلائڻ لاءِ مقرر ڪيا ٿي ويا، اُهي مرڪزي اقتدار سان فقط ان وقت تائين وفادار رهي ٿي سگهيا، جيسين اُن مرڪزي اقتدار جو مالڪ غير معمولي صلاحيتن جو ڪو شخص هجي. معلوم ٿئي ٿو ته ساڪ گورنرن جون خود مختياريءَ ڏانهن مائل حڪومتون ۽ پهرين صدي عيسويءَ جي پوئين اڌ دوران، ڪشن گهراڻي جي طاقت ۾ اچڻ کان اڳي، اجين ۽ مٿورا جي علاقن جي عظيم ساڪ گورنرن جون هر عملي صورت ۾ خود مختيار حڪمرانيون هندو نشاة ثانيه[5] جي قوت اڳيان نيٺ مغلوب ٿي ويون، پر ڪنشڪ جي مرڻ کان پوءِ، ٻي عيسوي صديءَ ۾ ساڪ سردارن ڪنهن طرح هڪ دفعو ٻيهر پڻ اولهه هندستان ۾ شاهي مرتبو حاصل ڪري ورتو. اُهي، بهرحال، ڪشترپا ۽

مهاڪشترپا جهڙن اصلوڪن نائبي خطابن تي ئي راضي ۽ قانع رهندا آيا.

منجهانئن "مغربي والين" جي نالي واري گهراڻي جو باني چيستنہ هو. جنهن جي متعلق جاگرافيدان ٽالمي لکيو آهي تہ هو مالوا [6] ۾ اُجين جو حڪمران هو. هن جي باري ۾ جيڪو اوائلي کان اوائلي سال معلوم آهي، سو 130 عيسوي سن آهي. جڏهن سندس پوٽو رودرادمن هن جي بادشاهيءَ جي انتظام هلائڻ ۾ ساڻس شريڪ هو. اهو رودراد من مغربي والين ۾ سيني کان وڌيڪ مشهور ٿيو. جهونا ڳڙهہ ۾ سندس لڳل ڪتبي جي مطابق، جنهن تي سال 72 لڳل آهي (جيڪو سن 150ع جي برابر آهي)، هن جي بادشاهي اُتر ڪونڪن، گجرات، مالوا، وچ ۽ ڏکڻ، اولهہ راجپوتانا، ڪاٺياواڙ ڪچ، سنڌو ۽ سؤويرا تي پکڙيل هئي. هن مشرقي پنجاب جي يؤڌيہ حاڪمن ۽ آندرا جي بادشاهہ سان جنگ جوتي، انهيءَ پوئين نالي واري بادشاهہ کان ئي هن ڪاٺياواڙ ۽ ڪونڪن [7] کٽيو هو. ڪتبي تي هُن جي زيرين سنڌ جي فتح جو ذڪر ڪونهي، پر عين ممڪن آهي تہ ان فتح جو سهرو بہ هن جي سر تي هو. چاڪاڻ تہ اهڙي ڪا شهادت موجود ڪانهي تہ اهو صوبو ڪانئس اڳ ڪو چيستنہ جي علائقي ۾ شامل هو. بلڪ هيءَ ڳالهہ زياده امڪاني معلوم ٿئي ٿي تہ اهو صوبو رودرادمن جي اقتدار کان اڳ مقامي ساڪ يا پهلوا گورنرن جي هٿ هيٺ هو. جيڪي ڪنشڪ جي پوين سان نالي ماتر وفاداريءَ جو دم پريندا رهندا هئا.

رودرادمن هڪ باشعور حڪمران هو ۽ پنهنجي وزارتي ڪائونسل جي صلاح سان حڪومت ڪندو هو. هن ڪاٺياواڙ ۾ مشهور سُدَرسن تلاءَ جي نئين سر تعمير لاءِ رقم پنهنجي خانگي خرچ وارن پئسن مان ڏني. چاڪاڻ تہ هن جي وزيرن جي ڪائونسل انهيءَ ڪم کي فائديمند نہ ٻڌي سمجهيو ۽ انهيءَ ڪري سرڪاري خزاني مان انهيءَ خرچ جي منظوري ڏيڻ لاءِ تيار ڪانہ هئي. جهونا ڳڙهہ واري ڪتبي ۾ هن جي متعلق لکيل آهي تہ "هن کي سيني جاتين طرفان سندن حفاظت ڪندڙ جي حيثيت ۾ چونڊيو ويو هو"، ۽ هڪڙي ٻئي بيان ۾ ڄاڻايل آهي تہ هن قسم کنيو هو جيڪو هو پنهنجي سڄي عمر پاڙيندو رهيو تہ هو جنگ کان سواءِ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي قتل نہ ڪندو.

اهو معلوم ناهي ته لوئر سنڌ ڪيتري زماني تائين اُجين جي مغربي ڪشترپائن جي حڪمرانيءَ هيٺ رهي. ايران جي ساساني گهراڻي جي بانيءَ، اردشير باباگن، جي متعلق، جنهن سن 226 کان وٺي 241ع تائين بادشاهي ڪئي فرشتي لکيو آهي ته هو لشڪر وٺي، اتر اولهه هندستان تي ڪاهي ويو ۽ اتان جي حاڪمن کان ڏَنُ ورتائين.[8] اٽڪل چاليهه سال پوءِ، بهرام ثانيءَ سيستان واري ساڪ کي آڻ ميڙ تي مجبور ڪيو ۽ ان کان پوءِ هو سنڌو ماٿريءَ طرف ڏوڪي ويو. هڪ ڪتبي ۾ ڄاڻايل آهي ته اُتر هندستان جا ساڪ سردار بهرام جي ڏَنَ پريندڙن منجهان هئا. جيتوڻيڪ هن کي پوءِ اهڙن ڏورانهن علائقن جي فتوحات کان، شهنشاهه سائرس جي وڏندڙ خطري کان پنهنجي مغربي سرحدن کي بچائڻ لاءِ، واپس موٽڻو پيو، ان هوندي به اهو امڪان آهي ته سنڌ چوٽين صدي عيسويءَ جي ذري گهٽ اڌ تائين ايران جي بالادستيءَ هيٺ هلندي رهي.[9] انهيءَ صديءَ جي آغاز ۾ شاهه هر مزد ٻئي ڪابل واري ڪُشن حڪمران جي ڏيءَ سان شادي ڪئي، ۽ پرسيپولس ۾ لڳل پهلوي ٻوليءَ جي هڪ ڪتبي ۾، جنهن جو سال سندس پٽ شاپور ٻئي جي ابتدائي سالن وارو آهي، جيڪو انهيءَ زماني ۾ هڪ معصوم ٻار هو، سيستان جي ساساني نائب کي "هند، ساڪستان ۽ "تخارستان" جي وزيرن جو وزير، ساڪنساهه، چيو ويو آهي"[10] هن باري ۾ پڻ ڪجهه ثابتي موجود آهي ته آڀير لوڪ پڻ، جيڪي ڏاڪٽينءَ سنڌو ماٿريءَ جي اُپرندي طرف جا رهاڪو هئا، ساسانين جي بادشاهيءَ کي تسليم ڪندا هئا. سن 360ع ۾ جڏهن شاپور ثانيءَ دجلہ تي واقعي آميدهه بندر جو گهيرو ڪيو، تڏهن ڪيس هندستاني هاٿين ۽ ڪُشن فوجن جي مدد حاصل هئي، جيڪي پنهنجي گرومبيتس[11] نالي بادشاهه جي قيادت ۽ حڪم هيٺ هئا، گرومبيتس جي اهڙيءَ ڏورانهينءَ مهم ۾ موجودگي تڏهن سمجهه ۾ اچي سگهي ٿي، جڏهن اسين اها صورتحال خيال ۾ رکون ته هو ايران جي بادشاهه جو تابعدار ٻڌجي چڪو هو.[12]

هيءَ حقيقت پڻ اهميت رکي ٿي ته اٽڪل سن 295ع ۽ 340ع جي درميان، "مهاڪشترپا" جو لقب اُجين ۾ متروڪ رهيو، اتان جا حڪمران فقط "ڪشترپا"[13] جي خطاب تي ئي قانع رهيا. ان اوچي خطاب کي رودراسين

ٿئين طرفن وري پنهنجي لاءِ اختيار ڪرڻ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اُنهيءَ وقت ۾ هو ڏاکڻي سنڌو ماٿريءَ ۽ آسپاس واري ملڪ تي ساساني بادشاهہ جي بالادستيءَ واريءَ دعويٰ کي تسليم ڪرڻ لاءِ مجبور ڪونہ هو. ٻئي طرف، هن باري ۾ سندس هڪ سکي کان وڌيڪ، جيڪو "سڌيرن جي دڙي" مان لڌو آهي، ٻي ڪابہ شهادت موجود ڪانهي تہ ڪو روراسين سنڌ کي پنهنجي بادشاهيءَ هيٺ آندو بہ هو.[14]

لڳ ڀڳ انهيءَ دور ۾، جڏهن ايراني طاقت جو اثر هندستان ۾ زوال اڇي رهيو هو، پاتلي پتر وارو گپتا گهراڻو گنگا جي ماٿريءَ ۾ پنهنجو اثر رسوخ وڌائي رهيو هو، ۽ چوٿين عيسوي صديءَ جي وچ ڌاري اهو هندستان جو شهنشاهي گهراڻو بڻجي چڪو هو. انهيءَ صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ چندرگپت ٻئي ڦيرو ڪائي، مهاڪشترپا رودراسين تي حملو ڪيو ۽ ڪيس تخت تان لاهي قتل ڪري ڇڏيو ۽ هن جو علائقو پنهنجي سلطنت سان ملائي ڇڏيو. دهليءَ واري مشهور معروف لوهي ٿنڀ تي اڪريل چندر گپت جي بيان مطابق، "هن سنڌوءَ جا ست منهن پار ڪيا" ۽ وهليڪا نالي هڪ قوم کي شڪست ڏني، جيڪا بظاهر پنجاب جي هڪ حصي تي قابض هئي.[15] گپتا گهراڻي سنڌو ماٿريءَ کي پنهنجن علائقن ۾ شامل ڪيو نہ ٿو ڏسجي، پر ممڪن آهي تہ هنن ڪجهہ سالن تائين اتان جي حڪمرانن کان ڏَن وصول ڪيو هجي.

پنجين صدي عيسويءَ جي پهرئين اڌ ۾، اتر الهندي هندستان ۾ ايراني اثر وري بحال ٿيل نظر اچي ٿو ۽ ان کان علاوه لاڙڪاڻي جي پرسان ساساني بادشاهن جا سڪا پڻ دريافت ڪيا ويا آهن. هيءَ ڳالهہ خاص طور قابل غور آهي تہ اهي سونا سڪا اهڙي طرز جا آهن، جن جهڙا ٻئي ڪنهن بہ هنڌ نہ لڌا آهن. انهن سڪن تي جيڪا بادشاهي شبيهہ موجود آهي، تنهن جي پٺڪي تي چنڊ ۽ تارو لڳل آهي، جيڪا ڏزائين سيڪ کان اول يزد جرد پهرئين جي سڪن تي نظر آئي آهي، جنهن 397ع کان وٺي سنہ 417ع تائين بادشاهي ڪئي. هيءَ ڳالهہ امڪان جي حد اندر آهي تہ شايد اُهي سڪا خاص طرح سان سنڌ ۾ هلڻ لاءِ شاهي ضربخاني طرفان ناهيا ويا هجن.[16] ايراني روايت مطابق، سنڌ جي علائقي تان دراصل اتان جو هندستاني راجا

بهرام پنجين جي حق ۾ پاڻ دستبردار ٿيو هو. جنهن سن 420 کان 440 تائين ايران جي حڪومت هلائي ۽ جيڪو بهرام گور جي نالي سان وڌيڪ مشهور آهي. بهرام گور ايران جي عظيم ترين قومي هيرن مان هڪ آهي ۽ هن جي حاڪماڻي زندگيءَ کي انهيءَ رومانوي ڪهاڻيءَ جي ڇار مان صاف ٻاهر ڪڍڻ آسان ناهي، جيڪا هن جي نالي جي چوڌاري اُڀي ويئي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ جيڪا بهترين ڪهاڻي معلوم آهي، سا ذري گهٽ ڪشمير جي راجا جئه پد جي باري ۾ "راج ترنگنيءَ" ۾ بيان ڪيل آڪاڻيءَ جهڙي آهي، هو اڪيلائيءَ ۾ ويس بدلائي هندستان جو سفر اختيار ڪري ٿو اڪيلي سر هو هڪ اهڙي شينهن کي ماري ٿو. جيڪو آسپاس جي ملڪ کي ويران ڪري رهيو هو ۽ اهڙيءَ طرح اتان جو بادشاهه مٿس مهربان ٿئي ٿو. هن جي اصليت محض اتفاقي طور ظاهر ٿي پوي ٿي، جنهن تي بادشاهه خوش ٿي، ڪيس پنهنجي ڌيءُ جو سڳ ڏئي ٿو.[17]

مسلمان تاريخ نويس لکن ٿا ته هو هڪ وڏو لشکر ساڻ ڪري، هندستان جي سرحدن جي ويجهو وڃي پهتو ۽ اتان جي بادشاهه (شايد سنڌو ماٿريءَ جي حڪمران) کي حملي جي ڌمڪي ڏيڻ سان، هڪ اهڙي ناهه ڪرڻ تي مجبور ڪيو. جنهن جي تحت ديبل ۽ مڪران جا صوبا هن جي حوالي ڪيا ويا، جن کي هن ڪرمان جي ولايت[18] ۾ شامل ڪيو. ٿي سگهي ٿو ته انهن ٻن صوبن جي حاصل ڪرڻ جي خوشيءَ ۾ اُهي خصوصي سڪا رائج ڪيا ويا هجن، جن جو مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي. هندستان واريءَ مهم لاءِ چيو ويو آهي ته اها بهرام طرفان "ترڪن" شايد اڇي چمڙيءَ وارن هوڻ لوڪن طرفان ايران تي ڪيل پهرئين حملي جي خلاف ڪامياب جنگ کان پوءِ شروع ٿي هئي.

سفيد "هوڻ" لوڪن سڀ کان پهريائين پنجين صديءَ عيسويءَ جي پوئين اڌ ۾ هندستان ۾ داخل ٿيڻ شروع ڪيو ۽ انهن کي اتان ٻه ساڃيءَ طرح سڪندر گپت ڇاڻي ڪڍيو. سال 465ع ڌاري، انهن جي هڪ وڏيڪ طاقتور لهر ڪابل ۽ گندارا جي ڪُشن بادشاهين جي مٿان چڙهي ويئي، ۽ ٿورن ئي سالن ۾ انهن سڪندر گپت، جي طاقت کي توڙي رکيو. اُتر اپرندي ايران ۾ پڻ واقعات جي ساڃيءَ نوعيت جي ڌارا ظاهر ٿي، جتي سن 484ع ۾ شاهه فيروز

جي شڪست ۽ موت سان سڃو مقابلو ختم ٿي ويو ۽ دشمن جي آڏو اڳتي وڌڻ جو رستو کلي پيو. ان کان پوءِ حملي جو مکيہ سيلاب هندستان ۾ ٽوڪي پيو ۽ انهيءَ صديءَ جي اختتام کان اڳي ئي هوڻ لوڪن جي هڪ سردار، نلي تورومن، مالوا جي بادشاهہ جي حيثيت ۾ پنهنجا قدم جمايا، ۽ هن پنهنجي لاءِ هڪ هندستاني بادشاهہ جا طور طريقا ۽ لقب اختيار ڪيا.

اهو معلوم ناهي تہ تورومن، يا سندس پٽ مهراگل، جنهن جي دارالحڪومت پنجاب جي شهر جديد سيالڪوٽ ۾ هئي، جنهن کي ان وقت سڪالا سڏيو ويندو هو، سنڌ کي فتح ڪري پنهنجي سلطنت سان لاڳو ڪيو يا ان کي پنهنجي هڪ باجگذار رياست بڻايو. جن دليلن جي آڌار تي راپسن، هورنل،ڪننگهام ۽ ٻين اهو نتيجو ڪڍيو تہ سنڌ تي هوڻ لوڪن قبضو ڪيو هو، تن کي مستر بي.ڊي. مير چنداڻيءَ طرفان نهايت ئي قابليت سان رد ڪيو ويو آهي،[18_A] پر ائين نظر اچي رهيو آهي تہ هن ڳاڙهيءَ متيءَ جي انهن عجيب وغريب مهرن تي غور نہ ڪيو آهي، جيڪي جهڪڙ مان لڌيون آهن، جن تي هڪ مرد جو چاتيءَ تائين بدن ڏيکاريل آهي، ۽ انهن مهرن جي سفيد هوڻ لوڪن جي تصديق شده سڪن سان وڏيءَ حد تائين مشابهت آهي. انهن جي مشابهت "نرڙ تي ڪنڌ ناهيندڙ پٽڪي، چاتيءَ جي پٽن جي مخصوص وڪڙن، ساڄي هٿ طرف منهن ڪري ڏيکاريل چاتيءَ ۽ ڏاڙهيءَ کان صاف صورت" ۾ نظر اچي ٿي. ان کان علاوه، ڳاڙهيءَ متيءَ جي ٻين مهرن تي،جيڪي اتي پيل ٻين اهڙن سڪن سان گڏ لڌيون ويون آهن، جن کي چوڏين يا پنجين صدي عيسويءَ سان منسوب ڪيو ويو آهي، "سري_ ڪرپري_ هرسيا" جا لفظ اُڪريل آهن، يعني "هرا، (سوا) ڪپڙيون پائيندڙ جون"، ۽ انهن لفظن سان اسان کي اها ڳالهہ ياد ڏياري وڃي ٿي تہ مهرا گل شوا جو پوڄاري هو.[19]

اها ڳالهہ بهرحال، هن ڳالهہ جي قطعي ۽ يقيني شهادت ڪانهي تہ اڃن هوڻ لوڪن کي اپر سنڌ جي مٿان بالادستي حاصل هئي يا اهي ان تي حڪومت ڪندا هئا، پر پنجين صديءَ جي آخري حصي يا ڇهين صديءَ عيسويءَ جي شروع واريءَ انهيءَ طوائف الملوڪيءَ واري دور ۾ سنڌ جي ٻين بادشاهن جي موجودگيءَ متعلق بہ ڪي شهادتون موجود ڪينهن، ان ڪري

ان دور ۾ سنڌ تي هوڻ لوڪن جي بالادستيءَ جي امڪان کي قطعي طور رد نٿو ڪري سگهجي.

هوڻ لوڪن جي ٻين شاخن ۽ انهن سان متعلقہ قبيلن، جيڪي هندستان جي حملي ۾ هنن سان گڏجي آيا هئا، تن پڻ ڇهين صديءَ عيسويءَ جي دوران بادشاهين جا بنياد رکيا. اهڙيءَ طرح ميترڪ قبيلي وارن ايرندي ڪانياواڙ جي هڪ هنڌ، نالي ولييءَ، ۾ وڃي پنهنجا قدم جمايا، ۽ گُرجرن ڏکڻ الهندي راجپوتانا ۾ هڪ ڪافي وسيع بادشاهيءَ جو بنياد وڌو. پاريهر ۽ راجپوتن جا ٻيا مشهور قبيلا هوڻ ۽ ٻين غير ملڪي سردارن ۽ سندن انهن پوئلڳن جو نسل آهن، جيڪي پاڻ کي مڪاني امير گهراڻن جي حيثيت ۾ آباد ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا، ۽ کين آهستي آهستي هندو قوم ڪشترين طور پنهنجي دامن ۾ سميٽي ورتو. هيءَ ڳالهہ غير امڪاني ناهي تہ هنن وحشي لوڪن جي ڪنهن قبيلي يا ڪن قبيلن، جيڪي سماجي طور رتبي ۾ هينيرا هئا، ان دور ۾ پاڻ کي خود مختيار حاڪمن طور سنڌ جي مٿان مسلط ڪري ورتو هو.

اهڙي طرح ڇهين صديءَ عيسويءَ اتر الهندي هندستان ۾ زبردست افراتفريءَ جو زمانو هو ۽ ساڳئي وقت ۾ ايراني شهنشاهت جي طاقت پنهنجي عروج تي پهچي رهي هئي.

مڪاني رڪارڊ نہ هئڻ جي ڪري، ايران جي قومي تاريخ نويسن [20] جي انهن ڳالهين کي ڇڪو خاصو وزن ڏيڻ گهرجي، تہ نوشيروان، جنهن سن 531ع کان 578ع تائين بادشاهي ڪئي، ڏاڪٽيءَ سنڌو ماٿريءَ کي هڪ دفعو ٻيهر ساسانين جي حڪومت ۾ آندو. "شاهنامي" جي مطابق، جنهن جو بنياد انهن تاريخن تي آهي، شاهہ بذات خود هندستان آيو هو. "هن جي حڪم تي سپ ماڻهو سندس حضور ۾ آيا، اُهي پاڻ کي پيش ڪرڻ لاءِ آيا ۽ سنڌوءَ جي ڪپ سان ٻن ميلن ۾ رڳو گهوڙا، هاٿي، ڪيمخاب ۽ سڪا نظر پئي آيا. وڏا ماڻهو دل جي ايمانداريءَ ۽ وفاداريءَ سان شاهہ جي اڳيان آيا، جنهن هنن کان حال دريافت ڪيو ۽ انهن سان سندن مرتبي مطابق هلت ڪئي." ٻائو "ڪوسماس انڊيڪو پليوسٽس" انهيءَ صديءَ جي وچ ڌاري لکي ٿو تہ هن جي وقت ۾ سنڌوندريءَ جي ڪيٽيءَ جو ساڃو پاسو ايران جو هو. هيءَ ڳالهہ

غير امڪاني ناهي تہ سنڌ جي راءِ گهراٽي پنهنجي شروعات نوشيروان جي باجگذارن طور ڪئي. ريورٽي هن راءِ جو آهي تہ جيتوٽيڪ اُهي سڌيءَ طرح سان ايرانين جي ضابطي هيٺ نہ هئا، ان جي باوجود هو شاهہ جي بالادستيءَ کي تسليم ڪندا هئا ۽ کيس نالي ماتر ڏن ڏيندا هئا.[21]

ڇهين صديءَ عيسويءَ جي آخر ڌاري سنڌ کي اتر اپرندي طرف کان بہ شايد هيسائٽ ۽ ڊهائٽ شروع ڪيو ويو هوندو. عظيم هرشا جي پيءُ، جنهن جو نالو پرپارڪر ورڌن هو ۽ جيڪو ٽانيشور جو راجا هو، پنهنجن پاڙيسرين مان گهڻن سان ئي ڪامياب جنگيون جوٽيون هيون، ۽ هرشا جي پُٽ، بانا، سندس شان بيان ڪندي چيو آهي تہ "هو سنڌو ملڪ جي بادشاهہ لاءِ ساڙيندڙ بخار وانگر هو."[22]

هيءَ حقيقت قبول ڪرٽي پوي ٿي تہ تاريخ عيسوي سن جي پهرين پنجن صدين جي دوران، سنڌ جي معاملن تي ڪا مختصر روشني وجهي ٿي. هيءُ صوبو ايران جي حڪمرانن ۽ انهن طاقتن جي درميان، جيڪي وقت بوقت هندستان جي اتر الهندي ملڪ تي مسلط هيون، همیشہ اختلاف ۽ دشمنيءَ جو باعث رهيو. انهن غير يقيني ۽ ڦرندڙ گهڙندڙ حالتن ۽ انقلابن جي درميان انهيءَ ملڪ جي استحڪام جو هڪ عنصر ٻڌ ڌرم معلوم ٿئي ٿو. ڪنشڪ پنهنجو مذهب بدلائي ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو هو، ۽ ساڪ گورنر بہ ان مذهب لاءِ دشمنيءَ جا جذبا نہ رکندا هئا، جيتوٽيڪ انهن پاڻ برهمڻي مذهب ڏانهن لاڙو ٿي رکيو. جهڪڙ جي کوتاين مان مليل شهادتن مان اهو اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ هوڻ حملي آور شوا.[23] جا پوجاري ٻڌجي پيا هئا. پر هن ڳالهہ ۾ ذرو بہ شڪ ٿي نٿو سگهي تہ انهيءَ سڄي ڏکهي زماني ۾ سنڌ جا عام ماڻهو مجموعي طور ٻڌ ڌرم جي پيروي ڪندڙ هئا. سنڌ ۾ جيڪي "استوپا" (ڊڳا) موجود آهن، تن مان اڪثر پهرينءَ ۽ پنجينءَ صديءَ جي درميان تعمير ڪيا ويا هئا. اهڙيءَ طرح گنجي ٽڪر جي ڏکڻ طرف، "سڌيرن جي دڙي" مان، ديوتائن جي پيٽا لاءِ آندل ٻين شين سان گڏ، ڪنشڪ جو هڪ سڪو پڻ لڌو ويو آهي، اهو "استوپا" (ڊڳو) اٽڪل پهرين صدي عيسويءَ واري دور ۾ ٺهيل سمجهيو وڃي ٿو.[24] باقي موئن جي دڙي واري استوپا کي ٻي صدي عيسويءَ سان منسوب ڪيو ويو آهي. تعمير جي

طرز متعلق شهادت جي بنياد تي ميرپور خاص ۽ ٽل مير رکن وارا استوپا هڪٻئي جا همعصر، پر ڪجھ قدر بعد واري دور جا آهن.

سنڌ جي ٻڌ ڌرم واري دور جي عمارتسازيءَ جي هڪ خصوصيت، چٽساليءَ وارين خوبصورت سرن جو باقاعدي استعمال هو. جن تي آويءَ ۾ پچائڻ کان اڳ ۾، ڪچيءَ حالت ۾ چٽ ڪڍيا ويندا هئا. ساڳيوئي طريقو پشاور جي قريب ڳڙهي جمال ۽ پنجاب ۾ شورڪوٽ وٽان لڌل آثار قديمہ ۾ اختيار ڪيل ڏٺو ويو آهي.

انهن چٽسالين مان گھڻين جي گنڌارا جي انڊو_ يوناني ڪم سان قريبي هڪ جھڙائي ڏسجي ٿي. ميرپور خاص ۽ مير رکن وارن ٽلن جا ٽنب خاص طور ان جا مثال آهن. ميرپور خاص واري استوپا مان لڌل مجسمن ۾ ٻڌ جي پوشاڪ جو طريقو واضح طور گنڌارا واري طريقي جھڙو آهي، جنهن ۾ ٻڌ جا ٻيئي ڪلها ڍوتيءَ جي مٿان پاتل چوغي سان ڊڪيل ڏيکاريا ويا آهن.[25]

سنڌ ۾ جيڪي بہ استوپا گھڻي کان گھٽا محفوظ رهيل آهن، تن تي اکريل شبيهن جي وڏي تعداد مان اها نشاندهي ٿي رهي آهي تہ اهي ٻڌ مذهب جي هماينہ مڪتب سان واسطو رکندا هئا. جيڪو ڪنشڪ طرفان پسند ڪيو ويو هو.[26] ٻئي طرف، اساتن کي يوئان چوانگ جي بيان مان معلوم آهي تہ ستين صدي عيسويءَ ڌاري، هماينہ مڪتب کي سيني جي مٿان بالادستي حاصل هئي. هو چوي ٿو تہ سنڌ ۾ سوين مڙهيون هيون، جن ۾ اٽڪل ڏهہ هزار پوجاري رهندا هئا. استوپائن جي متعلق هو چوي ٿو تہ راجا اشوڪ اهي انهن هنڌن تي تعمير ڪرايا هئا، جتي جتي ٻڌ جا پاڪ نشان ملڻا هئا.[27] هن جو اشارو شايد اشوڪ طرفان ٻڌ جي مقدس يادگارن جي نئين سر ڪيل ورڇ ڏانهن آهي، جيڪا هن انهيءَ "عظيم معلم جي جسماني موجودگيءَ" کي پنهنجي سلطنت جي گھڻي کان گھڻو پري ۽ انتهائي دور دراز علائقن ۾ ڦهلائڻ لاءِ ڪئي هئي. ميرپورخاص واري استوپا مان لڌل تمام باريڪ ديلييءَ ۾ شايد ڪا اهڙي ننڍڙي شيءِ رکيل هوندي، ۽ اهو بہ ممڪن آهي تہ اصل ۾ اها اشوڪ جي زماني ۾ تعمير ٿيل استوپا ۾ رکي ويئي هوندي، ۽ ان کان پوءِ وري انهيءَ جاءِ تي ٻيهر ٺاهيل انهيءَ استوپا

۾ محفوظ ڪئي ويئي هوندي، جيڪو اڄ تائين موجود آهي.[1] اهو به ممڪن آهي ته سون ۽ چانديءَ مان ٺهيل انهيءَ دٻليءَ جي پرسان لڌل شيشيءَ اندر محفوظ ڪيل رک، شايد آرهت اپار گپت جي هجي، جنهن يوئان چوانگ جي لکڻيءَ مطابق، اشوڪ جي هدايتن هيٺ سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم کي ڦهلائڻ لاءِ ڏاڍي گهڻي محنت ڪئي هئي.[28]

پوڄا پاٺ ۾ ڪم ايندڙ تختين تي، جيڪي ميرپور خاص واري استوپا ۾ رکيل هيون، اهڙا اکر اُڪريل آهن، جيڪي ڇهين صدي عيسويءَ ۽ ان کان پوءِ وارن سالن دوران ڪم آندا ويندا هئا، ۽ هيءَ ڳالهه خاص طور قابل غور آهي ته انهن تي موجود ٻڌ جي اڪثر مورتين کي هندستاني طرز جاڪپڑا پارايل آهن، ۽ انهن ۾ هڪ ڪلهو چوغي سان ڍڪيل ڏيکاريل آهي.[29]

ميرپورخاص جي استوپا مان هڪ اهڙي مورتي لڌي ويئي هئي، جنهن لاءِ خيال هو ته ان استوپا جي معمار يا ان جي تعمير لاءِ گهربل رقم چندي ۾ ڏينڊڙ ماڻهوءَ جي نمائندگيءَ ڪئي ٿي. انهيءَ مورتيءَ کي چيلهه وٽ ڏوتي ٻڌل آهي، ڳچيءَ ۾ هڪ هار پيل آهي، ۽ مٿي تي هڪ اهڙي پيچيده چيز رکيل آهي، جيڪا شايد وِگ (Wig) يا نقلي وارن جو ٽوپ هجي. انهيءَ مورتيءَ کي روغن لڳل هو ان جي ڪٽڪ رنگي چهري ۾، اکيون پيرون ۽ مڇون ڪاريون هيون. ان ۾ ماڻهو هڪ هٿ ۾ هڪ ننڍو ڪنول جو گل جهلي بيٺو آهي ۽ ٻيو هٿ ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان ڏوتيءَ جي هڪ وڪڙ مٿان رکيو بيٺو آهي، جنهن کان شايد (پيسن رکڻ لاءِ) ٻٽونءَ جو ڪم ورتو ويندو هو.[30] هن جي چهري جو ڍول ۽ پوشاڪ خاص طرح سان "هندستاني" آهن. جيڪڏهن اهو اندازو درست آهي ته اها مورتي استوپا جي تعمير لاءِ ڏميوار شخص جي آهي، ته پوءِ اها سنڌ جي انتهائي اوائلي دور جي هڪ عام ماڻهو جي شبيهه جي نمائندگي ڪرڻ سبب خاص طور دلچسپيءَ واري شيءِ آهي، اها ٻيءَ يا ٽيئءَ صدي عيسوي جي دور جي هڪ ممتاز واپاريءَ جي مورت ٿي سگهي ٿي.

[1] افسوس، جو سنڌ جي قديم تاريخ جو هيءُ شاندار نشان اڄ بلڪل ڍهي پٽ سان پٽ ٿي ويو آهي.

حوالا ۽ حاشيا

(1) "انڊين ائنٽي ڪئري"، ج، X ،1881، ص، 326 ۾، ترجمو هورنل.
(2) پنڊت ڀگوان لعل اندراجي، جي. آر. اي. ايس 1890، ص. 639 ۾.
(3) اين. اين. گهوش، "ارلي هسٽري آف انڊيا"، ٽيون ڇاپو، الهه آباد، 1951، ص. 243.
(A_3) 23_1922 لاءِ آرڪيئالاجيڪل سروي آف انڊيا جي سالياني رپورٽ، ص. ص4_ 102 (آر. ڊي. بئنرجيءَ جي مضمون)، سرجان. مارشل، "موئن جو دڙو ۽ دي انڊس سوليزيشن"، ج 1، ص. 23_122، 29_127 (مضمون از اين. جي. مجمدار)
(4) اين. جي. مجمدار، "ميمائرس آف دي آرڪيئالاجيڪ سروي آف انڊيا"، نمبر: 48، ص. 7 ۾.
(5) وان لوهوزيئن لي ووُ "دي ستين پيرئڊ" ص. 336.
(6) تالمي VII، (i). 36.
(7) اي. پي. انڊ. VIII. ص. 42 ايف. ايف.
(8) ايليٽ، "هسٽري آف انڊيا"، VI، ص. 557.
(9) راءِ چوڌري، "دي پوليٽيڪل هسٽري آف ناردرن انڊيا"، ڇاپو پنجون، 1950 ص. 510.
(10) هورمسداس جا ڪجهه سڪا هندستاني اثر جون نشانيون ظاهر ڪن ٿا. مٿن شوا ۽ سندس ڍڪي جون شبيهون نڪتل آهن ۽ ممڪن آهي ته اهي سڪا ايراني سلطنت جي هندستاني صوبي ۾ هلڻ لاءِ خاص طور جاري ڪيا ويا هجن. رالنسن، "دي سيونٽ گريٽ اوريئينٽل مانرڪي"، ص. 141، نوٽ.
(11) ونسينٽ سمٿ، "ارلي هسٽري آف انڊيا"، ٻيو ڇاپو، ص. 255.
(12) هيءَ ڳالهه خاص طور اهميت واري آهي، ته ساساني دور جا سڪا وڏي تعداد ۾ ٽئڪسلا مان لڌا ويا آهن. جي. سرجان. مارشل. "اي گائيڊ ٽو ٽئڪسلا" ص. 17، نوٽ.
(13) راءِ چوڌري، "پوليٽيڪل هسٽري آف ائنشنٽ انڊيا"، ص. 510.
(14) ڪُزنس، "ائنٽي ڪوئٽيز آف سنڌ"، ص. 84_ 183.
(15) "ستن مهينن" جي معنيٰ شايد "پنجاب جا ست معاون درياءَ هجي. اي. اي. گهوش، "ارلي هستي آف انڊيا"، ص. 77_ 275.
(16) ڪُزنس، ص. 183.
(17) "ارج ترنگني"، ترجمو ايم. اي. استين، ج،1، ص. 263_ 195 (بڪ_ V ص 462_ 419).
(18) "فارس نامه" ص. 82، طبري، 1/ 868، بلوچ نبي بخش خان طرفان "دي پوليٽيڪل انفليوئنس آف پرشيا ان پري_ اسلامڪ تائيمس" ۾ حوالو ڏنل، جرنل آف دي سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي، ج، VIII، نمبر: 2، ص. 75_ 74.
(A_18) بي. ڊي. مير چنداڻي، "جرنل آف دي ايشياٽڪ سوسائٽي آف بامبي"، 65_ 1964، ص. 85_ 21 ۾ "سنڌ ائنڊ دي وائيٽ هنس".
(19) مجمدار، حوالو ڏنل ص. 9_ 8.
(20) انهيءَ جملي ۾ طبري ۽ المسعودي شامل آهن: بحوالہ طبري 1/894، مسعودي، مروج

200/ II، بلوچ نبي بخش خان جي_ ايس. ايچ. ايس. ج، VII نمبر: 2، ص. 5_ 74 ۾ حوالي طور ڏنو.

(21) جي. اي. ايس. بي 1902، ص. 56.

(22) بانا، "هرش چريتا"، ترجمو: اي. بي. ڪائووِل ائنڊ ايف. ڊبليو. ٿامس (اوريئينٽل ٽرانسليشن فنڊ) ص. 101.

(23) مجمدار، حوالو ڏنل ص. 9.

(24) ڪُزنس، حوالو ڏنل ص. 105.

(25) ايضا، ص. 89، 97، 108_ تصويرون XIX ۽ XXIV کان XXXI.

(26) ايضا، ص. 106.

(27) ساءِ. يو. ڪي، ترجمو: بيل ج، II، ص. 272.

(28) ساءِ. يو. ڪي. اڳ ۾ حوالو ڏنل، ڪزنس حوالو ڏنل ڪتاب ص، 88، 94.

(29) ڪُزنس، حوالو ڏنل ڪتاب، ص. 3_ 92.

(30) ايضا، ص. 95.

(هي مضمون ڪتاب "سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ" صفحو 158 کان 174تان ورتل آهي.)

عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ جون حالتون

ڈاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ

سياسي حالتون:

سنڌ هڪ ميداني علائقو آهي ۽ ڏکڻ ۾ هندي سمنڊ کان سواءِ ٻي کابہ روک نہ آهي، جيڪا ٻاهرئين حملي کي روکي سگهي. اولهہ ۾ البتہ کي ٽکريون ۽ جبل آهن. پر اهي ايترا اُپا نہ آهن جو دشمن جي لشکر کي روکي ٻيهارين. ان ڪري سنڌ جي سرحدن تي هر وقت جدا جدا قومن جا حملا ٿيندا رهيا، جن مان کي ڪامياب ويا تہ کي ناڪامياب. سنڌ جا ماڻهو پڻ صلح پسند ۽ سادا آهن. ان ڪري سنڌ جو ملڪ دشمن قومن لاءِ هڪ قسم جو شڪارگاهہ ٿي رهيو. جنهن سبب هر ڪو فاتح جيڪو خيبر مان لنگهي پنجاب ۾ داخل ٿيو ان سنڌ تي پڻ حملو ڪيو. خيبر کان سواءِ بولان لڪ مان بہ دشمن قومن جون فوجون حملا ڪندیون رهيون. پر ٿيون

رستو جيڪو مڪران جي ڪناري کان ٿيندو سنڌ ۾ داخل ٿئي ٿو. سنڌ جي عرب دور لاءِ نهايت ئي اهم هو. ڇاڪاڻ ته هي اهو رستو آهي جيڪو عربن جي لشکر سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ اختيار ڪيو. اهو ساڳيو رستو سڪندراعظم سنڌ فتح ڪرڻ کانپوءِ وطن واپس ويندي اختيار ڪيو هو.

عربن جي اچڻ کان اڳ، سنڌ تي هڪ هندو راجا ڏاهر جي حڪومت هئي جنهن جو عراق جي وائسراءِ الحجاج سان جهڳڙو ٿي پيو.[1] راجا ڏاهر برهمڻ گهراڻي جو ٽيون نمبر بادشاهه هو ۽ ان جو باني سندس پيءُ راجا چچ بن سيلائج هو. چچ جي مرڻ کان پوءِ سندس وصيت مطابق سندس ڀاءُ چندر تخت ڌڻي ٿيو. چندر کان پوءِ راجا ڏاهر سنڌ جي تخت تي ويٺو. چچ اصل ۾ برهمڻ ذات جو هو ۽ ميئر منشي هو. هو وزارت جي عهدي تي پنهنجي اعليٰ لياقت ۽ صلاحيت تي پهتو ۽ ان کان پوءِ هن سنڌ جي برهمڻ خاندان جي حڪومت جو پايو وڌو. سنڌ جي برهمڻ ۽ راءِ خاندان جي ڄاڻ چچ نامي مان پوي ٿي، جو پڻ ڪن حالتن ۾ اعتبار جوڳو نه آهي. ڇاڪاڻ ته جيڪو تاريخي سلسلو چچ نامي ۾ ڏنل آهي، ان جي پٺيرائي ٻئي ڪنهن به ڪتاب ۾ نه ٿيل آهي. اهو ظاهر ٿو ٿئي ته گپتا گهراڻي جي سلطنت شاهي جي ڪمزور ٿيڻ کان پوءِ سنڌ تي انهن ماڻهن خودمختيار حڪومت قائم ڪري ڇڏي، جي ان وقت اثر رسوخ وارا هئا يا گپتا گهراڻي جي پاران اتي گورنر مقرر ڪيا ويا هئا. گپتا خاندان جي وڏي ۾ وڏي ۽ اهم ڪوشش اها هئي ته هندو مذهب کي ننڍي کنڊ جي سيني حصن ۾ وري اوج تي رسايو وڃي. پر سنڌو ماٿر ۾ سندن اها ڪوشش بلڪل ناڪام ثابت ٿي. ڇاڪاڻ ته سنڌ جا ماڻهو، ٻڌمت تي قائم رهيا ۽ اهو مذهب نه رڳو ان وقت سنڌوءَ جي وادين ۾ زور هو پر ان جو زوردار اثر افغانستان ۽ وچ ايشيا تائين پڻ محسوس ڪيو ٿي ويو. اهو ثابت نه ٿي سگهيو آهي ته سنڌ ۾ ٻڌ مذهب جي راءِ گهراڻي جي حڪومت جو پايو ڪڏهن ۽ ڪيئن پيو. پر اهو ثابت ٿيو آهي ته انهيءَ خاندان جي پنجن راجائن سنڌ تي حڪومت ڪئي ۽ سندن راج جو جملي عرصو 184 سال هو.[2] راءِ ڏياچ (ديواجي) جنهن لاءِ چيني سياح هيونتسيانگ ٻڌايو آهي ته هو شودر هو جو هن گهراڻي جو باني هو. هيونتسيانگ لکي ٿو ته سنڌ ۾ ان وقت ڏهه هزار ٻڌ پروهت (شمني) هئا ۽

اهي گهٽو ڪري سست ۽ نشئي هئا. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته سنڌ جي هيٺين حصي جو نالو او- تئن- پو- چي- لو هو ۽ ان جو مڪيہ شهر "پي- تو- چي- لو" هو. پي- تو- چي- لو (پٽالا) تائين پهچڻ جي لاءِ هيونتسيانگ ڪچ جي شهر ڪوٽيسر مان 700 لي (119 ميل) پنڌ ڪيو ۽ پوءِ اتان 300 لي (51ميل) پنڌ ڪري آوندا پهتو جنهن کي هن "او- فان- چا" جو نالو ڏنو آهي. آوندا کي هاڻوڪي برهمڻ آباد جي ڪنڊرن سان تشبيهہ ڏني ويئي آهي، ۽ اهي اڄ بہ حيدرآباد شهر کان اڪل 51 ميل جي فاصلي تي آهن. هيونتسيانگ جو چوڻ آهي تہ هو آوندا ۾ رشي تٽاگاٽا جي رک جو ديدار ڪرڻ آيو هو. جنهن جي ڏهلي کولڻ سان نور جو شعاع لاٽون ڪري ٻاهر نڪرندو هو.[3] ۽ زيارتي حيرت ۾ پئجي سجدي ۾ ڪري پوندا هئا. ڇچ جي زماني ۾ آوندا يا برهمڻ آباد جو شهر جت ۽ لهاڻا قبيلن جي قبضي ۾ هو. ان جو ٻڌ شمني اهڙو تہ طاقتور هو جو ڇچ کي صلح ڪرڻ خاطر سندس شرط مڃڻا پيا.

سنڌ جي حڪومت جنهن ۾ ان وقت بلوچستان ۽ ڏکڻ پنجاب جا ڪجهہ حصا شامل هئا طاقتور ۽ آباد هئي. ان جي زمين زرخيز ۽ ماڻهو خوشحال هئا. اها هندوستان کان هاڪڙي/ واهندا درياء جي وسيلي جدا هئي جو هاڻي ٿر جي وادئ اندر سڪي ويو هو. هيونتسيانگ درياء جو نالو "سن تو" ٻڌايو آهي. ساڳيو نالو سنڌ ملڪ جو هو. راءِ ڏياچ کان پوءِ سندس پٽ راءِ سهارس پهريون تخت ڏٽي ٿيو ۽ ان کان پوءِ راءِ سهاسي پهريون سنڌ جو راجا ٿيو. راءِ سهارس پهرين جي زماني ۾ ايران جي نيمروز علائقي مان سنڌ تي حملو ٿيو جو پائنڊجي ٿو تہ ايران جي شهنشاهہ يزدجرد جي طرفان ٿيو.[4] يزدجرد، عربن جي هٿان سڪست کائي ڪرمان ڏانهن پڳو هو. اهو بہ ممڪن اهي تہ اها جلهہ عربن طرفان ٿي هجي جن يزجرد جي ڳولا ۽ پڻ مال غنيمت جي هٿ ڪرڻ لاءِ پنهنجون فوجون موڪليون هجن. راءِ سهارس مقابلو ڪيو پر هن شڪست کاڌي ۽ جنگ ۾ مارجي ويو. ايران مان آيل فوجن اڳتي وڌڻ جي بدران، هٿ ڪيل مال غنيمت تي اڪتفا ڪئي ۽ واپس پنهنجي ملڪ جو رخ رکيو. راءِ سهاسي ٻيو جو انهيءَ کان پوءِ تخت تي ويٺو تنهن جنگ ۾ ٿيل نقصان جو ازالو ڪيو. سرحدن کي وري نئين سر مضبوط ڪيو ۽ ملڪ ۾ امن امان آندو.

راءِ سهاسي ٻيو ٻنا اولاد جي مري ويو ۽ ڪائنس پوءِ سندس وزير چچ تخت نشين ٿيو. جنهن ۾ محلاتي سازش ۽ بيوهه راڻيءَ جو وڏو هٿ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.[5] اهي حالتون وزير جي اخلاق ۽ ڪردار جي عڪاسي ڪن ٿيون جنهن پنهنجي مطلب خاطر پنهنجي مالڪ سان دغا ڪئي. اهو طريقو پوءِ به ڪيترين ئي حالتن ۾ جاري رهيو. چچ جنهن سڄا سارا چاليهه سال سنڌ تي حڪومت ڪئي تنهن کي مشهور ڪرڻ ۾ رام جو هٿ هو. جو ان وقت راءِ سهاسي جو وڏو وزير ۽ مڪ صلاحڪار هو. هن پنهنجي نوڪريءَ جي شروعات "مير منشي" جي عهدي سان ڪئي. رام جي وفات کان پوءِ ڪيس ئي وزير مقرر ڪيو ويو. انهيءَ نئين عهدي تي رسڻ سبب، هن جي محلات جي رهواسين سان لهه وچڑ خاص ڪري راڻي سونهديوي سان، جا چچ جي جواني تي هرڪي پئي ۽ راجا جي گذاري وڃڻ لاءِ پهه پچائيندي رهي. راءِ سهاسي ٻيو پنهنجي موت مئو يا ڪيس زهر ڏنو ويو. انهيءَ بابت تصديق سان ڪجهه ڪين ٿو چئي سگهجي. پر اهو ثابت ٿيو آهي ته چچ، راڻيءَ جي عشق ۽ ان جي اڪير کي پهرين نڪرائيندو رهيو. پر ان هوندي به انهن ٻنهي جي وچ ۾ غيرفطري لاڳاپو جاري رهيو. اهوئي سبب آهي جو راجا جو موت وقت کان اڳ ٿيو. جنهن ۾ هو موت جي بستري تي گهٽو وقت رهي گذاري ويو. گمان آهي ته راڻي پوڙهي راجا کي تارڻ لاءِ زهر جي پڙي ڏني ته جيئن چچ سندس جڳهه تخت ڏٽي ٿي سگهي. عالم آشڪار آهي ته راجا جي مرتيي جي خبر ڇڃ وقت لڪائي رکي ويئي هئي، جيستائين راجا جا قرابتي ۽ عزيز، جيل نه موڪليا ويا هئا. ان کان پوءِ اها ڳالهه ظاهر ڪئي ويئي ۽ ماڻهن تي زور رکيو ويو ته اهي نئين راجا جي آڻ مڃين، ۽ ان کي پنهنجو بادشاهه تسليم ڪن. انهن چچ ۽ ٻيوفا راڻيءَ جي ڪيل گناهه جي ڪابه پرواهه نه ڪئي ۽ چچ کي پنهنجو راجا مڃڻ تي مجبور ٿي ويا.

چچ سنڌ ۾ برهمڻ خاندان جي حڪومت جو باني تسليم ڪيو وڃي ٿو. اصل ۾ سنڌي هو ۽ هن ملڪ جو رهاڪو هو. ان ڪري هو پهريون خاندان آهي جو سنڌ جي تاريخ ۾ مقامي حيثيت رکي ٿو. چچ نامي مان اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته راءِ گهراٽي جا رجحائون به درحقيقت ٻاهريان آيل هئا. يعني ته ڏاريان هئا، ۽ راجپوتانا جا رهاڪو هئا. راءِ سهاسيءَ جي وفات کان پوءِ

جڏهن چچ تخت تي ويٺو تڏهن چتور جي راجا، راڻي مهورت جو راءِ سهاسي ٻئي جو سوٽ هو سنڌ تي حملو ڪيو.[6] پر چچ حڪمت عملي کان ڪم وٺي ڪيس شڪست ڏني. انهيءَ واقعي مان ٻہ ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون. يا تہ راءِ گهراڻي وارا راجائون اصل ۾ چتور جا هئا، يا تہ چتور ۾ ان جا گڏ ٻيا علائقا، ان وقت سنڌ جي سلطنت ۾ شامل هئا، جنهن جون حدون ڏکڻ ۾ گجرات ۾ ڪاٺياوڙ اتر ۾ پنجاب ۾ ياڻگناڙي، اولهہ ۾ قلات ۾ مڪران تائين وڌيل هيون.

راجا چچ چاليهن سالن جي حڪومت ۾ سنڌي سلطنت جا سيئي علائقا هٿ ڪيا. باغي حاڪمن خلاف جنگيون ڪيون ۽ ملڪ کي وري نئين سر منظم ڪيو. سندس دور ۾ سنڌ جون حدون اتر ۾ ڪشمير تائين ۽ اولهہ ۾ مڪران ۽ ڪيڪانان تائين وڌيل هيون. جنهن ۾ اسڪلنده، ملتان، سيوستان، برهمڻ آباد، ارمابيل، قندابيل ۽ ٻيا شهر اچي ٿي ويا. ثابت ٿيو آهي تہ برهمڻ آباد جي جتن کان سواءِ، ٻئي ڪنهن بہ هنڌ چچ جي مخالفت نہ ٿي. چچ انهن کي نہ فقط شڪست ڏيئي زير ڪيو، پر انهن تي اهڙيون مصيبتون مڙهيون جو اهي وري اسري نہ سگهيا. چچ سنڌ جو پهريون حاڪم آهي جنهن سنڌ ۽ ڪشمير جي وچ ۾ سرحدون مقرر ڪيون. چچ نامي ۾ لکيل ڪشمير مان مراد آهي اتر پنجاب جنهن ۾ لاهور ۽ پنڊيءَ جا علائقا اچي وڃن ٿا.

راجا چچ پنهنجي ڀاءُ کي پنهنجو جانشين مقرر ڪيو هو. ان ڪري سندس مرڻ کان پوءِ راجا چندر تخت تي ويٺو ۽ هن اٺ سال حڪومت ڪئي. چندر اصل ۾ هڪ برهمڻ هو ان ڪري هن برهمڻ کي زور ونايو. هو پنهنجو سڄو وقت مذهبي ۽ فلسفي بحث مباحثي ۾ صرف ڪندو رهيو. هن برهمڻن ۾ اعليٰ تعليم يافتہ ماڻهن کي انتظامي جوڙجڪ ۽ اعليٰ عهدن تي مقرر ڪيو، جنهن سبب ملڪ جو انتظام نهايت ئي اعليٰ درجي جو ٿي ويو. مخالفت ۽ بغاوت ختم ٿي ويئي ۽ عوام امن سان خوشحالي جي زندگي گذارڻ لڳو. چندر جي وفات کان پوءِ راجا چچ جو پٽ ڏاهر تخت تي ويٺو ۽ اهو ڏاهر ئي آهي، جنهن جي حڪومت جي دور ۾ محمد بن قاسم الثقفي جي

هٿ هيٺ عربن جو حملو ٿيو ۽ سنڌ برهمڻ خاندان کان کسجي عربن جي هٿ ۾ آئي.

راجا ڏاهر هڪ نهايت ئي لائق ۽ ڏاهو بادشاهه هو. پر هن سنڌ جي عوام کي مستقل طور تشدد ۽ ظلم هيٺ رکيو. اهو انهيءَ ڪري جو سنڌ جو عوام ٻڌ مذهب جو پوءِ لڳ هو. راجا ڏاهر ۽ ان جو خاندان هندو برهمڻ هو. ان ڪري حاڪم ۽ محڪوم جي وچ ۾ اتڪاءُ لازمي هو. ڇاڪاڻ ته راجا ڇچ جي زماني کان وٺي ٻڌمت جي ماڻهن تي تذليل آميز بندشون ۽ رڪاوٽون وڌيون ويون هيون. انهن کي گهٽ ذات جو تصور ڪيو ٿي ويو. اهوئي سبب آهي جو ماڻهن ۾ عام ناراضگي هئي. سنڌ جي مکيه ذاتين جهڙوڪ سما، سَهتا، چنا، لهاڻا، جت، ميد وغيره خلاف ظلم ۽ زبردستي روا رکي ويئي ته، جيئن اُهي حڪومت جي خلاف ڪجهه ڪري نه سگهن. مذهب کان سواءِ ٻي اهم ڳالهه هيءَ هئي جو هندو راجائن سنڌ جو تخت نڪي ۽ دولاب جي طريقن سان هٿ ڪيو هو. يعني ته راڻي سونهديوي سان عشق رچائي، راءِ گهراڻي جي راجائن کان حڪومت کسي هئي. ان ڪري سنڌ جي عوام ۾ ناراضگي ڦهليل هئي. ڇاڪاڻ ته انهن راءِ گهراڻي وارن کي سنڌ جو جائز ۽ قانوني حاڪم تصور ڪيو ٿي ۽ نه ٻئي ڪنهن کي. ڇچ نامي مان ثابت آهي ته سيوهڙ ۽ نيرون ڪوٽ جي گورنرن، محمد بن قاسم جي حملي کان گهڻو اڳ عراق جي وائسراءِ حجاج بن يوسف ثقفي سان تعلقات قائم ڪيا هئا. لکپڙهه رستي آڻ ٻه ڪيا هئي ته مقرر ڪيل ڏن ٻه اڳواٽ ڏيارڻ موڪليو هو.

جڏهن محمد بن قاسم سنڌ ۾ پهتو تڏهن انهن پنهنجي شهرن جي قلعن جا دروازا کولي ڇڏيا ۽ نه فقط کين کاڌ خوراڪ ۽ رسد مهيا ڪري ڏنائون پر فوج جا جٿا ٻه عربن سان شامل ڪيائون ته جيئن انهن کي سنڌ جي ٻين شهرن ۽ حصن کي فتح ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. ڇچ نامي ۾ ڏنل بيان ته راجا ڏاهر تخت هٿ ڪرڻ لاءِ پنهنجي پيٽ سان شادي ڪئي بلڪل غلط آهي. ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته مسلم تاريخ نويسن هندو راجا کي بدنام ڪرڻ خاطر اهو فقرو جوڙيو آهي ته جيئن دنيا جي اڳيان کيس اخلاق جو ڪريل ثابت ڪيو وڃي. تاريخ مان جنهن جو سڃو سارو ماخذ، مخالف جي قلم وسيلي

حاصل ٿيو آهي. ان مان ظاهر آهي ته راجا ڏاهر هڪ بهادر، دلير، ديانتدار، مهمان نواز ۽ عزت وارو اعليٰ انسان هو. هن پنهنجي اعليٰ عزم ۽ اخلاق جو مظاهرو انهيءَ وقت ڪري ڏيکاريو، جڏهن ڪيس حجاج بن يوسف ثقفي کان اهڙو مراسلو پهتو جنهن ۾ ڪيس تنبيهه ڪيل هئي ته هو پنهنجي ملڪ مان انهن عربن سپاهين کي ڪڍي ڇڏي، جن حجاج جي ظلم ۽ ستم کان تنگ اچي سنڌ ۾ راجا ڏاهر وٽ پناهه ورتي هئي. اهي عرب علاقي قبيلي جا هئا جن جو اڳواڻ محمد بن معاويه علاقي هو. انهن مڪران جي گورنر کي قتل ڪري سنڌ ۾ پڄي پناهه ورتي. راجا ڏاهر کي انهيءَ ڳالهه جي به خبر هئي ته انڪار ڪرڻ جي حالت ۾ ڪيس وڏي مصيبت کي منهن ڏيڻو پوندو. پر مهمان نوازي ۽ انساني همدردي جي اصول تي ڪارفرما هئڻ سبب، هن حجاج جي نيايي جي ڪابه پرواهه نه ڪئي ۽ عرب پناه گيرن کي پنهنجي ملڪ مان لوڏي ڪڍڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. نتيجو اهو نڪتو جو انڪار سبب عربن سنڌ تي حملو ڪيو ۽ راجا ڏاهر کان اهو ملڪ کسي پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪري ڇڏيو.

وچئين دور جو سنڌ هڪ نهايت ئي عظيم ۽ وڏو ملڪ هو. جنهن جون سياسي حدون مغربي پاڪستان جي وڏي حصي تائين پکڙيل هيون ۽ ان جا چار وڏا صوبا يا پرڳڻا هئا: پهريون صوبو سنڌو ندي جي اپرندي ڪپ تي هو ۽ ان ۾ برهمڻ اباد، نيرون ۽ ديبل بندر جهڙا شهر هئا. ٻيو حصو الهندو سنڌ هو جنهن ۾ سيوستان، ٻڌيه، جنڪان، ڪوهه پايه ۽ روجهاڻ جا ملڪ شامل هئا ۽ اهو مڪران تائين ڦهليل هو. ٽئين صوبي ۾ اسڪلنده، پاٽيه، ڪتالواڙهه ۽ چچ پور جا شهر هئا. چوٿين ۾ ملتان، سڪ، برهمپور، ڪروڙ، اشهر، ڪميا ۽ ٻيا شهر شامل هئا ۽ ان جون حدون ڪشمير تائين وڌيل هيون.[7] انهن صوبن تي جدا جدا گورنر مقرر ڪيل هئا جي هر سال ڏن جي صورت ۾ مقرر ڪيل مال مرڪزي حڪومت ڏانهن ڏيارڻ موڪليندا هئا. جيئن ته اهي پنهنجي حدن اندر آزاد حاڪم هئا ان ڪري ائين به ٿيندو هو ته اهي مرڪزي حڪومت خلاف بغاوت به ڪندا رهندا هئا. تاريخ مان ثابت آهي ته اڳهم (اگهيم) لهاٽو جو برهمڻ آباد جو گورنر هو تنهن موقعي جو فائدو ونڊي چچ جي خلاف بغاوت ڪئي هئي ۽ ڪيس ڏاڍي جاکوڑ کان پوءِ

زير ڪيو ويو.[8] صوبن کان شهرن لاءِ به جدا جداد گورنر مقرر ڪيا ويندا هئا ۽ اهو ساڳيو طريقو پوءِ عربن پڻ اختيار ڪيو. چچ نامي مان اهو به ثابت ٿيو آهي ته گورنري جو عهدو گهٽو ڪري ٻڌ شمني کي ڏنو ويندو هو. اهو انهيءَ ڪري به هو جو عوام گهٽو ڪري ٻڌ مذهب جو هو انهن ٻڌ شمنين جو ماڻهن تي تمام گهٽو اثر رسوخ هوندو هو. ساڳئي وقت انهن ۾ دنيوي مال گڏ ڪرڻ جي لالچ پڻ ڪانه هوندي هئي ۽ اهي نهايت پاڪ صاف مذهبي زندگي گذاريندا هئا.

انتظامي جوڙجڪ:

سنڌ جي سياسي جوڙجڪ ۾ راجا جو مرتبو سيني کان وڌيڪ ۽ اعليٰ هو. سنڌس زبان مان ڪيبل لفظ قانون جي حيثيت رکي ٿي ۽ عوام انهيءَ کي مڃڻ لاءِ ٻڌل هو. بادشاهه کي وزير کان سواءِ هڪ محلاتي ناظر پڻ هوندو هو. جنهن جي ڊيوٽي محلات جي نظرداري، محلات جي انتظامن ۽ دربار جي تياري وغيره هوندي هئي. خزاني جي ڏيتي ليتي ۽ انتظام جو خرچ پکو به ناظر جي هٿ وس هو. ملڪي انتظام هلائڻ لاءِ بادشاهه کي ڪامورن ڪڙن جي هڪ وڏي سيڪريٽريٽ (انتظاميه) هئي جنهن ۾ ڪلارڪ ۽ ليکڪن جو وڏو تعداد رکيو ويندو هو. وزير هميشه پڙهيل لکيل طبقي مان کنيو ويندو هو. اهڙي ماڻهوءَ کي انهيءَ عهدي تي مقرر ڪيو ويندو هو جو تعليم سان گڏ حڪومت جي انتظام جي اعليٰ مهارت رکندڙ هجي. تکي سمجهه، اعليٰ تعليم، سياسي ڄاڻ، ۽ گهٽو آزمودو، لياقتون هيون جيڪي هڪ وزير جي مقرري لاءِ ضروري هيون. اهڙي طرح ناظر لاءِ به اعليٰ لياقتن جو هجڻ لازمي هو ۽ انهيءَ جو عهدو وزير کان وڌيڪ اهم ڏسڻ ۾ ٿو اچي. ڇاڪاڻ ته اهو راجا ۽ عوام جي وچ ۾ "وچتر" جيان هو. جنهن جو ڪم هو بادشاهه جي حڪمن کي عوام تائين رسائڻ ۽ عوام جي ڏک سور کي راجا تائين پهچائڻ. بادشاهه وانگر ڪيس به هڪ انتظامي ادارو مليل هو ۽ هو هاڻوڪي حڪومت جي مک سيڪريٽري جيان هو. ناظر جو اهو به ڪم هو ته هُو سرڪاري دفترن جي ديک ڀال ڪري ان جي حفاظت ڪري ۽ جيڪا به روزاني لکپڙهه ٿئي ان کي راجا جي اڳيان پيش ڪري. گورنرن ڏانهن ويندڙ لکپڙهه، ڪاغذ پٽ وغيره جي حفاظت ۽ ان جي آمدني ۽ روانگي به ناظر جي سپرد ٿيل هئي.

حڪومت جي انتظاميہ ۾ راجا، وزيرن جي چوڻ سان راج هلائيندو هو. ۽ ڪوبہ اهڙو ڪم نہ ڪندو هو جنهن ۾ وزيرن جي صلاح نہ هجي. اها ٻڌيمن جي صلاح هئي جنهن جي وسيلي راجا ڏاهر پنهنجي پاءُ ڏهر سين تي سوپ حاصل ڪئي جنهن الور جي قلعي کي گهيرو ڪري، ڪيس تمام گهڻو تنگ ڪيو هو.[9] ڪن حالتن ۾ راجا وزيرن جي صلاح کي ريٽي پنهنجي ذهن، عقل ۽ فڪر موجب ڪم ڪندو هو يا قدم کڻندو هو. ٻڌيمن وزير راجا ڏاهر کي اها بہ صلاح ڏني هئي تہ هو عراق جي وائسراءِ حجاج بن يوسف ثقفي سان صلح ڪري پر انهيءَ کي سنڌ جي خود سر راجا پسند نہ ڪيو. چاڪاڻ تہ راجا ڏاهر موت کي ذلت جي زندگي کان وڌيڪ سنو سمجهيو ۽ انهيءَ آڇ کي ٺڪرائي ڇڏيائين.

سياسي انتظام جو مک ۽ وڏو هئڻ سان گڏ راجا ملڪ جو سالار اعليٰ پڻ هو. هو پنهنجي سر فوجون وٺي جنگ ڪندو هو ۽ ڏارين حملا آور فوجن خلاف صف آرائي پڻ ڪندو رهيو. انهيءَ ڏس ۾ تاريخن ۾ ڪافي مواد موجود آهي. راءِ سهاسي ٻئي پاڻ نيمروز مان ٽيل سنڌ تي حملي کي روڪيو هو.[10] اهڙي طرح چچ جو اصل ۾ برهمڻ هو ۽ ڪڏهن بہ سپهہ گيري جو فن نہ سکيو هو. انهيءَ پڻ باغي اميرن ۽ قبائلي سردارن کي زير ڪرڻ لاءِ جنگيون ڪيون. چتور جي راجا مهورت کي بہ راجا چچ حملو ڪري ماري وڏو ۽ سندس آندل فوجن کي شڪست ڏيئي منتشر ڪري ڇڏيو. سندس پٽ راجا ڏاهر عربن خلاف نهايت بهادري سان مقابلو ڪيو پر جنگ ۾ مارجي ويو.[11]

سنڌ جا راجائون ڪافي فوجون پاڻ وٽ رکندا هئا. انهن کي فوجي اهميت جي تربيت ڏني ويندي هئي. ڪائنئ فوجي مشقون پڻ ڪرايون ويندیون هيون تہ جيئن اهي مقابلي لاءِ هر وقت تيار رهي سگهن. بندرن، شهرن ۽ سرحدي قلعن تي پڻ فوجون رکيون ويندیون هيون. ڊيبل بندر تي فوجن جو طاقتور جٿو رکيو ويندو هو تہ جيئن وقت تي ڏارين جي حملي جو مقابلو ڪري سگهجي. ڊيبل ۾ رکيل فوجن جي طاقت جو اندازو انهيءَ حقيقت مان لڳائي سگهجي ٿو. جو انهيءَ بندر تي محمد بن قاسم کان اڳ گهٽائي حملا ٽيا ۽ ناڪامياب ويا. عبدالله بن نبهان السلمي ۽ بديل بن طهفة

الباهلي جهڙا آزمودگار جرنيل ديبل وٽ شڪست کائي مارجي ويا. پر اهي اهو بندر فتح نه ڪري سگهيا.

مقابلي لاءِ جنگي جوڌا هندو طبقي مان پرتي ڪيا ويندا هئا. هندو ان وقت اقليت ۾ هئا. سنڌ جا ٻڌمت جا ماڻهو لڙائي، جنگ، جهيڙي ۽ خونريزي کان نه فقط لهرائيندا هئا پر نفرت پڻ ڪندا هئا. البت جت قبيلا جي هاڻي پاڻ کي بروچ سڏائين ٿا، سنڌ جي راجائن کي گهڻي قدر مددگار ثابت ٿيا. چاچڪاڻ ته اهي نه فقط ويڙهاڪ هئا پر سواريءَ ۽ جنگ ۾ لڏي ڪٽڻ، رسد جو مال پهچائڻ ۽ ندين تي پلون ٻڌڻ جا پڻ ماهر هئا. سنڌ جي عوام، راجا ڏاهر سان ڪابه همدردي ڪانه هئي. ان جو سبب هيءَ هو جو راجا ڏاهر هندو مذهب جو پوڙ لڳ هو ۽ ماڻهو گهڻو ڪري ٻڌ مذهب جا هئا. ٻيو ته سنڌ جا ماڻهو راجا ڏاهر کي هڪ غاصب جو پٽ سمجهندا هئا، جنهن سندن موروثي ۽ جائز بادشاهه جي حقن کي غضب ڪري، ڪڍيءَ ۽ دولاب سان سنڌ جو تخت هٿ ڪيو هو. اهوئي سبب آهي جو عربن سان جنگ ڪرڻ خاطر راجا ڏاهر پورو لشڪر ڪٺو نه ڪري سگهيو ۽ ان ڪري شڪست کاڌائين ۽ مارجي ويو.

سنڌ جا قلعا ۽ ڪوٽ نهايت ئي طاقتور هئا ۽ اهڙي نموني ٺهيل هئا جو غنيم انهن تي سولائي سان سوپ حاصل نه ٿي ڪري سگهيو. سنڌي قلعن جي مضبوطي بابت اسان کي ڪيئن حوالا ملن ٿا. عرب پاڻ سان طاقتور جنگي مشينون کڻي آيا هئا. وٽن جيڪڏهن منجنيق ۽ دبابه جهڙيون مشينون نه هجن ها ته، اهي ديبل جو ڪوٽ ڪيرائي نه سگهن ها ۽ ساڳي ڪار سنڌ جي ٻين قلعن ۽ شهرن سان هئي. منجنيق مشينن جي رستي وڏيون وڏيون ڇپون قلعن جي پٽين کي پيڇڻ لاءِ اڇلايون ويندیون هيون ۽ دبابه جي رستي روغن ۽ بارود کي باهه ڏيئي قلعي جي اندر اڇلايو ويندو هو. ته جيئن جاين، پٽين، اناج جي ٻنڌارن ۽ ماڻهن کي باهه وکوڙي وڃي ۽ حملي آور فوجن کي قلعي ۾ گهڙي قتلام ۽ قرلٽ ڪرڻ ۾ سولائي ٿئي. منجنيق مشين لاءِ ٻڌايل آهي ته ان کي پنج سو ماڻهو گڏجي ڇڪيندا هئا. تڏهن اها پٿر جا گولا قلعن ڏانهن اڇلائي سگهندي هئي. ڇچ نامي مان ثابت ٿيو آهي ته طاقتور جنگي مشينن کان وڌيڪ وهم ۽ سوڙ جو ماڻهن تي اثر

پيو. ديبل بندر جي استوپا تي جيڪو جهنڊو ڦڙڪي رهيو هو انهيءَ باري ۾ سنڌين جو چوڻ هو ته، انهيءَ جي حفاظت لکين ديوتائون ڪري رهيا هئا ۽ اهو ڪڏهن به ڪرڻ جهڙو نه آهي. پر جڏهن عربن منجنيق جي پٿرن سان جهنڊو ڪيرائي وڌو، تڏهن سنڌي عوام کي يقين ٿيو ته سوپ عربن جي آهي. انهن ڳالهين هوندي به اروڙ ۽ ملتان جي قلعن جو گهيرو ڪافي وقت جاري رهيو ۽ برهمڻ آباد جو گهيرو ته ڇهن مهينن کان به وڌيڪ هلندو رهيو.[12] اهو ڏيکاري ٿو ته سنڌجا قلعا مضبوطي جي خيال کان نهايت ئي پڪا ۽ پختا هئا ۽ عربن جي ڪيل حملن خلاف پوري طاقت رکندا هئا. پر ان هوندي به اهي ڏارين هٿان فتح ٿي ويا. اهو انهيءَ ڪري جو سنڌين پنهنجي خلاف پاڻ دغا ڪئي، ۽ اهي قلعا غداري ۽ بي ايماني سبب عربن جي ورچڙهي ويا.

اڪبر بادشاهه جي درباري، ابوالفضل پنهنجي ڪتاب ۾ برهمڻ آباد جي قلعي جو تذڪرو ڪيو آهي، جو سنڌ جو اونهاري واري موسم جو تختگاهه هو. سندس چوڻ آهي ته برهمڻ آباد جي قلعي ۾ چوڏهن سو برج هئا.[13] ۽ هر هڪ برج هڪ ٻئي کان ڪافي فاصلي تي ٺهيل هو. انهيءَ مان ثابت ٿو ٿئي ته برهمڻ آباد واري قلعي چڱي موچاري ايراضي والاري هوندي ۽ اهو نهايت عقل، هوشياري، دور انديشي ۽ فن تعمير جي سيني ڳالهين کي ڏيان ۾ رکي ٺهرايو ويو هو. سندس اهو به چوڻ آهي ته انهيءَ قلعي جا ڪي برج ان وقت به موجود هئا. ڪلهوڙن جي صاحبي ۾ جڏهن اهو قلعو زبون ٿي ڪنڀرن ۾ بدلجي چڪو هو، ان هوندي به ان جي برجن جو ٺهيل ٽلهو چاليهه فوٽ اپو هو. انهن برجن مان هڪ ڏنل برج کي چورن پنهنجو مرڪز بنايو هو، جو اتان وڏي ايراضيءَ تائين اهي مال ۽ ماڻهن جي چرپر تي نظر رکندا هئا، ميان غلام شاهه ڪلهوڙي پوءِ انهيءَ برج کي ڀڃائي پٽ ڪري ڇڏيو.[14]

سنڌي فوج ۾ سوار ۽ پيادا فوج شامل هئي، جيڪا وقت سر استعمال ڪئي ويندي هئي. تير انداز فوج کي جنگ وقت اڳئين صف ۾ بيهاريو ويندو هو. پر ڪن حالتن ۾ هاٿين جي اڳيان رکيو ويندو هو ته جيئن اهي پنهنجي طاقت سان دشمن جي ڪيل اڳرائي کي روڪي سگهن. راوڙ جي جنگ ۾ راجا ڏاهر حملي آور فوج جي خلاف هاٿين کي فوج جي مهاڙ ۾ رکيو

هو ۽ فوج جي اڳئين جٿي جي اڳواڻي ۾ هن پاڻ ڪئي هئي.[15] هاڻي طاقت جو سرچشمو سمجهيا ويندا هئا، پر ساڳئي وقت اهي شڪست جو به وڏو سبب ثابت ٿيندا هئا. قادسيه جي جنگ ۾ ايرانين هاٿين جو هڪ وڏو تعداد جنگ ۾ آندو هو، انهيءَ مقصد لاءِ ته جيئن دشمن تي رعب وڏو وڃي، پر عربن انهيءَ کي مات ڪرڻ لاءِ اڪلي طريقا استيعمال ڪيا ته جيئن انهن ديو جهڙن جانورن کي ڊيڄاريو وڃي. انهن اڪلن کان سواءِ، عربن جي فوج ۾ "آپگهات جٿو" پڻ هوندو هو، جنهن جو ڪم هو هاٿين تي هڪدم حملو ڪري، انهن جون سونڊيون وڍڻ. انهيءَ جٿي جا ڪيترا ماڻهو هاٿين جي پيرن ۾ چيپاٽجي پوندا هئا، پر سونڊين کي چپيندا، ماريندا، واپس موٽ ڪائيندا هئا. جنهن سبب هاٿي استعمال ڪندڙ فوج کي نهايت ئي ڳرو نقصان پوندو هو ۽ شڪست ملندي هئي. عرب ليکڪن جو چوڻ آهي ته عرب جنگ جي وقت ٻليون يا ننڍڙا جانور استعمال ڪندا هئا، ته جيئن هاٿي ميدان ڇڏي پوڄي وڃن. هنن انهيءَ ڏس ۾ ڪيترائي مثال ڏنا آهن، جي ڪافي دلچسپ ۽ آهن ته عجيب ۽. مشهور عرب جاگرافي دان المسعودي جو چوڻ آهي ته ايران جا شهنشاهه پاڻ کي هاٿين جي حملي کان بچائڻ لاءِ، هاٿين جي اڳيان ٻلين جو هڪ وڏو تعداد اڇلائي ڇڏيندا هئا، جن کي ڏسي اهو پربت جهڙا جانور، پويان پير ڪري پوڄندا هئا. سندس اهو ۽ چوڻ آهي ته اهو طريقو سنڌ ۽ هند جي راجائن وٽ ۽ عام هو. اهو ۽ ٻڌايل آهي ته هارون بن موسيٰ نالي گورنر جو سنڌ ۾ هڪ قلعي جو مالڪ هو، ان تي هڪ هندو راجا وڏي فوج سان حملو ڪيو، جنهن ۾ هاٿي پڻ هئا. جڏهن ٻيئي فوجون هڪ ٻئي جي سامهون صفون ٻڌي بيٺيون، تڏهن هارون جنهن هڪ ٻلي پنهنجي ڪپڙن ۾ لڪائي آندي هئي، تنهن امالڪ اها ٻلي هاٿين جي بيمثال جٿي اڳيان ڪٽي اڇلائي. هاٿين جڏهن ٻلي ڏني تڏهن وڻي پڳا ۽ پنهنجي فوجين کي چپيندا ويا. هاٿين جي انهيءَ ڀڄ ڊوڙ سبب هندو راجا جي فوج ۾ افراتفري جو عالم پيدا ٿي ويو ۽ هو شڪست کائي مارجي ويو. المسعودي جو اهو ۽ چوڻ آهي ته هاٿي سوئرن کان ۽ ڊڄندا آهن،[16] پر مسلمان انهيءَ ڏکار آميز جانور کي ڏاڙڻ کان پرهيز ڪندا هئا.

قانون ۽ انصاف:

انصاف جو انتظام اهو ئي هو جيڪو ننڍي کنڊ جي ٻين حصن ۾ رائج هو. اهو هڪ نهايت ئي پختي ۽ قانون جي ڪارائتي نظام تي مبني هو جنهن ۾ بادشاهه کي ملڪ جي اعليٰ ڪورٽ تصور ڪيو ٿي ويو. راجا جي عدالت کي سيا، ڏرمستانا، ڏرمڏيڪرنا جا نالا ڏنل هئا ۽ ان کي برهمڻ، وڏن وزيرن جي صلاح سان فيصلا ڪرڻا پوندا هئا، جي گهڻو ڪري سياست ۽ حڪومت جي فن کان واقف هئا. ڪيسن ۽ ڏاڻن جو فيصلو ججن، وزيرن (منترين) برهمڻن، پروهتن ۽ مشيرن جي مدد سان ڪيو ويندو هو.[17] برهاسپتي، سيا جو مڪمل ڏانچو بيان ڪري ٻڌايو آهي. سندس چوڻ موجب سيا جا ڏهه انگ (عضوا) آهن، جنهن ۾ راجا، چيف جج، منشي، اڪائونٽنٽ، سرشتيدار ۽ بيلف شامل هئا. حڪومت جو وڏو جج، پراسيڪيوٽر جي حيثيت ۾ قانون جو اعلان ڪندو هو ۽ راجا انهيءَ هيٺ ڏوهاري کي سزا ڏيندو هو. منشي جو وري هي فرض هو ته هو دعوائن ۾ آيل ملڪيت جو معائنو ڪندو هو. سرشتيدار ڪيس ۾ هلندي بيانن کي لکندو رهندو هو ۽ فيصلو به گهڻو ڪري هو ئي لکندو هو. اڪائونٽنٽ (خزانچي) ملڪيت يا مال جي قيمت مقرر ڪندو هو ۽ بيلف جو ڪم هو جوابدار، مدعاليه، شاهدن ۽ منشين تي نوٽيس ڪيڻ ۽ انهن کي ڪورٽ ۾ حاضر ڪرڻ پوءِ جي سمرتين ۾ راجا ۽ سندس ڪورٽ تي، روحاني، اخلاقي ۽ قانوني بار وڌو ويو هو ته، جيئن اها انصاف جي معاملي ۾ بنا ڪنهن رواداري جي صاف ۽ قانوني فيصلا ڏي. راجا جي عدالت کان سواءِ ٽن قسمن جي ٻين ڪورٽن جو بيان آيل آهي، جن کي ڪولاس، سريناس ۽ گناس جو نالو ڏنو ويو آهي. پر اهي گهڻو ڪري امينن جون عدالتون هيون، جن ۾ ماڻهن جي جهيڙن جو فيصلو ٽياڪڙ ذريعي ڪرايو ويندو هو.[18]

اسلام جي اچڻ کان اڳ هندوستان ۽ سنڌ جي ڪورٽن ۾ ڪم آندل طريقو ۽ سرشتو هاڻي ئي ترقي يافته هو ۽ انهيءَ مان هندو قانونن جي جوڙجڪ جي وڏائي واضح آهي. قانون جي ڪاروبار جا نرادا جي چوڻ موجب چار ڏاڪا هئا ۽ اهي هي هئا:

(1) اطلاع جو ملڻ (يعني ته پهرين رپورٽ)

(2) کهڙي قانون هيٺ اهو اطلاع آهي، ان جو مقرر ڪرڻ.
(3) ڏرين جا بيان، حجتون ۽ دليل ۽
(4) آخر ۾ فيصلا ۽ حڪم احڪام.

برهاسپتي انهن چئن ڏاڪن کي هن ريت ورهايو آهي، جو گهٽو ڪري ديواني دعوائن سان لاڳو آهن. يعني ته:

(1) دعويٰ
(2) انهيءَ جو جواب،
(3) ٻنهي طرفن جون شاهديون ۽
(4) فيصلو.

ويد وياس هڪ ٻئي پويان ايندڙ قانون جي سرشتي جا ڏاڪا ٻڌايا آهن، جي سندس چوڻ موجب هيئن آهن:

(1) فرياد يا دعويٰ
(2) جواب
(3) فتويٰ کان اڳ گرفتاري
(4) بيان ۽ شاهديون
(5) ۽ ڪورٽ جو فيصلو.

انهيءَ مان ظاهر آهي ته فوجداري توڙي ديواني معاملن کي نبيرڻ لاءِ قانوني ڪاروبار جا پنج ڏاڪا هئا.[19]

انصاف جي معاملي ۾ اڪلاءَ لاءِ مقرر ڪيل قاعدا هئا. پنهنجي ڪيس کي سچو ثابت ڪرڻ جو ذمو مدعي (دعويدار) تي هو. پر خاص دليل يا اڳئين فيصلي جي حالت ۾ اهو ذمو مدعاليه تي رکيو ٿي ويو. ثابتيون ٻن قسمن جون هيون، انساني ۽ خدائي. انساني ثابتي لاءِ شاهدن، دستاويزن، قبضي وغيره جو هجڻ ضروري سمجهيو ٿي ويو ۽ خدائي ثابتي لاءِ سخت آزمائش مان گذرڻو پوندو هو. پر آزمائش فقط انهن حالتن ۾ روا رکي ويندي هئي. جڏهن انساني ثابتي نه ملي سگهي. ڪتيايَنَا اهو اصول مقرر ڪيو ته جيڪو به دعويدار ڪنهن معاملي ۾ پنهنجو ڪيس ثابت نه ٿو ڪري سگهي ته اهو وري انهيءَ ڪيس لاءِ نئين دعويٰ نه ڪري سگهندو. ڏٺو ويندو ته اهو اصول شاهديءَ جي هاڻوڪي قانون سان ڪيتري قدر نه ٺهڪي ٿو اچي،

جنهن کي اسان جي قانون ۾ استوپيل سڏيو وڃي ٿو. ٽين صدي هجري جي مشهور عرب سياح سليمان تاجر جو چوڻ آهي ته ننڍي کنڊ جي غيرمسلم قومن ۾ عجيب قسم جي آزمائش جو رواج هو. ڪرن ڏوهن ۾ تهمتي (ملزم) کي هٿ ۾ نهايت ئي گرم ڪيل لوهه جهلڻو پوندو هو. انهيءَ کان پوءِ سندس هٿ کي چمڙي جي هڪ ٿيلهي ۾ بندڪري انهيءَ کي سيل مهر ڪيو ويندو هو. ٽن ڏينهن کان پوءِ انهيءَ کي ساريال جو هڪ سنگ ڏنو ويندو هو ته جيئن هو انهيءَ مان ان جو داڻو ڪڍي. جيڪڏهن هو ائين ڪري ويو ته ڪيس بيڏوهي قرار ڏنو ويندو هو ۽ فرياديءَ تي هڪ مڻ سون تائين ڏنڊ وڌو ويندو هو. ان وقت جو هڪ مڻ سون هاڻوڪي پائونڊ جي تور برابر هوندو هو. ڪنهن مهل وري ٿهڪيل پاڻيءَ مان ملزم کي مُنڊي ڪڍائي ويندي هئي. چوري ۽ زنا جي ڏوهه ۾ ڦاسي جي سزا ڏني ويندي هئي.[20] سزا ڏوهه جي نوعيت ۽ ڏوهاري جي سماجي درجي تي منحصر هئي. شاهي رستن تي ڦر ڪرڻ يا ٻارن کي چوري ڪري اغوا ڪرڻ جا ڏوهه به واجب القتل هوندا هئا. گئو هتيا لاءِ پڻ موت جي سزا مقرر ڪيل هئي.[21] جيڪڏهن ڪو برهمڻ ڏوهه ڪندو هو ته ان سان رعايت ڪئي ويندي هئي، پر شودر سان ڪنهن به قسم جي رواداري کان ڪم نه ورتو ويندو هو. ننڍين ننڍين ڏوهن لاءِ شودر کي موت جي سزا پڻ ڏني ويندي هئي. جيڪڏهن ڪو برهمڻ، ٻئي ذات واري جو خون ڪندو هو ته ان کي پراسچت ڪرڻو پوندو هو. جنهن جي معنيٰ آهي عبادت تي زور. روزا (ورت) رکڻ ۽ غريب کارائڻ. ڪن حالتن ۾ ڪرن ڏوهن جهڙوڪ خون، گئو هتيا، شراب پيئڻ ۾ موت جي سزا ڏيڻ بدران ڏوهاري جي ملڪيت ضبط ڪئي ويندي هئي. يا انهن کي ملڪ بدر (جلاوطن) ڪيو ويندو هو.[22] چوري جي ڏوهه ۾ مالیت موجب سزا ڏني ويندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ته برهمڻ ۽ کترين کي به انڊي ڪرڻ ۽ عضوا وڍڻ جي سزا ڏني ويندي هئي. پر عام ماڻهوءَ کي چوريءَ جي ڏوهه لاءِ بنا ڪنهن رعايت جي موت جي سزا ڏني ويندي هئي.

سماجي حالتون:

سنڌ ۾ ننڍي کنڊ جي ٻين حصن ۾ غيرمسلم قومون چئن مکيہ ذاتين ۾ ورهايل هيون، جن کي ورڻا سڏيوويندو هو. اهي ورڻا هن ريت هئا: برهمڻ، شتريہ، ويسيا ۽ شودرا، جن جي باري ۾ اعتقاد هو تہ اهي خلقيندڙ جي مٿي، بازن، رانن ۽ پيرن مان پيدا ٿيا آهن.[23] عرب ليکڪن جو وري چوڻ آهي تہ ننڍي کنڊ جنهن ۾ سنڌ بہ اچي ٿي ويو تنهن جو عوام ستن ذاتين ۾ ورهايل هو جي هي هيون: برهمڻ، شتريا، کتري، ويش، شودر، چنڊال ۽ ڏوم.[24] شتريا ڪنهن جي بہ اڳيان نہ جهڪندا هئا، پر ٻين کي جهڪڻ لاءِ مجبور ڪندا هئا. عوام ۾ انهن جي عزت هوندي هئي ۽ جڏهن بہ ڪو راجا يا بادشاهہ چونڊيو ويندو هو تہ اهو انهيءَ جاتي مان کڻندا هئا. شتريا کان پوءِ ٻئي نمبر تي برهمڻ هوندا آهن، جي نہ شراب پيئندا هئا ۽ نہ وري کترين کان سواءِ ڪنهن ٻي ذات مان شادي وغيره ڪندا هئا، پر انهن کي بہ پنهنجيون ڏيون ڪونہ ڏيندا هئا. کتري تن پيڙن تائين شراب استعمال ڪندا هئا ۽ برهمڻ کي پنهنجيون نياڻيون ڏيڻ ۾ فخر ڪندا هئا. شودر ذات هارپو ڪندڙ هو، جن کي هينئر ڪڙمي سڏيو وڃي ٿو ۽ ويش واپاري طبقي جو نالو هو. چنڊال ۽ ڏوم نهايت ئي گهٽ درجي جا ماڻهو تصور ڪيا ٿي ويا ۽ انهن جو ڪم هو ڳائڻ، نچڻ ۽ وڻن ماڻهن کي پنهنجي فن رستي وندرائڻ.

گهرو زندگي:

ننڍي کنڊ جي گهرو زندگي "پيءُ" تي ٻڌل هئي، جنهن ۾ ڪيس وڌيون اختياريون مليل هيون ۽ اها ڳالهہ يونان ۽ روم جي سماجي زندگي ۾ پڻ واضح هئي، جنهن ۾ گهر جي وڏي کي پنهنجي خاندان جي فردن تي وڏي طاقت حاصل هئي. پيءُ کي اختيار مليل هو تہ هو پنهنجي ٻارن کي وڪڻي ڇڏي يا قتل ڪري ڇڏي ۽ ان لاءِ حڪومت بہ ڪيس ڪجهہ نہ ٿي ڪري سگهي. گهرو ضابطي جو بهترين مثال اسان کي راجرسوا مان ملي ٿو، جنهن کي سندس پيءُ انڊو ڪري ڇڏيو هو.[25] گڏيل خاندان جو سرشتو غيرمسلم قوم ۾ موجود هو ۽ اهو اڄ ڏينهن تائين موجود آهي. جهڙي طرح ٻين پدري سرشتن ۾ ڏٺو ويو آهي، اهڙيءَ طرح ننڍي کنڊ جي هندو ۽ ٻڌمت جي ماڻهن ۾ بہ وڏو پٽ هميشہ پيءُ جي مال ۽ ملڪيت جو وارث هوندو هو ۽ سندس

درجو بہ اهوئي رهندو هو جيڪي سندس پيءُ جو هو. سندس پائر، چاچا، سوٽ ۾ خاندان جا ٻيا ماڻهو سندس حڪم ۾ هوندا هئا. اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڏسڻ ۾ نہ آئي، جنهن مان اهو سمجهجي تہ عورتن جو درجو مردن کان گهٽ هو. رگ ويد ۾ شاديءَ جو جيڪو گيت ڏنو ويو آهي، ان مان ظاهر ٿو ٿئي تہ نئين وهانو ڪيل ڪنوار جو پنهنجي ساهرن تي راڄ هو.[26] شادين ڪرائڻ جو فيصلو گهڻو ڪري مائٽ ئي ڪندا هئا ۽ شادين لاءِ عمر جي ڪابہ پابندي ڪانہ هئي. پنهنجي ذات ۾ شادي ڪرڻ کي وڏيڪ اهميت حاصل هئي. عشق ۽ ياري رکڻ جو رواج پڻ موجود هو ۽ ٻنهي جنس جي ماڻهن کي پنهنجو جيون ساٿي چونڊڻ جو اختيار پڻ مليل هو. گهڻين زالن (حرم) رکڻ جو رواج راجائن ۾ سرندي وارن وٽ هو. پر غريب غربو بہ انهيءَ بيماري ۾ مبتلا هو. راجا ڏاهر کي بہ بہ زالون ۽ ڪيتريون ئي سرتيون هيون. انهن مان هڪ زال چچ نامي جي لکت مطابق محمد بن قاسم جي هٿ آئي هئي.[27]

هڪ عورت کي پهاڻ وارو نياڳ بہ سهڻو پوندو هو. جيڪڏهن اها چري هوندي هئي، يا بنا ٻار يا سنڌ يا گهڻيون ڏيون ڇٽيندڙ يا سندس مڙس طبيعت ۾ پورالو هوندو هو. سمرتي قانون موجب (منو مهراج جو قانون) هڪ ٻيوهہ کي شرافت جي زندگي گذارڻي هئي ۽ پاڻ تي قبضو رکڻو هو پر برهاسپتي انهيءَ جو ٻيو طريقو بہ ٻڌايو آهي ۽ اهو هي آهي تہ عورت کي مڙس جي مرڻ کان پوءِ پاڻ کي مڙس سان گڏ چکيا تي چڙهڻ گهرجي. پنهنجي مڙس سان گڏ سڙي مرڻ جو حڪم برهاسپتي کان سواءِ سنڪا، آگيراس ۽ هاريتا پڻ ڏنو آهي. برهمڻ عورت جنهن جو مڙس مري ويو، ان کي البت معاف ڪيو ويو آهي. ٻيٽيناسي، آگيراس، وياگهراپاد، اسوناس جو چوڻ آهي تہ برهمڻ جاتي جي وڏوا جيڪڏهن چاهي تہ اها مڙس جي مري وڃڻ کان پوءِ رهي سگهي ٿي، پر ويدوياس ٻڌايو آهي تہ چکيا تي چڙهڻ ئي حقيقت ۾ انهيءَ لاءِ بهتر آهي. نہ تہ پوءِ سندس زندگي نهايت ئي ڪٺن گذرندي ۽ ڪيس شرمساري جو منهن ڏسڻو پوندو. وڏوا جنهن کي "پُنربو" جي نالي سان ياد ڪيو ويو آهي، اها جيڪڏهن عشق ۾ ٻڏل هجي ۽ پنهنجي جذبات کي ڪنٽرول نہ ڪري سگهي، سا پاڻ کي اهڙيءَ ماڻهوءَ سان ملائي سگهي ٿي، جنهن کي سندس خواهش هجي ۽ جيڪو ڪيس خوش رکي

سگهي. ساڳئي وقت عوامي رايو پڻ ٻيوهه جي ٻئي ڪنهن سان گڏجي رهڻ جي حق ۾ هو پر ڪيس گرهستي زندگي جو درجي وارو مزو ڪڏهن به ميسر نه ٿي سگهندو هو.[28]

شادي شدهه عورت ۽ ٻيوهه جي وچ واري درجي تي گنيا جو درجو هو. جيتوڻيڪ اها هڪ خريد ڪيل چوڪري وانگر هئي. پر سماج ۾ پنهنجي موهٽي مورت، اٺ ويهه جي طريقي ۽ فن جي ڪري عزت جي نگاهه سان ڏٺي ويندي هئي. گنيڪا جي مشابهت رکندڙ عورتون ديوداسيون جي ديوتائن جي مندر ۾ انهن کي راضي رکڻ خاطر ناچ جون محفلون رچائيندڙ هيون، عربن جي اچڻ وقت اهڙيون ديوداسيون ديبل جي مندر ۾ موجود هيون ۽ پڻ ملتان واري سورج (سج) ديوتا جي مندر مان عربن هٿ ڪيون. مشهور چيني سياح هيونتسيانگ جنهن چوٿين صدي عيسويءَ ۾ نندي ڪنڊ جو دورو ڪيو، تنهن جو چوڻ آهي ته سنڌ ۽ راجپوتانا جي مندرن ۾ هن ڪيتريون ئي نوجوان چوڪريون ڏٺيون، جن کي مندرن ۾ ناچ ڪرڻ لاءِ خريد ڪيو ويندو هو. چچ نامي مان ثابت آهي ته محمد بن قاسم فقط ديبل جي مندر مان ست سو ديوداسيون هٿ ڪيون هيون،[29] جي هُن فوج ۾ ورهائي ڇڏيون.

شادي ڪيل عورتن سان زنا، گهٽ درجي جو ڏوهه سمجهيو ويندو هو ۽ ان لاءِ فقط پراشچت (Atonment) جي ضرورت هئي. ڪاما سوترا (ڪام شاستر) ۽ برهات سمهيتا اهڙا ڪيترائي موقعا مهيا ڪري ڏنا آهن، جنهن ۾ ڪاري ڪاريءَ جو ميلاپ ڏيکاريل آهي. فقط ڪن خاص معاملن ۾ سزا ڏيڻ جو حڪم آيل آهي. اهي هي آهن ته انهيءَ عورت ڪنهن شودر يا گهٽ ذات جي ماڻهوءَ کان زنا ڪرايو هجي يا حرامي ٻار پيدا ٿيو هجي يا انهيءَ عورت مڙس کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي هجي يا جنهن مڙس کي بلڪل ڇڏي ڏنو هجي. انهن سيني ڀالهين مان ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌ ۽ هندوستان جي عورتن کي ان وقت سڄي دنيا جي عورتن کان وڌيڪ درجو مليل هو جو ٻين سماجن ۾ موجود نه هو.

ذات پات جي پيڙ سبب ماڻهن تي ڪي قدر برو اثر پيل هو. فقط ٻه ذاتيون يعني ته برهمڻ ۽ ڪتري اعليٰ قسم جا ماڻهو سمجهيا ويندا هئا ۽ ٻيا گهٽ ذات جا، جن ۾ ويش، شودر ۽ ڪيتريون ئي ٻيون ذاتيون شمار ڪيون ويندڙيون هيون. چچ جي حڪومت هٿ ڪرڻ کان پوءِ سنڌ جون ڪيتريون

ئي ذاتيون ۽ قبيلا گهٽ ذات جا شمار ڪيا ويا ۽ انهن کي شودر جو درجو ڏنو ويو هو. عربن جي اچڻ وقت سَما، سهتا، لوهاڻ، لاکا، جت، چنا ۽ ٻيا گهٽ ذات جا قبيلا هئا ۽ انهن تي حڪومت جي طرفان بندشون پيل هيون. نہ تہ هو چگهه ڪپڑو ڍڪي سگهندا هئا ۽ نہ وري مٿي تي پٽڪو ٻڌندا هئا. کين فقط ٻن ڪپڑن اوڍڻ جو حڪم هو ۽ اهي هئا ڪاري گوڏ ۽ ڪلهن تي کهري ڪپڑي جو پوتڙو. بندش جو هي حال هو جو انهن جي رئيسن ۽ چگهن مڙسن کي بہ گهوڙي تي چڙهڻ نہ ڏنو ويندو هو. فقط ڪن خاص حالتن ۾ اهڙو اجازت نامو ڏنو ويندو هو ۽ اهو بہ وقت جي راجا جي مرضي سان. انهيءَ کان پوءِ بہ کين گهوڙي تي هنو يا سنج رکڻ جي اجازت ڪانہ هئي. فقط تل رکڻ جي اجازت هئي.[30] گهٽ ذات جي ماڻهن لاءِ اهو بہ حڪم هو تہ جڏهن بہ جو راجا سان يا سندس گورنر سان ملڻ وڃن تہ پاڻ سان ڪتو وٺي وڃن ۽ انهيءَ کي غلامي جو نشان سمجهيو ويندو هو. قبيلن جا رئيس پنهنجي ماڻهن جي گفتار ۽ ڪردار لاءِ ٻڌل رهندا هئا ۽ کين ئي حڪومت کي جواب ڏيڻو پوندو هو.

ريتون رسمون:

عرب ليڪڪن سنڌ ۽ هند جي ماڻهن جي صفائي، ستڙائي ۽ چگهي عادتن جي ساراهہ ڪئي آهي. فخر السودان علي البيضان" جي مصنف انهيءَ ڏس ۾ ٻڌايو آهي تہ سنڌ ۽ هند جا ماڻهو چين جي ماڻهن کان بہ گوءِ ڪٽي ويا آهن. اهي صبح جو اٺڻ سان پنهنجا وات صفا ڪن ٿا ۽ روزانو وهنجن ٿا. اهي رلٽا ملٽا آهن ۽ سندن عادتون سهڻيون آهن. سندن زالون پڻ خوبصورت ۽ وٽندڙ آهن ۽ اهي رڌ پچاءَ جي معاملي ۾ تکيون ۽ هوشيار آهن. سنڌ جا مڙس چالاڪ ۽ ايماندار آهن ۽ پيسي ڏوکڙ جي معاملي ۾ انهن کان وڌيڪ هوشيار ڪوبہ ڪونهي. اهي حساب ڪتاب رکڻ ۾ ايڏا تہ وڏي ويل آهن، جو عرب صراف (سونارا) ۽ واپاري انهن کي پاڻ وٽ منشي رکڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا.[31]

سنڌي طهر ڪونہ ڪرائيندا هئا، پر ڏاڙهيون ڏگهيون رکائيندا هئا، ڪن حالتن ۾ تہ اها تن والن کان بہ مٿي هوندي هئي.[32] چچ نامي ۾ هڪ ڏگهي ڏاڙهي واري ماڻهوءَ جو ذڪر ڪيل آهي، جنهن محمد بن قاسم کي تماشو ڏيکاريو هو. هڪ ماڻهوءَ چا ڪيو جو پنهنجي ڏگهي ڏاڙهيءَ جو هڪ چيڑو هڪ پير جي آڱوٺي ۾ ٻڌو ۽ ٻيو چيڑو ٻئي پير جي آنگوٺي ۾ ۽ ونڊي بولاتيون ڏنائين. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو محمد بن قاسم کي ڪيس ۽ سندس ڪٽنب جي ماڻهن کي امان ڏيڻي پيئي. سلسلة التاريخ، ۾ ٻڌايل آهي تہ سنڌ جا ماڻهو پنهنجي عزيز ۽ مٽ مائٽ جي مرتيي تي ڏاهي ۽ مٿو ڪوڙائيندا هئا ۽ ستن ڏينهن تائين ڪنهن بہ اهڙي ماڻهوءَ کي کاڌو نہ ڏيندا هئا، جنهن تي ڏنڊ پيل هجي يا جيل جي سزا مليل هجي. اهي کاڌي جي تيسين ويجهو نہ ويندا هئا، جيستائين پنهنجو وات صفا نہ ڪن ۽ تڙ نہ لاهين، ساڳي طرح ڪپڑن اڇڻ جي وقت اهي عورتن جي ويجهو نہ ويندا هئا ۽ ڪن حالتن ۾ تہ انهن کي گهر مان بہ ٻاهر ڪڍي ڇڏيندا هئا.[33]

ماڻهن جو تناسخ ۾ اعتقاد هو. ان ڪري اهي ٻاهہ جي رستي آپگهات ڪرڻ کي همٿائيندا هئا. سندن خيال هو تہ ائين ڪرڻ سان سندن روح هي بدن ڇڏي، هن کان وڌيڪ اعليٰ زندگي اختيار ڪندو. جڏهن بہ گهر جو ڪو پاتي ڪمزور يا لاچار ٿي ويندو هو تہ سندس ويجها عزيز ڪيس زور ڪندا هئا تہ هو پاڻ کي ساڙي ڇڏي يا ٻوڙي ماري.[34] هُن کي پنهنجي مرضي جي خلاف ائين ڪرڻو پوندو هو. ننڍي کنڊ جي تاريخ عجيب ۽ خطرناڪ قسم جي آپگهاتن سان مشهور آهي. کي ماڻهو چا ڪندا هئا جو کڏون کوٽي، انهيءَ ۾ ٻاهہ جا مچ ٻاريندا هئا ۽ پاڻ کي ان ۾ اڇلائي ڇڏيندا هئا. ٻيا وري پنهنجو پيٽ پنهنجي هٿن سان ڦاڑي آندا ٻاهر ڪڍي ڇڏيندا هئا. کي تہ پنهنجي بدن جا عضوا هڪ هڪ ڪري وڍيندا هئا، تان جو ساهہ نڪري ويندو هو. کي جبل جي چوٽيءَ تي يا مٿاهين کڏ تي چڑهي پاڻ کي مٿي پر ڪيرائيندا هئا. کي اهڙا بہ هئا جي بک ۽ اڄ رستي پنهنجا پساهہ پورا ڪندا هئا. عرب ليکڪن جو چوڻ آهي تہ پورنماسي يا ٻين خاص موقعن تي سوين ماڻهو گنگانديءَ جي ڪپن تي اچي جمع ٿيندا هئا ۽ پنهنجي

زندگي پوڄارين جي حوالي ڪري ڇڏيندا هئا. جي انهن کي ترار سان ٻه ٽڪر ڪري پاٽي ۾ اڇلائي ڇڏيندا هئا.[35]

سيراف جي مشهور سياح ۽ ليکڪ ابوزيد جو چوڻ آهي ته ملڪ جي راجا جي موت کان پوءِ آپگهات جو رواج عام هو ۽ اها رسم ننڍي کنڊ ۾ گهٽو ڪري جتي ڪٿي هئي. ڇيو وڃي ٿو ته بادشاهه جي تخت نشين ٿيڻ وقت تي چار سو ماڻهو درٻار ۾ اچي حاضر ٿيندا هئا ۽ بادشاهه جي بچايل اوبر مان ڪجهه کائيندا هئا. ائين ڪرڻ ڪري بادشاهه جي موت تي کين آپگهات ڪرڻو پوندو هو.[36] البيروني جو چوڻ آهي ته آپگهات گهٽو ڪري گهٽ ذات جا ماڻهو جهڙوڪ ويش ۽ شودر ڪندا هئا. چاڪاڻ ته برهمڻ ۽ کترين کي خاص قانون ذريعي خودڪشي جي ممانعت ٿيل هئي. ويش يعني ته واپاري طبقي ۽ شودر يعني ته ڪمي طبقي جو اهو خيال هو ته آپگهات ڪرڻ ڪري، اهي گهٽ درجي جي زندگيءَ مان نجات حاصل ڪري اعليٰ زندگي حاصل ڪندا هئا ۽ اهو تڏهن ممڪن آهي، جڏهن اهي موت جي وسيلي برهمڻ يا کتري جي بدن ۾ وري دنيا ۾ موٽي اچن.[37]

سنڌ جا هندو ۽ ٻيا غيرمسلم اقوام پنهنجي مُڙدن کي باهه جي وسيلي ساڙي ڇڏيندا هئا. سندن اعتقاد هو ته باهه انسان جي روح کي بلند ڪري ۽ وڃيو الله سان ملائي. اهو ساڳيو اعتقاد يونانين ۾ به موجود هو ۽ جالينوس جي تفسير مان واضح آهي، جنهن جو حوالو البيروني ڏنو آهي. ٻڌ مذهب لاءِ البيروني جو چوڻ آهي ته انهيءَ مت جا ماڻهو پنهنجي مڙدن کي پاٽي ۾ اڇلائي ڇڏيندا هئا. چاڪاڻ ته مهاتما ٻڌ کين اهڙو حڪم ڏنو هو.[38]

ڪاڏو يا ڪاج:

عربن جي لکت مان واضح آهي ته سنڌ جا ماڻهو ڪٽڪ جي بدران چانور واپرائيندا هئا. چين وارن لاءِ سندن چوڻ آهي ته اهي ٻنهي جنسن مان کائيندا هئا. پر ننڍي کنڊ ۾ چانورن کي وڌيڪ ترجيح ڏني ويندي هئي. ظاهر آهي ته اهو طريقو اڄ ٻه سنڌ ۾ لاڙ واري حصي ۾ موجود آهي، جتي ڏينهن جو چانورن جي ماني ۽ رات جو پٽ عام رواج آهي. شهرن ۾ البته ڪٽڪ جي ماني کائيندا آهن، پر اها ٻه فقط پڙهيل لکيل طبقي تائين

محدود آهي. چانورن جو کاڌو. مڇيءَ سان گھٽو مزو ڪندو آهي. ان ڪري سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ جھڙو اڳ تھڙو ھاٿي، چانور ۽ مڇي ماڻھن جي عام غذا آهي.

اقتصادي حالتون:

وچئين دور جي سنڌ، ليڪن جي لکت موجب ھڪ نهايت ئي آباد علائقو هو ۽ ان سبب ماڻھو گھٽو ڪري خوشحال هئا. ان وقت سنڌ مان ٻه درياءَ لنگھندا هئا. سنڌو ۽ ھاڪڙو درياء، جن جا پيٽ اڄ ٻه ٽرپارڪر ۽ لاڙ واري حصي ۾ ڏنا وڃن ٿا. جيئن ته درياء تي بند وغيره ٻڌل ڪونه هوندا هئا، ان ڪري آبڪلاٽيءَ جي موسم ۾ عموماً ٻوڏ ٿيندي هئي، جنهن سبب وڏيون ايراضيون ندين جي پاٽيءَ هيٺ اچي ويندیون هون. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جو وڏو حصو پوک هيٺ آيل هو ۽ هر هنڌ ساوڪ ئي ساوڪ ڏسڻ ۾ ايندي هئي. چين جو مشهور سياح ۽ ياتري هيونتسانگ، راءِ گھراٽي جي حڪومت جي دور ۾ جڏهن سنڌ ۾ آيو، تنهن جو چوڻ آهي ته سنڌ هڪ نهايت ئي آباد ۽ زرخيز علائقو آهي ۽ ساري زمين پوک ۽ باغن سان ڀري پئي آهي. پر ان هوندي ٻه سنڌ جا ماڻھو چوري ۽ ڏاڙي ۾ رڌل آهن ۽ ڪنهن ٻه مسافر جي جان ۽ مال سلامت نه آهي.

عرب تاريخدانن جو چوڻ آهي ته سنڌ ۾ اناج ۽ ڪمند جي پوک جام ٿيندي هئي. ٻنين ۾ ڪمند ۽ باغن ۾ ميوو جام هو. انب ۽ نارنگيون سنڌ جو خاص ميوو هو. ليمون ٻه تمام گھٽي انداز ۾ پيدا ٿيندو هو. پر هندو راجا ٻاهرئين واپار کي گھٽي اهميت نه ڏيندا هئا. ديبل سنڌ جو مشهور بندر هو، جتي ڪيترن ئي ملڪن جا جهاز اچي لنگر هڻندا هئا. هر ڪنهن قسم جي جنس ۽ شيءِ سنڌ ۾ دستياب هئي، پوءِ ڇو نه اها چين جھڙي ڏورانهين ملڪ ۾ ٺهندي هجي ۽ قيمتون ٻه ڪريل هيون. سنڌ جو ملڪ ڪٽي جي برآمد لاءِ مشهور هو ۽ اها جنس سنڌو درياءَ جي رستي ڪشمير مان سنڌ پهچندي هئي. ساڳئي وقت ديبل جو شهر عطريات، چيني جي سامان، سرهاڻ ۽ مصالحن جي وڏي مارڪيٽ هئي.[39] اهي شيون اُپرندي مان چين ۽ انڊونيشيا مان ايندیون هيون ۽ يمن ڏانهن موڪليون ويندیون هيون. اسلامي

سلطنت جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ يمن جي بدران عراق ۾ ابله جو شهر انهن جنسن جي مارڪيٽ مثل هو. سنڌ جو نهيل سنهو ڪپڙو، ململ ۽ وائل عرب دنيا ۾ گهڻو پسند هو. انهيءَ ڪپڙي جي نفاست ۽ هلڪائي بابت يهودين جي مذهبي ڪتاب توارت ۾ پڻ ذڪر ڪيو ويو آهي. چاڪاڻ ته قديم دور ۾ پڻ اهو ڪپڙو شام ۽ مصر ڏانهن موڪليو ويندو هو. اهي ڳالهيون ثابت ڪن ٿيون ته سنڌ جو ملڪ آباد ۽ خوشحال هو ۽ ماڻهو گهڻو ڪري سڪي هئا. سنڌ جي خوشحالي ۽ شاهوڪاري جي تصديق عربن کان علاوه ايران جي شهنشاهي ڪتبن مان به ملي ٿي. ٻڌايو ويو آهي ته هخامنشي خاندان جي دور ۾ سنڌ جو علائقو ايراني سلطنت جو ويهون صوبو هو ۽ اتان 360 ٽئلينٽ سون جو پورو خراج طور ملندو هو. جو ڏهن لکن پائونڊن جي برابر آهي.[40] ايراني سلطنت کي مليل اهو سالياڻو ڏڻ، سڄي ايشيا جي ٻين ملڪن جي ڏڻ جو ٽيون حصو هو ۽ انهيءَ مان سنڌ جي شاهوڪاري جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

سنڌ جو هندوستان جي بندرن سان واپار ۽ پڻ عرب دنيا سان ڏيتي ليتي وڇئين دور جي لکتن مان ثابت آهي. نه فقط ايترو، پر سنڌي جهاز راني ۾ ايڏو ته هوشيار هئا، جو اهي پنهنجي ٻيڙين جي معرفت سمنڊ ۾ واپاري جهازن تي حملو ڪري، انهن جو مال کسي وٺندا هئا. چچ نامي ۾ جنهن ڦر جو ذڪر ڪيل آهي، انهيءَ ڏس ۾ فقط هڪ مثال آهي. عربي لفظ ناخدا اصل ۾ فارسي ناخدا آهي، جو پڻ هندي لفظ ناؤ (ٻيڙي) مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ناکئو. اهو نالو اڄ به سنڌ ۾ مشهور آهي. اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته عرب ۽ ايرانين کي سمنڊ تي ٻيڙين هلائڻ جو فن به ننديڙي کنڊ جي ماڻهن وٽان مليو، جنهن ۾ سنڌ جو صوبو سيني کان اڳرو هو.

ٻولي ۽ ادب:

عربن کان اڳ سنڌ ۾ کهڙي ٻولي ڳالهائي ويندي هئي، ان لاءِ تحقيق سان ڪجهه نه ٿو چئي سگهجي. پر عرب ليکڪن جي بيانن مان ظاهر آهي ته سنڌ ۾ سمنڊ کان وٺي ملتان تائين سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي هئي. هاڻوڪي ڪوجنا مان ثابت ٿو ٿئي ته پراڪرت جي بگڙيل شاخ، جنهن کي

اُپيرمشا جو نالو ڏنل هو. سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي هئي ۽ ان جون هي خصوصيتون هيون:

(1) "ر" جي گنجائش
(2) "ر" کي جملي جي ميل ۾ ٻيو نمبر ڏيڻ
(3) حرف صحيح جي استعمال ۾ اصلي ۽ نرم ڪيل آواز
(4) فاعليءَ جي صيغي ۾ عدد واحد لاءِ ـُ (پيش) جو استعمال ۽ اضافت جي صيغي ۾ لفظ جي پڇڙيءَ طور س جو استعمال
(5) ٻوليءَ ۾ اچار ۾ بحر وزن جو عمل.[41]

ٻڌايو ويو آهي ته اها ٻولي اپيراس رائج ڪئي ۽ ان کي سنڌيا پاشا جو نالو ڏنل هو. جنهن جي معنيٰ آهي شفق جي ٻولي. ايف، ايڊگرٽن جي خيال موجب انهيءَ جو صحيح نالو سنڌا پاشا هو. جنهن جو مطلب نشانين واري يا ارادي سان ڳالهايل ٻولي. اپيرمشا جي اکري معنيٰ آهي بگاڙيل، يا ڪريل. پر شاعرن ڪڏهن به ان کي ائين نه سمجهيو ۽ اهي انهيءَ کي ديسي ٻوليءَ جو نالو ڏيندا رهيا، جنهن جي معنيٰ آهي ديس جي ٻولي.

مذهبي حالتون:

سنڌ ۽ هند جا ماڻهو ڪيترن ئي مذهبي فرقن ۽ جماعتن ۾ ورهايل هئا. ابن نديم جو چوڻ آهي ته هندو ٻڌ، وٽن تٽن ۽ جانورن جي پوڄا ڪندڙ مابعي ۽ ٻيا ڪيترائي فرقا آزادي سان پنهنجي پنهنجي نموني جي پوڄا ڪندا هئا. سنڌ ۾ وڏو تعداد ٻڌ مذهب وارن جو هو جي ٻڌ جي بت جي پوڄا ڪندا هئا. انهن ۾ ڪيئن فرقا هئا. جن مان هڪ فرقو ٻڌ کي خدا جو مظهر تصور ڪندو هو ۽ ٻيا ان کي پيغامبر تصور ڪندا هئا. ٻڌ جو بت ماڻهوءَ وانگر ٺهيل هو. ڪرسي تي ويٺل، سندس منهن مان مشڪ نظر ايندي هئي. سندس هٿ جون آڱريون اهڙي نموني ٺهيل هيون، جڏهڪ 32 ڳٽي رهيو آهي. ٻيو وڏو گروپ هندن جو هو جن کي مها ڪاليه سڏيو ٿي ويو. اهي شيطان جهڙي هڪ بت جي پرستش ڪندا هئا. اهو بت رنگ جو نيرو ۽ ان کي چار هٿ، ڊگها ڏند ۽ اگهاڙو پيٽ هوندو هو. سندس پٺ هاٿيءَ جي کل سان ڍڪيل هئي، جنهن مان رت وهندو رهندو هو. سندس جيڪي چار هٿ هئا،

انهيءَ مان هڪ ۾ نانگ، ٻئي ۾ ڏنبو. ٽئين ۾ ماڻهوءَ جي مُنڊي ۽ چوٽون خالي پر مٿي ڪجيل هو. انهيءَ بت جي مٿي تي ڪوپرين جو تاج ۽ ڳچيءَ ۾ ڪوپرين جي تسبيح يا هار پيل هو. ان جا پوڄاري انهيءَ اعتقاد جا هئا تہ مها ڪالي وڏي طاقت جو مالڪ آهي، جو ڏکي وقت ۾ ڪين وڏي مدد ڪندو آهي.[42]

ٽيون مذهبي فرقو دنا ڪتيا (آدتڪيا) وارن جو هو جي سج جي پوڄا ڪندا هئا. سج جو بت چئن گهوڙن واري گاڏيءَ تي رکيل هو ۽ ان جي هٿ ۾ روشني ڏيندڙ ائٽم رکيل هو. انهن جو چوڻ هو تہ سج خلا جو بادشاهہ آهي، ان ڪري سڀ ملائڪ ان جي حڪم ۾ آهن ۽ سج جا پوڄاري دهلن ۽ دمامن سان انهيءَ بت جي چوڌاري طواف ڪندا هئا. چندر پڳٽيہ وري چنڊ جي پوڄا ڪندا هئا ۽ انهن جو نمونو بہ اهو ساڳيو ئي هو. البت اهي روزا گهٽا رکندا هئا. چوڏهين تاريخ چنڊ جي کان سندن ورت شروع ٿيندو هو ۽ اهو نئين چنڊ تائين وڃي پورو ٿيندو هو. انشيٽا، ڪرنتيا، گنگا ياترا ۽ احمريا وغيره بہ ننڍي کنڊ جا مذهبي فرقا هئا. انشينا، ڪاڏي پيتي کان پري رهندا هئا. ڪرنتيا وري نفس کي مارڻ لاءِ پاڻ کي زنجيرن ۾ ٻڌي ڇڏيندا هئا. اهي هڪ ننڍي لانگوٽي (لنگ) کان سواءِ ٻيو ڪي بہ ڪين پهريندا هئا ۽ اکيلائي ۾ گذاريندا هئا. پنهنجي فرقي جي ماڻهن کان سواءِ اهي ٻئي ڪنهن سان بہ ڪونہ ڳالهائيندا هئا ۽ اتي وهنجڻ، کي وڏي عبادت سمجهندا هئا. ڇاڪاڻ تہ سندن خيال هو تہ گنگا ۾ وهنجڻ ماڻهن جي گناهن کي ڏوبو ڇڏي. احمريا وري بادشاهہ کي پوڄيندا هئا ۽ پاڻ کي انهن تان قربان ڪرڻ کي عبادت سمجهندا هئا. اهي دنيا جي خوشين کان ۽ عورتن جي سنگت کان پري رهندا هئا.[43]

ايران جي مشهور جاگرافي جي ماهر ۽ سياح ابن خرداذبہ جو ٽين صدي هجري جو آهي ۽ جنهن ننڍي کنڊ جي ڪناري وارن ملڪن جو سير ۽ سفر پڻ ڪيو هو ٻڌائي ٿو تہ ننڍي کنڊ جا ماڻهو چاليهن مذهبي فرقن ۾ ورهايل آهن. جن مان ڪي اهڙا آهن جن جو خدا ۽ ان جي پيغمبرن ۾ ايمان آهي. ٻيا اهڙا بہ آهن جي خدا کي تہ مڃين ٿا، پر پيغمبرن لاءِ انهن کي انڪار آهي. پر اهڙن ماڻهن جو وڏو تعداد آهي جي نہ تہ خدا کي ٿا مڃين ۽ نہ وري پيغمبرن کي. فقط ڪن منترن ۾ انهن جو ايمان آهي. منترن لاءِ سندن چوڻ

هو تہ انهن جي پڙهڻ سان خوشحالي ملي سگهي ٿي ۽ بيمارين ۽ نياڳ مان نجات ملي سگهي ٿي.[44] ابن خردازبہ جي بيان جي تصديق مطهر بن طاهر المقدسي پڻ ڪئي آهي جو چوٿين صدي هجري جو سياح هو. مطهر ٻڌائي ٿو تہ ننديي کنڊ جي ملڪ جا ماڻهو 900 فرقن ۾ ورهايل هئا، پر ڪيس فقط نوي فرقن جي خبر آهي. اهي نوي فرقا، 42 مذهبن مان نڪتل آهن، جن جو ننديي کنڊ ۾ زور هو. پر بہ فرقا سيني ۾ زور هئا. يعني تہ برهمڻ ۽ شمني، برهمڻ فرقو هندن جي پوڄاري طبقي جو هو ۽ شمني وري ٻڌ مذهب جا پوڄاري هئا ۽ طوطميت ڏانهن مائل هئا.[45]

هندو برهمڻن جو فرقو ٽن جماعتن ۾ ورهايل هو، جن مان ڪي خدا جي وحدانيت جا قائل هئا ۽ پيغمبرن ۾ بہ انهن جو ايمان هو. ٻيا وري انسان جي اندر خدا جي حلول جا قائل هئا. يعني تہ اوتارن کي مڃيندا هئا. سندن ٽيون فرقو پيغمبرن کي ڪو نہ مڃيندو هو، پر جزا ۽ سزا جي اصول ۾ سندن اعتقاد هو. تناسخ (ٻي جوڙ) ۾ تہ هندن توڙي ٻڌ مذهب وارن جو ايمان هو. ٻڌ شمني پڻ تناسخ کي مڃيندا هئا، پر رسولن ۾ انهن جو اعتقاد ڪونہ هو. خدا جي باري ۾ بہ انهن جو اعتقاد منڊل نموني جو هو. ڇاڪاڻ تہ سندن چوڻ هو تہ انسان کي اندر جي روشني فقط پاڻ کي فنا ڪرڻ ۽ تڪليفن سان ملي ٿي. ان ڪري ڪنهن بہ خدا جي پوڄا ڪرڻ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي. ٻڌ مذهب وارا مهاتما ٻڌ کي خدا تصور ڪندا هئا. ٻيا ان کي خدا جو موڪليل نبي سمجهندا هئا.[46]

برهمڻ ۽ شمني کان سواءِ ٻيا بہ ڪيئن مذهبي فرقا موجود هئا، جن ۾ ناشتيا، پانيوزيا، دامنيا، مسفداح، جلهڪيا مشهور هئا. ناشتيا ماهہ جي پوڄا ڪندا هئا. قتل ڪرڻ ۽ شراب پيئڻ کان پرهيز ڪندا هئا. اهي ڪٿون جي پوڄا پڻ ڪندا هئا ۽ گنگا کي اُڪرڻ گناهہ سمجهندا هئا. پاپوزيا بتن جي پوڄا ڪندا هئا ۽ دنيا جون سڀ خوشيون ماڻيندا هئا. هن فرقي جي هڪ شاخ، جنهن جو نالو ڪبالليا هو، شو مهراج جي پوڄا ڪندا هئا. انهن شو جو بت انسان جي عضوي تناسل وانگر ٺاهيو هو.[47] ۽ زناني عضوي کي بہ ان سان گڏ رکي عبادت ڪندا هئا. فقط هڪ فرقو دامنيا، جو خدا ۽ ان جي پيغمبر ۾ ايمان هوندو هو. رشيڪيا وري گهٽو وقت جهنڊ هڻي عبادت ۾

مشغول رهندا هئا يا جهنگ منهن ڪري وڃي مونن ۾ منهن وجهي ڪري خالق کي ياد ڪندا هئا. اهي گوشت يا ٻاهه تي پڪل شيءِ ڪونه کائيندا هئا. ميوو ۽ پاڇيون سندن خاص کاڄ هو. مفسد فرقي وارا پنهنجي بدن کي لوهه جي زنجيرن ۽ شيخن سان ٻڌي ڇڏيندا هئا. انهيءَ لاءِ ته متان گهٽي علم سبب سندن بدن جا حصا ڦاٽي نه پون. انهيءَ فرقي جي هڪ شاخ مها ڪاليه وري ڪالي ديوي جي پوڄا ڪندا هئا، جنهن جي پٺي تي هاٿي جي ڪل رکيل هوندي هئي ۽ انساني کوپڙين جو تاج سندن مٿي تي رکيل هو. هر ڪنهن قسم جي قرباني جو رواج هو. پر ماڻهن جي قرباني منجهن عام هئي. جلهڪيا فرقي وارا پاڻيءَ جي پوڄا ڪندا هئا. ڇاڪاڻ ته انهن جو اعتقاد هو ته پاڻي زندگيءَ جو بنياد آهي ۽ سڀ جاندار ۽ انسان پاڻيءَ مان پيدا ٿيا اهن. اڪتاهوتريا ٻاهه جي پوڄا ڪندا هئا، پر پنهنجي مڙدن کي ڪونه پورييندا هئا.[48]

آپگهات رستي پنهنجو پاڻ کي ناس ڪرڻ کي همٿايو ويندو هو. ڇاڪاڻ ته انهيءَ کي ئي نجات جي واٽ سمجهيو ويندو هو. آپگهات جو بهترين نمونو ٻاهه جي رستي پاڻ کي ساڙڻ جو هو. ڇاڪاڻ ته ٻاهه جي رستي ساڙڻ سان روح بلنديون اختيار ڪري ٿو ۽ خاڪي زندگي مان انهيءَ کي ڇوٽڪارو ملي ٿو. ٻاهه جي رستي پاڻ کي ساڙڻ جا ڪيئن طريقا هئا. ڪي ڪڏون کوٽي، انهيءَ ۾ ٻاهه ٻاري پاڻ کي ان ۾ اُڇلائيندا هئا يا ماڻهن کي چوندا هئا ته کين ڏکو ڏين. ٻيا وري ڇيٽا گڏ ڪري وڏو ڍڳ ٺاهيندا هئا ۽ پاڻ انهيءَ جي وچ ۾ بيهي ان کي ٻاهه ڏيندا هئا. اهي پنهنجي جاءِ تان ذرو به ڪونه چرندا هئا، جيستائين سڙي خاڪ نه ٿي وڃن. ڪيترائي ماڻهو پنهنجي مٿي تي کونڊر ۽ سرس جو وڏو ڍڳ ٻڌي، پوءِ ان کي ٻاهه ڏيندا هئا. ائين ڪرڻ ڪري سندن مغز ۽ اکيون وگهري ٻاهر نڪري ايندا هئا ۽ هو تڙپي مري ويندا هئا. ڪي ماڻهو زمين ۾ چرون کوٽي ان کي تيل، رنگ ۽ لوبان سان پري ان کي ٻاهه ڏيندا هئا. جڏهن اهي چرون ٻاهه ۽ تو جي ڪري ڳاڙهيون ٿي ويندیون، تڏهن ڪيترائي ماڻهو گڏجي ان ۾ ٽپ ڏيندا هئا ۽ سڙي پسم ٿي ويندا هئا. ڪي وري وڏا پٿر ٻاهه ۾ گرم ڪري پيٽ تي رکندا هئا، جنهن سبب سندن آندا وات ۽ ڳچيءَ مان ٻاهر نڪري ايندا هئا. ايڏا به

ڪي اهڙا هئا، جي درياء جي ڪپ تي باهين جا مچ ٻاريندا هئا، پوءِ هڪ تپ باهه ۾ ڏيندا هئا ۽ ٻيو تپ پاڻيءَ ۾ جيستائين مري نه وڃن. اهو به منجهن اعتقاد هو ته جيڪو ماڻهو باهه ۽ پاڻي جي وچ ۾ مري ويو ان کي مڪتي (نجات) حاصل نه ٿي سگهندي[49] *

حوالا ۽ حاشيا

(1) فتوح البلدان، ص 441، چچ نامو ص85، 86، 87.
(2) گزيٽير آف سنڌ (هيوز)، ص 23,24
(3) هيونتسيانگ، ڪتاب نمبر 4، ص 151.
(4) چچ نامو ص 16.
(5) ايضاً، ص 19.
(6) ايضاً، ص 26.
(7) ايضاً، ص 15.
(8) ايضاً، ص 42.
(9) ايضاً، ص 17، 18، 19.
(10) ايضاً، ص 64، 65.
(11) ايضاً، ص 16.
(12) ايضاً، ص 204، 238.
(13) آئين اڪبري، ص 555.
(14) گزيٽير آف سنڌ (هيوز)، ص137.
(15) چچ نامو ص 183.
(16) مروج الذهب، جلد 3، ص 17.
(17) ڪلاسيڪل ايج، ص 362.
(18) ڪلاسيڪل ايج، ص 363.
(19) ڪلاسيڪل ايج، ص 364.
(20) سلسلة التاريخ، ڪتاب پهريون، ص 54.
(21) ڪتاب بدوالتاريخ، جلد 4، ص 12.
(22) ڪتاب الهند، ص 281.
(23) ويدڪ ايج، ص 388.
(24) المسالڪ والممالڪ (ابن خردازبه)، ص 71.
(25) ويديڪ ايج، ص 387.
(26) ايضاً، ص 387.
(27) چچ نامو ص 207

(28) ڪلاسيڪل ايج، ص 571، 572
(29) فخر السودان، ص 81.
(30) سلسلة التاريخ، ڪتاب 3، ص 55.
(31) فخرالسودان، ص 81.
(32) سلسلة التاريخ، ڪتاب 3، ص 56.
(33) ڪتاب البلدان ص 12، سلسلة التاريخ، ڪتاب پهريون، ص 57.
(34) سلسة التاريخ، ڪتاب 2، ص 120.
(35) ڪتاب بدوالتاريخ، جلد 4، ص 17.
(36) سلسلة التاريخ، ڪتاب 2، ص 81.
(37) ڪتاب الهند، ص 284.
(38) ڪتاب الهند، ص 283
(39) معجم البلدان، جلد 7، ص 137.
(40) ارلي هسٽري آف انڊيا (سمٿ)، ص 10
(41) امپيريل ايج (ڪنوج)، ص 215.
(42) الفهرست، ص 487.
(43) الفهرست، ص 488.
(44) الفهرست، ص 490.
(45) المسالڪ والممالڪ، ص 71، 72.
(46) ڪتاب بدوالتاريخ، جلد4، ص 10.
(47) ڪتاب بدوالتاريخ، جلد4، ص 19.
(48) ڪتاب بدوالتاريخ، جلد4، ص 14.
(49) ڪتاب بدوالتاريخ، جلد4، ص16.

(هي مضمون ڪتاب "سنڌ _ عرب دور" صفحو 107 کان 132 ڇپيندڙ سنڌي ادبي بورڊ تان کنيل آهي).

سنڌ جو حاڪم راءِ گھراٹو

ميرعليشير قانع ٺٽوي

جاٹڑ گھرجي تہ مٿي لکيل موجب، جڏھن سنڌ جو ملڪ، "سنڌ" جي نالي پنيان سڏيو ويو ان ڏانھن منسوب ٿيو تہ ھن جو اولاد، ھڪ ٻئي پويان انھيءَ ملڪ ۾ حڪومت ڪندو رھيو ۽ انھن مان ڳاٽيٽي کان ٻاھر قومون پيدا ٿيون، جن جو ڪتابن ۾ بيان ڪونہ ٿيو آھي. مثلاً: "نبيۃ"[1]، "تاڪ" ۽ "موميد"[2] قومون، واري واري سان حڪومت ڪنديون رھيون. انھن جو تفصيل پڻ معلوم نہ ٿي سگھيو. تنھن ڪري، پوئين ۾ پوئين طبقي "راءِ گھراٹي" جي بيان کان شروع ٿو ڪجي، تنھن کان پوءِ ٻين قومن جو بيان ڪيو ويندو.

ھنن جو تختگاھ "الور" جو شھر ھو. ملڪ جون حدون، اپرندي کان ڪشمير ۽ قنوج، الھندي کان مڪران ۽ عربي سمنڊ جي ڪناري يعني ديبل بندر، ڏکڻ کان سورت بندر ۽ اُتر کان قنڌار، سيستان، سليمان جبل، ڪردان ۽ ڪيڪانان تائين ھيون.

جنھن صورت ۾ ھن گھراٹي جي ابتدا پڪيءَ طرح معلوم نہ آھي، تنھن ڪري جيڪي نالا معلوم ٿيا آھن، انھن جي ٿوري بيان تي اکتفا

ڪجي ٿي. "راءِ ديورائج" عاليشان بادشاھ ھو. مٿين حدن ۾ سندس حڪومت مستقل طور ھلندڙ ھئي. ھندستان جا سڀ بادشاھ، سندس مخلص ۽ خيرخواھ ھئا. ڄاٽو ڪامورن جي ھٿ ھيٺ ساري ملڪ ۾ ڪاروبار دل گھرئي نموني ٿي ھليو. سندس مرڻ تي، ھن جو پٽ "راءِ سيھرس"، تخت ۽ تاج جو مالڪ ٿيو. ۽ پيءُ واري رستي تي گھٽو وقت عيش ۽ آرام ۾ زندگي گذاري. تخت کان تختي (غسل ڏيارڻ جو تختو) ڏانھن روانو ٿيو (مري ويو). کانئس پوءِ، سندس نالير فرزند "راءِ ساھيسيءَ" حڪومت جي گاديءَ ۽ بادشاھيءَ جي تخت تي مرادون ماڻي. ڪيترو عرصو گذاريو ۽ وڏن واريون رسمون چڱيءَ طرح جاري رکيون. انھيءَ کان پوءِ سندس پٽ "راءِ سيھرس "ٻيو" جاءِ نشين ٿيو. ھن تي نيمروز جي بادشاھ ڪاھ ڪئي. انھيءَ خبر ٻڌڻ شرط، ھن ڪيچ جي حدن وٽ سندس سامھون ٿي،[5] ، لڙائيءَ جو ميدان سينگاريو. صبح کان منجھند تائين جنگ جي باھ پڙڪندي رھي. اوچتو سندس نڙيءَ ۾ تير وڃي لڳو ۽ ساھ ڏنائين. نيمروز جو بادشاھ، سندس لشڪرگاھ لٽي پوئتي موٽي ويو. سيھرس جي لشڪر گڏ ٿي، سندس پٽ ساھيسيءَ کي تخت تي وھاريو. "راءِ ساھيسي"، "ٻيو "، وڏن کان ٻہ وڏيڪ وٽندڙ عادتن جو مالڪ ھو. ۽ ٿوري ئي وقت ۾ بادشاھيءَ جي حدن جو بندوبست ڪري، تختگاھ ۾ آرام سان رھڻ لڳو ۽ دل جي عيوض رعيت کي ڇھن قلعن: اُڇ، ماٽيلو سيورائي، مؤ الور ۽ سيوستان جي زمين، مٿيءَ سان پرڻ جو حڪم ڏنائين.

چون ٿا، تہ ھن وٽ "رام" نالي ھڪ سيڪريٽري، ۽ "ٻڌيمن" نالي ھڪ وزير ھو. ھڪ ڏينھن "سيلائج" نالي ھڪ مشھور برھمڻ جو پٽ "چچ" نالي، رام سيڪريٽريءَ وٽ لنگھي آيو. سندس صحبت کان سيڪريٽري ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس وزير تائين پھچايائين. اتفاقاً، چچ جي خاص ملازم بنجڻ کان ٿورو وقت پوءِ وزير بيمار ٿي پيو ۽ ھوڏانھن، ٻاھران آيل ڪن خطن جي پڙھڻ لاءِ، راءِ جو سڏ ٿيو. جيئن تہ (وزير) انشاء جي فن ۾ چچ جي ڪامل مھارت ڏسي چڪو ھو، تنھن ڪري ھن کي پنھنجي پاران موڪليائين. راجا محلات ۾ اندر ھو ۽ چچ کي اندر سڏيائين. راجا جي زال، راڻي "سوھنديءَ" پڙدي ۾ ويڙھ گھريو. پر ساھسيءَ چيو تہ برھمڻ کان ڪھڙو پڙدو

آهي؟[3]" برهمڻ (چچ)جي اندر اچڻ کان پوءِ، ساهسي هن جي فصاحت بلاغت کان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس جوابن لکڻ جو حڪم ڪيائين، ۽ جڏهن راجا وٽ سندس انشاء پردازيءَ ۾ ڪمال ثابت ٿيو، تڏهن حڪم ڪيائين، ته "اڄ کان پوءِ پرائيويٽ سيڪريٽريءَ جو عهدو کيس ڏنو وڃي، جيئن محلات ۾ اندر اچي ضروري سوال جواب ڪندو رهي." انهيءَ وچ ۾ راڻيءَ جي دل چچ ڏانهن مائل ٿي، ويجي بي اختياريءَ جي حد کي پهتي، وصال لاءِ ڪيترائي پيغام موڪليائين، پر چچ نه قبوليا. نيٺ چچ جو ڪاروبار ترقي ڪري ويو ۽ ننڍا وڏا، سندس احسان ۽ قابليت جا ممنون ٿي پيا. اتفاقاً، بخت جي ياوريءَ سان، راءِ ساهسي موت جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿيو. راڻيءَ چچ کي گهرائي چيو، ته "راءِ جو حال اجهو اهو آهي، کيس ڪو به فرزند ڪونه آهي، ضرور سندس مائٽ ملڪ جا وارث ٿيندا، جي توکي ۽ مون کي ڪين ڇڏيندا، (تنهن ڪري ارادو اٿم) ته ڪو حيلو هلايان، جيئن راجائي توکي ملي وڃي." چچ جي قبول ڪرڻ تي، راڻيءَ اميرن کي پيغام موڪليو، ته "راءِ ساهيسيءَ کي ڪجهه افاقو ٿيو آهي، ليڪن ٻاهر نڪرڻ جي طاقت ڪانه اٿس. هوڏانهن ڪيترا ڏينهن گذري ويا آهن، جو ملڪن جو سوال جواب مهمل رهندو ٿو اچي. تنهن ڪري هن وقت حڪم ڪيو اٿس، ۽ پنهنجي مهر چچ جي حوالي ڪئي اٿس، ته سندس ياران تخت تي ويهي، نائب جي حيثيت ۾ ملڪ جو ڪاروبار هلائي. توهان سڀ حاضر ٿيو." حڪم جي تابعداري ڪري، سيني اميرن ۽ مکيه ماڻهن حاضر ٿي چچ جو سلام ڪيو، ۽ (سندس اڳيان) گوڏا کوڙيا. جلد ئي ساهيسي (6) گذاري ويو. راڻيءَ پهريائين، ته اهو بندوبست ڪيو، جو سندس مڙس جي وفات جي خبر ڪنهن کي به ڪن ڪانه پيئي. پوءِ (راءِ جي) انهن ويجهن عزيزن کي، جيڪي ملڪ جا دعويدار هئا، هڪ هڪ ڪري وصيت جي بهاني سان گهرائي قيد ڪيائين، تنهن کان پوءِ مسڪين مائٽن کي گهرائي چيائين ته "ملڪ جي دعويدار سردارن کي، توهان لاءِ قيد ڪيو اٿم. توهان مان هر هڪ کي گهرجي، ته قيد خاني ۾ وڃي، جنهن کي پنهنجو حريف سمجهي، انهيءَ کي ڪُهي ڇڏي، ۽ وڃي سندس گهر تڙ ۽ عهدي تي متصرف ٿئي، چچ جي تابعداري قبول ڪري، جيئن ڪيس سموريون مرادون حاصل ٿين." سُڃن مائٽن، هن کي

غنيمت سمجھي، هڪدم ائين ڪيو. تنهن کان پوءِ هرهڪ کي گھرائي، نوازي، ڇڄ جي حوالي ڪيائين، ۽ مڙس جو لاش ٻاهر ڪڍي ساڙيائين.

هنن مٽين پنجن راجائن جي حڪومت جو عرصو، هڪ سؤ ستٽيهه سال لکيو اٿن. تنهن کان پوءِ برهمڻن جي حڪومت شروع ٿي.

برهمڻ (حاڪمن) جو طبقو:

انهن مان پهريون، "چچ بن سيلائج" هو. چچ جنهن وقت مٿئين نموني سان ملڪ جو پهريون وارث ٿيو، تڏهن راڻيءَ جي چوڻ موجب خزانن جو دروازو کولي، عام خاص ماڻهن کي احسان جي دام ۾ ڦاسايائين، اتي راڻيءَ، هن جو ڪم خاطريءَ جهڙو ڏسي، مڪيہ برهمڻن ۾ اميرن کي سڏي چيو، تہ "مون کي چچ تي حلال ڪريو" [4]، جنهن تي هنن دستور موجب هن کي چچ جي نڪاح ۾ آندو. هيءَ خبر ٻڌي، ساهسيءَ (راءِ) جو هڪ عزيز، "راڻو مهرت" چيتوري [5]، بيشمار لشکر وٺي اچي جيسلمير [6] وٽ پهتو ۽ چچ ڏانهن خط لکيائين، تہ "برهمڻن جو حڪومت ۾ بادشاهيءَ سان ڪهڙو واسطو؟ توکي پاڻ تي رحم ڪري، حڪومت تان دستبردار ٿيڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان، توکي تنهنجي اڳئين عهدي تي قائم رکيو ويندو." چچ مونجهو ٿي راڻيءَ وٽ ويو ۽ وڃي چيائينس تہ "طاقتور دشمن اچي پهتو آهي، هاڻي ڪهڙي صلاح آهي؟" راڻي چيو "جنگ جي صلاح مرد ڄاڻندا آهن. جيڪڏهن منهنجي جاءِ تي ويهي رهين، ۽ پنهنجا ڪپڙا لاهي مون کي ڏين، تہ آءٌ وڃي ٿي دشمن کي منهن ڏيان." (هيءُ ٻڌي) چچ شرمندو ۽ متاثر ٿيو، تنهن تي راڻيءَ دلداري ڏيئي چيس، تہ "خزانو تنهنجي هٿ ۾ آهي، فتحمند ٿيڻ لاءِ نئين سر لشکر جون دليون وٺ". چچ هڪدم لشکر تيار ڪرڻ کي لڳي ويو ۽ بيشمار پئسو خرچ ڪري تيار ٿيو. ايتري ۾ راڻو مهرت اچي "اروڙ" جي پسگردائيءَ ۾ پهتو. جڏهن ٻئي ڏريون هڪ ٻئي جي سامهون ٿيون، تڏهن راڻي مهرت اڳتي وڌي اچي چيس، تہ "لڙائي تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ آهي، پوءِ (ٻي) دنيا ناحق ڇو برباد ٿئي؟ اڄ تہ ٻئي پاڻ ۾ زور آزمايون". چچ جواب ڏنو تہ "مان برهمڻ ماڻهو آهيان، سوار ٿي جنگ ڪرڻ کانہ اچيم، (گهوڙي تان) لهہ تہ مقابلو ڪريون". راڻي مهرت گهوڙي کي چڏي ڏنو.

(هوڏانهن) چچ پنهنجي سيس کي چيو ته "آهستي آهستي، گهوڙو مون وٽ پهچائج". راڻو مهرت هن نڱيءَ سان ناواقف هو سو گهوڙو ڇڏي، اچي سامهون ٽيو. چچ ڦڙتائيءَ سان گهوڙي تي چڙهي، هڪ ئي ڏڪ سان دشمن جو ڪم پورو ڪري ڇڏيو. راڻي جو لشکر شڪست کائي، ڦرجي پوئتي موٽيو ۽ چچ فتحمند ٿي اروڙ ڏانهن آيو. هيءُ واقعو هجرت نبوي عليہ الصلواة والسلام جي پهرئين سال جي لڳ ڀڳ آهي.

قصو ڪوتاه، راڻي مهرت تي فتح پائڻ کان پوءِ، چچ، ٻڌيمن وزير سان صلاح ڪري، پنهنجي پاءُ چندر کي نائب طور اروڙ ۾ وهاري، پاڻ (ملڪ جي) حدن مقرر ڪرڻ ڏانهن متوجهہ ٿيو. سيوستان جي حاڪم "متي"، سندس (7) اطاعت قبول ڪئي. برهمڻ آباد جي حاڪم "اگهم" لوهاڻي، سندس اڳيان سر تسليم خم ڪيو[7]. "سويس" عرف "سيويءَ" جي قلعي جي حاڪم، "ڪبي بن ڪاڪي" چني[8]، جنهن جي تختگاه جو نالو "ڪاڪا راج" هو، تنهن پڻ سويس قوم سميت تابعداري اختيار ڪئي. آخر چاليهہ سال ڪاميابيءَ سان پورا ڪري گذاري ويو.

ڪانئس پوءِ هن جو پاءُ، "چندر بن سيلائج" سندس قائم مقام ٿيو. سيوستان جي حاڪم متيءَ، قنوج جي راجا وٽ وڃي چيو ته "چچ مري ويو آهي ۽ سندس پاءُ سندس جانشين ٿيو آهي. جيڪڏهن توهان توجهہ ڪندا، تہ ملڪ آساني‌ءَ سان هٿ اچي ويندو." (اهو ٻڌي) هن پنهنجو پاءُ "بسايس" ساڻس گڏي روانو ڪيو. چندر هن خبر ٻڌڻ سان، دشمن جي مقابلي لاءِ ضروري تياري ڪئي. بسايس ۽ متو ڪجهہ وقت ملڪ ۾ هيڏي هوڏي ڊوڙيا، اروڙ تي حملو ڪري حيلا هلايائون، پر آخرڪار چارو نہ ڏسي، صلح ڪري موٽي ويا[9] چندر جي ڪاروبار تقويت ورتي. هو ست سال حڪومت هلائي، انين سال گذاري ويو.

انهيءَ کان پوءِ سندس پائٽيو، چچ جو پٽ "ڏاهر"، بادشاهيءَ جي تخت تي ويٺو ۽ پنهنجي پاءُ "ڏهرسين" کي، پنهنجي پاران برهمڻ آباد موڪليائين، جو وڃي اتي رهيو.[9] هڪ ڏينهن نجومين کان طالع بابت پڇا ڪيائين، جن چيس "تہ تنهنجي ۽ تنهنجي پاءُ جي طالع ۾ ڪابہ نحوست ڪانہ آهي، البتہ توهان جي پيٽ جي ويڌي، اهڙي ماڻهوءَ سان پڙهبي جو اروڙ

ءِ ملڪ جو وارث ٿيندو.“ تنهن ڪري هن ملڪ جي ڪسجي وڃڻ جي خوف کان حيلو ڪري، پيٽ پنهنجي نڪاح ۾ آندي، پر مباشرت (همبستري) کان پاسو ڪندو رهيو. سندس پاءُ ڏهرسين، هيءَ خبر ٻڌي ڪاوڙجي حملو ڪيو، پر اوچتو اروڙ ۾ پهچڻ تي ڦرڙين جي بيماريءَ وگهي گذاري ويو. ڏاهر هن کي ساڙي برهمڻ آباد ويو، ءِ سندس زال، جا اگهم لوهاڻي جي ڌيءَ هئي، تنهن کي پنهنجي نڪاح ۾ آندائين. هڪ سال اتي رهي، ڏهرسين جي پٽ ڇچ کي مقرر ڪري اروڙ ۾ آيو.[10] ءِ اروڙ جو قلعو جو هن جي پيءُ ڇچ اڏورو ڇڏيو هو، تنهن جي تعمير ڪرايائين، ءِ (پنهنجو اهڙو) دستور العمل بنائي ڇڏيائين، جو سياري جا چار مهينا برهمڻ باد ۾ گذارينڊو هو ءِ بهار جا چار مهينا اروڙ ۾ رهندو هو.[11] اهڙيءَ طرح اٺ سال گذريائين، ءِ آهستي آهستي ملڪ جو ڪاروبار دل گهرئي نموني تي ضابطي هيٺ آيو. انهيءَ ڪان پوءِ مشرقي حدن جو سير ڪري، ڪشمير جي حد تي سرحد جي نشانن واسطي، سرو جا ٻه وڻ وهاري موڪي آيو.[12]

علاقي عربن جي (ڏاهر سان) ملڻ جو احوال:

خبرن جي راوين هن طرح بيان ڪيو آهي، ته ”عبدالملڪ بن مروان“ جي خلافت جي زماني ۾، جڏهن ”حجاج“ ٻنهي عراقن[13] جي حڪومت حاصل ڪري، سندڻ ءِ هند ۾ اک وڌي، ءِ ”سعيد“ کي مڪران موڪليو. تڏهن هن (سعيد) اچي ”سفهوي بن لام“ حاميءَ کي قتل ڪيو، جنهن تي ”بني اسامه“[14] قبيلي جي عربن مان ”عبدالله بن عبدالرحيم“ ءِ ”محمد بن معاويه“ پاڻ ۾ صلاح ڪئي، ته ”سعيد، سفهويءَ“[15] کي، جو اسان جي ڪٽنب ءِ طرف جو هو، ناحق ڪُنو آهي (8)، تنهنڪري اتفاق ڪري انهيءَ جي پاڙ پٽڻ گهرجي.‘ انهيءَ فيصلي تي بغاوت ڪري، سعيد کي ماري مڪران تي متصرف ٿيا، پر ٿوري وقت کان پوءِ ڊڄي خراسان پڄي ويا. جڏهن ”مجاعه بن سعر“، خراسان فتح ڪرڻ لاءِ ڪرمان آيو، ءِ ”عبدالرحمان بن اشعث“ کي (اڳيرو) روانو ڪيائين، تڏهن علاقي هن کي رستي ۾ ڪُهي، سندڻ ڏانهن پڄي ويا، ءِ اچي ڏاهر وٽ پهتا. ڏاهر هنن کي، حڪومت جي ڪاروبار لاءِ غنيمت سمجهي، پاڻ وٽ رکيو. مٿيان علاقي، ”محمد بن قاسم“ جي اچڻ ءِ

سنڌ فتح ٿيڻ تائين اتي هئا، ۽ آخر امان نامون حاصل ڪري، اچي محمد بن قاسم سان مليا.[16]

قصو مختصر ـ هندستان جي ڪن بادشاهن، ڏاهر جي استقلال جي خبر ٻڌي، پاڻ ۾ صلاح ڪئي، ته "ڏاهر جي هن طرف رخ ڪرڻ کان اڳ ۾، لشکر وٺي ڏانهس وڃڻ گهرجي، ممڪن آهي، ته سندس ملڪ پڻ هٿ اچي وڃي." نيٺ راجائن جي صلاح سان، قنوج جو والي راجا "رنمل" لشکر وٺي، ڏاهر تي ڪاهي ويو ۽ وڃي اروڙ وٽ پهتو. راجا ڏاهر دشمن جي مقابلي کان عاجز ٿي، ٻڌيمن وزير سان صلاح ڪئي، هن چيس ته "جنگ جو فن، عرب چگهي طرح ڄاڻن، تنهن ڪري اهو بار انهن تي رک". ڏاهر سوار ٿي اچي محمد علاقيءَ کان مدد گهري. علاقيءَ وراڻيو، ته "تون دلجاءِ ڪري لشکر ٻاهر ڪڍي، هڪ فرسنگ (ٿي ميل) (جي مفاصلي) ۾ هڪ اونهي ڪاهي کوٽي، انهيءَ کي ڪکن سان ڍڪڻ جو حڪم ڪر. جيئن آءُ جيڪو به ويچار ڪريان، تنهن جو نتيجو مدعا موجب نڪري". نيٺ جڏهن راجا ڏاهر اهڙيءَ طرح (ڪم) تيار ڪيو، تڏهن محمد علاقيءَ سنڌين ۽ عربن مان پنج سؤ چونڊ ماڻهو پاڻ سان وٺي، راجا رنمل جي لشکر تي راتاهو ڏنو. سپاهي، بيخبريءَ جي حالت ۾ ننڊ مان جاڳي، (پهريائين ته) پاڻ ۾ جنبي ويا، ۽ پنهنجو ڪم پاڻ پورو ڪيائون. اتي پرهه ڦٽڻ وقت، محمد علاقيءَ کين ڏيکاري ڏيئي، پڇڻ جو نمونو اختيار ڪيو. هنن سمجهيو، ته اسان تي هيءَ مصيبت، هن ٿورڙيءَ جماعت آندي آهي، سو وٺي سندن پويان پيا ۽ وڃي کاهيءَ ۾ ڪريا. هاڻي ڏاهر پنهنجي فوج سميت سوار ٿي، ڪٽلن جي علاوه اسي هزار مرد ۽ پنجاهه هاٿي قيد ڪري، ٻڌيمن وزير جي صلاح تي مڙني کي آزاد ڪري ڇڏيو.[17]

جنهن صورت ۾، هيءَ فتح ٻڌيمن جي صحيح رهنمائيءَ ڪري ٿي هئي، تنهن ڪري ڏاهر مٿس ڏاڍي نوازش ڪري، سندس استدعا موجب، "تنڪ"[18] جي هڪ طرف تي سندس نالي چٽڻ جو حڪم ڏنو.

هن فتح کان پوءِ ڏاهر جو ڪم تمام زور وٺي ويو ۽ ڪيس سيني آس پاس جي بادشاهن تي غلبو حاصل ٿيو. انهيءَ غرور ۾ سندس سرڪشي ۽ هٿ وڌندو رهيو ۽ پنجويهه سال پيا به سرڪشيءَ سان حڪومت هلايائين،

جنهن جو نتيجو حڪومت جي زوال جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. جنهن جو بيان ٻين سببن سميت مذڪور ٿيندو.

سرانديپ جي ٻانهين جي قيد ٿيڻ جو احوال:

چون ٿا، ته سرانديپ جي بادشاهه، "يواقيت"[19] مان، خليفي ۽ حجاج لاءِ ڪي حبشي ٻانها ۽ ٻانهيون، گهڻن قميتي جواهرن ۽ عجيب (9) جنسن سان گڏ، (پنهنجن) اعتماد جوڳن ماڻهن هٿان اٽن ٻيڙين ۾ چاڙهي روانا ڪيا هئا. اتفاقاً عربي سمنڊ ۾ طوفان لڳڻ ڪري، اهي ٻيڙيون اچي ديول بندر کان ڦٽيون. ديول جي رهاڪو "نڪامره" قوم جي چورن، انهن سيني کي گرفتار ڪيو. سرانديپ جي بادشاهه جي خاص ماڻهن کين ڏاڍو سمجهايو، ته هي مسلمانن جي خليفي جون سوڪڙيون آهن، مگر هنن قبول نه ڪيو. ۽ چيائون، ته "توهان جو ڪو واهرو آهي، ته ڀاڙ ڪي وري خريد ڪريو." انهيءَ ٽولي ۾ ڪي مسلمان پاڪدامن عورتون پڻ، حج ۽ دارالخلافت ۽ حجاج جي زيارت ڪرڻ جي خيال سان، اچي مليون هيون، تن مان "هڪ بني عزيز" قبيلي جي عورت، ٽي دفعا بلند آواز چيو: "اغثني يا حجاج" (اي حجاج منهنجي واهر ڪر!) هيءَ ڳالهه وڃي حجاج کي ٻڌايائون: جڏهن ٻڌائين ته انهيءَ عورت ٽي دفعا "اغثني" پڪاريو آهي، تڏهن جواب ۾ "لبيڪ" چئي، تدارڪ جي پويان پيو.[20]

بديل[21] جي شهادت جي ڪيفيت:

حجاج بن يوسف، مسلمان قيدين جي تدارڪ واسطي، (هڪ پاسي) خليفي کي عرض ڪيو (ٻئي پاسي) هڪ قاصد ڏاهر ڏانهن موڪلي، ڪيس دڙڪو ڪڙڪو ڪيو. خليفي غفلت ڪئي، ۽ ڏاهر چيو، ته "مون کي ڪابه خبر ڪانهي، انهن کي چور ڪٽي ويا هوندا، جي منهنجي حڪم ۾ پڻ ناهن، وڃي توهان ڀاڙ سمجهو." هن جواب پهچڻ تي، حجاج دوباره خليفي جي خدمت ۾ عرض ڪري، اجازت ونڻي، "عبدالله سليمي" کي مڪران تي مقرر

ڪيو. ۽ "بديل" کي مڪران پهچي، تي هزار ماڻهو ونڻي، سنڌ ڏانهن وڃڻ جو حڪم ڏنو. بديل نيرون ڪوٽ ۾ پهچي، ديول جي طرف وڌيو. ڏاهر هيءَ خبر ٻڌڻ سان "جيسيہ" نالي پنهنجي پٽ کي گهڻو لشڪر ساڻ ڏيئي، ديول موڪليو. صبح کان شام تائين سخت لڙائي هلي، جنهن ۾ خوب حملن کان پوءِ بديل شهيد ٿي ويو. ۽ گهڻا مسلمان قيد ٿيا.[22]

چون ٿا، تہ بيرون ڪوٽ جي حاڪم، جنهن جو نالو "سمني" هو[23] تنهن کي اچي خوف ورايو. تہ "مان عربن جي لشڪر جي رستي تي آهيان. اڄ هنن (سنڌين) عربن سان دشمنيءَ جو رستو ڪوليو آهي، متان مان مفت وچ ۾ پامال ٿي وڃان." سو ڇا ڪيائين جو اعتماد جوڳا ماڻهو حجاج ڏانهن موڪلي، اطاعت قبول ڪري، امان نامو ونڻي ڇڏيائين.

(بديل جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ) عامر بن عبدالله، حجاج کي چيو. تہ "هيءَ مهم منهنجي حوالي ڪر تہ مان سنڌ ۽ هندستان وڃان." (حجاج) وراڻيو تہ "هيءَ سوپ تنهنجي نصيب ۾ ڪانہ آهي، مون نجومين کان معلوم ڪيو آهي، تہ سنڌ ۽ هندستان "محمد قاسم"[24] جي هٿان فتح ٿيندا." مطلب تہ جنهن صورت ۾ ڪافرن جي حڪومت جي ستاري جو زوال، ۽ هن سر زمين تي "دين محمديءَ" جي سج اپرڻ جو وقت اچي چڪو هو. تنهنڪري پهرئين واقعي کان سواءِ، وري هيءُ واقعو بہ "محمد قاسم" جي اچڻ جو سبب ٿيو. جنهن جو بيان عنقريب ابتدا کان ڪيو ويندو. هتي جيسيہ جي نالي جي مناسبت سان سندس ڄمڻ جي عجيب ڪيفيت جو بيان ڪجي ٿو.

چون ٿا، تہ هڪ ڏينهن، راجا ڏاهر شڪار ڪري رهيو هو. تہ اوچتو جهنگ مان هڪ شينهن ٻاهر نڪتو. اگرچ ماڻهو (سندس مارڻ لاءِ) ڊوڙيا، پر ڏاهر سيني کي منع ڪري پاڻ شينهن (10) جي لڙائيءَ لاءِ تيار ٿيو. سندس زال، جنهن کي جيسيہ ڏهن مهينن جو پيٽ ۾ هو. ۽ ساڻس ڏاڍي محبت هيس، هيءَ خبر ٻڌي، بي اختيار دانهن ڪري، زمين تي ڪري پيئي. آخر ڏاهر شينهن کي ماري، صحيح سلامت موتي اچي زال کي مڙل ڏنو. ۽ هن جو ٻار پيٽ ۾ چري رهيو هو. سندس حڪم تي هن (عورت) جو پيٽ ڦاڙي، ٻار کي ٻاهر ڪڍيائون ۽ سندس هيءُ نالو (جيسيہ) رکيائون، جنهن جي معنيٰ آهي 'شينهن جو شڪار ڪندڙ'[25] بيشڪ! هو وڏي ٿيڻ کان پوءِ بهادريءَ ۾ اهڙو

ئي ثابت ٿيو. جھڙو نالو ھئس.

اسلام جي لشڪر جو سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ اچڻ:

صحيح روايتن ۾ آيو آھي، تہ امير المؤمنين "عمر بن الخطاب" رضي الله تعاليٰ عنہ جي زماني ۾، جڏھن "عثمان بن ابي العاص"[26] ثقفي، بحرين تي مقرر ٿي اچي عمان پھتو، تڏھن لشڪر جا ڪي جھاز تيار ڪري، پنھنجي پاءُ "مغيره بن ابي العاص" سان گڏ، ديول تي چاڙھي موڪليائين. انھن ڏينھن ۾ چچ جي پاران سندس پاءُ "سامہ بن سيلائج"[27] اُتي حڪومت ڪري رھيو ھو. ھو اسلامي لشڪر سان جنگ ڪرڻ لاءِ ٻاھر نڪتو. آخر گھٽيءَ خود خرابيءَ کان پوءِ مغيره بن ابي العاص شھيد ٿي ويو ۽ گھٽي جماعت قتل ۽ قيد ٿي.

"ابو موسيٰ اشعري" رضي الله تعاليٰ عنہ، جو مڪران جو حاڪم ھو، تنھن ھيءُ حال خليفي کي عرض ڪري، تدارڪ لاءِ قدم کڻڻ چاھيو. پر کيس اوڏانھن لشڪر موڪلڻ کان منع ڪئي ويئي.

امير المؤمنين "عثمان" (بن عفان) رضي الله تعاليٰ عنہ جي خلافت ۾، "عبدالله بن عامر بن ربيعہ" مڪران جو حاڪم مقرر ٿيو. جنھن کي حڪم ٿيو تہ اعتماد جوڳا ماڻھو سنڌ ڏانھن موڪلي، احوال کان واقف ڪري. اُنھيءَ "حڪيم بن جبلہ" کي موڪليو. جنھن احوال معلوم ڪري، وڃي خبر ٻڌائي، تہ "پاڻي ميرو، ميوو ڪٿو ۽ قاتل، زمين پٿريلي، ۽ مٿي ڪلرائي آھي."[28] خليفي پڇيو تہ "اتي جا ماڻھو وفاداريءَ ۾ ڪيئن ڏٺئي؟" جواب ڏنائين تہ "غدار آھن"، تنھنڪري انھيءَ پاسي لشڪر موڪلڻ بند ڪيو ويو.

اميرالمؤمنين "علي" رضي الله تعاليٰ عنہ جي خلافت جي وقت ۾ ھڪ لشڪر مڪران کان لنگھي، ڪاميابيءَ ۽ فتحمنديءَ سان وڃي "ڪوه پايہ" ۽ "ڪيڪا نان" وٽ پھتو. جا سنڌ جي حد آھي. ويھ ھزار جابلو ماڻھو سندن جنگ لاءِ دڳ جھلي بيٺا. اسلام جو لشڪر تڪبير ھٽي اڳتي وڌيو. تڪبير جي غلغلي کان، ڪن ٻجي اچي امان ورتي، ۽ باقي پڇي ويا. انھيءَ وقت کان ونڊي، جنگ جي ڏينھن ۾، انھيءَ جبل مان تڪبير جو آواز ٻڌجڻ ۾ ايندو آھي. ايتري ۾ خليفي جي رحلت جي خبر پھتي، ۽ اڳتي وڃڻ ملتوي

ڪري، اهو لشڪر مڪران موڪي آيو.

جڏهن امير "معاويہ" رضي الله عنہ مستقل خليفو ٿيو تڏهن "عبدالله بن سوار" کي چار هزار ماڻهو ساڻ ڏيئي، سنڌ تي مقرر ڪيائين. تقديراً، هو ڪيڪانان جبل ۾ پهچي، ڪافرن (11) هٿان شهيد ٿيو. (اسلامي لشڪر) شڪست کاڌي ۽ باقي بچيل (ماڻهو) موڪي اچي مڪران پهتا.

انهيءَ وقت، امير معاويي جي طرفان "زياد" ٻنهي عراقن جو حاڪم هو، جنهن ڏانهن لکيائين تہ، " 'راشد بن عمرو'[29] کي سنڌ ڏانهن روانو ڪر". هن وڃي جبل جي دامن تي قبضو ڪيو ۽ اڳين پوئين ڀل وصول ڪيائين. اهڙيءَ طرح پوري انتظام ۽ بندوبست سان، ڪيڪانان کان اڳتي وڌي، "منڊر" جبل ۽ "بهروج" وٽ اچي پهتو. اتي جبل جا اٽڪل پنجاهہ هزار ماڻهو گڏ ٿي، گهٽ جهلي ٻيٺا، ۽ صبح کان ظهر جي نماز تائين، سخت لڙائي ڪيائون. راشد شهيد ٿي ويو ۽ اسلامي لشڪر کي شڪست آئي. انهيءَ (شڪست) جي تدارڪ لاءِ "سنان بن سلمہ"[30] انهيءَ مهم تي مقرر ٿيو. هو ڪيڪانان فتح ڪري اچي "بودهيہ" تائين پهتو، جتي نڱيءَ سان شهيد ٿيو. تنهن کان پوءِ "منذر بن جارود بن بشر" هن ملڪ جو حاڪم ٿيو، جو 'پورالي'[31] جي حد ۾ بيمار ٿي گذاري ويو. ايتري ۾ امير معاويہ وفات ڪئي ۽ "مروان" جي تخت نشينيءَ واري وقت ۾، ڪو بہ ماڻهو هن مهم کي سر ڪرڻ لاءِ ڪونہ اٿيو.[32] آخر جڏهن "عبدالملڪ" جو وارو آيو ۽ هن ٻنهي عراقن جي گورنري "حجاج" کي ڏني، تڏهن حجاج، مڪران ڏانهن "سعيد" (بن اسلم ڪلابي) کي موڪليو، جو تقديرا علاقين هٿان شهيد ٿي ويو. جيئن مٿي ذڪر ٿي آيو، حجاج علاقين کان ويڑ وڙڻ لاءِ "مجاعہ" کي ڪرمان روانو ڪيو، جنهن هڪ سال ڪرمان ۾ رهي، جان الله تعاليٰ جي حوالي ڪئي. انهن ڏينهن ۾ خليفو عبدالملڪ گذاري ويو ۽ "وليد" سندس جانشين ٿيو. حجاج سنڌ، هند ۽ علاقين مان هڪڙي کي ماري، پنجن مهينن اندر، مڪران ۽ آس پاس جي ڪن ملڪن کي دل گهرئي نموني سان ضابطي هيٺ آندو. انهيءَ کان پوءِ، "بديل" جي شهادت جو واقعو، جو گذري چڪو، سو حجاج جي اڳئين پوئين انتقام وڙڻ جو باعث ٿي، "محمد بن قاسم" ثقفيءَ جي اچڻ جو سبب ٿيو.

محمد بن ثقفيءَ جو سنڌ ۾ اچڻ ۽ اتي جيڪي فتحون ٿيون تن جو بيان:

بديل جي شهادت جي واقعي کان پوءِ، حجاج بن يوسف خليفي کي عرض ڪيو تہ "سنڌ ۾ سرڪش ماڻهو هن نموني پيش آيا آهن، تن جي تنبيهہ لاءِ حڪم اشرف جاري ٿئي، جيئن اڳين پوين مسلمان قيدين جي آزاديءَ جو تدارڪ ڪري، انهن ڪافرن کي سندس سرڪشيءَ جي واجبي سزا ڏني وڃي، ۽ ملڪ پنهنجي هٿ ڪيو وڃي". خليفي چيو تہ "ملڪ تمام پري ۽ ٿوريءَ پيدائش وارو آهي: انهيءَ لاءِ خرچ گهڻو گهرجي، ڪيترائي لشڪر وبندا ۽ تلف ٿيندا، تنهن ڪري انهيءَ پاسي کان تغافل اختيار ڪرڻ گهرجي." حجاج دوباره عرض ڪيو تہ "انشاءَ الله تعالي، دين محمديءَ جي تائيد ۽ اعانت سان، ڪافر جلد مطيع ٿي پوندا، ۽ مسلمان قيدي، جن کي ڊگهو عرصو گذري ويو آهي، آزاد ٿيندا ۽ هن لشڪر ڪشيءَ تي جيڪو خرچ ٿيندو، تنهن کان ٻيڻي ٽيڻي (12) لاءِ مان جوابدار آهيان." خليفي لاچار اجازت ڏني، جنهن تي حجاج جو سؤٽ ۽ نياڻو محمد بن قاسم (بن محمد) بن عقيل ثقفي، سترهن ورهن جي عمر ۾، مقرر ٿيو، شام ۽ عراق جا ڇهہ هزار چونڊ رئيس زادا[33] ساڻس گڏ روانا ڪيائون. هو شيراز ۾ پهچي تدارڪ لاءِ سوچڻ لڳو. هوڏانهن، حجاج پنج منجنيقون ۽ ٻيو قلع-ڪشائيءَ جو سامان، ٻيڙين ۾ رکي ابن مُغيره ۽ خريم[33] هٿان، هڪ چونڊ جماعت سميت موڪلي ڏنو جيئن ديول جي ڪناري تي وڃي ڪيس ملي.

قصو مختصر، محمد بن قاسم اڳيون پوئون لشڪر، جنهن ۾ جملي ڇهہ هزار گهوڙيسوار، ڇهہ هزار اُٺ سوار ۽ ٽي هزار بختي اٺ هئا، ساڻ ونئي مڪران روانو ٿيو. ۽ حجاج جي اشاري موجب "محمد بن هارون" پڻ، طبيعت جي هيٺائيءَ هوندي، بہ ساڻس همراهہ ٿيو. جڏهن "ارمن" ٻيلي ۾ پهتا، تڏهن محمد بن هارون[34] قضا الاهيءَ سان گذاري ويو. ۽ اتي ئي دفن ڪيو ويو.

چون ٿا، تہ انهن ڏينهن ۾، "جيسيہ" ولد ڏاهر نيرون جي قلعي ۾ هو، جنهن محمد بن قاسم جي اچڻ جي خبر پيئُ کي لکي. ڏاهر علاقين کان

صلاح پچي، جن کيس ٻڌايو ته "حجاج جو سؤٽ، زبردست لشکر سان پهچي رهيو آهي، خبردار! انهيءَ کي سامهون نه ٿج." خير، آخر محمد بن قاسم ارمن ٻيلو فتح ڪري، ديول ڏانهن روانو ٿيو. هوڏانهن ابن مغيره[35] ۽ خريم پٽ پنهنجي جماعت سميت، ديول جي ڪناري تي پهچي، اچي ساڻس رفيق ٿيا. محمد بن قاسم ديول جي آس پاس خندق کوٽائي ويٺو ۽ پنهنجي اچڻ جو احوال حجاج کي لکيائين.

چون ٿا، ته (انهن ڏينهن ۾) احوال ستن ڏينهن ۾ پهچندو هو: حجاج تکا ڊوڙندڙ ماڻهو هڪ ٻئي جي ڪيڙ اهڙيءَ طرح ڊوڙائيندو هو، جو سنڌ کان بغداد تائين (مفاصلو) ستن ڏينهن ۾ طئي ڪري، هڪ ٻئي کي روزانو خبرون پهچائيندا رهندا هئا.

چون ٿا، ته ديول جي قلعي ۾، هڪ چاليهه گز اوچو بتخانو هو. انهيءَ جي مٿان، چاليهه گز بلند هڪ گنبذ ٺهيل هو ۽ گنبذ جي مٿان هڪ چئن ريشمي بيرقن وارو جهنڊو لڳل هو.

(محمد بن قاسم جي پهچڻ تي) ڪافرن ڪنهن به خوف خطري کان سواءِ، ثابت قدم رهي، جنگ جو نغارو وڄايو. اهڙيءَ طرح کي ڏينهن[36] گذريا، ته هڪ برهمڻ قلعي مان نڪري اچي امانُ گهري، ۽ محمد بن قاسم وٽ حاضر ٿي چيو، ته "مون کي پنهنجي ڪتابن مان معلوم ٿيو آهي، ته هي ملڪ اسلام جو زبردست ٿيندو ۽ انهيءَ جو وقت هي آهي. اهو به يقين اٿم، ته انهيءَ جو فتح ڪندڙ تون ئي آهين، تنهن ڪري تنهنجي رهنمائي ڪرڻ آيو آهيان. اڳين، هن بتخاني جي جهنڊي ۾ هڪ طلسم ٻڌو آهي، جيستائين اهو نه پڇندو، تيستائين هيءُ قلعو هرگز فتح نه ٿيندو. پهريائين انهيءَ جي پيڇڻ جي تدبير ڪر". محمد بن قاسم انهيءَ تي ويچار ڪرڻ لڳو. "جعونه"[37] منجنيقيءَ چيو، ته "جيڪڏهن مون کي ڏهه هزار درهم انعام ڏيندا، ته مان شرط ٿو ڏيان، ته ضرور ٽن ڏڪن سان جهنڊي ۽ (13) گنبذ جو ڪم لاهي ڇڏيندس، نه ته منهنجو هٿ ڪپي ڇڏجو." محمد بن قاسم، حجاج کان اجازت ونڻ کان پوءِ هن کي منجنيق هلائڻ جو حڪم ڪيو. قدرت الاهيءَ سان جيئن چيو هئائين، تيئن، ٽن ڏڪن سان ڪم پورو ڪري ڇڏيائين. هاڻي اسلامي لشکر، صفون سنواري قلعي تي حملو ڪيو.

ڪافرن مجبور ۽ لاچار ٿي امان گھري. محمد بن قاسم فرمايو. ته "سپاهين کي امانَ ڪانهي." (اهو ٻڌي) قلعي جو سردار "جاهين ٻڌ"[38] قلعي جي پٽ تان ٽپو ڏيئي پڄي ويو ۽ قلعي وارن لاچار ٿي در کوليا. ٽي ڏينهن لڙائي جاري رهي، تنهن کان پوءِ مسلمان قيدين کي ٻاهر ڪڍيائون، گھٽو مال ۽ بي انداز خزانا غنيمت ۾ هٿ آيا. بتخانو جنهن کي ديول سڏيندا هئا، پڄي، اتي مسجد جو بنياد رکيائون.

"گيلو"[39] نالي هڪ ڪافر مسلمان قيدين جو محافظ هو. قيدين جي آزاد ڪرڻ تي معلوم ٿيو. ته هن سندن دلداري ڏيڻ ۾، ڏاڍيون سھٽيون ڪوششون ورتيون هيون، ۽ کين آزاديءَ ۽ اسلام جي فتح جي خوشخبريءَ سان خوش ڪندو رهندو هو. محمد بن قاسم کيس گھرائي، اسلام پيش ڪيو ۽ هو هڪدم مسلمان ٿيو. جنهن تي هن کي ڏاڍي عزت ۽ نوازش سان سرفراز ڪري، "حمدي بن وداع"[40] نجديءَ سان، اُتي جي حڪومت ۾ شريڪ بنايائين. پوءِ ديول جو دل گھريو بندوبست ڪري، منجنيقون ٻيڙين ۾ وجهي، "ساڪوره" نديءَ جي رستي، نيرون جي قلعي ڏانهن روانيون ڪري، پاڻ خشڪيءَ جي رستي اوڏانهن روانو ٿيو.

چون ٿا، ته ڏاهر جو پٽ جيسيہ، اڳي ئي نيرون ۾ موجود هو. ديول جي فتح جي خبر ٻڌڻ کان پوءِ ڏاهر هن کي گھرائي، برهمڻ آباد ۾ وهاريو ۽ سمني[41] نالي "ديول" جو اڳيون حاڪم، جو حجاج کان امان نامو ونڊي ڏن- پرو ٿيو هو. جيئن بديل جي شهادت (جي بيان) ۾ ذڪر ٿي چڪو. "ڏاهر وٽ هو. محمد بن قاسم آهستگيءَ سان، ستن ڏينهن جي عرصي ۾، اچي نيرون جي پسگردائيءَ ۾ پهتو. (اچي ڏٺائين) ته قلعي وارن ماڻهن، دروازا بند ڪري ڇڏيا آهن. اسلام جو لشڪر، آبڪلاڻيءَ جي موسم نہ هجڻ ڪري، پاڻي نہ ملڻ کان ڏاڍو تنگ ٿيو. محمد بن قاسم الله پاڪ جي درگاه ۾ مناجات ڪئي، هڪدم دل گھريو مينهن اچي لٿو ۽ انهيءَ زمين جا چشما ۽ حوض سڀ پاڻيءَ سان پرجي ويا. ايڏا گاهہ جي تنگي باقي هئي، ته خوش قسمتيءَ سان، سمني (پروهت) بہ پنجن ڏينهن کان پوءِ اچي نيرون ۾ پهتو. اعتماد جوڳن ماڻهن کي، امان جي پرواني سان، محمد بن قاسم جي خدمت ۾ موڪلي، چيائين ته "اطاعت گذار بندو آهيان، ۽ منهنجي نہ هجڻ ڪري، قلعي وارن

جيڪو در بند ڪري قصور ڪيو آهي، تنهن جي معافي ٿو گهران. جيڪڏهن ڪرم فرمائي، گناهه معاف ڪندا ۽ اهڙو يقين ڏيارينداَ، ته پوءِ اچي قدم بوسي ڪندس." محمد بن قاسم هن جي قاصدن کي واجبي ترغيب ڏيئي فرمايو "قلعي وارن جن دروازا بند ڪيا هئا، تن کي سزا ڏيڻ لازمي هئي، پر جنهن صورت ۾ انهن جي سفارش ٿو ڪرين، تنهن ڪري معاف ڪيوسين، اچي ملاقات ڪر (14) ۽ دروازا کول". سمني (پروهت) قلعي جو دروازو کولي، ڪُنجيون هٿ ۾ ڪٽي، لائق تحفن سان اچي قدمبوسي ڪئي ۽ انعام لهي، سڀ ضروري شيون پهچايون. تنهن کان پوءِ، اسلامي لشکر قلعي ۾ داخل ٿي، بتخانو ڀڃي، مسجد ۽ مناري جو بنياد رکي، بانگو ۽ امام مقرر ڪري، اتي جي نگرانيءَ لاءِ هڪ نائب (گورنر) متعين ڪري، سمنيءَ کي پاڻ سان وٺي، اڳتي روانو ٿيو. جڏهن نيرون کان ٽيهن ڪوهن[42] جي پنڌ تي، "موج" نالي هڪ جڳهه ۾ پهتا، تڏهن سمنيءَ سيوستان (سيوهڙ) جي حاڪم "بجهرا بن چندر" ڏانهن خط موڪليو[43] ته "اسان ناسڪ (پوڄاري) ماڻهو آهيون، اسان جي پر ۾ خونريزي ناجائز آهي. تون محلات ۾ ويٺو آهين، هيءُ عرب جو لشکر زور آور آهي، ڪنهن به ماڻهوءَ کي ساڻس مقابلي ڪرڻ جي طاقت نه آهي. توکي پنهنجي رعيت جي حال تي رحم کائي، تابعداري قبول ڪري، ٻاهر نڪري اچڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته محمد بن قاسم قول جو پڪو آهي، ائين ڪرڻ ۾ ئي فائدو آهي." "بجهرا" تابعداري قبول نه ڪئي، ۽ لڙائيءَ تي تيار ٿيو. جنهن ڪري اسلام جو لشکر اتان يلغار ڪري، اچي سيوستان جي قلعي وٽ پهتو. لڙائيءَ کي هڪ هفتو مس گذريو ته بجهرا عاجز ٿي، "ٻوڌيه[44] بن ڪاڪ بن ڪوتڪ" ڏانهن پڄي ويو، جو "سيسم" جي قلعي جو حاڪم هو. محمد بن قاسم، سيوستان جي قلعي ۾ لنگهه، قلعو پنهنجي قبضي ۾ آندو، ۽ جن ماڻهن کي سمني وٺي آيو هو، تن تي نوازشون ڪري، سيسم ڏانهن رخ رکيو. "ٻوڌيه" ۽ "بجهرا" جا ماڻهو لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي ٻينا. ڪافرن "ٻوڌيه" چني[45] جي پيءُ "ڪاڪي" کي وڃي چيو، ته "اسان کي اجازت ڏي ته اسلام جي لشکر تي راتاهو ڏيون." ڪاڪي چيو، ته "مون نجومين کان ٻڌو آهي، ته هيءُ ملڪ اسلام جو لشکر فتح ڪندو ۽ انهيءَ جو وقت به هيءُ وقت آهي، هيءُ خيال

هرگز دل ۾ نہ آڻيو". مگر هو ڪين مڙيا ۽ راتاهي جو خيال ڪيائون. اتفاقا هو رستو پلجي ويا ۽ چئن تولين ۾ ورهائجي، ساري رات (گھوڑا) ڊوڙايائو پر صبح جو پاڻ کي اهوئي سيسم جي قلعي جي دروازي تي ڏٺائون. آخر حيران ۽ پريشان ٿي، "ڪاڪي" چني وٽ آيا ۽ اچي حال ٻڌايائون. هن چيو ته "مون کي بهادريءَ ۾ پاڻ کان گهٽ نہ سمجهو، پر يقين اٿم، ته هنن ماڻهن سان جنگ ڪرڻ ۾ ڪا ڀلائي ڪانهي". تنهن کان پوءِ ڪاڪو پاڻ، خدمت ۾ حاضر ٿي نوازش سان سرفراز ٿيو ۽ پنهنجي تابعدار جماعت کي امان هيٺ آندائين. محمد بن قاسم، "عبدالملڪ بن قيس" دقيقيءَ کي هن سان گڏي روانو ڪيو. جيئن جيڪو تابعداري قبول ڪري تنهن کي وٺي اچي، ۽ جيڪو پوئتي پوي تنهن کي سزا ڏئي. الله تعالیٰ ڪيس مشرڪن تي فتح عطا ڪئي، ۽ باقي رهيل ماڻهو "بهلطور"، "سالوج" ۽ "قندابيل"[46] ڏانهن هليا ويا، ۽ اتان وڃي امان نامو وٺي پاڻ تي ڏل مقرر ڪرائي[47]، ملڪ ۾ موٽي آيا.[48]

ايتري ۾ حجاج جو حڪم پهتو ته "محمد بن قاسم نيرون جي قلعي ۾ موٽي وڃي "ڏاهر" جي ڪم جو تدارڪ سوچي، ۽ مهراڻ ندي پار ٽپي".

روايت آهي، ته چنا (15) قوم (قبيلي)، جا انهيءَ وقت هڪ وڏي جماعت هئي، جدا جدا جاين تان گڏ ٿي، هڪ ماڻهوءَ کي احوال معلوم ڪرڻ لاءِ موڪليو. هو اهڙي وقت پهتو، جو سارو لشڪر محمد بن قاسم جي پٺيان نماز پڙهي رهيو هو. هن قيام، قعود، رڪوع، سجدي ۽ ٻي سموريءَ ڇُرپُر ۾، امام جي تابعداري ڏسي، وڃي پنهنجي قوم کي چيو ته "جتي هزارين ماڻهو، هر حالت ۾ بنا ڪنهن چون چران ۽ فرق جي، هڪ ماڻهوءَ جا هڻڻا تابعدار هجن، تتي جيڪو هنن جي مخالفت ڪندو، سو بدبخت چئبو". تنهن تي ساري قوم، لائق نذرانا کڻي، اچي خدمت ۾ حاضر ٿي. هو جنهن وقت پهتا تنهن وقت محمد بن قاسم جي مجلس ۾، دسترخوان وڇايو هئائون. (محمد بن قاسم) فرمايو، ته "هيءَ جماعت "مرزوق" (رزق واري) آهي"، انهيءَ ڪري چنا قوم (قبيلي) کي "مرزوق" لقب مليو. بس پوءِ ته انهيءَ ئي وقت تابعداري ۽ ڏل قبول ڪري موٽي ويا. اهوئي سبب آهي جو اسلام جي فقيهن، درياءَ جي هُن پر واري زمين کي، جا چنن جي تصرف هيٺ هئي، "عشري" لکيو آهي.

ساڳيءَ طرح، نيرن ڪوٽ جي زمين، جا پنهنجي خوشيءَ سان تابعداريءَ هيٺ آئي هئي، تنهن تي ٻين زمينن جي مقابلي ۾ انگ اٻواب گهٽ آهن.[49]

قصو ڪوتاه، محمد بن قاسم حجاج جي اشاري موجب موٽي راور ۽ جيور قلعن جي حد ۾ پٽڻ تي پهچي، اتي جي حاڪم "ماڪو پٽ وسايي" ڏانهن، اڇي حاضر ٿيڻ جو حڪم موڪليو. هن چيو ته "جيڪڏهن ائين ئي هليو ايندس، ته ڏاهر جي عتاب هيٺ ايندس، باقي مان فلاڻي وقت، ڪجهه فوج ساڻ وٺي، نڪري فلاڻي هنڌ ايندس. توهان پنهنجي لشڪر کي مون تي ڪاهه ڪرڻ جو حڪم ڪريو. مان ٿورو جنگ جو نمونو ڪري، آخر عاجز ٿي گرفتار ٿيندس". نيٺ ماڪو اهڙيءَ طرح سان خدمت ۾ حاضر ٿي، نوازش جو حقدار ٿيو ۽ رستي جو رهبر بڻيو.[50]

روايت آهي، ته راجا ڏاهر، اسلام جي فوج جي غلبي جي خبر ٻڌي، وڏو لشڪر ساڻ ڪري اڇي پرينءَ پر بينو ۽ پٽڻ ٽپڻ کان روڪڻ لڳو. اسلام جي لشڪر مان هڪ ٽولي، درياءَ لنگهڻ چاهيو ته ڏاهر پاڻ هڪڙي کي تير هڻي ماري وڌو. تنهن کان پوءِ، "جاهين" ٻڌ کي پنهنجي پاران اتي رهائي، پاڻ وڃي پرپرو وينو. جاهين، پٽڻ جي لنگهه کي سخت مضبوط ڪري، هن پر ٽپڻ جي ڪم ۾ مشڪلات پيدا ڪري ڇڏي.

ايتري ۾ "چنديرام" هالي، جو هن کان اڳ ڪنهن وقت سيوستان جو والي هو، اسلامي لشڪر جي انهن ٿورن سوارن کي، جيڪي سيوستان ۾ هئا، ٻاهر ڪڍي، قلعو پنهنجي ضابطي هيٺ آندو. محمد بن قاسم هيءَ خبر ٻڌي، "مصعب بن عبدالرحمان[51]" کي هڪ هزار سوار ۽ ٻه هزار پيادا ڏيئي سيوستان موڪليو. چنديرام جنگ لاءِ ٻاهر نڪتو ۽ شڪست کائڻ کان پوءِ واپس قلعي ۾ وڃڻ گهريائين، پر اندرين ماڻهن دروازا بند ڪري ڇڏيا، جنهن ڪري اهو ذليل، اسلامي لشڪر جي ور چڙهيو ۽ جهنم ۾ پهتو. اسلامي لشڪر قلعي تي نئين سر قبضو ڪري، موٽي اڇي محمد بن قاسم سان مليو.

هوڏانهن راجا ڏاهر، پنهنجي پٽ جيسيه کي (16)، اسلامي لشڪر جي رستي روڪڻ لاءِ، "ٻيٽ"[52] جي قلعي ڏانهن موڪليو. اهڙيءَ طرح، پنجاهه ڏينهن گذري ويا ۽ اسلامي لشڪر جو حال تنگ ٿيڻ لڳو جيڪو ٻه گهوڙو

گاھ نہ ملڻ کان بيمار ٿي ٿيو. تنھن کي ڪُھي ٿي کاڌائون. اتي راجا ڏاھر پيغام موڪليو. تہ "توھان جو حال ھڻڻ ٻڌجي ٿو. جيڪڏھن پاڻ تي رحم ڪندؤ تہ آءٌ توھان جي ڪيڊ ڪونہ پوندس. بلڪ پاڻ خدمت ڪندس. تہ جيئن واپس موڪلي ويو." محمد بن قاسم چوائي موڪليس تہ "انشاءَ الله تعاليٰ هي ملڪ اسلامي ملڪ ٿيندو. تون جيستائين تابعداري هيٺ نہ ايندين. ۽ هيترن سالن جي ڏل ادا نہ ڪندين. تيستائين توکي نہ ڇڏيندا سون".

چون ٿا. تہ حجاج. گھوڙن مري وڃڻ جي خبر ٻڌي. ٻہ هزار گھوڙا روانا ڪري. تاڪيد ڪيو تہ "ڏاھر جي مھم ۾ (وڌيڪ) دير نہ ڪريو ۽ جلد از جلد درياءُ ٽپي. پھريائين سندس ڪم پورو ڪريو". هن تاڪيد پھچڻ تي. محمد بن قاسم "جَھم"[53] جي سرزمين ۾ پھچي. درياءُ ٽپڻ لاءِ ٻيڙيون مھيا ڪيون. انھن کي واريءَ ۾ پٿر سان پري. مضبوط ميخن سان ھڪ ٻئي ۾ ڳنڍيائون.

اھا خبر ٻڌي. ڏاھر پنھنجي پٽ کي لکيو تہ "ڪيئن بہ ڪري. ماڪوءَ کي ھٽ ڪر. جو ھڻڻي جُرئت ڪري رھيو آھي." تنھن تي ماڪوءَ جي ياءُ راسل[54]. جو ڏاھر وٽ ھو ۽ ياءُ سان اڳ ۾ ئي ڳنڍ ھو. چيو تہ "ھڻڻو حڪم مون کي ٿئي. تہ مان وڃي ياءُ کي ھٽ ڪري اچان. ۽ لشڪر جي درياءَ ٽپڻ جي روڪ جو پڻ ذميدار بنجان."

انھيءَ وچ ۾. الله تعاليٰ جي تائيد سان. اسلامي لشڪر ٻيڙين کي تيار ڪري سوار ٿيو ۽ تير وسائي ڪناري تي بينل روڪيندڙن ڪافرن کي ھٽائي. ھڪ وڏو ٽولو وڃي ھُن پر پھتو ۽ ڪناري کي دشمن کان صاف ڪري. پاڻ اتي تيستائين بيھي رھيا. جيستائين رھيل لشڪر سلامتيءَ سان ٽپي آيو.

روايت آھي. تہ ڪافرن جي لشڪر مان ڪي تڪا سوار. ساري رات گھوڙا ڊوڙائي. ٻاڪ ڳٽڻ وقت. خبر ڏيڻ واسطي ڏاھر جي ڪئمپ ۾ پھتا. ڏاھر اڃا ننڊ ۾ ھو تہ هنن وڃي دانھن ڪئي. دربان وڃي ڏاھر کي جاڳايو. ھو منيءَ ننڊ مان پريشان ٿي اٿيو ۽ ايندڙ کي منھن تي اھڙي سخت چماٽ وھائي ڪڍيائين. جو ھو ھڪدم مري ويو. پوءِ تہ ڏاھر اچي پريشانيءَ ۾ پيو ۽ خبر نٿي پيس تہ ڇا ڪري؟

چون ٿا. تہ جڏھن محمد بن قاسم جو سمورو لشڪر درياءَ ٽپي ويو

تڏهن لشڪر ۾ پڙهو ڏياريائين، ته "هاڻي اسان جي پنيان درياءُ ۽ اڳيان دشمن آهي، جيڪو به جان قربان ڪرڻ (جنهن جو نتيجو ٻنهي جهانن جي سعادت آهي) واسطي تيار هجي، سو رهي، ۽ جهاد جي عزت حاصل ڪري، پر جنهن ماڻهوءَ کي اڳتي هلي، دشمن سان سامهون ٿيڻ جي طاقت نه هجي، سو موٽي وڃي، (ڇاڪاڻ ته) جڏهن پڄڻ جو رستو ڪونه آهي، تڏهن ضرور هو يا ڪافرن جي ور چڙهندو، يا پاڻيءَ ۾ ٻڏي مرندو. انهيءَ لڄ ۽ عار کان جو دين ۽ دنيا جي بدبختيءَ جو باعث آهي، (17) بهتر آهي ته هاڻي اجازت ونڻي موٽي وڃي، ڇاڪاڻ ته سپاڻي سر ڏيڻو آهي، يا سر ونڊو آهي"، ٽي ماڻهو هڪڙو ماءُ جي ندڻڪائيءَ جي ٻهاني سان، ٻيو نياڻيءَ جي يتيميءَ جي فڪر کان ۽ ٽيون قرض ادا ڪرڻ واسطي، پوئتي رهيا، باقي ٻين سيني جهاد ۽ قرباني‌ءَ لاءِ، سر تريءَ تي رکي چيو، ته اسان کي جنگ کان سواءِ ٻيو ڪو خيال ڪونهي."

قصو مختصر، جڏهن محمد بن قاسم لشڪر جو اتفاق ڏٺو. تڏهن اتان ڪوچ ڪري، "ٻيٽ" جي قلعي کان "راور" جي قلعي ڏانهن رخ رکي، انهيءَ جاءِ تي پهتو، جنهن کي "جيور" سڏيائون ٿي. راور ۽ جيور جي وچ ۾ هڪ خليج هئي، جنهن جي لنگهه تي ڏاهر جو لشڪر ڏسڻ ۾ آيو. "محرز بن ثابت" قيسي ٻه هزار لشڪر سان، ۽ "محمد بن زياد" العبدي[55] هڪ هزار لشڪر سان انهيءَ طرف تي مقرر ٿيا، جن سيني کي تڙي ڪيو.

اتي ڏاهر، "محمد بن حارث" علاقيءَ کي سڏي چيو، ته "مون توهان کي هن ڏينهن لاءِ ئي ٿي نوازيو، هاڻي توکي جاسوسيءَ جو ڪم ٻنهنجي ذمي ونڻي، ڪوشش ڪرڻ گهرجي." محمد بن حارث جواب ڏنو ته "بيشڪ، اسان تي توهان جي خدمت لاءِ سر ۽ ڏڙ جي بازي لڳائڻ واجب آهي، پر ٻئي طرف مقابلو مسلمانن سان آهي، جو مفت ۾ مرتد ٿيڻ، دنيا تي دين وڪڻڻ، مسلمانن جو خون گردن ۾ وجهڻ، ۽ مري جهنم ۾ داخل ٿيڻ جي برابر آهي. اسان کي هن تڪليف کان معاف ڪيو وڃي. باقي انهيءَ کان سواءِ، ٻيءَ هر خدمت لاءِ دل و جان سان حاضر آهيون." ڏاهر رنج ٿي ڪٽي ماڻ ڪئي، ۽ جيسيه کي زبردست لشڪر ساڻ ڏيئي مقابلي لاءِ موڪليائين. سندس لشڪر، وڏي حصي قتل ٿيڻ کان پوءِ شڪست کائي پوئتي هٽي ويو. ٻئي

ڏينهن ماڪوءَ جي پاءُ راسل کي مقرر ڪيائين، جنهن (محمد بن قاسم ڏانهن) مخفي پيغام موڪليو. تہ "مون کي منهنجي پاءُ وانگيان، جنگ مان گرفتار ڪري وٺي وڃو" ۽ ائين ٿيو.

مطلب، تہ ڏهہ ڏينهن، هن نموني سان، ڪافرن جون فوجون جنگ ڪرڻ لاءِ ٽي آيون، ۽ شڪست کائي واپس ٽي وريون.[56] انهيءَ عرصي ۾، اسلام جي لشڪر غلبو ڪري، ڏاهر کي قلعي ۾ گهيري اندر آندو. يارهين ڏينهن، جو خميس جو ڏينهن ۽ تاريخ ڏهين رمضان 93هـ هو ڏاهر، پنهنجن نجومين جي منع هوندي بہ، زبردست فوج وٺي، جنهن ۾ ڏهہ هزار زره پوش سوار، ٽيهہ هزار پيادا ۽ ڪجهہ جنگي هاٿي هئا، بن سهڻين چوڪرين سان گڏ، جن مان هڪڙيءَ کيس پان ٽي ڏنو ۽ ٻيءَ شراب ٽي پهچايو.[57] پالڪيءَ ۾ چڙهي، مقابلي لاءِ نڪتو. صبح کان شام تائين اهڙي سخت جنگ هلي، جنهن جو بيان نٿو ڪري سگهجي. مسلمانن آتشبازيءَ ۽ تيرن وسائڻ ۾ اهڙي ثابت قدمي ڏيکاري، جنهن کان وڌيڪ تصور ۾ نٿي اچي. پهريائين اسلام جو لشڪر هيٺ مٿي ٽيو ۽ محمد بن قاسم حيران ٿي خداوند ڪريم جي درگاهہ ڏانهن رجوع ٽيو، جنهن تي الله جي فضل مددگاري ڪري فتح جا اسباب پيدا ڪيا.

چون ٿا، تہ ڏاهر کي هڪ لوهہ جو دام- دار چڪرو هو، جو جنهن بہ سوار تي ٽي اڇلايائين، تہ انهيءَ جي منڊي ڪپي، پاڻ ڏانهن ڇڪي ٽي ورتائين. آخر جڏهن سج (18) لهڻ کي قريب ٽيو ۽ ٻنهي ڌرين جنگ کان آرام ڪرڻ ٽي گهريو، تڏهن مسلمانن جي هڪ ٽوليءَ جي آتشبازيءَ کان، جنگي هاٿي ٿهي وڃي پنهنجي لشڪر ۾ ٻيا ۽ سندس پريشانيءَ جو سبب ٿيا. ساڳئي وقت ڪافرن جي هڪ جماعت امان ونڻ لاءِ آئي، ۽ اچي چيائون، تہ "ڏاهر جي فوج بيپرواهہ ۽ غافل آهي، توهان ڪجهہ فوج اسان سان گڏي رواني ڪريو، تہ اسين پويان ڦري، اچي اڳين جي رعب تاب کي ڏڪ هڻون". ائين ڪرڻ سان دشمنن جي لشڪر شڪست کاڌي. هي حال ڏسي محمد بن قاسم لشڪر کي تيرن وسائڻ جو حڪم ڏنو. قادر جي قدرت سان، هڪڙو تير وڃي ڏاهر جي نڙيءَ ۾ لڳو ۽ (هو) مري ويو.[58] سندس هاٿيءَ کي پوئتي هٽايائون، تہ اوچتو هاٿي گپ ۾ گپي پيو. برهمڻن سندس حال کي ڏکڻ خاطر،

کيس کٽي گپ ۾ پوريو. ڪافرن جي پوري لشکر شڪست کاڌي ۽ اسلامي لشکر اهڙيءَ طرح رستا بند ڪيا، جو پکي به اندر وڃي نه سگهيو. برهمڻ "قيس" جي هٿ چڙهيا، ۽ پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ڏاهر جي ڪسجي وڃڻ جو ڏس ڏنائون. انهيءَ وقت، ڏاهر جون به ڏيئر پٽ سپاهين جي هٿ آيون.

(هيڏانهن) محمد بن قاسم، انهيءَ گمان سان، ته متان ڏاهر لڪي ويو هجي، پنهنجي لشکر ۾ پڙهو ڏياريو، ته (ڪافرن) جي پٺيان نه پون، متان دشمن لڪي حملو ڪري. قيس اهو پڙهو ٻڌي، تڪبير هنئين. اها تڪبير ٻڌي ساري لشکر تڪبير جو نعرو هنيو. محمد بن قاسم، ڏاهر جي قتل جي خبر معلوم ڪري، ڪجهه بهادر ساڻ وٺي، گپ جي ڪناري تي اچي، برهمڻ جي ڏس تي، سندس پليد جسم باهر ڪڍيو[59]، ۽ سندس سر وڍي، نيزن جي نوڪ تي چاڙهي، چوڪرين کي ڏيکاريائون، جن انهيءَ جي تصديق ڪئي. تنهن کان پوءِ حڪم ڏنائين، جنهن تي انهيءَ مهرباني‌ءَ جي شڪر گذاريءَ ۾، (سپاهي) ساري رات تسبيح ۽ تهليل ۾ مشغول رهيا[60]. جمعي جي ڏينهن ڏاهر جو سر، چوڪرين سميت، قلعي جي دروازي تي موڪليائون. قلعي وارن هنن کي ڪوڙو ٺهرايو، پر ڏاهر جي زال لاڏيءَ قلعي جي پٽ تان، پنهنجي مڙس جو سر ڏسڻ شرط دانهن ڪري، بي اختيار ٽي پاڻ کي هيٺ اڇلايو[61]. تنهن کان پوءِ قلعي وارن دروازا کوليا ۽ اسلامي فوج اندر وڃي، بتخاني جي وچ ۾ منبر رکي، جمعي- نماز ادا ڪئي، ۽ مال خزانا ۽ دفينا ضابطي هيٺ آڻي، قيس جي حوالي ڪري، ساڳئي سال جي شوال مهيني ۾، جملي حدن جو پورو انتظام ڪري، ڏاهر جو سر، چوڪريون، قيدين ۽ غنيمت جي مال سميت، قيس جي هٿان، ٻن سون سوارن جي نگرانيءَ ۾ دارالخلافت ڏانهن روانو ڪيو[62].

ڏاهر جي بادشاهيءَ جو عرصو ٽيٽيهه سال ۽ برهمڻ گهراڻي جي حڪمرانيءَ جو عرصو جملي، ٻيانوي سال آهي.

روايت آهي، ته ڏاهر جي قتل کان پوءِ، "ٽرڙيءَ"[63] جي آس پاس جي سمن ماڻهن گڏ ٿي، دهلن ۽ شرنائين سميت، خدمت ۾ حاضر ٿي، ناچ شروع ڪيو. محمد بن قاسم پڇيو ته "هيءُ ڪير آهن ۽ ڇا ٿا ڪن؟" ٻڌايائون (19) ته "اسان جي رسم آهي، ته جڏهن ڪو بادشاهه فتح ڪندو آهي، ته

سندس خوشي هن طرح ڪندا آهيون.“ تنهن کان پوءِ هو پاڻ تي ڏل مقرر ڪرائي واپس ويا. پڻ ”علي بن محمد بن عبدالرحمان“ سليطيءَ جي صلاح سان، پاٽيا، لوهاٽا، سهتا، چندڙ، ماڇي، ڪوريجا (قبيلن جا) ماڻهو آيا، ۽ سيني جا مٿا ۽ پير اگهاڙا هئا. کين امان ڏيئي مٿن (هيءُ ڪم) رکيو ويو. ته اسلام جي لشکر جا ماڻهو جڏهن به دارالاسلام[64] کان ايندا يا اوڏانهن ويندا، ته هي سندن رهبري ڪندا[65].

هاڻي محمد بن قاسم ڏاهر جي پيڙ کي، جنهن کي هُن ملڪ جي زوال جي ڊپ کان پنهنجي نڪاح ۾ آندو هو، حجاج جي اجازت سان، پنهنجي نڪاح ۾ آڻي[66]، ٻين جڳهين جي فتح ڪرڻ ڏانهن رُخ رکيو.

ايتري ۾، سن 94هـ جي اوائل ۾، ٻڌڻ ۾ آيو، ته ڏاهر جا پٽ، ”اسڪلنده“[67] جي قلعي ۾ جمع ٿي، خود مختياريءَ جو دم هڻي رهيا آهن[68]. محمد بن قاسم اوڏانهن روانو ٿيو ۽ قلعي کي گهيري ۾ آڻي، لڙائي ڪرڻ کان پوءِ پوريءَ طرح مطيع ڪري، بتخانا پيڇي، اتي مسجدن جو بنياد رکيائين ۽ اتي جي رهاڪن تي جزيو مقرر ڪيائين. ساڳيءَ طرح برهمڻ آباد پڻ فتح ڪيائين.

چون ٿا، ته هڪڙي ڏينهن، محمد بن قاسم وينو هو، ته اٽڪل هزار کن برهمڻن جو ٽولو، مٿو ڏاڙهي ۽ مڇون ڪوڙيل ڪئمپ ۾ آيا. جاچ تي معلوم ٿيو، ته هنن پنهنجيءَ پر موجب، سردار جي ڏک ۾ ائين ڪيو آهي. مڙني کي سڏي، ڏاهر جي زال لاڏيءَ جي صلاح تي، کين قديمي دستور موجب ملڪ جي پسگردائيءَ مان مالیات وصول ڪرڻ جي ڪم تي ڇڏيائين. هو جڏهن مانوس ٿيا، تڏهن عرض ڪيائون، ته ”اسان بت پرست قوم آهيون ۽ اسان جي ساريءَ قوم جو گذران بتخانن جي مجاوريءَ تي آهي، جنهن صورت ۾ اسان اطاعت قبول ڪري، پاڻ تي جزيو رکيو آهي، تنهن صورت ۾، اسان کي ٻين جاين تي بتخانن جي ناهڻ جي اجازت ڏني وڃي[69]، ته خليفي جي اقبال کي دعا ڪندا رهنداسون.“ محمد بن قاسم، حجاج کي اطلاع ڪرڻ ۽ خليفي کان اجازت وٺڻ کان پوءِ، کين پنهنجي پراٽيءَ پر موجب، رسمون عمل ۾ آڻڻ جي اجازت ڏني. تنهن سان گڏ هيءَ به حڪم ڪيائين، ته ”برهمڻ، ٻين هندن کان امتياز خاطر، پٽل جا ننڍا ٽانوَ گدائيءَ لاءِ نهرائين، ۽ هر صبح

تي اهي هٿ ۾ ڪٽي گدائي ڪندي، هر هڪ جي دروازي وٽان لنگهن"، انهيءَ ڪري اها رسم ٿي چڪي آهي، ته برهمڻ پيالو هٿ ۾ ڪٽي دان وٺڻ لاءِ سيني دروازن تي ڦرندا آهن ۽ فائدو ونندا آهن.

روايت آهي، ته جڏهن حجاج، اسڪلنده ۽ برهمن آباد جي قلعن فتح ٿيڻ کان واقف ٿيو تڏهن محمد بن قاسم ڏانهن لکيائين، ته "جنهن صورت ۾ الله جي فضل سان ڏاهر ۽ سندس ملڪ هٿ آيو تڏهن هاڻي سندس تختگاهه هٿ آڻڻ گهرجي، ۽ ٻيو ته ايتري تي اکتفا نه ڪري، ايرندي طرف ڏانهن متوجهه ٿي، هندستان ڏانهن رخ رکڻ گهرجي. محمدي دين جي برڪت، هر هنڌ مسلمانن جي مددگار ٿيندي."

انهيءَ لکئي تي، محمد بن قاسم اروڙ(20) جو ارادو ڪيو. ايتري ۾ خبر پهتي، ته "فوفي" نالي ڏاهر جو هڪڙو پٽ، اروڙ ۾ مستقيم ٿيو ويٺو آهي، ۽ ڏاهر جي ڪُسجي وڃڻ جو انڪار ڪري، چوي ٿو ته "هو لشڪر مان گم ٿي هندستان ڏانهن ويو آهي، ۽ عنقريب لشڪر ساڻ وٺي اچي انتقام ونندو." انهيءَ تي ڪيس اهڙو يقين آهي، جو جيڪو به سندس آڏو سندس پيءُ ڏاهر جي ڪُسجي وڃڻ جو بيان ٿو ڪري، تنهن کي قتل ڪري ٿو ڇڏي. تنهنڪري، سندس سامهون ڪوبه ماڻهو هيءُ حقيقت ظاهر ڪري نٿو سگهي، ۽ سندس به پائر، جيسيه ۽ وڪيو جيڪي هن گڙٻڙ ۾ ٽڙي پکڙي ويا هئا، تن کي به پاڻ وٽ گهرايو اٿس.[70] اها خبر ٻڌي، هڪدم اوڏانهن توجهه ڪري، اروڙ جي قلعي کي گهيرو ڪري، ڏاهر جي زال لاڏيءَ کي، مڙس جي مري وڃڻ (جي خبر) ظاهر ڪرڻ لاءِ، قلعي جي دروازي تي موڪليائين، انهيءَ کي ڪوڙو ٻهرائي، پٽر ۽ پٽر هٿي چيائون، ته "تون گئو- هتيا ڪندڙ سان ٻهي ويئي آهين." اتي، محمد بن قاسم گهيري کي سوڙهي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اروڙ جي خلق، ٿوري وقت ۾ تنگ ٿي، ٻاهر نڪرڻ جو فڪر ڪرڻ لڳي. فوفيءَ سمجهيو، ته سندس انتظام قائم رهي نه سگهندو، پر جنهن صورت ۾ غلط توهم ۾ مبتلا هو، تنهن ڪري کيس دستبردار ٿيڻ پڻ مشڪل ٿي لڳو.

چون ٿا ته اُتي هڪ جادوگرياڻي عورت رهندي هئي، تنهن ڪري ان کي ڏاهر جي احوال ٻڌائڻ لاءِ التجا ڪيائين. جادوگرياڻيءَ، جنهن کي انهن

ڏينهن ۾ جوگ سڏيندا هئا. هڪ رات جي مهلت گھري. انهيءَ رات جي گذرڻ کان پوءِ، ٻه سايون تاريون، هڪ اکروٽ جي وڻ جي ۽ ٻي مرچ جي وڻ جي ، هٿ ۾ ڪري، فوفيءَ وٽ اچي چيائين، ته "سراندیپ تائين، زمين جي هڪ هڪ گرانٽ جاچي اٿم، ۽ ثابتيءَ لاءِ هي (تاريون) آنديون اٿم: ڏاهر جيڪڏهن جيئرو هجي ها، ته مون کي ڏسڻ ۾ اچي ها. خبردار! سندس جيئري رهڻ جو خيال دل ۾ نہ آڻ ۽ مفت پاڻ کي برباد نہ ڪر". فوفيءَ، جادوگرياڻيءَ کان ڏاهر جي مرڻ جي پڪ ڪري، راتو واهہ قلعي مان نڪري، پنهنجن مٽين پائرن ڏانهن (جن کي هن کان اڳ پاڻ گھرايو هئائين ۽ هو ايڏا نہ پهتا هئا) پڄي ويو. صبح جو علاقين هيءَ حقيقت محمد بن قاسم کي لکي، پنهنجي لاءِ امان گھري، قلعي وارن کي قلعي جي کولڻ جي هدايت ڪئي.[71] محمد بن قاسم فتحمند لشڪر ساڻ شهر ۾ آيو. ۽ تمام گھڻي خلق کي، هڪ مندر جي دروازي تي سجدي ۾ ڪريل ڏسي، پڇا ڪيائين، ته "هي ڇا ٿا ڪن؟" معلوم ٿيس، ته بت کي سجدو ٿا ڪن. بتخاني ۾ اندر وڃي ڏٺائين، ته هڪ پوري انسان جي صورت، گھوڙي تي سوار آهي، ترار ڪيڊي پانيائين ته هڻي، پر مجاورن دانهن ڪري چيو، ته "هيءُ (ماڻهو) جيئرو نہ آهي، پر بت آهي". (ائين چئي) هو محمد بن قاسم کان پري هٽي ويا. (محمد بن قاسم) بت جي ويجهو وڃي، هن جي هڪ ٻانهن مان ڪنگڻ لاهي، مجاورن کان پڇيو، ته "بت کي هڪ ٻانهن ۾ ڪنگڻ ڪونهي، ڪانئس پڇو، ته ڪاڏي ڪيائين؟" (مجاورن) وراڻيو ته "بت کي هن جي کڻڻي خبر!". چيائين ته "توهان ٻه عجيب معبود جي عبادت ڪريو ٿا، جو پنهنجي حال جي ٻه خبر نٿو ٻڌائي!" هي ٻڌي شرم کان ڪٽي ڪنڌ هيٺ ڪيائون.

نقل آهي، ته قيدين مان هڪڙي شخص، سندس ڪهڻ جي حڪم ٿيڻ وقت، چيو ته "آءُ هڪڙي شرڪت ڏيڪاريندس (عجيب شيءِ ڏيکاريندس)، جا توهان ڪڏهن ٻه نہ ڏني هوندي. ليڪن هن شرط سان، ته مون کي ۽ منهنجي تابعدارن کي امان نامو لکي ڏيندا". (مسلمانن) پانئيو ته شايد کو دفن ٿيل خزانو ڏيکاريندو. (21) سو کيس سندس چوڻ موجب، ٻن سؤ ڇٽن جو نالیوار امان نامو لکي ڏنائون. امان نامو وٺي، هڪدم ڏاڙهي وات ۾ ڪري، مٽي جا وار ڪنڌيڙي، مٽي کي مروڙي سروڙي پيرن ۾ ڏيئي، ڏاڍو وٺي نچڻ

شروع ڪيائين[72] وات مان عجيب آواز ڪرڻ لڳو ۽ اهڙي حالت پيدا ڪيائين، جو سيئي ڏسندڙ ٿهڪ ڏيئي ڪلڻ لڳا! جڏهن بس ڪيائين، تڏهن محمد بن قاسم چيو ته "آخر هي راندين ڇاجون؟ جنهن عجيب شيءِ جو وعدو ڪيو اٿئي، سا ڏيکار!" وراڻيائين ته "ڇا هيءَ عجيب شيءِ گهٽ آهي؟ بس منهنجي ته عجيب شي اها ئي هئي، جا ڪيم!" (انهيءَ تي) محمد بن قاسم کي دوستن چيو ته "هي چرچا ٿو ڪري، هن کان عهدنامو واپس وٺ گهرجي". چيائين ته "قول قول آهي، جيڪي زبان تي آندو اٿئون، تنهن کان ڪونه ڦرنداسون."[73]

قصو ڪوتاهه. جڏهن (ملڪ جو) تختگاهه اروڙ پٽ قبضي ۾ آيو ۽ ملڪ کان پوريءَ طرح دلجاءِ ٿي، تڏهن عام ماڻهن سان احسان جي هلت وٺي، سيني کي پنهنجن ڪاروبارن ۽ ڏنڏن ۾ لڳڻ جي اجازت ڏنائين. (انهيءَ کان پوءِ) "احنف بن قيس بن رواح" اسديءَ کي اروڙ جي گورنري[74]، "موسيٰ بن يعقوب بن طائي بن محمد بن شيبان بن عثمان" ثقفيءَ[75] کي، قضا ۽ خطابت جو عهدو، "وداع بن حميد" نجديءَ کي برهمن آباد جي حڪومت، "نوبہ بن دارس" کي راؤر جي قلعي جي نيابت، "هذيل بن سليمان" الازديءَ[76] کي گورج[77]، ۽ "حنظلہ بن اخي بنانہ" ڪلائيءَ کي دهليلہ هٽ ۾ ڏئي، پاڻ ملتان روانو ٿيو. وات تي، پاتيہ[78] جو قلعو فتح ڪيائين. پاتيہ جي قلعي جو والي، ڏاهر جو سوٽ "ڪڪسہ بن چندر بن سيلائج" هو، جو ڏاهر کان پڇي وڃي اتي رهيو هو، سو اچي خدمت ۾ حاضر ٿيو. تنهن کان پوءِ سڪ جو قلعو فتح ڪري، "عتبہ بن سلمہ" تميميءَ[79] کي اتي ڇڏي، وڃي ملتان، آس پاس جي قلعن سميت هٿ ڪيائين. (انهيءَ کان پوءِ) "خزيمہ بن عبدالملڪ بن تميم"[80] کي، برهمپور[81] جي قلعي ۾، ۽ "داؤد بن نصر بن وليد" عمانيءَ کي ملتان ۾ مقرر ڪري، پاڻ ديبالپور[82] تي ڪاهي ويو. هن وقت، مٿي ذڪر ڪيل جاين تي، مقرر فوج کان سواءِ اٽڪل پنجاهہ هزار سوار ۽ پيادا، سندس جهنڊي هيٺ حاضر هئا. آخر قنوج ۽ ڪشمير جي سرحد تائين فتح ڪري، سرو جا ٻہ وٺ پوکي، ڏاهر جي ملڪ[83] جي حد مقرر ڪري، هر هنڌ اعتماد جوڳا ماڻهو ڇڏي، موتي اڏيپور پهتو ته تقدير اچي سندس حياتيءَ جي پويان پيئي.

محمد بن قاسم جي رحلت جي واقعي جي ڪيفيت:

محمد بن قاسم جي رحلت جي واقعي جي حقيقت هن طرح آهي جڏهن ڏاهر جون ٻه ڏيئر، "پرمل ديو" ۽ "سورج ديو"، جي پالڪيءَ ۾ ساڻس گڏ هيون،[84] خليفي جي خدمت ۾ پهتيون، تڏهن (خليفي) سندس بينظير حسن ڏسي انهن کي پنهنجي لاءِ پسند ڪيو، پر سندس وحشت ۽ بيدلي دفع ڪرڻ خاطر، انهن کي حرم ۾ هوشيار داين جي حوالي ڪيو ويو. ڪجهه وقت کان پوءِ انهن مان هڪڙيءَ کي بستري تي گهرايائين، پر ڇاڪاڻ ته پيءُ جي قتل جو ناسور ايا ڇڪي رهيو هئس، سو (خليفي کي) چيائين ته "اسان خليفي جي لائق نه آهيون، ڇو ته محمد بن قاسم اسان کي تي راتيون پنهنجي ڪم آندو هو." خليفو هي ٻڌي ٻاهه ٿي ويو ۽ هڪدم پنهنجي هٿ سان حڪم روانو ڪيائين، ته "محمد بن قاسم کي هن حڪم پهچڻ شرط، پاڻ کي ڪچي چمڙي ۾ بند ڪري، حضور ۾ پهچائڻ گهرجي". هيءُ حڪم محمد بن قاسم کي اڏيپور ۾ پهتو. خدائي تقدير ائين هئي، تنهن ڪري حڪم جي پيروي ڪندي، پاڻ کي چمڙي ۾ بند ڪري روانو ٿيو ۽ ٽن ڏينهن کان پوءِ رستي ۾ گذاري ويو! تنهن کان پوءِ سندس لاش صندوق ۾ وجهي خليفي وٽ حاضر ڪيائون،[85] جنهن هڪدم انهن ٻنهي پينرن کي گهرائي، (22) ڏيکاري چيو ته "منهنجو حڪم ڏسو!" (ٻنهي) بي اختيار کلي ڏنو ۽ چيائون: "خليفي جي حڪم جاري هجڻ ۾ ڪنهن به قسم جو شڪ نه آهي، ليڪن (سندس) عدل ۽ عقل ۾ تمام خرابي ڏسڻ ۾ آئي، ڇاڪاڻ ته اهڙو ماڻهو جيڪو اسان جي پيءُ ۽ ياءُ جي برابر هو، رڳو اسان دشمنن جي چوڻ تي، سچ ۽ ڪوڙ جي تحقيق کان سواءِ ضايع ڪري ڇڏيائين! اسان جو مقصد فقط پيءُ جو قصاص وٺڻ هو. (هن مان) محمد بن قاسم جي، ڪم عقلي پڻ ظاهر ٿي، ڇو ته ڪيس گهربو هو، ته حڪم موجب روانو ٿئي ها، ۽ جڏهن باقي هڪڙي منزل وڃي بچي ها، تڏهن پاڻ کي چمڙي ۾ بند ڪري ها، جيئن جيئرو پهچي وڃي ها، ۽ اسان جي سچي شاهديءَ ڏيڻ تي سندس جان بچي پوي ها". خليفي پشيمان ٿي، ٻنهي کي پٽ ۾ لنبي ڇڏڻ جو حڪم ڏنو ۽ ڪن جو چوڻ آهي، ته انهن کي هاٿيءَ جي پيرن ۾ ٻڌي بازار ۾ گهمائي

ماري ڇڏيائين.

حوالا ۽ حاشيا:

1_ نبيسر_ "ن"

2_ ماميد_ "ن"

3_ "فتحنام" يعني "چچنام" (ص20) ۾ لکيل آهي تہ: "راجا، راڻيءَ کي چيو، تہ "هڪ نامحرم حرم ۾ اچي ٿو، تنهن ڪري تون پڙدي ۾ وڃ'. جنهن تي راڻيءَ سوهنديءَ وراڻيو تہ "ڪيترا رڌيل نوڪر اندر اچن ٿا، جيڪڏهن هڪ برهمڻ اندر ايندو، تہ منهنجو هن ڏانهن ڪهڙو توجهہ ٿيندو، يا مون کي هن کان ڪهڙو شرم رکڻو آهي، جو مان هن کان لڪان!".

4_ يعني چچ سان منهنجو نڪاح پڙهو.

5_ "فتحنامي" ۾ لکيل آهي: "تاخبر، مرگ ساهسي راؤ ببرادر، او مهرت ملک شهر چتور رسيده بود .... الخ" (نيٺ ساهيسيءَ جي موت جي خبر، سندس پاءُ مهرت، چتور جي بادشاهہ کي پهتي، وغيره) معلوم ٿيو تہ مهرت، ساهيسيءَ جو پاءُ هو.

6_ پتو نٿو پوي تہ مير "قانع" جو ماخذ ڪهڙو آهي؟ فتحنامي جو مصنف تہ جيسلمير جو ڪوبہ ذڪر ڪونہ ٿو ڪري، هو تہ فقط ايترو ٿو لکي، تہ "تابيک فرسنگيءَ "ارور" لشڪرگاه ڪرد"_ ص26 (اروڙ کان هڪ فرسنگ، يعني ٽن ميلن تي اچي چانوٽي هنياٸين) پڙ فتحنامي ۾، راڻي سوهنديءَ سان، چچ جو نڪاح، مهرت تي فتح پائڻ کان پوءِ ڏيکاريل آهي (ڏسو فتحنامو ص92).

7_ فتحنامي مان صاف صاف معلوم ٿو ٿئي، تہ سيوهڙ جي حاڪم متي، ۽ برهمن آباد جي حاڪم اڳهر لوهاڻي، چچ جي تابعداري ڪانہ ڪئي هئي، بلڪ متو شڪست ڪائي قنوج ڏانهن پڇي ويو هو ۽ اڳهر جنگ هلندي مري ويو، ۽ سندس پٽ پيءُ جي مرڻ کان پوءِ اطاعت ۾ آيو. فتحنامي ۾ هيءُ پڙ لکيل آهي، تہ سويس جو قلعو، چچ حملو ڪري فتح ڪيو هو. تنهن کان پوءِ اتي جي حاڪم جي پٽ "ڪيي" (نہ "ڪبي"_ جيئن تحفة الڪرام ۾ آهي) اچي پنهنجي پيءُ ۽ ماڻهن لاءِ امان گهري (تفصيل لاءِ ڏسو "فتحنامو"، ص39_48)

8_ فتحنامي ۾ "ڪيہ بن ڪاڪ" آهي.

9_ هيءَ ڀالهہ فتحنامي ۾ پوري تفصيل سان لکيل آهي. فتحنامي ۾ قنوج جي راجا جو نالو "سهيرس"، ۽ سندس پاءُ جو نالو "برهاس بن ڪسائس" لکيو ويو آهي (ڏسو فتحنامو، ص50_53)

10_ فتح نامي جي لکڻ موجب، چندر جي مرڻ کان پوءِ، برهمن آباد تي پهريائين چندر جي پٽ "راج" قبضو ڪيو. هڪ سال کان پوءِ، اهو مري ويو، ۽ سندس مرڻ کان پوءِ "ڏهرسيہ" بن چچ برهمناآباد تصرف ۾ آندي، ۽ چچ جي ڏيءَ "ٻائي" پڙ ڏهرسيہ سان شامل هئي. ڏهرسيہ وڏو هو، تنهن ڪري هن برهمن آباد تي سڌي حڪومت تي

ڪئي، نہ ڏاھر جي پاران. (ڏسو "فتحنامو"، ص54_63)

11_ مير قانع جو ماخذ خبر ناھي ڪھڙو آھي؟ فتحنامي موجب تہ ڏاھر، برھمن آباد کان پوءِ، سيوستان کان ٽي، اروڙ جي قلعي ۾ آيو ۽ تڪميل ۾ انھيءَ قلعي جي ڪرايائين (ڏسو فتحنامو، ص68)

12_ فتحنامي ۾ وڌيڪ لکي ٿو تہ "ڏاھر گرميءَ جا چار مھينا راؤر ۾ گذاريندو ھو". (ڏسو فتحنامو ص68_69)

13_ فتحنامي ۾ ڏاھر جي سرحد جي سير جو ڪوبہ ذڪر ڪونھي، البت ڇچ جي ذڪر ۾ لکيو اٿس، تہ ڇچ، ڪشمير جي سرحد تي، ۽ ووٹ: ھڪ ٻيد جو ٻيو صنوبر جو لڳايا ھئا (ڏسو فتحنامو ص38).

14_ يعني "عراق" "عجم" ۽ "عراق" "عرب".

15_ اصل متن ۾ "بني اسامہ" آھي، جو غلط ٿو ڏسجي.

16_ اصل ۾ "سفھوري" آھي، جو غلط آھي.

17_ فتحنامي ۾ علاقين جي ڀڄي وڃڻ جي خبر ڪجھ تفصيل سان آھي، پر انھيءَ ۾ عبدالرحمان بن اشعث جي قتل جو ڪوبہ ذڪر ڪونہ آھي، ۽ نہ ئي علاقين کي "بني اسامہ" سڏيو ويو آھي (ڏسو فتحنامو ص85_88)

18_ ھن بيان ۾، مير علي شير "قانع" ٻن ٽن ھنڌن تي غلطيون ڪيون آھن. ھڪ تہ حملي جو سبب، ھندستان جي راجائن جو حسد ۽ خوف بيان ڪيو اٿس، حالانڪ ائين بلڪل نہ ھو، بلڪ ڏاھر جي ڀيٽ "ٻائي"، جنھن کي ڏاھر ڪٽي ھروپرو نڪاح ۾ آندو، سا پھريائين "رمل" (جيسلمير) جي راجا سان مڱجي چڪي ھئي. اھو مڱڻو ڏاھر جي وڏي ڀاءُ ڏھر سين ڪرايو ھو ۽ سمورو ڏاج ڏانوڻ تيار ڪري، ڀيٽ جي ٻانھن، ڏاھر ڏانھن، فقط پرٽائي ڏيڻ لاءِ رواني ڪئي ھئائين، مگر ڏاھر نجومين ۽ ٻڌيمن وزير جي صلاح تي، ٻائيءَ سان پاڻ پلؤ ٻڌي ويھي رھيو. جنھن تي پھرين ڏھرسين لڙائيءَ لاءِ سنيري آيو، پر جڏھن اھو ڪجھ ڪرڻ کان سواءِ مري ويو، تڏھن خود رمل (جيسلمير) جو راجا لشکر وٺي پاڻ ڪاھي آيو. ٻيو تہ "رمل جي راجا" کي مير علي شير "قنوج جو راجا" ٻڌائي، سندس نالو راجا "رنمل" لکيو آھي. درحقيقت انھيءَ راجا جو نالو "سوين راءِ" ھو ۽ قوم جو پاٽيو ھو. "رمل"، يعني جيسلمير جي ملڪ جو راجا ھو (ڏسو فتحنامو، ص 54_71). ٻڙ فتحنامي ۾، رمل جي راجا جي لشکر جي ڪاھيءَ ۾ ڪرڙ جو ڪوبہ ذڪر ڪونہ آھي، بلڪ فقط ايترو ذڪر آھي تہ علاقيءَ ڏاھر کي چيو تہ "تون ھڪ فرسنگ (ٽي ميل) زمين ۾ ڪاھي ڪوٽائي تيار ٽي ٻيھہ" (ص71)، ۽ علاقيءَ جاچ ڪئي تہ معلوم ٿيس تہ ھو رات جو نھايت غافل رھن ٿا، پھري ڀھري جو ڪوبہ انتظام ڪونہ اٿن، تنھن ڪري علاقيءَ وٽي مٿن راتاھو ڏنو. ھو جيئن چرڪ ۾ پري وٽي اٽيا، تيئن انھيءَ سراسيمگيءَ جي حالت ۾، ھڪ ٻئي کي قتل ڪرڻ ۾ لڳي ويا. نتيجو ھي ٿيو جو اسي ھزار ماڻھو قيد ٿيا، ۽ پنجاھہ ھاٿي ۽ بيشمار گھوڙا ھٿ آيا_ الخ (چچنامو ص71)

19_ فتحنامي ۾ "تنڪ" جي بدران "مهرسيم" يعني چانديءَ جو سڪو آهي (فتحنامو، ص72)

20_ "سيلان" جي ٻيٽ کي، عربي تواريخن ۾ "جزيره يواقيت" لکندا آهن، ڇاڪاڻ تہ اتي جي عورتن جو منهن تمام سهڻو ٿيندو آهي. بلاذري چوي ٿو تہ "وانما سميت هذه الجزيرة جزيرة الياقوت لحسن وجود نسائها" (ص424)

21_ هيءُ بيان سمورو فتحنامي جي موافق آهي، پربلاذري ڪن جاين ۾ مخالف آهي. بلاذري جي بيان موجب، اهي عورتون انهن مسلمانن جون ٽيئرون هيون، جي تجارت جي خيال کان سرانديپ ٻيٽ ۾ آيا هئا، ۽ اتي ئي وفات ڪيائون. سرانديپ جي بادشاه، دوستي ڳنڍيٽ خاطر، انهن عورتن کي حجاج ڏانهن روانو ڪيو. ٻيو تہ بلاذريءَ جي چوڻ موجب، دانهن ڪندڙ عورت "بني يربوع" قبيلي مان هئي. ٽيون چور، جن ٻيڙيون ڦريون هيون، ديبل جي "ميد" قوم جا هئا (بلاذري، ص423)

22_ اصل ۾ "بذيل" "ذ" سان لکيل آهي، جو صحيح نہ آهي.

23_ هيءُ بيان پڻ فتحنامي موافق آهي، مگر انهيءَ ۾ "عبيدالله بن نبهان اسلمي"_ جنهن کي مير قانع غلطيءَ کان "عبدالله" سڏيو آهي. جي شهادت جو ذڪر بلڪل نظر انداز ڪيو ويو آهي، جو بديل کان اڳ ۾ شهيد ٿيو هو. هن موقعي تي بلاذري چوي ٿو: "فاغزي الحجاج عبيدالله بن نبهان الديبل فقتل فكتب الي بديل بن طهفة البجلي و هو بعمان يامره ان يسير الي الديبل"_ ص 423 (پوءِ حجاج عبيدالله بن نبهان کي ديبل تي چاڙهي موڪليو، پر هو قتل ٿي ويو. تنهن کان پوءِ عمان جي حاڪم بديل طهفہ بجلي کي ديبل ڏانهن وڃڻ جو حڪم لکيائين.)

24_ مير قانع جو اگرچہ هيءُ بيان فتحنامي تان ورتل ٿو ڏسجي، مگر ڪيس ديبل جي واليءَ جي نالي ۾ ڏوڪو لڳو آهي: مير قانع "سمنيءَ" کي واليءَ جو نالو سمجهيو آهي، حالانڪ درحقيقت ائين نہ آهي "سمنيءَ" جي معنيٰ آهي "پروهت" (priest) انهيءَ وقت ۾ ٻڌ ڏرم جي پروهتن کي سمني چوندا هئا. نيرون جو والي، هڪ پروهت هو، جنهن جو نالو "سندر" هو. فتحنامي جي عبارت هن طرح آهي: "و والي نيرون سمني بود، سندر نام" (ص93)

25_ عربن جو دستور آهي تہ پيءُ ۽ پٽ جو نالو گڏي لکندا آهن، ۽ وچ ۾ "ابن" جو لفظ ڪونہ آڻيندا آهن_ مثلا چوندا "محمد هاشم"، مطلب هوندو آهي "محمد بن هاشم"، ساڳئي رواج موجب هتي بہ "محمد_ قاسم" جي معنيٰ "محمد بن قاسم" سمجهڻ گهرجي.

26_ فتحنامي ۾ "جيسيہ" جي معنيٰ "الظفرُ باالاسَدِ" يا "شير فيروز" لکي ٿو، جنهن جي معنيٰ سنڌيءَ ۾ ٿيندي "شينهن تي فتح لهندڙ" ("فتحنامو"، ص234)

27_ متن ۾ "عثمان بن عاص" آهي، جو غلط آهي.

28_ فتحنامي ۾ "سامہ بن ديوائج" لکيل آهي، ۽ ڪيس ڇڇ جو پاءُ ڪونہ ڪوٺيو ويو آهي ("فتحنامو"، ص73)

29_ فتحنامي ۾ هيڏيان جملا زياده آهن: "اَهلُهَا بَطَل ان قل الجيش بهَا ضَاعُوا و ان كثروا جَاعُوا"_ ص 75 (اتي جا رهاڪو بهادر آهن، لشڪر ٿورو هوندو تہ ضايع ٿي ويندو، ۽ جي گھٽو هوندو تہ بک مرندو).

30_ فتحنامي جي لکڻ موجب، (ص 80_81) عبدالله بن سوار جي شهادت کان پوءِ، "سنان بن سلمہ" مقرر ٿيو. تنهن کان پوءِ انهيءَ کي معزول ڪري، "راشد بن عمرو" کي مقرر ڪيو ويو. ليڪن "بلاذري" ۾، عبدالله بن سوار ۽ راشد بن عمرو جي وچ ۾ سنان بن سلمہ جي مقرريءَ جو ڪوبہ ذڪر ڪونہ آهي.

31_ اصل ۾ "راشد بن سلمہ" آهي، پر اهو غلط آهي (ڏسو فتحنامو ص 82 ۽ بلاذري ص422)

32_ اصل ۾ "بورابي" لکيل آهي، جو صحيح نہ آهي (ڏسو فتحنامو ص 84). "پورالي" مڪران ۾ هڪ نئين (ندي) آهي، جا سون ميائيءَ جي نار ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. (Hedich gates of India, p.303) بلاذريءَ جي چوڻ موجب، منذر بن جارود "قصدار" ۾ گذاري ويو. (ڏسو بلاذري، ص422)

33_ منذر کان پوءِ، ڇهن مهينن تائين سنڌ جي گورنري، سندس پٽ "حڪم بن منذر" جي هٿ ۾ هئي (فتحنامو ص84) ليڪن بلاذري، حڪم بن منذر جي گورنريءَ جو ذڪر ڪونہ ڪيو آهي. والله اعلم.

34_ هيءَ مير قانع جي ڪُلي غلطي آهي: محمد بن قاسم سان ڇهہ هزار تہ فقط شام جا چونڊ سوار ساڻ هئا، عراق جا تنهن کان سواءِ. فتحنامي جو مصنف لکي ٿو تہ "حجاج بنوشت تا شش هزار مرد از فرزندان روساي شام، کہ مادر و پدر ايشان درحيات بود و بسيار ساختگي کند، واخيار نامدار، کہ بنام و ننگ در مجادلت و محاربت ايستادگي کنند و با محمد قاسم و فاداري نمايند، بيامدند" (حجاج جي لکڻ تي، شام جي سردارن جا اهڙا ڇهہ هزار فرزند، جن جا پيءُ ماءُ جيئرا هئا ۽ ڪافي تياري ڪئي هئائون، ۽ نالير ا چونڊ ماڻهو جي پنهنجي ننگ ناموس خاطر بيهي مقابلو ڪن ۽ محمد بن قاسم سان وفاداري ڪن، اچي حاضر ٿيا_ ص96). بلاذري (ص424) لکي ٿو تہ "وضم اليہ ستة آلاف من جند اهل الشام وخلقا من غيرهم" (۽ شام جي لشڪر مان ڇهہ هزار ۽ پي ڪيترين خلق ساڻس شامل ڪئي وئي.

35_ اصل ۾ "مغيره ۽ خزيمہ" لکيل آهي، جو صحيح نہ آهي. (ڏسو فتحنامو ص98)

36_ اصل ۾ "هارون" آهي، جا مير قانع جي غلطي آهي. اسان مٿي چئي آيا آهيون، تہ عربن جو دستور آهي تہ پيءُ پٽ جو نالو گڏي هڪ ڪري لکندا آهن، ۽ وچ ۾ "ابن" جو لفظ ڪونہ لکندا آهن. ساڳيءَ طرح هتي بہ "محمد بن هارون" کي "محمد هارون" ڪري لکيائون، جنهن کي مير قانع پنهنجي سنڌ جي دستور موجب هڪ نالو ڪري ورتو آهي، ۽ خيال ڪيو اٿس تہ اصل نالو "محمد هارون" لکي، پوءِ اڳتي چڙو "هارون" لکيو اٿس، حالانڪ هتي اصل نالو آهي "محمد بن هارون". مير قانع

کي جيڪڏهن اختصار کرٽو هو تہ بہ "محمد" لکي ها، نہ "هارون".

37_ هتي بہ اصل ۾ "مغيره" آهي، جو غلط آهي، جيئن مٿي گذري آيو.

38_ ست ڏينهن (ڏسو فتحنامو ص104)

39_ اصل ۾ "جعويہ" آهي، جو غلط آهي.

40_ سندس سڃو نالو "جاهين بن برساید راوت" هو. (فتحنامو، ص107). هو شايد ٻڌ ڌرم جو پيرو هو، تنهن کري ميرقانع کيس "ٻڌ" سڏيو آهي. ساڳيءَ طرح فتحنامي ۾ بہ کيس "ٻڌ" سڏيو ويو آهي. (ص107)

41_ ميرعلي شير، کبل لکيو آهي تہ فتحنامي ۾ اهو ساڳيو نالو "قبلہ" لکيل آهي (ص153). "قبلہ" لاشڪ تہ اصل ۾ "قيلہ" آهي، يعني "گيلہ" يا "گيلو" جو نالو سنڌ ۾ مشهور آهي (نبي بخش).

42_ اصل ۾ "حميد بن دارع" آهي، جو غلط آهي (ڏسو فتحنامو، ص109)

43_ ميرقانع هتي پڻ ساڳي غلطي کئي آهي، جنهن جي وضاحت اسان مٿي کري آيا آهيون: يعني ديول جي گورنر جو نالو "سمني" لکيو اٿس، حالانڪ "سمني" سندس نالو کونہ هو. سندس نالو "سندر" هو. "سمني" سندس لقب هو، چاکاڻ تہ هو ٻڌ ڌرم جو هڪ پروهت هو.

44_ فتحنامي ۾ آهي: "تا برسيد بموضع کہ آنرا موج گويند از نيرون بسي فرسنگ" (نيٺ اهڙيءَ جاءِ تي پهتو جنهن کي موج چوندا هئا، نيرون کان ٽيهہ فرسنگ هئي.) فرسنگ ۾ تي ميل ٽيندا. ٽيهہ فرسنگ معنيٰ نوي ميل.

45_ ميرقانع جي تقرير مان ائين پيو معلوم ٿئي، تہ سيوستان جي حاکم بجهرا کي انهيءَ "سمنيءَ" خط لکيو هو، جو محمد بن قاسم سان ساڻ هو ۽ جو پهريائين ڏاهر جي طرفان نيرون کوٽ جو حاکم هو. پر حقيقت ائين نہ آهي، بلڪ خط لکڻ وارو هڪ ٻيو "سمني" هو، جو "موج" جو رهاکو هو ۽ رعيت تي سندس ڏاڍو اثر هو. انهيءَ ٻين "سمنين" کي شامل کري، خط لکيو هو (ڏسو فتحنامو" ص118)

46_ هتي ميرقانع سخت غلطيءَ جو شکار ٿيو آهي، چاکاڻ، تہ "ٻوڌيہ" کنهن ماڻهوءَ جو نالو نہ آهي، بلڪ سنڌ جي هڪ حصي جو نالو آهي، جنهن جي واليءَ جو نالو "کاکو بن کوتک" هو ۽ جتان جي سمنيءَ (پروهت) جو نالو پکو (بهکو) هو، اتي جي قلعي جو نالو "سيسم" هو. ميرقانع، خبر ناهي کهڙي آڌار تي، "ٻوڌيہ" کي بادشاهہ فرض کري، کيس کٽي کاکي جو پٽ فرض کيو آهي. هن باري ۾ فتحنامي جي عبارت نهايت واضح آهي "بگريخت تابحد بودهيہ رسد و آن وقت ملک بودهہ کاکہ بن کوتک بود، سمني بهکو و حصار او سيسم بود برلب آب کنبہ" (هو پڄي وڃي ٻوڌيہ جي حد ۾ پهتو، انهن ڏينهن ۾ ٻوڌيہ جو حاکم کاکو بن کوتک هو، سمني "پکو" ۽ اتي جو قلعو "سيسم" هو، جو کنبہ نديءَ جي کناري تي هو. فتحنامو، ص120)

47_ هتي بہ ميرقانع غلطي کئي آهي. اسان مٿي ثابت کري آيا آهيون، تہ "ٻوڌيہ"

سنڌ جي هڪ حصي جو نالو آهي، نه ڪنهن ماڻهوءَ جو.

48_ اصل ۾ "قندائيل" آهي، جو غلط آهي. (ڏسو فتحنامو ص124)

49_ فتحنامي موجب هنن پاڻ تي، هڪ هزار درهم تور چاندي مقرر ڪرائي هئي. ("و رسولان درميان كردند ويكهزار درم سنگ نقره برخود قرار دادند"_ ص124)

50_ هيءُ بيان ڪن ٻڌالهين ۾ فتحنامي جي بيان کان مختلف آهي. مثلاً: فتحنامي ۾ هيءُ اضافو آهي ته "جڏهن ڪاڪو پنهنجن اعتماد جوڳن ۽ خاص ماڻهن سان، عرب جي لشڪر ڏانهن روانو ٿيو. تڏهن واٽ تي کين حنظله بن بنانه مليو. جو محمد بن قاسم جي پاران محافظ طور مقرر ٿيل هو. انهيءَ کين وٺي محمد بن قاسم وٽ آندو." ٻيو ته" چندر بن سيلائج جو پٽ، ڏاهر جو سؤٽ، بجهرا، ٻين ٺڪرن ۽ رواتن سان گڏ ڪسي ويو. باقي ڪي هوڏيه کان مٿي پڄي ويا."هتان واضح ٿيو ته اهي ماڻهو "قندابيل" ۽ "سالوج" ڏانهن ڪونه پڳا هئا، جيئن مير قانع چوي ٿو. بلڪ هو "بهلطور" جي قلعي ڏانهن پڳا هئا، جو قندابيل ۽ سالوج جي وچ ۾ هو. (فتحنامو ص 123_124)

51_ ڄاڻڻ گهرجي، ته اسلامي قانون مطابق زمين جا ٻه قسم آهن: هڪڙو "عشري"، جن جي پيدائش مان ڏهون حصو الله جي حق طور وصول ڪيو ويندو آهي، ٻيون "خراجي"، جن تان ڏل ورتي ويندي آهي. اسلامي قانون موجب، جيڪا زمين زبردستي فتح ڪري، مسلمانن جي لشڪر ۾ تقسيم ڪئي ويندي، يا جنهن زمين جا مالڪ پنهنجي خوشيءَ سان مسلمان ٿيا هوندا، اها زمين عشري آهي، ۽ جيڪا زمين زبردستيءَ فتح ڪئي ويئي، پر وري ساڳيائي اتي جا رهاڪو اتي رهايا ويا، يا جيڪا زمين صلح سان فتح ٿي، ته اها زمين خراجي آهي. ڏل جو ڪو به مقدار مقرر نه آهي، بلڪ فتح وقت جيڪا ڏل رکي وئي. سا قائم رهندي. سنڌ جي سرزمين جو چنڻ وارو حصو ته عشري آهي، باقي ٻي ساري زمين خراجي، ۽ علامہ شيخ ابو الحسن ڏاهريءَ جي چوڻ موجب، سنڌ جي ڏل، پيدائش جي پنجين پتي آهي. ("اراضي السند والهند في زمن "راجا وير" الذي كان قبل نبوة عيسىٰ عليه السلام كانت خراجية وخراجها الخمس اي ضعف العشر و بعد الاسلام بقيت ايضا خراجية علي خمس"_ انتهي بحوالہ "فتاوي همايون").

52_ هن قصي ۾ مير قانع، اختصار خاطر ڪي ٻڌالهيون ڇڏي ڏنيون آهن: جيئن ته محمد بن قاسم پٽڻ تان ماڪوءَ ڏي ڪهڙو نياپو موڪليو، ۽ ماڪو ڪهڙي ٻهاني سان پنهنجي قلعي مان ٻاهر نڪتو؟ فتحنامي انهن ٻنهي ٻڌالهين کي واضح ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته "محمد بن قاسم، ماڪوءَ ڏانهن پيغام موڪليو هو ته "توکي ڪڃ ۽ سورٺ جو ملڪ جاگير ۾ ڏنو ٿو وڃي، ۽ انهن تي تنهنجو قبضو تسليم ڪريون ٿا." ماڪوءَ ڏٺو ته ڏاهر جو بخت ٽڙيل آهي، ۽ عربن جو ستارو زور، تنهن ڪري موقعو غنيمت ڄاڻي، محمد بن قاسم سان اچي شامل ٿيو. ٻهانو هيءُ بنايائين ته هو ساڪري جي راڻي سان پنهنجي ڌيءَ جي شادي ڪرائڻ ٿو وڃي. هوڏانهن محمد بن

قاسم سان ٻه نهراءَ هئس، جنهن کيس واڻ تان پڪڙائي وڏو". (ڏسو فتحنامو ص133_135)

53_ اصل ۾ اهڙيءَ طرح آهي، پر صحيح "محمد بن معصب بن عبدالرحمان الثقفي" آهي، جيئن "فتوح البلدان" ص425 ۾ آهي: "وبعث محمد بن القاسم، محمد بن مصعب بن عبدالرحمان الثقفي الي سدوسان" (ڀ محمد بن قاسم، محمد بن مصعب بن عبدالرحمان ثقفيءَ کي سدوسان ڏانهن موڪليو).

54_ اصل ۾ "بيت" آهي.

55_ يعني موجوده "جهمپير" جي سرزمين.

56_ "ن" هر جڳهه "رائيل" لکيو آهي.

57_ اصل ۾ "محمد زياد العبيدي" آهي، پر جنهن صورت ۾ هن مان غلطي پيدا ٿيڻ جو انديشو هو، تنهن ڪري اسان وضاحت طور "محمد بن زياد" لکيو آهي، پڻ "العبيدي" غلط آهي، ڀ صحيح "العبدي" آهي. (ڏسو فتحنامو ص160)

58_ فتحنامي مان معلوم ٿو ٿئي، ته ڏاهر جي لشڪر سان لڙائي، صرف چار ڏينهن هلي، ڀ پنجين ڏينهن ڏاهر پاڻ نڪري آيو، ڀلڙائيءَ ۾ مارجي ويو (ڏسو ص164_183)

59_ خبر ناهي مير قانع جو ماخذ ڪهڙو آهي؟ فتحنامي ۾، ته شراب جو ذڪر ڪونهي، بلڪ هن جي چوڻ موجب "هڪڙيءَ پان ٽي ڏنو ڀ ٻيءَ هڪ ٻئي جي پويان تير ڪڍي ٽي ڏنا" _ "و دو نفر کنيزک باوي در عماري بود: يکي تير ها پئ يکديگر بوي مي داد و ديگري تنبول مي داد" (فتحنامو، ص170)

60_ فتحنامي جي لکڻ موجب، ڏاهر کي تير نڙيءَ ۾ نه، پر دل تي لڳو هو ڀ اهو انهيءَ تير کان مئو ڪونه هو، البته هنيانؤ دورجي ويو هئس، پر پوءِ وري هوشيار ٿي، لهي پيادو ٿي هڪ عرب سان سامهون ٿيو، ڀ بهادر عرب جي تلوار، سندس سر گردن تائين ٻه اڌ ڪري ڇڏيو.

61_ فتحنامي ۾، برهمڻن جو قيس جي هٿ چڙهڻ، ڏاهر جي موت جي کيس خبر ٻڌائڻ ڀ محمد بن قاسم جي پڙهي تي قيس جي تکبير هڻڻ جو ذڪر بلڪل ڪونه آهي، بلڪ فقط ايترو بيان آهي، ته ڏاهر جي موت بابت، محمد بن قاسم کي تردد هو، ڀ هڪ هڪ کان ڏاهر جي خبر پڇي رهيو هو، ته اوچتو هڪ برهمڻ اچي امان گهري، ڀ ٻڌايو ته جيڪڏهن سندس فرزندن ۾ تابعدارن کي امان ڏني ويندي، ته هو ڏاهر جو لاشو ڏيکارينداو، جيڪو ڪُسي ويو آهي، جنهن تي معتبر ماڻهن وڃي، ڏاهر جو لاشو گپ مان ٻاهر ڪڍيو (فتحنامو، ص184)

62_ فتحنامي ۾ فقط ايترو آهي، ته ڏاهر جو سر ڏسي، محمد بن قاسم، الله تعاليٰ جي حمد و ثنا ڪئي، ڀ ٻه رڪعتون نفل جون شڪراني طور پڙهيون (ص185)

63_ فتحنامي جي بيان موجب، راڻي لاڏيءَ ڀ ڏاهر جون ٻه ڏيئر، برهمڻ آباد جي قلعي مان گرفتار ٿيون هيون (ڏسو فتحنامو، ص206_207) ڀ صفحي 186 ۾ وري راڻي لاڏيءَ جي گرفتاريءَ جو واقعو سندس زباني لکي ٿو، ته "راجا ڏاهر، جنگ هلندي پنهنجن

زالن مان هر هڪ تي سخت چوڪيدار مقرر ڪيو هو. ته جيڪڏهن شڪست ٿئي، ته هنن زالن کي ڪُهي ڇڏجو. جڏهن ڪافرن کي شڪست ٿي، تڏهن لاڏيءَ پاڻ کي اٽ تان ڪٽي ميدان جنگ ۾ اڇلايو ۽ گرفتار ٿي".

64_ فتحنامي موجب، ڏاهر جو سر "صادم بن ابي صادر" همدانيءَ جي حوالي ڪيو ويو هو ۽ ساڻس گڏ بني قيس قبيلي جو ابوقيس ذڪوان بن علوان بڪري، يزيد بن مخالد همداني، زياد بن الحواري العبدي، ۽ ٻيا ماڻهو همراهه ڪري موڪليا ويا هئا. (ص187)

65_ فتحنامي (ص217_218) ۾ هيءُ نالو "ساوندي" ڇاپيل آهي.

66_ "دارالاسلام" انهيءَ ملڪ کي چئبو آهي، جتي مسلمانن جي بادشاهي هجي. هتي دارالاسلام مان مراد شام ۽ عراق آهي.

67_ فتحنامي ۾ لوهاٽن، پاتين وغيره جو ذڪر ڪونهي. البت مير معصوم تاريخ سنڌ (ص27) ۾ اهو ذڪر ڪيو آهي، پر انهيءَ ۾ به پاتين جو ذڪر ڪونهي، ۽ انهن جي بدران هالير (شايد "هالہ") قوم (قبيلي) جو بيان آهي مير معصوم جو ماخذ ڪهڙو آهي. سو الله ٿو ڄاڻي.

68_ فتحنامي مطابق، ڏاهر جي پيٽ "راڻي ٻائي"، راؤر جي قلعي ۾ چڪيا تي چڙهي هئي (ڏسو فتحنامو، ص 194_195)، محمد بن قاسم ڏاهر جي ٻيءَ زال راڻي لاڏيءَ سان، حجاج نہ بلڪ امير المؤمنين کان اجازت وٺي شادي ڪئي هئي (ڏسو ص185)

69_ نسخہ "ن"_ "اسڪندہ"

70_ فتحنامي مان ڏاهر جي صرف ٽن پٽن جو پتو لڳي ٿو: "جيسيہ"، جو پيءُ سان ميدان جنگ ۾ گڏ هو (ص163_164)، ۽ پيءُ جي مرڻ کان پوءِ سياڪر وزير جي صلاح سان اچي برهمڻ آباد ۾ رهيو (ص193_194)، جتان پهريائين جيسلمير، پوءِ چتور هليو ويو وغيره (202)، ٻيو "فوفي"، جو اروڙ جي قلعي ۾ هو ۽ اتان ٻڌي پنهنجي پاءُ جيسيہ وٽ چتور هليو ويو (ص224)، ڏاهر جو ٽيون پٽ "وڪيو". جنهن جو ذڪر سنڌ جي ڪنهن بہ ميدان جنگ تي ڪونہ آيو آهي. پنهنجي پاءُ سان چتور ۾ موجود هو (ص224)_ معلوم ٿو ٿئي تہ اهو شايد صغير هو ۽ جنگ ڪرڻ جي قابل نہ هو. باقي رهيو اسڪلنده جو قلعو سو "پاتيہ" علاقي جو (جو غالباً رياست ٻهاولپور وٽ هو) هڪ مکيہ ۽ مضبوط قلعو هو. محمد بن قاسم اهو قلعو اروڙ جي فتح کان پوءِ، ملتان ويندي رستي ۾ فتح ڪيو هو (636_237) انهن حقيقتن جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو تہ مير قانع جو هيءُ بيان فقط هڪ وهم آهي. بلاذري (ص428_429) لکي ٿو تہ محمد بن قاسم جي ويجهڙ کان پوءِ سنڌي راجا، جيکي محمد بن قاسم جي مقابلي ۾ شڪست کائي. هيڏي هوڏي ٻڌي ويا هئا، تن سيني موتي اچي پنهنجن ملڪن تي قبضو ڪيو هو. انهن ۾ ڏاهر جو پٽ جيسيہ بہ هو جنهن اچي برهمناباد تي قبضو ڪيو. حضرت "عمر بن عبدالعزيز" جي ڏينهن ۾، جيسيہ ۽ انهن راجائن اسلام قبول ڪيو ۽ پاڻ تي عربن جهڙا نالا رکايا. "هشام بن

عبدالملڪ" جي ڏينهن ۾ "جنيد بن عبدالرحمان" مري سنڌ جو گورنر ٿي آيو. هن ۽ جيسيه جي پاڻ ۾ اٽڪٻٽ ٿي پيئي. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ زبردست لڙائي لڳي، جنهن ۾ جيسيه قتل ٿي ويو. جيسيه جي پاڻ چچ بن ڏاهر چاهيو ته پڇي وڃي اهو احوال خليفي کي ٻڌائي، پر جنيد کيس پنهنجي هٿ آڻي قتل ڪري ڇڏيو. جيسيه سچ پچ مسلمان ٿيو هو يا رڳو کل بچائڻ ڪاڻ اسلام جو اعلان ڪيو هئائين. تنهن ۾ تاريخ نويسن جو اختلاف آهي. هن بيان مان هي به پتو پيو ته ڏاهر کي "چچ" نالي چوڻون پٽ به هو.

71_ چچنامي (ص212_213) مان واضح ٿو ٿئي، ته جڏهن مسلمانن برهمن آباد جو قلعو فتح ڪيو ۽ لڙائيءَ ۾ اتي جو بتخانو شڪسته ٿي پيو. تڏهن ڊپ کان ماڻهن بت پرستي ڇڏي ڏني، جنهن ڪري برهمڻن جو روزگار بند ٿي ويو ۽ هنن محمد بن قاسم جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيو ته هو ماڻهن کي هدايت ڪري، ته اصلوڪي دستور موجب برهمڻن کي خير خيرات ڏيندا رهن، ۽ کين بتخاني جي دوباره آباد ڪرڻ جي پڻ اجازت ڏني وڃي. انهيءَ ڳالهه جي عام ماڻهن پڻ تائيد ڪئي، جنهن تي محمد بن قاسم، حجاج کان اجازت ورتي، کين ڏنل بتخاني جي تعمير جي اجازت ڏني. وغيره. هن بيان مان ظاهر آهي ته مير قانع جو اهو لکڻ ته "رخصت بدهند تا معبدهاي خودارا بمكانهاي ديگر بنانهيم" (موڪل ڏيو، ته پنهنجا بتخانا ٻين جاين تي ٺاهيون)_ پُل آهي، جنهن لاءِ ڪو ماخذ ڪونهي.

72_ "سندس ٻه پائر_" کان ورتي "گهرايو اٿس" تائين سڄو جملو مير قانع پنهنجي طرفان اضافو ڪيو آهي، جنهن لاءِ وٽس ڪابه سند ڪانهي. (ڏسو فتحنامو ص221)

73_ "صبح جو علاقين_" کان ورتي "هدايت ڪئي" تائين، مير قانع جي پنهنجي ايجاد آهي، جنهن لاءِ ڪابه سند ميسر ٿي نه سگهي آهي. فتحنامي ۾، جو عربن جي سنڌ ۾ فتوحات جو مستند ترين ماخذ آهي، فقط هيترو لکيو آهي ته "پس مردي از علاقيان در ارور بود، که بافوفي موافقت کرده بود بنشته در قلم آورد و از گريختن و متواري شدن فوفي اعلام داد و برتير بست و بينداخت که فوفي داهر ترک امارت ارور گرفت و بطرفي متواري شد" (علاقين مان هڪڙي ماڻهوءَ جو فوفيءَ سان موافقت ڪري اروڙ ۾ ٿي رهيو. تنهن فوفيءَ جي ڀڃي وڃڻ ۽ گم ٿيڻ جو احوال لکي، تير سان ٻڌي ٻاهر اڇلايو ته "فوفي بن ڏاهر، اروڙ جي حڪومت جي دعويٰ ڇڏي، ڪنهن پاسي لڪي ويو آهي") ڳالهه فقط ايتري آهي، باقي انهيءَ ڪري هڪڙي علاقيءَ کي علاقين سان تعبير ڪرڻ ۽ پنهنجي لاءِ امان گهرڻ ۽ قلعي جي کولڻ لاءِ رهبري، اهو سڀ مير قانع جو اضافو آهي.

74_ چچنامي ۾ (صفحو227) فقط هيترو آهي، ته "انهيءَ ماڻهوءَ امان نامو ورتي، پنهنجي ڏاڙهيءَ ۾ هٿ هٽي، ڏاڙهيءَ جا وار کولي، انهن جون چوٽيون پنهنجي پيرن جي آڱرين سان ٻڌي، نچڻ شروع ڪيو ۽ بيت ڳائڻ لڳو: "کس نديده است اين عجب که مراست، موي ريشم همي کشان تاپاست"!

75_ چڇنامي ۾ (228) هن تي اضافو ڪري لکي ٿو ته "محمد بن قاسم، انهيءَ ماڻهوءَ کي ٻن سؤن عزيزن قريبن سميت، جيل ۾ رکي، حجاج کي حقيقت حال کان واقف ڪيو. حجاج هڪ طرف ته هيءُ سوال ڪوفي ۽ بصري جي عالمن جي آڏو رکيو ۽ ٻئي طرف وقت جي خليفي وليد بن عبدالملڪ کي اطلاع ڏنو. عالمن خواه خليفي کان ساڳيو جواب پهتو، ته اهڙا معاملا خود اصحابن سڳورن جي زماني ۾ فيصل ٿي چڪا آهن. ڏسو قرآن شريف جي آيت: "رجال صدقوا ما عاهد والله عليه". حجاج وڌان انهيءَ حڪم پهچڻ شرط، انهيءَ ماڻهوءَ کي سيني لاڳاپيدارن سميت آزاد ڪيائين."

76_ اروڙ جي گورنري، احنف بن قيس نه، پر سندس اولاد مان هڪ شخص "رواح بن اسد" کي ڏني ويئي هئي (ڏسو فتحنامو ص 234_235)

77_ اصل ۾ "طائي بن شيبان" لکيل آهي، جو غلط آهي، صحيح "'طائي بن محمد بن شيبان"_ الخ" آهي (ڏسو فتحنامو ص235 ۽ خود تحفة الڪرام ص27)، پر ساڳيو فتحنامي جو مصنف، ص9 تي، انهيءَ ساڳئي قاضيءَ جي پڙ پوٽي جو شجره نسب هن طرح لکي ٿو: اسماعيل بن علي بن محمد بن موسيٰ بن طائي بن يعقوب بن طائي بن موسيٰ بن محمد بن شهاب بن عثمان الثقفي. هتي "موسيٰ" کان پوءِ "بن" لفظ زائد آهي، ۽ نسخي "ڪ"، "موسيٰ بن طائي" جي بدران "موسيٰ طائي" لکيو آهي، جو اسان جي نظر ۾ ٺيڪ آهي. "طائي"، "موسيٰ" جي صفت آهي، مگر ڪاتبن غلط فهميءَ ۾ مبتلا ٿي ڪٽي موسيٰ ۽ طائيءَ جي وچ ۾ "بن" جو لفظ وڌايو آهي. اڳتي هلي، ٻئي "طائي" کان پوءِ وري "بن موسيٰ" وڌايل آهي، جنهن متعلق ڪوبه فيصلو ڪري نٿو سگهجي. پٺ "شيبان" کي هتي "شهاب" سڏيو ويو آهي_ صحيح ڪهڙو آهي، سو خدا ٿو ڄاڻي. "عثمان ثقفيءَ" مان مراد شايد اهوئي "عثمان، بن ابي العاص ثقفي" آهي، جنهن بحرين جي گورنريءَ جي زماني ۾ پنهنجي پاءُ مغيره بن ابي العاص کي بحرين جي رستي کان ڏيبل ڏانهن موڪليو هو.

78_ اصل ۾ "هذيل بن الازدي" آهي، جو غلط آهي، شايد ڪتابت جو سهو کان "سليمان" جو لفظ وچ ۾ رهجي ويو ٿو ڏسجي (ڏسو فتحنامو ص218)

79_ هيءَ "گورج" شايد "ڪيرج" جي بگڙيل صورت آهي، جو گجرات جي "ڪيره" پاڳي جو معرب ٿو پائجي. پر محمد بن قاسم اهو ڪيرج فتح ڪونه ڪيو هو. هذيل بن سليمان ازديءَ کي فقط ڪچ جو پاڳو هٿ هيٺ ڏنو ويو. جو ڪيرج (ڪيره) جي بادشاهه جي هٿ هيٺ هوندو هو ۽ مسلمانن انهيءَ کي فتح ڪري ورتو هو. هن باري ۾ فتحنامي جي عبارت نهايت واضح آهي: "وناحيت قصه ڪ "دروهر" ملک کيرج داشت بهذيل بن سليمان لازدي داد"_ ص218 (۽ ڪچ وارو پاسو جو ڪيرج جي بادشاهه "دروهر" جي هٿ ۾ هوندو هو، سو هذيل بن سليمان ازديءَ کي ڏنائين.)

80_ اصل ۾ "بابيه" آهي، جو غلط آهي، هي "پاٽيه" غالباً رياست بهاولپور وٽ واقع هو.

81_ اصل ۾ "عتبہ بن تميمي" آهي، جو غلط آهي (ڏسو فتحنامو ص237). فتحنامي جي ساڳئي صفحي مان هيءُ ٻہ واضح ٿئي ٿو تہ محمد بن قاسم، عتبہ کي اسڪلندہ جي قلعي جو والي بنايو هو نہ سگھ جو.

82_ فتحنامي (ص241) ۾ "خزيم بن عبدالملک تميمي" لکيل آهي. نسخي "ر_ م" ۾ "بن تميم" لکي ٿو_ والله اعلم.

83_ اصل ۾ "مهپور" لکيل آهي، جو ڪاتب جو وهم ٿو ڏسجي. امير محمد بن قاسم، خزيم بن عبدالملک کي "برهمپور" جي قلعي ۾ مقرر ڪيو هو، جو جهلم جي ڪناري تي هوءِ جنهن کي "سوپور" ٻہ ڏيندا هئا (فتحنامو ص241)

84_ اصل ۾ "ديالپور" آهي، نسخو "ن"_ "ديبالپور".

85_ اصل ۾ "داهر را حد مشخص نموده" آهي، مگر اسان جي خيال ۾ ڪاتب جي پل کان "داهر" جي اڳيان "ملک" جو اکر وسري ويو ٿو ڏسجي_ ٻيءَ صورت ۾ ڪابہ معنيٰ نڪري.

86_ اهو غلط آهي تہ راجا ڏاهر جون ڏيئر ساڻس گڏ پالکيءَ ۾ لڙائي جي ميدان ۾ موجود هيون. بلڪ ميدان ۾ ڏاهر سان گڏ ٻہ "ٻانهيون" هيون، فتحنامي (ص178_179) ۾ لکيل آهي: "ودو کنيزک کہ باوي درعماري نشتہ بودند يکي اورا تنبول ميداد و ديگر تير مي داد" (ساڻس گڏ پالکيءَ ۾ جيکي ٻہ ٻانهيون ويٺل هيون تن مان هڪ هن کي پان ٽي ڏنو ۽ ٻيءَ تير ٽي ڏنا). هن کان اڳ صفحي 170 ۾ پڻ چيل آهي تہ "دو نفر کنيزک باوي در عماري بود_ يکي تيرها پيءَ يکديگر مي داد و ديگري تنبول مي داد". اهي ٻانهيون ڏاهر جي قتل ٿيڻ وقت گرفتار ٿيون هيون (فتحنامو ص207)

87_ هن قصي جي بنا فتحنامي جي روايت تي ٻڌل آهي، جا بلڪل غلط ۽ واهيات آهي. عربي تاريخن جي روايت موجب محمد بن قاسم، خليفي وليد جي مرڻ کان پوءِ سندس پاءُ سليمان جي سياسي عداوت جو شڪار ٿيو هو (تفصيل لاءِ ڏسو ڈاڪٽر داؤد پوٽي صاحب جو فتحنامي جي آخر ۾ محمد بن قاسم جي وفات تي نوٽ)

(هي مضمون ڪتاب تحفة الڪرام ص _ کان _ تائين، چيپندڙ سنڌي ادبي بورڊ جامشورو تان ورتل آهي.)

سنڌو ماٿر جا اصل باشندا دراوڙ هئا

پروفيسر محبوب علي چنا

[نوٽ: "مهراڻ" رسالي جي 1_2/1973ع پرچي ۾ محترم ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو هڪ علمي مقالو "سنڌي زبان ۾ دراوڙي لفظ"، جي عنوان هيٺ شايع ٿيو آهي. سنڌي صاحب جي تحرير مان هي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌ جي قديم ترين تهذيب موهن جي دڙي تي دراوڙن جو فقط "اڻ لکو" اثر پيو آهي. ان متعلق ايڈيٽر مهراڻ پاران لسانيات جي ماهرن جو توجهه چڪايو ويو هو ته "لسانيات جا مستشرقين توڙي ديسي عالم ان امر تي متفق آهن، ته موهن جي دڙي جي تهذيب، زبان ۽ ثقافت تي دراوڙ قوم جو "کافي" اثر رهيو آهي. لهذا محترم سنڌي صاحب جي راءِ ۾ سنڌي زبان تي دراوڙي قوم جي اثرات جو "اَڻ لکو" واسطو هجڻ عالمن لاءِ هڪ بحث طلب مسئلو آهي."

ان سلسلي ۾ لسانيات جي ماهر ۽ محقق جناب پروفيسر محبوب علي چنا صاحب، "سنڌي رسم الخط جي ارتقا" نالي ڪتاب تيار ڪيو آهي، جو ڇپائيءَ هيٺ آهي. عالمن ۽ ماهرن جي ڪيل تحقيقات ۽ چنڊ ڇاڻ مان واضح ٿئي ٿو ته سنڌو ماٿر جا اصل باشندا دراوڙ هئا. ان ڪري دراوڙن جي تهذيب، زبان ۽ ثقافت جو نه فقط گهڻي ۾ گهڻو اثر سنڌو ماٿر تي رهيو آهي، پر ان سان گڏ، ان اثر ڪري، سنڌو ماٿر جي تهذيب تي، دراوڙن جي ثقافت جو بنيادي اثر به

چئي سگھجي ٿو. جو اڳتي هلي ٻين قومن ۾ انهن جي ثقافتن جي ميلاپ سان وسيع ٿي ويو. ان سلسلي ۾ محترم پروفيسر چنا صاحب جو هي علمي مقالو پيش ڪجي ٿو. اميد ته "مهراڻ" جا پڙهندڙن ان کي دلچسپيءَ سان مطالع ڪندا. ع. م. گ.]

"مهراڻ" سہ ماهي 1973ع جي نمبر 1_2 ۾ عزيزم عبدالمجيد ميمڻ سنڌيءَ جو مقالو "سنڌي زبان ۾ دراوڙي لفظ" نظر مان گذريو. سنڌي صاحب جي لکت مان هي اندازو لڳائي سگھجي ٿو ته دراوڙن جو فقط "اڻ لکو" اثر سنڌ جي قديم ترين تهذيب موهن جي دڙي تي پيو. ان سلسلي ۾ "مهراڻ" جي ايڊيٽر مولانا گرامي صاحب بہ لسانيات جي ماهرن جو توجھ ڇڪايو آهي.

ميمڻ صاحب جو مذڪوره عنوان اڳي ئي ڪافي بحث هيٺ اچي چڪو آهي. سنڌي ادب ۾ دراوڙن جو داستان ڪاڪي ڀيرومل آندو. جنهن جو ڪوبہ ذڪر، حوالو يا اشارو ميمڻ صاحب نہ آندو آهي. مون پنهنجي زيرطبع ڪتاب ۾ هن حقيقت جي اپتار هن طرح ڪئي آهي:

"سنڌي ادب ۾ دراوڙن بابت احوال ڪافي آيل آهي. سيني کان پهريائين ڪاڪي ڀيرومل پنهنجي زنده جاويد تاليف "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ۾ هن قوم جي ٻوليءَ (صرف و نحو) ۾ سنڌ ۾ هن قوم جي نشانات جي باري ۾ تيرهن هنڌن تي ذڪر آندو آهي. ان کان سواءِ انهن جو احوال صفحي 17 کان 22 تائين سندس ساڳئي ڪتاب ۾ پڻ آيل آهي. سڄڻ اهو ضرور ملاحظہ ڪن." [1]

دراوڙي زبان جي اهجاڻ ۾ آثارن جي سلسلي ۾ ميمڻ صاحب جيڪي اکر آندا آهن، ان مان ڪيترا ڪاڪي ڀيرومل جي نامياري ڪتاب ۾ اچي ويا آهن. دراوڙي ڳٽپ جي انگن جي سلسلي ۾ 'اِتي ڏکر' راند جي ڳٽپ جا اعداد ڪاڪي جي ڪتاب جي 193_194 صفحن ۾ درج ٿيل آهن. ڪاڪي ڀيرومل جي ڏنل لفظن ۾ نحوي ستا ۾ صرفي تطبيق چٽي نموني ۾ معلوم ٿئي ٿي. پر ميمڻ صاحب جي اکرن جي سمجھاڻي قياسي پيئي لڳي. ٻيو ته دراوڙي ٻولين جا نالا پڻ درست نہ ڏنا ويا آهن. ڪئنري (Kanaries) کي "ڪناري"، تيلوگو (Telugo) کي "تلنگو" ۾ مئلي (Malay) کي "ملائي" سڏيو ويو آهي. ڏار ڏار دراوڙي ٻولين جي قسمن يا اپياشائن ۾ 'اَمُرَ' آيل نہ آهن. هڪ وڏي لساني غلطي اها ڪئي ويئي آهي جو "منڊا" ۾ دراوڙي ٻولين جي

وچ ۾ ڪا تميز نہ ڪئي ويئي آهي ۽ منڌا ٻوليون، جي دراوڙي ٻولين کان گهڻو اڳ جون جهونيون ۽ گويا متقدم آهن، انهن جي هيٺين شاخن کي دراوڙي زبانون ڪري ليکيو ويو آهي: سنٿالي، منڌاري، سئورا (۽ نہ ساورا) .

ميمڻ صاحب اڳتي هلي ڄاڻايو آهي تہ "عام طرح چيو ويندو آهي تہ موهن جي دڙي جا ماڻهو دراوڙ هئا، پر حقيقت اها آهي تہ موهن جي دڙي جا سمورا ماڻهو دراوڙ ڪونہ هئا. البت ڪي اهڃاڻ ملن ٿا، جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٿورا دراوڙ نسل جا ماڻهو بہ رهندا هئا، جيڪي بلوچستان جي لکن کان لنگهي، سنڌ ۾ داخل ٿيا هئا"هت ميمڻ صاحب هندالاجيءَ جي مشهور عالم اي. ايل. باشم جي جڳ مشهور تصنيف "The Wonder that was India" جو حوالو ڏنو آهي. پر ڪتاب جي ڇاپي جو نمبر ۽ سال نہ ڏنو آهي. مون وٽ هي ڪتاب 'گروو پريس نيويارڪ' جي "ايور گرين جي" پهرين ايڊيشن جو ٻيو ڇاپو سنہ 1959ع وارو موجود آهي. هن ڇاپي ۾ مٿيون حوالو نظر نٿو اچي. مسٽر باشم پنهنجي تصنيف ۾ اڳتي هلي پاڻ دراوڙن لاءِ ائين ڄاڻايو آهي تہ: "جڏهن مسلم ڪاهہ وقت جديد هند آريائي ٻولين۾ سواءِ سنهاليءَ جي، ٻين کي ادبي مقام حاصل ڪونہ هو تڏهن دراوڙي زبانون صدين لاڪر زنده رهنديون آيون آهن.

وري اڳتي سنڌي صاحب لکي ٿو تہ، "آثار قديمه جا ماهر بہ ايا تائين فيصلو نہ ڪري سگهيا آهن تہ موهن جي دڙي جا رهاڪو ڪهڙي نسل جا هئا؟ هتي هن ڊاڪٽر ايڇ-ٽي-سورلي جي 'سنڌ جي گزيٽيئر' 1968ع جي صفحي 114 جو حوالو ڏنو آهي. ان بعد پنهنجو رايو هن طرح ٿو پيش ڪري: "انهيءَ ڪري اسان جيڪڏهن ائين چئون تہ موهن جي دڙي واري زماني ۾ سنڌ ۾ بنيادي طرح اصلوڪا باشندا سنڌي هئا، تہ غلط نہ ٿيندو. البت ڪجهہ قدر دراوڙ بہ پوءِ اچي رهيا."

هيءَ حقيقت آهي تہ آثار قديمه ۽ بشريات جا عالم ايا ڪنهن پڪي ۽ پختي نتيجي تي نہ پهتا آهن تہ موهن جي دڙي جا اصلي ۽ ديسي باشندا ڪير هئا؟ پر ان مسئلي تي ماهرن جون ڪافي محققانہ لکيتون موجود آهن، انهن جي مدنظر ميمڻ صاحب کي ان جي چندڇاڻ ڪرڻ گهرجي ها، ۽ ائين لکي ڇڏيائين تہ "بنيادي طرح اصلوڪا سنڌي" هئا، سو هڪ محقق جو

ڪم نہ آهي. هن غير واضح راءِ تي علم الانساب ۾ بشريات جا عالم ضرور وضاحت لاءِ سوال پڇندا تہ اهي اصلوڪا بنيادي سنڌي ڪهڙي نسل سان تعلق رکندڙ هئا؟ جو مواد موجوده دؤر ۾ مليو. ان مان بندي پنهنجي زير طبع ڪتاب ۾ ڪجھ چنڊچاڙ ڪري آخر ۾ خلاصو پيش ڪيو آهي. هن مفصل تحقيقي احوال ۾ مستر باشم ۾ ڊاڪٽر سورلي جا بہ رايا اچي ويا آهن. حبيبن جي حظ خاطر ان ڪتاب مان اقتباسات پيش ڪجن ٿا.

سنڌو ماڻر جا اصل باشندا:

بشريات ۾ حفريات جي عالمن سنڌو ماڻر جي اصلي باشندن جو نسلي جائزو ۾ جسماني ساخت جو اندازو ٻن قسم جي حاصل ڪيل شين مان ڪيو آهي: هڪ هنن جون کوپريون ۾ هڏن جا پيرا ۾ ٻيو ڪنجهي ۾ پٺر جا بنيل انساني مجسما. موهن جو دڙو، هڙاپا ۾ چانهو دڙي جي کوٽاين مان ڇھ کن کوپريون، چند انساني هڏن جا پيرا ۾ لاتعداد هڏا مختلف هنڌن ۾ مختلف حالتن ۾ پکڙيل مليا آهن. انهن مان چند تہ دفن ٽيل مليا آهن ۾ گھڻا ڪنهن اوچتي حادثي جو شڪار ٽيل معلوم ٿين ٿا. دفن ٽيل باقيات، هن تهذيب جي اهم مدفنن هڙاپا جي ايريا 'جي' ۾ 'آر_37' مان دريافت ٿيا هئا، پر افسوس هي آهي تہ هن هڏاون پيڙن جو اڃا تائين تفصيلي جائزو نہ ورتو ويو آهي. ان ڪري جي ڊانچا موهن جي دڙي جي گھٽين يا مڪانن مان لڌا ويا آهن، انهن جي تحقيق جي رپورٽ تي اسان کي پروسو ڪرٽو پوندو. اهڙيون رپورٽون مارشل، ميڪي، ڪرنل سميول ۾ مستر گوها شايع ڪيون آهن. انهن مان معلوم ٿو ٿئي تہ 'موهن جي دڙي' ۾ چئن مختلف نسلن جا باشندا آباد هئا: هڪ پروٽو آسٽرلائڊ (Proto Australoid) يا آسٽريلوي نسل؛ ٻيو بحر رومي يا ميڊيٽرينين (Mediterranean) نسل؛ ٽيون الپائني (Alpinoid) ۾ چوٽون منگولي.

وهيلر صاحب پنهنجي پهرئين ڪتاب 'دي انڊس سِو لائيزيشن' ۾ هوبهو مٿيون احوال ڏنو آهي.

پر ان بعد ٻئي ڪتاب ۾ مذڪور لفظن ۾ هن طرح اضافو ڪيو اٿس: "وڏن مٿن وارو قسم، جو ڪثرت ۾ آهي، "پروٽو آسٽرلائيد"، ڪاڪيز

(Caucasic) يا يور_آفريڪن (Eur_African) سان مشابهت رکي ٿو. ٻيا جي ذرا هلڪي ساخت جا آهن سي روايتي بحر رومي، هند يورپي يا ڪئسپين (Caspian) قسمن جا آهن".

دريافت ٿيل کوپڙين ۾ اڌ کان وڌيڪ هڪ ئي نسل سان تعلق رکن ٿيون ۽ هي نسل بحر رومي (Mediterranean) آهي. پروفيسر استوئرٽ بحر رومي ماڻهن جي باري ۾ لکيو آهي: "موجوده زماني ۾هي ماڻهو آئبيريا (اسپين – پورچوگال) کان هندستان تائين گهٽي تعداد ۾ ڦهليل آهن. هن جنس جا خاص قسم فلسطين جي اندر نطوني دؤر ۾ ملن ٿا. هي گروهه اُتر – آفريڪا جي ڏاکڻي پاسي ۽ ايشيا جي اندر هڪ ٻئي کان ممتاز ٿيو هوندو. فرعونن کان اڳ جا باشندا هن جنس سان تعلق رکن ٿا. هن گروهه جا خالص ۾ خالص نمائندا عرب ۾ ملن ٿا. هي ماڻهو هندستان جي شمالي حصي ۽ پڙ ٻين هنڌن جي اعليٰ ذاتين ۾ به ملن ٿا. هي پوري پُني قد جا به آهن ته بلند بالا قد جا به، رنگ سانورو به اٿن ته زيتوئي قسم جو ۽ بادامي به، کوپري ۽ چهرو لمبو، سنئون نڪ، ڪارا وار، اکيون وڏيون ڪشاديون، پر ڪاريون به ۽ بادامي به، بدن جي بيهڪ اپريل. اهي ثابتيون ظاهر ڪن ٿيون ته هي وڏين کوپرين وارابحر رومي ماڻهو، سيالڪ (ايران)، اَناؤ (ترڪي)، العبيد (سميرين مرڪز)، علي شهر (ايشيا مائنر) وغيره، مغربي ايشيا جي قديم ترين کيتين وارن هنڌن ۾ هر جڳهه آباد هئا. العبيد جون کوپريون ته موهن جي دڙي جي کوپرين سان قريبي مشابهت رکن ٿيون. ان ڪري ميسرس اورسيل، گرئبوسڪا ۽ استرن سنڌو ماڻر جي تهذيب کي "سميرو_دِرئويڊين ڪلچر" (Sumero_Dravidian Culture) سڏيو آهي.

ڪرنل سِول جي تحقيق موجب سنڌو ماڻر ۾ هن نسل جي مردن جي لمبائي پنج فوٽ سوا چار انچ هئي ۽ عورتون ڇهن فوٽن نوَ انچن کان ڇهن فوٽن ۽ سوا چار انچن تائين ڏِگهيون هيون.

ٽي کوپڙيون پروٽو آسٽرلائڊيا آسٽريلوي نسل جون مليون آهن. هي ننڍي قد جا هئا ۽ ڪرنل سميول جي اندازي جي مطابق هنن جي ڏِگهائي سراسري پنج فوٽ ۽ هڪ انچ هئي. هنن جو رنگ گهاٽو ڪارو، وار ڪارا ۽ گُهنڊيدار، متو ڏِگهو، نڪ ويڪرو ۽ چپٽيل ۽ سندن چپ ٿلها ۽ گوشت سان

پريل هوندا هئا. هن نسل جا باشندا اڄ بہ وچ ۽ ڏکڻ هندستان ۾ آهن ۽ برهمڻ انهن سان اڇوتن جهڙو سلوڪ ڪن ٿا.

منگول نسل جي فقط هڪ ڪوپري ملي آهي. موهن جي دڙي جي لڏل ڪوپرين مان هڪ يقيني طرح ۽ ٽي شبهي طور الپائيني (آلپس جبل جي آسپاس) قرار ڏنيون ويون آهن. بشريات جي ماهرن ڏيکاريو آهي تہ مشرق بعيد ۾ پاستوسين يا برفاني دؤر جي آخرين حصي جا آثار نظر آيا آهن، جي بہ چند لک سال حضرت مسيح عليہ السلام کان اڳ (ق۔م) آهن، پر چند ماهر هن خيال جا آهن تہ منگولي نسل جي ماڻهن جا آثار قديم حجري دؤر (پٿر وارو دؤر) جي مٿين تهن جا (جي ڪئين ڪروڙ سال ق۔م کان بہ اڳ جا آهن) معلوم ٿين ٿا. هنن جا نمايان نظارا منگولي ترڪستان جي "چوڪوٽين" (Chou_koutine) غار مان معلوم ٿين ٿا. هتي هي بہ معلوم هجي تہ مفروضہ ترڪي – منگولي نسل جي ماڻهن لاءِ "توراني" جو اصطلاح مئڪس مولر (Max Muller) گهڙيو هو. ان جي بدران 1873ع کان ۽ خصوصاً ويهين صديءَ ۾ مسٽر ايم۔اي ڪئسترن (M.A.Castren) جي تجويز جي مطابق التائي (ALtais) جو اصطلاح استعمال ٿيڻ لڳو آهي. هن کان وڌيڪ وسيع تصور "يورال التائي" (Ural_Altais) آهي جوهينئين قومن تي بہ حاوي آهي: زمره ساموئيد (Samoyed)، زمره فينو۔اوغري (Finno Ugrians) ۽ زمره تونغوز (Tunguses).

هڙاپا جي ايريا "جي" ۽ مدفن "آر – 37" مان جي هڏن جا پيچرا نڪتا آهن، تن جي سرسري جائزي مان معلوم ٿو ٿئي تہ هنن ماڻهن جا سِر وڏا، ڊگها يا بيضوي آهن، سندن ڪوپڙيءَ جو مٿيون هڏو اوچو، چهرو لمبو ۽ نڪ ويڪرو آهي. اهڙيءَ طرح هي موهن جي دڙي واري آسٽريلوي نسل سان مشابهت رکن ٿا.

هت هي بہ واضح ڪرڻ ضروري آهي تہ اهڙا مدفن هندستان جي اترئين مقام "روپار" ۽ ڪانياواڙ جي ٻين هنڌن "رنگپور" ۽ "لوٿال" ۾ بہ مليا آهن. ڊاڪٽر سنڪاليہ ڏيکاريو آهي تہ هنن جي دفن ڪرڻ جو طريقو بہ هڙاپہ جي قديم ماڻهن وانگر آهي. جيئن تہ هي سنڌو سيبيتا جا نوان هنڌ "موهن جي دڙي" ۽ "هڙاپا" جي وقت کان پوءِ جا آهن تہ پوءِ هنن جا رهاڪو

بہ ضرور مذڪور هنڌن جي نسلن وانگر هوندا. سروهيلر ڇاڻايو آهي تہ جي هڏاوان پيڙا لوٽال مان مليا آهن اهي گول مٿن وارا آهن ۽ هڙاپن باشندن جهڙا نہ آهن پر گجرات جي موجوده باشندن سان مماثلت رکن ٿا. تاريخي ۽ محققانہ رد تڏهن پايہ تڪميل تي پهچندوجڏهن اسان اڳتي ان نقطي تي تفصيلي بحث ڪنداسين تہ سنڌو ماٿر جا باشندا "دراوڙ" هئا ۽ جڏهن نَوَن آيل ماڻهن انهن تي حملو ڪري انهن کي ڏاکڻي طرف ڌڪيو تڏهن انهن وري پنهنجون نيون بينڪون ناهيون. ٻيو هي قطعي ثابت ٿي چڪو آهي تہ سنڌو ماٿر ڌار ڌار تهذيبن جي ميلاپ جو مرڪز هو. ان ڪري هن ۾ نموني نموني جا نسل اچي واسو ڪندا هئا.

هن سلسلي ۾ رهنمائيءَ ڪرڻ لاءِ ٻيون شيون پٽر ۽ ڪنجهي مان بنيل انساني مجسما آهن. پر انهن مان نتيجن جو ڪيڏ قابلِ اعتماد نہ آهي ۽ ڪوپڙين ۽ هڏاون پيڙن جي جائزي سان انهن جو تقابلي نتيجو زياده صحيح نڪو ملي. ڇو تہ هي مجسما اصل جي نقل تي نہ بنايا ويا آهن ۽ نہ وري انهن جا خدوخال زياده چٽا آهن. بهرحال جو "حال پريان نال" جي مصداق سڃڻن کي سُڌ ٿي ڏجي تہ موهن جي دڙي مان حاصل ٿيل چار مجسما (بوتا) قابلِ غور آهن. پهرين تہ ڪنجهي مان نهيل هڪ ناچڻيءَ جو بوتو. جنهن جي زلفن جي آرائش ۽ ٻي سجاوٽ ڏکڻ بلوچستان جي 'ڪِلي ڪلچر' جي پختءِ مٽيءَ جي بنيل مورتن سان مشابهت رکي ٿي. پريل ٿلهن چپن واريءَ هيءَ خاتون آسٽريلوي نسل سان متعلق ڪري سگهجي ٿي. آسٽريلوي نسل جي ماڻهن جو ڪارو رنگ ۽ ڏکڻ بلوچستان جي قديم نالي 'گيڊروشيا' (Gedrosia) يعني 'ڪاري رنگ جي ماڻهن جو ملڪ' جو تعلق بہ غور ڪرڻ جي لائق آهي. چوني پٽر جي بنيل آدميءَ جي سِر جومجسمو بہ اهم آهي. هن جي ننڍي پر پوري لهريدار ڏاڙهي، سِر تي چپڪيل لهريدار وار، جو جوڙي جي شڪل ۾ وارن جي پٽيءَ سان ٻڌل آهي، هن کي بحر روميءَ جي نسل سان لاڳاپيل ڏيکارين ٿا. هڪ ٻئي بوتي جون اکيون منگول جي نسل ڏانهن دلالت ڪن ٿيون. اچو تہ وڌيڪ ڪجهہ منگولن لاءِ معلوم ڪريون.

هندوستان جا منگول پنهنجي نسب جون نشانيون هن طرح مختلف انداز ۾ پيش ڪن ٿا: ويڪرومنهن، ناسي ڦڪڙو چهرو، ننڍو قد، اکين وارا

هڏا مٿانهان ۾ چيني اکيون. اهڙو قسم ڄجهي انداز ۾ تبت ۽ يوتان جي اوچين ماٿرين توڙي ڪشمير ۽ نيپال ۾ ملي ٿو.

بنگال ۾ هي نسل دراوڙي نسل سان ملي ويو آهي ۽ گڏيل ذات پيدا ڪئي اٿس. جنهن ۾ هند-يورپي رت جوگهٽ دخل آهي. هي پڻ پسجي ٿو ته اولهه-اتر وارين سرحدن تي. جنهن ۾ هزارا ۽ افغانستان جا 'ايمڪ' اچي وڃن ٿا. هرات ۽ ڪابل جي وچ ۾ اچي مقيم ٿيا ۽ پنهنجي اصلوڪي ٻوليءَ فارسيءَ جي فائدي ۾ ڳالهائيندا رهن ٿا. ڪن خاص حالتن ۾ انهن منگولن جي نقل و حرڪت تيز حملي جي صورت ورتي آهي. خاص ڪري جڏهن هيونگ نو (Hiung-nu) سندن رهائش ڦيرائي يا چنگيز خان فتحون شروع ڪيون. تيمورلنگ جي شهنشاهيت يا هندوستاني مغلن جو لاڳاپو سندن اصلي نسب سان ٿورو هو. هي ترڪي ۽ مسلمان عناصر جا هئا.

مسٽر اي-ايل-باشم پنهنجي جڳ-مشهور تصنيف ۾ هڪ هنڌ هي سوال ڪري ٿو ته "هن وڏي تهذيب جا معمار ڪير هئا؟" ان بعد باقياتي تفتيش جو مذڪور احوال ڏيئي لکي ٿو ته: "موجوده ڏکڻ هندستان وارا، بحر رومي ۽ آسٽريلوي نسلن جا سنجوڳ آهن. جي هڙاپا ڪلچر جا ٻه مکيه نسلي عناصر هئا.

وڌيڪ هڙاپا مذهب گهٽي ياڳي هندستان سان مشابهت رکي ٿو. جو دراوڙي ملڪ ۾ خصوصي طرح معروف آهي. بلوچستان جي پهاڙين ۾. جتي نال ۽ ذوب سيپتائن پنهنجا ننڍڙا ڳوٺ ٻاهيا. ۽ بروهي. جي نسبي طرح گهٽو ڪري ايراني آهن. دراوڙي ٻولي ڳالهائين ٿا. ان ڪري تجويز آهي ته هڙاپا تهذيب جا باشندا دراوڙي هئا. قادر ايچ. هراس جو انهن جي لاءِ هڪ سند جو درجو رکي ٿو. سو سندن تحرير جي تفتيش ڪندي ثابت ڪري چڪو آهي ته هن سيپتا جي سڃڻن جي زبان تامل جو قديم قسم آهي".

"هي سمجهيو ويو آهي ته هڙاپا جا باشندا قديم آسٽريلوي نسل سان لاڳاپو رکن ٿا. جوهڪ وقت سڄي هندستان تي حاوي هو ۽ بحر رومي نسلي اثر هيٺ ڏٻيل هو. جو هندستان جي حدن ۾ تهذيب جا عناصر ڪٽي گهٽو اڳ آيو. بعد ۾ وڌيڪ حملن جي زور ڪري. هي بحر رومي عنصر سڄي برصغير ۾ ڦهلجي ويو ۽ وري ڏيهي باشندن سان ملي جُلي 'دراوڙ' بنجي ويا. هن

نظريي لاءِ هڪ مکيہ اعتراض هي آهي تہ ڏکڻ هندستان ۾ قديم دراوڙن جا جي اُيا پٿرن جا نشان (Magaliths) آهن، سي ڪي ايترا آڳاٽا نہ آهن، وري هڪ ٻيو نظريو ميدان ۾ آيو آهي تہ دراوڙ هندستان ۾ مغرب کان سمنڊ ذريعي پهرئين هزار سال ق.م. جي ٻئي اڌ ۾ آيا.“

وڌيڪ تازه ترين کوجنائن مان اتر بلوچستان جي هيٺ ڏنل مقامن سان آڳاٽي هڙاپا سيويتا (Pre_Harapan Culture) جا چار هزار ساله ق.م. جا نشان مليا آهن.

آثار قديمہ جي ماهرن ظاهر ڪيوآهي تہ جيتوڻيڪ ثقافتي نمائش ۾ خِطي جي ڦيرگهير جو اثر رهي ٿو تہ بہ مختلف ماٿرين جي سيويتا بلوچستان ۽ سنڌ ۾ پاڻ ۾ مليل جليل رهي ٿي. هنن جو خيال آهي تہ ٽي هزار سال ق. م. جي اڌ ۾ ”ڪوٽ ڏيجيءَ“ جو آڳاٽو هڙاپا ڪلچر بلوچستان جي ڪچ حصي تي حاوي ٿي ويو ۽ ثقافتي استحڪام حاصل ڪيائين. ان بعد جلد ئي مشهور سنڌو سيويتا، پنجاب ۽ سنڌ جي ميدانن ۾ ڳُرُ ڪنيو ۽ جي ثقافتي خصوصيتون،بلوچستان ۽ سنڌو ماٿر جي ٻئي ڪنهن هنڌ ڏنائين، تن کي پاڻ ۾ جذب ڪري ڇڏيائين. جن هنڌن محڪمہ آثار قديمہ، پاڪستان، بلوچستان سرڪار جي مدد سان کوٽايون ڪيون آهن، سي هي آهن:

ڪوئيٽا ماٽريءَ ۾ رضوي ڪرڙنا جي پرسان، پشين ۾ جگجال، زوب ۾ هندو باغ جي نزديڪ لهاره، خوئداد نزديڪ مرغه ڪذيائي، لورالائي ضلعي ۾ ڪشڪل ۽ ڪوئري، ڊمب چنارو زئي، هسل خانزئي ۽قلات ۾ ولي محمد ۽ شيرين ناب. (ڏان: انگريزي اخبار اڳارو 4_جولائي 1972ع، ص1 ۽ 7). مذڪور احوال مان ظاهر ٿيو تہ دراوڙن سنڌ ۽ پنجاب جي آثارن کان اڳ چار هزار ق.م ۾ بلوچستان ۾ واسو ڪيو. جنهن جا چتا اُهيجاڻ سندن تعلق واري قوم ”بروهي“ آهي. اهوئي سبب آهي جو هيءَ دراوڙي قوم آرين جي ڪاهہ جو پهريون شڪار رهي ۽ جنهن کي ويدن ۾ ”دسيوس“ سڏين ٿا، يعني ڏاڪو يا رهزن. وري هڪ ڪهاوت مطابق هي ’شيطانن يا ديون‘ ۾ تبديل ٿي ويا.

”اسان فقط ايترو يقين سان چئي سگهون ٿا تہ سنڌو ماٿر جا چند باشندا اهڙي قسم جا هئا، جي مغرب بعيد ۾ ملن ٿا ۽ انهن جا پونير هاڻي هندستان ۾ موجود آهن.“

مسٽر باشم جهڙو محقق به پير ڪيائي ويو آهي، هن صاحب کي به محققانه رايو قائم ڪرڻ کپندو هيو. بهرحال مسئلو ئي اهڙو آهي. ڊاڪٽر سنڪاليه کي ٻڌو جو لکي ٿو:

"پر هي سوال جو عالمن ۾ بشريات ۽ جفريات جي ماهرن کي منجهائي ٿو سو هي آهي ته ڏکڻ هندستان جاهي پهريان چانور ڪائيندڙ ڪير هئا (حالانڪ هن قسم جي آن جي ثابتي ايجا هندستان جي هن پاڳي مان ڪانه ملي آهي. جيتوڻيڪ ڪولهاپور وٽ ٻن صدين عيسويءَ جي هڪ گهرجي ڪوٺائيءَ مان چانور مليا آهن ۽ وچ هندستان مان به ٻارهين صدي ق. م يا هستناپور مان به ڪم از ڪم 8_9 صدي ق.م جا آڳاٽا چانورن جا آثار مليا آهن.) هڏاوان پيجرا ذرا گهٽ مدد ڏين ٿا جو هو گهٽو ڪري مسخ ٿيا پيا آهن ۽ حصن ۾ مليا آهن. زڪر من "ادیچنلر" جي هڏن مان سمجهيو آهي، ته هي باشندا دراوڙ هئا. (جوته هنن جا هڏاوان پيجرا موجوده دراوڙي ٻولين ڳالهائيندڙ باشندن سان مشابه هئا. ڪرسٽرف وان فيورر هيمنڊورف، ثقافتي بشريات جي ماهر دور رس اهميت جو هڪ عجيب و غريب نظريو پيش ڪيو. هن رايو ڏنو ته پٽرن جي نشانن جا ناهيندڙ بحر رومي نسل مان هئا، جي شايد الهندي ڪناري تي سمنڊ ذريعي آيا. ڏکڻ هندستان ۾ اٽڪل 500 ق.م ۾ داخل ٿيا ۽ اترئين طرف پکڙجي ويا ۽ اڀين نو حجري ۽ وچين حجري دؤر جي نواسين تي، جي اڌ رولو ۽ ڪاڏي جي تلاش ۾ هئا، تن کي زير ڪيائون. وڌيڪ جيئن ته ڏکڻ هندستان جي پٽرن جي نشانن جي حد دراوڙي ٻولين سان ڪَر ساهي ٻيڻي آهي، ان ڪري هي ئي باشندا آهن جن هِن خطي ۾ دراوڙي زبانون رائج ڪيون ۽ انهن جي ئي بادشاهن جا نالا ڪولاس، ڪيراس ۽ پانڊياس هئا، جن ڏي آسوڪا جون آشائون مخاطب ٿيل هيون. ان ڪري اوائلي تامل 500 ق. م تائين پهچي ٿي. بنيادي ثابتي، جنهن تي همنڊورف پنهنجو نظريو قائم ڪيو آهي، سا هيءَ هئي ته اولهه يوروپي پٽرن جي نشانن (Magaliths) ۾ چند قبرن جهڙا ايا، وڏا ۽ سنوان پٽرن جا ٽڪر هئا، جن جي وچ ۾ هڪ خلاء هئي. هي پٽرن جا ٽڪر به هزار ق. م ڪان پوءِ جا نه آهن ۽ منجهن ڪا لوهائين شئي به پيل نه آهي. ان ڪري سنه وار ۽ ثقافتي نقطه نظر سان اندازو لڳائبو ته هي يورپي پٽر جغرافيه طور يا

وقت جي مدنظر ڏکڻ هندستان وارن پٿرن کان دور آهن، ان کري بناوتي تعلق ٻنهي جي وچ ۾ به سمجهائڻ کان بالا آهي.

حوالا ۽ حاشيا

(1) "سنڌي رسم الخط جي ارتقا" (زير طبع)، پروفيسر محبوب علي چنا ص 134_135

(2) منڀا قوم جو احوال اڳتي ايندو. (م.چ)

(3) سنڌي صاحب جو مقالو،مجله مهراڻ سه ماهي، جلد 22_ نمبر 1 ۽ 2، 1973ع ص 177

(4) A.L. Basham 'The wonder that was India, N.Y. 1959, P 393.

(5) 'سنڌي رسم الخط جي ارتقا' (زيرطبع) محبوب علي چنا، ص 73_96

(6) Wheeler, SirMortimer, "The Indus Civilization" 2nd Ed: 1960, P 56.

(7) Wheeler, Sir Mortimer, "Civilization of the Indus Valley and Beyond" 1966, P:36.

(8) Piggot Stuart "Prehistoric India", PP: 145-146.

(9) Oursel, Paul Masson, Grabowska, Hetend-De-William and Stern Philippe, "Ancient India and Indian Civilization", London, P.19

(10) Bowlejohn "The Concise Encyclopaedia of World History", 1958, P:19.

(11) اردو دائره، معارف اسلاميه، دانشگاهه پنجاب، لاهور، جلد 1، 1964ع ص 219_220.

(12) Sankalia, H,D, "Indian Archaelogy" P:53,61,62,95,96,103,104.

(13) Wheeler, Sir Mortimer, "Civilizatin of Indus Valley and Beyond", 1966, PP: 36-37

(14) Piggott Stuart, "Prehistoric India" P 148

(15) بنده جي تحيق ٻارنهن سال اڳ، جا آمريڪي لساني ماهرن جي آڏو پيش ڪئي ويئي، سا به فادر هراس سان ملي جلي ٿي ۽ هاڻي هڪ فنش لساني ماهر ڊاڪٽر پارپولا، جنهن جو تعلق ڊينمارڪ جي ڪوپن هيگن يونيورسٽيءَ سان آهي. ڪمپيوٽرن ذريعي موهن جي ڏڙي واري زبان جي ڳولها ڦولها ڪري رهيو آهي. اهو صاحب به ڪم و بيش هن ئي خيال جو آهي. وڌيڪ احوال اڳتي ايندو. (م.چ)

(16) Haimendorf, C.Von Furer, 'Illustrated Lodon News' 1-7 1950, PP.24, ff.

(17) هن مان سنڌي لفظ 'ديوس' نڪتو آهي،جو به اهڙي اونداهيءَ معنيٰ ۾ سنڌي ۾ ڪم اچي ٿو. (م.چ)

(18) Basham, A.L "The wonder that was India" Second Printing, 1959, PP.24-25

(19) Zuckerman, S. "The Adichanallur Skulls", Bulletin Madras Government Museum, N.S. General Section, Part 11, 1930, PP. 19-20

(20) Magalith لفظ ان طرح يوناني لفظن جو آهي (Megas_وڏو، Lithes پٿر.

(21) اهڙن Megaliths کي Dolmene سڏبو آهي.

(ته ماهي مهراڻ تان ورتل).

سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو

تاج صحرائي

سنڌين متعلق مستر پٽاوالا جو لکڻ آهي تہ سنڌ جي اصل ۽ بنيادي رهواسين بابت يقين سان ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهجي ڇاڪاڻ تہ انهن متعلق ڪنهن لکڻي مان ڪابہ ثابتي ميسر ٿي نہ سگهي آهي مگر قرين قياس اهو آهي تہ سنڌ ۾ رهڻ وارا اصل ۾ خانہ بدوش هئا جن جو مکيہ ڏنڏو شڪار ڪرڻ هو. اهي سنڌ ۾ پٿر واري زماني کان وٺي آباد هئا. پراڻي پٿر ۽ نئين پٿر وارن دورن ۾ انهن جو ڏنڏو ڪيتي هو ۽ مڇي سندن مکيہ کاڌو هئي.

"They were nomadic hunters of the stone age, and that both in Palaeolithic and in early Neolithic periods, agriculture was part of the life of the people and fish one of their important foods." *(Historical Geography of Sind p 19)*

ان کان پوءِ سنڌ جي بنيادي ۽ اصلوڪن رهاڪن کي نون حملي ڪندڙن زير ڪيو جنهن ڪري انهن پوءِ وڃي ٻر پاسي واريون ٽڪريون ۽

ٻيلا وسايا. ٻيل، ڪولهي ۽ ميد وغيره انهن جو اولاد آهن.

ڪاڪو پيرومل لکي ٿو ته،

"عالمن کي کوجنائن ڪرڻ سان ايترو معلوم ٿيو آهي ته موجوده قومن مان قديم ۾ قديم لوڪ، جن اتر هندوستان وسايو سي هاڻوڪن ڪولهين، سنتالن، ٻيلن ۽ ميدلوڪن جا ابا ڏاڏا هئا. اهي سنڌ ۾ به هئا يا نه تنهن بابت اسان کي پهريائين پڪ ڪونه هئي پر پوءِ ڪن جون کوپڙيون سيوهڙ جي پريان لڌيون ويون. 1922، 1923ع ۾ ڪن ڪولهين ۽ سنتالن جون کوپڙيون مهين جي دڙي مان لڌيون، جا ڀالهه آرڪالاجيڪل کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل سرجان مارشل ڇاڙائي آهي. ائين هاڻ خاطري ٿي آهي ته اهي قديم لوڪ سنڌ ۾ به هئا، تنهن ڪري قديم سنڌ جا اصل رهاڪو هاڻ اهي ليکڻ گهرجن." *(قديم سنڌ ص51)*

تاريخ تمدن سنڌ جي لائق مصنف رحيمداد مولائي شيدائي لکي ٿو ته "هاڻي سوال آهي ته جن سنڌين موهن جي دڙي واري تهذيب جو بنياد وڌو هو، اهي ڪهڙي قوم مان هئا؟ محقق جي دماغي ڪاوشن ثابت ڪيو آهي ته اهي آڳاٽا دراوڙ هئا. جن دکن مان نڪري، سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۾ ڪلدانيا تائين بينڪون وڌيون هيون. ڪن محققن جو رايو آهي ته اهي يونچ سمنڊ جي ڪناري تي رهندا هئا، جتان نڪري سنڌ ۾ پهتا..... سندن بدني ساخت متعلق محقق رزلي (Rizley) جو بيان آهي ته برصغير هند جا رهاڪو ڊرويڊي آهن جن جو رنگ ڪارو، نڪ ويڪرو، وار ڪارا ۽ قدري گهنڊيدار، ڪارين اکين وارا ۽ قد ۾ بندرا هئا. جن سان پوءِ آريا، سٿين ۽ مغل قومون گڏجي ويون. ليڪن آڳاٽن ڊرويڊين متعلق مسٽر ٿرسٽن (Thurston) جو بيان هيٺ ڏيون ٿا:

"آڳاٽن ڊرويڊن ۽ پوئين ڊرويڊن ۾ ايترو فرق آهي ته آڳاٽن ڊريوڊن جا نڪ ويڪرا ڪونه هئا، نه وري قد ۾ بندرا هئا. اهي سيلان جي ويداس Veddas سليبس جي ٽولاز Tolas سوماترا جي باتين Batin ۽ آسٽريلين سان مشابهت رکندڙ هئا." *(تمدن سنڌ_ص16)*

ڪاڪي پيرومل جي راءِ سان اتفاق ۽ جناب مولائي شيدائي جي مٿين

بيان سان اختلاف ڪندي حڪيم نياز همايوني پنهنجي ڪتاب "سنڌ جي طبعي تاريخ" جي صفحي 52_53 تي پروفيسر باشم جي حوالي سان لکي ٿو تہ:

"هندي ڏاکڻين علائقي ۾ جيڪو دراوڙي نسل آباد ٿيو ۽ ايا تائين آهي، سو ڪنهن زماني ۾ سنڌ ۽ بلوچستان اندر آباد ٿيل هو. صرف اتي ئي نہ پر پوري هند ۾ دراوڙن جون عام آبادیون هيون ۽ جيئن جيئن ٻاهريان حملي آور سنڌ، بلوچستان سان گڏ اتر اولهہ جي سرحدي علائقن تي پنهنجي ڏاڪ جمائيندا آيا، تيئن دراوڙي قبيلا پنڌتي هٽندا ويا. انهن ڳالهين مان ٻہ ثبوت ملن ٿا هڪ تہ دراوڙ سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو هئا ۽ ٻيو تہ انهن جي لڏ پلاڻ ٻاهرين جي ڪاهن ڪري ٿي هئي."

سيد سبط حسن لکي ٿو تہ:

"موئن جو دڙو هڙپا ۽ ٻين جڳهين جي کوٽائي مان ايا تائين فقط چاليهن ماڻهن جا ڏانچا مليا آهن. انهن ڏانچن جي معائني مان، محقق ان نتيجي تي پهتا آهن تہ سنڌو ماڻري جي رهاڪن جا قد ننڍا مگر مٽا وڏا هئا. رنگ جا ڪارا، گنگهرو وارن وارا، ويڪري نڪ ۽ ٻريل چپن وارا هئا. ان بنياد تي چيو وڃي ٿو تہ انهن ماڻهن جو تعلق دراوڙ نسل سان هو. ڪي ڏانچا پونچ سمنڊ جي اوپر ڪنارن تي رهڻ وارن قديم ماڻهن سان مشابهت وارا آهن. هڪ ڏانچو ڪنهن منگول جو ٻہ آهي. اهي بروهيءَ سان ملندڙ دراوڙي زبان ڳالهائيندا هئا. بروهي قوم جا ماڻهو جي قلات، لس ٻيلي، کاران ۽ چغائي ۾ آباد آهن، سي سنڌو ماڻري جي قديم ماڻهن جو اولاد آهن." (*پاکستان میں تہذیب کا ارتقا*- ص 66_67)

ايڇ جي ويلس لکي ٿو تہ،

"Here was a civilization which from the first seems to have grown up upon its own roots, and with a character of its own. It was cut off from the civilizations to the west and to the east by vast mountain barriers and desert regions.... They (Aryans) found a civilization already scattered over India, the Dravidian Civilization. This had arisen

independently, just as the Sumerian, Cretan and Egyptian Civilizations seem to have arisen . . . ." *(p 386)*

(هندوستان ۾ هڪ تهذيب هئي جيڪا منڊ کان وٺي پنهنجن پاڻ تي ايري هئي ۽ جنهن کي پنهنجون مخصوص خصلتون هيون. ان تهذيب جو مغرب ۽ مشرق جي تهذيبن سان، بلند پهاڻن ۽ ريگستانن جي ڪري ڪوبه تعلق نه هو. آرين کي هن ملڪ ۾ اچڻ کان اڳ هڪ تڙيل پکڙيل تهذيب نظر آئي جنهن کي دراوڙي تهذيب سڏيو وڃي ٿو. اها تهذيب اتي ئي جمي نپني هئي جيئن سميري، ڪريٽي ۽ مصري تهذيبون پاڻمرادو اُسريون هيون.)

وري، ونيسيٽ_ اي_ سمٿ دراوڙن بابت پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته

"Dravidian is the English form of the adjective Dravida, with meaning 'belonging to Dravida or the Tamil country.' It is applied with propriety to the territory, people, or language of the extreme south, but is wholly inapplicable to the Gonds, Kols, Bhars, and other so_called 'non_ Aryan' tribes of Central India and the North. The word Dravida is said to be an Aryanized form of Tamil, meaning 'nice or sweet', as applied to the language."

(هندوستان جي قديم تاريخ صفحو 429) متين لکت موجب دراوڙن جو اصل وطن دروبدا يا تامل (ڏکڻ هندستان) هو. دراوڙ لفظ گوندن، ڪولن، پاڻن پيلن ۽ وچ هندستان ۽ اتر هندستان جي ٻين غير آرين گروهن، قبيلن ۽ قومن لاءِ استعمال ڪري نه ٿو سگهجي. دروبد جي لفظي معنيٰ آهي منو ۽ سهڻو.

ايف. جي. پيئرس جو رايو آهي ته:

"آرين کان اڳي سنڌ ۽ گوند وچ هندستان جا رهاڪو انهن قديم ۽ تمام قديم قبيلن جو اولاد آهن جن هندستان جي ڏکڻ مان ڪاهيو هيو. اهي ڪاهون اڻڪل ويهن کان پندرهن هزار سال اڳي پٿر واري زماني ۾ ٿيون هيون. اهي ماڻهو تهذيب جي ڪنهن به دور ۾ ڳڻڻ ۽ لکڻ واري منزل تي نه پهتا. اهي فقط شڪاري ۽ مالوند ئي رهجي ويا. پر ٻيا وري آهن دراوڙ جيڪي هن وقت ونڊيا جبلن جي ڏکڻ ۾ رهن ٿا. دراوڙ هندستان ۾ اتر اولهه کان خيبر لڪ ۽ همالين کان نه پر ايران جي ڏاکڻين پرڳڻن مان سنڌ ۾ داخل ٿيا. اهي گهڻو

ڪري اڄ کان ڇهه هزار سال اڳي آيا. ان وقت ايران ۾ اولهه هندستان جي آبهوا وڌيڪ گهميل ۽ برساتي هئي. ان زماني ۾ سنڌ هڪ ريگستاني نه پر سرسبز خطو هئي ۽ انهن حملي آورن جي مستقل آبادي ۽ قيام لاءِ موزون علائقو هئي. اهي دراوڙ قبيلا انهن ئي مان هئا جن فرات ۽ دجلہ ندين جي ماٿري ۾ سمير تهذيب جو بنياد وڌو هو. ڪيترا ڳهٽا ۽ متي جا برتن جي اُر (UR) مان لڌا ويا آهن سي سنڌو ماٿري جي ڳهٽن ۽ متيءَ جي ٽانون سان مشابهت رکن ٿا." *(Outline of History of Civilization pp 48_49)*

"We might say that the first great cultural synthesis and fusion took place between the incoming Aryans and Dravidians, who were probably the representatives of the Indus Valley Civization."

(The Discovery of India by Jawaharlal Nehru pp 61_62)

پنڊت جواهر لعل نهرو جو چوڻ آهي ته سنڌو ماٿري جي تهذيب جا نمائندا دراوڙ هئا.

"هڙاپا ۽ موهن جي دڙي جو خطو" نالي ڪتاب جي مصنف آر هنٽر جو رايو آهي ته موهن ۽ هڙاپا ۾ آباد ٽيل دراوڙ سمنڊ رستي سنڌ ۾ داخل ٿيا ۽ سندن پهريان ماڳ بلوچستان جا سامونڊي علائقا هئا. آر هنٽر جي خيالن جي ابتڙ وري اي وي ونڪٽ سوميرا جو رايو آهي ته دراوڙ قبيلا سمنڊ رستي يا خيبر لڪ جي رستي سنڌ ۾ داخل نه ٿيا هئا. پر اهي سنڌ ڏرتي جا اصلي رهاڪو هئا.

مون متي ڪيترن ئي محققن جا خيال، رايا ۽ حوالا ان ڪري پيش ڪيا آهن ته جيئن ڪنهن پڪي ۽ پختي نتيجي تي پهچي سگهجي ته سنڌو تهذيب جا خالق ڪير هئا؟ اڪثر محققن جو فيصلو اهو آهي ته دراوڙ سنڌي هئا ۽ سنڌ ۽ هندستان ۾ آرين جي اچڻ کان اڳي آباد هئا ۽ انهن جون وسنديون سموري هندستان ۾ پکڙيل هيون. ساڳي طرح ڪن صاحبن جو رايو آهي ته دراوڙ سنڌ ڏرتي تي جميا ۽ نپنا، وڌا ٿي پوءِ مشرق، مغرب، شمال ۽ جنوب ۾ پکڙيا. ڪن مفڪرن جو چوڻ آهي ته دراوڙ ڏکڻ هندستان ۾ سلون ۽ سوماترا کان داخل ٿيا ۽ پوءِ سنڌ ۾ آباد ٿيا. ڪن مورخن جو وري رايو آهي ته دراوڙ اصل ۾ پونچ سمنڊ ۾ ڪريٽ تهذيب وارن ٻيٽن تي آباد هئا، جتان پوءِ فرات ۽ دجلہ ماٿرين مان هلي ايران ۾ وارد ٿيا ۽ اتان پوءِ سمنڊ

يا خشڪي رستي سنڌ ۾ داخل ٿيا ۽ آرين جي اچڻ تائين سموري هندستان ۾ ٽڙي پکڙي ويا، يا تڙجي پوءِ ڏکڻ هندوستان ۾ تامل علاقي کي پنهنجو وطن بنايو. انهن سڀني محققن جي تحقيق ڪاوش ۽ ڪوشش تحسين ۽ داد جي قابل آهي.

سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو؟ :

سيوهڙ، اروڙ، پنيور، بهمن آباد، آمري، ڪوٽڏيجي وغيره ۽ لکي، بزن ڪوٽ، ڪائي، نئنگ ۽ ڪن ٻين جابلو غارن ۽ آسپاس جي ماحول نئين گاج، نئين موهن، نئين باران ۽ ٻين نئين جي ماڙين، سنڌو هاڪڙو، مهراڻو سنڌ ۽ ڪنپ درياهن جي وهڪرن، منچر ۽ ٻين ڏنڏين ڏورن جي ڪنارن ڪنڊين مٽان وسندين، پراڻن ڪوٽن، قلعن، ڪوٽيرن، ڏڙن ۽ ٻنين، سنڌ جي سرزمين جي ورنن، خطن ۽ پهاڙي سلسلن جي مطالعي کان پوءِ مان ذاتي طور ان نتيجي تي پهتو آهيان ته سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو سنڌي هئا جي هن ڌرتي مٽان جميا، اسريا ۽ ارتقا جون منزلون طئي ڪري مهرڳڙه آمري، ڪوٽڏجي ۽ مهين تهذيبن جا خالق ٿيا. انهن کي اوهان ائبور جنيز Aborigines چئو، رولو شڪاري Nomadic Hunters چئو، مهاڻا (Lake and pile dwellers) چئو يا ميهڙ چئو يا دراوڙ ۽ ڪولهي چئو. پر اهي اصلي ۽ بنيادي طور سنڌي هئا ۽ جن جي جسماني ادم، محنت ۽ مشقت سان ۽ ذهني آسودگي ۽ پختگي سان، هن سرزمين تي دنيا جي قديم ترين، شاهوڪار ترين ۽ مهذب ترين تهذيب جي آبياري ٿي. ان سلسلي ۾ هيٺيان دليل خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو. انهن مان پهريان تاريخ ۽ قديم آثارن سان تعلق رکن ٿا ۽ پويان ٻولي، ادب ۽ ثقافت سان. پوين دليلن تي اسان مان تمام ٿورن مفڪرن سوچيو آهي ۽ شايد ئي ڪنهن صاحب قلم ڪٽي لکيو هجي.

تاريخي ثبوت:

جيڪڏهن سنڌ ۾ ٻاهران يعني ڏکڻ هندستان يا يونچ سمنڊ کان ڪي ٻه گروهه ۽ قبيلا اچي آباد ٿين ها ته پوءِ سنڌ ۾ انساني عمل ۽ استعمال هيٺ آيل غارن ۽ غفائن جو وجود نه ملي ها. غارن ۾ رهڻ وارن ماڻهن جو تعلق پراڻي پٿر ۽ ان کان ٻه اڳ واري زماني سان آهي.

'Cave men in the early days of archaeology, it was believed, as a result of many discoveris in Europe of the remains of pre_historic man in caves, that Palaeolithic man always lived in caves, and the term Cave Man came into popular use as a conventional description of him,'

(Encyclopedia of Archaeology by Leonard Cottrell. P 97)

غارن ۾ رهڻ وارن ماڻهن جي زماني جو تعلق گهٽ ۾ گهٽ ٻارنهن هزار سال ق.م کان اڳ واري زماني سان آهي ۽ جو پراڻي پٿر واري زماني جو آخري ۽ پويون دور سمجهيو ويجي ٿو. پراڻي پٿر وارو زمانو اٽڪل ٽيهه لک سال پراڻو شمار ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ انسان پاڻي ۾ لڙهندڙ ننڍڙن گول مول پٿرن سان حرڪتون ڪرڻ شروع ڪيون هيون. انسان جي رلڻ ۽ گهمڻ وارو زمانو تڏهن کان شروع ٿيو آهي جڏهن هن پاڻ کي وڌيڪ قوي، ڪجهه نه ڪجهه هنرمند ۽ جهنگلي جانورن سان وڙهڻ ۽ انهن جي شڪار ڪرڻ جهڙو سمجهيو هو. اهو دور به ٻارنهن سو سال ق م تائين اچي ختم ٿي ويو. ساڳي وقت اهو به ياد رکڻ گهرجي ته پراڻي پٿر واري زماني ۾ يا ان جي پوئين دور تائين انسان ورلي ملڻ ۽ ڏسڻ ۾ اچڻ وارو جانور هو. جهڙوڪ اتي ۾ لوڻ. It is a point that few people grasp, that until the Later Palaeolithic Age, man was an extremely rare animal." (H.G. Wells p 150) اهو هڪ نقطو آهي جيڪو تمام ٿورن يا فقط ڪن ماڻهن جي سمجهه ۾ ايندو ته پراڻي پٿر واري دور جي پڇاڻي تائين "انسان" بلڪل اڻ لڀ جانور هو.

ٻولي ۽ ٻولين جي شروعات:

پراڻي پٿر واري زماني جو ماڻهو جيتوڻيڪ تمام گهٽ باشعور هو تنهن هوندي به هن کي شڪل، صورت، ادا ۽ انداز جي گهري ۽ پختي سمجهه ضرور هئي. ائين به چيو ويو آهي ته انسان پنهنجن خيالن يا اڌمن جو اظهار اشارن رستي ڪندو هو. ان دور وارو انسان آوازن، واکن ۽ رڙين وسيلي هڪ قسم جي گفتگو ڪرڻ سکيو هو. اهي آواز ۽ رڙيون هو جانورن ۽ پکين، هوائن ۽ طوفانن، گجگوڙين، زلزلن ۽ آبشارن وغيره کان سکيو. ان سلسلي ۾ ماهرن جو چوڻ آهي ته منڊ واريون ٻوليون فقط ڪن اسمن (نالن) ۽ حرف ندائن جو مجموعو هيون ۽ پوءِ آهستي آهستي انسان جو ذهن، جسماني

اشارن ۾ حرڪتن جا طور طريقا ۽ انهن جي وچ ۾ رسمي لاڳاپو ۽ ڳانڍاپو جوڙڻ ۾ پيدا ڪرڻ سکيو. هولين جي ماهرن، دنيا جي سيني هولين کي اٽڪل روءِ ستن اٽن خانن ۾ ورهايو آهي. ساڳئي طرح قديم گروهن ۽ قبيلن جون هوليون جي ڪهڙي به شڪل صورت، ڍنگ ڍول، بيهڪ، وهڪ برٺ ۽ بنياد واريون هيون يا آهن سي سڀ، هن مهل تائين پڙهيون ۽ سمجهيون ويون آهن. مگر سنڌ جي پراٽي هولي ۽ لپي اڄ تائين سموري ۽ پوري طرح پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ اچي نه سگهي آهي. جيتوٽيڪ سنڌ جا اصلوڪا ۽ پراٽا جهونا ڏوپي، سنڌي هولي جا اڪر ڪن "مارڪن" جي صورت ۾ ڪپڙن تي سجاٽ خاطر لکندا اچن ٿا. نه فقط ايترو پر سن 1930_32 تائين سنڌ جا واپاري ۽ سکر ماڙهو هنڊين (Bills of Exchange) ۽ دستاويزن تي پنهنجين صحين بدران پنهنجا مخصوص مقرر ڪيل قديم مارڪا يا نشان هڻندا هئا. جن جي سرڪاري ۽ واپاري حيثيت قبول ۽ تسليم ڪيل هئي.

سنڌي هولي:

موئن جي دڙي ۽ هڙاپا ما سر ويلر جي لکڻ موجب 396 ۽ اي. ڊي. پسالڪر موجب چئن سون کان ڪجهه مٿي ۽ عام راءِ موجب اٽڪل اٺ سو مهرون ۽ تائٽ لڌا ويا آهن ۽ اسڪوپارپولا جي ڳڻڻ مطابق سنڌو لکت جا هزارين نشان مليا آهن جن تي مختلف شڪليون، شبيهون، ۽ نشانيون اڪريل آهن. انهن تصويرن ۽ نشانين جي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ڪيترن ئي عالمن ۽ هولين جي ماهرن ڪوششون ڪيون آهن. مگر مڪمل ڪاميابي اڃا ڪنهن جي نصيب ۾ نه آئي آهي. ان سلسلي ۾ اي سمٿ، سي. جي گئڊ، ارنيسٽ مئڪي، ڪي. اين. ڊڪشٽ، فادر هيريس، جي. آر هنٽر ۽ ايس لئگڊن جا نالا ذڪر جي قابل آهن. "سنڌ صدين کان" جيڪو جڳ مشهور سيمينار ڪراچي ۾ مارچ 1975ع ۾ منعقد ٿيو هو. ان ۾ هن مشهور محقق اسڪوپارپولا "سنڌ لکت جو اپياس" جي عنوان سان هڪ تحقيقاتي مقالو پيش ڪيو هو. ان مقالي ۾ ان وقت تائين جيڪي کوجنائون سنڌي هولي بابت ڪيون ويون هيون، انهن جو اختصار سان مگر جامع جائزو پيش ڪيو ويو هو. مقالي جي پڇاڙي ۾ فاضل مصنف اها اميد ظاهر ڪئي هئي ته:

"ليڪن هڪ ڳالهه جا صاف نظر اچي ٿي، اها هي آهي ته سنڌو لکت جي مطالعي ۾ هاڻي نهايت دلچسپي جو اظهار ڪيو وڃي ٿو. ۽ مون کي يقين آهي ته انهي شوق ۽ جستجو ۾ ڪيترائي نئين قسم جا ڪارگر ۽ اثرائتا قدم کنيا ويندا ته جيئن سنڌو لکت جي ڳجهارتن کي گوشه راز مان ٻاهر ڪڍي، صفحه هستي تي نروار ڪيو وڃي." *(سنڌ صدين کان ص146)*

اڄ انهي اميد کي ٻه چوڏهن سال گذري ويا آهن مگر ڳالهه اتي ئي ٻيڻي آهي. محترم سراج سنڌي ٻولي تي هڪ ڪتاب "سنڌي ٻولي" جي نالي سان سن 1964ع ۾ لکي ڇپايو هو. ان ڪتاب ۾ فاضل مصنف سنڌي ٻولي کي ٻين هند يورپي زبانن سان پيٽي، اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته "سنڌي هڪ مڪيه ٻولي آهي جنهن مان اڪثر هند يورپي ٻوليون "سنسڪرت" سميت جڙيون آهن." ان مان اهو ثبوت ملي ٿو ته سنڌي زبان ۽ ٻولي پنهنجي جوڙجڪ ۽ بڻ بنياد جي لحاظ کان دنيا جي شايد اها واحد ٻولي آهي جنهن جو ڪنهن به ٻئي ٻولي سان بنيادي تعلق نه هڻڻ جي برابر آهي. ان باري ۾ مان محترم ابراهيم جويي کي سند طور پيش ڪريان ٿو. جويو صاحب لکي ٿو ته "ٻولي ئي آهي، جنهن جي بنياد تي قوم جو مخصوص مزاج ۽ علحده وجود ٺهي ٿو ۽ قائم رهي ٿو. سون هزارن بلڪ لکن سالن جي تاريخي پس منظر ۾ ئي ٻولي پنهنجي مسقتل ۽ علحده صورت اختيار ڪري ۽ قائم رکي سگهي ٿي. قومون پڻ پنهنجي تاريخ ۾ ايترين ئي قديم آهن جيترين سندن علحده علحده ٻوليون." ان کان سواءِ سنڌي زبان ۽ ادب جو هڪ ٻيو ڄاڻو ۽ سڃاڻ ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ لکي ٿو ته: "سنڌي جو خمير سنڌ جي سر زمين ۾ تيار ٿيو. ان جو بڻ بنياد، ان جو پنهنجو موروثي سرمايو ئي آهي." ساڳئي طرح فنس ۽ روسي ماهرن جو چوڻ آهي ته "موئن جي دڙي جي ٻولي، دروازي ٻولين جو بڻ بنياد آهي."

تهذيبي ثبوت:

سنڌ جي تهذيبي تاريخ جا ڪي اهڙا نمايا باب آهن جيڪي هن ملڪ جي تهذيب کي مصر، عراق، يونان، ايران ۽ روم جي پراڻين تهذيبن

ڪان مٿاهون ڪن ٿا. انهن مان سڀ کان وڌيڪ اهميت ۾ حقيقت وارو باب اهو آهي جو اهي سڀ قديم تهذيبون مري ڪپي ويون ۾ پويان فقط پنهنجا قديم آثار ڪنڊرن جي صورت ۾ ڇڏي ويون. اڄ جي مصريءَ کي اهرامن واري مصر 3188 ق م سان، اڄ جي يوناني کي ڪريٽ 2400 ق م ۾ ڊلفيا ۾ اولمپيا واري يونان سان ،ا ڄ جي رومي کي آڪاڻن ۾ رڻن واري روم سان 750 ق م، اڄ جي شامي، عراقي ۾ ايراني کي حمورابي جي (2100 ق م) ۾ اسر بنيپال (668ق م) جي تختين ۾ لڻين سان ڪوبہ تعلق ۾ ڪنهن بہ قسم جو سنڌ نہ رهيو آهي. مگر ان جي ابتڙ اها ڪيرٿر سنڌو يعني جابلو ۾ ميداني تهذيب ئي دنيا جي واحد تهذيب بچي ۾ رهي آهي جنهن جو اڄ تائين هن سرزمين تي رهڻ وارن انسانن سان سلسلو لاڳاپو ۾ واسطو رهندو اچي ٿو. جيتوڻيڪ اهو تعلق بہ اوترو ئي پراڻو ۾ جهونو آهي. ان باري ۾ سند طور ڊاڪا يونيورسٽي جي هڪ سابق وائس چانسلر صاحب آر. سي. مجمدر جو بيان هيٺ پيش ڪريان ٿو:

> 'India now takes her place, side by side with Egypt and Mesopotamia as a country where we can trace the dawn of human civilization and the beginning of those thoughts, ideas, activities and movements which have shaped the destinis of mankind all over the civilized world... The chief difference between India and the other ancient countries mentioned above, lies in the continuity of her history and civilization. The culture and civilization of Egypt, Sumer, Akkad, Babylon, Assyria, and Persia have long ceased to exist. They are now mere past memories and their history possesses only an academic interest. Indian history and institutions, however, form an unbroken chain by which the past is indissolubly linked up with the present.
>
> *(Vedic Age V.I. p38)*

مٿين ٽڪري ۾ آر. سي. مجمدر لکي ٿو تہ: "هاڻي سنڌو جي تهذيب بہ مصر ۾ فرات دجلہ ماڻري وارين تهذيبن سان ڪلهو ملائي سگهي ٿي. هن سر زمين تي بہ انساني سڀيتا جي صبح جا آثار ۾ اهجاڻ ملن ٿا. هتي بہ انسان جي بنيادي ۾ منڊ واري فڪر ۾ عمل جون اهڙيون ئي ساکون ۾ شاهديون ملن ٿيون جن جي مدد سان انسان ذات، سموري متمدن دنيا ۾،

پنهنجي منزل ۽ مقصد ڏانهن وڌي آهي. مگر مکيه تفاوت جيڪو سنڌ ۽ ٻين ملڪن وچ ۾ آهي، سو هي آهي ته سنڌو جي تاريخ ۽ تهذيب ۾ تسلسل آهي. مصر، سمير، اڪاد، بابل، اسير، يا ايران جون قديم تهذيبون گهٽو اڻگي، مري کپي ويون ۽ انهن تهذيبن جا، هن وقت فقط داستان ۽ يادگار بچيا آهن ۽ انهن جي تاريخن کي فقط علمي ۽ ادبي اهميت حاصل رهي آهي. مگر سنڌو جي تاريخ، سياڻن ۽ ادارن جي وچ ۾ نه ٽٽڻ وارو سلسلو ڳانڍاپو ۽ تعلق آهي جنهن رستي ماضي، حال سان ڳنڍيو ۽ جڙيو اچي.

سنڌ ۾ ڏڪي گاڏي اڄ به اهائي استعمال ڪئي وڃي ٿي جيڪا هزارين سال اڳي سنڌو ماٽري ۾ رهڻ وارا استعمال ڪندا هئا. سنڌ جا ڳوناٽا ۽ ٻيا سکر ماڻهو ساڳئي نموني جا ٽن گلن وارا اجرڪ ۽ ٽه گليون جتيون اڄ به خوشي سان پهريندا ۽ پائيندا آهن. اڄ به ڳوناٽا ساڳي طرح، چوئنرا، جهوپا ۽ جهوپڙيون ٺاهي، انهن ۾ رهن ٿا. متي، ڏاتو ۽ سپي جون چوڙيون (ٻانهيون)، عاج، چاندي ۽ سون ۾ ضرور بدليون آهن مگر مٽين چٽ ساڳيا آهن. گيت، ڇڻ، مولود ۽ مناجاتون، لاڏا ۽ لائون سهرا ۽ ڳيچ، دهل ۽ شرنايون، ٽولي ۽ ٽليون، نڙ، ناد، نفيلون، بوڙينبدو ۽ چنگ، چوڏيل ۽ ڦرٽيون، نو ٽڻ ۽ ونجهوٽيون، رلڪا ۽ رليون، پٽڪا ۽ سٽڻون، پوتيون ۽ چنيون، مکڙ ۽ مانڊاڻيون، گنديون ۽ پليون دلا ۽ چاڏيون وغيره سڀ ڪجهه ڪلهه وانگر اڄ به سنڌي سماج ۾ مروج آهن. اهي سڀ حقيقتون آر. سي. مجمدر جي بيان کي سچو ثابت ڪن ٿيون ته سنڌ جي اڄ واري ثقافت ۽ تهذيب کي ماضي جي تهذيب ۽ ثقافت سان ساڳيو رشتو ۽ تعلق آهي. هڪ نه متجندڙ تسلسل!

ساڳي وقت سر ويلر ۽ پروفيسر گنڪو وسکي وري هڪ وڌيڪ اهميت واري ڳالهه ڪن ٿا هو چون ٿا ته:

> "...the Indus Civilization can claim a larger area than any other of the known pre_historic or pre_classical civilization." He further writes. "Behind so vast a uni_formity must lie an administration and economic discipline however exercised, of any impressive kind."
>
> *(The Indus civilization p. 3. 1962 publication)*
>
> "The Indus Valley Civilization thus seems to have embraced a far larger area than the ancient civilizations of the Nile

Valley and Mesopotamia. It is established that the Indus Valley served as a major territorial nucleus whence the civilization was spreading eastward down the Indus's left tributaries, southward along the sub_continent's western coast and westward along the coast of Makran."

"Archaeological evidence indicates that the Indus Civilization had sprung on local soil and was the outcome of the progressive historical development of the autoch thonous farming cultures of the north_ western part of the subcontinent."

هو وڌيڪ لکي ٿو تہ:

"Archaeological evidence enables us to bring out the successive periods of the Harappan Civilization and gives a convincing indication that although the civilization was a close knit unity there may have been local cultural differences and peculiarities in different areas. Among the areas that can already be isolated are Kalibangan, Rangpur_ Lothal, Rupar_ Alamgirpur, north eastern Baluchistan, etc. The opinion expressed by some scholars that the Indus Civilization was uniform and stagnant should thus be rejected."

(Yu. V. Gankovsky. The Peoples of Pakistan. Pp 29,30)

ساڳي ڳالهہ ڈاڪٽر رفيق مغل بہ ڪري ٿو تہ:

"The evidence shows that the area covered by the Indus Civilization was larger than any of the known civilizations of the ancient world." Dr. Mughal further writes, "The picture of the Indus Civilization, as presented to us through many years of excavation, is that of a highly disciplined society, possessing sufficient economic wealth to mobilize labour and to support full_time craftsmen. It also possessed resources to engage in long_ distance trade or exchange of products. The existence of interrelated but highly developed socio political and religious institutions, as reflected through their well planned cities, public buildings, large fortifications, granaries and standardization of material equipment through mass

production, is evident."
(Present State of Research on Indus Valley Civilization pp 40_43)

سر ويلير، پروفيسر گنڪو وسڪي ۽ ڊاڪٽر مغل جي مٿي ڏنل لکڻين مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌو تهذيب پنهنجي اوج ۽ عروج واري زماني ۾ دنيا جي سڀني اتم ۽ مشهور تهذيبن جي مقابلي ۾ وڏيڪ ۽ تمام وسيع علائقي ۾ ڦهليل هئي. ان کان سواءِ اها تصوير جيڪا سنڌو تهذيب جي وڏيڪ کوٽائين مان ملي ٿي، سا صاف ظاهر ڪري ٿي ته سنڌو تهذيب وارو سماج هڪ منظم سماج هو جنهن ۾ مقامي ماحول، حالتن ۽ آبهوا ڪري ڪجهه نه ڪجهه ڦير گهير به هڪ فطري عمل جو نتيجو سمجهڻ گهرجي. ساڳئي وقت هڪ جامد ۽ ساڪن سماج به نه هو. اهو سماج اقتصادي طور تي شاهوڪار هو. جنهن وٽ تمام گهڻا وسيلا هئا جنهن ڪري تمام گهڻو تعداد پورهيتن ۽ هنرمندن جو ڪم ۾ لڳائي ٿي سگهيو.

ان کانسواءِ ڏور ڏيساور سان واپاري ناتا ۽ شين جي متاسٽا جو بندوبست به ڪري سگهيو ٿي. پنگتي ۽ پنچائتي ۽ نيم ڏرمي شاندار عمارتون، شهرن جي ٻيهڪ ۽ اڏاوت، شهر پناهون، اناج جا گدام، وهنجڻ جون جايون ۽ عام جام گهرو استعمال جون شيون ڪليل ۽ صاف دليل آهن ته سنڌي يا سنڌو سماج هڪ صاف ستڙو، شاهوڪار، فلاحي، منظم ۽ موثر سماج هو. اهو ته تاريخ کان اڳ واري دور جو سماج هو جڏهن ته تاريخ جي وچين دور ۾ روزانو وهنجڻ شاهوڪار ۽ وڏن گهراڻن ۾ عيب سمجهيو ويندو هو.

"Aristocrats in medieval times considered bathing a sign of poverty and the need to labour, and many boasted, they had never taken a bath." *(Daily Star. 16th May 1985)*

سنڌ جي آبهوا متعلق سر ارل اسٽين، ايلس ورٿ، سر جان مارشل جا رايا آهن ته سنڌ ۾ اڄ جي مقابلي ۾ اڳي تمام گهڻو ۽ جهجهو پاڻي موجود هو. ان جو سبب گهڻي برسات ۽ گهڻين ندين ۽ نئين جو وهڻ هو. سنڌ کي ندين جو ملڪ به سڏيو ويو آهي. "The land of Rivers" جنهن ڪري ان زماني ۾ سنڌ وڏيڪ آباد ۽ شاداب هئي. موسميات ڪاتي جي هڪ سربراهه جو حوالو پٽاوالا جي ڪتاب هسٽاريڪل جاگرافي آف سنڌ ۾ موجود آهي (صفحو24). ڊاڪٽر سي ڊبليو نارمنڊ چيو آهي ته:

"...more rains in the summer months was possible in Sindh

and Baluchistan at the time of the Indus Valley Civilization."

تمام گھٹي ۾ جھجھي پاٽي هئڻ جي حقيقت ان ڳالھ مان ب ثابت ٿئي ٿي ت سنڌ ۾ گھاٽا ٻيلا ۾ وڏا جھنگ هئا جن ۾ مينھيون، گينڊا، چيتا، شينھن، ڏاڙھا ۾ هاٿي تمام وڏي تعداد ۾ رهندا هئا. جن جا پنڊپھڙ (Fossils) ملن ٿا. ساڳي طرح درياهن ۾ ٻلھڙ، ٻلھڙيون (Dolphins) ۾ واڳون ب رهندا هئا. ان ڪري ئي ڪن عرب مورخن نيل ۾ سنڌو درياهن جوپاڻ ۾ تعلق ب ڏيکاريو آهي. درياهن ۾ ڏنڌين ۾ مڇي ب عام جام هوندي هئي جنهن ڪري سنڌين کي مڇي کائو (Fish eaters) ب سڏيندا هئا. ۾ سنڌي اج ب مڇي کائو آهن. ان کان سواءِ سنڌ ۾ ڪپھ، ڪڻڪ ۾ نير جا فصل ب پلا ٿيندا هئا. ڪاڇي ڪوهستان ۾ ٿر ۾ ٻاجھر ۾ جوئر جا فصل سڻا ٿيندا هئا. ٺڪرين تي جوئر جا پن ۾ سنگ ب چٽيل مليا آهن. موئن جي دڙي ۾ هر هڪ گھر ۾ کوھ ملي ٿو. ان کان سواءِ هڪ وڏو تلاءُ يا حوض، ۾ سنڌ جي هر ڳوٺ جي پرسان ننڍي وڏي ڏنڊ، ڊوري يا ڪڍ جو هئڻ ثابت ڪري ٿو ت سنڌ هڪ گرم ملڪ آهي جنهن ۾ فقط ب مندو ٽين ٽيون. هڪ اونهارو ۾ ٻي سياري جي مند. سياري ويھين نومبر کان ونڊي ويھين فيبروري تي ختم ٿئي ٿو ۾ باقي سال جا نو مهينا اونهارو آهي. سياري ۾ ٽڏ گھٽي پوي ۾ اونهاري ۾ گرمي. ان سلسلي ۾ پٽاواڻا صاحب جا هيٺيان جملا ثابتي يا سند طور پيش ڪري سگھجن ٿا. هو صاحب لکي ٿو ت:

> "The temperature of the air, however, seems to have been the same, if not higher than at present, because cotton was grown and cotion clothes were worn. The great bath is also a proof that summer days were hot and the growth of wheat a sign of winter cold sufficient for the corn to thrive. Lastly, the rhinoceros existed always in an almost steamy heat, actually more often under the equator than any_where else."
>
> *(Historical Geography of Sind p25)*

پٽاواڻا صاحب لکي ٿو ت، سنڌ ۾ جيڪو گرمي جو پد آهي سو گھٽو ڪري ساڳيو آهي. هتي ڪپھ (ونئڻ) پوکي وڃي ٿي ۾ سوتي ڪپڙو پھريو وڃي ٿو. ڪڻڪ جي پوک سردي جي ثابتي آهي ۾ رائنا سيرس يعني گينڊو خط ستوا جي گرمي پد کي ثابت ڪري ٿو. اها ب هڪ حقيقت آهي ت

ڪٽڪ پهرين سنڌ ۾ پوکي ويئي ۽ چين ۾ پوءِ يعني 2700 ق م ۾. مون وٽ ڪٽڪ جو ٻج پنڌ پهٽ جي صورت ۾ حالت ۾ موجود آهي.

شهرن ۽ گهرن جي بيهڪ:

آبهوا جي انهن حالتن کي سامهون رکي، سنڌ جي سيني پراٽن شهر ۾، اسان اڄ تائين پنهنجن گهرن جا منهن اوير ۽ ڏکڻ طرفن ڏانهن ڪندا آيا آهيون ته جيئن اونهاري ۾ سج جي تيز ۽ سخت گرم ڪرڻن کان ۽ سياري جي سرد هوائن کان پاڻ کي بچائي رکون. ان کان سواءِ اسان وٽ وٽندڙ ڏڏيون هيرون هميشہ ڏکڻ ۽ اوپر کان لڳندیون آهن. عام چوڻ آهي ته "آءُ ڏکڻ ڏيهي، ٻچ مڇرن جي ٻيهي". گهرن جي ان طريقي جي اڏاوتن سبب، اسان جا ڳوٺ ۽ شهر ڏکڻ، اوپر طرفن ڏانهن آهن. اوهان ڪائي ماڙي ۾ يا لکي تيرٿ جي چشمن پرسان موجود غار گهمي ڏسو. ڊاڪٽر خان ته چوي ٿو ته سنڌو تهذيب جو تهذيبي وهڪرو به ڏکڻ، اوپر طرفن ڏانهن وهيو ۽ وڌيو آهي. ساڻيو رايو ڊاڪٽر فيئر سروس به پيش ڪيو آهي. هو صاحب چوي ٿو ته سنڌو ڪيرٿر ماڙين ۾ تهذيبون به ڏکڻ ۽ اوپر طرفن ڏانهن ڦهليون آهن. ان کان سواءِ جيڪي ڏڙا ڪوٽيا وبا آهن مثال طور موئن جو ڏڙو انهن جي گهٽين ۾ پاڻي جي نيڪال لاءِ نالیون گهٽين جي وچ ۾ ٺهيل آهن. سيوهڙ، بوبڪ، شڪارپور وغيره پراٽن شهرن ۾ پاڻي جي نيڪال جو ساڻيو بندوبست آهي. گويا اسان جي گهرن، گهٽين ۽ شهرن جي اڏاوت ساڻئي نموني جي آهي جيڪا صديون اڳي اسان جي ابن، ڏاڏن ۽ انهن جي وڏن جي زماني ۾ هئي. حڪيم نياز همايوني سنڌ جي طبعي تاريخ جي صفحي 62 تي هڪ محقق جو حوالو پيش ڪيو آهي ته خشتي ڪتبن ۾ سنڌ جي شهر جي رهواسين بابت لکيو ويو آهي ته: "هي اهو شهر آهي جتي ڪنواريون چوڪريون گهرن ۽ گهٽين ۾ گندو پاڻي نہ ٽيون هارين."

جناب مولائي شيدائي پنهنجي ڪتاب "تاريخ تمدن سنڌ" جي صفحي 97 تي سنڌين جي فوجي قوت واري باب ۾ هيرو ڊوٽس جي حوالي سان لکي ٿو ته "سنڌي سوار ۽ پيدل فوج جا سپاهي هئا. سندن پوشاڪ سوتي ڪپڙي جي هئي ۽ سندن هٿيار تير ۽ ڪمان هئا. تير ڪانن ۽ ٻيدن جا جڙيل هئا جن جا مٿا لوهہ جا هئا. اهي پاڻ سان هلڪا رٿ ۽ هاٿي ۽ ٻه

ڪٽندا هئا.“ ان ساڳئي قسم جي تير جو هڪ سھڙو ۽ ڪي ٻيا رواجي مٿا مون کي رني ڪوٽ (نئڙ روٽي ڪوٽ_ نيرون ڪوٽ) مان مليا آهن جيڪي مون وٽ محفوظ آهن. ڪتاب ۾ ان مڪيہ تير جو تصوير ڏجي ٿي.

ساڳي ڳالھ پٽاوالا, ورجائي آهي.هو صاحب لکي ٿو تہ:

“The Indians wore garments of tree wool (cotton) and carried bows of reed and iron tipped arrows of the same. They were armed in like manner as their foot, they rode swift horses and they drove chariots drawn by horses and wild asses.“ *(Historical Geography of Sind p 58.)*

پروفيسر چيتن ماڙيوالا, صديقي مـ_ ادريس ۽ حڪيم نياز بہ پنھنجن ڪتابن ۾ سنڌ جي ڪيھ جو ذڪر ڪيو آهي. سيني صاحبن لکيو آهي تہ ڪيھ ۽ ڪيھ مان ڏهيل سوتي ڪپڙي کي سوميري ”سنڈو“ يوناني ”سنڊان“ ۽ مصري ”سينڈال“ ڪري سڏيندا هئا. ڇاڪاڻ تہ ڪيھ ان دور ۾ فقط سنڌ ۾ پوکي ويندي هئي. ايران, سمير, يونان ۽ مصر ملڪن کي ڪيھ جي ڇاڻ 465 ۽ 330 ق م تائين ڪانہ هئي. ايراني ۽ سميري ان کي (tree wool) ڪري سمجھندا هئا. هيروڊوٽس (484_429 ق م) بہ ڪيھ لاءِ ٽري وول لفظ استعمال ڪيو آهي, جو اصل ۾ ڪيھ لاءِ جرمن لفظ آهي.

سنڌي ٻيڙين ۽ غوراب:

موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪندي, دڙي جي مٿين تھن مان مئڪي کي هڪ اهڙي مهر دستياب ٿي جنھن تي هڪ ٻيڙي جي شڪل گھڙيل آهي. وري راءِ صاحب کي گجرات ۾ سنڌو تھذيب جي هڪ مڪيہ ۽ مرڪزي شهر لوٿل مان, پڪل مٽي جا ڏهيل ٻيڙين جا ڪي نمونا مليا آهن. اهي بوتا تن قسمن جا آهن. انھن مان هڪ تمام سھڙي ماڊل واري ٻيڙي آهي جنھن کي تري ۾ تکو ۽ نوڪدار ڪنڌو (Keel) ڇھنبدار ڪمان ۽ سخت پاڇل آهن. پاڇل ۾ هڪ سوراخ آهي جنھن ۾ سڙهہ چاڙهڻ لاءِ لڪڙو کوڙيو ويندو هوندو. نہ فقط اهو پر راءِ صاحب کي هڪ اهڙي ڏکري بہ ملي آهي جنھن مٿان ڪيترن ئي ونجھن واري ٻيڙي چٽيل آهي. هڪ ٻيڙي تي بہ پکي ۽ بندکاري جون شڪليون بہ نڪتل آهن. ان ٻيڙي, پکين ۽ بند کاريءَ جي

شڪلين مان منڇر تي رهڻ وارن ميربحرن جي ٻيڙين، ڪارين ۽ پالين پکين جو نظارو اکين اڳيان تري ٿو اچي. ڊاڪٽر فيئر سروس موهن جي دڙي مان لڌل مهر واري ٻيڙي کي مصر ۽ سمير جي تهذيبن واري ٻيڙي سان مشابهت ڏني آهي. مگر مان ذاتي طور ان خيال جو آهيان تہ اها ٻيڙي سمونڊ تي سفر ڪرڻ لاءِ ٺي سگهي ٿي. سمنڊ تي سفر ڪرڻ وارين ٻيڙين ۽ غورابن جا پاسا، اڳل ۽ پاڇل مٿي ۽ ايپون رکيون ويندیون آهن تہ جيئن سامونڊي لهرن کان سولائيءَ سان بچاءَ ڪري سگهجي. ان قسم جا ٻيڙا ۽ غوراب سنڌي وڻجارا ۽ ناکئا سمنڊ تي سفر ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندا هئا. اها ڳالهہ ٻڌي اوهان کي تعجب ٿيندو تہ گجرات ۾ بہ مهاڻن ۽ ميربحرن جي ڳوٺن کي "ميانٽيون" سڏيو وڃي ٿو جيئن سنڌ ۾ رواج آهي. نہ فقط ايترو پر گجرات ۾ جيڪا نال پال ڏنڊ آهي ان ڏنڊ جي مهاڻن جون شڪليون ۽ مهانڊا، ٻيڙيون ۽ ڪاريون، رهڻي ڪهڻي، ونجهر ۽ رڇ، ٻيڙيون بہ منڇر ڏنڊ جي مهاڻن سان هڪ جهڙائي ۽ مشابهت رکن ٿا.

سنڌ ۽ سمير جي وچ ۾ تمام گهڻو سامونڊي واپار هلندو هو جنهن جو ذڪر هر هڪ محقق ڪيو آهي سر ويلر لکي ٿو تہ:

> ...reference may be made to certain Sumerian and Akkadian cuneiform documents which refer to a land called Dilmun or Telmen. This was in one sense regarded as an otherworldly paradise, a place "where the sun rises" i.e., somewhere to the east of Sumer, but it was a substantial source of material goods: ships of Dilmun brought wood to Ur Nanshe of Lagash about 2450 B.C., and Sargon about a century later records that ships from Dilmun, Magan and meluha doched in his new capital Agade.
>
> *(The Indus Civilization p 81)*

سمير ۽ اڪاد جي ڪن تختين تي ڪنهن هڪ اهڙي سرزمين جو ذڪر ڪيو ويو آهي جنهن کي دلمون يا تلمون سڏيو ويندو هو. يعني اها سرزمين جنهن مان يا جتان سج ايري ٿو جيڪا سمير جي اوپر ۾ آهي. جتان تمام مال ۽ سامان اچي ٿو. دلمون جا ٻيڙا ڪاٺ ڪٽي لاگاش جي ار بندر تي آڻيندا هئا. اهو واپار 2450 ق.م ۾ بہ هلندو هو.

اين. جي. مجمدر لکي ٿو تہ سيوهڻ شهر ۾ عقيق ۾ ڪرڙ جي ڪاڻ جي

رس مان اهڙي جڙاوت ڪئي ويندي هئي جا ان قيمتي پٿر جي ٽڪر ٽڪر ٽيڻ کان سواءِ ٻاهر نہ نڪرندي هئي.اهي عقيق جا مڻيا بهمن آباد، موئن جي دڙي، چانهون جي دڙي ۽ هندستان جي ٻين قديم شهرن مان لڌا ويا آهن. سمير تهذيب جي هڪ قديم شهر ڪش (Kish) مان ٻہ ان قسم جا مڻيا ملڻيا آهن. اهو هنر هن وقت مري ويو آهي. سيوهڻ شهر ۾ ڪنهن سمي صراف ۽ چوڙيگر بزاريون هيون جي اڄ کنڊرن جي حالت ۾ ٻہ نظر نہ ٽيون اچن.

سنڌ جي طبعي جاگرافي جي مطالعي ڪرڻ سان سنڌ ۽ بلوچستان ۾ اهڙا بند يا ٻنڌ ۽ ٻنڌڙيون، ماهرن کي ڏسڻ ۾ آيون آهن جن ماهرن کي حيرت جي عميق درياه ۾ اڇلي ڇڏيو آهي. انهن بندن جي قدامت، ساخت ۽ افاديت اڄ جي پڙهيل ڳڙهيل انجنيئرن لاءِ عبرت جو باعث آهن. انهن بندن کي عام طور گبر بند سڏيو وڃي ٿو. انهن بندن بابت ايڇ. ٽي لئمبرڪ جو رايو غور طلب آهي.

> "The circumstantial evidence for the belief that the gabar bands antedated the Persian monarchy is on the whole stronger. In the first place, it is obvious that there must have been some connection between them and the numerous remains of settlements in their vicinity. These works enabled, agriculture on a scale sufficient to support a population far larger and more stable than that of the present time. Many of the mounds indicate by their very height a long period of probably continuous habitation. Excavation of them, up to the time of writing has not proceeded beyond experimental trenching except in a few instances, but the relics recovered all belong to one or other of the Bronze Age peasant cultures which were scattered throughout Western Asia between N.C. 3000 to 1000."
>
> "...the same prehistoric people who long inhabited the numerous village sites in this region were skilful agricultural engineers, and devoted much labour to adapting the neighbouring terrain so as to secuse the maximum possible cultivation."
>
> *(Sind A General Introduction. Pp 53,54).*

ايڇ. ٽي. لئمبرڪ موجب، اهي گبر بند ايراني حڪمرانن جي دور کان

اڳ جا آهن. انهن بندن ۾ بندن جي ويجهو جيڪي ڳوناٽيون وسنديون لڏيون ويون آهن، تن وچ ۾ گهرو تعلق آهي جا ڳالهه صاف ظاهر آهي. انهن بندن جي وسيلي زراعت کي وڌي هٿي ٿي ملي ۽ جهجهي آبادي ۽ آدم لاءِ خود ڪفيل هئا. بندن جي ويجهو جيڪي دڙا ۽ بڻيون لڏيون ويون آهن سي ايتري قدر تہ مٿي اوچيون آهن جو ايئن ٿو محسوس ٿئي تہ اتي ڪافي گهٽي وقت تائين ماڻهن جو وسنديون هيون... اهي تاريخ کان اڳ واري دور جا هن ڏرتي تي رهندڙ هوشيار ۽ ماهر زراعت پيشي وارا انجنيئر هئا ۽ انهن جو گهڻو وقت ۽ محنت آس پاس وارين زمينن کي پوکي لائق بنائڻ ۾ صرف ٿيندو هو. اڄڪلهه لئمبرڪ لکيو آهي تہ ايراني حاڪمن پنهنجي اقتدار واري زماني ۾، انهن بندن جي مرامت، پنهنجي آمدني ۽ خراج جي واڌاري جي خيال کان ٿي سگهي ٿو تہ ڪرائي هجي. اهوئي سبب آهي جو ايراني حاڪمن وٽ وڏي ۾ وڏو زرخيز، اپت ۽ خراج ڏيڻ وارو صوبو سنڌ هو. جتان کين تازه دم فوج بہ ميسر ٿي سگهي ٿي. ان قسم جا بند پونچ سمندِ، يا تامل يا ايراني ۽ عراقي علاقن ۾ نظر نہ آيا آهن. انهن بندن جا معمار خالص سنڌي هنر مند، پورهيت ۽ پوک ڪرڻ وارا هئا جي ماهر انجنيئر بہ هئا.

هاڻي مان صدين جي پراڻي، ڪريل، گندي، خودغرضي، حسد ۽ ڪيني واري هڪ روايت جو ذڪر ڪندس. جيڪا سنڌين جي مزاج جي ترجماني ڪري ٿي. جيتوڻيڪ هر هڪ سمجهدار سنڌيءَ جو ان سبب ڪري، شرم وچان ڪنڌ جهڪيو وڃي. سڪندر اعظم (356_323 ق م) جي اميرالبحر نيرڪس جي سفرنامي تي تبصرو ڪندي ليم ونسينٽ لکي ٿو تہ:

> "Invasion is too often fortunate in finding the jealousy of the natives favourable to the schemes of the invader, and the petty interests to opposite parties cooperating to their mutual destruction." *(Voyage of Neaschus p134.)*

ان سفرنامي ۾ راجا سمبوس جي ملڪ، قوم ۽ فرار جو احوال بہ ڏنو ويو آهي. راجا سمبوس ۽ راجا مسيڪانوس جي حسد، ساڙ، رقابتن، سازشن ۽ لڙاين جو احوال بہ آيو آهي. ان کان سواءِ سنڌين جي هڪ وڏي ڪريل ۽ پراڻي ڪمزوري "هڪبئي کي نہ سهڻ ۽ هڪبئي جون پڳون لاهڻ" جو بہ بيان ڏنو ويو آهي. سنڌي راجائن ۽ حاڪمن (۽ سرندي وارن) هميشہ حملي

آورن جو ساڻ ڏيئي، پنهنجن دشمنن هٿان پنهنجا ملڪ ۽ ملڪيتون وڃايون آهن ۽ پنهنجا ماڻهو مارايا آهن. موت ۾ خود کين بہ پوءِ ساڻيئي انجام سان همڪنار ٿيڻو پيو آهي.

اين. جي. مجمدر، هنيري ڪزنس، ايڇ. ٽي لئمبرڪ، والٽر فيئر سروس، محمد ادريس صديقي ۽ ٻين ماهرن جو چوڻ آهي تہ روهڙي کان ونڊي ڪوٽڏيجي تائين جيڪي واري جا ڏڙا، پٿرن ۽ ٽڪريون آهن انهن مٿان تمام گهڻي تعداد ۾ چقمق پٿر جا ننڍا ۽ ڪي وڏا ٻگ ملن ٿا جي گهڻو ڪري اڻ گهڙيل آهن. انهن اڻ گهڙيل پٿرن جي ڏڃن مان ڪي گهڙيل ۽ تراشيل ڦر (chert blades) ۽ ڪهاڙيون بہ ملن ٿيون. انهن پٿرن جي عمر لکن سالن ۾ ۽ گهڙيل پٿرن جي عمر بہ هزارن سالن ۾ ڪٿي وئي آهي. ان مان سنڌو ماڻري جي سيپتا جي قدامت جو انداز بخوبي لڳائي سگهجي ٿو. روهڙي ٽڪرين مٿان انهن پٿرن گهڙڻ وارو ڪارخانو سڃي سنڌو ماڻري ۾ مشهور هو. پٽاوالا ان بابت لکي ٿو تہ:

> "Mr. Carter considers some of these relics as belonging to the Microlithic age and others to the Neolithic age ranging from 6000 B.C. to 8000 B.C. These relics show that they were manufactured at certain central prehistoric factories such as the Rohri flint factory etc."
>
> *(Historical Geography of Sind. P 20)*

ان حساب سان سمير جي تهذيب (2900 ق م) ۽ مصر جي تهذيب 3200 ق م) کان سنڌو جي تهذيب اٽڪل روءِ ٻن هزارن سالن کان بہ وڌيڪ پراڻي آهي. جنهن ڪري اهو چوڻ غلط آهي تہ سنڌو جون تهذيبون (cultures) مصر يا سمير جي تهذيبن جو نقل آهن.

اها حقيقت بہ پنهنجي جاءِ تي بلڪل صحيح ۽ درست آهي تہ وڌيڪ شاهوڪار تهذيبون پنهنجا اثر ۽ نشان، اقتصادي، ثقافتي ۽ سماجي طور گهٽ شاهوڪار تهذيبن تي ڇڏيا آهن. جيئن اي. ڊي. پسالڪر پنهنجي مضمون "دي انڊس وئلي سوليزيشن" ۾ لکيو آهي تہ:

> "The most important piece of evidence testifying to the influence of the Indus Valley on Sumer is the fashion of hair_dressing adapted by Sumerian women from the Indus Valley."

هڪ مڪيہ ثابتي يا شهادت جنهن موجب سنڌو تهذيب جو سميرين مٿان اثر ظاهر ٿئي ٿو اها آهي وارن جي سينگارڻ جو فن. جيڪو سنڌو تهذيب وارن سمير تهذيب وارن کي سيکاريو. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ سمير تهذيب سنڌو تهذيب کان گهڻو ڪجهہ پرايو ۽ ورتو ۽ موٽ ۾ ڪي معمولي واپاري شيون سنڌو تهذيب وارن کي وڪٽيون. مٽيون حوالو پسالڪر صاحب، ڪارليٽن جي ڪتاب "مدفون شهنشاهتون" تان قلمبند ڪيو آهي.

لائق محقق جو حوالو موئن جي دڙي مان لڌل ان پتلي ڏانهن آهي جنهن کي قديم آثارن جي ماهرن "ناچڻي" (Dancing girl) ڪري سڏيو آهي. حقيقت ۾ اهو پتلو هڪ پوڄارڻ نينگري جو آهي، جنهن کي پوڄا لاءِ ڪپي هٿ ۾ ڪتورو آهي. اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ سمورا لطيف فن (Fine Arts) منڊ ۾ پاڻ پوڄا جي رسمن سان گڏ مندرن، ديولين ۽ ٻين عبادت گهرن ۽ گهاٽن ۾ پرورش پائي راج سپائن ۽ درٻارن تائين پهتا آهن. ان کان سواءِ فقط متمدن ۽ شاهوڪار سماج ئي انهن لطيف فنن جو قدر ڪندا آهن ۽ انهن کي همتائيندا آهن. نينگري جي وارن جي سينگار کان سواءِ سنڌي وڏڙا ڳونڻ ۾ وارن کي ڦٽي ڏيئي سڌي سينڌ ڪيندا آهن. انهن جي وارن جي سنوار بہ بلڪل پروهت بادشاهہ يا سکر ماڻهو جي وارن جي سينڌ ۽ سنوار سان مشابهت رکي ٿي.

ان پوڄارڻ نينگري کي ڪپي ٻانهن ۾ عاج جون چوڙيون ۽ سڄي ٻانهن ۾ ڪرائي ۽ ڏونڊ وٽ چوڙا يا ڪنگڻ پيل آهن. ان ساڻئي نموني سان يعني ڪرائي کان وٺي ڪلهي تائين چوڙين پائڻ جو رواج اڄ بہ سنڌ ۾ خاص ڪري لاڙواري حصي ۾ رائج آهي. ايتري قدر جو مسلمانن جي سکر گهراڻن جون عورتون بہ ساڻئي نموني سان ڪنگڻيون ۽ چوڙيون پائين ٿيون. چوڙين يا ٻانهي بابت سنڌي پهاڪا بہ مشهور آهن جهڙوڪ "هٿ جي ڪنگڻ کي آرسي جي ڪهڙي ضرورت"يا، ٻانهي واري جو پوندو بہ پلو ڇاڪاڻ تہ ٻانهي سونهن جي نشاني آهي.

هتي مان اها ڳالهہ لکڻ بہ تمام ضروري ٿو سمجهان تہ اهرامن واري مصر جا رهواسي پنهنجن ڪپڑن کي سنڌ مان گهرايل نير (Indigo) ۾ ڏوئيندا هئا. ساڻئي وقت فرعونن جي لاشن (mummies) کي بہ سنڌي ململ

جي ڪپڙي ۾ ويڙهي تابوتن ۾ رکي، دفن ڪندا هئا.

ساڳي طرح پسالڪر صاحب ان دعويٰ کي به رد ڪيو آهي ته سنڌو تهذيب جا خالق (authors) کي سميري يا آرين آهن. هو صاحب البت ان ڳالهه کي قبول ڪري ٿو ته سنڌو تهذيب جي پڇاڻي ۽ پيڃاڻي واري دور ۾ آرين جو ڪجهه اثر ڪن ماڳن تي نظر اچي ٿو ۽ بس. ساڳي ڳالهه ڊاڪٽر ايف. اي. خان ڪري ٿو. خان صاحب لکي ٿو ته:

> "If the links between the Indus and the Sumerian Civilization are simply due to trade and do not point to a common origin, then the discovery of the Indus Civilization is even more significant, because it reveals a high degree of cultural development which occurred independently in the Indus Valley."

ڊاڪٽر خان صاحب جي 'if' جو جواب مان اڳيئي مٿي پسالڪر صاحب جي حوالي سان پيش ڪري آيو آهيان.

تن چئن سالن کان هڪ جرمن محققن جي ٽيم ڊاڪٽر مائيڪل جانسين جي رهبري ۽ ۾ پي ٽيم اٽلي جي ماهرن جي ڊاڪٽر موريزو ٽوزي جي رهنمائي هيٺ، گڏيل محنتن سان موئن جي دڙي تي ڪم ڪري رهيون آهن. انهن ٽيمن جي محنت ۽ تحقيق جي گڏيل رپورٽ تازو شايع ٿي آهي جنهن ۾ هنن صاحبن موئن جي دڙي مان حاصل ٿيل پٿرن جي مجسمن تي به تحقيق ڪيل مواد شايع ڪيو آهي. ان رپورٽ ۾ واضح ۽ صاف لفظن ۾ لکيو ويو آهي ته پٿر جي مجسمن يا بتن گهڙڻ جو فن، موئن جي تهذيب وارن جو پنهنجو هو. بادشاهه پروهت وغيره وارا بوتا سنڌين پنهنجي تخيل ۽ محنت سان گهڙيا آهن. اهي نه ميسوپوٽيما مان نڪي هلمند وارين تهذيبن کان حاصل ڪيا ويا آهن. ان تحقيق، اهو به ثابت ڪيو آهي ته سنڌو تهذيب، سنڌو ماڻري ۾ ئي ايري ۽ اسري هئي ۽ سنڌ ۾ رهڻ وارا سنڌو تهذيب جا خالق ۽ معمار آهن. مان ان رپورٽ مان به ٽڪرا پيش ڪري رهيو آهيان:

> "Obviously certain characteristics like the headband and the hairstyle of the divided bun and the two plaits gave reason to assume cultural contacts with the Helmand Civilization and more west with Mesopotamia, but the essential significance of the images must not necessarily be

equivalent, The iconographic attributes show despit their similarities to neighbouring countries much individualism in their composition so that this is one more argument for the distinct charcter of the Harappan Civilzation.

It was the trefoil_desing on the garment of the 'Priest King' which initiated the interpretation as an image of a divine individual and the so called 'kidney_shaped' form of the ears underlines in our regard the important meaning of the bust. A careful examination of the position of its slightly extended right arm could, on the background of the posture of the other full_length sculptures, allow a reconstrusction of the fragment into a 'squatting figure' with hands resting on the knees. In this way, the number of stone sculptures from Mohen_Jo_Daro would extend to a total of eight figures, whose typical attribute is the pose of prostration. The subject matter on several seals may elucidate the ritual context in which we have to imagine the stone sculptures."

پوئين ٽڪري ۾ مجسمن جي وهڻ جي طريقي ۾ گوڏن تي ٻانهن رکڻ جي انداز مان ظاهر ٿو ٿئي ۾ سمجهڻ ۾ ٿو اچي ته ڏرمي رسمون يا ڪريا ڪرم ادا ڪيا ٿا وڃن.

(Interim Report Vol 1. Is MEO_ Aachen University mission. P 154)

لوڪ ادب:

هاڻي مان پويون دليل پيش ڪري رهيو آهيان جيڪو سين کان وڌيڪ اهم ۽ عام، صحيح ۽ صحتمند دليل آهي. اهو آهي ثقافتي رشتو ۽ سلسلو، تعلق ۽ ڳانڍاپو لوڪ ادب جو. لوڪ ادب ئي حقيقت ۾ هر ڪنهن قوم ۽ ملڪ جي تاريخ جو ماخذ آهي. ان سلسلي ۾ چيو وڃي ٿو ته انسان پنهنجي زندگي ۾ پهرين ٻاهر جي چوگرد ويهي رهاڻ ڪندا هئا. ان رهاڻ ۾ وڏڙا ڪمال سادگي سان پنهنجن شڪارن، قبيلن جي ويڑهن ۽ زالن وغيره جا قصا ۽ داستان ننڍن کي ٻڌائيندا هئا. انهن داستانن ۾ ڪن خيالي ديون ۽ پرين، ديوتائن ۽ ديوين جي امداد ۽ ويڑهه وارين ڪارواين جو گهڻو ڪري ذڪر ڪيو ويندو هو. اهڙي طرح ڪهاڻي ٻڌائيندڙن (story tellers and singers) جو هڪ مخصوص طبقو پيدا ٿيو. جنهن نيون ڪهاڻيون، قصا،

داستان ۾ روايتون (Tradition) نئين رنگ ۾ ڍنگ سان گهڙيون ۽ ڳائيون. انهن قصن ۾ ڪهاڻين ۾ انساني ڪردارن سان گڏ غير انساني ڪردار به شامل ڪيا ويا. ساڳئي وقت داستانن ۾ روايتن ۾ ڪجهه حقيقي حالتون ۽ ڪجهه بناوٽي ماحول به بيان ڪيو ٿي ويو. ته جيئن ٻڌندڙن تي چڱي طرح اثر پيدا ٿئي. انهن قصن، ڪهاڻين، داستانن ۾ روايتن جو نالو لوڪ ادب رکيو ويو. حقيقت ۾ لوڪ ادب صدي جي تجربن ۽ آزمودن ۽ مشاهدن جي سچائي جو نچوڙ آهي.

ايڇ. جي. ويلس لکي ٿو ته جڏهن کان وٺي انسان ڳالهائڻ سکيو آهي، تڏهن کان وٺي "داستان سرائي ۽ داستان گوئي" کي انسان جي زندگي جو هڪ جاندار شغل سمجهيو ويو آهي. آکاٽين ۽ ڪهاڻين کي ناٽڪن ۽ سانگن رستي پيش ڪيو ويو آهي. ۽ رهيل اوٽاين کي وري اشارن ۽ رمزن سان پورو پئي ڪيو ويو. ان کان سواءِ منڌ کان وٺي، عوامي اهميت جي واقعن ۽ ڪارنامن کي، انساني ڪهاڻين جي شڪل ۽ صورت ڏيئي، مختلف موقعن تي ناچ، راڳ رنگ ۽ سانگ سونگ ۾ پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ مڪالما، نقالي، سر، لئ، ۽ تال تي چال ۽ خال سان گڏ، ساز ۽ سرود جو ميلاپ به ضروري سمجهيو ويو. هو صاحب لکي ٿو ته:

> "Tale_telling has been an important living thing in human life since speech begain, and the most important elements of prose literature, a sense of phrase, invention, character study, are to be found wherever two or three women of any race gossip together. Dreams, very often monstrous and embodying the reactions against the necessary suppressions of primitive society, supplied a fantastic element n the early tale. Tales have always eked them selves out by dramatic gestures and interludes... and from an early age the memory of great events, the procedure of great occasions, was sustained by periodic narrative dances, in which speech and chant, imitation, rhythmic movement and instrumental sound were inextricably interwoven." *(H.G.Wells: Outline of History pp 248, 249)*

سنڌ جو هڪ عظيم محقق ۽ اديب ۽ عالم ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ لکي ٿو ته:

"ڪهاڻيون (لوڪ ادب) تمام آڳاٽي دور ۾ اسريون ۽ ڪافي آڳاٽي

وقت کان رائج ٿيون. اول، جن شخصيتن تي جيڪي ٿي گذريو، سو انهن پنهنجي ساڻين سان بيان ڪيو. پوءِ سورمن جا ڪارناما وڏن ننڍن کي ٻڌايا ۽ انهن پنهنجي اولاد کي سڌايا. جيئن وقت وچان پوندو ويو تيئن حقيقتن تي حڪايتن جو رنگ چڙهندو ويو تان جو حقيقي ڪشالا ۽ ڪارنامن، قصا ۽ ڪهاڻيون بڻجي ويا. اهي ڪهاڻيون پوءِ محض وندر ۽ نصيحت خاطر وزيرن بادشاهن کي ٻڌايون ۽ وڏڙن ننڍن کي سڌايون. آخر ڪهاڻين جي عام مقبوليت سببان سگهڙ ساماڻا جن ڪهاڻي ڪٽ کي "قصه خواني" جي فن تي پهچايو. ٻڌندڙن جي تفريح خاطر، انهن ڪهاڻي ڪٽندڙن ۽ قصه خوانن پنهنجي بيان ۾ رنگيني پيدا ڪئي. ۽ ڪهاڻي ڪٽندڙن، ڪهاڻي جي ڪٽي ۽ پچاڻي توڙي وچ واري ٽيڪا لاءِ خاص الفاظ، محاورا، اصطلاح ۽ جملا ايجاد ڪيا ۽ استعمال ڪيا." *(سماهي مهراڻ جلد 2 نمبر 1_2 صفحو 144)*

ٿي سگهي ٿو ته ڪن صاحبن کي لوڪ ادب جي انهي اهميت ۽ سچائي تي ايجا بہ شڪ ۽ گمان هجي. انهن دوستن کي پنڊت جواهر لعل نهروءَ، هڪ جڳ مشهور شاعر ۽ دانشور، گوئٽي جي نسبت سان جيڪو حوالو ڏنو آهي سو دل سان هنڌائڻ گهرجي. پنڊت صاحب لکي ٿو ته:

"Geothe is reported to have condemned those who said that the old Roman stories of heroism, of Lucretia and others were spurious and false. Any thing, he said, that was essentially false and spurious could only be absurd and unfruitful and never beautiful and inspiring and that 'If the Romans were great enough to invent things like that, we at_ least should be great enough to believe them."

گوئٽي جو چوڻ آهي ته بلڪل بي بنياد، فرضي ۽ ڪوڙا داستان ۽ ڪهاڻيون اتساهه پريون ۽ ولولہ انگيز ۽ بامقصد ٿي نہ ٿيون سگهن. جيڪڏهن رومنس ايڏا عظيم هئا جن بهادري ۽ اتساهه پريون ڪهاڻيون ناهيون ۽ لکيون آهن ته پوءِ اسان کي بہ گهٽ ۾ گهٽ ايترو عظيم ٿيڻ گهرجي جو انهن ٻالهين تي اعتبار ڪريون.

ساڳئي وقت ان حقيقت کان ڪير بہ انڪار ڪري نہ ٿو سگهي ته ادب

۾ انسان جي پهرين ڪاوش ۽ تخليق نظم ۾ ٿي. نثر نويسي بعد جي ايجاد آهي. ان ڪري سڀ مذهبي، ڏرمي، ۽ ڪلاسيڪي تحريرون گهڻو ڪري نظم ۾ چيل ۽ لکيل آهن. افلاطون چوي ٿو ته تاريخ جي بنسبت شاعري حقيقت جي وڌيڪ ويجهو آهي. لانگ فيلو چيو آهي ته:

The bards sublime,
Whose distant footsteps echo
Through the corridors of Time

ٽينيسن چوي ٿو ته،

Jewels five_word_long
That on the stretched finger of all Time
Sparkle for ever.

۽ حضرت لطيف فرمايو آهي ته "جي تو بيت پانيان، سي آيتون آهين." سنڌي ادب جي شروعات به شاعري ۽ نظم سان ٿي آهي ۽ اسان جو لوڪ ادب به نظم ۾ ئي آهي. سنڌي لوڪ ادب مان ڪي ٽڪرا پيش ڪريان ٿو جن جو هن مقالي سان تعلق آهي. اهي لوڪ گيت، اسان جي هر ڪنهن راڳ ۽ موسيقي جي محفل ۾ ڳايا ويندا آهن ۽ هر هڪ مرد توڙي عورت، ٻار توڙي ٻڍو ان مان لطف ونڊي ڏن ۽ لئي سان تاڙيون وڄائي فنڪارن سان فن ۾ شريڪ ۽ شامل ٿي ويندو آهي.

1_ پيل تنهنجا پن ڏي، پيل تنهنجا پن ڏي،
سڀ مڙاهيم سون ۾ ڏي لوڻو منهنجي ڪير پيڙ جو لوڻو،
لوڻو مون کي آڻي ڏي_ ساهه صدقي ڪيان،
اول گهوول وڃان.

2_ مور ٽو ٽلي راڻا مور ٽو ٽلي گجر جو مور ٽو ٽلي،
راڻا تو مان راڄ ٽيندا، راڻا تو مان لک ٽيندا،
سي ته مامن جي ڪلهي، سي ته چاچن جي ڪلهي، مور ٽو ٽلي.

3_ ڏڳو پير پيران، او ڏڳو پير پيران ڏڳو هر نه هلي،
ڏڳو پير پيران، ڏڳي جو ملهه هزار ڏڳو پير پيران.

4_ آهين الله جي امان، ڪڳا ڏي متان خوش ٽين،

ڪٽي جو هلندي سانءِ، وچ تہ بزار ۾ ڇيا ڪندين سانءِ چار
ڪڇا ڙي متان خوشي ٿين، ٽڪا وٽيندي سانءِ چار
ڪڇا متان خوش ٿين.

5_ منهنجي گندڙ گنديءَ مان رات ڪتو ڪٽي ويو
رات ڪتو ڪٽي ويو، رات ڪتو ڪٽي ويو،
منهنجو گندڙ گنديءَ مان.
وغيرهہ

مون مٿين لوڪ گيتن ۾ لوٽي، ڪير ۽ پيپل جي پن، مور جي نچڻ ۽ ٽلڙ، مڇي جي قسمن مان ڪڇي ۽ گندڙ، هر ۽ ڏيڳي جي هلڻ جو ذڪر ڪيو آهي. اصل ۾ اهي لوڪ گيت اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کان ٻڌندا آيا آهيون ۽ اميد تہ اسان جا پويان بہ ٻڌندا رهندا. اسان اهي لوڪ ادب جا گيت صدين کان شعوري يا لاشعوري طور ٻڌندا، ڳائيندا وڃائيندا آيا آهيون پر اسان مان تمام ٿورن، ايجا بہ ڪٽي ڇڏجي تہ آڳرين تي ڳڻڻ جيترن، انهن لوڪ ادب جي شهپارن جي سچائي ۽ قدامت تي ويهي سوچيو آهي.

ڏڪو (bull) اسان وٽ طاقت، سياڻ ۽ محنت جو نشان آهي ۽ اهو نشان (symbol) آهي محنت ۽ زراعت جو. ساڳئي طرح مور (peacock) اسان وٽ سونهن، سوڀيا ۽ نزاڪت جو. مڇي (fish) گهٽي پاڻي، خوشحالي ۽ لطافت جو ۽ پيپل (The papal tree) جو وڻ، وڻڪار، وندر، قدامت ۽ عبادت جون علامتون (totem). قديم آثارن جي ماهرن کي مهرن کان سواءِ ٽانون ٽپن جي ٺڪرين تي بہ انهن ساهوارن جون شڪليون ۽ صورتون چٽيل مليون آهن. انهن چٽن جي فنگيني، نفاست، باريڪي ۽ ڪاريگري ڪمال درجي تي پهتل معلوم ٿي ٿئي. مٽي جي ٽانون جون ٺڪريون کي ٽلهيون ۽ کي بلڪل سنهيون آهن جن کي ڪاغذي ٺڪريون ڪري سڏجي تہ بي جا نہ ٽيندو. سڀ کان وڏيڪ اهم ۽ مکيہ چٽن واريون ٺڪريون، اسان کي سنڌ، بلوچستان، چولستان، ساهيوال، راجستان ۽ ڪڇ گجرات جي پراڻن ڪٽي ويل ڏڻن، بڻين، ڪوٽن ۽ ڪوٽيرن جي تهن (layers) ۾ ڊهيل (deposits) کوٽائي ڪندي مليون آهن. انهن قديم آثارن وارن جابلو ماڳن جي عمر ستن کان چار هزار سال ق.م ڪٽي وئي آهي ۽ ريگستاني ۽ ميداني علاقن

جي ماڳن جي عمر ٽي کان ساڍا ٽي هزار سال ق م شمار ڪئي ويئي آهي. سبي ۾ ڍاڍر پرسان مهر ڳڙهه نالي سان هڪ تمام پراڻي وسندي کنڊرن جي صورت ۾ حالت ۾ لڌي ويئي آهي. جنهن جي عمر ابتدائي تحقيق موجب اٽڪل ڇهه ست هزار سال ق م ڪٿي ويئي آهي. اهو ماڳ دنيا جي قديم ترين ماڳن ۾ ٻيون نمبر آهي جڏهن ته پهريون نمبر جيريڪو (Jerico) جو ماڳ آهي جو اردن ندي جي ڪناري تي واقع آهي، ۽ اٺ هزار سال ق م واري دور سان تعلق رکي ٿو.

خوش نصيبي سان، اهڙن چٽن واريون ڪجهه ٽڪريون مون وٽ ٻه موجود آهن ۽ مان جڏهن فرصت جي گهڙين ۾ يا ڪيئن ٻه وقت بچائي ويهي انهن چٽن کي ڏسندو آهيان ۽ انهن جو اڀياس ڪندو آهيان تڏهن شاهه لطيف جو هيٺيون بيت هر هر دل تي تري ايندو آهي ته:

"مٽئي مٽي جي هٿ، تن چٽن ڦريم چت
هار ڪتندیس هوڏ ۾، نيبهه ٿيندم نت
ڪونئرو جو ڪرت، مونهان مٽانهون ٿيو."

منهنجي دل، سنڌو جي انهن ڪارگر ڪنيارن کي سؤ سؤ سلام ڪندي آهي جن جي چٽن منهنجو منهن ۽ مان مٽي ڪيو آهي ۽ من موهيو آهي. اهي چٽ جتي اسان جي ابن ڏاڏن ۽ انهن جي وڏن جي فن، هنر، آسودگي، خوش حالي، خوش مزاجي، منظم ۽ موثر سماج جي شاهدي ڏين ٿا، اتي اسان جي تاريخي قدامت ۽ سماج ۽ سياڻپ جي وارث هئڻ جي ٻه ساک پرين ٿا. مور بابت وڌيڪ ائين ٻه چيو ويو آهي ته سڪندر اعظم (356_323 ق م) سنڌ مان مور (ڊيل) جا ٻچا پاڻ سان سوکڙي طور کڻي ويو هو. ايران جي مجوسي پروهتن (Magi) کي مورن سان پيار هو ڇاڪاڻ ته سيمرغ يا سيماغ انهن جي ثقافت تي ڇانيل هو. ساڳئي طرح المسعودي ٻه مور جي تعريف ڪئي آهي. سيد سليمان ندوي پنهنجي مشهور ڪتاب "عرب و هند ڪي تعلقات" ۾ سنڌ جي جن عجيب جانورن جو ذڪر ڪيو آهي، انهن مان مور ٻه هڪ آهي. سيد صاحب مور جو احوال هڪ عرب سياح ۽ سوداگر "ابن الفقيه همداني" جي حوالي سان ڪيو آهي. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته عرب سوداگر ۽ سياح سوتي ڪپڙي، نير، جواهر، گرم مصالحن، دوائن،

ناريل ۾ خوشبوئن سان گڏ مور ۾ تلوارن جو به واپار ڪندا هئا. جنهن مان بخوبي معلوم ٿئي ٿو ته مور ۾ انهن جا ٻچا به سنڌ مان ٻاهر عرب ۾ ٻين ملڪن ڏانهن اماٽيا ويندا هئا. (صفحو 68) جا خط ته سنڌ جي مشهور ساز "يڪتاري" جو به ذڪر ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته: "ڪدوءَ تي تار کي ٻڌي، چڪي وڄائيندا آهن. اهو ساز ستار ۾ جهانجهه وانگر سريلو آواز ڪڍندو آهي." (صفحو 127).

آر. سي. مجمدر ۾ ٻين مورخن هڪ شاهاڻي لشڪر جو ذڪر ڪيو آهي جيڪو عرب حاڪمن ڪوفي ۾ بصري جي ماڻهن کان ڳريون رقمون وصول ڪري، تيار ڪيو هو. ان لشڪر جو نالو (Peacock Army) رکيو ويو هو. ان لشڪر جو سپهه سالار عبدالرحمان ابن محمد هو. جنهن سن 8 هجري (699 A.D) ۾ رتبيل (Ratbil) سان جنگ ڪئي هئي. طائوسي تخت جو احوال به تاريخن جي زينت ٿئي رهيو آهي. مورڇل شاهي ويڙهي جو نالو آهي جيڪو مور جي تڪين جو ٺهيل هوندو آهي. سنڌي ادب ۾ راڳ جي صنفن سان به مور جو تعلق آهي. ان کان سواءِ اڄ تائين ڳوٺاڻا ائن جي ڏاس ڪترڻ مهل ڪترٽيءَ سان مور جا چٽ ائن جي ڳچين تي سونهن خاطر ناهيندا آهن. مور جا چٽ ڪاڻ جي شهتيرن، ڪٻٽن ۾ دروازن مٿان به گهڙيا ويندا آهن. پراڻن مقبرن ۾ به مور ۾ مڇي جا چٽ ۾ نقش خوبصورت رنگن ۾ چٽل ڏٺا اٿم. هندوستان جي تمام مڪيه ۾ پهرين حاڪم گهراڻي "موريا" جو تعلق به مور سان ڄاڻايل آهي. ان باري ۾ پنڊت نهروءَ جي ڪتاب گلمسز آف ورلڊ هسٽري ۾ حوالا موجود آهن. ان کان سواءِ اڄ تائين سنڌ ۾، موريا ۾ موريائي ذاتين وارا آباد آهن. ساڳئي نموني جون ڪي ٻيون آڪهيون جهڙوڪ ساريا، ڪيريا، ياڻيا، تنيا، ڀگهيا، تيوٽا، جويا، جوڪيا، وغيره به سنڌ ۾ رهن ٿيون. ڪرنل ٽاڊ موريا بدران لفظ "موري" ڪم آندو آهي.

هاڻي مان هتي هڪ ٻئي ثقافتي اهجاڻ جو ذڪر ضروري سمجهان ٿو. اهو آهي اجرڪ ۾ جتي. موئن جي دڙي مان جيڪو پروهت بادشاهه يا ٻين لفظن ۾ سڪر ماڻهو جو (bust) مجسمو حاصل ٿيو آهي ان کي سوتي اجرڪ پهريل آهي. جنهن تي ٽگلو ڇاپو يا ڇر جو ڪم ٿيل آهي. ان ساڳئي قسم جي گلن وارو اجرڪ صدين کان وڻي اڄ تائين، اسان وٽ استعمال ۾ ايندو

رهي ٿو ۽ مقبول آهي، جڏهن ته موئن جي دڙي جي ڪوٽائي ڪالهه جي ڳالهه آهي. ساڳي طرح سکر عورتون ٽن گلن واريون جتيون به استعمال ڪنديون هيون ۽ ڪن گهراٽن ۾ ايا تائين استعمال ۾ آهن. ٽن گلن واري جتي مان سکرپٽي، سونهن ۽ سوييا جو اظهار ٿئي ٿو ۽ سنڌي عورت جي وقار ۽ شخصيت ۾ اضافو ٿئي ٿو. ان جتي ۽ اجرڪ مان اسان جو تشخص ظاهر ٿئي ٿو. اسان وٽ ڳوناٽي سماج ۾ ڏڏي ڦٽي ۽ شهري سماج ۾ مڇي ماني خوشحالي جا معيار سمجهيا ويندا آهن. اسان ڪڏهن به قورمي ۽ پلاءُ، زردي ۽ برياني کي خوشحالي جو معيار نه سمجهيو آهي. ان کانسواءِ کير، مکڻ، ڦٽي ۽ ڏڏ چاڏي ۽ مانڌاٽي، ڳوناٽي سماج ۾ زندگي ۾ برڪت ۽ آسودگي جون علامتون سمجهيون ويندیون آهن. ان ڪري مالوند کي پاڳيو يعني پاڳ وارو ڪري سڏيو ويو آهي. سو پاڳيا کير مان وڌيڪ مکڻ حاصل ڪرڻ لاءِ مانڌاٽي يا چاڏي جي ڪني سان تائث ۽ تعويذ ٻڌي ڇڏيندا آهن. اها رسم اسان وٽ ڪا نئين نه آهي. فقط عقيدي ۽ اعتقاد جي ڳالهه آهي ۽ عقيدا انسان جي شعور ۽ سماج جي ارتقا سان گڏ بدلجندا آهن. اسان جا وڏا ۽ انهن جا وڏا اڄ کان پنج ڇهه هزار سال اڳي چاڏين تي مکڻ جي وڌيڪ اپت لاءِ ديوين کي چاپي يا چتي ڇڏيندا هئا. ڇاڪاڻ ته کير ڏيڻ وارا جانور جهڙوڪ مينهن، ڳئون ۽ ٻکري سگهه وارا جانور آهن ان ڪري چاڏي مٽان چٽيل ديوي کي سگهه سوڌو چٽيو ويو آهي. جنهن کي قديم آثارن جي ماهرن سگهه واري ديوي (Horned Deity) جي نالي سان قلمبند ڪيو آهي. ان ديوي جي چٽن واريون چاڏيون، ماهرن کي ڪوٽڏجي جي کوٽائي مان حاصل ٿيون جي چٽن کان سواءِ باقي صورت، شڪل ۽ بيهڪ ۾ اڄ جي چاڏين جهڙيون آهن يا ٿوري گهٽي ڦير گهير اٿن.

اهو سڀ ڪجهه، اسان جي ابن ڏاڏن، وڏن ۽ وڏڙن جو ورثو ۽ دستور، چٽ ۽ چٽسالين، فن ۽ هنر، ريتون ۽ رسمون، اسان اڄ تائين ڪمال سعادتمندي سان لاشعوري طور ڪنيو ۽ سنياليو اچون ٿا. اسان اهو ورثو تحت شعور جي تهن هيٺ لڪل خزاني مان ڪڍي، ڪجهه شعوري ۽ ڪجهه لاشعوري طور ڪنيو ۽ سنياليو اچون ٿا. حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته زندگي جي عبارت آهي شعور سان ۽ شعور جو ئي هڪ پهلو آهي علم، يعني حقيقت

جو فهم. ان جي تهن ۾ گهراين تائين پهچڻ جي ڪوشش ۾ اسان پنهنجا سمورا حواس، عقل جون قوتون، فڪر جون باريڪيون، تجربن ۽ مشاهدن کان ڪم ونون ٿا ۽ اڳتي وڌون ٿا. وقت گذرڻ سان اهو سڀ ڪجهه تحت شعور جي تهن ۾ صدين ۽ صدين تائين محفوظ ٿي رهي ٿو. ان کي ئي عالمن اندروني، روحاني ۽ نفسياتي سجاڳي، باخبري، واقفيت ۽ ڪيفيت سڏيو آهي. جيڪو پوءِ وقت سر، شعوري ۽ لاشعوري طور اسان جي فڪر ۽ عمل ۾ ظاهر ٿيو پوي. هاڻي جيڪڏهن اسان پاڻ کي سنڌو تهذيبن جا خالق ۽ معمار ۽ موروثي وارث نه سمجهون يا پنهنجي ان شاندار تاريخي ۽ ثقافتي دور جي ماضي کان انڪار ڪريون ته اها اسان جي بدبختي، جهالت ۽ ڪوتاه انديشي کان سواءِ ٻيو ڇا ٿي سگهي ٿو. اها صدين جي پراڻي تهذيب ئي اسان جي سڃاڻپ آهي ۽ ان سان ئي اسان جو تشخص آهي.

دنيا جا عالم ۽ محقق ان نتيجي تي پهتا آهن جيئن سر پي. آر ڪوڊيل چوي ٿو ته تالمي جو لفظ "مناگر" سنڌو جي مهاڻن لاءِ ۽ ڪانياواڙ جي "مناس" لاءِ استعمال ٿيو آهي. رائل ايشاٽڪ سوسائٽي جي سال 1938 واري جنرل ۾ سر ڪوڊيل ڏانهن هڪ حوالو منسوب ڪيو ويو آهي:

> "Sir P.R. Cadell ascribes Minnager (mentioned by Ptolemy) to the aboriginal tribe of the Muhanas of Sind and Minas of Kathiawar."

ان لکت موجب سنڌ جا اصلوڪا رهندڙ سنڌ جا مهاڻا آهن. يا وري جيئن هڪ ٻئي محقق چيو آهي ته

> "Taking the totality of available evidence, the hypothesis of a Dravidian authorship of the Harappan Civilization seems to offer the most promising line of investigation."
>
> *(Ancient cities of the Indus P262).*

ساڳي طرح جواهر لعل نهرو به چيو آهي ته اسان کي هر ڪنهن دستوري ۽ عملي مقصدن لاءِ دراوڙن کي ئي سنڌ جا اصلوڪا رهواسي سمجهڻ گهرجي. هو صاحب لکي ٿو ته:

> "Who were these people of the Indus Valley Civilization and whence had they come? We do not know yet. It is quite possible, and even probable, that their culture was an indigenous culture and its roots and off shoots may be even

in southern India. For all practical purposes we can treat them as the indigenous inhabitants of India."

(Discovery of India. Pp 60 and 61.)

پنڊت نهروءَ جي ان خيال سان اختلاف ڪرڻ هڪ لازمي ۽ ضروري ڳالهه آهي ته سنڌو تهذيب جون پاڙون ڪو ڏکڻ هندستان ۾ هيون ۽ دراوڙن جو تعلق ڏکڻ هندستان سان هو. البته اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي درست آهي ته آرين جي اچڻ کان پوءِ سنڌو جا اصلوڪا رهواسي لڏي ڏکڻ هندستان ۾ ٻين پاسي ويا هئا. ۽ اهي جتي ويا اتي پنهنجي مادري تهذيب جون باقيات به پاڻ سان کڻي ويا.

ڪن محققن ۽ مفڪرن جو چوڻ آهي ته سنڌو تهذيب جو ٻيو نالو ويدن واري تهذيب آهي. انهن محققن رگ وید جي لکتن کي دليل طور پيش ڪيو آهي. مگر سر جان مارشل ان دعويٰ کي به مؤثر ۽ وزندار دليلن سان رد ڪيو آهي. هو صاحب چوي ٿو ته سنڌو تهذيب ويدن يا آرين واي تهذيب کان گهڻو پراڻي آهي ۽نهي تهذيبن جي وچ ۾ هڪ هزار سالن جي وڇوٽي آهي. ويدن واري تهذيب سنڌو تهذيب جي پڇاڻي ۽ پڇاڙي واري دور ۾ وجود ۾ آئي. ان ڪري ويدن واري تهذيب، سنڌو تهذيب جون ڪي مکيه روايتون، ڏرمي رسمون ۽ پنگتي رواج پنهنجي تهذيبي ورثي ۾ شامل ڪيا. باقي جيتري قدر سنڌو تهذيب جو تعلق آهي ته ان جي هڪ ميجيل جداگانه حيثيت آهي. ان حقيقت جو اظهار پنڊت نهروءَ هينئين جملن ۾ ڪيو آهي.

"It is interesting to note that at this dawn of India's story, she does not appear as a puling infant but already grown up in many ways. She is not oblivious of life's ways, lost in dreams of a vague and unrealizable supernatural world, but has made considerable technical progress in the arts and amenities of life, creating not only things of beauty, but also the utilitarian and more typical emblems of modern civilization_ good baths and drainage systems."

(Discovery of India. P60)

پنڊت نهرو جو اعتراف ته سنڌو تهذيب، فن ۽ هنر ۾، زندگي جي ضروري آسائشن ۽ سهولتن ۾، حسين شين جي ايجاد ۾، سڌريل سماج جي سودوادي ڪمن ۾ سڌريل هنري ۽ ڪاريگريءَ جا اپاءَ ورتا. جهڙوڪ صاف ستريون وهنجڻ جون ڪوٺيون ۽ گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ نالیون. (۽

حسين مجسما)

ڪيترن عالمن جو اهو رايو آهي تہ هن ويهين صدي ۾ جيڪڏهن قديم آثارن جي ماهرن کان ڪا عظيم تاريخي کوجنا ٿي آهي تہ اها آهي "سنڌو تهذيب جي دريافت". ان تهذيب جي قدامت بابت صحيح فيصلو ٿي نہ سگهيو آهي ڇاڪاڻ تہ تهذيب جي مکيہ مرڪز موهين "Mohen" جي دڙي ۾ زير زمين پاڻي (sub soil water) جي نڪري اچڻ ڪري وڌيڪ هيٺ کوتائي وڃڻ خطرن کان خالي نہ آهي ۽ جيستائين مڪمل کوتائي نہ ٿي آهي تيستائين ان تهذيب جي عمر ڪٿڻ يا مقرر ڪري ڇڏڻ هڪ ڏکيو مسئلو آهي. بهرحال هن مهل تائين ڊاڪٽر مهتا ان جي عمر ست هزار سال، مسٽر چلڊ ان جي عمر حضرت نوح جي طوفان کان وڌيڪ قديم، مسٽر منشي ڇهہ هزار سال ۽ مشهور محقق ايچ جي ويلس واري خليج فارس ۾ جهاز راني بابت تحقيق موجب ڏهہ هزار سال يعني اٺ هزار سال ق م تائين ڪٿي سگهجي ٿي. مهر ڳڙهہ جي دريافت ۽ کوتائي ست هزار سال ق م تائين پهتي آهي.

آڪٽوبر 1987 ۾ اسلام آباد ۾ ڇهين اهل قلم ڪانفرنس جي موقعي تي ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ هڪ اهڙي ڳالهہ ٻڌائي جنهن مون کي لوڏي ڇڏيو. يعني "اصحاب رس" قرآن شريف ۾ ان قوم جو ذڪر سوره "فرقان ۽ سوره ق" ۾ عاد، ثمود ۽ ٻين قومن سان گڏ آيو آهي. سيد قاسم محمود پنهنجي ضخيم ڪتاب اسلامي انسائيڪلوپيڊيا ۾ اصحاب رس جو حوالو صفحي 174 تي قلم بند ڪيو آهي. هو لکي ٿو تہ اصحاب رس ان قبيلي يا ماڻهن لاءِ چيو ويو جن جو کوهہ (يا کوهن) سان تعلق هو. جيڪڏهن اهو حوالو کوهن ڏانهن آهي تہ پوءِ کوهن وارا شهر، دنيا ۾ سنڌو تهذيب وارا ئي شمار ڪيا ويا آهن؟ ان بابت وڌيڪ ڪجهہ لکڻ کان قاصر آهيان. جيتوڻيڪ مسلم عالمن ان کي ڪنعان جو ملڪ سڏيو آهي.

"اصحاب رس" متعلق مطالعو ڪندي، منهنجي نظرن مان ڪن اهڙن محققن جا مضمون گذريا جن سمير وارن جي تحريرن جو غور سان مطالعو ڪيو هو انهن جي تحريرن ۾ دلمون Dilmun يا تلمون Telmun، ماڪن Makkan ۽ ميلوها Meluha شهرن جو احوال ملي ٿو. دلمون بابت چيو ويو آهي تہ "دلمون جي زمين پاڪ (hole) آهي. دلمون جي زمين صاف ستري

آهي. هتي ڪاڻ رڙيون (ڪان ڪان) نه ٿا ڪن. هتي شينهن ڪنهن کي چيرين ڦاڙين نه ٿا. هتي بگهڙ ريڍ کي نه ٿو کڻي. هتي ڪنهن به ننڍڙي ساهواري تي ڪتو نه ٿو ڀونڪي. هتي جهنگلي سوئر پوکون نه ٿا پيلين. هتي ڪوڻن تي بيواهن طرفان هاريل جَوَ پکي به نه ٿا کائين. هتي ڇيرا ۽ ڪبوتر ڪنڊ نه ٿا نمائين. هتي ڪوبه بيمار نه ٿو ٿئي نڪي ڪنهن کي اکين ۾ سور پوي ٿو. هتي عمر رسيده مرد يا عورت پاڻ کي ضعيف ۽ پوڙهو نٿا سمجهن. هتي چوڪريون گهٽين ۾ گندو پاڻي نه ٽيون هارين. هتي ڪنهن به ڪنواري چوڪري کي (سنت سبب) وهنجڻو نه ٿو پوي. هتي ندي اکرڻ (شايد وقت يا حياتي جو سفر) واري کي ڪنجهڻو نه ٿو پوي. هتي مرٽيو پڙهڻ وارو ڪونهي. نڪي پروهت کي ڦيرا پائي ڇوڙها وهائڻا پون ٿا. نڪي ڪو ڪنهن ديوار جو سهارو ونڻي فرياد ڪري ٿو. دلمون ۾ مني پاڻي جا کوهه ۽ چشما آهن. دلمون ۾ ٻنيون سر سبز فصل اپائين ٽيون. دلمون جا ٻيڙا ڏيساورن ڏانهن مال نين ۽ آڻين ٿا ۽ جنهن شهر جي رکوالي ماتا ننسيڪلا Ninsikilla ڪري ٽي. اهو شهر سمير جي اوير ۾ آهي جتان سج اپري ٿو.“ اهو ڪتبو به هزار سال ق م پراڻو آهي.

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته اهو ملڪ يا شهر ڪهڙو ٽي سگهي ٿو؟ سنڌ يا ڪو ٻيو. ڪن عالمن بحرين کي اهو ملڪ ٻهرايو آهي. انهن جي راءِ کي سيوئل اين ڪريمر، رد ڪندي لکيو آهي ته اهو ملڪ فقط سنڌ جي سرزمين آهي. هو صاحب لکي ٿو ته:

> “To be sure Dilmun has been identified by most scholars with the island of Bahrein in the Persian Gulf, and a large and highly competent expedition has been excavation there for close to a decade because of its faith in the identification (Glob and Bibby: 1960). But the discoveries at Bahrein to date have hardly justified this faith, and the description of Dilmun as the place 'where the sun rises', in the Sumerian Flood_story speaks definitely against the Bahrein_Dilmun identification.” *(Ancient Cities of the Indus. P 173).*

جڏهن سمير وارا خود، ڪنهن ٻئي ملڪ ”دلمون“ جو ذڪر ڪن ٿا ته اهو ملڪ سمير ته ٽي نه ٿو سگهي ۽ پوءِ يقين سان چئي سگهجي ٿو ته اهو ملڪ سنڌ آهي. ٻي ڳالهه ان تحرير مان اها پڌري ٿئي ٽي ته ان ذڪر ڪيل

تهذيب جا بانيڪار خود سمير وارا نہ آهن. تہ پوءِ سنڌو جي سرزمين تي رهڻ وارن سنڌين کان سواءِ ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو.

البت اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ بحرين ۽ ايراني نار وارا ڪي ٻيا خطا سنڌو تهذيب جي اثر هيٺ رهيا آهن. انساني لڏ پلاڻ ۽ سمير ۽ سنڌوءَ جي وچ ۾ هڪ منزل طور سنڌي واپارين ۽ ڪن ٻين ملڪن جي واپارين جي لهہ وچڑهہ ڪري اتي ڪي قديم وسنديون وجود ۾ آيون هجن، جن جون باقيات هاڻي دريافت ٿي رهيون آهن.

ڪاڪي ڀيرومل پنهنجي ڪتاب "قديم سنڌ" ۾ صفحي 51 تي لکيو آهي تہ سنڌو تهذيب جي شهرن کي جن قديم ماڻهن وسايو سي هاڻوڪن ڪولهين، ڀيلن، سنٿالن ۽ منڊلوڪن جا ابا ڏاڏا هئا. هن صاحب جو وڌيڪ اهو چوڻ آهي تہ انهن ماڻهن مان ڪن جون ڪوپريون لکي، سيوهڻ ۽ شاه بلال نوراني واري وات تان لڌيون ويون آهن. ٻئي طرف سنڌو تهذيب جي مکيہ مرڪزن موهين جو دڙو، هڑاپا ۽ لوٿل مان جن بہ ماڻهن جا ڍانچا قبرن مان يا ڪن ڪوٺين ۽ ڳلين مان مليا آهن، سي سڀ ڪنهن هڪ نسل سان تعلق نہ ٿا رکن. ان ڪري يقين سان انهن بابت ڪا حتمي راءِ ڏيڻ قبل از وقت ٿيندو. دراصل سنڌو جا مکيہ شهر واپاري مرڪز هئا جتي ڀانت ڀانت جا ماڻهو ايندا هئا. اهي گڏيل قومن جا بين الاقوامي شهر (cosmopolitan) هئا. سنڌو تهذيب جي ساک ان ڪري ديسان ديس پکڙي هئي. سنڌ جا ڪي شهر ساڳي حيثيت اڄ بہ رکن ٿا.

باقي ڪاڪي ڀيرومل جن ماڻهن جو ذڪر ڪيو آهي يعني ڀيل، ڪولهي، سنٿال ۽ منڊ، اهي نالا حقيقت ۾ آرين جي اڇڻ ۽ ذاتين ۽ ذاتين سان گڏ ڏندن، ڪمن ۽ ڪرتن جي جنم ونڻ کان پوءِ، آرين ڪن سنڌي قبيلن مٿان مڙهي ۽ انهن کي تڙي ٻاهر ڪڍيو. سنڌو تهذيب واري دور ۾ انهن جو وجود ڪونہ هو. ان ڏس ۾ نيرڪس جو حوالو تمام وزندار ثابت ٿيندو. نيرڪس جي لکڻ موجب سنڌ ۾ ان وقت (325 ق م) فقط بہ گروهہ يا قبيلا رهندا هئا. هڪ ميداني علاقن ۾ ڏنڊين ۽ درياهن جي ڪنارن تي ۽ ٻيو جبلن ۽ ماڙين ۾. ائين انسان جي لڏ پلاڻ وارو عمل هزارها سالن ۽ صدين کان وٺي، اڄ ڏينهن تائين هلندو اچي ٿو. چيني مفڪر لن يو تانگ جي قول

مطابق ان لڏ پلاڻ جي ڪري ئي تهذيبون هڪ جڳهه ڪان ٻي جڳهه ڏانهن وڏيون ۽ دنيا ۾ پکڙيون آهن. مان جيڪر ائين چوان ته اها آواره گردي ۽ صحرانوردي واري خوءِ ئي انسان ذات جي بقا ۽ ارتقا جو بنيادي ڪارڻ آهي.

اها حقيقت به ياد رکڻ گهرجي ته سنڌو تهذيب جنهن کي موهين ۽ هڑاپا واري تهذيب سڏيو ويجي ٿو ان جي بالغ (Mature) ٿيڻ کان اڳ منڊ واري دور ۾ به سنڌو جي ڏرتي تي آمري، ڪوٽ ڏجي ۽ ڪي ٻيون تهذيبون (Cultures) اڀيئي ايري اسريون هيون ۽ جي ڪوهستاني ۽ ريگستاني علائقن ۾ سڌريل ڳوناڻن سماجن جي صورت اختيار ڪري چڪيون هيون. سنڌو تهذيب کي جنم ڏيڻ وارا حقيقت ۾ اهي ڳوناڻا سماج هئا. انهن ڳوناڻن سماجن گڏجي ڪن وڏن شهري سماجن کي جڙيو جنهن کي سنڌو تهذيب سڏيون ٿا.

مثال طور چئي سگهجي ٿو ته نئنگ، ڪائي، جهانگر، پير لاکو لوهري وغيره ننڍين ڳوناڻن سماجن گڏجي سيوهڙ شهر کي هڪ سڌريل شهري سماج ۾ تبديل ڪيو. ساڳي طرح بادِه، نصير آباد، خيرپور جوسو ۽ ڏامره جي پر پاسن وارن ڳوناڻن سماجن گڏجي موهين ۽ جهڪڙ جي ڏڻ وارن شهري سماجن کي اسرڻ ۽ وڏڻ ويجهڙ ۾ هٿي ڏني. غازي شاه، ڏنڊو رحيم، راڄو ديرو، واهي پانڊي ۽ علي مراد شاهاڻي، ٻنڊڙي، چورلو ڏلهه، پوکڙ، ڪوهتراش، ڏاڏو عارب ۽ اوڏمان، ڪرچات، گجو، ڏارو، نهوٽو، ليمون جوٽيجو، جهڏيرڙ، ابن اوڏو، چانهو ڏڙو، نڪو بلو ٻني، وغيره ڳوناڻا قديم سماج ڪي الڳ الڳ ۽ جدا جدا سماج نه آهن پر هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ۽ تعلق رکڻ وارا سماج آهن ۽ آمري، ڪوٽ ڏجي، مهن، اروڙ ۽ سيوهڙ وارن وڏن سڌريل شهري سماجن جا سرچشما، حصا، جزا ۽ عضوا آهن. هتي ڊاڪٽر ايف. اي. خان جو رايو سند طور پيش ڪري رهيو آهيان. هو صاحب چوي ٿو ته:

> "It does suggest that the Indus Civilization was an indigenous development that arose out of the evolution of developed village cultures in a favourable environment. It emphasizes the sub_continental roots and the consequent style which gives the civilization its uniqueness."
>
> *(International Symposium on Mohen_Jo_Daro. P 90)*

ڊاڪٽر ولاٽر فيئر سروس ان حقيقت جي تائيد وري هن ريت ڪري ٿو ته:

"The ultimate and perhaps most telling evidence bearing on the character and history of the Harappan civilization is Indian civilization itself... the evidence we have indicated that a 'great tradition' marked by both urban and rural elements evolved out of hybrid 'little communities', characteristic of the pre_ Harappan Indus Valley.' These were not isolated elements but were interrelated, in the Mature Harappan stage of development they had been transformed into an indigenous or 'primary' civilization in which village and city alike shared a common culture."

(An cient Cities of the Indus. P 89).

اهو به ياد رکڻ گهرجي ته انهن ننڍين مگر سڌريل ڳوٺاڻن سماجن سان شهري وڏن سماجن ملي هن تهذيب کي شاهوڪار ڪيو. انهن ٻنهي سماجن جي وچ ۾ هڪ مسلسل ربط ۽ ضبط هو ۽ تهذيب جي ترقي ۽ شاهوڪاريءَ ۾ به ٻنهي سماجن جو گڏيل حصو هو. ان تهذيب ۾ ٻنهي شهري توڙي ڳوٺاڻي سماجن جو جهلڪيون صاف ڏسڻ ۾ ٿي آيون. هڪ اهڙي تهذيب جنم ورتو جنهن جا واپاري تعلقات ايرا، سمير، ڪريٽ ۽ مصر سان هئا ۽ اها پنهنجي ڪن خاص خوبين ۽ خصلتن سبب انهن پنهنجين همعصر تهذيبن کان ڪيترين ڳالهين ۾ اتم هئي. جنهن تهذيب ۾ صاف، ستريون ۽ سڌيون گهٽيون هيون. انهن ۾ اڇيان دوڪان ۽ دوڪانن جي پويان گهر اڏيل هئا. گهر گهر ۾ کوهه هو ۽ پاڻي جي نيڪال لاءِ نيسارا ۽ نالیون هيون ۽ جي باقائدگي سان صاف ڪيون ويندون هيون. گهٽين ۽ رستن مٿان وڌايل ڪابه شيءِ (encroachment) ڏسڻ ۾ نه ايندي هئي. جنهن ۾ جوتش جي گيان سان گڏ صحت جي اصولن تي ماڻهن کي هلايو ويندو هو. جنهن ۾ ٻارن جي وندر ۽ تفريح لاءِ طرح طرح جا راندیڪا ٺاهيا ٿي ويا. جنهن تهذيب ۾ وڏن جي وندر لاءِ شطرنج ۽ ٻيون راندیون هيون. جنهن سماج ۾ هنرمندن ۽ پورهيتن لاءِ عزت ۽ احترام هو. جنهن سماج ۾ سون، چاندي، ڪٽ ۽ قميتي ۽ نيم قيمتي پٿرن مان چوڙيون، هار، ٽانو ٽپا ٺاهيا ويندا هئا. جنهن سماج ۾ ڪنپرن متي جي ٽانون جهڙوڪ دلن، متن، ماتين، لوتين، لوتن ۽ چاڏين مٽان مزي مزي سان اهي رنگ به رنگي چٽ ۽ شڪليون ٿي چٽيون جن کي ڏسي اڄ به دليون هرکيو پون. جنهن تهذيب ۾ ڳوٺن ۽ شهرن ۾ اڏاوتون ماحول ۽

حالتن مطابق، ترتيب ۽ ضابطي سان ناهيون ٿي ويون ۽ جو سماج سڃ تہ فلاحي، خوشحال، امن پسند ۽ انسان دوست هو.

هن سموري مقالي جو ۽ مقالي ۾ ڪيل بحث مباحثي جو حاصل مطلب هيٺين ٽن نقطن ۾ سموئي سگهجي ٿو.

1_ سنڌو تهذيب ڪا نئين ۽ اوچتي وارد ٿيل نہ آهي. پر هڪ اها تهذيب آهي جنهن کي سنڌ جي منڌ وارن ننڍن ننڍن ڳوٺاٽن سماجن گڏجي وڌايو ۽ پوءِ هڪ ٿي، هڪ ٻئي کي هٿي ڏيئي، دنيا جي سڀ کان وڌيڪ متمدن، شاهوڪار، سڌريل، فلاحي، وسيع ۽ ويڪري سماج جي شڪل بخشي. منڌ وارا ڳوناٽا سماج ڪوهستاني ۽ ريگستاني هئا. مگر سنڌو تهذيب انهن جي مقابلي ۾ وڌيڪ سڌريل، وڌيڪ سجاڳ، وڌيڪ هنرمند، وڌيڪ پيداواري ۽ واپاري سماج هو. جو درياهن جي ڪپن (banks) ۽ سمنڊ جي ڪنارن (shores) سان وڌندو ويو. ان جا آثار ۽ اهجاڻ سنڌ، بلوچستان، چولستان، ساهيوال، راجستان ۽ ڪڇ گجرات وارن علائقن ۾ ملن ٿا. وڌيڪ دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ سنڌو تهذيب جي هر ڪنهن مرڪز جي کوٽاين مان، مٽين تهن مان بالغ ۽ منڌ يا ابتدائي سنڌو تهذيب جون باقيات ملن ٿيون مگر هيٺين تهن مان جيڪي باقيات ملن ٿيون تن جو تعلق سنڌو جي وڌيڪ پراٽن ڳوناٽن سماجن جهڙوڪ ڪوٽ ڏجي، آمري وغيره سان آهي. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌو تهذيب اڪيلي ۽ يڪ سر نہ ايري آهي ۽ نہ اوچتو مٿان ڪنهن ٻئي خطي مان نازل ٿي آهي. ان ڪري سنڌو تهذيب (Indus Civilization) بلڪل سؤ في صد خالص "منڌ ان سنڌ" آهي ۽ نہ امپورٽيڊ يا ميڊ ائز سمير يا ايجپٽ آهي.

2_ سنڌو تهذيب ۾ روح آهي، جان آهي ۽ زنده رهڻ جون صلاحيتون ۽ قوتون آهن. ان ڪري ان ۾ هڪ نہ مٽجڻ وارو تسلسل آهي. هن تهذيب ۾ تاريخي، لساني، سماجي ۽ ثقافتي صدين وارا پراٽا مگر ساڳيا مضبوط پڪا ڪيل يعني ڪنساليڊيٽيڊ (consolidated) عنصر (elements) ۽ اثر (effects and impressions) ۽ ارڪان (traits) موجود آهن جيڪي شعوري ۽ لاشعوري طور اڄ بہ سنڌي پنهنجي ٻولي،

ثقافت، سماجي، زرعي ۽ ٻين ريتن ۽ رسمن ۾ سانڍيو. ڪٽندا ٿا اچن ۽ بنيادي سنڌين جي رهڻي ڪهڻي، اٺڻ وهڻ، کاڌي پيتي ۽ روزمره جي ڪمن ڪارين ۾ صاف ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جيتوڻيڪ سائنسي ايجادن انهن ۾ ڪي قدر تبديلي آندي آهي، جو هڪ سياويڪ عمل آهي.

3_ سنڌي تهذيب جي منڌ وارن ننڍن ننڍن گڏيل ڳوناٽن سماجن جا ۽ پوءِ سڌريل شهري سماج جا خالق ۽ معمار بنيادي طور اوائلي سنڌي ڳوناٽا آهن. جن سنڌ جي زمين، پاڻي، آبهوا ۽ ٻين قدرتي نعمتن، ماحول ۽ حالتن (atmosphere and environment) مطابق، پاڻ کي هر دور ۾ ڍهڪائي، آهستي آهستي ذهني شعور ۽ جسماني طاقت موافق، سماجي ارتقا جون منزلون طئي ڪيون. تاريخ ۾ انهن ائبرو جينز (aborigines) کي ڪولهي، ڀيل، سنٿال، منڌ ۽ دراوڙ ڪري لکيو ويو آهي. سماج انهن کي شڪاري، هاري ناري، مهاڻا، ميربحر، ڪنيار، ڪمي ۽ ڪاريگر سڏيو آهي. پر اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي اٽل ۽ ابدي سچ (Eternal Truth) آهي ته سنڌو ماڻري ۾ صدين ۽ صدين کان رهڻ وارا بنيادي سنڌي هئا ۽ اهي ئي سنڌو جي سيني تهذيبن (Cultures and Civilizations) جا خالق ۽ معمار آهن. اهي هن ڌرتي مٿان ان وقت کان رهندا اچن ٿا جيڪو ڪٿي نه ٿو سگهجي. ڇاڪاڻ ته هنٽنگ ۽ فشنگ سوسائٽين (hunting and fishing societies) جي عمرين جو صحيح ڪاٿو هن سرزمين تي لڳائڻ هن وقت، قدري مشڪل ۽ ڪٺن آهي.

آخر ۾ قديم آثارن جي ڏيهي ۽ پرڏيهي ماهرن کي عرض ڪندس ته سنڌو تهذيب جي مختلف پهلوئن تي غور ۽ فڪر ڪرڻ سان گڏ سنڌي ٻولي ۽ ثقافتي ورثي جو ڳوناٽي سماج ۽ ماحول جو به مطالعو ڪن. مثال طور اها هڪ بلڪل نئين ۽ نڪوري دريافت ٿي آهي ته موهين جي ڏڙي ۾ جيڪو استوپا ۽ آس پاس وارو شهر (Citadel) آهي اهو سرن جي پليٽفارم مٿان تعمير ٿيل آهي. حقيقت ۾ اسان وٽ اها ڪا نئين ڳالهه نه آهي. اسان وٽ اهي نديا وڏا ڳوٽ جن کي هر وقت ٻوڏ جو خطرو پي رهيو آهي، سي مڙن (piles)_ مٿان اڏيل آهن ۽ اسان انهن مان ڪن کي "ماڙو" نالو رکي سڏيو

آهي. بوبڪ شهر اڄ ب ان تاريخي حقيقت لاءِ ثبوت طور موجود آهي. ان کان سواءِ قديم آثارن وارن ماڳن جا نالا ب درست ڪري لکيا وڃن. پوکڻ باران ماڻري ۾ واقع آهي ۽ رڪاربن ۾ ان کي پوکران لکيو ويو آهي وغيره. دادو پرسان لهڻ جي ڏڻي کي لهر، واهي پاندڻي کي پنڊي واهي ڪري لکيو ويو آهي. ساڳي طرح دلو دامن ۽ دلمو، مل، ملهه، ملوها ۽ ميلوها، ماڳن ماڪو ۽ ماڪا سنڌي ٻولي جا لفظ آهن ۽ ڪن ماڳن ۽ ماڻهن جا لقب ۽ نالا آهن. پر اسان جا ماهر انهن کي ڪٽي جو ڪٽي ۽ ڇا جو ڇا سڏي ابتا سبتا رايا اخذ ڪيا آهن. ان کان سواءِ قديم آثارن جي ماڳن جي حفاظت لاءِ ب جوڳا اپاءُ ورتا وڃن. ٻي صورت ۾ دادو ضلعي ۾ لهڻ ڏڻي ۽ سانگهڙ ضلعي ۾ ڏيپر گهانگهرو ڏڻي وانگر ڪيترائي ٻيا شاهوڪار ماڳ انساني هٿ چراند ڪري متجي ختم ٿي ويندا ۽ اسان مکين وانگر مٿو پٽيندا ئي رهجي ويندا سين. ساڳئي وقت قديم نالن کي نہ بدلايو وڃي. ايئن تہ اسان پنهنجي تاريخ کي پاڻ کهندا رهنداسين، جو زنده ۽ باوقار قومن جو شيوو نہ آهي. ساڳئي وقت اهو ب عرض ڪندس تہ مهرباني ڪري حقيقتن کي مفروضن ۾ نهڪائڻ جي ب ڪوشش نہ ڪئي وڃي. اسان جي تهذيب جا اهي قداور آثار ۽ اهڃاڻ صدين کان ونڊي آسماني ۽ آفاقي واقعن ۽ حادثن جو مقابلو تہ ڪندا آيا آهن پر افسوس ان ڳالهہ جو آهي تہ اڄ جي پيداگيرن جي دست درازين ۽ هٿ چراند کان پناهہ پني رهيا آهن. ان سلسلي ۾ تمام ضروري آهي تہ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون هڪ اهڙو جامع ۽ مؤثر ائڪٽ (Act) پاس ڪري انهن قديم آثارن ۽ ٻين تاريخي اهميت وارن جڳهين جي سنيال ۽ فقط سنيال جو ڪم ضلع ڪائونسلن کي سونپين. جنهن لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ مالي امداد انهن ڪائونسلن جي ڪئي وڃي. ٻي صورت ۾ دولت جي حريص هٿن کان انهن آثارن ۽ ماڳن جو بچڻ محال ٿو نظر اچي.*

(هي مضمون ڪتاب "سنڌو تهذيب" صفحو 12 کان 49 چيپندڙ ڪير ٿر پبلشرز دادو تان کنيل آهي).

آريا لوڪن جو آڳاٽو احوال

پيرومل مهرچند آڏواڻي

آريه لوڪ ڪٿان آيا؟:

رگ وبد ۾ آرين ۽ اڻ آرين جي وچ ۾ جنگين لڳڻ جو گھڻو ئي ذڪر آهي. انهيءَ مان يوروپي عالمن اهو انومان ڪڍيو ته آريه لوڪ ڪٿان ٻاهران آيا هئا، جنهن ڪري ملڪ هٿ ڪرڻ لاءِ ڪين اڻ آرين سان جنگيون جوٽيون پيون هيون. اهي ڪٿان آيا، سو پتو هندن جي ڪنهن به ڏرمي پستڪ مان ڪونه ٿي پين. پوءِ ٻولين جون ڪوجنائون ۽ ٻيون ڪوجنائون ڪري علحدا علحدا رايا ظاهر ڪيائون، جن مان مکيه هيءُ هو ته آريه اصل وچ ايشيا کان آيا هئا، مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي ته اهو وچ ايشيا وارو نظريو پوءِ جرمنيءَ جي پروفيسر پينڪا ۽ ٻين غلط ٺهرايو ۽ آرين جو اصلوڪو ماڳ اُتر قطب ڄاڻايائين.[1] پروفيسر راهز به پنهنجن "هبرٽ ليڪچرس" ۾ قديم ڪليٽڪ قومن جي ڏند ڪٿائن مان ثابتيون ڏيئي، ائين ئي ڄاڻايو. وچ ايشيا واري نظرئي کي پڄاڙيءَ وارو ڏڪ لوڪمانيه بال گنگا ڌر تلڪ هنيو. جنهن هندن جي ويدن، اتهاسن ۽ پراڻن مان، بلڪ پارسين جي "زنداوستا" مان ڪيترائي حوالا ڏيئي، پنهنجي ڪتاب "آرڪٽڪ هوم" ۾

ڇاڻايو ته آڳاٽا آريہ لوڪ "ميرو پربت" تي رهندا هئا، جو سائبيريا جي اُتر قطب طرف هو (صفحو 17)

لوڪمانيہ تلڪ پنهنجي ڪتاب "آرڪٽڪ هوم" ۾ ويدڪ ساهت مان جيڪي حوالا ڏنا آهن، تن سان گڏ ڪي ڏند ڪٿائون بہ ويدڪ ساهت مان ڪڍي، پنهنجي ٿيڪاٽپٽيءَ (تشريح) سان ڏنيون اٿس. انهن ڏند ڪٿائن مان هڪڙا شايد هڪڙو ۽ ٻيا ٻيو مطلب ڪڍن، جنهن ڪري سندس لکيل سينيءَ ڳالهين سان شايد ڪي شامل راءِ نہ ٿين. انهيءَ سبب ڏند ڪٿائن ۽ انهن جي سمجهاڻين جون ڳالهيون ڇڏي، اسان ڪي رڳو هيءَ ڳالهہ ڳڻڻي آهي ته هن هيڏي ساري ڪتاب لکڻ ۾ سندس مکيہ مراد ڪهڙي هئي؟ سندس ڪتاب منجهان ئي ظاهر آهي ته ڪيس رڳو ايترو ثابت ڪرڻو هو ته "آڳاٽن آرين جو اصلوڪو ماڳ ميرو پربت تي هو، جو اتر قطب ڏي هو ۽ اها ڳالهہ جا ويدڪ ساهت، اتهاسن ۽ پراڻن مان ظاهر آهي سا سچي آهي."

ويجهڑائيءَ ۾ مسٽر پارجيٽر، ڪلڪتي هاءِ ڪورٽ جي جج پنهنجي روءِ سوءِ هندن جي پراڻن مان تاريخي احوال سوڌي ڪڍيا آهن. هن صاحب بہ ائين ئي ڇاڻايو آهي ته قديم آريہ لوڪ اصل هندستان جا رهاڪو ڪونہ هئا، پروچ همالیہ وارن ڏينهن جي وات وٽي هندستان ۾ آيا هئا.[2]

هن وقت اسان جي ڪيترن ڏيهي عالمن جو بہ اهو ئي رايو آهي ته سڀ قديم آريہ لوڪ جيڪڏهن ميرو پربت تي نہ رهندا هئا، ته بہ منجهائن گهڻا اتي جا رهاڪو هئا. لوڪمانيہ تلڪ رگ ويد مان جيڪي حوالا ڏنا آهن، تن تي بہ ويچار ڪري، اسان جن ڪيترن ويدڪ عالمن ظاهر ڪيو آهي ته رگ ويد جون ڪي ڪي رچنائون برابر انهيءَ وقت جون آهن، جنهن وقت سڀ قديم آريہ لوڪ يا منجهائن گهڻا اتر قطب طرف ميرو پربت تي رهندا هئا. اهڙيءَ حالت ۾ ضرورت آهي ته هتي اول اتر قطب ۽ ميرو پربت جو مختصر ذڪر ڪجي، ته پڙهندڙن کي سچي ڳالهہ سولي ٿئي.

آرڪٽڪ ريجن يا اتر قطب جو ذڪر:

هن وقت اتر قطب ۾ گهڻي برف هئڻ سبب ڪوبہ ساهوارو اتي رهي نہ ٿو سگهي، پر جيالاجيڪل ڪاتي وارن کي ڪوجنائن ڪرڻ سان يقين ٿيو

آهي تہ برف پوندي ہ ڪو اهڙو وچولو زمانو (Inter_ glacial Period) هو جنهن ۾ اتي ڪن هنڌن تي ماڻهو بافرحت رهي سگهيا ٿي.[3]

هن قسم جون ثابتيون پروفيسر گيڪي (Prof. Geikie) ۽ ٻين يون_ وگيان جي ڪتابن مان ڏيئي، پوءِ آرڪٽڪ ريجن جو جيڪو احوال لوڪمانيہ ڏنو آهي، سو مختصر طرح هن ريت آهي:

اتر قطب ڏي وڃبو تہ پهرين هيءَ ڳالهہ ڏيان ڇڪائيندي تہ سج ۽ ٻيا گرهہ نڪي ايرندي کان ايرن ٿا، نڪي الهندي ڏي لهن ٿا، پر سڄو آڪاش منڊل ائين پيو گولائيءَ ۾ ڦري، جيئن ڪو ماڻهو ڪليل ڏوپ ڇتي پنهنجي مٿان پيو ڦيرائي. اهو ڦيرو الهندي کان شروع ٿئي ٿو ۽ ايرندي ڏي پورو ٿئي ٿو. هر هڪ ڦيرو چوويهہ ڪلاڪن ۾ پورو ٿئي ٿو. ائين هڪ سؤ اسي ڦيرا پورا ٿين يعني ڇهہ مهينا گذرن، تہ پوءِ سج ائين ايرندو نظر ايندو آهي، جو جڙ تہ ڏکڻ طرف کان ايري ٿو[4] ۽ اتر ڏي چڙهندو ويجي ٿو. وري جڏهن سورج ڏکڻائڙ ٿيندو آهي يعني ڏکڻ طرف ڏي ويندو، تڏهن تارا ٽمڪندا نظر ايندا آهن. انهيءَ ريت اُتي ڇهہ مهينا ڏينهن تہ ڇهہ مهينا رات! مطلب تہ ٽلهي ليکي سڄي سال ۾ ڏينهن رڳو هڪڙو ٿيندو آهي، جو ڇهہ مهينا ساندهہ هلندو آهي، ۽ رات ہ ڇهن مهينن جي يڪي ٿيندي آهي. ايترو آهي تہ اها يڪي ڇهہ مهينن جي رات سمورو وقت ڪاري ٻاڻ لائي ڪانہ ٻيني هوندي آهي. صبح ۽ سانجهيءَ جي شفق جو ہ سوجهرو ٿئي ٿو. اها شفق ہ ڪنير جي ڇڪ وانگر ڦرندي وتي، ۽ هر هڪ ڦيرو چوويهن ڪلاڪن ۾ پورو ڪندي وتي. ڇهن مهينن جي رات کان پوءِ پرڀات ٿيڻ شروع ٿيندي آهي، تہ اول ٿورڙي روشني ٿيندي آهي، ۽ ٽمڪندڙ تارن مان ٿورا ٿورا غائب ٿيڻ لڳندا آهن. پوءِ لعلاڻ وڏندي ويندي آهي، تہ رفتہ رفتہ سڀ تارا گم ٿي ويندا آهن، ۽ پوءِ پرهہ باکون ڪيندي آهي.

ڊاڪٽر وارن ۽ ٻين عالمن جي ڪتابن مان حوالا ڏيئي، لوڪمانيہ تلڪ ڄاڻايو آهي، تہ هر ڪنهن سال، 29 جنوريءَ جي، پرڀات ٿيڻ شروع ٿيندي آهي، ۽ ستيتاليهہ ڏينهن ساندهہ پرڀات جي لعلاڻ ڏسڻ ۾ ايندي آهي، تنهن کان پوءِ سج اُپرندو (ڦرندو) نظر ايندو آهي.سج هڪ واريءَ نڪرندو آهي، تہ هڪ سؤ چوراڻوي ڏينهن ساندهہ ٻيڻو هوندو آهي. هر ڪنهن سال

25 سيپٽمبر جي سج لهندو آهي، تہ ہ نماشام واري شفق انٽيتاليهہ ڏينهن ساندهہ لقاءِ لڳائي ٻيني هوندي آهي، يعني 13 نومبر ڪان ونِي رات ٽيندي آهي. مطلب تہ ورهيہ جي 365 ڏينهن مان ستيتاليهہ ڏينهن پريات، هڪ سؤ چورانوي ڏينهن سج جو سوجهرو، انٽيتاليهہ ڏينهن نماشام جي شفق ۽ ڇاهتر ڏينهن رات ٽيندي آهي. وقتي، رات جي اوندهہ ڇاهتر بدران فقط ست ڏينهن هلندي آهي. اهو تفاوت اتي جي وايو منڈل ۾ ٻين سببن ڪري ٽيندو آهي. اهي ڪن يورپين جا اڪين ڏنا احوال آهن، جي لوڪمانيہ سندن لکيل ڪتابن مان ڪڍي، پنهنجي ڪتاب "ارڪٽڪ هوم" ۾ ڇاڙايا آهن.

ڏرمي پستڪن مان حوالا:

آڳاٽا آريا لوڪ اصل آرڪٽڪ ريجن ۾ رهندا هئا، تنهن بابت لوڪمانيہ تلڪ جيڪو "آرڪٽڪ هوم" لکيو آهي، تنهن ۾ پنج سو صفحا (ڊيمي سائز) آهن. سڄو ئي ڪتاب ثابتين، ڏند ڪٽائن ۽ انهن جي سمجهاڻين سان پريل آهي، پر هتي رڳو ڪي ٿورا مکيہ ٽڪرا ڏجن ٿا:

يجر وبد جي پٽيان جيڪو تئتتريہ براهمڻ گرنٿ ڏنل آهي، تنهن ۾ ڇاڙايل آهي تہ "رواجي انسانن جو هڪ ورهيہ ديوتائن جي هڪ ڏينهن جي برابر آهي. (تئتتريہ براهمڻ 1,22,9,3)[5] اهي ساڳيا لفظ منو سمرتي جي اڌ ياءُ پهرئين، شلوڪ 67 ۾ ہ لکيل آهن.

مهاڀارت جي ون پرو (اڌياءُ 163 ۽ 164) ۾ لکيل آهي تہ پانڊون جو وڇون پاءُ ارجن ميرو پربت ڏي ويو هو. اُتي جا جيڪي اڪين ڏنا احوال اٽس، تن ۾ چيو اٽس تہ "ميرو پربت ڏي سج ۽ چنڊ الهندي کان اڀرندي ڏي پردڪشٽا ڪندا آهن يعني ڦرندا وتندا آهن." انهيءَ کان پوءِ چيو اٽس تہ "ميرو پربت جو تجلو رات جي اوندهہ تي ايترو غالب پوندو آهي، جو رات ہ ڏينهن جهڙي پيئي لڳندي آهي." وڌيڪ هيئن ہ چيو اٽس تہ "اُتي ڏينهن ۽ رات اتي جي رهاڪن لاءِ هڪ ورهيہ جي برابر آهن". هي ساڳيون ڳالهيون هندن جي پراڻن ۾ ہ لکيل آهن.

پاسڪر آچاريہ جي "سؤريہ سڏانت" (67,12) ۾ ہ لکيل آهي تہ "ميرو پربت ڏي ديوتائن کي سج رڳو هڪ ڀيرو اڀرندو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جڏهن

سج پنهنجو اڌ ڦيرو مڪيو راس کان ونڊي شروع ڪندو آهي."

پارسين جي ديني ڪتاب ۾ به اهڙيون ڳالهيون لکيل آهن. مثلا ويندياد جي فر گرد ۾ئي ۾ پارسين جو اصلوڪي بهشت جهڙي ماڳ "ائرين ويئجو" يعني اهو هنڌ جتي آرين جو ٻج يا بنياد پيدا ٿيو (The nursery or place of origin of the Aryans) بابت لکيل آهي ته "اتي تارا، چند ۽ سج ورهيه ۾ هڪ ڀيرو اُڀرن ۽ لهن ٿا، ۽ جيڪو ورهيه آهي، سو اتي هڪ ڏينهن رات ڪري ليکين ٿا." هندن ۽ پارسين جي ڏرمي پستڪن ۾ لکيل اهي سڀ ڳالهيون آرڪٽڪ ريجن کان سواءِ ٻئي ڪنهن به هنڌ سان لاڳو ٿي نٿيون سگهن، تنهنڪري هتي وڌيڪ حوالن ڏيڻ جي ضرورت ئي ڪانهي.

هندستان جي تاريخ ڀهريائين ڀهريائين آنربل مائونٽ سٽيوئرٽ ايلفنسٽن تيار ڪئي هئي، جا ڀهريون گهمرو 1841ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي هئي. ان وقت ئي ڪن يورپي عالمن ائين ٻئي سمجهيو ته پراڻن ۾ جنهن کي ميرو پربت سڏيو اٿن، سو اتر قطب آهي،[6] ته به عام رايو اهو هو ته پراڻن جي رچيندڙن کي دنيا جي جاگرافيءَ جي سڌ هئي ڪانه، ۽ نه ته رڳو پنهنجي خيال جي گهوڙي کي ڊوڙايو هئائون. ايلفنسٽن صاحب ۽ ٻين اهائي راءِ ظاهر ڪئي ته خود ڪيترن هندن جي دلين تي به اهو اثر ويهي ويو ته "ميرو" هڪ خيالي پربت آهي. پروفيسر آپٽي واري سنسڪرت ڊڪشنري ڏسو ته ان ۾ به ائين لکيل آهي. پهريون ئي عالم لوڪمانيه تلڪ هو جنهن اها غلط فهمي دور ڪئي. هاڻ اسان جا ڪيترا ڏيهي عالم ائين وسهن ٿا ته رگ وبد جون ڪي رچنائون برابر انهيءَ وقت جون آهن، جنهن وقت سڀ آريه لوڪ، يا منجهائن گهڻا، ميرو پربت ڏي رهندا هئا.

هڪ مڪيه ڳالهه جا لوڪمانيه تلڪ جي ڪتاب ۾ لکيل ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي، سا هيءَ آهي ته ميرو پربت جو نالو نه رڳو هندن جي ڏرمي پستڪن ۾ پر يونانين جي ڏند ڪٿائن ۾ به ڄاڻايل آهي. يوناني لوڪ ائين وسهندا آهن ته سندن ديوتا "دئونيسوس"، جو ونسپتي يا نباتات جو ديوتا آهي، سو ڄائو ئي ميرو پربت تي هو. هيءَ ڳالهه 1784ع ۾ سر وليم جونس ڄاڻائي هئي.[7] انهيءَ وقت، بلڪ انهيءَ کان سو ڪن ورهيه پوءِ به ڪيترن عالمن ائين ٻئي سمجهيو ته "ميرو" هڪ خيالي پربت جو نالو آهي، تنهنڪري شايد سر

وليم جونس جي ڄاڻايل هن ڳالهه جي ڪنهن به عالم وري اپٽار نه ڪئي آهي، پر مصنف جي خيال موجب هيءَ هڪ تمام مکيه ڳالهه آهي، جا ڄاڻائي ٿي ته آڳاٽن هندن جي ابن ڏاڏن سان قديم يوناني لوڪن جا ابا ڏاڏا به ميرو پربت تي رهندا هئا. يوناني لوڪ پاڻ چوندا آهن ته اسين "دئونيسوس ۽ ٻين ديوتائن جو اولاد آهيون. جنهن صورت ۾ سندن دئونيسوس ديوتا ڄائو ئي ميرو پربت تي هو، تنهن صورت ۾ اڻ پڇيو ائين چئبو ته قديم يونانين جو به اصلوڪو ماڳ ميرو پربت هو. دئونيسوس ديوتا بابت يوناني لوڪ ائين به چوندا آهن ته هو "زيئوس" (Zeus) "ديوس پتر" (The Sky_ Father) جو پٽ هو ۽ پرٿوي سندس ماتا (ماڻ) هئي. رگ وید ۾ به آڳاٽن آرين آڪاس ۽ ڌرتيءَ کي ابو امان سڏيو آهي. (ڏسو صفحو 4)

هينئر جڏهن لکيل ثابتيون کلي ظاهر ٿيون آهن، ۽ پروفيسر پنيڪا، ڊاڪٽر وارن ۽ پروفيسر راهز پنهنجي پنهنجي روءِ سوءِ کوجنائون ڪري، هڪڙو ئي رايو ظاهر ڪيو آهي ته آڳاٽن آرين جو اصلوڪو ماڳ اتر قطب طرف هو، ۽ لوڪمانيه تلڪ به هندن ۽ پارسين جي ڌرمي پستڪن مان حوالا ڏيئي، اتر قطب وارو نظريو سچو ثابت ڪيو آهي، ۽ ميرو پربت جو نالو هندن جي ڌرمي پستڪن ۽ يونانين جي ڏند ڪٿائن ۾ لکيل به آهي، تڏهن وڃ ايشيا وارو نظريو جو رڳو هولين مان ڪڍيل انومان تي ٻڌل هو، سو سورنهن ئي آنا غلط ليکبو. لکيل ثابتين هوندي انومانن تي لڳڻ ئي عبث آهي، تنهنڪري اسان پنهنجي سر اتر قطب وارو نظريو قبول ڪيو آهي. انهيءَ لاءِ مکيه سبب هيءُ به آهي، ته خود اسان جي هوليءَ ۾ هڪ اهڙي ڳالهه آهي، جا اسان کي اتر قطب واري نظريي قبول ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي. اها ڳالهه هتي کولي ٻڌائجي ٿي.

هوليءَ جي ثابتي:

چئني ڏسين تي جيڪي نالا رکيل آهن، سي "نظام شمسي" (Solar System) جا لفظ آهن، جن جا "اتر" ۽ "ڏکڻ" ڪنهن نهايت قديم زماني جا لفظ آهن، جن خاص طرح ڏيان لهڻو.

"اتر" معنيٰ مٿيون پاسو شمال (North)، پر اصل ۾ هيءُ لفظ صفت آهي

۽ معنيٰ اٿس "مٿيون، مٿاهون يا ٻين کان مٿي." سنسڪرت ۾ "اد" معنيٰ "مٿي" (High)، "اُتر" (اُد + تر) معنيٰ "ٻين کان مٿي" 'Higher' ۽ "اُتم" (اُد + تم) معنيٰ سڀني کان مٿي 'Highest' اڄ ٻه سنڌيءَ ۾ اهو لفظ صفت ڪري پيا ڪم آڻيون. جهڙوڪ چئون ته "هو ٻئي ڇڙا بيوقوف آهن_ هڪ ٻئي کان اُتر": هتي "اُتر" معنيٰ "وڌيڪ" (مٿي).

"اُتر" لفظ جڏهن اسم ڪري ڪم آڻجي ٿو، تڏهن ٻه پنهنجي بنيادي معنيٰ "مٿ" جي ظاهر ڪري ٿو. مثلا "پرشن ۽ اُتر" معنيٰ "سوال ۽ جواب". هتي "اُتر" جي اڪري معنيٰ "جيڪي مٿان ڏجي" (سوال جي جواب ۾). هڪڙي شيءِ مٿائي ٻي شي ونڊبي آهي ته وقتي ڪجهه رقم مٿان ڏيڻي پوندي آهي، جنهن کي ٻه "اُتر" چئبو آهي. هتي ٻه "اُتر" معنيٰ "جيڪي مٿان ڏجي" (مٽ ست ۾). هاڻ سوال آهي ته "اُتر" لفظ، جو اصل ۾ صفت آهي، ۽ معنيٰ اٿس "مٿاهون يا ٻين کان مٿي"، تنهن جي معنيٰ "شمال" (North) ڪهڙي حساب سان ٿي؟ هن باري ۾ هيءَ ڳالهه ٻه ڏيان ۾ رکڻ گهرجي ته هن وقت "اُتر" جو ضد چئون "ڏکڻ" (South)، پر اصل ۾ ائين آهي ئي ڪين. سنسڪرت ۾ "اُتر" معنيٰ مٿيون يا مٿاهون"، ۽ ان جو ضد آهي "آڏر" معنيٰ هيٺيون يا هيٺاهون"، سنسڪرت ۾ "اُتر" جو ضد "پورب" ٻه آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "اڳيون"، مثلا ڪنهن عملدار جي جاءِ تي ٻيو ڪو عملدار، مقرر ٿي ايندو ته اهو سڏبو "پورب" "اڳواڻ" (Predecessor). هن حالت ۾ "اُتر" جو ضد آهي "پورب"، هاڻ ته هيڪاري ظاهر آهي ته اصل ۾ "اُتر" جو ضد "ڏکڻ" آهي ئي ڪونه. پوءِ تڏهن هاڻوڪو رواج ڪيئن پيو؟ وري ڏسو ته خود "ڏکڻ" لفظ پاڻ بابت ڇا ٿو چوي؟

سنڌي لفظ "ڏکڻ" اصل ۾ سنسڪرت لفظ "دڪشڻ"، ۽ معنيٰ اٿس "ساڄو" (Right)، سنسڪرت ۾ ان جو ضد آهي "وام"، جنهن جو اچار هنديءَ ۽ هندستانيءَ ۾ آهي "بام، باوان، نانوان" معنيٰ "کبو يا ڏاڻو" (Left)، "بائين هاٿ" معنيٰ "کبي هٿ ڏي يا ڏاڻي پاسي". سنسڪرت ۾ "دڪشڻ" (ڏکڻ) جي ٻي معنيٰ "ڦڙت" (Dexterous) ٻه آهي. هاڻ هيءَ ڳالهه ڪو سمجهائي ته "ڏکڻ" جي معنيٰ "جنوب" (South) پوءِ ڪيئن ٿي، ۽ هن لفظ جي معنيٰ ۾ ايترو ڦيرو پيو ڪيئن؟ هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته "اُتر" ۽ "ڏکڻ" لفظ جي

ظاهري سولا پيا پائنجن، سي سڀ پڇ تہ سمجهڻ ئي ڏکيا آهن.

چئني ڏسين جي نالن جون اڳيون توڙي هاڻوڪيون معنائون سمجهڻ رڳو تڏهن سوليون ٿيندیون، جڏهن فرض ڪبو تہ آڳاٽن هندن ۾ يوناني لوڪن جا ابا ڏاڏا اصل ۾ ميرو پربت ڏي رهندا هئا، جيئن سندن ڏرمي پستڪن ۾ لکيل آهي. ميرو پربت اتر قطب ۾ هو جتي اڄ تائين نئين ورهيہ جي شروعات ۾ سج اپرڻ مهل ائين ڏسڻ ۾ ايندو آهي تہ ڏکڻ کان ايري ٿو. جنهن ڪري ڏکڻ لفظ جي اصل معنيٰ ئي هئي "اُپرندو". سنسڪرت ۾ "دڪشڻ" (ڏکڻ) جو ڏاتو يا بنياد آهي "دڪشڻ"، جنهن جي هڪڙي معنيٰ آهي "اُپرڻ". سڄيءَ دنيا ۾ رڳو اتر قطب طرف سج ڏکڻ کان اپرندو آهي، تنهن ڪري چئبو تہ "ڏکڻ" لفظ جڙيل ئي اُن وقت جو آهي جنهن وقت آڳاٽا آريا لوڪ اتر ڏي رهندا هئا، ۽ جنهن پاسي کان اتي سج اپرندو ڏٺائون، تنهن کي ڏکڻ چوندا هئا. اتر قطب ۾ سج ڏکڻ طرفان ڪنهر جي چڪ وانگر ڦرندو ڦرندو مٿي چڙهندو ويڄي ٿو. تنهنڪري "اُتر" معنيٰ ٿي "مٿيون پاسو" (North) آڳاٽا لوڪ پوءِ اتر قطب ڇڏي هيٺ ڏکڻ (وچ ايشيا، ايران، هندستان) ڏي آيا، ۽ اتي سج سڏو اپرندي کان اپرندو ڏٺائون، تہ انهيءَ طرف کي سڏيائون "پورب" يعني "اڳيون پاسو"، يا اهو پاسو جتان سج اپري ٿو. ۽ ان جو ضد ٿيو "پڇم" يعني "پٺيون پاسو"، يا اهو پاسو جنهن ڏي سج لهي ٿو. اپرندي ڏي منهن ڪري بيهبو تہ سڄي هٿ وارو پاسو "ڏکڻ" ٿيندو. ۽ انهيءَ سبب "ڏکڻ" جي پوءِ معنيٰ ٿي "ساڄو" يا "ساڄي هٿ وارو پاسو." ڪي ماڻهو ڏائي هٿ سان ڪم ڪن ٿا، پرعام طرح سڀ کان ڪائڻ پيئڻ جو توڙي ٻيو ڪم ساڄي هٿ سان ڪري ٿو. ۽ ائين ڦڙتائيءَ سان ڪم ڪري سگهي ٿو. پائنجي ٿو تہ انهيءَ سبب "ڏکڻ" جي معنيٰ ڦڙت" بہ ٿي. ٻوليءَ مان ائين بہ سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ ميرو پربت ڇڏڻ کان پوءِ بہ يورپي لوڪن جا ابا ڏاڏا ايشيا وارن آرين سان ڪجهہ وقت لهہ وچڙ ۾ هئا، ۽ انهيءَ وقت "ڏکڻ" لفظ جون اهي معنائون وٽن عام ٿي ويون هيون. اهو انومان هن ڳالهہ مان ڪڍجي ٿو. جو لٽن ۽ انگريزيءَ ۾ "ڊيڪسٽر" (Dexter) معنيٰ آهي "ساڄو يا ساڄي هٿ وارو" ۽ "ڊيڪسٽرٽي" (Dexterity) جي بہ هڪڙي معنيٰ آهي "ساڄڙائي" (Right handedness) ۽ ٻي معنيٰ "ڦڙتائي". انهن لفظن جي منڊ

۾ جيڪو "ڊيڪس" (Dex) آهي، سو ساڳيو سنسڪرت لفظ "ڊڪش" آهي، ۽ اهي ٻئي معنائون اٿس.

"ڏکڻ" لفظ جي اصل معنيٰ هئي "اُپرندو"، تنهن ڪري ڳالهه جو عام طرح گهڻن کي پتو ڪونه هو. لوڪمانيه تلڪ پنهنجي ڪتاب "آرڪٽڪ هوم" ۾ ڄاڻايو ته آڳاتا لوڪ اصل ميرو پربت ڏي رهندا هئا، جو اتر قطب ڏي هو ۽ اتي سج ڏکڻ کان اُپرندو آهي، تنهن تان آگسٽ ۽ آڪٽوبر 1912ع واري "ماڊرن رويو" مخزن ۾ ليک پيا هئا، جن مان ٿورو ٽڪرو پڙهندڙن جي معلومات لاءِ هتي جنسي ڏجي ٿو.[8] مطلب ته هوليءَ مان به اهائي ثابتي ملي ٿي ته چئني ڏسين جا نالا خاص ڪري "اتر" ۽ "ڏکڻ" لفظ نهيل ئي ان وقت جا آهن، جنهن وقت آريه لوڪ "آرڪٽڪ ريجن" ۾ (اتر قطب طرف) رهندا هئا. آرڪٽڪ ريجن ۾ ميرو پربت ڪهڙي هنڌ هو ان بابت هندن جي پراڻن ۾ جيڪي لکيل آهي، سو هتي مختصر طرح ڄاڻائجي ٿو.

ميرو پربت جو ذڪر:

هندن جي پراڻن پٽاندر "سڄي دنيا ستن دويپن (ٻيٽن يا ڪنڊن) ۾ ورهايل آهي. انهن دويپن جا نالا: جمون دويپ، پلڪش دويپ، شالملي، ڪش، ڪرونچ، شاڪ ۽ پشڪر آهن. هر هڪ دويپ جي چوڌاري سمنڊ آهي، ۽ انهن ستن سمنڊن جي ڪري اهي ست دويپ هڪ ٻئي کان ڏار ٻيڻا آهن" (وشنو پراڻ) مسٽر هربلاس سردا پنهنجي انگريزيءَ ۾ جوڙيل ڪتاب "هندو سپيريرٽي" جي صفحي 160 ۾ انهن دويپن جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته: (1) جمون دويپ_ ايشيا (2) پلڪش_ ڏکڻ آمريڪا (3) پشڪر_ اتر آمريڪا (4) ڪرؤنچ_ آفريڪا (5) شاڪ_ يورپ (6) شالملي_ آسٽريليا (7) ڪش_ اوشينيا.

سڄ پڄ ته پراڻن ۾ ڄاڻايل اهي دويپ هن وقت سڃاڻڻ ئي مشڪل آهن، جا ڳالهه خود مسٽر هربلاس سردا قبول ڪئي آهي، جنهن ڪري چئبو ته مٿيان سڀ انومان آهن. انهيءَ ريت هيءَ به انومان ڪيڊي سگهجي ٿو ته ايشيا، يورپ، آمريڪا ۽ گرينسلئنڊ جا اتر وارا پاسا، جي آرڪٽڪ سرڪل يا پولر ريجن ڏي آهن، تن جا، يا انهيءَ طرف جي ٻيٽن جا، اصل اهي نالا هئا. اهي سڀ

سنسڪرت لفظ آهن. تنهن مان هيءَ ڳالهه بہ ظاهر آهي. تہ اهي نالا رکيائي آريا لوڪن هئا، ۽ کين دنيا جي جاگرافيءَ جي قديم زماني ۾ ئي سڏ هئي.

پراٽن پٽاندر متين ستن دويپن جو مرڪز جمون دويپ هو. جنهن جي وچ ۾ "ميرو" نالي هڪ نهايت اوچو پربت يا پهاڙ هو. ۽ اهو "مها ميرو" بہ سڏبو هو. اُن بابت هيئن بہ چيل آهي تہ "ميرو پربت سڄو سونو آهي ۽ پاسا هيرن ۽ جواهرن جا اٿس. ان جو تجلو اهڙو ٿئي ٿو. جو رات بہ ڏينهن وانگر روشن پيئي لڳندي آهي" (وشنو پراڻ).

يورپي عالمن پهريائين ائين پئي سمجهيو تہ هيءَ هڪ خيالي پربت جو ذڪر آهي. پر هاڻ اُهي بہ قبول ڪن ٿا تہ پراٽن ۾ تاريخي حقيقتون آهن.[9]

لوڪمانيہ تلڪ جي خيال موجب اهو "ائرورابورئيلس" جي تجلي جو ذڪر آهي جو اتر قطب ڏي ڏسڻ ۾ ايندو آهي.[10] پر ڊاڪٽر انباش چندرداس جو چوڻ آهي تہ اهو تجلو اتر قطب ڏي فقط ٿوري وقت لاءِ ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ سانده ڪونہ هوندو آهي.[11] اهڙيءَ حالت ۾ پڪ سان چئي نٿو سگهجي تہ ميرو پربت ۾ سچ پچ سون ۽ هيرن جواهرن جون کاڻيون هيون. يا ڪو اتي تجلو ٿيندو هو جو اوندهہ کي ڦيري روشنائي ڪندو هو. ممڪن آهي تہ اهو "سورج پٽر" بابت اشارو آهي.

آگري جي قلعي ۾ مصنف هڪ خانو پت ۾ ٽهيل ڏٺو. جنهن جو منهن ٽپال جي ڊبي وانگر هو. ٽپال جي ڊبي ۾ خط پٽ وجهجن ٿا تہ وڃي هيٺ پون ٿا. ۽ باهران ڏسڻ ۾ نٿا اچن. پر آگري جي قلعي ۾ انهيءَ خاني ۾ اندر نهارجي ٿو تہ تر ۾ جيڪا مٽي يا دز پيل آهي. سا بہ چٽيءَ ريت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ۽ خاني جو ترو توڙي اندريان پاسا بکن پيا! انهيءَ خاني ۾ اندر "سورج پٽر" لڳل آهي. جنهن جي روشنائي ڪري خاني ۾ اندر اوندهہ نٿي ٿئي. سورج پٽر جي رڳو ٿورڙي تکري مان هيتري روشنائي ٿئي ٿي تہ سڄو ميرو پربت يا ان جو ڇڇ پاڻو جيڪڏهن سورج پٽر جو هو تہ اهو ڪيتري روشنائي ڪندو هو. تنهن جو تصور هرڪو ڪري سگهي ٿو. پراٽن جي رچيندڙن انهيءَ سبب "ميرو پربت" کي "سمير پربت" يعني چگو يا سهڻو پربت سڏيو آهي ۽ ان جي تجليءَ جو اهو ذڪر ڪيو اٿن.

وشنو پراڻ ۾ لکيل آهي تہ:

"جمون ڊويپ جي وچ ۾ ميرو پربت جي چوٽيءَ تي، هڪ شهر ٻڌل آهي، جو پرٿويءَ تي سرڳ يا بهشت آهي ۽ اهو برهما جو لوڪ آهي. جمون ڊويپ خود نون ورشن ۾ ورهايل آهي، جن مان هڪڙو پارت ورش آهي، جو هماليہ جبل جي ڏکڻ ڏي آهي ۽ خود هماليہ جبل ميرو پربت جي ڏکڻ ڏي آهي. جمون ڊويپ جي ٻين حدن تي ٻہ جبل آهن".[12]

هي جاگرافيءَ جو ڳالهيون، جي وشنو پراڻ ۾ ڄاڻايل آهن، ۽ ٻين پراڻن توڙي مهاپارت ۾ ٻہ انهن جو ذڪر آهي، تن سان گڏ هيءَ ڳالهہ ٻہ ڏيان ۾ رکڻ گهرجي، تہ سڄي هندستان جا هندو اڄ تائين ائين چوندا آهن تہ سندن ديوتائون اتر ڏي آهن. هندستان جي اتر ڏي هماليہ جبل آهي، ۽ پراڻن پٽاندر هماليہ جبل خود جمون ڊويپ جي ڏکڻ ڏي آهي. ائين پراڻن مان ايترو پتو پوي ٿو تہ ميرو پربت، جو جمون ڊويپ جي وچ ۾ هو سو هماليہ جبل جي پرئين طرف وارن ڏيهن (Trans_ Himalayan Regions) ڏي هو. جنهن ۾ هندوڪش وارو پاسو ٻہ اچي وڃي ٿو.

پارسين جي "زنداوستا" موجب ڏٺيءَ پهريائين پهريائين جيڪو ملڪ خلقيو سو "ائرين ويئجو" (Airyana Vaejo) هو. جنهن جي اڪري معنيٰ آهي اهو هنڌ جتي آرين (ايران وارن آرين) جو ٻج (اصل نسل) پيدا ٿيو ۽ اهو سرڳ يا بهشت سڏيو ويو آهي. پروفيسر سپيگل جنهن "زنداوستا" جو ترجمو ڪيو آهي، تنهن جي خيال موجب اهو ملڪ ايران جي مٿاهين پٽ جي ٻنهہ اوپر طرف هو.جتان آڪسس (آمو درياءُ) ۽ جئڪسارٽس نديون نڪرن ٿيون.[13] پر ٻيا عالم سندس اها راءِ قبول نٿا ڪن. هن لاءِ هي سبب آهي تہ پارسين جي ويندياداد جي فرگرد (اڌياءَ) پهرئين ۾ ايرانين جي بهشت ("ائرين ويئجو") بابت چيل آهي تہ اُتي ڏهہ مهينا سيارو ٿئي ٿو ۽ ٻيا ٻہ مهينا اونهارو. اونهاري ۾ ٻہ ٽڏ ايتري پوي ٿي، جو پاڻي ٻہ پارو ٿيو وڃي، ڏرتي ڏريو وڃي، وڻ ڏريو وڃن ۽ پوءِ چؤطرف برف پوندي آهي تہ مها ڀيانڪ مصيبت پيدا ٿيندي آهي.[14]

جئڪسارٽس ۽ آڪسس نديون جتان نڪرن ٿيون تتي ايتري ٽڏ ٿيندي ڪانهي، تنهنڪري ڊاڪٽر مارٽن هاگ ۽ ٻين عالمن جي راءِ آهي تہ

آڳاٽا آريہ لوڪ انهيءَ کان ٻہ پرپرو اتر ڏي رهندا هئا. لوڪمانيہ تلڪ جيتوٽيڪ ميرو پربت بابت ٻڌائي ڪونہ سگهيو آهي تہ اهو ڪهڙي هنڌ هو. تہ ٻہ ايترو چيو اٿس، تہ آڳاٽا آريہ لوڪ رشيا يا اسڪئنڊينيويا اتر ڏي نہ، پر سئبير يا جي اتر ڏي هئا.[15] مطلب تہ لوڪمانيہ تلڪ ۽ ڪيترا يورپي عالم ايتري قدر متفق راءِ آهن، تہ آڳاٽن آرين جو اصلوڪو ماڳ آرڪٽڪ سرڪل يا پولر ريجن ۾ هو. باقي رڳو هيءُ تفاوت آهي تہ پروفيسر پينڪا ۽ ڊاڪٽر واڊل پارا چون ٿا تہ يورپ جي اتر وارو پاسو جو اتر قطب ڏي آهي، سو آرين جو اصلوڪو ماڳ هو. ۽ اتان پڇم جي سيبتا پورب ڏي ڦهلي. لوڪمانيہ جي راءِ موجب ايشيا ڪنڊ جو اتر وارو (سئبير يا جو مٿيون پاسو) جو اتر قطب ڏي آهي، سو آرين جو اصلوڪو ماڳ هو. ٻنهي مان ڪنهن جي راءِ وڌيڪ وزن لهڻو تنهن باري ۾ هيءَ ڳالهہ ڏيان ۾ رکڻ گهرجي تہ اهڙي ڪا ثابتي هيستائين ملي ڪانهي، جنهن مان ائين سمجهڻ ۾ اچي، تہ يورپ جي سيبتا جو ڦهلاءُ پورب تائين ٿيو. اٽلندو هيئن ثابت ٿيو آهي تہ يورپ جي سيبتا جو بنياد ايشيا وارن وڌو ۽ پوءِ ٻہ يورپ جي ماڻهن ايشيا،خاص ڪري هندستان مان گهڙو ئي پئي پرايو.[16]

هن باري ۾ هيءَ مکيہ ڳالهہ ڏيان ۾ رکڻ گهرجي تہ سڀ ڪنهن ملڪ جي سيبتا اول ٻوليءَ سان شروع ٿئي ٿي. يورپ کي ٻولي ڪٿان ملي؟ جيڪڏهن سنسڪرت ٻولي يورپي ٻولين جي ماءُ نہ ٿئي تہ وڌي پيٽ تہ بيشڪ ٿئي، ۽ سنسڪرت هندستان جي ٻولي آهي، جنهن ڪري چئبو تہ يورپ کي ٻولي پوربي بنياد واري ملي آهي. خود انگريزي آٿنويتا ٻہ ديوناگري اکرن تان ٺهيل آهي، جا ڳالهہ سر مونيئر وليمس پنهنجي جوڙيل سنسڪرت ڊڪشنريءَ جي ديباچي ۾ ڄاڻائي آهي.قديم ديوناگري اکر هاڻوکي کان گهڙو ڦريل هئا، ۽ انهن ڦري ڪيئن هاڻوکي انگريزي آئيويتا جي صورت ورتي، سا ڳالهہ ٻہ اکرن جون تصويرون ڏيئي سمجهائي اٿس. هيءَ ڳالهہ ٻہ عالم آشڪار آهي تہ مغرب (يورپ) ڏي ڪوبہ اوتار پيدا ٿيو ئي ڪونهي. حضرت عيسيٰ، حضرت موسيٰ، حضرت محمد ﷺ، زردشت (زورئستر)، سري رامچندر، سري ڪرشن، ڪانفيوشس ۽ ٻيا اوتار ۽ پيغمبر سڀ پورب ۾ ٿي گذريا آهن. يورپي لوڪن کي بائبل يا انجيل ٻہ ايشيا مان مليو تہ مذهب

ٻه ايشيا مان ملين. سر مونيئر وليمس اهي ڳالهيون ڄاڻائي ائين ٻه چيو آهي ته انگن جا نالا ۽ ڏهائيءَ جي ترتيب ٻه هنن هندستان مان پرايا.[17]

پاڻ صاحب چيو آهي ته جيئن سج اپرندو ئي اپرندي کان آهي تيئن سيٻيتا جو سج ٻه اول پورب (ايشيا) ۾ اپريو جنهن مان پوءِ پڇم يا مغرب (يورپ) کي روشنائي ملي، بلڪ سڄي انسان ذات پورب منجهان ئي پرايو.[18]

سن 1882ع ۾ پروفيسر مئڪس ملر کليو کلايو قبول ڪيو ته اسين يوروپي لوڪ پورب کان آيا آهيون، ۽ سڀ جيڪي قيمتي سمجهون ٿا، سو پورب مان پرايو اٿئون.[19]

گرم صاحب جنهن علم لغات جا اصول يا ترتيب بيهاريا هئا، جنهن کي اهي اڄ تائين سندس نالي پٺيان "گرم جا قاعدا" (Grimm's Laws) سڏجن ٿا، تنهن جو ٻه اهو چوڻ هو ته يورپ جون سڀ قومون اصل آيون ئي ايشيا کان آهن."[20]

لوڪمانيه تلڪ کان اڳ جرمنيءَ جي عالم پروفيسر پينڪا ڄاڻايو هو ته آڪاٿا آريه لوڪ اصل اتر ڏي رهندا هئا ۽ سندن اصلوڪو ماڳ يورپ جي اتر قطب ڏي اسڪئنڊينيويا ڏي هو. هاڻ معلوم ٿيو آهي ته اسڪئنڊينيويا جا رهاڪو آڪاٿن هندو ڪترين جو اولاد آهن. خود "اسڪئنڊينيويا" (Scandinavia) لفظ اصل ۾ سنسڪرت لفظ "سڪندْ ناپي" (سڪندْ ناوي) آهي، ۽ معنيٰ اٿس "مڪيه يا جنگي سردار" (Scand Chiefs or Warrior Chiefs)[21] سڪئنڊينيويا جي آڪاٿن ماڻهن جا ڏرمي پستڪ "ايد" (Edda) سڏجن ٿا. اهو "ايد" اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "ويد" ۽ ويد هندن جا ڏرمي پستڪ آهن.[22]

سئبريا ۽ فنلنڊ ۾ هن وقت جيڪي "سموئيڊس" (Samoyedes) آهن، سي اصل ۾ "سمايدو" آهن، يعني اهي سما راجپوت آهن، جي اصل "يادو ونسي" (جادو ونسي) ڪل مان هئا، جن مان سري ڪرشن پيدا ٿيو هو. سنڌ ۾ سومرن کان پوءِ جن سمن حاڪمن راج ڪيو سي ٻه سما راجپوت هئا، ۽ انهيءَ ساڳئي جادو ونسي ڪل مان هئا. سئبيريا ۽ فنلنڊ ۾ "شوڊ" (Tchoudes) ٻه آهن، ۽ اهي ٻه "جود" يعني راجا يدو (جدو) جو اولاد آهن، تنهنڪري اهي ٻه جادو ونسي ڪل جا آهن." انهن ٻنهي قومن جي ٻولين جي

بہ هڪ ٻئي سان گهڻي نسبت آهي. هي حقيقتون ڪرنل ٽاڈ پنهنجي جوڙيل "راجستان جي احوال" ۾ ڄاڻايون آهن.[23] انهن حقيقتن مان ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو تہ لوڪمانيہ تلڪ جو قياس سچو هو تہ آڳاٽن آرين جو اصلوڪو ماڳ (ميرو پربت وارو پاسو) سئبيريا جي اُتر ڏي آرڪٽڪ ريجن ۾ هو. جتان پوءِ ڪي آريا لوڪ يورپ جي اتر ڏي فنلنڊ ۽ اسڪئنڊينيويا ڏي ٽڙي پکڙي ويا. اهو پاسو هندو ڪترين وسايو ۽ برهمڻن وري جرمنيءَ وارو پاسو وسايو. جنهن ڪري اهي "جرمن" يعني "شرمن" (شرما) سڏجڻ ۾ آيا. وقتي براهمڻ ۽ ڪتري انهن پاسن ڏي پوءِ ويا هجن. پر پراڻن مان ايترو ظاهر آهي تہ قديم زماني ۾ ئي هندستان جي ماڻهن ۽ ميرو پربت طرف جي رهاڪن جي هڪ ٻئي سان لهہ وچڙ هئي. جنهن ڪري وشوامتر ميرو پربت کان آيو هو. ۽ اتهاس (تاريخ) واري زماني ۾ پانڊون جو پاءُ ارجن ميرو پربت ڏي ويو هو.

اتر قطب طرف هندن جي حڪومت:

آرين جي سپيتا جي شروعات بابت ڪيترا اهجاڻ رگ وبد مان ملن ٿا. پر پراڻن ۾ اهڙي ڪا ڳالهہ آهي ئي ڪانہ. جنهن مان ائين سمجهڻ ۾ اچي تہ سندن سپيتا جي شروعات انهيءَ وقت ٿي هئي. جنهن وقت هو ميرو پربت تي رهندا هئا. آڳاٽن آرين جا جيڪي احوال پراڻن ۾ ڏنل آهن. تن مان پڌرو آهي تہ جنهن وقت هو ميرو (سمير) پربت تي رهندا هئا. تنهن وقت ئي نهايت ڪليل دماغ وارا هئا. ۽ اهڙا تہ زور هئا. جو اتي پنهنجي بادشاهي ڪري ويٺا هئا. سندن بادشاهت جي حدن مان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ ان وقت بہ هو سلطنت شاهي (Imperialism) جا ڪوڏيا هئا. ۽ ٻين کي پنهنجي تابعي ڪري پاڻ سيني جي مٿان حاڪم ٿي ويٺا هئا.

مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي تہ پراڻن پٽاندر سڄي دنيا ستن دويپن (ٻيٽن يا کنڊن) ۾ ورهايل آهي ۽ انهن جو مرڪز جمون دويپ هو. جنهن جي وچ ۾ ميرو پربت هو. انهيءَ جمون دويپ بابت پراڻن مان هيءَ حقيقت ملي ٿي تہ ڪنهن قديم زماني ۾ اُتي راجا پريہ ورت راج ڪندو هو. ڪائنس پوءِ سندس پٽ راجا اگني ڌر جمون دويپ کي نون ورشن يا پاڳن ۾ ورهائي. اهي ورشن

پنهنجن نون پٽن کي ڏنا. ائين سندس هر هڪ پٽ کي هڪ ورش مليو جن مان هڪڙو پارت ورش (هندستان) هو جو همالیہ جبل جو ڏکڻ ۾ آهي، ۽ سينيءَ ڏاکڻو ورش اهو آهي. "پارت ورش، اُتر کرو پدراشو ۽ کيتو مال اهي چارئي ورش جبلن جي قطارن جي ٻاهرئين پاسي آهن" (وشنو پراڻ).[24]

هي حقيقتون، جي وشنو پراڻ مان ڏنيون ويون آهن، سي صفا ئي صفا تاريخ ۽ جاگرافيءَ جون ڳالهيون آهن. انهن ۾ نڪا ڪا تمثيل رکيل آهي، نڪا ڪا ڏند ڪٿا گڏيل مسيل آهي. هنن حقيقتن تي ٿوروئي ويچار ڪجي ٿو تہ انهن مان هينيون ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون:

(1) پراڻن پٽاندر سينيءَ آڳاٽن راجائن جو اصل نسل منو پگهوان سان وڃي لڳي ٿو. جنهن بابت چيل آهي تہ کيس نو پٽ هئا. تاريخ جي خيال وچان انهن نون پٽن مان هڪڙو مکيہ پٽ راجا پريہ ورت هو جو سڄي جمون دويپ جو حاڪم هو ۽ پارت ورش (هندستان) بہ سندس حڪومت هيٺ هو.

رگ وید ۾ کيترن هنڌ آرين ۽ اڻ آرين جي وچ ۾ جنگين لڳڻ جو ذڪر آهي. اهو جنگين جو احوال شايد انهيءَ قديم زماني جو آهي، جنهن زماني ۾ راجا پريہ ورت پارت ورش (هندستان) پنهنجي قبضي ڪرڻ ٿي چاهيو. پر اڻ آريہ قومن کيس پنهنجو ملڪ سڙو هٿ ڪرڻ نٿي ڏنو. آرين جو هندستان ۾ پهريائين پهريائين اچڻ انهن جنگين وقت ٿيو هوندو.

(2) راجا پريہ ورت کان پوءِ سندس پٽ راجا اگني ڌر سڄي جمون دويپ کي نون ورشن ۾ ورهائي، هرهڪ ورش پنهنجي پٽ کي ڏنو تہ پٽن سان گڏ ضرور ٻيا بہ آريہ لوڪ ميرو پربت يا جمون دويپ جي ٻئي ڪنهن ياڳي کان پارت ورش ۾ آيا هوندا، ۽ رڳو پاڻ هڪ جڏو ڪونہ آيو هوندو. انهيءَ سبب چئبو تہ آرين جي ٻي وڏي ٽولي راجا اگني ڌر جي پٽ جي وقت ۾ هندستان ۾ آئي هوندي.

(3) منو پگهوان جو ٻيو مکيہ پٽ راجا اڪشواڪو هو جنهن بابت اتهاسن ۽ پراڻن ۾ ڄاڻايل آهي تہ هن ايوڌيا (هاڻوڪي ائوڌ) ۾ اچي راج ڪيو. ۽ سورجونسي گهراڻي جو بنياد وڌائين. جنهن مان پوءِ سري رامچندر پيدا

ٿيو.

جنهن صورت ۾ سڄو پارت ورش اڳي ئي راجا پريہ ورت ۽ ڪائنس پوءِ سندس پٽ راجا اگني ڌر جي تابعي هو. تنهن صورت ۾ چئبو ته انهن آرين راجا اڪشواڪوءَ کي ايوڌيا ۾ سٽرو پير کوڙڻ ڪونہ ڏنو هوندو. رگ ويد ۾ نہ رڳو آرين ۽ اڻ آرين جي وچ ۾، پر ڪٽڻ آرين ۽ ٻين آرين جي وچ ۾ بہ، جنگين لڳڻ جو ذڪر آهي. هن منجهان اهوئي انومان ڪيبو ته آرين جو هي ٽيون ڪٽڪ راجا اڪشواڪوءَ جي وقت ۾ هندستان ۾ آيو هو ۽ ان وقت بہ شايد جنگيون لڳيون هيون.

(4) منو پگوان جي ٽئين مکيہ پٽ جو نالو "اِلا" (Illa) هو. جنهن بابت چيل آهي ته هو پوءِ مرد مان ڦري زال ٽيو هو. اِلا جو نامياروپٽ راجا پروروس هو. جنهن پرتيستان (هاٽوڪي الله آباد) ۾ اچي راج ڪيو ۽ چندرونسي گهراٽي جو بنياد وڌائين. انهيءَ گهراٽي وارا "اِلا" جو اولاد هئا، تنهن ڪري "اَئل" (الا جو اولاد) سڏبا هئا. اهي ئي "اَئل" آريہ لوڪ هئا. جن سنڌو ماٽر اچي وسائي. اهي "ائل" ڪٿان آيا؟ پراٽن مان پڌرو آهي ته اهي نڪي اصل هندستان جا رهاڪو هئا، نڪي وچ ايشيا جا وينل هئا، پر سندن گهراٽي جو بنياد وجهندڙ راجا پروروس ميرو پربت کان همالیہ جبل وارا لڪ لتاڙي هندستان ۾ آيو هو. مسٽر پارجيٽر ڪلڪتي هاءِ ڪورٽ جي جج، هندن جي پراٽي مان جيڪي تاريخي احوال سوڌي ڪڍيا آهن، تن ۾ ائين ئي ڄاڻايو اٽس.[25]

حاصل مطلب ته انهيءَ ڳالهہ ۾ مين ميک آهي ئي ڪونہ ته سڀ قديم آريہ لوڪ نہ، ته بہ منجهائن گهٽا اتر قطب طرف رهندا هئا، جتي جي سخت ٺڊ جو ذڪر هند، پارسين ۽ ڪيلٽڪ قومن جي ڏرمي پستڪن ۽ ڏند ڪٿائن ۾ آهي. اسان جي سنڌي ٻوليءَ مان بہ اهائي ثابتي ملي ٿي ته "اُتر" ۽ "ڏکڻ" لفظ ٺهيل ئي ان وقت جا آهن، جنهن وقت آريہ لوڪ اتر قطب طرف ميرو پربت تي رهندا هئا (صفحو 92 کان 96). "سنسڪرت" ۽ "ديوناگري" لفظن بابت ويچار جي هن ڪتاب ۾ ٻئي هنڌ ڄاڻايا ويا آهن، تن مان بہ پڙهندڙ سمجهي سگهندا ته سنسڪرت ٻولي ڳالهائڻ جو رواج اصل اُتر قطب طرف هو ۽ ديوناگري ائيويتا،جا اڳي "براهمي" لپي سڏبي هئي، سا

اصل جڙي ئي ميرو پربت تي هئي. ايترو چئبو ته ممڪن آهي ته اتر قطب کان ونڊي ڏاکڻي طرف، همالیہ جبل جي تراين، بلڪ هاڻوڪي هندستان جي حدن تائين، ڪيترا آريہ لوڪ ڏڙيل پکڙيل هئا، ۽ اهو سمورو ملڪ پراڻن پڻاندر "جمون دويپ" سڏبو هو. انهيءَ هيڏي ساري ايراضيءَ ۾ هوليءَ ۾ ضرور ڪجهہ نہ ڪجهہ تفاوت ٿيندو. رگ وید ۾ ڄاڻايل آهي ته آڳاڻن آرين جي هولي بلڪ ڏرم ڪرم ۽ ريتن رسمن ۾ بہ ڦيرو هو. اهي سڀ ڳالهيون ڳڻي چئبو ته ڊاڪٽر انباش چندرداس پارا، جي چون ٿا ته آريہ اصل "سپت سنڌوءَ" (سنڌو ماڻر جي ستن درياڻن وارن ڪنارن) جا رهاڪو هئا، يا جيڪي چون ٿا ته قديم آريا لوڪ اصل ٽيبٽ يا ڪشمير جا رهاڪو هئا، تن جي ڳالهہ نسوري غلط نہ چئبي. قديم آرين مان ڪي جمون دويپ ۾ انهن حدن تائين ڏڙيل پکڙيل هئا ته انهيءَ ۾ عجب ڪونهي، پر سندن "اصلوڪو ماڳ" (Original Home) جنهن کي چئجي، سو جمون دويپ جو اتر قطب وارو پاسو هو، جتان جدا جدا وقتن تي ٽوليون ٽوليون ٿي هندستان ۾ آيا هئا.

هولين جي کوجنائن مان بہ يورپي عالمن کي ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿيو آهي ته سڀ آريا لوڪ گڏ ڪوٺ آيا هئا، پر جدا جدا وقتن تي ٽوليون ٽوليون ٿي آيا هئا، جنهن ڪري سندن هوليءَ ۾ ڪي تفاوت هئا. هيءَ حقيقت جيمس صاحب پنهنجي جوڙيل ڏيهي آريہ هولين جي گرامر جي جلد پهرئين ۾، ۽ سر گريئرسن پنهنجي جوڙيل "لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا" جي جلد پهرئين ۾ ڄاڻائي آهي.

آرين جي ڏاري ٿيڻ جو سبب:

قديم هندن، ايرانين، يونانين وغيره جا ابا ڏاڏا ميرو پربت طرف گڏ، يا هڪ ٻئي جي ويجهو رهندا هئا، ته پوءِ هڪ ٻئي کان ڏار ڇو ٿيا، سا ڳالهہ ڪنهن بہ ڪتاب ۾ لکيل ڪانهي. ڪرستانن ۽ مسلمانن جي ديني ڪتابن ۾ ايترو لکيل آهي ته ڪنهن قديم زماني ۾ سخت طوفان لڳا هئا ۽ ٻوڏون ٿيون هيون، ۽ پوءِ حضرت نوح عليہ السلام وري دنيا کي آباد ڪيو هو. اها اوگاهہ يا مها پرلئ جي ڳالهہ مها پارت ۽ پراڻن ۾، توڙي يجر وید جي پٺيان جيڪو شتپٿ براهمڻ گرنٿ آهي، تنهن ۾ لکيل آهي، ۽ ائين چيل آهي ته

"منو ڀگوان وري دنيا کي آباد ڪيو هو. "ڪيترن عالمن هيءُ رايو ظاهر ڪيو آهي تہ اها مها پرلئ جي ڳالهہ هڪ ٻئي جي ڏرمي پستڪن تان نقل ڪري نہ لکي اٿن. پر سيني قديم قومن کي انهيءَ مها پاري ٻوڏ جي سڌ هئي. اها الاهي آفت دنيا جي مٿان ڪڏهن ڪڙڪي، تنهن جو سنبت يا سن ڪنهن بہ ڏرمي پستڪ ۾ ڄاڻايل ڪونهي.

رگ ويد ۾ هن ٻوڏ جو ذرو بہ ذڪر ڪونهي، پر يجر ويد جي پنڌيان ڏنل شتپٿ براهمڻ گرنٿ ۾ توڙي مها پارت ۾ پراڻن ۾ آهي. اهي جيتوڻيڪ رگ ويد کان پوءِ جا لکيل آهن، تہ بہ نهايت قديم پستڪ آهن. جيالاجيڪل ڪاتي وارن کي ڪوجنائن ڪرڻ سان معلوم ٿيو آهي تہ عيسوي سن کان اٽڪل اٺ_ ڏهہ هزار ورهيہ اڳي، برفاني ڇپن ٽهڻ واري زماني ۾ (Glacial Period) نهايت گهٽي برف پيئي هئي، جنهن جي رجڻ ڪري نهايت گهٽي ٻوڙ ٻوڙان ٿي هئي. هندن جي ڏرمي پستڪن ۾ برف رجڻ جي ڳالهہ آهي ئي ڪانہ. انهن ۾ ائين ڄاڻايل آهي تہ سمنڊ جي مهاپاري اُٽل سبب اهڙي ٻوڙ ٻوڙان ٿي هئي، جو جنسي پرلئ ٿي ويئي هئي. عيسائين جو انجيل، جو گهڻو پوءِ جو لکيل آهي، تنهن جي پيدائش جي ڪتاب جي باب ستين آيت 11 ۽ 12 (Cenesis, VII, 11_12) ۾ لکيل آهي تہ حضرت نوح عليہ السلام جڏهن ڇهہ سو ورهين جي ڄمار جو هو. تڏهن چاليهہ ڏينهن ۽ چاليهہ راتيون ساندهہ اجهل برسات پيئي هئي، جنهن کري پرلئ ٿي هئي. بئبلونيا ۽ مصر ملڪ جي اتهاسن موجب بہ برسات سبب مها پرلئ ٿي هئي ۽ اها برسات فقط ٿي ڏينهن هلي هئي. انهن اختلافن مان ائين سمجهڻ ۾ پيو اچي تہ مها پرلئ هڪڙو پيرو نہ، پر گهٽا گهمرا ٿي هئي، جنهن کري ڏرمي پستڪن ۾ هڪڙيءَ طرح تہ ٻين ۾ ٻيءَ طرح ڄاڻايل آهي. بهرحال ائين پيو پاڻجي تہ اهڙيءَ هڪ نہ ٻيءَ ٻوڏ سبب ڪيترين قومن کي پنهنجو اصلوڪو ماڳ ڇڏڻو پيو هو ۽ ماڻهو دربدر ٿيا هئا. ممڪن آهي تہ انهيءَ الاهي آفت جي وقت اتر قطب طرف رهندڙ آريہ لوڪ بہ هڪ ٻئي کان ڌار ٿيا. منجهائن ڪي يورپ تہ ڪي ايران ۽ هندستان ڏي ويا ۽ جدا جدا هنڌن ۾ پنهنجا ماڳ جوڙي ويٺا، تہ انهن هنڌ سندين ٻوليءَ پنهنجي پنهنجي نموني واڌارو ڪيو جنهن کري سنسڪرت، ايراني ۽ يورپي ٻوليون هينئر هڪ ٻئي

کان گھٽو علحديون نظر اچن ٿيون، نہ تہ اصل بڌ بنياد ھکڙو ٿئن.

مھا پارت جي شانتي پرو ۾ ٻين ڏرمي پستڪن مان حوالا ڏيئي، لوڪمانيہ تلڪ ڄاڻايو آھي تہ انھيءَ مھا پرلئ ٿيڻ وقت ھندن جا وید ۾ اتھاس گم ٿي ويا. پوءِ رشين کي جيتري قدر ويدن ۾ اتھاسن وارو مضمون تپسيا جي ٻل تي ياد ٻيو. تيتري قدر وري لکيائون.[26] پروفيسر رئپسن پروفيسر مئڪس ملر ۾ ٻين ڪيترن يورپي عالمن ڄاڻايو آھي تہ قديم آرين جو حافظو حيرت جھڙو ھو ۾ اڄ بہ ھزارين اھڙا پنڌت آھن، جو جيڪڏھن سپ وید ۾ اتھاس گم ٿي وڃن، تہ جيڪر وري اکر بہ اکر اھي سپ لکي وڃن.[27] انھيءَ ھوندي بہ چئبو تہ ھن وقت سپ آڳاٽا منتر اسان وٽ ڪينھن.

پھريون عالم ڊاڪٽر مارٽن ھاگ ھو جنھن ڄاڻايو تہ رگ وید جي ھاٽوڪن منترن کان بہ ڪي آڳاٽا منتر ھئا، جي "نود" (Nivid) "نگد" (Nigada) سڏيا ھئا. اھا ڳالھ لوڪمانيہ تلڪ، ڊاڪٽر انباش چندرداس ۾ ٻين ڏيھي عالمن قبولي آھي.

خود رگ وید ۾ "نود" لفظ ڪيترن ھنڌ ڪم آيل آھي، ۾ نودن بابت چيل آھي تہ آڳاٽا منتر اھي ھئا (رگ وید منڈل پھريون، سوڪت 89 منتر 3، ۾ منڈل ٻيو 6,36). رگ وید جي ٻنيان جيڪو ائتريہ براھمڻ گرنٿ آھي، تنھن ۾ بہ نودن جو ذڪر آھي (ائتريہ براھمڻ ڪانڈ ٻيو پر پانڪ 33_43). اھي آڳاٽا نود ۾ نگد ھاڻ گھٽو ڪري سپ گم آھن، پر انھن مان ڪي ايجا تائين يجر وید، براھمڻ گرنٿن ۾ سؤترن ۾ آھن ۾ انھن جي ٻولي رگ وید جي ٻوليءَ کان گھٽو آڳاٽي آھي.[28] اھي نود ۾ نگد مھا پرلئ جي وقت گم ٿيل چوٽ ۾ اچن ٿا، تنھن مان ظاھر آھي تہ جڏھن اتر قطب وارو پاسو وسيل ھو تڏھن بہ ھندن وٽ وید ھئا، جنھن ڪري ھندو حق تي چون ٿا تہ وید انادي آھن.

آرين جو ڏڙي پکڙي وڃڻ:

جيالاجيڪل ڪاتي وارن جي چوٽ موجب عيسوي سن کان اڻ ڏھہ ھزار ورھيہ اڳي اتر قطب طرف ججھي برف پوڻ سبب مھا پرلئ ٿي ھئي. انھيءَ قديم زماني جا ڪي ڪتاب موجود ڪينھن، تنھنڪري پڪ سان چئي نٿو سگھجي تہ ميرو پربت (سئبيريا جي اتر طرف) وارن آرين لاءِ جڏھن اتي

رهڻ ناممڪن ٿي پيو. تڏهن ڪهڙن ڪهڙن پاسن ڏي ترڪي پکڙي ويا. انهيءَ هوندي بہ جيڪي حقيقتون هن وقت تائين معلوم ٿيون آهن، تن جي وسيلي هن ڳالهہ تي گهٽي روشني وجهي سگهجي ٿي.

هندن جي پراڻن مان ايترو ظاهر آهي تہ ڪي آريا لوڪ ميرو پربت کان همالیہ جبل وارا لڪ لتاڙي هندستان ۾ آيا هئا.[29] رگ وید مان معلوم ٿئي ٿو تہ يدو (جادؤ ونسي) ۽ تروسو آريہ لوڪ سمنڊ جي رستي آيا هئا (رگ وید منڈل ڇهون، سوڪت 20، رچنا 12) يدو ۽ تروسو آرين بابت ڪيترن يورپي عالمن ڄاڻايو آهي تہ اهي بئبلونيا (بابل) کان آيا هئا. رئگوزن پنهنجي جوڙيل ڪتاب "ويدڪ انڊيا" ۾ ڄاڻايو آهي تہ ترسو آرين مان ڪي بئبلونيا طرف هميشہ لاءِ رهي پيا، ۽ اهي پوءِ توراني لوڪ سڏجڻ ۾ آيا. پراڻن ۾ اهي پرشٹ ٿيل ليکيا ويا آهن. يدو ۽ تروسو آريہ لوڪ ميرو پربت کان سڏو بئبلونيا ڏي ويا، يا هندستان ۾ اچڻ کان پوءِ اوڏاهين ويا، تنهن لاءِ ڪابہ ثابتي ڪانهي.

سئبيريا جي اتر کان ميرو پربت وٽان، يورپ ڏي وڃڻ لاءِ سولي وات اسڪئنڊينيويا کان آهي، تنهنڪري ائين سمجهجي ٿو تہ ڪي آريہ لوڪ اها وات ونڊي، يورپ جي جدا جدا پاڻن ڏي ترڪي پکڙي ويا، پر منجهائن ڪي هيٺ لهي، وچ ايشيا ۽ الهندي ايشيا ڏي ميسو پوٽيميا ۽ بئبلونيا ڏي بہ ويا. اهو انومان هن ڳالهہ مان ڪڍجي ٿو. جو سن 1905_ 1906ع ۾ ايشيا مائنر جي ڪئپڊوشيا طرف بوگهزڪئي سان، ٻين شين مان گڏ، نارس قوم بابت هڪ ڪتاب آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن کي هٿ آيو هو. اسڪئنڊينيويا جا آڳاتا رهاڪو "نارس" (Norse race) يعني اُتراڏي يا اتر طرف جا رهاڪو سڏيا هئا، ڇاڪاڻ تہ اسڪئنڊينيويا يورپ جي بنهہ اتر ڏي الهندي طرف آهي. اُتي جي رهاڪن جو ڪتاب هيڏانهن الهندي ايشيا طرف ڪئپڊوشيا مان لڏو. تنهن مان ائين پيو پائجي تہ ميرو پربت ڇڏڻ کان جيڪي اسڪئنڊينيويا ڏي ويا تن مان ڪي ٻين آرين سان گڏ ڪئپڊوشيا ڏي بہ آيا ۽ اهو ڪتاب انهن آندو هوندو. انهيءَ طرف سنڌو ماٿر جا آريہ لوڪ پوءِ بہ پئي ويا، جنهن ڳالهہ جو ذڪر "وٽج واپاري" جي احوال ڏيندي ڪبو. هتي رڳو ايترو ڄاڻائجي ٿو تہ سنڌو ماٿر جا ڪي پٽي لوڪ (واپاري) الهندي

ايشيا ۾ بينڪون وجهي وڃي رهيا هئا، ۽ پوءِ سيميٽڪ قومن سان سنگ ڪنڊيڙ ڪري "فنيشن" (Phoenicions) سڏجڻ ۾ آيا هئا. اهي فنيشن لوڪ اسڪئنڊينيويا ڏي ۽ وٽج واپار لاءِ ويندا هئا، ۽ انهن اهو ڪتاب اتان الهندي ايشيا ڏي آندو هوندو تہ ۽ عجب ڪونهي.

گذريل اٽويهين صديءَ ۾ آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن ايران جي الهندي طرف "ميديا" مان آرين جي بينڪن جا اُهجاڻ لڌا، ۽ اهو ۽ پتو پيئن تہ آرين جون بينڪون ميديا کان ونڊي ميسوپوتيميا ۽ بئبلونيا تائين هيون، ۽ اُتر آفريڪا وارن سان ۽ مٽيون مائٽيون هين، مطلب تہ آريا لوڪ رڳو هندستان ۾ ڪين هئا، پر تڙيل پکڙيل هئا. جيڪي آريہ لوڪ پوءِ هميشہ لاءِ ايران ۾ رهيا، تن مان ڪيترا ڇڇ وقت آرمينيا ۽ ميديا ۾ رهيا هئا، ۽ ڪن پنهنجون بينڪون ترڪستان جي ايرندي طرف وڌيون هيون، جيئن لئسن صاحب ڄاڻايو آهي.[30]

هولين جي کوجنائن مان معلوم ٿيو آهي تہ وچ ايشيا مان آرمينيا کان جيئن يورپ ڏي وڃجي ٿو، تيئن انهي واٽ تي جيڪي هوليون هن وقت چالو آهن، تن جو ناتو يورپي هولين سان وڌيڪ ۽ ايراني هولين ۽ سنسسڪرت سان گهٽ آهي. وري جيئن آرمينيا کان ايران ۽ هندستان ڏي وڃجي ٿو، تيئن انهيءَ واٽ تي جيڪي هوليون چالو آهن، تن جو ناتو ايراني هولين ۽ سنسڪرت سان وڌيڪ، ۽ يوروپي هولين سان گهٽ آهي، ائين ڄڻ تہ انهيءَ طرف جون هوليون اهو اُهجاڻ ڏين ٿيون تہ ڪجهہ وقت ڪيترن آرين جي سپيتا جو مرڪز آرمينيا وارو پاسو هو، جتان هڪڙا آريہ لوڪ يورپ ڏي تہ ٻيا ايران ۽ هندستان ڏي ويا. آرمينيا طرف ڪاڌيون آهن تنهنڪري انومان ڪڍيائون، تہ شايد ڏاتن مان باسڻن ۽ هٿيارن پنهارن جوڙڻ جو هنر آريہ لوڪ اتي سکيا. اتي ڇڇ وقت گڏ رهڻ کان پوءِ ڪيترا آريہ لوڪ بختر ۽ ايران جي جدا جدا پاسن ڏي تڙي پکڙي ويا. هن لاءِ هڪ لکيل ثابتي ۽ آهي، جنهن چوکو ڏيان لهڻو.

سر وليم جونس جنهن سنسڪرت هوليءَ جو ناتو يورپي ۽ قديم پارسي هوليءَ سان ڄاڻايو هو، تنهن کي "دابستان" نالي هڪ ڪتاب ڪشمير مان هٿ آيو هو، جو پوءِ پاڻ سان يورپ ڏي کڻي ويو هو. انهيءَ ۾

بختر جي بادشاهن جو پيڙهيءَ بہ پيڙهيءَ احوال ڏنل آهي. "دابستان" موجب راجا مهابدرنس جي ڪل جي پهرينءَ شاخ وارن سڪندر اعظم جي ڪاهہ کان پنج هزار ڇهہ سؤ ورهيہ اڳي بختر (باختر Bactria) ۾ راج پئي ڪيو.[31] سڪندر اعظم عيسوي سن کان سوا ٽي سو ورهيہ اڳي هندستان تي ڪاهيو هو. تنهنڪري چئبو تہ عيسوي سن کان ڇهہ هزار کن ورهيہ اڳي بختر ۾ آرين پنهنجيءَ حڪومت جو بنياد وڌو هو. انهيءَ قديم زماني ۾ ايجا ڪيترين قومن کي پنهنجي بت ڏيڪڻ جو بہ هوش ڪونہ هو تہ هنن آرين هتي بادشاهي پئي ڪمائي! دابستان ۾ جاٽايل بختر جي راجائن بابت هينئر هر ڪو عالم قبول ڪري ٿو تہ اهي هندو هئا. جيئن "مل" صاحب جي جوڙيل هندستان جي تاريخ ۾ جاٽايل آهي.[32] ڇڙيون لکيل ثابتيون ڏسي يورپي لوڪ قبول ڪرڻ لڳا آهن تہ هندن جي جهڙي آهي سپيتا آڳاتي، تهڙو ئي آهي ڏرم آڳاٽو ۽ انهيءَ ڳالهہ ۾ دنيا جي ڪابہ قوم هندن سان ڪلهو هڻي ڪين سگهندي. هنن حقيقتن مان ائين بہ سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ دابستان ۾ جاٽايل هندو راجائن جنهن وقت بختر ۾ راج پئي ڪيو. تنهن وقت تائين ايران وارا پارسي ۽ هندستان وارا آريا ايجا هڪ يڪي هندو قوم جا هئا. ايران وارن آرين بابت ڪي حقيقتون سندن ڏرمي پستڪن مان ملن ٿيون.

❋

حوالا ۽ حاشيا

(1) "The works of German scholars like Posche and Penka Freely challenged the Asiatic theory regarding the original home of the Aryan race and it is now generally recognized that we must now give up that theory, and seek for the original home of the Aryans somewhere in the further north." Sjt. B.G. Tilak:: The Arctic Home in the Vedas, p. 4.

(2) F.E. Pargiter: Ancient Indian Historical Tradition. P. 297.

(3) The geological evidence is complete as to the existence of a genial climate in Tertiary times as far north as present land extends, and of a climate, less severe than that of today in the Quarternary period Encycl: Britt: article "Polar Regions."

(4) To Such a man (stationed at the North Pole) the sun going into the northern hemisphere in his annual course will appear as coming up from the South, and he will express the idea by saying that

(5) 'the sun has risen in the south,' however strange the expression may seem to us," B: G: Tilak: The Arctic Home in the Vedas p. 46:

(6) پهريون انگ ڪاندو، ٻيو پر پائڻ، ٽيون انو واڪ ۽ چوٿون ورگ لاءِ ڪم آندو ويو آهي. (مصنف)

(7) Some consider Mount Meru as the 'North Pole.' 'Elphinstone', History of India (1841) Vol, p 252.

(8) "Meros is said by the Greeks to have been a mountain of India on which their Diomysos was born, and that Mero generally means the north pole in Indian geography." Sir William Jones: The Gods of Greece, ltaly and India, P. 28 (Written in 1784 and since revised).

(9) "If we agree with the view of Mr. B. G. Tilak expressed in his "Orion," and place the ancient home of the Aryan races in the circumpolar region (which were habitable in 8000_ 1000 B. C.), the significance of the names of the cardinal points becomes easy of understanding, There, the sun would rise into view (at the beginning of each new year) after a dawn lastion for several days. The orb would not be seen to rise in east, but a little to the south i.e. South_ West. The autumnal sun would set in the South_ West, after which the long night would follow. Originally (ڏکڻ) ڏکيئن must have signified the direction in which the sun rose (and set also), but in course of time when the four cardinal points were definitely defined, the south got the name ڏکيئن (ڏکڻ) in rememberance of the fact that the sun moved from the front to the right in his circular motion along the horizon in the Arctic regions." Modern Review, August 1912.

(10) These uniquely precious historical documents (the Puranas) extending to many hundreds of pages of manuscripts, have been down through to centuries neglected, and wholly appreciated as to their historical significance," Dr. L. A. Waddell, The Makers of Civilization in Race and History, preface VIII.

(11) The reference to the luster of the mountain is specially interesting, in as much as in all probability, it is a description of the splendour of the Aurora Borealis visible at the North Pole." B. G. Tilak: The Arctic Home in the Vedas, pp. 69_ 70.

(12) Dr. A. C. Das: Rag Vedic India, p. 395.

(13) Vishnu puran, Wilson's Translation, Vol. II, pp. 101_ 118.

(14) Special places Aisyana Vaejo "in the farthest east of the lranian plateau in the region where the Oxus and Jaxartes take their rise".

(15) Dr. Martin Haug: Essays on the Sacred Language. Writings and Religion of the Parsis. P. 292.

(16) "But considering the fact that the traditions of the original Polar home are better preserved in the sacred books of the Brahmans and Parsis, it is not unlikely that the prlmaeval home was located to the north of Siberia rather than to the north of Russia and Scandinavia," Sjt. B. G. Tilak: The Arctic Home in the Vedas. P. 418.

(17) "If the evidences of Saxon colonization in this island (Great Britain) are strong both from language, and political institutions, the evidences are still more decisive in the parallel case of an Indian colonization of

Greece_not only her language but her philosophy, her religion, her rivers, her mountains and her tribes, her subtle turn of intellect, her political institutes, and above all, the mysteries of that noble land, irresistibly prove her coloization from India," Pococke: India in Greece.

(18) "Europe has learnt to perceive that in imparting some of the benefits of her modern civilization to Eastern races, she is only making a just return for the lessons imparted to her by Asiatic wisdom in past ages. For did she not receive her Bible and her religion from an Eastern people? Did not her system of counting by twelves and sixties come to her from Babylonia, and her invaluable numerical symbols and decimal notation from India through the Arabs? Did not even her languages have their origin in a common Eastern parent?" Sir Moniar_ william's Sanskrit_ English Dictionary, Preface PP. XXII_XXIII.

(19) "The path of the sun must be the path of culture. In Asia, Pott declares, or nowhere was the school_house where the families of mankind were trained." Quoted by Dr A. C. Das: Reg Vedic India, p. 357.

(20) "We all come from the East_ all that we value most has come to us from the East," Prof. Max Muller: what can India teach us? Pp. 31_32.

(21) "All the nations of Europe migrated anciently from Asia." Jacob Grimm.

(22) The Scandinavians are the descendants of Hindu Kshatriyas. The term Scandinavian and the Hindu "Kshatria" or the warrior caste, are identical, 'the former being a Sanskrit equivalent for the latter:' "Scanda Nabhi" (Scanda Navi) signifies Scanda Chiefs (Warrior Chiefs). Har Bilas Sarda: Hindu Superiority, p. 134.

(23) We can scarcely question derivation of the Edda (the religious books of Ancient Scandinavia) from the Vedas." Count Bjornst Jerna: Theogony of the Hindus, p. 108.

(24) "The Samoyedes and Tchoudes of Siberia and Finland are really Samayadus and Joudes of India. The languages of the two former races are said to have a strong affinity and are classed as Hindu_Germanic by Klaproth, the author of "Asia Polyglotta," Tod's Rajasthana: Vol. I. p. 68.

(25) Wilson's Translation of the Vishnu Puran, Vol. II, pp. 101, 110, 114, 116_123.

(26) "What does tradition say about the origin of the 'Ailas' or Aryans? It makes the Aila power begin at Allahabad, and yet distinctly suggests that they came from outside India. The legends and fables about the progenitor pruravas Aila all connect him with the middle Himalayan region." F.E. Pargiter: Ancient Indian Historical Tradition. P. 297.

(27) "The great Rishis, empowered by Swayanbhu (the self_ born), formerly obtained, through tapas (religious austerity) the Vedas and the itihasa, which had disappeared at the end of the (preceding) Yuga," Mahabharata, Shanti Parvan, Chapter 210. Vol. 19.

(28) "There are thousands of Brahmans even now, who know the whole of the Rig Veda by heart and can repeat it, and what applies to the Rig Vedas applies to many other books" Prof, Max Muller: what Can India Teach Us? P. 81.

(29) "The Reg Vedic hymns are not the oldest, but there were still older

Verses called Nivids and Nigadas: the proto_type of the Reg Vedic hymns, whose language was more archaic than that or the hymns themselves. Though most of the Nivids are now lost, having been either amplified or absorbed in the Reg Vedic hymns, even those that remain and are found in the Brahmanas and Sutras bear in them the unmistakable impress of vast antiquity," Dr. A.C. Das: Reg Vedic Culture. P.42.

(30) F.E. Pargiter: Ancient Indian Historical Tradition, P. 297.

(31) "It appears very probable that at the dawn of history, East Turkestan was inhabited by an Aryan population, the ancestors of the present Slavonic and Teutonic rages, and a civilization, not inferior to that of Bactrians, had already developed at that time in the region of the Tarim." Lassen's Indische alterthums_ Kunda, quoted by Dr. A.C Das: Reg Vedic India p.31.

(32) "The Bactrian document called Dabistan (found in Kashmir and brought to Europe by Sir W. Jones) gives an entire register of kings, namely, of the Mahbadernes whose first link bactria, 5,600 years before Alexander's expedition to India" Count Bjornst Jerna: Theogony of the Hindus. P. 134.

(33) Mill's History of India. Voll. II pp. 237_238.

(هي مضمون ڪتاب "قديم سنڌ" صفحو 91 کان 116 تان ورتل آهي).

آريا لوڪن جي سڀيتا جو اوائلي احوال

پيرومل مهرچند آڏواڻي

سڀيتا جا ٽي زمانا:

رگ وید جا منڈل (Cycles) جدا جدا زمانن جا جڙيل آهن. خود رگ وید ۾ ٽن زمانن جو ذڪر آهي: قديم، وچولو ۽ آخرين، (منڈل ٽيون، 32، 13 ۽ منڈل ڇهون، 21، 5).[1] انهن منڈلن ۾ جيتوڻيڪ ڏرمي ڳالهيون آهن، تہ بہ انهن مان پنگتي ۽ ملڪي ڳالهين جو ڪيتري قدر پتو پوي ٿو. انهن مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ آرين جي سڀيتا جا بہ مکيہ زمانا ٽي هئا. پڙهندڙن کي سجي ڳالهہ سمجهڻ سولي ٿئي، تنهن لاءِ اسين ٽن زمانن کي هينئينءَ ريت ورهايون ٿا:

(1) جنهن ۾ آريہ لوڪ ڏڻ ۽ شڪار تي گذران ڪندا هئا.

(2) جنهن ۾ آريہ لوڪ ڏڻ ڏارڻ سکيا هئا.

(3) جنهن ۾ آريہ لوڪ کيتي ڪرڻ سکيا هئا.

حقيقتن سڀني سڌريل قومن ائين ترقي ڪئي آهي، پر چوپائي مال ۽

کيتي جي اوني آڳاٽن آرين ۾ ڪي اهڙا خيال پيدا ڪيا، جي ٻين قومن کي نہ آيا. قادر ۾ قدرت ۾ جيوت جي مسئلن بابت ويچار ۽ پنهنجي نموني ٿي ڪيائون. انهن سيني سببن ڪري هندو سڀيتا هڪ نموني ٿي پيئي، ۾ هندو ڌرم ئي علحدو ٿيو. مٿئين هرهڪ زماني جو هتي ڌار ڌار ذڪر ڪجي ٿو تہ سڀيتا جو واڌارو سمجهڻ سولو ٿئي، ۾ اهو ۽ سمجهڻ ۾ اچي تہ هندو جاتي ٻين جاتين کان ڪيئن نرالي ٿي.

ڏڻ ۾ شڪار:

"قديم سڀيتا جي شروعات" جو ذڪر ڪندي، باب پهريئن ۾ اڳي ئي ڄاڻايو ويو آهي تہ قديم هجري زماني ۾ سڄيءَ دنيا ۾ برف گهڻي پوندي هئي، جنهن ڪري کيتي ڪرڻ ناممڪن هوندي هئي، ۾ ماڻهو ڏڻ (جهنگلي ان ۾ ميون وغيره) تي گذران ڪندا هئا. رگ ويد واري بنهہ اوائلي زماني ۾ ۽ آڳاٽا آريہ لوڪ ڏڻ ڪائي پيٽ پرينda هئا، ۾ اهو دستور ٿر، ڪوهستان ۾ ٻين هنڌن جا مسڪين ماڻهو اڄ تائين هلائيندا پيا اچن.

قديم زماني ۾ ججهيءَ برف پوڻ سبب وڻ ٽڻ سڙي ويندا هئا، جنهن ڪري جهنگلي پيدائشون (ڏڻ) ڪو وقت ٽيندیون ئي ڪين هيون. هن وقت پارو ڪنهن اتفاق سان پوي ٿو تہ ۽ ٿر ۾ ڏسو تہ ڪنهن سال برسات نہ پوندي آهي، تہ وڻ ٽڻ سڙي ويندا آهن، جنهن ڪري چوپايو مال مڪين وانگر مري ويندو آهي، ماڻهو بک ۾ اهڙا پاهہ پيا ٽيندا آهن، جو پيٽ وڃي پنيءَ سان لڳندو اٽن ۾ اهڙو سخت ڏڪار پوندو آهي، جو اُتان جنسي رت جي بانس پيئي ايندي آهي. هاڻ پڙهندڙ پاڻيهي تصور ڪري سگهندا تہ قديم زماني ۾ ججهيءَ برف پوڻ ڪري وڻ ٽڻ سڙي ويندا هئا، ۾ جهنگلي پيدائشون ڪو وقت ٽيندیون ئي ڪين هيون. تہ ماڻهن جي ڪهڙي حالت ٽيندي هئي. برف پوي ڪي ڏڪار پوي، تہ ۽ پيٽ تہ ڪنهن کي نٿو چڏي. اهڙين حالتن ڪري آڳاٽن آرين ۾ مڇي ماس کائڻ جو رواج پيو. مها پارت ۾ ڄاڻايل آهي تہ هاڻوڪا چار ورن پوءِ ٺهيا، نہ تہ اصل رڳو هڪڙو ورن هو. ۾ سڀ آريہ لوڪ براهمڻ هئا، پر "پيٽ بري بلا"! چوڻي ۽ آهي تہ "ستين لنگهڻي ڪتو ۽ حلال". ٻين قديم قومن وانگر هي براهمڻ (قديم آريہ لوڪ)

بہ شڪار ڪري پيٽ پالڻ لڳو.

قديم زماني ۾ شڪار ڪيئن جهليندا هئا؟ اها وات ماڻهن کي قدرت سيکاري. باز ۽ ٻيا وڏا پکي ننڍڙن پکين جو شڪار ڪن ٿا. اهو نمونو اکين سان ڏسي، پکين جي شڪار ڪرڻ لاءِ ماڻهو باز ڏاڙڻ لڳا. اهو قديم زماني جو دستور سنڌ ۾ توڙي ٻين ڪيترن هنڌ اڄ تائين هليو اچي.

"سو ٻي ڏار مر شڪرو جنهن کي پک نہ پر".

(شاهہ)

شڪرو، چپڪ، سيچاڻو بحري، باشو، بشين ۽ ٻيا قسمين قسمين باز اڄ تائين ماڻهو پالين ٿا. هن وقت سنڌ ۾ اڪثر رڳو مسلمان شوق وچان (۽ بک سببان) باز ڏارين ٿا.

ڪتا بہ شڪار جهلين ٿا، تن ۾ تازي ڪتو شڪار جهلڻ جو استاد آهي. آڳاٽن ماڻهن ڪتن کي شڪار جهلينڊو ڏنو تہ پاڻ بہ شڪار لاءِ ڪتا ڏاڙڻ لڳا. اڄ تائين کي شڪار ڪرڻ لاءِ ڪتن جون لوڏيون پاڻ سان وٺي ويندا آهن. پالیل ڪتا قديم لوڪن جي جان جو بہ بچاءُ ڪندا هئا. جهنگلي مرون مٿن ڪاهي ايندا هئا، تہ انهن تي ڪتن جي ڇڇ ڪرائيندا هئا. مطلب تہ پکين مان اول باز ۽ پسن مان اول ڪتو انسان ذات کي ڪمائتو ٿيو. جن مان ڪتو اڄ تائين ماڻهن جي در جو دربان آهي. ڳوٺڙن ۾ ڏسو تہ ماڻهو ڪچين پونگين ۾ بنا ڪڙن ۽ڪلفن جي رهن ٿا، ۽ پوليس جو پهرو بہ وٽن ڪونهي، تہ بہ رات جو بي اونا ٿي ننڊ ڪن ٿا. ڪتا در تي ٻينا اٽن. اهي ڪو ڏاريو ماڻهو ڏسن، تہ پريان ئي بهوڙ لائين ۽ ويجهو اچي تہ جنگهہ ڦاڙي ڪڍنس. رگ وید ۾ ڪتن جو گهڻو ئي ذڪر آهي. آڳاٽن ماڻهن کي شڪار هٿ ڪرڻ ۽ پنهنجي جان جي بچاءُ لاءِ هٿيارن پنوهارن جو بہ ضرور ٿيو. ڄاريون بہ ناهيندا هئا، جن جي وسيلي شينهن بہ ڦاسائي سگهندا هئا. (رگ وید منڈل پنجون).

هٿيار پنوهار:

سيني ساهوارن کي پنهنجي جان بچائڻ لاءِ قدرت کي نہ ڪي هٿيار پنهنجي اسلح خاني مان ڏيئي ڇڏيا آهن. شينهن، رڇ، باز وغيره کي ڪو

نقصان پهچائڻ ويندو. تہ چنبو هڻندس، ڪتو ڏاڙهيندس ۽ ٻلو رهندا پائيندس. ماڻهو ماڻهوءَ کي ماريندو. تہ اڳلو مڪون ۽ لتون هڻندس، يا چڪ چهنڊڙا پائيندس. چوٽي بہ آهي تہ "چڪر کي لتر پڄي!". اهي اوائلي هٿيار آهن. ماڻهن پوءِ هوش هلائي ٻيا هٿيار بہ ڪم آندا. جهنگلي مرن ۽ پکين کي هڪالي ڪيڙ لاءِ کي سوليون سنهنجيون واٽون بہ اختيار ڪيائون. وقتي انهن کي وات سان هڪل ڏيندا هئا. يا تاڙي وڄائي ڊڄاريندا هئا، يا پٿر هڻي ٻڄائيندا هئا. جيڪڏهن انهن اُپائن مان پورت نہ پوندي هئي تہ ڪنهن وڻ مان ٽاري ڇني، يا لئيءَ وغيره مان لٽ ٻيڄي، انهن سان جهنگلي جانورن کي ماري ڪٽي ٻڄائيندا هئا. انهيءَ ريت سندن مکيہ هٿيار اول پٿر، ڇها ۽ لئيءَ يا بانس جون لنيون. پاڻجي ٿو تہ هٿ ۾ لکڻ ۽ لٽ ڪٽڻ جو رواج ائين شروع ٿيو.[2]

جهنگلي مرن ۽ پکين کي هڪالي ڪيڙ لاءِ وڻ جي ٽاري يا ڪا لٽ تڏهن ڪم آڻي سگهبي، جڏهن اهي بنهہ ويجهو ايندا، تنهن کان پريان ئي چو نہ هڪالي ڪيڙجين؟ اهڙيءَ حالت ۾ پريان ئي پٿر هڻڻ جو رواج هو. پوءِ ماڻهن هوش هلائي کانياڻيون ٺاهيون، تہ پٿر هيڪاري پري اڇلڻ سولو ٿئي، ۽ ڪنهن جهنگلي مرونءَ يا دشمن کي پاڻ تائين اچڻ ئي نہ ڏجي. اڄ بہ جهار هڪلڻ لاءِ کانياڻيون ۽ گليلا يا ڳوڙها هاري ناري عام طرح ڪم آڻين ٿا. رگ وبد ۾ پٿرن، هڏن، سگُن ۽ ڪن ڏاتن مان ٺهيل هٿيارن جو بہ ذڪر آهي. مثلا گهوڙي جي پاسريءَ جو هڏو ("آشو پرشو") ڪهاڙو يا ڏاتو ڪري ڪم آڻيندا هئا. ماڻهن پوءِ وڌيڪ هوش هلائي ڪمانون ۽ تير ٺاهيا، جي پهريائين رڳو پکين جو شڪار ڪرڻ لاءِ ڪم آڻيندا هئا. سنڌو ماٿر ۾ رهندڙ آڳاتا آريہ لوڪ اهي هٿيار ڪيئن ٺاهيندا هئا، سا سڌ ڪن قديم لفظن جي بنيادن مان پوي ٿي، جي اڄ تائين سنڌي ٻوليءَ سانديا آهن، جنهن ڪري انهن لفظن جو گهڻو قدر ڪرڻو پوي ٿو.

سر جو سندو سڄٽين، سينگ منجهان سيلو.
ٽينگر ٽڪيو ڪينڪي، پار لنگهيو پيلو.
هٽڻ سين حيلو جانب جيڏو ئي ڪيو.
(شاهہ)

هتي پهريون ئي پهريون لفظ آهي "سر"، جو رگ وبد جي منڈل پهرئين

(100، 18)، منڊل ٻئي (12، 10)، منڊل چوٿين (3، 7) ۾ ٻين منڊلن ۾ ڪم آيل آهي، جنهن ڪري چئبو ته شاهه صاحب نيت ۾ هيءُ نهايت قديم زماني جو لفظ ڪم آندو آهي. مٿئين بيت ۾ "سر" جي معنيٰ آهي "تير"، پر اصل ۾ اهو سر جو ڪانو آهي، جنهن جي گاهه کي سٽي ڪتي "مڇ" ڪري، ان مان نوڙيون ٺاهيندا آهن. رگ ويد واري اوائلي زماني ۾ سر جي ڪانن مان تير جوڙيندا هئا، تنهنڪري سنسڪرت توڙي سنڌيءَ ۾ "سر" لفظ جون اهي ٻئي معنائون آهن. نهايت قديم زماني ۾ ڪانن مان تير جوڙڻ جو رواج عام هو، تنهن ڪري ساڪ ٻيا به ڪي لفظ پرين ٿا.

تير لاءِ ٻيو سنڌي لفظ آهي "ڪان"، جو اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "ڪانڊ"، جنهن جي ٻي معني "ڪانو" به آهي. مطلب ته "ڪان" ۽ "ڪانو"، ساڳئي بنياد وارا لفظ آهن ۽ ڄاڻائين ٿا ته اڳي ڪانن مان تير ٺاهيندا هئا. اهو رواج ايران ۾ به هو. پارسيءَ ۾ "ڪلڪ" معنيٰ قلم ۽ ٻي معنيٰ "تير"، سنڌيءَ ۾ "ڪلڪ" معنيٰ ڪاني مان ٺهيل قلم، جنهن سان لکجي، پر جڏهن چئون "ڪرڪ" تڏهن معنيٰ اٿس "تير": ائين لفظ ساڳيوئي، پر اچار ڦريل.

"هنيم هوت ڪرڪ، لوڏيان لوهه نه نڪري"

(شاهه)

سر جوڪانو يا ٻيو ڪهڙو به ڪانو تير وانگر اڇلائبو ته اهو پکيءَ کي ماري ڪين سگهندو. تنهنڪري ڪانن سان شڪار ڪيئن ڪندا هئا؟ اها خبر "سيلو" لفظ مان پوي ٿي، جو پڻ شاهه صاحب مٿئين بيت ۾ ڪم آندو آهي. اهو اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "شليه"، جو رگ ويد جي منڊل ڇهين (75، 11) ۾ ڪم آيل آهي. سنسڪرت ۾ هڪڙي معنيٰ اٿس "تير" ۽ ٻي معنيٰ "ڪنڊو"، يا اهڙي شيء جا جسم ۾ گهڙي ايذاءُ ڏئي. هاڻ ظاهر آهي ته قلم يا ڪانو جو تير ڪري ڪم آڻيندا هئا، تنهن ۾ سيلهه يعني ڪنڊو يا ڪا تکيءَ ڇهنب واري هڏي وغيره اٽڪائيندا هئا ۽ اها پکيءَ کي ايذاءُ رسائيندي هئي.

"ٽينگر تکيو ڪينڪي، پار لنگهيو پيلو."

(شاهه)

"پيلو" اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "پيلؤ" جنهن جي به معنيٰ آهي

"تير". ان جو ڏاتو يا بنياد آهي "پيل" (Peel) معنيٰ روکڻ، بيهارڻ، ڇڏڻ يا بدحواس ڪرڻ. هاڻ ڇڱيءَ طرح سمجهڻ ۾ ايندو تہ ڪاني ۾ ڪنڊو يا ڪا ڇهنبدار شيءِ اٽڪائي، اها تير وانگر اڇلائيندا هئا تہ ان جي لڳڻ ڪري پکي اڏامڻ کان روڪجي پوندو هو يا بدحواس ٿي ويندو هو. جنهن ڪري هن کي آسانيءَ سان جهلي سگهندا هئا.

تير لاءِ ڪمان ضروري آهي. "ڪمان" پارسي لفظ آهي. ان لاءِ نج سنڌي لفظ آهي "سينگ"، جنهن جي بنيادي معنيٰ آهي "سگ مان ٺهيل".* هي لفظ ڄاڻائي ٿو تہ ڪنڊي مينهن، جنهن جو سگ وريل ٿئي ٿو، يا هرڻ وغيره جو وريل سگ، اڳي ڪمان ڪري ڪم آٽيندا هئا.

ڪمان لاءِ ٻيو لفظ اسان وٽ آهي "چاپ"، جو نج سنسڪرت لفظ آهي ۽ بنيادي معنيٰ اٽس "بانس جي وريل ڪاني"، جيئن پروفيسر آپٽي واريءَ سنسڪرت ڊڪشنريءَ ۾ ڄاڻايل آهي. هن ريت اهي لفظ ڄاڻائين ٿا تہ آڳاٽا لوڪ ڪنهن جانور جو وريل سگ يا بانس جي مڙيل ڪانيءَ کي، ڪمان وانگر ڪتب آٽيندا هئا. آڳاٽن ماڻهن اهي سولا سهنجا رستا اختيار ڪري تير ڪمان جوڙيا تہ پکين جو شڪار ڪرڻ سولو ٿئي. مطلب تہ ضرورت وقت اهو هنر سيکاريائون ۽ پوءِ ان ۾ ترقي ڪيائون. جيڪڏهن هٿ ڪيل شڪار کي ماڻهو يا جانور کسڻ ايندن، يا کو مرون خود کين کائڻ ايندو تہ ڪانن جا تير ڪهڙو بچاءُ ڪندا؟ اهڙيءَ حالت ۾ مضبوط تيرن جوڙڻ جي ضرورت ٿي.

پنجاب ۽ سنڌ جا آڳاٽا آريہ لوڪ پوءِ لڙائين ۾ بہ اهي مضبوط تير ڪم آڻڻ لڳا، پر اول تيرن جي ڇهنبن کي ڪنهن زهر جو مک ڏيئي ڇڏيندا هئا، (اٿرو ويد منڈل ڇوٿون 776، منڊن پنجون 18، 8 ۽ ييٽيو رگ ويد منڈل ڇهون 75، 15). انهيءَ تير لڳڻ ڪري ڪنهن کي رڳو رهڙ پئجي ويندي هئي، تہ بہ زهر جهٽ رت ۾ ملي، اڳلي کي ماري وجهندو هو. اهو زهر ملائڻ جو رواج آفريڪا ۾ بلڪل گهٽو هو، جنهن جا ڪيترا مثال مسٽر هينري سٽئنلي ڏنا آهن.* ماڻهو پوءِ تامو، لوهہ وغيره مارڻ سکيا، تہ عام طرح تيرن جون ڇهنبون رکڻ مان جوڙيندا هئا. رگ ويد جي منڈل ڇهين (75، 11) ۾ "ايومکم"، (Ayo_ Mukham) لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي لوهہ

جي منهن (چهنبن) وارو. هن مان پڌرو آهي ته رگ ويد واري زماني ۾ ئي رڪ جي راسين (نوڪرن) وارا تير ڪم ايندا هئا. اهو رواج پوءِ ڪلهوڙن جي صاحبيءَ تائين ساندهه هلندو آيو. جنهن ڪري شاهه صاحب به چيو آهي ته:

"پنهونءَ جي پيڪان جون راسيون منجهان رڪ"

(شاهه)

جيئن وقت ويو گذرندو، تيئن سنڌو ماڻر جي رهاڪن تير اندازيءَ ۾ حيرت جهڙي ترقي ڪئي. انهيءَ ڳالهه جو جڏهن ذڪر مها پارت ۾ ڪن پراڻن ۾ آهي، جي رگ ويد واري زماني کان گهڻو پوءِ ٺهيا، تنهنڪري انهن جو ذڪر پوءِ ڪيو. هتي رڳو ايترو ڄاڻائجي ٿو ته رگ ويد واري زماني ۾ آڳاڻن آرين وٽ جيڪي رڪ جي راسين (نوڪن) سان تير هوندا هئا، تن سان پڪ به ٻڌندا هئا، ته انهن جي رفتار تڪي ٿئي، پکن ٻڌل تير ڇوهه مان چمڪندو ڪڙڪڙ ڪندو ويندو هو. هيءَ ڳالهه رگ ويد جي منڈل ڇهين جي سوڪت 75 ۾ ڄاڻايل آهي. مطلب ته شڪار ڪرڻ لاءِ ماڻهن اول جهڙا تهڙا تير ڪمان جوڙيا ۽ پوءِ تير اندازيءَ ۾ حيرت جهڙي ترقي ڪيائون. ماڻهو پوءِ ڏڻ ڏارڻ سکيا. انهيءَ ڇوپائي مال سنڊن حوصلو ڪيتري قدر وڌايو، سو احوال نهايت مڪيه آهي.

ڏڻ ڏارڻ جو رواج:

آڳاڻا لوڪ اول ڏڻ ۽ شڪار تي گذران ڪندا هئا، ته اهو گويا آڪاسي ورت هو. ڪنهن وقت پاري پوڙ سبب وڻ ٽڻ سڙي ويندا، ته ڏڻ ملي ڪين سگهندو. شڪار به ڪنهن وقت هٿ ايندو، ته ڪنهن وقت نه به ايندو، ته به پيٽ ڪين ڇڏيندو. پوءِ ته ماڻهو بک ۾ ڇٽا ٿي هڪ ٻئي جو چڪين ماس ڇنندا ۽ آدم خور ٿي پوندا. آدم خوريءَ جو بنياد پيو ئي بک منجهان. انهيءَ سبب چئبو ته ڇوپائي مال انسان ذات تي وڏو ئي احسان ڪيو آهي، جو انهيءَ ماڻهن کي آدمخور ٽيڙ کان بچايو ۽ ترقيءَ جي راهه ۾ قدم وڌارايو.

ماڻهن اول ڪهڙا ۽ پوءِ ڪهڙا ڇوپايا ڏاريا، سا ڳالهه ڪنهن به ڪتاب ۾ ڪليءَ ريت ڄاڻايل ڪانهي، پر ريجر ويد جي تئستريه براهمڻ گرنٿ (1,177، 4_

6) مان اهجاڻ ملي ٿو. ان ۾ جاڻايل آهي ته "پرجا پتيءَ (برهما) ماڻهن ۾ پهريائين براهمڻ خلقيا ۽ جانورن ۾ ٻکريون، پوءِ کتري ۽ ريڍون، ۽ انهن کان پوءِ وئش ۽ گايون پيدا ڪيائين، ۽ پڇاڙيءَ ۾ شودر ۽ گهوڙا خلقيائين"، هن منجهان ڪيترن عالمن کي ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته آڳاٽن آرين درجي وار جاڻايو آهي ته ماڻهن اول ٻکريون، پوءِ ريڍون ۽ انهن کان پوءِ گايون ڏاريون، ۽ انهن کان پوءِ گهوڙا ڏاريائون. هن مان اها ٻه سڌ پوي ٿي ته چوپائي مال ڏارڻ ۾ ماڻهن اول ٿوري تڪليف ورتي ۽ پوءِ وڌيڪ تڪليف ونڊ تي پاڻ کي هيريائون.

ٻکري سياڻ جي مانيٽي آهي. اُها جهلڻ ٻه سولي ته پالڻ ٻه سولي. ان لاءِ نڪو آهر ناهڻو پوي، نڪا ڪوندي جوڙڻي پوي. جيڪو ٻه گاهه مليس سو کائي وڃي. چوٽي ٻه آهي ته "اٺ واري اَکرو، ٻکري واري ڪاکرو" يعني اٺ اَکے جو ٻوٽو ڪونہ کائي، (ٻيا سڀ وڻ ۽ٻوٽا کائي) ۽ ٻکري ڪکرو ڪونہ کائي، باقي جيڪو ٻه گاهه مليس، سو رڙڪي وڃي. ٻکريءَ مان سڪ ٻه گهٽا. کير ٻه ملي ته گوشت ٻه ملي. ٻکريءَ جي ڪل مان سانداريون ۽ ٻيون شيون ناهيندا آهن، ۽ ان جي ڏاس وٽي نوڙيون ڪندا آهن. ٿر ۽ ڪوهستان ۾ اڄ تائين ڪيترا رڳو ٻکريون ڏارين. جبل جا ماڻهو ڏسو ته مانيءَ کائڻ مهل هڪ ٻکري اڳيان ٻيهاري ڇڏين. هڪ هڪ گرهه چهاڙيندا، مٿان ٻکريءَ مان گوهو پنهنجي وات ۾ هڻندا وڃن! ماني اجهو ائين کائين.

ٻکرين کان پوءِ ماڻهو ريڍون ڏارڻ لڳا، پر انهن جو اصلوڪو ماڳ روهه ولايت يا جابلو ملڪ آهي. اهي سڀ ڪنهن کي سولائيءَ سان هٿ نہ ٻه اچي سگهن، تنهنڪري انهن جي ڏارڻ جو رواج پوءِ عام ٿيو. قديم آريہ لوڪ دنبي جو گوشت دل ڪري کائيندا هئا، (رگ وید منڈل ڏهون 27، 17). ريڍن ۽ گهٽن جي اُن مان پوءِ ڪٽا، لوڀون، ڪمريون وغيره جوڙيندا هئا، ۽ اهو رواج اڄ تائين هليو اچي. ٿري ماڻهو اڄ تائين ڪٽا ۽ لوڀون ڏکين ٿا، جنهن ڪري سنڌي شاعرن کين "ڪٽيرا" يعني ڪٽو ڏيکيندڙ ۽ "لوئرياڙا" يعني لوئي پهريندڙ سڏيو آهي.

ٻکرين ۽ ريڍن کان پوءِ گاهن ڏارڻ جو رواج پيو. گايون جيستائين جهنگلي آهن، تيستائين شوخ آهن ۽ جهلڻ ڏکيون آهن. هڪ واريءَ پالجين ٿو ته پوءِ سياڻ جيڪي سو ٿريو ٿڏو ٿئين ٿو. انهيءَ هوندي ٻه ڪي

گايون "ڪتر" ٿيندڙيون آهن. انهن کي ڏهبو آهي ته کيٽو ڪندڙيون آهن. ويجهو وڃبو ته گانءِ جي لت جو ٽڪاءُ پيو پوندو. کي ارڏيون گايون خود پنهنجن ڦرن کي به کير ڏائڙ ڏکيو ڏين. گاين جي ٿهل به گهڻي ڪرٽي پوي ٿي، جهنگ چري ايندڙيون، تنهن کان پوءِ ڪڙ ڪتر وغيرهه کپين. هڪڙو جهلڙ ڏکيون، ٻيو پالڙ ڏکيون، تنهن ڪري گاين ڏارڙ جو رواج پوءِ پيو پر کير ۾ مکڙ ته ڀائو! ويلي ويلي تي گايون کير به جام ڏين، انهيءَ چوس وچان ماڻهن تڪليف جو خيال ڪونہ ڪيو ۽ ڀائو مال وبا جڃهو هٽ ڪندا. انهيءَ مال سندن ايترو ته ڏيان ڇڪيو جو خود ماڻهن تي گوپال، گوند (گوبند)، گتم، گوپ، گوپي وغيرهه نالا رکيائون. "گسائين يا گوسائين" لفظ اصل ۾ آهي "گوسوامن" (گوسوامي) يعني گاين جو مالڪ، ۽ پوءِ مٽي ٿيو "سائين، ڏڻي، حاڪم". هڪ ساڻن جو فرقو انهيءَ نالي سان سڏجڙ ۾ آيو. جهڙوڪ: "گوسائين سوا اجگر."

گاين ڏارڙ جو رواج انهيءَ نهايت قديم زماني جو آهي، جنهن زماني ۾ هندستان، ايران ۽ يورپ وارا آريہ لوڪ ميرو پربت طرف گڏ رهندا هئا. هن لاءِ هيءَ ثابتي آهي ته گئو گانءِ يا ڳنءُ لاءِ هڪڙو ئي لفظ اٿن. سنسڪرت ۾ "گو" معنيٰ گانءِ ۽ ان جو انگريزيءَ ۾ اچار آهي "ڪو" (Cow) ۽ پارسيءَ ۾ "گاو" جيئن "گوسائين" لفظ جي اصل معنيٰ آهي "گابن جو مالڪ" ۽ پوءِ معنيٰ ٿيس "سائين، ڏڻي يا حاڪم" تيئن رشيا جي هوليءَ ۾ "گوسپوڏار" (Gospodar) ۽ "گوسپودين" (gospodin) لفظن جو استعمال آهي، هنن لفظن ۾ سنسڪرت لفظ "گو" بجنسي ڪم آيل آهي.[3]

گاين کان گهوڙا جهلڙ وڌيڪ ڏکيا آهن، جو اهي ڊوڙ جا تمام تکا آهن. گهوڙي لاءِ سنسڪرت ۾ جيڪي لفظ آهن، تن مان عام لفظ آهي "آشو"، جنهن جو اچار پارسيءَ ۾ آهي "اسپ". هن مان ظاهر آهي ته قديم ايران ۽ هندستان جا آريہ لوڪ جڏهن گڏ رهندا هئا، تڏهن گهوڙي جي سڌ هين، جنهن ڪري ان لاءِ لفظ ئي ساڳيو اٿن. سنڌي لفظ "گهوڙو" جو اچار سنسڪرت ۾ آهي "گهوتڪ" (گهوت+ ڪ)، پر اهو اصل دراوڙي لفظ آهي، جو پوءِ سنسڪرت ۽ سنڌيءَ ۾ عام ٿيو. آرين کان اڳ سنڌو ماٿر جا اصلوڪا رهاڪو ڪراوڙ لوڪ هئا، ۽ سنڌو ماٿر گهوڙن جي ڪري مشهور

هئي، تنهنڪري ئي "گهوڙو" لفظ سنڌيءَ ۾ عام ٿيو. جن ڏينهن ۾ ماڻهن جو گهٽو گذران شڪار تي هوندو هو تن ڏينهن ۾ ئي گهوڙن ڏاڙهو جو رواج هو. جو هرڻ، ڳاڙهو، سرهه وغيرهه جن جي "چونگن واري چال" آهي، تن جو شڪار تڏهن ڪري سگهبو. جڏهن گهوڙي تي چڙهي انهن جي پٺيان پئبو. تئستريبه سنهتا ۾ گهوڙن جو جنم شودرن سان گڏ ڄاڻايل آهي، تنهن مان سمجهجي ٿو ته ماڻهو اول شڪار جي سهنج لاءِ گهوڙا ڏاڙهو لڳا هئا ۽ تئستريبه سنهتا واري زماني ۾ يعني يجر ويد واري زماني ۾ شڪار ڪرڻ شودرن جو ڪم ليکبو هو. پر اهي ئي ساڳيا گهوڙا دشمنن جي پٺيان ڪاهي پوڻ ۽ ٻين اهڙن وقتن تي نهايت ڪارائتا ٿين ٿا. تنهنڪري انهن ڪمائتن جانورن جو پوءِ ايترو مان ٿيو. جو خود راجائون پنهنجي سواريءَ لاءِ گهوڙا ڪم آڻڻ لڳا. راجائن بلڪ ديوتائن تي به "آشو" (پارسي آسپ) يعني گهوڙي جا نالا رکڻ لڳا. جهڙوڪ اشوپتي ۽ اشوني ڪمار. انڻ، گڏهن، مينهن، سانن ۽ هاٿين، وغيره ڏاڙهو جو رواج گهٽو پوءِ پيو ٿو ڏسجي.

مٿي جيڪي چيو ويو آهي تنهن مان معلوم ٿيندو ته آڳاٽا لوڪ ڏاڙهو سکيا، ته ڪير، ڏڌ، مکڻ ۽ گوشت ملڻ جو سهنج ٿين، جنهن ڪري بک جو سوال گهٽي قدر حل ٿي ويو ۽ ماڻهو آدمخور ٿيڻ کان بچي ويا، چوپائي مال ڏاڙهو کان پوءِ ماڻهن جو حوصلو ويو وڌندو. چوپائي مال جي ڪلن مان تنبو، سانداريون ۽ ٻيون شيون ناهڻ لڳا، جنهن ڪري مينهن ۽ سيءَ ۾ بچاءَ ٿين. اڄ تائين ڪيترا پوستين پهرين ٿا. هرڻن جو شڪار ڪندا هئا، ته انهن جي سهٽي کل به پهريندا هئا. مرگ ڇالا يعني هرڻ جي کل ڪم آڻڻ جو رواج ڏينهون پوءِ وڌندو رهيو. اُن، ڏاس، ماس وغيرهه مان ڪٿا، لوبون، خرزينون، ٻورا ۽ ٻيا ٽپڙ ناهڻ لڳا ۽ ائين هنرن جو واڌارو ٿيو.

نهايت قديم زماني ۾ ماڻهو پٿر ۽ وٽن جا ڏار تار هٿيار ڪري ڪم آڻيندا هئا. (صفحه 158)، پر پوءِ ڏڻ ڏاڙهو سکيا، ته جانورن جا هڏا به هٿيار ڪري ڪم آڻڻ لڳا. رگ ويد جي منڊل ستين (83، 1) ۾ "پرشو" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي هاڻ معنيٰ آهي "ڪهاڙو"،[4] پر اصل معنيٰ هيس "پاسريءَ جو ڪنڊو". ويدن جي براهمڻن ۾ "آشو پرشو" لفظ ڪم آيل آهي، جنهنجي معنيٰ آهي، "گهوڙي جي پاسريءَ جو ڪنڊو" ۽ اهو گاهه ويڙ لاءِ

ڏاڍو ڪري ڪم آڻيندا هئا. رگ وید جي منڈل ستين (83، 1) ۾ "پرڻو پر شوهه" لفظ ڪم آيل آهي. اهو هڪ ويڪرو ڪهاڻو هو جنهن سان جنگ مهل دشمن جي سسي لڻي وجهندا هئا. شينهن ڦاسائڻ لاءِ ڄار ڪم آڻيندا هئا. ۽ وقتي گهٽا ڄڻا گڏجي شينهن تي تيرن جو وسڪارو لائي، انهن کي ماري پورو ڪندا هئا.

قديم سنڌين جي دولت (چوپايو مال):

آڳاٽا لوڪ ڏڻ ڏارڻ سکيا تہ انهيءَ چوپائي مال سنڊن حوصلو ٻيءَ طرح ٻہ وڌايو. "فلاڻو وهٽ منهنجو آهي." اهو مالڪيءَ جو خيال ماڻهن ۾ پيدا ٿيو. انهيءَ قديم زماني ۾ ماڻهن وٽ ٻي ڪا ملڪيت هئي ڪانہ، ويتر چوپائي مال جي ڪير، ڏڏ، مکڻ ۽ گوشت تي سنڊن گذران هو. تنهن ڪري چوپائي مال جهڙي ٻي قميتي ملڪيت سنڊين نظر ۾ ڪانہ هئي. اڄ ٻہ ڪيترن جي مکيہ دولت آهي. چوپايو مال، جنهن ڪري چون تہ "سون جي رتيءَ کان رت جي رتي چگي" يعني ٿورڙي روڪڙ ناڻي کان ٿورو چوپايو مال وڌيڪ آهي.

"ڏن" لفظ جي هاڻ معنيٰ آهي "دولت"، پر اصل معنيٰ هيس "ڏڻ". پوءِ جڏهن ماڻهن کي ٻيءَ ملڪيت ميڙڻ جي چوس آئي ۽ سون چانديءَ وغيره جا سڪا ٺهيا، تڏهن "ڏن" ۽ "ڏڻ" لفظن جي معنائن ۾ ڦير پيو.

"ڏڻ تہ ڏڻي، نہ تہ وڪڻ ڪڻي".

(پراڪو)

"ڏڻي" لفظ جي ٻہ اصل معنيٰ "ڏڻ وارو" ۽ پوءِ "ڏڻي" معنيٰ ٿي ڏن وارو يا شاهوڪار. ڏڻي معنيٰ مالڪ (ڪهڙي ٻہ ملڪيت جو) ۽ ڏنار (ڏڻار) معنيٰ ٿي ڏڻ وارو. مطلب تہ جيئن جدا جدا قسمن جي ملڪيت جي صورت ۾ ماڻهن جي ترقي ٿي تہ هڻن لفظن جي معنائن ۾ ٻہ ڦير پيو. ماڻهن جي ترقيءَ سان ٻوليءَ جي ترقي انهيءَ ريت گڏوگڏ ٿئي ٿي.

هر ڪنهن ماڻهوءَ جي غريبيءَ توڙي شاهوڪاريءَ جي سڌ سنڊس چوپائي مال مان پوندي هئي. اڳي ماڻهو پاڻ وارو سمجهندا ئي انهيءَ کي هئا، جنهن وقت گاين، مينهن وغيره جا ڏڻ هوندا هئا. هن وقت ٻہ جڏهن چئون تہ "فلاڻو پاڻيو آهي" تہ ان جي معنيٰ تہ "شاهوڪار آهي"، جيڪڏهن

چئون ته "فلاڻي پاڳئي کان کير وٺي اڄ" ته اتي "پاڳيو" معنيٰ "مالدار" جنهن وٽ گايون مينهون هجن.

رگ ويد واري زماني ۾ سنڌو ماٿر ۾ چوپايو مال نهايت پلو هوندو هو. اڄ به ڪوهستان، خاص ڪري ٿاڻي بولا خان ۽ ملير توڙي سڄي ٿر ڏويزن جون گايون اهڙيون ته پليون آهن، جو ڪيتريون ته ويلي تي ڏهه ڏهه سير کير ڏين ٿيون، جنهن ڪري اتر ڏي جمون ۽ ڪشمير ۾، ڏکڻ ڏي مدراس کاتي ۾، ۽ دور پورب ۾ فلپائين ٻيٽن ۾ سنڌ جي گاين جو وڪرو چڱي ناڻي تي ٿئي ٿو. سرحد سنڌ جا ڏيڳا به نامياريا آهن ۽ ٻاهريان ماڻهو انهن لاءِ چڱيون رقمون ڏيندا آهن. ويجهڑائيءَ ۾ "پرتاپ" نالي هڪ ڏيڳو سنڌ جي گورنر سر لانسيٽ گرهام پاڻ نيلام ڪيو ته ماڻهن هڪ هزار رپين کان وڌا واڪ ڏنا. ههڙي قيمتي مالءَ ۾ اڄ به اسان جن ماڻهن جو ساس پران ايتري قدر آهي، جو پنهنجي سر تي ڪهڙي به سختي قبوليندا، پر پنهنجي چوپائي مال تي ڪک پيو به ڪونه سهندا. انهيءَ چوپائي مال ماڻهن جي جيوت ۾ وڏو قيرو آندو. اڳي ڏٺ ڏورڻ ۽ شڪار هٿ ڪرڻ لاءِ پيا پٽڪندا هئا ۽ ڏکئي جيوت گذارڻي پوندي هين، پر پوءِ چوپائي جي چاري جو وڏو اونو ٿين ته چراگاهن وٽ ڳونڙا ٻڌڻ لڳا.

ڳوٺ ۽ چراگاهه:

رگ ويد واري زماني ۾ آريه لوڪ اڪثر ڳونڙن ۾ رهندا هئا. جيئن اڄ به هندستان جو ڳڇ آدم ڳونڙن ۾ گذاري ٿو. سچو پچو هندستاني آهي ئي "ڳوناڻي جيوت وارو هندستان". ڳوٺ اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "گوشت" (گوستا) ۽ بنيادي معنيٰ اٿس "اهو هنڌ جتي گايون ٻيڻيون هجن". گايون اتي ٻيهاربيون، جتي سندن لاءِ چارو موجود هوندو. تنهنڪري "ڳوٺ" لفظ ۾ چراگاهه جي معنيٰ سمايل آهي. انهيءَ سبب رگ ويد ۾ ڪن هنڌ "گوشت" (ڳوٺ) بدران "ورج" (برج) (Varaji) لفظ به ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "اهو هنڌ جتي گايون چارجن".[5] اڄ به اڪين سان ڏسجي ٿو ته ٿورا پائر يا سنگتي، جتي مال لاءِ چارو مئو ڏسن، تتي پنگيون اڏي، مال سميت ويجيو رهن، ۽ اهو سندن ڳوٺ سڏجي ٿو. هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته

آڳاٽا لوڪ ڳوٺن ٻڌڻ مهل اول اونو مال جي چاري جو ڪندا هئا. چوپائي مال مان ب مکيہ مال گايون سمجهيائون ٿي، تنهنڪري "گو" (گانءِ) لفظ مان "ڳوٺ" لفظ ٺاهيائون، جو اصل ۾ گاين جي چاري لاءِ هو. پوءِ پلي ته گاين سان گڏ ٻيو مال ب پيو چڙهه ڪري. ڳوٺن جي حدن ٺهرائڻ لاءِ هر هڪ ڳوٺ جي چوڌاري وڻ پوکيندا هئا. اڄ ب ائين آهي، جنهن ڪري هر ڪو پنهنجي وطن جا وڻ پريان ئي سڃاڻي سگهي ٿو. مال جي چاري لاءِ چراگاهہ ڳوٺن جي اندر يا انهن جي پسگردائيءَ ۾ هوندا هئن. چراگاهن ۾ سيني ماللدارن جو مال گڏ پيو چرندو هو. تنهنڪري چوپائي مال جي ڪنن تي ڪو نشان ڪري چڏيندا هئا، جيئن سڃاڻڻ سولو ٿئي ته ان جو مالڪ ڪير آهي، رگ وید منڈل ڇهون (28، 3) ڏاندن جي سگهن جون ڇنبون تکيون ڪري چڏيندا هئا (منڈل 6، 16، 139)، ۽ انهن ۾ ڪي زيور (ڪنڌيون وغيره) اٽڪائي چڏيندا هئا، (منڈل 8، 54، 10).

ڏڻ ڏارڻ ڪري ماڻهن جون جوابداريون وڌيون. صبح جو سويل اونو ڪري مال سان پهرجي ويندا هئا، ۽ مال جي هر طرح سنيال ڪندا هئا. ائستريہ براهمڻ ۾ ڄاڻايل آهي ته ماڻهو ڏينهن ۾ ٽي گهمرا مال سان پهرجي ويندا هئا: صبح، منجهند ۽ سانجهيءَ. ڏهائي ب ٽي پيرا ڪندا هئا: پهرين ڏهائي ڪرڻ سان ڪير ججهو ملندوهون ۽ ٻين ٻن ڏهائين پيري ٿورو. مال سان پهرجي ويندا هئا ته ڪتا ساڻ هوندا هئن ۽ رات جو ب ڪتا سندن درن جا دربان هوندا هئا. رگ وید ۾ جن ڪتن جو ذڪر آهي، سي نهايت قداور هوندا هئا، ۽ ماڻهو وقتي مٽن بوجو لڏيندا هئا. (منڈل اٺون 46، 28). ڪتا ب اهڙا زبردست هوندا هئا، جو شينهن سان ب لڙندا هئا. سڪندر اعظم جي ڪاهہ وقت يونانين اهڙا ڪتا هندستان ۾ ڏٺا هئا، تنهنڪري يوناني تاريخ نويسن ب انهن جو ذڪر ڪيو آهي. آڳاٽا ماڻهو اهي جبرا ۽ قداور ڪتا داردستان (ڪشمير، گلگت، چترال وغيره) کان آڻيندا هئا. ايران ۽ٻئبلان جا رهاڪو اهي ڪتا هندستان مان گهرائيندا هئا ۽ انهن لاءِ چڱي خاصي رقم ڏيندا هئا.[6]

مال جي بچاءَ لاءِ ڪتا ساڻ ڪٽندا هئا، ته ب آسماني واهر جي ضرورت سمجهندا هئا، ڏينهن جو ديوتا "سورج" آهي، تنهن کي "پوشڻ" سڏيندا هئا.

سج جي روشنائيءَ تي گاهه وغيره ايرن ٽا ۾ جڳت جو پالن پوشن ڪرڻ وارو اهو ئي ديوتا آهن، تنهنڪري اهو نالو رکيائونس. سج جي روشنائيءَ تي سنئين راهه جي سڌ پوي ٿي. ڪو جهنگلي مرون يا چور مال تي ڪاهي ايندو تہ سج جي روشنائيءَ تي پريان ئي ان جي اچڻ جي سڌ پوندي. اهڙن سببن ڪري هو پل پل سورج ديوتا کي آراڌنا ڪندا هئا تہ "اي پوُشڻ ديوتا، تون اسان جي واٽ سولي ڪر. اسان جي راهه ۾ جيڪي اٽڪون هجن، سي تون دور ڪر. اي ڪرن مان پيدا ٿيل ديوتا! تون اسان جي اڳواڻ ٿي. جيڪي نياڳا بگهڙ اسان جي راهه وينا تڪين، ۽ اسان کي نقصان رسائڻ ٿا چاهين، تن کي تون پاسي ڪر. جنهن رهزن کي مدي من ۾ آهي، تنهن کي تون دور ڪر. تون اسان جو راهه ۾ رهبر ٿي، اسان کي اُهي هنڌ ڏيکار، جتي مال لاءِ چارو مئو هجي. تون پنهنجي اهڙي شڪتي ڌار، جو اسان جي مٿان سويل ئي ڏينهن نہ تپي. تون اسان کي مالا مال ڪر. اسان کي ڪاڏو رساءِ ۽ اسان جو ٻل وڌاءِ" وغيره، (رگ ويد منڊل ڇهون 53). هن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ مال جي اوني ماڻهن ۾ پرارٿنا ڪرڻ جو انگ پيدا ڪيو ۽ ائين مالڪ مهربان ۾ ويساهه وڌندو ويو.

مال جي چوري:

اڳي ماڻهن جي دولت چوپايو مال هو. تہ چوري بہ چوپائي مال جي ٿيندي هئي، (رگ ويد منڊل ڇهون 28). اڄ بہ پهراڙين ۾ مال جي چوري عام آهي. چورن ۽ جهنگلي جانورن جي خوف کان آڳاٽا ماڻهو نہ رڳو ڏٽيءَ کي آراڌنائون ڪندا هئا، پر پنهنجا بہ جوڳا جتن ڪندا هئا. هن باري ۾ آڳاٽن آرين جيڪي اُپاءَ ڪيا، تن مان ڪن مکيہ اپائن جو ٿورو ذڪر ڪجي ٿو. جو انهن سان هندن جي جيوت جو وڏو ئي واسطو آهي، ۽ انهن مان پنگتي حالت جو پتو پوي ٿو.

هڪ هندي يا گڏيل ڪٽنب جي رواج جو بنياد:

رگ ويد واري اوائلي زماني ۾ نڪا هئي سرڪار نڪي هيون فوجون ۽ سپاهي، تنهنڪري ماڻهو پنهنجو ۽ پنهنجي چوپائي مال جو بچاءُ پاڻ ڪندا

هئا. مال جي بچاءَ جي اوني منجهن جنگي ياءُ پيدا ڪيو. صبح کان وٺي رات تائين تير ڪمان ساڻ هوندا هئن. ڪو جهنگلي مرون يا رهزن ڏسندا هئا تہ پريان ئي تيرن جي ست ست لاٿيندا هئا، جنهن ڪري ڪوبہ اوڏو ڪونہ ايندو هون. پر وقتي هڪڙو ڇڪو پنهنجو توڙي مال جو بچاءَ نہ بہ ڪري سگهي، انهيءَ سبب گڏيل ڪتنب جو رواج وڌائون. هرڪو ائين چاهيندو هو تہ پٽ، پوٽا ۽ ٻيا پاتي گهر ۾ گهٽا هجن، تہ وقت تي مدد ڪن ۽ آکيھ جو نالو بہ قائم رکندا اچن. اهڙين ضرورتن زالن ۾ بہ مردانگي پيدا ڪئي، ۽ هو ويرتا جو ججهو قدر ڪرڻ لڳيون. جوان ڇوڪريون بہ انهن سان پرٽجڻ چاهيندیون هيون، جي جنگي جوڌا هوندا هئا. مردن وانگر زالون بہ تيراندازي ۾ رٽ هلائڻ سکندیون هيون، تہ چورن ۾ ڏاڙيلن جي پڻيان نھ پھ وڃي سگهجي. مثلاً نل ۾ دمينتيءَ جي ڏيءَ اندر سينا، مد گل نالي هڪ رشيءَ سان پرٽيل هئي[7] تنهنڪري "مد گلاني" بہ سڏبي هئي. هڪ ٻيري ڪي چور سندس مال ڪاهي ويا، تہ مد گل رشي توڙي سندس استري پڻيان پيين. چورن رشيءَ کي سوڙهو جهليو. تہ مد گلانيءَ پنهنجي مڙس جا تير ڪٽي، تڪڙو تڪڙو رٽ ڪاهي، چورن کي ڪاري زخم رسايا ۽ کين شھ ڏيئي پنهنجو سمورو مال موٽي هٽ ڪيائين، (رگ وید منڈل ڏهون 102). مطلب تہ مال جي بچاءَ جو هڪجهڙو اونو هون ۽ ننڍڙي هوندي ئي تيراندازي ۾ رٽ ڪاهڻ سکندا هئا.

وقتي ماءُ ٻيءُ جي جيئري ئي خود ياٽر پاڻ ۾ وڙهي ڏانگا ٽي پوندا هئا، تہ ٻيءَ پنهنجيءَ ملڪيت مان پاڻ لاءِ ۽ پنهنجيءَ زال لاءِ حصو رکي، باقي ٻي ملڪيت ورهائي ڏيندو هون. (رگ وید منڈل ٽيون 45، 4) هيئن بہ ٽيندو هو تہ جڏهن ڪنهن جو پٽ پرٽبو هو، تڏهن ڪيس ۽ جوٽس کي ڏار گهر، يا جدا ڪوٺي، رهڻ لاءِ ڏيندا هئا، پر ڪائيندا ٻيئندا گڏ هئا. انهيءَ ريت هڪ هنڌي يا گڏيل ڪتنب جو رواج ايتري قدر عام ٿيو جو اڄ بہ جيڪڏهن ڪو هندو، چوندو تہ مان ڪائٽي ٻيئٽيءَ توڙي ملڪيت ۾ مائٽن کان ڏار آهيان تہ ان لاءِ ثابتيءَ جو بار مٿس آهي، نہ تہ هندن جي قائدي موجب ڪورٽ ائين فرض ڪندي تہ هو گڏيل ڪتنب جو پاتي آهي ۽ ملڪيت بہ گڏيل اٿن. اهو رگ وید واري زماني جو رواج اسان جي ڏسندي بہ زور هو. ڪنهن گهر ۾ چار پنج

پائر هوندا هئا ۽ منجهائن کو بيروزگار هوندو هو ته گڏيل هنڌيءَ مان کائي چڙهندو هو ۽ ٻيا پائر ائين کونہ سمجهندا هئا، ته هيءُ کو اسان تي بوجو آهي بيروزگار پاءُ کي پالڻ پنهنجو فرض سمجهندا هئا. ويجهڙائيءَ ۾ نئون واءُ لڳو آهي. کيترين جوان ڇوڪريون هينئر ائين چاهين ٿيون ته رڳو ونو ۽ کنو هجي. انهيءَ تان هاڻ چوٽي ٻه آهي، ته "پگوان تنهنجو ٿورو، مڙس ڏجانم ڇورو". مطلب ته سس سهرو کونہ کپي. هينئر اکثر هرکو آپيخاني آهي، ۽ هر کنهن جو ڏيڍ چانور ڏوُر پيو رجهي، ته ٻه کورتن ۾ قاعدو اهوئي اڳئين زماني وارو چالو آهي.

گوتر ۽ نکون:

آڳاٽن ماڻهن پنهنجيءَ جان ۽ مال جي بچاءُ سانگي گڏيل ڪتنب جو رواج وڌو. ته ٻه پورت کانہ پيين پوءِ ته هڪڙي اهڙي اٽکل ڪيائون، جا ٻيءَ کنهن ٻه قوم کي خيال ۾ نہ آئي. پنهنجن گهرن ۽ مال جي وٽاٽن جي چوڌاري وڏيون پٽيون کنيائون، ته کو جهنگلي جانور يا چور چڪار آسانيءَ سان اندر اچي نہ سگهي. اهو عالم پناهہ وارو هنڌ "گوتر" سڏبو هو. رشي اکثر گهٽا گهر پرٽبا هئا، تنهنڪري آکهہ وڏي هوندي هين. هرهڪ رشي وٽ چوپايو مال ٻه اکثر ججهو هوندو هو، تنهنڪري هرهڪ رشي پنهنجو گوتر ڏار جوڙيندو هو، جنهن ۾ سڀ ياتي مال سميت رهندا هئا.جن ماڻهن جي آکهہ ننڍي هوندي هئي. ۽ چوپايو مال ٿورڙو هوندو هون، تن مان کي گڏجي، پنهنجي لاءِ هڪ يکو گوتر ٺاهيندا هئا، جو گوتر جوڙڻ وڏو ڪشالي جو ڪم هو.

جرمنيءَ جي نامور پروفيسر مئڪس ملر جي خيال موجب "گوتر" لفظ ۾ "گو" معنيٰ گانءِ ۽ "تر" اهو لفظ آهي، جنهن جو اچار انگلو سئڪسن هوليءَ ۾ "تن" (Tun)، انگريزيءَ ۾ "ٽائون" (Town) (شهر) آهي. هر هڪ گوتر جي اندر جڙ ته شهر ٻڌل هوندو هو، جنهن ۾ ماڻهو مال سميت بافرحت گذارينداهئا.

گوترن اندر جيکي رهندا هئا، سي رڳو پگو ساڳي آکهہ وارا کين هوندا هئا. سڀ کنهن جي آکهہ پنهنجي پنهنجي هوندي هئي، پر گوتر

ساڳيو هوندو هون، تنهنڪري اهي جڙ تہ هڪ وڏي ڪٽنب جا ياتي هوندا هئا، ۽ هڪٻئي کي پنهنجو سوٽ يا برادريءَ وارو ڪري سمجهندا هئا.[8] انهيءَ سبب "گوتر" لفظ جي معنيٰ ٿي "آکيھ يا برادري". اڄ بہ سنڌيءَ ۾ "ڳوٺي" گوتري معنيٰ "برادريءَ وارو". برادرين جو بنياد ائين پيو. ڏسو تہ گوترن مان ڪيئن پائپيءَ جو انگ وڌايائون.

هر هڪ گوتر جو جيڪو مکي يا پريو مڙس هوندو هو، سو "گوتر پتي" يعني گوتر جو ڏاڏي سڏبو هو ۽ سڄو گوتر سندس نالي پٺيان ڪوٺبو هو. گوترن جو بنياد اول رشين وڏو هو ۽ هر هڪ رشيءَ جو گوتر اڪثر ڏار هوندو هو. هاڻوڪا براهمڻ انهن رشين جو اولاد آهن. تنهنڪري براهمڻ جا جيڪي بہ گوتر (خاندان) آهن، تن سيني تي رشين جا نالا پيل آهن، جن مان خبر پوندي آهي تہ هو ڪهڙي رشيءَ جو اولاد آهن. وسشٹ، ڪيشپ، آتري، جمدگني، گوتم، وشوامتر ۽ پردواج، اهي سپت (ست) رشي وشنو پراڻ پٺاندر مڪيہ آهن. پراڻن ۾ منوسمرتيءَ ۾ ٻين بہ ڪيترن رشين جا نالا ڄاڻايل آهن. گوترن ۾ جيئن آکيھيون ٻيون وڌنديون، تيئن انهن کي ننڍن دفعن ۾ ورهائڻ جي ضرورت ٿي، ائين گوترن کي "نکن" ۾ ورهايائون. مثلا ڪيشپ رشيءَ جي گوتر وارن جون نکون ڪنيئا، ڪانجا ۽ ڪاڪوئا آهن. گوتم رشيءَ جي گوتر مان اوير، اُديچہ ۽ آئن نکن وارا براهمڻ آهن. هر هڪ نک جون گهڻيون آکيھيون هونديون هيون. ڪترين ۽ ٻين بہ پوءِ پنهنجا گوتر ناهيا ۽ انهن جون بہ ڏار ڏار نکون ٿيون. مثلاً حيدرآباد جي آڏواڻي آکيھ وارن جي نک "مگهو ڪتري" آهي. ٽڏاڻي آکيھ وارن جي نک "پاڳيا"، رامچنداڻين جي نک "دلڙي" ۽ سپاهيملاڻي آکيھ وارا "ناگ ديو" نک جا آهن. آهوجا ۽ ماکيجا بہ نکن جا نالا آهن. گوترن جوڙڻ جو رواج پهريائين پهريائين سنڌو ماٿر ۾ پيو ۽ هي رواج اصل اتي جا آهن.

سگوتر ۽ سپنڊ:

ڪن ڪن گوترن جي اندر جيتوٽيڪ جدا جدا آکهين وارا رهندا هئا، پر گوتر ساڳيو هوندو هون، تنهنڪري اهي "سگوتر" يعني ساڳي گوتر وارا سڏبا هئا. اهي گوتر پتيءَ کي پنهنجي پيءُ جي سمان ڪري سمجهندا

هئا ۽ کيس جڏهن عزت ڏيندا هئا، اهي هڪٻئي جي زالن ۽ نياڻين کي پنهنجي ماءُ پيءُ جهڙو ڪري سمجهندا هئا، جنهن ڪري هندن جي قديم قاعدي پٽاندر اڄ تائين "سگوتر" يعني ساڳي گوتر وارا پاڻ ۾ شادي ڪري نٿا سگهن. هي پائپيءَ جي انگ وڌائڻ جون واتون آهن. ساڳيءَ ريت "سپنڊ" وهاڻَ جي به منع ڪيائون. "پنڊ" معنيٰ سرير يا جسم ۽ "سپنڊ" معنيٰ اُهي جي ساڳي سرير مان پيدا ٿيا هجن، ۽ ساڳيو پنڊ پرائيندا هجن، اولاد پنهنجي ماءُ پيءُ جي انس آهي ۽ ماءُ پيءُ ۾ خود سندن مائٽن جو رت آهي. ساڳيو رت چگي رت نہ ڦهلندو، تنهنڪري منو سمرتيءَ پٽاندر پيءُ جي طرف ستن پيڑهين ۽ ماءُ جي طرف پنجن پيڑهين کان ٻاهر پرڻجڻ گهرجي. انهن سببن ڪري براهمڻن لاءِ خاص طرح حڪم جاري ٿيو ته ڏاڙي هرڪو براهمڻ پنهنجي گوتر، نڪ ۽ پرور (ڪٽنب) جو نالو اُچاري ته ياد رهي، ته سندس اصل نسل ڪهڙو آهي. انهن نالن اچارڻ جي هڪ مکيہ مراد هيءَ هئي ته ساڳي گوتر مان ڪو ڪونہ پرڻجي. هن مان ظاهر آهي ته آڳاٽن لوڪن ۾ غيرت جو انگ ججهو هو، جنهن ڪري جيڪي ڇوڪريون سندين ويجهيون مائٽياٽيون هوندیون هيون، تن کي پنهنجي ڏيءَ يا پيڻ جهڙو سمجهي، انهن سان شادي نہ ڪندا هئا، پر اڄ ڪالهہ کي هندو ڏاڏي پوٽي ۽ پيا پرڻجن! مطلب ته غيرت جو جيڪو انگ آڳاٽن هندن ۾ هو سو هاڻوڪن هندن مان گهٽبو پيو وڃي.

رگ وید جي اوائلي زماني ۾ سپ ماڻهو گوترن اندر ڪونہ رهندا هئا. ڪي خانہ بدوش ۽ هوندا هئا. کين رڳو چوپايو مال هوندوهو، پي نڪا ڪرت نڪا ڪار. انهيءَ سبب وسڪاري ۾ هڪ هنڌ ٽانيڪا ٿي مال پيا چاريندا هئا. جيڪڏهن برسات نہ پوندي هئي، ته پوءِ مال جي چاري سانگي ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي سانگ ڪري ويندا هئا. اها حالت اڄ ۽ ڪوهستان ۽ ٿر ۾ اڪين سان ڏسجي ٿي. اهي مالدار اڄ تائين "سانگيئڙا" سڏجن ٿا.

"جهڙ ڦڙ جٽ ٿيان، اُت آڏيائون پڪڙا".

(شاهہ)

رگ وید ۾ انهن گهرن جو ذڪر ۽ آهي، جي ماڻهو هڪ هنڌان ڪٽي ٻين هنڌ ويندا هئا. اٺرو وید جي منڊل نائين (3، 24) ۾ چيل آهي ته "جاءِ کي ۽

اسين جوءِ وانگر پاڻ سان وٺيو ويجون!" هن مان سمجهجي ٿو ته مال جي چاري سانگي جڏهن ڪنهن ٻئي هنڌ وڃڻو هوندو هون، تڏهن گهر جا پکا، ٽوڙا ۽ لڙهيون به پاڻ سان کڻي ويندا هئا. ۽ جتي وڃي رهڻو هوندو هون، اُتي اهي ساڳيا پکا وڃي اڏيندا هئا. اڄ به مالدار ائين ڪندا آهن. لڏ پلاڻ ڪرڻ مهل گايون، مينهون وغيره ڪيڏي گس تي ڪن، ته سنئين واڻ وٽي هلن. ۽ پاڻ پکا، ٽوڙا، جنڊ، رليون ۽ ٻيو سامان، ڪي وهٽن تي، ته ڪي مٿي تي کڻي مال جي پٺيان وڃن. پڪيون جايون جوڙي هڪ هنڌ ٽانيڪو ٽي رهڻ، ۽ گوترن جوڙڻ جو رواج ئي تڏهن وڌيو. جڏهن ماڻهو ڪيتي ۽ ٻيا ڌنڌا ڪرڻ لڳا. جن جو جتي روزگار هوندو هو سي تتي پنهنجا پکا ماڳ جوڙي ويهندا هئا، جنهن ڪري اڄ تائين چوٽي آهي ته "جتي هر تتي گهر ۽ جتي ماني تتي ماڳ".

ڪيتي:

قديم زماني کان وٽي ڪيتي هڪ اُتم ڌنڌو ڪري ليکيو ويو آهي. اڄ به چوٽي آهي ته "نيچ نوڪري، اُتم ڪيتي، وڌندڙ واپار". پروفيسر مئڪس ملر جي چوڻ موجب "آريه" لفظ جو ڏاتو يا بنياد آهي "آر" معنيٰ "هر ڏيڻ" جيڪي ماڻهو زمين کي هر ڏيئي ڪيتي ڪندا هئا، سي ڏوٽين ۽ خانه بدوش مالدارن کان وڌيڪ سڌريل ليکبا هئا ۽ اهي ئي خانداني يا وڏا گهراٽا سمجهبا هئا. انهيءَ سبب "آريه" لفظ جي معنيٰ ئي هئي شريف يا وڏو گهراٽو".[9]

رگ وید جي منڊل پهرين (112، 6) ۾ ڄاڻايل آهي ته "ڄج ڇڻڻ جو هنر اشوني ڪمار ديوتائن منو پڳوان کي سيکاريو." هن منجهان ائين سمجهجي ٿو ته آڪاڻن رشين کي شايد الهام ٿيو ته ڄج ڇڻڻ ڪري پوک ٽي سگهندي. ساڳي منڊل پهرين 112، 5) ۾ ڄاڻايل آهي ته ٻنيءَ کي هر ڏيڻ جو طريقو جنهن رشيءَ سڌاريو تنهنجو نالو "پرٿوُ" هو جو "پرٿي" به سڏبو هو. اهو پرٿو رشي "وئنيه" Vainya يعني وين Vena رشيءَ جو اولاد به سڏيو ويو آهي، (منڊل انون 9، 10). هر جي چونيءَ کي "ڦال" چوندا هئا. (منڊل چوٽون 57، 8)، اڄ به اهو ئي ويدڪ لفظ ڪم پيا آڻيون، پر عام طرح ڇڻون "ڦار" يعني "ل" کي مٿي "ر" ڪيو اٽڻون ۽ اها اسان سنڌي ماڻهن جي اصل عادت آهي (جل_ جر

۽ ٽل_ ٽر).

اڳي سڄي سنڌو ماٿر ۾ ڪيترن هنڌ "بن" يا گهاٽا جهنگ لڳا پيا هوندا هئا، ماڻهو وڻ ويڍي، پوک لاءِ زمين صاف ڪندا هئا. اها جهنگل شگافي ڳچ اراضيءَ ۾ ڪندا هئا. اهي "اُروا" يعني ڪشادا پٽ ننڍين ننڍين ٽڪرن (نمبرن) ۾ ورهائي، هر هڪ "ڪيٽ" ڏار ڪندا هئا، (منڊل ڏهون 101، 4). هن مان ائين سمجهجي ٿو ته هر هڪ "اناس" (اٽ جريب زمين) يا "سورهاس" (سورهن جريب زمين) کي "ڪيٽ" سڏيندا هئا، رگ وبد ۾ اهو به ڄاڻايل آهي ته هر هڪ ڪيٽ نهايت خبرداريءَ سان ماپي ڇڏيندا هئا، (منڊل پهريون 110، 5). هن مان ظاهر آهي ته سپ ڪنهن کي پنهنجي ٻني ڏار هوندي هئي.[10] اهي ٻنيون سندن ڳوٺن جي آسپاس هونديون هيون. اڄ به ڪيترا هاري ناري پنهنجي پنهنجي ٻني ٽڪر جي آسپاس گهرڙا اڏيو ڳوٺڙا ٻڌيو وينا آهن. جيڪي وڏا زميندار آهن سي به پنهنجو بنگلو يا اوطاق ٻنيءَ جي نزديڪ جوڙين ٿا، ۽ سندن هاري ناري انهيءَ اوطاق جي آسپاس پنگين ۾ رهن ٿا، ۽ اهو انهيءَ زميندار جو ڳوٺ سڏجي ٿو. اڳي به هوند وارن وٽ نوڪر چاڪر ۽ ٻانها يا غلام پورهيو ڪندا هئا، ۽ پاڻ رکو مٿان نظرداري ڪندا هئا.

هر ڪيڙڙ ۽ نار ڪاهڻ لاءِ هن وقت اُٽ ۽ ڏاند ڪم اچن ٿا، پر اڳي گهوڙا به ڪم آڻيندا هئا، جو سنڌو ماٿر ۾ گهوڙا نهايت گهٽا هوندا هئا، زمين کي هر ڏيڻ مهل ڪو رشي گهرائيندا هئا. جو هر جوٽيندو هو، ۽ اوڏي مهل ويدن جا منتر اچاريندو هو. ائين پوڄا ڪري پوءِ ڪم شروع ڪندا هئا. چوماسيءَ ۾ براهمڻن کي گهرائي، هڪ وڏو يگيہ ڪندا هئا، جو "ستر" (Satta) سڏبو هو اهو يگيہ به ٽي مهينا سانده بلڪ وڌيڪ وقت تائين پيو هلندوهو. يگيہ جي مراد اها هئي ته اندر ديوتا ۽ ٻيا ديوتائون پرسن ٿين، ته منداڻتا مينهن وسن ۽ فصل پلا ٿين، ۽ مال لاءِ چارو مئو ٿئي. انهيءَ مراد سان ويدن جا منتر اُچاريندا هئا. جولاءِ_ آگسٽ وارو مهينو "سانوڻ" سڏجي ٿو، جو اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "شراوڻ"، ۽ ڏاتو اٽس "شروڻ" معني سڻڻ يا ٻڌڻ. سانوڻ ۾ جتان ڪٿان ويدن جي منترن جا منا آلاپ ٻڌڻ ۾ پيا ايندا هئا، تنهنڪري اهو نالو رکيو اٿن. هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته جيئن آريہ لوڪ ويا دنيوي ڳالهين ۾ ترقي ڪندا، تيئن دل جو لاڙو ڏڻيءَ جي پاسي وڌندو وين

جو ڄاتائون ٿي تہ فصل پلا تڏهن ٿيندا جڏهن ڏٽيءَ جو فضل ٿيندو. رشين کي ب پنهنجون ٻنيون ٻارا هوندا هئا، ۽ چوپايو مال ب جڏهو هوندو هون تنهنڪري ايشور کي آراڌنا ڪندا هئا تہ اهو مالڪ پنهنجي مهر ڪري! انهيءَ سبب "هٿ هوندوهون ڪم ڪار ۾، تہ ب چت هوندوهون ڪرتار ۾!"

اڳي ماڻهو پوک اڪثر درياهہ جي پرسان (ڪچي ۾) ڪندا هئا. جن ڳوٺن کي درياهہ ويجهو نہ هوندو هو تن ۾ کوهہ کوٽيندا هئا. رگ وید جي منڈل پهرئين (105، 17) ۾ "ڪوپ" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جو بگڙيل اُچار سنڌيءَ ۾ "کوهہ" آهي. هن وقت ب ڪا پوک "موڪي"، ڪا "چرخي"، تہ ڪا "چرخي مدد موڪي" ٽئي ٽي.

رگ وید جي منڈل پهرئين (سوُڪت 116، 7) ۾ "ڪنپ" (ٽانڱ)، ۽ سوُڪت 117 (12) ۾ "ڪلس" (لوٽي ڪنگري) لفظ ڪم آيل آهي. وڏي ڳالهہ تہ "گهٽو چڪر" لفظ ب ڪم آيل آهي، جنهن مان هيڪاري ظاهر آهي تہ کوهن مان پاڻي ڪيڙ لاءِ مالهہ ۾ ڪنگريون يا لوٽيون ٻڌندا هئا، جنهن ڪري چئبو تہ هاڻوڪو رواج رگ وید واري زماني کان وٺي هلندو پيو اچي.

رگ وید جي منڈل ڏهين (25، 4، 101، 5_ 7) ۾ "آشمچڪر" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي اڪري معنيٰ آهي "پٿر جو چڪرو." هن مان سمجهجي ٿو تہ جتي نار نہ هوندو هو تتي کوهہ جي مٿان سرائيءَ ۾ پٿر جي ٺهيل "پوُڙ" يا گرٽي (Pulley) هوندي هئي، ٿر ۾ ۽ ٻين ڪيترن هنڌ اڄ تائين دستور آهي تہ چم جو ڪوس يا ٻوڪو رسيءَ ۾ ٻڌي، اها رسي ڪاٺ جي ٺهيل پوُڙ تي رکي، ڊِر ڏيندا وڃن، تہ پوُڙ وڃي ڦرندي ۽ رسي پاڻ مرادو وڃي هيٺ کوهہ ۾ پوندي. جڏهن ڪوس پاڻيءَ سان پرجي ويندو آهي، تڏهن رسي ڇڪيندا آهن، تہ ڪوس ڇڪجي مٿي ايندو آهي.انهيءَ ريت پاڻيءَ ڪيڙ لاءِ جيڪي رسا ڪم آڻيندا آهن، تن کي سنڌيءَ م "ورت" چئبو آهي، جو اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "ورترا" ۽ اهو رگ وید ۾ ڪم آيل آهي. مطلب تہ کوهن مان پاڻي ڪيڙ جو هي ٻيو نمونو ب رگ وید واري زماني کان وٺي هلندو پيو اچي. تفاوت رڳو هي آهي تہ پٿر بدران اڪثر ڪاٺ جي پوُڙ هاڻ عام طرح ڪم اچي ٽي.

ڪنهن ڪنهن هنڌ کوهہ تمام اونها هوندا هئا. اتفاق سان جيڪڏهن

ڪو ماڻهو انهن ۾ ڪري پوندو هو. تہ ٻين جي مدد کان سواءِ نڪري ڪين سگهندو هو. اهڙا اونها کوهہ اڄ بہ سنڌ ۾ ڪيترن هنڌ. خاص ڪري ٿر ڊويزن ۾ آهن. گڏڙي تعلقي ڇاڇري ۾ "سائيڪا" يعني ست پرهہ اونها يا ست مڙسن جي ڊيگهہ جيڏا اونها کوهہ آهن. هر هڪ "پرہ" ۾ جيڪڏهن پنج فوٽ ليکبا تہ "سائيڪو" ٿيندو تي سو فوٽ اُونهو کوهہ!

"سنجن سائيڪن تي وڏيءَ ويدو هون." [11]

(شاهہ)

هن وقت سنڌ ۾ گهڻو ڪري سڀ ڪنهن کوهہ جي اڳيان "آهہ" يا "آنهن" (کڏ يا حوض) ٺهيل آهي. کوهہ جو پاڻي نيسر مان وهي، آهہ ۾ وڃي پوندو آهي، ۽ اهو وهت پيئندا آهن. انهيءَ تان پهاڪو بہ آهي تہ "جيڪي کوهہ ۾ هوندو سو آهہ ۾ پوندو." اهو آهہ ٺاهڻ جو رواج ويدڪ زماني جو آهي، خود "آهہ" لفظ ويدڪ سنسڪرت جو آهي، ۽ اصل اچار اٿس "آهاو". اڳوٽي آهہ ۽ هاڻوڪي آهہ جي وچ ۾ تفاوت آهي. رگ ويد واري زماني ۾ ڪاٺ جا پيپ کوهہ جي اڳيان رکندا هئا، يا کوهہ جي اڳيان کڏ کوٽي ان ۾ ڪاٺ جو پيپ وجهندا هئا، تہ قابو بيٺو رهي. انهيءَ پيپ کي "آهاو" ڪوٺيندا هئا. اهو اڳوٽو نمونو وڌيڪ پسنديءَ جهڙو هو. هاڻوڪن آهُن ۾ پاڻي سدائين لڙاٽيل هوندو آهي. چوپائي مال کي لڙاٽيل پاڻي پيارہو تہ ممڪن آهي تہ طبيعت بگڙندیس. بگڙيل طبيعت واري مال جو ڪير صحت کي بگاڙيندو. اهي ڳالهيون ڳڻي چئبو تہ رگ ويد واري زماني جا ماڻهو اهو عقل جو ڪم ڪندا هئا، جو ڪاٺ جا پيپ "آهہ" ڪري ڪم آڻيندا هئا. ائين وهٽن کي پيئڻ لاءِ پاڻي صاف ملندو هو. پيپ جي ڪنهن وقت خراب ٿيندو تہ وري ڏوئي ڏمالي صاف ڪري سگهبو. اهو اڳيون رواج وري جاري ڪرڻ گهرجي، جو انهيءَ ۾ مال توڙي ماڻهن جو پلو آهي.

رگ ويد جي منڊل پهرئين (4، 8 ۽ 10) ۾ "اَوٽ" (Avata) لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جو اُچار سنڌيءَ ۾ آهي "آڏ". کوهہ جو پاڻي آڏ مان وهي، ٻنيءَ جي ٻارن ۾ وڃي پوندو هو. مطلب تہ هزارها ورهيہ اڳي جيڪو رواج سنڌو ماٽر ۾ جاري هو سو ساڳيو اڄ تائين اسان جا ماڻهو هلائيندا پيا اچن، بلڪ لفظ بہ ساڳيو ئي ڪتب آڻين، جنهن ڪري اهو محاورن ۾ بہ اچي ويو آهي.

مثلاً "تري تہ درياهہ نہ تہ آڏ تي بيهي رهي."

ٻنيءَ جي مٿان قسمين قسمين آفتون اچيو ڪڙڪن. پارو پيو يا ماڪڙ پيئي تہ فصل ئي چٽا! ڪڪڙ وغير کي "رتي" لڳي يا ٻيو ڪو مرض وکوڙي ويو تہ بہ فصل چٽو!

ڪن ڪيون پوکون، ٽيون پرپور، پي پاڻي جڏهن،
پوءِ پڪي هنيون هٿي، اي دل ڪيئن آيا ويا.
(ديوان گل)

"هٿيو" آهي اُتر_ اُپرندي جي هوا، جا جيڪڏهن خزان جي موسم ۾ لڳندي آهي تہ ڪتيءَ جي فصلن (جوئر، ٻاجهريءَ وغيرهہ) کي پورو ڪري ڇڏيندي آهي، ۽ ويچارن زميندارن ۽ هارين نارين جي ڪئي ڪمائي ڪٽ ٽي ويندي آهي. اهڙين آسماني آفتن کي پرميشر پاڻ پڇي، باقي بندي جي بات ڪانهي. انهيءَ هوندي بہ سنڌو ماٽر جي آڪاٽن رهاڪن مغز ماريو تہ ڪهڙا اپاءُ ڪجن، جو فصلن کي نہ برسات لوڙهي، نہ پارو، هٿيو يا ٻي ڪا سماوي (آسماني) آفت چٽ ڪري. هن باري ۾ ڪوجنائن ڪرڻ سان يقين ٽين تہ تار، نڪٽ (نڪتر)، گرهہ وغيرهہ تتون مان ڦهيل آهن، تنهنڪري پوک تڏهن ڪجي، جڏهن ڏرتيءَ جي مٿان آگني تت زور هوندو تہ سلو بہ ڪونہ اپرندو، يا اپرڻ کان سگهوئي پوءِ سلا ۽ ڪانا سڙي سڪي ويندا. نڪتر جملي اناويهہ آهن. هرهڪ نڪتر جو اثر معلوم ڪري، پنهنجن پوين لاءِ هيءَ هدايت ڇڏي ويا تہ روهڻي، مول، اترا شاڌا، ريوتي، پنروسو وغيره ڪيترين پوکن لاءِ چگا آهن. جنهن زماني ۾ اهي تجربا پئي ڪيائون، تنهن زماني ۾ سڄيءَ دنيا ۾ ٻي اهڙي ڪابہ قوم ڪانہ هئي، جنهن جوتش جي اهڙين ڳالهين تي ڌيان ٽي ڏنو. تنهن ڪري ڪيترن يورپي عالمن هندستان جي قديم آرين جي عقل تان عجب ظاهر ڪيو آهي. هي سڀ ڪيتيءَ جو پرتاب چئبو، جنهن جي اوني وچان سنڌو ماٽر جي قديم رهاڪن هن حيرت جهڙي نموني جون ڪوجنائون ڪيون.

آڪاٽن لوڪن جيتوڻيڪ پنهنجن فصلن جي بچاءُ جا هر طرح حيلا پئي ڪيا تہ بہ يقين ڄاتائون ٽي تہ فصل لاءِ ڪپي سائينءَ جو فضل. هو ائين وسهندا هئا تہ هر هڪ ڪيٽ يا ٻنيءَ جو راکو دعاگو ڪو ديوتا آهي، جنهن جي ٻاجهہ سان آسماني آفتون ٽري وڃن ٿيون، فصل پلا ٿين ٿا ۽ ڪائڙ لاءِ اڙ

ميو ان ملي ٿو. انهيءَ ديوتا کي "کيتر پتي" يعني کيت جو ڌڻي (Lord of theField) سڏيندا هئا.جيئن هن وقت اسان جا هاري ناري ڳاڏيءَ تي ويهي نار ڪاهين ٿا ۽ ڪنهن وقت ڪن تي هٿ رکي ڪافي آلاپين ٿا، تہ جھنگ ۾ رنگ لڳي ويجي ٿو. تيئن سنڌو ماڻر جا آڳاٽا آريہ لوڪ بہ نار ڪاهڻ مھل ڪي راڳ جا ٻڌن ڳائيندا هئا، ۽ ڌڻي کي هن ريت آراڌنا ڪندا هئا:

مالڪ جي شل مهر ٿئي! ججهو شل مينهن پئي!
پٽ سمورا پاهہ جهيلن، مؤج سان ماٺهو هر کيڙين،
ججهو گاهہ ۽ اَن اُپائين، گهوڙا، گايون گاهہ کائين!
عرض اسان جو اگهائج سائين! منا منا کي مينهن وسائين!

(رگ ويد منڈل چوٿون 1,57 کان 6 تائين)

رگ ويد واري زماني ۾ ماٺهو ڪٽڪ ۽ چانور پوکيندا هئا يا نہ، سا ڳالهہ چٽي ريت ڄاڻايل ڪانهي، باقي "ڌانيہ" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جو اچار سنڌيءَ ۾ آهي "ڌاڄ"، ۽ معنيٰ اٿس "اَن" (هر ڪنهن قسم جو)[12]

هن مان ايترو ظاهر آهي تہ ان پوک ٿيندي هئي. اهو بہ ڄاڻايل آهي تہ جون ۽ ترن جا فصل پلا ٿيندا هئا. (منڈل ٻيون 5، 6 ۽ ٽيون 85، 3)، ماٺهو اهي بہ اَن نہ رڳو کائيندا هئا، پر پوڄائن پشتائن ۾ بہ ڪم آڻيندا هئا. انهيءَ قديم رواج پٽاندر اڄ بہ سڄي هندستان جا هندو سڀ ڪنهن پوڄا ۾ جو ۽ تر ڪم آڻيندا آهن.هن مان ظاهر آهي تہ انهن ٻن اَنن جو واهپ نهايت گهٽو هوندو هو.

"تر" اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "تل" ۽ بنيادي معنيٰ اٿس " جو سڪيو آهي". آڳاٽن لوڪن ڏٺو تہ تر هڏ جا سڪيا آهن، تہ ڪنهن وقت انهن مان تيل پيڙي ڪيڍ جو هنر ڳولي لڌائون "تيل" لفظ "تل" (تر) مان ٺهيو آهي ۽ بنيادي معنيٰ ئي اٿس "ترن جي پيدائش". ماٺهو پوءِ ٻين ٻجن مان تيل پيڙڻ سکيا تہ اهو بہ "تيل" سڏجڻ ۾ آيو هن وقت ڳالهہ جي چٽائيءَ لاءِ چئون سرهہ جو تيل يا مئو تيل، جانيي جو تيل يا ڪوڙو تيل وغيرهہ. هاڻ تہ بادامين، ڪوپرن بلڪ مڇيءَ مان بہ تيل ڪڍن ٿا ۽ اهو بہ "تيل" سڏجي ٿو نہ تہ اصل رڳو ترن جي تيل کي "تيل" چوندا هئا.

هندو ماٺهو "تلڪ" ڏيندا آهن. سنڌو وغيرهہ ۾ سنهڑي ڪاني، ڪک يا تيلي ٻوڙي، نرڙ سان لڳائبو تہ تر جيڏو نشان ٿي پوندو. "تلڪ" اصل

انهيءَ کي چوندا هئا ۽ اکري معنيٰ اٿس ”ننڍڙو تر“، (تل + ڪ، اسم تصغير_ Diminutive جي نشاني). وڏا تلڪ ڏيڻ، هڪ ٻن بلڪ ٽن ليڪن (تر پنڌ) ڪيڻ جو رواج پوءِ پيو. مطلب ته آڪاٽن ماڻهن جو جيترو ڏيان ترن ڇڪيو تيترو ٻيءَ ڪنهن ٻه جنس ڪونہ ڇڪيو.

رگ ويد جي منڊل انين (78، 10) ۾ ”داتر“ Datra (ڏاتو) لفظ ڪم آيل آهي، تنهن مان سمجهجي ٿو ته ان پڇي تيار ٿيندو هو. ته ڏاتي سان لڙندا هئا. سپ سنگ لڻي، باقي تي سنگ گندرون (Good Goblins) لاءِ ڇڏي ڏيندا هئا، (اٿر ويد، منڊل ٽيون 24، 6) جرمنيءَ جا هاري ناري اڄ تائين پيڙيءَ وارا ٻه ٽي سنگ ”ووڊن“ (Wodin) ديوتا جي منت ڇڏي ڏيندا آهن. اهو ديوتا اُهو ساڳيو آهي، جنهن کي هندو ”شو“ مهراج سڏيندا آهن، (صفحو9). سنڊو ماٿر جا آبادگار ان جي ڳاهه ڪري، سپ (ڇج) ۾ ان ڇاڻيندا هئا. ڪي ڳوٺ ٻنين کان پري ته ڪي ٻنين جي ويجهو هوندا هئا، پر رستا ٺهيا پيا هوندا هئا.[13] اهي رستا ڪي رواجي پيچرا نہ هئا، پر اهڙا ڪشادا هئا، جو انهن تان گاڏيون هلنديون هيون. گاڏين ڪاهڻ لاءِ گهوڙا ٻڌندا هئا. ٻنين تان ان ڏوئي پنهنجن ماڳن تي نيندا هئا، ۽ اُتي اَن ماپي گندين ۽ پاندن ۾ رکندا هئا. جن گاڏين ۾ ان ڏوئيندا هئا، سي ”سشڪت“ (ڇڪڙا) سڏيبيون هيون، ۽ هلڻ مهل چيچاٽ ڪنديون هيون، (منڊل ڏهون 146، 3). سواريءَ لاءِ رٿ ڏار هئن، جن جي مٿان ڏڪ ڏنل هوندا هئا، (رگ ويد منڊل ڏهون 85، 1).

جيڪي ماڻهو کيتي ڪندا هئا، سي چوپايو مال ٻه ڏاريندا هئا، جو کيتي ۽ چوپايو مال لازم ملزوم آهن. کيتيءَ جو دارومدار چوپائي مال تي آهي. هر ۽ نار ڪاهڻ لاءِ، اَن ۽ گاهه ڏوئڻ لاءِ هن وقت کيترا اُٺ ۽ ڏاند ڪم آٽين ٿا، پر اڳي گهوڙا ٻه ڪم آٽيندا هئا. انهيءَ هوندي ٻه ڇا آڪاٽن آرين ڇا ٻين قومن جي آبادگارن ڏاند يا ڏڳي جو نهايت گهٽو قدر ڪيو ٽي. سنسڪرت ۾ بيل يا ڏڳي کي چئبو آهي ”بليورد“ ۽ ”بلدا“ يعني ٻل يا طاقت ڏيندڙ. اهي نار ڪاهي ٻنيءَ کي ريج رسائين ٿا ته ٻني پلي ٽئي ٽي، تنهنڪري ڏڳو ٻل ڏيندڙ آهي، ۽ پاڻ ٻه ٻلوان جانور آهي. سنڊيءَ ۾ چئون ته ”فلاڻو ڏندين ڏاند آهي“، ته ان جي معنيٰ ته اپي سمرٿ يا پاڻيهي پڄڻ جوڳو آهي. شريمد پاڳوت گيتا ۾ پيشم پتامهه کي ”نر پنگوهه“ يعني ”نر ڏڳو“

سڏيو اٿن. اڳي رڳو جيرن جوڙن کي "نر پنگوهہ" سڏيندا هئا. ماڻ پنهنجي ننڍڙي پٽ کي لوڏيندي کوڏيندي چوندي آهي ته منهنجو "پٽگ پٽ". اهو "پٽگ" اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "پنگوهہ" (ڏاند)، ۽ معنيٰ اٿس پهلوان پٽ، شير پٽ، اڳرو پٽ وغيره. عربي، پارسي، يوناني وغيره ٻولين جي آئيويٽا جو پهريون اکر آهي "الف"، جنهن جي عبراني يا يهودين جي ٻوليءَ ۾ معنيٰ آهي "ڏڳو". عبراني ٻوليءَ ۾ "الف" اکر اهڙيءَ طرح لکندا هئا، جو جڙ ته ڏڳي جي شڪل نڪتل هوندي هئي. هن مان ظاهر آهي ته قديم يهودي لوڪن ۾ ڏڳي جو جڏهو قدر ڪري ان کي اهڙو شرف ڏنو جو پنهنجي آئيويٽا جي منڌ ۾ ئي ان جي شڪل ٻيهاريائون. سنڌيءَ ۾ ڏڳي يا ڏاند بابت ڪيترائي پهاڪا آهن، جهڙوڪ:

"ڀلي آيو گانۂ جو ڄايو، جنهن سارو جڳ نپايو."

رگ ويد واري زماني ۾ هندو ڳائو گوشت کائيندا هئا، پر پوءِ ڏڳي يا گانۂ جي ڪوس جي برخلاف ڪن رشين آواز ڪڍو ڪيو ۽ رفته رفته سڀ هندو ائين سمجهڻ لڳا ته گئو هتيا ڪرڻ هڪ وڏو پاپ جو ڪم آهي، جو ڄاتائون ٿي ته اهي ڪارائتا جانور نه ڪهڻ گهرجن. ڳئون، مينهن وغيره جي کير مان ڏڌ ۽ مکڙ ٿئي ٿو ۽ کير مان قسمين قسمين منايون ۽ لذيذ طعام ٺهن ٿا. ٻهراڙين ۾ ڏسو ته ڪيترن ماڻهن جي مکيہ غذا اڄ ب کير ۽ ڏڌ آهي. ڏينهن جو ڏڌ يا لسيءَ سان، ۽ رات جو کير سان ماني کائي اُٿن ته ڪنهن ب تيوڙ جي تانگهہ ڪانہ ٿئين. کيتيءَ لاءِ چوپائي مال جو چيڙو ۽ ڦولهڙيون وغيره، جي نهايت غليظ شيون آهن، سي ب ڪم اچن ٿيون. چوڻي آهي ته "ٻاڙ سدا جواڙ". ٻيو چون ته "ٻاڙ ته کيتي، نه ته ڪوري ريتي". چوپايو مال نه هجي ته ٻاڙ جيڪر ڪٿان اچي؟ قديم زماني کان وٺي گاين جو چيڙو عام طرح پوٽي پائڙ لاءِ ۽ ٻاهہ دکائڙ لاءِ ڪم اچي ٿو. چوپايو مال مري وڃي، تنهن کان پوءِ ب ڪمائتو. ان جو گوشت، ڪلون بلڪ هڏا ب ڪم اچن ٿا. رگ ويد واري زماني ۾ هرڪو گهر ٻار ائين چاهيندو هو ته مون وٽ چوپايو مال جڏهو هجي، ۽ آن پوڪ لاءِ ٻنيءَ تڪر ب هجي. (منڊل پهريون 127، 6 ۽ منڊل چوٿو 41، 6)

قديم سيبتا جي ٽن زمانن جو ذڪر ڪندي، مٽي جيڪي چيو ويو آهي، تنهن مان ائين سمجهڻ نه گهرجي ته سنڌو ماٿر جي رهاڪن فقط

ايتري قدر ترقي ڪئي. هنن پوءِ پاڻ وڌي وڪ وڌائي، جنهن بابت جيڪر وڌو ئي ڪتاب لکي سگهجي، پر اهو احوال مختصر طرح ڏار باب ۾ ڪولي ٻڌائبو. هتي رڳو ايترو ڄاڻائجي ٿو ته رواجي سک ۽ دک جو خيال به آڳاٽن آرين کي اول کيتيءَ مان آيو. جيڪڏهن برسات پيئي هوندي، ته زمين هڏ جي آلي هوندي، جنهن ڪري کاتي کڻڻ ۽ کوهه کوٽڻ ۾ سوالائي ٿيندي. انهيءَ کي سڏيندا هئا "سک"، جنهن ۾ "س" معنيٰ "چگو" ۽ "ک_ڪن" معنيٰ "کوٽڻ". جيڪڏهن برسات نه پيئي هوندي، ته زمين ٽوٽ هوندي ۽ کوٽڻ ڏکي ٿيندي. انهيءَ کي چوندا هئا "دک"، جنهن ۾ "د_ در، دش" معنيٰ " مشڪل يا ڏکيو"، ۽ "ک_ ڪن" معنيٰ "کوٽڻ". برسات نه پوڻ سبب پيدائش نه ٿيندي، ته انهيءَ جهڙو بچڙو وقت ٻيو ڪهڙو؟ انهيءَ کي چوندا هئا "ڏڪال" (ڏڪار) يعني خراب وقت، جنهن جو ضد آهي "سڪال" (سڪار) معنيٰ چگو وقت.

حوالا ۽ حاشيا

(1) "There were three distinct ages_ the Ancient, the Mediaeval and the later"_ during which the Reg. Vedic mantras were composed (Reg Veda III, 32,13 VI,21,5) Dr. A.C. Das: Reg. vedic Culture, p.40.

(2) "The broken branch became the first weapon. It was the father of all clubs." Prof. Henry Drummord: The Ascent of Man, Chapter VI.

قديم پارسي ٻوليءَ ۾ "تيگر" لفظ ڪم ايندو هو. تنهن مانپوءِ "گ" اکر حذف ٿي ويو. ته اُچار ڦري ٿيس "نير"، پر سنڌيءَ ۾ ان جو اچار ڦري "ٽينگر" به ٿيو. هن وقت اهو لفظ سنڌيءَ ۾ عام ڪونهي.

(3) سنسڪرت لفظ "شونگ" جو اچار سنڌيءَ ۾ آهي "سڱ" (Horn) ۽ ان مان "شارنگ" لفظ ٺهيو آهي، جنهن جو اچار سنڌيءَ ۾ آهي "سينگ"، پر بنيادي معنيٰ اٿس "سڱ مان ٺهيل". سنڌيءَ مان "سڱ" جو اچار ڦري "هڱ" به ٿيو آهي، ۽ معنيٰ اٿس "سڪل ادرڪ"، جا هرڻ جي سڱ وانگر وراکن سان يا پيچدار ٿئي ٿي. سنسڪرت ۾ به "شارنگ" لفظ جي معنيٰ آهي "سڱ" توڙي "هڱ". (مصنف)

(4) Henry Stanley: Through Darkest Africa

(5) "The Sanskrit name of the cow is Go, plural Gavas, and this short radical we find running, with the modifications consequent on the character of each, through most of our languages, old German chuo, modern German kuh, English cow. The Slavic branch has preserved it, like a great many others, in the form most resembling the original. Thus Old Slavic has govyado, a herd, modern Servian gove_dar, a cow_herd, Russian govyadina_ beef, the flesh of cows and oxen, then gospodin master, gospod (i), the Lord, gospodar, the title given to South Slavic rulers all meaning originally "Master of Cows", and corresponding to the old

Sanskrit gopy, which first means a herdsman, and later a chieftain, a king." Z.A. Ragozin: Vedic India, pp. 63_64,

(6) "پرسرام" (پرشورام) معنيٰ اهو رام جنهنجي هٿ جو هٿيار کهاڙو هجي.

(7) مٿرا جي آسپاس وارو ملڪ "برج" سڏبو هو جو اتي مالدار رهندا هئا. شري ڪرشن اتي رهندو هو. تنهنڪري "برجباسي" يعني برج جو رهاڪو سڏبو هو. ڏسو شريمد پاڳوت.

(8) Hist: History of the World, Vol.l, p.488.

(9) Dr. Sita Nath Pradhan: Chronology of Ancient India, pp. 4_6.

(10) I have noticed instances, even in the Reg. Veda, in which the word "Arya" seems to be used in the sense of "high, or respectable." John Wilson: India Three' Thousand Years Ago, p.17, foot note.

(11) "It is a fair conclusion from the evidence that the system of separate holdings already existed in early Vedic times" Prof. Macdonell Keith: Vedic.

(12) Vedic Index, I, p. 40_ 177.

(13) سنسڪرت لفظ "دانيہ" جو اُچار پارسيءَ ۾ ڦري ٿيو "دانہ" ۽ جنهن جو اُچار سنڌيءَ ۾ آهي "داڻو" (ان جو). مصنف.

(14) Vedic Index, I, p. 211.

(هي مضمون ڪتاب "قديم سنڌ" صفحو 155 کان 174 تان ورتل آهي).

پراچين شهر ۽ ڪنڊر

دوارڪا پرساد شرما

مون ٻئي پاڳي ۾ اٽڪل پنجن هزارن سالن جي جهوني موئن جي ڏڙي جو بيان درج ڪيو آهي. هن هنڌ مان ڪن انهن پراچين شهرن يا ڪنڊرن جو بيان قلمبند ڪريان ٿو. جيڪي منهنجي راءِ ۾ انهيءَ زماني جا وسيل آهن، جنهن زماني جو مون هن پاڳي ۾ بيان لکيو آهي. يعني منهنجي راءِ موجب اهي پراچين شهر مهاپارت کان پوءِ، پر عيسوي سنہ کان اڳ جا ٺهيل ۽ وسيل آهن. انهن پراچين شهرن جي ڪنڊرن جي بيان پڙهڻ سان اسان کي ان وقت جي سنڌي سڀيتا جي گهڻي قدر خبر پئجي سگهندي.

منهنجي نظر ۾ موئن جي ڏڙي کان پوءِ الور جو شهر آهي، جو ٻين شهرن يا ڪنڊرن کان وڌيڪ جهونو آهي، انهيءَ ڪري سڀ کان اڳ انهيءَ ڪنڊر تي روشني وجهڻ ضروري ٿيندو.

الور، برهمڻ آباد ۽ ڪاهوءَ جو ڏڙو اُهي ڪنڊر آهن جن کي مان اتهاسڪ زماني جا شهر ۽ ڪنڊر تہ ميان ٿو پر اهي سنڌ جي بنهہ پراچين

شهرن مان آهن. سنڌ جي پراچين اتهاس ۾ انهن جو بيان ان وقت اچي ٿو جنهن وقت سڪندر اعظم هن علائقي مان لنگهي وطن ڏانهن روانو ٿيو. اهوئي سبب آهي جو الور ۽ برهمڻ آباد جي ڪنڊرن کي بلڪل پراچين سمجهي مان هن ڪتاب ۾ انهن جو بيان ڪرڻ واجب ٿو سمجهان.

اروڙ جنهن کي اڄ ڪلهه الور جي نالي سان سڏيو ٿو وڃي، روهڙي شهر کان اٽڪل پنج ميل اوپر ڏکڻ طرف آهي. سنڌ جي جدا جدا اتهاسن ۾ هن شهر جو نالو جدا جدا روپن ۾ لکيو ويو آهي. ڪن اتهاس ليکڪن هن کي الزور، ڪن الروز، ڪن ڏر، ڪن الرد، ڪن الدئر ۽ ڪن الدر ڪري سڏيو آهي. مسٽر اليٽ چوي ٿو ته درست نالو ماڳهين زور آهي جنهن مان پوءِ روري (روهڙي) شهر جو نالو نڪتو.[1] منهنجي خيال ۾ درست نالو اروڙ آهي، جنهن جو اروڙ راجپوت جاتيءَ سان لاڳاپو آهي. سنه 1916 ۾ پنجاب پرانت جون جاتيون (Punjab Castes) نالي هڪ انگريزي ڪتاب ڇپيو آهي، ان ۾ ڏيکاريل آهي ته جيئن ملتان ۽ لاهور جا ڪتري ملتاني ۽ لاهوري سڏائين ٿا، تيئن اروڙ جا ڪيتري اروڙ ونشي سڏائيندا آهن. اروڙ جو شهر اتهاسڪ ثابتيءَ موجب سڪندر اعظم کان به اڳ واري زماني کان، عربن جي آخرين ڪاهه تائين سنڌ جي راجڌاني ٿي رهيو آهي. اروڙ جي ڦٽڻ کان پوءِ هيءُ شهر روهڙيءَ جي نالي سان پرسڌ ٿيو. پر اها ڳالهه وسارڻ نه گهرجي ته اروڙ هاڻوڪي روهڙيءَ جي جڳهه تي نه، بلڪ ان جي ڏکڻ اوپر طرف هو. پراچين سمي ۾ سنڌو ندي روهڙيءَ وٽان نه، بلڪ اروڙ جي پرسان لنگهندي هئي. انهن ڏينهن ۾ اروڙ جو راجا هاڻوڪي بهاولپور رياست، ۽ ملتان واري پاڳي تي به پنهنجي گورنر معرفت راڄ ڪندوهو. سنه 1835 ۾ مسٽر برنس اروڙ جي ڪنڊر جي تپاس ڪري هڪ ڪتاب لکيو جنهن ۾ هن ڏيکاريو آهي ته پراچين سنڌ جي مهراڻ نالي ندي اروڙ جي پرسان وهندي هئي. مسلمانن جي لکيل تاريخ طاهري ۽ تحفتہ الڪرام به انهيءَ ڳالهه جي پٺيرائي ڪن ٿيون ۽ لکن ٿيون ته اهو درياه سمنڊ تائين ويندو هو. مسٽر برنس لکيو آهي ته ڪنهن وقت اروڙ جي راجائي، سمنڊ کان ڪشمير ۽ قنوج کان مڪران تائين پکڙيل هئي. ڪن اتهاسڪارن ته ائين به لکيو آهي ته اروڙ جي راجا جو راج سورت جي شهر کان قنڌار تائين پکڙيل هو. مڪران تي به سنڌ يعني

اروڙ جي راجا راءِ ساهراس جو راج هو. جا ڳالهه انهيءَ مان ظاهر آهي جو فارس يعني ايران جي بادشاهه نيمروز جي لشڪر جنهن وقت سنڌ تي حملو ڪيو. تنهن وقت سنڌي فوج ڪيس مڪران جي اولهه واري حد وٽ ئي ورڪي ٻيهاريو. مسٽر برٽن جيڪو سنڌ جو اتهاس لکيو آهي تنهن ۾ هو صاف لکي ٿو ته ڪانياواڙ جو علائقو سنڌ جي هندو راجائن جي هٿ ۾ هو.

اهو ته ٽيو عربن جي ڪاهه جو زمانو پر عيسوي سنه کان به اٽڪل ٽي چار سو سال اڳ يعني سڪندر اعظم جي زماني ۾ به اروڙ جو راجا پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن اول ته سڪندر جي يوناني فوج تي ڪا فلڪ ئي ڪان آندي. پر پوءِ نيٺ سڪندر سان ناهه ڪيائين. پر ان وقت سنڌ ۾ ديش ۾ڳت براهمڻن جو گهڻو زور هو. اروڙ جي راجا کي سڪندر جي سمي ۾ هندستان جو هڪ چڪرورتي راجا سمجهيو ويندو هو. وڏن وڏن راجائن جو هن جي نالي اڳيان ساهه قبض ٿيندو هو. برهمڻن جڏهن ڏٺو ته سندن راجا بنا جنگ جي سڪندر جي پيش پيو آهي تن وٽي ملڪ ۾ مانڊاڻ ڪڙو ڪيو. ايجا سڪندر جي سينا سنڌو منا (شايد سيوهڙ) تائين مس پهتي ته اروڙ ونشي ڪيترين وٽي آزادگيءَ جي هلچل جو جهنڊو بلند ڪيو. سڪندر پيٽان نالي پنهنجي سپهه سالار کي اروڙ ڏانهن چاڙهي موڪليو ۽ گريڪ اتهاسڪارن جي چوڻ موجب اروڙ جو راجا هزارن ديش ۾ڳت براهمڻن سان گڏ گريڪ سينا جي هٿان قتل ٿي ويو.

ميسيڊونيا جي اونيسيڪريٽاس نالي ليکڪ سڪندر جي زماني واري اروڙ شهر جي شاهوڪاري، انهيءَ شهر جي اعليٰ حڪومت ۽ ماڻهن جي هنر توڙي ڪاريگريءَ جي ڏاڍي ساراهه لکي آهي. ڏسجي ٿو ته اروڙ شهر جو اهو اوج عربن جي ڪاهه تائين قائم هو. جو خود چچ نامي ۾ لکيل آهي ته اروڙ (الور) شهر ۾ ڪيترا شاهي محلات، عاليشان مڪان، باغ، چشما، نهرون ۽ ڪشادا رستا هئا. سڄي ملڪ ۾ اهڙو هڪ به باغي ڪونه هو جو راجا جي حڪم جي پيڇڙي ڪري. ملڪ ۾ ڪوبه ديواني قانون ڪونه هو. انهيءَ مان ثابت آهي ته ماڻهو ڏيتي ليتيءَ ۾ بلڪل سڌا هئا. هتي جا ماڻهو حڪومت کان بلڪل ڇڳيءَ ريت واقف هئا. انهن جي تندرستي اهڙي سٺي هئي جو سوا سو سالن تائين جيئرا رهندا هئا. سڪندر اعظم سان آيل

گريڪ ماڻهن، اروڙ نواسين کي گاني جي وسيلي نانگ جو زهر ڪيندو ڏٺو جنهن ڪالهه کين تپرس ۾ وجهي ڇڏيو.

گريڪ اتهاسڪارن پنهنجي زماني جي اروڙ ونشي سنڌين کي موسيڪيناس ڪري لکيو آهي جنهن نسبت يورپ جي جدا جدا ودوانن پنهنجا جدا جدا انومان ويهي ڪيا آهن. مئڪ ڪرنبل صاحب جو چوڻ آهي ته اروڙ جي راجا جو موسيڪيناس نالو انهيءَ ڪري پيو جو انهيءَ ملڪ جي پاڳي ۾ موسيڪني جاتيءَ جا هندو رهندا هئا. ليسن صاحب وري موسيڪيناس اکر سنسڪرت جي "موشڪ" اکر مان نڪتل ظاهر ڪيو آهي، جنهنجي معنيٰ آهي ڪٿو يا چور. سينٽ مارٽن جو چوڻ آهي ته سڪندر جي سمي ۾ اروڙ شهر ۾ ماگس نالي جاتيءَ جا ماڻهو رهندا هئا جنهن ڪري گريڪ اتهاسڪارن انهن کي موسيڪيناس نالي سان سڏيو آهي. اهي ماگس جاتيءَ جا ماڻهو ڪنهن زماني ۾ ڪڇ ملڪ ۾ رهندا هئا جو سنڌ جي سرحد جو ڏاکيٽو پاڳو هو. پر ڪن ودوانن جو اهو رايو آهي ته گريڪ اتهاسڪارن جو موسيڪيناس اکر سنسڪرت جي موشڪرڻ اکر مان نڪتل آهي، جنهنجي معنيٰ آهي اهي ماڻهو جن جا ڪن ڪٿي جي ڪنن جهڙا تيز آهن. ڪيئن به هجي گريڪ اتهاسڪارن جي بيان مان گهٽ ۾ گهٽ اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته عيسوي سنه کان ٽي چار صديون اڳ اروڙ جو شهر سنڌ جي عاليشان راڄڌاني هئي ۽ اتي جا ماڻهو شاهوڪار، عالم ۽ بهادر به هئا.

سنڌ جي پراچين راڄڌاني اروڙ جو شهر، عربن جي ڪاهه کان به ٻه صديون پوءِ وسندو رهيو. سنه 962ع ۾ سنڌو نديِ اروڙ جي پر ڇڏي اولهه طرف رخ رکيو ۽ هاڻي جتان وهي ٿي، اتان وهڻ لڳي. اروڙ جي ڦٽڻ کان پوءِ هن شهر جا ماڻهو درياهه جي ڪپ تي نئين ريت وسايل روهڙي، بکر ۽ سکر ۾ اچي رهڻ لڳا. مٿئين سنه جي خبر درياه جي وچ ۾ ٻيٽ واري زندهه پير جي مندر ۾ ٺهيل هڪ پٿر مان پوي ٿي. اهو زندهه پير جو مندر هن وقت مسلمان مجاورن جي قبضي ۾ آهي جنهن ڪري ان هنڌ هندن جو وڃڻ بند ٿي ويو آهي. هندن وري انهيءَ مندر جي سامهون درياه جي ڪپ تي پنهنجو جد اورڻ پري مندر ٺهرايو آهي.

اروڙ شهر جي ڦٽڻ نسبت ڪيتريون عجيب ڳالهيون ٿيون ٻڌڻ ۾ اچن. ڪن جو چوڻ آهي ته مٿي ذڪر ڪيل سنہ يعني 962ع ۾ هڪ زاهد مسلمان مڪي ڏانهن ويندي پنهنجيءَ ڏيءَ سان اچي اروڙ ڪان نڪتو. راجا دلو راءِ جو ان وقت اُتي حاڪم هو تنهن جي انهيءَ سهڻي مسلمان ڇوڪريءَ تي نظر پيئي. هن، انهيءَ مسلمان کان سندس ڏيءَ جو سڱ گهريو. مسلمان انن ڏينهن جي مهلت گهري. انهيءَ وچ ۾ اهو مسلمان خدا کي ياد ڪري چوڻ لڳو ته "يا خدا مون کي هن آفت کان بچاءِ". انهيءَ ڪري ئي هڪ ڏينهن درياه اوچتو ئي اوچتو اتان غائب ٿي ويو.

منهنجي راءِ موجب هيءُ قصو بناوتي آهي. سنڌ ۾ جيڪي به ڦٽل شهرن جا ڪنڌر نظر اچن ٿا، انهن سيني لاءِ ائين چيو ويندو آهي ته اهي راجا دلو راءِ جي بداخلاقيءَ سبب ڦٽا. حقيقت ۾ سنڌو ندي جا ڪن صدين کان اولهه طرف وڌندي پئي رهي آهي ۽ انهيءَ ڪري پنهنجا وهڪرا بدلائيندي آئي آهي، تنهن ڪري ئي سنڌ جا ڪيترا پراچين عاليشان شهر ڦٽي ويا. اروڙ جو شهر به درياهه جي وهڪري ڦرڻ سبب ڦٽي ويو ٿو ڏسجي.

پراچين گريڪ اتهاسڪارن جي بيان مان ڏسجي ٿو ته اروڙ جو شهر پڪين سرن جي مڪانن جو عاليشان شهر هو. پر هن وقت انهيءَ باري ۾ ڪن اتهاسڪارن جو چوڻ آهي ته مرزا شاهه بيگ عيسوي سورهين صديءَ ۾ جيڪو بکر جو قلع ٺهرايو، تنهن ۾ جيڪي سرون ڪم آندل آهن سي اروڙ شهر جي ڪنڌر مان نڪتل آهن. مون پنهنجي سر بکر جي قلعي جي اڏاوت ڏٺي آهي جا گهڻو ڪري مسلماني ڍنگ جي آهي. ان ۾ جيڪي ننڍيون ۽ سنهيون پڪيون سرون آهن، سي صاف ظاهر ٿيون ڪن ته اهي مسلماني زماني جون ٺهيل آهن. ها ڪن هنڌ ۽ قلعي جي بنياد ۾ شايد هندو زماني جون وڏيون سرون ڪتب آندیون ويون هونديون، جي مٿئين بيان موجب اروڙ جي ڪنڌرن مان هٿ ڪيون ويون هونديون.

ليفٽننٽ ايسٽ وڪ جو اٽڪل هڪ سو سال اڳ اروڙ جو ڪنڌر ڏسڻ آيو هو. سو پنهنجي بيان ۾ لکي ٿو ته: "جنهن هنڌ ڪنهن وقت راجائن جا شاهي محلات هئا، اهو شهر هاڻي سڃاڻپ کان ئي پري ٿي ويو آهي. الور جو ڪنڌر روهڙيءَ کان پنجن ميلن جي مفاصلي تي آهي. رستو هڪ پل تان

وڃي ٿو. پل لتارڻ سان اوهان کي هڪ ننڍو ڳوٺ نظر ايندو جنهن ۾ ٻه پٽيون مسلمان ۽ هڪ پٽي هندو رهن ٿا. انهيءَ ڳوٺ کان اتر اوپر طرف قتل ڪنڊرن جي لانڊ شروع ٿئي ٿي. هيڏن شاهي ڪنڊرن ۾ اتهاسڪ اهميت واري ڪابه شيءِ اوهان کي نظر ڪانه ايندي.... ڪالڪا ماتا جو هڪ مندر ضرور آهي جتي هر سال ميلو لڳندو آهي ۽ جو مندر شايد پراچين نظر ٿو اچي. ٻن سيدن جي قبرن کان سواءِ انهن ڪنڊرن ۾ ٻه ٻيون ٻه قبرون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. جن مان هڪ سهاڳڻ ۽ ٻي ڏهاڳڻ جي قبر آهي. رڇرڍ برتن ڪنهن وقت هيءُ ڪنڊر ڏسڻ آيو هو. پر ڪنهن ٻه ڪيس نه ٻڌايو ته ڪهڙي سهاڳڻ ۽ ڪهڙي ڏهاڳڻ جي قبر آهي. الور جي ڪنڊر پرسان هڪ سماڌي آهي، جنهن نسبت چيو ٿو وڃي ته اها سماڌي راجا پرتري جي آهي. راجا پرتري، نياءَ ڪاري ۽ سورمي راجا وڪرماجيت جو وڏو ڀاءُ هو. جنهن عيسوي سنه کان 58 سال اڳ ستين جاتيءَ جي پرديسين کي زبردست شڪست ڏني هئي. راجا پرتريءَ کي پنهنجي راڻيءَ جي بي وفائيءَ سبب ويراڳ آيو هو. جنهن ڪري هو اجين جو راج ڇڏي ساڌو ٻڌجي وٽن ڪرڻ نڪري پيو. هيءُ اهو وقت هو جنهن ۾ هن ساڌو راجا پنهنجا مشهور تي شرنگار، ويراڳ ۽ نيتي شتڪ ناهيا. ڪرنل ٽاڊ پنهنجي راجستان نالي مشهور اتهاس ۾ لکيو آهي ته راجا پرتري ڪجهه وقت سنڌو نديءَ جي ڪناري سيوهڻ جي شهر ۾ رهيو. انهيءَ ڪري سنڌ ۾ هن جو نالو چڱو وڳل هوندو. چچ نامي ۾ لکيل آهي ته عربن جي ڪاه وقت يعني سنه 712 ۾ سنڌو نديءَ جي هڪ شاخ کي پرتري چيو ويندو هو. هيڏانهن سيوهڻ جي پراڻن ڪنڊرن مان هڪ ڪنڊر وٽ هڪ مندر آهي جو پرتريءَ جو مندر سڏيو ٿو وڃي.

اڄ ڪلهه اروڙ يا الور جي ڪنڊرن وٽ گرمي گهٽي ٽي ڏسڻ ۾ اچي، پر سنه 712 ۾ جڏهن عربن، سنڌ تي ڪاهه ڪئي، ان وقت هن شهر جي آب و هوا نهايت سٺي ٽي ڏسڻ ۾ آئي، چاڪاڻ ته چچ نامي ۾ ڏيڪاريل آهي ته برهمڻ ڪل جو آخرين راجا ڏاهر سال جا اٺ مهينا اروڙ يعني الور ۾ رهندو ۽ باقي چار مهينا برهمڻ آباد ۾ رهندو هو.

ساڌ ٻيلي جي مهنت شري هرنامداس صاحب، وڙڪنڊي مهاراج جن جو جيڪو جيون چرتر ظاهر ڪيو آهي ۽ ساڌ ٻيلي جو مختصر اتهاس ڏنو

آهي ان ۾ لکيل آهي ته اروڙ جي کنڊر ۾ تمام گهڻو خزانو پوريل آهي. اها ڳالهه گهڻو قدر سچي نظر پيئي اچي. ڇاڪاڻ ته ڇچ نامي ۾ لکيل آهي ته سنڌ جي راجا راءِ سهراس کي نهايت گهڻو خزانو هو۽ کيس ڪيتري پوريل ملڪيت هئي. هيڏانهن گريڪ اتهاسڪارن جو به لکڻ آهي ته عيسوي سنه کان ٽي چار صديون اڳ راجا موسيڪيناس، هندستان جو هڪ وڏو چڪرورتي راجا هو.

برهمڻ آباد:

سنڌ پرانت جو هيءُ پراچين کنڊر شهداد پور اسٽيشن کان اٽڪل اٺ ميل ڏکڻ اوپر طرف آهي. سڄي اولهه هندستان ۾ اهڙو هڪ به پراچين کنڊر نه مليو آهي جنهن بنسبت ودوانن جو هڪ ٻئي سان ايڏو متييد هجي، جهڙو هن پراچين شهر نسبت آهي. پڇم توڙي پورب جا جيترا ودوان آهن، انهن پنهنجي پنهنجي ڍنگ سان هن پراچين شهر نسبت احوال ظاهر ڪيا آهن. هن پراڻي شهر جو احوال ڇچ نامي کان اڳ جي ڪنهن به لکيل اتهاس مان معلوم نٿو ٿئي، نٿو ڇئي سگهجي ته اول اروڙ (الور) جو شهر وسيو ڪين برهمڻ آباد. "مجمل التواريخ" ۾ لکيل آهي ته "ايران جي گستاسپ نالي بادشاه جي ڏينهن ۾ بهمن نالي سندس هڪ پوٽي هندستان جي هڪ پاڳي تي قبضو ڪيو... هن هندن ۽ ترڪن جي ملڪ جي وچ ۾ هڪ شهر وسايو جنهن کي ڪندابيل يا (ڪندائيل) ڪري سڏيندا هئا.[2] .... ٻيو شهر هن ٻڌا[3] نالي پاڳي ۾ وسايو جنهن کي "برهمڻ آباد سڏيو ويو." هڪ بيان موجب اهو شهر منصوره آهي، وڌيڪ ايشور ڄاڻي.[4] اليٽ هن بيان ۾ شڪ آندو آهي، باقي راورتي پنهنجي ڪتاب ۾ انهيءَ بيان کي سچو سمجهيو آهي.

ايران جو بهمن، اريشر درزدست هو جنهن کي گريڪ آرٽيڪسرڪس لانگيمينس چوندا هئا. هو عيسوي سنه کان 464 سال اڳ پنهنجي ڏاڏي گستسپ جو وارث ٿيو. مسٽر راورٽي "زين الڪبر" نالي تواريخ ۾ لکيل انهيءَ وقت جي اتهاس جو ترجمو ڪندي لکي ٿو ته: "ايران جي عادل نوشيروان بادشاهه جي هٿ ۾ سنڌ جي طرف جا ڪيترا ملڪ هئا، پوءِ اهي ملڪ ڪٽي خود سنڌ پرانت جا نه هجن. مجمل التواريخ ۾ هڪ هنڌ

لکيل آهي ته سڪندر اعظم جي زماني جي ڪفند نالي هڪ هندو راجا پنهنجي براهمڻ نالي پاڻ کي وڏي لشڪر سان منصوره فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو. انهيءَ منصوره شهر کي اڄي برهمڻ آباد سڏيندا هئا. انهيءَ راجا پنهنجي پاڻ کي حڪم ڪيو هو ته ايراني بهمن جيڪي اگني ديوتا جا مندر ٺهرايا آهن، سي ڏهرائي انهن جي جڳهين تي پنهنجا هندڪا مندر ٺهراءِ. هتي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته لاڙڪاڻي جي پرسان ڪن ڪنڊرن جي کوٽائي ڪندي ايران جي سيسانين نسل جي بادشاهن جا ڪي سڪا لڌا ويا آهن جن ۾ هڪ پاسي بادشاهه جو مٿو ۽ ٻئي پاسي باهه (اگنيءَ) جو مورت اڪريل آهي.

پارسي يا عربي اتهاسڪارن، جن گهٽو پوءِ سنڌ جي اتهاس تي ڪي ڪتاب لکيا آهن، انهن جو صاف چوڻ آهي ته ايران جي بادشاهه گستسپ، عيسوي سنه کان به اٽڪل ساڍيون چار صديون اڳ هندستان جي الهندي پاڳي تي ڪاهه ڪري، اهو ملڪ پنهنجي قبضي ڪيو. انهن اتهاسڪارن جو چوڻ آهي ته انهيءَ ايراني بادشاهه ئي پنهنجن پوٽن مان بهمن نالي هڪ پوٽي کي سنڌ جو راڄ ڏنو. جنهن وري پنهنجيءَ ايامڪاريءَ ۾ بهمن آباد شهر ٺهرايو. جو پوءِ برهمڻ آباد سڏجڻ ۾ آيو. ڏاڏي جي مرڻ جو ٻڌي بادشاهه بهمن ايران ڏانهن روانو ٿيو ۽ وڃي تخت تي ويٺو. مرڻ وقت هن بادشاهه، سسن نالي پٽ بدران، همائي نالي راڄڪماريءَ کي ايران جو راڄ ڏنو. راڄڪمار سسن ناراض ٿي پنهنجي ڪٽنب سان سنڌ ۾ هليو آيو. ۽ اچي برهمڻ آباد ۾ رهڻ لڳو. هن جي اردشير نالي پٽ سسن نسل جي بادشاهن جو سلسلو جاري ڪيو.

ايمر_ رينالڊ جنهن عربي ۽ پارسي اتهاسڪارن جو مٿيون بيان انگريزيءَ ۾ پيش ڪيو آهي، تنهن جو وڌيڪ اهو چوڻ آهي ته هوئن سنگ مشهور چيني سيلانيءَ جنهن سنڌ جي راڄڌانيءَ جو پي_ چين_ ڦر_ پولو يعني وڏو پرا نالو لکيو آهي، اهو ساڳيو برهمڻ آباد جو شهر آهي. ڪنهن ودوان جو چوڻ آهي ته برهمڻ آباد جو اهو شهر آهي جنهن جو ذڪر ڪندي سڪندر اعظم جي زماني جي اتهاسڪارن لکيو آهي ته اهو شهر برهمڻن جو آباد ٿيل آهي. عجب اهو آهي جو سڪندر جي ڪاهه جو ذڪر ڪندڙ

تالمي نالي گريڪ اتهاسڪار کان پوءِ عربن جي ڪاهه تائين، يعني اٺين هڪ هزار سالن جي عرصي ۾ وري ڪنهن به مغربي ليکڪ برهمڻ آباد شهر جو ذڪر نه ڪيو آهي.[5]

جيڪڏهن اسين براهمڻ آباد نسبت ڏنل مٿئين اتهاس کي سچو سمجهون ته پوءِ حقيقت ۾ برهمڻ آباد جو سچو نالو بهمن آباد هئڻ گهرجي. پر عجب اهو آهي جو جيئن هن پراچين اتهاس نسبت ودوانن جا جدا جدا رايا آهن، تيئن عربي توڙي پارسي تاريخن ۾ هن هڪ شهر جا نالا به جدا جدا لکيا ويا آهن، ۽ اهي نالا به اهڙا آهن جو هڪ ٻئي کان ڏاهه ڪوهه ڏور مثلاً ڪنهن اتهاسڪار هن شهر کي بهمنو، ڪنهن بامبيوان، ڪنهن تاميراوان، ڪنهن ممي وان، ڪنهن مير مان، ته ڪنهن بائنواه يا بنينواه به سڏيو آهي.

اهي ته ٽيا عربي ۽ پارسي ودوانن جا هن شهر کي ڏنل جدا جدا نالا. پر گهٽايو يورپين عالمن به ڪين آهي. مئڪمرڊو انهيءَ شهر کي بهمنا، باهمينا ۽ بهنبنا ٿو سڏي.[6] مسٽر برگس بمن واسي، رواورتي بهمنو ٿو سڏي، ۽ هيڏانهن اليٽ صاحب ماڳهين انهيءَ شهر کي برهمڻ آباد سڏي چوي ٿو ته اهو شهر هاڻوڪي حيدرآباد شهر جي جڳهه تي وسيل هوا![7] هيتري ساري بيان مان ٻي ڳالهه ثابت ٿئي يا نه ٿئي، گهٽ ۾ گهٽ ان مان اهو انومان اوس نڪري سگهي ٿو ته هيءُ شهر اتهاسڪ زماني کان يعني ٻن هزارن سالن کان وڌيڪ جهونو هوندو، جنهن جو اتهاس زماني جي پراچينتا ۾ غائب ٿي ويو آهي. باقي هيءُ جو ڪي عالم انهيءَ راءِ جا آهن ته برهمڻ آباد اهو ساڳيو شهر آهي جنهن کي منصوره سڏيو ٿو ويجي ۽ جنهن جو ذڪر چچ نامي ۾ به اچي ٿو مان ۽ ٻيا ڪيترا ودوان انهيءَ ڳالهه کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيون. منصوره جو شهر عربن جي ڪاه کان پوءِ رسيل آهي، جو برهمڻ آباد جي غير آباد ٿيڻ تي، يا ان کان ڪي سال اڳ ان جي پرسان وسايو ويو هوندو.

اسلامي ليکڪن براهمڻ آباد نسبت ڇا لکيو آهي تنهنجو ڪجهه احوال مان مٿي ڏيئي آيو آهيان. هاڻ ڏسڻ گهرجي ته هندستاني ۽ غير اسلامي ليکڪ انهيءَ شهر نسبت ڇا ٿا لکن.

سڪندر نسبت باريڪ ڇنڊ ڇاڻ ڪندڙ ايرين ۽ ڊايوڊورس ٻنهي لکيو آهي ته هن الور جي موسيڪاني (موچو ڪرڙ) هندن کي فتح ڪري، پوءِ

"برچمنن جي شهر" کي تباه ڪيو. سنڌي نقشہ ۾ پراچين اتهاس تي نظرثاني ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ جيڪڏهن سنڌو نديءَ جي اوپر وارو ڪنارو وٺي ڏکڻ طرف هلبو تہ الور کان پوءِ سنڌ جي راجا جي ٻيو نمبر گاديءَ جو هنڌ برهمڻ آباد ئي ملندو. البت الور ۾ برهمڻ آباد جي وچ ۾ سيوستان يعني سيوهڙ جو وڏو ۽ سنڌ جي هڪ گاديءَ جو شهر بہ ملندو. پر اهو سنڌونديءَ جي اولهہ ۾ آهي ۽ هو. انهيءَ ڪري سڪندر کي الور واسين کان پوءِ برهمڻ آباد نالي سنڌ جي ٻيو نمبر گاديءَ جي شهر واسين سان ئي مڪاميلو ۽ مقابلو ڪرڻو پيو هوندو. انهيءَ حساب موجب اها ڳالهہ صاف ثابت ٿي تہ سڪندر جي زماني ۾ براهمڻ آباد شهر اڳيئي وسيل هو. ۽ ان ۾ براهمڻن جي گهڻائيءَ هئڻ سبب ان کي "برچمنوئي" (براهمڻ آباد) سڏيندا هئا.

ايرين ۽ ڊايوڊورس هروپرو سڪندر جي وقت زنده ڪين هئا. اهي پوءِ جاوا ۽ مشهور ٽيا آهن. جيڪڏهن هنن پنهنجي زماني ۾ اها حقيقت ٻڌي هجي ها تہ برهمڻ آباد شهر کي تہ سنڌواسين، ماڳهين ايران جي بهمن وسايو تہ هو انهيءَ ڳالهہ کي ذڪر ڪرڻ کان هرگز ڪين رهي سگهن ها. خود سڪندر جو جيون چرتر لکندڙ ۽ ان جي زماني ۾ موجود بلوٽارڪ بہ سنڌ ۾ ايرانين جي هن بستيءَ جهڙي عجيب ڳالهہ کي نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي!!! انهيءَ مان بہ ظاهر آهي تہ اسلامي ليکڪن جي وشواس ۽ مڃتا موجب سڪندر جي زماني ۾ هاڻوڪي ڪٽل ۽ شهدادپور جي نزديڪ واري ڪنڊ براهمڻ آباد شهر کي ايرانين جو وسايل نٿي سمجهيو ويو.

هيڏانهن هندستان جي مشهور ويا ڪرڻ آچاريہ پتنجليءَ پنهنجي مهاياش ۾ عيسوي سنہ کان گهڻي ۾ گهڻو ڇهہ سو سال اڳ "براهمنڪا نام جنپد" اهو لفظ ڪم آندو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي براهمڻن جو هڪ شهر. پاڻني رشيءَ بہ پنهنجيءَ ويا ڪرڻ ۾ ساڳئي مطلب سان "براهمنڪا جنپد" اکر ڪم آندو آهي. ٻيو تہ ڇا، بلڪ ڪن سڪن تي بہ سنسڪرت ۾ اهي اکر اکريل آهن. هاڻي جيڪڏهن سچ پچ مسلمان ليکڪن جي سمجهہ موجب برهمڻ آباد جو شهر ايرانين جو وسايل هجي ها تہ پوءِ انهيءَ "بهمن آباد" لفظ کي "براهمنڪو نام جنپد" ڪيئن لکيو وڃي ها. انهيءَ حالت ۾ مونکي پڪ آهي تہ پتنجلي ۽ پاڻني هندستان جي اتر اولهہ سرحد

وارن کن غير ملکي بستين ۾ شهرن وانگر انهيءَ شهر کي به يونانين جي ننگري ڪري سڏين ها.

باقي رهيو سوال ته هيءُ جو برهمڻ آباد کنڀر مان کن سيسانين نالي پارسي خاندان جي بادشاهن جا سڪا لڌا ويا آهن، تنهن سان ڇا ٿو ثابت ٿئي؟ منهنجي عقل موجب فقط انهن سکن جي آڌار تي برهمڻ آباد شهر کي ايرانين جي بستي سڏڻ اجايو آهي. ممکن آهي ته کنهن زماني ۾ ايران جي کن بادشاهن جي سنڌ تي حڪمراني يا ڪاهه ٿي هجي، ۽ جنهن صورت ۾ برهمڻ آباد جو شهر سنڌ جو هڪ وڏو شهر ۽ ٻيو نمبر گاديءَ جو هنڌ هو. تنهن صورت ۾ انهيءَ شهر جي کنڀر مان کي انهن بادشاهن جا سڪا هلايا ويا يا آيا هجن. ائين ته هن وقت سنڌ جي شڪارپور شهر ۾ بخاري جي پاسي جا هزارن بلڪ لکن رپين جا نوٽ ۽ سڪا ڏسڻ ۾ ايندا، ڇا، فقط انهيءَ آڌار تي اهو انومان ڪڍيو ويندو ته شڪارپور جو شهر بخاري جي غير سنڌي ۽ غير هندو ماڻهن وسايو هوندو؟

انهن مڙني دليلن ۽ ڀالهين سبب مان انهيءَ راءِ جو آهيان ته برهمڻ آباد جو شهر سنڌ جي انهن ودوان ۽ طاقتور براهمڻن جي نالي تي وسيل آهي جن جي هاڪ سڪندر جي گريڪ اتهاسڪارن ڪئي آهي، ۽ جن جو ذڪر سنسڪرت گرنٿن ۾ عام جام اچي ٿو. باقي ايرانين کي ٽپائي آڻڻ ته محض مخولبازي ۽ تعصب آهي.

اها ڀالهه ياد رکڻ گهرجي ته برهمڻ آباد جو کنڀر موٽن جي دڙي جي کنڀر جيان، تهن مٽان تهه ٽيل آهي. جنهن مان اها ڀالهه ثابت ٿئي ٿي ته هيءُ پراچين شهر هڪ وقت وسيو ۽ ڦٽو نه آهي. بلڪ کنهن مهل ڦٽو آهي ته وري ساڻئي هنڌ تي نئون شهر اڏايو ويو آهي. هن کنڀر ۽ عربن جي زماني جون کي مسلماني جڳهيون ڏنيون ويون آهن، جن جي بنياد ۾ وري هندو زماني جون وڏيون سرون پيل آهن، جنهن مان اهو دليل ڪڍيو ٿو وڃي ته عربن کن هندو جڳهين کي ڌهرائي انهن جي ئي مال مان ٻيون جڳهيون ٺهرايون هونديون.

هن کنڀر جي جيئن هيئين تهن جي کوٽائي ڪئي ويئي، تيئن انهن مان ڪيتريون هندوڌرمي مورتون ۽ ٻيون شيون لڌيون ويون. جيئن ته شو

پارپتي، گٽپتي ۽ سورج پڄوان. ڪي ننڍيون ٽامي جون بتيون، هڪ ننڍي شيشي جي بوتل، پٿر جو ٺهيل ڪيرتي مک ۽ هڪ پاٽئي سان گڏ ڪي ٽڪر جا ٽانو به لڌا ويا آهن جن جي ويڪر ڏيڍ فوٽ کان وڌيڪ نہ هوندي. ڏسجي ائين ٿو تہ شايد اهي کوه هر ڪنهن گهر ۾ هوندا.

برهمڻ آباد جي کوٽائي ڪندي ڪيترن هنڌن تان متيءَ جا راندڪا ۽ چوڑا به لڌا ويا آهن. ڪي پٿر ۽ شيشي جا ٽڪا به هٿ آيا آهن. شيشي جون عطر دانيون ۽ هندو ديوتائن جون مورتون پڻ هٿ ڪيون ويون آهن. ڪيترا سڪا ۽ سکن ٺاهڻ لاءِ متيءَ جا سانچا به هٿ لڳا آهن. ڪن هنڌان تلوارن جا لوهہ مان ٺهيل ڦر ۽ ڇرا پڻ مليا آهن. اهي اهڙيون شيون آهن جيڪي اتر هندستان جي گهٽو ڪري هر ڪنهن ڪنڊر مان لهن ٿيون.

برهمڻ آباد جي ڪنڊر مان جيڪي مهرون يا سڪا هٿ آيا آهن، انهن مان ڪن تي عربي اکر اُڪريل آهن. مسٽر بيلاسس انهيءَ ڪنڊر مان هڪ اهڙي به مهر هٿ ڪئي آهي جنهن ۾ ديوناگري اکر لکيل آهن. انهن مهرن جي ساراهہ ڪندي هيءُ صاحب لکي ٿو تہ: " برهمڻ آباد جي ڪنڊرن مان جيڪي عجيب ۽ تپرس ۾ وجهندڙ مهرون هٿ آيون آهن انهن مان ڪي اهي آهن جن ۾ سنگ سليماني پٿر تي ڪي تصويرون اڪريل آهن. انهن مان ڪي تہ ڪمال درجي جي هنر واريون آهن. انهن کي ڏسي روم جا ٺپيل چٽ اچيو ياد پون. انهن تي نهايت سهڻي نموني جي پالش ٿيل آهي. انهن مهرن مان ڪن تي ڏڃي، ڪن تي شينهن، ڪن تي عربي تہ ڪن تي ديو ناگري اکر اڪريل آهن. انهن مهرن ۾ گهٽو انداز گول ۽ ٻيدي جي صورت وارين مهرن جو آهي."

برهمڻ آباد جي ڪنڊرن مان هڪ هنڌان هندو ڏرم جون ڪيتريون مورتيون لڌيون ويون آهن. هڪ نهايت سهڻو پٿر جو وڏو اٽڪل پنج فوٽ ڏگهو فريم لڌو ويو آهي، جنهن جي وچ ۾ ديوتا جي مورتي آهي. انهيءَ پٿر جي فريم تي عاليشان نموني جي ٽڪ جو ڪم ٿيل آهي. هڪ سورج پڄوان جي مورتي لڌي ويئي آهي جنهن جي ٻنهي هٿن ۾ ڪمل جا گل آهن. سورج جي مورت جي ساڄي پاسي برهما جي مورت آهي، جنهن کي ٽي منهن آهن. وري ڏائي پاسي شو مهراج جي مورتي آهي، جنهن جي گلي ۾ نانگ ۽ مندر

مالها پيل آهي. هن کنڊر ۾ گٽپتي ديوتا جون به ڪيتريون ئي مورتيون لڌيون ويون آهن. ڏسجي ٿو ته ڪنهن وقت اتر هندستان ۾ سورج پڄوان جي گهڻي پوڄا ٿيندي هئي، ڇاڪاڻ ته سنڌ جي سيني پراچين کنڊرن مان توڙي ملتان شهر مان سورج پڄوان جون ڪيتريون ئي مورتون لڌيون ويون آهن. ملتان ۾ ته ڪنهن سمي ۾ سورج پڄوان جو هڪ وڏو مندر هو. جنهن کي عربن جي سينا پتيءَ محمد بن قاسم، سنڌ فتح ڪندي ڀاڻو ۽ ان کان پوءِ محمد غزنويءَ ڪيس برباد ڪري ڇڏيو. چين جي سيلاني هوئن سانگ لکي ٿو ته: "سندس وقت ۾ ملتان ۾ براهمڻن جا اٺ وڏا مندر هئا، جن ۾ سورج يعني آدتيہ پڄوان جو مندر سيني کان شاندار هو. انهيءَ ساڳئي سمي ڏاري سنڌ جي ڏکڻ واري سرحد جي ڪاٺياوار پرانت ۾ به سورج جي تمام گهڻي پوڄا ٿيندي هئي.

برهمڻ آباد جي کنڊرن مان ٻن قسمن جي ٽامي جا سڪا لڌا ويا آهن. هڪڙا ٽلها ۽ سهڻا آهن، ٻيا ننڍا ۽ سنها آهن. پڇمي پنڌتن جهڙوڪ هينري ڪزنس جو رايو آهي ته ٽلها ۽ سهڻا سڪا شايد مسلمان خليفن جا سندن ملڪ ۾ ٺهيل آهن، باقي سنها ۽ ننڍا سڪا سنڌ جا ٺهيل آهن.

هڪ هنڌ ڪيترن ماڻهن جا هڏا ۽ ڪوئلن جي رک ڏٺي ويئي، انهيءَ مان ودوانن اهو انومان ڪڍيو آهي ته شايد انهيءَ هنڌ هندن جو مساڻ هوندو جو عربن جي ڪاهه کان اڳ گهڻو ڪري درياهه جي ڪپ تي هوندو هو. پر پوءِ جيئن عربن جي حڪومت قائم ٿي تيئن درياهه جي ڪپ تي مساڻ ٺاهڻ يا مردن جلائڻ جي رسم بند ٿي ويئي، ڇاڪاڻ ته عربن ۽ مسلمانن جي طرفان اهو دليل ڏنو ويو ته انهيءَ ڪري درياهه جو پاڻي خراب ٿو ٿئي.

برهمڻ آباد جي کنڊرن ۾ هڪ اوچو ٽل ڏٺو ويو آهي جو زمين کان اٽڪل 38 فوٽ مٿي آهي. آسپاس جا ماڻهو چون ٿا ته انهيءَ هنڌ تي راجا دلوراءِ جو محلات هو. پر پراچين وستو وگيانين انهيءَ ٽل جي کوٽائي ڪري ڏٺو آهي ته ان مان محلات جي ڍنگ جي ڪابہ شيءِ هٿ نہ آئي. ڪن ودوانن جو رايو آهي ته شايد شهر تي ڪاهه ڪندڙ ڏاڙيل تي نظر رکڻ لاءِ وقت جي راجائن، شهر جي وچ ۾ اهو ٽل ٺهرايو هجي.

هنن کنڊرن جي کوٽائي ڪندي هڪ هنڌان چٽساليءَ واريون سرون

لڏيون ويون آهن. ودوانن جو رايو آهي تہ شايد انهيءَ هنڌ ڪوبڌ ڏرمي مندر هوندو. پر اهو مندر ايترو جهونو نظر نٿو اچي. ممڪن آهي تہ اهو مندر ڪنهن جهوني مندر جي ڪنڊر مٿان ٺهرايو ويو هجي ۽ اهو بہ ممڪن آهي تہ بڌ ڀڳوان جون ڪي هاڻيون هن مندر ۾ بہ پوريل هجن. ڇاڪاڻ تہ راجا اشوڪ هندستان جي ڪيترن شهرن ۾ بڌ ڀڳوان جي هاڻين تي مندر ٺهرايا هئا. جن مان هڪ ميرپور خاص جي ڪاهوءَ جي ڏڙي ۾ ٻيو ٽنڊي محمد خان جي سڌ سڌيئرن جي ڏڙي ۾ آهي. برهمڻ آباد ۾ جيڪي چٽيل سرون ڏٺيون ويون آهن، ڪرنل ڪننگهام اهڙي نموني جون سرون شور ڪوٽ ۾ يوسفزائيءَ جي ڪنڊرن ۾ ڏٺيون هيون.[8] هن ودوان، برهمڻ آباد جي ڪن سرن تي اکر اُڪريل ڏٺا جي ارڙهن اوڻيهن سو سالن جا جهونا سمجهيا ٿا وڃن. اهڙي نموني جي اُڪريل اکرن واريون سرون مير رڪڻ جي ڏل مان بہ لڏيون ويون آهن.

ڪاهوءَ جو ڏڙو:

هيءُ ڏڙو ميرپور خاص شهر جي اتر ۾ اٽڪل اڌ ميل جي مفاصلي تي آهي. ميرپور خاص جو شهر بلڪل تازو وسيل آهي. اتهاس مان معلوم ٿو ٿئي تہ سنہ 1806ع ۾ مير علي مراد تالپر وسايو هو. اهو هنڌ سنہ 1793ع ۾ منڪاڻي ميرن جي هٿ ۾ آيو. اهو شهر مير شير محمد خان تالپر جي گاديءَ جو هنڌ هو. جنهن کي 1843ع ۾ سر چارلس نيپيئر ڊُبي جي ڳوٺ وٺ شڪست ڏني هئي.

ڪاهوءَ جو ڏڙو اٽڪل ٽيهن ايڪڙن ۾ پکڙيل آهي، جنهن جي اول تہ ڪنهن کي بہ خبر ڪانہ هئي تہ انهيءَ ڏڙي ۾ سنڌ جي اتهاس جا کهڙا خزانا پريل آهن. ريلوي جا ٺيڪيدار ۽ آسپاس جا ماڻهو ڪاهوءِ جي ڏڙي جي اتر واري حصي ۾ بڌ ڏرم جو هڪ ڏل (اسٽوپ) ٺهيل آهي، جو اس ۾ سڪايل سرن مان ٺهيل آهي، ان ۾ اهڙي نموني جون سرون بہ ڪتب آندل هيون جيڪي اتر هندستان ۽ پنجاب منجهان لڏل بڌ ڏرمي مندرن مان کوٽي لڏيون ويون هيون. هن صاحب کان اڳ سنڌ جي الڪٽنگ ڪمشنر جنرل جان جيڪب بہ هن ڏڙي جي کوٽائڻ جو حڪم ڪيو. پر ان وقت ان

کي دلچسپيءَ واري کاٻ ڳالهه ڏسڻ ۾ نه آئي.

جيمس گبس مهاشيه 1859 ۾ هن درّي کي کوتايو هو. هن پنهنجي کوتائيءَ جو احوال ڏيندي لکيو آهي ته تن ڏينهن جي کوتائيءَ کان پوءِ اسان کي سائي رنگ جي پٿر جو هڪ مصري ڊنگ (ايجپت جي ماڻهوءَ) جو سر ڏسڻ ۾ آيو ۽ کي گهڙيل سهڻيون سرون ٻه هٿ لڳيون. اهو پٿر جو سر، سر فريئر کراچي ميوزئم ۾ ويجي رکيو.

سنه 1894ع ۾ حيدرآباد جي کليکٽر مسٽر ووڊبرن، کن ٺيڪيدارن جي قبضي مان، انهيءَ درّي مان کوٽي کيل سهڻيون گهڙيل سرون ۽ ٻڌ پڳوان جي هڪ مورتي هٿ ڪئي. انهيءَ کان پوءِ ئي هينري کزنس هن درّي جو کوتائڻ شروع کرايو. کوتائي ڪندي هن کي هن ٻڌ ڏرم جي جهوني ٽل يا استوپ جي مکان مان هڪ عجيب ڳالهه نظر آئي. هن وقت تائين آرکيالاجيکل جاڻن ۽ کن ٻين ماڻهن جي دلين ۾ اهو وشواس ويٺل هو ته مسلمانن جي اچڻ کان اڳ هندستان ۾ ونگ ناهڻ جو هنر هو ئي کونه. پر کاهوءَ جي درّي جي کوتائي ڪندي ڏٺو ويو ته کن هنڌن تي، ايرانين جي اڳيان نهايت پکين ۽ سٽين سرن جون ونگون ٺهيل آهن. انهن ونگن ۾ جيکي سرون کتب آيل آهن، اهڙيون سرون برهمڻ آباد مان به هٿ آيون آهن. الهندي طرف جي هڪ پت جي کوتائي ڪندي هينري کزنس کي هڪ پت ۾ کي وڏا کٻڻ نظر آيا، جن جا تاڪ غائب هئا، باقي چائنيون ايڏا سالم هيون. انهن چائنين جي هيٺان سوا اٽن انچن واريون سينگاريل ۽ گهڙيل سرون ڏسڻ ۾ آيون، جن تي هڪ زال جنهن جي هٿ ۾ پاڻيءَ جو گهڙو هو، اکريل هئي. هر ڪنهن طرف جي پت ۾ اهڙي قسم جا کٻڻ ڏٺا ويا، پر انهن کٻڻن ۾ جيکي سرون کم آيل هيون، انهن تي اکريل مورتون زماني جي گردش سبب غائب ٿي ويون هيون. اتر طرف جي هڪ پت جي کٻڻ مان ٻڌ پڳوان جي هڪ مورتي هٿ آئي جنهن جا هٿ پڳا پيا هئا. انهيءَ هنڌ تان جيکي به ٻڌ پڳوان جون مورتون هٿ آيون، انهن ۾ ٻڌ پڳوان کي ٻنهي ڪلهن جي مٿان بوچڙ پيل هو ۽ کمل جي گل تي ويٺل هو. هن جون اکيون ۽ چپ بند رکيا ويا هئا. جن کٻڻن مان ٻڌ پڳوان جون مورتون لڌيون ويون، انهن جي مٿان جيکي ونگون ٺهيل

هيون، سي نهايت ئي عجيب نموني جون هيون. اهي ايلورا جي مشهور غارن ۾ وشو ڪرما جي ٺهيل ونگ کان بنهه نئين ۽ نرالي ڍنگ تي ٺهيل هيون.

هڪ ڪمري مان اٽڪل چٽيهه سڪا به هٿ ڪيا ويا، جن مان ڪوبه سڪو تامي جي نظر نه آيو. هڪ ٽل جي مرڪز ۾ ته 25 فوٽ اونهو هڪ کوه به نظر آيو. انهيءَ جي وچ ۾ هڪ چوڪنڊو ٿلهو نظر آيو، جنهن جي کوٽائي ڪندي ڪيترا قيمتي پٿر، جهڙوڪ هيرا، موتي، سون جي هڪ منڊي ۽ ڪي سڪا هٿ آيا، جنهن مان ائين سمجهيو ويو ته اهي شيون شايد ٻڌ پڳوان جي مورتيءَ اڳيان پيٽا رکيون ويون هونديون.

هڪ هنڌان هڪ بوتل هٿ ڪئي ويئي جنهن کي چانديءَ جي ٽوپي يا ڍڪڻ هو. ان ۾ جي مٿان هڪ تامي جي منڊي نظر آئي. انهيءَ بوتل جي اندر ويلڙ جي ڍنگ جي هڪ ننڍي ڊبلي پيل هئي. اها ڊبلي هڪ سون جي پتي ۾ ويڙهيل هئي، جو پتو اهڙو ته پئي چمڪيو. جهڙو ڪنهن ڪاريگر اڄ ناهيو آهي. ڊبليءَ جي ويڪر هڪ انچ کان گهٽ ڪانه هوندي. ڊبليءَ اندر سون جو هڪ پتر ڏنو ويو جنهن ۾ رک سان گڏيل ڪا نهايت ننڍي شيءِ ويڙهيل نظر آئي. مستر ڪزنس نٿو ٻڌائي سگهي ته اها شيءِ ڇا هئي، پر منهنجي انومان موجب اها شيءِ ٻڌ پڳوان جي هاڻي هوندي، جنهن تي راجا اشوڪ ڪهوءَ جي دڙي ۾ ٻڌ ڌرمي مندر اڏايو هوندو.

پڪين سرن سان ٺهيل هڪ وڏي ڪمري جي ڏکڻ اوپر ۽ ڏکڻ اولهه جي ڪنڊن ۾ سرن ۽ پٽرن جي وچ ۾ هڪ متيءَ جو ٿانو رکيل هو. جنهن ۾ واري پيل هئي. انهيءَ ٿانو جو منهن بلڪل سوڙهو هو. ائين سمجهيو پئي ويو ته انهن متيءَ جي ٿانون ۾ پريل واريءَ اندر ضرور ڪانه ڪا شيءِ رکي ويئي هوندي، پر چگهيءَ ريت جاچي ڏسڻ سان معلوم ٿيو ته انهيءَ واريءَ اندر ڪابه لڪل شيءِ ڪانه هئي. البت اهي متيءَ جا ٿانو دلچسپيءَ کان خالي ڪين هئا.

ڪاهوءَ جي دڙي مان جيڪي پڪل سرون هٿ آيون آهن انهن تي نهايت سهڻي نموني جي گلڪاري ٿيل آهي. انهن جو سينگار ۽ چتسالي گريڪ ڍنگ جي نظر ٿي اچي. انهيءَ مان ڪن مغربي ودوانن ۽ هينري ڪزنس جو اهو انومان آهي ته ڪاهوءَ جي دڙي تي گريڪ سيپيتا جو چگهيرو اثر هو. اهڙي نموني جون سرون قندار جي ٻڌ ڌرمي مندرن ۾ به ڏٺيون ويون آهن.

ٻن سرن تي ڪٻير ديوتا جون مورتون اکريل ڏٺيون ويون. مغربي ودوانن جو رايو آهي ته ڪٻير ديوتا جون مورتون، مندر نهرائيندڙ داني پرشن جون عيوضي آهن، باقي هروپرو هندن جي ڏن جو ديوتا، ٻڌ ڏرمي مندرن ۾ آڻي نہ رکيو ويو هوندو. فرگوسن جي "انڊين اينڊ ايسٽرن آرڪيٽيڪچر" ۾ ڪننگهام جي رپورٽ ۾ ڏيکاريل آهي ته، ڪاهوءَ جي دڙي مان گوتم ٻڌ جي جيڪا بينل مورتي لڌي ويئي آهي سا ڪارٽين نموني جي ڪاريگري آهي جا قندار جي رستي هندستان ۾ داخل ٿي هوندي. ڪيترين ٻڌ پڳوان جون اهڙيون مورتون لڌيون ويون آهن، جن ۾ هو ڏيان ۾ مگهن ۾ ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي وينو آهي. سندس ٻئي هٿ سندس گوڏن تي رکيل آهن ۾ هٿن جون تريون کليل ۾ اڏيون آهن. اهڙيون سڀ مورتون رنگ لڳل آهن. ٻنهي ٻانهن جي مٿان ويڪرو ٽيل بوڇڙ سونهري رنگ جو آهي، ۾ اکيون ڪاري رنگ جون آهن. سڄو بت بوڇڙ سان ڍڪيل آهي. بوڇڙ جي هينان ٽنگن ۾ ستڙ پيل ٿي ڏسجي. وڏي ڳالهه اها آهي جو بوڇڙ جي هينان آيل ٽنگون صاف نظر پيون اچن. هن جا وار وريل آهن. پيشانيءَ جي وچ ۾ گول تلڪ وانگر ڪجهه نظر اچي ٿو. جو ٻڌ ڏرمي ماڻهن جي وشواس موجب گوتم ٻڌ جي گيان جي نشاني آهي.

متيءَ جون ٺهيل ڪي پٽيون پڳل جڳهين جي مٽين تهن مان لڌيون ويون آهن سمجهجي ٿو ته اهي گهڙو پوءِ جي زماني جون هونديون. ائين بہ پيو نظر اچي ته هيءُ ٻڌ ڏرمي ٿل يا مندر جيتوڙيڪ ڍهي ويو تنهن هوندي بہ انهيءَ مندر جي ڪنڊر جي ماڻهو پوڄا ڪندا هئا، چاڪاڻ ته پڳل مندر جي مٿان پوڄا جون پيٽائون ۾ شيون رکيل نظر آيون.

مٿي ذڪر ڪيل متيءَ جي پٽين تي جيڪي گوتم ٻڌ جون مورتون ٺهيل آهن، انهن مان ڪن ۾ هو ٻوڌي درخت جي هينان ڏيان ۾ مگهن وينو آهي، ڪن ۾ ته ماڇهين يورپين ڍنگ تي ٽنگون هيٺ لڙڪائي وينو آهي. ڪن هنڌ هن جو هڪ ڪلهو اگهاڙو ۾ ٻيو ڍڪيل نظر اچي ٿو. جيئن بمبئي پرانت جي اجنتا غارن ۾ آهي. اهي متيءَ جون پٽيون يا مورتون ٻيدي جي صورت جون آهن. انهن مورتن سان گڏ ڪي سڪا بہ هٿ آيا، جن نسبت پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته اهي پيٽا طور رکيا ويا هوندا. انهن سڪن مان

ڪن تي عربي اکر اکريل آهن، جنهن مان ظاهر آهي ته اهي عربن جي ڪاه جي وقت جا سڪا هوندا. اهڙا سڪا برهمڻ آباد جي کنڊر مان به لڌا ويا آهن. ممڪن آهي ته عربي زماني جا سڪا نهرا هڻڻ سبب زمين مان هيٺ لنگهي ويا هجن ۽ وڃي مٿيءَ جي مورتن سان ملیا هجن، انهيءَ ڪري ڪن ودوانن جو اهو رايو آهي ته پيٽا جا اهي سڪا، جڏهن اهو مندر ڊهي ويو هوندو تڏهن ڪن پريمي پڃتن لنگهندي پائيندي رکيا هوندا. اها ڳالهه انهيءَ مان به ظاهر آهي جو سڪا مورتن جي اڳيان جيئن جو تيئن رکيا آهن.جيڪڏهن مندر سالم هجي ها ته ان ۾ هڏ ڏرمي پڪشو به موجود هجن ها، جي هوند اهي پيٽا جا پيسا کڻي وڃن ها. انهن سيني ڳالهين مان اها ڳالهه ظاهر ٿي ٿئي ته عربي زماني جا سڪا، مندر جي سالم حالت ۾ پيٽا طور نه رکيا ويا هوندا، ۽ گهڻي قدر ممڪن آهي ته اهي سڪا برسات وغيره جي موقعن تي بار سبب زمين جي اندرين تهن تائين هليا ويا هجن ۽ اهي گهڻو پوئين زماني ۾ پيٽا طور رکيا ويا هجن.

جنهن ڪمري مان هڏ پڃوان جون هاڏيون هٿ آيون، انهيءَ ڪمري مان به ڪي سڪا هٿ آيا آهن، پر انهن جي شڪل ۽ صورت مان ڪوبه پتو ڪونه ٿو پوي ته اهي ڪهڙي راجا ۽ وقت جا آهن.

هڏ پڃوان جي هانيءَ واري بوتل جو ذڪر مان مٿي ڪري آيو آهيان. مون انهيءَ هنڌ ڏيکاريو آهي ته انهيءَ بوتل تي چانديءَ جو ٻوچ ڏنل هو. پرعجب جي ڳالهه اها آهي جو انهيءَ بوتل جو ترو به چانديءَ جو هو، جنهن مان ڪن ودوانن اهو انومان ڪڍيو آهي ته جنهن وقت هڏ پڃوان جو هانين جي انهيءَ مندر ۾ استاپنا ڪئي ٿي ويئي، تنهن وقت بي خبريءَ ڪان اها بوتل، ماڻهوءَ جي هٿن کان ڇڏائجي وڃي زمين تي ڪري هوندي ۽ ان جو ترو پڃي پيو هوندو. باقي رهيو سوال ته پڃل بوتل ڪٿي ڪري هانيون ڪنهن نئين بوتل ۾ چونٽي وڏيون ويون. انهيءَ جو جواب اهو ٿو ڏنو وڃي ته اها پڃل بوتل به پوتر سمجهي ويندي هوندي جنهن ڪري ان کي ڪٿو ڪرڻ گناه سمجهو ويندو هوندو.

ڪاهوءَ جي درٻي مان هڪ هنڌان تبرڪ دان جا ڪي پڃل ٽڪر نظر آيا، جنهن مان ائين سمجهيو ٿو وڃي ته پڃوان گوتم جون هانيون اول جدا

جدا تبرڪ دانن ۾ بند رکيون ويون جي پوءِ راجا اشوڪ هندستان جي جدا جدا هنڌن ڏانهن موڪلي ڏنيون ۽ انهن جي مٿان مندر ۽ ٿل ٺهرايا. هيءُ جو ڪنڀر مان ڪن هنڌان سون ۽ چانديءَ جي پتري ۾ ويڙهيل رک هٿ آئي، ان نسبت مغربي ودوانن جو اهو رايو آهي ته اها رک ٻڌ پڳوان جي مکيہ چيلن يا راجا اشوڪ جي دوست ۽ ساٿيءَ اپگپت جي هوندي. هيءُ اپگپت اهو ٻڌ ڌرمي پڪشو هو جنهن سڄيءَ سنڌ جو سير ڪري ٻڌ ڌرم جو خوب پرچار ڪيو. مسٽر ڪننگهام پلسا ٿلن جي جاچ ڪندي ڏٺو هو ته گوتم ٻڌ جي هاڻين سان گڏ ٻين ٻڌ ڌرمي پڪشن جون بہ هاڻيون ساڳين مندرن ۾ پوريون ويون هيون. سانچيءَ جي اسٽوپ مان بہ گوتم ٻڌ جي هاڻين سان گڏ ٻين پڪشن جون هاڻيون هٿ آيون آهن، انهيءَ ڪري جيڪڏهن ڪاهوءَ جي دڙي مان بہ گوتم ٻڌ سان گڏ ٻين ٻڌ ڌرمي سنياسين جون هاڻيون پوريل يا سانديل هٿ آيون ته ڪا نئين ۽ عجب جي ڳالهہ نہ ڇئبي.

چيني ياتري هوئن سنگ، جو مغربي ودوانن جي قول موجب ستين صديءَ ۾ هندستان گهمڻ آيو، تنهن جو چوڻ آهي ته سنڌ ۾ ڪيترائي سنگهہ ڏٺا جن ۾ ڏهہ هزار پڪشو اپياس ڪري رهيا هئا. هن ائين بہ لکيو آهي ته: "جنهن وقت تٿ گت (گوتم) هن سنسار ۾ جيئرو هو، تنهن وقت هو سنڌ مان گهڻي قدر لنگهندو رهيو. انهيءَ ڪري راجا اشوڪ انهن هنڌن تي پوتر استوپ کڙا ڪرايا جن هنڌ سنڌ ۾ ٻڌ پڳوان جي رهڻ جون ثابتيون موجود هيون. پڳوان ٻڌ جو مکيہ شش اپگپت ته سنڌ ۾ گهڻو ئي وقت رهيو ۽ ماڻهن ۾ ٻڌ پنٿ جو پرچار ڪندو رهيو. هو جن هنڌن تي رهيو ۽ جن جڳهين تي هن ڪي نشان ڇڏيا، انهن هنڌن تي سنگهہ يا استوپ ٺهرايا ويا. اهي جڳهيون هر ڪنهن هنڌ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.[9]

ڪاهوءَ جي دڙي مان لڌل چانديءَ جي ڊبلي جنهن ۾ وري سون جي ڊبلي پيل هئي، تنهن کي هڪ سوني پن ۾ ويڙهيو ويو هو. اهو سون جو پنو دڙي جي کوٽڻ مهل اهڙو چلڪيو پئي جڏڪ ڪاريگر ٽپي ناهيو آهي.

سون جي ڊبلي بہ ساڳي حالت هئي. هاڻي جيڪڏهن بنهہ اندرين چانديءَ جي ٻيءَ ڊبليءَ ۾ لڌل شيءِ کي ڪا رواجي شيءِ ڪري ٿو سمجهجي ته سوال پيدا ٿيندو ته اهو ڪهڙو سبب هو جو چانديءَ جي ننڍيءَ ڊبليءَ کي وڏيڪ

قميتي سون جي ڏبليءَ ۾ وڌو ويو؟ پڌرو آهي ته ان ۾ ڪاڻ ڪا قميتي ۽ پوتر شيءِ پيل هوندي. انهيءَ حالت ۾ جيڪڏهن اندرين ڏبليءَ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جي هاڻي پيل سمجهي وڃي ته اهو ماڻهو رواجي نه بلڪ خود ٻڌ ڀڳوان هوندو.

هن دڙي جي مرڪزي مندر مان جيڪا مورتي لڌي ويئي آهي، سا نه فقط عجيب آهي، پر دلچسپيءَ واري به آهي. انهيءَ مورتيءَ جا پير ڪپيل هئا، جي ڪيتري به ڳولا ڪرڻ تي هٿ نه اچي سگهيا. ودوانن جو رايو آهي ته اها مورتي ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي هوندي. اهڙي ڍنگ جي ٻي مورتي انهلواڙا پاٽن مان به لڌي ويئي آهي. انهيءَ مورتيءَ جي به هوبهو ساڳي شڪل آهي. ابو پهاڙ جي پراچين مندرن مان به تيجپال ۽ وستوپال جي ساڳي مورتي لڌل آهي.[10]

اها ته پڪ اهي ته اها مورتي ٻڌ ڀڳوان جي نه آهي. مورتيءَ جي مٿي تي پگڙي پيل آهي ۽ هن جي ساڄي هٿ ۾ ڪمل گل آهي ۽ ڏاڍو هٿ چيلهه تي رکيل آهي. هن جي بت تي بلڪل ٿورا ساوا ڪپڙا پيل ڏسڻ ۾ ٿا اچن. اهڙي نموني جي سادگي گهڻو ڪري جين پنٿي پوڄارين ۾ نظر ايندي آهي. مون مٿي ڏيکاريو آهي ته مورتيءَ جي مٿي تي پگڙي نظر ٿي اچي، تنهن نسبت ڪن ودوانن جو رايو آهي ته اهي ڊگها وار آهن، ڇاڪاڻ ته اورنگ آباد شهر مان جيڪي ٻڌ ڏرمي مورتون کوٽي ڪڍيون ويون آهن، انهن جي مٿي تي به ساڳئي ڍنگ جا سينگاريل وار آهن.

اها مورتي رنگين نظر آئي. منهن جو رنگ ڪڪ يا سون جهڙو هو، بت تي ويڙهيل ڪپڙو ڳاڙهي رنگ جو نظر ٿي آيو. مٿي جا وار، پرون ۽ مڇون ڪاري رنگ جون هيون. هن جي ڏاڙهي هٿ ۾ جو چيلهه تي رکيل آهي، هڪ ڳوٺري به نظر آئي ٿي، جنهن مان ڪن جو اهو نومان آهي ته ا ها مورتي ڪاهوءَ جي دڙي واري ٻڌ استوپ يعني مندر نهرائيندڙ دانيءَ جي هوندي.

هيءُ جو سنڌ گزيٽئر ۾ لکيل آهي ته ڪاهوءَ جي دڙي وارو مندر يا استوپ پنجين صديءَ جو پراڻو هوندو. تنهن نسبت هينري ڪزنس لکي ٿو ته منهنجي نظر ۾ اهو مندر گهٽ ۾ گهٽ چوٿين صديءَ ۾ ٺهيل هوندو. سندس اهو به رايو آهي ته انهيءَ وقت کان به پراڻو ٿي سگهي ٿو. ڪن مغربي ودوانن جو رايو آهي ته راجا اشوڪ انهيءَ هنڌ جيڪو مندر اڏايو هوندو سو ڳڻي ويو

هوندو ۽ تازو ڳولي لڌل ڦٽل مندر راجا اشوڪ واري مندر جي مٿان ٺهرايو ويو هوندو. باقي انهيءَ دڙي مان ٻڌ ڌرمي مڙهين جا جيڪي نشان ۽ ڦٽل جڳهيون نظر آيون آهن، سي قندار جي ٻڌ ڌرمي مڙهين سان هوبهو ملي ٿيون اچن.

ڪاهوءَ جي دڙي مان کوٽي لڌل ٻڌ ڌرمي استوپ کي سنڌ ۾ پنهنجي ڍنگ جو اڪيلو نہ آهي. اهڙي ڍنگ جا استوپ سنڌ جي ٻين پراچين شهرن، جهڙوڪ سڌ سڌيرن جو دڙو، ڏيپر گهانگهرو (برهمڻ آباد جي ويجهو) ميررڪن (مورو تعلقو) وغيره مان بہ لڌا ويا آهن.

ڪاهوءَ جي دڙي مان لڌل چٽسالیءَ جي سرن کي ڏسي مسٽر ڪننگهام پنهنجي رپورٽ جي پنجين جلد ۾ لکيو آهي تہ اهڙي نموني جون سرون ڪشمير جي سرحد تي بينل جمال ڳڙي (يوسف زائي) ۽ ٻين هنڌن تان کوٽي ڪڍيون ويون آهن.

مجمل التاريخ، جنهن نسبت مون هن ڪتاب جي ڪنهن پاڳي ۾ ڏيکاريو آهي، اها تاريخ ڪنهن سنسڪرت گرنٿ تان ترجمو ٿيل آهي، لکيل آهي تہ ڪشمير جي راجا ڪنشڪ، سنڌ جي سواندي شهر ۾ هڪ وڏو ٻڌ ڌرمي مندر ٺهرايو. اهو سواندیءَ جو شهر هن وقت ڏيپر گهانگهرو سمجهيو ٿو ويجي. ڪاهوءَ جو دڙو انهيءَ سواندي شهر جهڙو پراچين آهي.

منهنجي نظر ۾ مٿيان رڳو ڪن اتهاس ليکڪن جا ٿب آهن. باقي ڪاهوءَ جو دڙو برهمڻ آباد واري ڏيپر گهانگري جي دڙي کان گهٽو اڳ جو آهي. راجا ڪنشڪ جي ڳالهہ هڪ خيالي گپوڙو آهي. ڪيئن بہ ڪاهوءَ جي دڙي کي عيسوي سنہ کان پوءِ جو نہ، بلڪ اڳ جو ئي سمجهي سگهجي ٿو. البت هن دڙي مان کوٽائي ڪندي ڪا اهڙي شيءِ نہ ملي سگهي آهي جنهن مان اهو انومان ڪڍي سگهجي تہ سنڌ جو هيءُ پراچين ۽ قابل فخر شهر، موئن جي دڙي يا آمريءَ جي دڙي جهڙو جهونو آهي.

ڊاڪٽر پاندارڪر، ڪاهوءَ جي دڙي جي جيڪا کوٽائي ڪرائي، تنهن ۾ ڪيتريون عجيب ڳالهيون ظاهر ٿيون. هن ڏٺو تہ انهيءَ دڙي ۾ ٻڌ زماني جون ڪيتريون شيون موجود هيون، ۽ اتي ٻڌ ڌرم جا هڪ بہ نہ، بلڪ ڪئين استوپ موجود هئا. انهن سيني استوپن مان هانئين جا برٽش لڌا ويا، جي هانئيون شايد وڏن وڏن ٻڌ پنٿي پڪشن جون هجن. پر اهي استوپ يا انهن مان

لڏل مورتون گھڙو ڪري متيءَ جون ٺهيل هيون. ٻڌ پڳوان جي هڪ دلچسپ ۽ عجيب مورتي به لڏي ويئي جا سوني پتري ۾ ويڙهيل هئي. انهيءَ مورتيءَ ۾ ٻڌ پڳوان پيرن پر ڪڙو ٽيو ٻيٺو هو. اهڙي نموني جي مورت سر آريل استين بلوچستان جي ڪوتان ڪنڊر مان ڳولي لڏي آهي.

رکڻ جو ٿل:

مون کي خبر ئي ڪانه آهي ته هندستان جي سرڪار، ڪهڙن جاهل يورپين جي حوالي "سنڌ گزيٽئر" لکڻ ۽ ظاهر ڪرڻ جو ڪم رکيو هو جن سنڌ جي اتهاس جي ته ڪابه ڪوجنا ڪانه ڪئي آهي، باقي ٿاڦورا سي هڻندا ويا آهن. مون کي عجب ۽ ڏک آهي ته اهڙن اتهاسڪ گپوڙن سان پريل سنڌ گزيٽئر جهڙي ڪتاب کي اسان جا ڪيترا ديسي عالم پنهنجو هڪ رهبر ڪري ٿا سمجهن ۽ انهيءَ ڪتاب ۾ درج ٿيل بي بنياد ۽ غلط ڳالهين کي ڪير ڏوتل سچ ڪري ٿا سمجهن. انگريزيءَ ۾ ڇپايل سنڌ گزيٽيئر کي بنهه سچو سمجهي، ان جا حوالا ڇپيندڙ ودوانن تي مون کي کل ايندي آهي. پر انهن صاحبن جو ڏوهه نه آهي، اسان جي ديش ۾ تڪليف ونڊي اتهاسڪ کوجنا ڪرڻ ڪير ڇاڻي ئي ڪونه. باقي جيڪڏهن ڪنهن يورپين ودوان اکيون بند ڪري ڪٽي ڪو الٽو سلٽو ٽپ پڙهيو ته اسان جي ديش واسي اکيون بند ڪيون ڪٽي اهو سچ سمجهندا. پر مان سرڪاري طور تيار ڪيل سنڌ جي انهيءَ اتهاس کي ڪابه اهميت نٿو ڏيان، ۽ اهوئي سبب آهي جو مون پنهنجي سڄي اتهاس ۾ ڪڏهن به سنڌ گزيٽيئر کي اتهاسڪ اختياري سمجهي، ڪڏهن به ان جو حوالو نه ڏنو آهي.

انهيءَ بدنام سنڌ گزيٽئر (صفحي 638) ۾ لکيل آهي ته "سنڌ جي ائڪٽنگ ڪمشنر جنرل جان جيڪب، مير رکڻ جي ڪنڊر جي کوٽائي ڪرائي، پر دلچسپيءَ واري ڪابه شيءِ يا ڳالهه نظر ڪانه آئي." مير رکڻ جي ٿل، جنهن مان ڪنهن وقت گوتم ٻڌ جون پوتر مورتون هٿ آيون ۽ ٻڌ زماني جون ٻيون ڪيتريون ثابتيون نظر آيون، ان نسبت ائين لکڻ ته هن پراچين ڪنڊر مان ڪابه اهم يا دلچسپ شيءِ هٿ نه لڳي، سان ڳالهه واهيات ۽ بيهودي پيئي لڳي.

مير رکڻ جو ٽل (استوپ) ميرپور خاص جي ڪاهوءَ جي ڏڪڻ جهڙو ٽل آهي، جو نوابشاه ضلع جي ٻانڈي استيشن جي ڏکڻ اولهه طرف چوڏهن ميلن جي مفاصلي تي آهي. هن استوپ يا ٽل نسبت هن وقت ڪابه اتهاسڪ سامگري نه ملي سگهي آهي. هن تي ڪيئن مير رکن جو نالو پيو تنهن نسبت به هن وقت تائين ڪابه خاطر خواه ثابتي نه ملي آهي. البت اها ڳالهه هرڪو سمجهي سگهي ٿو ته مير رکڻ جو نالو مسلمانڪو آهي، جو شايد انهيءَ پاڳي جي ڪنهن بادشاه يا زميندار جو هجي.

هن ٽل يا ڪنڊ نسبت ڪيتريون ڏند ڪٿائون ٻڌڻ ۾ ايندیون آهن. ڪن جو چوڻ آهي ته رکڻ نالي هڪ شاهوڪار ساڻياڻي هئي، انهيءَ عورت پنهنجي قيمتي زيورن کي لکائڻ لاءِ اهو ٽل ٺهرايو هو. جو اڄ تائين گهڻي قدر سالم حالت ۾ آهي.

ڪن جو چوڻ آهي ته هن ملڪ جي ڪنهن راجا کي اولاد ڪونه هو. انهيءَ ڪري هن جي وزيرن ۽ صلاحڪارن کيس صلاح ڏني ته پنهنجي نالي قائم رکڻ لاءِ اهو استوپا تيار ڪرائي، جو هن تيار ڪرايو.

ٽيان وري اهي ماڻهو آهن، جن جو چوڻ آهي ته مير رکڻ هڪ هندو راجا هو، جو سن 1203ق.م ۾ انهيءَ ملڪ ۾ راڄ ڪندو هو. هن کي ٻه پائر هئا، جن مان هڪ جو نالو پيم ۽ ٻئي جو نالو بهمن هو. هن پنهنجو راڄ ٽن حصن ۾ ورهايو، جنهن مان جيڪو حصو سندس پلئه پيو، تنهن ۾ هن ذڪر ڪيل ٽل ٺهرايو.

مير رکڻ جو گول استوپا، اٽڪل ست فوٽ اوچو آهي. سڄو استوپا پڪين ٽلهين سرن جو ٺهيل آهي، جنهن ڪري خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو ته اهي سرون هندن جي زماني جون آهن. استوپ جي هيٺان وڏو شاهي ٽلهو ٺهيل آهي، جنهن تي هن ٻڌ ڏرمي استوپ جي اڏاوت ڪئي ويئي آهي. هيءُ استوپ پريان ائين پيو نظر اچي جڏڪ هن جون ٽي ماڙيون يا منزلون آهن. جيتوڻيڪ استوپ ايڏا ڪجهه سالم حالت ۾ آهي، پر ان جي ڇت جو ڪجهه حصو ڀڳل آهي. آسپاس رهندڙ ماڻهن جو چوڻ آهي ته ڪنهن وقت سخت برسات اچي پيئي. ڪي مسلمان، جن عيد جو ڏينهن پئي ملهايو، تن ڀڄي اچي پناه ورتي. انهن جي اندر اچڻ تي ڀت اچي هيٺ ڪري ۽ اهي

ويچارا سڀ پناه گير اتي ئي غرق ٿي ويا.

هن استوپ جي پرسان رهندڙ ڳوناڻن جو چوڻ آهي ته هڪ ڪليڪٽر انهيءَ استوپ مان مٽيءَ جو هڪ برتڻ لڌو جنهن ۾ تامي جا ٻه تواريخي پانزيب پيل هئا. ڪن ماڻهن اها ٻه خبر ڏني ته هڪ انجنيئر پڳل ڍنڍ عمارت جي تر مان ڪي مورتون لڌيون. مسٽر هينري ڪزنس جو چوڻ آهي ته جنهن وقت مان اهو استوپ ڏسڻ ويس تنهن وقت هڪ انجنيئر ويڻي کوٽائي ڪئي، جنهن کي ٻڌ پڳوان جون ڪي مورتون لڌيون، هڪ مورت ٻڌ پڳوان جي جنم جي هئي. ڳوتم ٻڌ ان وقت جائو هو ۽ ماءُ جي ڪڇ ۾ سمهيو پيو هو. انهن جي مٿان پوتر درخت هو. هڪ اهڙي ٻه مورت لڌي ويئي آهي، جنهن ۾ گوتم ٻڌ پنهنجي استريءَ کي رات جو سمهيل ڇڏي، پنهنجن محلن کي الوداع ڪري ٽو ويجي. اهي مورتون ننڍيون آهن ۽ ڇهن ستن چورس انچن کان وڌيون نه ٿينديون. اهي مورتون شايد مير رکڻ جي استوپ کي پلستر طور لڳل هونديون. باقي اهي پوڄا جي ڪم جون نظر نٿي آيون. بس مٿين شين کان سواءِ ٻيون کي ٻه اتهاسڪ شيون هٿ نه اچي سگهيون آهن. ها، مغرب جا گهڻا عالم انهيءَ راءِ جا آهن ته اهو استوپ ٻه راجا اشوڪ جي زماني يا عيسوي سنه کان اڳ جو ٺهيل آهي.

سڌ سڌيرن جو ڏڙو:

سنڌ جي نوانوي سيڪڙو ماڻهن کي هن پراچين کنڊر جي فقط نالي جي ٻه خبر نه هوندي. هيءُ کنڊر، سنڌ ۾ مکيه ٻڌ ڏرمي يادگارن مان هڪ مکيه يادگار آهي، جو ٽنڊي محمد خان ۽ ملان ڪاتيارن جي وچ ۾ آهي. جنهن وقت هن کنڊر جي خبر پراچين وستو وگيانين کي پيئي ۽ ڊاڪٽر پانڊارڪر ان کي کوٽائڻ جي ڪوشش ڪئي، تنهن وقت اول ته هن کي کوٽائي لاءِ ڪو مزور ئي نه ملي سگهيو. هتي جي آسپاس جي ماڻهن ۾ اها ڳالهه ڦهليل هئي ته انهيءَ هنڌ وڏو خزانو آهي جنهن تي هڪ واسينگ نانگ پهرو ويٺو ڏئي. انهيءَ ڊپ کان ڪوبه ماڻهو انهيءَ کنڊر جي ماڳهين ويجهو ٻه نٿي ويو. نيٺ ڊاڪٽر پانڊارڪر، ڪن مزورن کي ريهي ريبي ڪم تي چڙهڻ لاءِ تيار ڪيو. کوٽائي هلندي هن کنڊر مان ڪيتريون پراچين شيون

هٿ آيون. ودوانن جو زبردست رايو آهي تہ ميرپورخاص جي ڪاهوءَ واري ڏڙي وانگر هن هنڌ جا راجا اشوڪ، ٻڌ ڀڳوان جون ڪي هاڻيون پورايون هيون.

ڪن ڏند ڪٿائن ۾ ٻڌو ويو آهي تہ ٽنڊي محمد خان وارو اهو سڌ سڌيرن جو ڏڙو حيدرآباد جي نيرون راجا جي ڀاءُ تيار ڪرايو هو. اهو نيرون راجا اهو آهي جنهن تان حيدرآباد شهر کي نيرون ڪوٽ سڏڻ ۾ آيو.

راجا نيرون کي ڪنهن ماڻهوءَ اها ڪوڙي خبر ڏني تہ تنهنجو پائٽيو تنهنجي راڻيءَ سان ٺهيو ويٺو آهي. خبر ٻڌندي راجا نيرون باهہ ٿي ويو. هن پنهنجي پائٽي کي قتل ڪرڻ جو ايجا خيال ئي مس ڪيو تہ سندس پائٽيو ڊپ وچان قلعي مان غائب ٿي ويو ۽ انهيءَ سڌ سڌيرن جي ڏڙي وٽ اچي راجا جي ڊپ کان پاڻ کي زمين جي هڪ تهخاني ۾ لڪائي ڇڏيائين. چون ٿا تہ انهيءَ تهخاني مٿان ٽل ٺهرايو ويو. ائين بہ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو تہ راجا نيرون جي راڻي جڏهن مئي، تڏهن ان کي پنهنجي مڙس جي پائٽي جي سماڌيءَ پرسان دفن ڪيو ويو. پر هيءُ سڀ ڳالهيون ڏند ڪٿائون آهن. انهن ۾ اتهاسڪ سچائي گهٽي نظر ڪانہ ٿي اچي. ها هڪڙي نموني جون ڳالهيون هر ڪنهن ملڪ ۾ ٻڌڻ ۾ ايندیون آهن. جيروسلم ۾ بہ هڪ اتهاسڪ ٽنيو آهي، جنهن لاءِ اتي جي بادشاه ۽ سندس بيگم نسبت اها ڳالهہ هليل آهي. نيرون ڪوٽ جي راڻيءَ نسبت هيءَ ڳالهہ انهيءَ ڪري سچي سمجهڻ ۾ آئي آهي جو سندس مڙس پائٽي جي سماڌيءَ پرسان سندس لاءِ جيڪا سماڌي ٺهرائي تنهن تي سندن پريمي پڳٽين وڏو ٽل ٺهرايو جو ڪچين سرن ۽ گاري مان ٺهيل آهي.

سڌ سڌيرن جي ڏڙي جي ڪوٽائي ڪندڙن، بمبئيءَ جي رايل ايشياٽڪ سوسائٽيءَ ڏانهن بروقت لڏل ڪن مورتين نسبت هڪ نوٽ لکي موڪليو ويو. جنهن ۾ لکيل آهي تہ: "جيڪي مورتون موڪليون وڃن ٿيون، انهن ۾ هڪ ٻڌ ڀڳوان جي مورتي آهي جنهن ۾ هو پلٿي ماري ويٺو آهي. سندس مٿي جي وارن ۾ ايلفنٽا غارن ۾ ٺهرايل ٻڌ جي مورتن وانگر گهنڊيون پيل آهن. ڪمل جو گل بہ ساڻس آهي."

انهن مورتين تي لکندي مسٽر فريئر چوي ٿو تہ: "اهڙيون مورتون اسان

کي سيدپور وٽان گهٽيون ٿي مليون، جو ڳوٺ ملان ڪاتيارن ۾ ٽنڊي محمد خان جي وچ ۾ آهي. انهيءَ هنڌ، تي سڏيرن جو دڙو آهي، جتي هڪ وڏو ٽاور آهي، جوڪچين سرن جو آهي پر ان کي پڪين سرن جو به تهه ڏنل آهي. انهيءَ ٽاور نسبت پر ۾ رهندڙ ڪن ماڻهن جو اهو انومان آهي ته ڪنهن زماني ۾ اهو ٽاور، سمنڊ ۾ هلندڙ جهازن کي لائيٽ هائوس جهڙو ڪم ڏيندو هوندو. ڇاڪاڻ ته اٽڪل چار سو سال اڳ سمنڊ، گونيءَ سان لڳل هو ۽ جهاز به سيد پور تائين ايندا هئا.“

راورٽي صاحب پنهنجي ”مهران آف سنڌ“ نالي انگريزي ڪتاب جي 228 صفحي ۾ لکي ٿو ته: ”اڳي جنهن هنڌ تي ڪليلي، گونيءَ سان اچي گڏبي هئي انهيءَ هنڌ تي ڪيتري مفاصلي ۾ ويندي حيدرآباد جي گنجي ٽڪر جي ڏکڻ واري ڇيڙي تائين هڪ ڪٽل شهر ۽ ان جي ڪٽل عاليشان جڳهن جون سرون ۽ ٽڪراٽا نظر پيا اچن، جن کي ڏسندي ائين پيو معلوم ٿئي ته ڪنهن وقت هن هنڌ ڪو وڏو شهر ٻڌل هوندو.“

سنڌ جي هن پراچين کنڊرن جي کوٽائي ڪرڻ کان اڳ مٿي ذڪر ڪيل ٽاور اٽڪل ويهه فوٽ اوچو هو جنهن ۾ مٿي پيل هئي. انهيءَ ٽاور جي مٿان خوبصورت چٽيل ۽ گهڙيل پڪيون سرون به لڳل هيون، يعني ڪچين سرن جي ٽل کي پڪين سرن جو تهه آيل هو، پر پڪين سرن جو هاڻي نشان به نٿو ملي. ممڪن آهي ته انهيءَ استوپ يا ٽل جون پڪيون سرون ڪن ٽيڪيدارن، پرسان وهندڙ واه جي مرمت ۾ ڪتب آندیون هجن. ودوانن جو رايو آهي ته هن وقت جيڪا ٽاور جي ٽولهه آهي، ڪنهن وقت ان کان ٽيڻي ٽولهه هوندي.

اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته سڌ سڏيرن جي دڙي جو اهو فقط اڪيلو ٽل ڪونه هو، پر ان جي آسپاس اٽڪل هڪ ميل ۾ ڪٽل جڳهين جون ڳچ سرون ۽ ٽڪر ٽوپر پکڙيا پيا آهن، جي شايد ٻڌ ڌرمي پڪشن جون ڪنهن وقت مڙهيون هجن. مسٽر راورٽيءَ جو چوڻ آهي ته اهي ٻڌ پنڌي مڙهيون ضرور ڪنهن وڏي شهر جي ٻاهران هونديون. انهن ٽڪرن ۽ ٽوپرن جي پرسان هڪ ٽل آهي جو شايد راجا نيرون جي راڻيءَ جي سماڌي آهي. انهيءَ هنڌ تي نيرون ڪوٽ (حيدرآباد) جي راڻيءَ کي جلايو ويو هوندو. انهيءَ

انومان ڪيڙ لاءِ اها ثابتي ملي آهي جو انهيءَ سماڌ جي کوٽڻ سان ان مان رک جا هڪ ٻئي مٿان پيل ڪيترا تهه ڏنا ويا.

پراچين مندر جي جڳهه کوٽيندي ميرپورخاص جي مندر وانگر نڪي ڪي درين يا کٻڙ نظر آيا ۽ نڪي انهن مان ڪي مورتون ئي لڌيون ويون! اها ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ جهڙي آهي ته هن دڙي جو ڍنگ اهڙو ساڳيو آهي جهڙو ميرپور رکڻ ۽ ڪاهوءَ جي دڙي جو. ودوانن جو رايو آهي ته انهن ٽنهي پراچين شهرن جا ٽل ساڳين شين مان ٺاهيا ويا هوندا.

سڌ سڌيرن جي دڙي جو ٽل، ٻين اتهاسڪ ٽلن وانگر گول آهي، جنهن کي اتر ۾ هڪ پٽ آهي. ڊاڪٽر پانڊارڪر کي وشواس هو ته انهيءَ پٽ ۾ گوتم ٻڌ جون هاڻيون پوريون ويون هونديون. هن انهن هاڻين هٿ ڪرڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي پر اهي ڪين لڀي سگهيون.

ٽل جي ٽيڪ وچ ۾ هڪ کوه کوٽيل نظر اچي ٿو. ان نسبت مسٽر برٽن پنهنجي "سنڌ ريوزيٽيڊ" نالي انگريزي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته انهيءَ کوه ۽ ٻين ڪڏن نسبت مون کي ٻڌڻ ۾ آيو ته اهي مير غلام علي تالپر نالي حيدرآباد جي ڪنهن حاڪم کوٽايون هيون. هن کي ڪن ماڻهن چيو ته انهيءَ ٽل يعني استوپ ۾ اٽاه ملڪيت پوري پئي آهي، انهيءَ تي هن زمين کوٽائڻ شروع ڪئي.

سڌ سڌيرن جي دڙي ۾ سپ ڪان وڌيڪ اچرج جي شيءِ زمين جي اندرئين تهه ۾ هڪ ڊاگوبا آهي جو هڪ سماڌي يا ننڍي مقبري جي صورت ۾ آهي. هن جي اوچائي ڇهه فوٽ نو انچ آهي ۽ سڄو ڪچين سرن مان ٺهيل آهي. هن جي مٿان مٽيءَ جو پلستر لڳل آهي، جنهن کي رنگ ڏنو ويو آهي. انهيءَ ڊاگوبا کي کوٽڻ سان اندران ڪاٺ جو چورو هٿ آيو. جنهن مان اهو انومان ڪڍيو ٿو وڃي ته انهن هنڌن تي ڪو ڪاٺ جو سامان پوريو ويو هوندو.

انهيءَ ڊاگوبا نسبت ڊاڪٽر پانڊارڪر جو چوڻ آهي ته ان جي حفاظت لاءِ ڪاٺ جي ڇت ۽ ڇتي رکي وئي هوندي.

مسٽر هينري ڪرلس لکي ٿو ته مون کي شڪ آهي ته گوتم ٻڌ جون هاڻيون انهيءَ ڊاگوبا جي تري ۾ رکيون ويون هونديون، جي پوءِ ڊاڪٽر

پاندارکر کي هٿ آيون. انهن هانين تائين پهچڻ لاءِ انهيءَ ڌاگوبا جي پرسان ٻي ڳجهي ڏاکڻ هئي. اهڙي نموني جو ڌاگوبا بهاولپور رياست يعني پراچين اپر سنڌ سو وهار استوپ مان ٻه لڏو ويو آهي، جنهن مان چڪرورتي راجا ڪنشڪ جي زماني جي پتل جي هڪ اڪريل پليٽ هٿ آئي آهي. انهيءَ ڌاگوبا مان هانين جي رک سان کي سڪا، لوه جا ٽڪر، ۽ کي مٽيا ٻه هٿ آيا آهن. انهيءَ ڌاگوبا جو فرش، زمين کان ٽيهه فوٽ مٿي هو.

جهونا ڳڙهه جي بوريا استوپ ۾ گوتم ٻڌ جون هانيون انهيءَ ساڳيءَ حالت ۾ لڏيون ويون، جنهن حالت ۾ سڌ سڏيرن جي دڙي يا ڌاگوبا مان لڏيون ويون.

ڊاڪٽر پاندارکر جو رايو آهي ته سڌ سڏيرن جو اوائلي استوپ راجا ڪنشڪ جي زماني کان جهونو نه هوندو ۽ انهيءَ ڪري هن لکيو آهي ته "اهو دڙو پهرين عيسوي سنه ۾ ٺهيو هوندو."

جيڪڏهن ڊاڪٽر پاندارکر جي رائي کي وزن ٿو ڏجي ته پوءِ ميرپورخاص جي ڪاهوءَ واري دڙي ۽ مير رکڻ واري استوپ کي ٻه هيٺ ڇڪي پهرين صديءَ تي بيهارڻو پوندو. پر مان اڳيئي ڏاريل قومن جي سنڌ تي ڪاه واري بيان ۾ مضبوط دليلن سان ثابت ڪري آيو آهيان ته راجا ڪنشڪ عيسوي سنه کان اڳڪل ڏيڍ صدي کن اڳ سنڌ تي راج ڪيو.

جيڪڏهن اها ڳالهه قبول ڪئي وڃي ته سڌ سڏيرن جو دڙو نه راجا اشوڪ، پر راجا ڪنشڪ تيار ڪرايو ته پوءِ ائين چوڻو پوندو ته هن راجا سنڌ ۾ ٻه وڏا ٻڌ ڏرمي مٺ ۽ استوپ ٺهرايا، جي سدائين لاءِ سنڌ جي اتهاس ۾ سندس نالو امر ڪندا رهندا. انهن استوپن مان ٻيو استوپ مجمل التاريخ ۾ بيان ڪيل "سنوادي" استوپ آهي جنهن کي ڏيپر گهانگهري جي نالي سان سڏيو ويو. انهيءَ سنوادي عرف ڏيپر گهانگهري جي شهر ۾ عيسوي سنه کان وڃي ٻڌ ڏرمي ماڻهن جي وڏي عاليشان بستي هئي. سڌ سڏيرن جي دڙي وارو انهيءَ موقعي جو ٺهرايل آهي جنهن وقت راجا ڪنشڪ پنهنجي راڄ جي حدن ڏسڻ لاءِ سمنڊ جي ڪناري تائين اچي پهتو. هن خان خانان زا عبدالرحيم وانگر پنهنجي سير جي يادگار لاءِ ٽنڊي محمد خان جو ذڪر ڪيل سڌ سڏيرن جو استوپ ٺهرايو. ممڪن آهي هن عربي سمنڊ تائين

سير ڪندي پنجاب، بهاولپور ۾ هاڻوڪي سنڌ اندر ٻيا ب ٻڌ ڏرمي استوپ ٺهرايا هجن. راجترنگڻيءَ ۾ لکيل آهي ته راجا ڪنشڪ، هوشڪ ۽ جشڪ ڪيترائي استوپ ٺهرايا. راجا ڪنشڪ سنڌ ۾ جيڪي استوپ ٺهرايا آهن، انهن سڀني کان پشاور وارو استوپ وڏو آهي.

مشهور چيني ياتري هوئن سنگ جنهن وقت سنڌ ۾ آيو تنهن وقت سندس لکڻ موجب سنڌ اندر ٻڌ ڏرم جو هنايان فرقو زور هو. مگر ٻڌ ڏرم جي جنهن فرقي گوتم ٻڌ جون مورتون ٺهرائي انهن تي استوپ يا ٿل کڙا ڪيا، ان فرقي کي مهايان نالي سان سڏيو ٿو وڃي. ۽ اها ڳالهه ظاهر آهي ته سنڌ جا ماڻهو مهايان مان هنايان فرقي ۾ ڪن صدين کانپوءِ ئي ويا هوندا، يعني سنڌ اندر ٻڌ ڏرم جي بن مکيه جدا جدا عقيدن جي پرچار ۾ ڪي صديون گذري ويون هونديون.

مهاراجا ڪنشڪ مهايان خيالن جو هو. هيڏانهن سڌ سڏيرن جي ڏڻي مان گوتم ٻڌ جي ڏيان ۾ مگهن ۽ پلٽي ماري وينل هڪ مورتي هٿ آئي. ان کان سواءِ گوتم ٻڌ جي مورتيءَ جوهڪ سر هٿ آيو. جنهن ۾ مٿي تي گهنڊيدار وار هئا. ڪن ماڻهن جو رايو آهي ته پوئين مورتي ڪبير ديوتا جي هئي. اهي ٻئي مورتون بمبئي ميوزم ڏانهن موڪليون ويون. مٿين مورتن جي ملڻ کان پوءِ سولائيءَ سان اهو انومان ڪڍي سگهبو ته سڌ سڏيرن جي ڏڻي جو استوپ راجا ڪنشڪ ٺهرايو هوندو.

سيوهڻ:

حقيقت ۾ سيوهڻ جو شهر سنڌ جي موجوده آباد شهرن سيني کان وڏيڪ جهونو آهي. البت اهي پراچين شهر يا ڪنڌ خيال مان ڪڍي ڇڏيو. جيڪي ڇهن ستن هزارن سالن جا جهونا آهن. سيوهڻ انهن بلڪل پراچين شهرن ۾ ٻيو درجو والاري ٿو. هن شهر کي پراڻن ڪتابن ۾ جدا جدا نالن سان لکيو ويو آهي. ڪٿي هن کي سيوستان، ڪٿي شروسان، ڪٿي سدوسان، ڪٿي سادو ستان، ۽ ڪٿي سدو ستان سڏيو ويو آهي. مستر ڪننگهام ٻين ودوانن سان شامل راءِ ٽينڊي لکيو آهي. ته سيوهڻ شهر آهي جنهن کي گريڪ اتهاسڪارن سنومنا نالي سان لکيو آهي. هن يورپين مهاشيه ائين ب

لکيو آهي ته "هيءُ شهر بلڪل پراچين آهي ۽ ڪنهن وقت هتي قلعو به ٺهيل هوندو جتي هاڻي انهيءَ قلعي جا ڪنڊر ننڍي ٽڪريءَ جي صورت ۾ بيٺا آهن. پراڻي قلعي جي هنڌ تي ڪيتريون جڳهيون ڏٺيون پيون آهن، جي ڪن ايامن جون جهونيون هونديون.[12] العد رسالي نالي پارسي تاريخ ۾ سيوهڻ جو اجهو هينيون دلچسپ بيان ڏنو ويو آهي. "شروسن (سيوهڻ) پنهنجن چشمن ۽ واهن کان ڪافي مشهور آهي. هن ۾ بي حد آبادي ۽ جام ڏنڏو هلي."[13] سيوهڻ جو اهو شهر آهي جنهن ۾ نرد ئي راجا دلوراءِ جي پاڻ پناه اچي ورتي هئي. چون ٿا ته راجا دلوراءِ پنهنجي ننڍي پاڻ جي زال ۾ بري نظر رکي، انهيءَ ڪري هن ماڻهين جي سر ڪٽڻ جا منصوبا سٽڻ شروع ڪيا، جنهن کان ڊڄي سندس پاڻ سيوهڻ ۾ هليو آيو. انهيءَ پاڻ جي سماڏي ايجا تائين سيوهڻ ۾ هڪ قبر جي صورت ۾ آهي، جنهن تي ماڻهو هر ڪنهن جمع تي اچي گڏ ٿيندا آهن.

هڪ اسلامي ليکڪ جي لکيل تاريخ طاهريءَ ۾ سيوهڻ جي وسڻ نسبت وري اها عجيب ڳالهه لکي وئي آهي ته جنهن وقت راجا دلوراءِ جي ظلم سبب الور وارو درياه ڪي ويو تنهن وقت سنڌ درياه سيوهڻ جي ويجهو وهڻ لڳو ۽ ان کان پوءِ ئي سيوهڻ وسڻ شروع ڪيو. پر اهو هڪ جاهلانه گپوڙو آهي، نه ته سيوهڻ جو شهر عربن جي ڪاهه کان گهڻو گهڻو اڳ جو وسيل آهي.

سيوهڻ جي شهر کي پوئين زماني ۾ چڱي اتهاسڪ اهميت آيل آهي. محمد بن قاسم 711ع ۾ جنهن وقت هن شهر تي ڪاه ڪئي تنهن وقت فوج جي تيار هوندي به شهر ۾ رهندڙ ٻڌ ڌرمين جنگ ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ راتو رات محمد بن قاسم کي هڪ خط لکي موڪليو ته اسين خونريزيءَ جي خلاف آهيون، انهيءَ ڪري توسان جنگ نه ڪئي ويندي. اسان شهر جا دروازا کليل رکيا آهن، تون رات جو شهر ۾ داخل ٿي سگهين ٿو. انهيءَ کان پوءِ يارهين صديءَ جي شروعات ۾ محمود غزنويءَ هن شهر کي هٿ ڪيو. بعد ۾ وري همايون جنهن وقت عمرڪوٽ ۾ آيو تنهن وقت هن سيوهڻ تي ڪاهه ڪري ان کي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اوچتو پيدا ٿيل سببن ڪري هن کي هڪدم سنڌ ڇڏي ڪابل ڏانهن پڇڙو پيو. هن کان پوءِ

سندس پٽ اڪبر برابر ستن مهينن جي ڏگهي جدوجهد کان پوءِ هن شهر کي پنهنجي قبضي ۾ ڪيو.

شهر جي بنهه اتر ۾ پراٽي قلعي جو کنڊر ٻيٺو آهي. مسلمان انهيءَ قلعي کي ڪافر قلعو سڏيندا آهن، ڇاڪاڻ ته اهو قلعو مسلماني زماني کان اڳ جو ٺهيل آهي. ماڻهن جي دلين ۾ اهو خيال ويٺل آهي ته اهو قلع سڪندر بادشاه ٺهرايو. مستر برٽن لکي ٿو ته: "جنهن وقت ڪنهن ماڻهوءَ کان انهيءَ قلعي نسبت پڇا ڪريو تنهن وقت هو بنا ثابتيءَ جي وڻي اهو گپوڙو هڻندو ته انهيءَ هنڌ تي سڪندر بادشاه منزل هنئين هئي." پر قلعي جي پٽ يا ٻي اهڙي ڪابه ثابتي ڪانه ٿي ملي جنهن مان انهيءَ راءِ کي پشتي ملي سگهي.

انهيءَ کانسواءِ هن قلعي مان گريڪ جاتيءَ سان تعلق رکندڙ ڪابه اهڙي شيءِ هٿ نه اچي سگهي آهي. البت کي گريڪ سکا هٿ لڳا آهن ۽ هڪ ڏولداني يا گلداني گريڪ نموني جي هٿ آيل آهي، جنهن نسبت پوءِ معلوم ٿيو ته اها ڏولداني ڪنهن ماڻهوءَ انهيءَ ڪري هٿ سان پوري هئي ته جيئن کوٽائي ڪندڙ ماڻهن کي اها ليپي ۽ سيوهڙ جي شهر کي سڪندر بادشاهه جو شرف حاصل ٿئي!!!

قلعي جي ٻاهرين پٽ اهڙي حالت کي وڃي پهتي آهي جو هاڻي هن جو نالو نشان ٻه نظر نٿو اچي. باقي قلعي اندر جيڪي ڇڳل ڇڳهيون يا انهن جا کنڊر نظر اچن ٿا، انهن جي پيڙهين ۾ هندن جي زماني جون وڏيون ۽ ٽلهيون سرون پيون آهن، جي عيسوي سنه جي شروعات جون نظر ٿيون اچن.

هن شهر جي پراچينتا نسبت تازو مستر پيرومل مهر چند پنهنجي لکيل "سنڌ جي هندن جي تاريخ" ۾ هڪ عجيب ڳالهه لکي آهي. چي: "سيوهڙ شهر راجا اشينر جي پٽ شبيءَ وسايو جنهن ڪري هن کي شبيستان يا شو ستان ڪري سڏيندا آهن." راجا اشينر رامائڻ جي زماني يعني گهٽ ۾ گهٽ ستن اڻ هزارن سالن جو جهونو آهي. مستر پيرومل بنا خيال ڪئي شايد رڳو انومان جو ٻڌ هنيو آهي نه ته ڪيس ياد رکڻ گهرجي ته راجا اشينر جي ڪيڪئ نالي پٽ ڪيڪئ ديس وسايو جو پشاور جي ويجهو هو ۽ ٻئي شبيءَ نالي پٽ هاڻوڪو سبيءَ جو شهر وسايو. راجا اشينر اتر هندستان جو راجا هو ۽ انهيءَ ڪري سياويڪ هن جي پٽن اتر هندستان

جو ڪو غير آباد علائقو ئي وسايو هوندو نڪي هڪ راجڪمار اڪبر هليو ويو ۽ ٻيو مڪبر.

اتهاسڪ ڪوجنا مان معلوم ٿو ٿئي ته سيوهڙ جو شهر مهاپارت جي زماني کان پوءِ جو ٺهيل آهي. هيءُ جو چيو ٿو وڃي ته راجا جئدرٿ سيوهڙ جو راجا هو سو اجايو آهي. هو... سنڌ ۾ سوير ديسن جو راجا هو پر سندس گادي سيوهڙ هئي، تنهنجو ڪنهن هنڌ بہ ذڪر نٿو اچي، ۽ مهاپارت نسبت خاموش آهي.

هاڻي ڏسڻ گهرجي ته سيوهڙ جو شهر ڪڏهن ٺهيو ڪنهن ٺهرايو؟ منهنجي انومان موجب جنهن وقت سڪندر کان پوءِ هندستان تي اتر اولهه کان ڪاهون ٿيڻ شروع ٿيون تنهن وقت اتر هندستان جون، جنهن ۾ پراچين سنڌ جي اتر پاڳو اچي ٿو وڃي، ڪيتريون ڪيتري جاتيون حجرت ڪري ڏکڻ هندستان ڏانهن روانيون ٿيون. مثلا ملتان جي دلير مالو مالوا شهر، پٽنڌا جي پاٽين جيسلمير وغيره ۽ سبيءَ جي شو ڪيترين سيوهڙ اچي وسايو.

حوالا ۽ حاشيا

(1) Elliot- History of India P. 363

(1) اڄ ڪلهه جنهن ڳوٺ کي گنداوا سڏيو ٿو وڃي، شايد هيءُ شهر اهو ساڳيو پراچين ڪندابيل شهر هجي.

(2) مرزا قليچ بيگ هن شهر کي ٻڌيا ۽ هيگ صاحب ٻڌيئا لکيو آهي.

(3) Elliot- History of India P. 106
(4) Ancient Geography of India, P. 268-270
(5) Journal Royal Asiatic Society, 1, 27.
(6) IIliot History of India 1, 370.
(7) Archaelogical Reports Vol. V. P. 101.
(8) Journal Asiatic Soc. Of Bengal No. 2- 1891.
(9) Architectural Antiquities of Gujrat By Dr. Jas Burgess P. 44.
(10) Ancient Geography of India P. 264
(11) Elliot's History of India.

سنڌ جا ماڻهون، شهر ۽ وسنديون

ايم.ايچ. پنهور

پاڻر ڄمار کان نوپهٽي تائين

ڄُموپهٽي (Paleolithic) ڄمار. جنهن کي پاڻر ڄمار (Stone Age) يعني پٿر جي وکرن وارو زمانو پڻ سڏيو وڃي ٿو. پنهنجن وکرن ۽ وقت جي حوالي سان هن طرح ڦاندبي وڃي ٿي:

10 لک ـ 1 لک ورهه ق.م

اوائلي جهوپهٽي ڄمار (Early Paleolithic Age).

هن ڄمار کي پراٽي پاڻر ڄمار (Old Stone Age) يا هينين پاڻر ڄمار (Lower Stone Age) پڻ سڏيو وڃي ٿو.

1 لک ـ 40 هزار ورهه ق.م

وچين (Middle) جهوپٽي ڄمار.

هن ڄمار کي وچين (Middle) پاڻر ڄمار پڻ سڏيو وڃي ٿو.

40 هزار ـ 10 هزار ورهه ق.م

ديرائت (Late) جھوپھٽي ڄمار.

هن ڄمار کي ديرائت (Late) پاٿر ڄمار يا متئين (Upper) پاٿر ڄمار پڙ سڏيو ويڃي ٿو.

انساني سڀيتا (Human Civilization) واري زماني کي هن طرح ڦاندیو ويڃي ٿو:

- **10 هزار ـــــ 5 هزار ورهه ق.م: وچپَھٽي (Mesolithic) ڄمار.**
  (وچپھٽي ۾ وچين پاٿر ڄمار ۾ فرق کي ذهن ۾ رکڻ گھرجي.)
- **7500 ـــــ 3000 ورهه ق.م: نوپھٽي (Neolithic) ڄمار.**

3770 ورهه ق.م کان شروع: ٻنگارپھٽي (Aeneolithic) يا تاماپھٽي (Chalcolithic) ڄمار.

- **1400 ورهه ق.م کان شروع: لوهي ڄمار (Iron Age).**
  (ٻنگارپھٽي ۽ لوهي ڄمار کي پاٿر ۾ شامل نه ٿو سمجھيو ويڃي.)

ڏرتيءَ جي ڄمار جي حوالي سان وقت کي جن مُدن ۾ ورهايو ويڃي ٿو انهن مان آخري/پوئين/هلندڙ وڏي ـ مدي واپَل (Period) کي چاريت (Quaternary) سڏجي ٿو. جيڪو ٻن نسبتاً ننڍن مَدن ياپَلن (Epochs) ۾ ورهائي، پھرئين ياپَل کي جَجھرُوپ (Pleistocene)• ۽ ٻئي (پوئين، هلندڙ) ياپَل کي سَيرُوپ (Holocene)♦ سڏيو ويڃي ٿو. پوڃاڻي (Geological)♥

• ججھروپ (Pleistocene): ججه = ججھو+روپ = صورت.
Pleistos (پلئيسٽو) = ججھو + Kainos (ڪائنو) Cene (سين) = تازو (روپ). مولسڪ (mollusc) نالي جاندارن جي ملندڙ ياھٽيل (fossilized) وجودن جي حوالي سان سڏجندڙ جيڪي هن دَور جي تاڪرو پرتن ۾ جھجھيءَ ڳڻپ ۾ ملن ٿا.
جھجھروپ جي ابتدا 10 لک ورهه اڳ ٿئي ٿي ۽ 10 هزار ورهه ق.م ڌاري ختم ٿئي ٿي.
(ڪي عالم ان جي ابتدا 20 لک ۽ ڪي 70 لک ورهه اڳ مقرر ڪن ٿا.)

♦ سيروپ (Holocens): سيپ = هڻڻي، مڙيوئي+روپ = صورت.
Holos (هولو) = سيپ + Kainos (ڪائنو) Cene (سين) = تازو (روپ). آخري بارفائپ (Glaciation) يعني پوئين برفاني ڄمار (Ice Age) يا بارفي دَور (Glacial Period) سان لڳ ڀڳ ساکيات ۽ پوڃاڻي ڪئلينڈر ۾ سيپ کان پويون، تازو عرصو.
سيروپ جي ابتدا لڳ ڀڳ 10 هزار ورهه ق.م ڌاري ٿي ۽ اڄا سوڌو هلندڙ آهي.

♥ پُوڃاڻ (Geology): پو = پون، ڏرتي + ڄاڻ = علم، يعني ڏرتيءَ (يا ڏرتيءَ جي ڪل) ۽ ان جي تاريخ سان واسطيدار سُڄاڻ (Science)، جنهن سان گڏ مخصوص دَورن ۾ واسطيدار

ڪئلينڊر جي حوالي سان سيروپ پاپل (Holocene Epoch) ۾ انساني سيپتا جي حوالي سان وچپهٽي (Mesolithic) ڄمار جي ابتدائن کي پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ساکيات (Contemporary) سمجهيو ويو ٿو.)

ماڻهو (Human Being) جن ساهوارن (Livings) جانارن (Animals) جي ڏگهيءَ قطار مان اسري، اڄوڪي منهن مهانڊي، هڏ ڪاٺ ۾ ڏهني ڏات ڏاهپ کي پهتو آهي، انهن جانارن مان ڪجه جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

1. ڏاڪٽبائندر/آسٽرالوپٽيڪس (Australopithecus)

50 لک ـــــ 1 لک 20 هزار ورهه ق.م تائين موجود هو. بائندر جهڙي جانار جو هيءُ قسم مختلف نمونن جا اوائلي پاٿر وکر ڪم آڻيندڙ **ماڻوت** (Hominid، هومينڊ، ماڻهوءَ سان ڪِي قدر مشابهت رکندڙ) هو. پٿر جا قدرتي طرح ملندڙ يا نهي پيل اهڙا ڳوڙها ڳنڍا جيڪي شڪاري وکر طور ڪم آڻي سگهجن، انهن کي **ڏاڪٽبائندر** 30 لک ـــــ 10 لک ورهه اڳ تائين ڪم آڻيندو رهيو. انهن پاٿر وکرن سان گڏ ڪي هڏاوان وکر بہ سندس واهپي ۾ هئا. هو مختلف قسمن جي سوئرن ۾ هرڻن جو شڪار ڪندو ۽ هِت هُتِ (جتي کاڌ خوراڪ ۾ رهائش ممڪن ٿي سگهي) رلندو رهندو هو. هن مُدي کي پاٿر ڄمار جي باک يا باکپهٽي (Eolithic) ڄمار بہ سڏجي ٿو. ڏاڪٽبائندر جا آڳيلا (Predecessors، جيڪي اڳ ۾ ظاهر ٿيا يا آيا هجن) **راماباندر** (Ramapithecus) ۽ **اڳ پول مانس** (Pre_sinjunthropus) آهن. راماباندر جا هڏا اندين جي سوالڪ (Siwalik) ٽڪرين مان لڌا ويا ۽ 1 ڪروڙ 40 لک ورهه آڳاٽا سمجهيا وڃن ٿا، ۽ پونوار (Potwar، پونوهار) مان لڌل پاهٽيل هڏن جي ڄمار 80 لک کان 1 ڪروڙ ورهه آڳاٽي ڪٿي وئي آهي. راماباندر ۽ اڳ پول مانس وکر ڪم نہ آڻيندا هئا. ۽ گهٽي پاڳي مختلف وڻن جي نرم پاڻن، گلن، مُکڙين، ميوَن، ٻوٽن، ماکيءَ وغيره تي گذارو ڪندا هئا.

2. ماڻُو ايير/هومو اريڪٽس (Homo Erectus)

ماڻو ايير 12 لک ـــــ 10 لک ورهه اڳ تائين واري مدي دوران رهندڙ هو. ماڻو ايير واري ست ۾ هيٺ ڄاڻايل انساني قسم موجود هئا:

وڻن ٻوٽن ۾ جناورن جو ذڪر آهي.

Geo (جيو) = ڌرتي + Logos (لاگو) = علمي بحث [پوجاڻي = پوجاڻ سان واسطيدار]

جاوا ماڻهو (Java man): 5 لک 15 هزار ـــــ 3 لک 50 هزار ورهه ق.م.
پيڪن/پيڪنگ ماڻهو (Peking_man): 4 لک 50 هزار 4 لک ورهه ق.م.
ماريطاني ماڻهو (Mauritanicus_man).
هينڊلبرگ ماڻهو (Hiedelburg_man) وغيره.

اهي سڀ 3 لک ـــــ 1 لک ورهه اڳ تائين موجود هئا ۽ هٿ ٺهيا کهاڙا، ڪاٽڪ ڪٽيندڙ (Cutting) اوزار ۽ پٿر جا ننڍا ننڍا ڳنڍيا وکر طور ڪم آٽيندا هئا. انهن جي ميڃاڳ (ميڃالو+اڳيون، cerebrum، وڏو مغز. ميڃالي جو مٿيون ۽ اڳيون وڏو حصو) جو مقدار ڏاکڙباندر جي پيٽ ۾ ٻيٽو هو. سوانسڪومب (Swanscombe) ۽ ستائينهيم (Steinheim) ماڻهن (2 لک 50 هزار ورهه ق.م) جو مغزي خانو هاڻوڪي ماڻهوءَ جي مغزي خاني (کوپڙي) جيترو (15 سو ڪيوبڪ سينٽي ميٽر) هو. ماڻو اپير کان ترت پوءِ ذات ماڻو سُڌيت (Homo Sapien، هومو سئيپين) هو جيڪو 4 لک کان 1 لک 80 هزار ورهه ق.م اڳ تائين واري مدي دوران ڪيڏندو ڪڏندو رهيو. پر گهٽا ماهر سوانسڪومب ۽ ستائينهيم کي ماڻُو اپير جي جٽي ۾ ڳٽن ٿا. ماڻو اپير وٽ آڳريون ڪتب آٽڻ جي ذات، ڳالهائڻ جي سگهه ۽ سوچڻ جي سرت اسان جي پيٽ ۾ گهٽ هئي پر پڪ آهي ته سوچي سگهندو هو. هُو ڏاکڙباندر جي پيٽ ۾ سنو ۽ سڌريل وکر ناهي سگهندو هو ۽ انهن جي واهپي کان چڱي طرح واقف هو. هو باهه کان واقف ٿي چڪو هو ۽ سادڻن اوائلي ڪاٽڪ وکرن کان ترقي ڪري ان ڏاکي تي پهتو هو جو کهرو (مُڏو سُڏو) کهاڙو ناهي سگهي، جنهن جي واهر سان وڏن وڏن جانورن جو شڪار ڪري سگهندو هو. ان سان گڏ ڳالهائي باهه ٻاري سگهڻ جي ڪري شڪار لاءِ سِتا رٿي تيار ڪندو هو. مثال طور، ڪنهن گج (هاٿيءَ) جي پٺيان ۽ پاسن کان باهه ڪنهن جاتل هڪ پاسي ڊوڙايو ويندو هو جنهن پاسي وڏا وڏا پڪڙ کڏا (Pit falls) موجود هوندا هئا، جن ۾ اهو ڪِري اڙجي پوندو هو.

باهه جي واهپي جا سڀ کان آڳاتا آثار 4 لک ورهه پراڻا آهن.

3. ماڻُو سڌيت/هومو سئيپينـز (Homo Sapiens)

ماڻو سڌيت واري ست ۾ هيٺ جاڻايل انساني قسم موجود هئا:

نيئينڊرٿل ماڻهو (Neanderthal_man)

روڊيشيا ماڻهو (Rhodesia man)

ڪرومئگن ماڻهو (Cro_Magnon man)

ماڻو سڌيت 1 لک کان 35 هزار ورهه ق.م اڳ تائين موجود رهيو. جيڪي ججهروپ جي پڃاڻيءَ وارا ڏينهن هئا. هن سڌريل هٿ ڪهاڙي جهڙا وڪر ٺاهيا. ماڻو سڌيت ميڃاڻ (Cerebrum) جو مقدار 1450 ڪ.س (ڪيوبڪ سينٽي ميٽر) هو. ڳالهائڻ جي سگه سڌاري ۽ وڌائي ڇڪو قدرتي باهه واپرائڻ جو عمل جاري رکندو آيو ۽ سادو سودو اجهو جهپو جوڙي رهڻ لڳو.

وچين جهوپهڻي ۾ ماڻو سڌيت جا مثال آهن:

* اوائلي (Early) نيئينڈرٿل ماڻهو: 1 لک ـــ 70 هزار ورهه ق.م.
* ديرائت (Late) نيئينڈرٿل ماڻهو: 70 هزار ـــ 35 هزار ورهه ق.م.

نيئينڈرٿل ماڻهو ماڻو سڌيت جي پيٽ ۾ ماڻو اپير کي وڌيڪ ويجهو هو. هن کي باهه تي ڪنٽرول هو ۽ اها گهرج مهل ٻاري سگهيو ٿي. جانورن جو چَم/چوڑو سبي تنبو ۽ پٽراٽيون ٺاهي سگهندو هو. تنبوءَ کي سهارو ڏيڻ لاءِ ڪاٺ جون کي گهربل شيون بہ گهڙي سگهيو ٿي. هن جهوپا بہ ٺاهيا ٿي تہ گفائن ۾ بہ رهندو هو. هن موت کان پوءِ واري حياتيءَ ۾ پروسو رکيو ٿي ۽ هڏن تي اکر جوکم ڪري سگهندو هو.

مٿيون جهوپهڻي ماڻهو (Upper Paleolithic Man)

هو 35 هزار کان 10 هزار ق.م تائين موجود رهيو. هن بابت پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ هڪ جديد ماڻهو هو. جيڪو 15 هزار ورهه ق.م ڌاري پنهنجي انتهائي سڌريل سطح کي پهتو. هن ئي قبيلائي سرشتو• پيدا ڪيو. کي 25 هزار ورهه اڳ نيئينڈرٿل ماڻهوءَ جي جاءِ ڪرومئگنن ماڻهوءَ ولاري

• ياد رهي تہ قبيلائي سرشتي جي رواج کان اڳ واري سڃي مدي دوران انسانذات هڪ غير طبقاتي سماج ۾ گذاريندي رهي آهي، جنهن ۾ ڪو بہ معاشي، سياسي ڦورو طبقو يا ڦرجندڙ طبقو موجود نہ هو. ڌرتي ۽ ان جا خزانا سيني جي هڪ جهڙي ملڪيت هئا ۽ پورهيت پنهنجي ڪُل پورهئي جو مالڪ پاڻ هو. جيئن تہ سڃي برادريءَ جو هر فرد، جيڪو پورهيو ڪري سگهي، پورهيو ڪندڙ هو. تنهنڪري سيني جي گڏيل پورهئي جو گڏيل مالڪ برادري ئي هئي، جيڪا هر هڪ کي سندس گهرج آهر پنهنجا سمورا وسيلا مهيا ڪندي هئي. ـ **سنڌيڪار**

۾ ٿي سگهي ٿو ته هن نيئينڊرٿل ماڻهو کي ماري ڇڏيو هجي. ڪرومئگنن هاڻوڪن اينگلو_سئڪسن (Anglo_Saxon) ۽ اسڪينڊِينيويائي (Scandinavian) ماڻهن جيان هو. هن جي کوپريءَ جي گنجائش هاڻوڪن يورپي ماڻهن جيتري هئي. انهن ماڻهن مختلف گفائن ۾ تصويرون چٽيون. ڪرومئگنن ماڻهن شڪار ڪرڻ لاءِ ڪوڙڪا ۽ پکڙ ڪڏا ٺاهيا ۽ لکي گهات هڻي سگهندا هئا. هن جنن، پوتن، وهمن (وهمي، تصوراتي وجودن)، جادو، ٽوٽيم (Totem، ڪنهن قبيلي جو ان تائين محدود اهيڃاڻي، وهمي، مقدس نشان) ۽ تابو (Taboo، جن شين/ تصورن کي مقدس سمجهيو وڃي انهن بابت عقيدن وارو سرشتو) ۾ پروسو رکيو ٿي. هو هڪ سٺو فنڪار (Sculptor، نقاش، بت تراش، مجسمہ ساز) ۽ وينجهار (Engraver، سخت سطح تي اڪر ڪندڙ) هو.

ماڻهوءَ جا سڀ کان آڳاٽا وڏڙا (Ancestors) باندر_جهڙا (Ape_like) ماڻوٽ (Hominids) هئا جيڪي 200 لک ورهہ کان 40 لک ورهہ اڳ تائين واري عرصي ۾ ٿي گذريا آهن. انهيءَ باندر جهڙي ماڻوٽ جي ڃاڙيءَ جا هڏا 1930ع ۾ سوالڪ ٽڪرين مان لڌا ۽ انهن جهڙا ٻيا هڏا افريڪا ۾ ٻہ هٿ آيا. اهو ماڻوٽ يا ماڻهوءَ جهڙو اتميت (Primate، جانارن جي ان شاخ جو نالو جنهن جو آخري سرموڙ ماڻهو آهي) راماباندر سڏجي ٿو ۽ ڏاڪڻباندر جو آڳيلو (Predecessor) آهي، جنهن لاءِ پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته اُيو ٿي، ٻن پيرن تي گهمي سگهندو هو. سوالڪي (Siwaliks) جانوٽَ (جانار جهڙو هر وجود، ننڍو توٽي وڏو جيڪو ڪنهن مخصوص مدي يا علائقي ۾ ملي) سنڌ ۾ گاج ٽڪرين جي جوڙجڪ واري مدي سان ساکيات آهن. راماباندر ممڪن آهي ته سنڌ جي الهندين ٽڪرين ۽ جبلن ۾ گهميو گهتيو هجي، پر ان ايراضيءَ ۾ هن جو پاهٽ (Fossil) ملڻ هڪ پاڻ چئبو.

راماباندر جي هڪ مڪمل هينئين ڃاڙي ڪور (Kaur) ويجهو پونوار مان تازو ئي لڌي آهي، جنهن کي 1 ڪروڙ کان 80 لک ورهہ آڳاٽو چيو وڃي ٿو.

ڏاڪڻباندر جون ٻہ ذاتيون آهن: ڏاڪڻباندر ٻلوان (Australopithecus Robustus) ۽ ڏاڪڻباندر افريڪي (Australopithecus Africanus)، جنهن کي ڪجه وڌيڪ اسريل ڏاڪڻباندر ٻہ سمجهيو ويندو آهي. پهريون قسم

ڪجه وڌو هو. وڌيڪ ڪهرو (بدمزاج، اڻ گهڙيو) هو. پوريءَ طرح پاڇين تي گذارو ڪندو هو. پويون قسم قد جو ڪجه هلڪو هو ۽ گوشت تي گذارو ڪندو هو. پهريون نابود ٿي ويو ۽ وڌو امڪان آهي ته جديد ماڻهوءَ جو وڌڙو نه هو. پر ٻيو (پويون) يعني افريڪي پڪ ئي ماڻهوءَ جو وڌڙو هو. اڳيون (پهريون) پنج فوٽ ڏگهو هو ۽ وزن 140 پائونڊ هوس ۽ ٻيو (پويون) چار فوٽ ڏگهو ۽ 100 پائونڊ وزن رکندڙ هو.•

پنهنجيءَ 35 لک ورهي ارتقائي زندگيءَ ۾ گذاريل وقت جو 99.666 حصو "ماڻهو" جهنگلي پکين، ٻجن، ميون، ڪجه قسمن جي اوپڙ جي پاڻن ۽ ماکيءَ تي گذارو ڪندڙ شڪاري-ڪم-ڪاڙو ميڙيندڙ ٿي رهيو. آخري، رڳو 10 ـــــ 12 هزارن ورهن دوران هُو جانورن کي پالڻ لڳو ۽ پوکراهپ جي عمل ۾ داخل ٿيو. جن موٽ ۾ وري سندس گذارڻ جي اوائلي ڍنگ کي تبديل ڪري ڇڏيو. هو رڳو ان نندڙي مدي دوران پنهنجي اوائلي ڍنگ کي تبديل ڪري ڇڏيو. هو رڳو ان نندڙي مدي دوران پنهنجي اوائلي پاٽر، هاڏر ۽ ڪانر وکرن سان گڏ ڪي ٻيا ڏاتو ڪم آڻي سگهڻ لائق ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي جسم جي سگه سان گڏ ڪي ٻيا ڏاتو ڪم آڻي سگهڻ لائق ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي جسم جي سگه (energy) سان گڏ هڪ ٻي واڌو سگه وڌائي سگهيو.

وکر ٺاهڻ لاءِ هر قسم جو پٿر ڪم نه اچي سگهندو آهي. ڏڪندڙ جبلن مان نڪرندڙ پاڻگار (Lava، رجيل پٿرن جي ڳار) ۾ ملندڙ چقمقي اثر رکندڙ فلنٽ (flint، آڳار) پٿر ۽ اوبسيڊين (Obsidian، ڪانگار، ڪارو سڙيل پٿر)، چرٽ (Chert) ۽ ڪوارٽزيو (Quartzite) اهي پٿر آهن جيڪي وکر/اوزار ٺاهڻ لاءِ ڪم آڻبا آهن جو ته انهن جو ڦر (Blade) ٺهي سگهي ٿو (جنهن جي ڏار ٺاهڻ سولي آهي.) ڪاتڪ وکر ٺاهڻ لاءِ کهرا داڻيڪ (Granular) پٿر جيئن سماق (Granite) بيڪار آهي.

ڏاکڻبانڊر پٿريلا وکر ڪم آڻيندو هو. هڪ گولائين يا اُڀي/بيضوي پٿر کي هڪ پاسي کان ڇليو ويندو هو ته جيئن ان کي ڇهنب/چڪ/اني/چوٽي يا ڏار ٺاهي سگهجي، جيڪا گوشت ۽ پاڇين کي

• تازو ئي ڏاکڻبانڊر جي ٽين ذات بہ لڌي وئي آهي.

وڌي سگهي. سندس ناهيل وکر 35 لک ورهن ۾ انهيءَ سطح کان گهٽو مٿي اسري نه سگهيا.

ماڻو ايير انهن ڏاکڻباندر جي پيٽ ۾ کجه وڏا ۽ وڏيڪ مختلف شڪلين وارا ڪاٺڪ وکر ڪم آڻيندو هو. نه رڳو ايترو ته سندس وکر وڏيڪ سڌريل هئا پر هن جڻن جي صورت ۾، سهڪار ڪندي، گڏجي ڪم پئي ته ڪيو جيئن وڏا جهنگلي جانور ـــــ گج (هاٿي)، گينڊو، ندياڻي گهوڙو، اٽ، جهنگلي سوئر، گهوڙو، جهنگلي سانڍ (Bison)، روجهه، ڦاڙهو وغيره ماري سگهي. آخري ڏاکن ۾ هن پٿر جي ڇِلهڻن (Flakcs) مان سهڻا هٿ کهاڙا گهڙي ورتا.

ماڻو سڌيت جي سلسلي ۾ چئي سگهجي ٿو ته نيئينڈرٿل ماڻهوءَ هٿ ـ کهاڙا، آڳار پٿر جا وکر، ڇهنبدار ڇيلها (Scrapers)، ٽڪنڊي ڦر وارا چاقو، مترڪا، ننڍا هٿ کهاڙا ۽ پٿر جا ننڍا ڳنڍا ڪم آندا پئي. وچين جهوپڻي (هڪ لک کان 35 هزار ورهه ق.م تائين) ڄمار دوران ئي شڪاري طريقو سڌري مٿاهين سطح تي پهتو ۽ عام زندگيءَ ۾ رچجي ويو. شڪار ڪرڻ ۽ ڪوڙڪن ۾ ڦاسائڻ جي سلسلي ۾ ڏاڍا چيڙهالا طريقا آزمايا ويندا هئا.

مٿئين جهوپڻي ۽ نوپڻي جي وچ وارو عارضي مدو ـــــ وچپڻي ڏاکو رڳو ڪي ڏهه ورهه اڳ شروع ٿيو. هوري هوري پوکراهپ جي ابتدا ٿيڻ لڳي. شڪارين ساڻيائي اڳوٽيءَ سطح وارا وکر ڪم پئي آندا پر هڏي ۽ سگ جو واهپو وڌي ويو. تير ڪمان پوريءَ طرح اسري، سڌري چڪا هئا. مڇي مارندڙن ڪُنڊين (ونگڙن)، سُوئن، ڊوڊين/هڙهين ۽ ونجهن/ارتن (Paddles) جي واهپي مڇي مارڻ جي ڪم کي سولو ڪري ڇڏيو ۽ گولف ڪلب ڪراچي ۽ کجه ٻين علائقن ۾ ته زندگي گذارڻ جو ڍنگ ئي اهو ٿي پيو. گولف ڪلب ڪراچي ۽ نارو ٽڪرين مان مليل وکر ٻڌائن ٿا ته هيٺل سنڌ (Lower Sindh)، لاڙ جا ماڻهو گهٽي قدر ان نموني مڇيءَ تي گذارو ڪندا هئا.

پاڻر ڄماري صنعتون ۽ سنڌ ۾ انهن جا هنڌ

1975ع تائين هن موضوع تي تمام ٿورو ڪم ٿيو. تان جو برجيت آلچن (Bridget Allchin) ۽ سندس ساٿين سنڌ ۾ پاڻر جماري صنعتن (Factories) جي ووڙ شروع ڪئي. جن هنڌن تي ڳولها ڪئي وئي، اهي هئا: بکر چورلڪ (George) ويجهو روهڙي ٽڪريون، ڪوٽڏيجيءَ کان اڀائي ميل پري چنچا (Chancha) (شهنشاهه) بلوچ، ڪوٽڏيجي ويجهو ئي نواب پنجابي ڳوٺ ۽ حيدرآباد کان 25 ميل اولهه ۾ نيشنل هاءِ وي تي 101 ميل (واري نشان پرسان موجود پاڻر وکري صنعت).

روهڙي هنڌ اسان کي مٽيئين جموپهٽي مدي کان هڙپا سييتا واري مُدي ڏانهن وٺي وڃي ٿو. هڙپا سييتا جي وکر_ناهڪن (tool_makers) ٽکريءَ جو مٽيون ڪار_رگو تهه صاف ڪري چڏيو هو ته جيئن ان جي هيٺيان لڪل پٽر جي ڳڻين تي پهچي سگهن. جيڪي هلڪي رنگ وارا هئا. ڪوٽيل ۽ ڳٽو ڪيل مواد ۾ گهٽي قدر وچيان جموپهٽي (1 لک ـــ 40 هزار ورهه پراڻو) وکر ۽ ڪجه مٽيان جهوپهٽي وکر ملن ٿا. وچين جموپهٽي مُدي جا هنرمند جيڪو چرت (chert) ڪم آڻيندا هئا، اهو گهرو خاڪي (Dark_grey) هو ۽ ان ۾ سنها چٽ هئا، جڏڪ ڪريم رنگ ڳوهارو ڪيل هجي. (هڙپا ۾ به اهو ئي ملي ٿو.) هڙپا ۾ ڏنڊوڙڪ ٽلهن (Work Platforms)تان هٿ نهيا وکر ۽ ڦر ناهڻ سبب لٽل چلهڙ مليا آهن. اهي چلهڙ اهڙي ڊِزڪ ڏين ٿا جڏڪ اهي ڪنهن اهڙي پٽر جي ڳنڊي تان لٽا هجن جنهن مان چوڪنڊا ۽ ايا ڦر ناهيا ويا هجن. ڪي چلهڙ اهڙا به آهن جڏڪ پوروڇوٽ پاسن واري ڦر تان لٽا هجن، ۽ مٽيئين جموپهٽي مدي سان واسطو رکن ٿا. ممڪن آهي ته سيروپ (Holocene) دَور جا شڪاري_ڪم_ڪاڏو_ ميڙيندڙ قبيلا ڏراڙ/ياڳيا (ڏڻ_پالينڊڙ) ۽ هاري (پوک ڪندڙ) ماڻهن سان گڏوگڏ رهيا هجن جو ته روهڙي_وکر_صنعتون سجي جموپهٽي مدي تي پکڙيل آهن. روهڙي کان ڪي چار ميل پري، الور ۾ وچيان ۽ مٽيان جهوپهٽي وکر مليا آهن. وڏو امڪان آهي ته روهڙي متان سجي دنيا ۾ سپ کان وڏي پاڻر جماري صنعت جو هنڌ هجي. هن کي پنهنجو اڪيلو مثال سمجهيو وڃي ٿو. ڇو ته 4 هزار ورهه ق.م آڳاتي هڙپا دَور کان سواءِ هن قسم جو هنڌ سجيءَ دنيا ۾ ٻئي ڪنهن به علائقي ۾ نه مليو آهي.

چنچا بلوچ (پکيڙ لڳ پڳ 5000=50×100 چورس ميٽر) هنڌ تي وچين ۾ مٽئين جھوپھڙي دَور جون هٿ ٺهيون شيون ملن ٿيون، جن ۾ چگي وڏي قد وارا چرٽ جا ڳنڍيا موجود آهن ۽ انهن جو ٻاهريون چلڪو (کَل) لٽل ناهي. حقيقي ڳر/ماس (Core) کي ٿوري کان ٿورو ڪم آندو ويو آهي. ايئن ٿو لڳي ته ڪنهن وڏي ڳنڍي تان ساڳي رخ ۾ وڊ ڏيندي پرت پرت/چاپوڙو چاپوڙو ڪري لاٿو ويو هجي جيئن ڪنهن ڊبل روٽيءَ کي سلائيس (ٽڪرا) ڪرڻ لاءِ وڊ ڏنا ويندا آهن. هڙپا واري دَور ۾ وکر_ٽاهڪ هنرمند استاد ڏڪ هٿي ڦر ٽاهڻ جي فن ۾ مهارت رکندا هئا. اڻ سڌو زور لاتو ويندو هو. شايد ڪنهن هڏي يا مُڪ جھڙي مترڪي سان، جڏهن ته چلهجي ڪرندڙ چٽڙين کان بچاءَ لاءِ ڳر کي روڪيندڙ آهرڻ/سند تي ٽيڪ ڏني ويندي هئي. اهڙيءَ طرح اهي هنرمند ٿوري/هلڪي ڏڪ سان ڊگها ۽ سنها ڦر ٽاهي سگهندا هئا ۽ تيستائين بنا ڪنهن ٽوٽ فوٽ جي ڳر ڪم آڻيندا هئا جيستائين اها حد درجي جي سنهي ٽي ويجي. لڏل شين کي هنن نالن هيٺ درجيبند ڪيو ويو آهي:

- پرتائين (چلهڙ رکندڙ) ماس (Flake cores) جا ڳنڍيا.
- ڦر ماس (Blade cores) جا ڳنڍيا.
- اياڪ ڦر وارو چلهڙ لٽل ماس (Longitudinal blade core trimming flakes).
- قـرَ (Blades).
- جُھڪٽيا_اپٽيا چيلها (Concavo_convex scrapers).
- جھوڪڙ چيلها (Carinated scrapers) (پيڙيءَ جي پيٽ جھڙي چلھ ڪندڙوکر).
- چيٽيون (Burins).
- واهولا (Adzes).
- ڪرپيون (Cleavers).
- چاپڪ (چاپون، چاپوڙا ڪندڙ) وکر (Chopping tools) (ڪات).
- نوڪدار پرت (Pointed flakes).

چنچا بلوچ ويجهو نواب پنجابي ڳوٺ واري ڪارخاني ۾ ڦر ٺاهڻ واري صنعت نمايان آهي. انهن ٻنهي هنڌن (چنچا بلوچ ۽ نواب پنجابي) جو واسطو وچپهٽي ۽ نوپهٽي برادرين يعني هڙپا ۾ ٻنگارپهٽي کان آڳاٽين راهپن (ثقافتن) سان آهي.

نواب پنجابي ڪارخانو شايد ڪوٽڏيجي کي مال پهچائيندو هو. ان جا وکر هڙپائي (Harappan) وکرن جي پيٽ ۾ عمدي قسم جا آهن.

ميل 101 ڪارخانو سنوت وارو مٽاڇرو رکندڙ نعل/سُنب شڪل تڪريءَ مٽان لڳ ڀڳ اڌ چورس ميل جي ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهي. اها چرٽ وکرن جي تهه سان ڍڪي پئي آهي. انهن وکرن جي درجيبندي هن طرح ڪيل آهي:

- ٽڪوان ڳر (Discoidal cores) جا ڳنڍيا.
- اسرالوئي ڳر (Israllois cores) جا ڳنڍيا.
- گهڻ چوٽيا ڳر (Polyhedral cores) جا ڳنڍيا.
- هِڪ رُخا ڳر (Unidirectional cores) جا ڳنڍيا.
- ڦروان ماس (Blade cores).
- اياڪ ڦر وارو ڇلهڙ لٽل ماس (Longitudinal blade core trimming flakes).
- جهوڪڙ ڇيلها (Carinated scrapers).
- چاپڪ وکر (Chopping tools) (ڪات).
- هٿ ڪهاڑا (Hand axes).
- سُوئا (Points).
- (اپو ڇلهيندڙ) (Ovates).
- ٻک ڇيلها (End scrapers).
- نوڪدار ٻه پاسائون جهڪٽو ڇيلها (Beaked double concave scrapers).

هينئين جهوپهٽي مُدي وارن هٿ_ٺهين وکرن جي ڳٽپ تمام گهٽي آهي. هن هنڌ تي هينئين، وچين ۽ مٽئين جهوپهٽي، ٽنهي دَورن جا آثار ملن ٿا. ان هنڌ تي گهٽي ياڳي وچپهٽي ۽ مچي مارينڊڙ ماڻهو آباد رهيا. ساموندي

ڪناري وارو پاسو ضرور محفوظ رهيو هوندو. هن هنڌ هڙپائي سرگرميءَ جا آثار نه مليا آهن.

انهن، ذڪر ڪيل هنڌن سان گڏ ڪي ٻيا پاڻ ڄماري وڪر هنڌ ٻه هجڻ گهرجن، خاص ڪري سنڌ جي ڪوهستاني علائقي ۾، پر هن وقت تائين ان ايراضيءَ ۾ ووڙ نه ڪئي وئي آهي.

وسنديءَ وارن هنڌن تي پاڻ ڄماري جي اِيياس لاءِ آلچن (Allchin) هڪَ ٻِي ءِ سرواڻ ڪوشش ڪئي ته اهو سرچشمو ڳولي لهجي جتان ڪين وکر پهچايا پئي ويا. اهڙا ٻه چڪاسيل هنڌ هئا: گجي ويجهو ٺارو ٽڪر ءِ ڪراچي ۾ گولف ڪورس وارو هنڌ. انهن هنڌن تان لڌل وکر هئا: ڏاتا، چيلها، ٽڪوان ماس، ڦروان ماس، ايي ڦر وارا چلهڙ لڌل ماس، ڳر جون تختيون، ٻٽا مهٽيل ڦر، متبادل چلهيل ڦر، ڏند جهڙي پٽ رکندڙ ڦر، سونڌ جهڙي ڦر لڌل چٽڙيون، ٽڪندا، چوپاسوان (Trapeziums)، اَڏيون انيون (تير جون منڊيون)، اڪيلا مهٽيل سوئا، ٻٽو مهٽيل سوئا، اپٽيل سنئون چيلها ءِ چيڙيون (Burins) وغيره.

جتان اهي وکر پهتا پئي، اهو سرچشمو ووڙجي نه سگهيو آهي. انهن وکرن جو گهڻو لاڳاپو وچپهڻي ماهگير راهپن (ثقافتن) سان آهي ءِ ٿي سگهي ٿو ته ان ئي هنڌ ٺاهيا ويندا هجن يا ٿي سگهي ٿو ته وکر ماس دادو ضلعي جي ڪوهستان مان ڪنهن ٻه هنڌ تان آندو ويندو هجي. اهو وکر ماس مٽي ڄاڻايل چئني مان ڪنهن ٻه هنڌ تان نه آندو ويندو هو. موهين دڙي ءِ هڙپا واريون وسنديون روهڙي وارو آڳار (فلنٽ) ڪم آڻيندیون هيون ءِ ڪوٽڏيجي کي نواب پنجابي ڪارخاني مان مال ملندو هو. انهن راهپن کي مال پهچائڻ سان گڏ چنچا ڪارخاني، ٿي سگهي ٿو ته ٿر جي وچپهڻي برادرين کي ٻه مال پهچايو هجي جيڪو (ٿر) انهن ڏينهن ۾ وڏيڪ گهميل هو ءِ منجهس وچين جهوپهڻي دَور وارن ڏينهن ۾ ججها وڻوٽا (Plants) موجود هئا. انهن هنڌن تان ايندڙ وکر جو ٿر ۾ واهپو ٻڌائي ٿو ته هتي سماجي ءِ معاشي تنظيم ڏاڍي اوچيءَ سطح تي پهچي چڪي هئي ءِ انهن قبيلن جي وچ ۾ لڳ لاڳاپي ءِ اچ وچ جا بهترين وسيلا موجود هئا.

روهڙي توڙي چنچا بلوچ ءِ نواب پنجابي کان وکرن جي ڏوئي/ٽرانسپورٽ ٿي سگهي ٿو ته نارو_هاڪڙو_سرسوتي ندیائي سرشتي

وسيلي يا سنڌو وسيلي ٽينڊي هجي، جنهن جي پاڻيءَ جو ڪجه حصو ان زماني ۾ الور چورلڪ وٽان گذرندو هجي.

پروفيسر عبدالرؤف خان ڪوهستان جي برساتي ندين (نئن) حب، ڪڏيجي، جيراندو، نال وغيره جي مختلف ايراضين ۾ پوئين جهوپڙي دَور جا هنڌ ڳولي لڌا آهن. بدين ضلعي ۾ هاڪڙي جي ڪيٽيءَ وٽ به ڪجه پاٽر ڇماري هنڌ لڌا آهن. انهن مان ڪنهن هڪ به هنڌ کي پرڪڙ لاءِ ڪي ريڊيو ڪاربان چڪاسون نه ڪيون ويون آهن. جنهن ڪري ڪنهن به هنڌ لاءِ سن مقرر ڪرڻ ۽ ان جي درجيبندي ڪرڻ ڏکيو ڪم ٿي پيو آهي.

سنڌ جي ٽر واري ايراضيءَ ۾ وچپڙي راهپن جي موجودي ۽ انهن لاءِ چنچا بلوچ ڪان وڪرن جي پهچ سنڌ ۾ شڪاري-ڪم-ڪاڌو ميڙيندڙ قبيلن ۽ سنڌو راهپ (Indus culture) جي وچ ۾ ماڻهن جي سرگرميءَ جو نئون باب کولي ٿي. (هيل تائين اهو سمجهيو پئي ته مجموعي طرح سنڌ ۾ وچپڙي راهپ وجود نه پئي رکيو.)

اهو ڳڻيو ويو آهي ته سڄي ڌرتيءَ جي مائوٽ (Hominid) آبادي ويهه لک ورهن دوران هڪ لک فردن کان وڌيڪ نه هئي جيڪي لڳ ڀڳ سڀ آفريڪا ۾ رهندڙ هئا. ٿي لک ورهه اڳ ماڻو اپير جي برتريءَ جي ابتدا مهل اها آبادي ٽيهه لکن کان مٿي هئي. ڇهه هزار ورهه ق.م اڳ اها 865 لک هئي يعني هڪ چورس ميل ٽن کان به گهٽ ماڻهن حوالي هو. مون (ايم.ايڇ. پنهور) پنهنجي مضمون *"سنڌ جا اڳ-نوپڙي (Pre-Neolithic) ڪاڌ خوراڪ جا سرچشما"* ۾ ڪاڌو ڪيو آهي ته سنڌ ۾ 6 هزار ورهه ق.م موجود آبادي 2 لک کان مٿي هئي يعني هڪ چورس ميل ۾ لڳ ڀڳ چار ماڻهو رهندڙ هئا يعني انهن ڏينهن ۾ دنيا اندر آبادیءَ جي سراسري گهاٽائيءَ جي ٻيٽ کان وڌيڪ.

سنڌ ۾ وچپڙي جماڙ (10 هزار- 35 سَو ق.م)

سنڌ ۾ وچپڙي دَور ڇڳيءَ طرح ڄاتل نه هو. پر برجيت آلچن ۽ گونڊي (Gondie) جي تازي لکڻي *"عظيم انڊين ريگستان جو اڳ اتهاس ۽ ڀُوسَڙ"* (The Pre-history and paleography of the great Indian desert) ان تي ڇڳي روشني وجهي ٿي. روهڙي ۽ چنچا بلوچ ۾ وکري

ڪارخانا اوپرائين ريگستان يعني ٿر جي وچپھٽي ماڻھن کي وکر پھچائي رھيا ھئا. اھي وکر سڌا بارمير ۾ ان کان ب پرتي موڪليا ويا ٿي. ميل 101 واري وکري ڪارخاني ڪيٽيءَ ۾ ساموندي ڪناري تي گھٽي قدر مچي مارڻ وارا وکر پھچايا ٿي. جاھنسن (Johnson) ان خيال جو آھي تہ سنڌو ماٿر سيٻيتا (Indus valley civilization) ھيٺ سنڌ جي ايراضيءَ ۾ ڪي خال ڏيکارجن ٿا يعني ڪجه ھنڌن تي ڳوٺن، وسندين يا شھرن جي مڪمل اٽھوند ڏيکارجي ٿي. ھو سمجھي ٿو تہ اھي ايراضيون انھن ڏراڙ (Pastoral) ماڻھن واھپي ۾ آندیون ويٺي جن جي معيشت جو دارومدار جيئرو_ڏخيرو (Live_Stock) پالڻ تي ھو. اھا ڳالھ ان وسيع ايراضيءَ لاءِ وڏيڪ صحيح آھي جيڪا ھاڻي ڪوٽڙي بٺراج وسيلي آباد ڪئي وجي ٿي. ٿر ۾ ڪوھستان تہ اڄ سوڌو ڏراڙ آھن. اھي پڙتالون (Findings) سنڌ ۾ ماٿر ڄمار کي وچين يا ايجا ب ھيٺين جھوپھٽي دور تائين وڃي وجن ٿيون. سنڌ ۾ انھن ھنڌن جي کوج ھڪ نئون در کولي ڇڏيو آھي جنھن تي گھٽي تحقيق جي گھرج آھي.

پروفيسر رؤف خان مختلف ھنڌن تان ڪيترو ئي ماٿر وکري سامان گڏ ڪيو آھي جنھن جو ڪجه حصو اوائلي نوپھٽي دَور سان واسطيدار آھي. ان مواد جي درجيندي ۾ ماھرن ماران انھن ھنڌن تي اونھي جاچ وقت جي ھڪ اھم گھرج آھي.

سڀي ويجھو مھر ڳڙھ ۾ نوپھٽي ھنڌ، جيڪو 6 ھزار ورھ ق.م دَور جو آھي (سائوٿ ايشين آرڪيالاجي 1978_1979ع) آڳاٽيءَ سنڌ جي اتر_ اولھ سرحد تي مکيہ ڏيک ٿي اپريو آھي ۾ ھڪ وڏيڪ مثال آھي. سنڌ جي پيراندیءَ وارين (ڏاکڻين) ٽکين جي برساتي ندين ۾ اھڙن ئي قسمن جي مختلف ھنڌن جي موجوديءَ جا وڏا امڪان آھن.

ڊاڪٽر مغل ۾ پاڪستان ۾ آمري_ڪوٽڏيجي، موھين جو دڙو، ھڙپا، سيميٽري_ايچ، جھڪر ۾ جھانگر ھنڌن تان مليل پاٽَن (ٽڪر جو ٽانون) جي ٽڪراٽن جي وري_چڪاس (re_examination) وسيلي ظاھر ڪيو تہ اھي راھپون (ثقافتون Cultures) جن بابت ڪن ڏينھن ۾ سمجھيو ٿي ويو تہ ھڪ ٻئي جي ڪيڊ اسريون آھن ۾ ساڳيءَ ئي راھپ يعني سنڌو ماٿر راھپ جو لاڳيتو سلسلو ھيون ۾ ان اوسر جي مختلف ڏاڪن کي چٽو

ڪري ڏيکارن ٿيون ـــــ (1) اوسر وارو ڏاڪو (آمري-ڪوٽڏيجي ۾ اوائلي يا اسرندڙ سنڌو راهپ)، (2) ساماڻپ، سامائجڻ، رچجڻ وارو ڏاڪو (maturity) (موهين جو دڙو ۽ هڙپا ۾"ساماڻل سنڌو راهپ") ۽ (3) ڍهپ، نيستي وارو ڏاڪو (decline) (سيميٽري-ايچ، جمڪر ۽ جهانگر ۾ "جمرندڙ سنڌو راهپ"). انهن جا خالق ماڻهو ساڻيا ئي هئا. اهو نڪتي نظر مٿي ڄاڻايل دورن دوران مختلف لڏپلاڻن واري نظريي کي رد ڪري ٿو. هي نڪتي نظر ٻڌائي ٿو ته وڏ ۾ وڏا اها 35 سَو کان 11 سوَ ورهه ق.م تائين ايراني پوئي (Plateau) کان ساڻين قسمن جي ماڻهن يا ممڪن آهي ته ساڻي لڏي (Stock) ڄاڻهه، لچ جي ماڻهن جي هڪ لاڳيتي لڏپلاڻ آهي. سرڪار (Sarkar) جي لکڻي "بلوچستان، سنڌ ۽ پنجاب جا نسل" ڏيان لهڻي ٿي، جيڪا ٻڌائي ٿي ته گهڻن هڙپائي ماڻهن جي کوپ-ڏاڪ (Cranial Index) کوپڙيءَ جي ماپ ۽ پيٽ ڏسيندڙ انگ) ايڪهتر آهي ۽ انهن تاپ حصار (Tape Hissar) جي ماڻهن سان ساڻيائپ رکي ٿي، ۽ اهي هاڻوڪن سِکن، جَتن، جاٽن ۽ سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جي ٻين ڏيهي قبيلن جهڙا ڏيکاربا هئا. هيلپش (Hellpusch) ۽ ويسٽ پال پاران پاڪستان جي جاٽن/جتن بابت اڀياس جت برادريءَ جي درجيبندي ڪري ٿو. انهن لڏپن جي روشنيءَ ۾ ٻولي-ڄاڻو مانسڄاڻڪ ماهرن (Linguistic anthropologists) کي سنڌو جي لکيت بابت پنهنجيءَ تحقيق تي نظرثاني ڪرڻ گهرجي ڇو ته انهن انهيءَ مفروضي جي بنياد تي ڪم پئي ڪيو آهي ته سنڌو (Indus) ماڻهو دراوڙ هئا، انهيءَ ئي جٽي جي ٻولي ڳالهائيندا هئا، ۽ ان ڪري سنڌو مهرن تي موجود اهجاڻ انهن جا دراوڙي اسر سمجهي پڙهڻ گهرجن.

ايراني پوئي کان اپکنڊ (Sub_continent) ڏانهن انهن ماڻهن جي 2500 ـــــ 1100 ق.م تائين لڏپلاڻ، رگويدي آرين جي 1000 ـــــ 800 ق.م تائين لڏپلاڻ ۽ وري ٻارهين ۽ تيرهين صدين ۾ منگول لڏپلاڻ جيڪا سڄي تيرهين صدي دوران جاري رهي، وڏو امڪان آهي ته مرڪزي ايشيا ۾ آبهوا جي خشڪ ٿي پوڻ واري دَور سان لاڳاپيل هجي. (هن علاقي ۾ گذريل 10 هزار ورهَن دوران جيڪا آبهوا رهي، ان جو اڀياس ايجا ٻالجتي (infancy) ۾ آهي ۽ ان جي بنياد تي نتيجو نه ٿو ڪڍي سگهجي.) ڏکڻ يو.ايس.اي (اميريڪا) ۾ اڄ کان ساڍا 9 هزار آڳاتي تاريخ رکندڙ وٽن جي اڀياس

خشڪ دَورن جي نشاندهي ڪئي آهي. پر اها ڳالهه سڃي ڏرتيءَ بابت پڪ سان نه ٿي چئي سگهجي.

سنڌ وٽ پنهنجو پڪو پختو وچپهٽي دَور آهي پر ان تي ٻين، پوئين جهوپهٽي ۽ نوپهٽي دَورن پردو وجهي رکيو. حقيقي دَور بابت پڪو نتيجو رڳو سنڌ نه پر راجستان، لسٻيلي، قلات، سبي ۽ ڪچي ضلعن ۾ پڻ ڪچ ۽ ڪاٺياواڙ تي ٻڌل وسيع ايراضيءَ ۾ قديم آثارن جي ووڙ ڪرڻ کان پوءِ ئي ڪيڊي سگهجي ٿو.

وچ اوپر ۾ پنهنجي بڻ (Origin) کان نوپهٽي راهپ جو پکڙجڻ (1000 ـ 2300 ق.م)

نوپهٽي انقلاب بابت پروسو ڪيو وڃي ٿو ته قبل مسيح ۾ اٽين هزارين ورهه جي وچ ڌاري شروع ٿيو جيئن جرمو، جيريڪو ۽ ڪتال هيوڪ (Catal Huyuk) ۾ ڪيل کوٽاين وسيلي ظاهر ٿئي ٿو. قبل مسيح جي ڇهين هزارين ورهه جي پڇاڙي مهل (5100 ق.م) اهو انقلاب ايران ڏانهن وڌيو. وچ اوپر، ايران، بلوچستان ۽ سنڌ جي وچ ۾ نوپهٽي انقلاب جي اها شروعات هڪ ٻئي سان ٺهڪندڙ نه هئي، پر ڏاڍر ويجهو مهر ڳڙهه ۾ تازين کوٽاين هن ايراضيءَ جي نوپهٽي ڄمار کي 8 هزار ورهه ق.م تي آڻي ٻيهاريو آهي. مهر ڳڙهه بابت تفصيلي رپوٽ پڌري ٿيڻ جو اڃا انتظار آهي.

سپ کان اوائلي ڄاتل پاٽ (ٺڪر ـ ٽانو) ڪتال هيوڪ (انطوليا) لڳ ڀڳ 6800 ق.م ۽ ايران ۾ تاپ گران (Tape Guran) 6500 ق.م ڌاري پڌرا ٿين ٿا. اناجن مان ڪڻڪ جرمو (عراق) ۾ 6000 ق.م ڌاري ظاهر ٿئي ٿي جيڪا ڪڻڪ جي جهنگلي وڻڪ (variety) ڊسوڪوڊيس (Disoccuides) جي ويجهو يا ان سان ملندڙ جلندڙ آهي. ڇڪڙي (Hexaploid) ڪڻڪ 3000 ق.م کان پوءِ سنڌو ماٽر ۾ اپائي ويندي هئي ۽ ان کان هڪ هزار ورهه پوءِ چين پهتي. مهر ڳڙهه ۾ ڪڻڪ 6000 ق.م ڌاري اپائي ويندي هئي. سپ کان اوائلي جَوَ (هسپونٽانيم Hispontaneum وڻڪ) جي ڄاڻ ڪتال هيوڪ ۽ جرمو ۾ 6000 ق.م ڌاري ملي ٿي.

ڏڳي وسيلي ڪاهيو ويندڙ هَر وچ اوپر جي ڪجه حصن ۾ 300 ق.م ڌاري هلايو ويندو هو پر يورپ ۾ اهو 1500 ورهه پوءِ ظاهر ٿيو. سنڌ ۾ ان جا

اوائلي آثار 3000 ق.م ملن ٿا. جمدت نصر (عراق) ۾ 3000 ق.م ڌاري ٻاجهري ظاهر ٿي. سائنئن (چيٽو جوئر، Sorghum) جيڪو گهٽ مينهوڳيءَ واري علاقي ۾ ٿيندو آهي، تاپير (Tropical، ڪوسي ڪمربند واري) افريڪا (صحرا جي ڏکڻ) کان عرب ۽ عرب کان اپکنڊ ۾ ۽ پٽ يونوِچ (Mediteranian) سمنڊ جي ڏيهَن ۾ پهتو.

چانور ڏکڻ ۽ اوپر انديا ۾ اپايو ويندو هو جتي وڏو امڪان آهي تہ اهو 2000 ق.م ڌاري چين کان پهتو. مٽر (Field pea) ڪتال هيوڪ ۾ 6500 ق.م ڌاري ۽ جرمو (عراق) ۽ ميرند (مصر) ۾ 4500 ق.م ڌاري اپايو ويندو هو.

ڪُتا، بنيادي طرح ڳوٺاٽا رولو پروسو ڪيو ٿو وڃي تہ ٻين سپني کان اڳ ۾ هيرايل (domesticated گهريلو ڪيل) جانور آهن، توٽي جو ان بابت پڪي پڙاڃاڻي (آرڪيالاجيڪل، قديم آثارن واري) ثابتي موجود ناهي. انهن جي هيرائجڻ بابت پهرين سپ کان آڳاتي شاهدي 8400 ق.م ڌاري ملي ٿي. ريڊ پالجڻ جي شاهدي زاوي (Zawi) حڪيمي شنيدر (عراق) ۾ 8300 ق.م ۾ ملي ٿي. گڏهه پهريائين مصر ۾ گهريلو ڪيو ويو. گورخر خچر (گڏهه جو مائٽ، جهنگلي گڏهه، Onager) ڦيٽي واري گاڏي ۾ 3000 ق.م ڌاري سينگاريو ويو. اتر۔اولهائين ايشيا ۾ گهوڙو هيرايو ويو ۽ اتان اهو 2000 ۔ 1500 ق.م ڌاري يورپ ويو. ٻکري 6000 ق.م ڌاري جيريڪو، جرمو ۽ علي ڪوش (Ali Kosh) ۾ ڌارجڻ لڳي.

هيرايل سوئرن (Pigs) جي موجوديءَ جا نشان 6800 ق.م ڌاري جرمو ۽ جيرڪو ۾ ملن ٿا. ڍڳو 6000 ق.م ڌاري ڪِريٽ (Crete) ۽ يونان ۾ ۽ 5500 ق.م ڌاري خَـزستان (ايران) ۾ هيرايو ويو. اُٺ اهو آخري جانور آهي جيڪو 1300 ق.م ڌاري عرب ۾ واپرايو ويو.

ڏنل نقشو يورپ ۽ باقي ايشيا ۾ نوپهٽي راهپ جي پکڙجڻ جو عمومي خاڪو ٻڌائي ٿو. يورپ لاءِ، راهپ جي اها پکيڙ ٻن ڏاڪن ۾ ڏيکاريل آهي: پهريون 5 هزار ـــــ 4 هزار ق.م ۽ ٻيو 4 هزار ـــــ 25 سَو ق.م. توٽي جو اها وٽيءَ وٽيءَ سان 7 هزار ـــــ 6 هزار ق.م ڌاري پکڙبي رهي، جڏهن اها اوپرائين يونان ۾ اڪسگا (Akgissa) تائين، اولهائين تـرڪي ۾ هسيلار (Hacilar) ويجهو ۽ پٽ ڪريٽ (Crete) ۾ وڃي پهتي. وري 6 هزار ـــــ 5 هزار ق.م ڏاڪٽي رومانيا ۽ اترادي بلغاريہ جي ڪارپاٽين ۽ بالڪن جبلن جي وچ

۾ ڊينيوب نديءَ جي ماڻرين ۾ (ان جي ڪيڻين ۾)، بلغاريہ جي نديائي ماڻري ڪارتسا ۾ ڪرانوو تائين ۽ يوگوسلاويا ۾ مراوا ۽ واردار جي نديائي ماڻرين تائين وڃي پهتي. اها راهپ اتلي جي اولهائين سامونڊي ڪناري سلسلي جي اولهائين اڌ، ڪورسيڪا، ساردينيا، فرانس جي ڏاکڻي سامونڊي ڪناري ۽ هاڻوڪي الميريا (اسپين جي سامونڊي ڪناري) تائين پڻ وڃي پهتي. ان ۾ موراڪو ۽ الجيريا جو اترادي سامونڊي پٽو ۽ پورچوگال جو اولهائون سامونڊي ڪنارو شامل آهن.

اها راهپ 5000 ـــــ 4000 ق.م ڌاري سڄي يورپ تائين پکڙجي چڪي.

نوپهٽي ماڻهوءَ کي پوکراهپ لاءِ ٻيلا صاف ڪرڻا پيا. هن اهو ڪم خاص طرح 3000 ق.م کان پوءِ باهہ ڏيڻ ۽ پٽريلي کاڙيءَ سان ويڙ ڪرڻ وسيلي سر انجام ڏنو. سنڌ ۾ کاڙا ناهڻ لاءِ روهڙي، چنچا بلوچ، نواب پنجابي ۽ ميل 101 جو آڳار پٽر ڪم آندو ويندو هو. اهي، ماڻهو کاڻ مان آڳار کيڻ لاءِ سِگ ڪم آڻيندا هئا. شروعات ۾ مڇي مارڻ لاءِ ڊونڊي طور وٽن جا پورا، اندران کاڏل ٽڻ ڪم آڻبا هئا. ميسوپوٽاميا (عراق) ۽ ميلوها (سنڌ) جي وچ ۾ لاڳاپا تڏهن ممڪن ٿيا جڏهن ٻيڙي ناهي وئي.

ڦيٽي واريون گاڏيون وچ اوير ۾ 3000 ق.م ڌاري موجود هيون. اهي سنڌ ۾ 2500 ق.م ڌاري متعارف ڪرايون ويون.

سڀي ڳٽڻ ۽ آڻڻ جو ڪم وچ اوير ۾ 4500 ق.م ڌاري شروع ٿيو پر سنڌ ۾ ڪپهہ ڪم آندي ويندي هئي. مهر ڳڙهہ ۾ ڪپهہ جي ڀڄ (ووڻ) جي موجودي ان کان گهڻي آڳاتي 6000 ق.م ڏيکارجي ٿي. (پهريون) ڪم ايندڙ آڏاڻو (Loom) سنڌين قسم جو هو. ڪڪ جي تيلي مان ٽوڪريون/پنڊيون/ ڊهڪيون ناهڻ جو ڪم 6500 ق.م ڌاري ڪتال هيوڪ ۾ ٿيو. اتان اهو ترت ئي يورپ ۽ باقي ايشيا ۾ پکڙيو. شڪاري قبيلا ڇَم جا ٽيلها ۽ ٽوڪرا ڪم آڻيندا هئا. چم مان مختلف قسمن جي چلين ناهڻ جو ڪم ۽ انهن جو واهپو سنڌ ۾ پنجاهہ ورهہ اڳ تائين جيئرو هو. پاڻ (Pots) عام ٿيڻ کان اڳ مختلف (جانورن جا) ڪوڏ/ڪوپا/سپون ۽ پٽر جا ڪولا شيون رکڻ لاءِ پڻ ڪم ايندا هئا. ڪتال هيوڪ ۾ سڀ کان اوائلي ڄاتل پاڻن جو سن 8600 ق.م ۽ مهر ڳڙهہ وان ٽانون جو سن 5000 ق.م آهي.

نوپهڻي ٽانون کي لڳ ڀڳ گول ترو آهي ۽ چمڙي، ڪاڻ ۽ پٽر وارن پنهنجن آڱيل ٽوڪرن سان ملن جلن ٿا. نوپهڻي ماڻهن پنهنجا دائمي گهر جوڙيا جيڪي ڪن شهرن ۽ ڳوٺن جي صورت ۾ ڪوٽيل (Fortified، ڪوٽ ڏنل) هئا.

اصطلاح "نوپهڻي" راهپ/ثقافت جي خاص سطح سان لاڳو ٿئي ٿو. نه ڪي وقت جي ڪنهن ٽوس دَور سان. ان ڪري هي سن مختلف ايراضين لاءِ مختلف ٽيندو/بدلبو رهي ٿو. وچ اوپر لاءِ اهو 7500 ـــــ 3000 ق.م هو ۽ برطانيا لاءِ 3000 ـــــ 1800 ق.م. سنڌ لاءِ اهو لڳ ڀڳ 4000 ق.م هو پر مهرڳڙهه (ڏاڀر ويجهو لڪ وٽ، 500 ايڪڙ ايراضي) ۾ لڌپون (Findings) ان کي آڳاٽو ونڊ ويون آهن ۽ کيس وچ اوپر جي جيريڪو ۽ ڪتال هيوڪ جو لڳ ڀڳ همعصر ٻيهارن ٽيون. مهرڳڙهه تي تفصيلي رپورٽ جو اڃا انتظار آهي.

مهرڳڙهه بابت جيرگ ليچوالئير (Jarrige Lechevallier) پاران ڏنل امڪاني پَـلڇاڙ (Chronology، سن وار جاڙ) هن طرح آهي:

پهريون دَور: ڇهين ۽ پنجين هزار ق.م وارن ورهن جي وچ ۾:

نوپهڻي وسنديون ـــــ مقامي رهاڪو ان مهل تائين ٺڪر_ٽانو استعمال نه ڪندا هئا، پر مستطيل گهٽن ڪمرن وارن گهرن ۾ رهندا هئا. وکر ۽ اوزارَ پٽر ۽ هڏي مان ٺاهيا ويندا هئا.

همعصر راهپ: ڪلي گل محمد.

پاتن جا تمام ٿورا ٽيڪراٽا (pot shreds) لڌا آهن ۽ امڪان آهي ته پنجين هزار ق.م ڪان گهٽ ڪجه پوءِ جا آهن.

ٻيو دَور (الف):

پنجين هزارين ق.م جي پڇاڙي.

همعصر راهپ: ڪلي گل محمد_2 ۽ مندیگڪ_1 (1 ـــــ 3). چوٽين هزار ق.م ابتدا ڇڪ تي لٽل ٽانو جاميٽريڪل گُلڪاري ۽ ڪڪ ڪانن/ڪڇهر جي باهه تي پچايل هٽ ٺهيا انهن جا پاسا.

ٽيون دور:

4000 ـــــ 2500 ق.م. چڪ تي لٽل ٽانو ڪيپرِڊ پکين (Caprid birds) ۽ جاميٽريڪل گلڪاري سان چتسالي ڪيل.

همعصر راهپ: ڪلي گل محمد_2 ۽ مندیگڪ_1,3 ۽ ٽاگاءِ_الف (Togau_A).

چوٽون دَور:

چوٽين هزارين ورهن جو وچ. چڪ تي لٽل ٽڪر_ٽانو يڪرنگا ۽ گهٽ رنگا جاميٽريڪل نمونا ۽ سينگار، تيراڪوٽا (Terrocotta) زنانا عضوا. 5500 ق.م جو هڪ پراٽو سر در/امريو (Lintel) بلڪل سني حالت ۾ ملیو آهي.

همعصر راهپ: دمب سادات_1، ٽاگاءِ_ب ۽ ت، ۽ آمري_الف_1.

پنجون دَور:

چوٽين هزار ق.م جو ٽيون چوٽاڙ (2500 ـــــ 3250 ق.م). اڇي رنگ جي ڇٽن وارا ٽانوَ يڪرنگي جاميٽريڪل گلڪاري، انساني شڪليون. هن دَور جي پڇاڙي مهل پهريان خاڪي ٽانو ظاهر ٿيا.

همعصر راهپ: ٽاگاءِ ۽ مندیگڪ_2.

ڇهون دَور :

چوٽين هزار ق.م جي پڇاڙي ۽ ٽين هزار ق.م جي ابتدا. خاڪيءَ تي ڪاري رنگ وارا ٽانوَ ڪوئٽا ٽانوَ نال گهٽ رنگي ۽ پيل، انساني شڪليون ۽ لئپس لئزولي (Lapis Lazuli، ڇٽي آسماني رنگ وارو ڪجه قيمتي پٿر) رنگ چٽيل ڳاڙها ٽانوَ.

ستون دَور:

ٽين هزار ق.م جو وچ (2500 ق.م). خاڪي رنگ تي ڪاري رنگ وارا ٽانو، ديرائتو ڪوئٽا نمونو، وڏي پيماني تي انساني تصويرن جا نقش، يادگاري ٽلها، زالب (Zalib) تصويرون، ڪوٺيجي ٺيڪراتا، ڪنجهي جون ٽڪون ٻٽي وڪڙيل مٽي واريون ـــ شايد وچ ايشيا کان گهرايل ۽ نقل ڪيل، ايران کان گهرايل ترقوئز (Turquoise، ساواڻ مائل نيرو قيمتي پٿر) مڙيا ۽ مالهائون، اترائين افغانستان مان لئپس لئزولي وکر ۽ مڙيا/مالهائون.

همعصر راهپ: دمب سادات_2 يڪرنگي نال، منديگڪ_4، شهرِ سوختہ_2، ڪوٽڏيجي، آمري_2.

ڪوٽاين اهو به پڏرو ڪيو آهي تہ هن ايراضيءَ جي ماڻهن جا وچ ايشيا سان واپاري ناتا پڻ قائم هئا. مهرڳڙهہ 1739ع جي پڇاڻيءَ تائين سنڌ جو حصو هئي تان جو نادر شاهہ سبي ۾ ڪچي ضلعن کي سنڌ کان ڇڻي قلات جي خانن حوالي ڪري ڇڏيو.

سنڌ ۾ آمريءَ سان گڏ نوپهڻي جمار پوري ٿي ۽ ٻنگارپهڻي جمار شروع ٿي. مضمون سان گڏ ڏنل نقشو ٽامي ۽ ڪنجهي (ٻنگار، Bronze) جي پکيڙ کي ظاهر ڪري ٿو.

سنڌ جا شهر ۽ وسندیون

سنڌو دريائي سرشتو نہ رڳو پنهنجين ستن ڏانڻيئڪ ندين (Tributaries، پارتو/ڏاڻي، هڪ هنڌان پاڻي آڻي ٻي هنڌ پهچائيندڙ واهہ، ڪَسيون، ندیون يا نَـئيون) ـــــ **سُوات، ڪابل، جهلم، چناب، راوي، بياس ۽ ستلج** تي پر انهن سان گڏ پنهنجن اولهائن جبلن جي گهٽ جاتل ڏانيئڪ ندين/نَـئين ۾ مختلف اواولين (Avavalis) مان پاڻي آڻيندڙ **لوني** تاس جي ندين/نئين تي پڻ ٻڌل آهي.♦

اولهائن جبلن (ڪوهستان) جي ندين/نئين جو اثر اڄ به ڇٽيءَ طرح پروڙي سگهجي ٿو. اهي هر سال طوفاني ٻوڏ آڻيندیون آهن جيڪا جبلن، ٽڪرين ۽ ڪاڇي کي ڪُرڇي/ڪُرڙي رکندي آهي ۽ اهڙيءَ طرح ميداني علائقن ۾ لَٽ جو هڪ جڇو مقدار مهيا ڪندي آهي. اولهائين سنڌ ۾ مختلف قسم جي پَٿنجُن واريون ٻنيون، سڀ جو سڀ، انهن ندين/نئين جي سوکڙي آهن جيڪي ڳٽڀ ۾ ٽن ڏڻن کان به وڌيڪ ٽيندیون. اترادي سنڌ ۾ انهن مان مکيہ آهن مُولا، مزاراٽي، سِيتا ۽ گاج جن کي بلوچستان جي بولان کان به وِٽ ملي ٿو. ڪي 9_هزار کان 4_هزار ورهہ اڳ انهن ٻارهوئي وهندڙ سرشتو ٺاهي رکيو. انهن الهندين ندين پاران ذخيرو ڪيل لٽ سبب انهيءَ

♦ ڳِلگت ندي به سنڌوءَ جي هڪ مکيہ ڏانيئڪ ندي آهي. _ سنڌيڪار

سرشتي اوير ڏانهن يا اوپرائون هلڻ شروع ڪيو. اهو سرشتو سڌو سنڌوندي‌ءَ ۾ سيوهڻ مٿان ڇوڙ ڪري سگهيو پئي، پر جيئن ته سنڌوءَ جي سدا وهندڙ اولهائين شاخ لاءِ، جنهن طوفاني وسڪاري جي اوج وارن ڏينهن ۾ پاڻي‌ءَ جو تمام تکو وهڪرو ۽ گهڻو مقدار آندو پئي ۽ وٽس اولهائِين وهڪ جو رجحان هو ان ڪري بولان ڍُوهڪ (ڊرينيج) سرشتو سنڌوءَ جي مکيہ وهڪري کان ڪجه وٿيرکو رهيو. پاڻي-ڍُوهَ دوران انهن سنڌو تاس ۾ هڪُ ڇِٽو ڏڳ ۽ تراين/جهوڪن جو هڪ سلسلو ٺاهي ڇڏيو. ڳڙهي خيرو ۽ شهدادڪوٽ ۽ حمل ۽ منڇر ڏنڊن کان هيٺ واريون ترايون انهي‌ءَ وهڪ جو نتيجو آهن.

سيوهڻ هيٺان، اولهائين ٽڪرن مان مکيہ ڏانيئڪ نئيون **سن، بارال، کالو** ۽ جنگشاهي آهن. توٽي جو اهي ٻارهوئي وهندڙ ناهن پر اهي هر ٻئين ٽئين سال سنڌوءَ ۾ هڪ لک ڪيوسڪن کان ٻه وڌيڪ پاڻي ڇڏيندڙ آهن.

- **سن** شهر سنڌوءَ جي اولهائين ڪنڌي‌ءَ تي موجود آهي پر اهو شهر سنڌوءَ پاران کاڌ باوجود صدين کان تڳندو آيو آهي. سنڌو اولهہ پاسي پائي (کاڌ ڪري) نہ ٽي سگهي، رڳو ڪجه فوٽن لاءِ ئي سهي، پوءِ ته سنڌوندي‌ءَ ۾ سنَ نئن پنهنجو پاڻي ڇڏي ٽي ۽ سنڌوءَ جي پاڻي‌ءَ کي ڌِڪي وڃي پَرين‌ءَ ڪنڌي‌ءَ کي کائي ٽي.
- سنڌوءَ تي **اونگر** ويجهو باران نئن جو پڻ ساڻيو عمل جاري آهي، ۽ باران جي مهرباني جو **جهرڪ** شهر گذريل ٻن هزار ورهن دوران سنڌوءَ پاران کاڌ کان بچندو آيو آهي.
- برساتي نئيون **رود** (Rode) ۽ کالو (Kalu) ڪينجهر ڏنڊ جي سنياڻ جون ڏميوار آهن. انهن سنڌوءَ ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ڏرتي کرڙي ڪينجهر ڏنڊ واري پاڏ/هيٺاهين/ترائي تخليق ڪئي.
- جنگشاهي نئن پڻ ساڻيو ڪم ڪيو ۽ **ڪلري** ۽ هاليجي ڏنڊن واريون پاڏون تخليق ڪيون.

لونيءَ ۽ اوپر وارين ٻين نئين جو ذڪر پڻ گهٽ ڇرڪائيندڙ ناهي. انهن پُوجاڻي (Geological)، ڏرتي جي بناوت ۽ جوڙجڪ بابت علم) زمانن ۾ سنڌ جو هاڻوڪو اوپرائون رڻ ٺاهيو جنهن کي ٿر سڏيو وڃي ٿو ۽ وڏي انڊين رڻ جو حصو آهي. درشادوَتي-سرسوَتي سرشتي، اوائلي جَجهرُوپ

(Pleistocene، ججه = ججهو Pleistos + روپ، Kainos) عرصي ۾ لونيءَ ۾ ڇوڙ ڪيو ٿي. وچين ججهروپ دوران اُنَ هاڻوڪي هاڪڙو ۾ امرڪوٽ ويجهو ڇوڙ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پوئين ججهروپ دوران اُن مَڪِي-فراش-چوٽياري ڏنڊين جي سرشتي ۾ (سمنڊ ڏانهن ويندي) هاڪڙو وسيلي ڇوڙ ڪيو ٿي. ڪي 10-هزار ورهه اڳ ان بيڪانير ۽ بهاولپور کان سکر ڏانهن پنهنجو تازو وهڪرو جوڙي ورتو ۽ پوءِ هاڻوڪي ريٽي ۽ هاڪڙو يا اوپرائين نلڪي وسيلي ڪوري ڪاڙيءَ ڏانهن وهڻ شروع ڪيو. اوپر ۾ اندين رڻ ۽ اولهه ۾ ڪوهستان سبب سنڌ جو وچون حصو سنڌوءَ جي وڙ وَڪڙ وهڪ حوالي ٿيو. (هاڻوڪي) سنڌ ۾ داخل ٿيڻ مهل سنڌوءَ اڪثر ڪري پنهنجي اولهائين شاخ وهائِي ٿي. جيئن اڳ ۾ بيان ڪيل آهي، ۽ اڪثر ڪري وٽس اتر سنڌ ۾ اوپرائين شاخ نه هوندي هئي سواءِ گهٽ ۾ گهٽ گذريل 5-هزار کان 1-هزار ورهه اڳ واري عرصي دوران جڏهن اها پنهنجي اوپرائين شاخ وهائيندي هئي جيڪا الور چورلڪ (Gorge) وٽان لنگهي اوپرائين ميرواهه کان ڪوٽ ڏيجي ۽ ڏکڻ ڏانهن سنئين زمين ۾ هلي ويندي هئي.

ان جي مکيه ۽ مرڪزي وهڪ سدائين سکر جي اولهه ۾ هلندي هئي ۽ پوءِ وڪڙ ڪائي خيرپور ضلعي ۾ هاڻوڪي واهڪ کي ڪراس ڪندي اڄوڪيءَ وهڪراهه جي اوپر ۾ ڏهه پندرهن ميل پرتي وهندي هئي. سڪرنڊ جي اوپر کان اولهه ۾ اڄوڪيءَ وهڪراهه هيٺان سنڌوءَ پنهنجي ڪيٽيائي (دوآبي، Delta) جو مٿو پئي ٺاهيو ۽ عام طرح ٻه يا ٽي ڪيٽيائي ڇاڙهون ڪيندي هئي. ساموندي ڪناري ويجهو هر هڪ ڇاڙهه وري ٻن يا وڌيڪ شاخن ۾ ورهائجي ويندي هئي. سمورين گذريل صدين دوران سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندڙ مکيه ڪيٽيائي شاخن جي ڳڻپ 5-8 رهي آهي.

سنڌ جي ميدانن جي لاهي جيئن ته هر ميل تي 8-انچ آهي. ايتري ٿوري لاهيءَ جي ڪري پاڻيءَ جي وهڪري جي تيزي ايڏي ته گهٽجي وڃي ٿي جو پنجاب ۽ سرحد کان آندل لٽ، جيڪو اتي موجود ميدانن ۽ جبلن جي گهٽيءَ لاهيءَ سبب کرڻجي اچي ٿو سنڌ جي ميدانن ۾ پکڙجي وڃي ٿو. لٽ سبب سنڌوءَ جو پيٽ/تر پرپاسي جي پيٽ ۾ مٽي اُپرڻ لڳي ٿو جنهن ڪري اها نيون ڇاڙهون ڪيڏي نوان ڏڳ/راهون ونڊي وهڻ شروع ڪري ڏئي ٿي. اهي وهڪ ڏڳ/وهڪراهون پائدار نه ٿيون ٿين پر ندي جيڪڏهن ڪو

چورلڪ ٿاهي وڻي ٿي ته اها عام طرح اتي ڪيترين ئي صدين تائين قائل رهي ٿي.

سنڌ ۾ چگهيءَ طرح جاتل چورلڪ هي آهن:

- الور چورلڪ، جتان سنڌو گهٽ ۾ گهٽ 5_هزار ـــ 1_هزار ورهه اڳ تائين وهندي رهي.
- بکر چورلڪ، جتان سنڌو گذريل هڪ هزار ورهن کن کان وهي رهي آهي.
- ڪوٽڙي_حيدرآباد چورلڪ، جتان سنڌو 1758ع کان وڻي وهندي رهي آهي.
- ساموئي چورلڪ (جنگشاهي ۽ مڪلي ٽڪرين جي وچ ۾) نديءَ اتان 1333ع ۽ 1350ع جي وچ ڌاري ڪنهن وقت وهڻ ڇڏي ڏنو.
- پنيور چورلڪ (پنيور ۽ ان جي ابتي پاسي هرجنيا (Harginia) لوڻَ ڪاڻين وارين ٽڪرين جي وچان). اهو چورلڪ 325 ق.م ـــ 1228ع دوران موجود رهيو ۽ ٿي سگهي ٿو ته نديءَ اتان 1300ع ڌاري وهڻ بند ڪيو هجي.
- پير پنو چورلڪ، هن چورلڪ سنڌوءَ جي بگهاڙ شاخ جو پاڻي قديم زماني کان ۽ وري 1_هزار عيسوي کان نئيو پئي ۽ نسبتاً گهٽ اهم هو.
- اڙل نئن، جنهن سنڌوءَ جي اولهائين شاخ جو پاڻي ۽ ٽڪرين/جبلن جو پاڻي نئيو پئي، هڪ نئون ۽ دائمي منهن سيوهڻ ۽ ڀگوتوڙو ٽڪرين جي وچ ۾ ڳولي لڌو.

چورلڪَ نديءَ يا ان جي شاخن کي صدين تائين سوگهو جهلي رکن ٿا ۽ انهن هنڌن تي دائمي وسنديون آباد ٿيڻ لڳن ٿيون. وسندين سان گڏ خشڪ/ سوڪهڙيل (Arid) ايراضين ۾ پاڻيءَ جي دائمي موجودگيءَ وارن هنڌن تي پاڻي_پوڄا جا مرڪز اسرڻ لڳن ٿا جنهن ڪري اهي هنڌ مقدس/پوتر ليکجڻ ۾ اچن ٿا. اهڙن ماڳن جي جدول هيٺ ڏجي ٿي:

ڪوڊ نمبر	موجوده نالو	پاڻيءَ جو ذريعو	هلڻ جوڳو رستو	ڪچي سڙڪ	پڪي سڙڪ	ريل	هوائي اڈو	ڪشتي جو بندر	ڪيفيت
۶۰	ٻيلان نمبر ۱ (Bailan)	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ
۶۱	ٻيلان	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ
۶۲	ٻيلان	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ
۶۳	ٽلهي	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ
۶۴	سامتاڻي (Samtani)	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ
۶۵	ٻيٽ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ
۶۶	رڻ (Reti)	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ
۶۷	ڀلا هڪندي	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ
۶۸	سامارئي (Samai)	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ
۶۹	سونڌا	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ
۶۹	جوڪنڊي اجر ڪنڊي	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ
۶۹	جن (Jun)	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ
۶۹	ٻاڙي	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ	ٻ

راڄ	جا ٿيل ڪم: هڪ ڪارائي سرڪاري اداري جي موجودگي	هڪ ڪارائي صنعتي ادارو موجود هجي	هڪ ڪارائي صنعتي ادارو موجود هجي
هڪ درياهي بندر ٿاهه	ها	ها	ها
	ها	ها	ها
	ها	ها	ها
	ها	ها	ها
	ها	ها	ها
	ها	ها	ها
	ها	ها	ها
۱۰ صدين ۾ اسرو ۽ 1901ع ڪان پوءِ ختم ٿي ويو	نه	ها	نه
	ها	ها	ها
	ها	ها	ها
	ها	ها	ها
	ها	ها	ها

پاڻر ڄمار (پٿر واري دَور، Stone age) ۾ انساني وسندیون

روهڙي ٽڪرين ۾ 32_ایڪڙ ایراضيءَ تي پکڙيل پاڻر ڄماري (پٿر جي اوزارن واري) فئڪٽري (ڪم ڪرڻ جو هنڌ، جتي ڪا شَي ٺاهي وڃي، خاص ڪري مشينريءَ يا اوزارن جي مدد سان) موجود آهي. اتي ملندڙ وکرن/اوزارن جو هڪ حصو 5_لک ورهه قبل از مسيح (ق.م، عيسوي سن کان اڳ واري دَور) سان واسطو رکي ٿو پر اتي اهڙا پٿريلا وکر به ملیا آهن جيڪي پوئين پاڻر دَور جي اوزارن (35_هزار کان 10_هزارن ورهه ق.م) ۾ پِـتَـپَـهڻي (Microlithic، پٿر جي نفيس، نازڪ ۽ سَنهن) اوزارن (10_هزار کان 2_هزار 5_سَو ورهه ق.م) سان واسطو رکن ٿا.

انهيءَ زماني جا وکر ڪوٽ ڏيجي ويجهو اتي جي ٽڪرين ۾، ابن شاهه (Uban_Shah)، چنچا (شهنشاهه) بلوچ (Chanchar Baloch) ۽ انـڙ ڪيت (Unar Farm) وٽ پڻ ملیا آهن.

وکرن جو هڪ نيارو ڊير، جنهن ۾ مچي مارڻ جا اوزار به شامل آهن، حيدرآباد_ٺٽي روڊ تي حيدرآباد کان ڪي 25_ميل پري هڪ ٽاڪرو چوٽيءَ تي به ملیا آهن. انهن سيني ماڳن وٽ ملیل وکرن مان ڪي اهڙا پٽڀهڻي وکر به آهن جيڪي 10_هزار ق.م کان پوءِ ڦهڻ شروع ٿيا، ۽ ٽامي جي وکرن واري عرصي تائين، 'سنڌو ثقافت دَور' دوران ڦهندا رهيا.

سنڌ ۾ انساني وسندیون (6_هزار 5_سَو ق.م ــ 3_هزار 5_سَو ق.م)

دائمي انساني وَسندیون پوکراهپ (زراعت) جي ابتدا سان گڏ سِڀي جي ڏکڻ_اولهه ۾ ڏهن ميلن جي مفاصلي تي مهر ڳڙهه وٽ بولان نديءَ جي ڪناري تي سايا ڇهه هزار ورهه ق.م ڏاري وجود ۾ اچڻ لڳيون. بولان ندي انهن ڏينهن ۾ 'سنڌ ڇنڀڻ' منجهان منجر ڏنڊ ڏانهن ۽ پوءِ اڀل نئن وسيلي سنڌو نديءَ ۾ وهندي هئي. منجر ڏانهن بولان جو آڳاتو وهڪرو ڪيترين ئي وسندين/ماڳن جو هڪ سلسلو ڏيکاري ٿو جن جي ايجا سوڌو کوٽائي نه ٿي آهي، پر اهي پنهنجي دَور ۾ انساني وسندين جي نشاندهي ڪن ٿا. اهو سلسلو (هاڻوڪي) سنڌ (جي ايراضيءَ) ۾ هليو اچي ٿو.

اسرندڙ سنڌو ثقافت وارا ماڳ (آمري دَور، اوائلي سنڌو وسنديون يا اوائلي انساني وسنديون) (3_هزار 5_سَو ورهه ق.م)

آمري اڙل نئن تي هڪ مکيه وَسندي آهي جيڪا الهندي ٽڪرين کان منڇر جو پاڻي سنڌو نديءَ ۾ آڻي ٿي. ان جا ساڳيات (همعصر، ساڳيلا، ساکيات) ماڳ بولان_منڇر وهڪري تي علي مراد، ٽنڈو رحيم خان، غازي شاهه، شاهه حسين ۽ سيوهڙ آهن.

منڇر ڍنڍ، پنهنجي سر شڪارين جي جنت، گهٽو آڳاٽو ماڻهن جي واهپي هيٺ آئي. منجهس ڪي 2_سَو ڪن مڇين جون جنسون هيون ۽ ان تي 12 کان وڌيڪ قسمن جا لاڏائو/پرڏيهي پکي (سياري ۾ سائبيريا ۽ سُويت يونين جي ٻين ڍنڍن تان) ايندڙ هئا.

مکيه وسنديون (3_هزار ق.م ــ 2300 ق.م)

ڪوٽ ڏيجي، هڪ مکيه وسندي، **الور چورلڪ** منجهان وهندڙ سنڌوءَ جي هڪ وڏي اوپرائين وهڪري تي آباد هئي.

ساماڻل/رچيل سنڌو ثقافت وارا ماڳ (2300 ق.م ــ 1650 ق.م)

رچيل سنڌو ثقافت وارن ماڳن جي نمائندگي **مُهين جو دڙو** (موهن جو دڙو) ڪري ٿو. مهين جي دڙي سان ساڳيات ماڳن کي درجيبندي ڪندي رچيل يا **ساماڻل سنڌو ثقافت** (mature) جي سري هيٺ رکيو وڃي ٿو. ساماڻل سنڌو ثقافت وارا ماڳ سنڌوءَ جي وڻن وهڪرن ۽ شاخن تي هيٺ ڄاڻايل هنڌن وٽ موجود هئا:

- جُونِڙو (Juniro) جو دڙو (بلوچستان ۾، بولان_منڇر وهڪ مٿان) ۽ لائيم (Lime ؟) جو دڙو (سنڌوءَ جي اولهائين وهڪري مٿان).
- وِنجروٽ (دِرشادوَتي_سرسوَتي_هاڪڙو سرشتي مٿان).
- مُهين جو دڙو، لوهم جو دڙو ۽ چانهو_دڙو (اترادي سنڌ ۾ سنڌوءَ جي وڏي وهڪري مٿان).
- پانڊي واهي، علي مراد، ٽنڈو رحيم، غازي شاهه، شاهه حسين، سيوهڙ ۽ آمري (سنڌو ڏانهن بولان_منڇر_اڙل وهڪ مٿان).
- ڪوٽ ڏيجي (الور چورلڪ منجهان وهندڙ سنڌو جي اوپرائين وهڪري/شاخ مٿان).

- پوکران (Pokran)، ٽئنگ (Taung)، کجور (Khjur)، شاهه جو ڪوٽڙيو عارب جو ٽاڻو عثمان بُني، جهانگاري (؟، Jhangari) ۽ ڊِسو (Diso) سنڌوءَ جي باران ڏانيئڪ ندين مٿان.
- نوهٽو (Nohoto) سنڌوءَ جي درشادوتي-سرسوتي-هاڪڙو وهڪ مٿان.

۽ ٻيا ڪيترائي اڀ-ڦولهيل ماڳ ريڀي-هاڪڙو (درشادوتي-سرسوتي) مٿان (سکر ۽ خيرپور ضلعن ۾).

جُهرندڙ/پُرندڙ/ڊهندڙ سنڌو ثقافت (1650 ق.م کان پوءِ)

- جُهڪر، سنڌوءَ مٿان.
- جهانگري، منچر ڍنڍ مٿان.

سنڌ ۾ وسندیون 500 ق.م- 200 ق.م

- الور، سنڌوءَ جي اوپرائين وهڪري مٿان الور چورلڪ وٽ ۽ ميوزيڪانَس (Musicanus) جي گادي.
- ماهوتا، سنڌوءَ جي وڏي/مکيه وهڪري مٿان.
- پاتل (Patala، پٽالہ) (برهمڻ آباد) جنهن کي پاڻني جي جوڙيل سنسڪرت گرامر ۾ برهمنڪا سڏيل آهي، سنڌوءَ جي اوپرائين ڪناري تي آباد هو.
- سکر، جنهن کي پاڻني سَڪَرَ (Sakara) سڏيو آهي، سنڌوءَ جي وڏي وهڪري مٿان.
- اليگزينڊرس هِيوِن (Alexender's Heaven، سڪندر جي جنت) (پنيور يا باربريڪان) سنڌوءَ جي اولهائين ڪيٽيائي شاخ مٿان.
- سيوهڙ، بولان-منچر-اڀل ڊوهڪ مٿان اڀل تي.

سنڌ ۾ وسندیون، 200 ق.م ـ 100ع

- الور، سنڌوءَ جي اوپرائين شاخ تي الور چورلڪ مٿان.
- سئدومن (Sadoman، سيوهڙ)، سنڌوءَ جي ڏانيتي اڀل نئن تي.
- مينا ڳڙهه (Minnagara) يا پاتل (Patala، پٽالہ؟) يا بيناڳڙهه (Binagarah)، سنڌوءَ جي ڪيٽيائي اوپرائين شاخ تي.

- باربريڪان (Babarikan، پنيور)، سنڌوءَ جي ڪيٽيائي اولهائين شاخ تي.
- هاڻوڪي عربي سمنڊ کي انهن ڏينهن ۾ ايريٿرين (ڳاڙهيتو ڳاڙهسرو، Erythrean) سمنڊ سڏيو ويندو هو.
- رني ڪوٽ ميداني ۾ دريائي ڪاهه کان بچڻ لاءِ سنڌوءَ جي اولهه ۾ 35_ ميل پري ناهيو ويو.

سنڌوءَ جي اولهائين شاخ ۾ بولان_منجر_اڙل وهڪ مٿان موجود شهر، 100ع _ 750ع

ليمُو جو ڏڙو، ليلا جي ماڙي، پانڊي واهي، سِسَم (Sisam، شاهه حسن)، ٽنڊو رحيم، غازي شاهه، علي مراد، سيوهڻ، ڏامراهو ۾ ماهوٽا.

- الور چورلڪ مان لنگهندڙ سنڌوءَ جي اوپرائين شاخ مٿان ٻڌل شهر: لِيڪاٽي (Likani)، ماٽيلو هاڪڙا، ڪداسر (Kadasur) ۾ ڪوٽ ڏيجي.
- سنڌوءَ جي وڏي/مکيه شاخ مٿان ٻڌل شهر: سَڪر (سکر)، درٻيلو ٽل مير رکڻ، ڪوٽ لالُو، ڏيپر گهانگهرو ۾ برهمڻ آباد.
- سنڌوءَ جي ڪيٽيائي اوپرائين شاخ يا اوپرائين پراڻ مٿان ٻڌل شهر: ڏاليا/ڏَليا (؟، Dhaliya، ميرپور خاص).
- هاڪڙي تي (ستلج کان سنڌو ڏانهن چلڪندڙ پاڻي مٿان) ٻڌل شهر: ونجروٽ، ٿير (Ther)، امر ڪوٽ ۾ نئون ڪوٽ.
- سنڌوءَ جي ڪيٽيائي اولهائين شاخ مٿان ٻڌل شهر: سڏيرن جو ڏڙو، راوڙ (Rawar)، ٻڌ جو ٽڪر، ڪيڙ ڪوٽ (Kirrkot)، شاهه حسين (؟، Shah Hussain)، ڻري گجو، پير پٿو، جهرڪ ۾ نيرون (نيرون جي وسنديءَ جو هنڌ حيدرآباد نہ ٿو ٿي سگهي، پر حيدرآباد کان ڪي 10_15 ميل ڏکڻ طرف ۾ ٽنڊو محمد خان پريان گنجي ٽڪر واري ٽاڪرو سلسلي ۾ ان جي ڏاکڻي پاسي سندس پيراندي‌ءَ وٽ هوندو).
- باران ڏوهڪ سرشتي مٿان ٻڌل شهر: تٽنگ، پوڪران، جهانگر ۾ دوسي (؟، Dosi يا شايد 'ڏِسو' Diso!). عربي سمنڊ کي 'بحرِ فارس' (پارسي سمنڊ) سڏيو ويندو هو.

تالمي (Pitolemy) پنهنجي نقشي ۾ جيڪي ڏگهائي ۽ ويڪرائي ڪاڪون ڄاڻايون آهن ۽ انهن تي ٻڌل جن شهرن جو ذڪر ڪيو آهي انهن کي نظر ۾ رکندي ممڪن طرح هيٺ ڄاڻايل نالا درست ٻيهن ٿا:

تالمي پاران ڄاڻايل	اڄوڪو ممڪن نالو
اسِيگراما (Asigramma)	اُڇ
پَئسِيپيبدا	سيوهڙ
پئرسي (Parise، پارِز)	سنڌ جو ڪوهستان
اوسڪانا	ماهوٽا (؟، آگزيڪاٽس)
مسرنا (Musarna)	ميوزيڪانا/ميوسڪاڙ (ميوزيڪانَس جو ڏيهه)
بِنگاگر (Bingagara، بنگا ڳڙهه)	الور
ڪامي ڳڙهه (Kamigara)	الور جي اتر ۾ ندي
ڪلاڪا/ڪالڪا (Kalaka)	ڪروڪَلا (Karokala، اَبن شاهه)
بَرِيبَري (Baribari) /باربيرئي (Barbarei)	باربريڪان (پنيور) ۽ ديبل 300ع ڪان اڳ تائين
آرِندا (Aurinda)	ونجروٽ
پسڪا (Piska)	ڏامراهو ۾ ٻوڌي استوپا
پيتلين (Patalene، پٽالِيني)	سنڌو ڪيٽي (Delta، دوآبو)
آربِيتا (Arbita)	ڪيرٿر جابلو سلسلو
سِيراسترِين (Sirastrene)	سنڌ جي ڪاڙي (Creek) يعني هاڻوڪو ڪڇ جو ورڻ
انڈو_سِٿيا (Indo_Scythia)	سنڌ (ملتان تائين)
پاتل (Patal، پٽالہ؟)	برهمڻ آباد
نَدي (پَسِيپيبدا جي ڏکڻ ۾)	اڇل

باربريڪان حقيقت ۾ 100ع ڌاري سُسڻ لڳو هوندو. ان جا سبب واپاري هوائن (Trade Winds، ٽريڊ ونڊس = ڏکڻ_اوپر ۽ اتر_اوپر ڪان اَڌوڙڪ يعني خط استوا ڏانهن گُهلندڙ تيز هوائون) جي ڪوجنا ۽ ڳاڙهي

(Red) سمنڊ کان انڊيا• جي سامونڊي ڪنارن تي بندرگاهن ڏانهن سڌو واپار آهن. ساساني سلطنت جي اوسر سان گڏ ۾ باربريڪان ۾ پارسي يهودين جي آبادڪاريءَ جي ڪري ان هڪ پيرو وري اهميت ماڻي ورتي ـــــ باربريڪان رستي سنڌ سان واپار چال ڏئي وڌيو. باربريڪان کي هاڻي ديبل نالو مليو جيڪو يهودين پاران گڏجي پوڄا ڪرڻ (Synogoue) واري هنڌ/عبادتگاهه يا ديول (Dewal) جي پنيان پيو. سنڌ جي نار (Gulf) تي پارِي نگر (Parinagar) جي ننڍڙي بندرگاهه رستي ٿر کان برآمد سبب ۽ سنڌ سان واپار وڌيو. انهيءَ واپار جي مکيه وڻن ۾ گھٽو ڪري لوڻ، جيڪو پاري نگر ويجهو لوڻ جي ڪاٽين مان نڪرندو هو ۽ ٿر ۽ ڪوهستان مان ڍڳا، اٺ، رڍون ۽ ٻڪريون ۽ سنڌ جي ميداني علائقي مان ڪپهه، ڏاڳو/سُٽ، چانور، نيل ۽ تيلي ٻج شامل هئا. ايران ڏانهن ڪنڊ هڪ دوا طور برآمد ڪئي ويندي هئي. سنڌ ۾ وسيع پکڙيل مذهب ٻڌمت هو ۽ ٿر جي ڏکڻ-اوپر حصي ۾ جَينمَت (Jainism) واپار جي ڪري واپاري طبقي ۾ سُک وڌيو جنهن ڪري ان ٻوڌي استوپا ۽ جين ڏيوڙ ٺهرائڻ ۾ دلچسپي ورتي. سنڌ جي نار تي، جنهن کي لُوني ندي مان پاڻي پوڻ ملندو هو، ويراواهه ۽ ننگرپارکر پوڻ ڦلاريا. سنڌوندیءَ جي ڪيٽيءَ/دوآبي/ڊيلٽا جو سرو 500ع ڏاري هاڻوڪي شهدادپور جي ويجهو هو ۽ ايستائين سنڌوءَ جي نسبتاً پائدار وهڪري جي نتيجي ۾ ڪيترائي نوان نگر/شهر ٻڌجڻ لڳا. ڪيٽيائي اويرائين شاخ تي ڏيپر چانگريو (جهول)، برهمڻ آباد، ڏَلِيا (ميرپورخاص استوپا) ۽ نئون ڪوٽ ايري آيا. ڪيٽيائي وچين شاخ تي، جيڪا انهن ڏينهن ۾ سنڌوءَ جي وڏي/مکيه شاخ (وهڪرو) پوڻ هئي، اڏيرو لال، نصرپور ۽ راوڙ ٺهيا. ڪيٽيائي اولهائين شاخ جهرڪ ويجهو وهندي ۽ ڪينجهر ڍنڍ کي پاڻي پيارينديِ هئي. ان تي مکيه شهر جِهم (هاڻوڪو جهمپير)، گجو ۽ ديبل هئا.

499ع ـ 700ع

• انڊيا، انڊين، انڊوس، انڊس، هندو هندي وغيره لفظ هڪ حد تائين منجهائيندڙ آهن. انهن مان 'انڊس' کان سواءِ باقي سيني لفظن جو مطلب ڪڏهن 'هند' ۽ 'هندي' آهي تہ ڪڏهن 'سنڌ' ۽ 'سنڌي' ۽ ڪڏهن تہ مورڳو سڄو اُپکنڊ ۽ ان جا رهواسي، جنهن ۾ بنگال، سرون، نيپال ۽ هاڻوڪو پارت ۽ پاڪستان سڀ شامل آهن.

منچر ڍانهن ويندڙ سنڌوءَ جي اولهائين شاخ تي اهم شهر ڏامراهو هو. ونجروٽ، ماٽيلو ۽ ڊِبڙبرب ڏيٺاري (Dribh Dethari) هاڪڙي مٽان موجود هئا جيڪا سڪل هئي پر سنڌوءَ ۾ ستلج جو ڇُلڪيل پاڻي پيئندي هئي. ٻاڦروڙ (بغرور، Baghrur) الور ويجهو ننڍڙي وسندي هئي ۽ الور چورلڪ مان وهندڙ سنڌوءَ جي اوپرائين شاخ جي پاڻيءَ تي پاڙيندي هئي.

هينئين سنڌ ۾، 700ع ڏاري، سنڌوءَ جي وهڪراهن ۾ تبديليءَ سبب هينئين سنڌ جا ڪيترائي مکيہ شهر تباهہ ٿي ويا، ۽ جيڪڏهن تڳي سگهيا بہ تہ ڪِين جهڙين وسندين صورت ۾. **نئون ڪوٽ، ڈلیا** (ڊالي؟)، **نيرون ڪوٽ، جهرڪ ۽ سڏيرن جي دڙو** جو نصيب اجهو اهو هو.

700ع ـ 1000ع

850ع ڏاري، سنڌونديءَ هڪ ڀيرو وري پنهنجا پير جمائي ورتا ۽ سنڌ جي پوکراهپي/زرعي (ايگرِيڪلچرل) معيشت لاءِ ڏاڍي ٻاجه پري ٿي پئي. سنڌوءَ جو وڏو/مکيہ وهڪرو لڳ ڀڳ 1000ع تائين الور چورلڪ مان وهندو رهيو. جڏهن اهو بکر چورلڪ مان وهڻ لڳو تڏهن ٻاڦروڙ (بغرور، روهڙي) ۽ بکر/سکر جي اهميت وڌائي ڇڏي. سنڌونديءَ جي اولهائين شاخ، جيڪا بيگاري واهہ جي سنوت ۾ ڦٽي نڪرندي ۽ سنڌ جي هيناهين/ماڙي ڍانهن وهندي هئي، ۽ اها شڪارپور ضلعي ۾ رستم ويجهو پڻ هڪ ڇاڙهہ ڪيندي هئي (جيڪا اولهائين ناري سان سيڌ ۾ وهندي هئي) ۽ ڳڪڑِ ويجهو پنهنجي ماتا شاخ سان ملي منچر ڍنڍ ڍانهن هلندي هئي. وڏي شاخ (سنڌوءَ جو مرڪزي وهڪرو) بکر چورلڪ ڇڏڻ کان پوءِ ڏل مير رکڻ ۽ ڪلريءَ کي سينگاريندي هاڻوڪي نواب شاهہ انجنيئرنگ ڪاليج ويجهو هاڻوڪي نواب شاهہ جي اولهہ ۾ لنگهندي هئي. هوءَ پنهنجي هڪ ڇاڙهہ/لام ڪنڊياري کان سعيد ڍانهن هاڻوڪي روهڙي ڪئنال جي سيڌ ۾ اولهہ پاسي پڻ ڪيندي هئي.

ڏاکڻي سنڌ ۾ ڪيٽيائي اوپرائين شاخ ڏل مير رکڻ جي اتر ۾ وهندي هئي ۽ برهمڻ آباد ان جي اولهہ ۾ هئي. اها اوپرائين **پراڻ** ۾ ويجي پوري ٽيندي هئي. مکيہ شاخ جهرڪ جي اوپر ۾ لڳ ڀڳ ٽيهن ميلن تي ٻن حصن ۾ ورهائبي هئي ۽ ان جي اولهائين ڪيٽيائي شاخ **گجو** ۽ ديبل ويجهو

لنگهندي هئي. اهڙيءَ طرح سنڌوءَ جي ڪيترين ئي شاخن زراعتي اپار آندو ۽ سک مهيا ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ **هبارين** جي خودمختياريءَ لاءِ راهه هموار ڪئي.

10_صدي عيسوي جا شهر، ابن هوقل ۽ اصطخري موجب سندن بيهڪ:

10_صديءَ جي عربن چَواڻي- نالو	هاڻوڪو نالو
سدوسن (Sadusan)	سيوهڙ
ال_رور (Al_rur)	الور
ڪلري (Kalari)	ديهه ڪلري (نواب شاهه ضلعي) ۾ موجود آثار
منصوره (8_صدي ۾ عربن نئون نالو رکيو)	برهمڻ آباد
نيرون	(نيرون بابت اڳ ذڪر ڪيل آهي)
بحرِ فارس	عربي سمنڊ
بانيا (Bania يا بائزه، Baiza)	ڪاهُو ڏڙو جا آثار يا ڏلپا ڪنڊر
مَنجابَاري (Manjbari)	منگهو پير
ديبل	ڀنيور
جِهم	جهمپير

1000ع ـ 1500ع

ڏهين صديءَ کان تيرهين صديءَ جي پڇاڻيءَ تائين سنڌونديءَ برهمڻ آباد جي ويجهو ۽ ان جي هيٺان گهٽ ۾ گهٽ ٽي پيرا پنهنجي وهڪراهه بدلائي، جو ته سومرن کي پنهنجي گادي ٺري (Thari، تعلقي ماتلي ۾ ڪنڊر) ڏانهن، محمد تور (Tur، جاتي جي اتر ۾ 5_ميل پري موجود ڪنڊر) ڏانهن ۽ نٽي ڏانهن پنهنجي گادي بدلائڻي پئي. برهمڻ آباد کي 1026ع ۾ محمود غزنيءَ ساڙائي ڇڏيو ۽ ان کان پوءِ اڄ تائين ويران آهي.

ڊيبل کي 1226ع ۾ خوارزم شاهه ساڙايو ۽ اهو ئي حشر پاري نگر جو ڪيو ويو. هاڪڙي ڏانهن ڇُلڪي، جَرَ ٽي ايندڙ پاڻي پڻ گهٽجي ويو ۽ ونجروٽ واري وسندي ٽي وئي.

هينئين سنڌ ۾ انهن 500 ورهن دوران پاڻِيئائِي (Hydrological) تبديلين ڪيترين ئي ننڍڙين شاخن کي واهي ڇڏيو جنهن ڪري چانورن جي پوکيءَ ۽ مڇيءَ جي پالنا تي پاڙيندڙ نيون وسنديون وجود ۾ آيون. هڪ هزار کان وڌيڪ اهڙين وسندين جي پروڙ اٽڪون ۽ انهن جي ڄاڻ *پاڪستان آرڪيالاجي_8* ۾ ڏنل آهي.

سنڌوءَ جي اولهائين شاخ تي، اترادي سنڌ ۾، سومرن جي جاناڻي (Janani، جناني؟) جهڙو سهڻو شهر ظاهر ٿيو جيڪو وارهه تعلقي جي ساڳي نالي واري ديهه ۾ موجود آهي.

سنڌوءَ جي وڏي ۽ مرڪزي شاخ/وهڪري راڌڻ سامهون ڇاڙهه ڪڍي، جنهن مها (Maha) ڍنڍ مان وهندي ڳڪڙ، باغبان، ڦاڪا (Phaka)، پانَ، سامتياڻي، ريل (Rel) ۽ آراضي وارو دڳ ورتو ۽ سيوهڻ ۽ ٽلٽيءَ جي وچ ۾ هڪ وسيع ڍنڍ خلقيندي ٻيهر وجي سنڌوءَ سان ملي. هن شاخ ميهڙ، خيرپور ناٿن شاهه ۽ دادو تعلقن ۽ سيوهڻ تعلقي جي اوپرائين حصن کي سنڌ ۾ چوڏهين ۽ پندرهين صدين دوران انتهائي مڪيه ايراضيءَ طور سڏاريو.

1300ع ڌاري هينئين سنڌ ۾ سنڌوءَ جي اولهائين ڪيٽيائي شاخ ڪلري واهه جي سيڌ ۾ پنهنجو وهڪرو بند ڪري ڇڏيو ۽ اهڙيءَ طرح ان تي موجود ساموئي وسندي ويران ٿي وئي.

ڊيبل ڦِٽي ويو ۽ ان جي بدران نئون بندر لاهري (Lahri) اسري آيو. سنڌو جو نار (گلف) سُڪي ويو ۽ ان کان پوءِ ڪچ جو رڻ سڌجڻ ۾ آيو. برهمڻ آباد ۽ الور اڳ ئي، يارهين صديءَ جي ابتدا کان ونِي ڦِٽي پَنَ ٽي چڪا هئا، ۽ افسانوي دَلُو راءِ جي غلطڪارين سبب انهن جي تباهيءَ بابت لوڪ ڪٿائون ٺهڻ شروع ٿي ويون هيون.

گلاڻ ڪوٽ ٺٽي سان گڏ شايد چوڏهين صديءَ ۾ ناهيو ويو.

شاهه ڪپور (محمد تور) کي سنڌونديءَ جي ڪيٽيائي شاخ گنگرو (Gungro) شايد 13_صديءَ جي وچ ڌاري (1351ع ۾) بند ڪري ڇڏيو.

جاناٽي اڳ ئي تباهه ٿي چڪو هو. ان کي سَمن ساڙايو جن سومرن کي هٽائڻ لاءِ تشدد ڪيو هو.

1500ع ـ 1550ع جون وسنديون

ڪا خاص تبديلي نه ٿي سواءِ ان جي، ته سنڌوندیءَ جي وڏي شاخ (مرڪزي وهڪري)، جنهن راڌڻ سامهون درٻيلي جي اتر ۾ وڏو وڪڙ/ڪڙو ناهيو هو، گذريل صديءَ ۾ مکيه وهڪراهه/وڏي/مرڪزي وهڪراهه ٻڌجي پئي هئي، ڇو ته نديءَ راڌڻ سامهون آمري ڏانهن پنهنجو وڏو وهڪرو بند ڪري ڇڏيو هو.

پاٽ، آراضي ۽ بختيارپور جهڙا شهر جيڪي اڳ ۾ ساڄي ڪپ تي هئا، هاڻي کاٻي ڪپ تي ٿي ٻيا. پراڻي وهڪراهه جا آثار هاڻي مها، سيتا رود (Sitaro)، جوکپري، پير گُهيجو/گهنيو (گهجو) ۽ ٽلتي ڏينڊن جو سلسلو چٽا ڪري ٿو. ان جي ڪري هاڻي ميهڙ، ڪڙ، دادو ۽ سيوهڻ حويلي ۽ ڪيٽيائي ايراضيءَ ۾ ريٽ (Ren) شاخ تي بدين (چاچڪان، Chachkan) سنڌ ۾ مکيه ۽ ستابيون ايراضيون ٿي ٻيون.

1550ع ـ 1700ع، ننڍڙي برف ـ ڇمار (The Little Ice Age)

هيءُ ننڍڙي برف ـ ڇمار جو عرصو آهي جنهن دوران هماليه جبلن ۾ برف رجڻ جو عمل نه رڳو 15ـ30 ڏينهن (؟) دير ٿي ويو پر پاٽيءَ جو مقدار به گهٽجي ويو. آبڪلاني/چاڙهه/ٻوڏ جي مند پڻ دير ٿي وئي جنهن ڪري ندیءَ ۾ پاٽيءَ جو اوچو وهڪرو پڻ گهٽجي ويو. ان ڪري ندي پنهنجي وهڪراهه تبديل نه ڪري سگهي سواءِ ان جي ته درٻيلي مٿان ندیءَ جو وڏو وڪڙ/ڪڙو 1542ع کان ترت پوءِ بند ٿي ويو. کي به نوان شهر نه اسريا، پوک گهٽجي وئي، ننڍيون وسنديون ويران ٿي ويون، وڏيون وسنديون آبادیءَ ۽ ويڪر/پکيڙ ۾ گهٽجي ويون، ڏڪار اچي منهن ڪيو ۽ هر هر ٽيڻ لڳا. مکيه وسنديون جُهريل حالت ۾ ئي تڳي سگهيون.

مقامي قبيلا پنهنجي پنهنجي ٿَرن ۾ خودمختيار ٽيڻ لڳا ۽ ان ڪري جيڪي اهم شهر انهيءَ عرصي ۾ اسريا، اهي هئا: شڪارپور ضلعي ۾ شڪارپور شهر، خيرپور ناٿن شاهه ۾ گهاڙي (Ghari) ۽ باغبان پرڳڻي ۾ شڪارپور، جنهن کي 1701ع ۾ نئون نالو خدا آباد ڏنو ويو.

اهي نيون وسنديون ان ڪري اسريون جو سنڌوءَ جا ڪي مکيہ پراڻا ڏورا/ ڦاٽ واهن ۾ بدلجي ويا. گهاڙ شاخ تي 16_صديءَ جي وسندي لاڙڪاڻو ان جو مثال آهي.

يورپي واپار وسيع ٿيو ۽ پورچوگيزن، انگريزن، ڊچن ۽ فرينچن سان واپار ڪندڙ مرڪز ڪلارجڻ ۽ پکڙجڻ لڳا. اهڙا واپاري مرڪز هٿا سکر، روهڙي، درٻيلو، سيوهڻ، بوبڪ، نصرپور، ٺٽو، جهرڪ، هالا ۽ لاهري بندر (جتي پورچوگيزن هڪ قلعو ۽ هڪ چرچ/ڪليسا جوڙيا).

لاهري بندر پنهنجا هنڌ (ڪجه قدر) تبديل ڪيا ۽ 16_صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري هڪ نئون **اورنگا بندر** (اورنگزيب جي نالي پٺيان) جوڙيو ويو. ان جي جهمار پڙ ٿورڙي ٽي ۽ شاهہ بندر ان تي ڇانئجي ويو.

1701ع ـ 1758ع ۾ وسنديون

ننڍڙي برف_جهمار دوران هيءُ ٽپاڙ (ڪوسائپ، Warming) جو عرصو هو ۽ ڪلهوڙن آبپاشي هيٺ (پيڇارڪ، Irrigation) ايراضيءَ کي ڏهن لکن کان وڌائي 21_لک ايڪڙن تي پڇايو. آبادي 15_لکن کان وڌي 30_لکن کي پهتي. نوان شهر جيئن: شهدادڪوٽ، قنبر، وارهہ، ميهڙ، ناٽن شاهہ، ميرپور خاص، خدا آباد نئين (هالا ويجهو)، شهدادپور، نوشهروفيروز، ٽري (Thari، ٽرڙي؟) فتح ڳڙهہ (جيڪب آباد)، جوهي، دوست علي، رتن (رتو) ديرو، وگڙ وغيره اسري آيا. دادو تعلقي واري شڪارپور کي نئون نالو خدا آباد ڏنو ويو ۽ سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي گادي مقرر ڪيو ويو. انهيءَ عرصي ۾ ٻيا جيڪي شهر قائم ٿيا، اهي هٿا: خيرپور (مِيرس)، پريا، سَدُوتا (Saduta) مورو، ڪنهيرا (Khunhera، ڪونهارو؟)، سڪرنڊ ۽ ٽنڊو آدم.

1758ع ـ 1843ع ۾ وسنديون

1758ع ۾ سنڌوءَ جي وڏي شاخ (وڏي وهڪري) هالا ويجهو پنهنجي وهڪراهہ بدلائي جيڪا گذريل لڳ ڀڳ پنجن صدين کان جاري هئي ۽ اهڙيءَ طرح ان تي موجود پراڻن شهرن کي ويران ڪري ڇڏيو. انهن مان ڪي مکيہ شهر هي آهن: اڏيرو لال، نصرپور، شيخ پرکيو، تاجپور، اڪهم، ٺري، جُوٽ (June) فتح باغ، تلتي (Talti، ؟)، تلهار ۽ بدين. ان جي اولهائين ڪيتيائي شاخ تي جهوڪ، بٺورو، پير پٺو، شاهہ بندر، ٺٽو ڪلان ڪوٽ ۽

ساکرو هئا. اهي شهر ڪجه گهٽ اهم ٿي ٽڳندا آيا آهن. نئين وهڪراهه هاڻوڪي جي سيڊ ۾ حيدرآباد، ڪوٽڙي چورلڪ منجهان ٿهي. ان تي نوان شهر اسريا ۽ ڪن آڳاٽن پڻ اهميت ماڻي. حيدرآباد، ڪيٽي بندر، سجاول، ٽنڊو محمد خان نيون وسنديون هيون ۽ پراڻين وسندين جهڙوڪ ٻيڌپور ۽ سونڊا نئين سر اهميت ماڻي. حيدرآباد سنڌ جي نئين گادي وڏي اوج کي وڃي پهتي. نئون ديرو، لکي، جوڻي ديرو (Junidero) ۽ ڳڙهي خيرو اهميت حاصل ڪري ورتي.

جيئن ته هالا جي ڏکڻ ۾ هڪ لک ايڪڙ زمين بندش هيٺ اچي وئي ان ڪري ٻارهين کان پندرهين صديءَ جون ننڍيون وسنديون (يعني هينئين سنڌ ۾ سما-سومرا وسنديون) وڏيءَ ڳٽپ ۾ رتباهه ٿي ويون. هينئين سنڌ ۾ قبيلن وڏي بغاوت ڪئي ۽ سياسي انڌا ڏنڊ پيدا ٿي پيو. جنهن جي نتيجي ۾ ٽالپر اسري آيا جن بندش هيٺ آيل زمين کي آبپاشي هيٺ آڻڻ لاءِ واهه کوٽايا ۽ پاڻ ان جا مالڪ ٿي ويهي رهيا. نيون ٽالپر-بلوچ وسنديون، جن کي عام طرح ٽنڊو سڏيو ويندو آهي، اسري آيون. ٽنڊو مري، ٽنڊو الهيار، ٽنڊو ڄام، ميرپور خاص، ٽنڊو باگو، ٽنڊو محمد خان، ٽنڊو غلام علي ۽ ٽنڊو قيصر انهيءَ تبديليءَ جو نتيجو آهن ۽ انهيءَ عرصي سان تعلق رکن ٿا. ريٽ ندي‌ءَ کي ڪليلي شاخ، جنهن کي پوءِ ڪليلي واهه ۾ بدلايو ويو، مان پاڻي ملندو هو.

ندي سدائين ٻيڙن جي اڇ وڇ لاءِ ڪم ايندي رهي آهي ۽ ندي‌ءَ ڪناري مناسب مٿاهن هنڌن تي موجود درياٸي بندر ڪلاربا رهيا آهن. جيڪڏهن اهي ڪاڇي ويندا آهن ته ساڳي نالي واري نئين وسندي ساڳي مقصد لاءِ ويجهڙ واري مٿاهين هنڌ تي آباد ٿي ويندي آهي. مانجهند، ٻُڌا پور ۽ انڙ پور اهي شهر آهن جيڪي تي يا چار پيرا ختم ٿيا ۽ وري اسريا.

پوڪ هيٺ ايراضي 22-لک ايڪڙن مان گهٽجي وڃي 9-لک ايڪڙ بيني ۽ حڪمران گهراٽا ۽ بلوچ سردار جيڪي زمين جا مالڪ هئا، جيئن ته وراثتي طرح آبادگار/پوڪ ڪندڙ نه هئا، انهن پوڪي راهي تي ڏيان نه ڏنو ۽ عام ماڻهن جانور-پالنا تي زور رکيو. ٽر ۽ ڪوهستان جون ايراضيون ان مقصد لاءِ ڪم اچڻ لڳيون ۽ وسنديون انهن ٻن ايراضين ۾ اسرڻ لڳيون. خوش قسمتيءَ سان اسان جي آڏو 1855ع جو سنڌ بابت تفصيلي نقشو موجود آهي (اسڪيل 480، 1:504) جيڪو ندي‌ءَ ڪناري تي بندرن ۽ پتڻ

طور موجود وسندين سان گڏ ٿر ۾ ڪوهستان جي ڪيترين ئي ننڍين وسندين جي نشاندهي ڪري ٿو. لست ڏاڍي دلچسپ آهي. 1843ع ۾ سڌو سنڌوءَ مان پاڻي ڪڍي ويندڙ واهن جي ڳڻپ ئي 729 هئي. انهن واهن جي سري وٽ بند موجود هئا ۽ اهڙيءَ طرح ڪن به بن واهن جي وچ ۾ پڻ هو. انهن بندرن تي ننڍيون عمارتي صنعتون ۽ گدام اسريا. سومرن جيان تالپر دَور جو هڪ مکيه پهلو حيدرآباد هيٺان هينين سنڌ ۾ وسندين جو واڌارو ٿيڻ هو جتي اهي واهن مٿان رچنديون ويون ۽ وٽن جانور-پالنا لاءِ وسيع ايراضي هئي جيڪا کين ڏنارپ/ڏراڙپ (Pastoralism) ڏانهن ونئي وئي.

1850ع ـ 1960ع دوران سنڌ ۾ وسنديون

1860ع کان پوءِ، جڏهن برطانيا نوان واهه کوٽائڻ ۽ وڌائڻ شروع ڪيا، وسندين جو رنگ ڍنگ بدلجڻ شروع ٿيو. ايندڙ چاليهن ورهن دوران آبپاشي/ پيڃاري (Irrigation) هيٺ زمين 1843ع جي پيٽ ۾ ٽيڀي ۽ 1955ع تائين ان جي به ٻيڻ ٿي وئي. 1910ع تائين سنڌ جي آبادي ٻيڻ ٿي ۽ 1843ع جي پيٽ ۾ ٽيڻ هئي. پيڃاري هيٺ ايراضين ۾ وسندين جي ان واڌ ۽ ٿر ۽ ڪوهستان کان سنڌ جي ميداني علاقن ڏانهن لڏپلاڻ ۾ تيزيءَ سبب اتي ڏَڻ-پالنا ۾ ڪوٽ ٿي.

ريل-راهون (Railways)/ريلويز وڃائڻ سبب وسندين جي ڍنگ ۾ تبديلي

ريلراهون اڇ-وڇ/ڳنڍيڇ جي سرشتي لاءِ انقلاب آڻيندڙ هيون. سنڌ جي مختلف حصن ۾ ريل گاڏين جي هلڻ جون تاريخون، هيٺ جدول ۾ ڏجن ٿيون:

تاريخ	ريلراهه جو ٽڪرو	ڊيگه
13-مئي 1861ع	ڪراچي سِٽي - ڪوٽڙي	104.90 ميل
1-آڪٽوبر 1878ع	راڏڻ - رڪ	64.14 ميل
1-آڪٽوبر 1878ع	سکر - حبيب ڪوٽ	5.125 ميل

8_آڪٽوبر 1878ع	ڪوٽڙي_لکي تيرٿ (اڄ ڪلهه ساهه بندر)	75.52 ميل
27_آڪٽوبر 1878ع	لکي _ راڌڻ	(؟) ميل
2_مئي 1880ع	حبيب ڪوٽ **(ايم 22.79 يعني شڪارپور کان سبي)**	128.53 ميل
27_مارچ 1889ع	روهڙي _ سکر (لئنڊسڊائون پل جو ڪلڙ)	2.67 ميل
16_جون 1889ع	ڪياماڙي _ ڪراچي سِٽي	3.06 ميل
1889ع	روهڙي کان پنو عاقل ۽ اڳتي ريتي وٽان لوڏران_2 پنجاب ڏانهن	(؟) ميل
18_آگسٽ 1882ع	حيدرآباد _ شادي پلي	54.97 ميل
25_مئي 1890ع	**ڪوٽڙي_حيدرآباد (سنڌوءَ تي ڪوٽڙي پل جي تڪميل)**	5.29 ميل
22_ڊسمبر 1890ع	شادي پل_ڪوڪڙا پار ۽ سنڌ_راجستان سرحد	69.00 ميل
15_نومبر 1898ع	ڏيٿا _ روهڙي	180.70 ميل
15_آگسٽ 1904ع	حيدرآباد — بدين	61.75 ميل
18_اپريل 1909ع	جمڙائو _ جهڏو	49.96 ميل
28_مارچ 1910ع	حيدرآباد _ ڏيٿا	(؟) ميل
1_جنوري 1912ع	ميرپور خاص _ ڪڏڙو (Khadro)	49.43 ميل
1_ڊسمبر 1914ع	جيڪب آباد_ڪشمور (12_آڪٽوبر 1956ع تي ويڪري پٽي ۾ بدلائي وئي)	75.52 ميل
20_مئي 1930ع	پڊ عيدن _ ٺارو شاهه ۽ محراب پور	43.77 ميل
10_ڊسمبر 1931ع	ٽنڊو آدم _ سڪرنڊ ۽ نواب شاهه	54.05 ميل
10_آڪٽوبر 1931ع	سڪرنڊ _ ٺارو شاهه	64.11 ميل

1_جُون 1935ع	جهڏو _ بنورو	30.60 ميل
20_نومبر 1939ع	ڪڏڙو _ نواب شاهه	30.60 ميل
29_جولاءِ 1940ع	لاڙڪاڻو _ جيڪب آباد	83.98 ميل
16_اپريل 1946ع	رڪ _ حبيب ڪوٽ	4.93 ميل
16_اپريل 1946ع	حبيب ڪوٽ _ روهڙي، پنو عاقل	30.47 ميل

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ريلراهه ۾ ڪا به ترقي نه ٿي، توڙي جو پي وڏي جنگ کان پوءِ وارين رڻائن ۾ برطانيا سرڪار جنگشاهي_نٿو_سجاول، جاتي بدين رهمڪي بازار_نگر پارڪر، ڇوڙ_ڇاڇرو_مٺي_ڏيپلو_نگر پارڪر ۽ دادو_جوهي_قنبر جي وچ ۾ ريلراهون وڇائڻ جو پروگرام به جوڙي رکيو هو.

جدول جي تياري لاءِ ڪم آندل مواد: (1) جاهن برٽن (1812_1899ع) جي ڊائري، ڪئمبرج 1939ع، (2) پاڪستان ريلوي جي تاريخ 31_مارچ 1945ع تائين درست ڪيل، لاهور 1950ع، (3) سنڌ رائيٽ بئنڪ فِيبر ريلويز، لاهور 1929ع، (4) انڊين ريلويز جي تاريخ 31_مارچ 1945ع تائين درست ڪيل، نئين دِهلي 1946ع، (5) سِنڊل ريلوي ڪمپني جي تاريخ جرنل آف سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي تان ورتل آهي.

مٿي ڄاڻايل ريلـراهن وسندين جي رنگ ڍنگ کي صفا بدلائي ڇڏيو. توڙي جو اهي ريلراهون ندیءَ جي ٻنهي پاسي گهٽ ۾ گهٽ ڏهن ميلن جي وٿيءَ تي موجود هيون ۽ ٻوڏ کان بچاءَ وارن بندن سنڌوءَ جي سالياني ٻوڏ کان ندیءَ جي ٻنهي پاسي ريلراهن ۽ وسندين کي تحفظ ڏنو پئي، تنهن هوندي به درياهه رستي واپار ترت ئي گهٽجي ويو ۽ ڪيترائي دريائي بندر، سواءِ انهن جي جيڪي ريلراهه تي استيشنون به هئا، 1900ع کان به گهٽو اڳ برباد ٿي ويا. ڪوٽڙي، سکر، روهڙي، نئون ڳوٺ (ڪليلي ريلراهه استيشن ويجهو)، سَن، مانجهند، آمري، سيوهڻ، لَکِي ۽ ڪشمور ريلراهه استيشنون هئڻ سان گڏوگڏ دريائي بندر به هئا. نئون ڳوٺ ۽ ڪليلي جي وچ ۾ ريلراهه پهرين وڏي جنگ (1914_1917ع) دوران هٽائي وئي ۽ اهو اهم واپاري مرڪز ڏهن ورهن ۾ ئي ڄُهري ويڇي هڪ غير اهم وسنديءَ جي درجي کي رسيو.

پيڇارڪ سرشتو وسندين جا رنگ ڍنگ بدلائي ٿو

پيڇارڪ سرشتي جي واڌ ۾ پڪيڙ پڻ نيون وسنديون ۽ اهم شهر ٺاهيا. برطانيا سرڪار هيٺ صوبائي انتظاميا کي اَٺ مَرڪزائي تعلقي سطح تي آندو ويو. **ميرپور خاص رياست** جي ستن تعلقن سان گڏ سنڌ ۾ 65 تعلقا هئا. تعلقي مُکگهرن (هيڈڪوارٽرس) ۾ اسڪول موجود هئا جيڪي مڈل اسڪول سطح يا مَٽرِيڪيوليشن سطح تائين تعليم ڏيندا هئا. انهن ۾ ٽپال ۽ ٽيليگرام آفيسون، اسپتالون، ويمَ گهر، ڪِرمنل (Criminal) ڏوهارين لاءِ) ڪورٽون ۽ ڪِن ۾ ته سِوِل (Civil) شهري يا سماجي مسئلن لاءِ) ڪورٽون به موجود هيون. انهن مان هر هڪ ۾ مقامي خود-حڪومتون جيئن ميونسپالٽيون ۽ نوٽيفائيڊ ايريا ڪاميٽيز (Notified Area Committees) پڻ موجود هيون. اهڙيءَ طرح اهي اقتدار/طاقت جا ننڍڙا مرڪز ٿي پيا ۽ واپار، عمارتي صنعت، چانورن جي ڇَڙهه ۽ آتي-پِيهائي جون مِلون هٽڻ لاءِ ڪشش ڪرڻ لڳا. ڪن ۾ ڪپهه ٽاڻڻ جو مِلون هيون. اهي پڻ ويجهڙ وارين ريلراهه اسٽيشنن سان مٿاهين زميني سطح تي ٺاهيل روڊن وسيلي ڳنڍيل هيون. انهن وسندين جو رنگ ڍنگ ئي بدلائي ڇڏيو ۽ ڳوناٽين ايراضين لاءِ پڻ واپار ۽ تعليم جا مرڪز ٿي پيا.

سڌاريل روڊَ

سڌاريل روڊ/رستا پڻ برطانوين جو هڪ ٻيو تحفو هئا. اُنَ-قافلن جا گَس ۽ ڍڳي-گاڏين جا چارا سنڌ جي سيني مکيه وسندين کي ڳنڍيندڙ رستا هئا، پر برطانيا حڪمراني جي اوائلي ڏينهن ۾ ئي، اهو سر بارٽل فريئر هو، جنهن رڳو ٻن ورهن جي عرصي ۾ سرڪاري خرچ تي ڪيترن ئي روڊن لاءِ گَلوَرٽ (Culverts)، مانڊُولَ موريون) ۽ پُلون ٺهرائيندي سنڌ ۾ روڊن جو سرشتو سڌاريو ۽ مقامي زميندارن کي چيو ته مختلف شهرن ۽ مکيه وسندين کي سِڌن هنڌن تي، متيءَ جو پراڻو پيل رستن سان پاڻ ۾ ڳنڍِن، انهن لاءِ مقرر ويڪر ۽ سنوت رکڻ جو بلو حڪومت ڪندي. حڪومت انهن رستن کي ٺيڪ ٺاڪ رکڻ لاءِ پاٽيءَ جو ڇٽڪار ڪرائيندي ۽ انهن کي مختلف گاهن سان ڍڪرائيندي هئي ته جيئن دز/ڏوڙ نه اڏامي. انهن متيءَ جي رستن تي 1920ع کان ونڊي بَسن ۽ ٽرڪن هلڻ شروع ڪيو. انهن ريلراهن تي باربرداري جو ڪم گهٽايو نه، پر مناسب ريلراهن اسٽيشنن تي سامان پڇائي

ان کي ايجا ترقي ڏياري. ريلراهه اسٽيشن ويجهو شهرن کي وڏائڻ ۾ ترقي ڏيارڻ ۾ انهن مکيه ڪردار ادا ڪيو.

سکر بئراج

1932ع ۾ سکر بئراج جي ڪلڙ سان سنڌ اناج ۾ ڪپهه پيدا ڪندڙ برطانوي انڊيا جو هڪ مکيه صوبو ٿي پيو. ٻي وڏي جنگ دوران سرڪار کي منظم نموني اناج ۾ زراعتي وکر پهچائي سگهڻ لائق بنائڻ لاءِ سنڌ حڪومت مختلف ٺيڪيدارن کي مخصوص ايراضيون الاٽ ڪيون. گدامن جي وڏڻ ۾ اسٽيشنن جي الاٽ ٿيڻ سبب ترت ئي هڪ چرچو عام ٿي ويو ته "ڪلاٽي يا ڪلاٽي اسٽيشن، ڪلاٽي يا ڪلاٽي صاحب کي الاٽ ٿي وئي." 1947ع ۾ سنڌ جو 1855ع وارو نقشو هڪ ڀوڳ ڀانئجڻ لڳو. نئون نقشو ڏيکاري ٿو ته هڪ لائق پرڏيهي انتظاميا پنهنجيءَ حڪمرانيءَ جي 104 ورهن ۾ سنڌ جو منهن مهانبو ئي نرالو ڪري ڇڏيو.

برطانوي حڪماني هيٺ اقتصادي ترقيءَ جي حوالي سان وسندين جي جوڙجڪ اڄ تائين صحيح نموني نه ڳڻي وئي آهي. جڏهن ته ان لاءِ اڀياس ۾ چندڇاڻ ڪرڻ جوڳو ڇجهو مواد موجود آهي. مجموعي طرح ان جو تت هن نموني بيان ڪري سگهجي ٿو:

- ابتدائي 50 ورهن ۾ سنڌ جي اتر_اولهه ۾ هيناهين وارين ايراضين ـــــ جيڪب آباد، لاڙڪاڻي، شڪارپور ۽ دادو ضلعي جي اترادي حصي واهن جو هڪ ڳٽيل سرشتو ڏٺو. انهن کي چانورن جي پوک لاءِ تيار ڪيو ويو. واهن ۾ پاڻي جيئن ته 120_135 ڏينهن موجود رهيو ٿي ان ڪري مشهور عمدي جنس ـــــ سڳداسي چانورن لاءِ ميدان تيار ٿي پيو. انهن ڏينهن ۾ ماڻهن جي آبادي به انهن ضلعن ۾ ئي وڌيل هئي.
- گڏريل صديءَ جي پڇاڻيءَ مهل جمڙائو منڙائو ۽ نارا واهه جي واڌ کان پوءِ هاڻوڪي ميرپور خاص ۽ سانگهڙ ضلعي جي ڪجه حصن ترقي ڪرڻ شروع ڪئي ۽ نيٺ ايندڙ ٽيهن ورهن ۾ انهن سنڌ جي اتر_اولهه وارن ضلعن ٽي معاشي طرح مٿيرائي ۽ ماڻهوءَ ڳڻپ ۾ گهٽائي ماڻي ورتي. ڪليلي ۽ سرفراز واهن جي سڌريل پيڇارڪ سرشتي سبب **هالا** ۽ **حيدرآباد** تعلقن پڻ ماڻهن جي ڳڻپ واڌ ۽ پوک ۾ ترقي حاصل ڪئي.

- برطانوين جي اچڻ کان اڳ بدين ۾ نٿو ضلعا آڻ ڊِيانيل ضلعا هئا چو ته تالپرن انهن کي شڪارگاهن ۾ بدلائي ڇڏيو هو. آبڪلاڻي مهل پاڻي ڇڙواڳ پيو اٿلندو هو جنهن ڪري شڪارگاهه ۾ چراگاهه ٺهندا رهندا هئا. سڄي ايراضي، هاڻي ڪوٽڙي بئريج جي ڪمان هيٺ، چراگاهه بنجي وئي هئي پر ماڻهن جي آبادي محدود هئي چو ته کير ۾ گوشت مان ڪمائي ڏاڍي گهٽ هوندي هئي جنهن جو سبب مارڪيٽ جو ويجهو نه هئڻ هو.
- سکر بئريج جي کلڻ کان پوءِ ڪپهه، لِيماڻن (citric) ميوَن ۾ ٻين ميون جا فصل نواب شاهه، ميرپور خاص ۾ اتر حيدرآباد ضلعن ۾ پوکجڻ شروع ٿيا. خيرپور ضلعي جو پاڻي بند ڪيو ويو جنهن ڪري اتي انساني آبادي وڌي نه سگهي.
- گهٽ مُلهه وارن اناجن جي پوکيءَ چانور ۾ ڪڻڪ اپائيندڙ ايراضين ۾ 1930_1939ع دوران معاشي بدحالي پيدا ڪئي. سڀ کان وڌيڪ لوڙيندڙ ضلعا اولهه_اولهه سنڌ وارا هئا.

مٿي ڄاڻايل ڳالهيون هڪ عمومي نتيجو آهن ۾ سرڪاري ريڪارڊ مان انهن تي تفصيلي اِيپاس ۾ وري چڪاس ۾ تصديق جي گهرج آهي. اهو سرڪاري ريڪارڊ خوشقسمتيءَ سان تمام گهڻو آهي پر يا ته بمبئي ۾ موجود آهي يا وري انڊيا آفيس لائبريري لنڊن ۾.

1960ع ـ 1990ع

هن عرصي جا مکيه واڌارا هي آهن:

- 1957ع ۾ ڪوٽڙي بئريج جو کلڻ ۾ 1960ع کان پوءِ ان تي آباد ٿيندڙ 16_لک ايڪڙ زمين جو نيڪال/وڪرو. ان سان گڏ 11_لک (؟) ايڪڙ خانگي زمين لاءِ پاڻيءَ جي يقين ڏهاني.
- 1962ع ۾ گڏبو بئريج جو کلڻ ۾ 11_لک سرڪاري زمين جو نيڪال/وڪرو. ان سان گڏ 16_لک (؟) ايڪڙ خانگي زمين لاءِ پاڻيءَ جي يقين ڏهاني.
- 1960ع کان پوءِ سکر بئريج جي حد ۾ 28_لک سرڪاري زمين جو نيڪال/ وڪرو. 55_لک ايڪڙ زمين اڳ ئي ان جي ڪمان هيٺ هئي.

- 1958ع ۾ ٽيوب-ويل (Tube_well)، نَڙي وسيلي زميني پاڻي ڇڪڻ) ٽيڪنالاجي رائج ٿيڻ ۾ 1960_1970ع دوران مِني جر واري ايراضيءَ ۾ 3_هزار ٽيوب-ويلن جو لڳڻ.
- حيدرآباد ضلعي ۾ جديد ميوي-باغ جو رائج ٿيڻ ۾ انهن جو ميرپور خاص، نواب شاهه ۽ سانگهڙ ضلعن ڏانهن پکڙجڻ.
- 1958ع کان پوءِ ٺٽي، بدين، حيدرآباد، ميرپور خاص، سانگهڙ ۽ نواب شاهه ضلعن ۾ ڪيوڙي/ڪيلي جي پوکي رائج ڪرڻ.

انهن واڌارن جي ڪري اهو ممڪن ٿي پيو ته 1950ع ۾ سنڌ جي ڳوناٽي آبادي کي ايندڙ 30_ورهن ۾ ٻيڻ کان به وڌيڪ وڌائي سگهجي. ان ڪري ڳوناٽين ايراضين ۾ نيون وسنديون اپرڻ لڳيون، شهر ڦندڻ لڳا ۽ ڳنڍيپ/اڇ وڃ جا وسيلا سڌريا. 1960ع ۾، اقتدار جي ڏاڪڻين اميريڪا ۾ ڪيل تجربن (ته سڌاريل روڊن تي اڇ وڃ سبب مسافر ريل گاڏين تي برو اثر ٿي پيو) جي اثر سبب ڏامر جا روڊ ٺهرائڻ شروع ڪيا ۽ انهن وسيلي سامان ۽ ماڻهن جي ڊوئي وڌائي ڇڏي. ان جي ڪري ريلراهه سرشتي تي بار سان گڏ پِيهه به گهٽجي وئي. 1991ع ۾ وهندڙ روڊن جو وسيع ڄار پکڙجي چڪو آهي جنهن ڪري آبادي‌ءَ جي چرپر/اڇ وڃ ايتري ته وڌي وئي آهي جو اڳ ٻُڌي نه سُئي. ماڻهو هاڻي شهري سهولتن جو فائدو ونڊ گهرن ٿا. 1951ع جي پيٽ ۾ ڳوناٽي آبادي اڄ ٽيڻ تي آهي.

1960ع کان پوءِ سرڪار پاران به منظم صنعتڪاريءَ کي همٿايو ويو آهي ۽ جيئن ته گذريل ٽيهن ورهن ۾ واندو ڳوناٽو پورهيت موجود نه هو ان ڪري صنعتن کي ٻين صوبن کان پورهيت گهرائي هلايو ويو جنهن ڪري شهرن جي پکيڙ تمام تيزيءَ سان ٽيڻ لڳي. اڄ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي آبادي 1941ع جي پيٽ ۾ ٽيهوٽي آهي. جنهن ڪري ڳوناٽي ۽ شهري آبادڪاري جي وڃ ۾ اڻ-توازني پيدا ٿي پئي آهي جنهن جي نتيجي ۾ سماجي_معاشي، نسلي ۽ ثقافتي ناموافقتون ۽ سياسي مسئلا پيدا ٿي پيا آهن.

هن مضمون جو مواد:

سنڌ جي سماجي تاريخ جي هن پهلو کي واضح ڪرڻ لاءِ تمام گھڻن ذخيرن تان مواد ورتل آهي. انهن جو ذڪر هن ليکڪ جي *"سنڌ ۾ آبپاشي جي تاريخ"* (History of Irrigation in Sindh) ۽ *"سنڌ جي پرڳاڻي لغت"* (Chronological Dictionary of Sindh) نالي ڪتابن ۾ ڪيل آهي. 1843_1950ع واري باب ۾ ذڪر ڪيل ريڪارڊ هن ليکڪ جي ڪتاب *"سنڌ تي مواد جو ذخيرو"* (Source Material on Sindh) ۾ صفحي 475_495 تي ۽ عنوان نمبر 2535 کان 2875 ۽ نمبر 4400 کان 46030 هيٺ ملندو. هن ليکڪ پاڻ 185 تاريخي نقشا تيار ڪيا آهن ته جيئن *"سنڌ جي تاريخي ائٽلس"* (Historical Atlas of Sindh) ڪتاب (اڻ_ڇپيل) تيار ڪري سگھجي. اهو مٿي ڄاڻايل سيني وسندين کي چٽو ڪري ڏيکاري ٿو.

نوٽ: هيءُ هي مضمون پنهور صاحب جي ٻن لکتن کي جوڙي پيش ڪيو ويو آهي. پهريون مضمون پنهور صاحب جي انگريزي مقالي "دَ سِٽِيز ائنڈ سيٽلمينٽس اِن سنڌ، ديئر رائيز ائنڈ ڊِڪلائين وِٿ_چينجز ان دَ اِنڈس رِوَر سسٽم" (The cities and settlements in Sindh, there rise and decline with_changes in the Indus river system) جو ترجمو آهي، جيڪو ماهوار "ڪُونج" لاڙڪاڻي ۾، ٻن قسطن ۾، نومبر_ڊسمبر 1994ع ۽ اپريل 1995ع ۾ ڇپيو. ٻيو مضمون سنڌ جا شهر ۽ وسنديون پنهور صاحب جي انگريزي مقالي "مَئن اِن سنڌ ـــــ اِسٽون ايج ٽُ نِئوليٿِڪ" (Man in Sindh — Stone age to Neolithic) جو ترجمو آهي.

سنڌي ڪار: ڊاڪٽر محبت برڙو

سنڌ جون ندين ۽ قديم آثار

هينري ڪزنس

سنڌ قبن ۽ قبرن جي ڌرتي آهي. پاڪائيءَ جي پردي ۾ دوکن، دولابن ۽ تقدس جي آڙ ۾مڪر ۽ فريب جي متي رهي آهي. جڏهن هندن جي سڀني پراڻي دور، مسلمان حڪمرانن کي جاءِ ڏني تہ انهن حڪمرانن جو مکيہ مقصد، ذاتي خوشي ماڻڻ ۽ سندن وڏڙن جي هڏڙن جي تعريف ٻڌڻ هو. هيءُ ملڪ پيرن ۽ پرهيزگارن جي پيدائش لاءِ زرخيز رهيو آهي ۽ انهن مان ڪي تہ رسول (ﷺ) جا صحيح معنيٰ ۾ پوئلڳ آهن، پر گهڻن تہ ان کي ڪوٺ ۽ خودغرضيءَ جو ڏڪ بنايو آهي. هيءُ ملڪ ڪنڊ وارن فقيرن ۽ نڳن جي ڪري نالي چڙهيل آهي. موجوده دور جي چوٽيءَ مطابق هن ۾ لک بزرگن ۽ شهيدن جون مزارون آهن ۽ خانقاهون وري ان کان سواءِ آه، جيڪي ٽالپر دور ۾، ملڪ جي سڃيءَ پيداوار جو ٽيون حصو کسڪائي ويندا آهن.[1]

ساموندي ڪناري کان سواءِ هيءُ ملڪ اهڙو ناهي جتي ٽڪي پوڻ تي

[1] ايليٽ عرب ان سنڌ، ص 63

دل چاهيندي هجي. سال جو وڏو حصو چتي گرمي، مٹان وري ڏوڙ جا ڏوڙيا ۽ طوفان، علاقو هيبتناڪ ۽ سنسان، ڪاڏي پيتي جي شين جي اٽاڻ. سفر ڪرڻ ۾ ڏکيائون، خاص طور تي اُٺ جي ڏونڊڙي سُونڊڙي سواري هن ڏرتيءَ تي تڏهن آسائش واري هوندي آهي، جڏهن ماڻهو ريل واري رستي کان دور هوندو آهي.

نتيجو اهو نڪتو آهي ته تعميراتي خزانا جيڪي گهٽو ڪري پيچرن کان ڏاڍو ڏور آهن، سي ته گهٽو ڪري ڏسي ئي ڪونہ سگهبا آهن. باقي ڪڏهن ڪڏهن ڪو سرڪاري ڪامورو انهن مٹان اک چنپ واري طائراڻ نظر وجهندو، سو بہ تڏهن جڏهن اهي ماڳ سندن پر پاسي ۾ هوندا آهن. انهن پر جوش انسانن لاءِ، جيڪي ماضي جي شان ۽ شوڪت ڳولڻ لاءِ، ساڻيندڙ سڄ هينان ۽ پرانين سرن مٹان جن تي مٽين متي چڙهيل هوندي آهي، رلندا وتندا آهن، تن لاءِ بہ ڪا گهٽي خوشيءَ جي ڳالهہ نہ هوندي آهي.

سنڌ ڪي، خشڪ هجڻ ۽ مينهن گهٽ پوڻ ڪري مصر سان تشبيهہ ڏني ويندي آهي. جنهن جي هڪ چيڙي ڪان ٻئي چيڙي تائين سنڌوءَ جهڙو وڏو درياهہ وهي ٿو، جنهن جو پاڻي خاص طور تي موسمي اٿل ڪري زمينن کي سيراب ڪري ٿو، جنهن ڪري اناج ۽ ٻيا فصل جهجهي انداز ۾ ٿين ٿا. هن جي موجوده وڏي آبپاشي نظام، جيڪو اتر سنڌ مان درياهہ جي مکيہ وهڪري مان وهي نڪري، جسم جي تنتي سرشتي جيان سڄي ملڪ ۾ هڪ ڄار وانگر پکڙجي، درياهي لٽ سان پريل هڪ وسيع ميداني علاقي کي پيداواري خطو بنائي چڏيو آهي. پر هي وڏو درياهہ، جنهن ۾ پنجاب جي سيني درياڻن جو چوڙ آهي، تنهنجو سدائين اهو ساڻيو وهڪرو ناهي رهيو، جنهن تان موجوده درياهہ وهي رهيو آهي ڪنهن ٻئي درياه شايد ئي هن وانگر، ايامن کان وٺي پنهنجا وهڪرا نہ مٹايا هجن، جيئن هن سيلاني درياهہ پنهنجا رستا سنڌ جي ميدان مان ڪٽي بنايا آهن. اوپر طرف، راجستان جي رڻ پٽ جي ٻنهہ ڪڇ کان وٺي اولهہ واري جابلو علاقي تائين، جيڪو اٽڪل هڪ سو ميل ميداني خطو اهي، تنهن ۾ هي، هڪ يا ٻئي دور ۾، هڪ وڏي درياهہ يا سندس ٻن ٽن مکيہ وهڪرن يا ان کان وڌيڪ بي شمار شاخن ۾ ٻئي وهيو آهي. جن پنهنجي

وهڪرن کي وقت بوقت پئي بدلايو آهي.[1]

ماضيءَ ۾ پنجاب جي سيني درياهن جي وهڪرن جو رخ اولهه ڏکڻ ڏانهن رهيو آهي،جيڪي ملتان ۽ سنڌ جي اتر طرف وچ تي ڪٿي ملندا هئا، ۽ ٿوري فاصلي تائين گڏجي هڪ وهڪري جي شڪل ۾ وهڻ کان پوءِ، سنڌ ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ٻن يا وڌيڪ وهڪرن ۾ ورڇجي ويندا هئا. عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ هن درياهه جي وهڪري، جيڪي مڪمل تبديليون آيون اهن، اسان فقط تن متعلق بحث ڪنداسون. ان وقت هر هڪ وهڪري جو ڏار ڏار نالو هو. جيڪو جدا جدا ڳوٺن کان مختلف دورن ۾ وهندو هو.[1]

اهو سڀ لڳاتار وهڪرن مٿائڻ جي ڪري ٿيو آهي، انهن جي سجاڻ لاءِ گهٽا نالا اچي ويا آهن. مؤرخن انهن کي ويتر منجهائي ڇڏيو آهي، جنهن ڪري سنڌ جي ويران ميداني علاقي ۾، جيڪي تباو ٿيل ڳوٺ ٽڪرا پڪڑيا پيا آهن تن جي سجاڻپ بہ ڏاڍي ڏکي بڻجي پئي آهي. مقامي مورخن جڏهن هي اجڑيل آستان ڏٺا تہ کين لکڻ وقت ان دور جي ٻوڏ، دل ۽ دماغ تي ڇانيل رهي، جيڪا ان وقت پنهنجي صورت ۾ ظاهر هئي. سنڌو درياهه جيڪو اسان اڄ ڏسون ٿا، سو اسان کي ايئن ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي، ڇاڪاڻ تہ هاڪڑي جي اولهائين شاخ جيڪا تختگاهه الصر جي اوپر طرف ۽ ٻي ان جاءِ کان اتر۔ اوپر طرف کان وهندڙ سي ٻئي سڪي ويون.[2] سڄي ملڪ جو مٿاڇرو سنڌو

---

[1] سنڌو درياهه جي وهڪري جو پيٽ اوري پري اهو ساڳيو رهيو آهي. جيڪو هزارن سالن کان وٺي اڄ تائين قائم دائم آهي. اهو غلط خيال آهي تہ هي اوپر کان اولهه طرف سفر ڪندو آيو آهي. جيڪڏهن ايئن اهي تہ موهن جي دڙي واريون هيئيئن تهن واريون تمام پراڻيون تهذيبون ۽ ڪوٽ ڏجي ۽ ناري جي دڙي واريون مهراڻ درياهه واريون تهذيبون هڪ وقت ڪيئن وجود ۾ آيون؟ ڪي چون ٿا تہ مهراڻ ۽ هاڪڑو درياهه نہ آهن. تہ پوءِ نربدا، ڪاويري، هوگلي، جهلم، راوي، ستلج، بياس ۽ چناب بہ مڪمل درياهه نہ چئبا. پر انهن کي مڪمل درياهه سڏيو وڃي ٿو. (مترجم)

[1] ايليٽ هسٽري آف انڊيا جلد۔ 1 ص 256

[2] معزز مصنف جو خيال آهي تہ مهراڻ ۽ هاڪڑي جي سڪي وڃڻ ڪري سمورو پاڻي باقي وهندڙ درياهه جي هڪ شاخ ۾ وهڻ لڳو ۽ گهٽي پاڻي هجڻ ڪري سنڌو درياهه پنهنجون جايون بدلائڻ لڳو. پر حقيقت هيءَ اهي تہ مهراڻ ۽ هاڪڑي جي سڪي وڃڻ جا سبب پاڻيءَ گهٽ هجڻ ڪري ٿيا. ڇاڪاڻ جو سرسوتي، گهاگهرو، چتاگ درياءَ سڪي ويا. ڏرتيءَ ڏڌڻ ڪري ستلج راوي چناب بياس ۽ جهلم ۾ پاڻيءَ جو مقدار ٿورو اڇڻ لڳو. جاگرافيائي تبديلين ۽ لٽ پوٽ ڪري ندين جو ميلاپ جيڪو بهاولپور ڊويزن ۾ ٿيندو هو سو اتر اولهه طرف

درياهه جي پراڻن پيٽن جي ابتن سبتن وهڪرن جي نشانن سان پريو پيو آهي. جيڪي مٽيءَ جي طوفانن ۾ واريءَ جي اڏامڻ جي سبب تيزيءَ سان هموار ٿيندا پيا وڃن. اهڙي وهڪرن جا پراڻا پيٽ ڳوٺن جي نقشن ۾ چڱيءَ ريت ڏسي سگهجن ٿا. انهن ۾ پراڻن درياهن جي پيٽ واريون زمينون ڏاڍيون پليون ۽ ڪجهه وڌيڪ قيمتي هونديون آهن. زمين جا اهي ٽڪرا ڪنڌائتا ۽ نانگ وهڪڙن وانگي هوندا آهن. ٻنهي طرفن کان پکي واري زمين هوندي آهي. سفر دوران انهن زمينن ۾ نير جو پلو فصل ڏسبو آهي. [1] پوءِ جڏهن اهي مکيه وهڪرا، سامونڊي ڪناري کي ويجهو پوندا آهن تہ وڌيڪ شاخن ۾ ورهائجي ويندا آهن ۽ پنهنجي ورن وڪڙن کي ڪٽي، سامونڊي پاڻيءَ سان ٽڪرائجي، پنهنجي پنهنجي گذرگاهن مان نڪري، وڃي سمنڊ ۾ پوندا آهن. سامونڊي ڪاڻين جيڪي هڪ سال جهاز رانيءَ جي قابل هونديون تہ ٻئي سال وري اهي پورجي لتجي پنهنجي اڳين حيثيت وڃائي وهنديون آهن. [2]

درياهه جي تيز پائيندڙ ۽ پريون پائڻ اڃا بہ جاري آهي. پوسٽن 1843ع ۾ لکيو آهي تہ سانتيڪين راتين ۾، سنڌو درياهه ۾ پڪن ڪرڙ جو آواز ايئن محسوس ٿيندو آهي جڙ تہ پري کان مسلسل توبن سان ڪا گولہ باري ٿي رهي آهي. [3] گپ جو وڏو مقدار جيو درياهه کٽي اچي ٿو ان حالت ۾ سنڌ، جيئن اسان اڄ ڏسون ٿا ڇڪ گهاتي لڙياتي پاڻيءَ جي تکي وهندڙ ندي نظر ايندي آهي. هيءَ گپ اتي گڏ ٿيندي ويندي آهي، جتي وهڪري کي رنڊڪ ٿئي ٿي، پوءِ خود درياهه جا وکڙ هجن يا سمنڊ جي ويڑ: ان ڪري درياهي

سرڪي وڃي پنجند وٽ ٻينو. اهو پاڻي هاڪڙي بجاءِ سڌوسنئون سنڌو درياهه ۾ وهڻ لڳو ۽ سنڌو رخ بدلائي الور بدران روهڙي کان وهڻ لڳو. (مترجم)

[1] ڏسو ريورٽي جو مهران آف سنڌ (جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال، LXI، صدوا، 1892 ص 1309 ۾ هٽگ جي چوڻ مطابق انهن وهڪرن واري زمين ٺڪرين ۽ سروٽن سان پري پئي آهي. مسافر انهن ٺڪرين ۽ سروٽن کي ڏسي ماضيءَ جي ڪنهن شاندار دور جو اندازو لڳائيندا آهن. (انڊس ڊيلٽا ڪنٽري- ص 70) جيئن مون کٽي لکيو آهي، تہ ڪنارن تي پکڙيل ٺڪرين ۽ سروٽن مان ڪنهن فوجي چرپر ۽ ڪئمپ جي نشاندهي ٿئي ٿي.

[2] ڪئپٽن وُڊ- جنهن 8-1837ع ۾ سنڌ ۾ سفر ڪيو ۽ دوآبي ۾ حجامڙي جي منهن مان گهڙيو، تنهن دڇ جنگي جهاز جو ڪٽنو (ڪوڪو) ڏٺو. جيڪو پرپاسي ۾ گتو پيو هو- جنهن مان پڻ سنڌو درياهه جي رخ بدلائڻ جي ثابتي ملي ٿي. (A Journey to the source of oxus. P_2)

[3] پرسنل آبزرويشن آف سنڌ، ص 18.

دوآبو هميشہ ساموندي ڪنارن کي اڳتي ڏکيندو ويندو آهي ۽ اڄ جو ساموندي ڪنارو محمد بن قاسم واري دور کان چاليهہ ميل ڪن اڳتي آهي. ريورٽي چوي ٿو تہ دوآبي جو وڏو حصو نسبتاً تازو جڙيل آهي. بدين سان لاڳپيل ٽورو علاقو شهنشاهہ اڪبر جي حڪومت ۾ سنڌ جي پوري ڏکڻ ۾ هو. پر اڄ اهو ستر ميل کان مٿي علائقو آهي. جيڪو اڳئين پوري ڏکڻ واري حصي کان اڳتي آهي ۽ وري "اهو سمجهيو ويجي ٿو ۽ ايئن سمجهڻ جو سبب بہ آهي تہ، ڏٺي کان ونڊي ڪراچي ڏکڻ تائين واري دوآبي جو گهڻو پاڻو"، سنڌو درياهہ ان وقت ٻڌايو جڏهن نصرپور وارو وهڪرو ڇڏي وڏيڪ اولهہ طرف سرڪندو ويو. ٽورو گمان ٿئي ٿو تہ شاهہ بندر علاقي جو وڏو حصو ۽ جهڙڪ علاقي جو ڏاکڻون پاڻو پڻ تازو جڙيل آهي. ڇيو وڃي ٿو تہ عبدالرحيم خان خانان ڏٺي کي دهليءَ سان ملائڻ کان پوءِ، بہ منزلون يعني 15 ميل پنڌ ڪري مغل پيين پهچي وڏو سمنڊ ڏٺو هو.

ان ڪري مغل پيين[1] جي نالي جو مطلب آهي "مغل نظارو" ريورٽي چوي ٿو تہ: جيڪڏهن ڪراچيءَ جي پرپاسي کان هڪ ڏگهي ليڪ ويهہ ميل مٿي لکپت تائين ڪڍبي تہ، اڪبر جي زماني واري دوآبي، جي حد ڏيکاريندي ۽ وري عرب فتح وقت اها ليڪ پير پٽي ۽ بدين کان ڏکڻ ونگي طرف يا اڃا بہ اڳتي اتر۔ اوير نئون ڪوٽ تائين (ڏسو سنڌ جو نقشو ۽ ان تي ليڪيل ٻيو ننڍڙو نقشو) پهچندي. سنڌو درياهہ جي موجوده حالتن ۽ دوآبن کي نظر ۾ رکي، پراڻن شهرن کي سڃاڻن هڪ اجائي ڳالهہ آهي. سنڌو درياهہ جنهن پيٽ ۾ اڄ وهي رهيو آهي، انهيءَ کان اولهہ پرو سرڪي وهي ڪونہ ٿو سگهي، جيئن اڳ ۾ ڏوڪيندو رستا بنائيندو اڇي جبل جي وٽين پاسن ۾ پيو آهي. جڏهن روهڙيءَ ۽ سکر جي وچان ٽڪرين جي حدن مان گذري ٿو تڏهن بہ سندس وهڪري کي هيڏي هوڏي وڃڻ کان روڪ آهي ۽ وري جهڙڪن وٽ بہ اها ئي صورتحال آهي. هن وڏي وهڪري جي بي پايان طاقت مٿان جيستائين لڳاتار ڪرڙي نگاهہ نہ ٽي رکجي تہ ڪمزور ماڳن وٽان ڪاڏ ڪري اوچتو هڪ نئون ۽ مڪمل وهڪرو بنائي سگهي ٿو. ميجر

[1] مهراڻ آف سنڌ، س 317 حاشيہ ص 468 ۽ 469
ان کي وڏو مهراڻ، سنڌ ساگر، واهندا، باهندا واهند ساگر ۽ منڌ کان ونڊي سمنڊ تائين سانڪراه بہ سڏجي ٿو.

ريورٽي شايد سچ کان وڌيڪ هن درياهه جو مطالبو ڪيو آهي ۽ هو ڪجهه سخت اصولن وارو ماڻهو آهي، جيڪڏهن ڪو ماڻهو ساڻس راءِ پائي نه ٿيندو آهي ته بي صبرو ۽ اتاولو ٿي ويندو آهي. سو به آخر ۾ هن نتيجي تي پهتو آهي ته، عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ وقت، سنڌ جو وڏو درياهه هاڪڑو هو، جيڪو سنڌ ۾ داخل ٿيڻ مهل ۾ درياهي بنجي ويندو آهي. هڪ وهڪرو اولهه ۾، الور اهلي ويندو هو، جتي ٽڪرين سان ٽڪر کائي، اتر ۽ ڏکڻ ڏس تي موڙا ۽ وکڙ ڏئي نيٺ ڏکڻ ڏانهن وهڻ شروع ڪندو هو. جڏهن سنڌ جو اڌ پنڌ لتاڙي ڪنهن جاءِ تي پهچندو هو ته اتي، مکيه يا وڏو اوپاريون وهڪرو جيڪو ونجهروٽ/ ونجنوٽ کي گهندي ڏئي گذرندو هو ۽ ساڻس اچي ملندو هو. هتي ايڪا اهي وهڪرا گڏبا ئي مس هئا، ته وري ۾ درياهي بنجي ويندي هئي. هڪڙي شاخ برهمڻ اباد جو پاسو ڏئي، حيدرآباد کان ٽيندي پوءِ ڏکڻ طرف دوآبي مان لنگهي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. ٻيو مکيه وهڪرو، جدا ٿيڻ واري ماڳ کان ئي ڏکڻ طرف هلندو، عمرڪوٽ جو اولهه ڏيو ڪچ واري رڻ ڏانهن هليو ويندو هو. هن درياهه کي الور کان عمرڪوٽ تائين هاڻي ايرندي ناري جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.[1] جيڪو هاڪڑي جي ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ ۾ برسات جي پاڻيءَ سان پرجي وڃي ٿو. الور وٽ درياهي وهڪري جي وڏيءَ تبديلي کان پوءِ هاڪڑي جو وڏو وهڪرو جيڪو ونجهروٽ جو پاسو ڏيو گذرندو هو، سو وهڻ کان ٻيهي ويو. ڇاڪاڻ ته سندس پرتي ڪنڊڙ درياهه کي ڇڏي وبا ۽ نئون سنڌو درياهه مقدار ۾ وڏي وڏو درياهه بنجي ويو. ڇو جو هاڪڑي جا پرتي ڪنڊڙ درياهه سنڌو درياهه کي پاڻي ڏيڻ لڳا. هي ايئن بيان ڪيو ويو آهي جيئن مسٽر ريورٽي سمجهي ٿو. پر ڪنهن درياهه جي وهڪري لاءِ اهڙي ڦهيو ڦڪيو ۽ پڪو پيٽو اصول واضح ڪرڻ ممڪن ئي ڪونهي. اهو تڏهن صحيح معنيٰ ۾ سمجهي سگهجي ٿو، جڏهن مختلف لکٿارن جي بيانن کي خبرداري سان گڏائي انهن جي مطالعو ڪري ملڪ جي مٽاچري تي سوچ ويچار ڪري، پوءِ ئي درياهه جي وهڪري جو

[1] ماٽري جنهن مان هيءُ وهڪرو گذريو ٿي، سو اڪيچار ڏينڊن سان پريو پيو آهي. جن جو تعداد اٽڪل چار سو ڪن ٿيندو. انهن مان ڪن جي ڏيگهه ٽي ميل ڪن ۾ آهي اولهه نارو سنڌو درياهه جي ٻئي طرف آهي جيڪو لاڙڪاڻي کان هلي منچر ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. (سنڌ گريٽر 589_686، برٽن سنڌ ري وزي ٽيڊ چيپٽر (XXIX_269)

کو اندازو لڳائي سگھبو. لکٹھارن جي وڏي غلطي هتي بيان ڪري سگھجي ٿي. الجاحظ جو بيان آهي تہ سنڌ ۾ وهندڙ مهراڻ درياهہ، نيل درياهہ مان نڪري ٿو ڇو تہ منجهس واڳو هوندا آهن. [2]

ريورٽي، پنهنجي نقشي مطابق "ڪنب" نالي هڪ واهڙ اروڙ جي ٿوري اولهہ ڪان ونڊي هالا تائين ڏيکاري ٿو. ٻيو، پراڻي وهڪري جو پيٽ متي بيان ڪيل وهڪري ۽ هاڪڙي جي گذرگاهہ جي وچ تي ڏيکاريو آهي. پر هو صاحب اهو ڪونہ ٿو ڏيکاري تہ اهو ڪٽان ڪان شروع ٿئي ٿو ۽ ڪاٽي ختم ٿي ويجي ٿو. هو چوي ٿو تہ: اهو ذڪر ڪرڻ لازمي آهي تہ هتي وهڪرن جو گهٽو تعداد آهي. واقعي اهو سچ ٻہ آهي تہ انهن جا نشان ٻہ جتي ڪٽي ڏسي سگھجن ٿا. سنڌوءَ جي وهڪرن جي وچ ۾ ٻہ موجود آهن. يعني آب سنڌ، جيڪو موجوده دور ۾ وهي رهيو آهي. مهراڻ جا اڳوٽا وهڪرا سي ٻہ گهٽي تعداد ۾ هئا. هاڪڙي جا پراڻا پيٽ ڳٽبا تہ ڳٽي نہ سگھبا. انهن مان هڪ پراڻو وهڪرو اهو ٻہ آهي جيڪو شهدادپور جي اولهہ ۾ پر سا آهي ۽ هيٺ برهمڻ آباد (هيءُ منصوره کي ڏيپر گهانگهري وٽ سمجهي ٿو) ۽ منصوره ڏانهن وڃي ٿو. اهو ائين چئي سگھجي ٿو تہ مختلف دورن ۾ سنڌو درياهہ مهراڻ يا هاڪڙو سنڌ جي وڏي ڀاڱي جي مٿان پنهنجا وهڪرا بدلايو ٻئي اڙها آهن ۽ ان سان گڏ شهدادپور جو اولاهيون پاسو ڏئي ٻہ گذريا آهن. ان جا ثابتي اها آهي تہ ڪيترن ئي پراڻن شهرن جا اهيڃاڻ هنن پراڻن درياهن جي پيٽن سان ڏسي سگھجن ٿا، جيڪي سروٽن جي ڍيرن جي صورت ۾ پنهنجي بربادي جو داستان ٻڌائي رهيا آهن. انهن پراڻن وهڪرن مان هڪ وهڪرو ڪنب ٻہ آهي، عربن جي چوڻ مطابق سنڌو درياهہ بار بار هن منجهان ٻئي اڙهيو آهي. انهن پراڻن آبي گذرگاهن مان گهٽو ڪري هڪ اهو ٻہ آهي جنهن جو عربن ورجائي ورجائي ذڪر ڪيو آهي. ڪنب، ان وقت سيوستان، موجوده سيوهڻ ۽ مهراڻ درياهہ جي اولاهين شاخ جي وچ تان وهندو هو، جنهن جي پيٽ مان آب سنڌ يا سنڌو درياهہ پنهنجي رخ جي متاستا سبب بار بار ٻئي گذريو آهي. [1] هڪ چوي ٿو تہ "جيڪڏهن اهي اصطخري ۽ ابن حوقل) صحيح آهن تہ سنڌو درياهہ عربن جي سنڌ فتح

[2] ايليٽ هسٽري آف انديا جلد1، 12

[1] مهراڻ آف سنڌ 466، 467

ڪرڻ وقت سيوهڙ کان اوپر اٽن يا ڏهن ميلن کان وڏيڪ پري ڪونہ هوندو.[2] پر ريورٽيءَ نيرون ۾ ديبل واري پنهنجيءَ سڃاڻ تي دارومدار رکي. انهن وهڪرن کي مقرر ڪيو آهي، جيڪي گهٽو ڪري پهرئين نقطہ نگاہ کان غلط ۾ ٻئي نقطہ نگاہ کان ٿورو مشڪوڪ آهن. اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ سندس اندازا صحيح نہ هجن. آڳاٽيئي تاريخي حصي ۾ ڏيکاري آيو آهيان تہ اهي مصرخ جن سنڌ تي لکيو آهي پر انهن سنڌ ڏٺي ئي نہ اهي، تن جي بيانن تي اعتبار ڪرڻ نہ گهرجي. سندس نقابل اعتبار حيثيت ايجا بہ ويتر وڌي ٿي وڃي جڏهن نقل ڪرڻ وقت پنهنجي ويسليءَ عادت مطابق اکرن جا ٽٻڪا وساري ڇڏيندا هئا جيڪي نالن پڙهڻ وقت غلطين سبب هاڃيڪار ثابت ٿيندا هئا. جيستائين سنڌو درياهہ جي هينئين وهڪري جي تعلق آهي تہ ان متعلق بي شمار ذاتي رايا اچي چڪا آهن ۾ هن متضاد ۾ منجهيل مضمون تي، نظريا، گفتگو بحث مباحثا بہ ٿي چڪا آهن.[1]

ريورٽيءَ جي ڪنب جو ذڪر چچ نامي ۾ تي ملي ئي ڪونہ ٿو[2] جنهن جو ترجمو فريدون بيگ ڪيو آهي. جيڪا ندي ان پيٽ مان وهندي ڏسجي ٿي ۾ جيئن ريورٽيءَ بہ پنهنجي ڪچيل نقشي ۾ ان جي نشاندهي ڪئي آهي، سا تہ چٽي پٽي مهراڻ ئي آهي. هڪ حالت ۾ "سيحون معنيٰ مهران" ٻيءَ حالت ۾ "سيحون جنهن کي مهراڻ سڏجي ٿو" فريدون بيگ چوي ٿو تہ "سيحون سنڌو درياهہ جو عربي نالو آهي. پر حقيقت اها آهي تہ هر وڏي درياهہ کي سيحون ۾ جيحون جي نالي سان سڏي سگهجي ٿو.[3] ابوالفضل ٻڌائي ٿو تہ موجوده سنڌو درياهہ کي ئي مهراڻ سڏيو ويندو هو. هو چوي ٿو تہ "ڏٺي وڃ سنڌو درياهہ کي مهراڻ چوندا آهن. ڇهہ ندين هڪ درياهہ ۾ گڏجي هڪ درياهہ ٻڌجي بکر جي ديوارن هيٺيان گذرن ٿيون. هڪ وهڪريو بر جي اتر کان ۾ ٻيو بکر جي ڏکڻ طرف کان گذري ٿو.[4] آئين

---

[2] اندس ڊيلٽا ڪنٽري: هنن ٻنهي مصنفن 10 صديءَ ۾ پاڻ سنڌ ڏٺي هئي.

[1] سنڌ ري وزي ٽيبـ ـ آر ـ ايف برٽن، جلد1 ص 202

[2] جيستائين سندس "ڪنب" اهو ٿئي جنهن جي ڪناري تي سيسم اڊيل هو، جيڪو نيرون کان سيوهڙ جي طرف هو.

[3] ابن حوقل چوي ٿو تہ مهراڻ ندي جيحون مان وهي ٿي جيڪا ملتان کان اچي ٿي، اها بامسمد ۾ منصوره کان ٽيندي ڊيبل کان اوپر، سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. (ترجمو اوسلي ص 147)

[4] مهراڻ آف سنڌ ـ 297

اکبري چوي ٿو "سپ نديون سنڌو درياھ ۾ چوڙ ڪن ٿيون ۽ نٽي وڻ ان درياھ کي مھراڻ سڏيو ويندو آھي.[5]

ماٺھو ريورٽيءَ ۽ ھئگ جھڙن مستند مصنفن سان اختلاف راءِ ڪري البت ڊجي ٿو تنھن ھوندي بہ منھنجو ذاتي رايو جيڪو مان تاريخي بيانن مان ميڙي چونڊي گڏ ڪيو آھي ۽ سندن اختلاف راءِ منجھان بہ ڪجھ ھٿ ڪيو اٿم. سو اھو آھي تہ عربن جي حملي وقت ھڪ اھم ۽ اجھاڳ درياھ ھو جيڪو اتر کان ونئي ڏکڻ تائين، سنڌ مان آرپار گذريو ٿي ۽ اروڙ وارين ٽڪرين وچان لنگھي، موجوده سنڌو درياھ جو پيٽ ڏيو وھندو ھو. جنھن کي چچ نامي ۾ مھراڻ سڏيو ويو آھي. ان جي ھڪ واھڙ کي مقامي نقشي ۾ منصوره جي چوڌاري ڦيرو ڪري وھندي ڏيکاريو ويو آھي.[1] ھن درياھ، ھاڪڙي جي الڳ ٿيڻ واري ٽاڪ کان مٿي، پنجاب جي ندين کي ڇڏيو آھي جنھن جا نشان ريورٽيءَ پنھنجي نقشي ۾ نيرن ٽبڪن سان ڏنا آھن. امڪان اھو بہ آھي تہ ھن ۾ ھاڪڙي درياھ جو پاڻيءَ پڻ پوندو ھوندو. الور جي ماڳن کان ھيٺ ۽ ان جو ھئگ جي نقشي مطابق امڪاني وھڪرو ڪجھ اڳيرو ڏکڻ تي ھلي لوھاڻي درياھ ۾ گڏجي ٿي ويو.

خير اھو ڪيئن بہ ھجي، پر سپ مصنف ھن ڳالھ تي متفق آھن تہ ھاڪڙي درياھ جي اولاھين شاخ، جيڪا عرب دور ۾ الور کي پاسو ڏئي وھندي ھئي، سا ڪجھ وقت پوءِ پنھنجو وھڪرو مٽائي، الور کان ڪجھ فاصلي تي، اتر ـ اولھ طرف کان وھڻ لڳي[2] ۽ ان کان پوءِ ان پنھنجو رخ ڏکڻ طرف ڪيو.[3] ھن تبديليءَ درياھ کي الور کان پري پنڌ تي ڪري ڇڏيو ۽ شھر پاڻيءَ نہ ھئڻ سبب رھڻ جاءِ لائق نہ رھيو ھو. ان کان پوءِ ھن درياھ ايجا

[5] گلئڊون جو ترجمو ص 111.

[1] ابن حوقل جنھن 976ع ۾ لکيو آھي. چوي ٿو تہ "جيڪو منصوره ٻڌا جي طرف سفر ڪندو تنھن کي مھراڻ درياھ جي ڪناري سان وڃنو پوندو، جيستائين ھو سيوستان (سيوھڻ) پھچي، (ايليٽ: ھسٽري آف انڊيا ص 39)

[2] جيڪڏھن روھڙي ۽ سکر جي وچ وارو وھڪرو ھاڪڙي جي اولاھينءَ شاخ جو سمجھڻ گھرجي تہ سنڌو درياھ جي موجوده وھڪرو، جيڪو روھڙي ۽ سکر جي وچان وھي رھيو آھي، تنھنجو گس ڪٿان ھئڻ گھرجي؟

[3] ڪننگھام چوي ٿو تہ اھا تبديلي راجا ڏاھر جي زماني ۾ واقع ٿي. حقيقت ۾ اھو غلط آھي. پر اھا راجا دلوراءِ جي زماني ۾ سنڌ جي فتح کان پوءِ ٿي، جڏھن ھندن عربن کان پنھنجي ھر چيز واپس ورتي. دلوراءِ جي ڳالھ بکر جي بيان ۾ ايندي. (ھ ـ ڪ)

بہ ٻيو وهڪرو اختيار ڪيو ۽ الور کان ڇهن ميلن جي قطر اندر ٽڪرين کي ڪاٽي روهڙيءَ ۾ بکر وچان (اڳ ۾ اهو وهڪرو اتي موجود ڪونہ هو) وهڙ لڳو. جيڪو بکر جي ڏکڻ طرف هو ۽ بکر موجوده نئين سکر جي ماڳن تي قائم هو. نيٺ درياهہ جي هڪ شاخ بکر جو اولاهيون پاسو ڪاٽي بکر کي ٻيٽ بنائي ڇڏيو. جتي بعد ۾ بکر جو قلعو بنايو ويو. اها ڪل ڪانہ ٽي پوي تہ سکر ۽ بکر جي بالن جو مطلب ڇا آهي. اهي گهٽو ڪري هم وزن هم آواز من موهيندڙ اکر آهن جيڪي هندستان ۾ عام جام ملن ٿا، جيئن انڪاءِ ٽنڪاءِ ۽ روالا ۽ جوالا، دکن جا بہ جاڙا قلعا آهن. موجوده دور ۾ سنڌو درياهہ کي عام ماڻهو مٹو درياهہ يا "مٹي پاڻيءَ جو سمنڊ" سڏيندا آهن.

هاڻي موجوده وقت ڏانهن مڙون ٿا هن درياهہ جي وهڪري ۾ اهم ڪيرو 1758ع ۾ آيو. جڏهن اهو اوچتو هالا کان اولهہ ۾ ٻارهن يا پندرهن ميل پري، پنهنجي پريون پاسا پائي ڪيرو ڪائي نئون وهڪرو ٻڌائي، حيدرآباد کان ٽي ميل اولهہ طرف وهڙ لڳو. ڪليلي ڪاٺ جيڪو ڪڏهن سکي چڪو هو. سو هن نئين درياهي ڪيري سبب وري وهڙ لڳو هو. مسٽر ناٽن ڪرو ايجا بہ ٻيءَ تبديليءَ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن 1800ع ۾ لکندي چيو آهي تہ: هن درياهہ پنجن کان ويهن سالن اندر ڏٽي کان ٿورو مٿي هڪ عجيب ڪيرو ڪاڌو اهي، جو شهر درياهہ جي دوآبي مان ئي ماڳهن ٻاهر نڪري ويو آهي، جيڪو ڪڏهن ان جي وچ ۾ بلوچستان طرف وارين ٽڪرين جي اهم ميداني علاقي ۾ هو.

سنڌ صوبو عام خوبين، آبهوا، آدمشماري ۽ قدرتي پيداوار جي لحاظ کان، هندستان کان وڌيڪ پنهنجي اولاهين پاڙيسرين سان لاڳاپو رکي ٿو. درياهہ وچان وهي ڪيس ٻن اڏن ۾ ورهائي ٿو. جنهن مان سنڌ جي قديم آثارن کي تن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهرئين درجي ۾ تاريخ کان اڳ جا آثار آهن جن ۾ پٿر جا اڻ گهڙيل اوزار ۽ يادگار اچي وڃن ٿا جن جو دور معلوم ڪونهي. مڏا اوزار ڏنگريون (Cores) ۽ تيز اوزار پاساڙا (Flakes) جيڪي چقمقي پٿر جا ٺهيل آهن، سي پٿر جي نئين دور (Neolithic) سان لاڳاپو رکن ٿا ۽ عام جام ملن ٿا. پهاڙين ۽ ماٽرين اندر ابتدائي دور جي قبرن يا يادگارن جو وڏو سلسلو موجود آهي. ٻئين دور ۾ اسلام کان اڳ جا آثار ملن ٿا، جي

هندو ۾ بڌ دور سان واسطو رکن ٿا. هي اهجاڻ استو پائي کنڊرن، پراڻن شهرن ۾ قتل قلعن جا آهن، جي خاص طور تي مکيه خشڪ وهڪرن جي آس پاس سڄي ملڪ ۾ جا بجاءِ پکڙيا پيا آهن. ٽئين طبقي ۾ اسلامي دور جا يادگار آهن، جن ۾ حاڪمن ۽ بزرگن جا مقبرا اچي وڃن ٿا، جن مان به پهرين جي گهٽ ۽ پوين جي گهٽي اهميت ڏسجي ٿي. اها به هڪ حقيقت آهي ته اسلام جو صحيح تصور رکندڙ ماڻهو اها ڳالهه ڪڏهن به تسليم نه ڪندو. پر هيءَ هڪ سچي ڳالهه آهي ته ڪنهن به مشهور بزرگ جي مزار کي، گهرڳب طبقي وٽ خدا جي گهر يعني مسجد کان به وڌيڪ ميڙتا مليل آهي. اها به هڪ حقيقت آهي ته بزرگن جي مزارن وٽ گهٽو ڪري نڱڻ ۽ ڦورن جا ٽاڪ هوندا آهن. ملڪ جي پيدائش ۾ پيسو سکائن طور اتي ڏٺو ويندو آهي ۽ اڪثر ڪري اٻوجهه زيارتي مزارن تي پنهنجون لاکون به لهرائي ويندا آهن.

سنڌ جي هر هڪ پاڳي کي پنهنجي جدا جدا خاصيت آهي. اولهه وارو پاڳو گهٽو ٽڪرائتو آهي، جنهن جي جبلن جون اتاهوين چوٽيون سنڌ کي بلوچستان کان الڳ ڪن ٿيون. اوپر وارو پاڳو، ڪليل، ميداني ۽ درياهي لٽ سان پريل آهي، جو ڪن صدين کان ونڊي اتي گڏ پئي ٿيندو رهيو آهي، جيڪو اوپر طرف واريءَ جي پٽن سان گڏجي راجپوتانا جي رڻ تائين پکڙجي وڃي ٿو. پر اتي ايجا ٿيون پاڳو به اهي جنهن کي دوآبو سڏجي ٿو. جتي سنڌو درياهه واهڙن جي مهاڃار ۾ وندجي ورڃجي ورن وکڙن وارو رستو بنائيندو. هينانهن ميداني علائقن، ڪلرائن خطن ۽ سارين جي گپ چڪ وارين زمينن مان لنگهي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. عام طور تي هيءُ ملڪ ٻيلن کان بلڪل خالي آهي. باقي درياهه جا ڪنارا ٻنهي طرفن کان گهٽي فاصلي تائين ٻهرن جي وٽن جي قطارن سان پريا پيا آهن. سنڌو درياهه کان اوپر وارو علاقو درياهي لٽ سان پريل ۽ ايراضيءَ جي لحاظ کان به تمام وسيع آهي. اهو پاڻيءَ کان سواءِ هڪ رڻ پٽ لڳو پيو آهي، رڳو ڪانڊيرن جي ٻيٽن سان ڍڪيو پيو آهي. انگريزن جي قبضي کان پوءِ، زريعي مقصدن جي نقطه نگاهه کان وسيع ايراضيءَ ۾ واهن ذريعي آبپاشي نظام پکيڙي ان ويران زمين کي وري آباد ڪيو پيو وڃي.

عربن جي فتح کان اڳ جي سنڌ جي تاريخ متعلق اسان بلڪل گهٽ ڄاڻون ٿا. آڳاٽي هندو ۽ ٻڌ جي يادگارن متعلق اسان کي جيڪا ڪجهه روشني ملي ٿي، سا گهڻي پاڻي بعد جي مسلمانن مورخن معرفت مڪلي ٿي ۽ اها بہ بلڪل جهيڙي ۽ منجهيل آهي. غلطين جو پردو جيڪو ڏگهي عرصي کان انهن مٿان پيل آهي، سو اتفاق سان ڪن گهڙين لاءِ کڄي ٿو تہ ويل وقت جو جهت گهڙيءَ لاءِ پورو نظام ٽي وڃي ٿو. اسان سڪندر جي ٽڪل فوج کي هن ڌرتيءَ جي ميدانن تي وڙهندو ڏسون ٿا. ان وقت هيءُ ملڪ ننڍين آزاد رياستن ۾ ورهايل هو ۽ نيرڪوس پنهنجي جهازن جي آرماڙ کي گڏ ڪري، هن وڏي درياهہ جي ورن وڪڙن وارين شاخن مان، جيڪي نقشي ۾ ڏيکاريل ڪونہ هيون، گذاري سمنڊ ۾ پهچي وڃي ٿو. ان جهت گهڙيءَ واري نظاري جي مهرباني تہ ٽي، پر اها ايتري اڻ پوري آهي جو، جن جن شهرن وٽان اُهي گذري هئا، سي اسان سڃاڻي ئي ڪونہ ٿا سگهون. سو اسان انهن گهمندڙ ڦرندڙ نظارن جي خالن پرڻ لاءِ ڏکا ۽ اندازا ڪري رهيا آهيون هن کان تمام گهڻو عرصو اڳ، اسان ڏسون ٿا تہ سنڌ جي حڪمران، مهاپارت واري جنگ ۾ پانڊون خلاف ڪورون جي مدد ڪري ٿو. گهڻي وٽيءَ کان پوءِ جيڪا پرجڻ جي لائق ئي ڪانهي، اسان پنهنجي سنو واري ڇهين صدي ۾ هن ملڪ کي ڏسون ٿا، جيڪو سفيد "هُن" قوم جي حڪمرانيءَ هيٺ آهي ۽ ان قوم جي ظالم حڪمرانن هتان جي ماڻهن مٿان وڏو ظلم ڪيو ۽ انهن جي ديوتائن کي ڪيڀ باهر اڇلائي ڇڏيو. وري اسان ڏسون ٿا تہ هڪ اڻ ٽڪ ۽ سڪايل چيني سياح هن تسيانگ هن ملڪ جي ٻڌ خانقاهن جي زيارتن لاءِ رلي ٿو ۽ تحمل ۽ بردباري سان ڄاڻ ۽ ڇڄ پڇان ۾ رڌل آهي. اسان کي پراميد رهڻ جو سبب بہ آهي هن مٿاڇري هيڻان، اسان هن ملڪ جي روشنيءَ ۾ تاريخ جا وڏيڪ نشان ڳولي نروار ڪريون، اهي ڏگها مگر خاموش دور جيڪي اسان جي اکين کان اوجهل آهن، تن بابت ڄاڻ حاصل ڪريون.

سنڌ ڌرتيءَ جي فطري خاصيتن جي سبب، سنڌو درياهہ جي وهڪرن جي جهت جهت تبديلين، منجهن لٽ ويهي وڃڻ ۽ جهت ۾ خشڪ ٿي وڃڻ ۽ سدائين متي جي طوفانن، سندس گهڻو ڪجهہ لٽي پوري ڇڏيو هوندو

موجوده درياهه جي اوپر طرف چوڌاري پکڙيل سڪل واهڙن جي پراڻن پيٽن جي پرپاسي، برپٽ بيابانن ۾ ويرانن ۾ تباهه ٿيل پراڻن شهرن جي کنڊرن ۾ فوجي چانوڻين جا نشان ملن ٿا. مسٽر بيلاسس لکيو آهي ته "برهمڻ آباد جي پرپاسي ۾ ٻين ڪيترن ئي شهرن جا کنڊڙ آهن، جيڪي سنڌو درياهه جي پراڻي واهڙ جي ڪناري تي يا پرسان آباد هئا. ڏسڻ ۾ ايئن اچي ٿو ته جڏهن هي واهڙ عمرڪوٽ کان وهي ڪڇ جي رڻ واري ڪاڇيءَ ۾ ڇوڙ ڪندو هو، تڏهن سنڌ جي هيءَ پراڻي ماٿري سرسبز ۽ آباد هئي.

روهڙيءَ پرسان الور جو پراڻو شهر آهي، جيڪو هزهائينس مير علي مراد جي حڪومت ۾ شامل آهي، جيڪا انگريزي حڪومت جي حدن ۾ اچي ٿي، ان متعلق به ٿوري معلومات ملي ٿي، پر هتان اوهان انگريز سرڪار جي حدن ۾ سنڌو داخل ٿي ويندا ۽ اتي وري به اوهان قديم آثارن جي بقايات ڏسندا. ليفٽيننٽ جيمس پنهنجي تازي خط ۾ لکيو آهي ته، "مان نوشهري پرڳڻي جي هڪ پراڻي شهر کي ڏسڻ ويس پر مون اتان ڪجهه به ڪونه لڌو. اتي کنڊڙ تي آهن ئي ڪونه، فقط هڪ شي پراڻي تهذيب کي ظاهر ڪري ٿي، اها آهي بي شمار سروٽن جا انبار، جيڪي چوڌاري زمين تي پکڙيا پيا آهن. موري جي پرڳڻي ۾ جيڪو نوشهري پر سان ڏکڻ طرف آهي، هڪ ٻه اهڙا هنڌ آهن. سندن گڏيل ڏيک ۽ ماڳن کي ڏسي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ماضيءَ جي ڪنهن گهراڻي جي حڪومت ۾ جڏهن هيءُ درياهه وهندو هو ته ضرور ان جي ڪناري يا پرپاسي ڪيترن ئي وڏن يا ننڍن شهرن جون قطارون آباد هونديون."

> "هنن ماڳن کان ڏکڻ ۾ وري برهمڻ آباد آهن، ٿورو اڳي ڪپري ۽ عمرڪوٽ جي وچ تي مون ڪيترن ٻين کنڊر ۽ وڏن شهرن جي آثارن بابت ٻڌو آهي ۽ وري رڻ ڪڇ جي سرحد جي پرسان پراڻي بدين جا کنڊر آهن. هنن کنڊرن جي پرپاسي ۾ اهڙا ٻيا به کنڊر هوندا ڇو ته ملڪ جي ان پاڳي جي معلومات مون کي تمام گهٽ آهي."[1]

ليفٽيننٽ پاٽينجر 1834ع ۾ پنهنجي تحرير ذريعي ٻڌائي ٿو ته:

[1] برهمڻ آباد جو احوال بامبي برٽش رائل سوسائٽي V (1857) نمبر XX

خيرپور کان اٽڪل ويهه ميل ڏکڻ يا ٿورو اوپر تي ڏکڻ طرف، انهن هڪ سکي ويل واهڙ جو پراٽو پيٽ ڏٺو جيڪو ڇڻ ته ڪو وڏي درياهه جو حصو هو. اولاهين ڪپر سان ڪجهه سفر ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌي وڏيرا جيڪي مون کي ملڻ ۾ سڄي سفارت جي استقبال ڪرڻ آيا هئا، تن اشارو ڪري هڪ وڏي شهر جا کنڊر ڏيکاريا، جنهن کي هنن محراب پور سڏيو ٿي. هيٺ حاشيي ۾ لکي ٿو ته: ليفٽيننٽ ڊي- ايل هوسٽي حيدرآباد کان خيرپور ويندي، جڏهن ٻنهي شهرن جي وچ تي پهتو ته هڪ ويران علائقي مان گذريو، جيڪو وٽن سان ڊڪيل هو. انهن وچ ۾ ڪيترن شهرن ۽ ڳوٺن جا پراٽا کنڊر هئا.[1]

پر اهي کنڊر تيزيءَ سان متبا ڏهندا پيا وڃن. جيئن ته اهي سروٽن تي مشتمل آهن، تنهنڪري ريلوي ۽ آبپاشيءَ جا انجنيئر ۽ ٺيڪيدار ملڪ جي هن حصي ۾ مذڪوره تعميراتي ڪم ۾ اهي استعمال ڪيا آهن. هنن اکرن جي لکڻ تائين ريلوي پٽڑيءَ تي ڪنڪريٽ طور هن خام مواد کي ڪٽب آنديو ويو هو. اهڙي تباهيءَ جي باوجود کي اهڙا هنڌ ب آهن جيئن ونجنوٽ ۽ برهمڻ آباد، جتي کنڊر گهڻو ڪري پنهنجي اصلي حالت ۾ موجود آهن. برهمڻ آباد ۾ سروٽا ايتري ته وڏي تعداد ۾ پکڙيل آهن جو اهي ڏڪهي عرصي ۽ وڏيءَ جدوجهد کان پوءِ ب صاف ڪري نه سگهيا.

اهڙن پراٽن ماڳن جي سڃاڻ اهڙو معاملو آهي، جنهن قديم آثارن جي شاگردن کي موهي رکيو آهي توڙيجو ڪا معتبر ثابتي نه ٿي ملي، ته ب اهي وڏيڪ دلچسپ بنجي ٿا وڃن. جيئن ته تضاد ۽ اختلاف راءِ جو امڪان گهٽ هوندو آهي، تنهن ڪري هر ڪنهن کي سهڻن نظرين گهڙن جي هورا ڪورا لڳل هوندي آهي ۽ سوچيندي ويچاريندي ڪنهن خوشفهميءَ واري تصور ۾ اچي ويندا آهن. پر جڏهن ڪو وڏيڪ ڪوجنا کندو ته ڪيس هلڪي پوري پوري ڪوڙي حقيقت معلوم ٿي ويندي. جهڙوڪ اڪيريل سر يا ڪنهن پٽر تي لکت، جيڪا هڪدم پاڻ ظاهر ڪري ٿي وجهي ته هو ويچارو واڙڻو ٿي ويندو. گهڻا پراٽا دڙاجيڪي متاچري جي ڏسڻ سان سادا لڳندا آهن پر جيڪي منجهن اندر هوندو آهي، تن جو ڪوب اندازو لڳائي

[1] سنڌو درياهه جي موجوده صورتحال ڏسو جرنل رائل ايشيا ٽڪ سوسائٽي جلد 1 ص 207

نہ سگھندو آھي. کوٽائي ڪرڻ کان پوءِ ڏسڻ ۾ ايندو تہ، اتي ٻڌ ڏرم جي استوپا جو هيئيون حصو پوريل هو. جنهن کي ڪيترين صدين اڳ وڏي شان ۽ محنت سان جوڙيو ويو هو ۽ سمجهيو ويو هو تہ اهي اڻ مٽ ۽ ابناس هئا. جيڪي جوڙيندڙن پنهنجي دل جي گهراين سان ناهيا ۽ سنڌن آرزو هوندي تہ هي سڀ عمل سنڌن مرڻ کان پوءِ بہ باقي رهندا ۽ مقدر جي ٻئنڪ ۾ سنڌن کاتي ۾ هميشو وڌندا ئي رهندا. هن ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ بي شمار دڙا اهڙا آهن، جيڪي ماهرن جي اکين کي ڇڪڻ ۽ چنجور ۽ ڪوڏر آڏو سر جهڪائڻ جي انتظار ۾ آهن. انهن متعلق برٽن ڪيترا سال اڳ لکي ڇڪو آهي: هي مٽيءَ جا گول منارا آهن، پر کي گهنٽا گهر ناهن. اهي ڪن روايتن کي پڪي ڪرڻ لاءِ جڙ ڪِلَ آهن. امڪان آهي تہ ڪجهہ وقت اڳتي هلي قديم آثارن تي بحث ڪرڻ لاءِ اهي ڪو مواد فراهم ڪن.[1]

وڃئين دور وارن ڪنڊرن مان سنڌ ۾ عملي طور ڪجهہ بہ رهيل ڪونهي. يا تہ تمام ٿورو ٻاهر ڪڍيو ويو آهي سو بہ، سنڌ جي ڏکڻ- اوپر واريءَ ڪنڊ جي ٻن جاڻن شهرن ويرواهہ ۽ ننگر پارکر مان، اهي شهر اڳتي هلي مرحلي وار جاچيا ويندا. اتان، گهٽا سال اڳ، تراشيل پٿر ڪراچيءَ واري عجائب گهر ۾ آندا ويا هئا. ٽين نمبر تصوير ننگرپارکر مان ڪنهن در جو آندل تاک ڏسجي ٿي. پر اهڙيون شاندار جايون ڪنهن زماني سنڌ ۾ موجود هيون. اسان کي حوالن مان معلوم ٿئي ٿو تہ، ڊيبل واري مندر مان آندل سامان مان، نٿي ۾ جام نندي وارو مقبرو جوڙيو ويو. لاهري بندر واري هندن جي مندر کي مسجد ۾ بدلايو ويو ۽ ٻيا بہ ڪيترا مندر هئا، جيڪي عربن حملي دوران تباه ڪيا. اهو ممڪن ئي ڪونهي تہ سنڌ اهڙين شين کان خالي هوندي. اتر طرف ملتان کو گهٽو پري تہ نہ اهي، جتي تمام سهڻو ۽ تارريخي سورج ديوتا جو مندر آهي. اهڙيءَ طرح ڪاٺياواڙ گجرات ۽ راجپوتانا بہ اوپر ڏس تي آهن، جيڪي تاريخي جاين سان ڀريا پيا آهن. جن جا قديم آثار اڄ بہ اسان کي انهن جي تعريف ڪرڻ تي مجبور ڪن ٿا. پر سنڌ بت شڪن عربن جي حملن جا ڏنپ سڀا آهن، جيڪي اسلام جي تازن جذبن سان سرشار هئا ۽ اهڙيءَ طرح گهٽو ڪجهہ وڃايو ويو. ان وقت کان وٺي هي

[1] سنڌ ري وزي تيد ص، 88

صوبو مسلمان حڪمرانيءَ هيٺ يهرو ۽ هندو جيڪي بت پرست هئا، سي هيٺا رهيا.

ڪجهه سال اڳ، هڪ وڏيءَ دلچسپيءَ واري شيءِ لڌي وئي آهي. ميرپورخاص جي پرسان هر ڪاهيندي، پٽل يا ڪنجهي جو ٺهيل بت لڌيو ويو آهي، جيڪو برهما ديوتا جو آهي، (پليٽ1) اهو بنا ڪنهن شڪ شبهي جي ڪنهن مندر جو هوندو. ان بت جي ٺاهڻ واريءَ هنر مندي، قد ۽ ماپ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته، مندر جنهن ۾ اهو رکيو ويو هوندو سو وڏيءَ تعميراتي اهميت وارو هوندو. اها جاڻ به دلچسپيءَ کان خالي نه ٿيندي ته عربن کان اڳ انهن جڳهن جوڙڻ ۾ ڪهڙو سامان ڪتب ايندو هو. جيڪڏهن اهو پٿر هو ته پري کان آندو ويو هوندو يا سرون هوندیون ته انهن کي ٽپي سان يا اُڪيري سهڻو بنايو ويو هوندو. اهڙيون ڪي تعميراتون، مڌيو پرديش (Central Province) جي اوپارئين ضلعي ۾ پراڻن سرن جي ٺهيل مندرن ۷ استوپا جي صورت ۾ ڏٺيون ويون آهن.

هن برهما ديوتا جي بت جي اوچائي ٽي فوٽ به انچ آهي. اصل ۾ ان کي هڪ جاءِ تي پڪو ڪري ٻيهارڻ لاءِ ٻنهي پيرن ۾ پکڙيون لڳل آهن. سندس ڏاڙهي مڇون ڪوڙيل، چار منهن اٿس. پاسن ۽ پٺيءَ وارا منهن، سامهون واري منهن کان ننڍڙا آهن، وار چڳيءَ پر سنواريل اٿس. ڪيس رڳو به ٻانهون اهن، ايئن محسوس ٿئي ٿو ته جڻ سندس کاپي هٿ ۾ مالا يا تسبيح آهي. ڏسٽي آڏر ۽ اڳونو جڻ مٽين ڳٽڻ واريءَ صورت ۾ آهن. ساڄو هٿ مٿي موڙيل ۽ هٿ جي تريءَ جو رخ تن ڏانهن رکيل آهي. ايئن معلوم ٿئي ٿو ته ڪو ڪتاب يا ويد هٿ ۾ جهليل اٿس. هن اڪيليءَ مورتيءَ جي ملڻ ڪري سندس دور جو اندازو لڳائڻ بلڪل ڏکيو ٿيندو. منهنجو گمان اهي ته هي عرب دور کان اڳ جو جوڙيل آهي. جيڪا شيءِ سندس کاپي ڪلهي تي لڙڪيل آهي، سا ڪنهن هرڻ جي کل ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ٻي صورت ۾ اهو ڏسڻ ۾ اڇي ٿو ته چيلهه کان وٺي پيرن جي مرن تائين ڪيس هڪ ئي اوڇڻ ڍڪيل آهي، جٽيون سندس کاپي ڪلهي ۾ لڙڪي رهيو آهي. سندس اڌ ڪليل اکوين، ميرپورخاص مان لڌل استوپا جي گوتم ٻڌ واريءَ مورتي وانگر آهن. وچولي دور ۾ برهما ديوتا جي پوڄا وڏي اختلاف

سان شروع ٿي.[1]

هاڻي اسان اسلامي دور ڏانهن اچون ٿا، جنهن ۾ اسان کي ڪجهه روشني ملي ٿي. هندو واقعن جي وچور رکڻ (تاريخ) ۾ ڏاڍو جڏو هو پر مسلمان جڻ جمندي ئي مورخ ٻڌجي ٿو. اسان مسلمانن جي قلم کان گهڻو ڪجهه ورتو آهي. پر اهو مذهبي تعصب سان اهڙو ته گڏجي سڏجي ويو آهي، جو اڪثر سچ ۽ ڪوڙ کي الڳ ڪري ٻيهارڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو آهي.

عربن تباهي ڪئي پر تعمير ڪانه ڪئي. اهي اولهه طرف کان پهريان حملا آور هئا، جن پنهنجي نئين قائم ڪيل مذهب جي پرجوش تبليغ واسطي، هندن ۽ ٻڌن جي مذهبي جاين کي ظلم جو شڪار بنايو.

انهن تباه ٿيل جڳهن ۾ کين گهڻو ئي سامان نظر آيو، جيڪو هنن مسجدون تعمير ڪرڻ ۾ استعمال ڪيو ۽ ٻين تڪڙين ضرورتن ۾ ڪتب آندو. تعميرات جي مد ۾ عربن بس اهو ڪجهه ڪيو ۽ ٻيو هنن ڪٿي ڪٿي قلعن جي ٿوري گهڻي مرمت ڪئي. اهي ڪچي قسم جون ناپائدار عمارتون هيون، جن جا ڪي ٿورا نشان وڃي رهيا آهن. اهي عاليشان عمارتون ۽ قبا جيڪي پوئين دور جي سنڌي حڪمرانن بنايا، سي سندن دلين کي ڪونه وٽيا. هو ڌاريا ۽ عارضي حڪمران هئا ۽ پنهنجي ڪٽنبن کان سواءِ رهندا هئا. حڪمران اولهه کان دور دراز خلافت طرفان مقرر ٿي ايندا هئا، جن کڏهن ٻه هن ملڪ کي پنهنجو دائمي گهر ڪري ڪونه سمجهيو. پر جڏهن اسان پوئين وقت جي سردارن واري دور ۾ پهچون ٿا ته، اسان کين پنهنجن بزرگن لاءِ عاليشان خانقاهون ٺهرائيندي پنهنجي لاءِ ديده زيب مقبرا تعمير ڪرائيندي ڏسون ٿا. سنڌ سرن جو ملڪ آهي، اهي تعميراتي سامان ۾ جتي ڪٿي نظر ايندیون. انهن جي هيٺان پٿرن جا بنياد ڏنا ويا آهن، جيئن انهن کي ڪلر جي لوٽيات واري اندروني تباهيءَ کان روڪي سگهجي. جيڪي زمين کان اسري سرن جي اوساريءَ کي هٽي ڪنا ڪيڙا ڪري رکن ٿا. ٻڌ دور واريون ٽپي يا اُڪر جي ڪم سان سينگاريل سهٽيون سرون، ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته بلڪل ختم ٿي ويون آهن. اهي تعميراتون پنهنجي سونهن ۽ سوڀيا جي

[1] هڪ مضمون، آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا جي سالياني رپورٽ ۾ ڏنل 07_1906ع ص 77.

واسطي، ڪاشيءَ جي رنگين ۽ چمڪندر سرن تي مدار رکندیون هیون، جيڪي ايران مان سنڌ ۾ آيون، جن جي صنعت نئين گهر ۾ مقبوليت حاصل ڪئي. احمد شاه جيڪو احمد آباد جو حڪمران هو، تنهن پنهنجي دارالسلطنت کي بي شمار مسجدن سان سينگاريو. انهن مان ڪيتريون ته هندستان اندر هندو- مسلم تعمير جو نادر نمونو اهن ۽ سندس مقبرو انهن جي مقابلي ۾ ٻئي درجي جي تعمير آهي. پر ان جي مقابلي ۾ سنڌ جي حڪمرانن مرڻ کان پوءِ پاڻ کي ۽ پنهنجي شخصي شان ۽ شوڪت کي خدا جي گهر (مسجد) کان اعليٰ ۽ اتم سمجهيو. سواءِ جامع مسجد ٺٽي جي جيڪا سندن تعمير نہ آهي اهڙي طرح ڪي ٺورڙيون مسجدون آهن جن جي تعمير جي تعريف سندن ليکي ۾ آڻي سگهجي ٿي.

جيتوڻيڪ پراڻين اڏاوتن کي ڪاشيءَ جي چمڪندڙ سرن سان خوبصورت ۽ خاص انداز ۾ ڏاڍو سينگاريو ۽ سنواريو ويو آهي، خاص طور پوئينءَ دور جي تعمير ۾ نيري ۽ اڇي رنگ واري طرز کي ڏاڍو پيڪيدار بنايو ويو آهي ۽ منجهس ڪچي رنگ جي جهرمر بہ شامل اهي. ان جي باوجود بہ اهڙن مقبرن جي تعمير ڪاريگريءَ جو ڪمال نہ چئبي. اهڙي قسم جون اڏاوتون ڏسڻ ۾ ڳوريون ۽ بي ڍوليون اهن، پر ڪنهن حد تائين سهڻن ڪلن يا قبي تي ڪاريگريءَ ۽ هنرمنديءَ واري هٿ لڳائڻ ڪري يا ان جي مٿان خوبصورت منارن تعمير ڪرڻ جي سبب چڱيون لڳن ٿيون جيڪي هندستان اندر تمام ٿوريون آهن. (ڏسو شروعاتي صفحن واري تصوير) اهي قبيون، اصولي طور تي، وڏا مخروطي قسم جا سرن جا ونگ آهن، جن جي مٿان قبي جو "ڳورو اڌ گول" تعمير ڪيو ويندو آهي ۽ جنهن ۾ سامهون واري پاسي کان ٻيا تي پاسا ٻُسا هوندا آهن، منجهن هلڪا ٻارا رکي جان ڇڏائي ويندي آهي گهڻو ڪري سيني کي هڪ ئي دروازو هوندو آهي، جيڪو قبي جي موڪراڻ ۽ ڳورين پتين جي ٻيٽ ۾ تمام ننڍڙو محسوس ٿيندو آهي. لنگهہ وٽ ڏيڍي يا ٻيش دالان ڪونہ هوندو آهي، جنهن مان شان شوڪت ظاهر ٿئي. بس جڙ ڪو ٻت ۾ تاکن سان ويڪرو ٽنگڙو هوندو آهي. انهن اوٽاين جي باوجود سندن پکير ۽ وزن اثر

پذير آهي. وڏي وقت گذرڻ بي توجهي جو شڪار هوندي، اهي بهتر ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ ان کان ب بهتر هوندا جڏهن تازا هئا ۽ ڪاريگرن جي هٿان ٺهي تيار ٿيا هئا. انهن مان بهترين طرز واريون اهي اڏاوتون آهن، جيڪي پٽرن جي ٺلهن تي جوڙيون ويون آهن، جن تي فتح پور سيڪري واري طرز تي نقش و نگار ڪئي وئي آهي، جنهن جو سنو مظال مرزا عيسيٰ جو ٺٽي وارو مقبرو آهي. سنڌ ۾ سنگ مرمر تمام ٿورو استعمال ڪيو ويو آهي، فقط قبرن تي مٿان سرن طور يا جاين جي ڪٺهڻن ۾ نظر ايندو. تعجب جي ڳالهه اها اهي ته پنهنجي شرعت هوندي ب هند جي شهزادن جو، پنهنجي ٽڪل هڏن کي رکڻ لاءِ شاندار جڳهن ٺهرائڻ، طرف دلي لاڙو رهيو آهي. اسلام جي سخت قانون مطابق قبرن مٿان شاندار قبا يا يادگار جوڙائڻ جي منع ٿيل آهي. قبر مٿان گرانٽ جي ماپ جيتري ٻُڻي تعمير ڪري سگهجي ٿي، سا ب ڪچين سرن جي، جنهن تي چوني جو گارو يا ٻي تعمير جي منع آهي. جابر رضہ جيڪو محمد ﷺ جو صحابي چيو ويجي ٿو ان کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ قبر مٿان چوني سان اوساري ڪرڻ ۽ انهن تي لکڻ جي ب منع ڪئي هئي.[1] بهانو اهو ڏنو ويجي ٿو ته قبو قبر جو بچاءَ آهي، پر انهن ۾ وڏي شان شوڪت سان پٽرن مان جوڙيل مزار هيٰنان ڪا سچي پچي اصلي قبر ڪانه هوندي آهي، اها عام طور تي ڪنهن قبي هيٰنان هجڻ کپي: جيڪا ڏسي ئي ڪانه سگهبي آهي. اها حقيقت ان منع نامي جي سچائيءَ کي هٿي ڏئي ٿي. اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته نواب امير خليل خان، جيڪو مڪليءَ ٽڪريءَ تي ٺٽي ۾ دفن ٿيل آهي، سو اڏيو ته باضمير انسان هو، جو هن وصيعت ڪئي هئي ته سندس لاش، سندس ٺهرايل قبي ۾ دفن نه ڪجو، جيڪو هن کڏهن بي خبري واريءَ عمر ۾ جوڙايو هو. پر سندس لاش ان قبي جي پاسي ۾ پورجو.

هنن پراڻن جاين مان ڪيترين ئي ڏرتيءَ ڏڏڻ ڪري ناس ٿي ويون. ڪئپٽن وُڈ ٻڌائي ٿو ته 1819ع واري ڏرتيءَ جي ڏوڏي تمام گهٽو نقصان ڪيو. جنهن جو اثر پونا[2] جي ديرا دون[3] شهر تائين محسوس ڪيو ويو.

[1] ڏسو هيوز جي اسلام جي لغت.

[2] (Journey to the source of oxus, p_25

[3] ديرادون

اسان کي خبر آهي تہ ان جي ڪري گجرات جي پراڻين مسجدن ۾ ٻين جڳهن کي ڏاڍو ڇيهو رسيو. ليفٽيننٽ اليگزينڈر برنس ٻڌائي ٿو تہ: رڻ جي "سندري" وٽ ان جا جهٽڪا محسوس ڪيا ويا، جنهن ڪري يوڏيون تبديليون آيون ۽ ٻوڏ ٻہ آئي.[4] ان لڏي ۾ سنڌ جو رهاڪو پڻ متاثر معلوم ٿئي ٿو. انهن پنهنجي ملڪ جي گهٽو ڪري سيني پراڻين جاين ڪرڻ ۽ تباه ٿيڻ جي چٽي پٽي سبب کي سمجهي ورتو. پر نٽي ۽ خدا آباد ضلع دادوءَ جي ڪاشيءَ جي سرن کي ڪنهن بي رحم ماڻهن جي آڳرين تباه ڪري ڇڏيو. ٻي حالت ۾ جيئن غلام شاهہ جو قبو جيڪو حيدرآباد ۾ آهي، جنهن تي ڪاشيءَ جي سرن جو جڙاءُ سادي نموني ڪيو ويو هو. سي پتين تان اکڙي اچي پٽ پيون آهن.

سنڌ ۾ سڪن جي قدامت کي گهٽ حيثيت آهي، جهہ هندـ ساساني ـ هڪ يا ٻہ هندـ پارٿين، ڪشن يا ڪشاتراپا جا، ڪجهہ ڪٽيل ستيل عربي دور جا، ڪجهہ مقامي، ڪجهہ ٻاهران آيل ٿورا ڪجهہ ٻيا سڪا جن تي سنسڪرت جا اکر آهن، اها ئي سموري مڈي آهي، جيڪا اسان هن وقت تائين مطالعي واسطي گڏ ڪري سگهيا آهيون. پوئين دور جا مسلمان حڪمران ڪابل ۽ دهلي جا سڪا استعمال ڪندا هئا، جيڪي مختلف دورن ۾ ڪنهن حد تائين انهن جا ڏن ۾ رو هئا.

(سنڌ جا قديم آثار ص 1 کان 23)

[4] بخارا ڏانهن سفر، ص 113

قديم سنڌ جا يوناني ۽ رومي تذڪره نگار

محمد حسين پنهور

هن مضمون جو محرڪ نامور برطانوي ليکڪ مسٽر ايڇ. ٽي. لئمبرڪ جو ڪتاب "Sindh – before Muslim Conquest" (سنڌ- عربن جي فتح کان اڳ) آهي، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي. ان ڪتاب جي مطالع کان پوءِ مونکي ڪافي مايوسي ٿي، جو ان ۾ لئمبرڪ جي ٻين ڪتابن "چالرس نيپئر ائنڊ سنڌ"، "جان جيڪب آف جيڪب آباد"، "سنڌ بئتلس"، "سنڌ-اَ جنرل انتروڊڪشن" ۽ "دي ٽيررسٽ" وانگر تحقيقي ۽ علمي مقام مون کي گهٽ نظر آيو. لئمبرڪ جي مذڪوره ڪتابن جي علمي دنيا ۾ وڏي حيثيت آهي، انڪري منهنجيءَ دل ۾ صاحب موصوف لاءِ نهايت عزت آهي.

"سنڌ- عربن جي فتح کان اڳ" ڪتاب جي مطالع کان پوءِ اهو پهلو بهرحال مون لاءِ ڪجهه خوشيءَ جو سبب رهيو جو ان موضوع تي لائق مصنف، ايڏا به وڏيڪ تحقيقي ڪم ڪرڻ لاءِ تجسس ۽ توجهه ڏياريو آهي ۽ اسان پارن تاريخ سان دلچسپي رکندڙن لاءِ ان ڏس ۾ ڪجهه علمي ڪم

ڪرڻ لاءِ موقعو فراهم ڪيو آهي.

سنڌو تهذيب کان پوءِ هِت آريا آيا. انهن کان پوءِ اخمينين، سڪندر، موريا، بلخ جا يوناني، ساڪا يا سٿين، پارٿين ۽ ساساني آيا، جن کان پوءِ راءِ ۽ برهمڻ گھراڻن هِت حڪومت ڪئي. مسٽر لئمبرڪ مذڪور قومن جي آمد ۽ حڪومتن ڪرڻ بابت پنهنجي ڪتاب ۾ جيڪي معلومات ڏنا آهن، سي اجمالي آهن ۽ سندس ماخذات بہ محدود ۽ مختصر آهن. تشنگيءَ جي انهيءَ احساس مون کي شوق ڏياريو تہ مذڪور دؤرن بابت تفصيلي معلومات هٿ ڪجي، جيڪا منهنجي انداز ي مطابق سَوَن ڪتابن ۾ موجود آهن. دلچسپيءَ جي عالم ۾ ۱۹۷۳ع کان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. پورا اٺ سال مواد گڏ ڪندو رهيس، مطالع ڪندو رهيس، حوالا ۽ معلومات حاصل ڪندو رهيس. انهيءَ عرصي ۾ موضوع جي مناسبت سان انگريزيءَ ۾ ڪجھ مضمون بہ لکيم، جي شايع ٿي چڪا آهن.

1. Cronology of Sindh from fall of Mohen jo Daro to the Arab Conquest of Sindh. ("Sindh Quarterly", Vol: II, No: I, 1976, Karachi)
2. Influence of Ancient Sciences including those of Sindh on Al_ Razi ("Sindhological Studies", Summur, 1977, Published by Institute of Sindhology, University of Sindh, Jamshoro.)
3. International Trade of Sindh, 200 B.C _200 A.D. from its port of Barbaricon (Banbhore).

هي مضمون ان سلسلي جو چوٿون مضمون آهي.

هن مضمون پيش ڪرڻ جومقصد اهو آهي تہ اسان جا سنڌ شناس عالم (Sindhologists) اهو ڏسن تہ يوناني ۽ رومي مضنفن جي ڪتابن ۾ سنڌ بابت ڪيترو نہ اهم ۽ اڪيچار مواد موجود آهي.

سنڌ تي مغربي لکندڙن جي شروعات نمايان طور سڪندر جي دؤر کان ٿئي ٿي، پر ان مواد جي معلومات جا سرچشما سڪندر کان بہ اڳ ڪيترين ئي صدين تي مشتمل نظر اچن ٿا.

مون پنهنجي مذڪور ٻئي نمبر مضمون ۾ ڄاڻايو هو تہ قديم دنيا جي قديم درياهي تهذيبن، مثلاً نيل، سنڌو، فرات ۽ دجلہ جي وچ ۾ تمدني لاڳاپا گھڻ رهيا آهن. هر هڪ تهذيب وٽ سائنس پنهنجي پنهنجي طرز تي

ايجاد ٿي، وڌي، ويجهي، پر اها ختم نه ٿي. پراڻين تهذيبن جون جايون نين تهذيبن والاريون،جن ۾ پراڻيون سائنسون به ڪنهن حد تائين مدغم ٿيون. دارا اعظم مٿين ٽنهي تهذيبن جي ايراضين کي پنهنجي شهنشاهيت ۾ داخل ڪيو. سنڌ ۾ مصر تي سندس تسلط تقريباً هڪ سؤ سال کان سوا سؤ سال رهيو. تقريباً ۵۲۰ ق.م. ۾ يونانين جو پونوچ سمنڊ جي تجارت تي قبضو هو ۽ ايران سان تجارت جي اٿينس کي هڪ هٿي هئي. دنيا جي تهذيب جو مرڪز ٽي وڏا درياهه نه هئا، پر ٽي جابلو قومون – ايراني، اسيرين ۽ يوناني- بنيا. ايرانين، يونان جا ڪي حصا سن ۴۷۹ – ۴۹۲ ق. م. ۾ قبضي ۾ ڪيا، ۽ نه صرف ان کي صوبائي خودمختياري ڏنائون، پر انهن جي تمدن جي پڻ حوصلہ افزائي ڪيائون. ان موقعي ملڻ سان يوناني، سنڌ ۽ هند ميسوپوٽيما، مصر، هٽي ۽ ڪريٽ جي تهذيبن ۽ سائنس جو مطالعو ڪيو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو ٻيا ٻه هزار سال ساري دنيا يوناني سائنس ۽ فلسفي جي محتاج رهي.

سڪندر اعظم جتي جتي پهتو، اتي جي هر پهلوءَ تي معلومات حاصل ڪرايائين. هتان سنڌ مان مختلف قسمن جا ماڻهو پاڻ سان گڏ بابل وٺي ويو ۽ اهو به عين ممڪن آهي ته انهن ۾ عالم، حڪيم ۽ ڏاها به شامل هئا.

آيرويدڪ طب جي اصولن ۾ شيون چئن قسمن جون آهن: هوا، زمين، باهه ۽ پاڻي ۽ چئني شين جون چار خصوصيتون آهن: گرم، سرد خشڪ ۽ تر. اهو ساڳيون نظريو يونان ۾ هپوڪريٽس (۳۷۰_۴۶۰ق.م.) پيش ڪيو. اهڙا ڪئين مثال آهن، جو هندو ۽ يوناني ديومالائن ۾ تقريباً ساڳيا قصا آهن. اها ثقافتي ڏي وٺ سڪندر کان گهڻو اڳ چالو هئي ۽ ان جا رستا خشڪيءَ سان گڏ ساموندي پڻ هئا.

مون پنهنجي مضمون "Chronology of Sindh" (ڇپيل: Sindh Quarterly, Vol_II No1, 1976) ۾ هڪ هزار قبل مسيح کان ۶۲۶ ع تائين تاريخ وار مڪمل واقعا ۽ ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن. ان مضمون کي بعد ۾ نظرثاني ڪري اضافن سان وڌائي ڪتابي شڪل ڏني وئي آهي، جو پريس ۾ اشاعت هيٺ آهي. قارئين ڪرام ڏسندا ته ان ۾ هر هڪ تاريخي واقعو زنجير جي هڪ ڪڙي آهي، جنهن کي حوالن وسيلي مربوط (Weld) ڪيو ويو آهي. انهن حوالن ۾ انهن ۲۳ مصنفن جا ماخذ پڻ شامل آهن، جيڪي

يوناني ۽ رومي آهن ۽ جن جو اسان جي هن مضمون سان تعلق آهي.

انهن ٢٣ مصنفن کي پڙهڻ کان پوءِ منهنجي اکين اڳيان سنڌ جي بين الاقوامي واپار (International Trade) جونقشو ڦرڻ لڳو ۽ ان موضوع تي هڪ مضمون تيار ڪيم، جو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي تحقيقي مخزن "Sindhological Studies" ۾ بن نقشن سميت شايع ٿي رهيو آهي.

بهرحال، مان ان نتيجي تي پهچي چڪو آهيان ته سنڌ جي قديم تاريخ – عربن جي دؤر کان اڳ وارن دؤرن بابت – جي تفصيلي ۽ جامع مطالع لاءِ انهن ٢٣ يوناني ۽ رومي مصنفن جي تحريرن ۽ ڪتابن کي نهايت غور سان پڙهڻ لازم آهي، جن کان سواءِ سنڌ جي تاريخ جو مطالعو ۽ تحقيق تشنہ تصور ڪيا ويندا.

هن مقالي ۾ جن يوناني ۽ رومي مصنفن جو ذڪر ڪنداسين، تن جي لسٽ هن ريت آهي:

1_ هِڪٽيٽس
2_ اسڪائلٽڪس
3_ ڪٽيسياز
4_ هيروڊوٽس
5_ اگزينوفان
6_ سڪندراعظم
7_ نيئرڪس
8_ ميگئزٿينيز
9_ ارسٽوبولس
10_ ڪلائٽارچس
11_ ايرٽٿوس ٽنيسز
12_ يوڊوڪسز
13_ هپيئلس
14_ استرابو
15_ اپولونيئس آف ٽيانا
16_ ڊيوڊورس سائڪيولس
17_ ڪرٽيس رفس ڪئنٽس

18_ پلوٽارچ
19_ پيريپلس
20_ پِلني دي ايلڊر
21_ ڪلاڊيس ٽالمي
22_ جسٽينس
23_ ايرين

(1) هڪئيٽس

هِڪئيٽس (Hecataeus) يوناني تاريخ نويس ۽ جاگرافي دان هو. جو سن ۵۵۰ ق.م. ڌاري پيدا ٿيو ۽ سن ۴۷۶ ق.م. ۾ فوت ٿيو. ميلٽس (Meletus) جو رهواسي هو. ايران جي اخمينين (Achaemenian) شهنشاهيت خلاف آئونين (Ionian) انقلاب جو حامي ۽ هڪ رهنما پڻ هو.

هن هڪ تاريخي ڪتاب (Genealogiae) سن ۵۰۰ ق.م. ڌاري ۽ جاگرافيءَ جو ڪتاب "پريگيسز" (Periegesis) نالي لکيا، جن ۾ برصغير ۽ سنڌ متعلق به احوال آهي. سنڌ متعلق هن کي اسڪائليڪس کان اطلاع مليو هو.

هن دنيا جو نقشو پڻ تيار ڪيو. جو گول هو. اتر اڌ گول ۾ يورپ ۽ ڏکڻ اڌ گول ۾ ايشيا هئي. اتر ۽ ڏکڻ کنڊن (Continents) جي چؤطرف سمنڊ هو. هن جو لکيل مٿيون ڪتاب صفا ضايع ٿي چڪو آهي، پر ان جو مواد هيروڊوٽس استعمال ڪيو جو سندس مرڻ وقت اٽن سالن جي عمر جو هو. هيروڊوٽس کي تاريخ جو ابو تسليم ڪيو ٿو ويجي، پرمنهنجي خيال ۾ اهو خطاب "هِڪئيٽس" جو حق آهي، جيڪو اُن کان آڳاٽو تاريخ نويس آهي.

سندس ڪتابن ۽ زندگيءَ تي پيئرسن (L.Pearson) پنهنجي ڪتاب (Early Ionian Historians) جو لنڊن مان ۱۹۳۹ع ۾ ڇپيو ۾ تنقيد ڪئي آهي. سندس ڪتاب جا جُزا مُلر (C.Muller) پيرس مان سنہ ۱۸۴۱ع ۾ فرئگيمنٽس (Fragments) جي نالي سان ڇپرايا.

سنڌ متعلق هن هڪ خاص ڳالهه لکي آهي ته سنڌ دريا جي کٻي ڪناري تي (اوپر طرف) اوپيائي (Opiai) نالي هڪ قوم يا قبيلو (Tribe) رهندو هو. جن وٽ مضبوط قلعو (شايد پٽالا؟) هو. ان شهر جي اوپر ۾ ريگستان هو.

(2) اسڪائلئڪس

اسڪائلئڪس (Scylax) هڪ يوناني هو ۽ ڪئريانڊا (Caryanda) جو رهواسي هو. هو ڪو مصنف نه هو، پر هڪ اميرالبحر هو ۽ دارا جي سنڌو ۽ گنڌارا صوبن جي فتح ڪرڻ کان بعد سندس حڪم سان پشاور (Kaspapyrus) کان سنڌونديءَ جي رستي عربي سمنڊ جي ڪناري تي پهچڻ لاءِ،مڪران جو ڪنارو وٺي، بحرين جي سامهون ايراني نار پار ڪري، عربستاني اُپٻيٽ (Peninsula) جو ڪنارو وٺي، ڳاڙهو سمنڊ پار ڪري مصر پهتو. نيل ندي تائين سڌو پهچڻ لاءِ دارا، مصر جي فرعون بادشاهه نيڪو دوم (Necho_II) جو نهرايل واهه، جنهن نيل درياهه کي ڳاڙهي سمنڊ سان ملايو ٿي ۽ لَٿجي ويو هو، وري درست ڪرايو. اهو سفر شايد سنه ۵۱۴ ق.م. ڌاري شروع ٿيو ۽ اڍائي سالن بعد ختم ٿيو. هو ايراني نه هو پر يوناني هو ۽ پهريون يورپي هو، جنهن اهڙو سفر ڪيو هجي. سفر جو مقصد هو ته دارا جي شهنشاهيت جي ٻن دور دراز حصن يعني سنڌ ۽ مصر کي پاڻ ۾ ملائڻ. دارا ڪئين خشڪي رستا پڻ قائم ڪيا هئا.

اسڪائلئڪس جو ڪتاب يا جرنل يا لاگ بوڪ يا پيريپلس (Periplus or Circumnavigation) گم ٿي ويو آهي. سندس متعلق اسان کي هيروڊوٽس (Herodotus) جي چوٿين ڪتاب مان معلومات ٿئي ٿي، جا ناڪافي آهي. سڪندراعظم ۽ سندس ساٿي نيرڪس کي اسڪائلئڪس بابت ڪا معلومات ڪانه هئي. سندس حياتيءَ جي باري ۾ به اسان کي خاص معلومات ڪانهي. سندس ڪتاب پيريپلس (Periplus)، جو هيروڊوٽس استعمال ڪيو، شايد سندس موت بعد چوٿين صدي ق.م. ۾ لکيو ويو هجي.

(3) ڪٽيسياز

ڪٽيسياز (Ctesias) يوناني ڊاڪٽر ۽ مصنف هو، جو عيسوي سن کان تقريباً پنج صديون اڳ زنده هو. ايران جي شهنشاهه ارتازرزس (Artaxerxes) جو سرڪاري طور طبيب هو.

هن ٽيويهن جلدن ۾ ايران جي تواريخ لکي، جنهن مان هڪ جلد گڏيل هندستان جي جاگرافي متعلق هو. ڊيوڊورس ۽ پلو ٽارچ جن سڪندراعظم

جي تاريخ لکي، ان جي ڪتاب مان معلومات ورتي آهي.

ڪتاب گهٽي پاڳي گم ٿي چڪو آهي ۽ باقي بچيل جُزا گلمور (J.Gilmore) ۱۸۸۸ع ۾ ڇپرايا آهن. گڏيل هندستان متعلق جي صفحا آهن، انهن جو ترجمو تبصره سان گڏ مئڪرنڊل "Indian Anti quary" (انڊين ائنٽي ڪئاري) ۾ ۱۸۸۲ع ۾ بمبئيءَ مان ڇپرايو. مضمون جو نالو آهي. "Ancient India as described by ktesia" ۽ ساڳئي سال ڪلڪتي مان ڪتاب جي صورت ۾ شايع ٿيو.

ڪتاب ۾ سنڌوندي، جنگ ۽ صلح جي وقت ۾ هاٿين جي استعمال، باندرن، ڪتن ۽ شينهن جي لڙاين، هندستان جي انصاف، سج ۽ چنڊ جي پوڄا، ماڻهن جي ڪاري رنگ، چاندي جي کاڻين، رڍن، ٻڪرين، جانورن، منائي وغيره جو بيان ڪيل آهي، جنهن مان ڪافي معلومات ملي ٿي.

پر ڪتاب ۾ هندستان بابت ڪيترا وڌاءُ پڻ آهن، مثلاً لکي ٿو ته ماڻهن جي حياتي ۱۲۰ کان ۲۰۰ سالن تائين آهي. ۲۰ فوٽ ڊگها نانگ آهن، جن جي ڇڪ مان زهريلي خوشبوءِ نڪري ٿي. انسانن جو مٿو ڪُتي جي مٿي جهڙو آهي ۽ گهوڙي کان وڌا جهنگلي گڏهه آهن، وغيره.

ڪٽيسياز جي ڪتاب مان ايرين، استرابو، پلني ۽ ٻين ڪيترن مصنفن حوالا ورتا آهن ۽ انهن جي ذريعي مئڪرنڊل ۽ گلمور ڪتاب جا جزا ڪٺا ڪيا، جي تقريباً هزار صفحن تي مشتمل آهن.

(4) هيروڊوٽس

هيروڊوٽس (Herodotus) جي پيءُ جو نالو لائڪسز (Lyxes) هو. ايشا مائنر جي شهر هئليڪارناسز (Halicarnasus) ۾ سنه ۴۸۹ ق.م. ۾ پيدا ٿيو ۽ سنه ۴۲۰ ق.م. ۾ وفات ڪيائين.

تاريخي مواد حاصل ڪرڻ لاءِ هن ڪيترا سير ۽ سفر ڪيا، جيڪي ڪيس واپار سانگي ميسر ٿيا، جن مان مصر، ڪاري سمنڊ وارا علاقا، سٽيا، بابل، نهر دجله، سائيرين (لبيا جي ڪناري تي)، اُتر آفريڪا، ايشا مائنر ۽ يوناني ٻيٽ خاص اهميت وارا هئا. سندس تاريخ نَوَن ڪتابن ۾ آهي، ان ۾ سنڌ سان تعلق رکندڙ باب ٽيون ۽ ستون آهن. ٽئين باب ۾ ڪئمبيس ۽ دارا پهرين جون فتوحات ۽ ستين باب ۾ اگزرزز (Xerxes) جون يونان تي ڪاهون

بيان ٿيل آهن. هي پراڻي زماني جي هڪ تاريخ آهي، جا نثر ۾ لکي ويئي هئي. پهرين تاريخ هڪٽيٽس جي هئي. هيروڊوٽس جي چوٿين ڪتاب ۾ اسڪائلئڪس (Scylax) جو پشاور کان وڃي سنڌو درياهه ۾ پوءِ عربي سمنڊ کان ڳاڙهي سمنڊ (Red Sea) رستي مصر سان ڳنڍيڻ جو احوال ڏنل آهي. اهو سفر شهنشاهه دارا جي حڪم تي ڪيو ويو ۽ مقصد هو ته گنڊارا ۽ سنڌ صوبن کي ميسوپوٽيميا ۽ مصر سان واپار خاطر ملايو وڃي.

هيروڊوٽس جي تاريخ ضايع ٿيڻ کان بچي ويئي آهي ۽ ڪيترا دفعا ڇپجي چڪي آهي. تازه ترين انگريزي ترجمو جو سيلنڪورٽ (Aubry de Selincourt) ڪيو ۽ لنڊن مان ۱۹۵۴ع ۾ "Herodotus, The Histories" جي نالي شايع ٿيو آهي. پر ڏسٽي (Index) جي غير موجودگيءَ ۾ ان جو مطالع ڪافي تڪليف ڏيندڙ آهي. ان کان سواءِ هيروڊوٽس جي تاريخ جا هي ترجما بہ ٿيا آهن:

(1) G. Rawlinson and Rew. Oanon: "History of Herodotus", 4 Vols, Lodon, 1856_60
(2) G.Rawlinson and J.G.Wilkinon: "History of Herodotus", London 1875.
(3) G.C. Macawly: "Herodotus", Lodon, 1904.
(4) O. Hude, "Herodotus History" Oxford, 1913_14.

انهن کان اڳ رينيل (Renell, James F.R) سنہ 1830ع ۾ لنڊن مان "Geographical System of Herodotus" نالي ڪتاب شايع ڪيو.

انهيءَ تاريخ کان سواءِ، اخمينيين جي سنڌ جي فتح، سنڌ ۾ نظام حڪومت، واپار، سنڌ جي پيدائش مثلاً ڪمند ۽ ٻين فصلن، اسڪائليڪس جو درياهي سفر، سنڌ تي لڳايل ڏل ۽ ۴۸۰ قبل مسيح ۾ سنڌ جي سو بحرن جو ايراني بادشاهن طرفان يونانين سان جنگ جو احوال، اسان کي معلوم نہ ٿي سگهي ها.

مون پنهنجي مضمون "International Trade of Sindh", 200 B.C_ 200 AD جو "Sindho logical Studies" ۾ ڇپجي رهيو آهي، اسڪائيلڪس جي سفر ۽ ان کان بعد ٻين ٽن صدين ۾ ان سلسلي جي پوءِ واري ۽ آخر ۾ سنڌ کي انهي واپار مان فائدن تي روشني وڌي آهي.

(5) اگزينوفان

اگزينوفان (Xenophon) ۳۵۴_۴۳۰ ق.م. ۾ زنده هو. اصل يوناني هو پر اسپارٽا ۾ اچي مقيم ٿيو جتي وفات ڪيائين. قديم دنيا جي وڏي ۾ وڏي لڙائيءَ ۾ جا سائرس دوم (Cyrus II) ۽ سندس پاڻ اراٽازرزس (Arataxerxes) جي وچ ۾ ٿي، ان ۾ حصو ورتائين. هن ڪئين تاريخون لکيون جن ۾ سائرس اعظم (Cyrus the great) جي زندگي کي سائرو پيڊيا (Cyropaedia) ۽ مٿئين جنگ جو ذڪر يا Anabasis مان، اخمينين ايرانين جي حڪومت، انتظام، جنگ جي اوزارن وغيره تي احوال ملي ٿو جنهن جو واسطو سنڌ سان به آهي.

سندس ٻه ڪتاب ڪيترا دفعا ڇپجي چڪا آهن، جن مان تازه ترين هي آهن:

1_ Rex Warner (translator), The Persian expedition, London, 1975
2_ Walter Miller (translator) Cyropaedia, 2 Volumes, London, 1914

(6) سڪندراعظم

سڪندراعظم (Alexander the Great) مئيڪيڊونيا جو بادشاهه ۽ فلپ ٻئي (Philip II) جو پٽ هو. سن ۳۲۳_ ۳۵۶ ق.م. تائين زنده رهيو. ايران، افغانستان، سرحد، پنجاب ۽ سنڌ فتح ڪيائين. سڄا سارا ڏهه سال انهيءَ فتح ۾ صرف ڪيائين. پاڻ ڪو مصنف ڪونه هو پر پاڻ سان ڪيترا تاريخدان ڪنيائين، جن مفتوح علاقن تي تحقيق ڪئي ۽ سڪندر جي تاريخ لکي. ان لحاظ سان سڪندر جو قديم زماني جي اتهاس (Literature) ۾ تمام وڏو حصو (Contribution) آهي. ان قسم جي جستجو شايد ڪنهن مشڪل سان ڪئي هوندي. هندستان ۾ گپتا گهراڻي وارن جي سائنس جي ميدان ۾ ترقي ۽ اڪبر اعظم جي ادب نوازي تقريباً سندس مقابلي جي ئي آهي. سندس تذڪره نگارن ۾ سندس ويڳو پاڻ ٽالمي (Ptolemy) جو پوءِ مصر جو بادشاهه ٿيو ارسٽوبولس (Aristobolus) ۽ اميرالبحر نيئرڪس (Nearchus) شامل آهن. انهن ٽن تواريخ نويسن تان ڪئلسٿينس (Calisthenes)، آنيسيڪريٽس (Onesicritus) ۽ ڪلائٽارچس (Cleitarchus)، سڪندر متعلق رنگ آميزي قصا (Romantic fiction) لکيا، جي وري پلوٽارچ (Plutarch)، ڪرٽيس رفس (Curtius Rufus) ۽ ڊيوڊورس

سڪيولس (Diodorus Siculus) استعمال ڪيا. وقت بوقت اها ڪهاڻي بدلبي رهي ۽ جامي جو سڪندر نامون انهيءَ ڪهاڻي جي هڪ ڪڙي آهي.

سڪندر برصغير ۾ وارد ٿيڻ کان پوءِ اونسي ڪريٽيرس (Onici Craterus) تي ڪم رکيو ته سنڌو ندي وارن علائقن متعلق تحقيقات ڪري. ڪريٽيرس جي معلومات مطابق سنڌ ۾ مذهبي رهنما (جيڪي جين يا ٻڌ ڏرم جا پيڪشو يا برهمڻ ٿي سگهن ٿا) طاقتور عوام جي خيالن تي قابض هئا. ملتان (جو ان وقت سنڌ جو حصو هو) ۽ الور ۾ سورج ديوتا جا عبادتگاهه هئا. انهن مذهبي رهنمائن سنڌ جي جابلو علائقن جي بادشاهه سمبس (Sambus) کي سڪندر جي خلاف اُڀاريو. هنگلاج (ضلع لس ٻيلو جو ان وقت سنڌ جو حصو هو) جي عبادتگاهه ۾ انسان جي قرباني عام هئي.

سڪندر جو نالو روماني (Romantic) قصن مشهور ڪيو جن جو پهريون مصنف ڪئيلزٿينسز هو. اهي قصا يوناني، رومي، آرمينين، سرڪ (Syric) عربي ۽ ايراني مصنفن مشهور ڪيا ۽ هڪ ڪتاب مان ٻئي ۾ تبديل ٿيندا رهيا. ايراني تواريخي شاعرن فردوسيءَ ۽ جامي هن کي دارا جو پٽ بنايو. ڪرستانن وٽ هو دروپش تسليم ڪيو ويو ۽ مسلمانن وٽ پيغمبر بنيو. آخر ابوالڪلام آزاد کي ظاهر ڪرڻو پيو ته يوناني سڪندراعظم، قرآن شريف وارو سڪندر ذوالقرنين ناهي. سڪندر ارسطو جو شاگرد هو. هن کي هيروڊوٽس ۽ اسڪائليڪس متعلق ڪا معلومات ڪانه هئي. جنهن وقت سڪندر سنڌ ۾ آيو ان وقت سنڌ ۾ هينيون حڪومتون هيون:

1_ مئلوئي (Malloi) جا شرڪوٽ ساهيوال کان ونڊي ملتان ۽ اُچ تائين هئي.

2_ آڪسيڪئنس (Oxycanus) جنهن جي حڪومت ڪنڊڪوٽ کان ونڊي درياءَ جي سڃي هٿ تي جيڪب آباد، شڪارپور، لاڙڪاڻي، سبي ۽ ڪچي ضلعن ۾ هئي.

3_ ميوزيڪئنس (Musicanus) جنهن جي حڪومت درياءَ جي ڪپي ڪناري تي اُچ کان ونڊي بهاولپور، رحيم يار خان، سکر، خيرپور ۽ نوابشاهه ضلعن ۾ هئي.

4_ سئمبس (Sambus) جنهن جي حڪومت دادو ضلع ۾ سيوهڻ نئينگ

تائين هئي.

5_ ۽ 6_ موئرس (Moeris) يا شايد موريا جي ساڳئي خاندان جا ۽ فرد هئا. هڪ جي حڪومت درياهه جي اپرندي واري شاخ، جا سانگڙ، ميرپورخاص ۽ بدين ضلعن ۾ هئي ۽ ٻئي جي حڪومت درياءَ جي اولهه واري شاخ جا ڏنڀي ۽ حيدرآباد ضلعن ۾ هئي.

7_ اريبٽي (Arabitai) حڪومت دادو ۽ ڏنڀي ضلعن جي ڪوهستان وارن حصن ۽ ڪراچي ضلعن ۾ هئي.

8_ اوريٽاءِ (Oreitai) جا لَس ٻيلي ضلعي ۾ هئي.

9_ ڪچ اُن وقت هڪ ٻيٽ هو. سنڌ جو حصو هو پر سندس حاڪم جو نالو معلوم نه ٿي سگهيو آهي.

سڪندر جي سنڌ، هند ۽ ايران فتح ڪرڻ جا ڪي خاص نتيجا هي نڪتا:

1_ هن شادين رستي يوناني، ايرانين ۽ هندوستانين کي تهذيبي طور هڪٻئي جي قريب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي.

2_ فوجي ۽ ديواني ڪم علحده ڪيا ويا.

3_ هڪ نئون سڪو (Currency) جاري ڪيو ويو. جنهن ۾ سون سان گڏ چاندي به استعمال ڪئي وئي.

4_ يوناني ٻولي بين الاقوامي واپار ۽ تعلقات ۾ استعمال ٿيڻ لڳي ۽ خاص طور تي سائنس جي ڪتابن ۾.

5_ سنڌوندي‌ءَ کي فرات ۽ دجلہ سان نيئرڪس جي سفر ملائي انهن ملڪن ۽ پونچ سمند جي ملڪن کي سنڌ ۽ هند سان ملايو. انهيءَ مضوع تي مون پنهنجي مضمون International Trade of Sindh 200 B.C_ 200 A.D through its port of Barbaricon("سنڌ جو بين الاقوامي واپار_ سندس باربريڪان بندر جي وسيلي") ۾ ڪافي بحث ڪيو آهي.

(7) نيئرڪس

نيئرڪس (Nearchus) ڪريٽ جو رهواسي، سڪندراعظم جو گهرو دوست ۽ سندس سنڌ مان رواني ڪيل بحري ٻيڙن جوامير البحر هو.

سندس خاص ڪاميابي اها هئي ته هو سنڌو درياهه ۾ استعمال ٿيندڙ سڌي تري وارن ٻيڙين (Flate Bottom Boats) جي ڏريعي مڪران جو ڪنارو وٺي، ايراني نار رستي درياهه دجلہ جي منهن تي پهتو. حقيقت ۾ اهو رستو ميسوپوٽيما جي حاڪم سارگن ٻئي (Sargon_II) جي دؤر ۾ يعني عيسوي سنہ کان 2200 اڳ بہ استعمال ٿيندڙ هو، پر انهيءَ جي نہ دارا کي خبر هئي، جنهن انهيءَ ڪم لاءِ اسڪائليڪس کي مقرر ڪيو ۽ نہ وري سڪندر کي، جنهن نيئرڪس کي 80 جهازن سان ان رستي ايراني نار جي منهن تي پهچڻ جو حڪم ڏنو. اهو سڄو احوال مون پنهنجي مذڪور مضمون "Internation Trade of Sindh" 200 B.C_200 A.D. ۾ ڏنو آهي.

نيئرڪيس پنهنجي سفرنامي جي روزمره جي هڪ ڊائري (جرنل) لکي. خوش قسمتيءَ سان اهو جرنل ناس ٿيڻ کان بچي ويو ۽ ايرين ۽ استرابو جي مواد معرفت اسان وٽ پهتو آهي. جرنل مان سنڌ متعلق مواد جو خلاصو مون "Chronological Dictionary of Sindh" ۾ چپرايو آهي. اهو جرنل ڪئين دفعا جدا جدا ترجمانن چپرايو آهي، جن ۾ خاص هي آهن:

1_ Rev.William Vincent. Voyage of Nearchus, London 1797.
2_ Mc Crindle. Ancient India as described by Magasthenes and Arrian Calcutta 1877.
3_ Tomasche. Topographische Frlanterung der Kuston fahrt Nearchus, Vom Indus, bis Zum Euphrat Vol XXI, Wien 1890.
4_ Robson, E. Illiff, Indica, London, 1966 (Leob classical Libarary).

اسان کي نيئرڪس جي جرنل مان پٽالا مان روانہ ٿيڻ کان بعد سنڌ جي ايرندي شاخ (شايد ايرندي پراڻ) رستي روانگي ۽ اڳتي سفر جو تاريخ وار سلسلو ملي ٿو. اتان هي حب يا ارئبس (Arabis) ندي‌ءَ پهتو. اتان ٽامرس (Tomerus) ندي ۽ ٽامرس کان ڪولٽا پهتو. رستي تي سٽورا نار (Stura Greek)، ڪورياتس (Koreatis)، ڪروڪالا (Krokala) هيا. اهي سڀ سنڌ جي ڪناري تي هئا. ان کان پوءِ هو ڊومڪ (Domac) ٻيٽ تي پهتو. اتان سرنگا (Saranga) ۽ وري اتان سڪالا ۽ بعد ۾ مورن ٽوبارا جي بندر تي پهتو، جو حب ندي‌ءَ تي هو. ايڄا سنڌ جي سرحد ختم نہ ٿي هئي، ڇو تہ لَس ٻيلو سنڌ ۾ هو. اتان کان پوءِ هو پگال (Pagal)، ڪبانا (Kabana)، ڪوڪالا

(Kocala) کان ٽيندو ٽومرس (Tomerus) يا پورالي نديءَ جي منهن تي پهتو. اتان ملانا روانو ٿيو ۽ پوءِ مڪران جو ڪنارو ونڊي مغرب طرف روانو ٿيو.

نيئرڪس جي جرنل جو مڪمل ۽ صحيح مطالعو اڄا تائين نه ٿي سگهيو آهي. تازه 1975ع ۾ ايگرمانٽ "Alexander's Campaign in Sindh and Baluchistan" (P.H.L Eggermont) نالي ڪتاب لکيو آهي، جنهن وڌيڪ ضرورت پيدا ڪئي آهي ته نيئرڪس جو نئين سر مطالعو ڪيو وڃي.

(8) ميگئزٿينيز

ميگئزٿينيز (Megasthenes)، سيلئوڪس طرفان چندرگپتا موريا جي دربار ۾ سفير (Ambassader) هو. ان وقت سنڌ ۾ چندرگپت جي حڪومت هئي. ميگئزٿينيز گهڻو سفر ڪونه ڪيو پر چوي ٿو ته هن سڪندراعظم کان ملڪ جا زياده حصا ڏٺا هئا. جيڪي ڪجهه لکيو اٿس، ان جو واسطو هندستان جي ڪن صوبن سان آهي، پر ملڪ جون عام حالتون ساڳيون هونديون، ان ڪري ڪي ڳالهيون سنڌ سان لاڳو ڪري سگهجن ٿيون. ڪتاب گم ٿي ويو آهي. فقط ڪي ٽڪرا موجود آهن، پر اهي ٽڪرا ڪافي دلچسپ آهن ۽ ڏيکارين ٿا ته لکندڙ تمام لائق ماڻهو هو ۽ جيڪي لکيو اٿس، سو ايمانداريءَ سان لکيو اٿس. هينيون دلچسپ ڳالهيون به لکيو اٿس:

1_ ملڪ صوبن ۾ ورهايل هو جن مٿان گورنر مقرر ڪيا ويندا هئا، جي ڪڏهن شاهي خاندان جا هئا.

2_ بادشاهه کي صلاحڪار هئا جي ڪيس جدا جدا شعبن جي ڪم ۾ مدد ڪندا هئا.

3_ شهر ۾ هڪ قسم جي ميونسپالٽي هئي جا هنر، مسافرن جي رهائش، جم ۽ موت جو حساب رکڻ، تجارت، تور ماپ ۽ قيمت جي نگراني، ڊل جي وصولي ۽ نيلام جو حساب ڪتاب رکڻ جو بندوبست ڪندي هئي.

4_ ضلعي جا آفيسر جن کي هو Agronomoi سڏي ٿو، زمين جي ماپ، پاٽي ماپ سان ڏيڻ، کيتي، ٻيلن ۽ ڪاٽين جا انچارج هئا.

5_ مرڪز ۾ وار ڊپارٽمينٽ (War Department) هو جنهن ۾ 600,000 سولجر هئا ۽ جدا جدا عملدارن جي ماتحت ڪم ڪندا هئا.

6_ انهيءَ وقت جي لڙائيءَ جا اوزار پڻ بيان ڪيا ويا آهن، جن ۾ سادا پنج

فوٽ ڪمان، چمڙي جي ڍال، تلوار ۽ ٻيا ڪيئن هٿيار هئا.

7_ بادشاهه شڪار تي ويندو هو ته چؤطرف عورتون هوندیون هيس.

8_ پاٽنا کان پشاور تائين رستو هو جو 1150 ميل ڊگهو هو.

9_ ڪڏهن بہ ڏڪار ڪونہ پيو هو اناج جي کوٽ ڪانہ هئي.

10_ لڙاين هوندي بہ مخالف ڌريون نہ فصل جو نقصان ڪن ۽ نہ هاري کي تنگ ڪن، هو پنهنجي ڪم ۾ مشغول رهيا ٿي.

11_ ڳوٺن ۽ شهرن ۾ گهر گهٽو ڪري ڪاٺ جا ناهيندا هئا.

12_ چوري ورلي ٿيندي هئي.

ازانسواءِ جهنگلي جانورن، زمين جي طاقت، باندرن، پکين، سامونڊي ٻوٽن، سنڌو درياهه، ماڻهن جي رسمن، هندن جي ورنن، گهوڙن، هاٿين، جوڳين ۽ برهمڻن جو بيان بہ ڪيو اٿس. سندس ڪتاب 120 صفحن جو آهي.

ميگئزٿينيز جي ڪتاب جو صرف هڪ ترجمو منهنجي نظر مان نڪتو آهي. اهو مئڪرنڊل 1877ع ۾ ڪلڪته مان "Ancient India as described by Megasthenes and Arrian" جي عنوان سان ڇپرايو. جنهن جو ڇهريون حصو 150 صفحن تي آهي. ٻئي حصي ۾ نيئرڪس جي جرنل جو ترجمو آهي، جو ايرين ڪنو ڪيو هو.

(9) ارسٽوبولس

ارسٽو بولس (Aristobolus) يوناني تاريخ نويس سڪندراعظم جي لشڪر ۾ هڪ انجنيئر هو.

سن ۲۸۰_۲۸۵ جي وچ ۾ هن سڪندراعظم جي تاريخ لکي، جا ايرين (Arrian) ۽ سٽرابو (Strabo) پنهنجي تاريخن ۾ استعمال ڪئي آهي. ارسٽو بولس جي تاريخ ايرين جو مکيہ ماخذ (Source) هئي، ڇو ته ڪيس خبر هئي ته سڪندر ڪيترن موقعن تي ڪي ضروري ڪم ارسٽو بولس جي سپرد ڪيا هئا. ارسٽو بولس شايد ڇهريون ئي مصنف آهي، جنهن کي معلوم ٿيو ته سنڌو درياهه پنهنجا وهڪرا بدلائي ٿو ۽ هن سنڌ ۾ اهڙا ڪئين شهر ڏٺا، جي درياهه جي تازي وهڪري بدلجڻ ڪري ناس ٿيا هئا. هن پنجاب ۽ بلوچستان جي ٻوٽن جانورن ۽ رواجن جو پڻ بيان ڪيو آهي. هي مصنف سنڌ ۾ جولاءِ ۳۲۶ کان سيپٽمبر ۳۲۵ ق.م تائين موجود هو ۽ ۴۰ سالن کان بعد ڪتاب لکيائين.

جو ضايع ٿي چڪو آهي. جيڪڏهن ايرين جي ڪتاب معرفت اسان کي سندس تصنيف جا حصا نه ملن ها ته شايد اسان کي سندس بابت ۽ سڪندر جي سنڌ ۾جنگين متلعق تمام ٿوري معلومات هجي ها.

(10) ڪلائٽارچس

ڪلائٽارچس (Cleitarchus) عيسوي سن کان ٽي صديون اڳ گذاري ويو. هن سن ۲۸۵ ق.م ڌاري سڪندراعظم جي تاريخ لکي. ڪن جو چوڻ آهي ته اها ۲۸۰ ق.م ڌاري لکي ويئي. ايرين اها تاريخ پنهنجي ڪتاب انابسز (Anabsis) لاءِ استعمال ڪوٺ ڪئي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ ڪيترن ئي قسمن جا وڌاءَ ٿيل هئا. پرڪرٽيس رفس (Curtius Rufus) ۽ ڊيوڊورس، جن به سڪندر اعظم جي تاريخ لکي، تن سندس ڪتاب مان ڪيترا حصا استعمال ڪيا آهن. ڪن عالمن ائين سمجهيو ٽي ته ڪلائٽارچس جي تاريخ ٿالمي ۽ ارسٽو بولس کان اڳ لکي ويئي هئي ۽ انڪري وڌيڪ معتبر (Authentic) هئي، پر تحقيق ثابت ڪيو آهي ته سڪندر جي پهرين تاريخ ٿالمي سارٽر لکي ۽ پي ارسٽو بولس. ڪلائٽارچس انهن ٻنهي کان بعد ۾ لکيو. پهرين ٻن وانگر ڪلائٽارچس به شايد سڪندر سان ايشيا ۾ گڏ هو. پر جيڪڏهن سندس تاريخ ۲۵۸ ق.م ۾ يا پي صدي ق .م ۾ لکي وئي ته پوءِ هو ساٺن گڏ نه هو. سندس تاريخ وجود ۾ ڪانه آهي، پر جيڪي ڊيوڊورس ۽ ڪرٽيس کان معلوم ٿئي ٿو ته سڪندر سيوهڙ جي بادشاهه سمبس کي شڪست ڏيڻ بعد 80,000 ماڻهو مارايا، اهو وڌاءُ آهي ڇاڪاڻ ته ان وقت سڄي سنڌ جي آبادي شايد 5 لک ماڻهو هجي. اهڙيءَ طرح لس ٻيلي جي مڇي خورن (Fish eaters) متعلق بيان، ته هو سواءِ مڇيءَ جي ٻيو ڪوبه ڪاڏو نه کائيندا هئا، ۽ انهن وٽ ڪنهن به قسم جو اوزارنه هو. انڪري مڇيءَ کي پنهنجن ننهن سان چيري اُس ۾ پچائي کائيندا هئا، پڙ هڪ مبالغو آهي.

سڪندر جي رومانس (Romance) جا قصا پڙ تاريخي حيثيت نٿا رکن. پٽالا شهر کي هرماٽيليا جو نالو پڙ هن مصنف ڏنو. سڪندر جا معجزا ۽ خواب مصر جي ٿالمين جي دؤر ۾ مشهور ڪيا ويا. هن مصنف انهن مان کي پنهنجي تصنيف ۾ شامل ڪيا آهن.

ڪلائٽارچس مصر جي اليگزنڊريا شهر ۾ رهندو هو. جتي ٿالمي

گهراڻي جي حڪومت هئي، جنهن جو بنياد رکندڙ تالمي_اول سارٽر (Ptolemy_I Sorter) سڪندر جو ويڳو پاڻ ۾ دوست ۽ جنرل پڻ هو. تالمي خاندان وارا سڪندر جي وڏي عزت ڪندا هئا ۽ پاڻ کي ان جو وارث سمجهندا هئا، انڪري انهن جي دؤر ۾ سڪندر لاءِ ڪيئن قصا ٺاهيا ويا، جي 2000 ورهين تائين تاريخي حقيقت سمجهيا ويندا هئا. هن مصنف تي وڏي ۾ وڏي تحقيقات هڪ جرمن عالم جئقوبي (Jacoby F.G.H) ڪئي، جا برلن مان جرمن زبان ۾ ۱۹۲۳ ۽ ۱۹۳۰ع ۾ شايع ٿي آهي.

(11) ايرٿوسٿينيس

ايرٿوسٿينيس (Eratosthenes) يوناني جاگرافي دان ۽ حسابن جو ماهر سائرين (Cyrene)، جنهن کي هاڻي "شاهت" چون ٿا ۽ ليبيا ۾ سمند جي ڪناري تي موجود آهي، ۾ سنه ۱۹۴_۲۷۶ ق.م ۾ زنده هو. تعليم اٿينس ۾ پرايائين ۽ مصر جي بادشاهه تالمي ٽئين (Ptolemy_III) جي دعوت تي سڪندريه جي عجائب گهر ۾ تحقيقات جي شعبي ۾ فيلو (Fellow) مقرر ٿيو جتي تاريخ، جاگرافي، جيالاجي، ائسترانامي، حساب ۽ ادبي تنقيد (Literary Criticism) تي ڪم ڪيائين. ازانسواءِ سلسليوار تاريخن (Chronology) تي پڻ ڪم ڪيائين. سندس همعصر (Contemporaries) ڪيس پهرينءَ صف جو عالم (Scholar) نه سمجهندا هئا، ڇو ته هو ڪيترن شعبن ۾ ڪم ڪندو هو ۽ هر هڪ شعبي جا ماهر هن کي پاڻ کان گهٽ سمجهندا هئا، پر هيءُ پهريون جاگرافي دان هو جنهن ڌرتيءَ جي گولائي (Sphericity) جي تحقيقات ڪئي ۽ ڌرتيءَ جو قطر (Diameter) ماپيو جو اڄ جي حساب مطابق فقط 4 سيڪڙو گهٽ آهي. سج ۽ چنڊ جي ماپ ۽ ڌرتيءَ کان مفاصلي تي پڻ ڪم ڪيائين. هن مصري سال (Calender) ۾ هڪ ڏينهن ڳنڍيڻ جو مشورو ڏنو جو وقت جي حڪومت عمل نه آڻي سگهي. سنه ۲۳۵ ق.م ۾ هو سڪندريه جي ڪتبخانه جو لائبريرين مقرر ڪيو ويو ۽ هو پهريون ئي سائنسدان هو جو انهيءَ عهدي تي مقرر ٿيو. سندس ڪابه تصنيف موجود ڪانه آهي. سندس تصنيفن متعلق اسان کي خبر مشهور جاگرافي دانن سترابو (Strabo) ۽ تالمي (Ptolemy) مان پوي ٿي. انهن ۾نهي سندس جاگرافي جو مطالع ڪيو ۽ ان کي پنهنجن جاگرافين جي ڪتاب

لاءِ استعمال ڪيو

جئقوبي (F.G.H jcoby)پنهنجي جرمن ڪتاب (Fragmente der griechischen Historiker) ۾ سندس متعلق لکيو آهي. اهو ڪتاب لنڊن مان سنہ ۱۹۲۳ع ۾ شايع ٿيو. سارٽن (H.S. George Sarton) پنهنجي ڪتاب "A History of Science" ۾ سندس بيان ڪيو آهي. اهو ڪتاب سنہ ۱۹۵۳ع ۽ ۱۹۵۹ع ۾ ڪيمبرج مان ٻن جلدن ۾ شايع ٿيو.

سنڌ متعلق بيان لکڻ کان سواءِ هن ان وقت جي معلوم دنيا جو نقشو تيار ڪيو جنهن ۾ برٽش آئيلس کان وڌي سلون تائين ۽ ڪئسپين سمنڊ کان وڌي حبش (Ethiopia) تائين ملڪ ڏيکاريائين. ان ۾ سنڌ بہ اچي ٿي وئي. اهو نقشو وجود ۾ ڪونہ آهي ۽ شايد هپارڪس (Hipparchus) ۽ سترابو (Strabo) استعمال ڪيو هجي. انهن ٻنهي جا نقشا ايرٽٿوسٽينيس جي نقشي کان زياده مفيد هئا. ڏرتي جي گولائي ماپڻ لاءِ هن چيو تہ اونهاري منجهند جو (شايد جون ۲۱ تي) سج اسوان جي بلڪل مٿان آهي. پر سڪندريہ کان ست ڊگريون ڏکڻ تي آهي. سڪندريہ ۽ اسوان جو مفاصلو ڪيس معلوم هو. ان مان ڏرتيءَ جي گولائيءَ جو حساب ڪيائين. جو هن جي انگن مطابق اڄ جي ۲۵۰۰۰ ميلن کان ٿورو وڌيڪ آهي. بعد جي سائنسدانن هي مفاصلو تمام گهٽو سمجهيو ۽ پوسيڊونيس (Poseidonius) جو تحقيقات ڪيل ۱۸۰۰۰ ميل گهيرو (Circun ference) قبول ڪيو. اها غلطي سترهن صدين کان بعد درست ڪئي وئي.

(12) يوڊوڪسز:

سائيزيڪس (Cyzicus) جو رهواسي يوڊوڪسز (Eudoxus) مصر جي بادشاهہ ٽالمي اٺين (Ptolemy VIII, Euregetes_II) جي دؤر ۾ (۱۱۷_۱۴۶ ق.م.) سندس دربار جو هڪ جاگرافي دان هو. سال ۱۱۹ ق.م. ۾ ساحلي محافظن هڪ ماڻهوءَ کي بادشاهہ جي دربار ۾ اڌ مئل صورت ۾ آندو. جنهن کي بُڪ ۽ اُڄ سبب هڪ تباهہ ٿيل جهاز مان سمنڊ جي لهرن کناري تي آندو هو.

هن دربار ۾ ٻڌايو تہ هو هندوستان مان آيل هو ۽ بادشاهہ جي عيوضين کي اتي وڌي وڃڻ لاءِ تيار هو. بادشاهہ جي حڪم تي هي جاگرافي دان سنہ

۱۲۰ ق.م. ۾ ان ماڻهوءَ سان گڏ هندوستان ۾ آيو. پنهنجي مضمون International trade of sindh 2000 B.C_200 A.D. ۾ مون انهيءَ ڳالهه تي بحث ڪيو آهي ته ان دؤر ۾ برصغير جي ٻاهرين تجارت جو مرڪز باربيريڪان (Barbaricon) يا "پنيور" هو.

مصر مان جهاز ڳاڙهي سمنڊ جي رستي، عدن کان عربستان جو ڪنارو ونڊي بحرين ايندا هئا، اتي ايراني نار کي پار ڪري، ايراني بلوچي مڪران جو ڪنارو ونڊي پنيور پهچندا هئا، جتي نه صرف اتر اولهه برصغير جو پرچين، ٽبيٽ ۽ وچ ايشيا جو مال چين جو ريشم ۽ ڏکڻ هندوستان جو مال پڻ سمنڊ جي رستي پهچندو هو. اها ڳالهه ڏيکاري ٿي ته يوڊوڪسز ضرور پنيور آيو هوندو.

پهريون يوناني، جنهن سنڌ ۽ مصر جي وچ ۾ ۵۱۲ ق.م ۾ سفر ڪيو، سو هو اسڪائلئڪس، يوڊوڪسز ٻيو يوناني هو. پر اها ڳالهه بلڪل واضح ٿئي ٿي ته ٻنهي دؤرن جي وچ ۾ سنڌ جا ماڻهو مصر تائين ايندا ويندا رهيا. هندوستان مان واپسي تي يوڊوڪسز جو جهاز رستو ڀلجي ويو.

پلني جي خيال مطابق يوڊوڪسز جو جهاز جنهن هندوستان مان سمند جي رستي سڌو عدن پهچڻ جي ڪوشش ڪئي، طوفان ۾ آفريڪا جي ڏکڻ کان ڦرندو اسپين پهتو ۽ اتان پوءِ آخرڪار گيڊس (Gades) پهتو. ان کان بعد يوڊوڪسز ٻه دفعا ڪوشش ڪئي ته اسپين مان ڏکڻ آفريڪا جي رستي هندستان پهچجي، پر ناڪامياب رهيو. هي صحيح معنيٰ ۾ واسڪو ڊيگاما جو متقدم (Predecessor) هو. اهي ٻه سفر ٽالمي لٿائروس (Ptolemy Lathros) جي زماني ۾ ٿيا. ازانسواءِ يوڊوڪسز ڳاڙهي سمنڊ کان ٻه دفعا ڳڌيل هندوستان ۾ آيو هو ۽ پاڻ سان گڏ مصر مان ڪيترن فنن جا ڄاڻو (Artizans) پڻ کنيا هئائين. يوڊوڪسز جي دؤر ۾ سنڌ ۾ بلخ جي يونانين جي حڪومت هئي، جن جي درباري زبان پڻ يوناني هئي.

يوڊوڪسز پنهنجن ڪامياب ۽ ناڪامياب سفرن ۾ پاڻ سان هندوستان جي بادشاهن جي درٻارن لاءِ نوجوان راڳيندڙ غلام چوڪريون پڻ ساڻ کنيون هيون. پيربيپلس جو مصنف ٻڌائي ٿو ته انهن مان ڪي بئريگازا (Barygaza) يا برُوچ جي بادشاهه جي حرم ۾ داخل ڪيون ويون ۽ انهن پاڻ سان راڳ جا ساز پڻ آندا هئا ۽ سٺو آواز هئن.

يوڊوڪسز جو احوال اسان کي پلني (Pliny the Elder) ۽ پيريپلس (Periplus of Erythraean Sea) جي مصنف مان ملي ٿو جن تي پڻ هن مضمون ۾ روشني وڌي وئي آهي. هي يوڊوڪسز يوناني جاگرافر يوڊڪسز کان مختلف آهي، جو ۳۳۵_۴۰۸ ق.م. ۾ ائٿينس ۾ رهندو هو.

هن عرصي ۾ مصر ۽ سنڌ جي وچ ۾ ۽ متعلق مصنف بابت، هيٺين ڪتابن مان معلومات ٿئي ٿي:

1_ Charlesworth M.P. Trade routes and commerce of Roman Empire, Cambridge, 1926.

2_ Rawlinson A.G.India and Western World from eartliest times to fall of Rome, 2nd edition, Cambridge 1926.

3_ Warmington.E.The Commernce between Roman Empire and India, Cambridge, 1928.

4_ Mc Crindle J.W. Ancient India as described in classical literature, 2nd edition, Calcutta 1927.

(13) هپيئلس:

هپيئلس (Hippalus) جي زندگيءَ بابت جدا جدا مصنفن الڳ تاريخون ڏنيون آهن. ٿيل (Thiel) جي خيال مطابق هو يوڊوڪسز جي جهازن جو هڪ ڪپتان هو ۽ 100 ق.م. ڌاري مصر کان هندوستان لاءِ سفر شروع ڪيائين. هپيئلس جي مشهور کوجنا اها هئي ته چوماسي (Monsoons) جو فائدو وٺي، اونهاري جوعدن کان سنڌ، گجرات ۽ ملبار ڪناري تي سڌو جي زور سان سڌا پهچي ٿي سگهيا ۽ سياري جو اتان واپس اچي ٿي سگهيا ۽ رستي تي روڪجڻ جي ضرورت نه هئي. هن کوجنا لاءِ علحده تاريخون ڏنيون ويون آهن، پر واضح هئڻ گهرجي ته سنڌين، ايرانين ۽ عربن کي اها معلومات هڪ صدي اڳ هئي، جا مصري يونانين کان مخفي رکي ويئي هئي. انهيءَ ڪري مصري يوناني گڏيل هندوستان سان سڌو واپار نٿي ڪري سگهيا.

هن موضوع تي مون پنهنجي مضمون International trade of sindh 200 B.C 200 A.D. ۾ ڪافي بحث ڪيو آهي. هپيئلس واري چوماسي وارين هوائن جي جهاز راني لاءِ کوجنا دراصل ۴۰ ڌاري ٿي، جيتوڻيڪ

هوراني (Hourani) ۹۰ ق.م ۽ ٽائوسينٽ (Tousaint) ۲۰ق.م تسليم ڪن ٿا.جيئن به هجي، پر انهيءَ جو اثر تقريباً ۴۰ع ڌاري شروع ٿيو.

1_ تقريباً 40ع تائين جهاز ڳاڙهي سمند کان باربريڪان "پنيور" (Banbhore) تائين ڪنارو وٺي ايندا هئا.

2_ 20 ق.م. کان 50ع تائين جهاز عدن مان سڌو باربريڪان اچڻ لڳا.

3_ 60_50ع تائين جهاز عدن کان سڌو بڙوچ وڃڻ لڳا.

4_ 70_60 ع تائين جهاز سڌو ملبار ڪناري وڃڻ لڳا.

5_ 70ع کان بعد جهاز ڳاڙهي سمنڊ کان سڌو ڪارو مندل ڪناري ۽ ملايا وڃڻ لڳا.

انهيءَ سڄي واڌاري، باربريڪان (Barbaricon) يا پنيور جي واپار کي سخت ڌڪ هنيو. شايد انهيءَ ڪري سنڌ ۾ بيچيني پيدا ٿي . پارٿين بعد ڪشن ۽ فورن بعد وري پارٿين سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ خاص طور ڏکڻ سنڌ ۾ حڪومت جون ڪي تبديليون آيون.

هپيئلس جي کوجنا ۽ ان جي اثرن جو احوال اسان کي پيريپلس ۽ پلني مان ملي ٿو.

هن موضوع جي زياده مطالع لاءِ منهنجي مٿئين مضمون کان سواءِ هيٺين ڪتابن مان احوال ملي سگهي ٿو.

(1) Scoff, H.Periplus of Erythraean Sea, Philodelphia 1912.

(2) Charlesworth, Trade Routes and Commernce of Roman Empire, Cambridge 1926.

(3) Mc Crindle J.W. Ancient India as described in classical literature Calcutta 1903

(4) Warmington. Commerce between Roman Empire and India, Cambridge 1928.

(5) Rackham H.Pliny, Natural History 2 volumes London 1967 (Loeb Classical libarary)

(6) Toussaint, History of Indian Ocean, London 1966

(7) Mc Crindle, Commernce and Navigation of Erythraean, Sea, being translation of Periplus naris Erythae, Calcutta, 1879.

(14) **اسٽرابو**

استرابو (Strabo) هڪ يوناني جاگرافي دان هو، جو اماسيا پانتس شهر (جو ترڪيءَ ۾ ڪاري سمنڊي جي ڪناري کان 75 ميل ڏکڻ طرف هن وقت بہ موجود آهي.) ۾ سن 63 ق. م ۾ پيدا ٿيو ۽ سن 19ع ۾ فوت ٿيو. پاڻ ملڪيت وارو هو ۽ تمام گھڻا سفر ڪيائين ۽ عموماً اها دعويٰ ڪندو رهيو تہ ڪنهن بہ جاگرافي دان هن جيترو سفر نہ ڪيو آهي. سن 44 ق. م ۾ هو روم ۾ آيو ۽ يوناني استادن وٽ تعليم حاصل ڪيائين، جتي ٽائرنينين (Tyrannion) جي صحبت ۾ جاگرافيءَ سان دلچسپي پيدا ٿيس. هن جي جاگرافي جا (17 جلدن ۾ آهي، جن مان 16 جلد اڃان تائين سلامت آهن.) ايرٽوسٿينز (Eratosthenes) جي جاگرافيءَ تي ٻڌل آهي، پويون جاگرافي نويس هن کان حسابن (Mathematics) جو زياده ڄاڻو هو، ان ڪري استرابو ڪئين غلطيون ڪيون آهن. مثلاً، پونوچ سمنڊ جي ملڪن کي ايئرٽو سٿينز جي گولائي (Sphericitly) مان سڌو (Plane) ڪرڻ ۾ غلطيون ڪري ويو. ازانسواءِ هن هومر (Homer) جي داستان گوئي کي سچ سمجهيو ۽ هيروڊوٽس جي تاريخ استعمال ڪري غلطين جو انداز وڌايو. پر هن پنهنجي جاگرافي ۾ اڳين جاگرافي دانن جي تصنيفن کي استعمال ڪرڻ سان اهي سڀ تصنيفون تباهيءَ کان بچايون. ڌرتيءَ کي گول تسليم ڪرڻ سان هن نوان ڪنڊ (Continents) تسليم ڪري انهن کي نالا ڏنا. هن جي لکڻ مطابق ڪنڊن (Continents) جي چؤطرف سمنڊ آهي ۽ ڌرتيءَ جو سڪل حصو اتر واري اڌ گول جي چوٿين حصي تي ڇانيل آهي، باقي ايراضيءَ ۾ سمنڊ آهي. هن سنڌ ۽ سنڌ جي واپار متعلق ڪافي لکيو آهي، جنهن جا ڪي حصا مون "International trade of Sind 200 B.C 200 A.D" مضمون ۾ استعمال ڪيا آهن.

هينيون خاص ڳالهيون، جي استرابو لکيون آهن، ذهن ۾ رکڻ جي قابل آهن:

(1) يوڊوڪسز جي هند سنڌ جي سفر متعلق هن مصنف کان احوال ملي ٿو.

(2) يوڊوڪسز کان بعد موسمي هوائن جي جهاز رانيءَ لاءِ استعمال بابت احوال پڻ هن جي ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو.

(3) هي پنج سال مصر ۾ رهيو. ان وقت گڏيل هندستان جو وڏو ۾ وڏو تجارتي بندر باربريڪان (Barbaricon) يا "پنيور" هو ۽ ان جو مصر جي شهر سڪندريہ جي معرفت رومي سلطنت سان واپار هلندو هو. سنڌ متعلق اهو سڄو مواد هن کي مصر ۾ حاصل ٿيو.

(4) پنهنجي جاگرافي، هن سن 7 ق. م ۾ لکي پوري ڪئي ۽ سن 18ع ۾ ان ۾ اضافا ڪيائين.

(5) مصر مان قافلن جو ڳاڙهي سمنڊ تائين پهچڻ ۽ اتان عربي سمنڊ لاءِ رواني ٿيڻ جو احوال پڻ درج ڪيو ويو.

(6) آگسٽس (Augustus) جي دؤر تائين مصر جا جهاز ورلي باب المعغرب تائين پهچندا هئا، پر سندس هٿان 25 ق. م ۾ عددن جي تباهي ۽ عرب قبيلن تي حاوي ٿيڻ بعد مصري يوناني ۽ رومن جهاز عربي سمنڊ ۾ اچڻ لڳا.

(7) سندس وقت تائين رومي واپار گنگا نديءَ جي اندر اتفاقاً پهتا.

(8) عربستان مان قافلن جا رستا بيان ڪري ٿو. سنڌ مان مال عدن تائين ويندو هو. جتان عرب قافلن رستي اهو مال مصر ۽ يونوچ سمنڊ جي ڏاکڻين ڪناري تي پهچندا هئا.

(9) هئپولیس جي موسمي هوائن جي ايجاد ۽ ان جو جهاز رانيءَ لاءِ استعمال جو احوال.

(10) (Single horned Rinoccros) يا هڪ سنگو گينڊو. جو ان وقت سنڌو درياهہ ۾ عام هو. استرابو. آگسٽس جي قلوپطرا تي فتح جي موقعي تي ڏٺو. اهو گهٽو ڪري سنڌ مان مصر موڪليو ويو هو.

(11) استرابو هندستان مان روانو ڪيل 9 فوٽ ڏگهو نانگ پڻ مصر ۾ ڏٺو.

(12) استرابو ڪنڊ متعلق لکي ٿو تہ اها ماکي هندستان ۾ وٽن مان ماکيءَ جي مک جي مدد ڪانسواءِ پيدا ٿئي ٿي.

اهڙي قسم جا ڪيئي بيان سندس ڪتابن ۾ موجود آهن. سنڌ جي پراڻي جاگرافي تي هيءُ هڪ نايابَ ڪتاب آهي.

سندس جاگرافيءَ جو ترجمو (H.L.Jones, Geography of Starbo) 8 جلدن ۾ لوئب ڪلاسيڪل لائبريري طرفان ڪيو. جو لنڊن مان 1933ـ1917ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي. بنبري (Bunbury) پنهنجي ڪتاب

"History of Ancient Geography" ۾ استرابو جو ذڪر ڪيو آهي. استرابو تي حوالي ٻين هينئين مصنفن جي ڪتابن جا نالا هئپولس ۽ بوڊوڪسز جي بيان ۾ ڏنا ويا آهن.

(15) اپولونيئس آف ٽيانا

ٽيانا جو اپلونيئس (Appollonius of Tyana) پهرين صدي عيسويءَ جو فلاسافر ۽ نيو پيٿاگورين (Neo_Pythagorean) مذهب جو معتقد، ڪپئادوشيا (Cappadocia) جي شهر ٽيانا ۾ پيدا ٿيو. ايران، مصر، موجوده پاڪستان وارن علائقن ۽ هندستان ۾ سفر ڪيائين. نيرو (Nero) جي حڪومت جي دؤر ۾ روم ۾ هو. مسيحيت خلاف هڪ فرقو (Cult) قائم ڪيائين. هندستان ۽ سنڌ ۾ سندس اچڻ جو مقصد هو هندو فلاسافيءَ جو مطالعو ڪرڻ ۽ سڪندر اعظم جا نهرايل شهر ۽ يادگار ڏسڻ. ان وقت سنڌ ۽ پنجاب ۾ پارٿين بادشاهه گونڊو فيئرس (Gondophares) جي حڪومت هئي.

سنه 1912ع ۾ فلوسٽراتس (Philastratus) جي ڪتاب تان ترجمو ڪري شايع ڪرايا. هڪ ٻئي مصنف ڪارپينٽيئر (Charpentier) "Travels of Apploonius of Tyana" جي نالي سان سندس سفرنامو ۽ زندگيءَ جو احوال پيش ڪيو آهي.

(16) ڊيوڊورس سائڪيولس:

ڊيوڊورس سائڪيولس (Diodorus Siculus) يوناني تواريخ نويس سسليءَ جي شهر اگائريم (Agyrium) ۾ عيسوي سن کان هڪ صدي اڳ پيدا ٿيو هو ۽ سنه 30_60 ق.م ۾ زنده هو.

هن پونوچ سمنڊ جي ملڪن جي تاريخ، جنهن جو نالو ببلوٿيڪا هستاريڪا (Bibliothea Historica) آهي، 40 جلدن ۾ لکي. تاريخ لاءِ مواد گڏ ڪرڻ لاءِ هن ڪافي سفر ڪيا، سندس 40 جلدن مان فقط پهريان چار ۽ 19 ۽ 20 جلد بچي ويا، باقي ضايع ٿي چڪا آهن. پوين ٻن جُلدن ۾ 302_480 ق.م. عرصي جو بيان آهي. دارا جي مرڻ بعد اخيمينين جو زوال، سڪندر جي سنڌ تي ڪاهه ۽ سڪندر جي مرڻ کان بعد سندس حڪومت

جو ٽڪرا ٿيڻ، سنڌ ۾ هند ۾ چندر گپتا موريا جي حڪومت جو قائم ٿيڻ، انهيءَ عرصي ۾ اچي وڃن ٿا. مشهور تواريخ نويس هيروڊوٽس جي تاريخ 479 ق.م تي ختم ٿئي ٿي. سنه 431_497 ق.م لاءِ ته ٻئي ڪنهن هنڌان مواد ڪونه ٿو ملي. ٿڪائڊائيڊس (Thucdides) سنه 362_431ق.م واروعرصو بيان ڪيو آهي، پر سنه 302_362 عيسوي واري عرصي جو مسلسل بيان ڪنهن به تاريخ ۾ ڪونهي.

تواريخ نويسيءَ جي تحقيقات جي لحاظ سان ڊيوڊورس ايترو پروسي جوڳو ناهي. حقيقت جو مدار انهيءَ تاريخ تي آهي جا هن استعمال ڪئي، پر سڪندر جي موت بعد سندس جنرلن جي پاڻ ۾ جنگ، سندس سلطنت جو ورهاست ۾ هندستان ۾ چندر گپتا جو اُڀرڻ، انهي دور تي مٿس پروسو ڪري سگهجي ٿو جو ته انهيءَ عرصي لاءِ سندس ماخذ مستند هئا.

برصغير متعلق سڪندر سان وابسته حصا مئڪرنڊل پنهنجي ڪتاب "Invasion by Alexander" سنه 1896ع ۾ ترجمو ڪيا، جي 36 صفحن ۾ شايع ڪيا ويا، جن مان ڏهه حصا سنڌ متعلق آهن. انهن صفحن ۾ موسيڪئنس (Musicanus) ، سمبس پارٽيڪئنوس (Particanos)، هرماٽيليا (Hermatelia) (جا شايد بهمن آباد هجي)، پٽالا، لس بيلي (Oritai) ۾ ماڻهن کي پورڻ ۾ هندستاني فلاسافر ڪالانوس (Kalanos) متعلق بيان آهي.

ڊيوڊورس، ٽالمي ۾ ارسٽوبولس کان سواءِ ڪلائٽارچس جي تواريخ پڻ استعمال ڪئي آهي، جا ايرين استعمال نه ڪئي هئي، پر ڪرٽيس استعمال ڪئي. اهوئي سبب آهي جو ڪڏهن ٿنهي تواريخ نويسن يعني ايرين، ڊيوڊورس ۾ ڪرٽيس جا بيان متفق آهن ته ڪڏهن فقط پوين ٻن جا. ڊيوڊورس، ڪرٽيس وانگر ٻڌائي ٿو ته اولهه سنڌ جي بادشاهه سمبس جي شڪست بعد سڪندر 80،000 سنڌي قتل ڪرايا. اهو بيان ڪلائٽارچس تان نقل ڪيو ويو آهي. هر ماٽيليا شهر جو پٽالا شهر کان اڳ ۾ بيان ڪرڻ ڏيڪاري ٿو ته هرماٽيليا سيوهڻ ۾ پٽالا جي وچ ۾ هڪ وڏو شهر هو، پر ان جي ڪنهن به تاريخدان يا آرڪيالاجسٽ جستجو نه ڪئي آهي.

ڊيوڊورس متعلق تازه ترين ڪتاب ويلس (C.Bradford Wells) لکيو جو لوئب ڪلاسيڪل لائبريري سنه 1963ع ۾ لنڊن مان "Diodorus of Sicily" جي نالي شايع ڪيو.

(17) ڪرٽيئس رفس ڪئنٽس:

رومن تاريخ نويس ڪرٽيئس رفس ڪئنٽس (Curtius Rufus Quintus) سڪندراعظم جي تاريخ 50ع ڌاري رومن شهنشاهه ڪلاڊيس جي دؤر ۾ لکي. ڪتاب 10 جلدن ۾ هو. جنهن مان پهريان ٻه جلد ۽ ٻين جا ڪي حصا ضايع ٿي چڪا آهن. هي ڪتاب تاريخ جي مشابهت ۾ اتهاس جي لحاظ سان زياده دلچسپ آهي.

ڪرٽيس جي ماخذن ۾ ڪلائٽارچس ٻه هڪ آهي: ڪلائٽارچس جون غلطيون اڳ ۾ بيان ڪيون ويون آهن ۽ اهي هن ڪتاب جو جزو بنجي چڪيون آهن. ڪرٽيس ٽالمي ارسٽو بولس کان سواءِ ٻيا ڪتاب ٻه استعمال ڪيا، جن مان ڪن جا مصنف سڪندر جا مخالف هئا ۽ ڪي هن کي پنهنجو سورمو (Hero) ڪري سمجهندا هئا. ان هوندي ٻه ڪتاب پڙهڻ جوڳو آهي، جنهن ۾ "شگفته بياني" (Flowery Language) ۽ "بلاغت" (Rhetorical) عام جام آهي ۽ سڪندر جون تقريرون ڪنهن وڏي "سخن ور" (Orator) جون لڳن ٿيون. سندس زندگي ۽ ڪتاب تي رولف (J.C.Rolfe) پنهنجي ڪتاب "Q.Curtius Rufus, "History of Alexander" ۾ تبصرو ڪيو آهي. اهو ڪتاب ٻن جلدن ۾لنڊن مان 1971ع ۽ 1973ع ۾ شايع ٿيو آهي.

ڪرٽيس جو بيان ته سڪندر اولهه سنڌ جي حاڪم ميوزيڪينس جا 80000 ماڻهو مارايا، ڪلائٽارچس تان ورتل ٿو معلوم ٿئي.

گڏيل هندستان متعلق ڪرٽيس جي ڪتاب جو ترجمو مئڪرنڊل "Alexanders invasion of India" نالي ڪتاب ۾ ڪيو جو 1896ع ڇپيو ۽ ان ۾ هندستان جي باري ۾ جي 87 صفحا آهن، انهن مان 14 صفحن جو تعلق "سنڌ" سان آهي.

(18) پلوٽارچ:

پلوٽارچ (Plutarch) سنه 46ع ۾ بوئيوٽيا صوبي جي ڪئيرونيا (Chaeronea in province of Boeotia) شهر ۾ پيدا ٿيو. سرڪاري ملازمت ڪيائين ۽ ان سان گڏ علمي شوق سبب لکڻ ۾ مصروف رهيو. هن تاريخ ۽ فلسفي تي ڪئين ڪتاب لکيا، جن مان هو 50 مشهور زندگين تي لکيل

ڪتاب "Parallel Lives" لاءِ خاص طرح مشهور آهي. اهي زندگيون يوناني ۽ رومي حڪمرانن، جنرلن ۽ سياستدانن جون هيون، جن ۾ سڪندراعظم به اچي ٿو وڃي، جنهن جي زندگيءَ سان سنڌ جو به واسطو آهي. سندس ڪتاب ڪيئن دفعا ترجمو ٿي چڪو آهي، جن ۾ پيرن جو ڪتاب B,Perrin, Plutarch's lives. London 1919؛ ائان سڪاٽ ڪلورٽ جو ڪتاب Ian Scott Kilvert, The age of Alexander, London 1977 ۽ ايڊمنڊفلر جو Edmund Fuller, Plutarch Lives of noble Greeks, London 1974 قابل ذڪر آهن.

هندو پاڪستان متعلق سڪندر جي زندگيءَ جي حصن جو ترجمو مئڪرنڊل ڪيو. جو سندس ڪتاب " Invasion of India By Alaxander the Great Landon,1996" ۾ ڇپيو. ۽ 14 صفحن ۾ آهي، جنهن مان 7 صفحا سنڌ متعلق آهن. هن پنهنجي تاريخ ۾ سڪندراعظم ۽ ٻين جا خط استعمال ڪيا آهن، جي گهڻو ڪري نقلي هئا، پر سندس "انداز تحرير" (Literary Style) تمام سنو آهي، جنهن ۾ قصا، ڪهاڻيون، روايتون شامل ڪيون ويون آهن، پر تاريخي اعتبار جي لحاظ سان قابل قبول نه آهن. ڪرتيس وانگر هي هندو يوگي ڪلانوس جو قصو دهرائي ٿو ۽ سمبس جي علائقي ۾ جوڳين سان سڪندر جي ملاقات ۽ بحث مباحثو بيان ڪري ٿو. شايد اهي سڀ قصا نقلي هجن، جي ڪلائٽارچس جي ڪتاب تان نقل ڪيا ويا هجن.

(19) پيريپلس:

پيريپلس (Periplus of Erythraean)، مارڪو پولو، ڪولمبس، نيئرڪس ۽ ٻين جي جرنل وانگر آهي، جنهن ۾ واپار ۽ واپار لاءِ خشڪي سمنڊ جا رستا ۽ واپار جا مرڪز، يورپ وارن جي لاءِ لکيا ويا آهن، جيئن هو مشرق ۾ واپار خاطر آسانيءَ سان اچي سگهن. مصنف جي نالي جي معلومات ڪانهي، پر ان جو لکيل اهو "گائيڊ بوڪ" جهاز ران ۽ واپاري استعمال ڪنداهئا.

سڪندر جي فتح کان بعد هندستان ۾ جيڪي حڪومتون پيدا ٿيون، تن جي تهذيب ۽ تمدن واپار کي وڌايو. ٻئي طرف رومن سلطنت ۾ عمدين شين جي استعمال لاءِ حرص ۽ شوق پيدا ٿيو. واپار جو سلسلو وڌندو رهيو ۽

پهرين صدي عيسويءَ جي پوئين اڌ ۾ مغرب مشرق جي پيداوار جي ضرورت، پنهنجي ڪمال تي پهتي. هي ڪتاب انهيءَ وقت جو لکيل آهي. ان جي لکڻ جي تاريخ تقريباً 0 يا 71ع آهي.

هن ڪتاب ۾ سنڌ جو بندر باربريڪان (Barbaricon or Banbhore) بيان ڪيل آهي، جنهن جي درآمد، تصويرن وارو فلئڪس مان نهيل ڪپڙو (مصر ۽ ميسوپوٽيما جو)، "زرد ياقوت" (Topaz)، "مرجان" (Coral)، "سلاجيت" (Storax)، "لوبان" (Frankincense)، شيشو سون ۽ چانديءَ جا برتن، سون، چانديءَ شراب هئي ۽ برآمد: Turquise "لاجورد"(lapis lazuli)، (Lycium) نيرَ، رنگ، ڪپهه، ريشمي ڪپڙو، ريشمي ڪلون (costus)، گوگر (bdellium) ڪئونر، گهه عطر وغيره هئي.

يوناني سنڌونديءَ کي سنٿوز چوندا هئا ۽ سنڌ کي سٿيا (Scythia) يا سٿين جو ملڪ، جن جي هتي حڪومت هئي. سنڌ جي اندر منانگرا (شايد برهمڻ آباد يا الور) شهر هو، جو تخت گاهه هو. سنه 50ع تائين باربريڪان هند ۽ سنڌ جو وڏي ۾ وڏو بندر هو، جتان گهڻي ۾ گهڻو واپار ٿيندو هو، پر انهيءَ ڪان پوءِ موسمي هوا جو جهاز رانيءَ لاءِ ايجاد ٿيڻ ڪري، بڙوچ يا بئريگازا (Barygaza) وڏي ۾ وڏو بندر ٿي چڪو هو. ڪچ جو رڻ ان وقت تانگهو سمنڊ هو، جنهن کي آئرينان (Eirinon) چوندا هئا. منجهس ست ٻيٽ هئا ۽ جهاز رانيءَ جي لائق نه هو.عربي سمنڊ کي ايرائٿرينين (Erythraean Sea) چوندا هئا ۽ ڳاڙهي سمنڊ کي سنس عرٽبيڪس (Sinus Arabicus)

پيريپلس جا ٻه انگريزي ترجما موجود آهن. پهريون مئڪرنڊل سنه 1879ع ۾ ڪلڪتي مان "Commerce and navigation of Erythraean Sea"_Translation of Periplus Naris Erythae جي نالي ڇپرايو ۽ ٻيو سڪاف (Scoff. W.H.) جو ترجمو فلاڊيلفيا مان سنه 1912ع ۾ ڇپيو. انهن ۾ پويون ترجمو بهتر سمجهيو ٿو وڃي.

(20) پلني دي ايلڊر:

پلني دي ايلڊر (Pliny the Elder or Gais Pilnius Secondns) اٽلي جي ڪومو يا ڪومم (Comum or Como) شهر ۾ سنه 23ع ۾ پيدا ٿيو ۽ رومن سلطنت ۾ ڪيترن وڏن سول ۽ ملٽري عهدن تي رهيو. سنه 79ع ۾

ويسيوئيس برندڙ جبل جي تباهه ٿيل ماڻهن جي مدد لاءِ اتي ويو ۽ پوساڻجي مري ويو. هن ڪيئن ڪتاب لکيا، جن مان "On Natural History" جو 37 جلدن ۾ آهي، هن وقت به موجود آهي، باقي ڪتاب ضايع ٿي ويا. اهو ڪتاب 146 رومين ۽ 327 غير رومين لکيو. ڪتاب ۾ جاگرافي، جانورن، مڇين، پکين، جيتن، وڻن، پوٽن، گلن، دوا جي پوٽين، ڌاتن ۽ قيمتي پٿرن وغيره جو بيان آهي. اهو ڪتاب قديم علم جي هڪ انسائيڪلوپيڊيا آهي. هن ڪتاب لکڻ لاءِ هزارين ڪتاب استعمال ڪيا ويا. بدقسمتيءَ سان ڪئين غلط احوال سندس ڪتاب ۾ درج ٿي ويا، خصوصاً حيوانيات (Zoology) جي جلدن ۾، اها تاريخ سنہ 77ع ۾ مڪمل ٿي.

هن جي جاگرافي واري حصي ۾ قديم سنڌ متعلق ڪافي مواد موجود آهي. مثلاً:

1_ ڳاڙهي سمنڊ ۾ تجارت جي رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ لاءِ انٿيوڪس ٽئين ۽ چوٽين، گيرا (Gerrha) تي حملا ڪيا.

2_ سون جي سڪن جو وڏو تعداد هر سال هندستان موڪليو ويندو هو. جنهن جي عيوض هندستان مان مصالح ۽ ڪئين نفيس شيون (Luxury goods) روم روانا ڪيا ويندا هئا.

3_ سندس دؤر ۾ باربريڪان (Barbaricon) يا پنيور سنڌ جو مڪيه ۽ مشرق جو پهريون بندر هو. جتي مغرب کان ايندڙ جهاز لنگر هڻندا هئا.

4_ سنڌ ۽ هندوستان سان تجارت جي سلسلي جون شيون بيان ڪيون ويون آهن.

5_ هند، سنڌ ۽ مصر جي وچ ۾ خشڪي ۽ سامونڊي رستا ڏيکاريا ويا آهن.

6_ پلني جي تاريخ تيار ڪرڻ وقت يعني 77ع ۾ پنيور جي تجارت گهٽجي چڪي هئي ۽ بئريگازا (Barygaza) يا برڙوچ هندستان جو وڏو تجارتي بندر ٿي چڪو هو.

7_ هندوستان سان واپار جي حفاظت لاءِ ڳاڙهي سمنڊ ۾ رومن حڪومت طرفان بحري اڈو قائم ڪيو ويو هو.

8_ جيڪو مال عرب قافلن رستي عدن کان روم پهچائيندا هئا، سو ڏاڍو مهانگو پوندو هو.

9_ گڏيل هندوستان مان روم هيرا جواهر، سنگمرمر جو سامان، سليماني پٿر (agate)، عقيق (Cornelian)، عقيق احمر (Sard)، عقيق سليماني (sardonyx)، فيروزه (beryl)، ياقوت ڪبود (sapphire)، لعل (ruby)، (turqaise)، سچو بلور (crystal)، نيلم (amethyst)، دوڌيو پٿر (opal) ۽ ياقوت (garnet) وغيره روانا ڪيا ويندا هئا. انهن مان ڪي شيون افغانستان ۽ سوات مان ايندڙون هيون ۽ باربريڪان مان ٻاهر ويندڙون هيون.

10_ استرابو ۽ پيرپيلس وانگر، پلني پڻ موسمي هوائن جو ذڪر ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته ڪيئن هيئپولس جي ايجاد ڪري باربريڪان جو واپار گهٽجي ويو.

11_ يوڊوڪسز جو هندوستان مان واپسي وقت آفريڪا جي چوطرف ڦري اسپين ۾ پهچڻ.

12_ پلني سڪندريہ کان ملبار پهچڻ لاءِ پورو حساب ڏنو آهي ته اهو سفر 114 ڏينهن ۾ ٿيندو هو، جنهن مان صرف 40 ڏينهن عربي سمنڊ ۾ گذرندا هئا.

13_ هندوستان مان مصر لاءِ سفر ڊسمبر يا جنوري ۾ ڪيو ويندو هو.

14_ قيمتي پٿرن کان سواءِ هندوستان مان عطر، عنبر، مُشڪ، ڪاڏي لاءِ ڪي هندوستاني جانور، جسم کي لڳائڻ جون دوائون، هندوستاني طوطا، پولڙا، شينهن ۽ چيتا پڻ روم روانا ڪيا ويندا هئا، جن مان ڪي خشڪي رستي موڪليا ويندا هئا.

15_ هڪ سنگ وارو درياهي گهوڙو (Rinoceros) جو سنڊ ۾ هوندو هو، روم موڪليو ويندو هو.

16_ هندوستاني هاٿي، سڪندراعظم کان فوراً بعد سيليڪوس ۽ تالمي استعمال ڪيو ۽ اهو برآمد ٿيندو رهيو.

17_ چيتي، ٽٻيٽي ۽ چيني ترڪستان جي جانورن جون پشمي ڪلون (furs)، سنڊ جي بندر باربريڪان مان روم روانيون ٿيندڙون هيون.

18_ گينڊي (Rinoceros) جا سنگ ۽ ڪل پڻ روم ويندي هئي. ازانسواءِ هندوستان جي هاٿين جو عاج پڻ.

19_ سنڊونديءَ جي پرسان سپ (oysters) ۽ سنگ ٻڌيا (conchylia) لينداَ

هئا، جي روم روانا ڪيا ويندا هئا.

20_ هندستاني (Sandyx) جا ڳاڙهي رنگ رنگڻ ۾ ڪم ايندي هئي، اڄ تائين اهو رنگ ڪن وٽن جي ڇوڙن مان ٺاهيو ويندو آهي روم ويندي هئي.

21_ ڪيئي قسم جا مصالحا ۽ دوائون، جي ڪن ٻوٽن مان پيدا ٿيندیون هيون، روم ويندیون هيون.

22_ سُرڪي (Ginger) جو گاهه سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان مان روانو ڪيو ويندو هو.

23_ پٽالا جي پرسان "Costus" نالي هڪ خوشبودار ٻوٽي پيدا ٿيندي هئي ۽ باربريڪان مان روانوڪئي ويندي هئي.

24_ ڪن وٽن جو ڪوئر، جو سنڌ، بلوچستان، افغانستان، هرات ۽ قندار ۾ ٻه پيدا ٿيندو هو، سو ٻه روم روانو ڪيو ويندو هو.

25_ نيئر، جو سنڌ ۽ پنجاب ۾ پيدا ٿيندو هو ۽ Lycium جو پيلي رنگ جو هو ۽ خوبصورتي لاءِ منهن کي لڳائڻ ۾ ڪم ايندو هو، پڻ باربريڪان مان اُنن ۽ گينڊي (Rinoceros) جي کل ۾ روانو ڪيو ويندو هو.

26_ هندستان کان ٻاهر ڪنڌ دوائن ۾ ڪم ايندي هئي، اها هتان رواني ڪئي ويندي هئي.

27_ هندستان ۽ سنڌ مان چانور، جوار ۽ ٻاجهري پڻ روم موڪليا ويندا هئا.

28_ پلني ان وقت جي ڪيترين شين جي قيمت ڏني آهي، جن ۾ سنڌ جي پيداوار جون ٻه شيون آهن ۽ ان مان وقت جي معاشيات جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

29_ موسمي هوا جي جهاز راني لاءِ استعمال واري ايجاد کان بعد باربريڪان بندر تي آمد و رفت گهٽي ۽ هندستان جي ٻين حصن سان روم جو سڌو واپار ٿيڻ لڳو. روم وارن کي شيون سستي اگهه ۾ ملڻ لڳيون.

30_ اهڙي طرح ڪيئي معدني شيون (Minevral Products) ۽ قيمتي پٿر پڻ روم موڪليا ويندا هئا، جن مان ڪي تاتار، ٽيبٽ چين، بدخشان ۽ هندوڪش مان سنڌوندي رستي باريريڪان پهچندا هئا.

31_ جيڪي شيون درآمد ٿيندیون هيون، ان ۾ يوناني عورتون (White

(women مرجان (Coral) سنهو ۽ رنگين ڪپڙو (جو مصر مان ايندو هو ۽ باربريڪان تي لهندو هو) شراب، سلاجيت (Storax) جا پاٽيائي شيءِ هئي ۽ دوائن ۾ ڪم ايندي هئي.

32_ پتل، شيهو، لوهه، ٽامون سينڪيو (drsenic)، سندر (Relead)، قلعي، سون، چاندي ۽ سون جا سڪا پڻ باربريڪان ۾ روم مان درآمد ٿيندا هئا. اهي ساڳيون شيون هندستان جي بندرن تي پڻ روانيون ڪيون ويندیون هيون.

33_ هندستان ۽ روم جي واپار جي شين جي برآمد ۽ درآمد (Import and Export) ڪان پوءِ روم جي درآمد زياده هئي، انڪري هو هندستان کي هر سال 55,000,000 سيسترسيز(Sesterces) سون جي صورت ۾ ڏيندا هئا. ان جو شروع ۾ گهٽو حصو باربريڪان بندر تي ڏيڻو پوندو هو، پر 50ع کان بعد ۾ زياده حصو بڙوچ ۽ ملبار ڪناري تي خرچ ٿيندو رهيو. ڪن جو چوڻ آهي ته اهو خرچ فقط بڙوچ ۽ باربريڪان ۾ ٿيندو هو ۽ ان ۾ ڪاري منڊل، سلون، تامل علاقن جو حصو ڏنل ڪونه آهي.

پلني جي ڪتاب مان چند جملا صرف مثال طور ڏنا ويا آهن، پر ڪتاب ۾ مواد ايترو آهي، جو سنڌ جي واپارين ۽ ٻين ڳالهين تي هڪ جلد لکي سگهجي ٿو. منهنجو مضمون، International trade of sindh, 200 B.C_200 A.D., through its port of Barbaricon پڻ ان ڏس ۾ صرف هڪ ابتدائي ڪوشش آهي.

پلني جي ڪتاب جا جرمن، فرينچ ۽ لئٽن ترجما موجود هئا. تازو رئڪمن (H.Rackman) اُن جو پن جلدن ۾ ترجمو ڪيو آهي، جو 1967ع ۾ لنڊن مان لوئب ڪلاسيڪل لائبريري طرفان Pliny_Natural History جي نالي سان شايع ٿيو آهي. منهنجي خيال مطابق جيڪڏهن پلني، استرابو ۽ پيرپلس جو مطالعو ڪبو ته سنڌ تي وڌو مواد ملي ويندو. ان سان گڏ چارلس ورٿ (charlesworth)، ورمنگٽن (Wormington) ۽ مئڪرنڊل جي ڪتاب Ancient India as described in classical literature جي مطالعي جي به ضرورت آهي.

(21) **ڪلاڊيس ٽالمي:**

ڪلاڊيس (Ptolemy Claudius) ٽالمي سنہ 75ع ڌاري مصر جي شهر ٽالمائيس(Ptolemeus) ۾ پيدائيو. هن جو مصر جي ٽالمي خاندان سان، جنهن سڪندر جي موت کان وٺي 30 ق.م تائين حڪومت ڪئي، ڪوبہ تعلق نہ هو. شايد زندگيءَ جو گهڻو حصو ۽ گهٽ ۾ گهٽ تہ بہ 40 سال سڪندريہ گذاريائين. سندس موت151ع ڌاري يا ٿورو بعد ٿيو. هو شايد مصري هجي ۽ نہ يوناني. هو جاگرافي ۽ فلڪيات جو ماهر هو.

هن جا بہ ڪتاب: جاگرافي، جا 8 جلدن ۾ آهي ۽ الميگيسٽ(Almagest) يا سنٽاڪسز (Syntaxis) مشهور آهن. جاگرافي 150ع ڌاري لکيائين، جنهن ۾ 8000 جڳهن جو ذڪر آهي. جيتوڻيڪ هن راڳ ۽ ساز ميڪينڪس (Mechanics)، ائسترانامي(Astronomy) ۽ اپٽڪس(Optics) تي پڻ لکيو. هن هپارڪس(Hipparchus) جي جاگرافي استعمال ڪئي، جا هن وقت وجود ۾ نہ آهي. هپارڪس يونان ۾ رهندو هو. جيئن تہ ٽالمي ائسترانامي ۾ هپارڪس جا انگ استمال ڪيا تہ ڪن هنڌن ٻنهي جاين جي مقابلي ڪري سج ۽ ڪن ستارن جي ڪنڌن ماپڻ ۾ غلطيون رهجي ويون.

ٽالميءَ جو جاگرافيءَ جي علم ۾ وڏي ۾ وڏو حصو (Contribution) آهي. هن ان وقت جي معلوم دنيا جو نقشو ڪيو، اٽ هزار جدا جدا شهرن ۽ جاين جا ڊگهائي ڦاڪ ۽ ويڪرائي ڦاڪ ڏنا. انهيءَ بنياد تي ڪوبہ ماڻهو دنيا جو نقشو تيار ڪري سگهيو ٿي، پر هن جي جدولن (Tables) ۾ اهو نقص هو جو ڊگهائي ويڪرائي ڦاڪن کي اصلي ماپ جي بنياد تي نہ رکيون ويون هيون، پر سياحن، جهاز رانن ۽ واپارين جي ٻڌايل مفاصلن جي بناءَ تي. انڪري سندس نقشي ۾ غلطيون رهجي ويون. ان کان سواءِ ڌرتيءَ جو قطر (Circumference) ايروٿنسز (Erosthenses) جي 25000 ميلن جي جاءِ تي (Marinus of Tyre) جنهن پڻ پوسيڊونيس (Posidonius) تان ڪاپي ڪيو هو، جي ماپ 18000 ميل قبول ڪرڻ سان ايشيا کي 180 ڊگرين تائين وڌي ويو.

ڏکڻ ايشيا ۽ ڏکڻ اوپر ايشيا جو يورپ کان مفاصلو گهٽ ڏيکاريائين. هي پهريون ئي جاگرافي نويس آهي، جنهن ويڪرائي ڦاڪ (Parallels) ۽ نصف النهار يا ڊگهائي ڦاڪ (Meridian) يا منجهند جي ماپ استعمال

ڪئي، جا عربن 10 صدي کان بعد استعمال ڪرڻ سکي. اهوئي سبب آهي جو 10 صدي جي آخر تائين عرب جاگرافي دانن جا نقشا علمي اصول جي اُبتڙ (Unscientific) آهن.

اهو يقين نہ آهي تہ ٽالمي کي نقشا ڪيڊيا هئا. ٽالمي جدا جدا جڳهن لاءِ جيڪي جدولون ٺاهيون، انهن تان 15 صدي عيسوي ۾ نقشا تيار ڪيا ويا. انهن نقشن ۾ پونوچ سمنڊ بلڪل صحيح معلوم ٿئي ٿو. آفريڪا جو ڏاڪڻيون حصو غائب آهي. سلون جي ايراضي (Size) وڏي ڏيکاري ويئي آهي. گڏيل هندستان جي اوپر ۾ ملڪ ڏيکاريل آهن سي غلط آهن. غلطي جو سبب مرينس کان سواءِ پيريپلس (Periplus of Erythaeansae) ۽ استرابو (Strabo) مان ماخذ ۽ سياحن جا اطلاع هئا. سندس جدولون ڪاپي ٿيندیون رهيون ۽ انهن ۾ نقل ڪندڙ (Copyists) غلطيون ڪندا رهيا. نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ جي شهرن جا نالا عجيب پيا لڳن.

سندس ڪتاب، عربن 9 صدي عيسوي ۾ عربي ۾ ترجمو ڪرايا، جتان 12 صدي ۾ لئٽن زبان ۾ ترجمو ٿيا. سندس نقشي ۾ هند ۽ سنڌ جو نقشو بہ اچي وڃي ٿو جو مئڪرنڊل ۽ لئمبرڪ ڇپرايو آهي. ان نقشي تان سنڌ جي ڪيترن جاين جو پتو پوئٹو جي 150ع ڌاري وجود ۾ هيون. انهن جا پراڻا ۽ نوان نالا مون ڪوشش ڪري ماپن ذريعي ڪيڊيا آهن. اُهي هي آهن:

يوناني نالو		هاڻو ڪو نالو
اسيگراما	Asigramma	اچ
پاسيپيدا	Pasipeda	سيوهڙ
پرائيز	Parise	ڪوهستان
موسارنا	Musarna	موسيڪئنس جو ملڪ
اَسڪئنا	Oscana	ماهوٽا
بناگرا	Binagara	الور
ڪمي گارا	Kamigara	الور جي پرسان ندي
ڪلاڪا_ڪروڪالا	Calaca_Krokala	ابن شاهہ
باربري_باربريڪان	Barbari_Barbaricon	پنيور
پسڪا	Pisca	موهن جي دڙو
پٽالين	Patalene	لوئر سنڌ

آربيٽا	Arbita	ڪيرٿر جبل
انڊوسٿيا	Indo_Scythia	ملتان تائين سنڌ
پٽالا	Patala	بهمن آباد
سراسترين	Sirastrene	ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ

هندستان متعلق جيڪي تالمي لکيو، سو مئڪرنڊل(Mc Crindle) جي ڪتاب Ancient India as described by Ptolemy, London 1885 ۾ 373 صفحن تي شايع ٿيو. تالمي جيڪي سنڌ تي لکيو، سو ڪارٿر (Carter G.E.L) جرنل ائنٽرو پولاجيڪل سوسائٽي بمبئي ۾ "Ptolemy's Geography of Sindh" نالي، 16 صفحن تي 1922ع ۾ ڇپرايو ۽ ان سان هڪ نقشو به شامل ڪيو. سندس دنيا جو نقشو 15 صدي ۾ جتي ڪٿي استعمال ڪيو ويندو هو. 16 صدي جي شروعات جڏهن پورچوگيز ڪارٽوگرافن نوان نقشا پيش ڪيا، تڏهن تالميءَ جي نقشي جو قدر گهٽيو. تالميءَ آفريڪا چين کي ملائي هندي سمنڊ کي پونوچ سمنڊ وانگر هڪ زمين جي وچ ۾ وڏي ڍنڍ بنائي ڇڏيو هو. انگريزن، فرينچن ۽ ڊچن 17 ۽ 18 صدين ۾ انهيءَ زمين جي تلاش شروع ڪئي، جنهن هندي سمنڊ کي ڍنڍ قرار ڏنو هو ۽ نتيجي ۾ آسٽريليا ۽ نيوزلينڊ ڳولي ڪڍيائون.

تالميءَ جي مڪمل جاگرافي فرينچ ۽ جرمن زبانن ۾ ڇپجي چڪي آهي. انگريزي ۾ صرف ڏکڻ ايشيا (United India of 1935) تي مئڪرنڊل جو مٿيون ڪتاب آهي. مرينس، جنهن جي جاگرافي تالميءَ استعمال ڪئي هئي، سا 120 ق.م ۾ لکي ويئي هئي ۽ ضايع ٿي چڪي آهي.

تالميءَ سنڌوندیءَ جا ست منهن ڏيکاريا آهن. نيل ۽ سنڌو ندي هڪجهڙيون سمجهيون ويندیون هيون. نيل کي ست منهن هئا، انڪري هن چيو ته سنڌو کي به ست منهن هوندا. ٻئي طرف گنگا کي ڍنئيوب سان مشابهت ڏئي پنج منهن ڏنا ويا. سڪندر جي وقت کان تالمي تائين سنڌو کي به وڏا منهن ۽ شايد به ننڍا منهن هجن. ستن منهن پورا ڪرڻ لاءِ حب، پورالي ۽ هنگول ندين کي تالمي سنڌو درياءَ جون شاخون تصور ڪيون. اها غلطي هن کان اڳ هلندي پئي آئي. باربريڪان يا پنيور وچين شاخ تي ڏيکاريو ويو.

19 صدي ۾ سنڌو درياءَ کي ست منهن هئا ۽ انڪري باربريڪان جي

تلاش ڪئي جي قريب شروع ڪئي ويئي. دراصل باربريڪان سنڌوندي جي اولهه واري شاخ تي موجود هو. جيئن مون پنهنجي مضمون International Trade of Sindh 200 B.C_200 A.D ۾ نقشن جي مدد سان ڏيکاريو آهي. اها غلطي انڪري ٿي جو ٽالمي ٻه ماخذ استعمال ڪيا هڪ نيئرڪس ۽ ٻيو سڪندر جا اهي داستان جي تاريخي نه هئا، پر رنگ آميز (Romantic) قصا هئا.

ٽالميءَ جو سنڌ جو نقشو سنڌ جو قديم ترين نقشو آهي. سندس سنڌ جي جاگرافيءَ متعلق بلڪل گهٽ ڪم ٽيل آهي. لئمبرڪ History of Sindh, Vol I ۽ ايگرمانٽ (Eggermont) جي ڪتاب "Alexander's Campaign in Sindh and Baluchistan" ۾ جي حوالا آهن سي سندس جاگرافيءَ تي پوري روشني نٿا وجهن. سندس جاگرافيءَ جي صحيح مطالع لاءِ استرابو (Strabo)، پيريپلس (Periplus) ۽ سڪندر جي تاريخ نويسن جي گهري مطالع ڪرڻ جي ضرورت آهي.

(22) جسٽينس:

جسٽينس (Justinus) ٽين صديءَ عيسويءَ ۾ زنده هو. هن سڪندر اعظم تي ڪتاب لکيو. جنهن ۾ پامپيس ٽروگس (Pompius Trogus) جي ڪتاب جا حصا ڪم آندا اٿس. ٽروگس جو ڪتاب جو 44 جلدن ۾ هو، جيڪو گم ٿي چڪو آهي، پر ان جو پتو ۽ تت جسٽينس جي ڪتاب مان ملي ٿو. اها تاريخ حقيقتن تي نه، پر قصن، ڪهاڻين ۽ روماني آکاڻين تي مبني آهي. پر ڪتاب ۾ ڪي حصا آهن جي تاريخي معلوم ٿين ٿا، مثلاً چندر گپتا جو سڪندر جي روانگي بعد ملڪ جي ڪنهن حصي تي قبضو ڪرڻ وغيره.

سنڌ متعلق جيڪي حصا آهن انهن جو ترجمو مئڪرنڊل پنهنجي ڪتاب Invasion of India by Alexander the great, London 1896 ۾ چپرايو.

(23) ايرين:

ايرين (Flavius Arrianus or Arrian) ٻي صدي عيسويءَ جو يوناني

تواريخ نويس بٿائنيا (Bithynia) صوبي جي شهر نڪوميڊيا (Nicomedia) ۾ پيدا ٿيو. رومن حڪومت جي دور ۾ پهريائين قانصل، بعد ۾ شهنشاهہ هئيڊرين (Hadrian) جي دور ۾ ڪپادوشيا (Cappadocia) جو گورنر مقرر ٿيو. هن جنگ جي تاريخ، بليڪ سمنڊ جي ڪناري جي جاگرافي، سڪندراعظم جي موت بعد سندس ساٿين ۾ جدوجهد ۽ جنگيون ۽ ٻيا ڪيترا ڪتاب لکيا، پر سندس سڀ کان مشهور ڪتاب آهي آئنابيسز (Anabasis) يا سڪندر جون جنگيون، جنهن ۾ هن ارسٽو بولس (Aristobulus) ۽ ٽالمي (Ptolemy Sorter) جون تاريخون استعمال ڪيون آهن. ازانسواءِ هن مگئزٿينيز ۽ امير البحر نيئرڪس (Nearchus) جي ڪتابن تان هندستان متعلق "انڊيڪا" نالي ڪتاب لکيو. ايرين جا اُهي ڪتاب اڄ موجود نہ هجن ها تہ اسان کي سڪندراعظم متعلق صحيح پتو نہ پئجي سگهي ها ۽ موريا حڪومت جي دور ۾ جي پاڪ ۽ هند ۾ حالتون هيون، انهن جو بہ پتو نہ پوي ها. خاص طور نيئرڪس جي سنڌ جي شهر پٽالا (جو بهمن آباد جي قريب يا ساڳيءَ جاءِ تي هو) مان روانگيءَ جو احوال ۽ لوئر سنڌ جي، ان صديءَ جي جاگرافيءَ جي معلومات نہ ٿي سگهي ها. ايرين جي ڪتاب جا ڪئي ترجما ٿي چڪا آهن جن مان مون وٽ :Robson" "History of Alexander and India" ۽ ٻن جلدن ۾، "A de Selincourt: The life of Alexander"

Mc, Crindle: "Invasion of India by Alexander" ۽ ٽومئشيڪ (Tomaschek) جي جرمن ڪتاب جو انگريزي ترجمہ (قلمي) آهن.

سنڌ متعلق انهن مان هر هڪ ڪتاب ۾ تقريباً 50 صفحا آهن، جن کي مختصر ڪري مون پنهنجي ڪتاب "Chronological Dictionary" ۾ 8 صفحن ۾ آندو آهي. هتي ورجائڻ جي گنجائش ڪانهي.

ماخذات

(1) Appolonius of Tyana, Letters and Life in Philostratus ed. F.C. Conybeare. Two Volumes. Loeb classical Libarary, London, 1912.
(2) Arrian, Flavius. Anabasis Alexandri and Indica. English translation by: (a) Mc Crindle John Watson. Ancient India as described by Magasthenes and Arrian, London, 1877. (b)….. Extracts in, Invasion of India by Alexander the Great. Westminister. 1896. (c) Robson, E.Iliff. Books I-IV, Vol.I. Lodon, 1967. Books V-VII and Indica, Vol II. London, 1966 (Loeb Classical Libarary) (d) Selincourt A, de. The life of Alexander the Great, London 1958. Revised edition with notes titled, The Campaigns of Alexander, by J.R.Hamilton. London, 1976.
(3) Aristobulus, Extracts of his history, in Arrian and Strabo.
(4) Bunbury. Hisory of Ancient Geography. London, 1883, Reprint, 1907.
(5) Carter G.E.L., Ptolemy's Geography of sindh. Jour. Anthropological Society. Bombay. 1992.
(6) Charlesworth M.P. Trade routes and commerce of Roman Empire, Cambridge 1926.
(7) Charpentier. Tr. Travesl of Appollonius of Tyana.
(8) Cleitrachus of Alexandria. Fragments in Curtius Rufus.
(9) Conybeare, F.C. See Appollonius of Tyana.
(10) Curtius Rufus Quintus. English Translation of History of Alexander by: (a) Mc Crindle John Watson. Extracts in, invastion of India by Alexander the Great. Westminister, 1896. (b) Mc Queen. In Latin Biography ed. T. A. Dorey. London, 1967. (c) Rolfe J.C.Q. Curtius Rufus. History of Alexander. Books I-V, Vol. I. Lodon, 1971 and books V-X. Vol.II. London. 1972.
(11) Diodorus Sicilus, English translation of the fragments by: (a) Mc Crindle john Watson. Extracts in, Invastion of India by Alexader the Great. Westminister, 1896. (b) Oldfather C. H. London 1933, (Loeb Classical Libarary) (c) Welles Bradford C. Diodorus of Siciey. Vol.8 London, 1963. (Loeb Classical Libarary)
(12) Eggermont P.H.L. Alexander's Campaigns in sind and Baluchistan. Leuren, Univ. press, 1976.
(13) Eratosthenes. Extracts in Strabo and Ptolemy.
(14) Gilmore, J.L. (ed) Fragments of Ctesiaso. London, 1888.
(15) Herodotus. Histories English translation By: (a) Rawlison and J.G. Wilkinson. History of Heroduts. 4 volumes, London, 1875. (b) Macaulay G.C.History of Herodutus. London, 1904. (c) Hude, K. Heroduts History 2 volumes. London 1927. (d) Selincourt, Aubrey de. Histories. London, 1854.
(16) Jones H.L. The Geography of Strabo, Vol. I-VII, London, 1917-1933. (Loeb Classical Libarary).
(17) Justinus Marcus Jumianus. Epitome of Historiae Philipicae of Pompeius. Extracts in Mc Crindle's Alexander the Great, Westminister, 1896.
(18) Lambrick, H.T. History of sindh series, Vol II, sindh before Muslim conquest sindhi adabi Board Hyderabad. 1973.
(19) Mc Crindle, John Watson, Commerce and Navigation of Erythraean Sea,

being translation Periplus Naris Erythae, Calcutta, 1879.
(20) ……. Ancient India as described by Ktesia. India Antiquary. Bombay, 1882
(21) …… Ancient India as described in Classical literature. 2nd edition, Calcutta. 1927.
(22) Megasthenes. Fragments of Indika of Megasthenes, English translation by Mc Crindle John Watson, in Ancient India as described by Megasthenes and Arrian. London, 1877. Reprinted in Indian Antiquary, 1885.
(23) Miller, J. Innes. The Spice trade of Roman Empire.Oxford, 1969.
(24) …….. Walter, Cyropadia. 2 volumes. London, 1970.
(25) Nearchus. The Journal of earchu's. English translation by: (a) Vincent, Rev. William. Dessertations on the vovage of Nearchus. London, 1997. (b) Mc Crindle John Watson India as described by Megasthenes and Arrian. London 1877. (c) Tomasche. Topographicscshe Erlanterung der uston fahrt Nearchusvom Indus, biszum Eu phrat. Vol XXI. Wein, 1890. English translation by Pansdoc Karachi. (M.S with M.H. Panhwar)
(26) Panhwar, M.H.Chronology of sindh from the fall of Mohenjo Daro to the Arab conquest . Jour. Sindh Quarterly, Vol. II, No. I, Karachi. 1976.
(27) ……., Influence of Ancient Sciences including those of sindh on Al-Razi. Jour. Sindhology , Summer, 1977.
(28) ……., International trade of sindh, from its port of Barbaricon (Banbhore), 200 B.C-200 A.D. jour. Sindhology, winter, 1980.
(29) Perrin B. Plutarch's Lives. Vol. 7 London, 1919.
(30) Pliny, Gais Secondus. Natural History translation by H. Rackham, Vol.I and II, London, 1967 (Loeb Classical Libarary).
(31) Plutarch. Lives. English translation by: (a) Langherne, J.W.Plutarch's lives. Edinburg, 1875. (b) Mc Crindle john Watson. Extracts in Invasion of India by Alexander the Great. Westminister, 1896. (c) Perrin B. Plutarch's Lives. Vol. 7. London, 1919. (Loeb Classical Libarary) (d) Fuller, Edmund, Plutarch's Lives of Noble Greeks. London, 1968. (e) Scott-Kilvert, Ian-Plutarch. The Age of Alexander the Great London, 1973.
(32) Ptolemy , Claudius, In Mc Crindle john Watson's, Ancient India as described by Ptolemy . Bombay, 1884. Reprint Indian Antiquary, Vol. XIII, Bombay, 1884.
(33) Rackham . Pliny, Natural History. Vol. I and II. London, 1967. (Loeb Classical Library).
(34) Rawlinson A.G. India and Western world from the earliest times to fall of Rome. 2nd edition, Cambridge, 1926.
(35) Rennell, James F.R. Geographical system of Herodutus. London, 1830.
(36) Rolfe J.C.Q. Curtius Rufus, History of Alexander. Books I-V, Vol. I, London, 1970. Books VI-X, Vol-II, London, 1972 (Loeb Classical Libarary).
(37) Scoff, W.H.The perlplus of erythraean Sea Philadelphia, 1912.
(38) Toussaint, Auguste. History of Indian Ocean. London, 1966.
(39) Warmington, E.H. Commerce between Roman Empire and India. Cambridge, 1928.
(40) Wells, C.Braford. Diodorus of Sicity Vol. 8, London, 1963. (Loeb Classical Libarary)
(41) XL/C. The Persian Expedition. English Translation by, Rex Warner, new edition, London, 1972.*

(سہ ماهي مهراڻ تان ورتل)

هاکڑو دريا
[تاريخي ۽ تهذيبي جائزو]

محمد حسين "ڪاشف"

قديم تهذيب ۽ ثقافت جو جيترو سرمايو سنڌ جي سرزمين تاريخ کي ڏنو آهي، ايترو شايد دنيا جي ٻئي ڪنهن به حصي نه ڏنو هجي. ان جا بنيادي سبب ڪهڙا هئا؟ ڇا ابتدائي انسان جو سلسلو هن خطي کان شروع ٿيو يا دنيا جي ڪنهن ٻئي هنڌ هن جنم ورتو؟ يا دنيا جي جدا جدا حصن ۾ ان جي پيدائش ٿي، انهيءَ بحث جو تعلق انساني ارتقا جي موضوع سان آهي. اسان صرف هن وادي جي انهن علامتن کي ڏسنداسون، جن انساني آبادي جي وڌڻ، ويجهڙ ۽ ان جي ترقي ڪري تهذيب ۽ ثقافت جي منزل تي پهچڻ ۾ هن کي هٿي ڏني. انهي تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته دنيا جو هي خطو قدرت جي اڻ ڪٽ نعمتن سان مالامال آهي، جن جي ڪري تهذيب ۽ ثقافت جي قدرت هت جنم ورتو ۽ دنيا کي ان سان نوازيو. ثقافت جي انهيءَ اوسر ۾ سڀ کان گهٽو حصو مهراڻ جي موجن کي رهيو آهي. هي پورالي ندي پنهنجي پورن ۾ ڪڏهن هن خطي جي اوپر کان وهي آهي، ته ڪڏهن ان کان ٿورو اورپرو. هن نندين دريائي ڦاٽن جي صورت اختيار ڪئي آهي. ڪنهن وقت

هو نيرون ڪوٽ جي اوپر ۾ هئي ته اڄ وري ان جي والهه کان روان آهي. تاريخ جي مختلف دورن ۾ سندس وهڪرن جا نالا پڻ جدا جدا رهيا آهن. طبعي لحاظ کان سنڌو ماڙ حصن ۾ ورهايل هوندي به تهذيبي بنياد تي هڪجهڙائي واري حيثيت رکي ٿي ۽ سيني حصن ۾ اسان کي ساڳيو شعور نظر اچي ٿو.

سنڌو ماڙ ۾ دريائي وهڪرن جو سلسلو تاريخ جي اندر ايترو ته منجهيل آهي جو اڄ تائين ڪوبه محقق ان مسئلي کي صاف طور تي سمجهي نه سگهيو آهي. ڪن محققن جو رايو آهي ته لکين سال اڳ سنڌو ساگر جو وهڪرو اتر، اتر-اوپر کان ڏکڻ، ڏکڻ-اولهه ڏانهن هو ۽ اهي وهڪرا ڪيترائي هئا، جيڪي رفتہ رفتہ ڦرندا رهيا؛ جن آخري طور اتر کان ڏکڻ جي شڪل وڃي اختيار ڪئي، جنهن ۾ وڏو هٿ هن وادي جي زمين جي طبعي ڦير گهير وارين حالتن جو رهيو آهي. سنڌو ماڙي ۾ انهن وهڪرن جي نشانن جي ايتري ته گهٽائي آهي جو انهن لاءِ محققن ۽ تاريخدانن جا پنهنجا پنهنجا ويچار آهن. اڄ به سنڌو جي وهڪرن جا ڪيترائي نالا اسان کي تاريخن ۾ ملن ٿا. ڪٿي هن کي درياءِ سيحون ڪري ڪوٺيو ويو آهي، ته ڪٿي سنڌو ساگر جي نالي سان سڃاتي وڃي ٿي. ڪٿي هن جو نالو مهرا يا مهراڻ آهي ته ڪٿي ان جو نالو هاڪڙو نظر اچي ٿو. ڪٿي ساڳري ۽ لهاڙي جي نالي سان سڃاتي وڃي ٿي ته ڪٿي وري ڏورو ۽ پراڻ جي اسم سان مجسم آهي. بهرحال، ڪيئن به هجي سنڌوءَ جا هن ديس ۾ ڪئين ورن ۽ ور آهن، جن جي ڪري هن وادي جا ڪي ماڳ آباد ٿيا، ڪي اجڙيا، ڪي اجڙي وري وسيا، ڪي وسي وري برباد ٿيا. سنڌو ماڙ ۾ انساني آبادي جي وسڻ ۽ ڦٽڻ جو سلسلو ڪڏهن کان هليو، ان جي يقيني تاريخ لاءِ ڪوبه فيصلو ڪرڻ ناممڪن ته نه پر مشڪل ضرور آهي.

اسان وٽ تاريخ ۾ اهو وڏو مغالطو رهيو آهي جوسنڌو ماڙ کي خالي موجوده سنڌ يا ان کان ٿورو مٿيرو اتر ۽ اوپر جي ڪن علائقن کي شامل ڪيووجي ٿو ليڪن جڏهن هن وادي جي دريائن ۽ انهن جي ڦهلا ۽ اتي جي آبادين ۽ وسندين جو جائزو وٺجي ٿو ۽ انهن حصن جي اثريات کي نظر ۾ رکجي ٿو ته سنڌ و ماڙ اسان کي نهايت هڪ پکڙيل وڏو ميداني علائقو نظر

اچي ٿي، جنهن ۾ پنجاب ۽ ڪشمير جو ڪجهه حصو ۽ اوپر ۾ راجستان جو اڏو اڏ علاقو ۽ اولهه ۾ بلوچستان جو ڇڀل حصو ۽ هيٺ ڏکڻ ۾ ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ انهي تهذيبي رنگ ۾ رنگيل نظر اچن ٿا. اهي تهذيبي ماڳ ۽ مڪان دراصل درياڻي آبادين جا مرهون منت آهن. تاريخ ۾ اسان وٽ صرف سنڌو جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو ۽ هاڪڙو درياءَ، جيڪو يونانين کان اڳ ختم ٿي چڪو هو، ان جي وادي کي اهو چئي پوئتي ڪيو وڃي ٿو ته هي به سنڌو جو هڪ وهڪرو هو. ڇا تاريخي حقائق ۽ اثريات انهيءَ نڪتي جي تائيد ڪن ٿا؟ جنهن جي جواب جي لاءِ اڄ تائين ڪابه مثبت موٽ نه ملي سگهي آهي. حالانڪ "هاڪڙو"، جنهن کي سنڌو جو وهڪرو ڪوٺيو وڃي ٿو، دراصل اهو هڪ جدا درياءَ هو. جنهن جي تاريخ ۾ جدا حيثيت هئي. ڇاڪاڻ ته يونانين جي ڪوڄ انهيءَ ڳالهه جي تصديق ڪري ٿي. جيڪڏهن هاڪڙو سنڌو جو ذيلي وهڪرو يا ان جو اڳيون وهڪرو هجي ها ته يقين آهي ته يوناني محقق ان ڏس ۾ پنجاب جي فتح بعد هي پٽاله ۽ سيوهڻ ڏانهن ايندي هاڪڙي جو سنڌوءَ سان ڪو لاڳاپو بيان ڪن ها. يونانين ۽ اشڪانين جي ڪاهن وقت، هن خطي جي طبعي حالت کي انهن مؤرخن جي بيان ڪيل راين جي روشني ۾ اسان جي ڏاهن ۽ دانشورن کي فيصلو ڪرڻ کپندو هو، جيڪو نه ڪيو ويو ۽ تاريخ ۾ هميشه اهي ٻئي نالا هڪ ئي درياءَ جي صورت ۾ پيش ٿيندا رهيا. اهو ڪيتري قدر صحيح عمل آهي، ان کي واضح ڪرڻ ۽ انهن نڪتن جي چنڊڇاڻ ڪرڻ، اسان جي اڄ جي دور جي عالمن جو پهريون فرض آهي. ڇاڪاڻ ته تاريخي حقائق جي اپٽار ۾ جڏهن به ڪا غلطي رهجي وڃي ٿي ته اها نسل در نسل هلندي ڪومثبت نتيجو پيدا نٿي ڪري، جنهن ڪري تهذيبي تاريخ جا قدر ۽ تمدن جا ترڪيبي عنصر متاثر ٿين ٿا ۽ ايندڙ نسل لاءِ شڪ جي صورت پيدا ٿئي ٿي. دراصل سنڌو ماڻر جي درياڻي وهڪرن ۾ هاڪڙو ندي جو وهڪرو هڪ اهڙو وهڪرو آهي، جنهن لاءِ اڄ تائين مختلف قياس آرايون رهيون آهن. تاريخ جي اڳئين يا هاڻوڪي دؤر ۾ سواءِ يوناني محققن ۽ مغربي اسڪالرن جي ڪنهن به ايترو ڪو خاص ڌيان نه ڏنو آهي.

جاگرافي ۽ اثريات جي ماهرن جڏهن به سنڌو ماڻر جو ذڪر ڪيو

آهي تہ تحقيق جي بنيادن تي هنن آڏو هميشه اها سنڌ رهي آهي، جنهن جي دامن ۾ هڙپا، موهن جو دڙو، آمري، ڪوٽ ڏيجي، چانهو جو دڙو، ڪاهو جو دڙو، مهرگڙهه، مروٽ، اُچ، پارينگر، نُهٽو وغيره رهيا آهن، جاڪاڙ تہ انهن تهذيبي آثارن مان مليل باقيات ۾ تاريخ جي مختلف دورن جي مماثلت ۽ هڪجهڙائي نظر اچي ٿي. سنڌو ماڙ جي تهذيب درياڻي وهڪرن سبب ۽ حصن ۾ اسريل نظر اچي ٿي. اوپر وارو حصو جنهن کي هاڪڙو سيراب ڪندو نظر اچي ٿو ۽ ماڙ جي اولهه واري حصي کي سنڌو آبياري ڪندو نظر اچي ٿو. هن وادي جي حيثيت بہ دجلہ ۽ فرات، گنگا ۽ جمنا جهڙي وڏي ٿئي ٿي. "دريا سيحون ۽ جيحون، جن کي سنڌو ۽ دجلہ سان تعبير ڪيو وڃي ٿو، ان ۾ جيحون بمعني دجلہ جي طبعي فاصلن ۽ تاريخي تاڻن جي بنياد تي غلط محسوس ٿئي ٿو. دراصل سيحون ۽ جيحون جا لفظ هن وادي جي سنڌو ۽ هاڪڙو لاءِ استعمال ٿيل نظر اچن ٿا." سنڌو ماڙ جي تهذيب انهن درياڻي شڪلين جي صورت ۾ ۽ن ڏارائن ۾ نظر اچي ٿي. 1_ موهن جو دڙو ۽ هڙپائي تهذيب، 2_ هاڪڙا تهذيب، جن جو اونهو اپياس اهو پليءَ پٽ واضح ڪري ٿو تہ اهي مڙيئي تهذيبي عنصر سنڌو ماڙ جي تمدن جو عظيم ورثو ۽ ڪڙيون آهن، جنهن کي اسان سنڌو تهذيب ڪوٽيون ٿا. انهن ۾نهي درياڻي وهڪرن جي تهذيبي جزن کي هڪٻئي کان الڳ ڪري انهن لاءِ ڪو جدا تحقيقي معيار قائم ڪري نٿو سگهجي. البت اهو ضروري آهي تہ هاڪڙا تهذيب کي بہ انهي طرح اجاگر ڪيو وڃي، جيئن هڙپائي ۽ موهن جو دڙو جي تهذيب تاريخ اندر مقام حاصل ڪيو آهي.

قومن جي اڀل پڀل ۽ يلغار ۾ ۽ن نسلن جو اهم حصو رهيو آهي، جن هن ماڙ جي ۽ن درياڻن (سنڌو ۽ هاڪڙو) جي وچ واري حصي ۽ انهن جي اوپر ۽ اولهه کي متاثر ڪيو. 1_ انڊو آرياڻي، 2_ آريا. انهن ۾نهين قومن جو اصل نسل تاريخ ۾ هڪڙو ئي آهي، پر نقل مڪاني ۽ اڀل پڀل ۾ سندن رخ جدا رهيا. انڊو آرياڻي قومون، وچ مشرق کان صحرائي عربستان، مصر جنوبي يمن، ايراني نار، بلوچستان، سنڌ، ڪچ ۽ ڪاٺياواڙ کي متاثر ڪيو ۽ پنهنجي بينڪن کي موهن جي دڙي تائين قائم ڪيو. آرين وچ مشرق ۽ روسي ترڪستان مان نڪري خيبر جي دڙي وسيلي پنجاب، سنڌو ماڙ جي

مٿئين حصي، گنگا، جمنا جي وادي ۽ هاڪڙو وادي جي مٿئين حصي ۾ پنهنجون بينڪون قائم ڪيون. انهن ٻنهين قومن جي سنجوڳ سبب سنڌو ماٿر جي وچ وارو حصو تمدني لحاظ کان نهايت ئي شاندار ثابت ٿيو، جنهن تي تاريخ کي فخر آهي.

دنيا جون تهذيبون هميشه دريائي وهڪرن جي بنياد تي وڌيون ۽ ويجهيون آهن، ۽ دريائن ئي کين جنم ڏنو آهي. ڪابه تهذيب نه ڪڏهن خلا ۾ اُپري آهي ۽ نه وري برپٽ ۾ پيدا ٿي آهي. اهي درياءَ ئي آهن، جيڪي انهن جي ترڪيبي ۽ تقويمي عنصرن جو مُول آهن. پوءِ انهن دريائن جي سلسلي ۾ تاريخ اندر مختلف وقتن تي جدا جدا نالا ۽ انهن لاءِ الڳ الڳ رايا رهيا آهن. هاڪڙي دريا لاءِ به تاريخ ۾ ڪيئن ويچار ۽ رايا آهن. هاڪڙي دريا لاءِ اسان وٽ عام تاثر اهو آهي ته هي سنڌوءَ جو هڪ وهڪرو هو ۽ اڄتي هلي هڪ شاخ ٿيو ۽ پوءِ سنڌوءَ جي وهڪرن جي ڦيرگهير سبب ختم ٿي ويو. هن سلسلي ۾ پهرين نشاندهي اسان کي يونانين جي ملي ٿي، جنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته عيسوي سنه کان سوا ٽي سو سال اڳ جڏهن سڪندراعظم سنڌ مان ٿي لنگهيو ته سنڌ جي اوپر ۽ ڏکڻ ۾ سمنڊ جي پاڻي چوليون پئي هنيون. سنڌ تي ڪاهه دوران دارا اعظم الشڪاني (ايراني) ۽ سڪندر اعظم مقدوني پنهنجي پنهنجي ڪاهن وقت سنڌو واري قديم دريائي وهڪري جي تحقيقات لاءِ ماڻهو مقرر ڪيا هئا، جيئن هتان جي عظيم دريائن جي وهڪ ۽ ان تي وسندڙ شهرن توڙي ماڻهن جي مزاج جو پتو پئجي سگهي. انهيءَ چنڊچاڻ ۾ يونانين کي قدري ڪاميابي حاصل ٿي ۽ انهن ماهرن هاڪڙي دريا جو پيٽ ڳولي لڌو. انهي مهم جي يوناني مشير "ارسٽو بيوليس" جي قول مطابق هن هڪ هزار (1000) شهرن ۽ ڳوٺن جا نشان ڏٺا، جي ڪو وقت وسندڙ هئا. يوناني ليکڪ "ايرين" سنڌوءَ جي ڪٿي ٻن شاخن ٿيڻ جو ذڪر ڪري ٿو ۽ ساڳئي صفحي تي لکي ٿو ته "اصل ۾ جنهن کي جدا مهراڻ چيو ٿو ويجي، جنهن جو سڪل پيٽ هن وقت اوپر طرف آهي، اها مهراڻ نه پر 'هاڪڙو' آهي، جنهن مان نڪتل موجوده اپرندو نارو اڃا هستي ۾ آهي."

سر اولڊام پنهنجي هڪ تحقيقي مضمون "The Sarswati and lost river of the Indian Desert" ۾ وڏي چنڊچاڻ ۽ جاچنا ڪانپو لکي ٿو ته "هن

وقت غائب ٿيل هاڪڑو کي، جا ايرندي نارا جي ڏارا هئي، جنهن ۾ گهگهر (سوام ديال) ۽ سرهند نديون هيون ۽ اوير نارا ۾ ٽي شاخون نڪتال نالي هيون، اڳئين زماني ۾ ستلج هاڪڑو جي پيٽ سان وهي ويڄي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. پر جڏهن ستلج وهڪرو بدلائي بياس سان گڏجي ويڄي سنڌو ۾ شامل ٿي ته سرسوتي، جيڪا منجهس (هاڪڑو) ۾ ڇوڙ ڪندي هئي، سا اڪيلي ٿي پئي ۽ واريااسي هنڌن ۾ غائب ٿي ويئي. " سرسوتي ۽ هاڪڑي جو سُڪڙ گهٽ برسات جي ڪري نه پر ستلج جي وهڪري بدلائڻ ڪري ٿيو آهي. ٻئي هنڌ ساڳيو مصنف پنهنجو خيال ظاهر ڪري ٿو ته "هاڪڑو دريا، ستلج دريا جي پراڻي گذرگاهه آهي."

ڪرنل منچن جو نظريو آهي ته چولستان ۾ هاڪڑي دريا جي وهڪ دراصل جمنا ندي جي قديم وهڪ آهي. محترم "ببل چوٽ" لکي ٿو ته اصل ندي "درشدوتي" هئي، جنهن کي اڄڪلهه گهگهر چيو ٿو وڃي. ان جي هڪ شاخ هاڪڑو هئي، جنهن کي ستلج ندي مان پاڻي ملندو هو،جيڪا پنجاب مان هلي بيڪانير ۽ جوڌپور علاقن مان وهندي سنڌ ۾ وڃي ننگر پارڪر وٽ ڇوڙ ڪندي هئي. ايرندو نارو ان جي نشاني آهي. پوءِ جڏهن ستلج وهڪرو بدلايو ته هاڪڑي ۾ پاڻي گهٽجي ويو ۽ ندي سُڪي ويئي. بعد ۾ هاڪڑي کي گهگهر به چيو ويو آهي، ڇو ته ان جو مُول گهگهر هئي.

مسٽر ڪيلاش چندر لکي ٿو ته گهگهر ندي ڪنهن زماني ۾ بيڪانير جي راڄ جي اتر مان وهندي، سنڌو ۾ وڃي ملندي هئي.

مسٽر آر-جي-بئنرجي بهاولپور رياست کان وٺي (جتان هاڪڑو ندي جو وهڪرو معلوم ٿئي ٿو) کيرتر جبلن جي قطار تائين (18) جاين تي سنڌوندي جي جهوني وهڪري جا نشان معلوم ڪيا آهن.هو لکي ٿو ته ندي جو پاڻي رڻ مان وهي لکپت تائين پهچندو هو ۽ لکپت جي ساريال جي پوڪ جو مدار به انهيءَ پاڻي تي هو.

راءِ بهادر گوري شنڪر اوجها "تاڍ" جي ڪتاب جي تشريح ڪندي لکي ٿو ته: گهگهر ندي جي هڪ شاخ جو نالو ساڪرا يا هاڪڑا هو،جيڪا پهريائين پنجاب کان هلي بيڪانير ۽ جوڌپور راڄن مان وهندي، سنڌ ۾ وڃي سنڌو ندي ۾ پوندي هئي، پر گهڻي وقت کان پوءِ ان جو وهڪرو بند ٿي

ويو. جنهن جو ڪارڻ هو اهو ٿو ڄاڻائي ته (طبعي حالتن سبب) راجستان جو ڪنارو مٿانهون ٿي وڃڻ ڪري پاڻي گهٽ اچڻ لڳو ۽ ائين ٿيندي ٿيندي هو بلڪل بند ٿي ويئي.

سر آرل استائن جو خيال هو ته هاڪڙو دريا پاڻي ۽ مقدار جي لحاظ کان هڪ ننڍو ۽ محددو دريا آهي. پنهنجي هينئين علائقي ۽ چولستان ۾ هڪ وڏي دريا جي گذرگاهه ڪيئن حاصل ڪري سگهي ٿو. ليڪن اڳتي هلي هو خود لکي ٿو ته، "بجنور ۽ ولهار جي درميان ستلج دريا جي هڪ شاخ هاڪڙي ۾ شامل ٿي ويندي هئي." انهيءَ مان ثابت ٿو ٿئي ته انهيءَ وهڪري هاڪڙي دريا جي وهڪري کي وڌيڪ هٿي ڏني.

ايڇ-ٽي-لئمبرڪ پنهنجي ڪتاب "سنڌ" ۾ هاڪڙو دريا جي سلسلي ۾ هينئين ريت لکي ٿو:

1- انهيءَ زماني ۾ سنڌو ندي جو وهڪرو ڪهڙو هو ۽ نه وري اها خبر آهي ته اها هڪ شاخ جي صورت ۾ ڇڙندي هئي، يا موهن جي دڙي کان ڪجهه مٿيرو اها ٻن شاخن ۾ ورهائجي ڇوڙ ڪندي هئي. ان کان سواءِ اهو ممڪن آهي ته سنڌو لوڪن جي دور ۾ ستلج ندي، هاڪڙا نارا ۾ وڃي پوندي هئي.

2- هاڪڙي جي پيٽ جا اهجاڻ پنٽي بهاولپور ۽ بيڪانير رياستن منجهان لاڳيتا لنگهندا ملن ٿا ۽ ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته اهو آخرڪار ڪيترين ننڍين ندين خاص ڪري گهاگهڙ سرڪندا، سرسوتي ۽ جنتانگ جي ميلاپ مان نڪري ٿو. اولهه ۾ ستلج ۽ اوپر ۾ جمنا جي چوڻن جي وچ ۾ سوالیڪ ٽڪرين مان اُسري ٿو. بهاولپور ۽ بيڪانير جي علائقي ۾ هاڪڙي جو پيٽ ايترو ويڪرو! ڏيڍ سؤ ميلن جي مفاصلي تائين ٻن ميلن کان به سرس آهي. چيتانگ جي هڪ پراڻي پيٽ جي معرفت هاڪڙي کي پاڻي ڏيندي هئي. سنڌو، هاڪڙي ۽ گنگا جي تراين جي وچ وارو هينائون سنڌو، اڇڪلهه چيتانگ ۽ جمنا جي وچ ۾ آهي.

3- ستلج جو هڪ پراڻو انگڙ ونگڙ پيٽ هاڪڙي سان بهاولپور جي بنهه اندر ولهار وٽ اچي ملي ٿو. معلوم ائين ٿو ٿئي ته اهو ستلج جي هڪ

پراٹي وهڪري مان ڦٽندو هو ۽ ان جو رخ ٽلهي ليکي هاڪڑي جي شاخ وارو هو. انهن ڳنڍيندڙ ڦاٽن سان ٽيون بهاولپور شهر کان ويهارو ميل اوپر، اتر، اوپر ۾ شروع ٿي وڃي ڪدو والا جي ويجهو هاڪڑي سان ملي ٿو. اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته اها واهنده جي نالي سان هڪ وڏي قدرتي شڪل جي شاخ هئي، جا شنڪر ندي کي پاڻي پهچائيندي هئي.

سيد نور علي ضامن حسيني جنهنجي دريائن جي تاريخ تي گهري نظر رهي آهي، سو سر آرل استائن جي نظريي تي تبصرو ڪندي لکي ٿو ته، سنڌو طاس معاهدو (1960) چند تاريخي حقيقتن جي توثيق ڪري ٿو ته: "پنج هزار سال اڳ جهلم ۽ چناب درياءَ پاڪ پتڻ (ايو ڏيا) جي ويجهو گڏجي ڏکڻ طرف "مروٽ" جي ويجهو ان وقت جو ستلج ۾ اچي پوندا هئا. "مروٽ" جڙ ان وقت جو پنجند هو." ان وقت جو ستلج روپڙ جي ڏکڻ کان هلي بيڪانير جي مقام (انوپ گڙه) وٽان برساتي دريا گهاگهرا ۽ ان جي مددگار سرسوتي کي ساڻ گڏي بهاولپور جي مقام ولهار ۽ فورٽ عباس وٽان وهي "مروٽ" وٽ اچي چناب ۾ پوندو هو." ان وقت جي راوي ۽ بياس جيڪي ضلع گورداسپور جي پهاڙن مان نڪري پاڻ ۾ گڏجي لاهور ضلع جي هڏيارا نالي (سڪندر اعظم جي هائيڊروٽس) جي صورت ۾ چناب ۾ "پتوڪي" جي ويجهو اچي پوندا هئا. گويا اهو مقام پنج هزار سال اڳ جو منڊ ڪوٽ هو." اڳتي هلي حسيني چوي ٿو ته: "اڄ جو هاڪڑا برانچ، رسول آباد، قادر آباد، بلوڪي، سليمانڪي لنڪ جي رستي "مروٽ" وٽ پهچي ڪري، قديم تاريخ کي ڌهرائي رهيو آهي."

امپريئل گزيٽيئر آف انڊيا (پنجاب) جي مرتبين ستلج جي تاريخ بيان ڪندي قديم يوناني مؤرخ "ايرين" جي شاهدين جي بنياد تي "نور علي ضامن حسيني" جي انهيءَ راءِ جي توثيق ڪئي آهي. ته، "ايرين جي زماني جو ستلج هڪ آزاد دريا هو ۽ رڻ ڪڇ ۾ وڃي پوندو هو ۽ 1000ع تائين هي هاڪڑي جومعاون هو ۽ ايرندي ناري (ڪيئنال) ۾ وڃي پوندو هو. انهيءَ دريا جي گذرگاهه کي بهاولپور، بيڪانير ۽ حصار ضلعي جي تعلقه سرسه تائين ڏسي سگهجي ٿو." تاهم ڪافي عرصي تائين ستلج ۽ هاڪڑو هڪ ئي

گذرگاهه مان وهندا رهيا. هاڪڙو چولستان جي ريگستان جو ڪشادو درياءَ آهي ۽ ڪنهن زماني ۾ هي سنڌ جي ٽر واري علاقي کي سرسبز ۽ سائو رکندو رهيو.“ دريائي وهڪرن جي انهي ڦيرگهير ۾ زمين جي طبعي حالتن کي وڏو دخل رهيو آهي، جنهن ۾ اهم ڳالهه دريائي قانون غرب روي (Wertering) جي آهي. جنهن اصول تحت دريا پنهنجي اترئين ڪناري کي ڪٽي اتر ۽ اولهه جي طرف وهندا رهيا آهن. پنجاب ۽ سنڌ جهڙن ميداني درياڻن جي اها به هڪ خاصيت رهي آهي ته هو پنهنجي ٻيگهه قائم رکڻ چاهين ٿا. هاڪڙو ستلج به انهي قانون غرب روي مان گذرندا رهيا آهن. گذريل ست اٺ سؤ سالن ۾ ستلج جنهن جي گذرگاهه هاڪڙي واري ساڻگئي رهي آهي، ان سنه 1255ع ۾ وڌيڪ اتر طرف پنهنجو رستو اختيار ڪيو.جنهن سبب هاڪڙو خشڪ ٿي ويو. جنهن ڪري هن علاقي جي ماڻهن کي وڏي پيماني تي نقل مڪاني ڪري سنڌ جي علاقي ڏانهن اچڻو پيو.

سنه 1553ع ۾وري به ستلج هاڪڙي کان منهن موڙيو ۽ اتر طرف وڌيڪ ويو هليو.جتي ساٽس بياس اچي مليو. اڳتي هلي هن وري پنهنجو رخ بدلايو ۽ پنهنجي پراڻي وهڪري هاڪڙي دريا جي پيٽ کي وڃي اختيار ڪيو. جيڪو سندن آخري ميلاپ چئي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ 1796ع ۾ ستلج جيئن هاڪڙي کان منهن موڙيو تيئن وري اڄ تائين نه ملي سگهيو آهي. ماهرن جي راءِ موجب راجستان جي اتر کان وٺي ڏکڻ تائين سندس اولهه وارو حصو طبعي حالتن سبب پڻ مٽي ٽيندو ويو جنهن ڪري دريائي وهڪرن پنهنجو لاهه اتر اولهه طرف ڪيو. ”۽ ائين هاڪڙو هميشه لاءِ پنهنجي وهڪ جي هاڪ وڃائي وينو.“

هاڪڙي درياءَ جي الڳ وجود لاءِ تاريخ ۾ ڪافي شهادتون ملن ٿيون، جن جو مٽي ذڪر ڪيو ويو آهي. انهيءَ آڌار تي اهو بخوبي چئي سگهجي ٿو ته هاڪڙي دريا جو سنڌوءَ جيان پنهنجو الڳ وجود هو. ليڪن تحقيق جي ميدان ۾ ڪن مؤرخن هاڪڙو ۽ سنڌوءَ کي گڏي بيان ڪيو آهي ۽ سندن آڏو هاڪڙو خود سنڌو جو هڪ وهڪرو هو ۽ اڳتي هلي هڪ شاخ ٿيو ۽ آخر ۾ سندس وجود ٽر جي واريا‌سي علاقي ۾ گم ٿي ويو. يوناني

ليڪڪ "ايرين" سنڌو جي ڏڻي ٻن شاخن ٽيڙ جو بيان ڪري ٿو. ۽ صاف لکيو آهي تہ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ تائين انهن ٻنهين جو نالو "سنڌ" ئي آهي، حالانڪ ايرين اڳتي هلي پنهنجي راءِ کي تبديل ڪري ٿو. جنهن جو ذڪر مُنڊ ۾ ڪيو ويو آهي. مسٽر رام سنگهہ راٿوڙ "ڪچ اتهاس" ۾ لکي ٿو تہ: پراڻي زماني ۾ ڪچ جو رڻ ڪنيات جي نار سان ڳنڍيل هو. سنڌو جي شاخ هاڪڑو اتر ۾ پنج ند وٽان نڪري ڀاولپور، ايرندي سنڌ (ٿر) ۾ امرڪوٽ وٽان لنگهي ننگرپارڪر وٽ ڪچ رڻ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. رياست ڀاولپور، جسلمير ۽ ٿر ۾ سندس ڏڻل نشان بيٺل آهن."

"ڪپتان ريڪس" لکي ٿو تہ: سنڌو ندي جي هڪ شاخ هاڪڑو نالي ننگر پارڪر وٽ ڇوڙ ڪندي هئي، جنهن ۾ دنگيون ۽ جهاز هلندا هئا. ويراواهہ جي پرسان پاري ننگر جو مشهور بندر هو جيڪو عيسوي پهرئين صدي تائين موجود هو[2] ويرا واهہ جي پرسان هڪ ٽڪري هئي، جنهن جو نالو "ڏوتڑ" آهي. (جنهن جي معنا ٻہ تڑ ٿي سگهي ٿي). چون ٿا تہ انهيءَ ٽڪري وٽ اڳي ٻن جهازن جي ٻيهڑ لاءِ تڑ هو. اتي هاڪڑي جي پيٽ کي "سنگها" سڏين ٿا. ان ۾ هاٿي پوک ٽئي ٿي. ان وقت شايد ٿر ۾ پٿون ڪين هيون ۽ زمين سنئين هئي. "ڪپتان ريڪس" ٿر جي انهي علائقي تي وڌيڪ روشني وجهندي لکي ٿو تہ ٿر جي واري يا رائي جو رنگ اهڙو ڳاڙهو آهي جهڙو اسان کي ڪلفٽن تي واري جو نظر اچي ٿو. ٿر ۾ جتي کوهہ کنيا ويندا آهن، اتي هيٺان پنجن ڇهن پرهين تي روه نڪرندو آهي. زمين جي اها بناوت ٻڌائي ٿي تہ سنڌ جو هي پاڳو يقيناً ڪنهن وقت سامونڊي علائقو هو. ٿر جي ڏيپلي علائقي ۾ لوڻ جون ڪاٽيون يا سن ايجا تائين موجود آهن، جيڪي خود سامونڊي زمين جي پيداوار آهن.

"ريورتي" جو چوڻ آهي تہ، "تن ڏينهن ۾ (جيئن اڳي ۽ پوءِ ڪيترين صدين تائين) "مهراڻ" ناري ماٺري منجهان وهندو هو ۽ جڪراٽو جي لڳ پڳ هڪ هنڌ وٽان ٻن شاخن ۾ ورهائجي ويندو هو. منجهائن هڪڙي شاخ ٽلهي ليکي ڏکڻ اوپر ڏانهن ويندي هئي."

سنڌ هستاريڪل جرنل ۾ لکيل آهي تہ: ڏيپلي تعلقي جي ڏکڻ طرف ڳوٺ رحمڪي بازار جي ويجهو "پراڻ" آهي. پراڻ لفظ جي معنيٰ آهي پراٽو

درياھ. اڳي سنڌو ندي جي هڪ شاخ هتان وهندي هئي ۽ ڪڇ جي رڻ (جيڪو اڳ سمنڊ هو) ۾ دنگيون ۽ جهاز هلندا هئا. جي ڪناري وارن بندرن تي اچي پگهہ هٽندا هئا. ويڳا گيڊ (وڳهہ ڪوٽ) وينگڊ (ونگو) ٻلهاري، رحمڪي بازار ۽ ويرواهہ ساموندي بندر هئا. [3]

ڪرنل ٽاڊ "وقائع راجستان" ۾ لکي ٿو تہ، بکر کان اتر ست ميل پنڌ تي سنڌو ندي مان هڪ شاخ نڪري لکپت جي پرسان سمنڊ ۾ پوي ٿي. اها سنڌ جي اوپر پاسي پٽن جي پرسان وهي ٿي. هن کي منا ندي يا منا مهراڻ چون ٿا، انهيءَ ڪري اڄ تائين پٽن جي ڏاڀي زمين جي دنگ واري ٽُڪر کي مهراڻو چوندا آهن. هي ندي هاڪڙو شاخ بند ٿيڻ کان پوءِ وهندي هئي. ابوالفضل پنهنجي ڪتاب آئين اڪبري ۾ پڻ هاڪڙي بابت اشارا ڏنا آهن.

ٽي-ايڇ ليمبرڪ پنهنجي ڪتاب "سنڌ" ۾ ٿر جي زمين ۽ طبعي بناوت تي پنهنجي ويچارن جي اپٽار ڪندي لکي ٿو تہ:

"جيسين سنڌو ندي جو واسطو آهي تہ انهيءَ ندي ڪڏهن ڪڏهن هزار سالن دوران سنڌ مان جيڪي پيٽ ڦيرايا آهن، تن جي ثابتين مان ظاهر ٿو ٿئي تہ ان جي هڪ شاخ واري صورت انهيءَ مدت جي 2/3 ۾ پاڻي ٽي حصي جي دوران قائم رهي. سنڌ ۾ هاڪڙي جو مٿيون پاڻو نسبتاً گهٽ مشهور آهي. ۽ پوين ٽورين صدين ۾ شايد هوڏن جي وڪڙ ۾ ايترو گهٽو ناهي آيو... سنڌو ماٿري ۾ راجپوتانا جي ٽڪرين جي وچ ۾ جيڪو سنڌ جي حصي وارو ريگستان آهي، تنهن ۾ هي واريءَ جا وڏا ويڪرا ست ڪٽان آيا؟ اها ڳالهہ شايد ڏيان جوڳي آهي تہ سنڌو ندي ماٿري سان مليل رڻ پٽ جي واريءَ جو رنگ هاڙ مير ۽ جيسلمير جي وچ ۾ جيڪي پٽون آهن، تن جي واريءَ کان هلڪو آهي.... آڳاٽي زماني ۾ ويندي تاريخي دؤر ۾ هينئين سنڌ جي ماٿري جي ڇڄ پاڻي تي خاص ڪري ان پاڻي تي جيڪو هاڻ ڏيلتا جو علاقو سڏجي ٿو، سمنڊ هو. خود ڪڇ جو رڻ بہ شايد سمنڊ جي هينان هو، پوءِ وقت گذرڻ سان سمنڊ پٺتي هٽندو ويو ۽ پنهنجي پويان واريءَ جا ڍڳ ڇڏيندو ويو.

جنت السنڌ جومصنف مولائي شيدائي لکي ٿو تہ "ننگر پارکر ۾ هاڪڙي جي هڪڙي شاخ تي پارينگر جو وڏو بٽ خنو هو، جتي "پارس ناٿ" جين جي اوتار جو پتلو رکيل هو، جتي هر سال وڏو ميلو لڳندو هو.

عيسوي پهرين صدي تائين پارينگر جو اوج رهيو ۽ آسوڪا جي تحريڪ ڪري هر پنجين سال اتي عظيم الشان ميلا لڳندا هئا. هڪڙو "ٻڌ جو استوپا عمرڪوٽ وٽ به هو."

ساڳئي ڪتاب ۾ مولائي شيدائي هاڪڙي متعلق هن ريت رقمطراز آهي: "ان ۾ شڪ نه آهي ته هاڪڙو سنڌو نديِ جي هڪڙي شاخ هو. جنهن تي الور، امرڪوٽ ۽ پارينگر بندر هئا. مگر هاڪڙو ايرانين ۽ يونانين جي ڪاهه کان گهڻو اڳ متجي چڪو هو. مثال لاءِ جيڪڏهن مهراڻ جي هاڻوڪي بکر، سيوهڻ، پٽالا (نيرون ڪوٽ) واري وهڪ نه هجي ها ته سڪندر مقدوني يا ان کان اڳ داراعظم جا جهاز سيوهڻ يا پٽالا بدران الور کان پارينگر وڃن ها ۽ اهڙيءَ طرح بکر جو قلعو عباسي دؤر ۾ جڙي نه سگهي ها."

ڪاڪو پيرومل، پنهنجي ڪتاب "قديم سنڌ" ۾ هاڪڙي بابت لکي ٿو ته، "بند هش ۾ سنڌو جو ٻيو نالو 'مهرا' ڄاڻايل آهي، تنهن مان سمجهي ٿو ته اهو لفظ اصل ۾ آهي 'مهراڻ'. اها سنڌوندي جي هڪ ڏار شاخ هئي، جا ايرندي ناري ڏوري پراڻ ۾ ڪوري ڪاري مان وهي ڪڇ جي نار ۾ ڇوڙ ڪندي هئي... ايترو هتي ٻڌائجي ٿو ته مهراڻ يا هاڪڙو، جنهن کي ڪن تاريخ نويسن 'واهنده' به سڏيو آهي، سو انهيءَ قديم زماني کان وٺي ميان غلام شاهه ڪلهوي جي وقت تائين ايرندي ناري جي پيٽ مان وهي، ڏيپلي تعلقي جي ڏکڻ ڏي ڪڇ جي رڻ جي نزديڪ هاڻوڪي ڏورو پراڻ ۾ وڃي ڇوڙ ڪندو هو... سن 1758ع کان اڳ سنڌو نديِ نصرپور وٽان وهندي هئي. انهيءَ سال اتان رخ ڦيرايائين ته هن پاسي پاڻي اچڻ گهٽيو. سن 1819ع ۾ خوفناڪ زلزلو ٿيو ته مهراڻ يا هاڪڙو هيڪاري سڪي ويو." (قديم سنڌ صفحو 165_166)

سنڌي ادب ۽ تاريخ جو محقق اعظم، محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب سنڌ جي موجوده حدن اندر اڳئين تاريخي دؤرن جي ڳولا ڏانهن اهل علم جو ڌيان ڇڪائيندي لکن ٿا ته:

"رور سسٽم وارين ايراضين جي سنڌو نديِ جا پراڻا وهڪرا ۽ شاخون قديم آثارن جي ڳولا لاءِ ڪارگر آهن. ڇاڪاڻ ته گهڻو اڳ جيڪي بستيون

هيون، سي پاڻ سان ٻڌل هيون. سنڌو ندي جو جيڪو الهندي طرف وارو پاڳو آهي، تنهن جي ڪن قديم بستين جي اسان کي خبر آهي، مثلاً آمري هڪي ۽ موهن جو دڙو هو. پر ايرندو نارو جيڪا هڪ پراڻي ندي آهي، تنهن لڳ جيڪي آثار آهن، تن تي توجہ ڪانہ ٿي آهي. مون پنهنجي هڪ مضمون ۾ اها ڳالهہ سمجهائي آهي تہ ايرندو نارو، جيڪو ڪنهن وقت هڪ وڏي ندي هئي، تنهن سان لاڳو جيڪي آثار آهن، تن کي اسان ڳولي ڏسون."

سنڌ جي جاگرافي ۽ تاريخ تي تحقيق ڪندڙ ۽ "ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ" جي لائق مصنف محترم ايم۔ايڇ پنهور دريا جي وهڪرن، ان جي اسباب ۽ مختلف طبعي واقعن جي بنياد تي جيڪي نقشا ۽ چارٽ ڏنا آهن، انهن جي بنياد تي اهو ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌو ماڻر ۾ بہ وڏا دريائي وهڪرا هئا: 1۔ سنڌوءَ جو وهڪرو ۽ 2۔ هاڪڙو دريا جو هڪرو. جنهن ۾ سنڌوءَ جو وهڪرو پنهنجا مختلف رستا اختيار ڪندو اڄ تائين قائم رهيو آهي ۽ هاڪڙو دريا جو وهڪرو طبعي تاريخ جي حقيقتن کي برداشت ڪري نہ سگهيو ۽ ختم ٿي ويو.

مٿي جيڪي رايا ڏنا ويا آهن، اهي ٻن حصن يا ٽن حصن ۾ تقسيم ٿين ٿا: 1۔ اهي رايا جن ۾ هاڪڙي دريا جي وجود، ان جي نهٽ ۽ ٻين دريائين جي معاونت سان پنهنجي وجود جو ذڪر ملي ٿو. انهن ۾ يوناني ڏاهو "ارسٽو بيولس"، ايرين، سر اولڊام ڪرنل منچن، سر آر جي بئنرجي، راءِ بهادر گوري شنڪر اوجها، بيل، سر آرل اسٽائن، ايڇ ٽي لئمبرڪ، سيد نور علي ضامن حسيني، امپريئل گزيٽيئر آف انڊيا (پنجاب) جا مرتب، ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ ۽ ايم. ايڇ. پنهور صاحب اچي وڃن ٿا.

2۔ اهي رايا آهن، جن ۾ سنڌو ۽ هاڪڙي کي مختلف وهڪرن جي قيرگهير سبب يا تہ ساڳيو وهڪرو تصور ڪيو ويو آهي يا وري ان کي سنڌوءَ جي هڪ شاخ سمجهيو ويو آهي. انهن ۾ "ايرين" کي بہ شامل ڪري سگهجي ٿو ڇاڪاڻ تہ هن ٻنهين نڪتن کان بيان ڪيو آهي. پر سندس هاڪڙي جو جدا وارو خيال تحريري طور وزندار آهي. تاهم هن جي شروع جي راءِ کي بہ ان ڪري اهميت رهي ٿي، جو اسان جي ڪيترن دانشورن هن جي سياق و سباق کي نظرانداز ڪري پنهنجي راءِ جي وزن لاءِ ان کي

استعمال ڪيو آهي. ان کان سواءِ انهيءَ خيال جي تائيد ۾ رام سنگهه رانوڙ ڪپتان ريڪس، ريورٽي، سنڌ هستاريڪل جنرل، ڪرنل ٽاڊ، مولائي شيدائي، ڪاڪو پيرومل قابلِ ذڪر آهن. ايڇ ٽي لئمبرڪ پنهنجي ڪتاب "سنڌ" ۾ ٿر جي طبعي بناوت جو ذڪر ڪندي، سنڌو دريا جي ٻن شاخن جو ذڪر ڪري ٿو جنهن ۾ هن ان جي ٻي شاخ جو نالو نہ ڏنو آهي، جيڪا سندس تحرير ۾ اشباهہ جي صورت پيدا ڪري ٿي. ليڪن سندس پهرين راءِ، جيڪا هن هاڪڑي جي سلسلي ۾ ڏني آهي، اها وڌيڪ جامع ۽ وزندار آهي.

ان کان سواءِ سنڌ تي لکندڙن ۾ مرزا قليچ بيگ، الهہ بخش عقيلي، رائچند رانوڙ منگهارام اوجها ۽ محمد اسماعيل عرساڻي کي پڻ نظرانداز ڪري نٿو سگهجي، ڇاڪاڻ تہ انهن صاحبن ٿر جي تاريخ تي، جيڪا دراصل وادیءَ هاڪڑا جي تاريخ جو هڪ حصو آهي، ان جو ذڪر پنهنجي لکڻين ۾ ڪيو آهي. سندن ان سلسلي جون لکيتون بنيادي تحقيق لاءِ ماخذ جي حيثيت رکن ٿيون.

تاريخي حقائق ۾ ان وقت هڪ وڏو خال نظر اچي ٿو جڏهن انهيءَ سلسلي جي سيني قديم توڙي جديد تحقيقي ڪڙين کي سامهون آڻجي ٿو ۽ اتي اهو سوال ايري ٿو تہ ائين ڇو؟ عرب جاگرافيدانن هن طرف ڪو خاص توجهہ ڇو نہ ڏنو؟ ڇاڪاڻ تہ عرب جاگرافيدانن ۾ "ابن حوقل"، "الاصطخري"، "المسعودي"، "البيروني" ۽ "ابن بطوطہ" اهڙا ماڻهو هئا، جن وٽ انهيءَ سلسي ۾ ڪانہ ڪا ڳالهہ هئڻ گهرجي ۽ سندن لکيت جو ڪونہ ڪو حوالو ڪنهن تحرير ۾ ملڻ گهرجي. جڏهن تہ الديبل ۽ لهاراڻي جو هنن ذڪر ڪيو آهي. ان مان ثابت ٿو ٿئي تہ يا ان وقت هاڪڑو درياءَ بلڪل ختم ٿي چڪو هو يا وري نالي جي عام غلطي ان طرف عدم توجهي جو سبب بني. بهرحال ڪيئن ب هجي، تاريخي تحقيق ۽ آثار قديم جي جاين انهيءَ ڳالهہ کي ثابت ڪيو آهي تہ "هاڪڑو درياءَ" هڪ الڳ درياءَ هو ان جي تهذيب کي سنڌو ماٿر جي اتر-اپرندين تهذيب کوٽي سگهجي ٿو، جيڪا تاريخ ۾ پنهنجو وجود ۽ مقام رکي ٿي. يونانين جي تحقيق ان ڳالهہ جي نہ صرف تائيد پر تصديق ڪري ٿي، جنهن کان ڪنهن ب صورت

انڪار ڪري نٿو سگهجي.

هاڪڙا وادي مٿي بهاولپور ڊويزن جي علاقي ۾ هيٺ سنڌ جي سرحد اچاوڙي کان وٺي ننگرپارکر تائين ۽ ولهار کان وٺي ريتي ۾ هيٺ ڏيپلو تائين پکڙي پيئي آهي. انهيءَ وادي جي ويڪر ڪٿي ٻه پنجاهه ميلن کان گهٽ نه آهي. سنڌو ماٿر جو هي عظيم درياءَ پنهنجي نڪرڻ واريءَ جاءِ کان وٺي پٽيالہ تائين سرسوتي، بيڪانير تائين گهاگهرا، فورٽ عباس کان صادق آباد ۽ هيٺ پارينگر تائين هاڪڙا جي نالي سان ڪوٺيو وڃي ٿو. جڏهن هي وهندو هو تہ سندس ڪنارن تي سوين وسندڙ شهر ۽ سرسبز انساني وسنديون هيون، جن ۾ ان وقت پٽاندڙ صنعتي ۽ تجارتي مرڪز، بچاءَ لاءِ قلعا ۽ آبي بندر گاهہ پڻ هوندا، جن جو بهتر تمدن ۽ رهڻي ڪهڻي هوندي. جاگرافيائي تبديلين جي نتيجي ۾ درياءَ خشڪ ٿي ويو ۽ اهي شهر ۽ ڳوٺ، وستيون ۽ واه ويران ٿي ويا ۽ ان خطي جو هڪڙو پورو تمدن اکين کان اوجهل ٿي ويو. ان وادي جي انساني بستين کي واريءَ جي ذرن پنهنجي دامن ۾ پناهہ ڏيئي ڇڏي، جيڪي اڄ صرف ماضي جي ياد جو هڪ داستان ۽ تاريخدانن لاءِ عبرت ۽ تحقيق جو سبب وڃي رهيا آهن.

هاڪڙي ماٿر جي تاريخ جيترو شاندار آهي، اوتروئي حيرت افزا ۽ حيرت انگيز پڻ آهي. بقبل اتر تاريخ پٽر جي زماني کان وٺي موجوده سائنس ۽ خلائي دؤر تائين هن وادي جي شهرن ۽ وسندين جي ٺهڻ ۽ ڦٽڻ، انهن جي تمدن ۽ ثقافت جو وجود ۾ اچڻ ۽ اجڙڻ هڪ لاڳيتو داستان آهي، جيڪا هن وادي جي درياءَ ۽ انسانن جي گڏيل ڪهاڻي آهي. ٻين تهذيبي خطن جيان هت بہ تاريخ جي مختلف دورن ۾ ڪئين قومون آباد ٿيون ۽ ڪئين برباد ٿيون. ڪن کي منزل ملي، ڪن راهہ سفر اختيار ڪيو. دنيا جي ٻين خطن جيان هن وادي تي ڪئين مذهبي ۽ سياسي، سماجي ۽ اقتصادي اثر پيا، جن هتان جي ماڻهوءَ کي متاثر ڪيو هوندو. هن چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ هن وسيع علاقي جي انساني جدوجهد جي سڃي تاريخ قديم هاڪڙا وادي جي تاريخ آهي، جيڪو سنڌو ماٿر جي تمدن جو اهم حصو آهي.

هت اهو سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا هاڪڙا وادي جي تهذيب قديم سنڌو

ماڻر جي تهذيب جيڪا "موهن جو دڙو ۽ هڙپا" جي نالي سان مشهور آهي، ان کان الڳ آهي؟ تاريخي اپياس مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته 'هاڪڙا' تهذيب ۽ انجا ترڪيبي عنصر موهن جي دڙي ۽ هڙپائي تهذيب وانگيان ساڳيا آهن، يا ائين چئجي ته هي تهذيبي خطو انهيءَ تهذيب جو (اتر اپرندين) حصو آهي، جنهن کي تاريخ ۾ سنڌو ماڻر جي تهذيب ڪوٺيو ويجي ٿو. جنهن تي نه صرف هن وادي جي ماڻهن کي فخر آهي، پر اهو دنيا جي تاريخ جو هڪ عظيم سرمايو آهي. سرمارٽيمر ويلر، جنهن جون خدمتون برصغير جي تاريخ جي سلسلي ۾ لازوال آهن، اهو هن يقين جو اظهار ڪري ٿو ته 'وادي ءَ سنڌ' جي قديم تهذيب جي بن وڏن شهرن "هڙپا ۽ موهن جو دڙو" جي بلڪل وچ ۾ واقعي بهاولپور جي علاقي ۾ هن تهذيب جا مرڪز يقيناً موجود هوندا، جنهن لاءِ هن يارهن (11) جاين جو ذڪر ڪيو آهي. پنهنجي سروي جي دوران هن "سندهانوالہ" ۽ "ڊيراور" ۾ آزمائشي کوٽائي ڪرائي، جتان ڪيس هڙپائي تهذيب جون شاهديون مليون.

استوارٽ پگٽ، جيڪو هندستان جي قديم تاريخ جومؤلف آهي، تبصرو ڪندي لکي ٿو ته: ايتري قدر اعليٰ تمدن[5] ايڏي وڏي مفاصلي تي هن وادي جي واقع بن شهرن تائين محدود ٿي نٿو سگهي، انهن جي درميان واري وادي بهاولپور جي علاقي ۽ جتي تمام قديم آبادين جا نشان موجود آهن. سنڌو ماڻر جي تهذيب جي وڏيڪ مرڪزن جو پتو لڳائڻ گهرجي. "ڊاڪٽر اين۔پي۔تساتوري" مشهور اطالين محقق ۽ تاريخدان پڻ هاڪڙي جي مٿئين حصي جي قديم آبادين جو مطالعو ڪيو، جنهن جي تحقيق جي مطابق "گهاگهرا وادي ۾ قديم زماني جو هڪ اعليٰ ثقافتي مرڪز 'رنگ محل' هڪ حڪمران 'وڪو ڦلاڻي' جو مضبوط قلعو هو. ڊاڪٽر تساتوري کي پنهنجي سروي ۽ کوٽائي درميان کي مجسما پڻ مليا هئا، جنهن لاءِ هن جو خيال هو ته دريا گهاگهڙا (جيڪو هاڪڙي جو معاون به هو ۽ بيڪانير ۾ سندس نالو هاڪڙا جي بجاءِ گهاگهڙا هو) جي ڪناري تان قديم ڪنڊرن مان مليل آرٽ جا نمونا يوناني ٻڌ اسڪول يعني گندارا آرٽ کان متاثر آهن. هن جو اهو به خيال هو ته رنگ محل آخري ڪشن عهد سان واسطو رکي ٿو. "ڊاڪٽر تساتوري" گهاگهڙا جي آبادين ۾ سوهن ڪوٽ جو به مطالعو ڪيو ۽

اتي ڪافي وقت صرف ڪيو. زبان زد لوڪ ڪهاڻين جي مطابق هي جاءِ "جويا" قبيلي جي سردار جي هئي، جنهن کي "سوهان" چيو ويندو هو. ڊاڪٽر صاحب جو اهو به خيال آهي ته "جويا" قبيلي جا ماڻهو "گنڊايا" آهن، جن جو ذڪر هندن جي قديم ڪتابن ۾ ملي ٿو.

سر آرل ستائن جي مطابق قبل از تاريخ جي زماني جي آثارن جي سلسلي ۾ ڏيراور قلعي جي علائقي کي غير معمولي اهميت ۽ مرڪزيت حاصل آهي. (چاڪاڻ ته قديم زماني کان وٺي موجوده دور تائين انهي سڃي علائقي کي جيڪو بهاولپور، بيڪانير، ۽ جيسلمير[7] تي مشتمل آهي. انهيءَ علائقي جو ڏاڪو رهيو. اهو مقام هاڪڙي درياجي ڪناري تي قديم واپاري رستي جي هڪ اهم منزل هو. "سر آرل ستائن" ان حيرت جو اظهار ڪري ٿو ته هاڪڙا وادي ۾ قديم آرين جي نشانن موجود هئڻ سان ثابت ٿو ٿئي ته تاريخ جي معلومات وادي دور تائين هاڪڙو موجوده طبعي حالتن هيٺ پاٽي جي پالوٽ ڪندو رهيو. جيڪڏهن ائين هو ته پوءِ رگ وید جي شاعري ۾ سرسوتي درياکي هڪ وڏي درياجي صورت ۾ ڪيئن پيش ڪيو ويو؟ ساڳيو محقق پنهنجي انهيءَ سوال جي سلسلي ۾ جاگرافيائي سبب بيان ڪندي لکي ٿو ته:

(1) جنهن حد تائين دريا جي مٿين حصي جو تعلقي آهي، آثار قديمہ جون شاهديون ثابت ٿيون ڪن ته "هي دريا تاريخ جي دور ۾ خشڪ ٿيو ۽ ٿي سگهي ٿو ته قبل از تاريخ جي زماني ۾ پوري طرح وهندو هجي."

(2) دريا جو هيٺيون حصو جيڪو هاڪڙي جي نالي سان مشهور آهي، ان جي تبديلي قبل از تاريخ واري زماني جي آخري دور ۾ ستلج دريا جي سبب آئي هجي ۽ اها شاخ سڪي ويئي هجي، جيڪا ستلج مان نڪري هاڪڙي ۾ وڃي شامل ٿيندي هئي."

پارت جي آثار قديمہ جي ڊائريڪٽر جنرل اي۔گهوش صاحب، جنهن 1951ع ۾ هاڪڙي دريا جي مٿئين حصي جي سروي ڪئي هئي، ان جو چوڻ آهي ته پارت جي علاقي ۾ هن دريا جي ڪناري تي هڪ سؤ آبادين جو تعلق قديم تهذيب سان آهي. هن جو اهو به خيال آهي ته اهو قديم ترين گروپ هڙپا ۽ موهن جو دڙو جي قديم شهرن جي ڪلچر سان تعلق رکي ٿو:

هو هن عظيم تهذيب کي وادیءِ سنڌ جي تهذيب جي نالي سان چوڻ ۾ اختلاف رکي ٿو ۽ لکي ٿو ته هي شاندار تهذيب صرف سنڌ جي وادي تائين محدود نه هئي."[8]

هاکڑا وادي جي تهذيبي مشاهدن تي "هينري فيلڊ" پنهنجي راءِ ظاهر ڪندي لکي ٿو ته: هاکڑا وادي جي پراڻين آبادين مان مليل ٽانون ۽ ٺڪرين سان پتو پوي ٿو ته، "هي هڙپا ڪلچر جو نمائنده ڪلچر آهي." هن جو خيال آهي ته قديم دڙن مان سادا ۽ چٽيل ٽانون جا جيڪي نمونا مليا آهن، اهي تمام معياري آهن. انهي صنعت جي بنيادي خاصيت انهن جو سرخ هئڻ آهي،جنهن مان فنڪاري ۽ عمدگي ظاهر ٿئي ٿي. ڳاڙهي زمين تي ڪارين ليڪن سان چٽ نڪتل آهن. ان کان سواءِ انهن تي انساني، حيواني، نباتاتي ۽ پکين جون شڪليون پڻ آهن. "هينري فيلڊ" ٽانون جي بناوت ڊيزائن جو پڻ معترف آهي.

ڊاڪٽر محمد رفيق مغل، جيڪو ناردرن سرڪل لاهور جو ڊائريڪٽر آرڪيالاجي آهي، ان هاڪڑي وادي ۾ (407) چار سو ست اهم قديم ماڳن جو پتو لڳايو آهي، جنهن کي هن ٽن دورن ۾ تقسيم ڪيو آهي. [1] چار هزار سال قبل مسيح کان ٽي هزار اسال قبل مسيح، [2] ٽي هزار سال قبل مسيح کان اڍائي هزار سال قبل مسيح، [3] ڏيڍ هزار سال قبل مسيح ۽ ان کان پوءِ. مغل صاحب لکي ٿو ته، "هاڪڑي وادي جي سروي مرڪزي وادیءِ سنڌ جي متعلق اسان کي ثقافتن جي عروج ۽ زوال جي باري ۾ اهم معلومات مهيا ڪري ٿي، جتان وادیءِ سنڌ جي قديم تهذيب جي شروعاتي ۽ تمام سڌريل ۽ آخري هڙپائي دور جون شاهديون ملن ٿيون، ۽ ان کان پوءِ جي ثقافتي لاڳاپن تي پڻ روشني پوي ٿي." ڊاڪٽر مغل جو چوڻ آهي ته، "انهي معلومات اسان کي سنڌ جي وادي جي تحقيق لاءِ نوان نُڪتا مهيا ڪيا آهن." تاهم ان جو خيال آهي ته اڃان تائين نارا ڪينال جي رستي، جتان هاڪڑو دريا وهي ڪري ڇڏ جي رڻ ۾ پوندو هو، ان جي اثري باقيات جوپتو لڳائڻو پوندو. انهي رستي کي سنڌ ۾ ريٽي، نارا يا هاڪڑو ڪوٺيو وڃي ٿو. سنڌ جي انهي وسيع و عريض علائقي تي اڃا تائين ڪا تحقيق ڪانه ٿي آهي. ان سلسلي ۾ سواءِ محترم ڊاڪٽر اين۔اي۔بلوچ صاحب جي، جنهن سنڌ اندر هاڪڑا

وادي جي سلسلي جي هڪ مقام 'نُهٽو' جي نشاندهي ڪئي آهي، جتان کين موهن جي دڙي جهڙي هڪ مهر پڻ ملي آهي، جيڪا اهو ثابت ڪري ٿي ته ٺر جو هي علائقو پڻ موهن جي دڙي جي تهذيب سان لاڳاپيل آهي.

هاڪڙا دريا جي متئين حصي يعني پنجاب توڙي پارت واري حصي تي هن وقت تائين جيڪو تحقيقي ڪم ٿيو آهي، اهو واضح ڪري ٿو ته سنڌو ماٿر جي تهذيب جا اثر قريب قريب وچ پارت جي اترئين حصي تائين آهي، ۽ هيٺ ان جو اثر سنڌ جي آخري حدن ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ راجستان جي اڌ کان وڌيڪ حصي تي رهيو. هن وقت تائين هاڪڙا تهذيب تي متين پاڳن لاءِ اسان کي گهڻو ڪجهه ملي ٿو. ليڪن ان جي برعڪس هاڪڙا دريا جي هينئين حصي، جيڪو سنڌ جو ٺر جو علاقو آهي، سواءِ 'نهٽو' جي ٻئي ڪنهن به هنڌ جو پتو پئجي نه سگهيو آهي. ان هنڌ جي به ايڏا تائين ڪا باضابطه کوٽائي يا سروي ڪانه ٿي آهي.جيڪڏهن هن سلسي ۾ ڪو وقتائتو قدم نه کنيو ويو ته اهي آثار ۽ هنڌ، واريءَ جي طوفانن هيٺ دفن ٿي ويندا يا ماٺهن جي هٿ چراند سبب هميشه لاءِ ختم ٿي ويندا.

اهو به تسليم ڪيو وڃي ٿو ته ٺر جو ڳچ حصو ۽ ڪڇ جو رڻ ڪو وقت سمنڊ هو ۽ بعد ۾ سمنڊ جي هٿي وڃڻ سبب ڪڇ جي ڪناري تائين وڃي محدود رهيو. جنهن تي وڳهه ڪوٽ، ونگر (ونگو)، ٻلهياري، پارکر، ويرا واهه وغيره بندر هئا. اهي سيئي سنڌو تهذيب ۽ ثقافت جا آثار آهن، جيڪي هاڪڙي دريا جي ڇوڙ جي دامن ۾ هئا. جهڙيءَ ريت هن وادي جي متئين حصي ۾ هن دريا جون قديم بستيون آباد هيون، يقين آهي ته سنڌ واري علائقي ۾ به انهن جو وجود هوندو. تاريخدانن ۽ آثار قديمه جي ماهرن لاءِ اهو بنهه ضروري آهي ته تهذيبي تسلسل جي انهن هنڌن جو پتو لڳايو وڃي ۽ انهن تي تحقيق ڪئي وڃي ۽ اها تهذيب جنهن کي هڪ حصي تائين محدود تصور ڪيو وڃي ٿو ته ان جو ڦهلاءُ يقين جي صورت اختيار ڪري سگهي ۽ انساني ارتقا جي ڪهاڻي جون ڪڙيون جيڪي هن وادي جي هينئين حصي ۾ گمشدگي جي صورت ۾ آهن، اهي ظاهر ٿين. هاڪڙي جي وادي قومن جي عروج ۽ زوال، انهن جي اٿل پٿل جا ڪئين دؤر ڏٺا آهن ۽ ڪيئي لوڪ ڪهاڻيون ۽ چوٽيون هن وادي سان منسوب آهن. اهي سڀ

تڏهن بهتر صورت اختيار ڪري سگهن ٿيون. جڏهن وادي جو اونهو اڀياس ڪيو ويو.

آثار قديمہ جي باقيات جي تحقيق سان گڏوگڏ هي نڪتو بہ غور طلب آهي تہ آيا اهي تهذيبي هنڌ پنهنجي تباهي کان اڳ ڪهڙي سماجي معيار جا هئا ۽ انهن جي تباهي ۾ ڪهڙن سماجي عنصرن جو حصو رهيو ۽ انهن تهذيبي هنڌن جي اسرڻ ۾ نسرڻ ۾ ڪهڙين سماجي حالتن جو حصو رهيو. سنڌو ماڻر جا ٻئي تهذيبي حصا (اتر_اپرنديون ۽ اتر_اولهائون) نهايت اهم آهن. هاڪڙا وادي جي متئين تهذيبي حصي جو مطالعو اهو واضح ڪري ٿو تہ انهن ٻنهي تهذيبي خطن ۾ قدرن جو اختلاف بہ آهي ۽ اتفاق بہ. آيا اختلاف جو اهو عنصر هن ماڻر ۾ بن قومن تي تہ دلالت نٿو ڪري؟ يا جيڪڏهن اها هڪ قوم آهي تہ پوءِ سماجي شعور ۽ سماجوادي نظام جي ڪري انهن جي تهذيبي قدرن ۾ تہ اختلاف نہ آهي؟ ۽ جن تهذيبي قدرن ۾ اتفاق آهي تہ اهي هڪ ئي قوم تي تہ دلالت نٿيون ڪن؟ ۽ جيڪڏهن انهن وادين وسندڙ قومن جو اصل نسل هڪ آهي ۽ نقل مڪاني سبب اتر ۽ ڏکڻ اولهہ ڪان اچڻ جي سفر انهن ۾ ڪي تبديليون تہ پيدا نہ ڪيون آهن، جيڪي جزوي اختلاف جو سبب آهن؟ اهي ۽ ٻيا اهڙا سوال نهايت ويچارڻ جوڳا آهن.

تهذيبن جي فنا ٿيڻ ۾ جتي طبعي حالتن کي هٿ آهي، اتي ان ڳالهہ کي بہ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي تہ ان تهذيبي ورثي واري قوم ۾ سماجي شعور ڪيترو هو. آيا هن ۾ پنهنجي وجود جي بقاءَ ۽ تهذيبي ثمر کي بچائڻ جي قوت هئي يا نہ؟ جڏهن اهو تسليم ڪيو ويو ٿو تہ تهذيبي قدر، بين ڳالهين جيان سماجي حالات جي پيداوار آهن، جنهن ۾ ان تهذيبي دؤر جو اقتصادي نظام، پيداواري وسيلا، اخلاقي قدر ۽ سماجي سرشتي جي سڃي اڌاوت اچي ويجي ٿي، جنهن جي بنيادن تي هر تهذيب جي فڪري نظام ۽ احساس ۾ وقت بوقت ڦيرگهير ٿيندي رهي ٿي، تڏهن انهن تبديلن جو سبب بہ سماجي حالتن جو تغير هوندو آهي. سماجي حالات ان وقت تائين نٿا بدلجن، جيستائين سماجوادي نظام ۾ اندر کا اهڙي قوت نٿي اپري جيڪا انهن حالتن جي نفي ڪندي هجي. بقول ممتاز حسين: "انسان پنهنجي تخليق پاڻ آهي" هر معاشرو پنهنجي قدرن جي رکوالي ان لاءِ ڪندو آهي

تہ ان ۾ هن جي بقاءُ جو راز آهي. جڏهن بہ انهن قدرن جي سلسلي ۾ معاشرتي طور اک پوري ويئي تہ سجو ماندارُ بگڙجڻ لڳندو آهي. اسان کي هن وادي جي تهذيبي تحقيق سان گڏ اهو بہ ڏسڻ گهرجي تہ آيا اهي تهذيبي حصا جيڪي تاريخ جو هڪ داستانِ حقيقت آهن، انهن جي متجڻ جا ڪارڻ ڪهڙا هئا؟ ڇا انهن جو زوال پنهنجي طور تي آيو يا ڪنهن ٻاهرين قوت جي ڪري اها فنا پذير ٿيون.

وادي سنڌ جي تهذيب لاءِ ان سلسلي ۾ تاريخ اندر مختلف رايا آهن. "موهن جو دڙو" هڙپائي تهذيب جي تباهي جو ڪارڻ آرين کي تصور ڪيو ويجي ٿو. ليڪن ان باري ۾ هن ماڻر جي وسندڙ اڀين قومن جي طرز معاشرت ۽ آرين جي سماجوادي نظام کي خيال ۾ رکڻ ضروري آهي. تاريخ جو مطالعو اهو بخوبي واضح ڪري ٿو تہ آرين خود هن وادي جي اڀئين سماجي نظام جي ڪيترين ڳالهين کي قبول ڪيو ۽ هتي رهندڙن قوم سان ضم ٿي ويا. صرف ان طبقي ڏکڻ هندستان يا ان جي ٻين حصن ڏانهن نقل مڪاني اختيار ڪئي، جيڪي تهذيبي طور انهيءَ وقت جي سماجوادي نظام جو ساٿ ڏيئي نہ سگهيا.

هاڪڙا وادي، جيڪا سنڌو ماڻر جي تهذيب جو حصو آهي ۽ هن جي پنهنجي انفراديت بہ آهي ۽ مماثلت پڻ آهي. ان لحاظ سان ماڻر جي انهيءَ عظيم تهذيبي حصي جي چنڊچاڻ ضروري آهي. جيڪڏهن انهن نڪتن کي خيال ۾ رکي هن وادي جو اڀياس ڪيو ويو تہ يقين آهي تہ ان جا نهايت ئي بهتر نتيجا نڪرندا ۽ هاڪڙي جي هاڪ ۽ هُب (خوشبوءِ) پنهنجي تهذيبي خوشبوءِ سان ماڻر کي واسي ڇڏيندي.

هاڪ وهندو هاڪڙو، پڃندي پنڌ اروڙ،
بهه، مڃي ۽ لوڙه، سمي ويندا سوکڙي.

(ماموئي فقير)

حوالا ۽ حاشيا

(1) مسٽر ڪيلاش چندر پنهنجي لکيت ۾ جنهن کي سنڌو ڪوٽي ٿو دراصل اها هاڪڙو ندي آهي. پر جيئن تہ اسان وٽ هاڪڙو ۽ سنڌو جي نالن ۾ ڪا تخصيص نہ هئي، ان ڪري هن ان کي سنڌو ڪري لکيو ٿو پائنجي. (ڪاشف)

(2) انهي مان اهو محسوس ڪري سگهجي ٿو ته هاڪڙو ندي بہ شايد عيسوي پهرئين صدي کان پوءِ بند ٿي هوندي. (ريڪس)

(3) جرنل ايڇ ـ ٽي ـ آف دي سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي، جلد (VIII) نمبر (2) صفحہ 88

(4) ٽماهي مهراڻ، نمبر 3/1985ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. (انٽرويو)

(5) هڙپا ۽ موهن جي دڙي جي وچ ۾ ٻيو ڪوبہ هنڌ ان وقت تائين نہ مليو آهي. انهيءَ صورت حال ڏانهن پگٽ جو اشارو آهي.

(6) اردو ۾ "وکهو پهلاني" لکيل آهي. ٽي سگهي ٽي ته اهو قديم سنڌ جي حاڪم ۽ سخي جام وکيو ڏلاڻي جو قلعو هجي، يا ان قوم جي ڪنهن وڏي جي قديم نالي سان نسبت هجي.

(7) جڏهن بهاولپور جو ۽ جيسلمير جو ذڪر اچي ٿو جيڪو سنڌ جي ٽر واري علاقي جي اتر ۽ سڃي اوير تي اچي وڃن ٿا، ته انهن ۾ ان خطي سان ٽر جو سڃو علاقو اچي وڃي ٿو جنهن جو جيسلمير ۽ ان وقت مٿين حصن جيان هاڪڙي تي هو. (ڪاشف)

(8) هت اهو ياد رکڻ گهرجي ته جڏهن اسان سنڌو وادي جو نالو استعمال ڪريون ٿا ته ان مان مراد قديم سنڌ جيڪا ويدڪ زماني ۾ هئي، اها آهي.

ماخذ

1_ سنڌ: ايڇ ـ ٽي ـ لئمبرڪ، سنڌي ادبي بورڊ

2_ سنڌو سڀ ويڑ: گنگارام سمرات (انڊيا)

3_ وادي ۽ هاڪڙا: صديق طاهر

4_ سنڌو ماٿر جي سيپيتا: محمد ادريس صديقي، سنڌي ادبي بورڊ

5_ جنت السنڌ: مولائي شيدائي

6_ قديم سنڌ: پيرومل مهرچند آڏواڻي

7_ ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ: ايم ـ ايڇ ـ پنهور، سنڌالاجي

8_ ٽماهي مهراڻ: سنڌي ادبي بورڊ (انٽرويو ڊاڪٽر بلوچ) نمبر 3، سال 1985ع

9_ امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا: (پنجاب)

10_ جرنل آف سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي: (مختلف پرچا)

11_ **تهذيب کا ارتقا**: سبط حسين

12_ **تاريخ کا مطالعہ**: باري مرحوم

13_ تاريخ ريگستان: رائچند راٹوڑ سنڌي ادبي بورڊ

14_ پراڻو پاڪر، منگهارام اوجها، سنڌي ادبي بورڊ

15_ مختلف رسالا ۽ اڀياسي نوٽ.

(ٽ ماهي مهراڻ تان ورتل)

سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب تي اقتصادي ۽ جاگرافيائي اثر

پروفيسر ماڻڪ پٽاوالا

جاگرافيءَ جو مصرف ۽ فائدا:

سڀ کنهن جاگرافيائي مطالعي جو بنيادي مقصد، صرف تمدن جي ماهيت سمجهڻ هوندو آهي. طبعيات جا ماهر ائٽمي دنيا جي گهرائيءَ تي غور و خوض کن ٿا، تہ کيميادان وري قسمين قسمين دوائن (Drugs) جو تجزيو کن ٿا، ارضيات جا عالم پنهنجي دزديده نظر سان ماضيءَ ۾ ڏرتيءَ جي تهن ۾ آيل اٿل پٿل ڏانهن نهارين ٿا. علم الحيات جا ڄاڻو انساني جسم جي مختلف عضون جي طريقيڪار کي سمجهڻ جي کوشش کن ٿا. پر کي ٿورا عالم اهڙا آهن جن کوجنا کندي، معاشرتي قدرن (Social values) ۽ اجتماعي وصفن کي بہ پيش نظر رکيو آهي، ۽ ان حقيقت کي معلوم ڪرڻ جي کوشش ڪئي آهي تہ جو ۽ ڪيئن هرڪو فرد، صرف

خاص قدرتي علائقي ۾ ئي پنهنجي مخصوص وضع قطع ۽ طرز معاشرت سان هلي چلي سگهي ٿو. ازان سواءِ جو ۽ کهڙيءَ طرح هڪ خاص قدرتي علائقو ماڻهن جي سموري ترقيءَ ۽ نشونما کان سواءِ، سندن رهائشي ۽ مستقل قيام (Settlement) تي به اثر انداز رهي ٿو. مطلب ته جنهن ڇيڙي تان ٻيا علم ۽ فن رخصت ٿيو وڃن ٿا، اتان جاگرافيءَ شروع ٿئي ٿي. جاگرافيءَ جو علم بلڪل آسانيءَ سان تشريح ڪري سمجهائي ٿو ته قبل از تاريخ ۽ تاريخ جي ماضيءَ ۾ ڇا وهيو واپاريو آهي، ۽ کهڙا حادثا ۽ واقعا نازل ٿي چڪا آهن. اهڙا ڪئين طبعي مونجهارا، تاريخي ۽ معاشرتي معاملن ۽ مسئلن سان تمام گهاٽو ڳنڍيل آهن، جنهن کان ڪو به انڪار ڪري نٿو سگهي. معاشرتي ماهرن ۽ تاريخدانن لاءِ لوڪ ڪٿائن (Folklore)، ابن ڏاڏن کان ٻڌل فرضي ڳالهين (Legendary data)، ٽوٽي سڪن، ٻيلن ۽ پٿرن بابت معلومات (Numismatic) ۽ آثار قديمه جي شهادتن کان به جاگرافيءَ جا ارضي نشانات (Land Marks) وڌيڪ اهم ۽ بيش بها آهن، جنهن ۾ ندين جي ڪنارن جون سنوتون، (River Terraces)، ڍنڍن جون سڌايون (Lake levels)، متيءَ جو لَٽ يا درياهه جو پائٽ (Silting and alleviation)، ڍنڍن جو مڙڻ (Deflection of lakes) ، ۽ ندين جي اُٿل پٿل (Vagaries of rivers) وغيره اچي وڃن ٿا.

هينئن خاڪي ۾ مختلف علمن ۽ انهن جي شاخن ۾ نسبتي قدر ڏيکاريو ويو آهي ۽ انسان جي علمي ارتقا ۾ جاگرافياءَ جي درجي کي متعين ڪيو ويو آهي.

علم جو مينار:

- **جاگرافي** (سڀني علمن جو ڪل جوڙ)
- **علم حيات** (زندگي)
- **علم ڪيميا** (مادو)
- **علم طبعيات** (قدرت جو قانون)
- **علم طبقات الارض** (ڌرتي) ۽
- **علم رياضي** (انگن جو بنيادي علم).

اهڙيءَ طرح سان، اهو سمجهڻ بلڪل آسان آهي ته جاگرافيءَ جو علم انسانذات جي پلائيءَ ۾ بهبوديءَ لاءِ ڪيترو نه قيمتي آهي، ۽ اهو ڪيئن نه هر ڪنهن تعليمي رٽا ۾ سائنٽيفڪ تمدن ۾ مڪيه جڳهه والاري ٿو. جاگرافي ۾ين علمن جي دريافت ڪيل متفرق شين ۾ خيالن کي نهايت سائنٽيفڪ انداز سان ترتيب ۾ ربط ۾ آڻيو ڇڏي ۽ اهڙيءَ طرح سان ملڪ جي هڪ صاف ۽ مڪمل تصوير پيش ڪري ٿي. جاگرافين انسانن جي اقتصاديات جي ڄاڻڻ ۾ پڻ مدد ڪئي آهي، ته جيئن پنهنجا پير زمين تي ڄمائي سگهن. اهو هينسلو (Henslow) جاگرافيدان هو جنهن اول اول ڀارون کي "زمينيات" جي ليڪچرن تي توجهه ڪرڻ جي ترغيب ڏني هئي. بقائي اصلح (The Survival of fittest) ۽ ارتقا جو قانون (The law of Evolution)، انساني ذهن جي رسائيءَ جي لحاظ کان نهايت حيرت انگيز انڪشاف آهن، جن کي ٻڌائڻ ۾ به هُن لاءِ اهي ئي ليڪچر ڪارآمد ۽ معاون بنيا. ساڳيءَ طرح جاگرافيءَ جو علم، جنهن کي غفلت کان وساريو ويو آهي، سو انهيءَ مضر ۽ نقصان رسا فضا لاءِ اڪسير آهي، جا عام طرح سان دنيا تي غالب آهي ۽ ڪم از ڪم ماڻهن کي هڪ ٻئي سان همدردانه ورتاءُ ڪرڻ ۽ ڪشاده دل ٿي رهڻ ۾ مدد ونائي ٿو. موجوده وقت ۾ دنيا جي جيڪا قابل رحم حالت آهي، سا هڪ اندازي مطابق گهڻو ڪري جاگرافيءَ جي علم جي اڻڄاڻائيءَ سبان آهي. عالمگير جنگين به ماڻهن کي ايتري گهڻي جاگرافي سيکاري آهي، جو ٻيا ڪي به دنيا جا حادثا ائين ڪري نه سگهيا آهن. ان ڪري ائين چئي سگهجي ٿو ته "جنگين جو مڪيه فائدو آهي، ماڻهن کي جاگرافي سيکارڻ." اهڙيءَ طرح سان دنيا جي مختلف پاڻ جي صحيح ڄاڻ، علم طبعي جي ساخت ۽ گرد و نواح جون حالتون، جن ۾ انسان زندگي بسر ڪري ٿو، سي سيئي، هوا، سمنڊ ۽ خشڪيءَ تي جيڪي حربي تدبيرون استعمال ڪيون وڃن ٿيون، تن جي ڪاميابي ۽ ناڪاميابي تي مدار رکن ٿيون. اهو ئي سبب آهي جو جاگرافيءَ کي ملٽري سائنس جو اهم ۽ ضروري حصو سمجهڻ شروع ڪيو ويو آهي. سيني قومن جي دفاعي تياريءَ جو بنياد، لازمي طور سندن ملڪ جي جاگرافيءَ تي ٻڌل ٿئي ٿو. بدقسمتيءَ سان اسان جي ملڪ ۾ شاگردن کي زندگيءَ جي انهيءَ مرڪزي مضمون کان نا آشنا رکيو ويو آهي. پاڪستان جي شاگردن لاءِ ته خصوصاً جاگرافيءَ جي علم

جي ڄاڻ کي، ٻين سيني نصابن کان زياده اهميت هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته موجوده ٻين الاقوامي معاملن جي حالت صاف ڏيکاري ٿي ته هر ڪنهن قوم جو ٻيءَ قوم تي انحصار ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهي، ۽ اها ضرورت وڌندي رهي ٿي ته ماڻهن جي ڪردار ۾ خواهش کي معلوم ڪيو ويجي.

دنيا جو نقشو تيزيءَ سان تبديل ٿي رهيو آهي:

هن وقت اجتماعي طور تي حفاظت ۽ ناقابل تقسيم امن جي سخت ضرروت آهي، جا بنا ڪنهن انساني عداوت يا جنگ جي هجي. اهي مرادون ايستائين برصواب ٿي نه سگهنديون، جيستائين اسان کي سيني قومن جي اصلي ۽ حقيقي نصب العين جي سوجهه نه پوندي. پاڪستان کي به لازماً اهڙي اداري جو هڪ بارسوخ رڪن هئڻ گهرجي، جنهن جو مقصد تهذيبن کي مناسب ۽ موزون طريقي سان پاڻ ۾ متحد ۽ مخلوط ڪرڻ سان گڏ، هڪ امن واري رشتو جوڙڻ هجي.

قومن جي پلائي ان ۾ مضمر آهي ته هو هڪٻئي جي زندگيءَ جي نظريي جي وڌيڪ ڄاڻ رکن، وارو نظريو گرد و پيش جي حالتن تي منحصر هوندو آهي. ان کان پوءِ ئي هڪ ٻئي سان صلح پسندانه ناهه ۽ دوستاڻن تعلقات جي اميد رکي سگهون ٿا، ۽ ساڳي ڳالهه ملڪ کان ٻاهر وسندڙ قومن ۽ ملڪ اندر رهندڙ قومن جي درميان تعلقات وڌائڻ تي به صادق اچي ٿي. هڪ خوشگوار فطري ماحول ۾ تهذيبن جو ربط ۽ تعلق، ممڪن آهي ته اسان جي مختلف رسمن، زبانن، مذهبن ۽ ذاتين کي ملائي هڪ ڪري ڇڏي. جذب جو قانون (law of Assimilation) انهيءَ قدرتي ۽ غير اختياري طريقيڪار جي جتي ڪٿي اعانت ڪندو رهي ٿو. جڏهن گهڻيون قومون هڪ پسنديده علائقي ۾ رهڻ لڳن ٿيون، تڏهن ڪيئي مختلف تهذيبون خلط ملط ٿي وڃن ٿيون، تنهن جو هڪ سهڻو مثال جاوا جي تهذيب آهي. ڊاڪٽر اي اي بيڪ (Dr. A.A. Bake) چوي ٿو ته: "اسان ڏٺو ته جاوا جا ماڻهو صدين جي مختلف تهذيبن جي اثر هيٺ رهندي بديشي تهذيب کي پنهنجي طبعي خصوصيتن ۾ جذب ڪرڻ جي قابل بڻجي ويا آهن، سو به اهڙي وسيع انداز ۾ جو عوام الناس ان حقيقت کان بلڪل بيخبر آهي، ۽ کين کو به احساس يا شعور نه آهي ته سندن تهذيب تي ڪو غير ملڪي يا

ڏاريو اثر ۾ آهي.“ مثال طور برصغير هندو-پاڪ قريب قريب گذريل چوڏهن صدين کان پارسين جي مستقل قيام کان مالا مال ٿي آهي. جتي ٻيا فرقا پنهنجي قوت جو اندازو سندن لکن جي تعداد ۾ هجڻ سان ڪري سگهن ٿا، اتي پارسي صرف خالص مذهبي ۽ روحاني عقيدي سان، يا مذهب و ملت جي تعصبات کان آزاد خدمتن ۽ سخاوتن جي بنياد تي ڳٽي سگهجن ٿا.

مضمون کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ-اچو ته سنڌ جو مثال ونون، جو علائقو فطري بناوت ۽ طبعي جاگرافيءَ جي لحاظ کان ”هينائين سنڌو ماٿري“ سڏجي ٿو. جنهن نه صرف افرو-ايشيائي حلقي جي تمدن کي سلجهائڻ ۽ ترقي ونائڻ ۾ قابل قدر حصو ورتو آهي، بلڪ برصغير هندو-پاڪ جي هڪ ٻاهرين ۽ ڪليل دروازي هجڻ جي حيثيت ۾ به گهڻي خدمت ڪئي آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌو ماٿريءَ مان ئي ڪيتريون تهذيبون لنگهي، برصغير جي جدا جدا ڀاڱن ۾ پکڙيون آهن.

ايجا به ڪن ضروري نقطن سان بحث ڪري ڏيکارڻو آهي ته ڪيئن نه اسان جو تمدن ”صوبن“ جي تاريخي جاگرافيءَ جي زير احسان آهي. موجوده وقت ۾ اسان پنهنجي گوناگون مختلف تهذيبن کي هم آهنگ بڻائڻ ۽ متحد ڪرڻ ۾ گهڻو ڪجهه ڪري سگهون ٿا. ليڪن صوبن جي جاگرافيائيءَ حدن کي ٽوڙي، هڪ غير طبعي يڪسانيت پيدا ڪرڻ سان اهو مقصد برصواب ٿئي، ان لاءِ ڇئي نٽو سگهجي. ٽيڻ ائين گهرجي ته ان درخشان ۽ زندگيءَ جي محرڪ، متفرق ۽ رنگا رنگي تهذيب کي- جا گهڻن جلويدار طرفن واري آهي. پنهنجي جاگرافيائي حدن سان قائم رکجي ته بهتر. ڇاڪاڻ ته انساني تهذيب هڪ حقيقت به آهي ۽ اثاثو به آهي. هونءَ به فطري زندگيءَ جو بنيادي اصول ”ڪثرت ۾ وحدت“ (Unity in Diversity) آهي، جو لا زوال ۽ پائدار آهي، جنهن مطابق تمدن جي هڪ مستحڪم ۽ عاليشان عمارت تيار ڪري سگهجي ٿي، جنهن ۾ معصوم فطرت ۽ انسان جو ڪسب ۽ ڪردار گڏجي زندگيءَ جي نشو و نما ۽ ارتقا جو سلسلو قائم ۽ دائم رکندا اينداً.

تمدن جو افرو-ايشيائي حلقو (The Afrasian Belt of Civilization):

تمدن اتي ترقي ڪري ٿو جتي انسان ۾ فطرت جي وچ ۾ متمدن زندگيءَ جي لاءِ زبردست ڪشمڪش هوندي آهي. موسمي فضا (Atmosphere) ، پاڻيءَ واري فضا (Hydrosphere) جابلو فضا (Lithrosphere) بلڪ حياتياتي فضا (Biosphere)، ۾ ٻيا ماحول جا اثر، جي انسان جي چوگرد زور آور قوت وانگر عمل ڪن ٿا ۾ ڪيس زندگيءَ ۾ ترقي ڪرڻ ۾ يا ته مدد ونائين ٿا يا وري روڪين ٿا. اهڙو فطري ماحول، ايشيا ۾، انساني تمدن جي پروان چڙهڻ لاءِ موجود هو. جو دراصل تمدن جو پهريون ئي گهر آهي، جتي انسان کي مادي، اخلاقي ۾ روحاني ترقيءَ لاءِ موزون ترغيب ملي. جيڪڏهن يقيني طور چئجي ته پوءِ اهو ساڳيو حلقو آهي، جنهن کي هاڻي "آفريڪا ۾ ايشيا جي لق ودق صحرائن وارو حلقو" چئجي ٿو جو ڪيترن ئي مختلف قسمن جي تهذيبن کي پروان چڙهڻ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ ذميوار آهي. اهو حلقو طبعي بناوت ۾ ڪيترن ئي يڪسان علائقن سان بغل گير آهي، جهڙوڪ نيل وادي، ايجين ٻيٽ (Agean Island) اردن جي ماٿري، دجلہ ۾ فرات جي ماٿري، ايران جو مٿاهون پٽ، ڪئسپين آرال جي درياڪ گذار وادي، سنڌو ماٿري، گوبي علائقو ۾ يانگسي ماٿري (Yangtse valley) انهن سيني علائقن پنهنجي پنهنجي زميني مٽاچري (Soil) ۾ آبهوا مطابق نرالي قسم جون مخصوص تهذيبون پيدا ڪيون آهن، ۾ هر علائقي ٻئي علائقي کي انساني تمدن پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي. اڄ بہ انهن جي شاخن دنيا جي متعدد ملڪن ۾ پناهہ جي جاءِ وڃي لڏي آهي.

ايشيا جي بلند ۾ عظمت واري سرزمين ۾ ان جا گاهہ سان ڇانيل ميدان، شائستگيءَ ۾ تمدن لاءِ نهايت هموار آهن. اهو ئي سبب آهي جو هتي جا ڇڙو ڇڙ علائقا، هڪ دور کان ٻئي دور تائين، انساني تهذيب ۾ ڪاروبار جا پسنديده علائقا بڻيا هئا. اهي تهذيب جا مرڪز، ڪريٽ، چين، بائبلان، ايران، يونان ۾ برصغير هندو پاڪ آهن، جي سيئي هڪ هڪ ٿي عروج ۾ زوال جي ڪشمڪش ۾ رهندا آيا آهن. ايشيا ۾ جيئن ئي فطري قوتن پنهنجو ڪم شروع ڪيو تيئن ڪڏهن ڪنهن وقت ته ڪڏهن ڪنهن هنڌ، تهذيبون ايرنديون رهيون. فرات ۾ دجلي جي ماٿريءَ ۾ بہ تهذيب پيدا ٿي، جنهن کي ڪڏهن ته مرڪز واري حيثيت حاصل هئي. ساڳي ايشيا ۾

وري انساني تاريخ جي مناسب ۽موافق حالتن وارن زمانن ۾ هڪڙئي پڻيان ڪيترائي پيغمبر آيا، جنهن جي ابتدا زردشت کان ٿي، جو ايران ۾ پهريون ئي مذهبي پيشوا هو. جنهن وحدانيت جو نظريو ۽ خدا جي هيڪڙائيءَ جو خيال پيش ڪيو.[1]

ايشيا جي دشوار علائقن ۾، پيغمبر، انسان جي زندگيءَ کي ڪامران ٻڌائڻ آيا. انسانذات لاءِ هميشہ کان سيني کان اهم مسئلو کاڌي ۽ پاڻيءَ جو رهيو آهي. تاريخ شاهد آهي تہ جن بہ حصن ۾ اهي شيون افراط ۾ هوندیون هيون، اتي انساني گروهہ اچي آباد ٿيندا هئا. اهو ئي ڪارڻ آهي جو عالمن چيو آهي تہ انسان تڏهن واضح ترقي ڪئي آهي، جڏهن ڪن وادين ۾ اچي آباد ٿيو هو. وڌندي وڌندي نيٺ تمدن جي غذا پيدا ڪرڻ واري مرحلي تائين پهتو. "پٿر وري مرحلي" جي ابتدا تڏهن ٿي، جڏهن هن چقمق جي پٿر کي ڏنو ۽ جڏهن پٿرن جي اتفاقي ٽڪرجڻ جي نتيجي ۾ باهہ جا اُلا ظاهر ٿيا. ڪن وادين جي جبلن ۾ ڏاتو لڏا ويا، ۽ پوءِ آهستي آهستي تامي، ڪنجهي (Bronze) ۽ لوهہ جا مختلف مرحلا آيا. ڪنهن ماڻريءَ جي زمين مينهن يا ندیءَ جي پاڻيءَ سان سيراب ٿي، جنهن سان زراعت جي شروعات ٿي، جڏهن ڪٽي پوک جي لاءِ گهربل ۽ ڪمائتن هنڌن تي پاڻي ڪڍي وڃڻ جي ضرورت پيئي. تڏهن آب رسائيءَ جا هٿرادو طريقا رائج ٿيا، ۽ ڪٻنال جوڙيا ويا، ۽ ان طرح سان آبپاشي شروع ٿي، پر تمدن ۾ نمايان ترقي تڏهن آئي، جڏهن غذائي پيداوار کي ڊوڻڻ ۽ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين رسائڻ لاءِ، آمدو رفت جا جٽادار ۽ اعتماد جوڳا ذريعا وجود ۾ آيا.

انهن سيني حيلن وسيلن ۽ تدبيرن کي جيتوڻيڪ جديد جاگرافيدانن مستقل بنيادن تي قائم ڪري ڇڏيو آهي، ائين ضروري آهي تہ خود فطرت بہ صحرائي لق ودق حلقن سان دنيا جي ٻين علائقن کان وڌيڪ ساٿ پئي ڏنو آهي. ان کان پوءِ خشڪ سالي‌ءَ ۽ ريگستاني ريت جي ڊيرن، ڪن علائقن کي رهائش جي لحاظ کان ناقابل برداشت بڻائي ڇڏيو. جنهن سبب ڪري لڏ پلاڻ شروع ٿي وئي.

ائين بلڪل صحيح آهي تہ افرو-ايشيائي حلقي جي نشو نما وڌڻ سان "سنڌو ماڻريءَ" ڪنهن پُر انديشہ وقت ۾ پنهنجو حقيقي روپ اختيار ڪيو. ۽ ڪيترائي انساني ٽولا هڪڙئي پڻيان مسلسل، آسان پهاڙي رستن کان

گذرندا هتي اچي قيام پذير ٿيا. خانہ بدوش انساني ٽولن کي رستي ۾ جي فطري رندڪون ۾ رکاوٽون درپيش ايندیون هيون، سي بجاءِ انهن کي ڊيڄارڻ ۾ ٻيدل ڪرڻ جي، منجهن همت پيدا ڪنديون هيون ۾ منزل مقصود تي رسڻ لاءِ آمده ڪنديون هيون. اهڙيءَ طرح سان ماڻريءَ ۾ رهندڙ سيني انساني گروهن گڏجي جدوجهد ڪئي ۾ پنهنجي تخليقي قوتن ۾ لياقتن وسيلي پاڻ کي ماحول جي موافق بڻائي، هڪ نئين تمدن کي پيدا ڪيو. جڏهن پاڻيسري علائقن جون ڪيتريون وٽندڙ بديشي خصوصيتون مقامي تهذيبن ۾ گڏجي سڏجي هڪ ٿي ويون، تڏهن ان جي نتيجي ۾ اعليٰ قسم جو مثالي تمدن اسرڻ لڳو.

سنڌي تهذيب جا امدادي جزا:

هينائين سنڌو ماڻري ذاتي طرح سان، سنڌو نديءَ جي هڪ وڏي مقدس سوغات آهي. اهو به هڪ مڃيل اصول آهي تہ جتي گهڻين قومن جا آزمودا ۾ ايجادون پاڻ ۾ ڀڳيڄن ٿا، اتي تمدن کي عروج حاصل ٿئي ٿو. اچو تہ پهريون طبعي جزي کي جاچيون، جنهن تمدن کي ترقي ڏيارڻ ۾ مدد ڪئي آهي.

سنڌو ماڻريءَ ۾ جاگرافيائي ضابطو:

تمام اوائلي دور ۾ انسان، غذا، گاهہ ۾ پاڻيءَ جي رسد جي ڳولا ۾ هتي آيو ۾ مستقل قيام اختيار ڪيائين. (شاهدي: موهن جو درڙو-ستاويهہ سئو قبل مسيح) سڀ کان اول، هن وسيع ۾ فوق العادت نديءَ جي نظام کي سمجهڻ جون ڪوششون ڪيون ۾ نوبتي ٻوڏن کي ڪهڙيءَ طرح ضابطي ۾ رکجي. انهن لاءِ اپاءَ سوچيا. ان سلسلي ۾، هن بند تعمير ڪيا، پيمائشون ڪيون ۾ ٻوڏ هيٺ آيل ايراضين ۾ پوکون ڪيون. اهڙيءَ طرح سان هن پنهنجي صلاحيت سان پنهنجي فرصت جي وقت جو بهترين استعمال ڪيو.

نتيجو اهو نڪتو جو مصر وانگر سنڌ پڻ "مڪينيڪل هنرن جي ماءُ" ٻڌجي وئي. ان طرح قدرت هتي جي زمين جي سطح جي تجديد پڻ باقاعدي نظم ۾ ترتيب سان ڪندي رهندي هئي. ان مان مطلب اها تهہ نشين متي (Silt) آهي، جا ندي پنهنجي وسعت سان، هر موسم ۾ ڪنيو زمين کي پهچائيندي هئي. اهڙيءَ طرح سان زرخيزي ۾ ثمر آوري برقرار رهي. قدرت ۾

انسان جي ان باهمي تعاون سان، فصلن جي قدرتي پيداوار ۽ روزمرهہ جي زندگيءَ جي نشو و نما ٿي. طغياني ۽ سيلاب انسان کي زمين ۾ ڪاشت ڪرڻ لاءِ ايٽاريو. اهڙي زرخيز ميدان ۾ جيئن ته پرامن قيام ۽ رهائشي بستين جا ڪيترا سٺا موقعا ميسر هئا، ان ڪري ندين جي ٻنهي ڪنارن تي اهڙيون آباديون وڌيون. سنڌوندي همیشہ وانگر بدستور انساني گروهن کي متحد ڪرڻ جي اصول جي پابند آهي. ان هارين ۽ ڪاشتڪارن جي مفادن ۽ مقصدن کي متفق ڪرڻ ۾ مدد ڪئي، پوءِ ڪٽي هو ڪهڙي به گروهہ، مذهب يا سماج سان تعلق رکندڙ هئا. ڏار ڏار موسمن ۾ مختلف جاين ڏانهن پاٽيءَ جي رسد کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ، هڪ واحد حڪومت، عدل ۽ انصاف مطابق قائم ڪئي وئي. ساڳئي مقصد لاءِ امداد باهميءَ کي به رضامندي سان تسليم ڪيو ويو. قدرت اگر ملڪ کي قديم جبلن ۽ قيمتي معدنيات کان محروم رکيو، تہ سنڌ وري ايشيا جي ڏوراهين ديسن سان رسائي پيدا ڪئي ۽ انهن سان واپار ڪري انهن سيني شين جي درآمد ڪئي جنهن مان ملڪ جي ترقي ٿئي. سنڌوندیءَ جي مٿين ڇيڙي کان هينئين ڇيڙي تائين، ماٺهو پنهنجو مال ۽ سامان کنيو ڏوئيندا وتندا هئا. سنڌ ۾ ڪي به اهڙا قابل ذڪر خشڪيءَ جا رستا نہ هئا. جن جي ڪري تيز رفتاريءَ سان سفر ۽ آمدورفت جاري رکي سگهجي. زمين جو لاهہ (Gardient) گهٽو هينائون آهي، ان ڪري واهہ ڪهڙي به طرف ۽ ڪهڙي به مفاصلي کان ڪڍي سگهجن ٿا. مثال طور روهڙي ڪٽنال، جو سنڌوندیءَ مان ڪڍيو ويو آهي ۽ جو "سکر بئراج پراجيڪٽ" جو هڪ اهم حصو آهي، سو ٻن سئو ميلن کان به گهٽو ڏگهو آهي ۽ ڪيترن غير آباد ۽ ناقابل زراعت ضلعن مان آرپار لنگهي ٿو.

سنڌ هڪ خاص ترتيب سان قائم آهي. سندس افتاده ۽ بيجان هينائين ماٽري صرف سنڌوندیءَ جي سبب سان هڪ ڪشادو ميداني علائقو ٻڌجي پيئي آهي ۽ سموري زمين ٻن غير آباد ايراضين ڪيرٿر جبل ۽ راجپوتانا بيابان جي درميان وڃايل آهي. زميني مٽاچرو زرخيز آهي ۽ ماٽريءَ ۾ ندیءَ جي ڊيلٽا بتدريج وڌندي رهي ٿي. اونهاري ۾ آبهوا، ٿوري گهم سان، گرم ۽ خشڪ آهي. سنڌ جو پورو علائقو هڪ پر انديشہ مقام ۾ آهي، جو ڏري گهٽ گرم دائري ۽ معتدل دائري (Temperate zone) جي حد وٽ آهي. زراعت جي مثالي پيشي هجڻ جون اهي سڀ علامتون هن ماٽريءَ ۾

آهن. جنهن ۾ زرعي زمين جي نقصان جو ڪو به خطرو نه آهي، جي ٻنهي دائرن (Zones) سان تعلق رکن ٿا. ان ڪري چئجي ٿو ته پاڙ جهلڻ ۾ واڌ ڪائڻ جي لحاظ کان ٻنهي قسمن جي نباتات لاءِ، هتي جي زمين نيم راهه گذر جي حيثيت رکي ٿي.

قدرتي وسيلن کي قبول ڪرڻ ۾ ڪم آڻڻ، اهڙيون ڳالهيون آهن جي ماڻهن جي متفقه ڪوشش ۾ صحيح تربيت جو نتيجو آهن. سنڌ قدري غير ملڪي خطري کان محفوظ آهي. جبلن جي آڏ ۾ روڪ، ملڪ جي حفاظت لاءِ ڪارآمد آهي. ان کان علاوه بيابان به دشمن کان پناهه ۾ رکي ٿو. ان طرح سان اهي ٻئي حفاظتي قوتون ملڪ جي جداگانه وجود کي برقرار رکڻ ۾ ترقي ونڊائڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

رڪاوٽن جو قدر (Value of obstacles):

ساڳئي وقت قدرت به هن علاقي جي طريقه معاش ۾ طرز زندگيءَ جي راهه ۾ ڪي رڪاوٽون وڌيون آهن. هڪڙي سري کان ٻئي سري تائين ڪي به پهاڙي لنگهه پورا ۾ مڪمل نه هئا. جيڪي چند آسان پهاڙي رستا هئا، تن مان توڙي سامونڊي ڪناري تان قديم دور کان وٺي راهزن، قزاق ۽ ٻيا امن ۾ خلخل وجهڻ وارا ماڻهو، وقت بوقت ايندا رهندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو ڪنهن به حڪومت طرفان حدبنديءَ متعلق ڪا به واضح سرحدي پاليسي مقرر ٿي نه سگهي. آبهوا ڪنڊ ۾ سخت گير هئي. اونهاري ۾ تمام گرم، پر سياري ۾ سرد ۽ طاقت بخش (Bracing) هئي. ٿوري گهٽي غير مستقل برسات به پوندي هئي. انهن حالتن ماڻهن کي جيتوڻيڪ جاننو ۽ محنتي ته بڻائي ڇڏيو هو، پر ان سان گڏ، ساڳئي وقت هو امڪان ۽ قسمت جا دست نگر به بڻجي رهيا، جن کي قسمت تي پاڙيندڙ ڪٽي چئجي. سنڌونديءَ جو پيٽ، آسپاس وارن ملڪن جي ندين کان بلند تر سطح (Higher level) تي آهي. اهو ئي ٻوڏن جو ڪارڻ آهي، جي تيزيءَ سان ٻنين ۾ اڇيو، انهن کي ٻوڙيو ۽ نابود ڪريو ڇڏين. ماڻهن کي مجبوراً انهن تباهه ڪُن قوتن کان بچڻ ۽ انهن تي فوقيت حاصل ڪرڻ لاءِ، محتاط ۽ خبردار رهڻو پوندو. هو. پراڻن شهرن جو وڏو تعداد گهڻو ڪري اهڙين ئي ٻوڏن ڪري نابود ٿيو هو. مثلاً: موهن جو دڙو، اهي پراڻا شهر واريءَ ۽ مٽيءَ جي هيڪان پنهنجي قيمتي

خزاني سميت ڏيل آهن. آثار قديمہ جي ماهرن، تاريخدانن جي فائدي لاءِ هن وقت تهن پنڌيان تهہ کوٽيا آهن. اسان وٽ ٻوڏ جي تباهہ ڪن اثرن جي، انهن ڏيل شهرن کان سواءِ ٻي ڪهڙي بهتر ثابتي آهي. ندين جي ڏيلتا مسلسل وڌندي رهي ٿي، ان ڪري پاڻيءَ جي ورڇيندڙ شاخون ٻہ ڦرندیون گهرندیون رهن ٿيون. پاڻيءَ جي وهڪري جي ڪا ٻہ دائمي خليج نہ آهي، اهو ئي سبب آهي جو ڏيلتا جو حدن اندر مستقل ۽ محدود رهڻ ٻہ ممڪن نہ آهي. ساحلي قطار (Coast_line) وٽ ٻہ هڪ پُرآب نشيبي خطو آهي. انهيءَ زمين جي اسفنجي ساخت سبب منجهس خاص قسم جا مڪروهہ ۽ غير غذائي ٻوٽا اُپرن ٿا، تنهنڪري اتي ٻہ مستقل رهائش اختيار ڪري نٿي سگهجي. ازان سواءِ اها غير مستقل ۽ پورالي ندي، پري پري تائين هڪ وسيع علائقي جي آرپار لهرون هڻي ٿي، جي هڪ نہ ٻئي طرف تقريبن ٽيهن ميلن تائين لڳندیون رهن ٿيون. ندين جو پيٽ ٻہ ايامن کان، دستور موجب تبديل ٿيندو رهي ٿو، جنهن ڪري ان جي ڪنارن تي ڪي ٻہ شهر مستقل طرح سان اڏجي نہ سگهيا آهن. سواءِ هڪ يا ٻن جي سي ٻہ ٽڪرين جي راسين (Rocky promontories) تي قائم آهن. مثال طور سکر، روهڙي ۽ سيوهڻ، زير زمين پاڻيءَ جا طريقا، پڻ هڪ موسم کان ٻيءَ موسم تائين، ۽ هڪ علائقي کان ٻئي علائقي تائين، ناپائدار آهن. پاڻيءَ لاءِ اونها کوهہ کوٽيا وڃن ٿا. جي نہ پختا ٿين ٿا ۽ نہ وري اعتبار جوڳا آهن. ٿر پارڪر سان ملحق پاڙيسري علائقن منجهان هاڪڙو نالي هڪ پوري جي پوري ندي وهندي هئي، جنهن جي سُڪي وڃڻ سان زمين ويران رڻ رهجي ويئي آهي. زماني حال ۾ صرف نارا ڪئنال جي ذريعي ان کي پاڻيءَ سان تار ڪري سگهجي ٿو. اونهاري ۾ صبح جي گرمي شديد هوندي آهي ۽ گهٽن رهاڪن جا گهر هڪ محور جي چوڌاري نهيل هوندا آهن، جيئن هوا جي رخ کي سامهون ٿي سگهن، مثال طور حيدرآباد جا منگهہ. اهڙي خشڪ ميداني علائقي ۾ گهرو جانورن جي قلت ٻہ تمام گهٽي محسوس ڪئي وڃي ٿي.

انهن حالتن ماڻهن کي مجبور ڪيو آهي تہ هو گڏهن ۽ خچرن (Wild horse) جهڙي اهنجي مخلوق سان نيائين ۽ ان جو گهٽي کان گهٽو خيال رکن. اهڙيءَ صورت ۾ هڪ اُٺ ئي آهي، جو بيابان لاءِ سڀ کان وڌيڪ ڪارائتو جانور ثابت ٿيو آهي. غذا ۽ پاڻيءَ خاطر ماحول سان هم آهنگيءَ

جو اهو هڪ عمدو مثال آهي. ان ڪري ئي چئجي ٿو ته اهڙين نيم-صحرائي (Semi_desert) حالتن ۾ انسان کي قدرتي طرح سان نشو ونما پائڻ جا موقعا ڇڳيءَ طرح سان ملي سگهندا آهن. پوءِ ڪٽي هو شروعات کان ڪهڙي به گروهه سان تعلق رکندو هجي. هتي انسان، خوش تدبيري ۽ اختراع جي مادي کي ثابت قدميءَ سان استعمال ڪندو رهيو. جنهن مان خود حفاظت، مشقت، حوصلي، تحمل سان گڏ ڪي ٻيون خصوصيتون پڻ آشڪار ٿيون ۽ انسان ڪمال درجي تي پهتو. پروفيسر جين برونهيس (Jean Brunhes) چوي ٿو "اهي نا مهربان حالتون آهن، جي انساني نظام جي تڪميل کي محدود ڪري ڇڏين ٿيون."

زمين کي ڪم ۾ آڻڻ ۽ ان مان فائدي وٺڻ جون جيڪي به ڪوششون، انسان ڪري ٿو سي ٻن ڳالهين تي منحصر آهن؛ هڪ ته ڪهڙي نوعيت جي ڪم جو ارادو اٿس، ۽ ٻيو ته زمين جيڪي مشڪلاتون ۽ دشواريون هن لاءِ پيدا ڪري ٿي، تن مٿان هو ڪيتريقدر ڪاميابي حاصل ڪري سگهي ٿو. انسان جيتري خوش تدبيري اختيار ڪري ٿو اوترو ئي زمين ديرطلب ۽ تڪليف ده ثابت ٿئي ٿي. اها ٻي ڳالهه آهي جو ڪن ناگهاني ضرورتن جي بلاوسطه زور ۽ سخت دباءُ جي هوندي به، انسان ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن شيءِ جي معمولي مقدار کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب به ٿي ويندو آهي. ايتري بحث کان پوءِ ائين ئي چوٽو پوندو ته بيشڪ سنڌ ۾ فري قوتون زورآور ۽ غير مستقل هيون، جي مختلف تهذيبن ۾ اتفاق پيدا ڪري سگهيون. لهذا ان ۾ باهمي اثر رکي، حسن ترتيب ۽ سليقي جي لحاظ کان تمام عمدو مثال چئي سگهجي ٿو.

سنڌو ماڻريءَ جي علائقي ۾ تهذيبن جو تصادم:

ايران جي سطح مرتفع جي موسمي ۽ فصلي خشڪ سالي ۽ واريءَ جي گهٽائيءَ سبب، جيڪي انسان ڪافي مقدار ۾ پاڻي، غذا ۽ مناسب جڳهه حاصل ڪري نه سگهيا، سي جابلو رستن مان لنگهي سنڌو ماڻريءَ ۾ داخل ٿيا ۽ ڪجهه وقت تائين تخريب، تباهي ۽ بربادي جو باعث بڻيا. ازان سواءِ قبل از تاريخي دور ۾ الهندي طرف کان شالڪو لستڪ (Chalco listic) تهذيب پڻ سنڌو ماڻريءَ ۾ داخل ٿي. انهيءَ وقت ڌاري ويدڪ آريا به آيا، جن

"موهن جي دڙي" جي ماڻهن جي امن ۽ فلاح ۾ اچي خلل وڌو. پُڌن، افغانن، مغلن ۽ ترڪن ۾ وقت گذرڻ سان پنهنجو وارو ورتو. دلير ايرانين پنهنجي شهنشاهت واسطي انهيءَ ماڳريءَ کي اچي ڳولي لڌو. جانباز يوناني پڻ ايرانين جي تعاقب ڪندي هن ماڳريءَ جي نزديڪ پهتا، جن پنهنجي واسطي سنڌو نديءَ کي جهاز رانيءَ لاءِ پهريون پيرو استعمال پڻ ڪيو. تنهن کان پوءِ طاقتور عرب مڪران جي ڪناري کان آيا ۽ نديءَ ۽ ساموندي ڪناري جو موزون استعمال ڪيائون.

بيابان جي تڪليف ده ۽ مايوس ڪُن حالتن جي ڪري، راجپوتن پڻ هتي اچي اجهو ورتو. معتدل ۽ خوشگوار پاڻيسري علاقن، جهڙوڪ ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات مان ۾ ڪيترائي آرام طلب لوڪ داخل ٿيا. ابتدائي زماني ۾ انهن قومن جا جيڪي ۾ نسل هتي آيا هئا. سي پرامن جستجوءَ ۾ مصروف رهيا. سڀ کان پوءِ تجارت پيشا يورپي قومون ۽ پارسي ۽ عيسائي پڻ واپار سانگي آيا. اهڙيءَ طرح انساني گروهن جا اندازاً سورهن ڪلاس سنڌ ۾ مستقل طور آباد آهن.

نتيجو۔ رڪاوٽن ۽ رنڊڪن جو دور ٿيڻ:

اهڙيءَ طرح سنڌ، في الواقع انساني جوش ۽ انتقام جو هڪ ميدان ڪارِ زار بڻجي پيئي، جنهن ۾ يورش، لُٽ مار، تاخت و تاراج ۽ بحري ڦرلٽ تمام عام هيون. هڪ قوم ٻيءَ قوم کي پامال ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندي هئي. ته ٻي قوم وري ٽيئءَ قوم، کي تباهه ڪرڻ ۽ مٽس فتح پائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. ليڪن قدرت جي بقا جو قانون، (Law of Indestructibility) غير متغير آهي، جو هر هنڌ لازمي طور رائج آهي. جدا جدا قومن جي مختلف ۽ متضاد عقيدن، رسمن ۽ تهذيبن جي درميان زوردار مقابلو ٿيو جو ئي سنڌ جي بيمثال تهذيب جو محرڪ آهي.

سنڌي زبان هڪ مرڪب قسم جي زبان آهي، جا بنيادي لحاظ کان سنسڪرت آهي ته وري طرز ادا جي ڪري عربي آهي.

سنڌ فقط هڪڙو ئي ڪلاس پيدا ڪيو آهي، جن کي هاري چئجي ٿو، جن ۾ هندو ۽ مسلمان ٻئي اچي ويجن ٿا. هن علائقي ۾ هاريءَ لاءِ فصل ۽ پاڻيءَ جي رسد جو سوال عام آهي. هنن جي موسيقي، روزانو زندگي، پوشاڪ

۾ اخلاق بہ ساڳيا آهن. سنڌ جي بهترين پيداوار آهي "صوفي ازم" سنڌ جي صوفي ازم فلسفي جي دائري ۾ نهايت بيمثال آهي. هن صوبي ۾ درويش آهن جي ٻنهي گروهن جي تعلقن کي قابو ۾ رکن ٿا. هتي ٿورا فرقا ۽ ٿورڙا مسلڪ آهن، ۽ نسبتاً ٿورا افراد ڏتڙيل ۽ افسرده گروهن سان تعلق رکن ٿا. سکر بئراج پنهنجي ڪئنالن جي ورڇيندڙ شاخن، ڪسين ۽ مورين جي ذريعي مدامي پاڻيءَ جو مسئلو حل ڪري ڇڏيو آهي. اها سنڌ جي دل آهي جا ڏينهن رات، باقاعدگيءَ ۽ روانيءَ سان پنهنجو زندگي بخش پاڻي، ديس جي سيني رهواسين لاءِ خارج ڪري ٿي. قدرت طرفان انسان جي ترقيءَ جي واٽ ۾ حائل ٽيل دقتون ۽ رڪاوٽون هاڻي رفته رفته غائب ٿيندیون وڃن ٿيون. هاڻي سنڌ ۾ مستقل قيام ۽ رهائش اختيار ڪري سگهجي ٿي. انگريز حڪمرانن، پنهنجي دور ۾ جي بهترين سوڪڙيون صوبي کي ڏنيون، سي زراعتي ڪاميابي ۽ سياسي طور خود اختيار حڪومت آهن. پائدار امن قائم رکڻ، مسئلن کي سلجهائڻ، ۽ ترقي ڪري اڳتي وڌڻ؛ انهن سيني ڳالهين ۾ انسان پنهنجو پاڻ تي مدار رکي ٿو. سنڌ ۾ وڏا شهر ٿورا آهن، جا هتي جي آبادیءَ جي خصوصيت آهي. سنڌ جي آبادي گهٽو ڪري ٻهراڙيءَ جي ڇُرندڙ ڦرندڙ ڳوٺن تي مشتمل آهي. جتي آبياريءَ جا مرڪز هوندا آهن. اتي چوڌاري ڳوٺن جو مجموعو ٺهي ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو گذريل بادشاهي راڄن ۾ هڪ کان وڌيڪ دارالسلطنت وارا مرڪزي شهر (Capital towns) تعمير ٿيا، ۽ جنهن کي جيڪو هنڌ سهولت وارو نظر آيو، تنهن کي دارالسطنت بنايائين.

برطانيا، پنهنجي سامونڊي سيڃاڻ ڪري، ڪراچيءَ جي بين الاقوامي شهر جو بنياد رکيو، جو هڪ سني بندرگاهه هئڻ جي ڪري، هاڻ اڳتي وڌي، پاڪستان جي وفاقي گادي بنيو آهي.[2] اگرچه حيدرآباد، جو ان کان اڳ ۾ سنڌ جي گاديءَ جو شهر هو تنهن جي مرد شماري فقط ٽن لکن جي لڳ ڀڳ ٿيندي.[3] جن ۾ زياده تر خوشحال ۽ ترقي يافته درجي جا ماڻهو آهن. هن علاقي جي سيني ماڻهن لاءِ، سندن صوفيانہ شاعري "صحتمند پيداوار" جي حيثيت رکي ٿي، جا شاهه لطيف، سچل ۽ سامیءَ جي آهي. اها ئي شاعري کين پاڻ ۾ هڪ قسم جي روحاني اتحاد پيدا ڪرڻ ۾ رهنمائي ڪري ٿي.

اڄڪلهه سنڌين ۾ تعليم جي گهٽتائي آهي. سڀ کان گهٽي قلت ٽيڪنيڪل تعليم جي آهي. موجوده زماني ۾ سنڌ ۾ ٻين ملڪن وانگر نيم جاگيرادارانه اقتصادي نظام سبب ڪوتاهين ۽ خامين سان ڀرپور آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هيءَ سرزمين، انسان جي استقلال کي متواتر آزمائيندي رهي آهي. مال ڪاهي وڃڻ، زوريءَ عورتون ڀڄائڻ، ڏاڙا ۽ خون، بي احتياطي، شاهوڪار زمينداڻ طرفان هارين سان ناشائسته برتاءُ ۽ غير مستحڪم حڪومت جون سيئي نقصان رسان ڳالهيون، هتي جو ناسوري معمول بڻجي چڪيون آهن. اهي انسان جي خودي‌ءَ جا غير جتادار مظهر ۽ اُپار آهن. هتي جو انسان جيئن ئي پاڻ کي هڪ ابتر نموني جي معاشرتي ۽ اقتصادي نظام زندگيءَ ۾ پابند زنجير معلوم ڪري ٿو تيئن موٽَ ۾، ائين ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته ٻيءَ صورت ۾ اهي حالتون سندس مڪمل وجود ۽ شخصي زندگيءَ کي هڪ خود انضباطي ۽ آزاد شهريءَ جيان، قبول ڪرڻ کان انڪار ڪن ٿيون. اهڙي علائقي ۾ جتي فطري قوتون متحرڪ هجن ۽ معاشرتي دٻاءُ ۽ جبر ايتريقدر مانع ۽ دم گهٽيندڙ هجي، ته پوءِ ضرور هيجان پيدا ٿيندو. انهن مڙني تڪليفن کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ، هڪ اهڙو تعليمي دستور تجويز ڪرڻ گهرجي، جيڪو جاگرافيائي ماحول ۽ معاشرتي تقاضائن مطابق هجي.

بئراج اڳي ئي ڪامياب ثابت ٿيا آهن. ليڪن انهن منجهان اڃا ٻه وڏيڪ لاپ ڪيئن حاصل ٿئي، ان لاءِ ضروي آهي ته زرعي زمين از سر نؤ تقسيم ڪرڻ ۾ اچي. پاڻيءَ جي ورڇ هارين جي درميان بهتر طريقي ۽ زياده انصاف تي مبني هجي. ازانسواءِ حڪومت جي مشنريءَ ۾ هرمرحلي تي بهتر انتظامي نقطه نگاه ۽ فهم ۽ فراست جو هجڻ ضروري آهي، جا ڳالهه صوبائي ۽ مرڪزي ٻنهي حڪومتن ۾ هئڻ کپي.

قطعي ۽ فيصله ڪن رايا:

سنڌ جون تهذيبي حدون، اڄ جي مهذب انسان وڌائي، ڪافي وسيع ڪري ڇڏيون آهن. گروهبنديءَ ۽ فرقه پرستيءَ جا مرض جن ۾ ملڪ جا ٻيا علائقا، ٿوريءَ يا گهٽيءَ حد تائين، گرفتار آهن، سنڌ انهن کان آزاد آهي. هڪ سنڌي، پاڪستاني هجڻ جي دعويٰ هڪ طرف ڪري ٿو ته وسيع

المشرب (Cosmopolitan) ۽ انسان دوست (Humanitarian) شخص هجڻ جي دعويٰ ٻئي طرف رکي ٿو. اهو سڀ تڏهن ٿي سگهيو آهي، جو سندس تهذيب ايشيا جي ڏورانهن علائقن جي تهذيب جي زير اثر مالا مال ٿي، مثالي ٻڌجي چڪي آهي ۽ ان کانسواءِ برصغير جي باقي علائقن وانگر، ان تي وچ-اوپر ۽ جديد يورپ جا جيڪي اثر پيا آهن، تن پڻ ان کي هڪ مخصوص رنگ ۾ رڱي ڇڏيو آهي. سنڌي ماڻهو پنهنجيءَ پر ۾ پاڻ ۾ انهن ساڳين ئي انساني تهذيبن کي بامقصد ۽ پُرمعنيٰ انداز ۾ مالا مال ڪيو آهي، جن سان هن جو تجارت، تهذيب ۽ تمدن، مذهب ۽ملت، باهمي رابطي ۽ ٻين ذريعن سان لاڳاپو پيدا ٿيندو رهيو آهي. ان ڪري هو ايامن کان تهذيبي عليحدگيءَ ۽ تنگ نظريءَ يا جارحانہ وطن پرستيءَ جي بيماريءَ کان آجو رهيو آهي. پر ساڳئي وقت، هميشه کان، ڪيس معقول سبب جي بنا تي، پنهنجي تهذيب لاءِ فخر آهي، جا عالمگير خوبيون ۽ وسيع استعداد رکندي ۽ هڪ مخصوص ۽ مقامي رنگ ۾ پنهنجو مستقل وجود رکي ٿي، ۽ جنهن ۾ انساني اعمال ۽ فطري مظاهرن ٻنهي گڏجي هڪ ٻئي تي اثر وجهڻ جو باهمي عمل ڪيو آهي. صدين کان وٺي انساني ۽ طبعي حالتن ۾ جو غير محدود باهمي عمل، خارجي توڙي داخلي طرح سان ٿيندو رهيوآهي، تنهن موجوده سنڌ کي هستيءَ ۾ آڻڻ ۽ سنوارڻ جي عظيم خدمت سرانجام ڏني آهي. سنڌو ماٿري سچ پچ تہ تهذيبن جو ميدان آهي. ان جي تهذيبي ميدان ۾ جذب ۽ اتفاق جون قوتون ۽ گهڻي قدر موجود آهن، جي انساني تهذيب جي مختلف ۽ گوناگون عناصرن کي پاڻ ۾ يڪجا ڪن ٿيون ۽ دنيا جي عظيم تمدنن جي ڏار ڏار اثرن کي ملائي پاڻ ۾ مدغم ڪن ٿيون. اها ئي خصوصيت آهي، جنهن "سنڌي تهذيب" کي مقدس ۽ شاد آباد رکيو آهي ۽ ساڳئي وقت بلند ۽ بهتر، معقول ۽ ترقي پذير- ۽ سڀ تي غالب ۽ حاوي ٻڌايو آهي. هڪ سنڌي انهيءَ ڪري ئي عقلمند، مستحڪم، متحمل مزاج، بردبار، محب وطن ۽ امن سان پيار رکندڙ فرد آهي. پنهنجي عظيم نديءَ وانگر، جا سنڌ جي زندگيءَ جو روح آهي، سنڌي هاري ۽ سوڪڙيون ڏيڻ ۽ وٺڻ سکيو آهي. سنڌ جو قابل زراعت زميني مٽاڇرو ۽ خارجي (Foreign) آهي، ڇاڪاڻ تہ ان کي سنڌوندي‌ءَ مان پاڻي وهائي آباد ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ويو ٿو. جو پاڻي اوڪن ۽ مهيب

جبلن مان ٻوڏن جي ذريعي، وهي غريب هارين لاءِ ماٺريءَ ۾ اچي زندگيءَ جو سامان ٿو پيدا ڪري. جيستائين نديءَ جو وهڪرو بيقاعده ۽ غير مستقل هو. تيستائين هاري ۽ بدستور قضا ۽ قدر تي پاڙيندو رهيو ۽ هر ڳالهه ۾ قسمت تي اعتبار ڪندو رهيو. ليڪن هاڻي دنيا جي زبردست ۽ عظيم الشان آبپاشيءَ جي نظام مان مستقل پاڻيءَ جي رسد جي ضمانت هجڻ ڪري، هارين ۽ پنهنجي گهرن ۽ زرعي زمينن جي مسئلي کي سلجهايو آهي. هاڻي ساري سال ۾ ربيع ۽ خريف جي فصلن جا وارا باقاعدگيءَ سان ٿيندا رهن ٿا. موجوده دور ۾ سڄي سال جي دوران، گهٽي وقت تائين ڪو ۽ هاري سست يا بيڪار نٿو گذاري. ماضيءَ ۾ فقط گردو پيش جا حالات ۽ فطري ماحول ئي ان لاءِ ذميوار آهن، جن ڪين ائين بڻايو هو.

ملڪ جي ورهاڱي ٽيڻ سان اچانڪ ديسي باشندن ترڪ وطن اختيار ڪيو ۽ هندستان جي مختلف پاڻ مان مسلمان هجرت ڪري سنڌ ۾ داخل ٽيڻ لڳا. اها نئين صورت حال سنڌو-ماٺريءَ جي تهذيب ۽ تمدن ۾ وقت گذرڻ سان يقينن ڪيتريون ئي خصوصي تبديليون پيدا ڪندي. سنڌ جهڙن ٻين سنڌو ماٺريءَ جي علائقن جو تنقيدي ۽ منصفانه ۽ سائنٽيفڪ مطالعو، اسان جي ڪيترن ئي قابل قدر باهمي تعلقات ۽ قسمين قسمين تهذيبي رخن کي آشڪار ڪندو. ازان سواءِ اهڙي مطالعي سان جدا جدا علائقن جا ماڻهو ۽ هڪٻئي کان نفرت ڪرڻ کان باز رهندا. هرڪو پنهنجي ملڪ تي اختيار رکندي بجا طور فخر ڪندو. ان سلسلي ۾ نه فقط پاڪستان، پنهنجي سيني پاڙيسري پائرن (هندستان، ايران، افغانستان، عرب، ترڪي، انڊونيشيا) جي ڪاميابين کي تعظيم ۽ تحسين جي نگاهه سان ڏسندو. پر ان سان گڏ، پاڪستان ۾ رهندڙ قومون پڻ، پاڻ ۾ سازگار ماحول پيدا ڪري، وطن کي خوشحال بڻائيندڙون. اميد آهي ته اهڙو فائديمند علمي ڪم، يونيورسٽين ۾، جاگرافيءَ جي شعبن، سائنس توڙي آرٽس جي عملي شاخن، طرفان انجام ڏنو ويندو. جيڪڏهن اسين چاهيون ٿا ته اسين امن ۾ رهون ۽ اسان جي ملڪ کي پنهنجي ماڻهن طرفان قابل اعتماد نظام، زندگي ملي، جنهن کان اسان جو نوجوان طبقو هرگز انڪار ڪري نٿو سگهي، ته پوءِ هن قسم جي تهذيبي ريسرچ تي توجهه ڏيڻ ضروري

آهي. ليڪن اهو سيڪجهه انهن نوجوانن جي ان صحيح ۽ حقيقي تعليم ۽ ريسرچ تي منحصر آهي، جي امداد باهميءَ جي بنياد تي ڪيل هجن. ازان سواءِ اهي ڪوششون سموري مهذب دنيا جي امن ۽ سلامتيءَ تي به دارومدار رکن ٿيون.

حوالا ۽ حاشيا

(1) زردشت جي تعليم، بنيادي طرح سان وحدانيت واري هئي. پر پوءِ اڳتي هلي، سندس پوئلڳن مان "ماني" ۽ "مزدڪ" نالي شخصن ان ۾ ڦير ڦار آڻي، يزدان ۽ اهرمن جو عقيدو پيدا ڪري، به خدا بنايا. (هڪ شر جو خدا ۽ ٻيو خير جو خدا) آخري طور توحيد جو خالص ۽ ڪامل تصور، پيغمبر اسلام صلي الله عليه وسلم جن پيدا ڪيو. غ. م. گ)

(2) هينئر پاڪستان جي گادي راولپنڊي ۾ آهي، مستقل طرح سان اسلام آباد ۾ نئون دارالاسلطنت تعمير ٿي رهيو آهي.)

(3) حيدرآباد جي آبادي، هن وقت لڳ ڀڳ ٻارهن لکن ڪان مٿي چئي وڃي ٿي.
(هي مضمون ڪتاب "A Physical and Economical Geography of Sindh" تان ورتل آهي).

سنڌيڪار: شمس الدين عرساڻي